ذاتين جي انسائيڪلوپيڊيا

تحقيق ۽ تصنيف

خيرمحمد پرڙو سيوهاڻي

مراد پبليڪيشنز، سيوهڻ شريف

وَجَعَلنَاكُم شُعُوبًا وَقَبَائِلَ لِتَعَارَفُوا

ءِ توهان کي کڙم ءِ قبيلا ڪري پيدا ڪيو، ان لاءِ تہ توهان هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهو.

ذاتين جي انسائيڪلوپيڊيا

(لغات)

قومن، قبيلن، ذاتين ءِ پاڙن جو احوال

تحقيق ءِ تصنيف

خيرمحمد بُرِڙوسيوهاڻي

نظرثاني

شيخ محمد اسماعيل (مرحوم)

مراد پبليڪيشنز، سيوهڻ

2005ع

كتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو	:	ذاتين جي انسائيڪلوپيڊيا
تحقيق ۽ تصنيف	:	خير محمد برڙو سيوهاڻي
نظرثاني	:	شيخ محمد اسماعيل (مرحوم)
ڪمپوزنگ	:	سخاوت علي ۽ شوڪت علي جتوئي _03003067747
ٽائيٽل	:	اسدالله ڀٽو
پبلشر	:	مراد پبليڪيشنز، قاضي محلو سيوهڻ شريف
پرنٽرز	.	يادگار پرنٽنگ پريس حيدرآباد.
تعداد	:	پنج سو
سال	:	2005ع
ڇاپو		پهريون
قيمت		-/800 روپيا

Zatian Ji Encyclopaedia

Researched & Compiled by	:	Kair Mohammad Buriro Sewhani
Revised by	:	Shaikh Mohammad Ismail (Late)
Composing	:	Sakhawat Ali & Shoukat Ali Jatoi
Title	:	Asadullah Bhutto
Publisher	:	Murad Publications, Qazi Mohalla Sewhan Sharif
Printers	:	Yadgar Printing Press Hyderabad.
dition	:	First
Year	:	2005
Quantity	:	500
Price	:	800/-

انتساب

حڪيم **مخدوم محمد مراد صديقي** مرحوم جي
نالي، جنهن پنهنجي سڄي زندگي انسان ذات جي
خدمت لاءِ وقف ڪئي.

پبلشر نوٽ

محترم خير محمد برڙو، منهنجي والد بزرگوار حڪيم مخدوم محمد مراد مرحوم جو دست راس ۽ صلاحڪار ٿي رهيو آهي. انهيءَ سبب پاڻ منهنجي لاءِ قابل احترام آهي ۽ سندس درجو مقام منهنجي چاچي ۽ وڏي پاءُ وارو آهي. منهنجو شفيق بابا ڪيس محبت مان ميان خير محمد ڪري پڪاريندو هيو ۽ منهنجو چاچو محترم ڊاڪٽر مخدوم محمد معين الدين ڪيس بابا جي مشير ۽ اسان جي مسجد جي پيش امامي جي ڪري ڪيس مشير + پيش امام = مشير پيش امام چوندو آهي. محترم ميان خير محمد نهايت شريف. ڪم گو ۽ هميشہ مسڪرائيندو رهندو آهي. رب سائين ڪيس سدائين خوش آباد رکي. پاڻ نهايت محنتي Selfmade انسان آهي. سندس هي تحقيق قابل تحسين آهي. پاڻ انهي سلسلي ۾ مختلف شهرن ڏانهن بہ عازم سفر رهيو آهي ۽ اسان جي خانداني ۽ وسيع ڪتب خاني مان بہ استفادو حاصل ڪيو آهي. سندس تحقيق و تصنيف جو سلسلو جاري آهي. انشا الله ادارو سندس اهي تحقيقون شايع ڪرائيندو.

محترم خير محمد برڙي صاحب جي تحقيق جي معاونت ۾ محترم برادرم مثل ابي حڪيم مخدوم محمد نصير الدين جو نهايت ٿورائتو آهيان جو پاڻ ڪيس اهم معلومات فراهم ڪندا رهيا آهن. الله تعالىٰ کين جزاءِ خير عطا فرمائين.

مان انهن صاحبن جو ٿورائتو رهندس جيڪي هن ڪتاب جي باري ۾ مثبت تنقيد تحرير ڪري موڪلينداءِ ڪنڌ ۾جيڪي غلطيون هجن تہ معاف ڪندا. انشاءَ الله ٻئي ايڊيشن ۾ انهيءَ ڳالهہ جو خاص خيال رکيو ويندو. مون کي اميد آهي تہ هيءُ ڪتاب قارئين کي مفيد معلومات فراهم ڪندو ۽ محققن لاءِ اهم دستاويز ثابت ٿيندو.

خادم الناس

حڪيم محمد حسن يوسف صديقي

خاڪپاءِ حڪيم مخدوم محمد مراد صديقي نور الله مرقده .

قاضي محلو سيوهڻ شريف، دادو سنڌ.

10-11-2004

تاريخ جو اپياس

تاريخ گذريل تهذيبن جي علم کي چئجي ٿو. جنهن مان هر قوم جي ماضيءَ جا سمورا واقعا، موجوده حالتون ۽ ايندڙ وقت جي حالتن جي ڄاڻ پوي ٿي. انساني سماج جي بهترين ناهه نوهه، جوڙجڪ لاءِ تاريخ جو اپياس ڪرڻ هڪ آئيني جي مثل آهي. تاريخ اسان کي پڪن دليلن، مشاهدن ۽ منطقي اصولن ذريعي ڄاڻ ڏيندي آهي ته دنيا ۾ هي ڇو ۽ ڪيئن ٿيو؟

تاريخ جا ماهر اهڙن واقعن ۽ قيرين گهيرين ۾ گهري دلچسپي رکن ٿا. قومن جي ترقي ۽ زوال جا سڀ راز تاريخ پاڻ وٽ سانڍي رکندي آهي. جهڙوڪ: اسان جي هن سر زمين تي ڪيتريون ئي قومون آباد ٿيون، ختم ٿيون ۽ موجود به آهن. اهي قومون ڪٿان آيون، ڇو آيون ۽ هتي ڇو آباد ٿيون؟. ڌارين هن سرزمين تي ڇو ڪاهون ڪيون. انهن هتان جي ماڻهن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو. اهڙن سوالن جا جواب اسان کي صرف تاريخ جي جائزي ۽ اپياس مان ملندا.

اها حقيقت آهي ته موجوده حالتون گذريل حالتن جو نتيجو آهن. جن جو تسلسل زماني نهڻ کان ونئي جاري آهي. جنهن مان هر دؤر جا انسان اسان جا ابا ڏاڏا، دنيا جا حاڪم ٿي گذريا آهن. دنيا ۾ انقلابن پنيان انقلاب، سڌارا ۽ بربادين آيون آهن. جيڪي لامحدود زماني کان ونئي اڄ تائين هلندين اچن ٿيون.

مستقبل جون حالتون وري موجوده حالتن مان پيدا ٿيندين. اهو قدرتي نظام ماضي، حال (موجوده) ۽ مستقبل تي نظر رکندو اچي ٿو. جنهن ڪري هر انسان ان مان متاثر ٿئي ٿو. اهڙن تاريخي لاهن چاڑهن سبب دنيا جي تختي تي پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ لاءِ ذاتيون، گروهه، قومون، ڳوٺ ۽ شهر آباد ٿيا. انهن مان ڪافي برباد ۽ تباهه ٿيا ته ڪي اڃان موجود آهن. انهن سڀني لاهن چاڑهن جي خبر اسان کي تاريخي مطالعي مان پوي ٿي. گوياڪ تاريخ جو مطالعو اسان جي زندگي جو هڪ بهترين چڪر آهي. جنهن ڪري هزارن سالن جا پراڻا واقعا هڪ نندڙي تاريخي مطالعي مان حاصل ڪري سگهجن ٿا. اگر اسان وٽ تاريخي مواد يا مطالعو نه هجي ته هوند اسان کي ماضي، حال ۽ مستقبل جي ڪابه خبر نه پوندي. ان مان ثابت آهي ته انسان ۽ سماج جي ترقي جو راز تاريخ جي مطالعي ڪرڻ سان وابسته آهي. جنهن مان اسين دانائي ۽ ترقي ماڻي سگهون ٿا. پر ٿوري غلطي ۽ غفلت ڪرڻ سان برباد به ٿي سگهون ٿا. انهن سڀني ڳالهين جو راز تاريخ جي اپياس ۾ شامل آهي. جنهن آڏار تي آئنده جو مستقبل موجارو ٿي سگهي ٿو.

هي ڪتاب ذاتين، قومن، قبيلن ۽ پاڙن وغيره بابت لکيل آهي. ان لاءِ تاريخ جو اپياس ۽ ڄاڻ تمام ضروري آهي، جنهن سبب تاريخ جي اپياس متعلق ڪجهه لفظ ڪنيا ويا آهن ته جيئن پڙهندڙن کي ماضي، حال ۽ مستقبل جي ڪجهه ڄاڻ حاصل هجي.

ذاتين بابت ڪجھ اصطلاح

ذاتيون تمام گھٽيون آھن. انھن تي علاقائي اثر بہ تمام گھٽا آھن. مذھب، قوم ۽ علاقي جي حساب سان انھن لاءِ خاص اصطلاح آھن. جن کي سمجھڻ تمام ضروري آھي. ڪجھ اصطلاح ھيٺ ڏجن ٿا:

(1) **قوم:** قوم مان مفھوم ساڳي نسل، ذات، زبان ۽ مذھب سان واسطو رکندڙ ماڻھن جو آھي. مثال طور: بلوچ قوم، پٺاڻ قوم ۽ ھندو قوم وغيره. پوءِ اھي ڪنھن علاقي جي پنيان ڇو نہ مشھور ھجن جھڙوڪ سنڌي، مڪراني ۽ بلوچي وغيره.

(2) **قبيلو:** (گوت) ساڳي قوم ڪجھ حصن ۾ ورھايل ھوندي آھي. جنھن کي قبيلا چون ٿا. اھي قبيلا پاڻ جي مدد سان نھندا آھن ۽ ڪن حالتن ۾ پاڻ ۾ ورھائجي ويندا آھن.

(3) **پاڙو:** قوم، قبيلن ۽ ذاتين ۾ پنھنجي پيءُ، ڏاڏي يا ان نسل سان واسطو رکندڙ فردن جي نسبت سان ڪن حصن ۾ ورھايل ھوندي آھي. جنھن کي "پاڙو" چون ٿا. مثال: ڏاڏي جو نالو حبيب آھي تہ پٽ يا پوٽن پاڻ کي "حبيباڻي" سڏايو. دودي جي اولاد کي "دوداڻي" چون ٿا.

(4) **اوڙڪ:** اوڙڪ لفظ خاص طرح بروھي قوم وارا استعمال ڪندا آھن. جنھن جو مفھوم بہ پاڙو آھي.

(5) **ٽڪ:** ھن جو مفھوم، پاڙي ۽ ڳريءَ جھڙو آھي. اڪثر ڪري بروھي قوم وارن وٽ مروج آھي.

(6) **بولڪ:** بلوچي اصطلاح آھي. جنھن جي معنيٰ آھي: "جھوپڙي". بولڪ جو مفھوم آھي جھوپڙيءَ ۾ رھندڙ ماڻھو. مثال طور مير چاڪر خان سان 40 بولڪ شامل ھئا. يعني چاليھ جھوپڙين وارا ماڻھو شامل ھئا.

(7) **زئي:** زئي جو مقصد پاڙو ۽ قبيلو آھي. پٺاڻ بروھي ۽ بلوچ قومن وارا پنھنجي ذات، پاڙي يا قبيلي جي پنيان، زئي، لفظ لڳائيندا آھن. مثال طور: عالم +زئي = عالم زئي. اچڪ + زئي= اچڪزئي وغيره.

(8) **خيل:** اڪثر ڪري پٺاڻ ۽ بروھي پاڙي جي مفھوم لاءِ ذات، قبيلي يا پاڙي جي پنيان خيل جو اضافو ڪندا آھن. مثال طور: دائود + خيل = دائود خيل، عمر + خيل = عمر خيل وغيره.

(9) **تُمن:** لفظ اصل ۾ "تومن" ۽ "تومان" آھي جنھن جو استعمال مغل ڪندا ھئا. ھن وقت بلوچن جو عام اصطلاح آھي، جيڪي قبيلي جي حصن ۽ پاڙن لاءِ استعمال ڪن ٿا، انھن جي اڳواڻن کي "تمندار" چون ٿا. تمندار ڳوٺ يا پاڙي جو چگو مڙس ھوندو آھي. ھي اصطلاح اڪثر ڪري فارسي زبان وارا ڪتب آڻيندا آھن.

(10) **شاخ:** عام طرح قبيلا ۽ پاڙا وڌندا رھن ٿا. ڪنھن حد تي پھچي اھي وڌيڪ حصن ۾ تقسيم ٿين ٿا

جن کي عام اصطلاح ۾ شاخ يا "قري" چون ٿا.

(11) **قَـري:** پاڙا وڏيڪ حصن ۾ ورهائجن ٿا. جن کي شاخ، قري يا فرقو چون ٿا. هيءُ اصطلاح اتر طرف استعمال ٿئي ٿو.

(12) **وراڻي:** هيءُ اصطلاح خاص طرح لسبيلي طرف استعمال هيٺ آهي، جنهن جو مقصد پاڙو آهي. وڏي جي پنيان يا پنهنجي پٽن پنيان پاڙن جا نالا رکجن ٿا ان کي "وراڻي" چون ٿا. مثال پيءُ جو نالو عاقل ٿا پاڙو "عاقلاڻي". پٽ جو نالو الهداد ٿا پاڙو "الهداداڻي".

(13) **لَـڙهي:** ڪنهن خاندان، ڪٽنب، ڳوٺ يا وڏي جي پنيان جيڪو، پاڙن ۾ قبيلن جو سلسلو هلي ٿو ان کي لڙهي چون ٿا. مثال: ملوڪ جو پٽ منو آهي ٿا ان جو اولاد "مناڻي" چوائي ٿو.

(14) **ورن:** هي اصطلاح خاص طور ذات لاءِ ڪتب ايندو آهي، نهايت پراڻو اصطلاح آهي جنهن کي راجپوت ۾ هندو استعمال ڪندا هئا. مثال: برهمڻ قوم پنجن ورنن ۾ ورهايل آهي.

(15) **ڪُـلَ:** هيءُ اصطلاح بہ نهايت آڳاڻو آهي، جنهن کي راجپوت، هندو ۾ سما استعمال ڪندا هئا، جنهن جو مفهوم ذات، خاندان ۾ نسل جهڙو آهي. مثال: سومرا، راجپوت ڪُـل مان آهن، سميجا، سما "ڪُـل" مان آهن. ڪُـلَ لفظ پراڪرت ۾ سنسڪرت جو آهي.

(16) **نَـڪَ:** هي اصطلاح بہ پراڻو آهي جيڪو راجپوتن جي وقت ۾ استعمال ٿيندو هو ۾ اڄا بہ استعمال هيٺ آهي. مثال: سوڍا ۾ سولنڪي، راجپوت "نَـڪَ" مان آهن.

(17) **آڪَـهَ:** نسل، پاڙي ۾ ڪٽنب جي مفهوم ۾ استعمال ٿئي ٿو. گهٽو ڪري پراڻا مسلمان ۾ هندو استعمال ڪن ٿا. مثال: آڏواڻي ۾ عامل سيوهڻ ۾ خدا آباد جي هندو آڪهن مان آهن.

(18) **ڪُـڙم:** نهايت پراڻو اصطلاح آهي، جيڪو آڪهه، قبيلي ۾ ڪٽنب جي مفهوم ۾ استعمال ٿئي ٿو.

(19) **ڪٽنب:** عام مروج اصطلاح آهي، جيڪو آڪهه، گهر ڏٺين ۾ ذات جي مفهوم ۾ استعمال ٿئي ٿو.

(20) **پال:** هندي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ ۾ مفهوم آهي وڏو پاڙو (قبيلو)

(21) **گوت:** هندي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ ۾ مفهوم آهي ننڍو پاڙو (قبيلچه)

(22) **وٽ:** لاڙي بوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو پاڙي ۾ لڙهي (موري) جي مفهوم ۾ ڪتب ايندو آهي.

(23) **پريچه:** عام طرح هندو استعمال ڪن ٿا. هن جو مفهوم پاڙي جهڙو آهي.

مٿين اصطلاحن کان سواءِ بيا بہ ڪيترائي اصطلاح آهن جن جو واسطو بہ انسان ذات جي پاڙن ۾ قسلن سان آهي،

ذات پات، سماج، ڪٽنب ۽ قبيلا

شروع شروع ۾ انسان جانورن وانگر زندگي گذاريندو هو. آهستي آهستي ان ۾ سڃاڻي ايندي ويئي ۽ هو پاڻ ۾ گڏجي رهڻ لڳا. جنهن ڪري سماج، ڪٽنب ۽ قبيلن جو بنياد پيو. ڪٽنب، سماج جو هڪ بنيادي ايڪو آهي، جنهن ۾ انسان پرورش ونئي ٿو. ترقي ماڻي ٿو. جنهن مان وري برادري ۽ قبيلا پيدا ٿين ٿا. قبيلن ۾ آڪهون ۽ برادريون ملي سماج اندر مٽي مائٽي پيدا ڪن ٿيون. هڪ نسل اندر مٽي مائٽي پيدا ڪن ٿيون. هڪ نسل هڪ مذهب ۽ هڪ ٻوليءَ سان تعلق رهي ٿو.

انسان جو انسان کي، قبيلي جو قبيلي کي متعارف ڪرائڻ لاءِ الله تعاليٰ ذات، قوم، خاندان ۽ نسل کي جدا جدا نالن رکڻ جو هوش عطا ڪيو. قرآن شريف جي صورت، الحجرات (49) ۾ فرمان رباني آهي ته:

وَجَعَلنَاكُم شُعُوبًا وَقَبَائِلَ لِتَعَارَفُوا (13) اسان قبيلا، برادريون پيدا ڪيون ته جيئن توهان هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهو. ذات، عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي قوم، خاندان، نسل، ڪٽنب يا برادري. حقيقت ۾ سڄي نسل جو ابو حضرت آدم عليه والسلام آهي، ان ڪري اسلام ۾ سڀ ذاتيون برابر آهن. ڪابه ذات هڪ ٻئي کان بهتر نه آهي. زماني جا ماڻهو رڳو پنهنجي ناموس ۽ وڏائيءَ خاطر ذاتيات جي بنياد تي هڪ ٻئي کان گوءِ ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ آهن. ڪير به ڪنهن کي پاڻ جهڙو نه ٿو سمجهي، جيڪا ڳالهه بلڪل اسلام ۽ مذهب جي خلاف آهي.

ساراهيان سڄو ڏڻي، جو مالڪ آهي ملڪن،
ٻيو منو محمد مصطفيٰ، جو سردار آهي سڀن،
ملڪ گهميس منهنجا پريان، چلي چئني طرفن،
قومون ڏٺم ڪيتريون، ڪي ذاتيون مٽي زمن.

هتي هن ڪتاب لکڻ جي مراد سنڌ جي سنڌڪار آباد ٿيل ذاتين متعلق آهي، انهن ذاتين مان ڪي ذاتيون آباد آهن، ڪي لڏي ويون آهن، ڪي باهران لڏي آيون آهن ته ڪي وري برباد ٿي ويون آهن، جن جو هن وقت ڪو به نشان نه آهي. ڪي اهڙيون ذاتيون آهن جي بين ذاتين سان ملي جلي پنهنجي اصليت وجائي وينيون آهن ته ڪي وري پاڻ، ڏنڏن ڪرتين ۽ وڏڙن جي نالن پنيان پيون. ڪي پنهنجي ڳوٺ شهر يا علاقي جي پنيان سڏجن ٿيون. ڪي ذاتيون اهڙيون آهن جيڪي ذات جي پنيان سڏجن ٿيون ته اهي ساڳيون ذاتيون پاڻ ۾ ڀڻ نظر ايندیون آهن.

ذات پات، رنگ نسل ۽ برادري جي هن پرچار، رگ وید جي زماني، آرين جي زماني ۽ منوشاستر جي زماني کان زور ورتو. رگ وید جي زماني ۾ (1) برهما (پنڊت) (2) راجينا (راجکمار، سيناپتي) (3) ويسيا (عوام) ۽ (4) شودار (نيچ يا غلام) جو ذکر ملي ٿو. آرين هند سنڌ ۾ اچڻ شرط رنگ ۽ نسل جو بنياد وڌو. جنهن کي اهي "ورنا" سڏيندا هئا. جنهن سبب سنڌ ۾ بہ چئن ذاتين جي پرچار زور ورتو. منو شاستر جيڪو آرين جو هڪ وڏو قانوندان ۽ عالم هو. ان هندن کي چئن ذاتين ۾ ورهايو.

(1) برهمڻ: (پوڄاري).

(2) کتري : (وڙهڻ وارا).

(3) ويش : (محنت مزدوري ڪرڻ وارا).

(4) شودر : (گهٽ ذات وارا خدمتگار).

برهمڻ جڏهن ڏٺو تہ آريا قديم سنڌين جي خيالن کي متائي نہ ٿا سگهن تہ هنن آريائي خون جي پرداخت ڪرڻ لاءِ ذاتين جو قانون رائج ڪيو. اهڙي طرح گذريل ڪجهہ هزار سالن کان سنڌ جي معاشي، سماجي ۽ معاشرتي نظام جو بنياد ذات تي رکيو ويو.

سنڌ جي قديمي تاريخ ۽ تمدن مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌو ندي جو ڪنارو، سيوهڻ، منچر، نئينگ شريف، آمريءَ جو ڏڙو، موهن جو ڏڙو وغيره اصل قومن ۽ ذاتين جا خاص مرڪز هئا، جتي سنڌال، پيل، ميد، شڪاري، بينا، شاڪ، مينا نابميا آباد هئا، جن جو ڪم مڇي مارڻ ۽ ڪيتي ڪرڻ هو. جن جا اوزار پٿر جا هئا، جن سان شڪار ڪندا هئا. شايد اهي ماڻهو دراوڙ قوم جا هئا. پوءِ اهي دراوڙ، سميري، پاني، آشور، واهيڪي، ناگا ۽ داس سڏجڻ لڳا. ڪن جي راءِ آهي تہ سنڌ جا اصل وارث بروهي، ماچي، ميربحر ۽ جت آهن. جن کي گهڻو اڳ ميد، معاشي ۽ جاٽ (زط) چيو ويندو هو.

ميد مان ڦري مير بحر، ملاح ۽ مهاڻو ٿيو. معاشيءَ مان ڦري ماچي ٿيو. چاڪاڻ تہ سندن گذر سفر مڇي مارڻ تي هو. هنن کي شڪار ڪرڻ وارا (شڪاري) پڻ چوندا هئا. جاٽ مان ڦري جت ٿيا. جو هو سامان ويڙيندڙ هئا. ميد اهي ساڳيا مير بحر (قزاق) هئا. جيڪي سراديپ جي جهازن کي ديبل وٽ ڦرندا هئا.

سنڌ جي ذاتين تي بلوچستان، مڪران، لسبيلي، مارواڙ، ڪاٺياواڙ، ڪڇ پنج ۽ پنجاب جي ماڻهن جي لڏ پلاڻ جو تمام گهڻو اثر پيو آهي. مثال طور: سنڌ ۾ جت کي "جت" پنجاب ۾ "جاٽ"، بلوچستان ۽ مڪران ۾ "جدگال" چون ٿا. علائقي جي لحاظ کان، کي جت باربرداري جو ڪم ڪن ٿا. تہ کي وري واپاري آهن تہ کي اٺ چارين ۽ پالين تہ کي وري زراعت ڪن ٿا. جتن جي ذاتين جهڙا مثال بين ذاتين لاءِ پڻ ملن ٿا. پراڻين ذاتين مان هڪ ذات "راجپوت" پڻ آهي، جيڪا سنڌ جي ذاتين سان وابسته آهي، جنهن مان بيون

کافي ذاتيون پيدا ٿيون آهن. هن وقت سنڌ ۾ جت، ميد ۽ راجپوت نسل واريون قومون ۽ ذاتيون جيڪڏهن نسلي اعتبار کان نه تڏهن به تمدني اعتبار کان، گهڻي کان گهڻي هڪجهڙائي رکن ٿيون.

سنڌ جون اهي اصلي سنڌي ذاتيون (Son of Soil) پنهنجي ريتن رسمن، کاڌ خوراڪ، لباس، اٺ ويهڻ، شڪل شبيهه، هڏ ڪاٺ، ڏنڊي ڏاڙي، بولي، مذهب، معاشرتي، سماجي، معاشي ۽ تمدني هڪجهڙائي ڪري، "سمات" سڏجن ٿيون. اهڙين سمات قومن کي "جام" يا "جاموٽ" پڻ چيو وڃي ٿو. جيڪي قومون ٻاهرين ملڪن، خطن مان لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيون آهن، اهي غير سمات قومون سڏجن ٿيون. پر سمات ۽ غير سمات قومون پاڻ ۾ نسلي ميلاپ ۽ شادين مرادين ڪرڻ ڪري هڪ ٻئي کي تمام ويجهيون ٿي ويون آهن. اهڙين سمات ۽ غير سمات قومن ۾ راجپوت، سومرا، سما، جت، لاکا، ٻُرڙا، مڪراني، لوهاڻي، ملڪ، خاصخيلي، قريشي، بلوچ، سوڍا، سهتا، رانوڙ، مغل، انصاري، صديقي، فاروقي، سيد، ڪلهوڙا، عباسي، پنهور، ڇنا ۽ شيخ نهايت مشهور آهن.

هن ڪتاب لڪڻ مان مراد سنڌ يا سنڌ کان ٻاهر رهندڙ ذاتين جي آهي، پوءِ اهي سمات هجن يا غير سمات هجن. مسلمان هجن يا ڪنهن ٻئي مذهب وارا هجن، سنڌي هجن يا بلوچ هجن، انهن ذاتين جي ڏسڻي الف- ب وار پيش ڪجي ٿي ته جيئن پڙهندڙن کي لغات وانگر ڪنهن به ذات کي ڳولڻ ۾ ڪا دقت پيش نه اچي. انهن ذاتين مان ڪافي ذاتيون يا قومون اهڙيون آهن. جن سنڌ تي حڪومت يا سرداري پڻ ڪئي آهي. مثال طور: سما قوم سنڌ تي ڏيڍ صدي کان وڌيڪ حڪومت ڪئي آهي. راجپوت قوم سڃي سنڌ تي قابض هئي. سومرا سنڌ جا وارث ۽ سردار هئا. جن جي تباهي سمن ڇامن هٿان ٿي. ڪلهوڙن ۽ تالپرن سنڌ تي حڪومت ڪئي. انڙ قوم به ڪن حالتن ۾ حڪومت ۾ پاڳي پائيوار هئي. ماڇي به هڪ خاص خطي جا سردار ۽ حاڪم هئا، هنن مالوه، سوراشٽر (گجرات) ڪوڪن ۽ سنڌ ۾ "ماٺڪ" رياست تي حڪومت ڪئي هئي. ان کان سواءِ ڇامن، ڇاموٽن، لاکن، ڇنن ڇاندين، سهتن، سيدن ۽ مغلن وغيره جي پڻ سنڌ تي حاڪميت رهي آهي. خاصخيلي قوم پڻ انهن حاڪمن وٽ اعليٰ مقام رکندي هئي، ڇاڪاڻ ته هي فوجي زندگي سان وابسته هوندا هئا جن کي بعد ۾ سر سپاهه، سرخيل، خاص خيل ۽ مؤمن جي لقب سان نوازيو ويو.

ساراهيان سچو ڏٽي، مالڪ آهي مختار،
پيدا ڪيائين پاڻي منجهان، بندا بيشمار،
ڪنهن کي طاقت ناهه ڪا، سگهي ڪري شمار،
طاقت آهر پنهنجي، ڪيان الله توهار،
ذاتيون ڳڻجن پيون اتي، جيڪي آيون منجهه پچار،

پهرين ذات سچي سيد جي، سونهن پريو سردار،
بي ذات قريش جي، بيشڪ آهن قربدار،
ٽي ذات بلوچ جي، خلقي خلقٿهار.

آءٌ هڪڙو ادنيٰ غلام سيوهڻ جي ڌرتيءَ جو ڄائو، سنڌ حڪومت ۾ ملازم آهيان. ملازمت جي ناتي سان مون کي سنڌ جي حصن يعني ٽر، نارا ۽ ڪوهستان جي هر نندي ۽ وڏي ڳوٺ ۾ وڃڻ ٿيو ۽ اتان جي ماڻهن سان ملاقات جو شرف حاصل ٿيو. جنهن سبب سنڌ جي ماڻهن سان روبرو ملاقات ڪري گهرائپ ٿي ۽ مون کي ذاتين جي تحقيق ڪرڻ ۽ ڪتاب لکڻ جو شوق جاڳيو.

ڏهن سالن جي کوشش بعد هيءُ ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي. جنهن ۾ اٽڪل چوڏهن هزار ذاتين (قومون، قبيلا، پاڙا) جو ذڪر ٿيل آهي. هن ڪتاب جي لکڻ ۽ مواد گڏ ڪرائڻ ۾ حڪيم مخدوم محمد نصير الدين فاروق صديقي، محمد بچل برڙي، محترم اميد علي سنيي، قاضي مقصود احمد، چاموٽ حاجي خان چاچڙ سنڌي ۽ عبدالمجيد آلڪائي رند بلوچ جو خاص هٿ آهي. هن ڪتاب جي آخري ستاءَ، ترتيب ۽ تاليف هن بنده خود ڪئي آهي، ۽ ان جي نظرثاني مرحوم شيخ محمد اسماعيل ڪئي ۽ سندس سات محترم خان محمد جروار ڏنو. محترم سخاوت علي جتوئي رات ڏينهن محنت ڪري ڪمپوزنگ جهڙو ڪنن ڪم اڪلايو. انهن سڀني جو آءٌ تورائتو آهيان. ان لاءِ عرض آهي ته ڪوبه صاحب يا ذات وارو دل ۾ نه ڪري جو تہ حقيقت کي واضح ڪرڻ لاءِ نهايت سوچ ويچار کان ڪم ورتو ويو آهي. اجا به ڪافي ذاتيون ۽ پاڙا رهجي ويا آهن. ان ڏس ۾ سڃاڻ شخصيتن کي گذارش ٿي ڪجي ته هو پنهنجي ڄاڻ آهر ان سلسلي ۾ معلومات مهيا ڪن ته جيئن ايندڙ ايڊيشن ۾ سندن راين کي شامل ڪري سگهجي. الف. ب وار (حروف تهجي) لفظن جي ستاءَ، ترتيب ۽ تاليف ۾ پڻ کي غلطيون ٿيون هونديون، جن کان پڻ اميد ته واقف ڪيو ويندو.

خادم العلم

خيرمحمد پُرڙوسيوهاڻي

سيوهڻ شريف، دادو، سنڌ

20-10-2004

الف

آبداڻي (عابداڻي): مڇي مارڻ وارا مُهاڻا.

ابڙ: ابڙا قبيلو. جنهن ۾ ابڙن جون جملي ذاتيون ۽ پاڙا شامل آهن. ابڙن جي بستين کي پڻ "آبڙ" چون ٿا.

آبڙي: ابڙن سان واسطو رکندڙ ذات. ابڙن جي رهڻ واري بستيءَ کي به آبڙي چوندا آهن.

ابساڻي: راهو ذات جو هڪ پاڙو جيڪي نواب شاهه ضلعي ۾ رهن ٿا.

ابڙ: سهڻو جو هڪ پاڙو.

آٽا: سنسڪرت جي لفظ "آٽيلا" تان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي تلاڻ تي رهڻ وارا. آٽا، تلاڻن ۽ ڏندن تي رهڻ وارا ملاح آهن. هي سنڌ جا پراڻا باشندا ۽ سَمات آهن. ٺٽي ضلعي ۾ جهمپير جي پرسان ڪلري ڏند جي ڪپ تي "آٽا" ذات جا ڪي ڳوٺ آهن. لسبيلي ۾ پڻ رهن ٿا. نهڙين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "آٽا" آهي. راهوما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ آهي.

آٽيا: ٽيبا ذات جو هڪ پاڙو. هي ملاحن جي اوڙڪ ۾ شامل آهن.

آٽيلا هي به ملاح آهن. ٺر ۽ لاڙ ۾ رهن ٿا. دلن ۾ پڻ آهن.

آٽيلا مگرين جي وڪيي پوٽا شاخ جو هڪ پاڙو.

آٽل پوٽا: هالیپوٽا ذات جو هڪ پاڙو. سنڌجي ڪافي حصن ۾ رهندڙ آهن.

آٽيلا: سنسڪرت بولي جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي تلاءَ. ڏنڊيون ۽ ڏورا. لغوي معنيٰ آهي. ڏندن تي وسندڙ ملاح.

آپَٽ جيڪي پاڻ کي سمات چوائيندا آهن. ۽ فقط خيرپورميرس طرف وينل آهن.

آجاڻي: ٺٺيار جتن جو هڪ پاڙو.

آجباڻي: چانديا قبيلي جي "سماراڻي" پاڙي مان هڪ ذات. شاعر طاهر فقير چانديو (نهال چانديو) هن پاڙي مان هو.

آجر: آجر، آجرُ (اگود لفظ مان نڪتل آهي) جنهن جي معنيٰ آهي "پڪل سر". هي سمات ذات ضلعي ٺٽي ۾ رهندڙ آهي.

اجڙا (بزدارنده): معنيٰ ٻڪرار، ڏنار. آجڙا سما قبيلي جي هڪ ذات آهي. شاهه صاحب هنن کي ڳايو آهي. آجڙن جو تعلق سنڌ جي جتن سان پڻ نظر اچي ٿو.

آچاراڻي: ڪرمتين جي مهيري (جت) شاخ جو هڪ پاڙو.

آچَرَ: سما قبيلي جي هڪ ذات جيڪي لسٻيلي طرف وينا آهن.

آچَرا: لسٻيلي ۾ رهندڙ "ماندڙن جي هڪ راڄ جو نالو. هي سما آهن.

آچُو: سما قبيلي جي هڪ ذات.

آچِيـا: سما قبيلي جي هڪ ذات.

آخُوند: فارسي لفظ "خواندن" مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي، مذهبي تعليم ڏيندڙ استاد. سنڌ ۾ ديني تعليم ۽ استادي پيشي سان وابسته مُلن کي عزت مان "آخوند" ڪري چوندا آهن. آخوند کا ذات ڪانهي ۽ اهو لفظ بار بار استعمال ڪري ڪِن جاين تي ذات ۾ تبديل ٿي ويو آهي. اڪثر ڪري قريشين ۽ ميڻهن کي به "آخوند" چون ٿا. "بوهرن" جي احوال مان خبر پوي ٿي ته "آخوند" فاروقي نسل مان آهن، جيڪي عرب مان هن ۽ هن وقت بوهرن ۾ شامل آهن.

آخونداڻي: لاشاري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ۾ چاڙايل آهي ته آخوند "ساسولي جتن" مان آهن.

آخوندزئي (ملازئي): مير احمد خان بروهي جي دؤر ۾ به پائر ملا صالح ۽ ملا شهداد برملا بروهي سيراز کان لڏي اچي بلوچستان ۾ وينا، جيڪي آخوندزئي يا ملازئي ذات سبب مشهور آهن. چاڪاڻ ته سندن والد جو نالو "مُلا" هو.

آدَماڻي: ملاحن، ميربحرن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو آهي، جيڪي پنهنجي ڏاڏي "آدم ملاح" جي پنيان پاڻ کي "آدماڻي" سڏائين ٿا. سندن خاص ڏنڏو مڇي مارڻ آهي. ڪٿي ڪٿي هي زراعت ۽ مال چارڻ جي پيشي سان به وابسته آهن. سندن اوڙڪ "سميجا" قوم مان آهي. لاشاري ۽ لغاري قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو به آدماڻي چاڙايل آهي. تالپرن ۾ پڻ "آدماڻي" پاڙو آهي. جيڪي جاگيردار هئا. وڌيڪ معلومات لاءِ تالپرن جو شجرو ڏسڻ گهرجي. وڪڻن، مڪسي بلوچن ۽ سرڪين جي هڪ پاڙي جو نالو به آدماڻي آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته "آدم" ان اٺ کي چون ٿا جنهن جي بدن تي ڪارا ۽ ڳاڙها ڏپڪ (رنگ جا ٽڪا) هجن ۽ ان اٺ جي پالڻ واري کي "آدماڻي" چون ٿا. جيڪي جت ۽ دومڪي آهن، ڪرمتي به جت آهن انهن جي زنگياڻي شاخ جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "آدماڻي" آهي ۽ اهي پاڻ کي بلوچ چوائين ٿا. ڊاڪٽر عبدالمجيد جي لکڻ موجب "آدماڻي" ميمڻن جو هڪ پاڙو آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب آدماڻي جاکرن جي حَسَڻُ شاخ جو هڪ مکيه پاڙو آهي.

آدم خيل: آفريدي پٺاڻن جو هڪ قبيلو، جنهن جون علي خيل، جواڪئي خيل، حسن خيل ۽ عشوخيل شاخون آهن

آدم زئي: ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" موجب آدمزئي، سرپره قبيلي جو نالو آهي، جن جو واسطو بلوچن سان آهي

آديسي: هندو جوگين جو هڪ فرقو.

آڏاٽي: سرڪي ذات جو هڪ پاڙو.

آڏواٽي: سنڌ جا عامل ۽ پراٽا هندو جيڪي پنهنجي ڏاڏي "آڏومل" جي نالي پٺيان "آڏواٽي" سڏجن ٿا. آڏواٽي حيدرآباد ۾ اڄ به رهن ٿا. جيڪي گهٽو ڪري سرڪاري ملازم آهن. آڏواڻين جي هڪ پاڙي جو نالو قنڌاراٽي به آهي.

آڏا: معنيٰ ڪراڙا ۽ ٻيا. هي سما قبيلي جي هڪ ذات آهي.

آڏاٽي: جمالي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. سمن ۾ پڻ "آڏاٽي" آهن.

آڏيجا: معنيٰ "آڏي" جو اولاد. اهي سنڌ جا "سما" آهن.

آرابي: هي سنڌ جي هڪ قديم ذات آهي جنهن کي "ميد" به چون ٿا.

آرادين (آراڏين): هن ذات وارا جاکري بن انڙ بن سمي جو اولاد آهن. اهي سما ۽ ملاح آهن. دلن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

آرادينجا: هوڏي بن انڙ بن سمي جو اولاد آهن. هي سما ۽ ملاح آهن.

آراڻي: سمات ذات آهي. اڪثر ڪري خيرپورميرس ۽ حيدرآباد ۾ رهندڙ آهن.

آرائين: پنجاب مان آيل پُٺا ۽ پنجابي آهن. سنڌ جي سمات ذاتين ۾ پڻ آرائين آهن. هي اصل سنڌ جا سما آهن، جن جو ذڪر سمات ذاتين ۾ لکيل آهي. پنجاب ۾ آرائين ترکاري (پاڇين جي پوک) ڪندڙ ۽ گلن وڪڻڻ وارن کي چون ٿا. ان ڪري هي "باغبان" به سڏجن ٿا. (ڪتاب "سمات" ۽ "سنڌ جون مسلمان ذاتيون" ايس. صادق علي ڇاپو 1901ع) ڪتاب "پنجاب کي ذاتين" ۾ لکيل آهي تہ آرائين سرسا جي رائي ڇڇو ۽ اجين جي اولاد مان "ڪمبوهہ" شاخ مان آهن، جنهن کي راجپوت ۽ جٽ (جت) نسل مان پڻ ڇاڻايو ويو آهي. آرائين جا خاص پاڙا آهن: 1. باهمڻ 2. براز 3. پٺا 4. پٽي 5. پوهر 6. بامي 7 پيدي 8. بلغوريہ 9. جنجوعہ 10. جٽالي 11. چندور 12. چاچر 13. ڏنگي 14. ڏوڏي 15. رامي 16. سنڌو 17. قطب شاهي 18. گلرو 19. گوهير 20. گهالر 21. گهلان 22. ملاڻي 23. ملیار 24. مندا 15. نين 26. واهند ۽ 27. هانسي.

آرباڻي: ڪڇ پڇ کان آيل ڪڇي ميمڻ آهن.

آرتا: سمن جي هڪ ذات.

آرسواڻي: هندو قوم جي هڪ ذات.

آرلائي: هندو قوم جي هڪ ذات.

آروڙا: سنڌ جي پرهم ڪترين جي هڪ نڪ جو نالو.

آروئي: هڪ ذات جُو نالو. جيڪي ڪلوئين جي زير اثر آهن ۽ بلوچستان ۾ رهن ٿا.

آرهاڻي: "ڏيا" ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

آري: مير جلال خان جي پٽ هوت کي چار پٽ هٿا: مير حسن، حاجي، خوسع ۽ علي. خوسع ۽ علي پنهنجي هڪ پٽ جو نالو هوت رکيو. ان مان پنهون ۽ آري ٿيا. ان هوت ۽ پنهون جي اولاد کي آري چون ٿا. جوکيا ذات جي تيسپر شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "آري" آهي. برفت سما آهن ۽ انهن جي هڪڙي وڏي جو نالو آري بدو هو. جنهن جي اولاد پڻ پاڻ کي "آري" سڏايو. نهڙين جي راهوائي شاخ مان پڻ "آري" آهن. دلن ۾ به آهن.

آريا: وچ اوپر ڪان آيل هڪ خانه بدوش قوم جو نالو.

آريا برهمڻ: هندو قوم جي هڪ ذات جيڪي پنهنجي ڌرم جا پابند هوندا آهن.

آرياڻي: سينهان ذات ۽ بڙدي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. متعلوي سيدن ۾ پڻ "آرياڻي" پاڙو آهي. هي سيد آري بن سيد عيسب بن سيد موسيٰ جو اولاد آهن. نٽيار جتن ۾ پڻ آرياڻي هڪ پاڙو.

آريپوٽا: آري ڄام (هوت) جي پٽ جي اولاد کي "آريپوٽا" چون ٿا. صابرا، سومرا آهن، جن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "آريپوٽا" آهي. برهماڻي پُٽن جي هڪ پاڙي جو نالو به "آريپوٽا" آهي، جيڪي آري بدو برفت جي اولاد مان آهن. اهي لسبيلي ۾ رهن ٿا. سنيا ذات وارن جو چوڻ آهي ته "آريپوٽا" اسان جا عزيز آهن. جوکين ۾ پڻ آريپوٽا پاڙو آهي. چوڻي آهي ته: **ڏنڊي ۾ ڏورو، پالن هنيا پنيرا، اجڙيا آري پوٽا.**

آريجا: معنيٰ آري هوت جا پٽ. علي ۽ خوسع بن هوت کي آري ۽ پنهون نالي پٽ ڄاوا. ان آري پنهون جي اولاد کي آريجا چون ٿا. آري بدو برفت (سما) جو اولاد پڻ آريجا سڏجي ٿو. (ايس. صادق علي آريجن کي سما قوم مان لکيو آهي) آريجا ۽ آريجا هڪ ئي ذات آهي. هي ڄام آريءَ جا پٽ ۽ پنهونءَ جا پائر آهن. لسبيلي جي ڄامن (برفت سما) مان آري بدو هو. جنهن جي پوين پڻ پاڻ کي آريجا ۽ آريجا سڏايو. هڪ ٻئي حوالي موجب جاکرن جي همند شاخ جو هڪ پاڙو آريجا آهي.

آريجا: آري ڄام جي پُٽن کي آريجا چون ٿا. آري بدو جي نسبت سان هي سما به سڏجن ٿا.

آريسر: لفظ آريش مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڏوري جو پاٽي ۽ ٻوڌ جو پاٽي ۽ ان جي اصطلاحي معنيٰ ٿي، ڏندن، ڏورن ۽ پاٽي تي گذران ڪرڻ وارا ملاح. هي سميجا ڪل مان آهن. ايس. صادق علي هنن کي سما قوم مان لکيو آهي.

آزاداڻي: مزاري بلوچن جي هڪ مکيه پاڙي جو نالو بلوچاڻي يا بالچاڻي آهي، ان بلوچاڻي جي هڪ قبيلي جو نالو "آزاداڻي" آهي. جيڪي پاڻ کي آزاداڻي بلوچ يا آزاداڻي مزاري بلوچ سڏائين ٿا. آزاداڻي. جيڪب آباد

ضلعي ۾ اڪثريت سان آباد آهن. اهي سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا.

آسَرَ: سنڌ جا سماڻي "جتَ" آهن. سنگراسين ۾ پڻ هڪ پاڙو.

آسرا: برهم ڪترين جي هڪ نڪ جو نالو.

آسَرَ پوتا: يعني آسر جي پٽ جا پٽ. جيڪي سماڻ. سنڌ جا جت آهن. جڪراڻين جي هڪ پاڙي جو نالو "نڳ" آهي. "آسرپوتا" انهن جي هڪ ڦري آهن. آسومل (هندو) جي اولاد کي پڻ ذات جا "آسرپوتا" چون ٿا. (بحوالہ لغات "اسان کي متان وساريو" از گنگارام سمرات). هي لهاڻن مان آهن.

آسَرَجا: هي پاڻ کي سما چوائين ٿا.

آسرڪاڻي: رند بلوچ قوم جي هڪ ٽڪ جو نالو.

آسَريا: ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات. جيڪي چمڙي جو ڪم ڪن ٿا. ڪن ڪن جاين تي پوک بہ ڪن ٿا.

آسڪرن: مگرين جو هڪ پاڙو.

آسمار: "سمن" جي هڪ ذات.

آسُو: ڪتاب "سومرن جو دور" از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. صفحي 350 موجب آسو. سومرن جو پاڙو آهي.

آسواڻي: هي "رهتا سهتا" نڪ مان پائي آسومل جو اولاد آهن. سندن اصل ماڳ گڇيرو. تعلقو مورو آهي.

آسودا: ڪرمتين جي لجيرا (رجيرا) شاخ جو هڪ پاڙو.

آسيلي: تعلقي سجاول ۾ رهن ٿا. هي ملاح ۽ مهاڻا آهن. ٽهيمن سان بہ واسطيدار آهن.

آغا: پناڻن ۽ ترڪن جو لقب آهي. خوجن جي اڳواڻ ۽ مرشد کي "آغا خان" چون ٿا. جيڪي "اسماعيلي" آهن. سندن پهريون اڳواڻ شاهہ صدر الدين (نظار) ۽ هن وقت پير آغا پرنس ڪريم خان آهي.

آغائي: هي اسماعيلي سيد آهن. جيڪي آغا اسماعيل شاهہ جو اولاد آهن.

آفريدي: (اپارو تائي - اپرتئي) پاڪستان جي سرحد تي آباد ٽيل بنگش پناڻن جي هڪ قبيلي جو نالو. جنهن کي پشتو ۾ "پريدي" بہ چون ٿا. هي بهادر آهن جيڪي انگريزن سان لڙيا هئا. سندن شاخن کي "خيل" ۽ "زئي" بہ چون ٿا. هنن جا تمام گهٽا پاڙا ۽ شاخون آهن. آفريدي سنڌ توڙي سنڌ جي وڏن شهرن ۾ وڏن ڪاروبارن ۾ رڌل آهن. هن قبيلي جا خاص پاڙا ۽ شاخون هن طرح آهن:

1. **زخا خيل:** سلطان خيل. شام خيل. مجر خيل. باڙي خيل. نصير الدين خيل. خسروزئي. پائندي ۽ دائود ڊين.
2. **ڪوڪي خيل:** شير خان خيل. ڪٽي خيل. فريد خيل. ماشو خيل. عبدل خيل. نادر خيل ۽ سڪندر خيل.
3. **ملڪ دين خيل:** گلاب خيل. عمر خيل ۽ ڪالا ڪرمان خيل.

4. **قمبر خيل:** اجمل خيل، خداداد خيل، پين خيل، تور خيل
5. **اڪاخيل:** باسي خيل، مداخيل، گردا خيل، سنجل خيل، عيسيٰ زئي خيل، سلطان خيل ۽ ميروخيل.
6. **سيپا خيل:** ابوبڪر خيل، نورمز خيل ۽ لنڊي خيل (لنڊو خيل).
7. **آدم خيل:** علي خيل، جواڪئي خيل، حسن خيل، عشو خيل ۽ گلي.

ايس صادق علي جي لکڻ موجب آفريدي لڏل ٻار ڪيرائيءَ جو اولاد آهن. وڌيڪ تفصيل لاءِ آفريدين جو چارٽ لکجي ٿو.

آفريدي پناٽن جون شاخون ۽ پاڙا



آفندي: ترڪي بوليءَ جو لفظ جنهن جي معنيٰ آهي: جناب، حضور، مالڪ ۽ آقا وغيره. سنڌ ۾ رهندڙ ڪجهه

ميمڻ بہ پاڻ کي آفندي چوائين ٿا. جيڪو عزت افزائي جو لقب آهي.

آقا: ترڪي لفظ جنهن جي معني آغا ۽ جناب وغيره. هڪ ذات جو نالو.

آگاٽا: ابڙن سان واسطو رکندڙ "سما" آهن.

آگاڻي: هي سما آهن. جيڪي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رهن ٿا.

آگرا: فارسي لفظ جنهن جي معنيٰ آهي خوشبو". سنسڪرت ۾ آگرا. دوآبي کي چون ٿا. ان دوآبي تي رهن وارا آگرا سڏجن ٿا. آگرا "سمات" آهن. اڪثر ڪري پاڻ کي "سما" چوائين ٿا. سمن جي هڪ پاڙي جو نالو "ٽمبيا" آهي. ان پاڙي مان آگرا آهن. آگرا (ابڙا). مڪا. ماڪراڻي. ريٽي ۽ روهيلا نسلي طور پاڻ ۾ عزيز آهن (ايس صادق علي) محقق غلام رباني آگري جو چوڻ آهي تہ اصل لفظ آڳرا. آڳريا ۽ آڳڙيا آهي. فارسي وارن کين آگرا سڏيو آهي. هن ذات جا ماڻهو آگ معنيٰ باهہ تي (لوهارڪو) ڪم ڪرڻ وارا هئا. ان ڪري کين آگرا چيو ويو. ڪن تہ هنن کي مغل بہ چيو آهي. ڪتاب "بر، بحر ۽ پهاڙ" ۾ آگرن کي پٺاڻ ۽ مغل (چغتو) ظاهر ڪيو ويو آهي. مخدوم محمد دائود آگرو هالائي وارو. پير سائين محمد راشد روزي ڏڻي (1223 _ 1170هـ) جن جو هم مڪتب هو. (منهنجي خيال ۾ آگرن کي مغل چوڻ زيادتي آهي. چاڪاڻ تہ هي سما آهن ۽ جغدوبن گجيت بن جادم بن سام جي اولاد مان آهن. پروفيسر غلام محمد لاکي ڪتاب "سمن جي سلطنت" جي مند ۾ چوٿي لکي آهي. اها بہ خالص سمن لاءِ لکيل آهي. نہ کي چغتن لاءِ. انڙ بن سمو کي 28 پٽ هئا. جن مان هڪڙي جو نالو چغ هو. چغدا. ان چغ جو اولاد آهن، جن مان آگرا آهن. ناصرالدين قباچہ جي دور ۾ سنڌ تي ست راڻا حڪومت ڪندا هئا. جن مان هڪ راڻي جو نالو "جسوڏن آگرو" هو. جيڪو مين ٺڪر تعلقي پانيرا واهہ جو راڻو هو. هي بہ راجپوت نسل مان سنڌ جو سمون هو. نہ کي منگول جو اولاد چغتو.

آگري: معنيٰ وڏو تئو. کارن کوهن مان پاڻي ڪڍي تئي تي رکي باهہ ڏيئي لوڻ ناهين ٿا. ان ڪرت ڪري آگري سڏجن ٿا.

آگريا: راجپوتن جو پاڙو آهي. هي چوڙين ناهڻ جي ڪرت سبب ذات جا "آگريا" سڏجن ٿا ۽ ڪراچي ۾ رهن ٿا.

آڳرا، آڳڙا، آڳريا: هي سڀ آگرا آهن. جيڪي سما ۽ ابڙا آهن.

آگهم: سنڌ جا سما آهن. دل ذات جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "آگهم" آهي.

آلاڻي: راءِ بهادر هتورام جي لکڻي موجب "آلاڻي". ڪورائي ذات جو هڪ پاڙو آهي.

آلف خيل: لوڌي پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

آلکاڻي / آلکاڻي (الخاڻي، الکاڻي): بلوچن جي شجري تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ درکاڻي. گورجاڻي قبيلي جو هڪ مک پاڙو آهي. ان درکاڻي پاڙي جي قريہ مان آلکاڻي هڪ ذات آهي. جنهن جون وري مکيہ

شاخون (1) دلواڻي (2) مريداڻي (3) شهوازاڻي (4) موريڻاڻي (5) پوڳياڻي ۽ (6) سعيداڻي آهن. نسلي اعتبار سان الڪاڻي جو حسب نسب رند قبيلي سان وابسته آهي. آلڪاڻي ذات وارا بلوچستان، سنڌ جي وڏن شهرن نوابشاهه، لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعي ۾ رهائش پذير آهن. سندن هڪڙو وڏو ڳوٺ سجاول خان آلڪاڻي نالي سان مشهور آهي. راقم هن ڳوٺ ۾ پڻ هلي ويو. جتي سردار غلام رسول خان آلڪاڻي ۽ عبدالمجيد آلڪاڻي سان ملاقات ڪري معلومات حاصل ڪئي. الڪاڻي بلوچن جو شجرو هن طرح آهي:



هوتي پوٽن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "آلڪائي" آهي. هي دولتپور جي پرسان وينا آهن.

آلڪ زئي: ابدالي (دراني) پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

آلِواڻي: لغاري قبيلي جو هڪ پاڙو آهي. جيڪي پاڻ کي "آلواڻي" بلوچ يا آلواڻي لغاري بلوچ چوائين ٿا. اهي گهٽو ڪري سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا.

آلوداڻي: ٽالپرن جي هڪ پاڙي جو نالو. سندن وڏي ڏاڏي جو نالو "آلودو خان" هو. جيڪو ڪلهوڙن جو مريد ۽ خاص ماڻهو هو. ڪلهوڙن هن کي پاڻ وٽ خاص نوڪريء ۾ رکيو هو. نتيجي ۾ هنن بغاوت ڪري ڪلهوڙن کان حڪومت کسي ورتي. ان آلوده خان جي پنيان "آلوداڻي" نالو پيو. نظاماڻين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "آلوداڻي" آهي.

آمَرَ: سنڌ جا سما آهن. جيڪي خيرپور ميرس ۾ وينل آهن. نهڙي سما آهن. جن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "آمر" آهي. دلن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

آمِڑا: ايس صادق علي پنهنجي ڪتاب "سنڌ. بلوچستان ۽ افغانستان جون قومون" صفحي 35، ڇاپي 1901ع ۾ لکي ٿو ته سامر جي پٽ "ٻڌا" کي سورهن پٽ هئا. جن کي گڏيل نالي سان "رانوڙ" چون ٿا. انهن مان هڪ جو نالو "آمڑا" هو. اهي محمد بن قاسم جي دؤر ۾ مسلمان ٿيا. جيڪي اڄ به ذات جا "آمڑا" سڏجن ٿا. سيوهڻ ۽ پاڻن جي وچ تي رودِ سان لڳو لڳ هڪ ڳوٺ جو نالو "آمڑا" آهي. جنهن ۾ آمڑا ذات جا ماڻهو رهندڙ آهن.

آمڑائي: جتن جي هڪ پاڙي جو نالو.

آمناڻي: پاڻ ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

آميار: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

آهَر: سماڻي جت آهن. اهي اڪثر مال چارين ٿا.

آهنداڻي: مسلمانن جي هڪ ذات

آهنگر: سمات ذات آهي. لوهارڪو ڏنڊو ڪرڻ ڪري "آهنگر" سڏجن ٿا. آهنگر فارسي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي لوهار.

آهُوجا (اَهوجا): هندن جي هڪ اوچي ذات جو نالو. جيڪي گهٽو ڪري ٺر واري علاقي ۾ آباد آهن.

آهُور (آهوار): سنڌ جا سما آهن.

آهوڙي: سنڌ ۾ رهندڙ غير مسلم رلندڙ. پنڌڙ شڪاري آهن. جيڪي حرام جانورن جو شڪار ڪري پنهنجو

پيٽ پالين ٿا. تر جي جبل مان جنڊ ناهي، بهراڙين ۾ وڪڻندا آهن ۽ پڻ گنل جنڊن کي آهوڙي (ٽڪي) کارآمد بنائيندا آهن.

آهوسامند: راجپر ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

آهيري: هڪ غلام ذات جو نالو. جيڪي خاصخيلين جي هڪ پاڙي "مَلڪ" مان آهن.

آئري: گورچاڻي بلوچن جون بارهن شاخون آهن. جن مان هڪ پاڙي جو نالو "درکاڻي" آهي، ان پاڙي جون اٽڪل ارڙهن ڳريون آهن. جن مان هڪ ڳريءَ جو نالو آئري به آهي. اهي پاڻ کي آئري بلوچ سڏائين ٿا. مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب "تاريخ بلوچستان" ۾ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ درکاڻي پاڙي جو نالو آئري لکيو آهي. پر پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي انهي ساڳئي قبيلي جو نالو آري (آريجا) لکيو آهي.

آئلاڻي: "جينڍا" نک مان هندن جي هڪ آکيڙ. هي آئل داس بدي مل جو اولاد آهن.

آئل سنگاڻي: "تلريجا" نک مان اروڙ ونسي بندئي سڪ آهن. لڇمڻ سنگهه کي چار پٽ هئا، جن مان هڪ جو نالو "آئل سنگهه" هو جنهن جو اولاد آئل سنگاڻي آهن.

آيا: نهڙين (سمن) جي هڪ پاڙي جو نالو.

ابابکر زئي: سراباني پناڻن مان شرفيون (شرف الدين) کي ٽي پٽ هئا، انهن مان هڪ جو نالو تار (تور) هو. ان کي نَوَ پٽ هئا جن مان هڪ جو نالو "ابابکر" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي "ابابکر زئي" سڏايو.

ابابگي: مينگل بروهين جو هڪ پاڙو.

اباخيل: يوسف زئيءَ مان اکوزئي، انهن مان بائيزئي ۽ انهن مان "اباخيل" آهن.

ابازئي: پناڻن جو هڪ پاڙو.

اَباڻي: مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ، مشهور شهر ۽ ان جا ماڻهو" ۾ لکيو آهي ته "اباڻي"، مري قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي، جيڪي اباڻي "مري" بلوچ سڏجن ٿا.

ابَدالَ: سارباني پناڻن ۾ شرفيون کي پنج پٽ هئا، انهن مان هڪ جو نالو "ترين" هو، جنهن کي وري ٽي پٽ هئا. ٽئين پٽ جو نالو "ابدال" هو، جنهن کي "عادل" به چوندا هئا. انهي ابدال جي پنيان "ابدال پناڻ" سڏجن ٿا. ابدال کي ٽي پٽ علي، ادو ۽ عيسيٰ هئا. ابدال پناڻن جو شجرو هن طرح آهي.



ابـدالَ: عربي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي اولياءَ الله جي اها جماعت جنهن جي حوالي دنيا جو انتظام آهي. ابدال، بدل ۽ بديل جو جمع آهي. هي لفظ ٻن معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي (1) اهي ماڻهو جيڪي خراب ڪم ڇڏي سٺن ڪمن کي اختيار ڪن (2) اهڙا ماڻهو جيڪي روحاني طور نظام عالم جو انتظام ڪندا رهن ۽ انهي جي وجود تي سڄي دنيا جو بقا آهي. ڪي انهن جو تعداد 40 ٿ ڪي 7 بيان ڪن ٿا. سٺن وارن ۾ اختلاف آهي. ابدال ان ڪري چون ٿا ٿ هڪڙو ڪنهن ڪم سان وڃي ٿو ٿ وري ٻيو ان جي بدل ان جي جاءِ والاري ٿو. "اسلامي انسائيڪلوپيديا" از مولوي محبوب عالم ڇاپو 1900ع صفحي 24 تي، ابدال جو تعداد 350 بيان ڪيو آهي. سيد قاسم محمود ڪتاب "شاهڪار اسلامي انسائيڪلوپيديا" ۾ لکي ٿو ٿ ابدال، پوشيده ولي آهن. پهرين قطب، معاون، اوتار، افراد ۽ پنجين نمبر تي ابدال آهي، جن جو تعداد 40، 70 ۽ 300 آهي. انهن مان 40 شام ۾ ۽ ٻيا ٻين ملڪن ۾ رهن ٿا. دائره معارف اسلاميه پنجاب يونيورسٽي، جامع سنڌي لغات، از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين ڪتابن ۾ لڳ ڀڳ ساڳي وضاحت ٿيل آهي. ابدال کي هتي لکڻ جو اهو مطلب آهي ٿ سيوهڻ شهر ۾ سڀن جو هڪ اهڙو گهر آهي جيڪي پاڻ کي ابدال چوائن ٿا. سنڌن چوڻ آهي ٿ اسان حضرت عثمان مروندي لعل شهباز قلندر سان سيوهڻ ۾ گڏجي آيا هئاسين، عام و خاص ماڻهو هنن کي ذات جا ابدال چون ٿا.

ابدالي: (دراني): افغاني پناڻ آهن. جيڪي ڪنن ۾ موتي پائيندا آهن. هي احمد شاهه ابدالي جي نسبت سان پاڻ کي ذات جا "ابدالي" پناڻ سڏائين ٿا. هنن کي درانيِ بـ چون ٿا، ڇاڪاڻ ٿ احمد شاهه ابدالي کي

دراني ۽ چوندا هئا. احمد شاھ ابدالي جي حملن وقت هن جي لشکر ۾ پناڻ هئا. جيڪي لڙائي بعد هتي آباد ٿي ويڻا. هن وقت سڄي سنڌ ۾ پناڻ آباد آهن جن مان ڪافي "ابدالي" آهن. هنن جا خاص پاڙا هيٺيان آهن:
(1) محمد زئي (2) فاضل زئي (3) بارک زئي (4) آلک زئي وغيره

ابداني (ابداٽي): ڪچ ۽ ڀُڄ کان آيل ميمڻ آهن.

ابراٽي: ملاح ۽ مهاٽا آهن. شرن جي هڪڙي پاڙي جونالو پڻ "ابراٽي" آهي.

ابراهيماٽي: رندن جو هڪ پاڙو آهي.

ابراهيم خيل: لوڌي پناڻن جو هڪ پاڙو.

ابراهيم زئي: مينگل ۽ لهڙي بروهين جي قبيلي مان هڪ پاڙو. ڪاڪڙ پناڻن ۾ پڻ انهي نالي سان هڪ پاڙو آهي. جيڪي ميرزئي ۽ سڏجن ٿا. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان جي صفحي 729 تي لکيل آهي ته ابراهيم زئي، ساتڪزئي قبيلي جو پاڙو آهي. جنهن جو واسطو ڪاڪڙن جي ميرزئي خاندان سان آهي. هنن جا خاص پاڙا آهن: اڪاخيل، تره ڪي، سليمان خيل، سوحڪ ۽ علي خيل.

ابڙا: ذات. سنڌ ۽ ڪچ جي سمن جي نسل مان آهي. جيڪا انڙن سان واسطو رکي ٿي ۽ سميجا ڪل ۾ شامل آهن. ڄام لاکو بن لاکيار جي اولاد مان ڪاڪي مسلمان کي رائڏن پٽ مان نوَ پٽ هئا. جن مان هڪ جو نالو "ابڙو" هو. ان جي اولاد کي "ابڙا" چون ٿا. اهڙيءَ طرح ڄام جوٽي کي پنج پٽ هئا جن مان هڪڙي جو نالو "ابڙو" هو. ان ابڙي ڄام نالي تي ابڙا ذات جو نالو پيو. ابڙا ذات سنڌ ۾ گهڻي تعداد ۾ موجود آهي. جيڪا اصل ۾ سماٽ آهي. اصطلاحي معنيٰ ۾ ابڙن کي درياءَ ۽ ڪچي جي ڏنڊن ۽ ڏورن ۾ پيدا ٿيندڙ شين تي گذر سفر ڪرڻ جي ڪرت مان ڏيکاريو ويو آهي. جن ۾ مکيه ڏنڊو مڇي مارڻ، پکي مارڻ ۽ انهن جو واپار ڪرڻ آهي. اهڙن ابڙن کي درياٽي (آبي) ۽ ڪچي جا رهاڪو سڏيو ويو آهي. دلن ۾ پڻ هڪ پاڙو.
بروهي قوم جي هڪ قبيلي جو نالو "دهوار" آهي. ان قبيلي جا اٽڪل پنجويهه پاڙا آهن. جن مان هڪ پاڙي جو نالو "ابڙا" آهي. هن پاڙي جو چگو مڙس قائم خان هو. جت قبيلي جون سنڌ اندر تمام گهڻيون ذاتيون ۽ پاڙا آهن. انهن مان هڪ پاڙي جو نالو ابڙا آهي. راڄپرن ۾ پڻ ابڙا آهن. ابڙا ذات وارن جا هيٺ ۽ مختلف شجرا پيش ڪجن ٿا.

(1) ڄام جوٽو سنڌ جو حاڪم

- بلوچ
- کهوريو
- تاجيو
- ابڙو
  - ابڙا (ذات)
- ڄام بابينو (سنڌ جي سمن جو پهريون سردار ۽ حاڪم)



اهڙي طرح ڪافي ابڙا پاڻ کي "ڪماريا" چوائين ٿا. يعني ڪماريا، ابڙن جو هڪ پاڙو آهي. خيرپورميرس ۾ ڪاڪيپوٽا ۽ سمنگ ذات جا ماڻهو رهن ٿا، جيڪي پڻ ابڙن جو پاڙو آهن. ابڙن جي نيچ ملاحن سان لڳي ٿي. ايس صادق پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته انڙ ولد سمو کي 28 پٽ هئا، انهن مان هڪ جو نالو ابڙو هو، جنهن جي اولاد کي ابڙو چون ٿا. (ڏسو انڙن جو شجرو) هي انڙ جي سرداري هيٺ آهن. ساڳئي ڪتاب جي صفحي89 تي ابڙا ذات جا هيٺيان پاڙا لکيل آهن. (1) ڪماريا (2) ڳاهيجا (3)مستاڻي (4) ڏاندريا (5) تايوجا (6) بـُڪيجا (7) مارفاڻي (8) گراڻي (9) ڪوڏاڻي (10) مارخياڻي (11) جابرا (12) ابڙيپوٽا (13) ككراڻي (14) راهوجا. مٿين پاڙن کان سواءِ تنيا ۽ منجهو (مجهو) به ابڙن جا پاڙا آهن.

"جنت السنڌ" جي صفحي 49 تي لکيل آهي ته ابڙا، راجپوت نسل مان آهن، جيڪي سلطان علاؤالدين خلجي جي زماني ۾ ڪچ جي "ڪنڊڪلا" پرڳڻي کان نڪري سنڌ ۽ ڪچي تائين پکڙجي ويا. ڪتاب "سومرن جو دؤر" صفحي 356 تي لکيل آهي ته سومرن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ابڙا" آهي، جيڪي گبرنڊ محمد سومري جو اولاد آهن. هي ٽر ۾ رهن ٿا.

ابڑاسيو: ابڑو اڙينگ جو رهائشي علائقو. جيڪو ڪڇ پُـڄ جي اولهه وارو حصو آهي. هن وقت هن کي ضلعي جي حيثيت آهي. هتي جا رهواسي ابڑا ۽ ابڑاسيا سڏجن ٿا.

ابڑاڻي: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ابڑڏ: ابڑا ذات سان واسطو رکندڙ سمات ذات آهي.

اَبڑيپوٽا: ابڑي جي پٽ جو اولاد آهن. هن وقت ابڑا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

اِبڑيپوٽا: ابڑا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

ابڑيجا: "ابڑيجا" يعني ابڑي جو اولاد. سنڌ ۽ ڪڇ جي سمن مان ڄام ڪاها (ڳاها) کي لاکو نالي هڪ پٽ هو. جنهن کي يارهن پٽ ٿيا. انهن مان هڪ پٽ جو نالو "ابڑو" هو. جنهن جي اولاد کي ابڑيجا سڏيو وڃي ٿو. ابڑيجا سمي نسل جي سمات ذات آهي. جيڪي 1921ع جي آدمشماري موجب سنڌ جي ڪافي حصن ۾ آباد هئا. ابڑيجا ذات جو شجرو هيٺين طرح آهي.



اَبڑينگ: ابڑا ذات جو هڪ پاڙو. ٽنڊي جان محمد ۽ ڏگهڙي جي وچ تي ابڑينگن جو هڪ مشهور ڳوٺ پڻ آهي. پر سنڌ جي بين حصن ۾ اهي ٽڙيل پکڙيل آهن.

اِبلَ: ڪلهوڙا ذات جو هڪ پاڙو.

ابلاڻي: "تاريخ سجاول" ۾ عزيز جعفراڻي جي لکڻ موجب "ابلاڻي" ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

ابناڻي: سنيا ذات جو پاڙو آهي ۽ لاڙ ۾ رهن ٿا.

ابواڻي: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

ابوبڪر خيل: آفريدي پٺاڻن جي سيپا خيل قبيلي جو هڪ پاڙو.

اَبُوپوٽا: ذات جا سما آهن. جيڪي اڪثر ڪري پاڻ کي وادا (ڏکڻ. لاکا) چوائين ٿا. لاڙ ۾ رهندڙ آهن.

ابوپوٽا: راڄڙن. ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو.

ابوڙاڻي: سماڻي جت آهن ۽ شاهبندر ۾ رهن ٿا.

اَبو سعيد خيل: لوڌي پناڻن جو هڪ پاڙو.

اَبُو سعيد زئي: ڪاڪڙ پناڻن جو هڪ پاڙو.

ابراهيم پوٽا: نهڙين جي هڪ پاڙي جونالو.

ابوڙاڻي: ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ جو هڪ پاڙو.

ابوڙي پوٽا: متعلوي سيدن مان سيد جلال بن سيد ميرڻ جو اولاد آهن. ملاڪاتيار ۾ وينا آهن.

ابير: تفصيل لاءِ ڏسو "اهير"

اُتر: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو. تر ۾ رهندڙ آهن.

اترادي: اروڙن (ڪتري) جي هڪ ذات.

اَتراڪَ: ترڪيءَ جي مسلمانن جي هڪ ذات. جنهن جا ڪجهه باشندا ڪراچي ۾ رهن ٿا.

اَتراڻي: بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. سکر ضلعي ۾ ڪجهه اتراڻي وينل آهن. جيڪي پاڻ کي سمات چوائين ٿا.

اتريو: ابڙن سان واسطو رکندڙ سمن جو هڪ پاڙو.

اَتمان خيل: ڪاڪڙ پناڻن جو هڪ پاڙو. چون ٿا ته هي تيمور ۽ بابر جي چاچي حبليءَ جو اولاد آهن. الغ بيگ هنن کي برصغير مان پڃائي ڪڍيو هو.

اَتمان زئي: مهند پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

اتماڻي: رند بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

اتمچنداڻي: هي هندن جي ذات آهي. سندن نڪ جو نالو "ڪڪا" آهي. سيٺ اتمچند چتي مل جو اولاد آهن. کين خدآباد جا پائيبند ٻ چون ٿا.

اتم سنگهه: "چچڙا" نڪ مان ديوان اتم سنگهه جي هڪ آکيه. هن کي نَوَ پٽ هئا.

اُتيرا: ايس. صادق علي جي لکڻ موجب جتوئي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

اتيراس: راجپوتن جي هڪ پاڙي جو نالو. مسلمان ۽ هندو آهن.

اَٽَ: ضلعي خيرپورميرس ۾ هڪ ذات. جيڪي پاڻ کي سمات چوائين ٿا.

اٽائي: ميمڻ جو هڪ پاڙو. ننڍي شهر ۾ رهن ٿا.

اٽلاڻي: شر بلوچن جو هڪ پاڙو.

اُپريا: خيرپور طرف رهندڙ هڪ ذات، جيڪي چون ٿا ته اسين سمات آهيون.

اَپَـلَ: سمات جي هڪ ذات آهي.

اَپَـلاڻ: هن ذات جا ماڻهو لاڙ ۾ رهن ٿا. پير پنو (حسن بن راجپاربن لاکو بن سخيره) هن خاندان مان هو.

اَپلاٽا: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو، جيڪي کاري ۾ رهندڙ آهن.

اَجا: نهڙين جو هڪ پاڙو. هي اجو بن ابراهيم بن ميڻ جو اولاد ٽين ۽ راڄو جي پڳ هيٺ آهن. ٽر ۾ رهن ٿا.

اَجايا: سنڌ ۾ رهندڙ ملاح ذات جا آهن.

اَجناڻي: متعلوي/متياروي سيدن جو پاڙو. هي سيد ابوبڪر عرف بکر بن سيد جلال عرف جراڙ شاهه جو اولاد آهن. سندن مورث اعليٰ سيد اجن شاهه بن سيد حسن شاهه هو، جنهن ڪري هي حسن پوٽا بہ سڏجن ٿا.

اَجواڻي: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو، جيڪي ٽر ۽ سنڌ جي بين حصن ۾ آباد آهن. چانديا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "اجواڻي" آهي.

اَجيا: هن ذات وارا، اصل ۾ سنڌ جا ملاح، مهاڻا ۽ ميربحر آهن، جيڪي سمات ۽ سميجا اوڙڪ سان نسبت رکن ٿا. هنن جو خاص پيشو مڇي مارڻ ۽ ان جو واپار ڪرڻ آهي ۽ ڪن ڪن جاين تي پوکي راهيءَ جو ڪم پڻ ڪن ٿا.

اُجَـڙَ: سنڌ جي راجا موڙا سنگهه کي ست پٽ، شورو، سهتو، ڏارو، ڪونئرو، راهو، مگڻ ۽ اڇڻ هئا. انهن مان ننڍو "اڇڻ" هو، جنهن مان اڇڻ ذات آهي. راجا پنهنجي مال ملڪيت کي سنڀالڻ خاطر "اڇڻ" کي مقرر ڪيو. هن پنهنجي مرضي مطابق جاگير نہ ورتي، نتيجو اهو نڪتو تہ سندس ٻيا پائر آسودا ٿيندا ويا، پر اڇڻ غريب ئي رهيو. ان تان ڪنهن سگهڙ چيو تہ:

"اڇڻ ٽيو اٽڄاڻ، جو پُـون نہ آيس هٿ ۾"

اڇڻ سماتَ آهن، جيڪي نوشهري فيروز، خيرپورميرس ۽ سکر طرف اڪثريت سان رهن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ جَت قوم جا 13 پاڙا لکيا آهن، جن مان هڪ پاڙي جو نالو اڇڻ پڻ ڄاڻايو آهي. ايس صادق علي بہ لکيو آهي تہ اڇڻ جت آهن. هڪ روايت موجب اڇڻ، اجين (پارت) جا هندو هئا. سنڌ ۾ اڇڻ کان پوءِ مسلمان ٿي اجين جي نسبت سان پاڻ کي ذات جا اڇڻ چوائڻ لڳا. ايس. صادق علي 1901ع ڌاري سنڌ، بلوچستان ۽ افغانستان جي قومن بابت اڇڻ ذات جو شجرو هن طرح لکيو آهي تہ جاکرو بن انڙ بن سمون بن رائڌڻ جو اولاد آهن، جن جو شجرو ۽ خاص پاڙا هن طرح آهن. 1. باجهاڻي 2. ٻُـڌاڻي 3. پنجاڻي 4. جاڙاڻي 5. ريڊر 6. سُـڪائي 7. قنڌاري 8. ڪاراڻي ۽ 9. ميلاڻي.



(وڌيڪ لاءِ سما خاندان جو شجرو ڈسڻ گهرجي)

اُچ: پنجاب مان آيل ذات آهي.

اچاخيل: مروت پناڻن جو هڪ پاڙو.

اَچڪزئي: بروهي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو. سڙاباني پناڻن مان عيسيٰ بن ابدال کي مير. نور ۽ زِرک نالي ٽي پٽ هئا، جن مان هڪ جو نالو بارَک هو. ان بارک کي وري ڏهه پٽ هئا، جن مان هڪ جو نالو "اچک" هو. جنهن جي نالي پٺيان پاڙي جو نالو "اچڪزئي" پيو.

اُچلاڻ: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

اچـا: جوڪين جو هڪ پاڙو. سڪرندِ طرف رهندڙ.

اچـڙا: پنهوار ذات جي هڪ پاڙي جو نالو. اڄ ڪلهه هي چون ٿا ته اسان "پنهور" آهيون.

اَچوت: اَچوت گهٽ ذات وارا هندو آهن. هنن جا پيئر برهمڻ ۽ مائرون شودر خاندان مان آهن. شودر، هندن جي ڏکاريل ذات آهي، ان ڪري اچوتن کي به ڏکار جي نظرن سان ڏٺو وڃي ٿو. سنڌ ۾ خاص طرح ٿر واري علاقي ۾ اچوت ذاتيون، ڪولهي، مينگهواڙ، ڀيل، ڀنگي، ڇڻا، چمار ۽ شڪاري وغيره عام رهن ٿا.

اچـيا: جوڪين جو هڪ پاڙو.

احمداسي: سُنهندڙا (سما) ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

احمدان زئي: مينگلن جو هڪ پاڙو.

احمداڻي: پاڙي جو مورث اعليٰ احمد خان هو، جنهن جي نسبت سان اهي احمداڻي سڏجن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ لکيو آهي ته احمداڻي، چانگن ۽ لغارين جو هڪ قبيلو آهن، جن کي قمبراڻي به چون ٿا. ڪالواڻي پڻ هن پاڙي مان آهن. ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي ڪتاب "سنڌ جون چند ذاتيون" ۾ لکيو آهي ته احمداڻي جو مورث اعليٰ مير احمد خان قرائي هو، جنهن جي اولاد مان سردار غلام رسول خان قرائي "تاريخ بلوچستان" تصنيف ڪئي. مطلب ته احمداڻي، قرائي (ڪورائي) قبيلي جو پڻ پاڙو آهي، جيڪي سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا.

باجر ذات وارن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ احمداڻي آهي، ڊاڪٽر برڙي "سنڌ جون چند ذاتيون" ۾ جيڪي ٽالپرن جا پاڙا لکيا آهن انهن مان هڪ پاڙي جو نالو "احمداڻي" پڻ ڄاڻايو آهي. ايس صادق علي لکي ٿو ته احمداڻي، لاشاري ۽ ڪرمتي جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو پڻ نالو آهي. جنهن جي تصديق ٿ ماهي مهراڻ نمبر4-3 سال 1997ع صفحي 106 مان پڻ ٿئي ٿي. راءِ بهادر هتورام جي لکڻ موجب "احمداڻي" جتڪ بروهين جو پاڙو آهي. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" صفحي 116 موجب "احمداڻي" ساجدي جت بلوچن جو پڻ پاڙو آهي.

ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" صفحي 409 تي لکيل آهي ته "احمداڻي" کوسن جو هڪ پاڙو آهي. اهي ٿر پارڪر ضلعي ۾ رهن ٿا. "احمداڻي"، لکياري سيدن جو پڻ پاڙو آهي، جنهن مان سيد حاجي فضل علي شاهه (پان) هڪ معزز ۽ نامور شخصيت هئي. ڪرمتين جو هڪ قبيلو. احمداڻي ۽ بازي هن جا پاڙا آهن. ڪرمتين جي جماري ۽ زنگياڻي وٽن مان پڻ "احمداڻي" آهن.

احمد خيل: لوڌي ۽ ڪيراني پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

احمد زئي: بروهي قوم جي هڪ ٽڪ جو نالو آهي. جنهن جو واسطو ميرواڙي شاهي خاندان سان آهي. هي عرب آهن. جيڪي حلب کان آيل آهن. کين سراواني پڻ چون ٿا.

احمد زئي بروهين جو شجرو



ڪاڪڙ افغاني پناڻ آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو "پڻ "احمدزئي" آهي. ساتڪزئي چون ٿا تہ احمد زئي اسان مان آهن.

اختر زئي: رئيساڻي قبيلي جي رستم زئي پاڙي مان آهن.

اداسي: سکن جي هڪ ذات. هي بابا گرونانڪ جي گرنٿ جا پيروڪار آهن.

ادريس زئي: ڪٽوزئي پناڻن جو هڪ پاڙو.

ادڙا: جتوئي بلوچن جي شر پاڙي مان آهن.

ادمال: ڳکڙ قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

ادمراٹي: شڪاري قوم جي هڪ پاڙي جو نالو. جنهن کي ادراٹي ۽ چهڑا ۽ چون ٿا.

ادياٹي: مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو ۽ رستماٹي پاڙي جي هڪ شاخ آهن. جيڪي ذات جا ادياٹي بلوچ سڏجن ٿا.

اڏا: سمن جي هڪ ذات جيڪي ٺر ۾ رهندڙ آهن.

اڏاٹي: جمالي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي. تنهن کان سواءِ سنڌ جي هڪ سمات ذات پڻ آهي.

اڏ لکي: ڪرمتين جي رباٸي جت قبيلي جو هڪ پاڙو.

اَڏيجا: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

اُڏيجا: (اڏيجا): يعني اڏي جو اولاد. هي ٺر ۾ رهندڙ سمن جي هڪ ذات آهي.

اُڏيگام: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو.

اڏا: ٺر ۾ نو مسلم ذات آهي. اصل ۾ ٺري سوڍن جي ذات آهي. ان مان ڪجهه مسلمان ٿيا آهن ۽ ڪي اڃان هندو آهن.

اُڏڻ: سنڌ جي ملاحن جي هڪ ذات.

اُڏيرا: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو. برڙن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "اڏيرا" آهي. راقم الحروف جي پاڙي جو نالو پڻ "اڏيرا" آهي.

اُڏيسي: اوڏن جي هڪ ذات جو نالو.

اڏيسي پوٽا: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو آهي. جيڪي ٺر ۽ سنڌ جي ڪن هنڌن تي رهندڙ آهن. جيسلمير کان آيل پاٽين جي هڪ نک جو نالو پڻ "اڏيسي پوتا" آهي. ڦيرواٹي پاٽيا ۽ هن نک مان آهن.

اڏاٹا: ٺر ۾ رهندڙ هڪ مسلمان ذات جو نالو.

اُڏَ: ڪوهستان ۾ رهندڙ ڏيٺن کي چوندا آهن.

اُڏا: ٺر ۾ رهندڙ هڪ مسلمان ذات جو نالو.

اَڏاٹا: ٺر ۾ رهندڙ هڪ مسلمان ذات جو نالو.

اُڏواٹي (اڏاٹي): انڍڙ قبيلي جو هڪ پاڙو.

اڏيجا: سنڌ ۽ ڪڇ جي سمن مان ڄام لاکي بن، لاکيار جي اولاد مان ساند پليءَ کي ست پٽ هئا. جن مان هڪ پٽ جو نالو هگورو هو. ان هگوري جي اولاد کي "اڏيجا" چون ٿا. هنن جي نڇ ملاحن مان آهي. اڏيجا ٺر ۽ سنڌ جي ڪن هنڌن ۾ نهايت ٿورائيءَ ۾ آباد آهن. سندن شجرو هن طرح آهي:



اُڏيجا: پلي بن رائڏن ۽ پلي بن جام لاکي جي اولاد مان مسلمان سمات آهن. راڄپرن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "اڏيجا" آهي. هنن جي نڇ ملاحن مان آهي.

اُڏيچا: ٽر ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ذات.

اَرادنجا: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

اَرادڙ: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

ارباب: معنيٰ چگو مڙس، ميمڙ ۽ دَلَ ذاتين جي هڪ پاڙي جو نالو. وادي کاغان، ضلعو مانسره ۽ آزاد ڪشمير کان لڏي آيل گوجر پنهنجي چگي مڙس کي پڻ "ارباب" چون ٿا. ارباب لفظ عربي لفظ رب (الله جو نالو) تان ورتل آهي.

اَربابي: م. ڪ پيڪولين ڪتاب "بلوچ"، هيني پاڻنجر ڪتاب" سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر" ۾ لکيو آهي تہ اربابي، نهري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. سندن سردار شاهه محراب خان هو. ساڳئي مصنف جي لکڻ موجب بران زئي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ اربابي آهي.

ارٽي: جوکين جو هڪ پاڙو.

ارزي: رند قبيلي جي هڪ ٽڪ جو نالو.

ارغون: ترکي گهراڻي جي هڪ ذات، جنهن مان ڪافي بادشاهه ۽ حاڪم ٿي گذريا آهن. جن سنڌ تي حڪومت ڪئي. ايس صادق عليءَ جي لکڻ موجب اهي "غور" کان آيل مغل آهن. ان ڪري "غوري" ب سڏجن ٿا.

ارمني: دريشڪ رند بلوچن جو پاڙو.

اروَرا: هندن جي هڪ ذات. هنن مان ڪافي مسلمان ٿيا آهن. ليڪن اهي پنهنجي پراڻي "ذات" اروا سان سڏجن ٿا.

اَروڙا: هندو قوم جي هڪ ذات، جيڪي اڪثر ڪري ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ آباد آهن. مسلمان ۽ سک ب آهن، هي چون ٿا تہ اسان اصل ۾ ڪتري آهيون. اروڙ شهر ۾ رهڻ ڪري اروڙا سڏجون ٿا. اترادي، داهرا ۽ دکنا هنن جا خاص پاڙا آهن.

ارهَبَ: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

اَرَهوتا: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

اَڙوڙَ: هندن جي هڪ ذات جو نالو. جيڪي ٽر ۾ رهندڙ آهن.

اڙول: مسلمان سماڻن جي هڪ ذات جو نالو.

ازدين: ساندن جو هڪ پاڙو آهي.

ازلِي: ڪلهوڙن جي هڪ پاڙي جو نالو.

اساوره (الاسوره): اصل ۾ سنڌ جا جت آهن. خليج فارس ۾ رهن ٿا. هنن ابو موسيٰ جي صلاح سان اسلام قبول ڪيو هو. هڪ نهر کوٽي هئي، جنهن کي "نهره الاساوره" چون ٿا. سيابجه، الاندغار ۽ اساوره ۾ نسلي هڪجهڙائي آهي. هنن سنڌ ۾ محمد بن قاسم جي مدد ڪئي هئي.

استَرآبادي: حسيني سيد آهن. ڪيسپين سمنڊ جي پرسان استرآباد جا رهاڪو هئا، جنهن جي نسبت سان "استرآبادي" سيد سڏجن ٿا. ڪراچيءَ ۾ چند گهر اٿن. هنن کي محموداڻي سيد به چون ٿا.

اُسترائي: افغان پناٽن جي هڪ پاڙي جو نالو.

اُستريانِي: غلزئي پناٽن ۽ شيراني پناٽن جو پاڙو. هي استرياني (اشتراني) سيد به سڏجن ٿا. جيڪي سيد هنار جو اولاد آهن. سندن مکيه پاڙا آهن. امر خيل، شيخي، گنداپور، مريري ۽ هنار.

اسپازئي: پناٽن جو هڪ پراڻو قبيلو آهي، هن وقت کين "يوسف زئي" چون ٿا.

اسپاني: جتن جي هڪ پاڙي جو نالو.

اسپن زئي: پناٽن جي هڪ ذات آهي.

اِسپين: هي سراباني پناٽن جي شرخيون قبيلي جي خاندان مان آهن، جن جا اسپين ترين، وزيري، سليمان خيل ۽ اسماعيل زئي پاڙا آهن.

اِسپين تَرين: سراباني پناٽن مان اسپين جي هڪ پاڙي جو نالو.

اسحاق: نيازي پناٽن جو هڪ پاڙو.

اسحاقاڻي: کوسن جي للاڻي (اسحاقاڻي) پاڙي مان آهن. پان فقيرن جو پٽ هڪ پاڙو.

اسحاق پوتا: حسناڻي برفتن جو هڪ پاڙو آهي، جام برفت کي جام همرڪ جي اولاد مان حسن ٿيو، جنهن جي هڪ پٽ جو نالو "موچي" هو. ان جو اولاد "اسحاق پوتا" آهن.

اِسحاق زئي: لوڌي پناٽن ۽ خليل پناٽن جي هڪ پاڙي جو نالو.

اسد خيل: لوڏي پناڻن جو پاڙو.

اسدي: حضرت علي رضہ جن جو لقب "اسد الله غالب" هو. جنهن نسبت سان ڪافي سيد پاڻ کي "اسدي" چوائين ٿا. حقيقت ۾ هي هاشمي ۽ علوي آهن. بنو اسد جو اولاد پڻ "اسدي" سڏجي ٿو. شيخ تراب درويش فتحپوري هن عرب خاندان مان هو.

اسرام: هڪ سماڻ ذات آهي.

اسرانو: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو. جن کي "اسراڻ" ب چون ٿا.

اسراڻ: سما قبيلي جي هڪ ذات. جيڪي ڪن هنڌن تي سماڻ ٿ ڪن جاين تي "سرائي" سڏجن ٿا.

اسراڻي: هندن جي هڪ ذات آهي.

اسلاماڻي: پرڳڻي ذات جي هڪ پاڙي جو نالو. ٽالپرن هنن کي پنهنجي دؤر ۾ جاگيرون ڏنيون هيون، پر جڏهن انگريزن ناري مان جمڙائو نهر کوٽائي، تڏهن کي اسلاماڻي پرڳڻي، جمڙائو جي آسپاس زمين تي آباد ٿي ويا ۽ اتي پنهنجا ڳوٺ ٻڌائون.

اسماعيل: هي افغاني لوڏي پناڻ آهن. اسماعيل جون ٽي شاخون سور، لوهاني ۽ مهپال آهن. لوڏي خاندان جون ٽي وڏيون شاخون سياني، نيازي ۽ دوتاني آهن. سياني وڏيڪ بن شاخن پرنگي ۽ اسماعيل ۾ ورهايل آهي.

اسماعيلاڻي: نظاماڻي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. اسماعيلي خوجن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ اسماعيلاڻي آهي. لاشارين ۾ پڻ اسماعيلاڻي آهن.

اسماعيل پوٽا: رضوي سيدن جو پاڙو، جيڪي نصرپور ۾ رهندڙ آهن.

اسماعيل خيل: افغاني پناڻن جو هڪ قبيلو. خروچي پناڻ هنن مان آهن.

اسماعيل زئي: بلوچ آهن. 39-1937ع جي واقعن ۾ انگريزن جي هٿان تباهہ ٿي ويا هئا. پر انگريزن کين ڏوهہ بخش ڪيو، جنهن ڪري شاهہ بخشي سڏيا ويا. فقيرزئي، خود زئي، ڪريم زئي، الله بخش زئي، اسماعيل زئي، توتو زئي، شاهو زئي، حسن زئي، هنن جا خاص پاڙا آهن. ابدال بن ترين جي اولاد مان عيسيٰ کي زرڪ نالي سان هڪ پٽ هو. ان کي چار پٽ هئا، جن مان هڪ پٽ جو نالو "فوفل" هو. ان فوفل جي پٽ اسماعيل جي اولاد کي اسماعيل زئي چون ٿا. هي سراباني پناڻ آهن. راءِ بهادر هتورام جي لکڻ موجب اسماعيل زئي، رئيساڻي قوم جي سراج زئي پاڙي مان آهن. اورڪزئي (بنگش) پناڻن ۾ پڻ، اسماعيل زئي آهن مندنر پناڻن ۾ ب آهن.

اسماعيلي: شيعا آهن، جن ۾ ٽي فرقا قرامطہ، اسماعيليہ ۽ ملاحدہ شامل آهن. اسماعيلي سيد، اسماعيل المرج اڪبر جو اولاد آهن. هنن جو شجرو هن طرح آهي.

اسماعيلي سيدن جو شجرو



اسماني: شيدين جو پاڙو آهي. سنڌ ۾ رهن ٿا.

اسندزئي: شيراٽي پناٽن جو هڪ پاڙو. کين "سندزئي" پڻ چون ٿا.

اشتراٽي: پناٽن جو هڪ قبيلو. جيڪي شڪارپور ۾ رهندڙ آهن.

اشراف: عرب کان آيل مسلمان آهن.

اشڪ زئي: لوڌي پناٽن جي هڪ پاڙي جو نالو.

اشوخيل: آفريدي پناٽن جي آدم خيل شاخ مان آهن.

اصفهاني: (اصفاني) لاشاري، رند ۽ مري بلوچن جي غزيني قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو.

اعرابي: عربستان جي صحرائي خطي ۾ رهندڙ عربن (بدوين) جي هڪ ذات آهي. انهن مان ڪجهه ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

اعواڻ: ڊاڪٽر الهرڪئي پٽ ڪتاب "سمات" صفحي 38 تي لکيو آهي ته "اعواڻ"، پنجاب کان لڏي آيل سرائي جت آهن. جيڪي هن وقت پاڻ کي "سمات" چوائيندا ٿا. مغربي پاڪستان جو سابق گورنر جنرل ملڪ امير محمد خان، ذات جو اعواڻ (جاٽ - جت) هو پر پاڻ کي "علوي" چوائيندو هو. ايس. صادق علي لکي ٿو ته "اعواڻ" سنڌ جا جت ۽ سمات آهن. وڌيڪ لکي ٿو ته علوي جي هڪڙي پاڙي جو نالو "اعواڻ" آهي، ان ڪري هي "علوي" ٻه آهن. ڪتاب "پنجاب کي ذاتين" صفحي 389 موجب اعواڻ، جٽ (جتَ) آهن. مسٽر ٽامسن ۽ ميجر ويس هنن کي سنڌي جتن مان ڄاڻايو آهي. مسٽر برانڊرٿ هنن کي يوناني خانه بدوشن جو اولاد لکيو آهي. اعواڻن جو چوڻ آهي ته اسان حضرت علي رضه جو اولاد علوي آهيون. اسان جو مورث اعليٰ غزنويءَ جي قطب شاهه جو پٽ محمد آهي. جيڪو 1035ع ڌاري هرات کان پشاور پهتو ۽ ڪالاباغ ۾ جٽ قبيلي جو سربراهه ٿيو. جن کي قطب شاهي ٻه چون ٿا. هڪ ٻئي حوالي موجب هوشيارپور جي آريائي نسل مان هڪڙي پاڙي جو نالو "اعوان" هو. جنهن کي "انو" ۽ "انون" ٻه چوندا هئا. اڇوڪا جت اعوان ان جو اولاد آهن. "تاريخ اعواڻ" (اعوان) مان معلوم ٿئي ٿو ته "اعواڻ"، علوي آهن. لفظ آوان، اوان يا اعواڻ ساڳي معنيٰ رکندڙ آهي. "اعوان"، عون جو جمع آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "مددگار". هي عربي لفظ آهي، ۽ محاوري طور حضرت علي رضه جي غير فاطمي اولاد کي علوي ۽ اعواڻ چون ٿا. ڪن محققن جي راءِ آهي ته عون جو اولاد "اعواڻ" آهي، باقي علوي آهن. نموني طور سندن شجرو اڪر الف جي پچاڙي ۾، شجرن واري حصي ۾ ڏنو ويو آهي. (عمر الاطراف، عباس علمبردار، عبدالله، جعفر ۽ عثمان پاڻ ۾ سڳا پائر هئا. سندن والده جو نالو ام البنين ام حبيبه هو). اعواڻن جا خاص پاڙا آهن. بيڪال، چند، چال، ريشمان، درمال، ڪلغان، ڪنگ، ڪتڙ، ڪرانا، ڪوڪر، گلشاني، مڏوال، امينال، انوال، ٻڏال، ٻڏوال، برڙال، پائيال، جبال، جرل، چوهاڻ، حسنال، رئوفي،

سادووال، سكرال، سيال، شدوال، طلحه، عثماني، عنايت خاني، فتوال، قاضي، قطب شاهه ڏمني، قطب شاهي كوكر، كاليال (كليال)، كلاچي، كندلاڻي (كندوال)، كر، كيال، كيٽوال، گل شاهي، گولڙا، گوندل، مستيال، ملكال، ملوك شاهي، مليال، مهمال، نكال ۽ يحيائي.

اغوان: مارواڙ مان لڏي آيل راجپوتن جي هڪ پاڙي جو نالو. هن وقت ڪراچيءَ ۾ هنن جو ڪافي تعداد رهي ٿو.

افغان: افغانستان جا رهاڪو آهن. مرزا قليچ بيگ، پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" ۾ لکي ٿو ته افغان، بني اسرائيل جي اولاد مان آهن. جن جون مکيه شاخون ۽ پاڙا دراني، ابدالي، غلزئي، خلجي، ترڪ، يوسف زئي، باروزي، پني، ڪاڪڙ، محمد زئي، ٽوپالزئي، گلزئي، پرانگ، شيراني، بابر، استراني، ترين، مغل، قزلباش وغيره آهن. هڪ ٻي روايت موجب اسرائيل جي هڪ پٽ جو نالو "ارميا" هو. ان جي پٽ جو نالو "افغنہ" هو. ان جي نسل مان افغان آهن. اڄ ڪلهه افغان، پناڻن جي اصطلاح ۾ سجاتا وڃن ٿا، جنهن ڪري هن وقت پناڻن ۽ افغانين ۾ اسان وٽ ڪا تميز ڪانهي. ڪتاب جنت السنڌ صفحي 52 جي فوٽ نوٽ ۾ لکيل آهي ته يهودين مان قيسي ۽ شنبي مسلمان ٿيا ۽ اهي افغان سڏجڻ لڳا. اڃوڪا افغان ان جو اولاد آهن.

اَفوزئي: سراباني پناڻن مان خرشيون (خيرالدين) قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

اَكاخيل: آفريدي پناڻن جي هڪ قبيلي جو نالو، جنهن جا مکيه پاڙا باسي خيل، مداخيل، گرداخيل، سلطان خيل، ميرو خيل، سنجل خيل ۽ عيسيٰ زئي خيل آهن.

اَكازئي: سراباني پناڻن مان خرشيون (خيرالدين) قبيلي جو هڪ پاڙو. يوسف زئي مان عيسيٰ زئي ۽ انهن مان اكازئي پناڻ آهن.

اكو خيل: ڪابلي پناڻن جو هڪ پاڙو.

اكوزئي: يوسف زئي پناڻن مان آهن. جن جا خاص پاڙا آهن: پانيزئي، خواجه زئي ۽ رانيزئي.

اَكا: ٽري زبان جو لفظ آهي، جيڪو اڪثر ڪري راجپوتن ۽ سوڍن لاءِ ڪتب ايندو آهي. اَكا، راجپوتن (هندو) ۽ سوڍن جي پٽ ذات آهي، جيڪي اڪثر ڪري ٽر ۾ رهن ٿا.

اگروال: بنيا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو. ضلعي حصار جي اگروها علاقي جي رهائشي نسبت سان اگروال (اگروالي) سڏجن ٿا. هي جين ۽ هندو آهن ۽ گگا پير جا مريد آهن. ٽر ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

اگري: مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

اگرائي: هندو ڏوبين جي هڪ ذات.

اگني: رام وڪرشن (سوم بنسي) جي اولاد مان هندو راجپوتن جي هڪ ذات.

اڳڻ گهڪا: مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

اڳرا: مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

اڳڙا: ميمڻن جو پاڙو آهي. هن پاڙي جي پڻيان اڳڙا شهر بڌل آهي. اڳڙا اصل ۾ ننڍي شهر جا آهن.

اڳهاڙا: مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

اڳهام: ملاحن ۾ مهاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو. ابڙن ۾ پڻ آهن. جنهن مان سخي ابڙو مشهور هو.

ابڙو اڳهامن ۾، سڀڙ جيئن ٻيلي (سربلاول)

اڳهاماڻي: بلوچن جي هڪ ذات جو نالو.

اڳهم: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو. هندن ۾ پڻ "اڳهم" آهن.

اڳهيم: سما قبيلي ۾ پليجا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو. عزيز جعفراڻي، تاريخ سجاول 1984ع صفحي 345 تي لکيو آهي ته "اڳهيم"، ملاحن ۾ مهاڻن جو هڪ پاڙو آهي، جيڪي ننڍي ضلعي ۾ رهن ٿا.

اڳاريا: ڪرمتي جت بلوچ آهن. هنن جو وڏو ملڪ طوطو ڪرمتي هو. هي لسٻيلي ۾ سنڌ ۾ رهن ٿا. سندن ٻه فرقا ذڪري ۾ سُني آهن. راڌا سندن سردار آهن. جيڪي اڪثر "ملڪ" سڏجن ٿا.

الابخش: اسماعيل زئي بلوچن جو هڪ پاڙو.

الاپا: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

الاچي: سما قبيلي جي هڪ ذات آهي.

الازئي: سراباني پٺاڻن جي خرشيون قبيلي جو هڪ پاڙو.

الاڻي: ٻُرا ذات جو پاڙو. جيڪي لسٻيلي ۾ رهندڙ آهن.

الله ناڻي: جاکرن جي منجهڻان شاخ جو هڪ پاڙو.

الائي خيل: آفريدي پٺاڻن جي ملڪ دين خيل قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

الَـتـَـزئي (التازئي، ايلاتازئي): جهلاواني بروهي آهن. هن بروهي قبيلي جو واسطو شاهي خاندان احمد زئي سان آهي، جيڪي حلب کان آيل عرب آهن. کين سراواني پڻ چون ٿا. هن بروهي پاڙي جو شجرو هن طرح آهي: ميرالتاز بن مير احمد بن مير قيصر بن مير سورد بن مير احمد بن مير قنبر بن مير ملوڪ بن مير سنجر بن مير حسن بن مير گوهرام بن مير ابراهيم بن مير زرڪ بن مير زهرا ۾ بن مير قنبر. التاز جو اولاد التازئي يا التزئي آهي.

الپيال: منج راجپوتن مان مسلمان آهن. سندن رسم و رواج هندن جهڙا آهن. خوشاب، جهلم ۽ راولپنڊي سندن

رهائشي علاقا آهن.

الجازئي: دهواري بروهين جي هڪ ٽڪ جو نالو.

الخاٽي، الڪاٽي: ڏسو "آلڪاٽي".

الرا: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو، جيڪي چون ٿا تہ اسين ابڙا آهيون.

الڪو: سراباني پناڻن جي هڪ قبيلي جو نالو، جنهن جا پاڙا آهن: 1- الڪوزئي، 2- بوستان زئي، 3- دولت زئي، 4- خالازئي، 5- ڪوئزئي، 6- ناسوزئي، 7- پانيزئي، 8- شاڪرزئي، 9- تڪوزئي، 10- يعقوب زئي.



الڪوزئي: سراباني پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

الڪيا: لاشارين جي هڪ پاڙي جو نالو.

الڪاٽي: ڏسو "آلڪاٽي".

الماس (رفرناس): هڪ غير سماٽ ذات، جا گهوٽڪي طرف رهندڙ آهي.

الوداٽي: ڪوسن جي سليماٽي پاڙي مان آهن.

الهبنداٽي: ڪرمتين جي ملڪاٽي جتن جو هڪ پاڙو.

الهداداڻي: رند قبيلي جي هڪ ذات (شاخ) جو نالو. ماندڙا اصل ۾ لسبيلي جي ذات آهي. ان جي هڪ پاڙي جو نالو "الهداداڻي" آهي. ماندڙي جي پٽ هارون کي ايوب نالي پٽ هو. ايوب جي پٽ جو نالو الهيار هو. ان الهيار کي الهداد نالي پٽ هو. جنهن جي نالي سان هن پاڙي جو نالو الهداداڻي پيو.

الهرکياڻي (حافظاڻي): ڪرمتين جي ٻاڻوٽ شاخ جو هڪ پاڙو.

الهرياڻي: چانديا قبيلي جي غيباڻي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو.

الهلاڻي: چهڙن (شڪارين) جو هڪ پاڙو.

الهنداڻي: ڪرمتي جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

الهيار خان: لغارين جي هڪ پاڙي جو نالو.

الياساڻي: صابرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

الياس خيل: سارباني پناڻن جي خرشيون (خيرالدين) قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

الياس زئي: سارباني پناڻن جي خرشيون کي جمند نالي پٽ مان ڇهه پٽ هئا، هڪڙي جو نالو محمد زئي هو. جنهن مان الياس زئي پاڙو آهي. يوسف زئي پناڻن ۾ پٽ "الياس زئي" آهن.

اَما: پلي ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

امازئي: ڪيراڻي پناڻن جو هڪ پاڙو. مندنر پناڻن ۾ پٽ "امازئي" آهن.

امام حسيني: بروهي قوم جي شهواڻي پاڙي مان. حاجي زئي قبيلي جي هڪڙي ٽڪ جو نالو.

اُمٽ: پرمار هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو.

اُمَڇوزئي: سراباني پناڻن مان جمند جي پٽ "توتي" جي اولاد کي امڇوزئي چون ٿا.

امداڻي: جمالي بلوچ قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

امدران زئي: بگٽي بلوچن جي نوٽاڻي پاڙي مان هڪ قبيلي جو نالو.

اُمرا: مڪراني بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

اَمراڻي: هندو قوم جي هڪ ذات.

امرخيل: استرياني (اشتراني) سيدن جو هڪ پاڙو.

امرناڻي: هندن جي "بوديجا ـ بوڏيجا" نڪ مان هڪ آکيه. هي سيٺ امر ڏنو مل تنومل سوڍي راجپوت جو اولاد آهن. امر ڏنو مل هڪ مشهور پڳٽ هو.

امروٽي: عراق کان آيل حسني گيلاني سيد آهن. امروٽ شريف ۾ رهائش اختيار ڪرڻ ڪري امروٽي سڏجن ٿا. انهن مان سيد تاج محمود شاهه امروٽي نهايت مشهور ٿي گذريو آهي. جنهن کي وطن جي آزاديءَ جو امام پڻ چون ٿا. هن گهراڻي جو حسب نسب ۽ شجرو هيٺ ڏجي ٿو:

شجرو
|
حضرت علي رضه
|
امام حسن رضه
|
عبدالله رضه
|
موسيٰ الجون
|
عبدالله
|
موسيٰ
|
داؤد
|
محمد
|
عبدالله ربوبي
|
موسيٰ صالح
|
سيد عبدالقادر شاهه جيلاني
|
چوٿون فرزند محمود شاهه عرف محمد
|
حافظ سليمان
|
عبدالقادر
|
ابراهيم
|
حسن شاهه
|
محمد شاهه
|
صوفن شاهه
|
تاج محمود شاهه
|
سيد عبدالقادر شاهه عرف پورل شاهه
|
تاج محمود شاهه امروٽي(ابوالحسن)
|
ڪل اولاد 24. تن مان 16 پٽ ۽ 8 نياڻيون.

امروهي: حسيني ساداتن مان آهن. امروهه ۾ رهڻ جي نسبت سان امروهي سيد سڏجن ٿا. هنن مان مير غلام نبي امروهي، مشهور ٿي گذريو آهي. جيڪو ميان نور محمد ڪلهوڙي جو خاص وڪيل هو. ڪلهوڙن جي خاص وزير مير لطف الله عرف مير متاري جي رفاقت ۾ سيوهڻ ۽ خداآباد ۾ رهندڙ هو.

اَموئاڻي: سنڌيا ذات جو پاڙو. جيڪي ٽنڈي محمد خان طرف وينل آهن.

اميد علياڻي: ڪرمتين جي گبول شاخ جو هڪ پاڙو.

امير البحر: امير معنيٰ سردار، ڇاڪ ۽ بحر معنيٰ سمنڊ. اصطلاحي معنيٰ ۾ سمنڊ ۽ دريائن جو سردار. ميربحرن ۾ اوچي ذات آهي، چون ٿا تہ اسان ميربحر، ملاحن ۽ مهاڻن جا سردار آهيون.

اميراڻي: مارفاڻي چاندين جو هڪ پاڙو.

امير خاني: سبزواري سيد آهن. جيڪي سبزوار (اسفزار) خراسان، قندار ۽ هرات کان ٽيندا مغلن جي دور ۾ دهلي پهتا. اتان سکر مان سيوهڻ پهتا. سيوهڻ ۾ ڪجهہ بزرگ ترسي پيا ۽ ڪجهہ وڃي ڏٺي شهر ۾ آباد ٿيا. انهن سڀني جو اڳواڻ مير ابوالبقا بن ملا مير سبزواري هو، ڪجهہ سال ڏٺي ۾ رهي، ڪن سيوهڻ جو رخ ڪيو، ڪي وڃي سکر ۾ مستقل طور رهيا. ڏٺي وارا "امير خاني"، سيوهڻ وارا "سبزواري" ۽ سکر وارا "قاسم خاني" سڏجڻ لڳا. سندن شجرو هن طرح آهي:



مٿيون شجرو رڳو نموني طور لکيل آهي. ميرابوالبقا کي امير خان بہ چوندا هئا ۽ ڏٺي ۾ عبدالڪريم کي پٽ امير خان چوندا هئا. جن جي نسبت سان امير خاني سيد سڏجن ٿا.

اميزئي: ڪيراني پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

اميگراڻي: گورچاڻي بلوچ قبيلي جي پتافي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو.

امينال: اعواڻن جو هڪ پاڙو. هي اميد خان گولڙي جو اولاد آهن.

امیناڻي: وڳڻن جو هڪ پاڙو. محبوب خان وڳڻ هن پاڙي مان آهي. جنهن حضرت لال شهباز قلندر جي تربت جو کٽهڙو چاندي سان مڑهايو هو. "جنب گذاريم جن سين" پاڳو پهريون. ۽ لکيل آهي ته اميناڻي، متياري سيدن (متعلوي) جي سنائي شاخ مان آهن. سيد ميان نواب شاهه. نواب شاهه شهر جو باني. هن "اميناڻي" لڙهيءَ مان هو ۽ سيد بدل شاهه اميناڻي سندس پٽ هو.

اناري زئي: دهواري بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو.

انامي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

اناهاڻي: ڇنا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

انبجا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

انبواڻي: ڪڙيجا نک مان هندن جي هڪ آکيه. هي انبو مل جو اولاد آهن. انبومل ميرن جي صاحبيءَ ۽ خيرپور رياست جو مالدار هو.

انبوهه: فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ميڙ". هڪ مسلمان ذات جو نالو.

انتاهه: سما ۽ ملاح آهن.

انجر: ڪچ بج مان لڏي آيل ميمڻ ذات جو هڪ پاڙو. پناڻن ۾ پڻ هڪ قبيلي جو نالو "انجر" آهي.

انجوي: شيرازي سيدن مان آهن. هي سيد محمد جو اولاد آهن، جيڪي چوڏهين صدي عيسويءَ ڌاري ننڍي ۾ اچي رهيا.

اندري: غلزئي پناڻن جو هڪ پاڙو.

اندگار (الاندگار، الاندغار): سنڌ جا جت آهن. هن وقت خليج فارس ۾ رهن ٿا. السيابج ۽ الاساوره پاڻ ۾ هڪجهڙائي رکن ٿا. جن محمد بن قاسم جي سنڌ ۾ مدد ڪئي هئي.

انيڙ: اصل ۾ هندو هئا. جيڪي پوءِ مسلمان ٿيا. شروعات ۾ هي هاري ۽ مال چارڻ جي پيشي سان وابسته هئا. مسلمان ٿيڻ وقت هنن پنهنجا جٿيا لاهي بهاولپور رياست ۾ پير موسيٰ نواب (بهاولپور) جي درگاهه تي رکيا ۽ ان جا مريد ٿيا. انيڙ هن وقت وڏا عالم، اهل علم ۽ بزرگ آهن، جن جي وڏي جو نالو ميان محڪم الدين هو. اڪثر گهوٽڪي، سکر، پني عاقل ۽ شڪارپور طرف آباد آهن. جن جا هينيان مکيه پاڙا آهن: 1- اداڻي، 2- بکراڻي، 3- پمپاڻي، 4- گجاڻي، 5- ڪنڊر، 6- انيڙ، 7- سمراڻي، 8- مارفاڻي، 9- جهورا، 10- ڏوڙيا، 11- عيساڻي، 12- ڪنڊرا، 13- خدراڻي، 14- خيراڻي، 15- پنجابي، 16- سجناڻي، 17- سيورا، 18- پهنواري ۽ 19- سومراڻي. سمراڻي ۽ سومراڻي پاڙا هڪ جهڙا ٿا لڳن، ٿي سگهي ٿو ته هڪ ئي پاڙي جا به مختلف اچار هجن. انيڙن جو شجرو، شجرن واري حصي ۾ ڏسڻ گهرجي.

انڑ: سام جي اولاد مان جادم ۽ ان جي اولاد مان "نريت" ٿيو. هي سنڌ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪچ جي سمن جو چگو مڙس هو. سندس اولاد مان لاکيار ۽ لاکو گوڙا (1250ع) هئا. هن کي اٺ پٽ ڦل، لاکو، ساند، وريار، اونو، موڙو، منهيو ۽ انڑ هئا. ان "انڑ" جو اولاد نجا ۽ خالص سما (انڑ) آهن[1] باقي بين نسلن وارا انڑ، ڄام لاکي جي گندري زال جي نسل مان آهن، جيڪي سميجا ڪل (ملاح) ۾ شمار ٿين ٿا.

انڑ سنسڪرت لفظ "اونير" تان ورتل آهي، جيڪو ڦري اونر، اونرا ۽ بعد ۾ انڑ ٿيو. هي راجا ڏاهر جا پوئلڳ هئا ۽ برهمڻ نسل مان پاٽي جا پوڄاري هئا. راجا ڏاهر جي لشڪر ۾ شامل هئا ۽ فقط راجا جي شهر، محلات ۽ جنگ ۾ سندس سر جو پهرو ڏيندا هئا.

"تاريخ مظهر شاهه جهاني" جو مصنف يوسف ميرڪ لکي ٿو ته مغلن جي دور ۾ انڑ راڄ جا ماڻهو جنگجو ۽ بهادر هئا ۽ اهي سنڌي سمات ۾ شامل هئا. ان وقت سڀ کان وڏي سمات ذات سميجا هئي، جنهن ۾ انڑ ۽ دل شامل هئا، دل ۽ انڑ آهن، ان وقت انڑ راڄ ۾ راهو، ڏاهري، ساند، ساريا ۽ ڪيريا شامل هئا، جن کي مجموعي طرح سميجا قوم چوندا هئا. 1911ع ۽ 1931ع جي آدم شماري موجب انڑن جي اها ساڳي حيثيت هئي، جن کي "ڄام" ۽ چوندا هئا. سما قبيلي جي ڄام ڪاها (ڳاها) کي ڄام لاکي نالي پٽ هو، جنهن کي وري يارهن پٽ هئا، انهن مان هڪڙي جو نالو ڄام انڑ هو، پر اهو ڄام انڑ بادشاهي ماڻي ٻي اولاد وفات ڪري ويو هو. ان انڑ، جي رعيت مان انڑ جي نسبت سان انڑن پاڻ کي ڄام سڏرايو. ايس. صادق علي جي لکڻ موجب انڑ لاکي جو اولاد آهن. سنڌ جي سمن مان ڄام بابيني اول بن ڄام جوٽو فيروز الدين کي ڄام انڑ نالي هڪ پٽ هو، جنهن سيوهڻ ۾ دهلي جي سلطنت جي نمائندي، ملڪ رتن کي قتل ڪري، همير سومري کان 752 هجري/ 1351ع ۾ حڪومت ڦري، پنهنجي حاڪميت جو اعلان ڪري، ڄام جو لقب حاصل ڪيو. ان بعد انڑ چون ٿا ته اسين سمات قوم جا سردار آهيون. تفصيل لاءِ انڑن جو شجرو ڏسڻ گهرجي.

اهڙي طرح سان ڄام فتح خان جي پٽ جو نالو سڪندر شاهه ثاني ڄام محمد عرف ڄام انڑ هو. ان سلسلي موجب انڑ، ڄام آهن ۽ سمات قبيلن جا سردار آهن. هن وقت انڑ هڪ طاقتور قبيلو آهي، جنهن ۾ ٻيا ٻه ڪافي راڄ شامل آهن. نواب شاهه ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ سندن وڏا ڳوٺ ۽ راڄ آهن. مگسي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "انڑ" آهي، جنهن جو سردار درياءَ خان مگسي انڑ هو. نهڙين ۾ پڻ آهن. حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته لاکو، پٽ ڳاهو کي ڇهه پٽ هئا، جن مان هڪڙي جو نالو "انڑ" هو، جنهن جي اولاد پاڻ کي انڑ (نهڙي انڑ) سڏايو. هي تر ۾ رهن ٿا.

ايس. صادق علي پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ افغانستان ۾ رهندڙ قومن بابت لکيو آهي ته

---

[1] هن انڑ کي پنهنجي پائرن موڙي ۽ منهي قتل ڪيو ۽ پوءِ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويا. ڪيس "تماچي" نالي پٽ هو، جنهن مان انڑن جو سلسلو وڌيو.

ٽيپا، هوٽي، جاکرا، ڳاهڪا، چنا، هنگورا، قل، ڏيپر، راڄڙ، بهڙ، راهو ۽ صابو وغيره انڙ جو اولاد آهن.
ساڳئي ڪتاب جي صفحي 41 تي لکيل آهي تہ انڙ ولد سمي کي 28 پٽ 1- ٽيپو، 2 - جاکرو، 3 - هوٽي، 4 - ڪاڪو، 5 - رونجهو، 6 - رامديو، 7- ابڙو، 8- صاحب، 9- جوکيو، 10- هالو، 11- پچو، 12- پيو، 13 - ڇچر، 14 - چنڍ، 15 - چاچڙ، 16 - ڪور، 17 - کرهاڙي، 18 - گام، 19 - ڳنيير، 20 - تانتر، 21 - تاونريو، 22 - واهڙ، 23- واهڙڪيو، 24 - پلهه، 25- پاهڙ، 26 - نير، 27 مهتم ۽ 28 منگواٽو هئا. انهن مٿين پٽن پنهنجي پنهنجي نالي پنيان پنهنجي پنهنجي جدا ذات جو بنياد وڌو ۽ ان پنيان سڏجڻ لڳا. انڙ قوم جا خاص پاڙا آهن. 1 - ڪهر پوتا، 2 - لهڙ، 3 - تانوريا، 4 - مهڙ، 5 - راهو، 6 - راهوجا، 7 - ڏاريجا، 8 - مناهيجا، 9 - فيروزا، 10 - ڪيريا، 11 - ڏاهري، 12 - ساند.

انڙاٽي: مارفاٽي چاندين جي هڪ پاڙي جو نالو.

انڙ پوتا: نهڙين جو هڪ پاڙو. اونا (نوهڙ)، ڏورٽ، ساهڙ ۽ مورا هن جا خاص حصا آهن. ٽئر ۾ رهن ٿا.

انساٽي: مهرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

انصاري: مديني منوره جي انصارن مان آهن، هي بہ محمد بن قاسم سان گڏ آيا هئا ۽ سنڌ ۾ آباد ٿي ويٺا. ايس صادق علي ڪتاب " سنڌ، بلوچستان ۽ افغانستان جون مسلمان قومون" صحفي 63 تي لکي ٿو تہ عرب جي شيخن مان جريم پاڙي مان انصاري آهن ۽ سپيا بہ انصاري آهن. ڪن روايتن موجب انصاري، حضرت ايوب انصاري (خالد ابن زيد) جي اولاد. الخضراج قبيلي مان آهن، جن نبي صلعم جن جي مدد ڪئي هئي. پاڻ سڳورن خزيمہ بن ثابت انصاريءَ جي گواهيءَ کي بن مردن جي برابر قرار ڏنو هو. ڪتابن ۾ آهي تہ مصعب بن عمير 173 عزيزن سان گڏجي، هجرت جي وقت مديني ۾ نبي صلعم جن جي مدد ڪئي هئي، جن مان حضرت ابو ايوب النجار خزرجيءَ کي ممتاز حيثيت هئي، جن کي انصار (مددگار) چيو ويو. جيڪي بعد ۾ انصاري (غير قريش) سڏجڻ لڳا. حضرت ابوايوب جي اولاد مان مخدوم محمد مراد انصاري سيوهڻ ۾ رهندو هو، نموني خاطر سندس شجرو، الف واري حصي ۾ عرض رکجي ٿو.

انکيا: ڏيڏن جي هڪ پاڙي جو نالو.

انگر: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

انگريز: برطانيہ جي ملڪ جا رهواسي ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جا مذهبي پوئلڳ آهن.

انگڑا: پڙهيار مسلمانن جو هڪ پاڙو.

انگيزئي: سراباني پناڻن مان عيسيٰ بن ابدال کي بارک نالي پٽ مان ڏهہ پٽ هئا، جن مان هڪ جو نالو انگيز هو، ان جي پنيان پاڙي جو نالو انگيزئي پيو.

انگاريا: اصل ۾ لسبيلي جا بلوچ آهن، جن جون سنڌ جي بين بلوچن سان مٽيون مائٽيون آهن، مٽين مائٽين ۽ روزگار خاطر لسبيلي مان ڪجھ ڏڏي اچي ڪراچي ۽ ان جي آس پاس آباد ٿيا آهن. ڪراچي جي پرسان انگاريا ڳوٺ آهي، جو شايد ان ذات سان نسبت رکي ٿو. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" صفحي 25 تي لکيل آهي تہ اهي بلوچ اگرن (ڪوئلن) جو ڏڏو ڪندا هئا، جنهن نسبت سان هي انگاريا سڏجڻ لڳا.

انمال: ڪمبوه قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. مسلمان ۽ هندو آهن.

انوال: اعوائن جو هڪ پاڙو. هي حسن خان جي اولاد مان آهن ۽ سندن واسطو گولڙن سان آهي.

انو خيل: تري (ترڪئي) پناڻن جو هڪ پاڙو.

انورزئي: سراباني پناڻن جي ڪاسي قبيلي مان آهن، کين "انوري" ب چون ٿا.

اواڻ: اواڻ، پنجاب کان لڏي آيل جت آهن، هنن کي سرائي ب چون ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ "اواڻ" کي سرائين جي هڪ پاڙي مان لکيو آهي، ايس. صادق علي پڻ سرائي لکيو آهي. ڏسو "اعواڻ". اواڻن جو چوڻ آهي تہ اسان "علوي" آهيون. اواڻ، آوان ۽ اعواڻ لفظ ساڳي معنيٰ رکندڙ آهن.

اواڻا: اواڻا سرائي (جت) آهن، هي پنجاب کان ڪلهوڙا دؤر ۾ آيل آهن. اواڻا، اواڻن مان ڦٽل هڪ ذات جو نالو آهي.

اوپاڙا: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو، جيڪي سنڌ جي اتر طرف رهندڙ آهن. سيالن ۾ پڻ "اوپاڙا" آهن.

اوپاياڻي: برهماڻي برن جي هڪ پاڙي جو نالو. ڪراچي جي آس پاس آباد آهن.

اوتار: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

اوٽا: جاڪرن جي همند شاخ جو هڪ مکيہ پاڙو.

اوٽمان پوٽا: سريو خان ولد اوٽيمان برفت جو اولاد آهن ۽ حملاڻي پاڙي ۾ شامل آهن. بارڻ ڪوهستان ۾ رهن ٿا.

اوٽماڻي: قريش جي بني امير خاندان مان هڪ ذات جو نالو (ايس صادق علي صحفو 38)

اوڻ: مسلمان ذات آهي ۽ سنڌ جي اتر طرف رهن ٿا.

اونا: سام ۽ جادم جي اولاد مان سنڌ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪچ جي سمن جو چگو مڙس "نرپٽ" هو، جنهن جي خاندان مان ادو، لاکيار ۽ لاکو گوڙا (1250ع) هئا. لاکو گوڙا کي اٺ پٽ ٿيا، ڦل، لاکو، ساند، وريار، انڙ، موڙو، منهيو ۽ اونو. ان اوني جو اولاد ۽ نسل خالص سما آهن. باقي بين نسلن وارا اونا سميجا ڪل (ملاح) ۾ شمار ٿين ٿا، چاکاڻ تہ جام لاکو گندري زال پرٽيو هو. اونا سنڌ جا سما آهن، جيڪي جام لاکي جو اولاد آهن. جام لاکي بن ڪاهو جي بارهن پٽن مان هڪڙي جو نالو سلطان هو، جنهن جو اولاد

"سلطان اونا" سڏجن ٿا. هڪ ٻئي پٽ جو نالو به "اونو" هو. جنهن جو اولاد "اونا"، "سما اونا" ۽ "صاحب اونا" سڏجن ٿا، جن جو شجرو عنوان جي آخر ۾ شامل آهي.

تاريخ مظهر شاهجهانيءَ جي مصنف يوسف ميرڪ لکيو آهي ته اونا سمات آهن، جيڪي سميجا (ملاح) ڪل ۾ شامل آهن. انگريزن 1911ع ۾ سنڌ جي ذاتين بابت آدمشماري رپورٽ ۾ لکيو آهي ته اونا، سميجا راڄ جا ماڻهو آهن. ساڳي طرح ڪتاب سمات جي مصنف لکيو آهي ته مغلن جي دؤر ۾ سميجا جنگجو هئا. ان وقت "اونا" سميجن ۾ شامل هئا. ايس. صادق علي لکيو آهي ته اونا، انڙ بن سمي جي اولاد مان آهن. ساڳئي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته سمي کي تي پٽ انڙ، ڦل ۽ مناهي هئا، اونا ان مناهيءَ جو اولاد آهن. مطلب ته اونا سمات آهن ۽ هن وقت انڙن جي سرداري هيٺ آهن. نهڙين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "اونا" آهي، هي اونا، لاکو پٽ ڳاهو جو اولاد آهن. ٽئر وارا اونا اڪثر هن نسب سان واسطو رکن ٿا. هي پاڻ کي سما ڄام ٻه سڏائين ٿا. انهن اونن مان ڪيترا اونا جت ٻه آهن. اونن جا خاص پاڙا آهن: 1. سما 2. هميراڻي 3. ريدر 4. لاڙائي 5. ٽلاڻي 6. ڪنداڻي 7. ڪتائي (خطائي).

اونن جو شجرو



اونار: اونار لفظ جي معنيٰ آهي "انن ڄارڻ وارا". هي سنڌ جا جت آهن. هنن جو وڏو لاکو سيائي ڄاموٽ سڏبو هو. بلالاڻي، بهلاڻي، جيئنداڻي، ڄاڪراڻي، ڏڏڪاڻي، زهري، عمراڻي، عيسباڻي، دبائي، للاڻي، مموساڻي ۽ منگهاڻي، اونار جتن جا خاص پاڙا آهن.

اوناڙي: ڪرمتي جتن جي شولائ ساخ جو پاڙو.

اوناڻي: سنڌ جا جت آهن. سمن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ اوناڻي آهي.

اونـر: سمن جو پاڙو آهي.

اونوال: انن وارن کي چون ٿا. جنهن جي اصطلاحي معنيٰ آهي سنڌ جا جت. سمن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "اونوال" آهي. ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" صفحي 270 تي لکيل آهي ته سورج بنسي راجپوتن مان مهاراج کي تمام گهٽا اٺ هوندا هئا، جن سان هي ڏاڍي محبت ڪندو هو. جنهن وجهه تسميه هن کي اونوال - انوال چيو ويو.

اونِي: معنيٰ انن وارا، اٺ ڏارندڙ جت. اوني. انن جي ذريعي مال، سامان ڏوئين ٿا ۽ پنهنجي گذر سفر لاءِ اٺ پالي ان جو واپار ڪن ٿا. اوني سنڌ جا سمات آهن. جيڪي جتن جي قبيلي سان واسطو رکن ٿا. سندن بولي جتڪي ۽ سرائڪي آهي. رهڻ ڪهڻ جا سادا آهن. واڻ ۽ تڏا ٺاهين ٿا. ڪن ڪن حصن وارا خانه بدوش پڻ آهن.

اوچاٽي: هندن جي هڪ ذات جو نالو.

اوڈ: هندو ۽ مسلمان قوم آهي، جنهن جي لغوي توڙي اصطلاحي معنيٰ اڏيندڙ يا جوڙيندڙ آهي. اوڈ متي مان گهر ناهيندا آهن. شاهه عبداللطيف ؒ اوڈن بابت ڪافي بيت چيا آهن، جن مان هڪ بيت هن طرح آهي

اڏيو جـو اوڈن، سـو ڏيـنگهر ڏلو مَ ٽئي،
جنهن پر ويهي ڪن، ليکو لاکي ڇام سين.

اوڈن بابت تاريخ جي اپياس مان خبر پوي ٿي ته اوڈ، دراوڙ قوم آهي، جن جو باني پاڪيرٽ مهراج اوڈ هو. سمورا اوڈ سندس ڪلَ مان آهن. گويا پاڪيرٽ اوڈن جو ڏاڏو هو. بنگلاديش ۾ هڪ ندي جو نالو پاڪيرٽ ندي آهي ۽ هندستان جي مندرن ۾ پڻ پاڪيرت نالي سان بت اڄ به موجود آهن. [1] اوڈن جو اصل وطن هندستان ۾ مارواڙ "اوڈ ديس" آهي، جتان روزگار خاطر نقل مڪاني ڪري اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. جن مان سندن ڏرم موجب ڪافي درويش ٿيا. مثال طور: ڪٽڻ فقير اوڈ، ٽلڻ فقير اوڈ، ڪوجهو فقير اوڈ ۽ ڪرل فقير اوڈ نهايت مشهور آهن. اوڈ هندو ڏرم ۾ ديوئ جا پوڄاري آهن. هي راماپير کي اوتار مڃين ٿا ۽ ان لاءِ (9) ڏينهن (ميڙ) جا ورت رکن ٿا. سندن گهرن ۾ ديوئ جون مورتيون رکيل هونديون آهن. جن جي روزانو پوڄا ڪندا آهن. هنن جي زبان اوڈڪي (پيلن جهڙي) آهي. مثال طور: ٻه جملا پيش ڪجن ٿا:

(1) تون ڪا ڪري تا؟ تون چا پيو ڪرين؟

(2) تڏي ٻاپ چي نا ڪاهي: تنهنجي پيءُ جو نالو چا آهي؟

اوڈ قوم ڪيترن ئي پاڙن ۽ ذاتين ۾ ورهايل آهي. جن مان مکيه ذاتيون ۽ پاڙا هـن طـرح آهـن: 1. گـروڙ 2. سروڻ 3. مجوڪا 4. ڪليها 5. بيروڪا 6. چيپڙوت 7. ڏيوات 8. گڏائي 9. نگيئا 10. چوڙا

---

[1] لاکو ڇام هڪ اوڈڻ تي عاشق هو، جنهن اوڈڻ جي گڏهه تي چڙهي سواري ڪئي هئي.

11. مڌاهي 12. گونڊڙي 13. ڍهاڳ 14. جيٺائي 15. سادي 16. ڏوڏيئا 17. اڏيسي 18. گڙه گٽ 19. پاٽيهيا.

قديم سنڌ جي مصنف، لکيو آهي ته اوڏن جا گهڻائي فرقا آهن. مثلاً راڻوڙ، پرمار، پٽي ۽ چوهاڻ وغيره. پنجاب ۾ وينل اوڏ پاڻ کي راجپوت چوائين ٿا. راجپوت اوڏن مان کافي مسلمان آهن. جيکي لاهور ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا. اها به روايت آهي ته اوڏ، عاد قوم مان آهن. عاد قوم وارا جبلن ۾ گهر ناهيندا هئا. اوڏ به هن وقت گهرن جي اڏاوت جو ڪم ڪن ٿا.

اوڍا: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو. جٽ راجپوتن ۾ پڻ اوڍا آهن.

اَوڍاڻَ: ٿر جي طرف هڪ غير مسلم ذات آهي.

اوڍاڻَا: ايس. صادق علي پنهنجي لکيل ڪتاب جي صفحي 83 تي بنو عباس جون ست شاخون لکيون آهن. جن مان هڪ شاخ جو نالو "اوڍاڻا" آهي. اوڍاڻا، عباسي آهن. ڪتاب "خدايار خاني" جي منڌ ۾ لکيل آهي ته عباسي خاندان جو پهريون فرد "ميان اوڍاڻو"، مڪران ۾ پير طريقت هو. سندس ڪيترائي مريد هئا. اوڍاڻا ان درويش جي اولاد مان آهن. انهي نسبت سان ڪلهوڙن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ اوڍاڻا آهي. ڪن محققن اوڍاڻن کي سمن جي هڪ شاخ (ذات) لکيو آهي. "جامع سنڌي لغات" ۾ ڄاڻايل آهي ته اوڍاڻا ٿر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات آهي.

راقم الحروف کي ذاتين جي تحقيق جي سلسلي ۾ عمر ڪوٽ وڃڻ ٿيو. جتي هڪ اوڍاڻي سان ملاقات ٿي، هن چيو ته اسين جتين ڳنڍڻ وارا مينگهواڙ آهيون. اوڍاڻا سما آهن. ان حوالي سان سندن شجرو پيش ڪيو ويو آهي.

اوڍاڻن جو شجرو





اوڊاڻي: جڪرن جو هڪ پاڙو.

اوڊَرَ: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو آهي. هي پيڻ سين جو اولاد آهن. پيڻ سين بن ڏهر کي ڏهه پٽ هئا، جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "اوڊر" هو. جنهن جي اولاد پان کي ذات جا "اوڊر" سڏايو. تفصيل لاءِ ڏهرن ۽ جوٽن جو شجرو ڏسڻ گهرجي. هڪ ٻئي حوالي موجب نهڙي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "اوڊر" آهي.

اوڊَيجا: سَمَا قبيلي جي هڪ ذات جو نالو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو "آڊيجا".

اَوراڻي: سُوري لند بلوچ قوم جي هڪ پاڙي جو نالو.

اَورپَتي: سنڌ جي هڪ قديم قبيلي (ميد) جو نالو.

اَورَڪَ خيل: فوفل پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

اورڪ زئي: ڪيراني پناڻن جو هڪ پاڙو. هڪ ٻئي حوالي موجب اورڪ زئي، بنگش پناڻن جي هڪ شاخ آهن. جن جا خاص پاڙا آهن: اسماعيل زئي، دولت زئي، علي زئي، لشڪرزئي، محمد بائي (شيعہ) ۽ مسوزئي.

اَورماڙي: ميدن جي هڪ پاڙي جو نالو. جيڪي پاڻ کي افغان چوائين ٿا.

اَوڙاٽي: ٻُرڙا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو. هي خيرپورميرس طرف رهندڙ آهن.

اوزبڪ: ترڪيءَ جي هڪ تاتاري قبيلي جو نالو. ڪراچي شهر ۾ رهندڙ آهن.

اَوسَتا: ذات جا سومرا آهن. هي وڏڪي ڪم جا ايترا تہ ماهر ۽ ڪاريگر هئا. جو کين ان ڪم جا استاد ۽ اوستا سڏيندا هئا. جنهن ڪري پاڻ ذات جا "اوستا" سڏجڻ لڳا. هن ذات جي پنڌيان جيڪب آباد ضلعي ۾ اوستا محمد جو ڳوٺ پڏل آهي. الحاج در محمد اوستي، سابق وزير سان ڪيترائي دفعا ملاقات ٿي هئي. هو سومرن کي مائٽ چوندو هو. ۽ چوندو هو تہ اوستا. سومرا آهن. [1]

اَوسَرَ: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

اَوسواڙَ: هندو ذات آهي. هي ٿر واري علاقي ۾ آباد آهن. روزگار خاطر سنڌ جي ڪن شهرن ۾ پڻ آباد آهن. اوسواڙن جون ٻيون ٻہ ذاتيون ۽ پاڙا آهن. جيڪي هن طرح آهن: ڏاڻي، وورا، گانڌي، گرڊيرا، تيمان، مدار، ڪُل، ڪُڻبيا، وڏيرا، لالڻ، مهنتا، ويگڙ ۽ ڪانڊيا.

اوسوال: بنيا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو. ماروار جي هڪ ڳوٺ "اوسيا" جا رهواسي هڻڻ ڪري "اوسوال" سڏجن ٿا.

اَوسيڙا: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. ننڍي شهر جا "اوسيڙا"، شيخ سڏجن ٿا.

اَوسَيلا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

اوڪائي: هندستان مان آيل ميمڻن جي هڪ ذات جو نالو.

اَوگامَ: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

اَوگاهي: لفظ جي معنيٰ آهي شاهدي ڏيڻ يا اوگاڙي ڪرڻ. سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

اولا خيل: آفريدي پناڻن جو هڪ پاڙو. ميمنا خيل ۽ زخا خيل هن مان آهن.

اولک: جٹ راجپوتن جو هڪ پاڙو.

---

[1] روبرو ملاقات مخدوم محمد مراد صديقي وٽ 1968ع ۽ 1994ع ۾ ٿي.

اوليان: هندو جٽن جو هڪ پاڙو. اهلاوت. جون ۽ بيرما هن جا پائر آهن.

اَونَاڻِي: جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. ڪن جاين تي هي اونائي به سڏجن ٿا. هي منهون راج جٽن ۾ شامل آهن

اونٽوال: ڇهڙن جي هڪ پاڙي جو نالو.

اونراڻي: ڪوسن جو پاڙو. جيڪب آباد ۾ رهن ٿا.

اونگر: هڪ مسلمان سمات ذات. هن ذات جي ٻنيان جهڙڪ شهر (تعلقو نٽو) جي پرسان نيشنل هاءِ وي تي هڪ ڳوٺ آهي.

اَويسي: مسلمان سمات ذات آهي.

اهلاوت: جيپور ۽ سانيڙ جي چوهان راجپوتن مان جٽ (جت) آهن. اوليان. جون. بيرما ۽ اهلاوت پان ۾ پائر ٿين. هي هندو آهن ۽ سڌو ديپ جا ٻوچاري آهن.

اهلو واليا: سکن جو پاڙو آهي. هي ساڌو سنگهه جات (جت) جو اولاد آهن. جو اهلو ڳوٺ جو ڪلال هو

اَهير: سنسڪرت لفظ "اِيير" مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ اهي ڳئوار. هي ٿر ۾ رهندڙ گهٽ ذات واري هندو آهن. جيڪي اوڇين ذاتين وارن هندن جا ڳئوار ۽ خدمتگار آهن. ٻيا اهير گهٽ ذات واري (ينگي) سنجاب جا رهاڪو آهن. اهي به غير مسلم آهن. ليڪن انهن مان ڪجهه مسلمان به ٿيا آهن. ٻر پنهنجي اصلوڪي ذات "اهير" سڏائيندا آهن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سندي لغات" ۾ سرائي، جا جيڪي پاڙا لکيا آهن. انهن مان هڪ پاڙي جو نالو "اهير" ڄاڻايو آهي. ڊاڪٽر الهرکئي پٽ ڪتاب "سمات" صفحي 88 تي لکيو آهي ته اهير پنجاب کان آيل سرائي ۽ جت آهن. جيڪي پاڻ کي سمات سڏائين ٿا. اهير. ڪجر. جدگال. گهوسي ۽ گوالا جٽن سان واسطو رکندڙ ذاتيون آهن. سمن جي تاريخي حوالي مان معلوم ٿئي ٿو ته "اهير" سمن مان آهن. هڪ پراڻي چوٽي آهي ته:

ٻٽيهه گهر سمڪا، تن ۾ ارڙهن ٿيا اهير،
انهن ۾ ٻه چوڪا ٿيا چار،
سنڌ سمون، ڪاڇي ڇنو، پٽي جيسلمير،
تن آتاهون جعدو، جنهن جو گاديءَ (اڳ) متي پير.

چوٽيءَ مان ثابت آهي ته اهي سما خاندان مان آهن. گورنر رٽائرڊ جنرل موسي پٺ اهيرن مان هو. ڪتاب دائرہ معارف اسلام صفحي 97 موجب "اهير"، راجپوت آهن. اهيرن جا خاص پاڙا آهن. جادوبنس. گوال بنس. نند بنس ۽ ڪوسالي. چوٽي آهي ته رندي. بنيا ۽ اهير بي رحم آهن.

اياڻي: چنن جي هڪ پاڙي جو نالو. پنهوارن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "اياڻي" آهي.

اينڙا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

ايرقاڻي: سنڌيا ذات جو پاڙو آهي. ٽنڈي محمد خان طرف رهندڙ آهن.

اَيري: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو. چون ٿا تہ ايري، لوهار ۽ ڪوري ذات مان آهن.

اَيزدي: رند بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ايسام: مزاري قبيلي جي رستمائي پاڙي جي هڪ شاخ. جن کي ذات جا ايسام بلوچ چون ٿا.

ايسَرَ: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

ايسراڻي: هندو قوم جي هڪ ذات. جن جو واسطو لهاڻن جي "ماکيجا" نک سان آهي. هنن کي اروڙ ونسي بہ چون ٿا. هي ديوان ايسرداس جو اولاد ٿين. هنن جو خاص ڏنڏو واپار ڪرڻ آهي. اهي اڪثر سنڌ جي واپاري شهرن ۾ آباد آهن. ٽاڻي بولا خان، ٽاڻي احمد خان، سَري ۽ عمر ڪوٽ ۾ هنن جا ڪافي گهر آهن. هينري پاٽنجر ڪتاب "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ۽ سفر" ۾ بروهي قوم جا اٽڪل 85 پاڙا لکيل آهن. انهن مان هڪ پاڙي جو نالو "ايسراڻي" آهي.

ايلاڻي: لسبيلي جي ماندڙن مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. ڪتاب "بيلاين جا بول" (صحفي 54 ۽ 55 تي) جاڻايل آهي تہ ماندڙي کي هارون پٽ مان الهيار، الهيار مان ننگر، ننگر مان ندام، ندام مان هارون، هارون مان الهيار، ان مان ايوب، تنهن مان زهرو، تنهن مان جنگلي، تنهن مان هارون، ان مان بيگ، ان مان ايوب، ان مان الهيار، ان مان ايلو نالي پٽ هو، جنهن جي نالي سان "ايلاڻي" پاڙي جو نالو پيو.

ايلچاڻي: چانديا بلوچ قوم جي مارفاڻي پاڙي مان هڪ قبيلي جو نالو.

ايلياسي: هندو لهاڻن جي "ماکيجا" نک مان ايسراڻي آکهه جي، ايلياس ڳوٽ جا هندو رهواسي.

اَيوب پوٽا: شاهوکن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ايوب خيل: ڪاکڙ، پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

اَيوب زئي: سراباني پناڻن مان فوفل قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

نوٽ: متي بيان ڪيل ذاتين کان سواءِ بيون بہ ڪافي ذاتيون ڪتابي بيانن ۾ ملن ٿيون. ليڪن انهن جي وجود جي خبر نہ ٿي پوي، جنهن ڪري اهڙين ذاتين کي تحقيق هيٺ نہ آندو ويو آهي. اهڙين ذاتين ۾ آٽارا، آنور، آجهڙيا، آڏوتي، اباڻا، ابريا، اپن، اچا، اچڙيا، اڇڻاڻي، اگهام، اليا، امڙيا، اوپاڻا، اوجڙ اورڙ، اويسر، اهنواڻ، آسودا، آتاڻي، اڳواڻ، آنور، املي، امهڙا، اجڙي، اينون، ايريا، اڪياري، آدم خور، انڌاڻي، اذيڪا، آديسي، اٽند، اوطاقي ۽ اوپايا وغيره شامل آهن.


حضرت علي رضه
حضرت محمد بن الحنيفه (ابو القاسم محمد الاكبر)
جعفر الاصغر اول (عبدالمنان سكندر شافي)
عبدالله راس المذري لقب شاه بطل غازي
جعفر ثاني لقب شاه ملك آصف غازي
عبدالله لقب مير شاه غازي
جعفر ثالث لقب شاه محمد غازي
زيد الطويل لقب طيب غازي
الحسين لقب مير طاهر غازي_ سلطان حسين شاه
مير شاه عطاء الله شاه غازي امان شاه
مير ساهو سالار
سالار مير قطب حيدر (پيدائش 385ھ)
مير سيف الدين
عبدالله گولڙو
محمد كندلان
مزمل علي كلگان
جهان شاه عرف دُريتيم
زمان علي كوكر
نجف علي
فتح علي
مير قطب حيدر
قطب حيدر
عبدالله
محمد كندلان گل شاه
احمد علي
لقب بدر الدين (9 پائر)
مسكن شاه
بديع شاه
بدهو
فيروز
مالك خان
فتح خان
احمد علي
امير خان
عنايت خان
محمد علي
نادر علي
سلطان محمود علي
محمد محسن علي
محمد نور علي
بڏو
سچڻ
وگهر
جيسر
محمد عثمان بڏو
محمد يار علي
حضرت عباس علمبردار
عبيدالله (عبدالله)
حسن
حمزه
جعفر
علي
قاسم
طيار عباس علوي
حمزه
يعلي
عون قطب شاه قادري
(اولاد اعوان)



1. مير قطب شاهہ. محمود غزنويءَ جي دؤر ۾ برصغير ۾ آيو هو.
2. قطب شاهہ ڇار شاديون ڪيون هيون. جن مان ڪيس يارهن پٽ ۽ ٽي نياڻيون هيون.
3. قطب شاهہ جو اولاد. قطب شاهي اعوانَ سڏجي ٿو.
4. اعوانَ. علوين مان آهن. ان ڪري ٻئي شجرا ڏسڻ گهرجن.


انڊيڙن جو شجرو
جئي رام
اندر عرف انڊيڙ
جيئو
محمد
وجيهه الدين لا ولد
احمد
نهال
محمداني
جنداڻي (بشماڻي)
وجيهه الدين
اولاد جياڻي انڊيڙن جي پڳ هن خاندان تي آهي.
گنبڙا
عاراني
قادر ڏنو
پچاتي
ڇٽاڻي
جماڻي
بگهاڻي
بانبر
آدماڻي
لڏهڙ
بادري
ٽوپڙي
دروگي
درامني
منڊلوئي
ڪوڏڙي
ڏوند (سنڌ ۾ جياڻي)
خير محمد
علي شير
ڪريم ڏنو
خضراڻي
خير محمد دوم
حارف
رحيمداد
1. عيسيٰ
معروفاڻي
الهداداڻي
1. قندرا
1. جملا
2. عيساني
عاداني
ساجناڻي
2. سومراڻي
2. مهراڻي
3. پرتاڻي
عدراڻي
3. جهورا
3. گونگائي
4. مومنائي
آدماڻي _ نورنگاڻي
4. گجاڻي
4. بکراڻي
5. شيدائي

انڙن جو شجرو


حضرت نوح عليہ السلام
سام
پرت / پاڳرت / پاڳرت
دمره/ ڏمره/ ديره/ڏيره
اجيپر/اجيپار
رام
زال کسيلا/ڪشيلا/ ڪوشيليا
لواکس/نواکس
اتت / انت
تتت / سرگنت / نرگنت
ڪن
هن ڪنِ جو شهر ٻڌايو هو
راجا سنبوت
هي سيوهنَ م سڪندر اعظم سان لڙيو هو ۽ شڪست کاڌائين
سامِ


جادو بنسي راجپوت
جادم
هسپت
(سنڌ جي سمن جو ڏاڏو)
گجپت
پوپٽ
چوڙو
اولاد سنڌ جا سما
(اولاد چغدا _ ملاح ۽ راجپوت)
(اولاد پٽي راجپوت)
اولاد چوڙا سما
ابدري / زبدري
نيت/نيٽ/ نريٽ
راٽو نوتيار/ راٽيڏر
اوڏو / اودها
ادھ / اوڏ / اڏو
لاکيار/ لاکير
جام لاکو
نٽي جي گندري زال مان اولاد
باشاھ تيو ۽ ٻ شاديون کيائين
مناهيو
قل لاکو
چٽو/ چتو
انڙ
(انڙن جو پڙ ڏاڏو)
ساند
وڙياه
لاکو
سمون


ڪاڪ جو مسلمان حاڪم ۽ مسرقن جو سردار
(اولاد ڪاڪيپوتا)
ڪاڪو
جياند
جڪرو/جاڪرو
(مسرقن جو سردار) پلي
رائدن / رائيڏڙ / رائڏنو
(اولاد سيميجا) سمون
نوتيار
لاڪو
ابڙو
ناهيون
چنيسر
مناهيو
ڪونئرو
(قوم سردار)
پلي
قل
مناهي
انڙ
(انڙن جو ابو)
پسايو
سارت
ڏيٽو
جاڙو
(قوم سردار)
ساند
جوڪيو
راڄڙ
ڏيپر
پلهه
قل
ڳنيپير
تانتر
هڳورو
سهتو
مهتر
گام
چنو
واهڙڪي نو
چاچڙ
ٽيبو
پيو
چچر
واهڙ
جاڪرو
پيو
هالو
هوڏي
صاحب
ڪور
منگواڻو
ڳاهو
تير
ابڙو
رامديو
رونجهو
ڪاڪو
بهڙ/بهمڙ
چغدو/چغ
اچڙ
ڳگهيو
برو
بهڙ
جوڻيجو
ڏاهري
راڄڙ
ڪيهر
ڳاهو
گهلو
راڄپر
وساڙ
چنو
ڏهريو
هاليجو
ارادينج
پنجابي
واتڙا
مبيجو
وسڙ
شورو
پاڻوجو
پنيرو
راهو
نره
هوڏي
انڙ
ابڙو
ڪيبر
دل
جوڻيجو
سنگراسي
ڪيريو
راڄپر
ملاڻو
منگسي
ٽيبو
جام هوڏي
حبو
راهو
جام هاپر


کیریو
سمون
پاٹو
جاڑو
جوجو
کنر
برند
جوکیو
ڈھر
پریو
سنگراسي
پینسین
گاهو
پنپرو
سپڑ
پتڑ
لوڈر
اوڈر
وراٹیو
جوٹو
ماهي
چچڑ
راچڑ
سمون
تگاچي
ڈیرڑ
رکڑ
ساهیو
میر
مهندو
لنجو
چام جوٹو
چام راهو
اولاد راهوجا
ام گڑها عرف چام راهو یا کرراهو
چام لاکو
چام کاهو
چام لاکو


چام جوٹو
(سنڌ جا چام حاڪم هن جو اولاد آهن).
چام انڙ
(بي اولاد)
ڪاهو
پلي
اونڙ
جيسر
ابڙو
هگورو
منگر/همنگر
رائدن
سلطان
لاڪو
ڪهوريو
تاجيو
ابڙو
بلوچ
چام بابينو عرف پنيو
ملڪ راهو
چام جوٹو اول عرف علاؤ الدين
سنڌ جي نڻي جو پيو حاڪم هن
کي فيروز تغلق قيد ڪيو.
چام انڙ اول عرف فيروز الدين شاهه. سنڌ نڻي جو پهريون حاڪم
جنهن سيوهڻ ۾ ملڪ رتن کي قتل ڪيو 1351ع
ملڪ زائڈنو
ملڪ راهو
ملڪ انڙ
ملڪ راڄ پال
چام تماچي اول عرف رڪن الدين شاهه نڻي جو حاڪم.
چام بابينو عرف صدر الدين. فيروز الدين تغلق هٹان قيد ٿيو.
چام خير الدين چام فيروز الدين عرف چام توگاچي.
چام بابينو ثاني
چام تماچي ثاني
(نوري گندريءَ جو مڙس)
چام صلاح الدين
چام علي شير
چام سڪندر
چام ڪرن
چام بهاؤالدين
عامر /امر


چام نظام الدين اول
مخدوم ادريس سمون
چام انڙ
چام فتح خان
چام سڪندر (پيءُ جي وفات بعد چائو
چام علي شير
مخدوم حسن سمون
چام بابينو عرف پنيو
چام سڪندر
چام تغلق
چام ڪرن
مخدوم بلال باغباني شهيد،
شاهه بيگ / حسن بيگ ارغون هٿان قتل ٿيو
چام نظام الدين عرف نندو
چام سڪندر
چام تماچي
(سما سلطنت جو آخري حاڪر هو. هن926هـ / 1520ع ۾
شاهه بيگ ارغون هٿان شڪست کاڌي ۽ انڙ سما حڪومت جو خاتمو ٿيو)
چام فيروز شاهه
چام تغلق
چام سڪندر
چام فتح خان
چام سنجر
چام نندو
چام ابراهيم
چام الهڏنو
چام بايزيد
لسبيلي جي چامن جو سلسلو هلندڙ.
(لاکا قوم ۽ سميجا، ڪُل مان انڙ سما چام آهن. جي عام طرح سان سما
۽ انڙ سڏجن تا. وڌيڪ لاءِ "سما" قوم جو شجرو پڙهڻ گهرجي).

انصارين جو شجره (نموني خاطر)

كُليب النجاري (مالک بن نجار)

زيد (الازري/ مالکي)

حضرت ابو ايوب خالد انصاري خزرجي رضہ (والده هند) (وفات 52 هـ قسطنطنية)

محمّد | عبدالرحمان | ابو منصور | متّ ايوب | عمرة

اشعث

شرجيل

مقدوم

جنيد

ثعلبہ

متّ

اشعث عرف امام

سالم

حسان

ابو عوف

مالک

محمد خالد

محمد جابر

عبدالله
محمد انس
عبدالرحيم (قراء)
حاجي عبدالرحمان شهيد
(قاري)
محمود عرف حافظ ممون
(همعصر مخدوم عبدالواحد كبير سيوستاني)
حافظ محمد يعقوب (عرف قاري)
محمد مراد انصاري
(شاگرد مخدوم محمد هاشم ٹٹوي)
غلام حسين
غلام قادر عرف پليڈنو
محمد علي عرف ڈاتر ڈنو
موليڈنو
احمد علي عرف غلام رسول
ممد حسين عرف (والي ڈنو)
محمد حامد عرف محمد محسن
عبدالله عرف علي اسد
شيخ محمد عابد انصاري عرف محمد حسن
عبدالرحمان
عبدالله

اونڙ جو شجرو


لاکيار (لاکير)
جام لاکو
(بادشاهه ٿيو)
(زال نٽي جي گندري)
انڙ
لاکو
سمون
ڪاڪو
(ڪاڪ جو مسلمان حاڪم ۽ مسرڻ جو سردار)
(اولاد ڪاڪيپوٽا)
پلي
سمون
رائڻڙ/ راڻڙ/ رائڻنو
پلي
ساند
جام هوڙي
جام هاپر
جام جوڙو
جام راهو عرف جام گڙها
جام لاکو
جام ڪاهو
جام لاکو
سمون
(اولاد سميجا)
مناهي
قل
انڙ
مناهيو
مناهيجو
دَلَ
اونو
ڏيڏو
لنجو
(اولاد اونا يا سما اونا)
سلطان
اونو
اونو
اولاد اونا
اولاد سلطان اونا

ب

بَابَرَ: کيتران بلوچ جي ماءُ پناڻي هئي. جنهن سڪ مان پناڻ جي نسبت سان هڪ پٽ جو نالو بابر رکيو. جنهن جي پنيان کيتران بلوچن جي هڪ پاڙي ۽ ذات جو نالو "بابر" پيو. پناڻ قوم ۽ افغانن جي هڪ پاڙي (شيراني) جو نالو پڻ بابر آهي. سَمَا قبيلي جي هڪ ذات جو نالو بہ بابر آهي. سنڌ جا ٻير (جت) ڪراچيءَ ۾ اڪثر ڪري پاڻ کي "بابر" چوائين ٿا.

بَابَر الياس لَکياني: سيراني (افغاني) پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو. کين بابر الياس خخياني بہ چوندا آهن.

بَابِراٹي: ڪَلوڙن، رندن، بڙدين، چانديين ۽ ڪلمتين جي هڪ پاڙي جو نالو. بابراٹي ڪلمتي رندن جو شجرو هن طرح آهي.



بَابرائي: بلوچستان جي جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بابرچ: دراني پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بابڙ: پناڻن جو پاڙو آهي. جيڪي شڪارپور ضلعي ۾ رهن ٿا.

بَابڙا: سما قبيلي جي هڪ پاڙي ۽ ذات جو نالو. هي ابڙن ۾ ٿا اچن: درويش زڪريا اگهم ڪوٽي، مخدوم نوح جو خاص خليفو ۽ بزرگ هن پاڙي مان هو (بحوالہ ڪتاب مشاهير سنڌ صفحو 2 ۽ 30). هندن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بابڙا" آهي.

بابڑاٹي: سما قبيلي جو پاڙو آهي، جن جا ڪجهه گهر ٺاٽي بولا خان ڪوهستان ۾ رهندڙ آهن.

بابڪي: بروهين جي پاڙي جو نالو.

بابلاٽي: ڪوسن ۽ ملاحن جي هڪ پاڙي جو نالو. بڙدي بلوچن جي سندراٽي پاڙي مان هڪ ڳريءَ جو نالو پڻ "بابلاٽي" آهي.

بابڙ: راهواٽي نهڙين جو هڪ پاڙو.

بَابواٽي: جمالين جي هڪ پاڙي جو نالو. بڙدي بلوچن جي سندراٽي شاخ مان پڻ "بابواٽي" آهن.

بابوزئي: يوسف زئيءَ مان اڪوزئي. انهن مان بائيزئي ۽ انهن مان "بابوزئي" پناڻ آهن.

بابولاٽي: گورچاٽي بلوچن جي خليلاٽي پاڙي مان هڪ ڳريءَ جو نالو. ساڳي طرح بڙدين جي سندراٽي قبيلي مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو "بابولاٽي" آهي.

بَابي: سَما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

بَاپَاٽِي: دومڪي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

باپڙا: ٽر ۾ رهندڙ هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو.

بَانَا: چاچڙ قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. "دايا" ذات جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بانا" آهي.

باپراٽي: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

باج: جٽ (جت) راجپوتن جي "ڊلو" شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو.

بَاجارا: عرب کان آيل مسلمانن جي هڪ ذات. تفصيل لاءِ ڏسو "باجر"

بَاجَاٽِي: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو.

بَاجَائِي: هڪ سماڻ ذات جو نالو.

بَاجَرَ، بَاجَارَ (بَاجارا): بَاجَرَ يا بَاجَار پاڻ کي بني حاڪم جو اولاد سڏائين ٿا. هي اصل ۾ عرب آهن جيڪي تبليغ جي سلسلي ۾ سنڌ آيا ۽ اتي ئي آباد ٿيا. تعلقي سيوهڻ ۾ منچر ڍنڍ جي ڪپ تي هڪ پراڻو شهر (ڳوٺ) آباد آهي، جيڪو "باجارا" يا باجلا قوم وارن اڏايو هو. جن مان هن وقت استاد محمد حسن باجاري مشهور آهي. محمد بن قاسم جي دؤر بابت لکيل تاريخن ۾ هن ڳوٺ ۽ ذات جو ذڪر نهايت تفصيل سان ڏنل آهي. بَاجَر ذات جا خاص پاڙا احمداٽي ۽ پائيداٽي آهن.

مخدوم نوح هالن واري چار شاديون ڪيون. جن مان هڪڙي شادي ترڪي مغلن جي "باجر" پاڙي مان ٿيل هئي. معلوم ٿئي ٿو ته باجر، مغل پڻ آهن. باجارن جي باجر پاڙي جا ڪجهه گهر هن وقت پاڻ کي مغل

چوائين ٿا. جن مان غوث محمد مغل مشهور آهي.

باجِرَ: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو باجر آهي. بَاجِر لفظ ۾ تغير سبب باجَر ۽ سڏجن ٿا. ليڪن درست "باجِر" آهي. هن ذات جا خاص پاڙا نوتيار، راجا، سيال ۽ ويسر آهن.

بَاجِڑَ: هڪ سمات ذات جو نالو.

بَاجَڪاڻي: لاشاري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. سنڌ ۾ رهندڙ بڙدي بلوچ قوم جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بَاجڪاڻي" آهي. بڙدي باجڪاڻي، بجاراڻي شاخ مان آهن. لاشاري باجڪاڻين جو مورث اعليٰ "باجڪ خان" هو. هنن جي سرداري پڳ پڻ بليدي بجاراڻي وٽ آهي. هڪ تحقيق موجب باجڪاڻين (لاشارين) جو شجرو هن طرح آهي.

باجڪاڻين جو شجرو



باجُوا: (بجو) هڪ مسلمان ذات جو نالو. ڪتاب "شاهان گوجر" ۾ لکيل آهي تہ "باجوه". راجپوت جتن مان آهن ۽ ڪرل پڻ هن شاخ سان واسطو رکن ٿا. هيءَ سورج بنسي راجپوت نسل مان راجا شيلپ جي پٽ ڪلس ۽ ليس جي اولاد مان آهن. ليس، "جمونءَ" ۾ هڪ راجپوت چوڪَريءَ سان ۽ ڪلس پسرور ۾ هڪ جٽ جي ڏيءَ سان شادي ڪئي هئي. جنهن ڪري سندن اولاد راجپوت، باجوا ۽ جٽ سڏجي ٿو. "راءَ جيسن" هنن جو ڇگو مڙس هو. هنن جا رسم و رواج ساهي ۽ ڇيما جهڙا آهن.

بَاجُوخيل: لوڏي ۽ ڪاڪڙ پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَاجَوڙ: بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَاجوزَئي: بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو. لوڏي پناڻن ۾ پڻ "باجوزئي" آهن.

بَاجَوئِي: بروهي قوم جي زهري پاڙي مان هڪ قبيلي جو نالو آهي. "باجو"، زهريءَ جو پٽ هو ان پنيان "باجوئي" سڏجن ٿا. سندن چگو مڙس سبزل خانزئي هو.

باجي پوتا: نومڙيا ذات جو پاڙو. جيڪي نوابشاھ (60 ميل) ۾ رهن ٿا. نٽي ۾ رهندڙ جاکرن جي همند شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "باجي پوتا" آهي.

باجيد: راجڙن جو هڪ پاڙو.

باچِڪاڻي: مسلمان سمات ذات جو هڪ نالو. جيڪي نٽي ضلعي ۾ ڪاري طرف رهن ٿا ۽ ملاحن جي اوڙڪ ۾ شامل آهن.

بَاخِلاڻي: بگٽي بلوچ قوم جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَادا: مسلمان ذات آهي. نهايت ٿورائيءَ ۾ رهن ٿا.

بَاداڻِي: بروهين ۽ ملاحن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

بادل زَئي: بابرچ افغاني پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

بادي خيل: يوسف زئي پناڻن جو هڪ پاڙو.

بَادين پوتا (بادين پوتا): لسٻيلي جي جاموٽن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

بادين زئي: مينگلن جو پاڙو آهي. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" صفحي 129 موجب بادين زئي، "ساتڪزئي" قبيلي جو پاڙو آهي.

بارازئي: محمد زئي پناڻن جو هڪ پاڙو.

بَاران زَئِي: بَنگلزئي بروهين ۽ قمبراڻي بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. مينگلن ۾ پڻ "باران زئي" آهن.

بَارَ جنگ: بلوچستان جي جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَارک زَئي: دراني (ابدالي) افغاني پناڻن جي هڪ قبيلي جو نالو. زرڪ بن عيسيٰ کي بارک نالي پٽ هو. ان جي نالي سان پاڙي جو نالو "بارک زئي" ٻيو. بارک زئي جوڻ ٻيون ٻہ ڪافي شاخون آهن. جن مان بارک زئي، عبدالله زئي، اچک زئي، انگوزئي، هيسب زئي، ڪارجي، محمد زئي، نصرت زئي، نورالدين زئي، شيرازئي ۽ سندر زئي مشهور آهن.

بَارگاٹي: جتوئي بلوچن جي هڪ پاڑي جو نالو.

بارگوجر: سورج بنسي راجپوتن مان راجا رامچندر جي پٽ "لاوا" جي اولاد مان آهن. هنن جو شمار بہ راجپوتن جي چٽيهہ شاهي خاندانن ۾ ٿئي ٿو.

بَارميرا: هندن جي ذات. جيڪي اصل ۾ "باهڙ ميرَ" جا رهاڪو هئا. اتڪل بہ صديون اڳ لڏي اچي ٽر ۾ رهيا.

بارناٹي (برناٹي): ڪوسن جو هڪ پاڙو.

بَارڻ: ڪوهستان ۾ رهندڙ هڪ سماٽ ذات جو نالو آهي. بارڻ نئن تي رهڻ جي نسبت سان "بارڻ" سڏجن ٿا.

باروزئي: هڪ غير سماٽ مسلمان ذات آهي. هي سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

باروزي: افغانن جي "پَنِي" قبيلي جو هڪ پاڙو. سنڌ ۾ ڪافي هنڌن تي رهن ٿا.

باريا: سورج بنسي راجپوت شاخ مان راجاڪرن جو اولاد آهن ۽ راجپوت سڏجن ٿا. چندر بنسي راجپوت شاخ مان راجا "مل" جو اولاد جٽ (جت) چوائين ٿا.

بَارِيجَا: بلوچستان ۾ رهندڙ جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. سنڌ ۾ ملاحن ۽ مهاٹن جي هڪ ذات جو نالو پڻ باريجا آهي. لسبيلي طرف ويندل چنا قوم وارا چون ٿا تہ اسان باريجا آهيون. باريجا ذات جو نالو بن سببن ڪري پيو آهي. پهريون تہ هي باري نالي ماٹهوءَ جو اولاد آهن ۽ بيو تہ بار کڻندڙ وهٹ ۽ لاڏو اٹ تي جيڪي ماٹهو ڪرت ڪندا هئا. انهن کي ذات جا "باريجا" چيو ويو.

بَارِيچَا: باريچا يا باريجا سنڌي سماٽ آهن. 1911ع واري هندستان جي آدم شماري موجب باريچا (باريچا) سَما قبيلي جي فهرست ۾ ڏيکاريل آهن. سنڌ جي دادو ضلعي ۾ هنن جا وڏا وڏا ڳوٺ آهن. ٹاٹي بولا خان وارو علاقو سندن رهائش کان مشهور آهي. ڏکر ۽ بيروزگاري سبب ڪجهہ سنڌ جي اندرين حصن ۾ ۽ ڪجهہ لسبيلي جي دريجي واري پاڳي ۾ آباد ٿيا آهن. باريچن جو خاص ڏنڏو مال پالڻ. مال جو واپار ڪرڻ ۽ پوک ڪرڻ آهي. چوٹي آهي تہ "وڪا ۽ باريچا پاڻ ۾ قريب ۽ شريڪ ٿين". باريچا. حضرت لعل شهباز جا مريد ۽ معتقد آهن. سندن وڏو ڏاڏو. تحمل سببان "باري" سڏبو هو ۽ پوءِ سندس اولاد "باريچا" سڏجڻ لڳو. لسبيلي ۾ باريچا. فقير گهر ليکيا وجن ٿا. هنن جا مکيہ پاڙا آهن. 1. براهم پوتا 2. عمر پوتا 3. شيش پوتا 4. غيبي پوتا 5. صدر پوتا 6. محمود پوتا 7. حمل پوتا 8. برڙ پوتا 9. ريحاڻ پوتا 10. وڪا 11. چاريجا.

بَاڑو خيل: لوڏي پناٹن جي هڪ پاڙي جو نالو.

باڑي خيل: آفريدي پناٹن جي زخاخيل قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو.

بَازَ: مسلمانن جي هڪ غير سماٽ ذات جو نالو.

بَـازَاڻـي: بوزدار بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـازدَار: مسلمانن جي هڪ غير سمات ذات جو نالو. بازن جو شڪار ڪرڻ سبب بازدار سڏجن ٿا.

بازراڻي: ڪليرين (جتن) جو پاڙو آهي. هي سرائڪي ۽ جتڪي زبان ڳالهائين ٿا.

بَـازمَـاڻـي: ڪوسن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـازَئي: قيس عبدالرشيد پناڻ جي پٽ جو نالو بتن. ان جي پٽ جو نالو شرحون. ان جي پٽ جو نالو مياڻو ۽ ان جي پٽ جو نالو حسين هو. حسين کي ڇهه پٽ هئا. جن مان هڪ جو نالو "باز" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي "بازئي" سڏايو.

بَازي: ڪرمتي جت بلوچن جي احمداڻي شاخ جي هڪ پاڙي جو نالو.

بازيگر: گورچاڻي (رند) قبيلي جي هڪ شاخ آهي. جيڪي "بازيگر بلوچ" سڏجن ٿا. ڪن جاين تي هنن کي "بازگير" پڻ چون ٿا. بازيگر پاڙي جون مکيه ڪريون. ميرواڻي (موپراڻي)، پياداڻي (پياواڻي)، دولالاڻي ۽ براهماڻي آهن. بازيگر. پنتي پيل هڪ قوم آهي. جيڪي پنهنجي گذر سفر خاطر کيل تماشا ڪن ٿا.

بَـاسَـو زَئي: بابرج افغاني پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـاسِـي خَـيل: آفريدي پناڻن جي اڪاخيل قبيلي جو هڪ پاڙو.

بَـاغائي: هڪ غير سمات مسلمان ذات جو نالو. صحرائي سيدن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "باغائي" آهي.

بَـاغـدار: رندن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـاغياڻي: چانديا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـاقَـر: دل ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـاقرپوتا: هڪ مسلمان سمات ذات (دل) جو نالو.

بَـاقـراڻي: هڪ غير سمات مسلمان ذات جو نالو.

باقل پوتا (باقيل پوتا): متياريءَ جي حسيني سيدن جو پاڙو آهي. هي سيد زڪريو عرف ڪڙئو جو اولاد آهن. ڪڙياڻي ۽ ڏتوريا پڻ هنن مان آهن. وڌيڪ لاءِ متعلوي سيدن جو شجرو ڏسڻ گهرجي.

بَـاقل زئي: خرشيون افغاني پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

باقياڻي: لغارين جو هڪ پاڙو.

بَـاكَـا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بَـاكڙا: لسبيلي ۾ رهندڙ هڪ سمات ذات. جيڪا اصطلاحي طرح لاسي قوم ۾ شمار آهي. باكڙا. "بُـرا" آهن. هنن مان باكڙو شاعر تي گذريو آهي. باكڙا روزگار خاطر سنڌ ۾ آباد آهن. ڪتاب "بيلاين جا بول" ۾

جاڻايل آهي تہ باکڙا، بزنجو جي اولاد مان آهن. سندن خاص پاڙا: 1. علي پوٽا 2. زنگي پوٽا 3. مهوند پوٽا ۽ 4. سحاق پوٽا آهن. پاڙن جا نالا سندن اولاد پنيان پيل آهن.

باکڙو: بلوچن جي ذات آهي.

بَـاگَـاڻَـا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

باگاڻي: سرڪي ذات جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. گمبٽ جي پرسان ناريجا وينا آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "باگاڻي" آهي. تعلقي ٽنڈي الهيار جي بيگن جروار ڳوٺ ۾ جروارن جي هڪ وڏي پاڙي جو نالو پڻ "باگاڻي" آهي.

بَـاگِـراڻي: ٽالپر بلوچن جا ڪيترائي پاڙا آهن، جن مان هڪ پاڙي جو نالو "باگراڻي" آهي. اهي پاڻ کي ٽالپر سڏائين ٿا ۽ سرائڪي ڳالهائيندڙ آهن. ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي "سنڌ جون چند ذاتيون" ۾ لکيو آهي تہ باگراڻي، رندن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. ان ڪري هي رند بہ آهن. پنهورن ۾ پڻ "باگراڻي" آهن. باگراڻي ٽالپرن جا ٿي سردار ميوا خان، سوائي خان ۽ ڪرم خان ٿي گذريا آهن، جن جا شجرا هن طرح آهن.

باگراڻي ٽالپر



بَـاگڙي: گهٽ ذات جا هندو ۽ مردار جانورن جو گوشت کائيندڙ شڪاري آهن. هنن کي "واگهڙي" پڻ چون ٿا. هي خانہ بدوش قبيلو آهي. هي هندستان جي باگڙيا علاقي جا رهواسي پٽي، جٽ ۽ رانوڙ قبيلي مان آهن.

بـاگي: چانديا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

باگهيلا: ڪتاب "شاهان گوجر" صفحي 175 تي ڄاڻايل آهي تہ "باگهيلا"، گوجرن جي هڪ ذات آهي. هنن کي "واگهيلا" پڻ چون ٿا.

بَالاڄ: هڪ غير سماڻ مسلمان قبيلي جو نالو.

بَالاڄاٽي: هوت، بلوچ قوم جي هڪ ذات آهي. ميرڪ لغارين جي سرڪائي قبيلي جو وڏو ڏاڏو. جيڪو ديري غازي خان ۾ رهندو هو. انهيءَ پاڙي مان ڪافي باشندا تالپرن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ اچي پير جي ڳوٺ ۽ سڪرنڊ واري علاقي ۾ آباد ٿيا. جن مان هڪ پاڙي جو نالو بالاڄاٽي رکيو ويو. هن پاڙي مان خليفو نبي بخش ۽ نار وارا خليفا مشهور ٿيا.

بَالادي: هن ذات وارا سنڌ جي سماڻي جتن جي ڪُلَ مان آهن. سندن وڏا، اٺ پالڻ جو ۽ انن تي بار لڏڻ جو ڪم ڪندا هئا. ڪن جاين تي اجان بہ اهو ساڳيو ڌنڌو ڪن ٿا. ڪن جاين تي بالادي پاڻ کي ميرجت بلوچ سڏائين ٿا. جا سندن پُل آهي. هو سماڻ جَت آهن. بڙدي قوم يا بليدين سان سندن ڪوبہ واسطو نہ آهي.

بالچاٽي: ٻوزدارن جي هڪ پاڙي جو نالو. گاڏهي بہ چون ٿا تہ اسان جي هڪ پاڙي جو نالو"بالچاٽي" آهي.

بالو: دائود جي پٽ جو نالو هندڪئي هو. ان کي ٽي پٽ هئا. هڪڙي پٽ جو نالو "بالو" هو. جنهن مان "بالو" پناڻ آهن.

بالواٽي: مگسي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بالوت: ميوا قبيلي جو هڪ پاڙو.

بالوزئي: ريڪي بلوچن جو هڪ پاڙو.

بَالوط: ڪرمتي جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بامي: آرائين جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَامِي زئي: پناڻن جي فوفل قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. جنهن مان عبدالرحيم خان بامي زئي، احمد شاهہ ابدالي ۽ جي طرفان شڪارپور جو نواب مقرر ٿيو هو.

باند: ملاحن ۽ مهاڻن جي ذات آهي. جيڪي سجاول طرف رهن ٿا.

بَاندَڻ پوٽا: ڪرمتين جي راڏا بنديجا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَانڪا: هڪ مسلمان ذات جو نالو آهي.

بَانگا: سنڌ جي اتر طرف رهندڙ هڪ مسلمان ذات، جن جا ڪجهہ گهر گمبٽ، ڪهڙن ۽ نوابشاهہ ۾ آهن. هن ذات جي پنيان گمبٽ ڪهڙن ۾ "بانگا" مسجد مشهور آهي. هي چون ٿا تہ اسان حضرت بلال حبشيءَ جو اولاد آهيون.

بَانگهوريا: لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ حملائي برفتن جي راڄ جو نالو.

بَانو: مزاري بلوچن جي قبيلي مان رستمائي شاخ جي هڪ ذات آهي، جن کي "بَانو" بلوچ چون ٿا.

بانو شالي: هندن جو پاڙو آهي. (تاريخ سجاول صفحو 346)

بانيا: هندو واپارين جي ذات آهي، هنن کي پائيبند ب چون ٿا.

باٹيي: ضلعي مانسهره جو هڪ گڏيل قبيلو. پشتو ۽ هندڪو ڳالهائين ٿاڻ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

باوريا: شڪاري آهن.

باهتي: جٹن (جَتَ) جي ذات آهي. چانگ ۽ گهرت هنن جا عزيز آهن. اصل ڪانگڙا علاقي جا آهن.

باهري: ڪترين جي هڪ ذات.

باهڑ: سَما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

باهمڻ: آرائين جي هڪ پاڙي جو نالو.

باهُو: سنڌ ۾ رهندڙ ٻاليشاهي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو.

باهُوت (باٹوٹ): ڪرمتي جت بلوچن جو پاڙو آهي.

بَاهُوٹا: سَمَا قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

بَاهُوجا: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

بَاهوُڪلات: مختلف بلوچن جي هڪ مخلوط قبيلي جو نالو.

بَائڏاٹي: پنهورن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَائڙزي: مغيري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بائو: دلن جو هڪ پاڙو.

بَائي زئي: مهند ۽ بنگش پناٹن جي هڪ پاڙي جو نالو. يوسف زئيءَ مان اڪوزئي ۽ انهن مان "بائيزئي" پناڻ آهن. جن مان اباخيل، بابوزئي، زنگي خيل، عزيز خيل، متو ريزئي ۽ موسيٰ خيل پاڙا آهن.

ببراٹي: ڪرمتين جي ملڪاٹي جتن ۽ لڙيگ جتن جو هڪ پاڙو.

ببرزئي: زهري بروهيءَ کي ڪنيز زال مان، "ببر" نالي پٽ هو، جنهن نسبت سان هي ببرزئي سڏجن ٿا. پنهنجي قوم ۾ خادم جي اولاد سبب گهٽ درجي جا آهن. لوناڻيءَ جي زير اثر آهن.

ببرڪ زئي: هڪ روايت موجب "ببرڪ زئي" بگٽي بلوچ آهن.

ببلا: پاٽيا راجپوتن جي چوراسي شاخن مان هڪ شاخ جو نالو.

بَبَواٽي: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو (بحوالہ تاريخ سجاول)

بتوئي: چمارن جو هڪ پاڙو.

بتيلاٽي: مزاري بلوچن جي بلوچاٽي پاڙي جي هڪ شاخ. ساڳي طرح سان بگٽين جي پاڙي ڪالپور مان هڪ ٽڪ جو نالو پڻ "بتيلاٽي" آهي.

بٽياٽي: بڙدي بلوچ قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

بُٽَاٽي: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو. هي اروڙ ونسي هندن جي "نگديو" نک مان هڪ آکھ جو نالو. هي بٽا سنگھ (1715-1778ع) جو اولاد آهن. ڪنوج مان لڏي اچي سيوهڻ ۾ وينا. ميرن جي صاحبيءَ ۾ ملازم ٿيا. حيدرآباد ۾ سيوهاڻي پاڙو انهن سان منسوب آهي. سپاهميلاٽي بہ هنن مان آهن.

بٽر: راجپوت نسل مان جت (جت) آهن.

بٽي: هڪ غير سماٽ ۽ غير بلوچ ذات جو نالو. جيڪي ڪن جاين تي مسلمان ٿ ڪن جاين تي هندو آهن.

بٽارا: سنڌ ۾ رهندڙ هڪ مسلمان ذات. جن جو واسطو دايا ذات سان آهي. اهي اڪثر ڪري بٽن (ڪورن) تي گڏھ وهائيندا آهن. جنهن نسبت سان "بٽارا" سڏجن ٿا.

بَٽَرَ: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو. جيڪي ٿر ۽ سنڌ جي ٻين حصن ۾ نهايت ٿورائيءَ ۾ رهن ٿا.

بٽيجا: هندن جي هڪ نک جو نالو. چون ٿا ٿ سندن وڏا سخي مرد هئا. سدائين خيرات ۽ مهمان نوازي خاطر رڌپچاءَ جون ٻٽيون تتيون ٻيون هوندیون هيون. رهگزرن کي ماني کارائي پوءِ ڇڏيندا هئا. جنهن ڪري ماڻهو ڪين "ٻٽيجا" چيو. سنڌ وارا شهاڻي ۽ قنڌاري انهن جو اولاد آهن.

بٽيوار: خاصخيلين جو هڪ پاڙو.

بَجَا: سومرا قبيلي سان واسطو رکندڙ سنڌ جا سماٽ آهن. جيڪي پاڻ کي ڪن جاين تي "بجا" ٿ ڪن جاين تي "سومرا" سڏائين ٿا. "بَجا" ذات سان سڏجندڙ سنڌ ۾ تمام ٿورا آهن. جيڪي اڪثر ڪري ڏوبڪو ڪم ڪن ٿا. يا ڪنهن ٻئي روزگار سان منسلڪ آهن.

بَجاج: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو. جيڪي اڪثر ڪپڙي جا واپاري هوندا آهن. هي سنڌ جي وڏن شهرن ۾ رهن ٿا. چون ٿا ٿ "بجاج" اروڙ ونسي هندن جي هڪ نک آهي. هي لهاٽا آهن. پارواڻي، پيناٽي، سانولاٽي ۽ لکياٽي هن نک جون مکيہ آکهون آهن.

بِجار: جوکيا ذات جي تيپر پاڙي مان هڪ ٽڪ جو نالو.

بِـجـاراڻـي: مـــري بلوچ قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالـو. هن پـاڙي يا شاخ جون هيٺيون مکيہ ڦريون آهن: 1-بجاراڻي 2- قلندراڻي 3- سمراڻي (سومراڻي) 4- سالاراڻي 5 - رحمکاڻي 6- پري (پواهدي) 7-ڪنگراهي. 8- ڪلواڻي 9- پرداداڻي (پيهراڻي) 10- ککراڻي 11- شهيجا (شاهجا)ء 12- رمخاڻي. ڇگي مڙس جي پڳ بجاراڻي پاڙي تي آهي. ڪرمتين جي ٻئوا. گبول ۽ راڏا آڳاريا قبيلي جو پڻ هڪ پاڙو. ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي "سنڌ جون چند ذاتيون" ۾ رندن ۽ لاشارين جي احوال ۾ لکيو آهي تہ بجاراڻي، رند قبيلي ۽ لاشاري قبيلي جا خاص پاڙا آهن. يعني بجاراڻي ذات وارا رند بلوچ بہ آهن تہ لاشاري بہ آهن. مرزا قليچ بيگ. ڪتاب "قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" جي صفحي نمبر 300 تي وضاحت ڪئي آهي تہ بڙدي يا بليدي قبيلي مان زيندي خان کي بہ پٽ هئا. هڪڙو سندر ۽ ٻيو حاجي. سندر جي اولاد مان بجاراڻي آهن. بجاراڻي، بليدي- بڙدي بلوچ سڏجن ٿا. ساڳي ڳالهہ جي تصديق اسان کي "جامع سنڌي لغات" مان ملي ٿي. جنهن ۾ لکيل آهي تہ بڙدي بلوچ قوم جي 24 پاڙن مان هڪ پاڙي جو نالو "بجاراڻي" آهي. يعني هي بڙدي بہ آهن. ساڳي لغات ۾ ڪوسن جا پاڙا لکيل آهن. تن مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو "بجاراڻي" آهي.

ايس. صادق علي لکي ٿو تہ زيندي خان جي اولاد مان بجاراڻي آهن. جن جو سردار ڪرم خان ولد شير محمد خان بجاراڻي آهي. هن بڙدي قبيلي جا اٽڪل يارهن پاڙا ڏنا آهن. جيڪي بڙدي جي احوال ۾ بيان ڪيل آهن. زردارين ۽ جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بجاراڻي" آهي. جتوئي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو "شر" آهي. ان جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بجاراڻي" آهي. ڪلمتي رند بلوچ آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو بجاراڻي آهي. جنهن تي سرداريءَ جي پڳ هئي. ان پاڙي جو شجرو هن طرح آهي:



بجارپوتا: جتن ۽ جوڪين ۾ ڇاڙ بجار نالي هڪ مرد مجاهد هو. ان جي پٽ جي اولاد کي بجارپوتا چون ٿا. هن وقت بجار پوتا. جتن ۽ جوڪين جا پاڙا آهن. جاکرن جي منجهڻان شاخ جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بجارپوتا" آهي.

بجارپوٽڑا: بجار خان جت جي پوٽن جو اولاد. هي ننڍيار جتن ۾ شامل آهن.

بجار زئي: بروهي قوم جي بنگلزئي پاڙي مان هڪ ٽڪ جو نالو. ساڳئي وقت مڪران ۾ رهندڙ مڪراني بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بجار زئي" آهي.

بجاري: ڪرمتين جي هڪ پاڙي جو نالو بجاري (مهيري) آهي. مولوي علي محمد مهيري هن پاڙي مان هو.

بجالاٹي: ميمڻ قوم جو پاڙو آهي. جيڪي ننڍي شهر جا رهواسي آهن.

بجاٹا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بجاٹي: بروهي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو. ملاحن ۾ پڻ "بجاٹي" آهن.

بجراٹي: مختلف بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. جيڪي اڪثر نواب شاهه، سکر ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ رهن ٿا.

بَجير: ٽر ۾ خاصخيلين کي چون ٿا. هندن جي هڪ ذات جو نالو پڻ "بجير" آهي. سميجن جو پڻ هڪ پاڙو.

بُجير: ٽر ۾ هندو سوڍن جي هڪ پاڙي جونالو.

بُجيراٹي: رند قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. چانديا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بجيراٹي" آهي. هن پاڙي جون مکيه شاخون 1- عاقلاٹي، 2- لشڪراٹي، 3- عاقباٹي، 4- پيرڪاٹي ۽ 5- ڪوڪ آهن.

بُجيرائي: مگسي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بُچ: چنا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

بُچا: ٽر ۾ سمن جي هڪ ذات جو نالو.

بچاٹي: کوسن، لغارين، ميمڻن ۽ ملاحن جي هڪ پاڙي جو نالو. چاندين ۾ پڻ "بچاٹي" آهن. حاجي مراد خان ولد جاني خان چانديو، "بچاٹي" هو.

بَحَراٹي: بلوچ آهن. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ وينل آهن. ۽ بابڙن جي راڄ ۾ شامل آهن. ميرجتن ۾ پڻ "بحراٹي" پاڙو آهي.

بُخاري: حسني ۽ حسيني سيد آهن. ترڪستان جي بخارا شهر کان آيل آهن. ان شهر جي وجه تسميه جي ڪري بخاري سڏجن ٿا. بخاري پير (سيد) به آهن. جيڪي حضرت حسن جي اولاد مان آهن. بخاري سيدن جا خاص پاڙا: جهانيان پوٽا، معشوق پوٽا ۽ وهڻاٹي آهن. هي سيد جلال الدين حسين سرخ پوش بخاري ۽ سيد شير شاهه جو اولاد آهن. شير شاهه سورهين صديءَ ڏاري سنڌ ۾ آيو هو. (سندن شجرو اکر "ب" جي آخر ۾ ڏسڻ گهرجي).

بختو خيل: غلزئي پٹائن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بختيار: لوڌي پٹائن جو هڪ پاڙو.

بخشالي: جمالي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَخشاڻي: جمالي قبيلي جو هڪ مکيہ پاڙو. جيڪي بخشو خان جمالي جو اولاد آهن. هن ذات وارا سڄي سنڌ ۾ آباد آهن ۽ اڪثر سرائڪي ڳالهائين ٿا. پرڳڻي ۽ جروار بلوچن ۾ پڻ "بخشاڻي" آهن. بلوچ قوم جي شجري تي سرسري نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ بخشاڻي، رند قبيلي سان واسطو رکندڙ هڪ ذات آهي. ليڪن رندن جي احوال ۾ هن کي نہ ڏيکاريو ويو آهي. سنڌ ۾ بخشاڻي جمالين کي سرداري هئي، جن کي ڪلهوڙن ۽ تالپرن جاگيرون ڏنيون هيون. [1] بخشاڻي رند ۽ بخشاڻي جمالين جو شجرو هن طرح آهي.



[1] frontier and over sea's expedition of India..

بخشلاڻي: بگٽي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. "بخشواڻي" هنن مان آهن.

بَخَشواڻي: بگٽي بلوچن جي مشوري ۽ بخشلاڻي پاڙن مان هڪ شاخ آهي.

بَخَيراڻي: مهر قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَدا: راجا چندر ونسيءِ جي نسل مان هندو راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو. مسلمان راڻوڙن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بَدا" آهي.

بَداڻي: بگٽي ۽ بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَدراڻي: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو. هي ملاحَن ۽ مهاڻن جي نک ۾ تا اچن.

بَدري: پنهورن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَدل زئي: اوتخ بن مياڻو بن شرخون بن بتن بن قيس عبدالرشيد پٺاڻ کي "بدل" نالي پٽ هو، جنهن جي نسبت سان سندس اولاد پاڻ کي "بدل زئي" سڏائي ٿو. هنن جا ڪجهه گهر شڪارپور ۾ آباد آهن.

بدمن: راجپوتن جي ذات، جيڪي چندر بنسي (يادو بنسي) جي هڪ شاخ آهن. اڪثر ڪري هندو آهن.

بَدُو: لاشارين جي هڪ پاڙي جو نالو.

بدوا: چنا ذات جو هڪ پاڙو.

بَدواڻي: رند بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَدوبائي: بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَدوزَئي: بروهي قوم جي بنگلزئي پاڙي مان هڪ تُمن جو نالو. تور پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو به" بَدوزئي"، آهي. ساڳيءَ طرح فوفل پٺاڻن ۾ به ساڳئي نالي سان هڪ پاڙو آهي. راءِ بهادر هتورام جي لکڻ موجب "بدوزئي"، بزنجي قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

بدولاڻي: گورچاڻي بلوچن جي لشاري پاڙي مان هڪ شاخ.

بدون: مسلمان خانہ بدوش قبيلو آهي. پاڻ کي امام شافعيءَ جا پيروڪار عرب چوائين ٿا. مانگرمچ، ڪچون ۽ ڏيڏر کائين ٿا. مسلمان هنن کي "اچوت" چون ٿا. مرد حقا ناهين تا ۽ عورتون سگيون هٽن ٿيون. بياس ۽ ستلج ندين جا رهواسي ملاح ۽ مهاڻا آهن. واهلا، ڏرا ۽ بلارا هنن جا خاص پاڙا آهن.

بَدوئي: لاشاري ۽ لغاري قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو، جيڪي ذات جا "بدوئي بلوچ" سڏجن ٿا.

بَدوي: هڪ مسلمان ذات جو نالو. هي عرب کان آيل 'جت' آهن.

بدهتو: پنگين جي هڪ ذات.

بَدي: سمن جي هڪ ذات جو نالو. تلسياڻي هندن جي هڪ آکيڙ جو نالو پڻ "بدي" آهي. هي پنهنجون ڏيئرون هڪ ٻئي جي عيوضن ۾ ڏين ٿا، جنهن کري "بدي" سڏجن ٿا.

بدیال: گهرٽ (راڻي) هندن جي هڪ ذات جو نالو.

بَديَپوٽا: ڏهرن جي هڪ ذات جو نالو.

بَدين پوٽا: دَل ذات جي هڪ پاڙي جو نالو. جيڪي اڪثر حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ رهن ٿا.

بَديڙ: هڪ سماٽ ذات (دَل) آهي.

بدّال: پنوار راجپوتن مان ٻُڌ آهن. هي دتيال ۽ بکرال وانگر پاڻ کي حضرت عليءَ جو اولاد چوائين ٿا. هڪ ٻئي حوالي موجب "بدّال"، اعواڻ آهن، جيڪي سردار ملک جي پٽ "بدّ" جو اولاد آهن.

بدّن: چمارن جو هڪ پاڙو.

بدّوال: اعواڻن جو هڪ پاڙو. هي حسن جو اولاد آهن، جيڪي نسبتي طور گولڙا آهن.

بَدا: پنجاب کان آيل جاٽ (جت) آهن. پنجاب کان آيل سراين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بَدا" آهي، جيڪي هن وقت پاڻ کي "سماٽ" چوائين ٿا.

بُدا: ميمڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بدام: چنا ذات جو هڪ پاڙو. هنن کي بداماڻي به چون ٿا. دلن ۾ پڻ بدام هڪ پاڙو آهي.

بُداماڻي: هڪ مسلمان ذات جو نالو. چنن ۾ پڻ آهن. هڪ حوالي موجب هي سنڌ جا سما آهن. سندن وڏو ڏاڏو چام پنرو بداماڻي هو، جيڪو بدام واري علاقي جو هڪ سورهيه حاڪم هو، ڪيس ان بدام علاقي جي نسبت سان "بداماڻي" سڏيو ويو.

بيت: **ڪنڊيءَ مور ڪٽڪيو، وڃن واجهايو،**
بداماڻي پنرو، جمو ٻُجهي سو آيو. (شاهه)

بُداڻا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بَداڻي (بدراڻي): ڪوسا قبيلي جو هڪ پاڙو، جيڪي ذات طور بَداڻي ڪوسا يا "بدراڻي" سڏجن ٿا. سنڌ جو سورهيه پهلوان "بلو ڪوسو" هن پاڙي مان ٿي گذريو آهي، جنهن لاءِ ڪنهن سگهڙ چيو آهي ته "**بلو بداڻين ۾، ٿو سورهيه سڏائي**". مري بلوچن مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو "بداڻي" يا بدراڻي آهي، جيڪي پاڻ کي ذات جا بداڻي مري چوائين ٿا. مرزا قليچ بيگ لکيو آهي ته بداڻي ۽ ڪورائي (قرائي) بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. جتوئين جو پڻ اهو ساڳيو پاڙو آهي. ڪتاب "تاريخ سجاول" از عزيز جعفراڻي (ص 346) تي

لکيل آهي ته "بدائي"، ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو آهي، جيڪي ضلعي ٺٽي ۾ رهن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جامع سنڌي لغات ۾ جيڪي کوسن ۽ مرين جا پاڙا بيان ڪيا آهن، انهن ۾ "بدائي" پاڙو ڇاڪاڻ نه آهي. ليڪن "ب" واري فهرست ۾ بدائي لفظ لکيل آهي، جنهن ۾ پاڙن جو ذکر ٿيل آهي.

بدگا: سورهين صديءَ ۾ ميسور کان آيل هڪ وحشي قبيلو، جنهن سنڌ ۾ قرلٽ ڪئي.

بَدوکا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بَرَ: هالييوٽن، مڪراني بلوچن ۽ ڇُهڙن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بُرا: سمن ۽ ملاحن جي هڪ ذات جو نالو.

بُراچ: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

بَرادي: سنڌ ۾ جتن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَرادِيا: لسبيلي جي هڪ سماٽ ذات.

بَرار (براريا): سنڌين جو پاڙو آهي.

بِرار: ميربحرن جو پاڙو آهي. هي ڏير ۽ پَٽ مان ٽوڪرا ۽ ٽوڪريون ناهين ٿا. جنهن ڪري "ٽوڪري ساز" به سڏجن ٿا. سنڌ ۾ هنن کي "پِرار" چون ٿا.

براز: آرائين جي هڪ پاڙي جو نالو.

بُراق: چغتو، چنگيز خان (مغول) جو پٽ هو، هن جي اولاد پاڻ کي (براق) مغل سڏايو، براق جي پيڙهي مان "خرد" آهن.

بِراماڻي: لغارين جي پاڙي جو نالو. هن وقت براماڻيءَ کي براهماڻي چون ٿا.

برامڪي: ايران کان آيل هڪ قبيلو، ڪراچي ۽ مڪران ۾ رهندڙ.

بران پوٽا (براد پوٽا): لسبيلي جي جاموٽن ۾ هڪ پاڙي جو نالو.

بَران زئي: خانه بدوش مالدار بلوچ قبيلو، جنهن ۾ دهاڻي، اربابي، بهرام زئي ۽ گشت قبيلا شامل آهن. م.ڪ پيڪولين جي لکڻ موجب هنن ۾ 37 پاڙا شامل آهن.

بَراهَماڻي: گورچاڻي بلوچ جي پتافي پاڙي مان هڪ قبيلي جو نالو. ساڳي طرح گورچاڻي جي بازيگر پاڙي مان به براهماڻي قبيلو آهي. ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي "سنڌ جون چند ذاتيون" ۾ لکيو آهي ته براهماڻي، رند قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي، ليڪن اهو درست نه آهي. لفظ ابراهماڻي پڙهڻ گهرجي. ابراهيم، مير چاڪر خان جو پاءُ هو. جنهن پنيان اولاد جو نالو به ابراهماڻي پيو. ايس. صادق علي جي لکڻ موجب براهماڻي

جتوئين، دومڪين ۽ لغارين جو پاڙو آهي.

بـراهماڻي ٻُـرا: هيسب برفت جو اولاد آهن. بنيڻ، عالياڻي، راڏاڻي، ڪنداڻي، مراڻي، مري پوتا، ڏتوراڻي (ڏگ)، پيروز، ڏنوريي پوتا،الاڻي، پرياڻي، آري پوتا، وسرياڻي، اوپاياڻي، جمالاڻي، حسناڻي، بهراڻي، گهنڌير، ڏمڻاڻي ۽ ڪيرين پوتا هنن جا خاص پاڙا آهن.

براهيم پوتا: موندرن ۽ باريچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بـراهيم زئي: بروهين جي شاهوزئي خاندان جي هڪ پاڙي جو نالو.

برائي: بروهي قوم جي مينگل پاڙي مان هڪ ڦري جو نالو.

بَـربازَ: سما قبيلي جي حسناڻي ذات مان هڪ پاڙي جو نالو.

بربر: هڪ عرب قبيلو، ڪراچيءَ ۾ ڪجھ گھر رهندڙ.

برت خيل: ڪاڪڙ پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو .

برٽال (برٽ): اعوانن جو هڪ پاڙو. هي محمد ڪندلان جي اولاد مان برٽ جو اولاد آهن.

برپارکر: حسناڻي برفتن جو پاڙو. ڄام برفت کي ڄام همرڪ پٽ مان ڪافي اولاد هو. جنهن جي اولاد مان حسن هو، حسن جي هڪڙي پٽ جو نالو "سڃڻ" هو. جنهن جو اولاد'برپارکر'آهن. مڪران ۾ رهڻ ڪري مڪراني سڏجن ٿا.

بَـرپَـريا: ڪچ ۾ ڪان آيل ميمڻن جو هڪ پاڙو.

بَـرجيءَ: بروهي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو.

برداڻي: بزنجو قبيلي جو پاڙو.

بَـردي: جيڪي اصل ۾ دشت باهوءَ جا رهواسي بروهي آهن. انهن مان ڪافي هجرت ڪري اچي ڪراچي ۽ جيڪب آباد ۾ آباد ٿيا آهن ۽ بروهي زبان ڳالهائين ٿا سندن خاص ڏنڏو پوک ڪرڻ ۽ مزدوري ڪرڻ آهي، ڪن ڪن جاين تي خانہ بدوش بہ آهن.

بَـرڙ: ننڍي شهر ۾ رهندڙ ميمڻن جو هڪ پاڙو.

بـرڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

بـرڙ پوتا: باريچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـرڙي: سنڌ جي اتر ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ذات.

برزاني: ڪردن جو هڪ پاڙو. ڪراچي ۾ رهندڙ.

برفت: سما قبيلي مان آهن. هيوز بلز جي لکڻ موجب برفت راجپوت نسل مان آهن. مولائي شيدائي بلوچستان جي قومن تي لکيو (نئين زندگي جون 1957ع) آهي ته برفت نو مسلم راجپوت ۽ نومڙين جي شاخ آهن. ساڳي طرح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته برفت ۽ نومڙيا هڪ گڏيل قوم آهي. جيڪي لسبيلي جي جامن مان آهن. برفت جبل ۾ رهندڙ هڪ وڏي قوم آهي. خصوصًا دادو ۽ ڪراچي ضلعن ۾ هنن جا ڪافي ڳوٺ آهن. برفت پاڻ کي "ٽهنيجا" ۽ سڏائين ٿا. وٽن سرداري نظام آهي. برفتن جا هيٺيان مکيه ٻاڙا آهن: 1. حملائي 2. ٻاپڙائي 3. ٽهنيجا 4. ڏڏر 5. جاموٽ 6. شاهوڪ 7. برهه دودا 8. ماندڙا 9. رونجها 10. موندرد 11. بنديجا 12. چٽا 13. ڪهاوڙ 14. حسنائي 15. برفت 16. مردوئي 17. ساسولي ب ساسولي 18. عاقلائي 19. ڏيٽرائي 20. موجيجا 21. همير ڪا 22. نهاڙي 23. چورا 24. شودا 25. لالائي 26. ڪوندر 27. موسيٰ 28. ڪانڙا 29. شهٽا 30. ڪاسوٽا 31. نوت 32. برا 33. ڪاچيلا 34. بهرياڻي 35. سنڌلائي 36. چاڪليپوٽا 37. اوٽمان پوٽا 38. ڏيناڻي 39. جٽندپوٽا 40. پنيلڏيپوٽا ۽ 41. لوهاراڻي (جام لوهار). روايت موجب جام هوتي، سمن مان هو. ڪيس عيسب نالي پٽ هو. ان کي ڪجهه پٽ ٿيا. جن مان هڪ جو نالو "بوالفتح" هو. اهو لفظ قري برفت ٿيو. ان کان پوءِ هي "برفت" سڏجڻ لڳا. پراڻي وقت ۾ بلوچن سان گڏ رهڻ ڪري ماڻهو کين "بلوچ" سمجهندا هئا. ليڪن هي سمات آهن. جوڪيا قوم جي هڪ قبيلي جو نالو پڻ "برفت" آهي. جنهن جا خاص ٻاڙا آهن. 1. برهماڻي 2. بسرا 3. چورا ۽ 4. گهنيان. سنڌ ۽ لسبيلي ۾ ٻه ذاتيون برفت ۽ بلفت. رهن ٿيون. عام ماڻهو انهن کي هڪ ئي ذات تصور ڪن ٿا. برفت سمن جي ذات آهي ۽ ڪن جاين تي سنڌي ته ڪن هنڌن تي بلوچي زبان ڳالهائين ٿا. بلوچي زبان ڳالهائيندڙ برفت. جدگالن (جوڪيا ـ جت) سان واسطو رکن ٿا ۽ بلفت رندن جو پاڙو آهي. ان ڪري برفتن ۽ بلفتن ۾ تميز ڪرڻ تمام ضروري آهي. وڌيڪ تفصيل لاءِ نهڙين جو احوال ۽ شجرو پڙهڻ گهرجي. برفتن جو شجرو "ب" ۾ آخر ۾.

برگرجو: ميوا قبيلي جو هڪ پاڙو.

برلاس (مغل): امير تيمور، گورگان قبيلي ۽ برلاس خاندان مان هو. جيڪي اصل ۾ ترڪستان کان آيل هئا. جن مان مرزا محمد دين، مير علي مراد خان، مرزا انور حسين ۽ مرزا افضل حسين نهايت مشهور هئا. انهن جو اولاد اڄ به سنڌ ۾ موجود آهي. جيڪي پاڻ کي "برلاس مغل" چوائين ٿا.

برم: پٽڻ جي ذات آهي.

برماڻي: برماڻي، برهماڻي تلفظ جي هڪ بگڙيل صورت آهي. هي سنڌ جا سماڻي جت آهن. ابس. صادق علي برمائين کي سما قوم جي هڪ ذات چاٽائيندي ص 20 تي لکيو آهي ته "برماڻي". لاشاري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ آهي.

برمائي: وڻرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

برمڪي: هي اصل ۾ بڌ ڌرم جا پوڄاري سنڌ جا باشندا هئا. اسلام آڻڻ کان پوءِ عباسي خلافت ۾ عهدا ماڻيائون. هن وقت سندن ڪجهه گهر ڪراچيءَ ۾ آهن.

برمل: نو مسلم وڻن جي هڪ ذات جو نالو.

برمن: راجا چندر ونسي جي نسل مان سنڌ جا هندو راجپوت آهن.

برند: جوجا (سما) ذات جو پاڙو آهي. ڏهر ۽ جوڪيو برند جا پائر هئا. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو جوجا قوم جو شجرو).

برڙتا: هڪ مسلمان ذات جو نالو. جيڪي اڪثر خيرپور ميرس طرف رهن ٿا.

برڙجا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بروگوئي: ريڪي بلوچن جو پاڙو آهي.

بروهي: دائره معارف اسلاميه اردو. پنجاب يونيورسٽيءَ لاهور ۾ لکيل آهي ته بروهي، سراوان ۽ جهالاوان جي علاقي مان آيا آهن. براهوئي، بروهو مان ورتل آهي. جو حضرت ابراهيم جو مخفف آهي. ڪرد قبيلو براخوئي مان بگڙي براهوئي ٿي پيو. براهوئي لفظ جي معنيٰ مرد ڪوهستان آهي. براهوئي، ڪوهه البرز جا باشندا آهن. پهرين پهرين برزڪوهي ۽ پوءِ براهوئي ٿي پيا. ذاتين جي ماهرن، ليسن، ارنيسٽ ٽرومپ، گريئرسن، جان آبوري ۽ سرڊينس بري، بروهين کي دراوڙ نسل مان ثابت ڪيو آهي. هي ڪيترن ئي جاگرافيائي حصن ۾ ورهايل آهن، جن کي پلوي چون ٿا. مثال طور سراوان پلوي ۽ جهالاوان جا پلوي. سراوان جا پلوي، رئيسائي جي سرداري هيٺ آهن، جن ۾ ڪرد، لانگو ۽ ساتڪزئي شامل آهن. شاهواني جي سرداري هيٺ محمد شهي ۽ سربره آهن. لهڙي ۽ بنگلزئي، رند، دومڪي، مري، بگٽي، نوشيرواني، سنجراني ۽ جمالديني، سراواني آهن. جهالاوان ۾ (1) زهري، زرڪ زئي، نيچاري پندراني، جتڪ (2) شاهي زئي، مينگل، بزنجو، خدراني ساجدي، محمد حسيني (3) مگسي، ديناري، لاشاري (4) ميرواڙي، قمبراڻي، ايلاڻازئي، ذگر مينگل (5) گرگناڙي، قلندراڻي، ڪمالاڻي ۽ روديني شامل آهن.

بروهين جو شجرو (هڪ نمونو)

وڏو براهو، براهيم، ابراهيم

مير حمزو

عباس | **عمر** | **جمال**



میر نصير خان "تاريخ بلوچستان" ۾. ملڪ صالح محمد خان ڪتاب "بلوچستان" ۾. عبدالرحمان بروهي "مطالعہ براهوئي زبان ۽ ادب" ۾ بروهي قوم تي جيڪو ڪجهہ لکيو آهي اهو لڳ ڀڳ دائره معارف اسلاميہ جهڙو آهي. شايد هي بروهيءَ جا ماخذ آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ لکيو آهي تہ بروهي بلوچستان جي هڪ مخصوص قبيلن جو مشترڪ نالو آهي. هن بروهين کي بلوچ بہ لکيو آهي. خود مولائي شيدائي پاڻ کي "تاريخ بلوچستان" (جي ص 4) ۾ "بلوچ" لکيو آهي. مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ. ان جا شهر ۽ ماڻهو" (صفحي نمبر 300) ۾ لکيو آهي تہ بروهي يا براهئي بلوچستان جا ماڻهو آهن. جي مٿي جبلن تي وينل آهن ۽ هيٺ وينلن کي بلوچي ٿا چون. افغانن وانگر هي بہ بني اسرائيل يا

يهودين جو اولاد آهن. مڪران جا براهوي اصل ڪرد آهن. هو مذهب جا سني آهن. براهين جا ٽي پاڳا آهن. هڪڙا احمد زئي، جن مان قلات جا خان آهن. بيا سهراوان ۽ ٽيان جهلوان.

مرزا صاحب جي لکڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ براهوي بلوچ نہ آهن. ايس. صادق علي (ص 39) لکي ٿو تہ براهوي. پنائن وانگر اسرائيل جي نسل مان آهن. جيڪي 600 ق. م ۾ مهاجر ٿي اچي بلوچستان جي ٽڪرين ۾ رهيا ۽ ان بعد براهوي سڏجڻ لڳا. انهن جي وڏي ڏاڏي جو نالو براهيم هو. ان جي وجهہ تسميہ سان براهوي سڏجڻ لڳا. جيڪي بلوچ نہ آهن. لسبيلي جا ماڻهو چون ٿا تہ "براهوي". ايراني ڪردن جي نسل مان آهن. جنهن ڪري "ڪردگالي" ٻہ سڏجن ٿا. مولائي شيدائي جو. براهوي جي عنوان سان مهران رسالي 2-3 جلد 10. سال 1961ع ۾ هڪ مضمون شايع ٿيو هو. جنهن جو اقتباس هيٺ ڏجي ٿو:

براهوي لفظ براهوئيء تان ورتل آهي. برَ جي معنيٰ رهڻ. روهي جي معنيٰ پٿر. جبل آهي. يعني جبل جا رهاڪو. براهوي. بلوچن وانگر خانہ بدوش قوم آهي. جيڪا بلوچن کان اڳ هن خطي ۾ آباد ٿيل آهي. براهوئيء لفظ جي لغاتي معنيٰ مرد ڪوهستان آهي. تاريخ جي ورقن کي اٽلائڻ مان خبر پوي ٿي تہ براهوئي لفظ "بروهو" مان ورتل آهي. جو ابراهيم جو مخفف آهي. چون ٿا تہ براهوي اصل ۾ ايران جا ڪرد هئا. انهن جي هڪ قبيلي جو نالو برخوئي هو. جنهن مان بگڙي براهوئي ٿي پيو. ڪن جي راءِ آهي تہ براهوي ڪوهہ البرز جا باشندا هئا. جن کي 'برزڪوهي' چوندا هئا. جنهن مان ڦري 'براهوئي' ٿي پيو.

ڪتاب "بلوچ" ۾. م. ڪ پيڪولين. صفحي نمبر 75 تي براهوي قوم کي غير بلوچ لکيو آهي. براهوي پاڻ ۾ قمبراڻي هڪ مکيہ پاڙو آهي. جن جو چون آهي تہ اسان پاڻ سڳورن جي غلام قمبر جو اولاد آهيون. يعني براهين جو حسب نسب حضرت قمبر سان وابستہ آهي. نيلسن. جيڪو هڪ انسائيڪلوپيديا جو مؤلف هو. لکيو آهي تہ عيسوي 17 صدي تائين قلات جا حاڪم هندو هئا. جن ايران جي ڪاهن جي خوف کان براهين جي سردار قمبر کي دعوت ڏيئي گهرايو هو. هي پهريون براهوي هو. جنهن هندو راجا کي ڪيرائي قلات هٿ ڪيو. براهين. اصل ۾ قلات سيوا وسايو. جيڪو پوءِ قلات بلوچ سڏجڻ لڳو. انگريز ماهرن هنن کي دراوڙ قوم مان ثابت ڪيو آهي. رهائش جي لحاظ کان هنن کي سراوان جا پلوي ۽ جهالاوان جا پلوي چون ٿا. براهوي ڪنفيڈرنسي ۽ براهوي آفيشيل رڪارڊ. جيڪو 1901ع ۾ انگريزن آدم شماري وقت تيار ڪيو هو. ان ۾ براهوئيء جو ذڪر ٿيل آهي. ان وقت انگريزن. خان بهادر خداداد خان کي نظربند ڪيو هو. جنهن کان انگريزن براهوي قوم جي واقفيت لکرائي ورتي هئي. ان مان خبر پوي ٿي تہ براهوي لفظ برادہ يا برودہ مان ورتل آهي. برادہ ندي لبنان مان نڪري ٿي. هي اتان آيل آهن. احمد زئي براهوي شاهي خاندان آهي. جيڪي حلب کان آيل آهن. هنن جا مکيہ پاڙا التازئي. ميرواڙي. گرگناڙي. سمعا لاڙي ۽ قلندراڻي آهن. جيڪي پاڻ کي عرب سڏائين ٿا.

بنگلزئي، لاتگوھ (لنگاہ) ۽ لھڑي اصل ۾ بلوچ آھن، پر ھن وقت بروھي تمن ۾ شامل ٿي ويا آھن. رئيساڻي، شھواڻي ۽ سربرھ، پناڻ آھن، پر اچڪلھ بروھي سڏجن ٿا. ڪرد ۽ محمد حسيني ايران کان آيل آھن. بروھي قوم جا پاڙا، قبيلا ۽ شاخون ھن طرح آھن:

1. **شاھواني** (شھواڻي): شاھواني پاڙي جي قبيلي جو نالو حاجي زئي آھي، جنھن جون مختلف شاخون ھن طرح آھن، حاجي زئي، راوت خان زئي، شادين زئي، چندوزئي، حاصل خان زئي، ميروزئي، شير زئي، خواجو زئي، شاھو زئي، حسيني، ڪلوزئي، عمراني، تنگي زئي، سھرزئي، مياھي زئي، ڪشاني ۽ غل.
2. **سھر زئي:** شاھواني جي ٻئي قبيلي جو نالو سھر زئي آھي. ھن جون شاخون آھن، ڏاھي زئي، علي خان زئي، فيروزئي، عيسيٰ زئي، بوجا زئي، حڪيم زئي ۽ ڪنز زئي.
3. **عمراني:** ٽئين قبيلي جو نالو عمراني آھي، ھن جون مختلف شاخون آھن: ھوتي زئي، جھل زئي، يار علي زئي، پندوخ زئي، زھرو زئي، غذار زئي ۽ جوگي زئي.
4. **رئيساڻي:** ميان علي زئي، راءِ حسن زئي، رستم زئي ۽ سراج زئي.
5. **بنگلزئي:** سيد زئي، گھرام زئي، دينار زئي، گراتي، شوران زئي، بدو زئي، مندواڻي، پرڪاڙي، بجار زئي، مغندوزئي، قُـگ، باران زئي ۽ شاھو زئي.
6. **محمد شھي:** مدوزئي، ڪرمو زئي، شرن زئي، مسوداني، گرگين زئي، شادي زئي، محمد زئي، پھلوان زئي، زردار زئي، سودو زئي، صفو زئي، سامڪ زئي ۽ جڪو زئي.
7. **لھڑي:** ابراھيم زئي، حيدر زئي، زوبيراني، شاديائي، خلچاني ۽ شنگراني.
8. **مينگل:** شاھي زئي، پھلوان زئي، ابابگي ۽ گرگيج.
9. **زھري:** زرڪ زئي، خدراني، جتڪ، موسياني ۽ باجوئي.
10. **قمبراڻي:** صوپازئي، ميران زئي ۽ باران زئي.
11. **دھوار:** خواجہ خيل، ھوتي زئي، سارنگ زئي، داري زئي، قاضي خيل، شيخ، گوارا زئي، نجار زئي، زرخيل، منگوزئي، اناري زئي، ڊاڊر زئي، ھولاڻي، ابڙا، الجازئي ڏونب ۽ سياہ پاد. انھن مان زرخيل، پناڻ ۽ سياہ پاد، رند آھن. دھوار ايراني نسل مان آھن.
12. **شاھوزئي:** رھزن زئي، براھيم زئي، تماز زئي، ريحان زئي، فدار زئي، جنگي زئي، گاجي خان زئي، مراد خان زئي، سيد خان زئي، مصر زئي، گرَ زئي ۽ مستان زئي.
13. **مير واڙي:** احمد زئي. ھي حڪمران پاڙو آھي، جنھن جو ڏاڏو مير خان ھو، ان ڪري "مير واڙي" سڏجن ٿا.

مولائي شيدائي جي مٿي ذڪر ڪيل پاڙن، ٽڪن، شاخن ۽ قبيلن کان سواءِ ھينري پاٽنجر "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ۽ سفر" ۾ اٽڪل 87 پاڙا لکيا آھن، جيڪي ھيٺ ڏجن ٿا:

(1) قمبرا ٹي (سردار محمد خان) (2) مهيوري (سردار قادر بخش) (3) مينگل (سردار ولي محمد) (4) سوملاري (5) گرگراٹي (ف . بگهڙ) (6) امام حسيني (سردار شيخ لوهر) (7) كلچي پگوا (8) محموداٹي (9) مورو دها (10) كوري (11) برجي(12) ركي(13) پندراٹي (14) ريستكو (15) شير واري (16) رئيساٹي (سردار ملا محمد) (17) نيچاري (18) بيزنجا (سردار رحمت خان) (19) شجاع ديني (20) ماموستي (مام سني) (21) هاروني (سردار هارون خان) (22) رودیني (23) ساسولي (24) كروچكو (25) بجاٹي (26) كوردا (27) ناگري (28) كيجن بلادي (29) نصير روداٹي (30) چوتوا (31) كدراٹي (32) مير وازي (33) كلادئي (34) گلو سوري (35) كولاچي (36) لوگي (37) كري (38) محمود شهي (39) ديبكي (40) ريساٹي (41) قيصري (سردار مير قيصر خان) (42) موزي (43) گچاگي (44) جياٹي (45) موسوواٹي (46) سراواٹي (47) سرفراٹي (48) يورجهائي (49) كوچكا (50) پولدارا (51) پوكا (52) ردي (53) ايسراٹي (54) مهراٹي (55) جمال زئي (56) گواراٹي (57) سموزئي (58) پوئيتي (59) چگوزئي (60) دودئي (61) جيكو (62) رودن زئي (63) حسيني (64) چمروزئي (65) موروئي (66) بمبوك زئي (67) راهزئي (68) شادن زئي (69) شاهوزئي (70) كنتنزئي (71) رمضان زئي (72) شير زئي (شينهن) (73) گلزئي (74) بنگل زئي (75) لهڑي (76) جتك (77) شمبوزئي (78) درازئي (79) پركاڑي (80) گهاركا (81) مرداشئي (82) كيا زئي (83) شهواٹي (84) زرك زئي (85) سنبك زئي (86) احمد زئي (87) اچكزئي

مٿين پاڙن کان سواءِ لورا بہ چون تا تہ اسان بروهي آهيون. مردوئي (جدگال) ۽ تنبراٹي بہ ساڳي دعويٰ ڪن تا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "بيلاين جا بول" ۾ لکيو آهي تہ مينگل بہ بروهي آهن. "جامع سنڌي لغات" ۾ آهي تہ منداراڙي بہ بروهي آهن. ايس. صادق علي بروهين جي ذكر ۾ لکي ٿو تہ بابكي، پُنياٹي، بوبك، باداٹي، باجوڙ، بدوبائي، چنل، چنال، دايا، گرگيج، دينارى، گنبزئي، نوساٹي، پيركاٹي، ذگري، چام ڪلاغ زئي، لوطاٹي، لڏاٹي، محموداٹي، ميرواٹي، منوزئي، موسياٹي، محمد حسيني، مزدزا، منو زئي، نوياٹي، نتواٹي، ريگزئي، رشكياٹي، سناٹي، سوموڻاٹي، شيخ احمداٹي، تمراٹي، ويڑهي ۽ دونب بہ بروهين جا پاڙا آهن.

برهان خيل: برمهند (مهند) پناٹن جو هك پاڙو.

بَرهان زئي: ڪردن جي هك پاڙي جو نالو. مكران ۾ رهندڙ مكراني بلوچن جي هك پاڙي جو پڻ اهو نالو آهي.

برهائي: هندو رانين جي هك ذات جو نالو.

بَره دودا: هي برفتن جي هك ذات آهي ۽ لسبيلي طرف رهن تا. دودي جو اولاد آهن. نك ننڍا هئڻ ڪري "بره" سڏجن تا. بلوچي زبان ۾ "بره" جي معنيٰ آهي ننڍن نكن وارا. (بحوالہ كتاب بلوچ اور بلوچستان ص 24)

بَرهَماٹي: جت قبيلي ميرجتن ۽ ڏهر قبيلي جي هك پاڙي جو نالو. جوكين جي برفت شاخ مان پڻ هك

پاڑي جو نالو آهي. چولياڻي چاندين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "برهماڻي" آهي. هي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ وينڊ آهن. ڪرمتين جي هڏيءَ شاخ مان هڪ پاڙو.

برهم کتري: پرسرام جي ڏپ کان ڪجهه کترين وڃي برهمڻن ۾ پناهه ورتي. اتي کتري عورتن کي پنهنجن مڙسن مان جيڪو اولاد پيدا ٿيو. اهي "برهم کتري" سڏجن ٿا. اٽڪل پنج سو ورهيه اڳ برهم کتري لڏي وڃي "پنج محل" طرف "چام پانير" ۾ وسيا. 1484ع ۾ مسلمانن جي ڪاهن سبب ڏپ وڃان، احمد آباد، گجرات، ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ اچي وسيا. حيدرآباد وارا کتري چوڙيگر ۽ رنگ ساز آهن. برهم کتري اڪثر ڪري ديويءَ جا پوڄاري آهن. منجهائن ڪافي مسلمان ٿيا آهن. سندن مکيه نکون آهن:

1. آروڙا 2. آسرا 3. پچڑا 4. ٽنڊن 5. جگر 6. چانڊيار 7. درڙي 8. ڏوڏيا 9. ڏانڊ 10. سنچر 11. سوديا 12. سونپار 13. سوفيجي 14. ڪاڻ پانيڻ 15. کوها 16. مجر 17. ڪاڪو 18. ڪرڪل 19. گنا 20. مامتورا 21. مچر. 22. نينگو ۽ 23. ماڏو. چانڊيار ۽ مچر اڪثريت ۾ آهن.

برهمڻ (پانيڻ): هندن جي هڪ وڏي ۽ قديم ذات آهي. ڇڇ، راجا ڏاهر ۽ سيوهڻ جا راجا پڻ برهمڻ هئا. هنن هندن جا اٽڪل پاونجاهه پاڙا آهن. جن مان ڪجهه مشهور پاڙا هن طرح آهن: (1) سرسوت (سارسوت) (2) پشڪرنا (پشڪران) (3) شر سالهي (شريمالي) (4) راجگر (5) پوڪرنا (6) گجر (گوجر) (7) ولبچاري (8) چنچر (ساوڻي) (9) پانيڻ (10) گور برهمڻ (11) ناگر برهمڻ ۽ (12) ميڙ برهمڻ. برهمڻ هندن جي اوچي ذات آهي. هنن کي جوتش جي علم جي ڄاڻ هوندي آهي. هي خاص جنترين، ٽيڪا ۽ گهڙيون ٺاهڻ. ڪريا ڪرم ڪرڻ ۽ پنهنجن ششن جي ڏرمي سکيا جي نظرداري ڪن ٿا. پنهنجي نالي جي اڳيان يا پٺيان داس، رام، چند، راءِ، مل، جي يا سر لڳائيندا آهن. برهمڻ بن ذاتين ۾ ورهايل آهن. ٻرڪاٽا ۽ سرسٽ يا سر سڏ.

بري: ايراني قوم آهي، جيڪا واپار، روزگار ۽ عزادت جي سبب ڪراچي ۽ ان جي آسپاس آباد آهي. اهي بلوچي ۽ فارسي زبان ڳالهائين ٿا.

بريا: مغل دور ۾ بريا، سميجا ڪل مان هئا. هن وقت هي ذات نهايت ٿورائيءَ ۾ آهي.

بريائي: ڪٽيار جتن جو هڪ پاڙو.

بڙائي: نصرپور جي سيدن جو هڪ پاڙو. مشهور حڪيم سيد اسدالله شاهه هن پاڙي مان هو.

بڙجانگ: سماڻي جتن جو هڪ پاڙو.

بڙدي: هيءَ ذات بلوچن ۾ شمار آهي. ڪن جاين تي هنن کي ڪٽوهڙ، بليدي يا بلدي به چون ٿا. بڙدي، جت ۽ سڏبا آهن. هي بلوچي ڳالهائين ٿا. ڪن جاين تي سرائڪي ته ڪن جاين تي سنڌي ڳالهائين. بلوچن جي وڏي جو نالو "هرين" هو. جنهن کي ٽي پٽ 1. ميڙ جلال خان 2. ميڙ علي ۽ 3. نوس هئا. ميڙ عليءَ کي به پٽ

هڪڙو زيندي خان ۽ ٻيو مراد خان ٿيا. زيندي خان کي وري ٻہ پٽ هئا. هڪ سندر ۽ ٻيو حاجي خان. انهن جي اولاد کي بڙدي چون ٿا. سندراڻي، حاجيجا ۽ بجاراڻي ٻہ انهن جون شاخون آهن. بڙديڪا علاقي ۾ رهڻ ڪري سندن نالو بڙدي پيو. بڙدي بلوچن جا خاص پاڙا 24 آهن. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

1. بجاراڻي 2. باجڪاڻي 3. آرياڻي 4. بڪراڻي 5. بنگلاڻي 6. پنگوار 7. چيلاڻي 8. ڏاهاڻي 9. گجاڻي 10. گبول بڙدي 11. گولا 12. گاڏهي 13. گورشاڻي 14. جعفري 15. جبلاڻي 16. ڪنر ٽي 17. ڪٽوهڙ 18. لولاڻي 19. مغيري 20. مستوئي 21. نناڻي 22. نوحاڻي بڙدي 23. تيغاڻي ۽ 24. عمراڻي. مگسي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بڙدي" آهي.

شجرو



ايس. صادق عليءَ جي لکڻ موجب بڙدي يا بليدي قلات جي ديهہ "بـُلو" جا رهواسي هئا. جنهن تسميہ سبب بڙدي ۽ بليدي سڏجڻ لڳا. ان وقت سندر خان جي اولاد مان علي مراد خان ولد مير واحد بخش خان. سندراڻي قبيلي جو چگو مڙس هو. ٻئي قبيلي جو چگو مڙس حاجي جي اولاد مان غلام خان ولد جعفر خان حاجيجو بڙدي هو. ٽئين قبيلي جو اڳواڻ ڪرم خان ولد شير محمد خان بجاراڻي، ڪرمپور وارو هو. هن وقت بڙدين جا ٽيئي قبيلا مير سندر خان سندراڻي جي سرداري هيٺ آهن. انهن ٽنهي قبيلن جي پاڙن جي ورهاست هن طرح آهي:

(1) سندراڻي قبيلو

1. سندراڻي
2. بابواڻي
3. بابلاڻي
4. بجاراڻي
5. بهادر خاناڻي
6. حاجاڻي
7. هيسباڻي
8. ميوالداڻي
9. نٹراڻي
10. زينداڻي

(2) حاجيجا

1. حاجيجا
2. ڏاهاڻي
3. ڪٽوهڙ
4. کوڑکاڻي
5. لوهر (لهر _ لوهاڻي)
6. مغيري
7. سناڻي
8. عمراڻي

(3) بجاراڻي

1. بهلڪاڻي
2. باجڪاڻي
3. بڪراڻي
4. بنگلاڻي
5. بنگوار (پنگوار)
6. بجاراڻي
7. ڏاهاڻي
8. گاجاڻي
9. گجراڻي
10. ڪنراڻي (ڪنبراڻي)
11. نندواڻي

ايس. صادق علي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا لکيل پاڙا غالباً ساڳيا آهن. انهن کان وڌيڪ ٻيا ب ڪيترائي پاڙا آهن. جيڪي محقق هٿ ڪيا آهن. جن جا نالا هن طرح آهن: 1. عارباڻي 2. بابراڻي 3. گرگيج 4. گورماڻي 5. جاگيراڻي 6. جاداڻي 7. خيروائي 8. کوڑکاڻي 9. خادماڻي 10. ليڙواڻي 11. محمداڻي 12. ماڑکاڻي (مرکاڻي) 13. راواڻي 14. رستماڻي 15. ريڙي 16. سهراڻي 17. سبزوئي 18. سلکاڻي 19. سخيراڻي 20. سهجاڻي 21. قمبراڻي 22. بڏياڻي 23. لوچراڻي 24. ميرالي.

بڙيال: جاڻن جو هڪ پاڙو.

بڙيچ: ٻڌاڻن جو پاڙو آهي ۽ شڪارپور ضلعي ۾ رهن ٿا.

بزاز: لفظي معني آهي ڪپڙو وڪڻندڙ. ان نسبت سان هي ذات جا "بزاز" سڏجن ٿا. هي ايراني آهن ۽ ڪراچي ۾ رهن ٿا.

بزگر: فارسي لفظ آهي، جنهن جي معني آهي هاري، ڪاشتڪار. مڪران ۾ هڪ بلوچي ذات جو نالو.

بزنجو (بيزنجا): روايت ۾ آهي تہ حمل بروهيءَ کي ميرواڻي سردار ملڪ بجار طرفان ڪاڌ خوراڪ لاءِ ويهہ مڙ جَـوَ (هڪ مڻ بلوچي اڀائي سيرن جي برابر) ڏنا ويندا هئا. "بيسن من" جو لفظ ڦري بيزنجو / بزنجو ٿيو. ان ڪري بعد هي "بزنجا" سڏجڻ لڳا. هڪ بي روايت موجب هڪ نوحاڻي بلوچ جو نالو "بيزن" هو. جيڪو ڦري بزنجو ٿيو. بزنجو، بروهي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هن جو مورث اعليٰ رحمت خان بزنجو هو. هي مخلوط نسل مان آهن. هنن جو واسطو جهلاواني پهلويءَ سان آهي. جنهن ۾ شاهي زئي، مينگل، بزنجو، خدراني، ساجدي ۽ محمد حسيني شامل آهن." بلوچ قوم کي تاريخ" از محمد سردار خان بلوچ، ص 696 موجب بزنجو، "جت" آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "بيلاين جا بول" (ص 59) ۾ بزنجن کي بلوچ لکيو آهي، جن مان باکڙن جو راڄ آهي. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 102 موجب بزنجو، نوحاڻيءَ جو اولاد آهن. راءِ بهادر هتورام، بزنجو بروهين جا پاڙا هن طرح لکيا آهن: حملاڻي، تمراڻي، عمراڻي، سياهہ پاد، نندواڻي، ڪنگڙ زئي، بدوزئي، نوناڻي، چنال، گزوزئي، زهرواڻي، برداڻي، غيبي زئي، شاهوزئي، بوهڙاڻي، ساسولي ۽ گوران زئي.

بزيراڻي: چاندين، دومڪين ۽ لغارين جي هڪ پاڙي جو نالو.

بـزير زاده: مڪراني بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَشاماڻي: ڪوسن جي هڪ پاڙي جو نالو. ڪرمتين جي ٻئوا شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

بشڪواڻي: ميرجتن جي دادواڻي شاخ مان هڪ پاڙو.

بشنوئي: هندو ترڪانن ۽ جتن مان آهن.

بشواڻي: ڪوسن جي هڪ پاڙي جو نالو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "بيلاين جا بول" (ص 65) ۾ لکي ٿو تہ "بشواڻي"، قريشي آهن، جن جو شجرو دوست محمد بن لعل محمد کان ٽيندو سعيد بن حضرت عثمان سان ملي ٿو. (مڪمل شجرو مذڪوره ڪتاب ۾ ڏنل آهي).

بَغـلاڻي: لغاري قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَقاري: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو (بڪاري) (تاريخ سجاول 1984ع)

بقوزئي: شرخيون پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بقوزئي خيل: شرخيون پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـڪراڻي: گورچاڻي بلوچن جي شيخاڻي قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو.

بَـكَـري: حضرت ابوبکر صديق جو اولاد آهن. بکري ۽ صديقي چوائين ٿا.

بـِـكَـكَ: کوهستان علاقي جي "چـُـٽا" قوم جي هڪ قبيلي جو نالو. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿوتـه "بِـكَـكَ"، مچي مارڻ وارا ملاح آهن. (مهراڻ 4 _ 3 سال 2001ع ، ص 32)

بـُـكَـيجا: کتاب "سمات" جي لکڻ مطابق بکيجا، سميجا کل مان آهن. ابڙن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بـُـكيجا" آهي.

بـُـكيرا: سمن جي ذات جو نالو. ان ذات جي نالي سان ٽنڊي الهيار جي پرسان هڪ شهر جو نالو "بـُـكيرا شريف" آهي، جنهن ۾ بهاءُ الدين ذڪريا جي اولاد جي سڪونت گاهه آهي.

بـُـكيراڻي: گورچاڻي بلوچ قوم جي خليلاڻي پاڙي مان هڪ قبيلي جو نالو.

بکاڻي: ڇنا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

بکرال: پنوار راجپوتن مان جٽ (جت) آهن. جهلم ۽ بهاولپور جا رهواسي آهن. چون ٿا تـه اسان حضرت عليءَ جي اولاد مان آهيون.

بکراڻي: بڙدي بلوچ قوم جي هڪ پاڙي جو نالو آهي، جيڪي بجاراڻي شاخ مان آهن. سندن وڏي جو نالو بکر هو، جنهن جي پنيان بکراڻي سڏجن ٿا. ڪرمتين جي مهيري ۽ ڳورئي قبيلن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بکراڻي" آهي. انڊڙ قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ بکراڻي آهي. "جامع سنڌي لغات" ۾ کوسن جا ٻارهن پاڙا لکيل آهن، جن مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ بکراڻي آهي. ايس. صادق علي جي لکڻ موجب سمن جي هڪ ذات جو نالو پڻ بکراڻي آهي. ملاحن ۾ "بکراڻي" آهن. نٽيار جتن ۾ پڻ آهن. هڪ ٻئي حوالي موجب بکراڻي، شنباڻي بلوچن جو پاڙو آهي. هي کيئازئي شاخ مان کيئو بن سائينداد شنباڻيءَ جو اولاد آهن.

بکراڻي گدا: هي بگهياڙ بلوچن جا گدا آهن.

بکوپوٽا: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

بـُـگ، بگيا: سنڌ جي سمات ذات آهي، جنهن جو واسطو سميجا اوڙڪ سان آهي. بگ جي اصطلاحي معنيٰ آهي. دريائن، ڍنڍن، ڍورن تي گذران ڪرڻ وارا ماڻهو. هن ذات وارا اصل ۾ سنڌ جا ملاح آهن، جيڪي ڍنڍن، ڍورن مان مچي مارين ٿا ۽ پگهه پکي قاسائي. ان جو واپار ڪن ٿا. بگ بلوچي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اٺ. اٺ چارڻ وارن جتن کي بـ بگ چون ٿا.

بـُـگا: سَمن جي هڪ ذات جو نالو.

بـُـگٽي: حسب نسب جي لحاظ کان "رند" آهن. سندن اصل وطن بلوچستان جي مڪران ۾ بگ (Bug) بستي آهي. اتي بگ ديره يا بگ قلعي ۾ رهڻ ڪري سندن نالو "بگٽي" پيو. سنڌ جي اتر ۾ بگٽي ديرو سندن صدر

مقام آهي. هنن وٽ سرداري نظام آهي. سندن سردار جو نالو نواب شهباز خان ولد غلام مرتضي خان "راهيجو" بگٽي هو. جنهن کي انگريز سرڪار جنوري 1890ع ۾ نواب جو لقب ڏنو هو. جيڪو ديري ببرڪ ۾ رهندو هو. هن وقت هن قبيلي جو سردار نواب اڪبر خان بگٽي آهي. جيڪو ديره بگٽي ۾ رهي ٿو.

سڀ کان پهرين مير چاڪر خان جي سوٽ جو پٽ راهيجو بگٽي (رند) 16 صديءَ جي آخر ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ پوءِ بگٽي قبيلي جا ٻيا ٻ ڪافي ماڻهو سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا آهن. مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ. ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" ۾ بگٽي قوم جون چار شاخون مندراڻي، مشوري، چاڪراڻي ۽ جسڪاڻي ڄاڻايون آهن. اهڙي طرح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن قوم جا 15 پاڙا راهيجا، شنباڻي، بخشلاڻي، چاڪراڻي، گدري، بگٽي، ميرواڻي، ڪيازئي، ڪلڙ (ڪلڙ)، مندراڻي، مشوري، نوتاڻي، سندراڻي، زرڪاڻي ۽ بگراڻي لکيا آهن. ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي "سنڌ جون چند ذاتيون" ۾ (ص نمبر 15 تي) بگٽي قوم جي پنجن پاڙن، رهيجا، نوتاڻي، مشوري، ککپر ۽ شنباڻي جو ذڪر ڪيو آهي. ساڳي طرح مولائي شيدائي "تاريخ بلوچستان" (ڇاپو 1941ع) ۾ لکيو آهي ته بگٽي قوم ڇهن برادرين ۾ ورهايل آهي ۽ ان جون ڇوئيتاليهه شاخون آهن. جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1. **ريهيجا - راهيجا (پيروزاڻي)**: هن پاڙي جون مکيه قربون، رهيجا يا راهيجا (پيروزاڻي)، راهوم، خان زئي، پچلور، جکراڻي، شلواڻي (شالواڻي)، ڏمگياڻي، ميهلاڻي، ببرڪ زئي، موبازئي، ڪرموزئي، قاسماڻي، چندراڻي، سبارڪانزئي ۽ ساهن زئي آهن.
2. **نوتاڻي**: بگراڻي، رموزئي، روهلاڻي، ڪمڪاڻي، قزبر، شنبياڻي، محراب زئي، امدران زئي، جعفراڻي، نورياڻي، سندراڻي، سبزواڻي، ڊومبڪي، دراغ زئي ۽ مير دوست زئي.
3. **ماسوري _ مشوري**: گراڻي، سرڪري، لوڪاڻي، گلشير زئي، سيگراڻي، ديهاڻي، جکراڻي، جعفراڻي ۽ بخشواڻي.
4. **ڪالپور (ڪلپر)**: پدلاڻي، حلڪاڻي، بتيلاڻي ۽ حمزاڻي.
5. **ڦونگ**: شانگ، هئجهاڻي، مندراڻي.
6. **شمباڻي (ياريااڙي)**: گوداڻي، رحملاڻي (سعيداڻي)، تنجواڻي، تڪسور، پجدور، رئيزاڻي، شنگواڻي، مچوبار، پبئي، مرزاڻي، حمزاڻي، مهدياڻي (شمباڻي).

وڌيڪ تحقيق مان اڃا ٻ بگٽي قبيلي جا هينيان پاڙا، ڦريون يا شاخون ملن ٿيون: عباڪان زئي، سليمان زئي، پيروزئي، ڪوهلي، مرهيٽا، مهيلان زئي، ڊوميلي، ڦيزبر، ورغ ريمڪاڻي، بلوچان زئي، رحمي زئي، بخشواڻي، بهدلاڻي، هوتڪاڻي، ڪيئا زئي، چندن زئي، ڏانگيا، حيزواڻي، نوتڪاڻي، زرخاڻي، زم خاڻي، رحمتاڻي ۽ لندڪاڻي. 97-1896ع ۾ حر مجاهدن انگريزن سان مقابلو ڪيو هو. انگريزن ڇالاڪيءَ کان ڪم ونيو بگٽي قوم کي ان مقابلي لاءِ تيار ڪيو. جنهن جي عيوض کين سنڌ ۾ خصوصاً جمڙائو ڪٽنال تي

ء ٽرپارڪر ۾ زمينون ڏنيون ويون.

(شجرو)



م-ڪ پيڪولين جي ڪتاب "بلوچ" مطابق هي "رند" نسل مان آهن. سندن وجود نهايت دير سان ٿيو. غير

بلوچن ۾ ٻين بلوچن جي شامل ٿيڻ ڪري ڪجهه وسعت ورتي اٿن. هي خانہ بدوش ۾ جنگجو قبيلو آهي. سندن پاڙن جا نالا مير چاڪر خان جي پٽن ۾ پائرن جي ٻنيان پيل آهن. بگٽين جو چوڻ آهي تہ اسان چاڪر خان رند جي چاچي جي پٽ "جياندار" جو اولاد آهيون. جياندار جي هڪ پٽ جو نالو "راهيجا" هو. جنهن جو اولاد سنڌ ۾ آباد آهي. رسالي مهراڻ 4 _ 3، سال 1997ع، ص 110 تي، دولهہ دريا خان جي احوال ۾ لکيل آهي تہ لند ۾ بگٽي هندن جي پاڙن جا نالا پڻ آهن.

بگٽياڻي: ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ مان هڪ پاڙو.

بُـگدا: ملاحن ۾ مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو. جيڪي اڪثر ضلعي ٺٽي ۾ رهن ٿا.

بُـگرا: ملاحن ۾ مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو.

بُـگراڻي: بگٽي بلوچ قوم جي نوٽاڻي پاڙي مان هڪ قبيلي جو نالو. لاشارين ۾ پڻ بگراڻي آهن.

بَـگـڑا: مهرن جو هڪ پاڙو.

بُـگڑا: ملاحن ۾ مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو.

بگو: مسلمان سماڻ ذات آهي.

بگيا: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

بگيال: ڳکر قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

بگهاڙ (بگهياڙ): ڪرمتي بلوچن جو هڪ پاڙو يا قبيلو. جيڪي ذات طور بگهاڙ سڏجن ٿا. اهي اوائلي دؤر ۾ مڪران جي بگهياڙ ڪات تي اچي وينا. جنهن جي نسبت سان بگهياڙ بلوچ سڏجن ٿا. لاهري بندر، بگهياڙ درياءَ تي ٻڌل هو، ان درياءَ جا رهواسي بلوچ پاڻ کي "بگهياڙ" چوائين ٿا. حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ بگهياڙن جا ٻہ ڪيڙ آهن، هڪڙا رندن مان ۾ ٻيا ڪرمتي جتن مان (ڪنيگ). ڪرمتي بگهياڙن جا خاص پاڙا آهن: 1. پنياڻي 2. ٺڪراڻي 3 رودڻاڻي 4. سرماڻي 5. عالياڻي 6. مليراڻي 7. ميراناڻي؟۾ نندائي.

بَـگهڙَ: راڄپرن جو پاڙو، جيڪي ضلعي نوشهري ۾ ضلعي خيرپورميرس ۾ رهن ٿا.

بُـلا: جتوئي قبيلي جو هڪ مکيہ پاڙو، جيڪي سنڌ ۾ ذات طور پاڻ کي "بلا" سڏائين ٿا. سندن زبان گهٽو ڪري سرائڪي آهي، هي شڪارپور ۾ سکر واري حصي ۾ گهٽائيءَ ۾ آباد آهن. جتوئي، تڙڻ، شر، ڪوش، ڪروش، زنگيجا، حيدراڻي، ڪرسي ۾ مصراڻي، هن برادري جا مکيہ پاڙا آهن.

بَلادي: جت قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

بِـلادي: جت قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

بلارا: برون ملاحن جي هڪ ذات.

بـــلاسيا: مينگهواڻن جي هڪ ذات جو نالو. جيڪي ٽر ۾ رهن ٿا.

بلاڪي: خٽڪ پناڻن جو هڪ پاڙو.

بِلالاڻي: هڪ مسلمان ذات جو نالو آهي. ٽر ۾ سندن ڪافي ڳوٺ آهن. چانڊين ۾ پڻ "بلالاڻي" آهن. جيڪي بلال فقير جو اولاد آهن.

بلالجا: سهڻن جو هڪ پاڙو.

بـَلاڻي: مارفاڻي چانڊين جي پاڙي مان هڪ شاخ جو نالو.

بـُلاڻي: نوحاڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

بـــلاڻي: پهنورن جي هڪ پاڙي جو نالو. چمارن ۾ پڻ بلاڻي آهن.

بـــلدي: بڙدين ۽ بليدين کي چون ٿا .

بلر: هڪ مسلمان سماڻ ذات.

بلغارزئي: مينگلن جو هڪ پاڙو.

بلغوريہ: آرائين جي هڪ پاڙي جو نالو.

بـُلفت: رند بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. ياد رکڻ گهرجي تہ برفت سما ۽ جدگال (جوکيا _ جت) آهن. ۽ جدگال بلوچي زبان ڳالهائين ٿا. بلفتن جي زبان پڻ بلوچي آهي. ليڪن جوکيا ۽ جت پڻ سماڻ ذات آهي. ان ڪري بلفت ۽ برفت ۾ الڳ الڳ ذاتيون آهن. انهن کي هڪ ذات سمجهڻ نہ گهرجي. رندن جو هڪ خاندان بلفت نديءَ جي پرسان وڃي وينو. جنهن سبب هي بلفت سڏجڻ لڳا.

بـُلڪ پوتا: جاکرن جي منجهئان شاخ جو هڪ پاڙو.

بِـلگرامي: هندستان جي شهر بلگرام کان آيل مهاجر آهن. جيڪي پاڻ کي ذات طور "بلگرامي" چوائين ٿا.

بـــلنداڻي: ڪرمتين جي جانوري شاخ جو هڪ پاڙو.

بلواڻي: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بلوترا: ٺاکر راجپوتن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بـَلوچ: هن قوم کي مختلف دورن ۾ جدا جدا نالن سان لکيو ويو آهي. اردو دائره معارف اسلاميہ ۾ لکيل آهي تہ بلوچ اصل ۾ روس جي صوبي ماري (Mari) جا رهاڪو خانہ بدوش پهاڙي باشندا هئا. جيڪي چوٿائي مال تي گذران ڪندا هئا. ان وقت سندن تعداد 936 هو. جيڪو وڌي ڏهہ هزار ٿيو. جن کي اتي جا

ماڻهو "بلوص" [1] چوندا هئا. جڏهن ان قوم جي خبر بين قومن کي پئي ته هو هنن کي بعل، بيلوص، بلوچ، بلوص، بلوس، بلوش، بعلوت، بلعوث، بيلوث ۽ بعلوس چوندا هئا. عرب هنن کي بلوص، بروج، بلوس، ۽ ايران وارا بلوچ چوندا هئا. برصغير ۾ ايراني لفظ "بلوچ" رائج آهي. اصل ۾ لفظ "بلوص" آهي، ايران وارا"ص" جو استعمال نه ڪندا هئا، ان ڪري بلوچ چيائون. عرب "ص" کي "ش" ۾ تبديل ڪري "بلوش" لکڻ لڳا. دائره معارف اسلاميه وارو لکي ٿو ته "بلوص"، نمرود جو لقب هو، جنهن جي معنيٰ هئي سڄ جو ديوتا، اهڙي طرح سان ان ملڪ ۾ بلوص هڪ ديو (جن) جو نالو پڻ هو. سردار محمد خان گشڪوري جي راءِ مطابق اصل لفظ "بلوص" آهي. ڪي چون ٿا ته بلوچ لفظ "بار لوچ" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، صحرا ۾ لٽڻ ۽ ڦرڻ وارو. "بلوچ قوم کي تاريخ" از محمد سردار خان بلوچ (چاپو 1989ع، ص 75) ۾ لکيل آهي ته لفظ "بلوچ"، سنسڪرت جي بن لفظن بل ۽ اچا جو مرڪب آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "بيحد طاقتور". گزيٽيئر آف انديا (جلد 6، ص 389) ۾ لکيل آهي ته بلوچ جو مطلب آهي خانه بدوش ۽ سيلاڻي. شاهنامه فردوسي. قلمي نسخي (جلد 2، ص 1811) ۾ لکيل آهي ته "بيلوص"، ڪڙ جي ڪلغي کي چون ٿا، هي خانه بدوش، پٽڪو ڪڙ جي ڪلغيءَ جهڙو پڌندا هئا، جنهن ڪري ماڻهو انهن کي "بيلوص" چوڻ لڳا، پوءِ اهو لفظ ڦري "بلوچ" ٿيو.

رهائشي اعتبار کان بلوچ، وادي "بلوص" واري ايراضيءَ جا رهواسي هئا، جيڪا شام ۽ ايران جي سرحد پرسان حلب وٽ آهي. پوٽنگر ۽ خانيڪوف جو چوڻ آهي ته هي ترڪمان نسل مان آهن، برٽن، ليسن، اسپيگل ۽ ڊيمز جو خيال آهي ته هي ايراني نسل جا آهن. سرٽي ۽ هولڊچ جي راءِ موجب هي عرب نسل جا آهن. سردار محمد خان گشڪوري لکيو آهي ته بلوچ ڪلداني ۽ بابلي آهن ۽ نمرود جي نسل مان آهن. فردوسي ۽ نور احمد خان فريدي جي تحقيق مطابق بلوچ قوم، سامي النسل آهي، جيڪي بحيره خزر ۽ بحيره اسود جا رهاڪو آهن، جتان هو دشت لوط، ڪرمان، مڪران ۽ ايران کان ٽيندا برصغير پهتا.

وڌيڪ معلوم ٿئي ٿو ته هنن امام حسين رضه جو ساٿ ڏنو هو، سندن شهادت بعد بامپور کان ٽيندا سيستان پهتا. هنن جو وڏو هرين هو. جنهن کي ٽي پٽ هئا 1. مير جلال خان، 2. مير علي ۽ 3. نوس. جلال خان، بلوچ قوم جو سردار ۽ سرواڻ هو. سردار محمد خان گشڪوري لکي ٿو ته مير جلال خان سنڌ ۾ نظام الدين عرف چام نندي جي حڪومت دوران 1469ع ۾ پهتو هو. مولائي شيدائي "تاريخ بلوچستان" (چاپو 1941ع) ۾ لکيو آهي ته رزلي (Risely) جي تحقيق موجب بلوچ، ترڪي ۽ ايراني نسل مان آهن. مسٽر ايم. ايل. ڊيمس، "بلوچ قومون" (The Baloch Races) ۾ لکيو هو ته بلوچ، ايراني نسل جا آهن. ڊاڪٽر ٽرومپ ۽ ڊاڪٽر ڪالڊ ويل پڻ ان ڳالهه سان متفق آهن. سندن چوڻ آهي ته بلوچن جي زبان دراوڙي زبان جهڙي

---

[1] لبناني جبلن ۾ "بلوص" (بلوچ) رهن ٿا جن مان بلوچ قوم آهي. (بحوالہ "ڪتاب بلوچ قوم کي تاريخ" صفحو 265)

آهي. مسلمان مورخ ابن خلدون ۽ ابن اسحاق جي تحقيق مطابق بلوچ، ايراني ۽ عرب نسل مان آهن، جن جو واسطو سام ابن نوح عليہ وسلام کان هلندو اچي ٿو. هينري پاٽنجر پنھ اهڙي راءِ ڏني آهي.

مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" (ص 301) ۾ لکيو آهي تہ بلوچ اصل ۾ حلب شهر جا وينل هئا، جي بغداد مان لنگهي پهرين ڪرمان ۽ پوءِ مڪران ۾ آيا. سن 680ع ڌاري بني اميہ خليفي يزيد بن معاويہ کين اتان هڪالي ڪڍيو. بلوچ پاڻ کي امير حمزي جو اولاد تا سڏائين. [1]

ڊومڪين جي دفتر "شعر" ۾ هڪڙو شعر علم الانساب متعلق ڏنل آهي جو 1840ع ۾ جنرل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ بلوچن جو حسب نسب بيان ٿيل آهي:

شڪر الحمد گزران بادشاهہ ملڪ وٽي
بگ وٽئہ کوشٽي ملڪا در جهان خاڪ گل،
ما مريدون يا علي اي دين ايمان شيبتين
حمزه اولاد بلوچي صوپ درگاه گرين
از حلب قار کايون گويزيدا جهيڙين،
ڪلبلا بنپور نيا مان شهر سيستان منزلين.

يعني اسين بلوچ سيد الشهداءَ امير حمزي جو اولاد آهيون، اسان کي درگاهہ رب تعاليٰ مان سوپ مليل آهي ۽ اسين حضرت علي جا مريد آهيون، تنهنڪري اسان جو ايمان ثابت آهي، پنهنجي وطن حلب (Allepo) کان نڪري ڪربلا جي معرڪي ۾ امام حسين رضہ جي جهنڊي هيٺ يزيد جي لشڪر سان لڙياسون، پوءِ عرب کان نڪري بنپور شهر وڃان لنگهي سيستان ۾ پهرين منزل ڪئي سون.

ساڳيو ڊومڪي شاعر بيان ڪري ٿو تہ ان وقت مڪران جي بادشاهہ مير شمس الدين سندن والهانہ استقبال ڪيو ۽ ساڻن همدردي سان پيش آيو، ان کان پوءِ مڪران جو والي مير بدرالدين ٿيو. جيڪو بلوچن سان نہ نهيو ۽ ان وقت بلوچن جا جملي 44 قبيلا (بولڪ) ايران کان مڪران پهتا هئا. جن ۾ هوت، کوسا، ڪورائي، لاشاري، دريشڪ، چانديا، جسڪاڻي، ميرالي، جتوئي، دستي، گوپانگ، گولا، رند، لغاري، آلکاڻي، بليدي، غازاڻي، عمراڻي، دوداڻي، مري، بگٽي، مزاري، نوشيرواني، بزنجا، ڪلمتي، قيا، بند ۽ بڙدي وغيره شامل هئا. اهي مير شهڪ جي سرداري هيٺ آيا. انهن جي جهنڊي تي شينهن جي تصوير هئي.

---

[1] صحيح بخاري، اسد الغابہ ۽ طبقات ابن سعد مان معلوم ٿئي ٿو تہ امير حمزه کي لوڌہ نالي ڪا زال ڪانہ هئي، هن کي ٽي زالون بنت اسملہ، خولہ بنت قيس ۽ سلمہ بنت عميس هيون، جن مان پيدا ٿيل ٻار مري ويا هئا. انهن ٻارن جا نالا يعليٰ، عامر ۽ عماره (پٽ) هئا. البتہ يعليٰ کي پنج پٽ عماره، فضل، زبير، عقيل ۽ محمد هئا، جيڪي ٻالڪپڻ ۾ وفات ڪري ويا هئا. گويا حضرت حمزه جا نہ پٽ ۽ نہ ئي وري پوٽا ٻچيا.

بلوچ قبيلن جي پاڻ ۾ اٽڪڻ ٿي پئي، ۽ وڙهندا رهيا. مير بدرالدين به هنن سان نه نهيو. جنهن ڪري مڪران ڇڏي اچي بلوچستان ۾ آباد ٿيا. محمد بن هارون اموي ۽ محمد بن الحارث العلافي عرب سردار بلوچستان ۽ سنڌ ۾ آيا ۽ پاڻ کي "بلوچ" چيائون.

ايس. صادق علي جي لکڻ موجب بلوچ، ان هارون (هرين) جو اولاد آهن. جنهن کي ٽي پٽ جلال خان، مير علي ۽ نوس هئا. مير جلال خان کي چار پٽ رند، لاشار، هوت ۽ کورائي ۽ هڪ ڏي جتو هئي. امرت لعل عشرت جو چوڻ آهي ته 11 صديءَ ۾ چنگيز خان جي حملن سبب بلوچ مڪران پهتا ۽ پندرهين صدي ڏاري سنڌ ۾ داخل ٿيا. تيمور ۽ بابر جي زماني ۾ گهٽائيءَ ۾ آباد ٿيا. ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي رڳو ڏومڪي شاعر جو شعر پيش ڪري بلوچ قومن جي باڻن ۽ قبلين تي ڪجهه به نه لکيو آهي. ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي "سنڌ جون چند ذاتيون" ۾ مير جلال خان جا پنج پٽ رند، لاشار، قرائي، جتوئي ۽ هوت لکيا آهن پر هن ڏي "جتو" جو ذڪر نه ڪيو آهي. جتو جي جاءِ تي پٽ "جتوئي" لکيو آهي.

"بلوچ قوم اور ان کي تاريخ" ۾ ست پٽ لکيل آهن. ليڪن مصنف مير عالي لاءِ چوي ٿو ته هي مير جلال خان جو پاءُ هو، پٽ ڪونه هو. هڪ پٽ جو نالو "جاتن" لکي ٿو. ڏومڪي شاعر جي بيان موجب مير جلال کي پنج پٽ هئا. هڪ شاعر فارسي ۾ شعر چيو آهي، جنهن مان پڻ ثابت ٿئي ٿو ته مير جلال خان کي پنج پٽ هئا. هي شعر هن طرح آهي.

بيا اي سخنگوئي صادق سخن، بمن گوي احوال نوو سهن،
خبرده که اصل بلوچ از کجا است، حسب و نسب شان بگو تو زراست،
که اين فرقه نامي از چه سبب، عزيز است اندر جهان در نسب،
چه طور است کاين جمع در مرد مان، شده در سنا مشتهر درجهان،
بگفتا بگويم به تو اي رفيق، ز اولاد حمزه بود اين فريق،
شنيدم من از راويان اين خبر، که بوده پسر پنج از يک پدر
بنام آن يکي رند ديگر لشار، سيوم هوت، چارم جتوئي شمار
کورائي تو پنجم برادر بدان، بهر پنج بد پنج ايل اي جوان
پس از مد تي ان گروهي بلوچ، بکر مان از حلب کرده کوچ.

مولائي شيدائي "تاريخ بلوچستان" ۾ لکيو آهي ته بلوچي شجري موجب مير جلال خان کي ڇهه پٽ ۽ هڪ ڏي هئي. جو هو تاڪ ڪتاب جي ص 20 تي هن طرح ڏيکاريل آهن: 1. رند، 2. لاشار 3. کورائي 4. هوت 5. بلو. 6 علي ۽ 7 نياڻي جو نالو جتو. هن شجري ۾ پٽ ساڳي ترتيب ڏنل آهي. هڪ ٻئي تاريخي حوالي موجب مير جلال خان ڪيچ تي قبضو ڪري پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. اتي هن به شاديون ڪيون.

پهرين وڏي زال مرزا جهان بيگ مغل جي ڏيءَ فاطمہ نالي هئي. جنهن مان رند، لاشار، قرائي (کورائي) بلو. علي ۽ هڪ ڏي جتو پيدا ٿيا. بي شادي راجپوت هوتن مان (هندو) عجوبہ نالي هڪ ناڇڻي (رقاصہ) سان ڪئي هئائين. جنهن مان ڪيس هڪ پٽ ڄائو هو. جنهن جو نالو ناناڻي نسبت سان "هوت" رکيو ويو ۽ ان ڪري سندس لقب "عاري ڄام" هو. ان وقت هوتن (هندن) وٽ اٺ هوندا هئا. جن جي ذريعي سنڌ، گجرات ۽ دکن تائين واپار ڪندا هئا ۽ مال ڏوئيندا هئا. ان نسبت سان کين "جت" ڀي چيو ويندو هو.

ميرجلال خان جي وفات واري ڏينهن هن جا سڀ پٽ غمگين ۽ نڍال هئا ۽ ڪفن دفن ۾ مشغول هئا تہ ننڍي پٽ "هوت" ماءُ جي چوڻ جي موقعي مان فائدو ونبي ميري ڪيڇ تي قبضو ڪيو.

ابو القاسم فردوسي سن 1000ع ڌاري لکيو آهي تہ:

گزين گرد ازان نامدار سوار
دليران جنگي ده ودو هزار
هم از پهلو پارس کوچ و بلوچ
زگيلان جنگي و دشت سروچ

مختلف روايتن موجب حضرت اسماعيل عليہ السلام کي 12 پٽ هئا. جن مان ڪن نقل مڪاني ڪري اچي وادي "بلوص" کي وسايو. اهي پوءِ بلوص ۽ بلوصي سڏجڻ لڳا. جن کي ايران وارن "بلوچ" چيو. جديد تحقيق مؤجب بلوچ، عرب آهن. سندن وڏو هرين هو. جنهن کي ٽي پٽ، ميرجلال خان، ميرعلي ۽ نوس هئا. ميرجلال خان سڀني جو ڇڳو مڙس هو. ميرجلال خان بلوچ کي ڇهہ پٽ رند، لاشار، کورائي، بلو، علي ۽ ڏيءَ جتو پهرين زال مان ۽ هوت پي زال مان هئا. انهن مان بلوچن جون جدا جدا قومون، قبيلا، ذاتيون، ٻولڪ ۽ شاخون پيدا ٿيون. رند قوم مان رند، دومکي، جکراڻي، لغاري، کوسا، جمالي، بوزدار، ڇاڪراڻي وغيرہ. لاشار مان گوراڻي، پوتاڻي، ڪلواڻي وغيرہ. علي مان عمراڻي ۽ مري وغيرہ. بلو مان بليدي وغيرہ. هوت مان چانديا، هوت، عاري، آريجا، غيباڻي، گهراماڻي، بهراڻي، قمبراڻي، سندراڻي ۽ مزاري وغيرہ.

جتو سان پنهنجي سؤٽ مراد خان پٽ نوز / نوس بن هرين شادي ڪئي، جنهن مان جتوئي، ٽڙٽ، شر، ڪوش، ڪروش ۽ زنگيجا وغيرہ آهن. ميرعالي بن هرين جي اولاد مان بڙدي، سندراڻي، حاجيجا ۽ بجاراڻي وغيرہ آهن. ميرجلال خان جي وفات کان پوءِ رند ۽ ان کان پوءِ ميرشهڪ خان، بعد ۾ شهداد خان ۽ ان کان پوءِ سرداري جي پڳ ميرچاڪر خان بلوچ جي حصي ۾ آئي. ان وقت چاليهہ هزار بلوچ سندس جهنڊي هيٺ شامل ٿيا. بلوچستان ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي جابلو قومون هيون جن بلوچن جي اثر کي قبول ڪندي پاڻ کي بلوچ چورايو.

بلوچن جي مختلف قبيلن ۾ ٽيهہ سال لاڳيتو لڙائي هلي. جنهن کان بيزار ٿي ڪافي بلوچ 1351ع

ڏاري سنڌ جي طرف هجرت ڪري آيا. جيڪي اڄ بہ گهٽائيءَ ۾ سنڌ ۾ آباد آهن. جن جو تفصيل جدا جدا بيان ڪيو ويندو. بلوچ قوم جو چمڪندڙ باب مير چاڪر خان کان شروع ٿئي ٿو. هن جي تعريف ۾ هڪ دومڪي شاعر هڪ فارسيءَ ۾ بيت چيو هو. جنهن جو سنڌي ترجمو هن طرح آهي:

بلوچ هڪڙو وڻ آهي، سندس شاخون بيشمار آهن، اسلام سندس ايمان آهي، هو پنج وقت نماز ۽ ٽيهه روزا رکي ٿو. شراب لاءِ هن کي نفرت آهي، سندس منزل ستارن کان گهٽو پري آهي. جنت جي صورت کان وڌيڪ شهادت کي پسند ڪري ٿو. مسلمانن ۾ ان ڪري هر دل عزيز آهي جو جڏهن بہ هي شهسوار ميدان ۾ نڪري ٿو، تڏهن ڪابل، قندار، دهلي ۽ دکن جا در سندس چمڪندڙ تلوار اڳيان ڪنبن ٿا. (بحوالہ: تاريخ بلوچستان از رحميداد خان مولائي شيدائي ڇاپو 1941ع).

سنہ 23 هجري / 694ع ۾ حضرت عمر فاروق رضہ پنهنجي خلافت دوران مڪران تي صحار عبديءَ کي مڪران فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. جنهن بيان ڪيو تہ ان وقت مڪران رياست تي بلوچ حاڪم هئا. جنهن جو پتو هن بيان مان پوي ٿو تہ **"ارض سهلها جبل و ماء ها وشل و ثمر ها دخل وعدوها باطل وخبر ها قليل و شرها طويل والكثير بها قليل"** (بحوالہ جنت السند ص 89)

مغل بادشاهہ همايون، مير چاڪر خان کي ڏاڍو نوازيو ۽ عطيي طور جاگيرون ۽ تحفا ڏنا. بلوچن ۾ سرداري نظام آهي. جن جا تي طبقا آهن: (1) مک سردار قبيلو (2) وچون سردار قبيلو (3) زيردست سردار قبيلو.

هڪ جائزي مطابق مزاري بلوچ قوم چئن پاڳن ۾ ورهايل آهي. جي وري 57 شاخن ۾ ورهايل آهن. گورچاڻي بلوچ 11 پاڳن ۾ ورهايل آهن ۽ سندن 81 شاخون آهن. بگٽي 6 حصن ۾ ورهايل آهن جن جون 44 شاخون آهن. مري ٽن حصن ۾ ورهايل آهن ۽ سندن 22 شاخون آهن. نهروي بلوچ 7 مکيہ پاڙن ۾ ورهايل آهن. رند قوم 25 پاڙن ۾ ورهايل آهي ۽ هن جون سوين شاخون آهن. مگسي بلوچ 16 مکيہ پاڙن ۾ ورهايل آهن ۽ انهن جون ڪيتريون ڦريون آهن. اهڙي طرح کوسا، لغاري، چانديا، جتوئي، نوحاڻي، ڪيتراني بلوچ ۽ ٻيون بلوچ قومون ڪافي پاڙن، اوڙکن، ٽکن ۾ ورهايل آهن. جن جو بيان پنهنجي جاءِ تي ڏنل آهي.

بلوچن کي بلوچ، بروچ، مرمچي ۽ ڪاڪلي بہ چون ٿا. هي جنگجو ۽ غيرتمند قوم آهي. شاهہ بيگ ارغون ڪچيءَ تي قبضو ڪيو تہ بلوچ سنڌ جي طرف لڏي آيا. هنن 1783ع کان 1843ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي.

بلوچ قوم تي لکيل ڪتابن، مقالن، مضمونن ۽ حوالن مثلاً راءِ بهادر هتورام جي لکيل ڪتاب "تواريخ بلوچستان"، ش ضحيٰ جي لکيل ڪتاب "همارا بلوچستان"، مير محمد حسين عنقا جي لکيل ڪتاب "بلوچ نسل کي تاريخ"، سردار محمد خان گشڪوري جي لکيل ڪتاب "بلوچن جي تاريخ" آر. سي ٽمبل جي لکيل ڪتاب "مير جلال خان جا ڪارناما"، فيض محمد سومري جو لکيل ڪتاب "بلوچستان"، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو چپيل مقالو "بلوچي ادب" 1955ع، سليم خان گمي جي "بلوچي رزميہ شاعري" ۽ هن بلوچ

مضمون ۾ جن ڪتابن ۽ مصنفن جا حوالا آيا آهن. انهن جي پيشنظر بلوچ قوم جو شجرو، اکر "ب" جي شجرن واري حصي ۾ ڏسندا.

بلوچ قوم جو سردار مير چاڪر خان رند بلوچ بن شهڪ. جنهن کي مختلف زالن مان ارڙهن پٽ هئا. ("بلوچ قوم اور اس کي تاريخ" ص 278ع) پان جنگ و جدل سبب بلوچستان کي ڇڏي پنجاب هليو ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سندس پٽ ساهيوال، خوشاب ۽ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. انهن مان خوشاب، ساهيوال ۽ منڪيره بلوچ سردارن جا مڪمل شجرا راقم وٽ لکيل آهن پر مضمون جي طوالت سبب رڳو مير چاڪر خان جي ڪجهه اولاد جو مختصر شجرو پيش ڪيو ويو آهي.

ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي ته بلوچ، حضرت علي جي اولاد. حضرت حمزي جو اولاد آهن. مولانا عبدالقادر بوزدار ۽ مولانا امير احمد بوزدار جيڪي قابل ۽ ذاتين جا ماهر هئا. انهن بلوچن جو شجرو هيٺين طرح لکيو آهي.

مولانا نور احمد خان فريدي "بلوچ قوم اور اس کي تاريخ" (ص 54) ۾ لکي ٿو ته "منهنجي نظريي ۽ تحقيق موجب بلوچ، حضرت اسماعيل بن حضرت ابراهيم جي اولاد مان آهن ۽ هو عرب آهن. واديءِ بلوص ۾ رهڻ ڪري پهرين "بلوص" پوءِ بلوچ سڏجڻ لڳا. الحاج فيض محمد واڊيلو (ڪراچي جو رهاڪو) جيڪو بحرين ۾ رهندو هو، ان جو چوڻ آهي ته عرب، بلوچن کي اولاد محمد چون ٿا. "نعم البلوش هم شجاع من اولاد محمد" ۽ "غيب عليك انت من اولاد محمد" (البلوش من اولاد محمد) "تاريخ سبائڪ الذهب" ۾ بلوچن بابت چيل آهي ته **"ايها الاعدالكرام! نعم ان من سبائك الذهب اوله محمد آخرة عدنان"** عرب ملڪ جو همداني چوي ٿو ته محمد جو نسب چوڏهن ولايتن بعد عدنان سان ملي ٿو. ان موجب بلوچن جو شجرو، اکر "ب" جي شجرن واري حصي ۾ ڏسندا.

حضرت علي ڪرم الله وجه

|

عباس (اولاد علوي)

|

عبدالله

|

حسن

|

حمزه الاڪبر

|

بلوچ ي)

|

رند

|

شهڪ / شهيڪ

|

چاڪر خان

عدنان (فرزند حضرت اسماعيل بن حضرت ابراهيم عليه السلام)

|

معد

|

نزار

|

معز

|

غيلان

|

قيص

|

سعد

|

عطفان

|

ريث

|

بغيض

|

ذبيان

|

نزارة

|

محمد

بلوچان زئي: بگٽي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بلوچاڻي: مولائي شيدائي، بلوچاڻي. ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي بالچاڻي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، بلوچي ڪري لکيو آهي. حقيقت ۾ صحيح لفظ بلوچاڻي آهي. بلوچاڻي، مزاري قبيلي جو هڪ ٻڌو پاڙو. خاندان ۽ تمن آهي، جن جون هيٺيون شاخون (قريون) آهن: گلشيراڻي، نستڪاڻي، آزاداڻي، ماڇياڻي، حيدران زئي، سيدا زئي، خداداڻي، رداڻي، بتيلاڻي، هئبتيان.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ جمالي بلوچن جا 17 پاڙا لکيا آهن. انهن مان هڪ پاڙي جو نالو بلوچاڻي ڄاڻايو آهي. ايس. صادق علي جي لکڻ موجب "بلوچاڻي"، ڊومڪين جي هڪ پاڙي جو بہ نالو آهي.

بلوچي: مزاري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بلولاڻي: کوسن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بُلها: مهرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بُليجا: ڪرمتين جي راڏا بنديجن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بُليداڻي: بلوچن جي هڪ ذات جو نالو.

بُليدي: (بڙدي): بليدي خالص عربي نسل جا آهن. سنڌن 18 صدي عيسوي ۾ ڪيچ جي بليديہ تي حڪومت هئي. ان بليديہ جي نسبت سان ڪين بليدي سڏيو ٿو وڃي. هن کان اڳ پاڻ خالص بڙدي هئا. بليديہ تي نَوَ (9) بليدي حڪمران ٿيا، جن، مَلڪن کان حڪومت کسي پاڻ هلائي. اهي نَوَ (9) حڪمران، شاهہ ابو سعيد، شاهہ شڪرالله، شيخ قاسم، شيخ زهري، شيخ حسين، شيخ احمد، شيخ عبدالله ۽ شيخ قاسم ثاني هئا.

تاريخ بلوچستان جي مصنف مولائي شيدائي بلوچن جي شجري ۾ لکيو آهي تہ مير جلال خان کي ڇهہ پٽ هئا. انهن مان هڪ پٽ جو نالو "بلو" هو. ان "بلو" جي اولاد کي بليدي چون ٿا. بي روايت موجب مير علي ولد هرين کي بہ پٽ هئا. هڪڙي جو نالو زيندي خان ۽ ٻئي جو نالو مراد خان هو. زيندي خان کي وري بہ پٽ هئا. هڪ سندر خان ۽ ٻيو حاجي خان. انهن جي اولاد کي بلدي، بليدي يا بڙدي چون ٿا. انهن جون وڏيڪ شاخون لُهڑ، ڪٽوهڙ، ڏاهاڻي، ميرالي، بتياڻي، ليڙواڻي، سناڻي، عارباڻي، سندراڻي، بجاراڻي ۽ حاجيجا (حاجي زئي) آهن.

لاشارين ۽ رندن جي ويڑهہ ۾ هنن رندن جو طرف ورتو. ان ڪري مير چاڪر خان، بليدين جي سردار مير هوتان کي "ميرالي" يا مير عالي جو لقب ڏنو ۽ ڪيس بالا ناڙيءَ جي جاگير ڏني. بليدين جي گڇڪين سان مٽي مائٽي هئي. ڪجهہ وقت بعد بنهي ڌرين ۾ اٽڪٻٽ تي پئي. انهي دوران لغارين ۽ گورگيجن سان پڻ

ڳڙڻا ٿي پيا، جنهن ڪري هو بليديہ کي ڇڏي سنڌ طرف اچي آباد ٿيا. هن وقت بليدين جو سردار اڳا غلام علي خان بليدي ڳڙهي خيري وارو آهي.



مولائي شيدائي رندن جا 65 پاڙا بيان ڪيا آهن..انهن ۾ بليدي پاڙو ڏيکاريل ڪونہ آهي. هيءُ پانڌيار رندن جي پاڙن ۾ بليدين کي شامل ڪيو آهي. ڪتاب "بلوچ" جو مصنف م. ڪ پيڪولين لکي ٿو تہ ڊيمز جي خيال ۾ بليدي لفظ. مير جلال خان جي پٽ "بلو" (بولو) تان ورتل آهي ۽ ان سان منسوب آهي.

بليزئي: مينگلن جو هڪ پاڙو.

بَـليلاڻي: ڪوسن جي هڪ پاڙي جو نالو. ڪوسن جو بلو ٻڌائي هڪ سورهيہ ٿي گذريو آهي. جيڪو انگريزن سان لڙيو هو. ان ڪوسي جي اولاد پان کي "بليلاڻي" چوايو.

بـَليلاڻي: چاچڙن جي جگانند قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو.

بَـمبوڪ زئي: بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو.

بمپوشت: ايراني نسل جا بلوچ آهن.

بمرا: هڪ مسلمان ذات جو نالو. جيڪي حيدرآباد ۽ ٺٽي ۾ رهن ٿا.

بَـمڻَ: سمن مان آهن.

بناٽي: ڪرمتين جي جانوري قبيلي مان هڪ پاڙو.

بَـنبـالَ: سنڌ جي جتن جي نسل مان هڪ جَـتڪي ذات، جيڪي پاڻ کي بنبال (بَـنبـل) سڏائين ٿا. هي جتڪي سرائڪي زبان ڳالهائيندا آهن. بنبال اڪثر ڪري اٺ پالين ٿا. انن جو واپار ڪن ٿا ۽ انن تي مال ڏوئين ٿا. گهرن ۾ واڻ ۽ تڏا ناهين ٿا. بنبال لفظ جي معنيٰ آهي اجايو بار، چٽي ۽ جنجال وغيره. سمن جي هڪ ذات جو نالو پڻ "بنبال" آهي.

بَـنباٽي: هڪ سمات ذات جو نالو.

بنَـبل: سنڌ جي جتن جي هڪ ٽڪ جو نالو.

بَـنپَ: سراين ۽ جتن جي هڪ ذات جو نالو.

بَـنيا: مهرن جي هڪ ذات جو نالو.

بنياٽي: ڪرمتين جي لجيرا شاخ مان هڪ پاڙو.

بَـنيرا: برفت ۽ حملاٽين (سما) جي هڪ ٽڪ (راڄ) جو نالو.

بَـنييا (بنيا): نهڙين جو هڪ پاڙو. هي راهواٽين جا عزيز ٿين.

بنجارا: لباڻا ۽ بنجارا مهتم ذات جو پاڙو آهي. هي سفري ڦيريءَ وارا واپاري ۽ اکين جو علاج ڪرڻ وارا آهن.

بنجاهي: ڪترين جي هڪ ذات جو نالو.

بَـنـدَ: اصل ۾ رند آهن، جيڪي سنڌ جي ڪافي حصن ۾ آباد آهن. سندن چوڻ آهي تہ اسين مير جلال خان بلوچ جو اولاد آهيون. هڪ بي روايت موجب جدگالن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ بند آهي، جيڪي سنڌ جي جتن ۽ جوڪين جا مائٽ آهن. انهن جت بندن جا رئيس، ڪينگزئي، مهدي زئي، ڪوڙڪ ۽ سنگر پائپي وارا آهن. لسبيلي جا بند سمات سڏجن ٿا.

بَـنداٽي: پهنورن جي هڪ پاڙي جو نالو. نوحاٽي بلوچن ۾ پڻ "بنداٽي" آهن. ڪرمتين جي لجيرا شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

بَـندپوتا: لکاڻ ذات جي هڪ پاڙي جو نالو جيڪي ملاح آهن.

بندراٽي: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو.

بَـندري: مورڙي ملاح جي پٽ جي اولاد کي "مورڙيپوٽا" چون ٿا. جن مان بندري، لاڙا ۽ ڪلاچي آهن. بندري، ابراهيم حيدري، شمس ڳوٺ ۽ بابا پٽ ۾ رهن ٿا.

بَـندواڻي: ڪوسن جي هڪ ڳريءَ جو نالو. اهي مٽيوال پاڙي مان آهن.

بَـندهاني: راجپوتانا کان لڏي آيل راجپوتن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي، ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين وڏن شهرن ۾ رهن ٿا.

بَـندياڻي: لاشارين جو هڪ پاڙو آهي.

بَـنديجَا: ذات جا "رند" آهن، جيڪي بندن جو اولاد آهن. هي اصل ۾ مڪران جا بلوچ آهن. جن جو ٽورو گهٽو واسطو جدگالن سان پئ آهي. هي بلوچي زبان ڳالهائين ٿا. سنڌ ۾ نالي ماتر آباد آهن. حب واري علاقي ۾ گهٽائي ۾ آباد آهن. هنن جا خاص پاڙا راڏا (جت)، مرزائي، ڏراڻي، سَجا، موسي پوٽا (موسا)، بليجا، ڪڙير، عُمد، باندڻ پوٽا، ساريي پوٽا، ٽوندي پوٽا ۽ نوت آهن. راڏا سندن سردار گهر آهي. برفت سما آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بنديجا" آهي. ڪرمتي جت بلوچن جو چوڻ آهي ته راڏا بنديجا اسان جو پاڙو آهي.

بَـنديجا: جوڪين جي هڪ قبيلي جو نالو، هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. چنيپوٽا 2. ڇٽيپوٽا 3. غلام پوٽا 4. گجرپوٽا 5. شاديپوٽا

بَـندَيل: راجپوتن جي ذات آهي. رانوڙ (راجپوت)، چندبيل ۽ بنديل پاڻ ۾ پائر آهن.

بَـنڌاڻي: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بَـنَـر: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بُـنـڑا: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات. ٺٽي ضلعي ۾ رهن ٿا.

بَـنـساري: هندن جي ذات آهي. هن وقت تعلقي سجاول ۾ رهن ٿا.

بَـنگا: محمد شهي بروهين جو هڪ پاڙو.

بنگالي: بنگلاديش جي بنگال شهر جا رهواسي آهن. بنگال جي رهائشي نسبت ڪري هي ذات طور "بنگالي" سڏجن ٿا. هن وقت ڪراچي، حيدرآباد ۽ اندروني سنڌ ۾ رهن ٿا.

بنگاڻي: نوحاڻي بلوچن جو هڪ پاڙو. هيسباڻي، نوحاڻي هنن مان آهن.

بنگراڻي: مزاري بلوچن جي رستماڻي پاڙي جي هڪ ڳري آهي.

بَـنگش: پناڻن جي هڪ ذات جو نالو. ڪڙاڻي، پناڻن جو مورث اعليٰ هو جنهن کي ڪڪي (ڪاڪي) پٽ مان ٿي پٽ وزير، ملڪ مير ۽ بنگش هئا. ان بنگش جي اولاد پاڻ کي "بنگش" سڏايو. ڪتاب "پنجاب ڪي

ذاتين" ۾ لکيل آهي ته خالد بن وليد (اصحاب رسول صلعم) جي اولاد مان کجهه ماڻهو اچي افغانستان ۾ وينا. انهن مان هڪ مرد پناڻن مان شادي ڪئي. جنهن کي به پٽ غار ۾ سامل پيدا ٿيا. بنهي پائرن ۾ سخت رنجش ٿي. پاڻ ۾ وڙهي تباهي آڻي ڇڏيائون. جنهن ڪري اتان جي ماڻهن کين "بنگش" چيو. بنگش لفظ جي معنيٰ آهي پاڙون ڪٽڻ. تباهه ڪرڻ. بنگش پناڻن جا مکيه پاڙا آهن. 1. آفريدي 2. اورڪزئي 3 توري 4. بائيزئي 5. زيشت 6. سامل زئي 7 غاري 8. ڪرلاڙي ، 9. ميران زئي ۽ 10. خٽڪ

بَنگُلاڻي: اهي بلوچ آهن. جن جو مورث اعليٰ بنگل خان هو. هي مختلف قبيلن ۽ پاڻن سان واسطو رکن ٿا. هڪڙا بنگلاڻي چاندڀا قبيلي جي چولياڻي پاڙي جي شاخ آهن ته ٻيا بنگلاڻي. گورچاڻي قبيلي جي لشاري پاڙي جي هڪ مکيه شاخ آهن. جيڪي پاڻ کي بنگلاڻي بلوچ سڏائين ٿا. لغاري. مگسي ۽ بڙدين جي بجاراڻي قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ بنگلاڻي آهي. ڪڙوکاڻي. ساتاڻي ۽ جنگواڻي سندن خاص پاڙا آهن. سمات ذاتين ۾ بنگلاڻي. جتن ۽ ميرجتن جو پڻ هڪ پاڙو آهي.

بَنگِلاڻي: ڪيهرن (سما) ۽ لاکن جي هڪ پاڙي جو نالو. جتوئي بلوچن جي "شر" شاخ مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو بنگلاڻي آهي. ڪرمتين جي جماري ۽ زنگياڻي شاخن مان پڻ "بنگلاڻي" آهن.

بَنگَلزئي: "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ۽ سفر" ۾ هينري پاٽنجر لکيو آهي ته "بنگلزئي". بروهي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو آهي (محمد حسني). ساڳي طرح مري قبيلي جي چگي مڙس دوست خان مري ڄاڻ ڏني ته مري قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بنگلزئي" آهي. مولائي شيدائي. جيڪو پاڻ شهواڻي بروهي هو. هن بروهي قوم بابت مهراڻ رسالي جي جلد 10 ۾ لکيو آهي ته بنگلزئي اصل ۾ بلوچ هئا. جيڪي ڪافي عرصي بعد بروهي تمن ۾ شامل ٿي ويا ۽ پاڻ کي بروهي سڏائڻ لڳا. بنگلزئي هينئن اهم شاخن ۾ ورهايل آهن. سيدزئي. گهرام زئي. دينار زئي. گراني. شوران زئي. بدوزئي. مندواڻي. پرڪاڙي. بجارزئي. مغندوزئي. ڦگ. باران زئي ۽ شاهوزئي. هنن کي سراواني به چون ٿا.

بَنگوار: ڊاڪٽر بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ بڙدي قوم جا "24" پاڙا ڄاڻايا آهن. انهن مان هڪ پاڙي جو نالو "بنگوار" آهي. ايس. صادق علي جي لکڻ موجب "بنگوار". بڙدين جي بجاراڻي قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي (ڏسو "پنگوار").

بنگي خيل: تري (ترڪئي) پناڻن جو هڪ پاڙو.

بَنوالي: محمد بن قاسم سان آيل عرب آهن. هنن جا ڪافي درويش ۽ خداوارا ريل واري علاقي ۾ مدفون آهن ۽ آباد آهن. چون ٿا ته "موريا" به هنن مان آهن.

بَنواڻي: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو آهي. تعلقي سجاول ۾ رهندڙ آهن.

بنوچي: بنوءَ ۾ رهڻ وارا پناڻ.

بَـنهاڻي: ڪلهوڙن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بنيا: تجارتي ماڻهن جي ذات آهي. اگروال، اوسوال، داسا، سرالیا ۽ مهيشوري هنن جا خاص پاڙا آهن.

بٽيير: گجو قبيلي جو هڪ پاڙو.

بُـوبا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بوبا خيل: شيراني، افغاني پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَوبرا، بوبران: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بوبڪ (بونبڪ): بوبڪ ذات وارا پاڻ کي ارغون نسل مان سڏائيندا هئا. جيڪي تعلقي سيوهڻ جي منچر ڍنڍ جي ڪپ تي تاريخي شهر بوبڪ ۾ رهندا هئا. هن وقت انهي ذات وارو ڪوبہ ماڻهو هن شهر ۾ موجود نہ آهي. ڪن روايتن ۾ آهي تہ منچر ڍنڍ مان مڇي جي بوءِ (ڏپ) ايندي هئي ۽ اهي ماڻهو سڄو ڏينهن پيا ڳالهائيندا هئا، جنهن کي بَـڪَ چيو ويندو هو. ان ڪري بوءِ + بڪ مان لفظ بوبڪ نهي پيو. ان کان پوءِ اهي ماڻهو ذات جا "بوبڪ" سڏجڻ لڳا. "تاريخ مظهر شاهہ جهاني" از يوسف ميرڪ مان خبر پوي تي تہ بوبڪ ذات وارا سميجا ڪُلَ مان هئا. منچر ڍنڍ تي مهاڻن جون ميائيون هيون، جيڪي پڻ سميجا ڪل مان هئا. ان مان ثابت آهي تہ بوبڪ، ملاح هئاءِ اصل سنڌ جا سما هئا. مشهور بزرگ مخدوم جعفر بوبڪائي پڻ انهي بوبڪ جو وينل هو. راقم جو شاهبندر وڃڻ ٿيو، ڪن ماڻهن سان ملاقات ٿي، جن ٻڌايو تہ اسان ملاح ۽ مهاڻا آهيون ۽ اسان جو پاڙو "بوبڪ" آهي. جهلواني بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بوبڪ" آهي.

بُـوترا: ڪڇ ۾ڇ ڪان آيل ميمڻ آهن، سمن جي هڪ ذات جو نالو پڻ "بوترا" آهي.

بُـوجا: سومرن ۽ مهرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بُـوجا زئي: شهواڻي بروهين جي سهرزئي خاندان جي هڪ پاڙي جو نالو.

بُـوداڻي: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بُـودلا: بودلو معنيٰ فقير، اڻ ڄاڻ. هڪ مسلمان ذات جو نالو آهي. هي پاڻ کي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي اولاد مان شيخ ۽ قريشي چوائين ٿا. ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" موجب "بودلا" ستلج نديءَ تي وينل وٽو قبيلي مان آهن. سڳو ڏاڪو، ڦيٽو ٽوٽو ۽ دعا سندن خاص پيشو آهي. دلن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

بُـوديجا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بوڏيجا (بوڏيا): راجپوتانا مان لڏي آيل پرمار سوڍن راجپوتن جي هڪ نک جو نالو. ڪلواڻي، پرمار، سوڍا راجپوت ۽ امرناڻي نک جون اهم آڪهون آهن.

بَورا: ملاحن ۾ مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو.

بورت: هندو ڇهڙن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَوري: هڪ شيعہ فرقو آهي. هنن کي بوهرا ۽ وڙرا بہ چون ٿا. "اصل ۾ "کوجا" (خواجا) آهن.

بورياڻي: عمراڻي رندن جو هڪ پاڙو.

بُوزدار: بوزدار بن فارسي لفظن جو مرکب آهي. بُز + دار. بُز معنيٰ بکري، دار معنيٰ رکندڙ، ڏاريندڙ، چاريندڙ. يعني بکرين چارڻ وارا. بوزدارن جو حسبي ۽ نسبي واسطو رندن سان آهي. بوزدار "بانو" سان شادي ڪئي هئي، ان جي اولاد کي بوزدار هيدياڻي چون ٿا. قيصراڻي علائقو، سنگهڙ نديءَ تائين بوزدارن جي رياست هئي، تالپرن کين جاگير عطا ڪئي هئي. ان وقت هنن جا خاص پاڙا دلاڻي، لداڻي، غلاماڻي، چاکراڻي، سياني، شاهواڻي، جلالاڻي، جعفراڻي ۽ رستماڻي هئا. ذاتين جي تحقيقات جي سلسلي ۾ سنڌ جي ڪافي شهرن ۾ وڃڻ جو موقعو مليو. جتان پيا بہ ڪافي پاڙا معلوم ٿيا، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

1. بازائي 2. بالچاڻي 3. رحيماڻي 4. کيهراڻي 5. ڏيغاراڻي 6. شهمراڻي 7. شولاڻي 8. سهتاڻي 9. سربچڙ 10. لالهاڻي 11. مسواڻي. ڊاڪٽر بلوچ، جامع سنڌي لغات ۾ لکيو آهي تہ بوزدار، لغاري ۽ ڊومڪي قبيلي جو هڪ پاڙو آهي. بوزدار قوم جو شجرو هن طرح آهي:

مير جلال خان بلوچ

|

رند

|

رمضان

|

حسين

|

شاهہ علي

|

بوزدار

|

بوزدار _ بانو سان شادي ڪئي. هن جو اولاد بوزدار هيدياڻي آهي.

بَوزدار: بوز فارسي لفظ بوزت مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پولڙو، دار معنيٰ ڏارڻ وارا. يعني پولڙن وارا. پولڙن ڏارڻ وارن شڪارين جي هڪ ذات جو نالو.

بوستان زئي: پناڻن جي هڪ قبيلي جو نالو. افغاني پناڻ زرڪ بن عيسيٰ جي چئن پٽن مان هڪ جو نالو "آلکو" هو. ان جي خاندان مان "بوستان زئي" هڪ پاڙي جو نالو آهي.

بوگرا: مهاڻن ۾ ملاحن جي هڪ ذات جو نالو.

بَـوگوا: ذات جا ملاح، مهاڻا ۾ ميربحر آهن، جيڪي سميجا اوڙڪ ۾ اچن ٿا. هن ذات جا ماڻهو سنڌ جي ڏنڊن ڏورن ۾ ساحلي حصن ۾ آباد آهن. سندن ڪرت مڇي مارڻ ۾ ان جو واپار ڪرڻ آهي. بوگوا غريب ۽ مزدور طبقي سان واسطو رکندڙ ذات آهي، سندن زبان سنڌي آهي.

بـُولاٽي: پهنورن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بوليـاٽي: ڪوسن جو هڪ پاڙو، سنڌ ۾ رهندڙ آهن.

بوني: پناڻن جي هڪ ذات.

بونيا: چمارن جو هڪ پاڙو.

بـُوهرا: تفصيل لاءِ ڏسو "بوهري".

بوهرو: وڌيڪ احوال لاءِ ڏسو "بوهري".

بوهري (بوهرا، بوري): بُـوهري قوم جا ماڻهو واپاري آهن، جن کي "وڻرا" پڻ چيو ويندو آهي. هي اصل ۾ عرب نسل جا آهن، جن ۾ ڪافي صديقي، علوي ۽ فاروقي آهن. سنڌ ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ تمام گهٽا آباد آهن، جيڪي اسماعيلي مستعلوي آهن. اهي امام جعفر رضہ جي اولاد مان امام موسيٰ ڪاظم جا پوٽلڳ شيعا آهن. بوهرين ۾ آخوند بهرا به آهن، جيڪي اصل ۾ فاروقي آهن. علامہ محمد بن طاهر بوهرو عهد مغليہ ۾ پاڻ کي صديقي ۽ سني سڏائيندو هو. هنن ۾ خان (افغان)، برهمڻ، راجپوت، بياسره ۽ ڪولهي به آهن. جن جو ذڪر مولانا ابو ظفر جي لکيل "مختصر تواريخ" ۽ "عقدالجواهر في احوال البوهر" ۾ موجود آهي.

بوهريجا: بوهري قوم جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـوهـڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن، کاري ۾ رهن ٿا.

بـُوهڙ: سماٽ ذات آهي، پنجاب کان آيل بوهڙ، سرائي ۽ جت آهن.

بوهڙاٽي: بزنجن جو هڪ پاڙو.

بـُوئا: هڪ مسلم ذات جو نالو.

بَـهادرَاٽي: اهي پنهنجي ڏاڏي "بهادر" جي نالي پٺيان ذات جا بهادراٽي سڏجن ٿا. سندن پاڙو خليلاٽي ۽ قبيلو گورچاٽي بلوچ آهي. پيڇوها ذات جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بهادراٽي" آهي. پرگڙي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو به "بهادراٽي" آهي. شاهہ بندر ۾ وينل جتن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بهادراٽي" آهي.

بهادين زئي: ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" جي صفحي 129 موجب بهادين زئي، ساتڪ زئي قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

بَـهاراٹي: ٽالپرن جي هڪ پاڙي جو نالو. ساڳي طرح عمراڻي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بهاراڻي" آهي.

بَـهارخاناٹي: سُندراڻي برڙدين جي هڪ پاڙي جو نالو.

بِـهاري: هيءَ مڪران جي گهٽ ذات واري، پوئتي پيل رولو قوم آهي. بهاري اڪثر ڪري لوهارڪو، واڌڪو ۽ ٽين سازي جو ڪم ڪن ٿا. سندن مادري زبان بلوچڪي ۽ لوهرڪي آهي. روزگار خاطر ڪراچيءَ ۾ آباد آهن. اندروني سنڌ ۾ بـه روزگار لاءِ اچن ٿا ۽ واپس هليا وڃن ٿا. بنگلاديش جي "بهار" واري علاقي مان هجرت ڪري آيل بنگالي پڻ پاڻ کي بهاري چوائين ٿا. اهي ڪراچي ۽ سنڌ جي اندرين حصن ۾ نالي ماتر آباد آهن.

بهاوالداٹي: ڪرمتين جي جانوري قبيلي مان هڪ پاڙو.

بَـهاوَلاٹي: پرڳڻين جو هڪ پاڙو.

بهاولزئي: بگٽين جي هڪ پاڙي جو نالو.

بهدلاٹي: بگٽي بلوچن جي پاڙي ڪلڦر (ڪڪپر) مان هڪ ٽڪ جو نالو.

بهدياٹي: ملڪ ڪانپو خان جي پٽ بهدي خان جو اولاد آهن. بارڻ ۾ وينا آهن.

بَـهرا: بوهرن جي احوال مان خبر پوي ٿي تـ "بهرا" عرب آهن. جيڪي فاروقي نسل مان آهن. هن وقت بوهرن ۾ شامل آهن.

بهرام: مروت پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

بهراماٹي: لاشارين جي هڪ پاڙي جو نالو. ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

بهرام خيل: آفريدي پٺاڻن جي ملڪ دين خيل قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

بِـهرام زئي: براهوي زئي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـهراٹي: سنڌ جي سمات ذات آهي. جيڪا جتن جي اوڙڪ ۾ ٿي اچي. ڊاڪٽر بلوچ جتن جا 43 پاڙا ڄاڻايا آهن. انهن مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بُهراٹي" آهي. هوت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بهراٹي" آهي، ماندڙا اصل ۾ لسبيلي جي سمات ذات آهي. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو بـه "بهراٹي" آهي. ڪوسن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بُهراٹي" آهي جيڪي تعلقي شهداڊڪوٽ ۾ رهندڙ آهن.

بُـهراٹي: بُـرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بهرناٹي: هندو لهاٽن جي "سوميا" نڪ مان هڪ آڪهـ. هي نصرپور جي هندن مان بهر ڏنو مل ولد مڪي

روپچند جو اولاد آهن.

بهرواڻي: برهم کترين جي "درڙي" نک مان هڪ آکيه جو نالو. هي جيسلمير کان آيل بهرومل (بهر ڏنو مل) ولد ناريو مل (خانپور پنجاب) جو اولاد آهن. بالواڻي، رام رکياڻي، رامچنداڻي، ملکاڻي ۽ هنگوراڻي هندن جا عزيز ۽ وطن پائي ٿين.

بَهريه: بهريه ذات وارا سنڌ ۽ ڪچ جي سمن جي قبيلي جي سردار پلي بن رائڊڻ جي پٽ اڊي (اودو) جي اولاد مان آهن. هي پاڻ کي سمات چوائين ٿا. بهريه، قدريه پوٽا ۽ اڊيجا هڪ ئي ڪُلَ سان واسطو رکندڙ آهن:



بَهلاڻي: بلوچن جي هڪ ذات. ميان نصير الدين ڪلهوڙي جي دؤر ۾ ميربحر قوم جون ڪي به پينرون هيون، جن جا نالا "بهلاڻ" ۽ "هالاڻ" هئا، جن ميان جي لشکر کي پٽڻ اکاريو هو. ان بعد ميان سندن نالن پٽيان به شهر اڏايا. هڪڙو بهلاڻي ۽ ٻيو هالاڻي. بهلاڻي ۽ هالاڻي ميربحرن ۽ مهاڻن جا پاڙا آهن.

بَهلکاڻي: بڙدين جي بجاراڻي قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو. هن پاڙي جي هڪ شاخ جو نالو "ڪتائي" آهي، جيڪي جيڪب آباد طرف رهن ٿا.

بهلم (بهالم): ڏوبين (هندو) جي هڪ ذات آهي.

بَهلولاڻي: لغاري بلوچن جي هڪ ذات. هي اڪثر سنڌ جي هر ضلعي ۾ رهن ٿا. گهٽو ڪري سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا. سنڌ جو مشهور شاعر، سگهڙ ۽ درويش حمل خان لغاري، "بهلولاڻي" بلوچ هو. هنن جا وڏا تالپرن ۽ سيرڪاڻي لغارين سان گڏ ديري غازي خان مان نقل مڪاني ڪري اچي خيرپورميرس واري علاقي ۾ آباد ٿيا هئا.

بهلول زئي: هڪ پٺاڻ ذات.

بَهليلاڻي: نظاماڻي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَهليم: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو، جنهن مان مورڙو ملاح (بهليم) هو، جنهن مانگر مڇ ڪي

کولاچيءَ واري کُنَ مان ماري باهر ڪڍيو هو. ڊاڪٽر غلام علي الانا، بهليمن کي مچي مارڻ وارا ملاح لکيو آهي. (مهراڻ 4_3 سال 2001ع، ص 32)

بِـهمڙ: هڪ ملاح ذات جو نالو.

بَـهنداڻي: جمالي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بهنيوال: پٽي راجپوتن مان جٽ (جت) آهن.

بَـهڙَ: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

بِـهڙَ: سمات آهن، جن کي "سنا" پڻ چوندا آهن. سندن پراڻو پيشو ٻيڙين تي سنڌو دريءَ وسيلي واپار ڪرڻ هو. ايس صادق علي جي لکڻ موجب هوتي بن انڙ کي چوڏهن پٽ هئا، جن مان هڪ جو نالو "بهڙ" هو. ان جي نسبت سان اولاد ذات جا بهڙ سڏرايو. هي سميجا اوڙڪ ۾ شامل آهن. هن ذات وارا ڳهڻائي ۾ ڪين آهن، البته ضلعي نوشهري فيروز ۾ سندن ڪجهه ڳوٺ آباد آهن، جن مان حاجي رحمت الله بهڙ نهايت مشهور آهي. ڪن ڪتابن مان ڄاڻ ملي ٿي ته بهڙ، مبيجو، جيسر، وسن ۽ مُورو پاڻ ۾ پائر هئا. پڳ مبيجي مٽان هئي، وڌيڪ وضاحت لاءِ سندن شجرو پيش ڪجي ٿو.





نوٽ: تفصيل لاءِ ڏسو سمن جو شجرو

بهيلاڻي: کوسن جو هڪ پاڙو. بهاولپور کان لڏي اچي سنڌ ۾ وينا آهن.

بٹالاڻي: کوسن جي للاڻي (اسحاقاڻي) پاڙي مان آهن.

بِـيازئي خيل: شرخيون پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بيدي: سَـمن جي هڪ ذات جو نالو. کترين ۾ پڻ "بيدي" آهن.

بيڊ: مگڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

بيراڳي: هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ. دنيا کان ترڪ. هڪ خانہ بدوش قوم آهي. جنهن جا بہ فرقا آهن. هڪڙا بندَي ۽ بيا پينو فقير. بندي شادي کونہ ڪندا آهن ۽ هو وشنو ديوتا جا پوڃاري آهن. بيا پينو فقير. جيڪي پاڻ کي سيلا ني فقير چوائيندا آهن. هي پڻ وشنو ديوتا جا پوڃاري آهن ۽ ڪرشن جي زال راڌا جا پوئلڳ آهن.

بيراماڻي: لغاري بلوچ قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

بيرما: هندو جتن جو هڪ پاڙو. اهلاوت، جون ۽ اوليان هن جا ٻاڻ ٿين.

بيروڪَا: اوڏن جي هڪ ذات.

بيزناٽي: ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 116 موجب "بيزناٽي". ساجدي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

بيسا: راهواٽي نهڙين جو هڪ پاڙو.

بَـيسرَ: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

بيڪاري: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

بيگ: ترڪيءَ کان آيل مرزا ۽ مغل پاڻ کي "بيگ" چوائين ٿا. جن مان مرزا قليچ بيگ نهايت مشهور ٿي گذريو آهي.

بيگاٽي: ماندڙن جي هڪ پاڙي جو نالو. ماندڙي کي هارون پٽ مان الهيار. الهيار مان ايوب. ايوب مان الهيار ۽ ان الهيار کي پٽ ڄائو بيگ. ان بيگ جي نالي پٺيان پاڙي جو نالو بيگاٽي پيو. ٽنڈي محمد خان ۾ سنيا وينا آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بيگاٽي" آهي. ميمڻن ۾ پڻ بيگاٽي آهن. جيڪي ڏٽي شهر ۾ رهندڙ آهن. جوکين ۾ پڻ "بيگاٽي" آهن.

بَـيگلار: حضرت علي ۽ جي اولاد مان "علوي" آهن. هنن جو وطن سمرقند هو. جتان امير شاهه قاسم بيگلار بن ابرڪ بيگ بن چوچڪ بيگ، هجرت ڪري اچي ڏٽي ۾ وينو. تاريخي ڪتاب "بيگلارنامه" ۾ هن خاندان جو احوال لکيل آهي.

بيگناٽي: جتن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بيگواٽي: هندن جي هڪ آکيڙ جو نالو. مشهور شاعر کيئل داس فاني هن کيڙ مان هو.

بيگي خيل: ترکان ذات جو هڪ پاڙو.

بيلاٿا: ميو قبيلي جو هڪ پاڙو.

بَـيلدار: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

بيناوا: پنجاب کان آيل هڪ ذات آهي. هي خوجه حسن بصري (بصره) جا پيروڪار آهن.

بَـينُـس: چمارن جو هڪ پاڙو. هڪ ٻي روايت موجب هي سورج بنسي شاخ مان جالنڌر جي سردار "بينس" جو اولاد آهن. فيروز شاهه جي زماني ۾ راجپوتن جي شاهي خاندان جي 36 شاخن مان هڪ هيءَ به هئا.

بينگياٽي: جتن جي هڪ پاڙي جو نالو.

نوٽ: مٿي ذڪر ڪيل ذاتين کان سواءِ بارگاهي، بلالي، بانو شاهي، بورچي، بخيل، بزيز، بهشتي، بختر، بدايوني، بيگلا، باقري، بنسا، بطال، بربل، بربـلا، باٽکا، بغدي، بشتي، باندر، بلند، بـزاري، بيک، بڏڪار، بنرا، بينل، بسوٽا، بشير ۽ بائيدان وغيره به ذاتيون آهن، جيڪي گهٽ مشهور آهن.

بخاري سيدن جو شجرو




سيد ابوالموید علي
(والده بخارا جي هئي).
جلال الدين حسين سرخ پوش بخاري، 640 هـ ۾ بخارا کان سنڌ ۾ آيو.
سيد محمود غوث
جعفر
علي
بهاؤالدين
سيد احمد کبير
سراج مبارڪ چاندنا چراغ
محمود
اولاد عنوج هندستان ۾
صدرالدين
جلال الدين مخدوم جهانيان جهان گشت
(اولاد جهانيان سيد ۽ جهانيان پوتا)
علي اصغر
عبدالمجيد
عبدالحميد
عبدالله
شريف
يقيق

برفت سمن جو شجرو





نوٽ: وڌيڪ لاءِ سمن ۽ انڙن جو شجرو ڏسڻ گهرجي

بلوچن جو شجرو




سندراڻي
بليدي
بڙدي
حاجيجا
بجاراڻي
بڙدي بليدي
ميرڪورائي
ميرلاشاري
ميررند
ميرچام
ميرآل
ميرجلال
اولاد كورائي
ميرو
نوبندغ
بكر
رمضان / عبدالله
جسكاڻي
مگسي
گهرام
لاشاري
علي
بلو
جتوڏي
هوت
(والده رقاصه)
بليدي
مراد خان ولد نوس (سؤت)
سان شادي ڪئي
جتوئي
مظفر خان
فتح خان
غازن
مري
عمر
عمراڻي
حسين
نصيرالدين
احمد
گلو
شاهه علي
بانو/نوبت
ليغا
بوذدار هيداڻي (بانوجومڙس)
هيداڻي لغاري
ڪريم
فيروز
ڪالو
گهنورو
حاجي
علي
خوسخ
ميرحسن


چاندیا
حمل
کوسا
چاندیا
شهک
بلوچاٹي
مزاري
برخوردار
فتح
شهکل
سالار
سلازي
مستي
مستوئي
بهادر
گشکوري
فیروز شاهہ
شهک
یعقوب
قیصراٹي
شهک
حسن
محمد
محموداٹي
دوم
ریحان
علي
لند
شیر علي
بشکالي
سیاهہ پهد
گورچاٹي
جیئند
جنداٹي کوسا
گندر
بگٹي
میر خان
رئیس
رئیساٹي
حمل
کلماٹي
بخشاٹي
میر چاکر خان
18 پت
حمل
شهیک

ب

بَابِڑا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو. سيوهڻ جي هندو قوم جي هڪڙي ذات جو نالو پڻ "بابڑا" هو. هي سنڌ جا مشهور واپاري هئا. هي هڪ خاص انداز ۾ اکر لکندا هئا. جنهن کي سيوهاڻي بابڑڪا اکر يا سيوهاڻي رسم الخط چوندا هئا.

بابي: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَابِيها: هڪ مسلمان سماڻ ذات جو نالو.

بَاتِڑا: پنهورن ۽ سراين جي هڪ ذات جو نالو.

بَاٽِيرا: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو.

بَاٽ: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو. باٽ سنسڪرت جي لفظ "پانَـز" تان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "پاٽ". جنهن مان ڦري "باٽ" ٿيو. بي روايت موجب درياءَ ۽ ڏنڊ جي سڪل پيٽ کي "پاٽ" چون ٿا ۽ انهن تي رهڻ وارا "باٽ" سڏجن ٿا.

بَاٽي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. جيڪي ڪن جاين تي سما ۾ سڏجن ٿا.

بَاپَر: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

باپڑاٽي (باپڑا): برفت آهن. چام آريءَ کي چار پٽ. چام بادين، چام باپڑو (چام باپڑو)، چام لوهار ۽ چام حمل هئا. چام باپڑي جو اولاد باپڑاٽي/ باپڑائي سڏجي ٿو. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو نهڑين جو احوال ۽ شجرو)

باپڑائي: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

باجهاٽي: کوسا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. خيرپور ميرس ۾ اڇڻ جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "باجهائي" آهي.

باچڑا: ملاحن جي هڪ ذات جو نالو.

بَارا: ملاحن جي هڪ ذات جو نالو. چون ٿا ته بُرڙن ۽ بارن جا ماڻهو پاڻ ۾ وڙهيا هئا. برڙن. بارا قوم جي ماڻهن کي ايترو ته ماريو جو هو مرڻ جهڙا ٿي ويا. ان بعد چوٿين وجود ۾ آئي ته "اهڙي ڪندو سانءِ. جيئن برڙي ڪئي بارن (ذات) سان."

باراچَ: ملاحن جي هڪ ذات جو نالو.

بارَٽ: منگتو. گهرن وارو. مگنهارن جي ذات.

ڪري آس اپار، بارٽ جهليو نہ رهي (شاهه)

بَـارَچ: ملاحن جي هڪ ذات جو نالو. جهمپير جي پرسان ڪينجهر ڍنڍ جي وٽ سان وينل آهن. مشهور سگهڙ جمعو بَـارَچ، هنن مان ٿي گذريو آهي. راقم هن ذات وارن سان جهمپير ۾ ملاقات ڪري چڪو آهي.

بَـارچا (باڑچا): ڇٽن ۽ سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـارچَـاڻي: هڪ سمات ذات جو نالو.

بَـارڙا: ملاحن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـارَڻ: اصل ۾ راجپوت نسل مان آهن. جيڪي پاڻ کي سنڌ جا سما سڏائين ٿا. سندن گذر سفر مال پالڻ ۽ پوک ڪرڻ تي آهي. ڪافي زميندار به آهن. سندن عورتون ڏاس مان فراسيون وغيره ناهين ٿيون ۽ پرت پرڻ جون ماهر آهن. هنن جو لباس، کاڌ خوراڪ ۽ اٺ ويهڻ ڪڇ واسين جهڙو آهي. هن ذات وارا ننڍي، بدين، ٽرپارڪر ۽ ڪراچيءَ ضلعي ۾ گهٽائي ۾ آباد آهن. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي دؤر ۾ هنن جو زور ٽوڙيو ويو. ٻارٽن وٽ سرداري نظام آهي. هن وقت سندن سردار دائود خان ڪراچي ۾ رهي ٿو.

بَـاروپار: ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڻن جي هڪ ذات جو نالو. جيڪي وسڪاري تي آبادي ڪن ۽ مال چارين ٿا.

بَـاروسَـرَ: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بَـارنهن هَـٽا: لکاڻ ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـاريچا: سماتي جتن جو هڪ پاڙو. جيڪي شاهبندر ۾ رهن ٿا.

بَـاريڪا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بَـاڙا: ڪوهستان ۾ هڪ سمات ذات جو نالو.

باڙيا پنهور: پنهورن جي هڪ قبيلي جو نالو.

باڪا: هڪ مسلمان سمات ذات. ٽر ۾ رهندڙ آهن.

بَـاڪُـڙَ: هڪ مسلمان ذات جو نالو. سنڌي ڳالهائين ٿا.

باگهه: راڄپرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

باگها: هي مڇي مارڻ وارا ملاح آهن. (مهراڻ 4_3 سال 2001ع ص 32)

باگـهلَ: ٽر ۾ سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو. ڪتاب "سومرن جو دور" ۾ لکيل آهي ته "باگهل"، سومرن جو پاڙو آهي، جيڪي ٽر ۾ رهن ٿا. هن وقت حيدرآباد ۽ بين هنڌن تي پڻ آباد آهن.

بالا: هندو قوم آهي، جيڪا اڪثر ڪري حرام جانور کائين ٿا. کين ٻاليشاهي، شڪاري ۽ پنگي پڻ چون ٿا. هي جهنگلي خانه بدوش شڪاري آهن، شهرن ۾ ڪم ڪندڙ پنگين کي پڻ ٻالا چوندا آهن، جيڪي گهرن جا

ڪاڪوس صاف ڪن ٿا. هڪ ٻئي حوالي موجب ٻالا راجڙن جو هڪ پاڙو آهي. سگھڙ شاعر چنيسر راجڙ هن پاڙي مان هو.

بَـالاٹي: مهرن جو هڪ مڪيہ پاڙو. هندن جي هڪ ذات جو نالو پڻ "ٻالاٹي" آهي. رسالي سنڌ شيوڪ (1924ع) جو ليکڪ ديوان تولارام هن خاندان مان هو. چون ٿا تہ هيءُ "راءِ پرٿور" نک مان ڇوهاڻ راجپوت سيڻ ٻالي مل جو اولاد آهن. سلطان شهاب الدين جي ڊپ کان اجمير، دهلي ۽ قنوج کان نڪري سنڌ ۾ ڪڇ ۽ نوشهري فيروز ۾ اچي وينا.

بَـالچَـاٹي: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

ٻالواٹي: برهم کترين جي "درڙي" نک مان هڪ آکھ جو نالو. هي جيسلميري آهن.

ٻالـهڑا: پنجاب کان آيل سرائي آهن.

ٻاليشاهي: هڪ غير مسلم گهٽ ذات واري قوم. جيڪي حرام جانورن جو شڪار ڪري کائين. شهرن ۽ ڳوٺن جي ڪرفتي ڪٽن، صفائيءَ جو ڪم ڪن ۽ ڳوٺن ۽ شهرن کان ٻاهر بستيون ناهي رهن. هنن جو مورث اعليٰ جو نالو "ٻالو شاهہ" هو. ان پٺيان "ٻاليشاهي" سڏجن ٿا. ٻاليشاهي، پنگي هجن يا شڪاري، پر اهي غير مسلمان آهن. جڏهن هو مسلمان ٿين ٿا تہ هو پاڻ کي ماچي، ملاح يا شيخ چوائين ٿا. جامع سنڌي لغات ۾ لکيل آهي تہ ٻاليشاهي، ٻهاريدار شڪاري آهن. سندن هيٺيان مڪيہ پاڙا آهن: 1. پنگي 2. چٽاٹي 3. ٻاهو 4. تيجي 5. رهالپوٹا 6. پنگاٹي 7. ڏاگري 8. پنگائي 9. تکيزاجا 10. اڊمراٹي 11. وهالپوٹا 12. پيل 13. جوبنايا ۽ 14. چُهڙا. پيلن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ٻاليشاهي" آهي.

ٻانيڻ: برهمڻن کي سنڌ ۾ ٻانيڻ چيو ويندو آهي، جيڪي هندن ۾ اوچي ذات ليکيا ويندا آهن. قديم دؤر کان ٻانيڻ جي ذات هندو ڌرم جي ڪريا ڪرمن ۽ ٻين رسمن ادا ڪرڻ ۾ اڳواٹي ڪندي آئي آهي. اهي بہ جُـدا جُـدا ذاتين ۾ ورهايل هوندا آهن ۽ منجهن پاڙا ۽ شاخون آهن.

برهمڻ راجپوت قوم جي اولاد مان مسلمان ٻانيڻ جيڪي راجپر آهن، سي سنڌ ۾ ڪافي جاين تي آباد آهن، جن مان هڪ مڪيہ پاڙي جو نالو "ٻانيڻ" آهي. انهن ٻانيڻن مان محمد ايوب ٻانيڻ، سول سروس جو هڪ اعليٰ عملدار ٿي گذريو آهي، جيڪو راقم جو محسن هو.

ٻانڊ: سمن جي هڪ ذات.

ٻانڊا: هڪ مسلمان سمات ذات.

ٻانڊڙيا: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٻانڊي: هڪ مسلمان ذات جو نالو، جنهن جي پٺيان ٻانڊي شهر (نوابشاهہ) ۽ ٻانڊي ريلوي اسٽيشن جو نالو

رکيل آهي.

بَانڊَ: هڪ ذات جو نالو.

بانگا: هڪ مسلمان سماٽ ذات. سکر طرف رهندڙ.

بَانگوريا: برفتن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَانَهَا: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

بَانَهيپوٽا: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

بانهينگر: هڪ سماٽ ذات جو نالو.

بَاوَا: هندو قوم جي هڪ ذات. مسلمانن ۾ بہ "باوا" ذات جا آهن.

بَاوِٹائي: عمرائي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَاهڙ ميرا: ٽر ۾ رهندڙ هندو راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

باهَوٹَ: بلوچ آهن. لسبيلي ۾ هنن کي "کُوکا" چون ٿا.

بائڑا: هڪ ذات جو نالو.

بائوٹ: ڪرمتي جتن جو هڪ قبيلو. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1. الهرکياڻي (حافظاڻي) 2. اگار 3. جيئنداڻي 4. جاڙاڻي 5. سوماراڻي 6. عثماناڻي 7. مناڻي 8. گُلواڻي 9. مزناڻي ۽ 10. محمداڻي.

بائوٹ (باهوت): ڪرمتي جت بلوچن جو هڪ پاڙو.

بائيتال: هڪ ذات جو نالو.

بَبا: پٺي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَبَر: جتن سان واسطو رکندڙ هڪ ذات ۽ پاڙو آهي. 1911ع واري آدمشماري ۾ ببر ذات کي جتن جي ڪُل مان ڏيکاريو ويو آهي. ڪن جاين تي هي ميرجت سڏجن ٿا. ببر ذات سنڌ جي اڪثر حصن ۾ آباد آهي. جيڪي جتڪي ۽ سرائڪي بولي ڳالهائين ٿا. هي اڻ پالڻ سان گڏوگڏ. مال پالين ٿا ۽ پوک بہ ڪن ٿا. ڪن جاين تي سرڪاري ملازمت بہ ڪن ٿا. ايس. صادق علي صفحي 44 جريان نمبر 3 تي لکيو آهي تہ "ببر" سما آهن. تاريخ پنجاب مان سڌ ملي ٿي تہ ببر، مهتہ شامداس جاٽ شجاع آباد واري جو اولاد آهن. هڪ بي روايت موجب ڪرمتي جتن جي هڪ سردار جو نالو ملڪ "ببر" هو. جنهن جو اولاد "ببر" سڏجي ٿو. چوٽي آهي تہ: "جَٽ مرندي مري ويا، پر مُلڪ ويرِ کونہ ورتو". جماٽي. شادماڻي ۽ صاحباڻي سندن خاص پاڙا آهن.

ببراڻي: گورجاڻي بلوچ قوم جي يارهن پاڙن مان ٻن پاڙن جا نالا "شيخاڻي" ۽ "هوتواڻي" آهن. انهن ٻنهي

پاڙن مان هڪ قبيلي جو نالو "ٻپراٽي" آهي، جيڪي پاڻ کي ٻپراٽي بلوچ سڏائين ٿا.



ان کان سواءِ ضلعي ننڍي ۽ ضلعي حيدرآباد جي آسپاس "ٻپراٽي" ذات جا ماڻهو رهندڙ آهن، جيڪي بلوچ نه آهن، هي چون ٿا ته اسان جو واسطو جتن ۽ سومرا ذات وارن سان آهي.

ٻَتَڙ: سما آهن. ماهي، ڇڇو، راڄڙ ۽ سمو هن جا پٽ هئا. ڏهر جي پٽ جو نالو "ٻينءَ سين" هو، جنهن کي ڏهه پٽ هئا، هڪ پٽ جو نالو "ٻتڙ" هو، جنهن جي اولاد پاڻ کي "ٻتڙ" سڏايو. چوٽي آهي ته: "سڃي سنڌ سُڪار، ته ٻه ٻڏِ ڪُٽجي ٻتڙين". (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ڏهرن ۽ جوٽن جو شجرو)

ٻتڙي: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

ٻُٽَ: هن ذات وارا پنجاب کان، کلهوڙا دؤر ۾ آيل سرائي (جت) آهن، کين اتر سنڌ ۾ "ٻُٽ" ٻه چون ٿا.

ٻُٽا: هڪ ذات جو نالو آهي.

ٻُٽاٽي: نوحاٽي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو، تندي محمد خان جي سنيا ذات وارن ۾ پڻ "ٻٽاٽي" پاڙو آهي.

ٻُٽڙا: سمن جي هڪ ذات جو نالو، جيڪي ڪن جاين تي "سرائي" ٻه سڏجن ٿا.

ٻُٽڙائي: سمن جي هڪ ذات جو نالو آهي.

ٻُٽ سرائي: اتر سنڌ کان آيل سرائي "جت" آهن، پنجاب ۾ هنن کي "ٻُٽ سرائي" چون ٿا، تعلقي ميهڙ ۾ هن ذات وارن جو "ٻٽ سرائي" نالي هڪ وڏو ڳوٺ موجود آهي.

ٻَتُور: هڪ ذات جو نالو آهي.

ٻَپَڙ: اتر سنڌ ۾ رهندڙ هڪ غير سمات ۽ غير بلوچ مسلمان ذات جو نالو. هنن مان "بهار ٻپڙ"، ميان نور محمد کلهوڙي ۽ ميان غلام شاهه کلهوڙي جي دور ۾ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي.

ٻپڑا: هڪ غير معروف ذات آهي. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪجهه گهر اٿن.

ٻپو: دلن جو هڪ پاڙو.

ٻپَيرا: وڻجارن جي هڪ ذات جو نالو. کين "ٻيا پريا" ٻه چون ٿا. هن ذات وارا اونن ۽ سيالن ۾ پڻ آهن.

ٻجورا: سمن جي هڪ ذات جو نالو. هن ذات پنيان، ننڍي لڳ سنڌو درياءَ جي ڪپ تي "ٻجورا" نالي هڪ وڏو ڳوٺ موجود آهي.

ٻجوڙا: سما ذات جو نالو.

ٻُڇا: هڪ غير سماڻ ۽ غير بلوچ مسلمان ذات جو نالو.

ٻُڇڙ: سنڌ جي اتر طرف رهندڙ هڪ مسلمان ذات جو نالو.

ٻڇڙا: هڪ مسلمان سماڻ ذات جو نالو. تعلقي سيوهڻ جي آراضي شهر ۾ ڪجهه گهر وينا آهن. هي چون ٿا تہ اسين "سما" آهيون. حيدرآباد شهر جي ٽنڈي ولي محمد محلي ۾ پڻ ٻڇڙا ذات وارن جو هڪ وڏو پاڙو آهي.

ٻڇڙائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٻُڇيا: هن ذات وارا ڪوهستان واري علاقي ۾ رهائش پذير آهن. هي سنڌي ڳالهائين ٿا ۽ مسلمان آهن.

ٻُڌ: هي سما مسلمان آهن. سڄي سنڌ ۾ صرف نصيرآباد وارا. ملاقات وقت پاڻ ٻڌائي نہ سگهيا تہ اسين ڪير آهيون. ايس. صادق علي صفحي 45، جريان نمبر 83 تي لکيو آهي تہ "ٻڌ"، سما آهن. حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ "ٻُڌ" چنن جو پاڙو آهي. 1925ع ڌاري هنن جو ڇگو مڙس محمد هاشم چنو ٻُڌ هو.

ٻُڌاڻي: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

ٻُڌراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٻُڌڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سما ۾ .

ٻُڌڪ: هڪ مسلمان ذات جو نالو آهي.

ٻُڍا: هن ذات وارا غير سماڻ ۽ غير بلوچ آهن.

ٻُڍاڻي: چانديا قبيلي جي بن وڏن پاڙن مارفاٽين ۽ غيباٽين مان هڪ تمن جو نالو آهي. ڪورائي بلوچن، ميمڻن ۽ ملاحن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ٻڍاڻي" آهي. خيرپورميرس ۾ اڇڻ جي هڪ پاڙي جو نالو به ٻڍاڻي آهي. ٽنڈي محمد خان ۾ سڏيا وينا آهن. جن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ٻڍاڻي" آهي. ڪوسن ۾ پڻ "ٻڍاڻي" آهن.

ٻَر: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

ٻُر: سما آهن.

ٻُرا (ٻرار): ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٻُرا: لسبيلي جي هڪ وڏي ذات آهي. جيڪي سما خاندان مان آهن. سندن لقب "ڄام" هو. هن وقت ٻرا بلوچستان، لسبيلي ۽ سنڌ جي ڪن علاقن ۾ گهٽائي ۾ آباد آهن. موئيدان جي جابلو علاقي ۾ سندن وڏا

ڳوٺ آهن. ان علاقي جو چگو مڙس عالم خان برو آهي. هڪ بري جو روايتي بيان آهي ته برا ۽ برڙا پاڻ ۾ پائر آهن. ماندڙا، دودا باکڙا. ڪاتيار (ڪوري) ۽ وڃاڻي پڻ برن جا قريب آهن. ڊاڪٽر بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ لکيو آهي ته برا، لاسي قوم جي هڪ ذات ۽ برفتن جو هڪ قبيلو آهي. برفتن جو وڏو ۽ سردار "آري بدو" هو. جنهن کي پڻ عيسب نالي پٽ هو. جنهن کي به پٽ دودو ۽ برو هئا. بري کي جيڪو اولاد ٿيو اهي برا سڏجڻ لڳا. هنن جو سردار گهر "دريساڻي" آهي. برن جا به سلسلا شروع ٿيا: هڪڙا سرماڻ مريداڻي برا ۽ بيا براهماڻي برا.

(i) سرماڻ مريداڻي: دودا، ڏونريا، پيروز پوٽا، ٻوٽا، حسڻ پوٽا، دريساڻي، دڳاراڻي، بيراڻي، پيرارائي، رضا محمدياڻي ۽ موتاڻي هنن جا خاص پاڙا آهن.

(ii) براهماڻي برا: برفتن مان آهن. براهماڻي برن جا هينيان مکيه پاڙا آهن: بنيڻ عالياڻي، راڏاڻي، ڪنداڻي، مراڻي، مري پوٽا، ڏتوراڻي (ڏڳ)، پيروز، ڏنوريي پوٽا، الاڻي، پرياڻي، آري پوٽا، وسرياڻي، اوپاياڻي، جمالاڻي، حسناڻي، بهراڻي، گهنڊير، ڏمڻاڻي ۽ کيرين پوٽا. ايس. صادق علي لکيو آهي ته بُـرا جاکري بن انڙ جو اولاد آهن. جوکيا قوم جي برفت شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "برا" آهي (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو بُـرا قوم جو شجرو)

بُـراچ: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بُـراڻا: مير جتن جو هڪ پاڙو.

براڻي: ڪورائي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَـرڙا: ايس. صادق علي (ص 61 جريان نمبر 20 تي) لکيو آهي ته بُرڙا ملاح ۽ مهاڻا آهن. موهن جي دڙي پرسان هن ذات پنڌيان هڪ ڳوٺ آهي، منگواڻا به هنن مان آهن.

بُـرڙا: هڪ وڏي سماڻ ذات آهي، جيڪا سنڌ، پنجاب، بلوچستان، سرحد، لسبيلي، ڪچ، ماروار ۽ ايران جي سرحدن تائين پکڙيل آهي. سندن زبان نج سنڌي آهي، البته تاريخي، معاشي، طبعي ۽ سياسي تبديلين سبب اهي اتان جي مقامي زبان پڻ ڳالهائين ٿا. پر سندن ساهه سنڌ سان ۽ محبت سنڌ جي مٽيءَ سان آهي.

راقم جي پيدائش سيوهڻ ۾ ٿي، جتي حضرت مخدوم عثمان لعل شهباز قلندر مروندي جي زيارت لاءِ لکين عقيدتمند اچن ٿا. انهن زيارتين سان واقفيت خاطر ميل جول توڙي محقق جي حيثيت ۾، واسطو (ملازمت) سنڌ جي ڪوهستان، ٿر ۽ ناري جي علاقي جي ڪنڊ ڪڙڇ سان رهيو آهي. جنهن آڌار تي ڪجهه ٻڌل ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون:

(1) حاجي لعل محمد بُـرو، ويڻل ڳوٺ موئيدان، ضلعو ڪراچي اوپر، لڳ ڪير ٿر جبل، عمر اٽڪل 80 سال، روبرو ملاقات (1987ع) ۾ هن ٻڌايو ته اسان سماڻ آهيون. اسان جي ذات بُـرا آهي، سومرن ۽ سمن جي

لڙاين سبب ڪن پاڻ کي ٻُـرا ۽ ٻُـرڙا سڏايو.

(2) روبرو ملاقات وڏيرو حاجي محمد عالم برو، ويندل لسبيلو. هن صاحب جو چوڻ آهي ته برا ۽ برڙا پاڻ ۾ پائر آهن، جنگين سبب هڪڙا وڃي جبلن ۾ لڪا، جن پاڻ کي ٻُـرا سڏايو. ٻين ڇيو ته اسان ٻـرڙا آهيـون. اڄ ڏينهن تائين اهي پاڻ کي ٻُـرا ۽ برڙا چوائيندا اچن ٿا. ليڪن اسين سڀ سمات آهيون.

(3) روبرو ملاقات حاجي صابو برڙو، تعلقو قمبر (ڪوهستان)، عمر اٽڪل 110 سال، هن ٻڌايو ته اسين سمات آهيون. اسان جو اصل وطن ميرپور برڙا آهي.

(4) غلام رسول برڙو، رٽائرڊ ايگريڪلچر آفيسر، اڄ شريف (پنجاب) سان ملاقات ٿي، هن ڇيو ته اسين اصل ۾ سنڌ جا رهواسي آهيون. پنجاب ۾ اسان جا ڳوٺ ۽ محلا آهن، جتي اسين برڙه، ٻـرڙا ۽ ٻُـرڙا سڏجون ٿا.

(5) روبرو ملاقات رمضان برڙو، ڳوٺ اوستہ محمد، ضلعو نصيرآباد (بلوچستان)، هن جو چوڻ هو ته اسين سنڌ جا برڙا آهيون، اسان جي زبان ۽ سنڌي آهي. اسان جي پاڙن جا نالا ۽ سمات جي ذاتين جهڙا آهن. بلوچستان ۾ اسين ڄاموٽ سڏجون ٿا.

(6) ٿر واري پاسي کان معلوم ٿيو ته ٻُـرڙا لفظ سنڌ جو قديم لفظ آهي، جيڪو شايد "ٻُـڌرَا" لفظ تان ورتل آهي.

(7) منهنجي والد جي هن وقت عمر اٽڪل 100 سال آهي، پاڻ پنهنجو ڏاڏو 110 سالن جي عمر ۾ ڏٺو هئائين، جيڪو چوندو هو ته اسان جا وڏا قريشي هئا.

(8) ڳوٺ سڏوجا تعلقي موري ۾ سيدي نهراڻي اولياءَ جي خدمتگار حاجي گل حسن برڙي (مرحوم) جو والد (مرحوم) جيڪو وڏي عمر جو هو، چوندو هو ته اسين عربستان جا قريشي آهيون.

(9) عباسي قريشي آهن، انهن مان ڪلهوڙا، ڪلوڙ ۽ دائودپوتا آهن، جن مان هڪ پاڙي جو نالو "پـورڙا" آهي، شايد اهو لفظ ذات "ٻُـرڙا" هجي.

اهي ته هيون ٻڌل ڳالهيون ۽ قياس آرايون. وڌيڪ علم خدا کي آهي، جيڪو هر ڳالهه جي ڄاڻ رکي ٿو. هن ناچيز جي راءِ اها آهي ته "برڙا" لفظ بارڙا يا ٻيڙا (ڪُراڙو) تان ورتل آهي. پنجاب ۾ ٻيڙي کي "برڙه" چون ٿا. جنهن مان ڦري "برڙا" ٿيو آهي. زماني جي لاهن چاڑهن بولي ۽ لساني تبديلين، غير سنڌي ۽ ڌارين جي حملن سبب برڙا لفظ "بَـرا"، "برڙا"، "بُـرڙا"، "بُـرا" وغيره جي روپ ۾ استعمال ٿيندو رهيو. ڇاڪاڻ ته باهريان حملي آور ترڪي، افغانستان، عراق، ايران ۽ يورپ کان ايندا رهيا، جن وٽ "ب" ۽ "ڙ" جو اچار ڪونہ هو، انهن پنهنجي مرضيءَ سان برڙا لفظ کي ڦيرائي بَـرا، بُـررا وغيره لکيو. بَـرا لفظ جي تصديق لسبيلي جي هڪ ذات آهي، جيڪي سنڌ مان لڏي وڃي اتي آباد ٿيا آهن. اهڙي طرح انگلنڊ ۽ فرانس ۾ به هن ذات جا ماڻهو رهن ٿا.

جديد تحقيق موجب بُـرڙا ذات نج سنڌي (سماٽ) آهي، جنهن جو اچار بين نج سنڌي ذاتين جهڙو آهي، مثال ڀگهيا، بوڪ، چامر، چاموٽ، چامڙا، ڳاها، ڍيرا، هنگورا، مگر ۽ مگيا وغيره. اهي سڀ ذاتيون سنڌ جي سرزمين مان اسريل آهن، جنهن بنياد تي بُـرڙا سماٽ ۽ سنڌ جا ڇاوا آهن. برڙا، قريشي، فاروقي يا صديقي نه آهن. سندن سماٽ هڻڻ بابت ڪجهه حوالا هيٺ ڏجن ٿا.

(1) ڊاڪٽر بلوچ جي لکيل "سنڌي بولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" جي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو ته سمن جي دؤر ۾ چامر "پونئري" ۽ گجرن جي سردار "ويرگجر" جي وچ ۾ هڪ جنگ لڳي هئي. برڙا، چامر پونئري جي طرفان وڙهيا هئا، چامر، گجرن جي مٿان حملو ڪري، انهن جي علاقي، برڙن واري پهاڙ وٽان مال ورائي آيو. جنهن تي ڪنهن سگهڙ چيو ته:

پونئري ڪيا پرياڻ، بُرڙي تي ٻر ٻيا،
تنهن وڃي واريون، لوڙيون مٿان لڪ.

اهو لڪ (پهاڙ) ٽر ۾ هند ۽ سنڌ جي سرحد وٽ آهي، جنهن مان شاهدي ملي ٿي ته برڙا اصل سماٽ ۽ سنڌ جا وارث آهن.

(2) ايس. صادق علي 1901ع ۾ هڪ ڪتاب The Muslman Races found in Sindh, Balochistan and Afghanistan. لکيو هو. جنهن ۾ موصوف ڪتاب جي صفحي 45، جريان 97 تي لکيو آهي ته برڙا، "سما" خاندان جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هن ڪتابي حوالي مان پڻ شاهدي ملي ٿي ته برڙا سماٽ آهن.

(3) 1960ع جي نئين زندگي جي ڪن ماهوار پرچن ۾ جناب سلطان راهوجي جا ذاتين بابت ڪجهه مضمون ڇپيا هئا. جن ۾ پڻ برڙا کي سماٽ ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

(4) ڊاڪٽر الهرکيي بٽ جي ڪتاب "سماٽ" جي صفحي 38 تي برڙا ذات کي سماٽ ۾ ڇاڻايو آهي.

(5) ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي جي ڪتاب "سنڌ جون چند ذاتيون" ۾ هڪ مضمون برڙا تي لکيل آهي، جنهن ۾ موصوف پڻ برڙا قوم کي سماٽ مان ثابت ڪيو آهي.

(6) سنڌ جي روينيو رڪارڊ موجب نُـل، شهدادپور، نوشهرو فيروز، ديري محبت، ڪڪڙ، شڪارپور ۽ بين تعلقن ۾ ڪافي ديهن جا نالا "بُـرڙا" آهن، جيڪي برڙا ذات جي وجهه تسميه ۽ نسبت سان پيا آهن. اهي برڙن جي قدامت ۽ سنڌ جي سرزمين سان سندن واسطو ڏيکارين ٿا، جنهن ڪري کين "سماٽ" چوائڻ جو حق آهي.

(7) لعلڻ خان لغاري ۽ بين سگهڙن جي چيل ڳجهارتن، ڏورن ۽ بيتن ۾ برڙا ذات جو ذڪر ملي ٿو ته اهي سنڌ جا سماٽ آهن.

(8) برڙن بابت جيڪي پهاڪا يا چوٽيون آهن، انهن جي لفظن مان سنڌيءَ جي خوشبوءِ اچي ٿي ۽ اها خوشبوءِ سماٽ جو بنياد آهي. ڪجهه چوٽيون هن طرح آهن:

(1) اهڙي ڪندو سانءِ، جيئن برڙي ڪئي بارن سان (ذات جا بارا).

(2) پر ۾ مري پاءُ، تہ بہ باجھہ نہ پئي برڙي ڪي.

(3) برڙن جا بار، هڪڙا هاري ٻيا ڏنار.

(4) برڙي کي عقل آيو، تہ جھليائين ٽنگڙي.

(5) برڙو ۽ ڪرڙو، ٻئي پنھنجن جا ويري.

(6) برڙي جو شوق بہ سال.

(7) برڙي جو ضد جيئن الف کي مدَ.

برڙا ذات جا خاص ۽ وڏا پاڙا هن طرح آهن: 1. ديناراڻي 2. جھلاڻي 3. شاھلياڻي 4. موساڻي 5. جوڪيا 6. دياري 7. جليلاڻي 8. نانگاڻي 9. فاضلاڻي 10. اڏيرا 11. ميراڻي 12. ملاڻي 13. بڪرار 14. سنيا 15. علياڻي 16. حبيباڻي 17. راڄيزئي 18. جھمراڻي 19. لالاڻي 20. عالياڻي 21. مبارڪاڻي 22. رحماڻي 23. ساجراڻي 24. هُسراڻي 25. اوڙاڻي 26. چانڊاڻي 27. سنجراڻي 28. ڪجڪاڻي 29. مائڪاڻي 30. مهدياڻي 31. هاشماڻي 32. جُماڻي ۽ جَڪراڻي ۽ ٻيا ٻه.

بُرَڪ: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بَرَنڊَ: سما ذات جو پاڙو آهي. ٽنڊي الهيار ۾. ميرواھ روڊ تي، ولھاري خاندان وارا ميان، هن پاڙي مان آهن.

بَروچاڻي: بلوچستان جي جت بلوچن جي هڪ ذات جو نالو.

بَروَسر: هڪ ذات جو نالو.

بَرھَاڙا: ملاحن ۽ ميربحرن جي هڪ ذات جو نالو.

بَرھَامَ: هڪ غير سماٽ ۽ غير بلوچ ذات جو نالو.

بَرھَانَ: هڪ غير سماٽ ۽ غير بلوچ ذات جو نالو.

بَرھَرَ: پرمارن جي هڪ ذات جو نالو.

بَريا: ٽر ۾ رهندڙ مينگھواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

بُريا: لسبيلي ۾ رونجھن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَريَد: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

بَزَ: هڪ غير سماٽ ذات جو نالو.

بَزا: هندو هريجن جي پاڙي جو نالو.

ٻڙاٽي: هڪ غير معروف ذات جو نالو آهي. ڪافي تحقيق بعد سڌ نہ پئجي سگهي تہ اها ذات سمات آهي يا غير سمات، مسلم آهي يا غير مسلم.

ٻَڙهيا: ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڻن جي هڪ ذات جو نالو.

ٻَڪَرار: ٻُرڙن جي هڪ پاڙي جو نالو، جن کي ذات طور "ٻڪرار" چون ٿا. جيڪب آباد ضلعي ۾ هن پاڙي وارا نهايت گهٽائيءَ ۾ آباد آهن.

ٻَگائي: ملاحن جي هڪ ذات جو نالو.

ٻَگها: هڪ مسلمان (سمات) ذات جو نالو (ملاح).

ٻَگهاٽي: ڪولاچي ذات جي هڪ پاڙي جو نالو .

ٻَگهائي (ٻگهئي): ملاحن جي هڪ ذات جو نالو.

ٻَگهدار: دومڪي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو (ايس. صادق علي). رندن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ٻگهدار" آهي. اصل لفظ بگدار (بلوچي زبان ۾) آهي جنهن جي معنيٰ آهي انن چارڻ وارو جت. مختلف قبيلن جا ماڻهو جيڪي ان چاريندا هئا، تن کي "ٻگهدار - بگدار چيو" ويو.

ٻگهلاٽي: رندن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٻُگهو: مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو.

ٻُگهئي: ملاحن جي هڪ ذات جو نالو.

ٻَگهيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٻُگهيا: ٻگهيا، ٻگهاٽي، ٻگهو، ٻگها ۽ ٻگهئي هڪ ئي معنيٰ ۽ مطلب رکندڙ لفظ. ميربحر راڄ جي پاڻن ۽ پيشي سان واسطو رکندڙ آهن. مٿيان لفظ "ٻگهہ" پکي تان ورتا ويا آهن، پراڻي زماني ۾ ٻگهہ پکي جي کنين جو ڏاڍو مانُ ۽ قيمت هوندي هئي، ان وقت ميربحر مڇيءَ جي شڪار سان گڏوگڏ انهي ٻگهہ پکي جو شڪار پڻ ڪندا هئا، جنهن جي نسبت سان ٻگهيا، ٻگهاٽي، ٻگها، ٻگهو ۽ ٻگهئي سڏجڻ لڳا. اڄ بہ اهي ذاتيون مٿين نالن سان سنڌ ۾ رهن ٿيون. ڊاڪٽر بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ ميربحر قوم جي سورهن پاڻن مان هڪ پاڙي جو نالو "ٻگهئي" لکيو آهي. اهڙي طرح ڪتاب سمات ۾ صفحي 58 تي ميربحر قوم جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ٻگهيا" ڄاڻايل آهي، يعني ٻگهيا ميربحر آهن.

سنڌ جي سمن جي اولاد تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ "ٻگهيا" جاکري بن انڙ ۽ جاکري بن سمون جو اولاد آهن. جاکري بن سمي کي 12 پٽ ٿيا، انهن مان هڪ پٽ جو نالو "ٻُگهيو" هو، جنهن جي اولاد پاڻ کي ٻگهيا سڏايو. مغل بادشاهہ شاهجهان جي دؤر ۾ ٻگهيا، سميجا ڪل ۾ شامل هئا. ايس. صادق علي

ٻگھيا ذات کي سمن مان لکيو آھي، جنھن جا پاڙا ھن طرح آھن: 1. ٻٽڑا، 2. ڏونڊڻ، 3. ھاليا، 4. ڪارياڻي 5. ڪيرياڻي 6. موماڻي، 7. نندياڻي، 8. پرياڻي، 9. سھڑا ۽ 10 پاڻپوٽا. منجھ ڏنڊ جي ڪپ تي ٻگھيا وينا آھن. جيڪي چون ٿا تہ اسان جي ھڪ مکيہ پاڙي جو نالو "ڏيپر" آھي.

ٻُگھين جو شجرو



بلا: ڏندي محمد خان ۾ سڻيا ويندا آهن. جن جي هڪ پاڙي جو نالو "بلا/ بلو" آهي. هنن کي چاڪي ۾ چون ٿا.

بلاڪاٽي: پٽي ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَلال: هڪ غير سماٽ ۽ غير بلوچ، باهران آيل ذات جو نالو. سنڌ ۾ سيوهڻ، آمري، هالا ۽ خيرپورميرس ۾ رهن ٿا ۽ سنڌي ڳالهائين ٿا. بلال چون ٿا تہ اسين رسول صلي الله عليہ وسلم جي اصحابي حضرت بلال حبشي جو اولاد آهيون. سنڌ ۾ اسان کي "بلال" چون ٿا.

بَلالاٽي: ٻيا (سما) ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

بِلالي: سڻيا ذات جو پاڙو آهي ۽ لاڙ ۾ رهن ٿا.

بِلڙا: چاڇڻ جي ڇٽا قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو.

بلواٽي: مهاٽا ۽ ميربحر آهن.

بَلها: مسلمان سماٽ مگٽهار فقير آهن ۽ سکر ضلعي ۾ رهن ٿا.

بلهاڙا: مهاٽا ۽ ميربحر آهن.

بلهاٽي: هڪ مسلمان ذات جو نالو آهي.

بَلهر: هندو پرمارن جي هڪ ذات جو نالو.

بِلهڙا: هڪ غير سماٽ ۽ غير بلوچ ذات جو نالو.

بليچا: هڪ مسلمان سماٽ ذات جو نالو آهي.

بَليداٽي: لاشاري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. چاڇڻ ۾ پڻ "بليداٽي" آهن.

بَليلاٽي: چاڇڻ جي جگانند قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو.

بنيا: هڪ مسلمان سماٽ ذات جو نالو. هن ذات جي پنيان تعلقي سيوهڻ ۾ "بنيا" گوٺ موجود آهي. نهڙين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بنيا" (بَنيا) آهي. راهواٽي هنن جا عزيز ٿين. ٽر ۾ رهندڙ دلن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

بَنياٽي: سمن جي هڪ ذات جو نالو. پيچوهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بنياٽي" آهي.

بَنڌاڻ: راڄپرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

بَنڌاٽي: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

بُنگ: هڪ مسلمان (سماٽ) ذات جو نالو.

بُنگا: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

ٻُنگها: هڪ غير سماٽ ۽ غير بلوچ ذات جو نالو.

ٻِـنهنپار: ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڻن جي هڪ ذات جو نالو.

ٻُـوچَ: هڪ ذات جو نالو آهي، سماٽ يا غير سماٽ، مسلمان يا غير مسلمان هڻڻ جي تصديق نه ٿي سگهي آهي.

ٻُـوچا: هڪ ذات جو نالو آهي.

ٻُـوچاري: ٻنهورن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

ٻُـوچڙ: هڪ ذات جو نالو آهي.

ٻُـوچڙيا: هڪ ذات جو نالو آهي.

ٻُـوچڪَ: هڪ ذات جو نالو آهي.

ٻُـوچيا: ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڻن ۽ ٻيلن جي هڪ ذات جو نالو. جيڪي اڪثر ڪري موچڪو ڪم ڪن ٿا.

ٻوڏاٽا: هڪ غير سماٽ ۽ غير بلوچ ذات جو نالو.

ٻوڏا: هڪ غير سماٽ ۽ غير بلوچ ذات جو نالو.

ٻُـور: هڪ ذات جو نالو آهي.

ٻُـورا: هڪ ذات جو نالو آهي.

ٻُـوراڻي: ملاحن جي هڪ ذات جو نالو.

ٻُـوراهپوٽا: هڪ مسلمان سماٽ ذات جو نالو.

ٻُـورپوٽا: مسلمان راڻوڻن جي هڪ پاڙي جو نالو. هي نج سما آهن.

ٻوڙا: سميجن جي هڪ ذات جو نالو. سجاول ۾ وينل "ٻوڙا"، ملاح ٿا سڏجن. (تاريخ سجاول 1984ع)

ٻوڙاتيا: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٻوڙاڪو: ٻنهورن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٻوڙاٽا: ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڻن جي هڪ ذات جو نالو، سمن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ٻوڙاٽا" آهي.

ٻوسڙ: پنجاب کان آيل هڪ ذات جو نالو.

ٻوسڻ: ملتان ۽ بهاولپور جي سرائڪي پٽِي کان آيل غير سماٽ آهن. سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا ۽ صرف لاڙڪاڻي شهر ۾ آباد آهن. سندن چوڻ آهي ته اسين ٻنهنجي مرشد کي بوسه (چمي) ڏيندا هئاسين. ماڻهو ۽ مريد اسان کي بوسه زن (چمي ڏيندڙ) چوڻ لڳا ۽ پوءِ اهو لفظ ڦري بوسڻ ۽ بوسڻ ٿيو. ان بعد اسين ذات جا

"بوسڙ" (سرائي) سڏجڻ لڳاسين.

بوڪَ: پنجاب کان آيل جت (جاٽ) آهن. هن وقت هي سنڌ جي جتن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هي ڪلهوڙا دور ۾ اندروني سنڌ ۾ داخل ٿيا. دادو جي پرسان هن قبيلي جو هڪ ڳوٺ "بوڪ" جي نالي سان مشهور آهي. پنجاب ۾ بوڪن کي "بُـڪ" چون ٿا. هي هن وقت سمات ۾ داخل آهن. ايس . صادق علي (صفحي 45 جريان نمبر 90 تي) بوڪن کي سماٺ قوم مان ڄاڻايو آهي.

بوگهلاڻي: ڪوهستان ۾ رهندڙ هڪ مسلمان ذات جو نالو.

بُـوهر(بُـوهڙ): اتر سنڌ (پنجاب) کان ڪلهوڙا دور ۾ آيل سرائي جت آهن. پنجاب ۾ هنن کي "بوهر" چون ٿا.

بوهڙا: ابڙن سان واسطو رکندڙ هڪ ذات آهي. ڪن جاين تي هي ڍڪڻ، وادا (لاکا) ۽ سڏجن ٿا. بوهڙا ۽ بوهيڙا ۽ مختلف ذاتيون آهن. ان ڪري بنهي جي وچ ۾ تميز ڪرڻ گهرجي.

بوهيا: هڪ مشهور ذات آهي. اڪثر ضلعي نوشهري فيروز ۾ رهن ٿا. ڊاڪٽر الهداد بوهيو منجهانئن هو. بوهيا ذات کي تحقيق هيٺ آڻڻ لاءِ ذاتين ۽ قومن تي لکيل ڪنهن به ڪتاب ۾ "بوهيو" لفظ نه مليو. 1901، 1911، 1921 ۽ 1931ع وارن مردم شماري پڌرنامن ۾ پڻ "بوهيا" لکيل نه آهن. البته "جامع سنڌي لغات" ۾ لکيل آهي ته بوهيا هڪ ذات آهي. سماٺ يا غير سماٺ جو ڪو به اشارو ڪو نه ٿو ملي. پر پاڻ چون ٿا ته اسين سماٺ آهيون.

بوهيڙا: هڪ مسلمان سماٺ ذات آهي. شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ وينا آهن.

بِـها: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

بُـهارا: هڪ سماٺ ذات جو نالو. جن جي ذات پنيان نٽي ضلعي ۾ بُـهارا نالي شهر مشهور آهي.

بُـهاريجا: هڪ سماٺ ذات جو نالو.

بهاڻ: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

بِـهاٽا: هڪ غير سماٺ ۽ غير بلوچ مسلمان ذات جو نالو.

بِـهپار: هڪ غير سماٺ ۽ غير بلوچ ذات جو نالو. دلن ۾ پڻ آهن. هي سماٺ آهن.

بِـهپر: هڪ غير سماٺ ۽ غير بلوچ ذات جو نالو.

بِـهپيرا: هڪ غير سماٺ ۽ غير بلوچ ذات جو نالو.

بُـهَدرَ: مگٺهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

بُـهريا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

بِـهڙ: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

پهيڙا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

پياپرايا: هن ذات وارا اصل ۾ هڪ قسم جا وڻجارا آهن. جيڪي سمنڊ ۽ درياءَ جي ڪپن تي آباد آهن. سندن ڏاڏو دريائي ۽ ساموندي واپار ڪرڻ آهي. هي بيڙين، هُڙن ۽ ننڍن جهازن ذريعي واپار ڪندا آهن. هي اصل ۾ سنڌي سماڻ جا فرد آهن. جيڪي هن وقت سنڌ ۾ تمام ٿورائيءَ ۾ آباد آهن. هنن کي "پپيرا" ٻڌ چون ٿا. اونن ۾ پڻ هن ذات وارا آهن.

پيٽا: هڪ غير معروف ذات جو نالو.

پيٽائي: جت بلوچن (بلوچستان) جي هڪ پاڙي جو نالو.

پِيجل: ذات جا مهر آهن. جيڪي اڪثر ڪري سنڌ جي اتر طرف آباد آهن. هنن جي زبان سرائڪي آهي. پوک ۽ مال تي گذر سفر ڪن ٿا. هنن جو راڄ سرداري نظام هيٺ ڪم ڪري ٿو. پالاڻي ۽ ويجل هن ذات جا شريڪ ۽ قريب آهن.

پيراڻي: جمالي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. (ايس. صادق علي)

پيڙاڻي: مير جتن جو هڪ پاڙو.

پيڪا: هڪ ذات جو نالو آهي.

پيلاڻي: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو. تنڊي محمد خان ۾ "سنيا" وينا آهن. جن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پيلاڻي" آهي. (بحوالہ محترم اميد علي سنيو). نهڙين ۾ پڻ "پيلاڻي" آهن. ڄام هوتي هن پاڙي جو اڳواڻ هو. جنهن غلام شاهہ ڪلهوڙي سان ناهہ ڪيو هو. ڳوٺ الله ڏنو نهڙيو ۽ بقا نهڙيي وارا هن جي اولاد مان آهن. (ضلعو ميرپورخاص). جتن جي مَنَهون راڄ خاندان جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پيلاڻي" آهي.

پيليچا: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

پيهاڻ: هڪ ذات جو نالو آهي.

پِيهڙ: غير سماڻ ۽ غير بلوچ ذات جو نالو. هن ذات بابت ڪٿان بہ معلومات نہ ملي سگهي آهي.

نوٽ: مٿي بيان ڪيل ذاتين کان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون ئي غير معروف ذاتيون آهن. جهڙوڪ ٻٽاڪي، ٻهرا، ٻڌڙيل، ٻيسر، ٻاٽيها برنگ، ٻيڌا ۽ ٻوڏر وغيره.

پُرن جو شجرو


جادم
هِسپت
ابدري
نيٽ
راڻو نوتيار
اوڊر
اُڊو
لاکيار (لاکير)
چام لاکو
(بادشاه ٿيو نٽي جي گندرن مان شادي ڪيائين)
انـڙ
لاکـــو
سمون
ڪاڪو
جياند
جاکرو/جکرو
ڪاڪ جو مسلمان حاڪم ۽ مسرڻ جو سردار

(مسرڻ جو سردار)
پلي
رائڏڻ/رائڏنو
پلي
اولاد ٻـرا
(قوم جو سردار)
ٻـرو
وڏيڪ لاءِ سمن، انڙن ۽ برفتن جو شجرو ڏسو گهر جي
چهه پائر
جام هوڙي
هالو
پلي
جام هوڙي
جام چندو
جام هوڙي
لالو
ٻـرو
جاڙو
جام عيسب
شورو
(اولاد ٻُرا)
ابو الفتح
(برفت)
آري بدو
عيسب
ٻُرو
دودو
(اولاد ٻُرا)

پ

پاپرا (پاپڑا): "جين" ڏرم جي هڪ ذات جو نالو. اهي ڏسڻ ۾ نهايت سادا نظر ايندا آهن، پر نهايت شاهوڪار قوم آهي. وٽن ڪيڏي به دولت هوندي پر ڏيکائي نه ڏيندا. ان ڪري، چوڻي آهي ته "هڪ ڏء جهلي مينهن، ٻيو ڏؤ جهلي پاپڑو".

پاپي: پناڻن جو قبيلو. پاپي، غورغشت جو پٽ هو. ان جي نسبت سان هن پاڙي جو نالو "پاپي" آهي.

پات: هيءَ هندي قوم جي هڪ ذات آهي. جنهن جو نالو سنسڪرت جي لفظ "پند" تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ مسخرو. ٻينو ۽ فقير آهي. جيڪي هندن جي خوشين جي موقعي تي ڳائي وڄائي لاڳ ونندا آهن. اهي اڄ به سنڌ جي ڪافي حصن ۾ رهن ٿا. هي پٽ آهن.

پاٽڙا: سما قبيلي ۽ پٽن جي هڪ پاڙي جو نالو. هندو برهمڻن ۾ پٽ آهن.

پاٽيا: راجپوت نسل مان آهن، جن جو واسطو "يادو" فرقي سان آهي. اهي جيسلمير جا راجا هئا. هو وشنو ۽ ولڀچاري آهن. سنڌ ۾ اڄ به موجود آهن. گهٽو ڪري واپار ڪن ٿا. هندو قوم جي هيءَ نالي واري ذات آهي، جن مان مسلمان مگريا ۽ پٽي آهن. پاٽي، پاٽيا ۽ پٽي هڪ ئي نسل جو نالو آهي، جيڪي يادو ڪل (يادوبنسي - چندر بنسي) مان آهن. هن وقت پاٽيا مسلمان به آهن، جيڪي سمات آهن. پاٽيا پاڻ کي ڪتري به چوائين ٿا.

پادلا: ميربحر ۽ مهاڻا آهن.

پارا: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. ڊاڪٽر بلوچ "سومرن جو دور" (صفحي 35) ۾ لکيو آهي ته پارا سومرن جو پاڙو آهي، هي پارو بن محمد سومري جي اولاد مان آهن ۽ تر ۾ رهن ٿا. دلن ۾ پٽ آهن.

پارچ: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَارَڻ: هڪ ذات جو نالو. سمات يا غير سمات جي سنڌ ڪانهي. البت سکر ۾ رهن ٿا.

پَارُو: هڪ ذات جو نالو.

پارواڻي: هڪ ذات جو نالو. هندن جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته پارواڻي، اروڙ ونسي لوهاڻن جي آکيڙ آهي. عربن جي ڊپ کان سنڌ ڇڏي ويا. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ واپس سنڌ ۾ آيا ۽ بجاج نڪ مان مشهور ٿيا. سيٺ سانول مل خداآباديءَ کي چار پٽ هئا. جن مان هڪ پٽ جو نالو پارو مل هو. هي ان جو اولاد آهن. هي سانولائي سڏجن ٿا.

پَاڳَ: هڪ مسلمان ذات آهي، جيڪي سومرن جا فقير هئا. سومرن جي شادين مرادين تي ڳائي لاڳ ونندا هئا. سندن دعائن سان سومرن جا پاڳ ڪلي پوندا هئا، جنهن ڪري مٿن پاڳ نالو پئجي ويو. چون ٿا ته اهي

پاڳ، پان فقير آهن، جيڪي پاڳو پان جو اولاد آهن. پاڳو، سومرن جو فقير ۽ سڳهڙ هو. هن 1313ع ۾ دودي سومري ۽ علاؤالدين خلجي جي وڃ ۾ جنگ وڙهندي اکين ڏني هئي. ابڙي اڙبنگ ۽ سندس پٽ ڏونگراءِ سومرن جي نياڻين (سومرين) جي سام جهلي هئي، ان وقت پاڳو فقير چيو هو تہ:

ڏوران ڏونـــگـر نـــنـــديو، اوران تي آفت،

هي پهاڙي پيٽان پيو، پيءُ جنهن جو پربت.

ڏوم بہ "پاڳن" مان آهن. هندن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "پاڳ" آهي، جيڪي پاڳ ۽ پاڳيا سڏجن ٿا.

پـاڳت: پنجاب کان آيل جاٽ (جت) آهن، جيڪي سنڌ ۾ آباد ٿي، پاڻ کي "پاڳت" چوائڻ لڳا. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ سندن ڪافي ڳوٺ آهن.

پاڳچنداڻي: پاٽيا. هندن جي "ڪمل"نک مان آهن. آگري ۽ ائوڌ کان لڏي اچي سيوهڻ، بوبڪ ۽ ساهتي پرڳڻي ۾ وينا.

پـاڳـل: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو.

پاڳي: هندن جي هڪ ذات جو نالو.

پـاڳيا: هندن جي هڪ ذات جو نالو، هنن کي "پاڳ" بہ چون ٿا. هي پرمار سوڍن راجپوتن مان آهن، جيسلمير کان لڏي اچي سنڌ ۾ وينا. گهڻي مال پالڻ ڪري "پاڳيا" سڏجڻ لڳا. ٽڏاڻي، ڪيولراماڻي، پڳت، تيجواڻي، گيهاڻي، رائسنگاڻي ۽ مڪواڻي پڻ هن ڪيڙ مان آهن.

پاليا: ڪاندي جتن جو هڪ پاڙو.

پان: اصل ۾ سما ۽ سميجا ڪُل مان آهن، جيڪي سمن جا فقير هئا، سندن خاص ڪم ڪيرتون ڪرڻ ۽ ڏانڻ ونڻ هو. اجن فقير پان، جام انڙ سمي کان ڏان ورتو هو، پان خوشي جي موقعي تي پٽن، چارڻن، مگڻهارن وانگر ڳائيندا وڄائيندا هئا ۽ اڄان تائين سنڌ جي ڪن هندن تي ڳائي وڄائي ڏانُ ونن ٿا. هن ذات جا ماڻهو ٺٽي ضلعي ۾ گهڻائي ۾ آباد آهن. هي مسلمان ۽ هندو آهن. پان ذات جي نالي سان دادو ضلعي ۾ پان شهر آهي، پر افسوس جو هن وقت هن ذات جو هڪ بہ ماڻهو اتي موجود ڪونهي. ڊاڪٽر بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ پانن جا هينيان پاڙا لکيا آهن: 1. آمناڻي 2. چنديا 3. هربا 4. موتيا 5. ليڏا 6. دالا 7. چناڻي 8. چني پار. انهن کان سواءِ پاڳ، جکيا، دالا، ڏماچ، ليڏا، هاسماڻي، هُربا، اسحاقاڻي ۽ عاقلاڻي پڻ پانن جا پاڙا آهن. پان، سنسڪرت جي لفظ "پند" تان ورتل آهي، جنهن جي معني آهي، مسخرو، بازيگر، مگڻهار، پينو.

پـانـپوٽا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پاندا: چانديا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَانڊاريا: هڪ ذات جو نالو.

پَانَڙا: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

پانگر: هڪ سماٽ ذات .

پانگريا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

پانيجا: پان ذات مان ڦٽل هڪ ذات. هي سما آهن. سندن ڪجهه گهر نوابشاهه ۾ آهن.

پَـاڻَ: سما آهن. جيڪي ڄام پاٽوَ جي نسبت سان "پاڻ" سڏجن ٿا.

پاٽان: سما قبيلي جي هڪ ذات جو نالو. ڏهر مان پينسيءَ هو. جنهن ڪي ڏهه پٽ هئا. انهن مان هڪ جو نالو پاٽو هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي "پاٽان" چوايو. (تفصيل لاءِ ڏهرن جو شجرو ڏسڻ گهرجي).

بيت:

نـوري مهاڻـا، سـارا تنهنجـي ڄـار ۾،
رهـو آزاد ائيـن، جيئـن پکـي اڏاڻـا،
ڇـو تـون ڇڏين ڄـام، ئـي مـاگر جـا ماڻـا،
ڇـري ڪينجهـر ڪنڌئيـن، بـُـرا نـه پاٽـا.

پاٽپوٽا: ٻُڪهين جي هڪ ذات (پاڙي) جو نالو.

پاٽواڙي: مارفاڻي چانڊين جي پاڙي مان هڪ شاخ جو نالو.

پَـاٽوٽي: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پاٽوجا: هڪ سما ذات آهي. چون ٿا ته ڄام پاٽو جي دؤر ۾ ڪي ماڻهو ان سان پنهنجي نسبت ظاهر ڪري پاڻ کي "پاٽوجا" چوائڻ لڳا. انڙ جي پٽ جو نالو "ٽيبو" هو. ان ٽيبي جي اولاد مان پڻ "پاٽوجا" ذات آهي.

پاڻ وَريا: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَـاٽـُـون: سما ذات آهي. ڄام پاٽون جي اولاد. پيءُ جي نسبت سان پاڻ کي ذات جا "پاٽون" سڏايو. نصرپور جي سيدن مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پاٽون (پاٽو)" آهي.

پاٽيجا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پاوا: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو.

پاوانـي: هندن جي هڪ ذات.

پاواڻِي: ڪچ کان آيل هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو. جناب يحيٰ پاواڻي، "هو جمالو" جو محنتي هن خاندان مان هو. سندس جمالو "اخبار وطن" ۾ چپيو هو. ڪرمتين جي مهيري شاخ مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو "پاواڻي" آهي.

پاوناڻي: پتافي بلوچن جو پاڙو آهي. مولانا بهاؤالدين بهائي هن پاڙي مان هو. هن "ڪريما بهائي" ڪتاب به لکيو هو. ڪيس سنڌ جو سعدي به چون ٿا. (بحوالہ: مهراڻ 4 _ 3 سال 2001ع ص 102). هڪ ٻئي حوالي موجب پاوناڻي. "منچنديا" نک مان اروڙ ونسي هندو ڪترين جي هڪ آکيڙ جو نالو آهي. عربن جي ڊپ کان سنڌ مان لڏي ملتان ۽ سيتل پور ۾ وينا. آدم شاهہ ڪلهوڙي جي قرب ڪري واپس آيا. اڏيو مل شهوائي ڪتري وٽس مانائتو ٿيو. ان جي اولاد مان ٻيلو مل کي به پٽ پاونداس ۽ گدو مل هئا. گدو مل جو اولاد "گدواڻي" ۽ پاون مل جو اولاد "پاوناڻي" سڏجي ٿو. اجواڻي ۽ جڳتياڻي هنن جا عزيز آهن.

پاوَڙ: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پائناڻي: عمراڻي رندن جو هڪ پاڙو.

پَـائـِـل: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پائـِـيبنَـد: هندن جي واپاري آکيڙ آهي، جن کي "واڻيا" به چوندا آهن.

پائيخاناڻي: ٻيا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو (ابڙا).

پائيداڻي: "باجر" ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پائيل (پايئل): هڪ غير سمات ۽ غير معروف ذات آهي.

پَـيرياڻي: ڪورارن (سمن) جي هڪ پاڙي جو نالو.

پـيـيراڻي: مغيري (بڙدي) بلوچن جو هڪ پاڙو.

پَـتَـڙَ: سيالن جو پاڙو آهي، هي موري شهر ۾ وينا آهن.

پـتو: گهرٽ هندن جي هڪ ذات.

پَـٽ (پاٽ): پَـٽ، گاڏڙ هندو آهن. هنن جي وڏي ڏاڏي جو پيءُ ڪتري ۽ ماءُ ويش هئي. ماروارڙي پَـٽ، ماس ۽ شراب ڪونہ واپرائين پر ٻيا پٽ ماس کائين ۽ شراب به استعمال ڪن ٿا. هي هندن جا ڳائٽا ۽ پينو فقير آهن. انهن پٽن مان ڪافي پٽ مسلمان ٿيا. جيڪي پڻ پاڻ کي پٽ جا پٽ يا "پٽ فقير" سڏائين ٿا. شروعاتي دؤر ۾ پنندا هئا (آهن) ۽ لاڳ ونڌاهئا. پر هن وقت هي پوڪ ڪن ٿا ۽ ذاتي ڪاروبار به ڪن ٿا.

مسلمان پٽ ۽ هندو پٽ سنڌ جي هر علاقي ۾ رهن ٿا. ڪتاب سمات (صفحي 38) ۾ لکيل آهي ته پٽ پنجاب کان آيل سرائي ۽ جت آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. ابرم 2. پاٽڙا 3. جاگا 4 چارڻ ۽ 5. ماڌو.

پُٹا: اصل ۾ آرائين آهن. هنن جو اصل وطن آريها (ARRIHA) شام ملڪ ۾ هو. محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ پرتي ٿي سنڌ پهتا ۽ اتي ئي آباد ٿي ويٺا. ڪي چون ٿا ته پٺا حضرت سليم مڪي جي اولاد مان آهن. جنهن مڪي مڪرمہ کان هجرت ڪري مديني ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي. اسلام جي تبليغ ۾ شامل ٿي عرب حاڪمن سان سنڌ ۾ ايندا رهيا ۽ هتي آباد ٿي ويهي رهيا. ڪلهوڙن جي هڪ پاڙي جو نالو پٺ "پٺا" آهي. جيڪي بنو عباس (عرب) جو اولاد آهن. سنڌ جي سمن جي اولاد مان مسلمان سوڍن ۽ جاڪرن مان پٺ "پٺا" آهن. جيڪي سما آهن. هنن لاشارين ۽ مير چاڪر خان جي ويڑهہ ۾ حصو ورتو هو. ٺٽي جي سلطنت دوران سندن احوال ملن ٿا. هن ذات جا خاص پاڙا هينيان آهن:

1. الهداڻي	6. عارباڻي	11. پورا پٺا
2. حسناڻي	7. حاجاڻي	12. عيساڻي
3. خيباڻي	8. ڪنيڙا	13. خيراڻي
4. ڪورهياڻي	9. ڪمادي	14. موساڻي
5. رضاڻي	10. صالحاڻي	15. صوپيزئي 16. وچاڻي

تاريخي حوالن مان ڄاڻ ملي ٿي ته "پٺا" اصل ۾ پاٽيا هئا. هي راجپوتن مان هئا ۽ جيسلمير علاقي جا راجا هئا. مسلمان ٿيڻ بعد هنن پاڻ کي "پٺا" سڏايو. هن ڪيڙ مان لاڙڪاڻي وارا پٺا مشهور آهن. جن مان ذوالفقار علي پٺو ناميارو سياستدان ٿي گذريو آهي. مسٽر "اوبرائن" جو چوڻ آهي ته "پٺا" سورج بنسي راجپوت نسل مان آهن. سندن خاندان شاهي آهي. ڪتاب "پنجاب کي ذاتين" جي صفحي 222 تي لکيل آهي ته "پٺا" راجپوت ۽ جٽ نسل مان آهن. نموني طور لاڙڪاڻي وارن پٺن جو شجرو هن طرح آهي:

لاڙڪاڻي جي پٺن جو شجرو

وڏيرو منا خان

|

وڏيرو صحتيو خان

|

وڏيرو پير بخش خان

|

وڏيرو دودا خان



پٹار: هي لوناڻي بروهي آهن، جن جو واسطو زهري خاندان سان آهي.

پٹاڻي: دومڪي ۽ لاشاري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پِٹائي: متعلوي سيدن جي جراڙ شاخ مان شاهه عبداللطيف پٹائي هو، جيڪو لا ولد هو، ليڪن ان جا عزيز پٹ تي وينل هئا، جن پاڻ کي "پٹائي" سيد سڏايو، جيڪي پٹ شاهه جا گادي نشين آهن، جن مان سيد پير علڻ شاهه مشهور شخصيت هو (بحواله: ڪتاب شجرا سادات متعلوي)

پٹر: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَٹَرا: سمن جي هڪ ذات، جيڪي ننڍي ضلعي ۾ رهندڙ آهن، هنن لاءِ چوٽي مشهور آهي ته "آپ الله جو، پُونءَ پَٹرن جي".

پَٹَنئڙا (پٹونئڙا): مسلمانن جي هڪ ذات جيڪي ننڍي شهر ۾ رهن ٿا. ننڍي ۾ پٹونئڙن جو پاڙو به مشهور آهي.

پَٹِّي: پٹي لفظ اصل ۾ "پاٽيا" ۽ "پاٽي" مان ورتل آهي، مولوي نجم الدين رامپوري پنهنجي ڪتاب "وقائع راجستان" ۾ لکيو آهي ته، پٹي راجپوت يادو چندرونسي ٻڌ جو اولاد آهن، جيڪي سنڌ جا سمات آهن، "تحفته الڪرام" ۾ دوارڪا جي راجا سري ڪرشن جي احوال مان معلوم ٿئي ٿو ته راڻي رڪمڻي کي به پٹ هئا، ان مان هڪ جو نالو پردمن هو، جنهن کي بجر نالي پٹ مان جيڪو اولاد پيدا ٿيو تنهن کي پٹي چون ٿا، راجا پردمن وارا اصل سيوهڻ جا وڏا شاهوڪار ۽ جاگيردار هئا، سندن اولاد پٹي به شاهوڪار هئا، جيڪي ٻڌ ڌرم جا پوڄاري هئا، جڏهن محمد بن قاسم سنڌ ۾ داخل ٿي سيوهڻ پهتو ته پٹي اسلام قبول ڪري مسلمان ٿيا، اڄ به سيوهڻ جي نئن محلي ۾ چندرونسي جو اولاد رهي ٿو، ان کي هاڻي پٹي محلو چون ٿا، ان پٹي محلي ۾ ڪافي ذات وارا آباد آهن، سيوهڻ جي لڳو لڳ حاجي جان محمد پٹي جو هڪ پراڻو ۽

مشهور ڳوٺ آهي، جيڪو اڄ بہ آباد آهي.

ڪرنل ٽاڈ "تاريخ راجستان" ۾ لکي ٿو تہ پٽي، يادو قوم جي 56 ڪلن مان هڪ ڪُل آهي، چندر بنسي گهراڻي جي بادشاهہ هرڪشنا جي اٺن زالن مان رڪمڻي نالي وڏي زال هئي، جنهن مان ڪيس وڏو پٽ "پرائيديما" نالي پيدا ٿيو، جنهن جي شادي شهزادي "بدوربا" سان ٿي، جنهن مان ڪيس بہ پٽ "انرڌ" ۽ "بجر" نالي ٿيا. ڪيس ننڍي پٽ "بجر" مان جيڪو اولاد ٿيو سي "پٽي" سڏجڻ لڳا. جيسلمير ۽ سنڌ وارا پٽي ۽ "پٽا" ان شاخ مان آهن. ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" ۾ لکيل آهي تہ "پٽي" چندربنسي نسل مان جادو ونسي شاهي راجپوت خاندان جي ڪرشنا جي اولاد مان آهن. پٽيءَ کي بہ پٽ دوسل ۽ جيسل هئا. جيسل، جيلسمير شهر اڏايو ۽ هن پنهنجي پيءُ جي علاقي "پٽيانا" ۾ حڪومت ڪئي. ان جيسل راجپوت جي پنيان پهاڪو نهيو هو تہ "سنڌ سمون، ڪاچي ڇنو، پٽي جيسلمير" (پهاڪو آخر ۾ ڏنل آهي.) دوسل جي اولاد مان سڏو، برار ۽ وٽو آهن. رجرڊ برٽن پٽين کي سنڌ جا جت لکي ٿو، انگريز سرڪار 1911ع ۾ هندستان جي آدمشماري ڪرائي هئي، ان رپورٽ ۾ (صفحو نمبر 221 کان 224 تائين) سنڌ جي ذاتين جي احوال ۾ پٽين کي جت ۽ ڏهر سنڌي ذات جو هڪ پاڙو ڪري لکيو ويو آهي.

مرزا قليچ بيگ لکيو آهي تہ پٽي، اوڏ قوم جي پڻ هڪ ذات آهي، ساڳئي مصنف لکيو آهي تہ پٽي مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو پڻ آهي. ڪن ڪن جاين تي موجي بہ پاڻ کي "پٽي" چوائين ٿا. پٽي ذات وارا اڪثر سڄي سنڌ ۾ آباد آهن ۽ سندن اڪثريتي ٻولي سرائڪي يا جتڪي آهي. ڪتاب "جنت السنڌ" صفحي 55 تي لکيل آهي تہ پٽي، چندر بنسي نسل مان يادو (يادوبنسي) ڪل مان آهن، جنهن جون اٺ شاخون 1. يادو 2. پاٽي 3. جاڙيجا 4. سمتيجا 5. مرديجا 6. بدمن 7. بدا ۽ 8. سوها آهن. پٽي ان نسل مان آهن، سندن وطن "مارو سٿل" راجپوتانا آهي.

پٽي سنڌ ۾ ڪافي تعداد ۾ رهن ٿا، انهن جا خاص پاڙا هن طرح آهن:

1. بلاڪاڻيَ	9. ڪمبوهہ	17. ميڪڻ	25. سنجواڻي
2. بوبا	10. ڪمالاڻي	18. منهاڻي	26. شاهاڻي
3. ڏامراهہ	11. ڪرماڻي	19. ميراڻي	27. سومراڻي
4. دڳهہ (دڳهہ)	12. ڪچي	20. راهو راڻي	28. ورڪ
5. گاجڻ	13. ڪڪيارو	21. راجهاڻي	29. ڪهرا
6. ڳورڙ	14. لڪلاڻي	22. رشيداڻي	30. وائين
7. جهاڳڻ	15. لوهاڻي	23. سهتاڻي	31. رائو
8. جهتيا	16. ماهوتا	24. صندل	

جديد تحقيق موجب پٽي سنڌ جا پراڻا ۽ اصلي سما آهن. جن مان پهوڙ، مهر، ڏهر، پريا، سنگراسي پينسين، چنيسر، گبلاڻي، ڪماڻي، لنجاڻي، مهپاڻي، پنجاپي، رتاڻي، سانگي، سنڌي، بهپار، پيا، پٽا، بجير، چيما، گجو، گنگا، جيسر، ڪور، مهراڻپوتا، موڏا، وگهورا چنا، ڏمال، ڪورڙا، ماهوتا، هٿيار، راجا، وٽو، گهلو، گجرالي، لدر ۽ ويسر جهڙيون ذاتيون ان مان ڦٽل آهن. پٽين جو ڪيڏ تمام وڏو آهي، جنهن ڪري چوٿي آهي ته:

سنڌ سمون، ڪاچي، چنو، پٽي جيسلمير،

چوٽون پاڻ هو چغدو جنهن جو گاديءَ متي پير.

ان تحقيق موجب پٽي خاندان جو شجرو هن طرح آهي.





(وڏيڪ لاءِ سام بن نوح عليہ السلام جو شجرو ڏسڻ گهرجي)

پٽيار: پنجاب کان آيل جٽن جي هڪ ذات.

پٽيارا: ملاحن ۽ جهينورن جو هڪ پاڙو.

پَٽياڻي: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو.

پُٽياڻي: بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو.

پُڇا: سمن جي هڪ ذات. "تاريخ مظهرشاهجهاني" جي مصنف يوسف ميرڪ سنڌ جي ذاتين تي ڪافي ڪجهہ لکيو آهي. سندس چوڻ موجب تہ مغل دور ۾ پڇا. سميجا ڪل مان هئا. ذاتين جي اپياس مان خبر پوي ٿي تہ انڙ پٽ سمي کي 28 پٽ هئا. (ايس. صادق علي) جن مان هڪ جو نالو "پڇو" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي "پڇا" سڏايو. لکي شاهہ صدر جي پرسان هنن جا ڪافي گهر آهن. پڇا ذات جو شجرو اکر "پ" جي آخر ۾ ڏسڻ گهرجي.

پُـڇا: لفظ جي معنيٰ آهي کير وکٽڻ وارا. ڏوڏي. هي گوجرن جو پاڙو آهي. هن پاڙي مان خدابخش وزير هو.

پڇراهہ (پڇراهي): مهتم ذات جو هڪ پاڙو. جيڪي پني عاقل ۾ وينا آهن.

پڇند: مير بحرن ۽ ملاحن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پڇو: سمن ۽ ملاحن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَڏا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پِـڏا: سنڌي هندن جي هڪ ذات جو نالو. هي لالواڻي ۽ عامل هندن مان آهن. سندن ڏهتاڻي اولاد کي چئن ڏاڻن کان سواءِ ڏند ڪونہ ٿين. ان کري "پِڏا" سڏجن ٿا. سندن جسم لسو ٿئي ٿو. پگهر ڪونہ نڪرين. جنهن کري اونهاري ۾ بار بار سنان ڪن ٿا. ان کري **چوٽي آهي تہ: "پِڏ پِڏاڻي، ٽڏو پاڻي".**

پِڏالا: ميدن (ملاح) جي ذات آهي، ساموندي وٽ سان رهن ٿا.

پِڏرا: هڪ غير سماٽ ذات جو نالو.

پراهيم پوٽا: جاکرن جي حُسـَـڻ شاخ جو هڪ پاڙو.

پِـرائي: سرهين جو هڪ پاڙو، مگٿهارن ۾ پڻ "پـرائي" آهن. (ڪتاب تواريخ ديره غازي خان ص 120) ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" ۾ لکيل آهي تہ اصل لفظ پيرپائي آهي، جو ڦري "پرائي" ٿيو آهي. هي پنجاب ۾ سلطان سخي سرور جا مريد آهن، جن کي "ميراثي" ٻہ چون ٿا.

پِـرٽ: پنهورن جي هڪ پاڙي جو نالو. ايس. صادق علي (ص 45 جريان نمبر 68) لکيو آهي تہ "پرٽ" سما نسل مان آهن.

پرٽياڻي: ڊاڪٽر غلام علي الانا جي لکڻ موجب هي مچي مارڻ وارا ملاح آهن. (مهراڻ نمبر 4 - 3 سال 2001ع ص 32).

پرَدواج: گهرٽ هندن جي هڪ ذات.

پِـرڙَ: هڪ ذات جو نالو آهي.

پِـرڙا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

پرڪاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. بوبڪ شهر ۽ ان جي آس پاس وينا آهن.

پِـرڪيا: راهوما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پِـرگَـڙَ: ڪتاب "شاهان گوجر" جي لکڻ موجب "پرگڙ" گوجرن جي پاڙي جو نالو آهي ۽ هي سنڌ ۾ رهن ٿا.

پِـرگڙي: اصل ۾ ديري غازي خان جا لغاري آهن. سندن ڇگو مڙس مير جلال خان چوٽيءَ وارو هو. انهيءَ لغاري تمن جي ڪجهہ ماڻهن لڏي وڃي "پرگڙ نئن" جي ڪناري تي رهائش اختيار ڪئي، جنهن ڪري مٿن "پرگڙي" نالو پيو. ان نئن جي نسبت سان اڄ تائين اهي بلوچ لغاري جي بجاءِ "پرگڙي بلوچ" سڏجن ٿا. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ رئيس علي خان ۽ بيا پرگڙي پنجاب ڇڏي اچي سنڌ جي مختلف علاقن ۾ آباد ٿيا، جن ۾ ڊينگاڻ، جگو ۽ ڪوٽ غلام محمد وغيره مشهور آهن. تالپرن کين وڏيون جاگيرون ڏنيون هيون. پرگڙين مان ڪامريد رئيس غلام محمد خان پرگڙي سنڌ جو هڪ مخلص اڳواڻ ٿي گذريو آهي. جامع سنڌي لغات ۾ ڊاڪٽر بلوچ، تالپرن ۽ جتوئين جي پاڙن مان هڪ پاڙي جو نالو "پرگڙي" لکيو آهي. يعني پرگڙي، جتوئين ۽ تالپرن مان ٻہ آهن. ايس. صادق علي لکيو آهي تہ جتوئي قوم جا 29 پاڙا آهن. انهن مان هڪ پاڙي جو نالو

"پرڳڙي" آهي. ساڳئي ڪتاب جي صفحي نمبر 27 تي مري قوم جي احوال ۾ لکيل آهي تہ مري قوم ڇهن شاخن ۾ ورهايل آهي، انهن مان هڪ شاخ جو نالو تالپر آهي. ان تالپر (مري) جي پهرئين وڏي پاڙي جو نالو پرڳڙي آهي، يعني پرڳڙي، مري جي نسل تالپر شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ آهي.

ڪتابن جي حوالن کي مدنظر رکندي راقم (ليکڪ) پاڻ ڊينگاڻ، جڳي ۽ ڳوٺ حاجي محمد خان پرڳڙي ويو. جتي رئيس الحاج محمد خان ولد الحاج محمد اسحاق خان پرڳڙي ۽ رئيس ميـر حسـن خـان (انجينيئر) پرڳڙي سان سندس ملاقات ٿي، جن ٻڌايو تہ اسين لغارين مان آهيون ۽ اسان جا وڏا ديري غازي خان مان لڏي وڃي پرڳڙ نئن (پنجاب) تي وينا. انهن لغارين مان اسان جو وڏو سليمان خان پنهنجي برادري کان ناراض ٿي اٽڪل ادائي سو سال اڳ اچي سنڌ ۾ وينو. جيڪو "پرڳڙيٌ" ذات سان مشهور ٿيو. انهن جي پيڙهي مان اسان جو وڏو جمال خان پرڳڙي، تالپرن جي حڪومت ۾ تعلقي ڇاڇري جو مختيارڪار هو، جنهن جا هٿ اڪر اڄ بہ اسان وٽ موجود آهن.

جي. ايم سيد "جنب گذاريم جن سين" پاڳي پهرئين ۾ ڪامريڊ غلام محمد خان پرڳڙي جي احوال ۾ لکيو آهي تہ ديري غازي خان جي ضلعي "پرڳڙ" کان رئيس علي خان پرڳڙيءَ جي سربراهيءَ ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ اچي سنڌ ۾ وينا. شاهہ صاحب، علي خان جو پٽ "ڏاتو خان" لکيو آهي. ليڪن حاجي محمد خان پرڳڙي واري شجري ۾ علي خان جو پٽ حيدر خان لکيو ويو آهي، جنهن مان ڏاتو خان آهي. شاهہ صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ ڪامريڊ غلام محمد پرڳڙيءَ جي والده مسو خان پرڳڙيءَ جي ڏيءَ هئي. باقي رئيس جان محمد خان، رئيس غلام حسين خان ۽ رئيس دين محمد خان جي والده نڪر سوڊن جي خاندان مان رتن سنگهہ جي ڏيءَ هئي. اهڙيءَ طرح بن ٽن جاين تي سائين جي. ايم سيد ۽ رئيس الحاج محمد خان پرڳڙيءَ جي لکيل شجرن ۾ فرق نظر اچي ٿو. بهرحال رئيس صاحب وارو مهيا ڪيل شجرو اڳتي هلي لکبو. رئيس ميـر حسن خان پرڳڙي ٻڌايو تہ رئيس غلام محمد خان پرڳڙي بہ اسان جي وڏن مان آهي، جنهن جا چند ڪارنامـا هن طرح آهن:

1. شيخ عبدالمجيد سنڌي، غلام محمد خان پرڳڙي جي مدد سان، سر شاهنواز پٽي کي اليڪشن ۾ شڪست ڏني.
2. سر غلام حسين هدايت الله، جيڪو رئيس غلام محمد خان جو منشي هو، کيس رئيس صاحب هڪ هزار ايڪڙ زمين بطور بخشش ڏني، جيڪا تامس واري اڄ بہ موجود آهي.
3. شيخ عبدالمجيد سنڌي ولد ليلا رام کي مسلمان غلام محمد خان پرڳڙي ڪرايو هو.
4. غلام محمد خان جي نالي سان پوسٽ آفيس جي بن روپين واري ٽڪلي جاري ڪئي وئي.

"تاريخ ڳوٺ ڊينگاڻ پرڳڙي" از حبيب الله بلوچ (1979ع ص نمبر 48 تي) ۾ پرڳڙي قوم جو شجرو هن طرح لکيو ويو آهي تہ اسان جو وڏو ڏاڏو سليمان آهي ۽ ان مان باقي شاخون نڪتل آهن. سليمان بن

اسحاق بن حمل بن احمد بن محمد حمل بن اسحاق بن احمد بن پرويز بن مختيار بن بارڻ بن خميسو بن حسن بن پاهڙ بن مير خان بن محمد بن مير حسن بن عالم بن شاهه مرد بن هوتڪ بن مير حسن بن عيسب بن بودو بن محمد بن مير حسن بن بودو عيسب بن مير حسن بن رند بن جلال بن هارون بن محمد بن ابان بن عبدالرحيم بن حمزو بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبدمناف بن قصيٰ.

ملاقات دوران رئيس الحاج محمد خان ابن رئيس الحاج محمد اسحاق خان پرڳڙي پنهنجي ذات جو هڪ شجرو فراهم ڪيو. جيڪو پيش ڪجي ٿو.

اعليٰ سليمان باربہ اسمائہ





ڪافي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ نظاماڻين وانگر پرڳڻي بہ تالپرن جي هڪ شاخ آهن. سندن سردارن کي ميهڙ ۽ ان جي آسپاس جاگيرون هيون. انهيءَ شاخ جو شجرو هن طرح آهي:

تالپر
|
بيزن
|
بجار
|
زنگي
|
تالهو
|
زنگي
|
ميربجر خان
|
مبارڪ خان
|
ميرزنگي خان


تالو
پرگڙي شاخ
شاهوک (شهک)
پرگڙي شاخ
شهداد خان پرگڙي
گاجي خان پرگڙي
جاڙو
بخشو
جاڙو
شيرو
بـالوُ
ڳهڻو
سونو
هيبت
حسني
راجو
بروڳي
جوڳي
قنبر
سردار غلام حيدر
حيات
اسلام خان
شادمان
زهري خان
پـانڌي خان
احمد
فضل محمد
مرزا
حسين خان
سليمان
هيبت
غلام محمد
فتح خان
محراب خان
دلشاد
بهاول خان
اختيار
غلام محمد
بهادر
سردار خان
لعل بخش
فضل علي
امام بخش

پرڳڻين جا خاص پاڙا هيٺيان آهن:

1. اسلاماڻي
2. موراڻي
3. هميراڻي
4. غلاماڻي
5. خيراڻي
6. هيبتاڻي
7. ساوڻاڻي
8. بخشاڻي
9. جاڙواڻي
10. فتحاڻي
11. بهادراڻي
12. مرزاڻي
13. شيرواڻي
14. بهاولاڻي
15. مستاڻي
16. سهجاڻي
17. سونهاڻي
18. جمالاڻي
19. صوپاڻي
20. سلطاني

سنڌ جا پرڳڻي سعودي عرب ۾ پاڻ کي "خوقري" چوائين ٿا.

پرما: سميجن جو هڪ پاڙو.

پِـرواڻي: پنجاب کان آيل "سيال" آهن.

پِـرٽاپوٽا (پريا پوٽا): متعلوي سيدن مان سيد مرتضيٰ عرف پرئه جو اولاد آهن. چون ٿا ته پريا شهر هنن جو اڏايل آهي ۽ اتي رهن ٿا.

پُـره: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

پِـريا: ڏهر بن جوجو جو اولاد آهن. سمن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ پريا آهي. انهي نسبت سان پريا، پريالو ۽ پريا رود ڳوٺن جا نالا مشهور آهن. هن جي پائرن جا نالا پينسين ۽ سنگراسي هئا، جن جي پنيان جدا جدا ذاتين جا نالا پيا.

پرياڻي: عمراڻي بلوچن ۽ چانديا بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پريجا: سمن جو پاڙو آهي، سندن واسطو سهتن سان نظر ٿو اچي. ضلعي نوشهري فيروز ۾ هنن جا چند ڳوٺ آهن.

پِـڙاڻي: جتن جو هڪ پاڙو. روپا ماڙي جا رهاڪو.

پڙ پوٽا: سومرن جو پاڙو آهي ۽ ٽر ۾ رهن ٿا (ن. ب بلوچ).

پڑج: ڪوهستان ۽ ڪاري واري علاقي ۾ هڪ ذات جو نالو آهي. (ملاح)

پڑجانگ (ورجانگ): ڪٽيار جتن جو هڪ پاڙو.

پڑچ: هڪ ذات آهي.

پـڙو: هڪ مسلمان سمات ذات آهي، سکر ضلعي جي اتر ۾ سندن چند ڳوٺ آهن. مگٽيجن جي قرابت ۾ نظر اچن ٿا.

پگيانا: لبانا (لباڻا) ذات جو پاڙو.

پگت: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو آهي، جيڪي اڪثر ڪري شادين مرادين تي پگت وجهن ٿا ۽ ڳائين وڄائين ٿا. ڪنور پگت رام ڳائڻو هنن مان هو. سوائي هندن جي هڪ نک جو نالو. هي ائوڌ جا وينل. سري رامچند جي وڏي پٽ "ڪش" جو اولاد. سورج ونسي ڪهراڻي جا ڪتري راجپوت ۽ ديويءَ جا پوجاري آهن. هنن مان سوائي نيپومل اتمچند سيوهاڻي نهايت مشهور شخصيت هو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ سرائي قوم جا "24" پاڙا لکيا آهن. جن مان هڪ پاڙي جو نالو "پگت" آهي. پگت. سرائي "جت" آهن. جيڪي پنجاب کان ڪلهوڙا دور ۾ اتر سنڌ کان آيا.

پـگڙا: مهائن ۽ ملاحن جي هڪ ذات جو نالو آهي. ميمڻن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

پـگسـريا: راجپوت ۽ قنوج جي برهمڻ هندن جي هڪ ذات جو نالو آهي، جيڪي اڄ بہ ٿر واري علاقي ۾ آباد آهن. هي تالپري دور ۾ تالپرن جا خاص ماڻهو هئا. اڪثر ڪري هنن کي زنانخاني متعلق پيغام پهچائڻ ۽ پهري ڏيڻ تي معمور ڪيو ويو هو.

پـگواناڻي: هندن جو پاڙو. هن پاڙي مان ڪامريد گلاب هڪ نامور شخصيت هو، جيڪو ڪامريد ميرمحمد تالپر جو گهاٽو دوست هو. هندن جي هيءَ آکاھ ڪڪڙيجا نک مان آهي. انبواڻي، ڪيسواڻي ۽ مولچنداڻي هنن جا نڪڙيا عزيز آهن.

پگهرتي: مالهي قبيلي جو هڪ پاڙو.

پـل: نهڙين جي هڪ پاڙي جو نالو آهي (سما).

پلاڻي: سمن جي هڪ ذات جو نالو آهي.

پلاڻي: هڪ روايت موجب پلاڻي ذات وارا منجر ڏند جا ملاح آهن. نهايت ويجهڙائي واري عرصي ۾ هنن پاڻ کي ذات جا پلاڻي سڏرايو آهي. سمات ذاتين جي فهرست توڙي انگريزن جي طرفان ڪرايل 1901ع، 1911ع ۽ 1931ع جي آدمشماري ۾ "پلاڻي" ذات جو نالو لکيل ڪونهي البتہ پهنيار (پنهار) ذات جي هڪ پاڙي جو نالو "پلاڻي" ڪن ڪتابن ۾ آيل آهي.

پـلر: جت راجپوتن جي هڪ ذات.

پلڪا: هڪ ذات جو نالو .

پـلو: سما ذات.

پَلوت: پنوار راجپوتن جو پاڙو. جيڪي سوم بنسي راجپوت جُو اولاد آهن.

پَليجا: سما راج جو پاڙو.

پلیناٹي: سنيا ذات جو پاڙو آهي ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ رهن ٿا.

پَمر: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پُماٹي: پاڙها ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پِمپ: لاشارين جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَمپاٹي: انڍڙ قبيلي جي هڪ پاڙي (ذات) جو نالو آهي. سماڻي جتن ۾ پڻ "پمپاٹي" آهن. شيدين ۽ ڇُهڙن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ پمپاٹي آهي (ايس صادق علي). هندن ۾ پڻ پمپاٹي ذات وارا آهن. نارائڻ داس پمپاٹي (پنپاٹي) هن خاندان مان هو ۽ ادبي گلشن نالي هڪ مضمون ترتيب ڏنو هئائين. جيڪو "چٽنگون" ڪتاب ۾ شايع ٿيو هو.

پمپراٹي: مزاري بلوچن جي مسيداٹي قبيلي جي هڪ شاخ آهي. جيڪي پمپراٹي بلوچ جي نالي سان مشهور آهن.

پمداٹي: چانديا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَنيا: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

پنپاٹي: ديوان عيدن مل هنگورائيءَ کي چئن پوٽن مان هڪ جو نالو "پنپومل" هو. جنهن جو اولاد "پنپاٹي" سڏجن ٿا. پنپاٹي، لهاڻن جي "چگهه" نک مان پڻ آهن. ڪرمتي جتن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ان جي بگهياڙ قبيلي مان پڻ "پنپاٹي" آهن.

پِنپَر: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَنپرا: (پمپرا): سنڌ جا سمات آهن. جادم جي اولاد مان ڏهر. ڏهر جي اولاد مان پينسين هو. جنهن کي ڏهه پٽ هئا. هر هڪ پٽ جي نالي سان هڪ نئين ذات وجود ۾ آئي. انهن پٽن مان هڪ جو نالو "پنپرو" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي ذات جا "پنپرا" سڏايو. اهڙيءَ طرح ٽيهو بن انڙ جي هڪڙي پٽ جو نالو پڻ "پنپرو" هو. جنهن جي اولاد ب پاڻ کي "پنپرا" سڏايو. لنجا، ساريجا، مَياٹي ۽ صحب الدين پنپرن جا خاص پاڙا آهن. هڪ روايت آهي تہ پنپرو، سنيو، ناريجو، ڪُنجيجو، ڪوريجو، ساڳڙ ۽ ڏماچ پاڻ ۾ پائر ٿين. دلن ۽ مهرن ۾ پڻ "پنپرا" آهن.

پنپلا (يومل): راجپوت آهن. هي چون ٿا تہ اسان پنوار آهيون. اسان جو نسل راجپوت سوم بنسيءَ مان آهي. هي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

پنيڙ: ٽيڀا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. پانن جي پرسان هن ذات پنڀان ڳوٺ جو نالو "پنيڙ" آهي.

پنيڙ پوتا: پنهورن جو پاڙو.

پَـنـيـيا: نهڙي (سما) ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پُنڊ: پنڊ سنسڪرت بولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ڳائي خيرات ونڻ، پنڻ. اصطلاحي معنيٰ ۾ هنن کي پٽ فقيرن جهڙو فقير چيو وڃي ٿو. شادين مرادين ۽ ٻين خوشي جي موقعن تي ڳائي خيرات ونڻ ٿا. جيستائين خيرات نه ملندي اٿن، تيستائين ڏرڻو هڻي ويهن ٿا. ان ڪري پهاڪو آهي ته "ڳون کو پنڊ فقير آهين" هي پنڊ سنڌي (ذات) پنڊ آهن. جوڪيا قوم سما نسل مان آهي. گهٽن هنن کي سنڌ جا اصلي جت ٻه ڄاڻايو آهي. انهن جوڪين جي هڪ پاڙي جو نالو "پنڊ" آهي. اهي پنڊ بلوچي ۽ سرائڪي ڳالهائين ٿا. نٽي ۽ لسٻيلي وارا "پنڊ" اڪثر ڪري ڏاڙا هٽندا هئا. ڪلهوڙن جي دور ۾ هي، ڪراچي کان سيوهڻ ڏانهن ايندڙ ويندڙ مال جي "قافلا" حفاظت لاءِ مقرر هوندا هئا. ان دور ۾ هنن جي پنهورن ۽ برفتن سان مٽي مائٽي پڻ هوندي هئي. سنڌ ۾ رهندڙ سمات ذاتين جي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو ته جاتيا، جٽيا، پنجاب کان آيل جت آهن. جيڪي سنڌ ۾ آباد ٿي پاڻ کي مختلف ذاتين سان سڏايو. اهڙين ذاتين ۾ هڪ ذات پنڊ آهي. جيڪي سرائڪي ڳالهائين ٿا. "جامع سنڌي لغات" مان خبر پوي ٿي ته سرائي قوم (ذات) جا "24" پاڙا آهن. انهن مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ پنڊ آهي. ڪتاب "سمات" جي مصنف لکيو آهي ته اهي پنڊ "جت" آهن. جيڪي اصل پنجاب جا (جاٽ) رهاڪو آهن. ڪتاب "شاهان گوجر" صفحي 144 تي لکيل آهي ته "پنڊ" لفظ جي معنيٰ آهي گوڙ شور ڪرڻ وارو، وڙهڻ وارو، جهيڑالو. پنجابي زبان ۾ هن جي معنيٰ آهي نقل ڪرڻ وارو. پنڊ، گوجر قبيلي (جت) جو پڻ پاڙو آهي. مغيري (بڙدي) بلوچن ۾ پڻ "پنڊ" پاڙو آهي. جنهن کي پنهنجي راڄ ۾ ٻه هڪ ممتاز حيثيت حاصل آهي. عام طرح قارئين حضرات پنڊ ۽ پٽ ۾ هڪجهڙائي محسوس ڪن ٿا ليڪن انهن ۾ نسلي فرق سمجهڻ گهرجي.

پُـنـڊ: ميمڻن جو پاڙو آهي، هي نٽي شهر جا رهواسي آهن.

پُـنـدا: سماراڻي چاندين جي هڪ پاڙي (ذات) جو نالو.

پَـنـدر: هڪ مسلمان ذات آهي، ضلعي نواب شاهه ۾ رهن ٿا (حوالو: ڪتاب تاريخ ضلعو نواب شاهه صفحو 40 از ڊاڪٽر محمد لائق زرداري). حقيقت ۾ پندر پنجاب کان آيل راجپوت نسل جا ماڻهو آهن.

پنسين (پينسين): ڏهر بن جوجو جو اولاد (سما) آهن. پنسين کي ڏهه پٽ 1. جوٽو، 2. پنيرو 3. پاٽون 4. ڳاهو 5. سپيو 6. سپڙ 7. بٽڙ 8. لوڊر 9. اوڊر ۽ 10. ورسٽيو هئا، جن جي پنڀان جدا جدا ذاتيون وجود ۾ آيون، پنسين، پٽين ۾ پڻ آهن. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏهر ۽ جوٽا قوم جو شجرو پڙهڻ گهرجي.

پُنگ: سما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَنگا: هڪ مسلمان ذات آهي. جيڪي خيرپور ميرس ۾ وينا آهن.

پَنگاٹي: ٻاليشاهين جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَنگائي: ٻاليشاهين جي هڪ پاڙي جو نالو.

پُنگائي: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَنَگر: ڪچي مسلمانن ۾ سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هن ذات جا هيٺيان مشهور پاڙا آهن:

1. چنداڻي، 2. حمزاڻي، 3. جيونائي، 4. مجيداڻي، 5. موساڻي، 6. سهراڻي، 7. سرواڻي، 8. سرهياڻي، 9. زنداڻي

پُنگر: ساندن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

پَنگرا: سمن جي هڪ ذات جو نالو آهي.

پَنگريا: سنڌي مسلمان ذات وارا آهن. حيدرآباد، ٺٽي ۽ لاڙڪاڻي ۾ رهن ٿا.

پَنگڙ: هڪ ذات آهي.

پَنگو: هڪ ذات جو نالو آهي. هي چون ٿا ته اسان پنجاب کان آيل سرائي آهيون. هي سيالن ۽ نولن جا عزيز آهن. ڪتاب "پنجاب کي ذاتين" صفحي 231 تي لکيل آهي ته پنگو اصل ۾ نيپال جا آهن. هن وقت شورڪوٽ ۽ جهنگ سندن مرڪز آهي.

پَنگوار: بڙدي بلوچن جي بجاراڻي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. هنن کي "بنگوار" به چون ٿا. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" از الفت نسيمي جي صفحي 24 موجب جن ماڻهن پنگ جو نشو ڪيو، تن کي "پنگوار" چيو ويو.

پَنگورا: هڪ ذات آهي.

پَنگي (مهتر): اڪثر ڪري ذات جا غير مسلم هندو "اڇوت" آهن. جيڪي شهرن جي گهٽين، گهرن ۽ ڪاڪوسن جي صفائي ڪن ٿا. هنن کي معاشري ۾ نهايت گهٽ درجي جي قوم ۾ شمار ڪيو ٿو وڃي.

پنگي گهٽو ڪري سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا. ڪن ڪن جاين تي حرام به کائين ٿا. ايس. صادق علي جي ڪتاب موجب ڪلهوڙا قوم جا "24" پاڙا آهن، انهن مان هڪ پاڙي جو نالو پنگي لکيل آهي. "جنت السنڌ" جي پوين ورقن ۾ لکيل آهي ته "پنگي"، سکن جو پاڙو آهي ۽ پنگ (نشو) پيئڻ ڪري کين پنهنجي برادريء وارن "پنگي" سڏيو آهي. پاڪستان جي شروع جي حڪومت ۾ ڪلڪتي جو هڪڙو پنگي مسٽر جوگيندرناٿ منڊل اقليت جو وزير ٿيو.

پُٹائو: ونگائي جتن جو هڪ پاڙو.

پُـٹائي: منهون راڄ جتن جو هڪ پاڙو.

پٹ ُر: مگرين جو هڪ پاڙو.

پَـوا: ڪرمتي جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي ۽ ميرپور ساڪري ۾ رهن ٿا.

پَـواٹي: هڪ ذات آهي.

پَـوايا: هڪ مسلمان ذات جو نالو آهي.

پُـوت: پوت لفظ جي معنيٰ آهي جن، ديو. ڪوهستان واري علاقي ۾ هڪ مشهور قبيلي جو نالو آهي، ان نسبت سان هي ذات جا "پوت" سڏجن ٿا. هنن جو سردار دريجيءَ ۾ رهي ٿو. ڪن جو چوڻ آهي ته هي ڇتا آهن. وڌيڪ احوال "پوتاٹي" ۾ ڏسندا. ضلعي عمر ڪوٽ ۾ پڻ "پوت" وينل آهن. جيڪي سماٹ سڏجن ٿا. نهڙين ۾ پڻ "پوت" آهن. جيڪي ڳاهو پٽ لاکي جي اولاد مان حاجيءَ جو اولاد ٽين ۽ ٽر ۾ رهندڙ آهن.

پوتارَ: معنيٰ ڇگو مڙس. ٽنڊي محمد خان ۾ سنيا وينا آهن. جن جي هڪ پاڙي جو نالو "پوتار" آهي.

پوتالي: مگسي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

پُـوتاٹي: ڪوهستان جي هڪ قبيلي جو نالو آهي. جيڪو سندن وڏي "پوت" جي پٽيان پيو آهي. دريجي جا پوتاٹي، ڇتا قوم جا سردار آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڪتاب "بيلاين جا بول" صفحي 64 تي ڇتا قوم جو احوال ڏيندي لکي ٿو ته پوتاٹي، ڇتا آهن. جن جو وڏو نوشيروان، پنجاب جو پهلوان هو ۽ "سرگز" جي جنگ ۾ قتل ٿيو. ان نوشيروان جي پٽ جو نالو "پوت" هو. جيڪو حيدرآباد واري گنجي ٽڪر ۾ رهندو هو. ان پوت جي وجہ تسميہ سبب هي ذات جا پوتاٹي سڏجڻ لڳا. هن ذات مان صالح محمد پوتاٹي، ڪوهستان ۽ بلوچستان جي هڪ نامور شخصيت آهي. ڏسو هيٺ شجرو.

نوشيروان

|

پوت

|

نوشيروان

|

پوت

|

نوشيرواٹي (هي ساروٹيءَ ۾ رهندو هو)

|

مراد (هي ڪاسوٹي ۾ رهائش پذير ٿيو) پوت هي مڪران ۾ قتل ٿيو

موجوده پوتاٹي سردار هن خاندان مان آهي

پُـوت: هندو چمارن جي هڪ ذات جو نالو.

پُوتراٹي: چون ٿا تہ اسان رند بلوچ آهيون. جيمس آباد ۽ ساماري جي وچ تي وينا آهن. راقم جو سندن ڳوٺ ڏنل آهي ۽ چگن مڙسن سان ملاقات ٿيل آهي.

پُـوتڑا: معني ننڍا جن. هڪ مسلمان ۽ سنڌي ذات آهي. سندن ذات سان منسوب تعلقي سيوهڻ ۾ "پوتڑا" نالي هڪ نهايت پراٹو ڳوٺ آهي. دلن ۾ هڪ پاڙو.

پوپا: برهمڻ قوم جي هڪ فرقي جو نالو آهي، جي پواني ديوي جي پوڄا ڪندا آهن. هي ماٹهن کي ٽيٹا ٽپٹا ڏيئي روزگار ڪندا آهن، ان ڪري چوٹي آهي تہ تون کو پوپو آهين. هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو پڻ پوپا (غير برهمڻ) آهي. پوپا ٹر ۾ آباد آهن. سمن جي هڪ پاڙي جو نالو بہ "پوپا" آهي. (ايس. صادق علي)

پوپت: گجپت سمي جو اولاد آهن.

پوپتاٹي: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

پوڄا: پرمار هندن جي هڪ ذات جو نالو آهي، گوجرن ۾ پڻ هڪ پاڙي جو نالو "پوجا" آهي. سنڌ ۾ رهڻ ڪري "پوڄا" پڻ سڏجن ٿا. ڪتاب "شاهان گوجر" موجب پرماڻ پڻ گوجرن مان آهن.

پوڄاٹي: هندن جي ذات آهي.

پوڄَراجَ: سنڌ جي ٺڪر قبيلي جي هڪ شاخ آهي. سندن ڏاڏي جو نالو پوجراج هو، جنهن جي نسبت سان پوين پاڻ کي ذات جا "پوڄراج" سڏايو.

پوڄِراج: سومڙن جو هڪ پاڙو.

پوڄواٹي: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو. هي "جسوجا" نک مان سيٹ نانڪداس جي پٽ پوڄو مل جو اولاد آهن. هن کان اڳ هي ساجناٹي سڏبا هئا، ڇاڪاڻ جو نانڪداس جي پيءُ جو نالو ساجن مل هو. هي اصل ۾ لوهاٹا آهن. ڪاهري ڳوٺ (تعلقو سيوهڻ) ۾ رهڻ ڪري "ڪاهري" بہ سڏجن ٿا. سيوهڻ ۾ سندن هڪ مرڪزي واپاري ڪوٹي هئي، جنهن کي 1752ع ڌاري مدد خان پٹاڻ ڦري لٹي سڀ ڏن ڪٹي ويو. ان بعد هي سيوهڻ مان لڏي ويا. هنن جون سڀي سنڌ ۾ چار سو واپاري ڪوٹيون هيون.

پُـوڄرا: پنجاب کان آيل غير سماٹ ذات.

پُـورا: جگانند چاڇڻن جي هڪ پاڙي جو نالو. مگرين ۾ بہ آهن.

پُـورا پُـنّا: پُـنّـا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پُـوراٹي: هندن جي هڪ ذات جو نالو آهي. ڪليرين (جت) ۽ هاليپوٹن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پوراٹي"

آهي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" صفحي 409 تي لکيل آهي ته "پوراڻي"، ڪوسن جي ڪلولاڻي پاڙي مان آهن.

پُورڙا: ڪلوڙن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

پُوکا: بروهي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

پوگڙي: مسلمانن ۾ هندن جي هڪ ذات جو نالو. دادو شهر ۾ هڪ پاڙو انهي ذات سان منسوب هئڻ ڪري "پوگڙي پاڙو" سڏجي ٿو. شايد پُڳڙن ناهڻ ڪري سندن ذات جو نالو "پوگڙي" پيو آهي.

پوگياڻي: آلکاڻي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پول: هڪ ذات جو نالو (جامع سنڌي لغات)

پولا: ڪلهوڙن جو هڪ پاڙو، جيڪي شڪارپور طرف رهن ٿا.

پولدرا: بروهي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو.

پُونيڙا: ميمڻن جو هڪ پاڙو، جيڪي ننڍي شهر جا رهواسي آهن.

پُونگراڻي: سنيا ذات جو هڪ پاڙو، هي يعقوباڻي پڻ سڏجن ٿا (تندو محمد خان).

پونئر: سمن جو هڪ پاڙو. نوشهري فيروز ضلعي ۾ رهندڙ.

پوهر: هڪ ذات جو نالو (جامع سنڌي لغات)

پُوئا: سرماڻي برن ۾ سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پوئنريا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

پَئنرا: هڪ ذات جو نالو (جامع سنڌي لغات).

پئوا: ڪرمتي جتن جا اٽڪل ايڪيهه وڏا ڪيڙ ۾ شاخون (قبيلا) آهن، جن مان هڪ قبيلي جو نالو "پئوا" آهي، جيڪي ڪرمتين جي لٽينگ شاخ مان آهن. پئون جا خاص پاڙا آهن: 1. بجاراڻي 2 بشاماڻي 3. پيدازائي 4. پير محمداڻي 5. جانداراڻي 6. جانواڻي 7. جيئنداڻي 8. حمراڻي 9. چندواڻي 10. خالقڏناڻي 11. خاناڻي 12. دريائي 13. ڏڻيڏناڻي 14. سائيندادائي 15. سوجاڻي 16. سوماراڻي 17. صابواڻي 18. علي خاناڻي 19. عيدواڻي 20. غلام ماڻي 21. قادرناڻي 22. قيصراڻي 23. ڪلاڻي 24. لونگاڻي 25. متاراڻي 26. منائي 27. مصرياڻي 28. مَلهوغاڻي 29. موتياڻي 30. موليڏناڻي 31. ميواڻي 32. محبواڻي 33. پچاڻي 34. ناٽاڻي ۽ 35. نوتکاڻي.

پَئياڻي: ڊاڪٽر بلوچ ڪتاب "سومرن جو دور" ۾ لکيو آهي ته "پئياڻي" سومرن جو هڪ پاڙو آهي، جيڪي جهرڪ شهر ۾ رهن ٿا.

پَيا: هن ذات لاءِ ٿي روايتون آهن. هڪڙي روايت موجب هي راڻوڙ مسلمانن جي اولاد مان سڏ جا سما آهن. بي روايت آهي ته انڙ بن سمون جي 28 پٽن مان هڪ جو نالو پيو هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي پيءُ جي نسبت سان "پيا" سڏايو. آخري روايت موجب هي پٽي خاندان جي سوڍن مان آهن. ايس.صادق علي جي لکڻ موجب. پيا قريش خاندان جي بني تميم جي اولاد مان عرب آهن. جيڪي اڪثر ڪري اتر سنڌ ۾ آباد آهن. جيڪي اٺ ۾ شمار آهن. سندن مکيه پاڙا هينيان آهن: 1. پائيخاناڻي 2. بلالاڻي 3. گوهراڻي 4. حاجاڻي 5. حسلاڻي 6. خاڪاڻي 7. ڪٽياڻ 8. مقصوداڻي ۽ 9. ملوکاڻي. سما خاندان جي نسبت سان پيا ذات جو شجرو اکر "پ" جي شجرن واري حصي ۾ ڏسندا.

پَياٽي: سومرن جي هڪ پاڙي جو نالو. ڪبارن ۾ پڻ "پياٽي" پاڙو آهي.

پِيپا: پرمار هندن جي هڪ ذات جو نالو.

پيپريا: سنڌ ۾ جيڪي اونا ذات جا ماڻهو رهن ٿا. انهن مان پيپريا ذات وارا اصل ۾ سما اونا آهن. جيڪي پاڻ کي اوٽي جو اولاد سڏائين ٿا. سندن واسطو ۽ نسبت سميجا اوڙڪ مان نظر اچي ٿي. ڪڇ ۽ سنڌ جي سمن مان جام لاکو حاڪم هو. جنهن کي يارهن پٽ هئا. انهن مان هڪ جو نالو جيسر هو. ان جيسر جي اولاد کي به "پيپريا" چون ٿا.



پيدا: آرائين جي هڪ ذات جو نالو.

پَيڏا: سمن ۽ ڪترين (هندو) جي هڪ پاڙي جو نالو. ڪترين مان ڪافي مسلمان ٿيا آهن. اهي به پيڏا سڏجن ٿا.

پِيَري: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پيرياٽي: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پيڪارا: مگرين جو هڪ پاڙو.

پيگهاراٽي: مارفاٽي چاندين جي هڪ پاڙي جو نالو.

پِيل: ماروار جا هندو اڇوت آهن. هنن کي پارڌي به چون ٿا. هي ڪجهه صديون اڳ ماروار ڇڏي گجرات ۽ ڪڇ کان ٽيندا. اڄي سنڌ جي ٿر واري علاقي ۾ رهڻ لڳا. هي ديوي جا پوڄاري آهن. پنهنجن مان شاديون

ڪندا آهن. حرام ۽ حلال ٻئي ڪائيندا آهن. مري ويلن کي قبرون کوٽي پوريندا آهن. اڳ ۾ چوريون ڪندا هئا ۽ هاڻي پورهيو ڪن ٿا. پوک ڪن ٿا. مال ڏارين ٿا ۽ نوڪريون به ڪن ٿا. سنسڪرت سان گڏيل ٿري زبان ڳالهائيندا آهن. پيلن ۾ ٻيون به ذاتيون آهن. جهڙوڪ پوچيا، پارڏي، ٿوري، ٻاليشاهي، ٿوڙي، جاڪٽيا، چوهڙي، شڪاري، ڏاگوري، ڏيڏاتا، ڪرڦاٽو، ڪوند ۽ گرگلا وغيره.

پَيلار: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو. جيڪي آبڙ ۾ ڳٺيا وڃن ٿا. پيلارن جو چوڻ آهي ته اسان اصل ۾ دودي چنيسر سومري جو اولاد آهيون. ميرن جي صاحبيءَ ۾ (خيرپور ميرس) ميان تاجو فقير سومري جي مال، ميرن جي فصل (پوک) جي پيل ڪئي هئي. جنهن ڪري ميرن کاوڙ مان ڪيس "پيلار" سڏيو. ان ڏينهن بعد هي سومرن بجاءِ پيلار سڏجڻ لڳا. سندن مورث اعليٰ (وڏو ڏاڏو) ميان تاجو فقير جي تربت پنو عاقل پرسان آهي. پيلار، ڪنڀائي ۽ واٽيا سندن خاص پاڙا آهن.

پَيلسر: چوهاڻ ذات جو هڪ پاڙو آهي (ڪتاب "شاهان گوجر").

پَيلوڙا: هڪ غير سماڻ ذات آهي.

پيم: مورا نهڙين جو هڪ پاڙو.

پينسين: هندو گوالا هنن مان آهن. سمن جو پاڙو آهي. پٽين ۾ پڻ آهن (وڌيڪ ڏسو پنسين)

پِينءَ: سومرن جو هڪ پاڙو (وڌيڪ احوال لاءِ ڏسو ذات "پينئان").

پِينئان: ڪتاب "سومرا دور" ۾ (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صفحو 356) آهي ته چنيسر بن عمر بن محمد سومري کي ست پٽ هئا. جن مان هڪڙي جو نالو "پينءَ" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي ذات جا "پينئان سومرا" سڏايو. هن پاڙي وارا موري ۽ ٽر ۾ رهندڙ آهن. پينءِ پاڙي وارا سومرا پڻ هن شاخ مان آهن.

پينئرا: سميجن جو هڪ پاڙو.

پيو: سنسڪرت جي لفظ "پراترا" مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "پاڻ". سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن جي هڪ ذات.

پِيئاڻي: سومرن جو هڪ پاڙو آهي. اهي پونگر سومري جي اولاد مان آهن ۽ ٽر ۾ رهن ٿا.

نوٽ: مٿين ذاتين کان سواءِ ٻيون به ڪافي ذاتيون آهن. جيڪي غير معروف آهن. جهڙوڪ: پاندار، پدا، پاترا، پولڙا، پريڪ، پونتريا ۽ پوند وغيره.

پُٹن جو شجرو


حضرت نوح علیه السلام
سام
بڈ
سنگا
همهر
پاگرت
ڏيرو
اجيپار
دسرت
لکمڻ
(والده ڪسيلا) رام
نواڪس
اتت
تتت
ڪِن (هن ڪِن شهر ٺهرايو هو)
سنبوت راجا (راجپوتن جو ابو)
سام
جادم
هسپت
گجپت
پوپت
چوڙو
سنڌ جي سمن جو ڏاڏو
چغدن جو ڏاڏو
پتين جو ڏاڏو
چوڙا


ابدري
نيٺ
راڻو نوتيار
اوڊر
اوڏ
لاکيار
چام لاکو
(بادشاهه ٽيو) زال گندري
انڙ
لاکو
سمون
باند
ڪاڪو
(ڪاڪ جو مسلمان حاڪم ۽ مسرقن جو پڳدار)
جاکرو
ڏهيو
ڏيپر
ڏيٺو
پٺو
ساهڙ
لاکو
هنگورو
اچڙ
مگڙ
سمن جو ڏاڏو
وِيرم
بجيراءِ
سوڊو
پٺو
اولاد پٺا ۽ سوڊا
اولاد پٺا
پرو
ارادين
پليجو

پُچا ذات جو شجرو

سام

جادم

هِسپت (سنڌ جي سمن جو ڏاڏو)

ابدري

نيٽ

راٹو نوتيار

اوڊر

اوڏ

لاکيار

چام لاکو بادشاهه (هن ڏٽي جي گندري سان شادي ڪئي)

انـــڙ

لاکـــو

سمو.


کاکو جو مسلمان حاکم ۽ مسرقن جو سردار
کاکو
جیاند
جاکرو/جکرو
پلي
(مسرقن جو سردار)
رائڙ/رائڙنو
سمون
(ملاحن جو سردار)
سمون
(سميجا هن جو اولاد آهن)
انڙ
پچو
(28 پائر)
(اولاد پچا)

پنيرن جو شجرو



لاکيار
جام لاکو (بادشاهه ٹيو) زال گندري
انڙ
لاکو
سمون
ڪاڪو (ڪاڪ جو مسلمان حاڪم ۽ ملاحن جو سردار) جياند جکرو
پلي
سمون (ميربحرن جو سردار)
رائدن
سمون (سميجن جو ڏاڏو)
انڙ
ٹيهو
پنهيرو (اولاد پنهيرا)
انڙ
جسو
سمون
جوجو
ڏهر
پنسين
پنهيرو
اولاد پنهيرا

ٻيا ذات جو شجرو




بجيراءِ
ويرم
سويا
پيو
(اولاد پيا)
نيٽ
راڻو نوتيا
اوير
اوڌ
لاکيار
جام لاکو
(بادشاهه ٽيو) زال گندري
انڙ
لاکو
سمون
ڪاڪو
(ڪاڪ جو مسلمان حاڪم ۽ ملاحن جو سردار)
رائڌن
پلي
سمون
(مسرقن جو سردار)
سمون
(سميجا هن جو اولاد آهن)
انڙ
پيو
(اولاد پيا)

ت

تاباني: تاباني جي لفظي معنيٰ آهي، چمڪ ۽ روشنائي. هندستان کان لڏي آيل مسلمان مهاجرن جي هڪ ذات جو نالو. هن ذات مان اشرف ڊبليو تاباني سنڌ جو گورنر به رهي چڪو آهي.

تاتاري: ڪتاب "جنت السنڌ" صفحي 264 تي لکيل آهي ته يافث بن نوح عليه السلام جي پٽ جو نالو تورڪ (ترڪ) هو. ان جي چوٽين پيڑهيءَ مان الينجا خان هو. سندس پٽن جا نالا مغل ۽ تاتار هئا. تاتاري ان جو اولاد آهن.

تاتوزئي: ريڪي بلوچن جو هڪ پاڙو.

تاجاڻي: دل ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

تاجواڻي: لاشاري بلوچن جي مچر قبيلي مان هڪ پاڙو.

تاجو خيل: شرفيون پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تاجو زئي: ڪاڪڙ پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تاجيا: سما خاندان جي هڪ پاڙي جو نالو.

تاجيپوٽا: جوڪين جو هڪ پاڙو. سڪرنڊ طرف رهندڙ.

تارا: پاپڙن (ملڪ) جي راڄ مان هڪ ذات جو نالو. سمن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ تارا آهي. ملاحن ۾ به آهن.

تاراڻي: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو.

تارڙ: سورج بنسي ۽ راجا ڪرن جي اولاد مان آهن. "سنڌو" پڻ هن خاندان مان آهن (ڪتاب "شاهان گوجر").
ڪتاب "پنجاب کي ذاتين" ۾ لکيل آهي ته تارڙ سورج بنسي راجپوت شاخ مان لوهيءَ جو اولاد آهن. تارڙ محمود غزنويءَ جو خدمتگار هو. جيڪو ساڻس گڏ هوندو هو. پنجاب جا ماڻهو هنن کي پٽي نسل مان جٽ به چون ٿا.

تارڙا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو. جيڪي ننڍي ضلعي ۾ رهن ٿا. تاريخ سجاول ۾ لکيل آهي ته "تارڙا" ملاح ۽ مهاڻا آهن.

تارڙ: ڪاڪڙ پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو. شڪارپور وارن پناڻن ۾ پڻ "تارڙ" آهن. جيڪي ناڱڙ پناڻن مان آهن.

تارواڻي: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو.

تاگا: سڌين جي نسل (Takas) مان آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته هي گور برهمڻ جو اولاد آهن. اصل ۾ جمنا ۽ ڪرنال جا آهن.

تالي: ننڍيار جتن جو هڪ پاڙو.

تاماڻي: سماراڻي چاندين جي هڪ شاخ جو نالو.

تانور: ميوا ذات جو هڪ پاڙو.

تاڪ: مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو. جيڪي ٽر ۾ رهن ٿا. هي اڪثر ڪري ڪٺا ۽ لويون اڻين ٿا. هنن جو ٿهيل سامان نهايت مشهور آهي. گهرن ۾ پرت بہ پرين ٿا. ايس. صادق علي لکيو آهي تہ "تاڪ" سمن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

تائراڻي: ووڻن (وونرن) جي هڪ پاڙي جو نالو.

تائوني: هي پٺي راجپوت نسل مان آهن. راجا سلواهن جي هڪ پوٽي جو نالو "رائي تان" هو. جنهن جو اولاد "تائوني" راجپوت سڏجي ٿو. راجا تان جي هڪ پٽ جو نالو "امبا" هو. جنهن پنهنجي نالي پٺيان "امبالا" شهر اڏايو هو.

تايوجا: ابڙن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تَتُوجا: راڄپرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تتوخيل: غلزئي پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تُتا: مگڙين جي وڪيي پوٽا شاخ مان هڪ پاڙو.

تجاڻي: مستوئي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تختاڻي: برهم ڪترين جي "درڙي" نک مان هڪ هندو آکهہ. هي هنگورائي پڻ سڏجن ٿا.

تخي: غلزئي پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تَران: ڪاڪڙ افغاني پٺاڻ آهن، انهن مان هڪ پاڙي جو نالو "تران" آهي. تران چون ٿا تہ اسين امام علي رضاءَ جو اولاد آهيون ۽ "سيد" آهيون.

تَربند زئي: مگسي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تَرخان: ترڪي گهراڻي جو نالو آهي. کين ترخاني مغل بہ چون ٿا. جيڪي چغتن مان آهن. هنن سنڌ تي حڪومت ڪئي آهي. بظاهر هن وقت ترخان ذات وارا سنڌ ۾ نظر کين ٿا اچن. ترخان حقيقت ۾ مغلن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. ترخان هڪ لقب بہ آهي. جيڪو چنگيز خان بن پائرن کي ڏنو هو.

ترڙ: هڪ مسلمان سماٽ ذات.

تُرڪُ (ڏڏ): ترڪي کان آيل مغل آهن. جن جو واسطو منگوليائي ۽ تاتاري نسل سان آهي. ترڪ، تاتاري لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي، آواره گرد. شاعريءَ ۾ سج کي چين جو ترڪ چيو ويو آهي. جنهن جو مطلب آهي مشرق يا آسمان جو آواره گرد. ترڪن جو خاص پيشو وڙ وڙڻ هو. جن کي سنڌ ۾ "ڏڏ" بہ چون ٿا. هن

قبيلي جا ماڻهو هن وقت سنڌ ۾ نالي ماتر آباد آهن. سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ ترڪ آهي، جن کي ڏڏ ڪوڙ ٿا چون. اهي سنڌ جا اصل باشندا آهن، مگر جاڻ نہ هئڻ ڪري چون ٿا تہ اسين ترڪي کان آيل آهيون، ان ڪري ترڪ سڏجون ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ايس. صادق علي ۽ ٻين ڪافي محققن لکيو آهي تہ ترڪ سما ۽ سنڌي آهن، جن جو ترڪي مان آيل ترڪن سان ڪو بہ واسطو نہ آهي.

تُرڪا: مگڙين جو هڪ پاڙو.

تُرڪ زئي: مهند پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

ترڪ لاڙي: گورچاڻي بلوچن جي لشاري پاڙي جي هڪ شاخ. پناڻن ۾ پڻ ترڪ لاڙي آهن.

ترڪئي: پناڻن جي هڪ ذات، جيڪي ترمن جو اولاد آهن، اريا خيل، انو خيل، بنگي خيل، جلوزئي، رنگوزئي، ساگري ۽ مير خيل هنن جا خاص پاڙا آهن.

ترڪي: غلزئي پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تَرڪان: وڏن جي ذات آهي، (ڪتاب تواريخ ديرہ غازيخان، ص 120). ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" صفحي 210 موجب "ترڪان". ديري غازي خان جا جت آهن، جيڪي لوهہ ۽ ڪاڻ جو ڪم ڪن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن، بيگي خيل، تارا، جهانگرا، دمان، ستا، سياون، ڪاتي، گاوا، نيتال، ڏوگري ۽ صيقل گر.

ترلي: سواتي پناڻن جو هڪ پاڙو.

ترمذي: هي ترمذ، ايران کان آيل سيد آهن، هنن جو ڏاڏو سيد مير صفوي الحسيني 944 هجريءَ ڌاري سنڌ ۾ آيو. سندس اولاد "ترمذي سيد" سڏجي ٿو.

ترنگي: محمد زئي پناڻن جو پاڙو.

تُرٽا: سهتن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تُرهہ: ڪيراني افغان پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تره ڪي: ابراهيم زئي افغاني پناڻن جو هڪ پاڙو.

تري: پناڻن جو پاڙو. هي ترمن جو اولاد آهن.

تريز ميزا: شيدين جي هڪ ذات جو نالو.

ترين: سراباني پناڻن مان شرفيون (شرف الدين) کي پنج پٽ هئا، جن مان ٻئي پٽ جو نالو "ترين" هو، جنهن جي اولاد کي "ترين" چون ٿا. ترين مان تور، تور اسپن ۽ ابدال آهن، اهي سڀ افغاني "پناڻ" آهن. تور، اسپن ۽ ابدال، ترين جا پٽ آهن، جن جي پنيان سندن پاڙي جا نالا پيا. ترين ۽ تور شڪارپور ۾ رهن ٿا.

تـرَت: جتوئي قبيلي جو هڪ پاڙو. جيڪي سرائڪي ڳالهائين ٿا. حيدراٻي، زنگيجا ۽ بـلا هنن جا شريڪ پائي آهن. ترت ذات سان هي نهايت گهٽ نظر اچن ٿا.

تسريا: ڪلهوڙن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تـغلق: ترڪن جي قوم ڪرونا مان آهن. ڪرونا جو مطلب آهي پيءُ تاتاري ۽ ماءُ هندستاني هجي. ابتدا ۾ هي سنڌ جي جبلن ۾ رهندا هئا. جن مان هڪ تغلق جي نالي سان ٻڪريون چاريندو هو. سلطان علاؤالدين جي پاءُ الغ هن کي پاڻ وٽ فوج ۾ نوڪري ڏني. وفاداري سبب وڏي عهدي تي پهتو ۽ سلطان غياث الدين جي نالي سان مشهور ٿي ديبالپور جو حاڪم مقرر ٿيو. انهي تغلق جا پونئير ٻـ ذات جا "تغلق" سڏجڻ لڳا. بظاهر هن نالي واري ذات اڄ ڪلهه سنڌ ۾ نظر نـ ٿي اچي. جنت السنڌ ۾ (ص 289 تي) لکيـل آهي تـ تغلق، پيءُ طرفان تاتاري (مغل) ۽ ماءُ طرفان بلوچ هئا.

تقوي: هي سيد آهن. جيڪي محمد تقي (محمد الجواد) بن علي رضا جو اولاد آهن. هنن جو شجرو هن طرح آهي:

شجرو تقوي سيد

حضرت علي رضہ

|

امام حسين

|

امام زين العابدين (والده شهربانو)

|

امام محمد باقر (والده ام عبدالله بنت ام حسن)

|

امام جعفر صادق والد ام فروزه فاطمه بنت قاسم بن محمد بن ابوبڪر صديق ناناڻا

|

امام موسي ڪاظم

|

امام علي رضا

|

(اولاد تقوي سيد) امام محمد تقي (محمد جواد)

|

علي نقي (علي هادي) موسي سبزقع

اولاد تقوي سيد

تڪوزئي: الڪو پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تڪيراجا: ٻاليشاهين جي هڪ پاڙي جو نالو.

تکيراڻي: مزاري قبيلي جي مسيداڻي پاڙي جي هڪ شاخ (قري) آهي. جيڪي "تکيراڻي" بلوچ سڏجن ٿا.

تگرا: ڏوگر راجپوتن جو هڪ پاڙو.

تَـگَـر: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. سهتن ۾ پڻ آهن.

تَـگَـراڻي: سمن جي هڪ ذات آهي. هي اڪثر ڪري پاڻ کي لاکا (واڏا. ڏکڻ) چوائين ٿا.

تَـگَـرجا: راجپرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تَـگَـڙ: مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

تگياڻي: کوسن جي مٽيوال پاڙي جي شاخ.

تُـگهاڻي: مهر قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

تلاڻي: ڏومڪي بلوچن ۽ پنهيارن جي هڪ پاڙي جو نالو. مهرن ۾ پڻ آهن.

تلرزئي: خليل پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

تلريجا: هندن جي هڪ ذات. آئلسنگاڻي ۽ هنن مان آهن.

تلسياڻي: هندن جا ٻه وڏا کيڙ آهن. هڪڙا "ماکيجا" نڪ مان اروڙ ونسي،جن ۾ ستاويها، ايڪيها، پندرهيا، يارهيا، ڪنگڻ، بدائي ۽ ڦيراڻي شامل آهن. هي ايسراڻين، ماکيجن، مورجاڻين ۽ ميـر چنداڻي عاملن جا نڪڙيا سوٽ ٿين. ٻيا تلسياڻي "مجر" نڪ مان آهن. جن مان ڪي عامل تـ ڪي پائيبند آهن. هي واسواڻين جا نڪڙيا سوٽ ٿين.

تلغياڻي: تلغياڻي يا تـنگاڻي، مري بلوچ قبيلي جي غزيني پاڙي مان هڪ قري (شاخ).

تـلواڙي: مسلمان آهن. جيڪي نواب شاهه ۽ حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

تلوئي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

تلهار: مسلمان آهن.

تَـلهاڻي: چنا ۽ گـهنيا ذاتين جي هڪ پاڙي جو نالو.

تلهر: هندن جي هڪ نڪ جو نالو. پوڄارا ۽ ڪتواڻي ۽ هن نڪ مان آهن.

تليجا: مسلمان ذات آهي ۽ خيرُپور ميرس ۾ رهن ٿا.

تماچاڻي: سنڌ جا سماڻي مهر آهن. جيڪي سنڌ جي ڪافي حصن ۾ آباد آهن. بالاڻي. ويجل ۽ ٻيچل سندن ذات وارا آهن. وڳڻن (آبڙ) جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "تماچاڻي" آهي ۽ اهي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رهن ٿا.

تماچي: سما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو. سلطان رڪن الدين شاهه جام تماچي، جيڪو نوري گندريءَ جو مڙس هو. ان جي اولاد تماچي جي نسبت سان پاڻ کي ذات جا تماچي سڏايو. انڙن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "تماچي" آهي.

تماچياڻي: جاکرن جي منجهائن شاخ جو هڪ پاڙو هي "تماچي پوٽا" ۾ سڏجن ٿا.

تماچي پوٽا: جاکرن جي منجهائن ڪٽنب جو هڪ پاڙو. هنن کي "تماچياڻي" ۾ چون ٿا.

تماڙ زئي: بروهين جي شاهو زئي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

تـمبراڻي: جتن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تَمراڻي: تمر فقير، شاهه لطيف جو هڪ مشهور "جت" فقير هو. ان فقير جي اثر هيٺ ٻيا ٻه ڪيترائي فقير هئا. جيڪي ان جي پوئلڳي تسليم ڪري پاڻ کي "تمراڻي" چوائڻ لڳا. هڪ ٻئي اڀياس موجب تمراڻي، بلوچ آهن. بروهين ۾ جهالاواني قبيلي بزنجو مان پڻ "تمراڻي" هڪ پاڙي جو نالو آهي.

تـمڻ: غير سماٽ ۽ غير بلوچ آهن.

تُـمياڻي: هڪ ذات جو نالو.

تَـميمِـي: بنو مرح بمعروف بنو تميم جي اولاد مان عرب (صديقي) آهن. محمد بن قاسم سان گڏ آيا هئا. هن وقت سنڌ ۾ نه هڻڻ جي برابر آهن. حربن يزيد، شهيد ڪربلا هن تميمي خاندان مان هو. تميمي ۽ تيمي ٻه جدا عرب قبيلا آهن.

تنبا: هڪ مسلمان غير سماٽ ذات، جيڪي لاڙڪاڻي، حيدرآباد ۽ نواب شاهه ۾ رهن ٿا.

تنباڻي: سنيا ذات جو هڪ پاڙو. ٽنڈي محمد خان ۽ ان جي آسپاس رهندڙ آهن.

تَـنبراڻي: بڙدي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. بروهين ۾ پڻ آهن.

تنتار: انڙن ۽ سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تَـنـتِـي: جولاهن کي چون ٿا، جيڪي ڪپڙو اُڻن ٿا.

تَـنـجا: هڪ مسلمان ذات آهي.

تنجواڻِـي: بگٽين جي شمباڻي (ياريارڙي) پاڙي مان هڪ قبيلي جو نالو.

تنڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

تَـنگواڻي: مسلمان ذات آهي.

تنگي: جمند پناڻ جي پٽ محمد جي پنيان محمد زئي سڏجن ٿا. جن مان هڪ پاڙي جو نالو "تنگي" آهي.

تنگياڻي: عمراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

تنگي زئي: شهواڻي بروهين جي حاجي زئي خاندان جي هڪ ٽڪ جو نالو.

تَنگهياڻي: جمالي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تنوار: راجا تور جي نسل مان جادو بنسي راجپوت آهن. هي پانڊون جو اولاد آهن. هنن جو شمار راجپوتن جي 36 شاهي خاندانن ۾ ٿئي ٿو. جاتو، رکو ۽ ستروال هنن جون مکيہ شاخون آهن. انند پال تنوار راجپوت 792ع ۾ دهليءَ جو شهر اڏايو هو. هنن دهليءَ تي ساڍا ٽي سو سال حڪومت ڪئي هئي. گوجرن ۾ پڻ "تنوار" آهن.

تَنورَ: هڪ مسلمان ذات.

تَنوريا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تُنيا (تونيا): اصل ۾ سنڌ جا سماڻي جت آهن. اڪثر ڪري لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آباد آهن. هنن مان ڪافي نقل مڪاني ڪري وڃي ڪچي واري علاقي ۾ آباد ٿيا آهن. جتي جت سڏجن ٿا. تنيا، ابڙن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ آهي. ان ڪري هي ابڙا ٻه آهن. ڪي تنيا چون ٿا تہ اسان حضرت ابوبڪر صديق جو اولاد آهيون. ليڪن ائين نہ آهي، اهي سمات آهن. چون ٿا تہ ابڙو هڪ بزرگ هو. جنهن پاڻ کي ڪوڙي جي منهن مان وجهي ڪونئري جي تُنَ مان ڪڍيو هو. ان ڪري هي "تنيو" سڏجڻ ۾ آيو. ان بزرگ جي اولاد ۽ پوئلڳن پاڻ کي ان بزرگ جي نسبت سان ذات جا "تنيا" سڏايو. حقيقت ۾ هيءُ هڪ ڏند ڪٿا آهي.

توبا: چاچڙن جي ڇٽا قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو.

توتاڻي: لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آباد آهن. سندن دعويٰ آهي تہ اسين "چاندڪيا" آهيون.

توتريا: مسلمان آهن.

توتڪاڻي: نورا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو. (ملاح).

توجاڻي: لاشارين جي هڪ پاڙي جو نالو.

توحمحاڻي: لاشارين جي هڪ پاڙي جو نالو.

توخي: ڪند جي پاڻ جمند پناڻ جي هڪ پٽ جو نالو توخي هو. جنهن پنيان سندس اولاد "توخي" پناڻ سڏجڻ لڳا. هن قبيلي جا خاص پاڙا هيٺيان آهن.

1. منصور زئي 2. جميل زئي 3. باجو زئي 4. امچو زئي ۽ 5. بٽئي زئي. توران پناڻن ۾ پڻ توخي آهن.

تور: ترين بن شرفيون جي وڏي پٽ جو نالو "تور" هو. هي افغاني سرابائي پناڻ آهن، جنهن جا مکيہ پاڙا آهن:

1. تور زئي 2. مندي زئي 3. مينگل زئي 4. هارون زئي 5. اسماعيل زئي 6. بدو زئي 7. حيدر زئي ۽ 8.

يعقوب زئي. هن ذات وارا شڪارپور ۾ رهندڙ آهن. تور کي چار پٽ هئا. جن جا نالا ملوٽي. ڪندري. سڳي ۽ بابو هئا. هنن جو شجرو هيٺين طرح آهي.



تورا خيل: لوڌي پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

توران: افغاني پٺاڻن جو هڪ قبيلو. هوتڪ. توخي. خروٽي ۽ ناصر هنن جا خاص پاڙا آهن.

توران زئي: ڪند جي پاڻ جمند جي پٽ محمود زئي پٺاڻن جي نسبت سان هڪ قبيلي جو نالو محمد زئي آهي. ان محمد زئي جي هڪ پاڙي جو نالو "توران زئي" آهي.

تورائي: ترڪستان کان آيل مغلن جو پاڙو. جيڪي برلاس مغلن جا ويجها آهن ۽ سنڌ ۾ رهن ٿا.

تـوراڻي: سينـهـا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

تورخيل: آفريدي پٺاڻن جي قمبر خيل پاڙي جي هڪ ڦري. قزلباش غلامن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "تورخيل" آهي.

تور زئي: تور پٺاڻن جي هڪ شاخ.

توري: بنگش پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

توڪا: سهتا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

توڪلاڻي: لاشارين جي هڪ پاڙي جو نالو.

توڳاچي: مسلمان ذات آهي. جيڪي راجڙ جو اولاد آهن. هن جي پائرن جا نالا رکڻ. ساهيو ۽ ڏيرڙ آهن (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو "راجڙ" قوم جو شجرو)

تولاڻي: اروڙ ونسي هندن جي "سچديو" نک مان تولارام شيوڪ رام جو اولاد آهن. "ڏاميچا" نک مان اروڙ ونسي ديوان تولا رام ولد ديوان ڏنراج مل جي آکهه ۽ "سيڙ" نک مان سيٺ تولارام ولد ورلياس جي آکهه.

تونگ: مسلمان (سما) آهن. تعلقي ٽاڻي بولا خان ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو تونگ آهي. جيڪو تونگ ذات سان منسوب آهي.

تووئر: شيدين جي هڪ ذات جو نالو.

توهيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

تهباڻي: ڪيهرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تهنور: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

تياغازي: حسيني سيد خاندان جو هڪ پاڙو آهي.

تيبر: جوڪين جي هڪ قبيلي جو نالو. جنهن جا خاص پاڙا: 1. آري، 2. بجار، 3. چوهڻ، 4. قادر، 5. ڪالو، 6. ميرڻ پوٺا، 7. مريد ۽ 8. ساتل آهن.

تيتري: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو. هي تعلقي سجاول ۽ سيوهڻ ۾ رهن ٿا (تاريخ سجاول).

تيجاڻي: ڪوجن (خوجن) جي هڪ پاڙي جو نالو.

تيجسنگهاڻي: "سپڙا" نڪ مان ديوان پائي تيج سنگهه جو اولاد.

تيجواڻي: ميرجتن جو هڪ پاڙو.

تيجي: ٻاليشاهين جي هڪ پاڙي جو نالو.

تيغاڻي: بڙدي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. جتوئين ۾ پڻ آهن.

تيلاڻي: سوڍرن ۽ سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

تيمالوئي: شيدين جي هڪ پاڙي جو نالو.

تيمان: اوسواڙ هندن جي هڪ ذات جو نالو.

تيمراڙي: ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" (ص 116) موجب "تيمراڙي"، ساجدي بلوچن (جتن) جو هڪ پاڙو اهي.

تيمراڻي: رخشاڻي بلوچن جي هوتڪ پاڙي مان آهن.

تينور: هڪ ذات جو نالو.

تَيورا: هڪ ذات جو نالو.

تِيوڻا: ڪتاب "سماڻ" جي مصنف ڊاڪٽر الله رکيي ٻٽ (ص 57 تي) لکيو آهي ته تيوڻا، "جت" آهن، جيڪي سنڌي سماڻ ۾ شامل آهن. شاعر حفيظ تيوڻو هن ذات مان هو. جنهن سڀ کان پهريائين مومل راڻي جو قصو ناهيو هو. ايس. صادق علي کين سمن جي پاڙي مان ڄاڻايو آهي، ۽ هي "آبڙ" ۾ شمار ٿين ٿا.

نوٽ: مٿي بيان ڪيل ذاتين کان سواءِ ٻيون ٻه ڪافي ذاتيون آهن، جهڙوڪ: تاڪائو، تجيا، توڪلي، ترسيا، توائي، تڪيا، تارڪي، تيريا، توڏيا، تڙتار، توهه ۽ توراني وغيره جيڪي غير معروف آهن.

ٽ

ٽارا: ٽالپر بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" ۾ لکيل آهي ته ٽارا ترکانن جو پاڙو آهي، جيڪي لوهه ۽ ڪاٺ جو ڪم ڪن ٿا.

ٽارڙ: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽاريچا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽاريلا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽاريئا: مورا نهڙين جو هڪ پاڙو.

ٽاڪريا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

(سنڌ جي ٽر واري حصي سان نسبت هئڻ ڪري، مٿين چئني ذاتين جا نالا به ٽري آهن).

ٽاٽاڻي: ٽاڻي بولا خان ۾ رهندڙ ڪمانگرن جي هڪ پاڙي جونالو.

ٽاوراڻي: هندو قوم جي هڪ ذات.

ٽڏاڻي: هندن جي هڪ ذات جو نالو. ٽر ۽ سنڌ جي ڳوٺن ۾ رهن ٿا. هي هندن جي ٻن نڪن سان واسطو رکن ٿا. هڪڙا "پاڳيا" نڪ مان جيسلمير کان آيل آهن، جيڪي پرمار سوڍن راجپوتن جو اولاد آهن. هنن جي وڏي جو نالو تڏو مل ڇينمل هو. جنهن پنڌيان "ٽڏاڻي" سڏجن ٿا. جيسلمير ۾ هنن کي "جسراج پوتا" پڻ چون ٿا. ٻيا ٽڏاڻي "ڪنگهر"، نڪ مان آهن، جيڪي سورج ونسي ڪل مان "ڪتري راجپوت" آهن. پگت، تيجواڻي، ڪيولراماڻي، گيهاهاڻي ۽ مڪواڻي پڻ ٽڏاڻين مان آهن.

ٽَراڻي: ڇنا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو. ساڳئي وقت جتن جي هڪ پاڙي جو نالو به "ٽراڻي" آهي.

ٽَرڙا: اتر طرف رهندڙ هڪ مسلمان ذات جو نالو.

ٽَري: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو، ٽر ۾ رهڻ ڪري "ٽري" سڏجن ٿا.

ٽرياڻي: ڪٽا (سما) ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽريچو: معنيٰ ٽر جو ٻچو يا ٽر جو ٻار. سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽريو: معنيٰ ٽر جو رهاڪو. هي سماڻ ذات آهي.

ٽڪيا: مسلمان آهن.

ٽِڳڙا: مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

ٹَـلاڻي: اونن جو هڪ پاڙو آهي.

ٹَـلها: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٹَـلهيا: مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

ٹَـنجواڻي: عمراڻي ۽ جمالي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٹَـنڊ: ڪمبوه ذات جو هڪ پاڙو.

ٹَـندواڻي: جمالين جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٹَـنگياڻي: مري بلوچن جي غزيني قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو.

ٹَـنهرياڻي: جمالين جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٹور: بڙدي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٹورا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٹوري (ٹوڙي): هي ٹر ۽ ميرپورخاص جي طرف رهندڙ گهٽ ذات وارا پيل، ڏيڏپنگي ۽ بالیشاهي آهن. اڪثر ڪري جُتين، چَمر ۽ ڪاڪوسن جي صفائي جو ڪم ڪن ٿا. پنهور قوم جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ٹوري" آهي.

بيت:

ڇوري نـدوري، نڪـو مـائڻ منـڊ جـو،
سو يـن هلـن سـاڻ ۾ ڪَـمي ۽ ڪُـوري،
آئـون پـڻ آهيـان ان جـي، لنگهـي ۽ لـوري،
لنگهيـائين لطيـف چئـي، ٹـرَن جـا ٹـوري
آهيـان اُزوري، تنهنجـي جـوري جبـل لنگهيـا.
(شاھ)

ٹُـوهر: مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

ٹهميور: ملاح ۽ مهاڻا آهن. شاهبندر ۾ وينا آهن.

ٹهور پوٹا: سَورن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٹَـهيم: ذاتين جي تاريخي اپياس مان خبر پوي ٿي تہ بني تميم عرب قبيلي جا ماڻهو. غازي محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيا هئا. جن پاڻ کي بني تميم جي نسبت سان ٹهيم سڏايو. انهن کي جيڪو اولاد پيدا ٿيو تہ انهن بہ پاڻ کي "ٹهيم" چورايو. سنڌ ۾ رهندڙ ڪاسائي، پچارا ۽ بيون ڪجهہ ذاتيون بہ پاڻ کي ٹهيم.

چورائن ٿيون. ڪن ڪن جاين تي "ٿهيم" چون ٿا تہ اسين بلوچ آهيون. ليڪن سنڌ جا ماڻهو انهن کي بلوچ قوم ۾ شمار نٿا ڪن. حقيقت ۾ تہ ٿهيم. غير سماٽ عرب ملڪ جا ماڻهو آهن. جيڪي هن وقت سنڌ جي ڪافي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ آباد آهن. ايس. صادق علي جي لکڻ موجب "ٿهيم" سما ۽ ملاح آهن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ٿهيمن کي سومرا لکيو آهي. ٿهيم قوم جا خاص پاڙا آهن:

1. دلاور زئي 2. ڪمالاڻي 3. منگي 4. محمداڻي 5. نهالاڻي 6. پرياڻي 7. ملوڪاڻي 8. ماکر پيا.

جوهي شهر ۾ ٿهيم ذات وارن جو هڪ محلو آهي، جنهن ۾ هن ذات وارا رهندڙ آهن.

ٽيبا: "تاريخ مظهر شاهجهاني" ۾ يوسف ميرڪ لکيو آهي تہ ٽيبا. سميجا ڪل مان آهن. محقق لکن ٿا تہ انڙ بن سمي کي 28 پٽ هئا. جن مان وڏي پٽ جو نالو "ٽيبو" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي ذات جا ٽيبا سڏايو. ٻئي پٽ جو نالو "هوٽي" هو. جنهن جي پٽ جو نالو پڻ "ٽيبو" هو. انهن بہ پاڻ کي "ٽيبا" سڏايو.

ٽيبي مان قتل ذاتيون آهن: پنيرا، پاٽوجا، سنگراسي، ڪيريا، راڄپر، انڙ، ٽيبا، ملاڻا، ملاڻ، دل، منگسي، راهو، نرهہ، هوٽي، ابڙا، ڪيبر، جوٽا ۽ جوٽيجا وغيره. ٽيبا ذات جا خاص پاڙا، آٽراڻي، پنيڙ، گهرگاڻي، جهالوڪ، عيساڻي، ڪلرجا، ڪمار، مماڻي ۽ ساندجا آهن. وڌيڪ تفصيل لاءِ هيٺ ٽيبن جو شجرو پيش ڪيو ويو آهي.

ٽيباڻي: سما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽيباڻي: مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. هي جڪرا آهن.

ٽيرڙ: سما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽيڪ: غير سماٽ ۽ غير بلوچ مسلمان ذات.

ٽيمور: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٽيهاڻي: جوڪين جي سالار قبيلي جو هڪ پاڙو.

ٽيبن جو شجرو




نواڪس
اتت
تتته
ڪِنِ
(هن ڪِنِ جو شهر ڀڏايو هو).
سنبوت راجا
(راجپوتن جو ابو).
سام
جادم
هسپت (سنڌ جي سمن جو ڏاڏو)
ڪڇيت (ڇڳدن جو ڏاڏو)
پويت (پٽين جو ڏاڏو)
چوڙو (چوڙا سمن جو ڏاڏو)
ابذري
نيٽ
راڻو نوتيار
اوڊر
اوڏ
لاکيار
چام لاکو بادشاهه
(هن نئي جي ڳندرن مان شادي ڪئي هئي)
انڙ
لاکو
سمون
ڪاڪو
جياند
جاکرو
پلي
رائڏن / رائڏنو
سمون
(مسرقن جو سردار)
سمون
(سميجا هن جو اولاد آهن)
انڙ
هوڻي
ٽيبو
اولاد ٽيبا
ٽيبو
اولاد ٽيبا

ٽ

ٽاترا: سنڌ جا ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٽاڙي: پنجاب کان آيل جت ۽ سرائي آهن.

ٽاپرو: مسلمانن جي هڪ ذات آهي.

ٽارو: هڪ مسلمان ذات آهي.

ٽالاڻي: بلوچ قبيلو آهي. هن قبيلي جو واسطو ڏومڪي بلوچن سان نظر اچي ٿو. هن وقت ٽالاڻي قبيلي جو سردار عبدالجبار ٽالاڻي آهي.

ٽالپر(ٽالپور): ٽالپر. جن کي مير پڻ چيو ويندو آهي. هنن لاءِ ذاتين جي محققن جا مختلف رايا آهن. جن مان ڪجهه پيش ڪجن ٿا: ٽالپر پنهنجي دعويٰ ۾ چون ٿا ته هو حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي چاچي حضرت امير حمزي جي اولاد مان آهن. اهڙي ڄاڻ مير نصير خان جي لکيل خط مان پوي ٿي. جيڪو صامن ڏنتوري، "عبرت ڪڏه سنڌ". نفيس اڪيڊمي ڪراچي، 1967ع جي احوال هيٺ آيل آهي. راءِ بهادر هتورام جي لکيل ڪتاب "تاريخ بلوچستان". بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا 1973ع (ص 51) تي لکيل آهي ته ٽالپر. لغاري آهن. مير سردار خان History of Baloch Races ۽ ڊينزل ايبسٽن جي لکيل ڪتاب Punjab Casts ۾ ڄاڻايو آهي ته ٽالپر. مزاري قوم جي رستماڻي شاخ مان آهن. سنڌ جي مشهور تاريخ نويس مولائي شيدائي جي لکيل ڪتاب "مختصر تاريخ بلوچستان" جيڪا ريلوي الیکٽريٽ پريس مان 1941ع ۾ ڇپي هئي، ان ۾ صفحي 27 تي لکيل آهي ته ٽالپر. مزاري قوم جي رستماڻي شاخ (قري) مان آهن. تحفته الڪرام جلد نمبر 3 ۾ لکيل آهي ته ٽالپر بلوچ. رندن جي پاڙي مان آهن ۽ اهي پاڻ کي امير حمزي رضه بن هاشم جي اولاد مان سڏائين ٿا.

ايس. صادق علي لکيو آهي ته ٽالپر. اصل خانه بدوش قوم آهي. اهي ريدار ۽ ڀڪرار هئا. ٽالپر لفظ اصل فارسي لفظ "ٽال" ۽ "بر" مان جڙيل آهي. جنهن جي معني آهي وڻن جون ٽاريون ڪپيندڙ. مرزا قليچ بيگ پنهنجي لکيل ڪتاب "قديم سنڌ. ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" جي صفحي نمبر 321 تي لکيو آهي ته ٽالپر. مرين جي هڪ شاخ آهي. اهڙي طرح ڊاڪٽر اي. رحيم پنهنجي تصنيف ۾ ٽالپرن کي مري قوم جو هڪ قبيلو ڄاڻايو آهي. خدا داد خان "لب تاريخ سنڌ" جي ص نمبر 141 تي کين رندن مان ڄاڻايو آهي. نور احمد مولانا "بلوچ قوم اور اس کي تاريخ" (نور محل ملتان، 1967ع صفحي 336 تي) ۾ لکيو آهي ته ٽالپر بلوچن جي هوت قبيلي مان آهن. ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي "سنڌ جون چند ذاتيون" صفحي 30 تي لکيو آهي ته هڪ روايت موجب ٽالپر. هوت آهن جن جا پاڙا هن طرح آهن: 1. شهداداڻي 2. مائڪاڻي 3. سنهراياڻي

4.خاناڻي 5. بهادراڻي 6. مراداڻي 7. گهراماڻي 8. عيساڻي 9.دريا خاني 10. هليلاڻي 11. جيونـاڻي 12.جيئنداڻي 13. احمداڻي 14. شاهواڻي 15. يارلي (ياراڻي) 16. مقصوداڻي 17. آلوداڻي 18. ناراڻي 19.شاهلياڻي 20. حاجواڻي 21. سکواڻي (سکلاڻي)

مولاڻي شيدائي "تاريخ بلوچستان" اردو قلمي نسخي ۾ ٽالپرن جا "21" پاڙا لکيا آهن. جيڪي برڙي صاحب بيان ڪيا آهن. اهڙي طرح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٽالپرن جا اٺ پاڙا ڄاڻايا آهن: 1. پرڳڙي 2.باگراڻي 3. کورکاڻي 4. ڪپري 5. نظاماڻي 6. شهداداڻي 7. شهواڻي ۽ 8. ٽارا.

ڊاڪٽر عطا محمد حامي "خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو" ۾ پڻ مٿين راين جو اظهار ڪيو آهي ۽ اختصار ۾ لکيو آهي تہ ٽالپر، بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان آهن.

نور احمد مولانا "بلوچ قوم اور اس کي تاريخ" صفحي 336 تي لکيو آهي تہ هن قبيلي تي نالو ٽالپر، بجار بن بيزن جي وقت کان پيو. سن 1000 هـ/1592ع ۾ بجار بن بيزن، مڪران کان لڏي پاڪستاڻ ۾ آيو ۽ پوءِ اتان لڏي سنڌ ۾ ديري غازي خان جي ڳوٺ "چوٽي بالا" ۾ رهيو. هن ڳوٺ ۾ هڪ "ٽالهي" جو وڻ هو، جنهن جي هيٺيان بجار خان ۽ سندس قبيلي جا ماڻهو اچي وينا. انهن وينلن جو نالو وڻ جي نسبت سان "ٽالهي پور" پئجي ويو. يعني ٽالهي جا پٽ. جيڪو پوءِ ٽاري يا ٽالهي ڦري "ٽالپر" ٿي پيو. انهن ڏينهن ۾ زنگي بن بجار خان کي هڪ پٽ ان ساڳي ٽالهي هيٺان ڄائو، جنهن جو نالو "ٽالهو" رکيائون. اهڙي طرح ان قبيلي جو نالو باقاعدي "ٽالپر" سڏجڻ لڳو.

ٽالپر ڪيچ مڪران، ملتان، ديري اسماعيل خان، ساهيوال، سخي سرور، ديري غازي خان، ديره جات، ماڙي انڊس مزارجہ، ڪوهہ سياهہ ۽ پاڪستاڻ کان ٽيندا سنڌ ۾ داخل ٿيا. ميان يار محمد ڪلهوڙي، ميرآلوده خان کي گهرائي، فوجي عهدو ڏنو. مير، ڪلهوڙن جا معتقد هئا، ان وقت سندن شهداداڻي، ماٽڪاڻي، سهراباڻي، نهالاڻي، بهادراڻي ۽ باگراڻي پاڙا نهايت مشهور هئا. ڪلهوڙن، ٽالپرن کي جاگيرون عطا ڪيون. ٿوري عرصي بعد پوين، ڪلهوڙن سان وڙهي حڪومت تي قبضو ڪيو. اهڙيءَ طرح شهداداڻين حيدرآباد، ماٽڪاڻين ميرپورخاص ۽ سهراباڻين خيرپور ميرس تي حڪومت ڪئي. مير مراد علي خان، مير غلام حيدر خان ۽ مير فتح علي خان کان وري 1843ع ۾ انگريزن لڙائي ڪري حڪومت تي قبضو ڪري سنڌ حاصل ڪئي. سندن شجرو هن طرح آهي:

هرين

|

مير جلال خان بلوچ

|

هوت

|



ڪرنل جيمس ٽاڈ "تاريخ راجستان" (جلد نمبر2) ۾ لکي ٿو تہ ٽالپر سنسڪرت لفظ "تالمر" مان نڪتل آهي. تال جي معنيٰ ڪجيءَ جو وڻ ۽ "مر" جي معنيٰ آهي ميرَ. مولاڻي شيدائي ڪتاب جنت السنڌ (ص 455) ۾ لکي ٿو تہ ٽالپر بن لفظن جو مرڪب آهي. ٽال معنيٰ وڻ جي شاخ ۽ بُر معنيٰ وڏو يعني ٽالپر جي معنيٰ ڪاٺير آهي. ايس . صادق علي سنڌ، بلوچستان ۽ افغانستان جي ذاتين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ "ٽالپر". مري قبيلي جي هڪ شاخ جو نالو آهي، جنهن جا خاص پاڙا آهن:

1. پرگڙي،	2. باگراڻي	3. گبراڻي	4. جيوناڻي	5. جيئنداڻي (نوڙها)
6. ڪڪوئي	7. خاناڻي	8. کورکاڻي	9. ڪپري	10. ڪيماڻي
11. ماڻڪاڻي	12. نظاماڻي	13. ڦراڻي	14. شهداداڻي	15. شهواڻي
16. شاناڻي	17. نوڙها	18. چاڪراڻي	19. ٽنگڙي	

چوٽي: ٽالپر بي واقهي مري،

کهيڙد گبول گاڏهي .

انهيءَ چوٽي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٽالپر مري قوم مان آهن. ان سلسلي موجب سندن شجرو. اکر "ت" جي شجرن واري حصي ۾ ڏسڻ گهرجي.

ٽانڊاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٽانڊائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن (تاريخ سجاول 1984ع)

ٽانڊيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن، جيڪي ننڍي ضلعي ۾ رهندڙ آهن.

ٽانڪ: ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" صفحي 643 موجب "ٽانڪ". ملاح ۽ جهينورن جو پاڙو آهي.

ٽانڪا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ننڍي ضلعي ۾ وينا آهن.

ٽانورا: هڪ مسلمان ذات آهي.

ٽانوري: پنجاب کان آيل جٽ ۽ سرائي آهن. ڪن ڪن جاين تي سمات ۾ سڏجن ٿا.

ٽانوريا: انڙن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽَبي لَنڊ: ڏکڻ وارا لنڊ. هي مڪران کان سنڌ ۾ آيا هئا. هنن جا خاص پاڙا آهن. 1. پتافي 2. رند 3. ڪوسا 4. لنڊ ۽ 5. مسيواڻي (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو لنڊن جو احوال).

ٽٽواڻي: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات.

ٽپالي: مسلمان آهن.

ٽَپڻي: غير سمات ۽ غير بلوچ ذات آهي.

ٽٻوزئي: فوفل پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽَرڙ: هنگورن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽَرڙا: مسلمان آهن.

ٽرنگڙي(ٽنگڙي): لغاري قبيلي جي هڪ ذات جو نالو.

ٽَرٽا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽِڪا: پنجاب کان آيل جٽ ذات جو هڪ پاڙو.

ٽڪسور: بگٽي بلوچن جي شمباڻي (ياريارڙي) پاڙي مان هڪ ڦري جو نالو.

ٽڪودر: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽِڪورا: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات. جيڪي ننڍي ضلعي ۾ ڪاري طرف رهن ٿا.

ٽِڪياڻي: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو.

ٽَڳا: هڪ مسلمان ذات. جيڪا ميهڙ تعلقي ۾ رهندڙ آهي. هي چون ٿا ته اسان ابڙا آهيون. اسان جي هڪ وڏي بزرگ دعا لاءِ (چندو ڦيٽو) سڳا پڙهي ڏنا. ان ڏينهن بعد ابڙن بجاءِ "سڳا" سڏجڻ لڳاسين. سڳا لفظ ڦري "ٽڳا" ٿيو آهي. (زباني روايت طارق ٽڳو).

ٽَڳَر: مسلمان آهن.

ٽَڳَڙ: لفظ جي معني آهي قاتل ڪپڙن وارا. ٽڳڙ. پنجاب کان آيل جٽ (جاٽ) آهن. "جامع سنڌي لغات" ۾

پنجاب کان آيل سرائي قوم جا 24 پاڙا لکيل آهن، جن مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ٽڪڙ" آهي. ايس. صادق علي جي لکڻ موجب "ٽڪڙ"، سمن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ آهي. ٽڪڙ چون ٿا ته اسان ابڙا آهيون.

ٽِلواڻي: هندن جي ذات آهي، جيڪي عمرڪوٽ ۾ رهندڙ آهن.

ٽِمڪيا: مسلمان آهن.

ٽمل: هندن جي هڪ آڪهه جو نالو.

ٽِمن: پنجاب کان آيل جٽ قبيلي جي هڪ ذات.

ٽِمون: مسلمان آهن.

ٽِميا: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. اڳرا ذات ۾ هنن مان آهي.

ٽِنڊڻ: برهمڪترين جي هڪ نڪ جو نالو.

ٽِنڊيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٽنگاڻي: مگسي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽنگر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٽَنگڙَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٽَنگڑِي: تالپر بلوچن جو هڪ پاڙو. هن پاڙي مان گل بيگ ٽنگڑي، ميان نصير محمد کلهوڑي جو خاص ماڻهو هو. گاجي شاهه (تعلقو جوهي) ۽ گل بيگ ٽنگڑي بروهين سان وڙهيا هئا. (رسالو مهراڻ نمبر 2 سال 1990ع ص 98

ٽنگياڻي: جمالي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽنوَر: مسلمان آهن، هي ملاح سڏجن ٿا.

ٽنئري: مسلمان آهن.

ٽِوانا: پنوار راجپوت ۽ سيال جٽن مان آهن. "تاريخ دي چيفس آف پنجاب" ۽ ڪرنل ڊيويز جي "شاهپور رپورٽ" ۾ ڄاڻايل آهي ته راجارسالو جي ملڪ مان هڪ ڀهاريدار عاشق کي چار پٽ سيئو، ٽيئو، گهيئو ۽ ڪريئو پيدا ٿيا. سيئو مان سيال، ٽيئو مان ٽوانا، گهيئو مان گهيبو ۽ ڪريئو مان ڪرال آهن. ٽوانا پندرهين صديءَ ۾ شاهپور، ضلع ۽ منانوالا ۾ آباد ٿي ويٺا. شروع ۾ اٺ چاريندا هئا (بحوالہ: کتاب پنجاب کي ذاتين)

ٽوب: غير سمات ۽ غير بلوچ آهن.

ٽوبڊيپوٽا: ڪرمتين راڏا بنديجا شاخ جو هڪ پاڙو.

ٽوبا: ملاح ۽ مهاڻا آهن، جيڪي ڏنڊن، واهن ۽ درياڻن ۾ ٽبي هڻي مڇي ماريندا آهن

ٽوپر: مسلمان (ملاح) آهن.

ٽوٽا: ڪوڪرن جو هڪ پاڙو.

ٽوٽاٽي: پاڻ جون ٽا ٽہ اسان چانديا آهيون.

ٽوپالزئي: دراني ۽ افغاني پناٽن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽوپورا: ٻوگر قبيلي جي هڪ ذات.

ٽوپياٽي: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ٽوڊا: معنيٰ مال چارڻ. هي ٻڪرين چارڻ وارا هندو آهن.

ٽورڙا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽَورنگ: ڏاريجا ۽ چاچڙن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽوري (ٽوڙي): ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ٽوڙهياٽي: سنيا ذات جو هڪ پاڙو. ٽنڊي محمد خان طرف رهندڙ آهن.

ٽونڊا: ڪرمتين جي ڳورئي ۽ راڏا بنديجا شاخن جو هڪ پاڙو.

ٽونڊي پوٽا: بنديجا ذات جو هڪ پاڙو.

ٽُونگل: حملائين (برفتن) مان آهن. جيڪي ڪوهستان ۾ رهن ٿا.

ٽوها: ملاح ۽ مهاٽا آهن. ضلعي ٺٽي ۾ رهن ٿا.

ٽويا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ٺهراماٽي: هندن جي هڪ ذات. جي. ايم سيد جو مشهور دوست منگهارام پرسرام. ٺٽيءَ وارو هن ڪيڙ مان هو ("جنب گذاريم جن سين"، ص 372).

ٺهلي: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو. اهي ٺر جي طرف رهن ٿا.

ٺِهليا: مسلمان آهن.

ٺهلياٽي: هندن جي هڪ ذات آهي. هي سيٺ ٺهليو مل جو اولاد آهن. هڪ ٻئي حوالي موجب ٺهلياٽي، هندو لهاٽن مان آهن. جاڙيجن سان قرابت هئڻ ڪري پاڻ کي "راءِ ڳوراڻ" (راءِ ڳراڄ) نک مان چوائيندا. جاڙيجا ڪڇ جي راءِ جاڙيجا جي نسل مان سڏ جا سما راجپوت آهن، ليڪن "ٺهلياٽي"، سما راجپوت نہ آهن.

ٺهٽيجا: برفتن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽُڻائي: سنيا ذات جو هڪ پاڙو. جيڪي ٽنڈي محمد خان ۾ رهن ٿا.

ٽيهاري: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٽيهائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ساموندي ڪنڈيءَ سان رهن ٿا.

ٽَـيـيَـر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٽَـيـٽَـر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٽـِيـٽـِيـا: مهيسرن جو هڪ پاڙو.

ٽـِيـٽـِيهر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٽيڑا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٽيڪا: پرمار هندن جي هڪ ذات آهي.

ٽيڪ زئي: پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ٽيڪواڻي: "ڦوريا" نڪ مان هڪ هندو آهي. هاسنند مينگهراج هن ڪيڙ مان هو. جنهن ڪراچيءَ ۾ 1931ع ڌاري هڪ هاءِ اسڪول قائم ڪيو هو.

ٽـِيـمـ"ا ملاحن جي هڪ ذات آهي. سجاول جي طرف وينل آهن.

ٽـِيـنـڪا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ٽـِيـنـگيا: ٻاپڙن جي راڄ وارا آهن. ڪوهستان ۾ رهن ٿا.

ٽـِيـنـگياڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

تالپرن جو شجرو




چندنا
مبارک
عبدالله
احمد
لقمان
مبارک
غلام حيدر
غلام محمد
غلام حسين
احمد خان
سيد خان
جان محمد
حسن علي
مسو خان
باغ علي
غلام علي
محمد علي
علي بخش
جان محمد
خان محمد
جان محمد
شيرمحمد
علي مراد
جعفر
دريا خان
جعفر خان
فتح خان
الله بخش
نواب محمد خان
الهداد
فتح خان
الهداد
احمد
علي
اسماعيل
پيارو
ميرشهداد خان
شهداداڻي
شهک
ميرشاهو
شاهواڻي
شاه علي خان
ميرعالي
خاناڻي - آلوداڻي
غلام محمد
غلام شاه خان
محراب خان
ميرجام
بدو خان
قائم خان
سلطان علي
شير محمد
جان محمد
ولي محمد
احمد خان
محمد علي
آلودو
غلام شاه
مبارک
خاناڻي - مقصوداڻي
الهه بخش
مبارک خان
نصير خان
علي محمد
احمد علي
علي مراد
غلام الله
غلام شاه
حيدر علي
بلاول/ بهاول
ولي محمد
جان محمد
عبد الله
علي
حيدر
ميرعلي خان
محمد خان
بهاول
علي مردان
الهيارخان
جاڙو
راڄو
مسو خان
فتح خان
صاحب خان
مرزو خان
حمزو خان
سائيندداد
حيدر علي
فيروز
عرف بدو
حمزو
غلام علي
افضل علي
محمد خان
بهادر خان
پيڙو خان
ميرباگو خان
غلام محمد
علي بخش
غلام حسين
محمد حسن
وليداد خان
سائيندداد
ڏارو خان
چٽو
الهيارخان
احمد خان
فتح خان
فيروز
خان محمد
الهيار خان
ڏارو خان


محمد خان
بيڑو خان
بهادر
ميرباگو خان
غلام مرتضيٰ
غلام الله
غلام حيدر
علي مراد
غلام محمد
علي بخش
محمد حسن
كرم خان
غلام حسين
وليداد خان
خان محمد
شاهه محمد
شيرمحمد
امام بخش
فتح خان
غلام محمد
محرم خان
محمد علي
پيو خان
خيرو خان
ميربهرام خان
ميرچاكر خان
ميرنندو خان
شهداداڻي
ميرصويدار خان
ميرمحمود خان
ميربجر خان
سهراباڻي
حاجي احمد خان
محمد خان
شهداد خان
فيروز
ميرسهراب خان
ميرسليمان
جهان خان
علي احمد
ميرعبدالله خان
غلام محمد
محرم خان
غلام حيدر
محمد حسن خان
نندو
خيرو خان
علي مراد
چاكر
مبارك
غلام حيدر
رستم خان
ميرحيدر
ميرعلي خان
غلام شاهه
ميراحمد
خدا بخش
بهرام خان
غلام حسين
ميرمحمود خان ثاني
علي بخش
نندو
غلام محمد
بجر
عبد الله
ميرنبي بخش خان
علي مراد
ميان غلام الله



نوٽ: شجري جي چنڊ چاڻ "جنت السنڌ" "قديم سنڌ اُن جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" تان ڪئي وئي آهي.

ٽ

ٽانارا: ٽامي جا ٽانو ٽاهڻ وارن کي "ٽانارا" چون ٿا. انهي ڪرت سبب هي ذات جا ٻه "ٽانارا" سڏجن ٿا.

ٽاراڻي: جت. سنڌ جي وڏي سمات ذات آهي. جنهن جا سوين پاڙا آهن. انهن مان هڪ پاڙي جو نالو "ٽاراڻي" آهي. هنن جو پيشو ساڳيو جتن جهڙو آهي. ٽاراڻي پاڙي جو وڏو ٽارو خان جت هو. جنهن جي نسبت سان سندس اولاد پان کي ٽاراڻي چوائي ٿو. ٽالپر بلوچ قوم جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ٽاراڻي" آهي. هندن جي هڪ آکيڙ جو نالو پڻ "ٽاراڻي" آهي. هي اوڏئوداس ٽاري مل جو اولاد آهن.

ٽارواڻي: ڪرمتين جي مهيري قبيلي ۾ مرڪهر قبيلي جو هڪ پاڙو.

ٽاڪر، ٺڪر: راجپوت نسل مان هندو آهن. چڃنامي موجب هي راجا ڏاهر جي فوج جا خاص سپاهي هئا. سومرن ۾ سمن جي فوج ۾ پڻ ملازمت ڪندا هئا. سندن عزازت سنڌ جي جاڙيجن سان هئي. ٽاڪر سنڌ ۾ 13 ۾ 15 صدي عيسوي ۾ نهايت مشهور هئا. هن وقت سنڌ ۾ راجپوت نسل جون قومون "سوڍا" سڏجن ٿيون ۽ ٽاڪر (ٺڪر) جي قومي ٽالي سان مشهور آهن. درست تلفظ Thakur آهي. هنن جا خاص پاڙا آهن. 1. بلوترا 2 پنگلاٽا 3 جروٽيا ۽ 4 ڦول.

ٽاڪريا: راجپوتانا کان آيل ڪتري. جيڪي مسلمان ٿيا آهن. پر اڃان پنهنجي پراڻي ٽالي "ٽاڪريا" سان سڏجن ٿا.

ٽانوراڻي: هندو قوم جي هڪ ذات. جيڪا ٽر ۾ رهندڙ آهي.

ٽاهراڻي: "جامع سنڌي لغات" موجب "ٽاهراڻي" جمالي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

ٽٽيار: جتن جي هڪ مشهور ذات. جن جو گذر سفر اڪثر ڪري ٻڪرين پالڻ تي آهي. هي پين جتن وانگر گهٽو ڪري اٽ ڪونہ پالين. البتہ گهرو عورتون واڻ ٽاهين ۽ پيش جو ڪم ڪن ٿيون. هي ڪڇ ۽ لاڙ ۾ اڪثريت ۾ آهن. ملاحن ۾ پڻ "ٽٽيار" آهن. ٽٽ ملاحن سان منسوب آهي. ان نسبت سان "ٽٽيار" سڏجن ٿا.

ٽري: مسلمان ذات آهي.

ٽريا: مسلمان ذات آهي.

ٺڪر: هندن جي هڪ ذات درست تلفظ (Thakur) آهي. ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" ۾ لکيل آهي تہ ٽاڪر سلهريا ۽ جوهان راجپوتن مان آهن. ٺڪر. سنسڪرت پوليءَ جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. سائين. ڏاڻي. سردار.

ٺڪرال: هندن جي هڪ ذات. هي ٻہ لهاٽا آهن.

نکراڻي: ڪرمتين جي ٻگهياڙ شاخ جو هڪ پاڙو.

نکروال: لهاڻ جي هڪ نڪ جو نالو.

نکُريا: مسلمان ذات آهي. هي حيدرآباد، نواب شاهه ۾ سکر ۾ رهن ٿا.

نَکَڳَ: جکراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو. جيڪي ذات جا جکراڻي بلوچ يا "نڳ سڏجن ٿا. هنن جون پنهنجي قوم جي ٻين پاڙن سان عزازتون آهن.

نُلراڻي: گورچاڻي بلوچن جي پتافي پاڙي جي هڪ قبيلي جو نالو. جيڪي ذات جا "نلراڻي" بلوچ سڏجن ٿا.

نُمريا: مسلمان ذات آهي.

نوناري: اتر طرف رهندڙ هڪ مسلمان ذات آهي.

نوري: سنڌ ۾ رهندڙ هندو شڪاري قوم جي هڪ ذات. جيڪي شڪار خاطر جهر جهنگ رلندا وتن ٿا. هي حرام جانورن جو شڪار ڪري گذر سفر ڪن ٿا. نوري ذات جا ماڻهو ٿر ۾ اڪثريت ۾ ۽ باقي سنڌ جي حصن ۾ ٿورا ملن ٿا. ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪڙي اوڙڪ جو نالو پڻ "نوري" آهي. هي ساموندي وٽ سان لاڙ ۾ رهن ٿا.

نوري ڪش: مري بلوچ قبيلي جي غزيني پاڙي جي هڪ شاخ جو نالو.

نوڙا: تالپرن جي هڪ پاڙي جو نالو. هنن کي "نوڙها" ۽ چون ٿا. هي جيئند نوڙهو بن تالو جو اولاد آهن. (شجري لاءِ ڏسو "تالپر" عنوان).

نوڙها: جتوئي قبيلي سان واسطو رکندڙ هڪ ذات. جيڪي سرائڪي ڳالهائين ٿا. ان ڪري کين "سرائي" ۽ چون ٿا. ذاتين جي تحقيق جي سلسلي ۾ ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ نوڙها ۾ وڃڻ ٿيو. جتي معلوم ٿيو ته نوڙها، جتوئين جو پاڙو آهي. اهڙي طرح تعلقي سيوهڻ جي ڳوٺ سرائي لعل بخش جتوئي ۾ وڃڻ ٿيو. جتي نوڙها ۽ گنجا ذات جا ماڻهو مليا. جن ٻڌايو ته اسان جتوئي آهيون. اهڙي طرح مير شير محمد خان تالپر جي نسل وارا نوڙها (نوڙا) آهن. جنهن جي نسبت سان تالپرن ۾ هڪ پاڙي جو نالو پڻ "نوڙها" آهي.

نوڳي: مسلمان ذات آهي.

نُوننا: ملاحن مان آهن. هي ٺٽي ضلعي جي ڪاري واري حصي ۾ رهن ٿا.

نيبات: مسلمان ذات (سما) آهي.

نينا (نينيا): سمن ۽ سرائي قوم جي هڪ پاڙي جونالو.

نيپ: دادو ضلعي جي ڪوهستان ۾ رهندڙ هڪ مسلمان ذات.

نَيڪَر: هندو ناڪرن کي چون ٿا (بحوالہ ڪتاب "شاهان گوجر").

نيڪري: ڏکر جي ٽانون جو ڪم ڪندڙ (ڪنبرن) کي. ڪرت جي ڪري. "نيڪري" ذات جو چيو وڃي ٿو. مهراڻ. رسالي نمبر 4. سال 1972ع. ص 128 موجب "نيڪري". ميمڻن جو پاڙو آهي.

نِيندا: ملاحن جي هڪ پاڙي جو نالو.

نينگا: هي سنڌ جا ملاح. مهاڻا ۽ ميربحر آهن. جيڪي گندرا پٽ سڏجن ٿا. هن ذات وارا ضلعي ٺٽي ۾ ڪينجهر ڍنڍ جي ڀر ۾ آباد آهن. سوندا ڳوٺ جي پرسان نينگا ڳوٺ آهي. جنهن ۾ مغل بادشاهن جا ڪيترائي آثار موجود آهن.

نينگاڻي: سوري لنڊ بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

نينگيا: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

نِينگيڙا: سنڌ ۾ ملاح ۽ مهاڻا تمام گهڻا آباد آهن. جن جا ڪافي پاڙا آهن. انهن پاڙن مان هڪ پاڙي جو نالو "نينگيڙا" آهي. جيڪي پاڻ کي ذات جا "نينگڙا" سڏائين ٿا.

نينگيزئي: بدوزئي ۽ بنگلزئي بروهين مان آهن.

نيياڻي: ڪرمتين جي گبول قبيلي جو هڪ پاڙو.

ث

ثابت پوٽا: ڏيرن جي هڪ پاڙي جو نالو. هن پاڙي مان شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي والده هئي. ماڻهن شاهه کان پڇيو ته توهان جي والده غير سادات آهي ته پاڻ جواب ۾ چيائون ته:

"سگ پسي سرهي ر ٿئي. ڪان پڇي ٿي ذات".

وڌيڪ چيائون ته:

"توتي لڄ لطيف چئي. آهي سندي عام"

ثقفي: عرب کان آيل آهن. اسلام جي تبليغ خاطر محمد بن قاسم کان اڳ. ان سان گڏ ۽ پوءِ ڪافي عرب مسلمان سنڌ ۾ ايندا رهيا. جن ۾ "ثقفي" پڻ هئا. جيڪي سنڌ ۾ مستقل طور آباد ٿي ويندا. تن پاڻ کي ثقفي ذاتسان چورايو. موسيٰ بن يعقوب ثقفي کي محمد بن قاسم پاڻ سان سنڌ ۾ آندو هو. جنهن کي الور جو قاضي مقرر ڪيو هئائين. هن کي جيڪو اولاد پيدا ٿيو. انهن پڻ پاڻ کي "ثقفي" ۽ قاضي سڏايو. موسيٰ بن يعقوب ثقفي. الور ۾ قاضي جي مقرري وقت هڪ ڪتاب "منهاج المسالڪ" لکيو هو. حجاج بن يوسف ثقفي هو.

پ

پـاتـا: راجپرن جي هڪ پاڙي جو نالو. راجپر سمات آهن. هڪ غير سمات ذات جو نالو پڻ "پاتا" آهي، جيڪي مسلمان آهن.

پـاتاريا: مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو. جيڪي اڪثر ڪري چمڙي مان ناياب شيون ناهين ٿا.

پاترا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پاتريا: جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پاتڙي: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو. جيڪي ننڍي ضلعي جي جنگشاهي شهر ۾ رهن ٿا.

پاتڻي: ذات جا ملاح، مهاڻا ۽ دنگ آهن. کين آدماڻي ۽ دريائي بہ سڏيندا آهن. پاتڻي لفظ پتڻ مان ورتل آهي، جنهن جو مفهوم بيڙين ذريعي پتڻ اڪارڻ آهي. پاتڻي ذات اڪثر ڪري دريائن جي ڪناري تي آباد آهي. هي مڇي پڻ مارينداآهن.

پـاتـو: هڪ غير سمات ۽ غير بلوچ ذات جو نالو.

پـاتـوجـا: هڪ غير سمات ۽ غير بلوچ ذات جو نالو.

پاتيا: هڪ غير سمات ۽ غير بلوچ ذات جو نالو.

پاتيار: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پاتاري: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ساموندي پڻيءَ سان لاڙ ۾ رهن ٿا.

پاتولي: پـٽ ۽ پشم جو ڪم ڪندڙ ڪوري ميمڻ آهن. "پـٽ" مان اڳڻ، سوسيون ۽ لنگيون وغيره ٺاهڻ ڪري ڪين "پاتولي" چيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ "پاتولي" ذات وارا سڏجن ٿا. حقيقت ۾ پاڻ ميمڻ آهن. پاتولي سندن پاڙو آهي. هن ذات وارا حيدرآباد، ٽنڈي الهيار ۽ ان جي آس پاس آباد آهن.

پاتوئي: هڪ غير سمات ۽ غير بلوچ ذات جو نالو

پاٽڪ: هندن جو هڪ پاڙو.

پاپا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پاخلي: سواتي پناڻن جو هڪ پاڙو.

پارابي: هڪ غير سمات ذات آهي.

پاراجي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ڪاري ۾ رهن ٿا.

پاراڻي: هڪ غير سماٽ ذات آهي.

پارائي: ملاحن ۽ مهاڻن جي ذات جو نالو (تاريخ سجاول)

پَـارِتَـا: هڪ غير سماٽ ذات آهي.

پارِيياڻي: ڪرمتين جي مهيري شاخ مان هڪ پاڙو.

پارِيِي پوٽا: لسبيلي جي ڇاموٽن جو هڪ پاڙو آهي.

پارڙي: پيلن جي هڪ ذات جو نالو.

پارڙي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. جيڪي ننڍي ضلعي ۾ درياڻي ڪناري سان وينا آهن.

پارسي: ايران جي پارس (فارس) علاقي جا رهندڙ باشندا آهن. هي زردشت فرقي جا پيروڪار آهن. هن قوم وارا اڪثريت سان ڪراچي ۾ رهن ٿا.

پارو: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پارواڻي: سڏايا ذات (سما) جي هڪ پاڙي جو نالو. "درڙي" نک مان هندن جي هڪ آکيه. هي پيرومل ولد سيٺ مينارام جو اولاد آهن. بهرواڻي، پالواڻي، رامچنداڻي، رامرکياڻي، ملکاڻي ۽ هنگوراڻي سندن نکڙيا سوٽ ٿين. "رونگها" نک مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو "پارواڻي" آهي.

پَـارهيڙي: (پاريهڙي) : هڪ غير سماٽ ذات آهي. ننڍي ضلعي ۾ رهندڙ "پارهيڙي" سماٽ مان ملاح ۽ مهاڻا آهن. هي ڪهنگ پکيءَ جو شڪار. پاليل ڪانئيري پکيءَ سان ڪندا آهن.

پاري: لسبيلي ۾ رهندڙ هڪ مسلمان غير سماٽ ذات جو نالو.

پَـارياڻي: سڏايا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پارياھ: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پاريچا: مسلمان سماٽ ذات آهي.

پَـارَيدي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پاريسي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پَـاريکَ: ڪچ پنج کان آيل ميمڻ آهن.

پَـارَيگي: ٿر ۾ رهندڙ مينگھواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

پَـاريهر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پاريهڙي / پاڙهيري: ملاح ۽ مهاڻا آهن. پکين جو شڪار ڪندا آهن.

سَرَ ۾ پکي هيڪڙو، پاريهڙي پنجاهه (شاهه) .

پَـاڙهَـا: سما ۽ ملاح آهن. هـي ٽـر ۾ رهـن ٿا. سندن خاص پاڙا 1. پماڻي 2. چُٽا 3. جاکرا 4. جيسڻ 5. مينگهراجاڻي 6. مُرک 7. ساک آهن.

پازداڻي: شهاڻي (شاهاڻي) رندن جو هڪ پاڙو. جوهي تعلقي ۾ سندن ڳوٺ آهن.

پاسارا: جتن سان واسطو رکندڙ هڪ ذات جو نالو. جيڪي ملتاني سرائڪي ۽ جتڪي زبان ڳالهائين ٿا. شايد هي پنجاب کان آيل جت (جاٽيا) آهن. سنڌ ۾ ان پالين ۽ پوک وغيره ڪن ٿا.

پاسي: هندن جي هڪ ذات. اڪثر ڪري چوڪيداري ڪن ٿا.

پَـال: راجپوت نسل مان آهن. پنجاب مان لڏي اچي سنڌ ۾ وينا آهن. (دائره معارف اسلاميه ص 57) ڪراچيءَ ۾ هڪ "پال" سان ملاقات ٿي. هن ٻڌايو ته اسان بنگلاديش کان آيل ٻُـڌ آهيون. پال اسان جو ڳوٺ آهي.

پَـالاري: سمن ۽ برفتن جي هڪ پاڙي جو نالو. گهڻو اڳ برفت ذات مان سمجهيا ويندا هئا. ليڪن هن وقت هڪ آزاد ذات طور سڃاتا وڃن ٿا. هنن جا وڏا وڏا ڳوٺ ۽ راڄ تعلقي ٽاڻي بولاخان ۾ آهن.

پَـالڪِـي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پالڪيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پَـالِـرَ: ننڍي ضلعي ۾ رهن ٿا ۽ ملاح آهن.

پالي: هندن جي هڪ ذات. مسلمان به ٿيا آهن.

پانڌا: ملاحن ۽ مهاڻن جي ذات آهي. هي "آبڙ" ۾ ٿا اچن. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڪجهه گهر رهن ٿا.

پانڌياڻي: لغاري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. گراٽا، ڪوري آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پانڌياڻي" آهي. هي سماڻ آهن. نصرپور شهر ۾ هنن جا ڪجهه گهر آهن. چانگن ۾ پڻ "پانڌياڻي" هڪ پاڙو.

پاندا: هندو برهمڻن جي ذات جو نالو آهي.

پانيزئي: الڪو پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو. هن پاڙي مان نورجهان پانيزئي ڊپٽي اسپيڪر هئي.

پاولي: ڪتاب "تواريخ ديره غازي خان. ص 120 موجب "پاولي" ڪورين جي ذات آهي.

پَـاٽيهيا: اوڊن ((هندو) جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَـاهَـر: سما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو. اهي انڙ بن سمي جو اولاد آهن.

پاهَـڙ: سمن جي هڪ پاڙي نالو. هن ذات جا خاص پاڙا هي آهن. 1. چوسر 2. کورناڻي 3. لنجاڻي 4. محباڻي 5. پهلاڻي 6. پنجابي 7. رتاڻي 8. سانگي 9. سنڌي.

پاهوٽ: ميوا ذات جو هڪ پاڙو.

پَـاهوڙيا: هڪ سمات ذات جو نالو آهي.

پاهي: سما ۽ ڏاريجا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. بلوچن ۾ پڻ هڪ پاڙي جو نالو "پاهي" آهي.

پاهيڙي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پائنده خيل: پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

پائندي: آفريدي پناڻن جي زخا خيل قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

پائولي: پنجاب کان آيل جٽن جي هڪ ذات. "جولاهن" ۾ پڻ "پائولي" آهن. هي ڪپڙو ائڻ ٿا.

پائيال: اعوائن جو هڪ پاڙو. هي جِـيَـل جي پٽ پاجيءَ جو اولاد آهن.

پيئي: بگٽي بلوچن جي شمباڻي پاڙي جي هڪ شاخ آهي.

پُـبيَـا: سما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پُـبيَا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. (پُـبّا)

پَـبَـڙَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پِـتارپوٽا: مسلمان ذات آهي. هي حيدرآباد ۽ ٺر ۾ رهن ٿا.

پِـتافي: پتافي لفظ جي معنيٰ آهي ڏکڻ وارا. "سنڌ جون چند ذاتيون" ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ پتافي قبيلي جو ڳوٺ لند پتافي هو. سرداريءَ جي پگ قندراڻي قبيلي تي آهي. مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ" ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" ۾ صفحي 303 تي لکيو آهي تہ پتافي، ڪورائي بلوچن جي هڪڙي شاخ آهي، هنن جو ڏاڏو ڪورائي بن مير جلال خان هو. دستي ۽ ٻڌاڻي بہ انهي شاخ جون ڳريون آهن. هي سنڌ ۾ ميرپور ماٿيلي ۽ اباوڙي جي طرف رهندا آهن. اڪثر ڪري سرائڪي ڳالهائين ٿا. مولائي شيدائي جي ڪتاب "تاريخ بلوچستان" (ڇاپو 1941ع) صفحي 28 ۾ گورچاڻيءَ جا يارهن پاڙا ڄاڻايل آهن. انهن مان هڪ پاڙي جو نالو "پتافي" آهي. يعني پتافي، گورچاڻي "رند" بلوچ آهن. انهي ساڳئي ڪتاب ۾ پتافي خاندان ذات، قبيلي يا شاخ جون هيٺيون ڳريون لکيل آهن: 1. جرواڻي 2. هوتمان 3. ڪتالاڻي 4. براهماڻي 5. متڪاڻي 6. جنگلاڻي. 7. سرموراڻي 8. نلراڻي 9. اميگراڻي 10. گوڪيباواڻي (گوڪيباواڻي) ۽ 11. پاونائي. مقامي طور: چاڪراڻي، جيوٽاڻي ۽ گهنوراڻي پڻ پتافين جا پاڙا آهن. تفصيل لاءِ شجرو پيش ڪجي ٿو.

پتافي ذات جو شجرو



پَـترا: غير سمات ۾ غير بلوچ آهن.

پَـتڙيا: ٿر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو. جيڪي اڪثر ڪري مال چارين ٿا.

پَـتوجا: ملاح ۽ مهاٽا آهن. لاڙڪاڻي طرف اڪثريت ۾ رهندڙ آهن.

پٽاري: گهرت هندن جي هڪ ذات جو نالو.

پٽيال: گوندل ذات جو هڪ پاڙو. اصل ڪانگڙا جا رهواسي آهن.

پَـٽا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

پَـٽاڻي: لاشاري آهن. اهي نوابشاهه ۽ حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

پٽني: مسلمان ذات آهي ۽ جاتيءَ ۾ وينا آهن.

پَـٽيل: ڪتاب "شاهان گوجر" موجب "پٽيل" گوجرن جو هڪ پاڙو آهي

پَـٽيلاڻي: سنيا ذات جو هڪ پاڙو، جيڪي ٽنڊي محمد خان طرف رهن ٿا.

پَـٽيلائي: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو. سجاول طرف وينا آهن.

پٺانيا: هندو راجپوت آهن، جن مان مسلمان ٻه ٽيا آهن. پاڻ کي ڪٽوچ ٻه چوائين ٿا. ڪانگڙا ۽ نورپور جو حاڪم هنن مان هو، جنهن گورداسپور ۾ "پٺان ڪوٽ" اڏايو هو، جيڪو هن وقت "پٺاڻ ڪوٽ" سڏجي ٿو.

پٺاڻ: پٺاڻ قوم لاءِ ڪيترين ئي چوٽيون آهن. مرزا قليچ بيگ، "قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" ۾ لکيو آهي ته پٺاڻ اهي آهن جي سليمان جبل جي دامن سان وينل آهن. جن ۾ تا ٻيڪ، قزلباش، هزارا، هنوڪي ۽ بلوچي شامل آهن. "عهد اسلامي کا هندستان" جي مصنف سيد رياست علي ندوي ڄاڻايو آهي ته پٺاڻ، افغان ۽ پشتون هڪ ئي قوم جا نالا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته افغان، اسرائيلي نسل مان آهن. چون ٿا ته ارميا جي پٽ جو نالو افغنه هو. جيڪو حضرت سليمان جو فوجي سپهه سالار ٿيو هو. ان نسل مان افغان ۽ ٻيا پٺاڻ آهن. ان روايت جي پٺيرائي افغان مورخ اخون درويزه ۽ خوشحال خان خٽڪ پڻ ڪئي آهي.

تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته سليمان جبل جي ٻن قبائلي سردارن جو هڪ وفد، سردار ملڪ قيس جي سربراهي ۾ مديني شريف پهچي مسلمان ٿيو هو. ان قيس جو اسلامي نالو عبدالرشيد رکيو ويو. هي اتي ترسي پيا ۽ حضرت خالد بن وليد جي لشکر ۾ شامل ٿي وڙهندا رهيا. بهادري جي ڪري کيس "بطان دين" جو لقب ڏنو ويو. اهو لفظ بطان/ بتان (پيڙيءَ جو سُڪان) ڦري "پٺاڻ" ٿيو. افغان سندن نسلي نالو آهي. پاڪستان جي هڪ پٺاڻ اديب عبدالحڪيم "اثر" افغانيءَ جي پٺ اها راءِ آهي ته پٺاڻ ۽ افغان، قيس عبدالرشيد جي نسل مان آهن.

ماهنامه "المعارف" اعظم ڳڙهه 1943ع ۾ هڪ محقق ڄاڻايو آهي ته افغان يا پٺاڻ جو قديمي نالو

پشتان يا پکتان آهي. جو اڳتي هلي "پناڻ" ٿي ويو. سنڌي ٻولي جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته پناڻ اصل ۾ آريا نسل مان آهن. ڪرنل جيمس ٽاڊ پڻ ان موقف جي پنڌرائي ڪري ٿو. مولانا ابو الجلال ندوي لکي ٿو ته پناڻ سامي نسل مان آهن. بهرحال ذاتين جي اپياس مان ثابت ٿئي ٿو ته اڄوڪا پناڻ "پکت" مان پناڻ ٿيا آهن. ان پکت جون مختلف صورتون پکت، پخت، پشت آهن. ان پشت مان پشتو نڪي آهي، هن وقت پناڻن ۾ جيڪي پاڙا ۽ قبيلا آهن، انهن مان آفريدي، مهند، وزيري، سنڌي ۽ پنجابي پناڻ نهايت مشهور آهن. اهي سڀ پناڻ ڪنهن نه ڪنهن حالات ۾ سنڌ جي اندر رهن ٿا. سندن مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو:

(1) **آفريدي:** هن جي هڪ پاڙي جو نالو زخا خيل آهي، ان جون شاخون سلطان خيل، شام خيل، محب خيل، باڙي خيل، نصيرالدين خيل، خشروزئي، پائندي ۽ دائو ڊين آهن. هڪ ٻئي پاڙي جو نالو ڪوڪي خيل آهي، ان جون شاخون شيرخان خيل، ڪٽي خيل، فريد خيل، ماشو خيل، عبدل خيل، نادر خيل ۽ سڪندر خيل آهن. ساڳيءَ طرح ملڪ دين خيل پاڙو به اٽن. ان جون شاخون دولت خيل، نٿو خيل، خيدا خيل، موٽو خيل، سفرت خيل، ڪٽي خيل، راوڙا خيل، ڪالاخيل، شاهي خيل، داري خيل، ميري خيل، الائي خيل، بهرام خيل، گور محمد خيل ۽ ڪالا خيل آهن. قمبر خيل به هنن جو هڪ پاڙو آهي، جنهن جون شاخون احمد خيل، خدا داد، پين خيل ۽ تور خيل آهن. هڪ ٻئي پاڙي جو نالو اڪا خيل آهي، ان جون شاخون، باسي خيل، مدا خيل، گردا خيل، سنجل خيل ۽ عيسيٰ زئي خيل آهن. اهڙي طرح سيبا خيل به هنن جو هڪ پاڙو آهي، جنهن جون مکيه شاخون ابوبڪر خيل، نورمز خيل ۽ لنڊو خيل آهن. آدم خيل به هنن جو هڪ پاڙو آهي، جنهن جون شاخون علي خيل، جوا خيل، حسن خيل ۽ عيشو خيل آهن.

(2) **مهند:** اهي اٽن شاخن تي مشتمل آهن: عالم زئي، ترڪ زئي، بائي زئي، اتمان زئي، ديوي زئي، صافي زئي، شلماني ۽ خاگوئي زئي.

(3) **وزيري:** هن جا به ڪافي پاڙا ۽ شاخون آهن.

(4) **سنڌي ۽ پنجابي:** هي به ڇتا پاتا آباد آهن. سنڌ ۾ پناڻ 1781ع ۾ مدد خان پناڻ سان گڏ آيا هئا. جن مان ڪافي هتي آباد ٿي ويا.

سنڌي	پشتو
نالو	نوم
مرغي	موغه
پاڻي	اوبه
فرزند	پوت

تفصيل لاءِ پناڻن جو شجرو اکر "پ" وارن شجرن ۾ ڏسڻ گهرجي.

پَـنَـاڻ: ماندڙن جي هڪ پاڙي جو نالو. "ٻيلاين جا ٻول" صفحي 54 تي سما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ پناڻ آهي. هندن جي هڪ نک جو نالو پڻ "پناڻ" آهي. هندستان جي "پکت" آرين مان کي افغانستان لڏي ويا ۽ سندن اتي ڄاول ٻار پکتون (پناڻ) ٿيا. ان کري سندن نک جو نالو "پناڻ" پيو. واڌواٽي هندو پڻ ان نک مان آهن. کرمتين جي راڌا اگاريا شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پناڻ" آهي.

پنائي: کرمتين جي ربائي جت قبيلي مان هڪ پاڙو.

پنایاٹي: کرمتين جي مُـرگهر قبيلي مان هڪ پاڙو. لاشارين جي منڌير شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پنایاٹي" آهي.

پیپراٹي: ڊاڪٽر غلام علي الانا جي لکڻ موجب مچي مارڻ وارا ملاح آهن. (مهراڻ 4-3 سال 2001ع ص 32).

پَـپَـڙ: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

پپي زئي: خرشيون پناٽن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پجدور: بگٽي بلوچن جي شمباٹي (ياريارڙي) قبيلي مان هڪ "ٽڪ" جو نالو.

پجلور: راهيجا بگٽي قبيلي جي هڪ پاڙي مان "پجلور" هڪ ڦري جو نالو آهي.

پِـجارا: لفظ سنسڪرت بولي جي بن لفظن پنج + کار مان نهيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي کپهه پيڻ وارا يا کپهه ٽاڻڻ وارا. انهي نسبت سان اهي ماڻهو ذات جا "پجارا" سڏجڻ لڳا. جيڪي سنڌ جي کافي هنڌن تي اڄ به موجود آهن. سيوهڻ شهر ۾ پجارا ذات جا ماڻهو رهن ٿا، جن مان کجهه پاڻ کي هن وقت "ٽهيم" سڏائين ٿا. پجارا چون ٿا ته اسان منصور صحابيءَ جو اولاد عرب آهيون ۽ منصوري اسان جي ذات آهي. منصور جي کرت کپهه ٽاڻڻ هئي. جڏهن اسان سنڌ ۾ آياسين ته مقامي ماڻهو اسان کي "پجارا" چوڻ لڳا. نٽي ۾ ميمڻن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پجارا" آهي.

پجاٹي: کرمتين جي پئوا، راڌا اگاريا ۽ لجيرا قبيلن مان هڪ پاڙو.

پَـچـُوجا: غير سمات ۽ غير بلوچ آهن.

پچڑا: برهم کترين جي هڪ نک

پخالي: لفظ پخال مان ورتل آهي. اصطلاحاً شادين مرادين ۽ غمين جي موقعي تي پاڻي پرڻ واري کي پخالي چوندا آهن. کجهه وقت اڳ شهرن يا ڳوٺن ۾ پاڻي جي سهوليت کانه هئي، تڏهن پخالن تي پاڻي پرايو ويندو هو. اهڙي طرح ڏنڏي جي نسبت سان هي ذات جا "پخالي" سڏجن ٿا. پخالي ذات وارا اکثر کري ملاح، مهاٹا ۽ سميجا اوڙڪ سان واسطو رکندڙ نسل آهي. هي سنڌ جا سمات آهن ۽ اکثر کري نندين وڏن ڳوٺن ۾ آباد آهن.

پختون: پشاور جي پرسان "پکتيا" هڪ علاقو آهي. ان علاقي ۾ رهندڙ پنهنجو "پکتون" سڏبا هئا. جن کي هن وقت "پختون" چون ٿا.

پخراد: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پدلاڻي: بگٽي بلوچن جي کالپور پاڙي مان هڪ قبيلي جونالو.

پَدي: مري قبيلي جي بجاراڻي پاڙي جي هڪ شاخ. جيڪي ذات طور پدي (پواهري) سڏجن ٿا.

پراچا: مسلمان ۽ هندو کترين جي هڪ ذات جو نالو. کوجن ۾ پڻ آهن. هي اکثر واپار ڪن ٿا.

پَراداڻي: جتوئي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَرار: سما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَرارا: لاشاري قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

پِرارا: سميجا کل مان سما ۽ ملاح آهن. منچر ڍنڍ جي وٽ (ڏيپري) سان وينا آهن. پنجاب ۾ هنن کي "پرارا" چون ٿا.

پرارو: سمي جو اولاد آهن.

پَراڙ: برفت آهن. لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ وينا آهن.

پَرائِي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پَربَت: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پرتا: هي نٽن ۽ بازيگرن وانگر هڪ خانه بدوش قبيلو آهي. هنن کي ڇويڙا پڻ چون ٿا. مسلمان آهن. هي پنهنجن زالن کي بازيگري ڪرائي ڪمائين ٿا. سندن زالون ناچ ۽ گاني ۾ مشهور آهن. ان ڪري هنن کي بارهٔ تالي ۽ تيرهٔ تالي به چون ٿا. عورتن جي هٿن ۾ اکثر لوٽو هوندو آهي.

پَرتَيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پرداداڻي: بجاراڻي مرين جي پاڙي جي هڪ شاخ. جيڪي ذات جا "پرداداڻي" سڏجن ٿا.

پَرڪَاڙي: بروهي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَرڪَائي: گورجاڻي بلوچن جي درڪاڻي پاڙي مان هڪ شاخ.

پَرُڪاڻي: سراواني بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَرَمَارُ: پرمارن جو اصل جنم پومي پارڪر آهي. هي هندو آهن. جيڪي راجپوتن ۽ سودن جي ذاتين (گوجرن) مان آهن. برهمڻ هنن کي راجپتر چوندا آهن. هندو شاسترن مطابق شري پرسرام کي ڇهون اوتار

ڪري ليڪيو وڃي ٿو. هڪ دفعي ڳئون جي معاملي تان راجپوت راجا ڪرتويہ ۽ شري پرسرام جي وچ ۾ ويڙهہ ٿي. جنهن تي راجا جي ماڻهن شري پرسرام جي پيءُ شيراج جمندگاني ۽ کي قتل ڪري ڇڏيو. جنهن تي شري پرسرام اعلان ڪيو تہ مان ڪنهن بہ راجپوت کي نہ ڇڏيندس. انهي اعلان سان راجپوت ناس ٿي ويا. هندن جي ڏرم موجب چوڀول ٿيو تہ راڪاس هندو رعيت کي گهڻو ستائين ٿا. برهمڻن، ڀگوان جي پرارٿنا ڪئي ۽ منتر پڙهيا. جنهن تي ڪن "مار ! مار!" چيو. ان ڏينهن کان ونني انهن جو نالو پرمار پئجي ويو. جن "آبو" کي. 900ع ڌاري پنهنجي گادي جو هنڌ بنايو ۽ سچي پارکر ۾ پکڙجي ويا.

"راجپوتانا اتساهہ" ۾ سندن هيٺيون شاخون بيان ٿيل آهن. سوڍا، سانکلا، موريہ، سومرا، ڪيسر، ميپاوت، وهل، بلهر، ڪاٻار، امٽ ريهور، چوٽورا، ڪيچر، ڊونڊيا، سورنيا، سوڪڙا، هرير، ڪوهلا، پويا، پوجا، سپُل، پيپا، پوکرڻا، ديوا، ڪهوريا، ڪالسر، ڪالموهہ، ڏونڊر، جيرا، برهر، پوسرا، ڏوتا، دڪوموا، ٽيڪا، پوڪاڻ ۽ پوکرنا.

پرمارن مان ڪاڇبو پرمار نهايت مشهور هو. جنهن مهڻي ملڻ تي ڪاڇي گڌ جي ڪماريءَ سان شادي ڪئي هئي. پرمار تمام بهادر هئا. ان سبب برهمڻ کين "راجپتر" چوندا هئا. هنن جي لشڪر ۾ خاص ڪولهي قوم جا ماڻهو شامل هوندا هئا. هن وقت پرمار ٿر واري علاقي ۾ جام آهن. جيڪي اڪثر ڪري پوڪ ڪن ٿا ۽ مال بہ ڏارين ٿا. ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ "پرمار". گوجرن مان آهن (بحوالہ ڪتاب شاهان گوجر) اوڏن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پرمار" آهي. پرمار ان پرمار راجپوت جو اولاد آهن. (600ع).

پرند: مسلمان سمات ذات آهي

پَرنگي: افغاني پٺاڻن جي لوڌي خاندان جي سياني شاخ مان آهن. اسماعيليہ هنن جا شريڪ آهن.

پُرڻ: مسلمان سمات آهن.

پَروا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. تعلقي موري ۾ نور پور جي پرسان وينا آهن.

پَروار: ايراني مسلمان آهن. ڪوئيٽا ۽ ڪراچيءَ ۾ سندن چند گهر آهن.

پرون: بروهين جو هڪ پاڙو.

پروهت: خانداني برهمڻ آهن. هندن جي هڪ ذات جونالو پڻ پُروهتَ آهي. جيڪي ٿر ۾ رهن ٿا.

پَرهَارَ: ٿري مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو. جيڪي اڪثر ڪري جتيون ناهين ۽ پوڪ ڪن ٿا. راجا سورج ونسيءَ جي نسل مان هندو راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو پڻ "پرهار" آهي.

پَرهَاڙَ: راجا پرت (راجپوت) جو اولاد آهن. هن وقت سمن ۾ شامل آهن ۽ مسلمان سڏجن ٿا. ڪتاب دائره معارف اسلاميہ ۾ لکيل آهي تہ ڪشتري، اگني ۽ هُن خاندان مان چار پائر پرمار، پري هار

(پرهياڙ)، چوهاڻ ۽ چالوڪيا هئا. پرمار، ان پرمار راجپوت جو اولاد آهن. سندن شجرو هن طرح آهي:



پَـرَهَـمَـاٽي: سنڌ جا پراڻا باشندا آهن. هن وقت سمات ۾ شامل آهن.

پرهيار (پڙهيار): سنڌ جي جتن جي هڪ پاڙي جو نالو. گجر (هندو) قوم جي هڪ ذات جو نالو پڻ "پرهيار" آهي. هندو ڌرم جي اثر ڪري ڪين راجپوت جو لقب مليو. جن مان ڪافي مسلمان ٿيا آهن. پر پنهنجي اصلوڪي ذات سان سڏجن ٿا. مينگهواڙن ۾ پڻ "پرهيار" آهن.

پَـرهياڙَ: مسلمان سمات آهن. مينگهواڙ ۽ گجر قوم ۾ پڻ آهن. تاريخي اپياس مان خبر پوي ٿي تہ هي پهرين هندو هئا، مسلمان ٿيڻ بعد ۾ پنهنجي پراڻي ذات سان سڏجن ٿا.

عام چوٽي آهي تہ پرهياڙ، پرمار، چوهاڻ ۽ سولنگي، گوجر / گجرن مان آهن، جيڪي سنڌ جا اصلي "جت" آهن. ڪتاب "شاهان گوجر" ۽ دائرہ معارف اسلام ۾ لکيل آهي تہ سنہ 600ع ڌاري ڪشتري، اگني ۽ هُن راجپوتن جي خاندان مان پرمار، پري هار (پرهياڙ)، چوهاڻ ۽ چالوڪيا چار پائر هئا. جن مان پرهياڙ، قنوج تي راجا هو. ان جو اولاد "پرهياڙ" آهن.

پُـري: ٿر ۾ رهندڙ هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو.

پَـريا: يوسف ميرڪ، "تاريخ مظهر شاهجهاني" ۾ ذاتين جو ذڪر ڪندي مغل دؤر ۾ سميجا قوم مان "پريا" ذات کي ڏيکاريو آهي. پرين جي هڪ پاڙي جو نالو "ڪانگڙي" آهي. ايس. صادق عليءَ هنن کي سمن جي پاڙي مان لکيو آهي. سيوهڻ شهر ۾ پريا ۽ ڪانگڙي رهن ٿا جيڪي چون ٿا تہ اسان "سما" آهيون.

پَـرياڻي: جت. برهماڻي برا. بگهيا. تهيم. عمراڻي رند بلوچ ۽ سمن جي هڪ پاڙي جو نالو. پرياڻي جت سرائڪي. عمراڻي بلوچي ۽ باقي پرياڻي سنڌي زبان ڳالهائين ٿا.

پريٽ (پريت): ڏوهين جي هڪ ذات.

"پاڻ نہ پريتياڻي، تيس حمايت هوت جي" (سُر ديسي شاهه)

پَـرَيچـا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پريملاڻي: هندن جي هڪ آکهه. هي سيٺ پريمل جو اولاد آهن. هاسو مل ڪلاچند ناميارو وڪيل هن ڪيڏ مان هو.

پڙائي خَـوجا: محرم ۾ عام شيعن وانگر پڙ ڪيندا آهن، انهي ڪري پڙائي خوجا سڏجن ٿا. اهي آغا خان جي خلاف هوندا آهن. ڪارا ڪپڙا پائيندا آهن. ڪي ڪي نماز ۽ قرآن شريف پڙهن ٿا. ڪجهه ڏاڙهي به رکائين ٿا پر ملڪيت جي ورهاست هندو طريقي موجب ڪن ٿا. هنن جو اڳواڻ لالي‌ڏنو هو. جنهن کي پنجي پائي خوجن قتل ڪيو هو. هي اڪثر ڪري ڪشميري ڇڪ هندن ۽ لاهور ۽ سنڌ جي هندو "لوهاڻن" مان آهن، جن پير صدر الدين جي چوڻ تي اسلام قبول ڪيو هو. سندن خاص پاڙا مومناڻي. تيجاڻي ۽ پيرواڻي آهن.

پَـڙَهِـيارَ: مسلمان ۽ سمات ذات آهي.

پَـڙَهِـيارَ: مينگهواڙ آهن.

پـڙيا: مڱڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

پڙجت: ڏوگرا قبيلي جو هڪ پاڙو.

پُـز: رند بلوچ آهن. سندن سردار جونالو دودو خان هو. بلوچستان ۾ رهن ٿا. پوڪ ڪن ٿا ۽ مال پالين ٿا.

پَـسَـايَـا: نهڙي سمن جي هڪ پاڙي جو نالو. هي پسايو بن گجڻ بن راڄپار جو اولاد آهن.

پُـسايا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو. هي سمي جو اولاد آهي.

پَـستاڻي: گهنيا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَـسَـريا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَـسوالَ: غير سمات. عـرب ڪـان آيـل حـضرت وحـيہ ڪلبـي اصـحاب رسول صلي الله عليہ وسلم جن جو اولاد آهن.

پُـسيَـا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَسکرڻ (پشکرکڻ): ٽر ۾ رهندڙ برهمڻ قوم جي هڪ ذات جونالو. ڪتاب "شاهان گوجر" صفحي 172 تي لکيل آهي تہ پشکرڻ / پشکرکڻ، گوجر نسل مان برهمڻ آهن. گوربرهمڻ، ناگر برهمڻ ۽ ميئر برهمڻ پڻ هنن جا عزيز آهن.

پَشِيتون: ايراني پناڻن کي پشتوان سڏيندا هئا، جيڪو ڦري "پشيتون" ٿيو آهي. پشيتون لفظ جي معنيٰ آهي پشتپناهي ڪرڻ. محمد بن قاسم جي حملي وقت پناڻن هنن جي مدد ۽ پشتپناهي ڪئي هئي، جنهن سبب ايرانين، پناڻن کي "پشيتوان" ۽ عربن کين "سيلماني" سڏيو. ڪوچي هنن جي خاص قبيلو آهي.

پِشين: بلوچ آهن، مڪران ۾ "وادي پشين" ۾ رهڻ ڪري سندن ذات جو نالو "پشين" پئجي ويو.

پِشينگي: بلوچستان جي هڪ وادي جو نالو "پشنگ" آهي، ان نسبت سان هي پناڻ پاڻ کي "پشنگي" چوائين ٿا. اهي پاڻ کي سيد چوائيندا آهن. سيد حبش پشينگي سلطان ڪوٽ وارو هن خاندان مان هو.

پَڪَرياڻي: مسلمان ذات آهي.

پَڪاريا: جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پکاڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پَڪَريو: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَڪَڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پَڪيارَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پَڪيراج: لاڙ ۽ ڪچ جي جتن جو هڪ مکيہ پاڙو آهي.

پَڪيڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن، ساموندي پٽيءَ سان لاڙ جي ڪن حصن ۾ رهن ٿا.

پکيئڙا: ميمڻن جو هڪ پاڙو. هي ننڍي شهر جا رهواسي آهن.

پگراڻي: "ڪوها" نک مان برهمڻ ڪترين جي هڪ آکيڙ.

پَلَ: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. اهي انڙ بن سمي جي اولاد مان آهن.

پَلالَ: پلال (سمات) سيالن جو هڪ مکيہ پاڙو، جيڪي پاڻ کي ذات جا "پلال" سڏائين ٿا. اصل ۾ اهي سيال يا "پلال"، جت ذات (قوم) جي ڪُل مان آهن. اڪثر ڪري سندن زبان سرائڪي ۽ جتڪي آهي. چاندين ۾ پڻ پلال پاڙو آهي. ڪتاب "پنجاب کي ذاتين" ۾ لکيل آهي تہ برلاس مغل امير خان کي ٻہ پٽ هند خان ۽ پال خان هئا. هندخان جو اولاد هندوال ۽ پال خان جو اولاد "پلال" سڏجن ٿا.

پَلاڻي: ميمڻن جو هڪ پاڙو. هي ننڍي شهر جا رهواسي آهن.

پَلنگ: مسلمان ذات آهي. ننڍي شهر جو پلنگ پاڙو مشهور آهي.

پَلواڻي: مچي (پلا) مارڻ وارا ملاح ۽ مهاڻا آهن. (ڊاڪٽر غلام علي الانا مهراڻ 4_3 سال 2001ع ص 32)

پَلَهه (پلهه): سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَلِي: سنڌ جا سما آهن. تاريخي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو ته رائڏڻ کي "پلي" نالي پٽ هو. پليءَ جي پٽ جو نالو ساند هو. ساند جو پٽ چام هوتي. ان جو پٽ چام هير. ان جو پٽ چام جوڻو. جنهن جو پٽ چام راهو. ان جو پٽ چام لاکو. ان جو پٽ کاها. ان جو پٽ لاکو ۽ ان جي پٽ جو نالو پلي هو. جنهن جي اولاد کي "پلي" چون ٿا. نهڙين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پلي" آهي. پلي ذات وارا نوابشاهه ضلعي ۾ اڪثر ڪري ڪچي واري حصي ۾ وينا آهن. جيڪي چون ٿا ته اسين ملاح آهيون. انهن مان ڪجهه پاڻ کي درس ۽ حيدري به چوائين ٿا. پلين جا خاص پاڙا آهن. اڀا. هُنگيرائي. ميراڻي. ڪاملاڻي. طيباڻي. مليااڻي. رمضاڻي. باگڙي. حيدراڻي ۽ ساڳراڻي. ايس. صادق علي جي لکڻ موجب "پلي". انڙ بن لاکي جو اولاد آهن. هڪ ٻئي تاريخي اپياس مؤجب پلي جو شجرو هن طرح آهي.





پليار: انامليِ پهاڙ جا رهاڪو. وحشي هندو آهن. مسلمانن ۾ پڻ "پليار" آهن، جن لاڙ واري حصي تي حڪومت ڪئي ۽ ان پنڌيان هڪ صوبي جو نالو "پليار" پيو.

پلياٹي: عمرائي رند بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پَلِيپوٹا: وڏي پليءَ جي پٽ جا پٽ آهن. پنهنجي ڏاڏي جي نسبت سان پاڻ کي ان جا پوٽا چوائين ٿا. هي سنڌ جا سما آهن.

پليجا: معنيِ پليءَ جو پٽ. پلي سنڌ جو سمون آهي. پليجا ان جو اولاد آهن. تاريخي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪينجهر ڍنڍ تي ملاح ۽ گندرا رهن ٿا. جيڪي سنڌ جي سمن جا مائٽ هئا. پليجا بہ انهن جا واسطيدار آهن، جيڪي ڪينجهر ڍنڍ، هاليجي ڍنڍ ۽ ڪاري ڍنڍ جي آسپاس آباد آهن. ڏٺي ۾ جهرڪن جي پرسان ماجيراءِ جي ماڙي واري جبل جي ڪَرَ ۾ پليجا قوم جو هڪ وڏو قبرستان آهي. جنهن ۾ پليجا راڄ جي چگي مڙس انور بيگ جي بہ تربت آهي.

ايس. صادق علي جي لکڻ موجب ناهيا سما ۽ پليجا رائڏڻ جو اولاد آهن. هڪ ٻئي تاريخي اپياس مؤجب پليجا، ڄام لاکي جي اولاد مان آهن، جن جو شجرو هن طرح آهي.



ايس. صادق علي پنهنجي لکيل ڪتاب جي صفحي 42 تي لکي ٿو تہ ڀگهيا، ڏيپر، ڏيٽا، ساهڙ، لاکا، هنگورا، اڇ، مگٽيپوٽا، برا، پٽا، ارادين ۽ پليجا، جاکري جو اولاد آهن ۽ هي سڀ پاڻ ۾ پائر آهن. ڏاها هنن کي سما ۾ ملاح چون ٿا. اگهيم، پليجن جو خاص پاڙو آهي.

پَليجاڻي: پليجا ذات مان قتل هڪ ذات جو نالو.

پليدائي: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

پَمناڻي: هندن جي ذات آهي، رسالہ ڏرم درشن (1915ع) جو مصنف هاسارام هن خاندان مان هو. هي "بجاج" نک مان اروڙ ونسي آهن. روهڙيءَ ۾ رهندڙ آهن.

پنا: مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

پُـنـَـا: سما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پناهگير: اصل ۾ ڪا ذات ڪانهي. 1947ع ۾ پاڪستان آزاد ٿيڻ وقت هندستان کان لڏي آيل مهاجرن اچي سنڌ ۾ پناھ ورتي. ان پناھ جي نسبت سان هي پناهگير سڏجڻ لڳا. جنهن کري عام اصطلاح ۾ هي ذات جا "پناهگير" سڏجن ٿا.

پنجابي: پنجاب کان آيلن کي "پنجابي" ٿا چون. هندن جي ستن ورنن (ذاتين) مان هڪ ورن جو نالو "پنجابي" آهي. انڊڙن، پاھڙن، واتڙا سمن ۽ ملاحن جي هڪ پاڙي جونالو پڻ "پنجابي" آهي. هي سميجا ڪل مان آهن.

پنجابي واتڙا: سما آهن، جيڪي هوڻي بن انڙ بن سمون جو اولاد آهن.

پنَجاپي: پھوڙن ۽ سرڪين جي هڪ پاڙي جو نالو.

پنجاڻا: زرداري ذات جو هڪ پاڙو.

پنجاڻي: سومرن جي هڪ پاڙي جو نالو. خيرپور ضلعي ۾ اچڻ وينا آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پنجاڻي" آهي. ضلعي لاڙڪاڻي ۽ دادو ۾ چاندين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پنجاڻي" آهي. "جنب گذاريم جن سين" (صفحو 409) تي لکيل آهي تہ پنجاڻي، کوسن جي لاڻي (اسحاقاڻي) پاڙي جي شاخ آهن.

پَـنجڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پَـنجـُو ابڙو: سما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو آهي ۽ آبڙ ۾ ٿا اچن.

پنجو ابڙو: هندن جي هڪ ذات جو نالو. ان کان سواءِ آهوجا هندن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پنجو ابڙو" آهي.

پَـنجواڻي: خوجن جي هڪ پاڙي جو نالو. هندن ۾ پڻ "پنجواڻي" آهن. هي پائي پنجومل جو اولاد آهن. مشهور تعليمي ماهر پروفيسر راءِ پرتابراءِ هن کيڙ مان هو. سنيا ذات وارن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پنجواڻي" آهي (ضلعو ٺٽو).

پنجوڻا: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. جيڪي آبڙ ۾ ٿا اچن.

پَـنـجي پائي خوجا: هي آغا خان جي فرمان هيٺ هوندا آهن. انهي کي "زڪوات" ڏيندا آهن. ڏينهن ۾ ٽي دفعا نماز پڙهندا آهن. هنن جي عالمن کي مکي ۽ پگٽ چون ٿا. هي اصل ۾ ڪشميري چڪ هندو ۽ لوهاڻا هندو هئا. جن سيد صدرالدين جي هدايت تي دين اسلام قبول ڪيو. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. مومناڻي 2. پيرواني 3.ٽيجاڻي 4. ڏاتواڻي 5. فدواڻي 6. هفداڻي 7. حاجياڻي 8. اسماعيلاڻي 9.قاسماڻي 10. ميان ناڻي 11. ميرلياڻي.

پنجاھ: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو. جيڪي ضلعي نوشهري فيروز ۾ رهن ٿا.

پندراڻي: بروهي قوم جي هڪ تمن جو نالو آهي. هي جهلاواني بروهي آهن. راءِ بهادر هتورام جي لکڻ

موجب "پندراڻي"، رند بلوچ آهن. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 98 موجب پندراڻي، رندن جو پاڙو آهي. وادي پندران ۾ رهڻ ڪري "پندراڻي" سڏجن ٿا.

پندراڻي زئي: رئيساڻي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

پنڊت: برهما (برهمڻ) آهن.

پنڊت پوٿا: لهاڻن جي هڪ نڪ.

پنڊلوت: ميوا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

پندوخ زئي: شهواڻي بروهين جي عمراڻي قبيلي مان هڪ تمن جو نالو.

پنڊير: هي دهيما (Dahima) شاهي نسل راجپوتن مان آهن.

پنر: ٿر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو. اهي اڪثر ڪري مال پالين ٿا.

پنرايو: ڪوڪرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پنڑ: مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

پُنڑ: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

پنڑا: سمن جي هڪ ذات جو نالو.

پَنگريا: مسلمان ذات آهي.

پنگلاٿا: ناڪرن جي هڪ ذات. هي اصل ۾ ڪانگڑا جا رهواسي آهن. ڪنيت ۽ ذات ۾ پڻ "پنگلاٿا" آهن.

پنوار: ڪتاب "شاهان گوجر" صفحي 183 تي لکيل آهي تہ "پنوار" سوم بنسي راجپوت نسل مان آهن. پوڙ، پلوت، پنيلا (يوملا) ۽ جکڙ هنن جا خاص پاڙا آهن. ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" ۾ لکيل آهي تہ پنوار يا پرمرا (parmara) اگني ڪُل راجپوت نسل مان آهن، جن کي "جٽ" بہ چون ٿا. هنن جو اصل وطن روهتڪ، حصار ۽ مارو٠ سنڌ آهي. ڪراچي شهر ۾ راقم الحروف هنن سان ملاقات ڪئي آهي. ڪراچيءَ ۾ هزارن جي تعداد ۾ رهن ٿا.

پنواڻي: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو. هي اڪثر ڪري واپار ڪن ٿا. هي "لينجهار" نڪ مان آهن. سنڌن وڏي جو نالو پنهون مل مهتابراءِ ناڪرداس هو. ان پڻيان "پنواڻي" سڏجن ٿا. پنهون مل جو پاءُ گلراج مل هو. جنهن جو اولاد "گلراجاڻي" سڏجي ٿو.

پنون: جٽ راجپوتن جي هڪ ذات.

پنوهار: پنوهار جي اصطلاحي معنيٰ آهي ڪرين ۽ رڍن چارڻ وارا مارو ماڻهو. ليڪن پنوهار، پنهور آهن.

هنن جو وڏو مير پنوهار سردار هو. جنهن سن 1108 هـ /1696ع ۾ مير نصير خان ۽ 1113 هـ / 1706ع ۾ ميان دين محمد سان لڙائي ڪئي هئي. بعد ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي هنن جي حد ۾ خدا آباد جو شهر اڏايو هو. پنوهار سنڌ جا سما آهن.

پنوهر (پنهور - پهنور): پنوهر عرب آهن. جيڪي (والده بيبي حليمه دائي نبي صلعم) حارث (بني حارث) جو اولاد آهن. هي محمد بن قاسم سان گڏ آيا هئا. سنڌ فتح ڪرڻ ڪان پوءِ سنڌ ۾ رهجي ويا. هنن جي سردار جو نالو "ميرپنوهار" هو. پنهور. ميان يار محمد ڪلهوڙي جي اثر هيٺ هئا. سندن عزازت برفتن ۽ جوڪين سان هئي. (قديم سنڌ. مرزا قليچ بيگ ص 304). ايس. صادق علي. پنهورن کي سما قبيلي مان چاٽايو آهي. جن جا خاص پاڙا آهن. 1. اچڙا. 2. اباڻي. 3. بدري. 4. باگراڻي. 5. بنداڻي. 6. پاتڙا. 7. پوڄڙي. 8. پوڙاڪا. 9. بلاڻي. 10. بلاڻي. 11. چدي. 12. چنهاڻي. 13. گابرڪلاڻي. 14. گرگلاڻي. 15. هيرا. 16. ڪاڪا. 17. ڪٽوبراڻي. 18. ڪانڙا. 19. ڪُچ. 20. لڏاڻي. 21. لنگاڻي. 22. ماهيا. 23. مالها. 24. نوڙي. 25. سيداڻي. 26. ٿوري. 27. عمراڻي. 28. مماڻي. 29. دوداڻي. 30. ڪارڙا. 31. شيخ پنهور. 32. پرڻ. 33. ڪمالاڻي. 34. يوسفاڻي. 35. هيسباڻي. 36. ڏوتڙ. 37. پنهڻ پوتا. 38. ڪاراڻي. 39. عيساڻي. 40. ملوجا (ملوجا) ۽ 41. طالباڻي. ڪراچيءَ ۾ راجپوت مسلمانن جي هڪ پاڙي جو نالو "پنوار" آهي. جن جو چوڻ آهي ته اسان "پنهور" آهيون. اسان جا عزيز راجپوتانا ۾ رهن ٿا. جيڪي پاڻ کي پنهور ۽ پنوار سڏائين ٿا.

پنهاڻي: ڪاڪيپوٽن (سما) جي هڪ پاڙي جو نالو. هندن ۾ پڻ "پنهاڻي" آهن.

پنهو: سما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پنهوار (پهنوار): سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. پهنوار. پراڪرت لفظ پهو ۽ سنسڪرت لفظ پشو تان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. ڏڻ - آر يعني ڏنار. ٻڪرار.

پَنهيار (پهنيار)، پنهار: پهنورن مان قتل هڪ ذات جو نالو. هي سمات سڏجن ٿا. هن ذات جا خاص پاڙا آهن: 1. باگراڻي 2. بائيداڻي 3. پلاڻي 4. ڏيڏرا 5. گادا 6. عيساڻي 7. ڪابورا 8. لاڪيپوتا 9. ماهيا 10. ردي 11. راجائي 12. راموتا 13. تلاڻي 14. سقا

پنهيار لفظ جي لغوي معنيٰ آهي. پاڻي پيارڻ وارا مارو. جيڪي مشڪن ۾ پاڻي پري مال چارينڊا وتندا آهن. هنن کي سقا ۽ بهشتي به چون ٿا.

پني: افغانن جو قبيلو آهي. هنن جي هڪ پاڙي جو نالو "باروزي" آهي. سنڌ ۾ ڪافي هندن تي رهن ٿا.

پِنيا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پنيار: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

پنياڻي: ڇهڙن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پني لڏيپوتا: حملاڻي برفتن جو پاڙو آهي، هي حاجي بن اوٽيمان بن حمل جو اولاد آهن. ڏيناڻي ۽ جئند پوٽا پٽ حاجيءَ جو اولاد آهن.

پٽي: سبيءَ جا پناڻ آهن، جيڪي لڏي اچي شڪارپور ۾ وينا، جن مان ميرزا خان پٽي ۽ بختيار خان پٽي مشهور هئا.

پوار: پرمار راجپوتن مان آهن (ڪتاب دائره معارف اسلاميه ص 97).

پوانيا: جٽن جو هڪ پاڙو. هي اصل ۾ پٽيالا، حصار ۽ روهتڪ جا رهواسي آهن.

پونا: هڪ مسلمان سماڻ ذات جو نالو. تعلقي موري ۾ جتوئين جي پرسان هن ذات جي پنيان هڪ ڳوٺ جو نالو پونا آهي.

پوپٽ: لهاڻن جي هڪ نڪ جو نالو. واڌواڻي ۽ موٽواڻي هن نڪ مان آهن.

پوپٽاڻي: ڪرمتين جي ڳورئي شاخ مان هڪ پاڙو.

پوپرائي: پوپرو مڇيءَ جو قسم آهي، ان نسبت سان هي پوپرائي ملاح ۽ مهاڻا سڏجن ٿا.

پوپل زئي: پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو. هن پاڙي مان مدد خان پوپلزئي ۽ پاينده خان پوپلزئي، شاهه شجاع جي طرفان شڪارپور جا گورنر مقرر ٿيل هئا.

پوچاريا: "تلهر" نڪ مان هڪ هندو آکيڙ. هي ڪٽواڻي به سڏجن ٿا.

پوچيا: ڏري مينگهواڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پوداڻي: مزاري بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو رستماڻي آهي، ان رستماڻي جي هڪ تمن قيصراڻي مان "پوداڻي" آهن.

پوراني: سيد آهن، سنڌ ۾ خاص طور ٺٽي ۾ رهن ٿا، ارغونن جي دور ۾ سيد جلال الدين ابو سعيد شاهه هرات جي "پوران" ديهه کان لڏي اچي ٺٽي ۾ رهيو، پوران جي نسبت سان "پوراني" سڏجڻ لڳا.

پورڙ: سما ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

پوڙ: راجا سوم بنسي جي اولاد مان پنوار ۽ جکڙ آهن. پنوارن مان پوڙ آهن، جيڪي پاڻ کي راجپوت چوائين ٿا. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

پوزهي: رندن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پوستي: چاچڙن جي ڇٽا قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو.

پوسرا: هندو پرمارن جي هڪ ذات جو نالو.

پوسوال: گوجرن جي هڪ ذات جو نالو.

پوڦاٹي: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

پوڪاڻ: هندو پرمارن جي هڪ ذات جو نالو.

پوڪاٹا: پاٽيا واڻين جا پروهت آهن. هي پنج دراويد قوم جي "تلينگا" ڪُل مان آهن. وشنو جي اوتار مهاراج جي پوڄا ڪندا آهن. هي سنڌ جا اصل برهمڻ آهن. عام چوٽي آهي ته پوڪاٹا. تپشور نالي هڪ برهمڻ ۽ هڪڙي مهاڻيءَ جي حرام اولاد مان آهن.

پوڪرنا: پرمارن جي هڪ ذات جو نالو.

پوگهه: رندن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پونجاني: ڪچ پُڄ کان آيل ميمڻ آهن.

پونـجاٹي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي (بحوالہ: تاريخ سجاول).

پوهيتاٹي: مزاري بلوچن جي مسيداڻي قبيلي جي هڪ شاخ آهي. جيڪي پاڻ کي "پوهيتاٹي" بلوچ چوائين ٿا.

پوئيتي: بروهي قوم جي هڪ تمن جو نالو.

پويا: پرمار هندن جي هڪ ذات جو نالو.

پهڙ: سما خاندان جي هڪ ذات جو نالو.

پهلان زئي: محمد شهي بروهي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

پهلاڻي: پاهڙن (سما) جي هڪ پاڙي جو نالو.

پهلوان زئي: بروهي قوم جي مينگل قبيلي جو نالو.

پهنواري: انڍڙ قبيلي جو هڪ پاڙو. پني عاقل طرف رهن ٿا.

پهوجا: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو. هي اروڙ ونسي آهن. جهانگياڻي ۽ چٹناڻي به هنن مان آهن.

پهوڙ: مسلمان ۽ سمات آهن." تاريخ ديرد غازي خان" ۾ ڪين جت لکيو ويو آهي. ڏهرن ۽ مهرن جا پائر آهن. سندن پاڙا هن طرح آهن:

1. چنيسر 2. گبلاڻي 3. ڪماڻي 4. لنجاڻي 5. مهچاڻي 6. پنجاپي 7. رتاڻي 8. سانگي 9. سنڌي 10. پهوڙ.

هڪ تاريخي جائزي موجب سوديا ۽ پهوڙ راجا بجيراءِ ويرم ۽ هندو پٽين جي اولاد مان آهن. جيڪي هن وقت "سمات" ۾ شمار ٿين ٿا. نهڙين جي راهواڻي وٽ مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو "پهوڙ" آهي. ٽر ۾ رهندڙ.


پهوڙن جو شجرو
حضرت نوح عليه السلام
سام
بڌ
سنگا
همهر
پاگرت
ڏيرو
اجيپار
دسرت
والده ڪسيلا
لکمڻ
رام
نواڪس
اتت
تتت
ڪنِ
(هن ڪنِ جوشهر ٻڌايو هو)
سنبوت راجا
راجپوتن جو ابو
سام
جادم
هسيت (سنڌ جي سمن جو ڏاڏو)
ڪجپت (ڇغدن جو ڏاڏو)
پويت (پٽين جو ڏاڏو)
چوڙو (چوڙا سمن جو ڏاڏو)
بجيراءِ
(مهر - ڏهر)
ويرم
سوڍو
اولاد سوڍا
ڏهر
مهر
پهوڙ
اولاد پهوڙ

پياخيل: لوڏي پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پياداڻي (پياواڻي): گورچاڻي بلوچن جي بازيگر پاڙي مان هڪ قري جو نالو.

پيالا: هڪ مسلمان سماڻ ذات. هالن ۾ رهندڙ آهي.

پيٽو: گجو قبيلي جو هڪ پاڙو.

پيٽ ڦاٽا: کلهوڙن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

پيٽي : خاصخيلين جو هڪ پاڙو.

پيچوها: سما قبيلي جي هڪ پاڙي (ابڙا) جو نالو. سنڌ ۾ تمام ٿورڙائي ۾ آهن. دادو پرسان هنن جو هڪ وڏو ڳوٺ آهي. هنن جون خاص قريون/پاڙا آهن: 1. بهادراڻي، 2. بمباڻي، 3. دودائي، 4. منداڻي.

پيدازاڻي: کرمتين جي پئوا شاخ مان هڪ پاڙو.

پِير: پير سيد عبدالقادر شاهه جيلاني جو اولاد آهن. هنن جي اولاد مان پير سيد عبدالعزيز جا ٻه پٽ سيد محمد شاهه ۽ سيد احمد شاهه سنڌ ۾ 1195 هـ/1781ع ۾ آيا. ان بعد سيد غوث الثقلين عبدالقادر گيلا ني جي چوٿين پٽ سيد محمود شاهه عرف سيدنا محمد رضہ جو پٽ حافظ سليمان رضہ سنڌ ۾ آيو. انهن مان جيکو اولاد پيدا ٿيو اهو سنڌ ۾ پکڙجي ويو ۽ پاڻ کي پير سڏائڻ لڳا. ان کان پوءِ کلهوڙن جي دؤر ۾ پيران پير جو اولاد هندستان کان ٽيندو سنڌ ۾ آيو ۽ پاڻ کي "پير" چوائڻ لڳو. هي والده طرفان حسني ۽ والد طرفان حسني سيد آهن. هنن کي گيلا ني ۽ جيلا ني پڻ چون ٿا. شروع شروع ۾ هي سيوهڻ، راڻيپور، ٺٽي، سکر ۽ امروٽ ۾ اچي آباد ٿيا. سندن حسب نسب لاءِ جيلاني پيرن جو شجرو پيش ڪجي ٿو.

پيرن جو شجرو





پيراراٹي: سرمان مريداٹي برن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پيرانهي: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پيراڻاڻي: موندرن جي هڪ پاڙي جو نالو. ڪرمتين جي مهيري شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

پيراڻي: ڇهڙن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

پير پوٽا: غوث الاعظم جي پوٽن پاڻ کي "پير پوٽا" سڏايو. سيوهڻ شهر ۾ هڪ زيارتگاهه آهي. جنهن کي "پير پوٽا" چون ٿا. [1]

پيرزادا: پيران پير حضرت غوث الاعظم جي اولاد مان ڪن شهزادن پاڻ کي پير جي پٽ جي نسبت سان "پيرزاده" سڏايو. اهڙي طرح سڄي سنڌ ۾ پيرزادا ذات جا باشندا رهن ٿا. مگرين ۽ پهنورن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ پيرزادا آهي. ايس . صادق علي جي لکڻ موجب "پيرزادا" قريشي آهن. متعلوي سيدن جي جراڙ شاخ مان سخي هاشم شاهه ۽ سخي پير رڪن الدين شاهه جو اولاد پڻ پاڻ کي "پيرزادا" سڏائي ٿو. (بحوالہ: ڪتاب شجرا متعلوي سادات)

پيرڪاٽي: مزاري، بلوچن جي رستماڻي پاڙي جي هڪ شاخ آهي، جيڪي ذات طور "پيرڪاٽي" بلوچ سڏجن ٿا. اهڙي طرح سان چاندين جي بجيراڻي پاڙي مان هڪ شاخ جو نالو پڻ "پيرڪاٽي" آهي.

پير محمداڻي: ڪرمتين جي پئوا شاخ مان هڪ پاڙو.

پير محمدناٽي: لاشارين جي هڪ پاڙي جو نالو، جيڪي پنهنجي ڏاڏي پير محمد جي نسبت سان "پير محمدناٽي" سڏجن ٿا.

پيرنگ: شڪارپوري پناڻ آهن، هي چون ٿا ته اسان دراني (سدوزئي) آهيون، هنن جا پاڙا هن ريت آهن:

1. عالم زئي، 2. قيصر زئي، 3. سرڪاڻي، 4. شادي زئي.

پيرواڻي: لاشاري، عمراڻي (فدائي) ۽ خوجن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

پيروخيل: ڪاسيءَ (پناڻ) جي پٽ سام جو اولاد آهن. شنواري (خيبر) پناڻن ۾ پڻ "پيروخيل" آهن.

پيروراڻي: ڪرمتين جي لجيرا شاخ مان هڪ پاڙو.

پيروز: برهماڻي بُرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پيروزاڻي: بگٽي بلوچ قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو، جنهن کي ريهيجا به چون ٿا. وڌيڪ تفصيل لاءِ ريهيجا ڏسندا. ڪرمتي جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پيروزاڻي" آهي. هي ميرپورساڪري ۾ رهن ٿا. حقيقت ۾ هي ڪرمتين جي زنگياڻي ۽ مهيري شاخن مان آهن.

---

[1] جنهن کي "سخي پاڻ سلطان" به چون ٿا. گادي نشين استاد عبدالعزيز موريائيءَ جو چوڻ آهي ته هي بزرگ حضرت مخدوم عثمان مروندي قلندر لعل شهباز سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو.

پيروز پوٽا: لسبيلي جي گونگن مان آهن. ڪتاب "بيلاين جا بول" (صفحي 44) تي لکيل آهي تہ گونگن جي وڏي ڏاڏي جو نالو جهلو هو. ان کي تي پٽ هئا. جن مان هڪ جو نالو پيروز هو. ان پيروز جي پوٽن پٽيان هن پاڙي جو نالو پيو. بُرن جي سرماٹي. مريداٹي پاڙي مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "پيروز پوٽا" آهي.

پيروز زئي: بگٽين جي پاڙي پيروزاٹيءِ مان هڪ نئين ڦٽل شاخ آهي.

پيروٹاٹي: سنيا ذات جو پاڙو آهي ۽ ٽنڊي محمد خان طرف رهندڙ آهن.

پِيري: مڪراني بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

پِيرياٹي: سنيا ذات وارن جو هڪ پاڙو آهي. اهي ٽنڊي محمد خان طرف رهندڙ آهن.

پيريزاٹي: چاندين جي هڪ پاڙي جو نالو.

پيسڪ: سنڌ جا ملاح ۽ مهاٹا آهن. ڪن جاين تي پاڻ کي مسرق بہ سڏائين ٿا. هي سنڌ ۾ تمام ٿورين جاين تي معلوم ٿين ٿا. هنن جو پيشو مهاٹڪو ۽ ملاحڪو آهي.

پيڪڙا: ملاحن ۽ مهاٹن جي هڪ ذات جو نالو.

پين خيل: آفريدي پٹاٹن جي قمبر خيل قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

پيني (پني): غورغشت بن قيص (پٹاڻ) جي پٽ دانيءَ جو اولاد آهن.

پناڻن جو شجرو




ابدال
اسپن
تور
راجل (راخڑ) رجال
سليمان بي اولاد
وزير
سليمان
ملوڻي
ڪندري
سڱي
بابو(بالو)
عيسيٰ
عدو (بي اولاد)
علي (بي اولاد)
هريپال
حلواني
دوم
زيرڪ
نور بي اولاد
ميـــر
اسحاق
يوسف
توزي
نارڪ
يعقوب
ڪيپ
ستوراڻي
ماسي (مسي) بي اولاد
الڪو
بارڪ
فوفل (پوپل)
يعقوب
تڪو
شڪور
دولت
بوستان
نورالدين
نصرت
محمد
اچڪ
عبدالله
صالح
اسماعيل
حبيب
حسن
علي خان
ايوب
ميانڻي
بابڑ
سڌاڻي
عمر
سنجر
انجر

ج

جاتو: تنوار راجپوت قبيلي جو پاڙو آهي. جاتو، رکو ۽ سترواڻ پاڻ ۾ پائر هئا. جن پنڌيان قبيلا وجود ۾ آيا. کافي مسلمان ٿيا آهن.

جاتِي: اصل لفظ "جات" (سنسڪرت) آهي جنهن جي معنيٰ ڇمڻ آهي. عربيءَ ۾ جات جي معنيٰ "ذات" آهي. جاتي، جت ذات جي هڪ پاڙي (ڪٽنب) جو نالو آهي. ننڍي ضلعي جي جاتي شهر ۽ ان جي آسپاس رهن ٿا. جاتي شهر جو نالو هن جت ذات جي نسبت سان پيو آهي. جاتي سماڻي جت آهن. جيڪي اڃ پالين ٿا. واڻ ۽ تڏا ناهين ٿا. هي جتڪي ۽ سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا.

جاٽ: جاٽ هندي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، زراعت پيشه قوم. سنڌيءَ ۾ کين "جٽ" چون ٿا. جنهن کي سنڌ ۾ "جت" چون ٿا. هي سنڌ جي کافي حصن ۾ وينا آهن. جتي پاڻ کي "جاٽ" چوائين ٿا. ٽر واري علاقي ۾ هندو جاڙيجا رهن ٿا. انهن جي هڪ پاڙي (ذات) جو نالو پڻ "جاٽ" آهي. جيڪي اڪثر ڪري پوک ڪن ٿا ۽ مال پالين ٿا. هي برهمڻ نسل مان ٻڌ جا پوئلڳ آهن. ڪتاب جنت السنڌ جي ص 53 تي فوٽ نوٽ ۾ لکيل آهي ته ڪن مورخن جو فيصلو آهي ته راجپوت، جاٽ ۽ گوجر قبيلا/قومون ستين جي نسل مان آهن. ڊاڪٽر لعل بخش نائچ ۽ چاموٽ حاجي خان چاچڙ جي تحقيق موجب، جاٽ، سوڍن راجپوتن مان آهن. جن جو حسب نسب هن طرح آهي. جاٽ بن سنڌ (ارفخشند) بن سام بن نوح بن لامڪ. جاٽ جو اولاد. بڙيال. ڪانيا. سنگڙيال. سيال. ملاڻا ۽ ورڙ آهن. (بحوالہ: رسالہ سنڌ دوست ۽ اخبار پاڪ نيوز).

جاجڪ: پراڪرت بوليءَ جو لفظ "جاپڳ" ۽ سنسڪرت بوليءَ جي لفظ "ياچڪ" تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، گهرڻ، منگتو، ٻڪاري وغيره. هنديءَ ۾ هن کي "جاچڪ" ٻ چون ٿا. جنهن جي معنيٰ آهي، ٻڌ. دهل وڄائڻ وارو. مڱڻهار. جاجڪ هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو آهي. جيڪي خوشيءَ جي موقعن تي ڳائي وڄائي ساڻ سون ڪن ٿا ۽ لاڳ ونن ٿا.

1. جاجڪ توجهار، ڏهه پيرا ڏياچ ڏئي (شاهه)
2. وڍ سر ٽئي سرهو، ۾ ڪين آءُ، ۾ ڳاءُ
جاجڪ! تومٺاءُ، ملڪ مڙوئي گهوريان.

جاجڪاٽي: جاجڪ هندن جي ذات آهي، هي پاتن، چارڻن، منگتن ۽ مڱڻهارن سان واسطو رکن ٿا. جاجڪاٽيءَ جي معنيٰ آهي، ڪيرت ڪرڻ.

بيت: جاجڪاٽي ذات، ٽئي ٽ ٽئي اڳهين. (سر: پرپاتي - شاهه).

جاجهڙجا: سمن ۽ ملاحن جي هڪ پاڙي جو نالو.

جاداڻي: جمالي بلوچن ۽ بڙدي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. سجاول، ننڍي ۾ ملاحن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "جاداڻي" آهي. (تاريخ سجاول 1984ع).

جادڻ: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. هي ملاحن جي اوڙڪ ۾ ٿا اچن.

جادو: چندربنسي راجپوت آهن.

جادواڻي: مري بلوچن جي "غزيني" قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو.

جادوبنس: هندو آهيرن جو پاڙو آهي.

جادو بنسي: راجپوتن جي هڪ ڪل آهي. جيڪي چندربنسي جي هڪ شاخ مان آهن. سري ڪرشن هن شاخ مان هو. هن قوم جا ماڻهو سنڌ ۾ رهن ٿا.

جارپ: گجو قبيلي جو هڪ پاڙو.

جاڙا: سنڌ ۽ ڪچ جي سمن مان رائڻڙ کي نو پٽ هئا. انهن مان پلي نالي پٽ کي به پٽ هئا. وڏي پٽ جو نالو ساند هو. جنهن کي وري ست پٽ هئا. انهن مان هڪڙي پٽ جو نالو "جاڙو" هو. جنهن جي اولاد مان ڪجهه ماڻهن پاڻ کي ذات جا "جاڙا" سڏايو. هن وقت هي سما ۽ ملاح آهن. سنڌ ۾ ٽر ۽ ننڍي ۾ ڪاري واري حصي ۾ رهن ٿا.

شجره



جاڙاڻي: جوڪين جو هڪ پاڙو. ڪرمتين جي لجيرا شاخ ۽ سوماراڻي شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

جاڙواڻي: پرڳڙي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. مير جتن ۾ پڻ آهن.

جاڙوزئي: جتڪ بروهين جو پاڙو آهي.

جاڙيپوتا: جاڙي جي پٽ جا پٽ. هي سنڌ جا سما ۽ ملاح آهن.

جاڙيجا: معني جاڙي جو اولاد (پٽ). سنڌ گجرات، ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ جي سمن مان نر پٽ. ڇهين پيڑهيءَ ۾ اڏو. انهن پيڑهيءَ ۾ لاکيار ۽ 1250ع ڌاري لاکو گرڙا ٿي گذريا آهن. لاکو گرڙا کي اٺ پٽ هئا. انهن مان هڪڙي پٽ جو نالو "انڙ" هو. جنهن کي پنهنجي بن پائرن موڙو ۽ منهيو گڏجي قتل ڪيو هو. ان انڙ جي پٽ جو نالو "تماچي" هو. تماچي جي پٽ جو نالو ساند ۽ ساند جي پٽ جو نالو "جاڙو" هو. ان جاڙي جي اولاد کي "جاڙيجا" چون ٿا. ڄام ڪنگهار جاڙيجا خاندان جو اڳواڻ هو. هي جاڙيجا خالص سما آهن.

باقي بين نسلن مان جاڙيجا سنڌ جا سما ۽ ملاح آهن. سنڌ ۾ رهندڙ هندن جي هڪ ذات جو نالو پڻ "جاڙيجا" آهي، جنهن جي هڪ پاڙي جو نالو "جات" آهي. جاڙيجا سنڌ جا درباري ماڻهو هئا. سوائي ٻه هنن مان آهن، حقيقت ۾ جاڙيجا راجپوت آهن. جيڪي چندربنسي(يادو) ڪل مان آهن. شجرو:



جاڙيجا هن جو اولاد آهن.

جاڙيجاٽي: هوتياٽي ذات جو پاڙو آهي. هي سما آهن. جن جو واسطو ملاحن سان آهي.

جاڪتيا: ٿر ۾ رهندڙ پيلن جي هڪ ذات.

جاڪرا: سمن، ملاحن، مهاڻن ۽ پاڙهن (ملاح - ابڙا) جي پاڙن جو نالو آهي. هنن جو ٻڌ بنياد ابولهب. سمن ۽ انڙن سان ملي ٿو. ايس صادق علي لکيو آهي ته انڙ ولد سمون کي 28 پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "جاکرو" هو. جاکرا ۽ جکرا ان جو اولاد آهن. جن مان ڀگهيا، ڏيپر، ڏيٽا، ساهڙ، لاکا، هنگورا، اڇن،

مگنيپوتا. پرا. پتا. اراڏين ۽ پليجا پڻ آهن. ننڍي ضلعي ۾ اڪثر ڪري هي ڏنڊن جي سڀاري ويندل آهن. جوڪين جي سالار قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "جاڪرا" آهي. ليڪن هي ملاح نه آهن. ملاحن جي اوڙڪ مان جاڪرو ۽ جڪرو ذات جي لفظي تڪرار. تڪراءَ ۽ اچار جي تميز بالڪل ختم ٿي ويئي آهي. هر ماڻهو جاڪرو ۽ جڪرو لفظ کي هڪ ئي تلفظ سمجهن ٿا. جنهن ڪري لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ به ڪو فرق نه رهيو آهي. بهرحال جاڪرو ۽ جڪرو هڪ ئي ذات جا به نالا آهن. ليڪن مفهوم ساڳيو آهي. ڪي هنن کي عرب ۽ رانوڙ به چون ٿا. هڪ حوالي موجب جاڪري کي حُسنُ، حُسَنَ، همند، سرماڻ ۽ منجهون پٽ هئا. جن جي اولاد پنيان جاڪرن جي پاڙن جا نالا پيا. حُسنُ شاخ جا مکيه پاڙا. آرماڻي. پيرزاداڻي. حسينياڻي. سوديپوتا ۽ قابلاڻي آهن. حُسَنَ شاخ جا مکيه پاڙا ڪلي پوتا. مصلي پوتا. مگ ٽرپوتا. ڪريڙ پوتا. غلامي پوتا. شاهي پوتا. براهم پوتا. عارباڻي (لسڙا) منگر پوتا. سنجهي پوتا. پنيي پوتا. عيباڻي. پيروز پوتا. گوبڏايا گوبلا آهن. منجهئان شاخ جا مکيه پاڙا. هلي پوتا. مري پوتا. تماچي پوتا يا تماچياڻي. خاقوئاڻي. مڪڻاڻي. مينهن وساڻي. هوتياڻي زيد پوتا. بجارپوتا. بُلڪ پوتا. بيگ پوتا. راولاڻي. ڏيوڙاڻي. الله ناڻي. سڪي پوتا. لڏاڻي. لال خاناڻي. دڙبا. درياخاناڻي نانگراڻي ۽ ميرواڻي آهن. همند شاخ جا مکيه پاڙا اوتا. آريجا. باجي پوتا. سنبڪ پوتا. قمبر پوتا. للي پوتا. مهمند پوتا ۽ هيجب آهن. سرماڻ پوتا شاخ مان مير پوتا آهن. ان کانسواءِ روڏاڻي. پنهون پوتا. گندرا. پچين پوتا. هارڙ پوتا. عيسب پوتا. ملاراڻي. منجهواڻي. منجهو ۽ منجها پڻ جاڪرن جا پاڙا آهن.

ڊاڪٽر بلوچ ڪتاب سومرن جو دور (ص 370) تي لکيو آهي ته جاڪرا سومرن جو پاڙو آهي. هي سومرا گبر بن محمد سومري جو اولاد آهن.

جاڪراڻي: داين جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

جاڪرائي: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هنن جي نسبت "جاڪرن" سان آهي.

جاڪريا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سندن نسلي لاڳاپو جاڪرن سان آهي.

جاڪڙ: هي چوهان راجپوت جو اولاد آهن. چوهان راجپوت هڪ جت عورت سان شادي ڪئي. جنهن مان ڪيس چار پٽ جاڪڙ. سانگوان. پيرو ۽ قاديان ٿيا. جن پاڻ کي "جٽ" سڏايو. ڪافي مسلمان ٿيا آهن. جاڪڙ ۽ جڪڙ ذات هڪ ئي معلوم ٿي ٿئي. وڌيڪ معلومات لاءِ "جڪڙ" ذات ڏسڻ گهرجي.

جاگا: سنڌ جي سمن جي هڪ پاڙي جو نالو. تر ۾ هندو راجپوت رهن ٿا. انهن ۾ پڻ "جاگا" ذات وارا آهن. پٽن ۾ پڻ "جاگا" آهن.

جاگر: هڪ مسلمان سمات ذات جو پاڙو آهي.

جاگرا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

جاگراڻي: مگسي بلوچن ۾ سڏاين (سمن) جي هڪ پاڙي جو نالو. جتڪ بروهين ۾ پڻ "جاگراڻي" آهن.

جاگري: جي لفظي معنيٰ آهي. جاڳڻ (هندي) وارو. مارواڙ کان لڏي آيل ماڙيچا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. ڪي مسلمان آهن ته ڪي اڃان هندو آهن. تر جي علاقي ۾ رهن ٿا.

جاگو: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

جاگواڻي: لاشاري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

جاگورا: سما آهن.

جاگيراڻي: مرزا قليچ بيگ ڪتاب قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو ۾ (ص 300 ۽ ص 301) تي لکيو آهي. ته جاگيراڻي بڙدي بلوچن جي سرپرست اعليٰ زيندي خان جي پٽ سندر خان جو اولاد آهن. ايس صادق عليءَ جي لکڻ موجب "جاگيراڻي" بڙدين جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. مرزا صاحب کوسا قبيلي جا ڇهه پاڙا لکيا آهن. جن مان هڪ پاڙي جو نالو "جاگيراڻي" لکيل آهي. ڪنهن به ڪتاب جي اڀياس مان معلوم نٿو ٿئي ته "جاگيراڻي" رند آهن. ليڪن جاگيراڻين کان چوندي بڌو ويو آهي ته اسين جاگيراڻي "رند" آهيون. جاگيراڻيءَ جي لغوي معنيٰ آهي. زميندار. جاگيردار وغيره. سمات ملڪاڻين ۾ پڻ جاگيراڻي آهن.

جاگيل: بهاولپور (پنجاب) کان لڏي آيل کوسا بلوچ آهن.

جاڳر: جي معنيٰ آهي. جاڳڻ وارو. اوجاڳو ڪرڻ وارو. هي سنڌ جا سما آهن.

جاڳري: ماڙيچا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

جاڳمياڻي: ڏاريجا چاچڙ قبيلي مان آهن. جيڪي سنڌ جي اترين حصي ۾ درياءَ جي وٽ سان رهن ٿا.

جاڳڻ: لفظ پراکرت جگڻ ۽ سنسڪرت جاگرڻ مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. سجاڳ يا ننڊ مان اٿڻ. جاڳڻ سنڌ جا ملاح آهن. ڪن ڪن جاين تي هندو به آهن.

جاڳواڻي: ڪرمتي جتن جي زنگياڻي شاخ جو هڪ پاڙو

جال:هندو چمارن جو هڪ پاڙو آهي.

جامبري: ڪرمتي جت بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

جامڪاڻي: شنباڻي بلوچن جو هڪ پاڙو. هي شيهڪ بن شنبو جو اولاد آهن.

جاميا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جاناڻي: ڏيا (سما) ذات جي هڪ پاڙي جو نالو.

جانباز: فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، جان قربان ڪرڻ وارو، دلير، جفاڪش، ايران کان لڏي آيل هڪ ذات جونالو.

جانجهَڙ: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

جانداراٹي: ڪرمتين جي ٻئوا شاخ جو هڪ پاڙو.

جان زئي: خرشيون پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

جان شاهي: روهڙي وارن رضوي سيدن جو پاڙو، جيڪي سيد جان شاهه جو اولاد آهن.

جانواٹي: ملاح ۽ مهاٹا آهن. (تاريخ سجاول ص 346). ٽنڊي محمد خان ۾ سنيا وينا آهن، جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "جانواٹي" آهي، ميمڻن ۾ پڻ آهن. ڪرمتين جي ٻئوا شاخ مان پڻ "جانواٹي" آهن.

جانوري (جانو هري): ايس. صادق عليءَ جي لکڻ موجب ڪرمتي ۽ چانديا، هوت ولد مير جلال خان بلوچ جو اولاد آهن، جانوري ان ڪرمتي بلوچن مان آهن، ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ "جانوري" چاندين جي هڪ شاخ آهي، جنهن جو مورث اعليٰ "ڏيرڙ" خان چانديو هو، جيڪو نواب غيبي خان جو خاص ماڻهو هو، جنهن هڪ سولنگي سردار کي ماري ان جي تلوار کڻي اچي نواب کي ڏني هئي، جنهن تي نواب هن کي "جنجهوري" جو لقب ڏنو جيڪو بدلجي "جانوري" ٿيو، جنهن بعد هي "جانوري" سڏجن ٿا.

پهاڪو: جانوري نہ ٿانوري، نہ نہ ڇڏا نوري.

جانورين جا خاص پاڙا آهن: 1. بُلنداٹي 2. بناٹي 3. بهاوالداٹي 4. جنگناٹي 5. چولياٹي 6. چٹاٹي 7. حملاٹي 8. دائوداٹي 9. دوداٹي 10. رجياٹي 11. رحيماٹي 12. زهراٹي 13. سوماراٹي 14. شيراٹي 15. صادقاٹي 16. صالحياٹي 17. گلماٹي 18. گوماٹي 19. معارفاٹي 20. مهراٹي 21. ميواٹي 22. وڙياٹي ۽ 23. وليداداٹي.

جانورياٹي: ڪوسن جي هڪ پاڙي جو نالو.

جانوٹاٹي: سنيا ذات جو هڪ پاڙو آهي، هنن کي "ڪڙ" چون ٿا، ٽنڊي محمد خان ۾ رهن ٿا.

جاني: سمن جو هڪ پاڙو آهي، جاني لفظ جي معنيٰ آهي، پياروء دلربا، محبوب، معشوق وغيره، هي فارسي لفظ آهي. راءِ بهادر هتورام لکيو آهي تہ "جاني" ڪورائي قبيلي جو پاڙو آهي.

جانياٹي: ڪرمتين جي لجيرا شاخ جو هڪ پاڙو.

جانيگاٹي: چولياٹي چاندين جو هڪ پاڙو آهي.

جاوتيا: سماٹ ميمڻن ۽ سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

جاوداڻي: رند بلوچن جو هڪ پاڙو.

جبال: اعوائن جو هڪ پاڙو. هي بيرام خان جي پٽ جمال خان جو اولاد آهن.

جبريہ: عربي لفظ آهي. جنهن جي لغوي معنيٰ آهي. "بنده" پنهنجي ڪم ۾ خودمختار نہ آهي. جبريا عرب آهن. جيڪي محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيا هئا. جن مان شيخ طائي درويش هالائيءَ وارو نهايت مشهور هو. جبريہ عرب جي حريا شاخ مان آهن ۽ سنڌ ۾ شيخ سڏجن ٿا.

جبلاڻي: بڙدي بلوچ آهن. جبل ۾ رهڻ جي نسبت سان سندن نالو "جبلاڻي" پيو آهي.

جبلي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. تعلقي سجاول ۾ رهن ٿا.

جبوجا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. ٺر ۾ رهن ٿا.

جَتَ: جت نهايت قديم قوم آهي. جيڪا سنڌو درياءَ جي ڪپن تي رهندي هئي. ذاتين جي ماهرن هن قوم کي سنڌ جا سمات لکيو آهي. سنڌ ۾ شاهبندر. جاتيءَ سيوهڻ جا جت نهايت مشهور آهن. جتن کي جت. جٽ. جاٽ. زُط ۽ جدگال جي نالن سان سڏيو وڃي ٿو. هن وقت سنڌ ۾ مروج نالو "جت" آهي. هندو جاٽ. جٽيا. چون ٿا. عرب زُط. الاساوره. السياهه بج. الاندغار ۽ مڪران وارا جدگال چون ٿا. جد جي معنيٰ جت ۽ گال جي معنيٰ ڳالهه آهي. يعني جتن جي ٻولي. جت ۽ جدگال هڪ آهن. فارسي وارا جات ۽ ملاغسي زبان ۾ اڏن. اجت يا اجتہ چون ٿا. سنڌ جي سماٽي جتن جون مکيہ اوڙکون. لاکاڻي جت. چام لاکي جو اولاد. فقيراڻي جت. فقير سانول جو اولاد ۽ بجار پوٽا. چام بجار جو اولاد آهن. اهي جت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهن. جن جو ذڪر سڪندر اعظم سان گڏ آيل مورخن ڪيو آهي. بمبئي انٽراپالاجيڪل جرنل 1930ع موجب جت سنڌ جا اصل باشندا آهن. جن جو ذڪر موهن جي دڙي جي آثارن مان پڻ ثابت آهي. تاريخ مظهر شاهجهاني. تاريخ معصومي. بيگلارنامہ. تحفتہ الڪرام. مرزا قليچ بيگ. مولاڻي شيدائي. ڊاڪٽر مرلي ڊر جيٽلي. غلام رسول مير جت. محمد پرويز شاهين. انور بيگ اعوان. بيليو. آرل اسٽين. سورلي. سمٿ. هيوز بلز. اينڪن ۽ ڊاڪٽر ايچ تي لئمبرڪ جي لکڻ موجب. جيڪي اڃ تي بار بردار. لڏ پلاڻ. سواري وغيره جو ڏندو ڪندڙ ماڻهو هئا (آهن). انهن کي "جت" سڏيو ويو آهي ۽ هي سنڌ جا اصل باشندا آهن. ڪن ڪن علائقن ۾ هنن کي "گوجر - گجر" پڻ چيو ويو آهي. **جتا جت زاده وجت مهر بونم.**

جت اصل ۾ جاٽ هئا. هي قريون ڪندا هئا. جنهن ڪري ماڻهو سندن نالا باربار ڏهرائيندا هئا. جنهن ڪري جاٽ مان "جت" ٿي پيا. ويدڪ. راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ جي زماني ۾ بہ جت سنڌ ۾ آباد هئا. 1962ع ڊاري جرمنيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر زيگ رد ريست فال ۽ ڊاڪٽر هائنس ويست فال سنڌ جي جتن تي تحقيق ڪئي هئي ۽ انهن هڪ ڪتاب The Jats of Pakistan لکيو هو. هنن جو چوڻ آهي تہ جت قوم جا

ماڻهو (سنڌ وارا) عراق ۽ عربستان ۾ آباد آهن، جن کي "مدان" چون ٿا، جيڪي خانبدوش آهن، هي تڏا ۽ واڻ ناهين ٿا، انن تي بار ڏوئين ٿا. سنڌ جا جت چورن جا پيرا کڻن ٿا، نکتن جي مدد سان موسم جي اڳ ڪٿي ڪن ٿا، جت سنڌ جا سماٽ آهن. انهن مان 19 صديءَ ۾ ملڪ زوراور خان جت وارا هيءَ جو حاڪم هو. جتن جا سردار ملڪ محمد صديق جت ۽ ملڪ غلام حسين ولد جهان خان جت پاڻ کي "سماٽ" سڏائين ٿا. هي چون ٿا ته اسان سنڌ جي سمي جو اولاد آهيون. جتن جي سردار کي "ملڪ" ۽ ان جي رهڻ واري هنڌ کي "ملڪ راڄ" چون ٿا. ڪٿي ضلعي ۾ جاتيءَ واري هنڌ کي "ملڪ راڄ" جي حيثيت مليل آهي. جاتيءَ تي نالو به جتن جي نسبت سان پيل آهي. انهن جتن جي پنجن برادرين محمد بن قاسم جي مدد ڪئي هئي. جنهن ڪري هن مسلمان فاتح کي سنڌ فتح ڪرڻ ۾ سهولت ٿي هئي.

ڪتاب پاڻي وياڪرڻ ۾ ٿي هزار سال اڳ جي جتن جو بيان ٿيل آهي ته "جت" نج سنڌي آهن. ڪتاب History of The Kalika-Rajan Qanungo, Klkata 1925 ۾ لکيل آهي ته سماٽي جت، هماليه، سنڌ، پشاور، بلوچستان، مڪران، افغانستان، ڪوه سليمان، عراق، عربستان، ايران ۾ پکڙيل آهن. ڪتابن ۾ لکيل آهي ته محمد بن قاسم سان جن جتن منهن اٽڪايو هو، انهن جا ٻيڙا پري عراق ۽ بصره روانا ڪيا ويا هئا، جيڪي واسط، مدان ۽ بصره ۾ آباد ٿي وينا. ايران جي بندر عباس واري حصي ۾ پڻ سماٽي جت رهن ٿا.

مير چاڪر خان بلوچ جي زماني ۾ بلوچستان ۽ مڪران ۾ گهڻ درجي ۽ ذاتين وارا بلوچ رهندا هئا، جن وٽ اٽ هئا، انهن کان مير چاڪر خان بلوچ جنگين دوران جنگي سامان، لڏ پلاڻ جو سامان کڻايو ۽ قافلن جي صورت ۾ سفر ڪندا رهيا، جنهن نسبت سان اهي انن وارا "جت بلوچ" سڏجڻ لڳا. هي جت سماٽ نه آهن، سنڌ جا جت پنهنجو پاڻ کي پڌائڻ خاطر بلوچ سڏائين ٿا. ليڪن اها سندن عظيم ڀل آهي. غلام رسول مير جت "جتن جي تاريخ" لکي هئي، جنهن ۾ هن لکيو آهي ته بلوچستان ۽ مڪران وارا جت اصل ۾ سنڌي جت آهن، بلوچن سان ملي پاڻ کي بلوچي جت چوائڻ لڳا. محمد هارون جت مڪران جو گورنر ٿيو ته هنن به زور ورتو، جن مان ڪن پاڻ کي "ميرجت" ۾ چورايو. جن جي اڳواڻي ڪويل ديواني جي اولاد مان راوچي هو. جيڪو مير چاڪر خان بلوچ جي لشڪر ۾ انن وارن جتن جو سربراهه هو. وفاداري سبب کيس چاڪر خان "مير جت" جو لقب ڏنو. اهڙي طرح سان اونار، نٽيار، ونگائي، ڇاموٽ، ڪاندي، مَنهون راڄ ۽ پکي راڄ جتن جا وڏا ڪيڙ آهن. جن جا سوين پاڙا آهن، جن جو احوال پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڏنو ويو آهي.

ڪلهوڙن، تالپرن ۽ بين حاڪمن سنڌ تي حملن ڪرڻ وقت پنجاب جي سرائي پٽيءَ ۾ رهندڙ جتن (جاٽيا - جت) کي مال ۽ باربردار، انن ذريعي ڪٽائي سنڌ ۾ داخل ٿيا، اهي آيل جت (جاٽ) مستقل طور انهن حاڪمن جي مهربانين سبب آباد ٿي وينا، جن جي ٻولي جتڪي ۽ سرائڪي هئي، جنهن سبب سنڌ جي جتن تي پڻ اثر پيو. اثر هيٺ آيل سنڌ جا جت به سرائڪي ٻولي ڳالهائڻ لڳا. پنجاب جا جت پاڻ کي "سماٽ"

چورائڻ لڳا. ليڪن اهي سمات نہ آهن.

هندو جتن جي هڪ اوڙڪ جو نالو "هوت" آهي. جن مان مير جلال خان بلوچ، "عجوبہ" نالي ناڇڻي عورت سان شادي ڪئي هئي. جنهن مان ڪيس هڪ پٽ ڄائو. جنهن جو نالو. ناناڻي اوڙڪ جي نسبت سان "هوت" رکيو ويو. اهو هوت ڏاڏاڻي نسبت سان بلوچ ۽ ناناڻي نسبت سان جت هو. انهي هوت واري نسل مان چاندڪا، ڪ ي هوت، جت وغيره آهن. پنهون ۽ سسئي وارو مجازي معاشقانہ داستان پڻ هن هوت جي اولاد مان آهي. جنهن کي سسئي. بلوچ. هوت ۽ جت جي نالن سان سڏيو آهي. ثبوت خاطر ڪجهہ بيت هيٺ ڏجن ٿا:

1. اول آخر آد، هلڻ منهنجو هوت ڏي.
پورهئو سندو پورهيتين، والي! ڪير وڃاء.
سومون ٿورو لاء، جن جئري ملان جت کي. (شاهہ)

2. چڪس سپ چئي، ماڙهو سپ پنيور جا.
سا موتي ڪينءَ مئي، جہ جو جانب جت ونئي ويا. (شاهہ)

3. آڌ ويندي پنهل جي پار، ميان ٽڪيس ڪين ٽرن ۾،
مون من گڏي گودريمن، ڪيچي ٽيم قرار،
ذات جتن جي جيڏيون، جيءُ وڏو آهي جار،
ڪندي وجي ڪيچ ڏي، ڪنيزاڻي ڪار،
آهي ڪاڻ قريب جي، وڃڻ مون وڻڪار،
سارو ڪم "سچوء" جو آهي، انهن جي اختيار. (سچل)

مورخن جي راءِ آهي تہ جت، راجپوت ۽ گوجر آرين ۽ سٿين جي نسل مان آهن ۽ اهي هر قوم ۾ موجود آهن. علائقي ۽ خطي جي لحاظ سان اٿي جي بولي ڳالهائين ٿا. (بحوالہ: جنت السند ص 58) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سندي لغات جلد ٻيو. ص 896 تي سماٽي جتن جا 43 پاڙا لکيا آهن. اهڙي طرح ايس . صادق علي ص 55-54 تي سماٽي جتن جا 91 پاڙا ۽ ص 29 تي بلوچي جتن جا 37 پاڙا لکيا آهن. جت قوم کي بحث بنائيندي، سماٽي جتن، بلوچي جتن ۽ سرائي جتن جي پاڻن، اوڙڪن ۽ ذاتين جو هڪ تقابلي چارٽ عرض رکجي ٿو. جنهن مان معلومات ۾ کا في واڌارو نظر ايندو.

سماٽي جت	بلوچي جت	سرائي جت
1. آسر، 2. آمڙائي، 3. اونا، 4. اونوال (اڻو)، 5. اوني، 6. اڇڻ، 7. ابڙا، 8. اسپاني، 9. برهماڻي، 10. بنبال (بنبل)، 11. بليدي، 12. بنگلاڻي، 13. بجار پوتا، 14. بالادي، 15. بلادي، 16. برادي، 17. بيگاڻي، 18. بينگياڻي، 19. بهراڻي، 20- پاريجا، 21. ببر، 22. پٽي، 23. پند،	1. اونائي، 2. بابرائي، 3. بارجنگ، 4. بجاراڻي، 5. پاريجا،	1. آهر، 2. آهير، 3. اعوان، 4. باجوه، 5. بدا، 6. پاڳت، 7. پگت، 8. پند، 9.

24. تيوٽا، 25. تونيا، 26. تمبراڻي، 27. ٽراڻي، 28. ٽانوري، 29. ٽاراڻي، 30. ٽنيار، 31. پاسارا، 32. پرهيار، 33. پلال، 34. جسڪاڻي، 35. جويا، 36. جاتي، 37. جوڪيا، 38. جهولن، 39 چڪراڻي، 40. چنڙ (چونر)، 41. حشڪ، 42. خاناڻي (چوڪراڻي)، 43. ديدڙ، 44. ديناري، 45. دائيداڻا، 46. دباڻي، 47. ڏاوچ، 48. ڊومڪي، 49. ڊومبڪي، 50. ڏهر (ڏهو)، 51. ڏهراج، 52. ڏهريجا، 53. ريٽي، 54. ريد، 55. زرداري، 56. زهراڻي، 57. زونئر، 58. ديداري، 59. راڏاڻي، 60. رڌ، 61. سنجراڻي، 62. سوهو وال، 63. سجاهي، 64. سولنگي، 65. سامتاڻي، 66. سرواڻ، 67. شالماڻي، 68. قمبراڻي، 69. ڪلدي (ڪلادي)، 70. ڪهيري، 71. ڪٽوهڙ، 72. ڪولاچي، 73. ڪليري، 74. ڪلهوڙا، 75. ڪلرا، 76. ڪلاچي، 77. فقيراڻي، 78. گاڏهي، 79. گوبانگ، 80. گهنيا، 81. گهٽيا، 82. لاکاڻي، 83. لشاري، 84. لاکير، (لاکر)، 85. لنجواڻي، 86. لاکار، 87. ميرجت، 88. ماکول (مکول)، 89. ملاڻا، 90. ماچي، 91. منجهو، 92. مدان، 93. مهراڻي، 94. مهيري، 95. هتار، 96. جج، 97. سالاراڻي، 98. وڏيرا، 100. سنبوال، 101. ڦليهڙا، 103. ماکڙاڻي، 104. ابوڙائي، 105. بهادراڻي، 106. پبراڻي، 107. منواڻي، 108. مسوراڻي، 109. مکڙا، 110. ماهيڙ، 111. ڏنگواڻي، 112. ڪاچواڻي، 113. فتواڻي، 114. راڻاڻي، 115. ونگاڻي، 116. گسر، 177. عمراڻي، 118. گيانچ، 119. گهنائو، 120. شيهه، 121. مياڻي، 122. عامر، 123. اوناڻي، 124. شادي، 125. ماروائي، 126. شهيگي، 127. رتاڻي، 128. بڙجانگ، 129. سهتکاڻي، 130. گوبلا، 131. حاجياڻا، 132. ملاڻا، 133. نول، 134. ريبار، 135. ريديٽي، 136. قاصد، 137. ريبارا، 138. نونداڻي (مهيري)، 139. گوبلا، 140. منداڻي، 141. گوجر (گجر)، 142. پکي راج، 143. ٽنيار، 144. منهون راج، 145. جلالاڻي، 146. قيصراڻي، 147. مياندادائي (مهيري)، 148. آدماڻي (ڊومکي جت)، 149. ڇچڙا، 150. گورا، 151. روڙا، 152. ماٽکاڻي 153. پڙائي 154. منياڻي 155. سريال 156. ملک زادا 157. حمزه پوٽا 158. سهاڻي 159. للاڻي 160. هسڙي 161. چمڙيا 162. عيسباڻي 163. گراسيا 164. ڪاندي 165. ونگاڻي 166.. اونار 167. شاهواڻي 168. سنيا

6. ٻورچاڻي، 7. پيٽائي، 8. پاتريا، 9. پکريا، 10. چانگ، 11. چوڪا، 12. چمريا، 13. خاناڻي، 14. ديد، 15. رتاڻي، 16. سالاراڻي، 17. سن ولاڻي (فال)، 18. سياڻي، 19. شاهه بيگ، 20. شادي، 21. شتکاڻي، 22. عيساڻي، 23. فاطواڻي، 24. ڪجواڻي، 25. گجڻچا، 26. گسرا، 27. لالاڻي، 28. لگر، 29. ماکڙا، 30. ماريا، 31. مجاڻي، 32. ميوا، 33. ميواڻي، 34. ونگاڻي، 35. ملکاڻي، 36. راڏاڻي، 37. ڪرمتي، 38. مهيري.

ٻيٽ، 10. ٻوڪ، 11. ٻوهر، 12. تيوٽا، 13. ٽاڙي، 14. ٽانورڪو، 15. ٽگڙ، 16. جويا، 17. ڳچل، 18. ڳورڙ، 19. ڇچڙا، 20. سيال، 21. سينچ، 22. سڻپال، 23. سندو، 24. سرائي، 25. ساهڙ، 26. سهاڪ، 27. سامتيا، 28. ڪنسيرا، 29. ڪيمٽيا، 30. کهلوڙ، 31. چگدا، 32. مسن، 33. کوکر، 34. ورگ، 35. چوهاڻ، 36. نون، 37. جراح، 38. ڊوگر، 39. ڪاهلون، 40. هيجڙا، 41. ريباري (رهباري)، 42. گهتوال، 43. ملير، 44. ڪٽانا، 45. ڦهار، 46. ڪنهار، 47. جولاها، 48. ترکان، 49. پٽيا، 50. پاتولي، 51. چرهوا، 54. مالي.

مسٽر اوبرائن (O'Brien) ڏاتين جو ماهر هو. هن لکيو آهي ته، جاتڪي زبان ۾ گله بان يا اٺ چارڻ وارن کي "جت" چيو وڃي ٿو. هنن کي "شتربان" به چون ٿا. مسٽر اوبرائن وڌيڪ لکي ٿو ته جت چون ٿا ته جيڪو اٺ بار کڻي نه سگهندو آهي ته ان اٺ جو پڇ کٽي ڇڏبو آهي. جتن مان ڪجهه سڌريل پاڻ پاڻ کي

جتوئي ۽ جمالي پڻ سڏائڻ شروع ڪيو آهي. ان ڪري چوٽي آهي تہ جتوئي ۽ جمالي اصل ۾ "جت" آهن. آخر ۾ شاھ صاحب جو جتڪي زبان ۾ چيل شعر عرض رکجي ٿو:

واڇـــان واڇـــان ڪريـــڻ واڇـــڻ جـــي وائـــي،
هوجـــڻ جـــي هـــل تـــي مڙهيـــاس ڙي مـــائي،
ماڪ ڪل نہ بي ڪائي، ماڻهو هئون هوت هٿي وها. (شاھ)

جتري: هڪڙن (سما) جو پاڙو آهي.

جتڙ: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

جتڪ: بلوچي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، شڪست کاڌل، هارايل. هي بروهي قوم جي زهري قبيلي مان آهن. هنن کي "بانزوزئي" پڻ چون ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: شاهوزئي، جلال زئي، احمداڻي، سومراڻي، زغماڻي، گزگي، هنراڻي، جاڙوزئي، جاگراڻي، عالياڻي، سيدزئي، سمالاڻي، خميساڻي، مريدزئي، سنيڪاڻي، ڪلوزئي، دشت گاڻي، دريزئي، آرماڻي، عمراڻي، جهانگيراني.

جتڪي: مگسي بلوچن جو پاڙو آهي.

جتوئي: هيءُ قبيلو سنڌ جو مالدار ۽ خوشحال قبيلو آهي. هنن جي حسبي ۽ نسلي سلسلي بابت ڪافي روايتون آهن. جن جو ذڪر ڪافي ڪتابن ۾ آيل آهي. جن مان ڪجهہ هن طرح آهن:

(1) جتوئي مير جتوئيءَ جو اولاد آهي، سندن ڏاڏو (نانو) مير جلال خان بلوچ آهي. مير جلال خان بلوچ کي ڇهہ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ "جتو" هئي. جيئن تہ جتو جو مڙس اولاد ٿيڻ کان اڳ ۾ وفات ڪري ويو هو. جنهن جي افسوس ۾ مائي "جتو" پاڻ پٽر (تڏو) ڪيو هو. چند مهينن بعد هن کي هڪ پٽ ڄائو. جنهن جو هن پنهنجي نالي جي نسبت سان "جتوئي" نالو رکيو. جنهن کي "مير جتوئي" چيو ويو.

(2) ڪتاب قديم سنڌ ۽ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهوءَ ۾ مرزا قليچ بيگ لکيو آهي تہ نوس بن هرين جي هڪ پٽ جو نالو مير مراد خان هو. جنهن کي پهرين زال مان اولاد ڪونہ هو. اولاد خاطر هن پنهنجي سوٽ جتوءَ سان نڪاح ڪيو. هن کي پٽ ڄائو. جنهن جو اولاد "جتوئي" آهن. ايس . صادق علي پڻ هن راءِ سان متفق آهي.

(3) هڪ روايت موجب جتوئي، جت آهن. مير چاڪر خان جو جنگي سامان ڪٽندا هٿا ۽ بيرق بردار هٿا. فرمانبرداري، ايمانداري، وفاداري ۽ شجاعت سبب، مير چاڪر خان، جتوئيءَ کي پنهنجي جهنڊي هيٺان آڻي بلوچ قوم ۾ شامل ڪيو. ان ڏينهن کان پوءِ جتوئي جتن بجاءِ "جتوئي" سڏجن ٿا.

(4) ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 130 موجب "جتوئي" ساتڪ زئي قبيلي جو پاڙو آهي. جتوئي قبيلي جو اصل وطن ڪچيءَ ۾ پٽر جتوئي رياست هئي. زماني جي لاهن چاڙهن سبب اتان هجرت ڪري پنجاب جي سرائي پٽيءَ کان ٿيندا، بکر کان سنڌ ۾ داخل ٿيا. سرائي پٽيءَ ۾ رهڻ ڪري هنن سرائڪي زبان ڳالهائڻ

اختيار ڪئي، جنهن ڪري اڄ ڏينهن تائين بلوچن جي بجاءِ سرائي سڏجن ٿا. ڪلهوڙن ۽ تالپرن کي هنن سات ڏنو. جنهن سبب هنن کي جاگيرون عطا ڪيون ويون. 1857ع ۾ سردار امام بخش خان جتوئيءَ کي انگريزن جاگير ڏني، جنهن بعد فتح خان جتوئي شڪارپور وارو، جتوئي قبيلي جو سردار مقرر ٿيو.

شجرو

هرين



عام طرح جتوئي بلوچن جا وڏا ڏهه قبيلا آهن: 1. بلا، 2. پرگڙي، 3. تڙت، 4. حلواڻي، 5. خروش، 6. شاهدين زئي، 7. شر، 8. فتحائي، 9. ڪوش، 10. مظفراڻي. انهن قبيلن جا وري هيٺيان پاڙا آهن: 1. اٽيرا، 2. بلا، 3. بارگاڻي، 4. بداڻي، 5. برهماڻي، 6. پرگڙي، 7. تڙت، 8. جتوئي، 9. خشڪ، 10. خروش، 11. دياڻي، 12. سندراڻي، 13. شر، 14. شاداڻي، 15. فراش، 16. عاربائي، 18. گاڏهي، 19. گشڪوري، 20. گنب، 21. گويانگ، 22. ڪوش، 23. ڪرسي، 24. ڪيرا، 25. ڪودا، 26. ماچي، 27. مزاراڻي، 28. نوتڪاڻي، 29. نوچاڻي، 30. حيدراڻي، 31. مصراڻي، 32. نوڙها، 33. پراداڻي، 34. گنجا، 35. زنگيجا، 36. تڙت، 37. هستاڻي، 38. هيسباڻي، 39. هاجيجا، 40. هليلاڻي، 41. خلوراڻي، 42. ڪورائي، 43. نيچراڻي، 44. سعدخاناڻي، 45. گراناڻي، 46. سپڙا، 47. عطراڻي 48.مُوني. هڪ بي روايت موجب جتوئيءَ کي سنجر، سائو، گاهي ۽ گاگن پٽ هئا، گاگن بي اولاد هو، باقي سنجر جي اولاد پان کي سنجراڻي، سائو جي اولاد سيوائي ۽ گاهيءَ جي اولاد گاهياڻي سڏايو.

جٽ: جاٽ ۽ جٽ، جت آهن، پنجاب ۾ ڪين جٽ ۽ سنڌ ۾ جت چيو ٿو وڃي، هنن جا خاص پاڙا آهن، وريا، ڪيڙا، ڪيوڙا، هيجڙا، گهوسي.

جتالي: آرائين جي ذات آهي.

جتيا: هندي لفظ آهي، جتيا پنجاب کان آيل جت آهن. چمار هندن ۾ پڻ هڪڙي پاڙي جو نالو "جتيا" آهي، اهي به جت آهن.

جپرا: هندي لفظ "جپ" تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ديوتا جي پوڄا ڪرڻ وارا، جپرا هندو پرمارن جي هڪ ذات آهي.

جج: جت قوم جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

ججري: هندو آهن، هنن جا ڪجهه گهر حيدرآباد ۾ آهن.

ججوها: پنجاب کان آيل گهٽ ذات وارا سرائي.

ججهه: غير سمات آهن.

جد رام: ڪاڪڙ پناڻن جو پاڙو آهي.

جدگال: اصل ۾ سنڌ جا رهاڪو سماڻي جت آهن، جدگال، جد جي معنيٰ جت ۽ گال جي معنيٰ بولي، ڳالهه يعني جتڪي بولي ڳالهائڻ وارا جت. هنن سنڌ، بلوچستان، مڪران ۽ لسبيلي جي بين قومن سان مٽيون مائٽيون ڪيون، جنهن ڪري هنن کي گڏيل يا گدا به چيو وڃي ٿو. جدگالن جا خاص پاڙا 1. رئيس، 2. ڪينگزئي، 3. مهدي زئي، 4. بند، 5. ڪوڙڪ، 6. سنگر ۽ 7 جوڪيا آهن. رئيس، لسبيلي جي ڄاموٽن سان پنهنجي نسبت جي دعويٰ ڪن ٿا. ڪينگزئي چون ٿا ته اسان لسبيلي جي ڄاموٽن مان آهيون، سنگر چون ٿا ته اسان اصلي سنڌ جا سنڌي آهيون ۽ سنڌ جا جوڪيا اسان جا مائٽ ٿين. مهدي زئي، سنگرن جي هڪ پاڙي جي شاخ آهي، اهڙي طرح جوڪيا، بند ۽ ڪوڙڪ به هن سر زمين جي جتن جون خاص نسبتون آهن، جيڪي پاڻ کي سنڌي قبيلي جا ٻاشندا سڏائين ٿا.

عرب جدگالن کي "الاندغار" اڻ وارا جت سڏين ٿا. هي محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ شامل ٿي ملتان تائين ويا هئا. مير احمد يار خان، ڊاڪٽر سليم، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر داد محمد بروهي ۽ پروفيسر انور رومان جي لکڻين مان پتو پوي ٿو ته "جدگال" اصل ۾ سنڌ جا "جت" آهن، جيڪي چوٿين صديءَ ۾ سنڌ مان لڏي وڃي بلوچستان ۾ وينا. بروهين هنن جي چراگاهن تي قبضو ڪيو، جنهن سبب هنن مان ڪافي لڏي وڃي ايران ۽ نار ملڪن ۾ وينا، جڏهن اهي جدگال افغانستان جي تيره وادي ۾ پهتا ته هنن کي "گوجر" سڏيو ويو.[1]

جدواڻي: عمراڻي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

جدون: يا گدون چنگيز خان ۽ منگول تاتاريءَ جي اولاد مان آهن، ڪن هنڌن تي هي هزاروي يا هزارا سڏجن ٿا.

---

[1] مهران رساله نمبر 2/1 200ع، ص 45 گوجر قبيلو ۽ ان جي گوجري بوليءَ جو اپياس از ڊاڪٽر غلام علي الانا.

جڏ: هندي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، وڏن، جڏ سمن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي، جيڪي ويڑهاڪا هئا.

جر: اصل لفظ "جل" آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، نير، جکراٹي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

جراح: ڪتاب تواريخ ديره غازيخان ص 110 موجب "جراح" جت آهن.

جرار: لفظ جي معنيٰ آهي، بهادر، جنگجو، ويڑهاڪ، هي عرب کان آيل مسلمان ذات آهي.

جراراٹي: ڪرمتين جي گلڙي شاخ جو هڪ پاڙو.

جراڙ: نهڑين جو هڪ پاڙو. هي جراڙ بن ميئن بن عمر بن گجڙ جو اولاد آهن. تر ۾ رهندڙ حسن، سارنگ ۽ هاشم پڻ هن جو اولاد آهن، راڄا هنن جا پڳدار آهن.

جراڙ پوتا (جراڙ): مٹياري سيدن جو پاڙو آهي، هي سيد جلال عرف جراڙ جو اولاد آهن. پيرزاده، پٹائي ڪريم پوتا، مناٹي، حسن پوتا ۽ اجناٹي، سيد هنن مان آهن.

جرال: راجپوتن جو پاڙو آهي، (بحوالہ:- ڪتاب شاهان گوجر)

جرپال: جولاهن جو پاڙو آهي.

جرر: غير سماٹ آهن.

جرکاٹي: مرزا قليچ بيگ جي لکڻ موجب مزاري آهن.

جرکشپوتا: سماٹ ذات آهي، هي حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ۾ رهن ٹا.

جرکيپوتا: رانوڙن جو هڪ پاڙو آهي.

جرل: اعوائن جو هڪ پاڙو.

جروار: بلوچ قوم جي ڪيترن ئي قبيلن جي پاڙي جو نالو آهي، جهڙوڪ

1- رندن جي هڪ پاڙي جو نالو.

2- عمراٹي بلوچن ۾ جروار آهن.

3- کوسن جو هڪ پاڙو آهي، هي پنجاب کان آيل آهن.

4- مزاري بلوچن جي رستماٹي قبيلي مان هڪ آکھ جو نالو: قيصراٹي" آهي، جنهن مان هڪ پاڙي جو نالو "جروار" آهي.

5- مري بلوچن جي غزيني قبيلي مان هڪ شاخ جو نالو "جروار" آهي.

جرواڙ: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جرواٹي: گورچاٹي بلوچن جي پتافي پاڙي مان هڪ ڦريءَ جو نالو.

جروٹيا: ٹکر (ناکر) آهن، اصل وطن کانگڙا اٹن.

جريمہ: عرب ملڪن کان آيل "عرب" آهن. جيڪي انصاري ۽ شيخ سڏجن ٿا. سيوهڻ وارا انصاري ۽ سُپيا هنن مان آهن.

جڙائي: ڪچ ۽ پچ کان آيل ميمڻن جو هڪ پاڙو.

جزراٹي: محمد شهي بروهين جو هڪ پاڙو.

جساٹي: ونگائي جتن جو هڪ پاڙو. هي لاکو سيائي ڇاموت جو اولاد آهن.

جستاٹي: بلوچ آهن. جن جو شجره هن طرح آهن:



جسراج پوتا: جيسلمير مان لڏي آيل هندو پرمارن جي هڪ ذات. هي ٿر ۾ رهن ٿا. عام هندن ۾ پڻ "جسراج پوتا" آهن. هي پاڪيا نک مان آهن ۽ "ڏاڙي" به سڏجن ٿا.

جَسڪاٹي: جتن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هي سمات آهن.

جِسڪاٹي: بلوچ قوم جي مختلف قبيلن جي هڪ پاڙي جو نالو جهڙوڪ: 1- گورچاٹي قبيلي ۾، 2- رند قبيلي ۾، 3- دريشڪ قبيلي ۾، 4- دومڪي قبيلي ۾، 5- جتوئي قبيلي ۾، 6- ڪتاب بلوچ قوم اور ان کي تاريخ از مولانا نور احمد خان فريدي ص 348 تي لکيو آهي ته بلوچ خان جي پٽ جو نالو "جسڪ خان رند" هو. جنهن جي اولاد کي "جسڪاٹي" چون ٿا. ان موجب جسڪاٹي بلوچن جو شجره هن طرح آهي:



گورچاڻي قبيلي موجب "جسڪاڻي" بلوچن جو شجره هن طرح آهي:



رحيمداد خان مولائي شيدائي، ڪتاب مختصر تاريخ بلوچستان ص 28 تي گورچاڻي بلوچن جي جسڪاڻي شاخ جا هيٺيان پاڙا لکيا آهن: 1. جلالاڻي، 2. دادائي، 3. دلشا تلاڻي، 4. شاهاڻي، 5. فنجواڻي، 6. فتحياڻي، 7. ڪيوگاڻي، 8.گهرام، 9. لشڪراڻي، 10. ميرخاڻي، 11. مندراڻي، 12. ممداڻي، 13. سرگاڻي، 14. قندراڻي، 15. مليااڻي. 1769ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ جسڪاڻين ۾ سخت جنگ لڳي هئي، جنهن ۾ جسڪاڻين شڪست کاڌي هئي.

جسوال: هوشيار پور جي هڪڙي قديم خاندان "جسوان" راجپوت جو اولاد آهن، ڪانگڙا جي ڪٽوچ خاندان کي قريب چون ٿا.

جسواڻي: هندو قوم جي هڪ ذات آهي.

جسوجا: هندو قوم جي هڪ پاڙي جو نالو هنن کي "جسودا" پڻ چون ٿا. هي اروڙ ونسي آهن. پوڄواڻي ۽ ساجناڻي پڻ جسوجا نڪ مان آهن.

جعفر: راهواڻي نهڙين جو هڪ پاڙو.

جعفراڻي: بلوچ قوم جي ڪافي قبيلن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي، جهڙوڪ: 1- بگٽي بلوچن جي نوتاڻي ۽ ماسوري قبيلي مان جعفراڻي آهن، 2- بوزدار بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو جعفراڻي آهي، 3- مستوئي بلوچن جو هڪ پاڙو جعفراڻي آهي. سماڻي ميمڻن ۾ پڻ "جعفراڻي" آهن، ننڍي ضلعي ۾ سنيا وينا آهن، جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "جعفراڻي" آهي. مرين جي غزيني قبيلي مان مهڪاڻي شاخ جو هڪ پاڙو. هي جعفر خان بن مير حاجي خان جو اولاد آهن.

جعفر پوتا: شاهوڪن جي هڪ پاڙي جو نالو.

جعفري: عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ڪندن، طلا، خالص سون، گينڊي، جو گل وغيره، جعفري اصل ۾ عرب کان آيل قريشي ۽ هاشمي آهن، جيڪي حضرت مُحمد صلي الله عليه وسلم جن جي سوٽ ۽ حضرت علي رضہ جن

جي پاءُ "جعفر طيار" جو اولاد آهن، جنهن نسبت سان هي "جعفري". سڏجن ٿا. هي محمد بن قاسم سان گڏ آيا هئا. ان بعد 423 هـ ڌاري اسلام جي تبليغ خاطر ديبل بندر کان سنڌ ۾ آيا ۽ آباد ٿي وينا. سنڌ ۾ رهندڙ ٻيون قومون حضرت امام جعفر صادق سان پنهنجي الفت خاطر، پاڻ کي "جعفري" چوائين ٿا. سومرن ۾ ڪجهه ماڻهو اهڙي نسبت سان "جعفري" سڏجن ٿا. جوکين، بڙدين ۽ بليدين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "جعفري" آهي، هتي عرب کان آيل جعفرين جو شجره عرض رکجي ٿو:



جڪوزئي: محمد شهي بروهي قبيلي جي هڪ پاڙي جونالو.

جڪرا: سمن جو اولاد آهن، جيڪي آبڙ ۽ ملاحن جي اوڙڪ ۾ اچن ٿا. هنن جي شجري لاءِ ٻہ روايتون آهن:

1. سنڌ ۽ ڪچ جي سمن مان ڄام لاکو بن لاکيار ٻہ شاديون ڪيون هيون، گندري (ملاح) زال مان هن کي چار پٽ هئا. نندي پٽ جو نالو "انڙ" هو. ان جي اولاد مان "جڪرا" آهن.

هنن جو شجرہ هن طرح آهي.



هن جکري جو اولاد 1- اچڻ، 2- ارادين، 3- پگهيا، 4- برا، 5- پٽا، 6- پليجا، 7- ڏيٽا، 8- ڏيپر، 9- ساهڙ، 10- لاکا، 11- منگريپوتا ۽ 12- هنگورا 13. گهڙ 14. مهڙ 15. هوتياڻي 16. هالاڻي 17. ٽيباڻي ۽ 18. اوڍاڻي آهن.

2 - بي روايت موجب چام جوڻو عرف چام جوناهه، جنهن سنڌ تي حڪومت ڪئي هئي، ان جي پيڙهيءَ مان جکرا آهن، سندن شجرو هينئين طرح آهي:

پلي

|

ساند

|

ويره

|

چام هاپر

|

گڙ راهو

|

ساند

|

جڪرو

هڪ ٻئي حوالي موجب "جڪرا" سنگراسين جو ٻڌ پاڙو آهي. هي راڻو سنگراس پٽ ڏجڻ پٽ ڪينئرو جو اولاد آهن.

جَـڪَـراڻي: ڏيا ذات جو هڪ پاڙو آهي.

جَـڪِـراڻي: هڪ بهادر بلوچ قبيلو آهي، جنهن لاءِ ڪافي رايا آهن، مثلاً:

1- مرزا قليچ بيگ جي لکيل ڪتاب قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهوءَ جي ص 305 تي لکيل آهي تہ "جڪراڻي" جڪري جو اولاد آهن، جيڪو مير چاڪر خان جي نسل مان هو.

2- ڪتاب "بلوچ" از م - ک پيڪولين ص 72 تي لکيل آهي تہ "جڪراڻي" رند آهن، هي پهرين دومڪين سان شامل هئا. 1845ع ۾ دومڪين کان جدا ٿي ويا.

3- ايس - صادق عليءَ جي لکڻ موجب "جڪراڻي" مير چاڪر خان جو اولاد آهن، جنهن ڪري هي رند آهن.

4- تاريخ بلوچستان از مولائي شيدائي جي لکڻ موجب جڪراڻي، بگٽي بلوچن جي راهيجا پاڙي مان آهن.

5- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ لکيو آهي تہ هي بلوچ آهن.

6- پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙو، ڪتاب سنڌ جون چند ذاتيون ۾ لکيو آهي تہ "جڪراڻي" بلوچ آهن.

7- جڪراڻي، مگسين مان آهن.

8- ڪن جو چوڻ آهي تہ "جڪرو" ابڙو يعني سمون هو، جو مير چاڪر خان سان گڏ رهيو ۽ پاڻ کي "بلوچ"

سڏائڻ لڳو. جڪراڻي ان مان آهن.

جديد تحقيق موجب "جڪراڻي" مير چاڪر خان جي اولاد مان "رند بلوچ" آهن. هنن جي ڇڳي مڙس جو نالو مير درياءَ خان جڪراڻي هو. جيڪو انگريزن سان لڙيو هو. هڪ ناهه تحت انگريز وائسراءِ، سر چارلس نيپيئر هن کي معافي ڏني ۽ جاني ديري ۾ هڪ جاگير عطا ڪئي. ڪجهه عرصي بعد وري هن فساد ڪيو. جنهن ڪري هن کي گرفتار ڪري عدن ڏانهن روانو ڪيو ويو. جتي هن وفات ڪئي. جنهن بعد ڪجهه ناپر ٿي.

جڪراڻي قبيلي جا خاص پاڙا هن طرح آهن:

1. ڏنگ، 2. جر، 3. درگاڻي (ديرگاڻي)، 4. دير خاني، 5. روزڻاڻي، 6. سابواڻي (ساواڻي)، 7. سناڻي، 8. سلڪاڻي، 9. سياهه ڪد (سياه ڪاز)، 10. سدڪاڻي، 11. سولڪاڻي، 12. ساليواڻي، 13. سوانـاڻي، 14. دوداڻي، 15. رودناڻي، 16. خرخاڻي، 17. شهواڻي، 18. ڪروڙ خاني، 19. ڪٽوڪاڻي، 20. گورشاڻي، 21. متاڻي، 22. مرزلياڻي، 23. منجهاڻي، 24. موجاڻي (مجاڻي)، 25. مولـڪـاڻي، 26. ملـڪـاڻي، 27. ميرخاڻي، 28. عيساڻي، 29. ناز گهواڻي، 30. نوداڻي، 31. نوڪو.

جڪري: سومرن جو هڪ پاڙو آهي. شيخ ريحاڻ سومري سان واسطيداري ڪري هي ريحاڻ پوٽڙا (ريهاڻ پوٽڙا) پڻ سڏجن ٿا. لسٻيلي ۾ رهن ٿا.

جڪريا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هنن جو ڏاڏو جڪرو هو. ايس . صادق علي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ 1911ع جي آدم شماري موجب "جڪريا" ملاح آهن.

جڪريپوٽا: صابرن (سومرا) جي هڪ پاڙي جو نالـو. هـي. لسٻيلي ۾ رهن ٿا. هي جڪري سومري جو اولاد آهن.

جڪريجا: جڪري + جا = جڪري جو پٽ. سمن ۽ ملاحن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

جڪڙا (جڪڙ): ابڙن (سما) جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هي اتر سنڌ ۾ رهن ٿا. ڪتاب شاهان گوجر ص 183 تي لکيل آهي ته پنوار ۽ جڪڙ راجپوت سوم بنسيءَ جو اولاد آهن. پوڙ. پلوت. پنيلا ۽ جڪڙ پاڻ ۾ آهن ۽ راجپوت آهن. هنن جا ڪافي گهر ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رهن ٿا. هڪ ٻئي حوالي موجب "جڪڙ" "جاڪڙ" ذات جي بگڙيل صورت آهي. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ "جاڪڙ" ذات ڏسڻ گهرجي.

جڪڻ: سما قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هي ابڙ ۾ اچن ٿا. جڪڻ سنسڪرت لفظ جشن تان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ دل ۾ ڏک ٽيڻ آهي.

جڪوجا: هندن جي ذات آهي. ڪير واريون ڳئون پالين ٿا.

جگتياڻي: هندو عاملن ۽ آڏواڻين جي هڪ پاڙي جو نالو.

جگر: برهم ڪترين جي هڪ نڪ جو نالو.

جگراٽي: ننڍي ضلعي ۾ ڪاري واري حصي ۾ رهندڙ ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جگسي: ساند پليءَ جي ستن پٽن مان هڪ پٽ جو نالو هڪوڙو هو. ان جي اولاد کي "جگسي" چون ٿا. ٽيبا سميجا ڪل مان آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "جگسي" آهي. جگسي ملاح ۽ سما آهن.

جگتاٽي (جگتياٽي): هندن جي ذات آهي.

جگسرگا - جگرگا: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

جگسين: سمن مان آهن.

جگند: ڏاريجا چاچڙن جو هڪ پاڙو.

جگواٽي: هندو قوم جي هڪڙي پاڙي جو نالو.

جگيا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

جگياسو: ڏرمشالن ۽ ٽڪائن جي سيوا ڪرڻ ۽ رکوالن جي هندو ذات آهي، جن کي عام طور "پائي" چون ٿا.

جگياسي: هندو قوم جي هڪ ذات.

جلاد: دهلي دربار ۾ ڪم ڪندڙ هڪڙي سيلائي شڪاري ذات جو نالو. ڪجر هو. جنهن کان جلاديءَ جو ڪم ورتو ويندو هو. جن کي ذات جا "جلاد" چون ٿا وڌيڪ لاءِ ڪجر ذات ڏسڻ گهرجي.

جلارزئي: ميدن جي هڪ پاڙي جو نالو. هي پاڻ کي لاسي، لومڙيا. نومڙيا ۽ نهڙيا ٻه چوائين ٿا.

جلالاٽي: رندن، بوزدارن، گبولن، جسڪائين، مهيرين، جتن، لاشارين ۽ لغارين جي هڪ پاڙي جو نالو.

جلال پوتا: رضوي سيدن جو پاڙو آهي، هي نصرپور ۾ رهن ٿا.

جلال خيل: ڪاڪڙ افغاني پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

جلال زئي: ڪاڪڙ افغاني پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو. جتڪ بروهين ۽ مغيري بلوچن ۾ پڻ "جلال زئي" آهن.

جلالي: پنجاب جي ذات آهي. هي سيد جلال الدين بخاري جلالي ۽ سيد شير شاهه جلال جا پوئلڳ آهن. ان ڪري ذات جا "جلالي" سڏجن ٿا.

جلاٽي: مگسي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

جلباٽي: رندن ۽ جمالين جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. گورچاٽي بلوچن (رند) جا ٻه قبيلا. لشاري ۽ شيخاٽي نهايت مشهور آهن. انهن ٻنهي قبيلن مان "جلباٽي" آهن. سندن ڏاڏي جونالو "جلب" هو ان نسبت سان "جلباٽي" سڏجن ٿا.



شجرو



ڏگهاڻي بلوچ پڻ جلباڻين جو پاڙو آهي.

جلر (چلر): مزاري بلوچن جي سرگالي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

جلوزئي: ترڪئي (تري) پٺاڻن جو پاڙو آهي.

جليجي: هڪ سمات ذات آهي.

جليلاڻي: چانديا قبيلي جي چولياڻي شاخ مان آهن. برڙن ۽ چنن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "جليلاڻي" آهي.

جماراڻي: سومرا آهن. سنڌ جي اتر طرف رهن ٿا. ڪرمتين جي گلڙي شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

جَماري: ڪرمتي جت بلوچن جو پاڙو آهي. ميرپور ساڪري ۾ رهن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. احمداڻي 2. بنگلاڻي 3. چاڪراڻي 4. حسناڻي 5. زرياڻي 6. سالاراڻي 7. قاضياڻي 8. قيصراڻي 9. ڪنداڻي 10. فتحياڻي 11. علوداڻي 12. منناراڻي 13. نناڻي 14. ننگراڻي 15. نهالاڻي 16. وڃاڻي.

بيت: جِماركي جات جو، وائونكو ڳائو،

جيكا پوكين پوك، تنهن مان آهين كاهو. (پيروز فقير مهيري)

جُماري: ننڍي ضلعي ۾ رهندڙ ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جماريا: راهواڻي نهڙين جو هڪ پاڙو.

جمالاڻي: رندن. ڏاهاڻين ۽ برهماڻي برن جي هڪ پاڙي جو نالو. رئيس علي خان پرگڙيءَ جي اولاد مان جمال خان هو. جنهن جو اولاد پڻ پاڻ کي "جمالاڻي" سڏائين ٿا. هي ميرپورخاص ضلعي ۾ رهن ٿا. (بحوالہ: جنب گذاريم جن سين ياگو پهريون). خيراڻي. صوپاڻي ۽ سلطاني پرگڙي هنن جا سوٽ آهن.

جمال ديني: رخشاڻي (رند) بلوچ آهن.

جمال زئي: خرشيون پٺاڻن ۽ بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. راءِ بهادر هتورام جي لکڻ موجب "جمال زئي" رئيساڻي قوم جي سراج زئي پاڙي جي هڪ ڦري آهي.

جمالي: عربي لفظ "جمال" تان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي، حسن، خوبصورتي، نوري، شان رحمت جي تجلي. عام طرح سان ٻڌو ويو آهي ته "جمالي" بلوچ نه آهن يا انهن کي "بلوچ" تسليم نٿو ڪيو وڃي. ماڻهن جي انهيءَ چوڻ کي رد ڪندي ڪجهه حوالا هيٺ پيش ڪجن ٿا.

(1) ڪتاب "بلوچ" جو مصنف م - ک پيڪولين لکي ٿو ته جمالي رند بلوچ آهن.

(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ لکي ٿو ته جمالي هڪ بلوچ قبيلو آهي.

(3) مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته "جمالي" رند بلوچن جي هڪ اهم شاخ آهي. هنن جو مورث اعليٰ مير جمال خان رند هو. جيڪو مير رند جو پٽ هو. سندس وفات بعد پوٽن پاڻ کي "جمالي" سڏايو.

(4) بلوچ قوم اور اس کي تاريخ جو مصنف لکي ٿو ته جمالي رند آهن.

(5) ايس - صادق علي پنهنجي لکيل ڪتاب The Muslaman Races Found in Sindh, Balochistan and

Afghanistan چاپو 1901ع ۾ ص 25 ۽ ص 26 تي جمالي قوم جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ جمالي رندن جي هڪ شاخ آهي، جن جو ڏاڏو جمال خان هو. جنهن پنيان هي "جمالي" سڏجن ٿا.

مير جمال خان جي جمال اهڙو تہ ڪمال ڪيو جو هن انگريزن سان لڙي، انگريزن جو ساهہ مٺ ۾ ڪيو. آخرڪار انگريز سرڪار جي حاڪم سرچارلس نيپئر جند ڇڏائڻ لاءِ جانباز جمالين کي ڳڙهي خيري ۾ جاگير ڏني. مير جمال خان پنهنجي روايتن، بهادري، سخاوت ۽ مهمان نوازيءَ جو اعليٰ مثال هو. جمالي تن مکيہ حصن ۾ ورهايل آهن.

(1) شير خاناڻي جمالي: هنن جو اڳواڻ وڏيرو لشڪر خان ولد خير محمد خان جمالي، ڳوٺ بکرو قلات وارو ۽

(2) شهدادپور وارا جمالي: هنن جو سردار وڏيره صوبدار خان ۽ وڏيرو شاهوخان هئا.

(3) ڪلجي وارا جمالي: هنن جو سردار حيات خان ۽ وڏيره بخشو خان جمالي هئا.

جمالي بلوچن جو شجره هن طرح آهي



جمالي رند بلوچن جا خاص پاڙا هيٺ ڏجن ٿا: 1- اڏاڻي (آڏاڻي)، 2. امداڻي، 3. بابواڻي، 4. بخشاڻي، 5. بلوچاڻي، 6. بهنداڻي، 7. بيراڻي، 8. تنگياڻي، 9. تندواڻي، 10. تهنرياڻي، 11. ٽنگياڻي، 12. ناراڻي، 13. جمالي، 14. جاداڻي، 15. جنگسواڻي، 16. جونگلاڻي، 17. جيسداڻي، 18. چاڪراڻي، 19. چپراڻي چللگري، 20. حزواڻي، 21. حيدراڻي، 22. خرواڻي، 23. خلجاڻي، 24. داداڻي، 25. دریاڻي، 26. درواڻي، 27. دستي، 28. دلشاداڻي، 29. ڏتاڻي، 30. شاهلاڻي، 31. سبراڻي، 32. سرخيل، 33. سهریاڻي، 34. سيخاڻي، 35. سرمند، 36. شاهلياڻي، 37. شير خاناڻي، 38. رمداڻي، 39. رمناڻي،

40. رحماڻي، 41. رحلياڻي، 42. زنوراڻي، 43. صوبدراڻي، 44. عيساڻي، 45. قيصراڻي، 46. ڪتريا، 47. ڪرياڻي، 48. ڪورائي، 49. گهراماڻي، 50. گهمراڻي، 51. لبراڻي، 52. لبرياڻي، 53. لندواڻي، 54. لهراڻي، 55. مبراڻي، 56. مراداڻي، 57. مريداڻي، 58. مبارڪاڻي، 59. ميراڻي، 60. ملوڪاڻي، 61. مندراڻي، 62. مسوواڻي، 63. مشتاقاڻي، 64. مهراڻي، 65. نهالاڻي، 66. نهراڻي، 67. وسواڻي، 68. ولواڻي، 69. هيرواڻي، 70. هليلاڻي، 71. سماڻي، 72. سڪواڻي، 73. هيبتاڻي، 74. جلباڻي، 75. واسواڻو. 76. جوساڻي

جنت السنڌ از رحميداد خان مولائي شيدائي ص 545 تي لکيو آهي تہ سنڌ جا جمالي بہ رند جي ممتاز قبيلي مان آهن. جن جون سنڌ ۾ چار سرداريون هيون. 1. مريداڻي 2. جلباڻي 3 بخشاڻي 4 سکواڻي



تاريخ بلوچ و بلوچستان جلد پنجون از ميرنصير خان احمد زئي چاپو 1994ع ص 118 تي لکي تو تہ 1298ع ۾ مڪران جو والي، ميررجب ماملي ڪرد بلوچ هو. هن کي ست پٽ هئا جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "جمال" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي "جمالي" بلوچ سڏايو. هن وقت جتن جي ڪن پاڙن پاڻ کي "جمالي" سڏائڻ شروع ڪيو آهي.

ڄماڻي: دومڪي بلوچن ۽ چنن جو پاڙو آهي. سردار هسيب خان بن امام بخش خان جماڻي کوسہ سکر تعلقي جي نندڙي ڳوٺ "جاڙا" ۾ رهندو هو. ان جماڻي کوسہ جي نسبت سان کوسن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ جماڻي آهي. ٽنڊي ضلعي ۾ جماڻي رهن ٿا. جيڪي ملاح آهن.

جـماڻي: نوحاڻي بلوچن، جو کين، ببرن، داين، لاشارين ۽ ڏهرن جو پاڙو آهي. چاچڙن جي جڳند شاخ مان پڻ "جماڻي" آهن. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ويڻل وڳڻن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "جماڻي" آهي. هن پاڙي مان وڳڻن جو سردار آهي. موجوده سردار خليل احمد خان وڳڻ (جماڻي) آهي. سماڻي ميمڻ چون ٿا تہ اسان ۾ بہ "جماڻي" آهن. تعلقي سيوهڻ ۾ ڳوٺ الله رکيو برڙي جو رهواسي استاد عبدالغفور برڙي ٻڌايو تہ اسان پڻ جماڻي پاڙي مان آهيون. منهون راڄ جتن ۽ سهتن ۾ جماڻي آهن. ڪرمتين جي ربائي (جت) ۽ شولائي شاخ مان پڻ "جماڻي" آهن.

جَمراٹي: گورچاٹي بلوچن جي لشاري شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

جُمراٹي: سومرن جو هڪ پاڙو آهي.

جُمڑا: راهوما ذات جو هڪ پاڙو آهي. سهتن ۾ پڻ آهن.

جمشيد زئي: ڪردن جو پاڙو آهي.

جُمناٹي: مگرين جو پاڙو آهي. ضلعي لاڙڪاڻي ۾ رهن ٿا.

جُمڻ پوتا: هالیپوٽن جو پاڙو آهي.

جمون: ڪمبوهه قبيلي جو پاڙو آهي.

جميل زئي: توخي پناڻن جو هڪ پاڙو.

جناساند: دلن جي لنجا شاخ مان هڪ پاڙو.

جنباٹي: پٺن جو هڪ پاڙو.

جنجاٹي: سمن جي ڪٽا پاڙي جو هڪ نالو.

جنجوعه: راجپوت آهن جيڪي سورج بنسيءَ جو اولاد آهن. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر). تامسن لکي ٿو تہ جنجوعہ جوڌپور جي رانوڙ راجپوت نسل مان آهن. سندس مورث اعليٰ جو پٽ راجا مل رانوڙ هو. 980ع ڌاري جوڌپور ۽ قنوج مان لڏي اچي جهلم ۾ وينا. برانڊرٿ موجب هي جوڌ جي پاڻ "ويرا" جو اولاد آهن. جنرل ڪنگهم کين هوشيار پور جي آريائي نسل مان انو، انوان يا اعوان جي پٺن مان لکي ٿو. مسٽر گريفن چوي ٿو تہ جنجوعہ يادوبنسي پٺي آهن. ابوالفضل کين يادوبنسي راجپوت لکي ٿو. مسعود لکي ٿو تہ جنجوعہ سنڌ جي چچ (جج) جو اولاد آهن آرائين ۾ پڻ آهن.

جَنجهه: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي.

جُنجهه: دلن جو پاڙو آهن.

جِنجهه: ٽر جا ملاح ۽ مهاٹا آهن.

جنجهيوا: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

جِنداٹي: گورچاٹي بلوچن جي درڪاٹي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. ڪوسا قوم جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "جنداٹي" آهي، هي جيئند رند جو اولاد آهن. سندن شجرو هن طرح آهي..

میر جلال خان
|
رند
|
رمضان
|
نصير الدين
|
احمد
|
گلو
|
فيروز
|
کالو
|
فيروز شاهه
|
شهک
|
جيئند
|
جنداڻي کوسا رندن مان

جندران: راجپوتانا کان آيل راجپوتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو. ڪراچيءَ ۾ ڪافي تعداد ۾ رهن ٿا.

جندواڻي: پنجاب بهاولپور کان لڏي آيل کوسن جو پاڙو آهي.

جند: ملاح ۽ مهاڻا آهن. اعوان قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "جند" آهي.

جنداڙا: جند آهوڙن ۽ گرگلن جي ذات آهي.

جنداڻ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جنداڻي: مڇي مارڻ وارا ملاح آهن. (بحواله: مهراڻ نمبر 4-3 سال 2001ع ص 33)

جنداهوڙا (جندآهڙا): شڪاري، حرام کائيندڙ، خانبدوش. جندن جي مرمت ڪندڙ فقير آهن. هي بهراڙين ۾ گهر گهر وڃي جند آهوڙين ٿا ۽ مزوري ونن ٿا.

جندوڙا (جنديوڙا): هندو قوم جي هڪ گهٽ ذات آهي. جيڪي رلي پني پنهنجو گذرسفر ڪن ٿا.

جنسڻاڻي: سومرا آهن.

جَنگا: مهر قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

جَنگا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جَنگانند: ڏاريجا چاچڙن جو پاڙو آهي.

جنگاڻا: زرداري جتن جو هڪ پاڙو آهي.

جَنگاڻي: ڏهرن (جت) جو هڪ پاڙو آهي.

جَنگاهي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. (تاريخ سجاول ص 346)

جَنگراڻي: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جنگلاڻي: گورچاڻي بلوچ قوم جي پتافي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو. رندن ۾ پڻ "جنگلاڻي" آهن.

جنگناڻي: ڪرمتين جي جانوري شاخ جو هڪ پاڙو.

جنگوارو: کوسا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

جنگواڻي: جمالي بلوچن ۽ گبولن جو هڪ پاڙو آهي. بلوچستان وارن جنگواڻي بلوچن (بنگلاڻي) جون عورتون شاديءَ کان اڳ گوشت نہ واپرائيندیون آهن (عبرت 15 آگسٽ 2001ع).

جَنگياڻي: بلوچن جي هڪ ذات آهي.

جَنگي زئي: شاهوزئي بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو.

جَنيانا: پنجاب کان آيل "سيال" آهن.

جَنيسپر: پارتا هندو آهن.

جٹا: ساندن جو هڪ پاڙو آهي.

جَٹيجَا: ساندن جو هڪ پاڙو آهي.

جَٹِيجا: ڇتا چاچڙن جو هڪ پاڙو آهي.

جواڪئي خيل: آفريدي پٺاڻن جي آدم خيل قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو

جوباڻيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. لاڙ ۽ ساموندي پٽيءَ سان رهن ٿا.

جوبنايا (جوبنيا): ٻاليشاهي آهن.

جوبن پوتا: هندو لهاڻن جي هڪ نک جو نالو.

جولٹيا: سومرن جو هڪ پاڙو آهي.

جَوجَ (جوز): اصل لفظ "جوز" آهي، جنهنجي معنيٰ آهي اخروٽ، ناريل، جافر. اصطلاحي معنيٰ ۾ اخروٽ، ناريلن ۽ جڙي ٻوٽين ميڙڻ وارا. جوج بگٽي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي، جيڪي مذكوره كم كندا هئا.

جوجا: سمون بن حبو جي پٽ جو نالو "جوجو" هو، جنهنجي اولاد پاڻ کي ذات جا "جوجا" سڏايو. پاٽو، جاڙو ۽ كنر هن جا پائر هئا. برند، جوكيو ۽ ڏهر هن جا پٽ هئا. جَوجن جو شجره هن طرح آهي.



جودرا: هي راجپوت نسل مان آهن. گهوڙا ۽ باز پالين تا. راولپنڊي ضلعي كان آيل آهن.

جوڌَ: سنسكرت جو لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي سپاهي، پهلوان. جوڌ سما آهن.

جوڌا: مگرين جو هڪ پاڙو. هي جوڌو پٽ كنڙ جو اولاد آهن. رُكڻ ۽ جوڌو پاڻ ۾ پائر ٽين.

جوڌاڻي: هندن جي ذات آهي.

جورا: كمبوه قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

جوراهه: سما آهن.

جورائي: كــچ پچ كان آيل ميمڻ آهن.

جوركاڻي (جوركين): مزاري بلوچن جي مسيداڻي شاخ مان هڪ پاڙو آهي. مرزا قليچ بيگ هنن كي جركاڻي لكيو آهي.

جَوركين: مزاري بلوچن جي مسيداڻي شاخ مان آهن.

جوڙ: ملاح ۽ مهاڻا

جوڙ: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

جوسان: ڪمبوهه قبيلي جو پاڙو آهي.

جوساٽي: جمالين جو هڪ پاڙو.

جوشي: هندو برهمڻ آهن.

جوڪيا: تاريخي اپياس مان خبر پوي ٿي ته جوڪيا، اصل ۾ سنڌ جا جت ۽ بلوچستان مان آيل جدگال جت آهن، جنهن ڪري سنڌ جا جوڪيا سماٽي جت آهن، جدگالن جو چوڻ آهي ته سنڌ جا جوڪيا ۽ اسين پاڻ ۾ عزيز آهيون.

1747ع/1160 هـ ۾ بجار جوڪئي ڏاراجا جي راڻي جو قتل ڪيو هو، جنهن تي ميان نور محمد ڪلهوڙي بجار جوڪئي کي "جام" جو لقب عطا ڪيو هو، ان ڏينهن کان وني جوڪين کي جام چيو وڃي ٿو، انهيءَ نسبت سان جتن جي هڪ مشهور اوڙڪ "بجار پوتا" آهي، جيڪي چون ٿا ته اسان جام بجار جو اولاد آهيون، هن وقت جوڪين جو چگو مڙس جام مراد علي خان جوڪيو آهي، جيڪو ملير ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو، هن جي پٽ جو نالو جام بجار خان آهي.

جوڪيا ڪراچي، ٺٽي ۽ سنڌ جي بين ضلعن ۾ نهايت گهٽائي ۾ آباد آهن، جن جا خاص پاڙا ۽ شاخون هن طرح آهن:

	شاخ جو نالو	پاڙا
1.	تيپر	1.آري، 2. بجار (بجار پوتا)، 3 . چوهڙ، 4 . ساتل، 5. قادر، 6. ڪالو 7. مريد، 8. ميراڻ پوتا، 9. قادري، 10. ڪالاٽي.
2.	بنديچو	1. چني پوتا، 2 . چٽي پوتا، 3 . شادي پوتا، 4 . غلام پوتا، 5 . گجر پوتا.
3.	سالار	1. تيوهاٽي، 2 . جاڪرا، 3 . روڙيپوتا، 4 . غلاٽي، 5 . قيصر، 6 . مناٽي، 7 . جماٽي.
4.	برفت	1. برهماٽي، 2 . برا، 3 . حملاٽي، 4 . چورا، 5 . گنياڻ، 6 . گوندار.
5.	پند	1. جوڪيا، 2 . چام، 3 . طيباٽي، 6 . جعفري، 7 . ممداٽي.

مٿين شاخن، قبيلن ۽ پاڙن کان سواءِ اڇا، مرمت، ڪليپوتا، ڏاڪرا، آري پوتا، تاجپوتا، رباعي، موسيٰ، ساکاٽي، همير ڪا، سعيد پوتا (سيٽ پوتا)، عيسيٰ پوتا، طهرياٽي، جاڙاٽي، سائيناٽي، لاکاٽي، شهداداٽي، ارتي، سهرياٽي، بيگاٽي، وسنداٽي، ڏيسراٽي، هالاٽي، قندر پوتا، ساک پوتا، شهياٽي، گاد، دليلاٽي، اڇيا، دايا ۽ قادر پٽ جوڪين جا پاڙا آهن، جيڪي سنڌ ۾ پکڙيل آهن.

جت جوڪين کان سواءِ سومرن، برڙن، ملاحن ۽ سمن جي پاڙن جا نالا پٽ "جوڪيا" آهي، جيڪي سمات آهن، سنڌ جي سما خاندان تي نظر وجهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته جوجا سمي جي پٽ جو نالو جوڪيو هو، جنهن

جي اولاد پاڻ کي جوکيا سڏايو. انڑ بن سمون کي 28 پٽ هئا. جن مان نائين پٽ جو نالو "جوکيو" هو. جنهن جي اولاد پڻ پاڻ کي "جوکيا" (سما) سڏايو. اهي سڀ جوکيا سنڌ ۾ رهن ٿا.

هڪ روايت موجب نهڑين ۽ برفتن جي خاندان مان ڄام برفت کي خيبرڪ پٽ هو. جنهن مان جوکيا آهن. ان برفت سما خاندان مان جوکيو، برند ۽ ڏاهري پاڻ ۾ پائر هئا. جن مان جوکيا وڌيا. ڪلرڪ رپورٽ 1854ع ۾ لکيل آهي ته "جوکيا" اصل ۾ راجپوت نسل مان آهن. هي اوائل ۾ شاهه بلال جي اتر ۾ ڪانگڙا واري جبل جا رهاڪو هئا. جتان اٽڪل ٽي سو سال اڳ ۾ لڏي اچي ملير واري ماڙي ۾ وينا. هنن جا بهادر مرد ڄام مهر علي، ڄام بجار خان، ڄام چاڪر خان هئا. ڪلهوڙن جي دور ۾ ارجن نالي هندو راجا ساڪري لاهوري ۽ ڏاريجا تي حڪومت ڪندو هو. جنهن کي ڄام بجار قتل ڪيو. ان بعد ڄام بجار کي "ڄام" جو لقب ڪلهوڙن طرفان عطا ٿيو. (جوکين جو شجرو، شجرن واري حصي ۾ ڏسندا).

جوگران: روڙ جتن جو پاڙو آهي.

جوگو: ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات آهي.

جوگي زئي: شهواڻي بروهين جي عمراڻي شاخ مان هڪ پاڙو آهي. راءِ بهادر هتورام جو بيان آهي ته "جوگيزئي" رئيساڻي قبيلي جي رستم زئي پاڙي جي هڪ ڦري آهي.

جوگرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جوگي: سنسڪرت لفظ يوگي آهي، جنهن جي معنيٰ سنياسي فقير آهي. هنن جي وڏي کي "جوگيسر" چون ٿا. جوگي مسلمان ۽ هندو ذات جا فقير آهن. هندي ذات جا جوگي، جوڳ پڇائيندا آهن ۽ اهي پنندا آهن، ڪنن ۾ پاڙ يا وڏا والا وجهندا آهن ۽ گيڙو رنگ جا ڪپڙا پائيندا آهن ۽ نانگ پالينداآهن، مرلي وڄائيندا آهن، هي شوجا پوجاري ۽ گورگناٿ جا پيروڪار آهن جيڪي مرندا آهن، ته انهن جي هيڻان يا مٽان ڪنڌ رکي دفن ڪندا آهن.

مسلمان جوگي اڪثر ڪري نانگ پالينداآهن، مرليون وڄائيندا آهن، نانگن تي منڌ هڻندا آهن، نانگ ڏنگيلن تي منڙ ذريعي علاج ڪندا آهن، هي گهوگهي جوهاڻ جا مريد ڇوائيندا آهن. هنن کي "ڪاپڙ" به چون ٿا. لانگوٽي، گاروڙي ۽ آديسي پڻ جوگين جا نالا آهن. راڄپر سما آهن، انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "جوگي" آهي. هي نانگ وغيره ڪونہ پالينداآهن.

بيت: ڪال گڏئو سون ڪاپڙي، بابو رنگ پيوت،
سَرئو سُون سڪوت، جوگي سندي ذات ڪان.

جوگياڻي: گورچاڻي بلوچن ۽ ڪوسن جو پاڙو آهي. ڏاريجا ڄاڻڙن جي نورنگ قبيلي مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو "جوگياڻي" آهي. ڪرمتي جتن جي گبول شاخ مان پڻ آهن.

جوڳيئڙا: مسلمان سمات جي هڪ ذات آهي.

جولاها: فارسي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڪپڙو اڻڻ. هي ڪوري آهن. هندستان ۾ هنن کي تنتي ۽ پائولي چون ٿا. پشاور ۾ گولاهه ۽ هزاره ۾ ڪاسي سڏجن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: جربال، ديسوالي ۽ ڪبيربنسي، چمارن ۾ پڻ جولاها آهن. جيڪي سِکَ آهن. جت جولاها مسلمان آهن.

جوليا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جُونساڻي: سومرا آهن.

جونگاڻي: عمراڻي بلوچ آهن.

جونگلاڻي: مير جتن جي هڪ مکيه شاخ ۽ پڳدار. جيئندزئي، چلوزئي ۽ حمل زئي هنن جا خاص پاڙا آهن.

جونگلاڻي: جمالي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

جوٽا: ملاح ۽ مهاٽا آهن. سندن اوڙڪ سميجن. ابڙن ۽ سمن مان آهي. سميجا هنن جا چگا مڙس آهن. جوٽا. ڏهرجي پٽ پينسين ۽ ساند جي پٽ هالو جو اولاد آهن. جيهو. جاکرو. هوٽي. هنگورو. ڏيرو ۽ پلي هن جا پائر آهن. قارئين حضرات جي معلومات لاءِ "جوٽا" قوم جو شجره آخر ۾ ڏنو ويو آهي. هڪ بي حوالي موجب دل قبيلي جي لنجا شاخ مان "جوٽا" هڪ پاڙو آهي. مُورا (موڙا) نهڙين ۾ پڻ "جوٽا" آهن. مگرين ۾ پڻ آهن. جيڪي مانڊل جي پٽ جوٽي. جو اولاد آهن.

جوٽاڇ: دلن جي لنجا شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو.

جوٽاٽا: ڏاريجا چاچڙن جي نورنگ شاخ مان ملاح ۽ مهاٽا آهن. هي سميجا ڪل ۾ ٿا اچن.

جوٽاڻي: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

جُوٽس: دل قبيلي جو هڪ پاڙو

جوٽو: آبڙ ۾ آهي. تاريخي اپياس موجب جادم جي اولاد مان ڏهر. ڏهر جي اولاد مان پينسين هو. جنهن کي ڏهه پٽ هئا. انهن مان هڪڙي پٽ جو نالو "جوٽو" هو. جنهن جي پنيان ذات جو نالو "جوٽو" پيو.

جوٽيا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

جوٽيجا: سنڌ جي هڪ مشهور ذات آهي. جيڪا مختلف راڄن جي پاڙن مان آهي. جهڙوڪ:

1. ڪتاب سمات جي مصنف جناب الهه رکيو بٽ لکيو آهي. ته "جوٽيجا" سميجا راڄ جي هڪ ذات جو نالو آهي. (ص 55).

2. تاريخ مظهر شاهه جهانيءَ جي مصنف جناب يوسف ميرڪ لکيو آهي تہ مغلن جي دور ۾ سميجا هڪ وڏي قوم هئي، جنهن ۾ "جوٹيجا" ذات وارا بہ شامل هئا.

3. ڏاريجا چاچڙن جي احوال ۾ لکيل آهي تہ "جوٹيجا" انهن جو پاڙو آهي.

4. ايس . صادق عليءَ جي لکڻ موجب "جوٹيجا" دلن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي، جيڪي انڑن مان آهن.

جوٹيجا ذات جا خاص پاڙا هن طرح آهن: 1. جهنگليجا، 2 . رمـاٹي، 3 . ساجناٹي، 4 . قائماٹي، 5. ڪبر، 6 . عارباٹي، 7 . ڳهريا، 8 . ليماٹي، 9 . محبـاٹي، 10. وسـاڻ، 11 . ڇچر، 12. دبگر، 13. ويڙهيجا.

منهنجي تحقيق موجب (شجره) جوٹيجا هوتي ءِ تيبو بن انڑ بن سمون جي اولاد مان سنڌ جا "سما" آهن. اتر سنڌ وارا جوٹيجا چون ٿا تہ اسان ڪماريا (ابڙا) راج جا ماٹهو آهيون.



جوٽيجاڻي: سومرن جو هڪ پاڙو آهي.

جوئلا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جوئيا: راجپوتن جي 36 شاهي خاندانن مان هڪ آهن. اُن وقت هنن کي جهنگل جو آقا چيو ويندو هو. روايتن ۾ آهي تہ راجپوتن جي جودرا شاخ مان يوسف نالي شخص هڪڙي راجا جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. جنهن کي جوئي (زال) چيو ويو. ان جوئيءَ جو اولاد "جوئيا" سڏجڻ لڳو. ڪافي مسلمان ٿيا آهن. هن وقت جوئيا ۽ جويا جي وچ ۾ هڪ جهڙائي نظر اچي ٿي.

جويا: سما آهن. ايس . صادق علي پڻ لکي ٿو تہ "جويا" سما خاندان مان آهن. جيڪي آبڙ ۾ ٿا اچن. جامع سنڌي لغات ۾ ڪتاب "سمات" جي ص 38 تي ۽ ڪتاب سنڌ. بلوچستان ۽ افغانستان جون قومون ص 70 جريان نمبر 29 تي لکيل آهي تہ "جويا" پنجاب جي بهاول پور واري علاقي کان لڏي آيل "سرائي" آهن. جن کي سنڌ ۾ عام طور سرائي ۽ جت چيو وڃي ٿو.

ڪتاب شاهان گوجر ص 183 تي لکيل آهي تہ "جويا" گوجرن (جت) جو پاڙو آهي. جيڪي ستلج نديءَ تي آباد هئا. اتان نقل مڪاني ڪري وڃي بين هنڌن تي آباد ٿيا آهن. دائره معارف اسلام ص 97 تي لکيل آهي تہ "جويا" راجپوتن جو پاڙو (گوت) آهي جيڪي راجپوتن جي ڪيڇي قبيلي مان آهن. سنڌ جو مشهور دانشور محمد ابراهيم ولد محمد خان جويو (لکي شاهه صدر) هن قبيلي مان آهي. هڪ بي روايت موجب جويا. رائي سليمان راجپوت جو اولاد آهن. ڪوريهر. مزاري. ماڪا. مهر ۽ ميتلا هن جا پائر ٿين.

جويا ابڙا: سما ۽ ابڙا آهن.

جهازئي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جهانگيراني: جتڪ بروهين جو پاڙو آهي. مير عاليءَ جي پٽ جو نالو "جهانگير" هو جنهن پنيان پاڙي جو نالو "جهانگيراني" پيو.

جهانيان پوتا: بخاري سيدن جو پاڙو آهي. وهاڻي ۽ معشوق پوتا هن خاندان جا عزيز آهن. جيڪي سيد شير شاهه بخاريءَ جو اولاد آهن. هي سيد سورهين صديءَ ۾ سنڌ ۾ آيو هو. جيڪو مخدوم جي نالي سان مشهور هو. سيد جلال الدين حسين سرخ پوش جي پٽ جو نالو احمد ڪبير هو. ان جي پٽ جو نالو جلال الدين مخدوم جهانيان جهان گشت هو. جنهن جو اولاد جهانيان ۽ جهانيان پوتا سڏجن ٿا.

جهانيان سيد: سيد جلال الدين حسين سرخ پوش بخاريءَ جي پٽ احمد ڪبير ۽ ان جي پٽ جلال الدين مخدوم جهانيان جهان گشت جو اولاد آهن. جن کي بخاري سيد ۽ جهانيان سيد چون ٿا. وڌيڪ تفصيل لاءِ "بخاري" سيدن جو شجره ڏسڻ گهرجي.

جهيجا: سميجن، سمن ۽ راڄپرن جو پاڙو آهي، ضلعي حيدرآباد ۽ بوبڪ شهر جي پرسان هنن جا ڳوٺ اهن.

جهيرجا: ڪيرين (سما) جو پاڙو آهي.

جئپار (جيپار): ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات آهي.

جئپال: ڏيڏن، ڏيڏين (هندو) جي هڪ ذات آهي.

جئسنگهاڻي: هندن جي هڪ آکيه جو نالو.

جئيجا: سهتن ۽ ڏاريجن جو هڪ پاڙو.

جيا: (جئ): پٺن جو هڪ پاڙو.

جياپوتا: ڏيپرن (سما) جو پاڙو آهي.

جياند: سما قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

جياڻي: عمراڻي بلوچن، لشارين، بروهين ۽ ڪوسن جو هڪ پاڙو آهي، ڪوسن جو سردار ذوالفقار علي ڪوسو هن پاڙي مان آهي.

جينوا: ڪتري (هندو) آهن، جن جو واسطو راءِ گهرائي جي "جينوا" ونش سان هو، جنهن نسبت ڪري هي جينوا سڏجن ٿا.

جيپ: مينگهواڙن جي ذات آهي، جيڪي ٽر ۾ رهن ٿا.

جيپار: مينگهواڙ آهن، ٽر ۾ رهن ٿا.

جيپال: ڏيڏن جو هڪ پاڙو آهي، ٽر ۾ رهن ٿا.

جيپڙوت: اوڏن جو پاڙو آهي، سنڌ ۾ رهن ٿا.

جيداڻي: جمالي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

جيڏا: مهرن جو هڪ پاڙو آهي.

جيسر: جي اصطلاحي معنيٰ آهي، تنبي تي ترڻ وارا، هي سميجا ۽ ساريا ڪل مان دريائن تي رهڻ وارا آهن، ڪتابن ۾ لکيل آهي ته سنڌ ۽ ڪچ جي سما خاندان مان ڄام ڪاها جي پٽ ڄام لاکو کي يارهن پٽن مان هڪڙي پٽ جو نالو "جيسر" هو. جنهنجي اولاد پاڻ کي ذات جا "جيسر" سڏايو. ڪن ڪن جاين تي هي "جلسرا" ۽ سڏجن ٿا. ايس. صادق عليءَ جي لکڻ موجب جادم سپني سمن جو ڏاڏو هو. ان جي اولاد مان سوڍا آهن. انهن هندو سوڍن مان هڪ شاخ جو نالو "جيسر" آهي. جي بعد ۾ مسلمان ٿيا. ليڪن هو پنهنجي اصلوڪي ذات "جيسر" سان سڏجن ٿا. سندن شجرو هن طرح آهي:

(1) شجرو



(2) شجرو



هڪ ٻي روايت موجب هوڻي بن انڙ کي ارڙهن پٽ هئا. جن مان مبيجو، ٻهڻ، وسن، جيسر ۽ مورو سڳا پائر هئا. جيسر وڏو پاءُ هو. جنهن پڳ ٻڌڻ کان انکار ڪري فقيري اختيار ڪئي. ان جيسر جو اولاد "جيسر" سڏجن ٿا. وڌيڪ تفصيل لاءِ ٻهڻن جو شجره ڏسڻ گهرجي. بحراٽين ۾ پڻ "جيسر" هڪ پاڙو. سگهڙ علڻ فقير بحراٽي هن پاڙي مان هو.

جيسراجا: مهرن جي هڪ پاڙي جو نالو. سردار غلام محمد خان مهر هن جيسراج پاڙي مان آهي.

جيسراٽي: ملاح ۽ مهاٽا آهن. ايس . صادق علي ڪتاب جي ص 62 جريان نمبر 100 تي هنن کي ملاح ۽ مهاڻن مان ڇاٽايو آهي.

جيسرجا: جيسر جي اولاد مان هڪ ذات آهي. مهرن جو هڪ پاڙي جو نالو پڻ "جيسرجا" آهي.

جيسڻ: پاڙهن (ملاحن) جي پاڙي جو نالو.

جيسوار: هندو راجپوتن جي گهٽ ذات آهي. اڪثر ڪري وڏي ذات وارن راجپوتن جي گهوڙن جي پالنا ۽ رکوالي ڪندا هئا.

جيڪو: بروهي قوم جو هڪ پاڙو آهي.

جيلا ني: جيلا ني يا گيلا ني جسني ۽ حسيني سيد آهن. جيڪي عام مفهوم ۾ "پير" سڏجن ٿا. هي حضرت پيران پير شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جو اولاد آهن. شيخ عبدالقادر اسلامي تعليم جيلان (گيلان) ۾ ورتي هئي، ان شهر جي نسبت سان هن جو اولاد "جيلا ني" ۽ "گيلاني" سڏجي ٿو. شيخ صاحب جي اولاد مان ڪجهه اولاد سنڌ ۾ هجرت ڪري آيو. جن مان شيخ حسن جيلاني مڪليءَ تي مدفون ٽيل آهي، راڻيپور ۾ به جيلاني پير (سيد) وينل آهن. (ڏسو جيلاني ۽ گيلاني پيرن جو شجرو)





جين: اصل ۾ ڪچ ءِ مارواڙ کان لڏي آيل هندو ڏرم جا ماڻهو آهن. هن وقت ٽر ۾ رهن ٿا. هنن جو مذهبي لاڙو ٻڌ ڏرم وارن جهڙو آهي. جانور. يا جيت. نانگ. بلائون وڇون وغيره نه مارينداآهن ۽ نه ئي وري رت وندي شي يا جانور کائيندا آهن. هنن مان ڪي سخت نظريو رکندڙ هر وقت وات ۾ ڪپڙو وجهي گهمندا آهن ته متان ڪو جيت اڏامندي وات ۾ نه گهڙي وڃي.

جِـينا: مڱٿهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

جينده پوتا: متعلوي سيدن مان آهن. سيد موسيٰ بن سيد صاحب بن سيد احمد بن سيد مير عليءَ ڪي ٽي پٽ هئا. ننڍي پٽ جو اولاد "جينده پوتا" سڏجن ٿا. ڄاموٽ سيد هن شاخ مان آهن.

جِـيوراڻي: دل ذات (ملاح) جو پاڙو آهي.

جيوناڻي: ٽالپرن. پنگرن. بروهين ۽ مري بلوچن جي ٽالپر شاخ مان هڪ پاڙو آهي. هندن جي هڪ نڪ جو نالو. ڏاسراڻي ۽ محبوباڻي هن نڪ جون آڪهون آهن.

جِـيوٽاڻي: پتافي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

جَيها: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سمن ۾ پڻ آهن. هنن جو شجره هن طرح آهي:



ڪماريا خاندان وارن جو چوڻ آهي تہ "جيها" اسان (ابڙا) مان آهن.

جِيها: لاکن مان آهن.

جيئا: سومرن جو پاڙو آهي، تر ۾ رهن ٿا. ڪن ڪن جاين تي هي جيئي پوتا پڻ سڏجن ٿا. (بحوالہ ڪتاب سومرن جو دور ص 350).

جيئاڻي: اوڏن جو هڪ پاڙو آهي.

جيئندار: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جيئنداڻي: تالپرن ۽ مري تالپرن جو پاڙو آهي. لسبيلي جي جاموٽن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "جيئنداڻي" آهي. نوٽياڻين جي سرياڻي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ جيئسنداڻي آهي. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 105 موجب جيئنداڻي ميرواڻي بروهين جو پاڙو آهي، جن جو مورث اعليٰ جيئند هو (رسالہ مهراڻ نمبر 1 سال 1990ع ص 74) موجب جيئنداڻي اونار جتن جو پاڙو آهي، هي بگهاڙيو مڪان (ٻني) جا رهاڪو مييِن شاهہ ڪريم جا مريد ۽ فقير آهن. ڪرمتين جي ٻئوا شاخ. ۽ راڏا اڳاريا شاخ جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "جئينداڻي" آهي.

جيئند پوتا: حملاڻي برفتن جو پاڙو آهي. هي حاجي بن اوتيمان بن حمل جو اولاد آهن. ڏيناڻي ۽ پنيلڏي پوتا پڻ حاجيءَ جو اولاد آهن.

جيئندزئي: مير جتن جي جونگلاڻي شاخ جو هڪ پاڙو.

جيئيپوتا: جيئي سومري جو اولاد آهن. (پاڙو).

جاکرن (جکرن) جو شجرو




ابدري
نيٽ
راڻو نوتيار
اوڊر
اوڏ
لاکيار
چام لاکو
(نٽي جي گندرن مان شادي)
انڙ
لاکو
سمون
جاکرو/جکرو
جياند
کاکو
(کاک جو حاکم ۽ مسرقن جو پڳدار)
پلي
رائيڏڻ
پگهيا
ڏيپر
ڏيٽا
ساهڙ
لاکا
هنگورا
اچڻ
مگڻ
برا
پٽا
اراڏين
پليجا
سمون (مسرقن جو سردار)
سمون
(سميجا هن جو اولاد آهن)
انڙ
جاکرو
(اولاد جاکرا)
اچڻ
پگهيو
برو

جوکين جو شجرو

حضرت نوح عليہ السلام




اوڈو
اڈو
لاکيار
(لاکير)
چام لاکو
(ننئی جی گندرن مان شادي)
انڑ
لاکو
سمون
(کاک جو حاکر ۽ مسرقن جو پڳدار)
کاکو
جياند
جاکرو/جکرو
رائيڈڑ
پلي
(سمون مسرقن جو سردار)
(سميجا هن جو اولاد آهن)
سمون
انڑ
(28 پائر)
جوکيو (اولاد جوکيا)
ٽيپو
انڑ
حبو
سمون
جوجو
ڈهر
جوکيو (اولاد جوکيا)

جوڙن جو شجرو


حضرت نوح عليه السلام
بڌا
سنگا
همهر
پاگرت
ڏيرو
اجيپار
دسرت
(والده ڪسيلا)
لکمڻ
رام
نواڪس
اتت
تتت
ڪن
(هن ڪن جو شهر نهرايو هو)
سنبوت راجا
(راجپوتن جو ابو)
سام
جادم
هسپت
(سنڌ جي سمن جو ڏاڏو)
ڪجپت
(چغدن جو ڏاڏو)
پويت
(پٽين جو ڏاڏو)
چوڙو
(چوڙا سمن جو ڏاڏو)
ابدري
نيٽ
راڻو نوتيار
بجيراءِ
سوڍو (اولاد سوڍا)
ويرم
ڏهر
مهر
پهوڙ


اوڊو
اڊو
لاکيار
(لاکير)
جام لاکو
(بادشاھ ٽيو ۽ ننڍي جي گندرن مان شادي ڪيائين)
انڙ
لاکو
سمون
(ڪاڪ جو حاڪم ۽ مسرقن جو پڳدار)
ڪاڪو
جياند
جاکرو /حڪرو
پلي
رائيڊن
سمون (ملاحن جو سردار)
پلي
سمون
ساند (قوم جو سردار)
سميجا هن جو اولاد آهن
هالو
انڙ
ٽيپو
جوٽو (ست پائر)
جيهو
جاکرو
هوٽي
هنگورو
ڊيرو
پلي
انڙ
حبو
سمون
جوجو
ڊهر
پريو
سنگراسي
پنسين
پنيرو
پاٽون
ڳاهو
سپيو
سپڙ
لوڊر
اوڊو
ورسٽيا
جوٽو (ڊهه پائر)

ڄ

ڄار: جتن جو پاڙو آهي. هي سمات آهن.

ڄارڻ: نهڙي آهن تر ۾ رهن ٿا.

ڄاريڪا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ضلعي سانگهڙ ۽ ٺر ۾ رهن ٿا. ميڃي مارڻ واري "ڄار" جي نسبت سان "ڄاريڪا" سڏجن ٿا. ايس . صادق علي پڻ هنن کي ملاح ۽ مهاڻا ڪري لکيو آهي. (بحوالہ ص 62 جريان نمبر (99). ليڪن هنن جو ڇوڻ آهي تہ اسان انڙن مان آهيون.

ڄام (ڄاموٽ): هندي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، اولاد، نسل، پٽ، تخم. سمن حاڪمن ۽ سمات ذاتين جي ڇگن مڙسن، سردارن جو لقب آهي، لسبيلي ۾ وينل برفتن جي هڪ پاڙي جو نالو "ڄام" آهي، جن مان ڄام برفت ڄام هوتي، ڄام مڙجوڪ، ڄام آري ۽ ڄام بدونهايت مشهور آهن، لسبيلي جا "ڪوريجا" بہ هنن مان آهن.

جهلاواني بروهين مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو "ڄام" آهي، سنڌ جي جوڪين جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ڄام آهي، هي نوشهري ضلعي ۾ رهن ٿا.

ڄاماٽي: رند بلوچن، مگسي بلوچن ۽ ڇنا ذات جي پاڙي جو نالو آهي. راءِ بهادر هتورام لکيو آهي تہ "ڄاماٽي" ڪورائي قبيلي جو پاڙو آهي، سهتا ذات جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ڄاماٽي" آهي، جيڪب آباد ۾ ڪوسن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ڄاماٽي" آهي. ڄاماٽي رند سيوهڻ، نواب شاهہ ۽ بين هنڌن تي وينل آهن، رئيس حبيب الله خان ڄاماٽي رند، سيوهڻ جي ڄاماٽي رندن جو ڇگو مڙس آهي، سندن شجرو، شجرن واري حصي ۾ ڏسندا.

ڄامڙا: معنيٰ قد جابندرا، سمن جي پاڙي جو نالو آهي.

ڄامزئي: موسياڻي بروهين جو هڪ پاڙو آهي. مير جتن جي موجاڻي شاخ مان پاڙي جونالو پڻ "ڄام زئي" آهي.

ڄام گوري: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڄاماڻي: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڄاموٽ: (ڄام) جو مادو ڄام آهي، جيڪو سمات جي مفهوم ۽ لقبن ۾ استعمال ٿئي ٿو، لغوي معنيٰ، ڄام جو اولاد، لقب "ٽ" اکر، پٽ ۽ پوٽي کي ظاهر ڪري ٿو، ڄاموٽ سما نسل مان آهن، جن مان لسبيلي جا عالياڻي ڄاموٽ ۽ برفت نهايت مشهور آهن، جيڪي ذات طور "ڄاموٽ" سڏجن ٿا. (ڏسو لفظ ڄام).

لسبيلي ۾ ڏنڏو، گجري، ڪنراڻ، شاهہ لڪ ۽ وندر سندن ماڳ آهن، ڇنري پوٽا سردار گهر آهي. جن جي عالياڻي ڄامن سان عزازت آهي. ڄاموٽن جا خاص پاڙا آهن: 1. بادين پوٽا، 2. بـران پوٽا، 3. پارپيي

پوتا. 4. جيئنداڻي. 5. چنري پوتا. 6. چاموٽ. 7. حسڻ پوتا. 8. ڏيپارجا. 9. سلطان پوتا. 10. سومار پوتا. 11. سيکرو. 12. ڪُترا. 13. گريا. مٽياري سيدن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "چاموٽ" آهي. ونگاڻي جتن مان لاکو سيائي جت هڪ مشهور فقير شخصيت هو. جيڪو پاڻ کي "چاموٽ" سڏائيندو هو. سندس اولاد ۾ چاموٽ سڏجي ٿي. مٽياري سيدن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "چاموٽ" آهي. سندن شجرو. شجرن واري حصي ۾ ڏسندا.

چاٽيرا: سما ذات جو هڪ پاڙو آهي.

چبيرا: ملاح ۽ مهاٽا آهن. هنن کي جهبير ۽ جهبيل به چون ٿا.

بيت: سميون ڪري سينگار، راءُ ريجهائڻ آيون،

چـام هـٽ ۾ چـار، چلي چبيرن وچ ۾. (شاهه)

چٽا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

چـٽـيا: مارواڙ کان لڏي آيل هندو آهن. هي جاتيا ۽ چٽيا به سڏجن ٿا. هنن جو اٺ ويهڻ، ڏنڊو ڏاڙي ڪلالن جهڙو آهي. هي شو جا پوڃاري آهن ۽ رامديو جا مريد آهن. هي هندن جي گهٽ ذات آهي، چمڙي رڱڻ جو ڪم ڪن ٿا. مئلن کي ساڙين ٿا. حيدرآباد ۾ ڪافي تعداد ۾ رهندڙ آهن.

چچوها: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

چـڙهـا: ملاح ۽ مهاٽا آهن. هنن جا ڪجهه ڳوٺ نيو سعيد آباد ۽ پٽ شاهه جي پرسان آهن.

چماريا: راهوما آهن.

چندواڻي: ڪوسن جي ڪلولائي تمڻ مان هڪ شاخ آهن.

چٽائي: ملاحُ ۽ مهاٽا آهن.

چـوراٽي: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

چهو: ٻاليشاهين جو هڪ پاڙو آهي.

چـيناٽي: جتن جو هڪ پاڙو آهي. "چينڙا" نڪ مان هندن جي هڪ آکيه جو نالو پڻ. گيانچنداڻي هنن جا نڪڙ يا سوٽ ٽين.

چينڙا: هندن جي هڪ ذات آهي. پريائي، نوتاڻي، آٽلاڻي، چيناڻي ۽ گيانچنداڻي هن نڪ مان آهن. هي سڄي سنڌ ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. ان ڪري چوڻ آهي ته : "چينڙا، گڏ نه وينڙا"

چينلاڻي: "چابڙيا" نڪ مان اروڙ ونسي هندو آهن. هي ديوان چينمل ديوان بيليرام جو اولاد آهن. ديوان چينمل حيدرآباد جي ميرن ياران شڪارپور جو گورنر هو.

چينواڻي: "ڪڙيجا" نک مان هندن جي هڪ آکيڙ جو نالو. انبواڻي. مولچنداڻي. ڪيسواڻي " پڳواناڻي هنن جا نڪڙ يا سوٽ ٿين.

چـينيا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.





چاماڻي رندن جو شجرو




حمل (ابراهيم)
(حملاڻي رند)
مير چاڪر خان رند بلوچ (رندن جو مورث اعليٰ)
مير دان خان
نواب مير شهداد خان
مير نوح خان
مير بجار خان
مير باگڙ خان عرف باقر خان
مير الهداد خان
مير شهڪ خان عرف مير اسحاق
مير سپهدار خان
مير شاهو خان
مير ميرو خان
مير شهيڪ خان
مير شهداد خان
بيا چهه پاٽر
مير رند خان بلوچ
مير دائود خان
بلوچ خان
ملائر بي بي
جسڪ خان
لشار خان
لشكر خان
نورو خان
كندن خان
كويچ خان
محمد خان
شهانو خان
جسكاڻي رند بلوچ
مير سلطان خان
لشكراڻي رند بلوچ
لشاري رند بلوچ
نوراني بلوچ
كنداڻي بلوچ
كيچاڻي بلوچ
محمداڻي بلوچ
شهاڻي بلوچ
مير لڏو خان
مير محمود خان
مير احمد خان
شهباز خان
چام خان چاماڻي رند بلوچ
عالم خان
بهادر خان
عالماڻي رند بلوچ
(وڌيڪ لاءِ بلوچن، رندن ۽ مير چاڪر خان جو شجرو ڏسڻ گهرجي).
غلام محمد خان
محمد مراد خان
غازي خان
عالم خان

جھ

جھاپر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جھاڪورا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. نو مسلم راجپوت. جيڪي راجا جاگا راجپوت جي نسل مان آهن. هي ڳوٺ جهاگهري ٽر ۾ رهن ٿا.

جھالا: مکواڻن جي شاخ آهن. ٽر ۾ رهن ٿا.

جھالوڪ: ٽيبن جو هڪ پاڙو آهي.

جھامناٹي: هندو آهن. مشهور شاعر. پرسرام "نياءِ" هن کيڙ مان هو. هنن جي نک جو نالو "چيتيا" آهي.

جھانجھان: هڪ مسلمان سمات ذات سکر طرف.

جھانَجھرَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جھانَجھرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جھانجھڻ: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جھانجھڻجا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جھانگاري: مير جتن جو هڪ پاڙو. ڪن جاين تي هنن کي ساهووال ۾ چون ٿا.

جھانگر: (1) باجرن وانگر بني حاڪم جو اولاد آهن. هي عرب کان آيل آهن. هنن جو احوال محمد بن قاسم جي حوالن ۾ ملي ٿو. هن ذات جي پنيان تعلقي سيوهڻ ۾ منچر ڍنڍ جي ڀرسان ٻاجارن جي نزديڪ هڪ ڳوٺ "جهانگارا" اڏايل آهي. ليڪن هن وقت هن ذات وارا موجود ڪونہ آهن. (2) ٻي روايت موجب جهانگر. حرام کائيندڙ شڪارين جي هڪ ذات آهي. جن مان هڪ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو مريد هو. جيڪو بعد ۾ مسلمان ٿيو ۽ درويشي اختيار ڪيائين. هن وقت تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ مدفون آهي. راقم هن جي قبر ڏٺي آهي.

جھانگرا: ترکان هندن جو پاڙو آهي. لوهه ۽ ڪاٺ جو ڪم ڪن ٿا.

جھانگڙا: مسلمانن جي ذات آهي. روهڙي تعلقي ۾ رهن ٿا.

جھانگڻ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جھانگي: معنيٰ جهنگلي ماڻهو هي مالوند آهن. جهنگن ۾ رهڻ ڪري ذات جا " جهانگي "يا" جهانگياڻي" سڏجن ٿا.

ويڙهيا گهمن ولين جهانگي منجهه جهنگن (شاهه).

جهانگياڻي: چاندين ۽ چنن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. چنن جو سردار غازي خان چنو هن پاڙي مان آهي. جاتي ضلعي ننڍي ۾ ملاحن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "جهانگياڻي" آهي. اروڙ ونسي هندن جي هڪ آکيه جو نالو پڻ "جهانگياڻي" آهي. جيڪي ٻهوجا" نک مان آهن. چئنياڻي ۽ هنن مان آهن مشهور وڪيل راءِ بهادر ديوان پريمچند آوتراءِ ۽ فتح چند آسومل هن آکيه مان هئا.

جهانگڙ: پٽين جو هڪ پاڙو آهي.

جهبيل: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هنن کي جهبير ۽ جبير ۽ چون ٿا.

جهبر (جهبر): ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جهبرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جهبير (جهبير): واڱون ۽ ڪچون مارڻ وارا ملاح ۽ مهاڻا آهن. هي حرام کائين ٿا. هنن کي چمار، چوهڙ ۽ وڏ ٻيڙائتا ۽ چون ٿا.

اهي چڙهيا پالکئين، اهي سي سهل
جتي جهبيرن جهوپڙيون، ٿيا ماڙيون تت محل،
سمو ڄام انگل، اچيو انهن سان ڪري (سچل)

جَهتا: پنجاب کان آيل ميراثي ۽ مڱڻهار آهن.

جهتاڻي: لاشارين جو پاڙو آهي.

جَهتيال: سما ۽ پٽي آهن. پٽي جهتيال سرائڪي ڳالهائين ٿا. هي جت اوڙڪ ۾ اچن ٿا. جهنگ پنجاب کان آيل "جهتيال" سيالن مان آهن.

جَهتَ: سرائي آهن.

جَهتيا: هڪ غير سمات ذات آهي

جهتيال: سرائي پٽي آهن. جت اوڙڪ ۾ اچن ٿا

جَهپَلا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جَهرَڙَ: سما آهن.

جهرڪَ: سما آهن. هن ذات ٻنيان ننڍي ضلعي ۾ "جهرڪ" نالي شهر آهي، جيڪو هن بندهه جو ڏنل آهي.

جَهگڙَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جهگيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جهلا: گونگا خاندان (سما) جي وڏي ڏاڏي جو نالو "جهلو" هو. ان جي اولاد پاڻ کي وڏي جي نسبت سان ذات جا "جهلا" سڏايو. هي لسبيلي جا سما آهن. جن مان کافي لڏي اچي اندروني سنڌ ۾ وينا آهن.

جَهلاڻِي: بُرڻن جو پاڙو آهي.

جهلجائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

جَهلزئِي: شهواڻي بروهي قبيلي جي عمراڻي پاڙي مان هڪ ٽڪ جو نالو آهي.

جَهلڻ: ملاح آهن. کاري ۾ رهن ٿا.

جُهلڻ: سما آهن. ٽر ۾ رهن ٿا.

جَهلُوجا: سما قبيلي جو پاڙو آهي. هن پاڙي مان جان محمد جهلُوجو شهداد پور وارو، ڏور بيٺن جو سگهڙ هو.

جهلورا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

جُهمَتَ: سيڙا ذات جو هڪ پاڙو آهي (بحوالہ: کتاب شاهان گوجر).

جَهمراڻِي: بُرڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. هي بلوچستان ۽ مڪران ۾ رهن ٿا. سنڌ ۾ سندن عزيز آهن.

جَهميرَ: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جِهنجهُ: سمن، رانوڙن، جتن ۽ هندن جو پاڙو آهي.

جهنجهه: کلهوڙن جو پاڙو آهي.

جِهنجَهڻَ: سمن جو پاڙو آهي. هن پاڙي مان بهارو شاهه ميرن جي صاحبيءَ ۾ چاندڪا جو گورنر هو.

جِهنجِهڻِي: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

جهنجهوا: هڪ نو مسلم راجپوت ذات.

جهنجهواڻِي: وورا قوم جو پاڙو آهي.

جَهنجِهي: ٽر ۾ رهندڙ مسلمان سمن مان آهن. هي راجپوت ۽ سڏجن ٿا. ڳوٺ ڪونپاري (ٽر) سندن مرڪز آهي.

جهنڊاڻِي (جهنڊياڻي): کوسن جي مٽيوال پاڙي جي شاخ آهن.

جهنڊو: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. سکر ضلعي جي ناري واري علاقي ۾ سندن چند ڳوٺ آهن.

جهنڊي: ڪمبوهه قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

جَهندِيرَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هڪ بي روايت موجب جهندير قريشي آهن، ليڪن پنجاب جا ماڻهو هنن کي "جت" چون ٿا. ککڙ، هانس ۽ جهندير پاڻ ۾ عزيز آهن.

جُهندبيرَ: سما ذات جو هڪ پاڙو آهي.

جهَندبيلَ: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جهَندبيلا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جِهرنگ: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جِهنگَ: جتن جو هڪ پاڙو آهي.

جهنگلاڻي: مهيري جتن (ڪرمتين) جو هڪ پاڙو.

جهنگليجا: جوڻيجن جو هڪ پاڙو آهي.

جهوجها: مگرين جو هڪ پاڙو. هي مانڊل جي پٽ جهوجهي جو اولاد آهن.

جهُوٽا: ٽر ۾ رهندڙ هندن جي هڪ ذات آهي.

جهُورا: انڊڙ قبيلي جي هڪ ذات (پاڙو) آهي.

جهُولَڻَ: سمن، جتن ۽ ملاحن جو هڪ پاڙو آهي.

جهُونجهاڻَ: بگهيا ۽ ملاح آهن.

جَهيجها (جهيجا): سمن جو هڪ پاڙو آهي.

جهيرٽَ: ٽري مينگهواڙ آهن.

جهينور: پنجاب جا اصل رهاڪو ملاح ۽ مهاڻا آهن. حرام ۽ حلال جانور کائي پيٽ پالين ٿا. ڪجهه تعداد ۾ مسلمان ٿيا آهن، اهي حرام کان پري آهن، سنڌ ۾ به ڪافي هنڌن تي رهائش پذير آهن ۽ سنڌ جي ملاحن سان ملي جلي ويا آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. پٽي، 2. پٽيارا، 3. پڙپونجا، 4. ٽانڪ، 5. ڏينور، 6. سمي، 7. سوهال، 8. کوکر، 9. ڪهار (هندو)، 10. ماڇي، 11. مڇيارا، 12. مهرا (هندو)، 13. منهاس.

ڇ

چاچ: لنگاھ آھن، جيڪي چاچ جو اولاد آھن.

چاچا: هندي لفظ آھي، جنھن جي معنيٰ آھي، پيءُ جو پاءُ، چاچا ھڪ غير سماٽ ذات آھي.

چاچريَ: رندن جو ھڪ پاڙو آھي.

چاچڙَ: اصل ۾ هندو ملاح ۽ مهاٽا هئا، جيڪي سنڌ جي درياءَ، ڏنڏن ۽ ڏورن تي رهندا هئا، مسلمان ٿيڻ بعد پاڻ کي سما ۽ سميجا کل مان چوائڻ لڳا، انهيءَ اوڙک ۾ چاچڙ ڏاريجا، چاچڙ چٽا، جگند (جگانند)، ڏميا، نورنگ، جوٽيجا، راجديھ، جاڳمياڻي، سدھاڻي، منياڻي، جوٽاڻا، چاچڙ جگدا، چاچڙ ميربحر ۽ مهاٽا شامل آھن. ڈاڪٽر بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ ۽ ڈاڪٽر الھ رکيو ٻٽ ڪتاب "سماٽ" ۾ چاچڙن کي ملاح ۽ مهاٽو (ميربحر) لکيو آھي. ايس صادق علي ڪتاب **The Races Found in Sindh, Balochistan and Afganistan** جي ص 59 تي چاچڙن جا قبيلا ۽ پاڙا ھن طرح لکيا آھن:

قبيلا	پاڙا
1. جگانند	1. بليلاڻي، 2. پورا، 3. جماڻي، 4. کيدا، 5. ڊگريچا، 6. سانگي، 7. ڪچا، 8. گنلا، 9. گاڙھيجا، 10. ماکلواڻي، 11. مُريا.
2. چٽا	1. بلڙا، 2. توبا، 3. پوستي، 4. جانيجا، 5. داداڻي، 6. ڏلاڻي، 7. دنبوراڻي، 8. ڏانڊياڻي، 9. ڏانڙا، 10. ڏگاڻي، 11. رانجي، 12. ساکاڻي، 13. شيخاڻي، 14. ڪارڙا، 15. ڪنا 16. ڪلاڻي، 17. ننگاڻي.
3. نورنگ	1. جوٽاڻا، 2. جوٽيجا، 3. جوگياڻي، 4. حلواڻي، 5. راجديھ، 6. ريڙي، 7. سدھاڻي، 8. ڪٽا، 9. لُش، 10. مانگھرا، 11. متاڻي.

ساڳئي محقق هنن کي ملاح، مهاٽا ۽ سما ٻڌ لکيو آھي، ھڪ ٻي تحقيق موجب انڙ چام کي 28 ٻٽ هئا، انهن مان ھڪڙي ٻٽ جو نالو "چاچڙ" هو، ان چاچڙ جي اولاد پاڻ کي ذات جا "چاچڙ" سڏايو، چاچڙ هن وقت ھڪ آزاد قبيلو آھي، ڈاڪٽر لعل بخش نائچ ۽ چاموٽ حاجي خان چاچڙ جي مقالن ۽ تحريرن مان معلوم ٿئي ٿو تہ "چاچڙ" جادم جي اولاد مان چام، راجا چيوڙ راجپوت جو اولاد آھن، جيڪي درياءُن جي ڪپ تي آباد هئا، لفظ چيوڙ (سنڌي سمون) ڦري، چاچڙ ٿيو، ناميارو محدث شيخ محمد حيات سنڌي ۽ مولانا عبدالقادر سنڌي هن چاموٽ ڪيڙ مان هئا، ڈاڪٽر غلام علي الانا چاچڙن کي مچي مارڻ وارا ملاح لکيو آھي.



چاچڪ: هڪ سمات ملسمان ذات آهي.

چارا: اتر سنڌ ۾ رهائش پزير هڪ مسلمان سمات، ذات آهي.

چارڻاتي: هندو کترين جو هڪ پاڙو آهي.

چارڙا: سما ۽ ملاح آهن.

چارسده: محمد زئي (زمند) پناڻن جو پاڙو آهي.

چارڻ: سنسڪرت جو لفظ ڇئرا آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، پٽ، رولو، ڳائڻو، فقير، مڱڻهار، منگتو، ڪلونت، چارڻ هريجن ۽ هندو راجپوت آهن. مسلمان چارڻ سما خاندان مان آهن. هي شادين مرادين تي ۽ خوشيءَ جي موقعن ۾ ڳائي وڄائي لاڳ ونندا آهن. هي اصل ۾ گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ راجپوتانا جا آهن. راءِ ڏياچ هنن جو وڏو هو. پراڻي دور ۾ بادشاهه ۽ حاڪم کين جنگ جي ميدان ۾ ڳارائيندا هئا ته جيئن وڙهندڙن ۾ جوش پيدا ٿئي. سنڌ جي ميرن، ٽالپرن، ڪلهوڙن ۽ لغارين وٽ چارڻ قوم جا ماڻهو مقرر ٿيل هوندا هئا. جيڪي

خوشين جي موقعن تي ڳائي کين وندرائيندا هئا. هندو چارڻ، راجپوتن کي عزت ڏين ٿا. مئلن کي ساڙين ٿا ۽ ننڍن ٻارن کي پورين ٿا. چارڻ هندو ۽ آهن، مسلمان ۽ آهن. ضلعي لاڙڪاڻي جي ۾ چارڻن جا وڏا ڳوٺ آهن جن مان سهراب چارڻ، صدر الدين چارڻ ۽ ٻيا گهڻا عالم دين ٿي گذريا آهن، هنن ۾ گويا سگهڙ ۽ گهڻا آهن.

ڏاتـــار ۽ مگڻـــي، کونـــ وســـيلو وچ،
سـائي تـال تنـدن جـي، سـائي چـارڻ چـت،
جي هتي جي هت، تہ ڳال مڙائي هيڪڙي. (شاهہ)

چارڻ قوم جوشجرو



چارواڻي: لاشاري بلوچ آهن.

چاريجا: مهاڻا ۽ ميربحر آهن.

چاڪر: فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، نوڪر، غلام، ٻانهو، نوڪر جو نوڪر، مير چاڪر خان جي غلامن مان هڪ ذات آهي.

چاڪراڻي: رند بلوچ آهن، مير چاڪر خان بلوچ جي نسبت سان پاڻ کي "چاڪراڻي" سڏائين ٿا، بين بلوچن ۾ پڻ چاڪراڻي آهن، مثلاً:

1- رندن جي پاڙي جو نالو چاڪراڻي آهي.

2. گورچاڻي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو چاڪراڻي آهي.

3. پتافي بلوچن جو هڪ پاڙو چاڪراڻي آهي.

4. لُنڊن ۾ چاڪراڻي آهن.

5. بگٽي بلوچن جي نوتاڻي شاخ مان هڪ پاڙو چاڪراڻي آهي.

6. بوزدارن جو هڪ مکيہ پاڙو "چاڪراڻي" آهي.

7. جمالي بلوچن جو هڪ پاڙو چاڪراڻي آهي.

8. تالپرن جو هڪ پاڙو آهي، هي چاڪر خان جو اولاد آهن.

9. مري بلوچن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "چاڪراڻي" آهي. عبرت اخبار اربعا 15 آگسٽ 2001ع جي رپورٽ موجب چاڪراڻي مري بلوچن جي عورتن تي شادي ڪرڻ کان اڳ گوشت کائڻ تي سخت منع آهي.

10. کوسن جي سلمن پاڙي مان هڪڙي ڦريءَ جو نالو "چاڪراڻي" آهي. ان کان سواءِ اونار جتن ۾ پڻ چاڪراڻي پاڙو آهي. ڪرمتين جي جهاري شاخ زنگياڻي شاخ ۽ ڳورئي شاخ مان پڻ "چاڪراڻي" آهن. چانگن ۾ بہ آهن.

چاڪئي: ميربحر ۽ مهاڻا آهن.

چاڪي: هندي لفظ "چڪيءَ" مان ورتل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، پيهڻ، پيڑڻ، اصطلاحي معنيٰ ۾ تيل پيڑڻ وارو، گهاڻي وارو، ڏنڊي ۽ ڪرت جي نسبت سان ذات جا چاڪي سڏجن ٿا، عرب ملڪن ۾ چاڪين کي "عصار" چون ٿا. لاڙ جي طرف هڪ ذات جو نالو "چاڪي" آهي، جيڪي تيل پيڑڻ وارا نہ آهن، حقيقت ۾ هي سنيا ذات جو پاڙو آهي، جن کي بلو بہ چون ٿا (تنڊو محمد خان).

پهاڪو: چاڪيءَ ڏاندو چايا، ڦر ڦر گهاڻي آيا.

چاڱليپوٽا: حملاڻي برفتن جو پاڙو آهي. هي چاڱلي ولد چام حمل ولد چام آريءَ جو اولاد آهن. بارڻ ڪوهستان ۾ رهن ٿا.

چالڪا: ميربحر ۽ مهاڻا آهن.

چالوڪيا: گجر قبيلي (هندو) جي هڪ ذات جو نالو آهي. سنڌ جا سولنگي (سولنڪي) هن ذات مان آهن. جي بعد ۾ مسلمان ٿيا آهن.

دائره معارف اسلام ۾ لکيل آهي ته 600ع ڌاري ڪشتري، اگني ۽ هُن راجپوتن مان پرمار، پري هار (پرهياڙ)، چوهاڻ ۽ چالوڪيا پاڻ ۾ پائر هئا. چالوڪيا جو اولاد "چالوڪيا" راجپوت سڏجڻ لڳو. جن مان گوجر، سولنگي ۽ ٻيا راجپوت آهن.

چانٽا: هڪ غير سماٽ ذات آهي. چانٽا هندي لفظ آهي، جنهن جي معني آهي، ٽڦڙ.

چاندا: نهڙين جي راهواڻي شاخ جو هڪ پاڙو.

چاندڙ: هندو چمارن جو هڪ پاڙو آهي.

چانداڻي: بُرڙا قبيلي جو هڪ پاڙو. هي ڳوٺ چانداڻ (جيڪب آباد) جا ڇڳا مڙس آهن.

چاندواڻي: هندن جي ذات آهي، جيڪي چاندومل جو اولاد آهن.

چانديا: سنڌ جو هڪ مڪيه ۽ گهٽائيءَ وارو بلوچ قبيلو آهي، هي سيني بلوچن کان پهرين بلوچستان کان هجرت ڪري اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. چانڊين جو صدر مقام چانڊڪا (غيبي ديرو) نالي سان لاڙڪاڻي ضلعي ۾ واقع آهي. چانديا هوت نسل سان واسطو رکندڙ هڪ شجاع قبيلو آهي. خانبهادر صادق علي شير علي خان انصاري پنهنجي تحريرن ۾ چانڊين کي "هوت" جي بن پٽن مير حسين ۽ مير حاجيءَ جي اولاد مان ڄاڻايو آهي. هن صاحب لکيو آهي ته چانديا ۽ ڪرمتي بلوچ، هوت بلوچ جو اولاد آهن. (ص 21).

ڪتاب قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو جو مصنف مرزا قليچ بيگ ص 307 تي لکي ٿو ته "چانديا بلوچ" هوت بلوچ جو اولاد آهن، جو جلال خان ولد هرين جو پٽ هو. حاجيءَ جو اولاد، غيباڻي، گهراماڻي، مرزاڻي، سمالاڻي ۽ چولياڻي آهن. حسين جو اولاد، مناڻي، مصرياڻي، بهراڻي، قنبراڻي، منداڻي ۽ سندراڻي آهن.

شاعر صوپو بن تيغ عليءَ پنهنجي شاعراڻ انداز ۾ بيان ڪيو آهي ته "چانديا" مير جلال خان سان گڏ "حلب" کان آيا هئا. رند ۽ لاشار جي جنگ ۾ ماڇين (سولنڪي) کي شڪست ڏيئي رندن کان "ڪٽوريا" جو لقب حاصل ڪيو هو. مياڻيءَ جي جنگ وقت چانڊين سرچارلس نيپيئر جي مدد ڪئي، جنهن ڪري کين "نواب" جو لقب ڏنو ويو. نواب غيبي خان کان پوءِ نواب سلطان احمد خان ان کان پوءِ نواب شبير احمد خان چانديا راڄ جو ڇگو مڙس ۽ نواب آهي.

چانديين سُمگسين جا مدامي جهيڙا هلندڙ هئا. جنهن ڪري هو هڪ ٻئي جا ويري آهن. جنهن ڪري چانديا مگسي سنڌيءَ ۾ پهاڪو ٿي ويو آهي. ڪن احوالن مان پتو پوي ٿو تہ سڪندر اعظم 330 قبل مسيح ۾ لاڙڪاڻي واري علاقي ۾ ماهوتا ڳوٺ وٺ پنهنجي فوجي ڪئمپ قائم ڪئي هئي. هن سمات قوم مان نوجوان چوند ڪري فوج ۾ پرتي ڪيا هئا. يونانين انهن چونديل سپاهين کي چونديل (چانديل، چاندا، چاندو) جي نالي سان سڏڻ لڳا. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اهو لفظ ڦري چانديا ٿي پيو. انهيءَ سبب ڪافي قومن جي راءِ آهي تہ چانديا اصل ۾ سمات آهن. چام نظام الدين (1505ع) سمي جي دور ۾ چام نندي جي سپهہ سالار دريا خان، شاهہ بيگ ارغون، هرين ۽ ان جي پاءُ سلطان محمد کي سريمن خان چانديو جي مدد سان شڪست ڏني. سمي سردار راضي ٿي ڪيس جاگير ڏني. جنهن جو بعد ۾ نالو چانڊڪا پرگڻو پئجي ويو. ڪن جي راءِ آهي تہ چانديا هندو راڻي چاندو جو اولاد آهن ۽ اهي سمات آهن.

حافظ محمد رمضان مهيري رسالہ السنڌ اسلام آباد ص 67 تي لکي ٿو تہ "چانديا" هوت بن جلال جي حبن پيڙهيءَ ۾ هوت بن مير عاليءَ جي اولاد مان آهن. جن جو شجرو هن طرح آهي:



بهادر خان	بهيدو خان
شداد خان	باطل خان
يوسف خان	جميل خان
غلام حيدر خان	فتبہ خان
کوسا قبيلو	مزاري قبيلو

هڪ جائزي مطابق چانديين جا مکيہ قبيلا، شاخون ۽ پاڙا هن طرح آهن:

قبيلا / شاخ	پاڙا
1. مرزاڻي	1. مرزاڻي، 2. گراماڻي سردار گهراڻو مرزاڻي پاڙي مان آهي.
2. مارفاڻي	1. انڑاڻي، 2. ايلچاڻي، 3. بلاڻي، 4. بداڻي، 5. پاٽواڻي، 6. پيگهاراڻي، 7. حملاڻي، 8. راڏاڻي، 9. سجاولاڻي، 10. شاهاڻي، 11. کوهيگاڻي، 12. راڏاڻي، 13. گورگيجا، 14. منگهياڻي، 15. نورا عرف متاراڻي، 16. وراڻي، 17. صاحباڻي، 18. اميراڻي.
3. چولياڻي	1. بنگلاڻي، 2. جليلاڻي، 3. رسولاڻي، 4. فوجاناڻي، 5. نانگاڻي، 6. ننگراڻي، 7. جانيگاڻي، 8. برهماڻي، 9. رستماڻي.
4. غيباڻي	1. الهرياڻي، 2. بداڻي، 3. لشڪراڻي، 4. دريائي، 5. گاجاناڻي، 6. فتواڻي، 7. سلطان زئي، 8. عادلاڻي.
5. سماراڻي	1. آجباڻي، 2. تاماڻي، 3. ڏيپراڻي، 4. عمراڻي، 5. قاسماڻي، 6. ڪلواڻي، 7. نورياڻي، 9. پندا.
6. ميرڙاڻي	1. حملاڻي، 2. ميرڙاڻي.
7. بجيراڻي	1. پيرڪاڻي، 2. عاقباڻي، 3. عاقلاڻي، 4. ڪوڪ، 5. لشڪراڻي.

مٿي ڏيکاريل قبيلن، شاخن ۽ پاڙن کان سواءِ هيٺيان پاڙا پڻ آهن:

1. بابراڻي، 2. بزيراڻي، 3. بهراڻي، 4. باگي، 5. باغياڻي، 6. اجواڻي، 7. پاندا، 8. پمداڻي، 9. نوڙها، 10. پلال، 11. پيريزاڻي، 12. جهانگياڻي، 13. چتاڻي، 14. چنگاڻي، 15. چتاڻي، 16. حسناڻي، 17. ختناڻي، 18. خيراڻي، 19. ساکاڻي، 20. سندراڻي، 21. سملاڻي، 22. سُنگاساڻي، 23. سُريجا، 24. خاشا، 25. قمبراڻي، 26. ڪارا، 27. ڪوهہ، 28. گورا، 29. گهراماڻي، 30. لبريجا، 31. لکاڻي، 32. لهريجا،

33. مستوئي، 34. مصرياڻي، 35. مناڻي، 36. ميداڻي، 37. ميرواڻي، 38. مندراڻي، 39. نٽراڻي، 40. نورزائي، 41. هاريائي، 42. هيسباڻي، 43. بچاڻي، 44. ستاڻي، 45. پنجاڻي، 46. گرماڻي، 47. گوگاڻي، 48. ريدر، 49. ميراڻي، 50. کبڑا.

نسلي اعتبار کان ڪوسا، مزاري، هوت، ڪرمتي، چانديا ۽ جانوري پنهنجا پاڻ ۾ آهن.

چانگ: چانگ خان گورچاڻيءَ جو اولاد آهن، هنن جا خاص پاڙا آهن: احمداڻي (اجوداڻي)، باراڻي، پانڌياڻي، چاکراڻي، دوستلياڻي، ريحاني، فتحاڻي، فتحياڻي، لڌياڻي مانجهياڻي، ميراڻي، غازياني، گاهياڻي نوکراڻي، ڪنگا ٽي، ڪوهو ناناڻي (ڪوهوداڻي) ۽ ميواڻي.

رندن، جت بلوچن ۽ سمن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "چانگ" آهي، چانگ سنسڪرت جو لفظ آهي، جيڪو "ان" ڏانهن نسبت، ڏيکاري ٿو، يعني چانگ، انن ڏارڻ، پالڻ ۽ لڌڻ وارا آهن. خواهه اهي سمات هجن يا غير سمات (شجره لاءِ ڏسو گبول) ڪتاب پنجاب کي ذاتين ۾ لکيل آهي تہ "چانگ" ڪانگڙا علاقي جا جت آهن، گهرٽ ۽ باهڻي هنن جا عزيز آهن، هي سڀ هندو آهن.

چانگا: جي بہ نسبت انن سان آهي، هي غير سمات ذات آهي.

چانگڙا: راڻي هندن جو پاڙو آهي، اصل ۾ ڪانگڙا علاقي جا رهواسي آهن.

چانهيا: غير سمات ذات ۽ سمات ذات جو پاڙو آهي.

چانيها: سمن جو هڪ پاڙو آهي، ضلعي سانگهڙ ۽ ميرپورخاص طرف رهن ٿا.

چانيهڙ: سما ذات جا آهن.

چاوڙا: راجا سورج ونسيءَ جي اولاد مان "راجپوت" آهن، ننڍي ضلعي جي ڪاري واري حصي ۾ رهندڙ چاوڙا ملاح ۽ سما آهن.

چاولا: هندو قوم جي هڪ واپاري ذات آهي، هي اروڙ ونسي آهن، چوٽي آهي تہ "چگهہ، ماکيجا چاولا ۽ چوٽين ذات بجاج". هي چارئي آکهون شڪارپور جون مشهور واپاري هيون، ان ڪري سندن پٽيان چوٽي پئي.

چاوٽا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

چاهتي: بلوچ چاهت، ڪوهہ کي چون ٿا ۽ ان تي آباد ٿي ويهڻ وارا ذات جا "چاهتي بلوچ" سڏجن ٿا.

چاهل (چهير): هي راجا ريک تنوار راجپوت جو اولاد آهن جن کي "جٽ" چيو وڃي ٿو.

چاهڙ: راڻوڙ نسل جا هندو آهن.

چپ: ڪانگڙا جي ڪنوج راجپوتن مان هڪڙي جو نالو راجا "چپ" هو. جنهن اورنگزيب عالمگير جي اثر هيٺ اسلام قبول ڪيو. بعد ۾ ڪيس شهيد ڪيو ويو. سندس اولاد اڄي جهلم ڪناري "چپال" ۾ وينو. جنهن پان کي "چپ" ۽ "راجا" سڏايو. اعليٰ ذات هئڻ ڪري سيد ۽ ڳکڙ هنن سان مٽيون مائٽيون ڪن ٿا.

چتا: پاڙهن جو پاڙو آهي (ملاح).

چُتاري: پنجاب کان لڏي آيل ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. هنن کي "پڙپونجا" ۽ "پوحوا" ۽ چون ٿا. اڪثر هندو آهن.

چَتاڻي: چاندڻيا آهن.

چتايا: ڪوهستاني سمات ذات آهي.

چَتا: سومرن جو هڪ پاڙو آهي. هندن ۾ پڻ آهن.

چَتاڻي: سومرا ۽ گهنيا آهن.

چُتاڻي: شنباڻي رندن مان گڏري پٽ شنبي جو اولاد آهن.

چَتوڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

چَنا: چيما ۽ چنا راءِ پٺورا جو اولاد آهن. جيڪي پٽين جي اوڙڪ مان آهن. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر) سرليپل گريف لکي ٿو تہ چنا دهليءَ جي چوهاڻ بادشاهہ ۽ چيمہ جي مورث اعليٰ پرٿي را (پٺورا) جي پوٽي "چنا" جو اولاد آهن. چنا جي ڏهين پيڑهيءَ ۾ داهرو نالي هڪ شخص هو. جنهن ڪرنال جي جٽ قبيلي مان شادي ڪئي ۽ 1600ع ۾ مسلمان ٿيو. ان بعد هي چنا راجپوت ۽ چنا جٽ سڏجڻ لڳا.

چجاڻي: ڪوسا آهن.

چَجرا: گهٽ ذات وارا سرائي آهن.

چجڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

چَچا: سمات (آبڙ) ذات آهي قمبر (ضلعي لاڙڪاڻي) جي پرسان سندن ڳوٺ آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ چچن جي ذات ڪنهن بئي هنڌ نہ آهي.

چچڙا: ٽري هندو آهن. هندن جي هن نڪ مان سپاني، ريجسنگاڻي، لالواڻي، اتم سنگهہ، گرڏاري ملاڻي ۽ جگتياڻي (پنجابي) مشهور آڪهون آهن.

چچي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

چڇڙ (چڏڙ): جهنگ پنجاب کان آيل "سيال" آهن.

چندي: پنهورن جو هڪ پاڙو آهي.

چَدَرَ (چدڙ): پراکرت م جدر ۽ سنسکرت م جٹر لفظ آهن، جنهن جي معنيٰ آهي، پيٽي، سُچر، گهٽ کائڪ، سمن ۽ ملاحن جي پاڙن جو نالو آهي.

چَدِڙَ: راجپوتن جو پاڙو آهي. (بحوالہ: کتاب شاهان گوجر) کتاب پنجاب کي ذاتين م لکيل آهي تہ چدڙ، وٹو ۽ پٹا سورج بنسي راجپوتن جو اولاد آهن، مسٹر اوبرائن جو خيال آهي تہ هي جت آهن.

چِرا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

چراهِ: سما ۽ ملاح آهن.

چرکلوٹ: ميو قبيلي جو پاڙو آهي، هي مسلمان آهن.

چرهوآ: سرائي جتن جو هڪ پاڙو آهي.

چريا: کوسن ۽ سمن جي هڪ ذات آهي.

چريزئي: مکاڻي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

چِڑِي: غزيني مرين جو هڪ پاڙو آهي.

چِشتي: افغانستان جي شهر "هرات" جي پرسان هڪ ڳوٹ جو نالو "خواجہ چشت" آهي، جنهن جا رهواسي مغل اچي ڪراچي م وينا، جن يان کي "چشتي" سڏايو. (بحوالہ: کتاب دائره معارف اسلام ص 648). هي چنگيز خان مغل جي پٹ "جوجي" جي اولاد مان آهن.

چُغَ: سمن جو هڪ پاڙو آهي، چگدا، جگدا ۽ چغدا ذاتيون هن مان ڦٹل آهن، جيڪي سما، ملاح ۽ مهاٹا آهن.

چغتا: چنگيز خان (مغول) کي چار پٹ جو جو، تولو، اوکتو ۽ چغتو هئا، چغتو جو اولاد چغتا آهن. (1247ع) چغتي جي پٹ جو نالو برق (براق) هو. عام طور ائين سمجهيو ويندو آهي تہ چغدا، چگدا يا چگدا، مغل آهن، ليکن ائين نہ آهي، چغدا، چگدا يا چگدا، سما، ابڙا ۽ ملاح آهن، نہ کي مغل، ها چغتا (چغطا) مغل آهن، (بحوالہ: کتاب شاهان گوجر ص 183).

چُغتائي: فارسي لفظ آهي، هي مغل خاندان جي هڪ ذات آهي، جيڪي چغتا بن چنگيز جو اولاد آهن، سندن م نهايت نالي ماتر رهن ٹا.

چُغدا: انڙ بن سمون کي 28 پٹن مان هڪڙي جو نالو چغ هو، ان جي اولاد کي "چغدا" چون ٹا، هي سما ۽ ملاح آهن، چغدا سما آهن، هي گجپت بن جادم بن سام جو اولاد آهن. (ابڙا). لفظ چغدا، چگدا، چگٹا ۽ چغتا م تميز ڪرڻ تمام ضروري آهي، چغتا مغل ۽ پٹان آهن، چغدا سما (ابڙا) آهن ۽ چگدا سما ۽ ملاح آهن، چغدن جو شجرو هن طرح آهي:

چغدا - چگدا - چگتا سمن جو شجرو هن طرح آهي.





(1) **چوٽي سنڌ سمون، کاچي چنو، پٽي جيسلمير ـ چوٽون پاءُ هو چغدو، جنهن جو گادي، مٽي پير.**

چُغرا: انڙ بن سمون جو اولاد آهن. اهي ملاحن جي اوڙڪ ۾ اچن ٿا.

چغرزئي: مليزئي (يوسف زئي) پنائڻ جو پاڙو آهي. هنن جي ڏاڏي جو نالو دائود پناڻ هو.

چَڪَ: لاشاري بلوچ آهن.

چَڪَراڻي (چوڪراڻي): جتن جو هڪ پاڙو آهي.

چُڪَ: لاشاري بلوچ آهن.

چُڪَرا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

چگدا (چگدا- چغدا): ميربحرن ۽ مهاڻن ۽ سمن جي ذات آهي. هنن جو ڏاڏو "گجپت" آهي. ان موجب "چگدن" جو شجره هن طرح آهي:



جتن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "چگدا" آهي. هي سنڌ ۾ رهن ٿا. هي جت اصل ۾ پنجاب کان لڏي آيل جاٽ آهن.

چگوزئي: بروهي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

چگدا: ميربحر ۽ مهاڻا آهن.

چگهه: هندو لهاڻن جي هڪ نک جو نالو. چنديراماڻي. ڪرناڻي. ڪرپالاڻي. منگلاڻي. شنگهواڻي ۽ پنپاڻي هن نک جون مکيه آکهون آهن.

چل مارزئي: ميدن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هي پاڻ کي لاسي. نومڙيا ۽ نهڙيا ٻه چوائين ٿا. ساموندي ڪناري سان رهن ٿا.

چلوزئي: مير جتن جي جونگراڻي شاخ جو هڪ پاڙو.

چليا: سمن جو پاڙو آهي. ننڍي ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو "چليا" آهي. جيڪو هن ذات سان منسوب آهي.

چمار: سنسڪرت جو لفظ "چرمڪار" آهي. جنهن جي معنيٰ آهي سوچي. موچي. چم جو ڪم ڪندڙ. ڪلال. چمار هندو قوم جي هڪ ڳهت ذات آهي. جيڪي چم جو ڪم ڪن ٿا. هنن جا مکيه پاڙا آهن:

1. دوسالي. 2. بونيا. 3. بلاڻي. 4. بتوئي. 5. بڌن. 6. پوتي. 7. جال. 8. جٽيا. 9. چاندڙ. 10. چمرنگ. 11. جولاها. 12. دب گر. 13. دوساد. 14. ڊيڊ. 15. رام داسيا. 16. رائداسي. 17. بينس. 18. ڦوندو وال. 19. رهٽيا. 20. ڪنيرا. 21. گڏريا. 22. گوليا. 23. گهميري. 24. ماهمي. 25. هير. 26. ربداسي.

چماڻي: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

چمرنگ: هندو چمارن جو هڪ پاڙو آهي.

چمروايا: گهٽ ذات وارا برهمڻ آهن. جيڪي اهيرن ۽ موچين مان آهن.

چمروزئي: بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

چمڙيا: سماتي جتن جو هڪ پاڙو.

چمڪر: هندو مرهٽن جي هڪ ذات.

چمڪني: پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

چمنائي: ميرحتن جو هڪ پاڙو.

چن: سرائي آهن، جيڪي جيڪب آباد ضلعي ۾ رهن ٿا.

چنا: سنڌ ۾، ايوڌيا جي سورج ونسي نسل مان هئا، جي ڪوهستان کان سواءِ ڪڇي ۽ سيوي تائين حڪومت ڪندا هئا، هي ايترا تہ طاقتور ۽ وڏي راڄ وارا هئا، جو پهاڪي طور چيو ويندو، هو تہ "سنڌ سمون، ڪاڇي چنو ۽ پٽي جيسلمير"، چنا بہ ڏرم جا پوڄاري هئا، هن وقت چنا سنڌ جي قديم قبيلن ۾ شمار آهن. (بحوالہ جنت السنڌ ص 55)، انهن صديءَ ۾ سنڌ جون مشهور قومون، ميرجت، نڪامريا ۽ چنا هئا، ان وقت بہ چنن کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي.

قديم راجائن جا لشڪر ڇئن قسمن جا هئا، انهن مان "اونر" يا "اونرا" جن مان ٿيا "انڙ"، هي لشڪر خاص راجا جي ڪئمپ جا رکوالا هئا، ٻيا "پونر" يا "پنر" هي ملڪ جي ٻچاءُ جو لشڪر هوندو هو، ٽيون "رونير" جي رون ڏيندا هئا ۽ چوٿون "چونير" جنهن مان "چنا" ٿيا، جيڪي ملڪ جي سرحد جي خبر رکندا هئا، چونير سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ چنا يعني سرحدي خبر رکندڙ آهي، سمن جي دور ۾ چنا اصل سمات ۾ هئا، سمن جي راءِ گهراڻي مان جڏهن برهمڻ حڪومت ڪئي (622ع) تڏهن بہ چنا ساڳي اوج سان موجود هئا.

711ع ۾ محمد بن قاسم سنڌ تي حملو ڪيو تہ چنن سڀ کان پهرين اسلام قبول ڪيو، هي ان وقت تمام شاهوڪار هئا، عرب کين مرزق يعني رزق وارا چوندا هئا، عرب دور ۾ هنن کي "شمني" يا "سمني" پڻ چوندا هئا، سوءِ جو حاڪم وڃيہ ولد پنهون چنو هو، پاڳناڻيءَ جو حاڪم چنو ولد ڏيٿو هو، 1911ع ۽ 1921ع ۾ انگريز سرڪار سنڌ جي آدم شماري ڪرائي سنڌ جي قومن ۽ ذاتين بابت ڄاڻ ورتي، ان ڄاڻ مطابق چنن کي ميربحرن جي پاڙي ۽ ذات مان ڄاڻايو ويو آهي، ڊاڪٽر الهرکيو بڻ، ڪتاب "سمات" جي ص 58 تي ميربحرن ۽ مهاڻن جا ڪجهہ پاڙا لکيا آهن، جن ۾ لکيل آهي تہ چنا ميربحر ۽ مهاڻا آهن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جامع سنڌي لغات جلد نمبر 5، ص 2754 تي ميربحرن جا 16 پاڙا لکيا آهن، انهن مان انهن نمبر تي لکيل آهي تہ "چنا" ميربحر آهن.

ايس - صادق عليءِ پنهنجي لکيل ڪتاب The Muslman Races Found in Sindh, Bolochistan and Afganistan چاپو 1901 ۾ ميربحرن جا 254 پاڙا لکيا آهن. ص 61، جريان نمبر 40 تي لکيل آهي ته "چنا" انهن ميربحرن ۽ مهاڻن مان آهن. سميجا ڪل مان هڻڻ ڪري محققن چنن کي ملاحن مان چاٽايو آهي. جديد تحقيق موجب "چنا" سمن جو اولاد آهن. جيڪي ميربحرن ۽ ملاحن جي اوڙڪ ۾ اچن ٿا. شجرو هن طرح آهي:



چناقبيلي جامكيه پاڙا هن طرح آهن:

1. اناهاڻي، 2. اياڻي، 3. بچ، 4. بکاڻي، 5. تلهاڻي، 6. ٽراڻي، 7. جليلاڻي، 8. جماڻي، 9. چنا، 10. حامداڻي (حمداڻي)، 11. درگاهيا، 12. دلاڻي، 13. ڏاگاڻي، 14. جهانگياڻي، 15. ساجناڻي، 16. سکياڻي، 17. سمراڻي، 18. سهڙا، 19. شاناڻي، 20. شريفاڻي، 21. عمراڻي، 22. فقيراڻي، 23. ڪچار، 24. ڪاتيار، 25. گوناڻي، 26. گولاڻي، 27. لالاڻي، 28. محمداڻي، 29. مراڻي، 30. موساڻي، 31. موچي، 32. نوناري، 33. وهاڻي، 34. وهناڻي، 35. وهواڻي، 36. ڪوري، 37. بدوا، 38. بدام (بداماڻي)، 39. موڙا، 40. ليباڻ 41. ٻڌ

بيت: چنا چوراسي راڄ، هٿا مولهه مڳ ڏٺي،
جڏهن پين پاڻ ۾، تڏهن ٿيا ترارين ڪاڄ.

چَنال: بزنجو قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

چناڻي: پان فقيرن جو هڪ پاڙو.

چنبڙ: سمن جي ذات آهي، ضلعي حيدرآباد ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو "چمبڙ" آهي، جيڪو هن ذات سان منسوب آهي.

چنبڻ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

چَنَجڻ: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

چنجڻي: سما قبيلي جو هڪ پاڙو آهي، هي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ نصير آباد جي پرسان ۽ راڻيپور ضلعي خيرپور ميرس ۾ وينا آهن.

چنچلاڻي: هندو آهن.

چَنداڻي: پنگرن ۽ هندن جو هڪ پاڙو آهي. مشهور اديب "سندري اتم" هن کيڙ مان هئي.

چندرازئي: بگٽي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

چندناڻي: هندو قوم جي هڪ ذات آهي (بحوالہ: جنب گذاريم جن سين نمبر 1 ص 2).

چندن زئي: بگٽي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

چندواڻي: ميرن جتن جو هڪ پاڙو.

چندور: آرائين قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

چندي پونر: هندن جي هڪ نک جو نالو. لکواڻي هنن مان آهن.

چنديراماڻي: هندن جي "چگهه" نک مان آهن.

چَنَب: سمن جو هڪ پاڙو آهي. تعلقي موري ۾ چنبن جا ڪجهه ڳوٺ آهن. جيڪي هن ذات سان منسوب آهن.

چَنبا: معنيٰ نپاڳا. هڪ غير سماٽ ذات جو نالو آهي.

چَنبال: هندن جي هڪ "ورن" جو نالو آهي. هنن کي ذات جا "شنبال" ۽ چون ٿا.

چَنباٽي: ميربحر ۽ مهاٽا آهن. منجهر ونڊ تي وينا آهن.

چنبيوٽا: سما قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

چنبل: هندن جي هڪ ذات

چنبواٽي: ڪرمتين جي ٻئوا شاخ جو هڪ پاڙو.

چنبيا: پان ذات جو هڪ پاڙو آهي. هي سما ۽ سڏجن ٿا. پان هندو ۽ مسلمان آهن.

چَنبيلَ: راجپوتن جي ذات آهي. رانوڙ. بنديل ۽ چنديل پاڻ ۾ پائر ٿين. هي چتيهن راجپوت خاندانن مان هڪ آهن. ٻيلاس پور جا حاڪم "چنديل" هئا. هي درجه اول جا ناڪر آهن.

چَنراٽي: هوت بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

چنروزئي: شهواڻي بروهين جي حاجي زئي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

چَنريپوٽا (چنڙيپوٽا): لسبيلي جي چاموٽن جو هڪ پاڙو آهي.

چَنَڙَ: مهرن، سمن ۽ جتن جو هڪ پاڙو آهي. مگرين ۾ ٻڌ آهن. هي چنڙ پٽ سڏ جو اولاد آهن. مهراڻ، ڪڙ ۽ چنڙ پاڻ ۾ پائر هئا.

چَنڙا: سما ۽ جت آهن.

چنڙائي: منهون راڄ جتن جو هڪ پاڙو.

چَنگ: سمن جي هڪ ذات آهي.

چَنگاٽي: چانديين جو هڪ پاڙو آهي.

چنگاڻي: ٽنڈو محمد خان ۾ سڻيا وينا آهن. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "چنگاڻي" آهي.

چَنگَڙَ: اچوت هندن جي هڪ ذات آهي. ٿر ۾ رهن ٿا.

چنگلاٽي: ڪاڪيپوٽن جو هڪ پاڙو آهي. مهيري جتن ۾ ٻڌ "چنگلاٽي" آهن.

چنگيزئي: چنگيز خان (مغول) جو اولاد آهن. هن کي چار پٽ چغتو (چغطو). اوڪتو. جوجو ۽ تولو هئا. جن مان ڪن پاڻ کي "چنگيزي" سڏايو.

چَنَلَ: جهلا واني بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

چَنل: جهلاواني بروهين جو پاڙو آهي.

چنڙ: ڪورارن جو هڪ پاڙو آهي.

چنوجا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

چَنهاٽي: پنهورن جو هڪ پاڙو آهي.

چنيپار: پانن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

چنيپوٽا: جوڪين جي بنديجا شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو.

چَنيجَا: پانن جو هڪ پاڙو آهي.

چنيسر: سمن ۽ پهوڙن جو هڪ پاڙو آهي. چنيسر لفظ سنسڪرت بوليءَ جي بن لفظن چندر = چند + ڏئي جو مرڪب آهي. جنهن جي معنيٰ آهي، چند جو مالڪ.

چَواڙ: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

چوبان: غير سماٽ ذات آهي.

چوبَٽَ: ميربحر ۽ مهاٽا آهن.

چَوتوا: بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

چوتاٽي: رندن جو هڪ پاڙو آهي. سراوان ۾ رهن ٿا. هڪ ٻئي حوالي موجب چوتاٽي، رونجهن (سما) جو پاڙو آهي. جيڪي سخي چاڪر سپڙ بن رونجهي جي اولاد مان آهن. شاهه صاحب سرپرپاتي ۾ فرمائي ٿو ته:

چوتاٽي چوٽ وهي، سڪا سانگ پري.
ونهين سڪا سانگ پري، چوٽاٽي سان چوٽ،
ڏيو ڏان ڏڏن کي سپڙ سخي ڏي،
ان راهه مٿي رونجهي ماٽڪ اچليا مينهن جيئن. (شاهه)

ڪرمتين جي ڳورئي شاخ مان پڻ "چوتاٽي" آهن.

چوبن زئي: بابرچ پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

چوپورا: ڪتاب پنجاب ۾ ذاتين ۾ لکيل آهي ته "چوپورا" ڏوگر (جت) قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

چوڌري: هندي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، سردار ملڪ، جاگيردار، ملڪن جو پاڙو آهي.

چَوڌا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

چوڊا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

چوڊري: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

چُوڙا: راجا سورج ونسي نسل مان سمن راجپوتن جي هڪ ذات آهي. جيڪي ٽر ۾ رهن ٿا. برهمڻ هندن ۾ اوڏن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "چوڙا" آهي.

چوسر: پاهڙن جو هڪ پاڙو آهي.

چوڪاٽي: ميرجتن جو هڪ پاڙو.

چوڪرا: هڪ راءِ موجب چوڪرا. ڊوگر (جت) قبيلي جو پاڙو آهي.

چوڪا: جت بلوچن جو هڪ پاڙو آهي. لسٻيلي طرف رهن ٿا.

چوڪر: گوجر قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

چول: هندن جي هڪ ذات.

چولاٽي: رندن جو هڪ پاڙو آهي.

چولياٽي: چاندين جو قبيلو آهي، جنهن جا مکيه پاڙا 1. فوجاناٽي، 12. ننگراٽي، 3. نانگاٽي، 4. جليلاٽي، 5. رسولاٽي 6. بنگلاٽي 7. جانيگاٽي 8. برهماٽي ۽ 9 رستماٽي آهن. ڪرمتين جي جانوري شآخ مان پڻ چولياٽي هڪ پاڙو.

چوند: ميربحر ۽ مهاٽا آهن.

چوندا: سنگراسين جو هڪ پاڙو.

چونر: سماٽي جتن جو هڪ پاڙو آهي.

چَونورا: پرمار هندن جي هڪ ذات آهي.

چَوهَان: ڪتاب دائرة المعارف اسلاميه ۾ لکيل آهي ته 600ع ڌاري ڪشتري، اگني ۽ هن خاندان مان چار پائر پرمار، پري هار (پرهياڙ)، چالوڪيا ۽ چوهاڻ هٽا، اچوڪا چوهاڻ ان اگني ڪولا راجپوت چوهاڻ جو اولاد آهن، جيڪي راجپوتن جي 36 شاهي خاندان مان هڪ آهن، هڪ ٻئي حوالي موجب "چوهاڻ" لفظ سنسڪرت جي لفظ چترواهه مان نڪتل آهي، هي هندو ڌرم جي راجپوت نسل مان آهن، هنن مان ڪافي مسلمان ٿيا آهن، جيڪي اصلوڪي ذات سان "چوهاڻ" سڏجن ٿا. حقيقت ۾ "چوهاڻ" گوجر (گجر) قوم جي هڪ شاخ آهن، هندو اوڏ ۽ هندو "ديوڙا" پڻ چوهاڻن مان آهن، ڪتاب شاهان گوجر ۾ لکيل آهي ته "چوهاڻ" راجا چندر بنسي جو اولاد آهن، جن جو واسطو سوم بنسي، راجپوتن ۽ جتن سان آهي، چوهاڻن جا خاص پاڙا ڪليار ۽ پيلسر آهن.

چوهاڻ: تر ۾ رهندڙ مينگهواڙن ۽ اوڏن جو پاڙو آهي. هنن مان پڻ ڪجهه مسلمان ٿيا آهن. جيڪي پڻ "چوهاڻ" سڏجن ٿا. سکن ۾ هڪ پاڙي جو نالو پڻ "چوهاڻ" آهي. قطب شاهه بن مير عطاءَ الله غازي امان شاهه اعوان هڪ شادي مسلمان چوهاڻن مان ڪئي هئي. سندس هڪ پٽ محمد علي ماءُ جي نسبت سان پاڻ کي "چوهاڻ" سڏايو. ان جو اولاد پڻ ذات جا چوهاڻ (اعوان) سڏجن ٿا. هي "اعواڻ" آهن نه ڪي راجپوت يا سما.

چُوهڑ: جوکين جي تيبر شاخ مان هڪ پاڙو آهي. هي ننڍي ۽ ڪراچي طرف رهن ٿا.

چُوهڑا: مهرن جي پاڙي جو نالو آهي.

چوهڙي: پيلن جي گهٽ ذات آهي. هنن ۾ پيل پنگي، پيل شڪاري، پيل چهڙا، پيل پالا شامل آهن. هي تر ۾ رهن ٿا.

چُهاڻ: راڻوڙ نسل مان مسلمان ۽ هندو آهن. هن وقت هي پاڻ کي "سما" چوائين ٿا. چوهاڻ، چوهاڻ ۽ چهاڻ ۾ ڪاتميز نه رهي آهي. سڀ هڪ ذات "چوهاڻ" سان سڏجن ٿا.

چُهڙ: انڙ بن سمون جي هڪ پٽ جو نالو "چهڙ" هو جنهن جي پنيان سندن اولاد پاڻ کي ذات جا چهڙ سڏايو. هي ملاح ۽ مهاڻا آهن.

چُهڙا: هي گهٽ ذات وارا هندو بالا، بالياشاهي، ديد، پنگي، ڏڪير ۽ شڪاري آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن:
1. ادراڻي، 2. الهاڻي، 3. بر (بر)، 4. پمپاڻي، 5. پنياڻي، 6. پيراڻي، 7. دوساڻي، 8. ڏنڙ، 9. رڪ، 10. عرضياڻي، 11. ڪاراڻي، 12. ڪراڻي، 13. گوئد، 14. سومراڻي، 15. سهيجاڻي، 16. مساڻي، 17. مينهاڻي، 18. وسواڻي، 19. دومنا، 20. ريهر، 21. رنگريٽا، 22. اونٽوال، 23. اهير، 24. بلاڻي، 25. بورت، 26. چپريبند، 27. ڏاريوال، 28. سهوترا، 29. سندو، 30. ڪتانه، 31. ڪليانا، 32. ڪٽيڪ، 33. ڏانڪ، 34. شاهي خيل، 35. گل، 36. ڪارا، 37. کوسڙ، 38. لڏڙ، 39. کوچا، 40. متو، 41. مذبي، 42. مصليءِ 43. هانسي.

چهواڻ (چترواهه): اصل ۾ گجرن جي هڪ ذات آهي. اوڏن ۽ ميگهواڙن ۾ پڻ "چهواڻ" آهن. هن وقت هنن مان ڪجهه مسلمان ٿيا آهن. ليڪن هو پنهنجي اصلوڪي ذات "چهواڻ" سان سڏجن ٿا. سمن ۽ راڻوڙن جي هڪ ذات آهي. چوهاڻ، چوهاڻ، چهاڻ ۽ چهواڻ هڪ ذات طور سڏجن ٿا. حالانڪ هر هڪ جي تميز ۽ حيثيت الڳ الڳ (ذات) آهي.

چئناڻي: هندن جي هڪ آکاهه جو نالو آهي. هڪهڙا سڄديو نڪ مان ۽ ٻيا پهوچا نڪ مان آهن هي اروڙ ونسي هندو آهن. تولاڻي ٻه هنن مان آهن. هي ديوان چئن مل جو اولاد آهن.

چيٽو: ماندڙن جو هڪ پاڙو آهي. هي لسبيلي ۾ رهن ٿا.

چيچڙو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

چيچي: راجا سورج بنسي جي شاخ مان راجا جگديو (راجپوت) جو اولاد آهن. ٽر ۾ رهن ٿا. (بحوالہ: کتاب شاهان گوجر). گوجر قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "چيچي" آهي. هي مسلمان ۽ هندو آهن.

چيلاٽ: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. لسبيلي طرف رهن ٿا.

چيلاريا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

چيلاڻي: بڙدي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي

چيلها (چيلا): هندن جي هڪ ذات آهي.

چيلهاري: هندو آهن.

چيما: پنجاب کان آيل ذات آهي. چيما ۽ چنا راءِ پٿورا جو اولاد آهن. (بحوالہ: کتاب شاهان گوجر) هي پٽيئن جي اوڙڪ ۾ شامل آهن. روايت آهي تہ چيما چوهان راجپوت پرٿوي جو اولاد آهن. سندن مورث اعليٰ چيما راجپوت هو. جنهن شهاب الدين غوري هٿان هار کاڌي هئي.

چينا: سمن جي هڪ ذات آهي. ڏوگر هڪ مشترڪ نسل مان آهن. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "چينا" آهي. چون ٿا تہ هي جت آهن.

چيناڻي: سنڌي هندن جي هڪ مشهور ذات آهي.

چينجڙي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

چينگاڻي: هڪ بلوچ ذات جو نالو آهي. تعلقي سيوهڻ ۾ جهانگارن ۽ باجارن جي پرسان هڪ گوٺ جو نالو "چينگاڻي" آهي،جنهن ۾ بلوچ قوم جا ماڻهو رهن ٿا.

چيٽا: مگرين جو هڪ پاڙو. هي چيٽو پٽ سنڌل پٽ جهنڊو جو اولاد آهن.

چيها: هڪ سمات مسلمان ذات جو نالو آهي.

چيهاڻي: هڪ سمات مسلمان ذات جو نالو آهي.

ڇ

ڇاپائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڇاپرا: سمن ۽ گائنيچن جو هڪ پاڙو آهي. ٿر ۾ گهرڻ هندو رهن ٿا. جن جي هڪڙي گوت جو نال پڻ "ڇاپرا" آهي.

ڇاپراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڇاپڙيا: ٿر ۾ رهندڙ هندن جي ذات جو نالو آهي. هي اصل ۾ راجستان جا آهن. مشهور پبلشر پوڪرداس هن ڪيڙ مان هو. هڪ ٻئي حوالي موجب "ڇاپڙيا" اروڙ ونسي لهاڻن جي هڪ نک جو نالو آهي. ڇينملاڻي، ساگراڻي ۽ لکاڻي هن نک جون آکهون آهن.

ڇاڻپار: برهم ڪتري جي هڪ نک جو نالو.

ڇاڻي: ٿري هندن جي هڪ ذات آهي.

ڇاپرا: راجپوتن جي ذات آهي. مسلمان ۽ هندو آهن.

ڇاڇر: آرائين قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

ڇاڇي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ڪتاب شاهان گوجر ص 171 تي لکيل آهي ته ڪڇي، ڪيڇي ۽ ڇاڇي، گوجر قبيلي جي پاڙن جو نالو آهي. اهي ٽئي ذاتيون هن وقت به سنڌ ۾ موجود آهن.

ڇارا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڇاريجا: باريچا آهن. لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ رهن ٿا. ايس صادق علي ص 61 جريان نمبر 42 تي لکيو آهي ته "ڇاريجا" ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڇاگا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هنن جي راڄ وارا شهداد پور ۾ رهندڙ آهن. حاجي قادر بخش ڇاگو سندن ڇگو مڙس آهي.

ڇاگاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ڪرمتي جتن جي "مرگهر" شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

ڇال (ڇهال): اعوان قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

ڇالاڪاڻي: گبولن جو هڪ پاڙو آهي.

ڇانگاڻي: هندو برهمڻن جي هڪ ذات آهي.

ڇَبال: هزاره ۽ ڪشميري جابلو مسلمان آهن. سندن قبيلو ڪرال آهي. سرارا (سريرا) ڇبال ۽ ڪرال پاڻ ۾ نسلي اعتبار سان هڪ آهن.

ڇَبلاڻي: هندن جي هڪ ذات آهي. حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

ڇتاٽي: چاندين جي حسناٽي شاخ مان هڪ پاڙو آهي. لغارين، سومرن ۽ ڪلوڙن جي پاڙن جو نالو پڻ "ڇتاٽي" آهي. ڪرمتين جي زنگياٽي شاخ مان پڻ آهن.

ڇتر: راجپوتن جو هڪ پاڙو آهي. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر)

ڇتَري: هندن مان نومسلم ڪتري آهن. ڪن جاين تي اڃان بہ هندو آهن.

ڇتَـــري: هندو ڪتري آهن. هنن مان برهمڻ شاديون ڪندا هئا. سنڌ جي ڪافي حصن ۾ رهن ٿا.

ڇتواٽي: هندن جي هڪ آکيه جو نالو. جيڪي ڇتو مل (1901ع) روهڙي واري جو اولاد آهن.

ڇُـتا: اصل ۾ سومرا آهن. هي سنڌ ۽ لسبيلي جي هڪ اهم سماڻ ذات آهي. هنن جو گهڻو تعداد ڏاهياڙي جبل (وارهہ)، دادو ضلعي ۾ آراضيءَ جي پرسان، بلوچستان ۽ لسبيلي ۾ دريجي واري علاقي ۾ رهي ٿو. هنن جي مادري زبان سنڌي آهي، جبل ۾ رهڻ ڪري بلوچي بہ ڳالهائين ٿا.

تاريخي روايتن ۾ آهي تہ هي سومرا دودي سومري جو راڄ هٿا. دودي سومري ۽ علاؤالدين خلجي (چغتو) بادشاهہ جي وچ ۾ جنگ لڳي. دودي چنيسر هار کاڌي. انهن سومرن موقعي مان فائدو وني پاڻ کاڌي. جن مان جيڪي ڀڳا (جند ڇڏائي) تن کي "ڇتا" ڇيائون ۽ جيڪي ڀڄي نہ سگهيا ۽ رهجي ويا. تن کي "کهاوڙ" ڇيائون. هي واقعو وارهہ تعلقي جي ڏاهياڙي جبل ۾ پيش آيو. ان ڏينهن کان وني هي سومرا "ڇتا" سڏجن ٿا. جن جو سردار پوتاٽي آهي. ڇتا ذات مهرن، ڏاريجن، ڇاڇڙن، نومڙين ۽ برفتن ۾ پڻ آهي.

ڇتا ذات جا خاص پاڙا آهن:

1. اڏڙ، 2. اوٺماٽي، 3. باڙچا (ماڙچا) 4. پوتاٽي، 5. بڪڪ، 6. توراني، 7. ڪوري، 8. گنجا، 9. مناٽي.

ايس صادق علي ۽ بين علم الا نساب جي ڇاڻن جو چوڻ آهي تہ ڇام لاکي کي گندري (ملاح) زال مان چار پٽ، مناهيو، ڦل لاکو، انڙ ۽ ڇتو هٿا. ڇتي کي تي پٽ دکنا، ڪلا ۽ بابڙو هٿا، جن جي اولاد پاڻ کي ذات جا "ڇتا" سڏايو. اهي ڇتا سما، ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڇتاٽي: کوسن، لغارين، لاشارين، مير جتن، سهتن ۽ پاليشاهين جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. ڪرمتين جي جانوري شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

ڇتائي: پٺن جو هڪ پاڙو.

ڇـــڙ: مگرين جو هڪ پاڙو.

ڇتيپوتا: جوڪين جي بنديچا شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو.

ڇپراٽي: جمالي بلوچن جو هڪ پاڙو.

ڇپربند: ڇهڙن جو پاڙو آهي. هي حرام کائيندڙ هندو آهن.

ڇجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. کاري طرف رهن ٿا. هنن جو شجرو هن طرح آهي:



جنهن جو اولاد ڇچا

ڇـجاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڇـجا: هڪ قبيلي جو هڪ پاڙو.

ڇـجـڙ: شڪارين ۽ گهٽ ذات وارن جي ذات آهي. جيڪي اڪثر ڪري ڇچ ۽ گاگڙا ناهين ٿا.

ڇـجـڙا: سمات ذات آهي. ڪن ڪن جاين تي هي پاڻ کي بلوچ ۽ چوائين ٿا.

ڇـجـڙا: پنجاب کان آيل سرائي جت آهن. جن جو احوال جامع سنڌي لغات ۾ لفظ "سيرائي" ۾ ڏسڻ گهرجي.

ڇـجـڙا: جتن جو هڪ پاڙو آهي.

ڇـجـڙيل: ڇڇن ناهڻ وارا. هي شڪارين ۽ ٻاليشاهين جي هڪ ذات آهي.

ڇـجـڻ: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڇـجـر: ميربحر ۽ مهاڻا آهن. مڇيءَ جي اندر پيٽ ۾ جيڪو مواد. قوتو. بوري ۽ ٻيو ڪجهه پيل آهي. مهاڻا اهو مواد ڪيي سڪائيندا هئا. ان مواد کي ملاحن جي بوليءَ ۾ "ڇچ" چون ٿا. ان ڪم ڪرڻ وارن کي "ڇچر" چون ٿا. انهيءَ نسبت سان اهي مهاڻا ذات جا "ڇچر" سڏجن ٿا. ڇچ فارسي لفظ "چج" تان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ مڇي جا آنڊا وغيره آهن. جوٽيجا پڻ سميجا ۽ ملاحن جي ڪل مان آهي. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ڇچر" آهي. ايس صادق علي جي لکڻ موجب انڙ بن سمون کي 28 پٽن مان هڪڙي پٽ جو نالو "ڇچر" هو. جنهن جي پنڌيان سندس اولاد ذات جا "ڇچر" سڏجڻ لڳو.

ككيءَ هاڻيون كاريون، ڇڇيءَ هاڻا ڇچ،
پاند جنين جي پاندمين، لڳو ٽيي لڇ،
سمون ڇام سهج، اُپو ڪري اَن سين. (شاهه)

چچرن جو شجرو



چَـچِـرا: چچرن مان قتل. مهاڻن ۾ ملاحن جي هڪ ذات آهي.

چَـرَ: هنگورن جو هڪ پاڙو آهي.

چِرا: هندن جي هڪ نک جو نالو. روپاڻي هن نک جي آکھ مان آهن.

چَـرَڙَ: لشاري بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

چريجا: ملاح ۾ مهاڻا آهن. کاري ۾ رهن ٿا.

چَـريـهرَ: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

چَـريمٹ: ٹري مينگھواڑن جي هڪ ذات جو نالو آهي.

چَـگاٹي: ڪرمتي جت بلوچن جو هڪ پاڙو آهي. هي لسبيلي ۾ رهن ٿا.

چَـگاٹي: هندن جي هڪ ذات آهي. هي لاڙڪاڻي ۾ رهن ٿا. هي ”ڪڪڑيجا“ نک مان اروڙ ونسي آهن جيڪي ديوان چگو مل بندو مل جو اولاد آهن. انبواڻي، پگواناڻي، چينواڻي، ڪيسواڻي ۽ مولچنداڻي هنن جا نڪڙ يا سوٽ آهن.

چَـگَرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

چگير پوتا: گونگا ذات جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هي جهلي گونگي جي اولاد مان آهن. لسبيلي ۽ ڪراچي ۾ رهن ٿا.

چَـلگَـري: سما ذات جو هڪ پاڙو آهي (ايس - صادق علي)

چَـلـگـري: مري بلوچن جي غزيني شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. ڪچي ۾ چلگري نالن سان سندن ڳوٺ آهن. تالپرن کين جاگيرون ڏنيون هيون. انگريزن جي حملن سبب سنڌ ڏانهن لڏي آيا. هي سردار گهراڻو آهي. جامع سنڌي لغات ۾ جمالي قبيلي جا 17 پاڙا لکيل آهن. جن مان هڪ پاڙي جو نالو ”چلگري“ آهي. يعني هي جمالي بلوچ ٻه آهن.

چَـلنگر: ملاح ۽ مهاڻا آهن. تعلقي سجاول ۾ رهن ٿا.

چلوزئي: مير جتن جو هڪ پاڙو.

چَـمريا: جت بلوچن جو پاڙو آهي. بلوچستان ۾ رهن ٿا.

چَـناٹي: پان ذات جو هڪ پاڙو آهي.

چَـنچَـر: هندو برهمڻ جي ذات آهي

چَـنَـدي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

چنداڻي: مير جتن جي دادواڻي شاخ مان هڪ پاڙو.

چوتـياڻي: گورچاڻي بلوچن جي هوتواڻي شاخ مان هڪ پاڙو آهي

چَـوَڏاور: گورچاڻي بلوچن جي هوتواڻي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

چَـوَڏاور: سومرن جو هڪ پاڙو آهي

چورا: جوڪين جي برفت شاخ مان هڪ پاڙو آهي. حملاڻي راڄ (برفت) ۽ سمن جو ٻڌ پاڙو آهي. هي ڪوهستان ۾ رهن ٿا. ٽر ۾ گهرٽ هندو رهن ٿا، جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو ٻڌ ”چورا“ آهي. سومرن ۾ ٻڌ چورا آهن. (پٺورو).

ڇهلاڻي: ڏٽيار جتن جو هڪ پاڙو.

ڇورڙ: سمن ملاحن جو هڪ پاڙو.

ڇولاٽي: ڪرمتي جت بلوچن جو هڪ پاڙو، جيڪي ميرپور ساڪري ۾ رهن ٿا

ڇُولاٽي: ڪاري ۾ رهندڙ ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڇونگلاٽي: مزاري بلوچن جي رستمائي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

ڇهه ڏاتي: هندو ڪترين جو هڪ پاڙو آهي.

ڇيتيا: هندن جي هڪ نڪ جو نالو.

ڇيٽيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڇيلا: مسلمان سماڻ ذات آهي.

ڇيمبا: هندو ڏوبين جي ذات آهي. هي ڪپڙن رڱڻ وقت انهن جي مختلف رنگن جا ٽپا هڻڻ ٿا ۽ ڇُرَ جو ڪم ڪن ٿا.

ڇِينا: سَما قبيلي جو هڪ پاڙو آهي. سنڌ جي ڪوهستاني علاقي ۾ سندن ڪافي ڳوٺ آهن هڪ روايت آهي ته ڇينا جت آهن جيڪي سنڌ جي راجپوتن مان آهن.

ح

حاجاٹا: جتن جو هڪ پاڙو آهي. هي پاڻ کي "ميرجت" ۾ سڏائين ٿا.

حاجاٹـي: ماندڻ، پٽن، پيـن، بڙدين ۽ ڪوسن جو هڪ پـاڙو آهي. نٽيار جتن ۾ پڻ هڪ پاڙو. ڪرمتين جي لجيرا شاخ جو هڪ پاڙو.

حاجَبَ: سما قبيلي جو هڪ پـاڙو آهي. حاجب عربـي لفظ آهي. جنهنجي معنيٰ آهي. پـردي وارو. دربـان، نگهبان وغيره. اهي سڀ خوبيون سمن جي هن پاڙي ۾ هيون، جنهن نسبت سان کين "حـاجب" سڏيو ويو.

حاجواٹي: ٽالپرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

حاجي: عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، حج ڪيـل. حج ڪرڻ وارو. راڄپرن جي هڪ پـاڙي جو نـالو، جيڪي حاجي راڄپر جو اولاد آهن.

حاجـياٹا: جبل ۾ رهندڙ سماٽي جت آهن. انن تي بار ڏوئين ٿا. لاڙ ۾ رهن ٿا.

حاجياٹي: پـنجي پائي خوجن جو هڪ پـاڙو آهي. هن پـاڙي پنيان حيدرآباد ۾ هڪ خانگي اسپتال جو نـالو "حاجياٹي" آهي.

حاجي پوٹا: راڄپرن جي حاجي پاڙي مان قتل ٿيڪ ذات آهي. هي نواب شاهه، حيدرآباد ۽ سکر ۾ رهن ٿا.

حاجيجا (حاجي زئي): بڙدي بلوچن جو هڪ پاڙو. جيڪي حاجي خان بن زيندي خان بـن مير علي بـن هريـن جو اولاد آهن. مغيري بلوچن ۾ پڻ حاجيجا پاڙو آهي.

حاجي زئي: شاهواڻي (شهواڻي) بروهين جي پاڙي جو نالو آهي. هن پاڙي جا خاص پاڙا آهن: 1. تنگي زئي، 2. چندوزئي، 3. حاجي زئي، 4. حاصل خـان زئي 5. حسنـي 6. خـواجو زئـي 7. راوت خـان زئـي 8. شـاديـن زئـي 9. شاهوزئي 10. شاهُوزئي 11. شيرزئي 12. ڪشاني 13. ڪلوزئي14. عمراني 15. غل 16. مياهي زئي 17. ميروزئي

بڙدي قبيلي جي حاجيجا پاڙي وارا پڻ پـاڻ کي "حاجيزئي" چوائيـن ٿا. سنڌ جي مريـن مـان حاجي خـان مري، مير رند جي چوڌهين پيڙهيءَ مان هو، جن جو اولاد پاڻ کي (اٽ پٽ) "حاجي زئي" سڏائي ٿو.

حاصـلا: پنجاب کان آيل سراين جي ذات (پاڙو).

حاصَلاٹي: لغارين جو هڪ پاڙو آهي.

حاصـلاٹي: مسلمان سمات ذات جو هڪ پاڙو آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب هوت بلوچن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "سابڪو" آهي. من مان "حاصلاٹي" آهن. اهي حاصلاٹي (سابڪي) موري جي پرسان رهن ٿا.

حاصل خان زئي: شهواڻي بروهين جي حاجيزئي پاڙي مان هڪ ٽڪ جو نالو آهي.

حافداڻي: عربي لفظ "حافد" مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي، دوست، خدمتگار، پنجي پائي خوجن جو هڪ پاڙو آهي.

حافظاڻي (الهركياڻي): ڪرمتين جي ٻائوٽ قبيلي جو هڪ پاڙو.

حالتي: پنجاب کان آيل سرائڪي زبان ڳالهائيندڙ آهن. سڄي سنڌ ۾ سندن ڪجهه گهر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ مڊ فريد آباد ۾ آهن.

حامداڻي: چنن جو هڪ پاڙو آهي.

حامند: سما قبيلي جو هڪ پاڙو آهي جيڪي آبڙ ۾ ٿا اچن.

حامند پوٽا: سمن جو هڪ پاڙو آهي، ابڙ ۾ آهن.

حب: سمن جو هڪ پاڙو آهي. آبڙ ۾ ٿا اچن. تعلقي موري ۾ هنن جا ڪافي ڳوٺ آهن.

حبَشِي: عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي حبش (Abyssinia) ملڪ جا ڪارا ماڻهو، غلام وغيره. هنن کي "اسود" ۽ چون ٿا. هي حبش ۽ آفريڪا جا ڪارا مسلمان آهن. جيڪي شيدين جهڙا لڳن ٿا. محمد بن قاسم جي لشڪر سان ۽ ٻين عرب حاڪمن جي دؤر ۾ غلام طور سنڌ ۾ آباد ٿيا. اهي پنهنجي اصل وطن حبش جي نسبت سان پاڻ کي "حبشي" سڏائڻ لڳا. شجاع حبشي (آفريڪا) بن قاسم جو بهادر ۽ وفادار غلام ۽ سپاهي هو. جيڪو راجا ڏاهر سان دوبدو ٿيو هو.

سنڌ ۾ حبشي غلام عورتن سان سنڌ جي ماڻهن شاديون ڪيون. ان مان جيڪو اولاد پيدا ٿيو. انهن کي وري "گدا" چون ٿا. هي بہ رنگ جا ڪارا آهن. ايس. صادق عليءَ جي لکڻ موجب خاصخيلي ذات جي هڪ پاڙي جو نالو "ملڪ" آهي. ان ملڪ جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "حبشي" آهي.

حَبُوجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

حَبُوجَا: سما قبيلي جو هڪ پاڙو آهي، هي سميجا ۽ ملاحن جي اوڙڪ مان آهن. سندن شجره هن طرح آهي.

سمون (سميجا هن جو اولاد آهن)



حسبو جا انڑ: سما ۾ ملاح آهن. (شجره لاءِ ڏسندا "حسبوجا")

حَبيباڻي: برڙن جو هڪ پاڙو آهي. مخدوم حبيب لنجار جي مزار ڪنديارو تعلقي ۾ آهي. ان جو اولاد پڻ پاڻ کي ذات يا پاڙي جا "حبيباڻي" چوائين ٿا.

حبيب زئي: پوپل پناڻن جو هڪ پاڙو.

حتي: هي عرب آهن. ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

حجاڻي: هڪ بلوچ قبيلي جو پاڙو آهي.

حجام (حجم): عربي لفظ آهي. جنهنجي معنيٰ آهي. ٽڪو ڏيڻ. پراڻي وقت ۾ حجام ڪٽن ڪرڙين جو علاج ڪندا هئا ۽ انهن کي ٽڪا ڏيندا هئا. ان ڪرت جي ڪري هي ذات جا "حجم يا حجام" سڏجڻ لڳا. هي سنوارت ۾ ڪن ٿا. هنن کي منگي ۽ نائي ۾ چون ٿا.

حجم: ڏسو "حجام" لفظ جي وضاحت.

حدر: سما ذات جو هڪ پاڙو آهي.

حدراني: لسبيلي جي ڇامن جي هڪ ذات آهي.

حُدر خيل: لوڌي پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

حدواڻي: عمراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

حده زئي: لاشاري بلوچن جي گهراماڻي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

حدياڻي: لاشاري بلوچن جو هڪ پاڙو آهي. رمضان جي پٽ جو نالو مير حده هو. جنهن جي پٽيان هي "حدياڻي" سڏجن ٿا. هنن جي مادري زبان بلوچي هئي. بعد ۾ روجهاڻ جي جمالين سان گهٽو خان لاشاري جي سنگت ٿي ان سبب هنن سرائڪي زبان اختيار ڪئي.

حُر: عربي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "آزاد". حر پير صبغت الله شاهه راشدي اول جا مريد. فرمانبردار ۽ شريعت پاڪ جا پڪا آهن. هنن ۾ ڪافي ذاتيون آهن. ليڪن اصطلاحي طرح "حر مجاهد" سڏجن ٿا. ان نسبت سان پاڻ کي ذات جا "حُر" ۾ چوائين ٿا.

حرن کي روزوڌ نماز پابنديءَ سان قائم ڪرڻ جي هدايت ٿيل آهي. رنگين ڪپڙن کان منع. راڳ روپ کان منع ٿيل آهي. هر نماز بعد "ذڪر جلي" جي پابندي عائد ٿيل آهي. شرافت، بردباري، حق گوئي، نيڪ نامي ۽ اهڙيءَ طرح ٻين اسلامي قدرن تي عمل ڪرڻ لاءِ کين پابند بڻايو ويو آهي. هي پنهنجي مرشد کي اولي الامر جي حيثيت ڏين ٿا.

حُرمتاڻي: ناريجن جي هڪ پاڙي جو نالو.

حَرواڻي: مَزاري بلوچن جي رستمائي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو.

حَـرياءَ: هڪ مسلمان ذات آهي.

حَسَـاڻـي: هوت بلوچن ۽ لاشارين جو هڪ پاڙو آهي.

حَسَـنَ: مانڊڻ جو پاڙو آهي. مانڊڻي جي پٽ جو نالو هارون هو. ان هارون جي اولاد مان ننگر کي ٽي پٽ ٿيا. جن مان هڪڙي جو نالو "حسن" هو. ان حسن جي پنيان پاڙي جو نالو "حسن" رکيائون. هي لسبيلي ۾ رهندڙ آهن. نهڙين ۾ پڻ هڪ پاڙو "حسن" آهي. هي حسن بن جراڙ بن ميئن جو اولاد آهن.

حُسَـنَ: سمن جو هڪ پاڙو آهي. دلن ۾ پڻ آهن. حسن. ساهم. ڏيسر ۽ ورسو پاڻ ۾ پائر هئا. جن پنيان سندن پاڙن جا نالا پيا.

حُسَـنَ: ملاح آهن.

حسنال: اعوائن جو هڪ پاڙو. هي عبدالله گولڙي جي اولاد مان حسن جو اولاد آهن.

حَسنائي: سمن ۽ بلوچن جي ڪافي پاڙن جو نالو آهي. جهڙوڪ:

1. چانديين جو پاڙو.
2. لعارين جو پاڙو.
3. مغيرين جو پاڙو.
4. گاڏهي بلوچن جو پاڙو.
5. ڪيترائن پنائن ۽ بلوچن جو پاڙو (حسائي). هڪ حوالي موجب لوڏي پنان. ناهر پنان ۽ بابر پنان هنن مان آهن.
6. برفتن جو پاڙو.
7. برهمائي برن جو پاڙو.
8. پٺڻ جو پاڙو.
9. گائينچن جو پاڙو.
10. سرڪين جو پاڙو.
11. ابڙن جو پاڙو (منجهو).
12. لاشاري بلوچن جو پاڙو.
13. متعلوي سيدن جو پاڙو آهي. هي سيد حسن بن سيد صاحب بن سيد احمد جو اولاد آهن

چاڙ برفت جي هڪڙي پٽ جو نالو چاڙ همرڪ هو. جنهن جي اولاد مان حسن هو. ان حسن جو اولاد حسناڻي ۽ نوري پوتا آهن. ڪنداراڻي. ماڏوڙا. برپارڪر ۽ اسحاق پوٽو پٽ حسن جي پٽن جو اولاد آهن. حسن کي پنج پٽ الترڪ. سپوتو. منڌرو. سچن ۽ موچي هئا ۽ سندس پيءُ جو نالو همير و هو. وڌيڪ تفصيل لاءِ نهڙين جو احوال ۽ شجره ڏسڻ گهرجي.

حُسَناڻي: رندن جو پاڙو آهي. مير جتن ۾ پڻ حسناڻي آهن. ڪرمتي جتن جي جماري شاخ ۾ پڻ آهن.

حُسِناڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

حسن پوتا: صابرن جو پاڙو آهي. متعلوي سيدن جي جراڙ شاخ مان سيد حسن بن سيد آدم بن سيد ابوبڪر جي اولاد کي "حسن پوتا" ۽ "اُجناڻي" سيد چون ٿا.

حسن جو: سما قبيلي جو پاڙو آهي. حيدرآباد ۽ نوابشاهه ۾ رهن ٿا.

حسن خيل: آفريدي پٺاڻن جي آدم خيل شاخ مان هڪ پاڙو آهي. لوڏي پٺاڻن ۾ پڻ "حسن خيل" آهن.

حسن زئي: پوپل پٺاڻن. عيسيٰ زئي (يوسف زئي) پٺاڻن ۽ مينگل بروهين جو پاڙو آهي.

حسني: امام حسن جي اولاد مان "سيد" آهن. ڪيتران بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "حسني" آهي.

حَسڻَ: جاڪري کي پنج پٽ حَسڻ. حُسَڻ. همند. سرماڻ ۽ منجهون هئا. حُسَڻ ان جو اولاد آهن. آدماڻي. پيرزاداڻي. حسينياڻي. سوڍيپوتا ۽ قابلاڻي ان جا خاص پاڙا آهن. مگرين ۾ پڻ "حسڻ" پاڙو آهي. هي حسڻ پٽ ڏوڏو پٽ چانرو جو اولاد آهن.

حُسَڻ: ٻ جاڪري جو پٽ هو. جنهنجي اولاد پاڻ کي حُسَڻَ سڏايو. هن شاخ جا خاص پاڙا آهن: پني پوتا. پيروزپوتا. براهم پوتا. عاربائي. يا لسڙا. غلامي پوتا. شاهي پوتا. عيسباڻي. عَلي پوتا. ڪريڙ پوتا. سنجهي پوتا. گوپڙا يا گوپلا. مصلي پوتا. مگ ٿريوتا ۽ منگر پوتا. حيدرپوتا ۽ علي پوتا.

حسڻاڻي: سومرن جو پاڙو آهي. هي ميرپور برڙو ۽ گهوٽڪيءَ ۾ رهن ٿا. پتافين ۾ پڻ آهن.

حَسَڻَ پوتا: سرماڻ مريداڻي برن جو پاڙو آهي. لسبيلي جي جاموٽن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "حسن پوتا" آهي.

حسواڻي: لاشارين جي منڌير شاخ جو هڪ پاڙو.

حُسيناڻي: ميربحر ۽ مهاڻا آهن. ڪيرين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "حسيناڻي" آهي.

حُسيني: امام حسن رضہ جي اولاد مان "سيد" آهن. بروهين جي شهواڻي قبيلي مان هڪ پاڙو آهي. محمد حسني بروهين ۾ پڻ "حسيني" آهن.

حُسينياڻي: جاڪرن جي حَسَڻ شاخ جو هڪ مڪيہ پاڙو.

حُمَلَ پوتا: باريچن جو پاڙو آهي.

حَضَازئي: مڪراني بلوچن جو پاڙو آهي.

حضر خيل: لوڙي پٺاڻن جو پاڙو آهي.

حضرزئي: ڪيراني پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

حضوائي: جمالي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

حق داداڻي: گورچاڻي بلوچن جي لشاري پاڙي مان هڪ قري آهي.

حڪيماڻي: ڪلهوڙن جو هڪ پاڙو آهي.

حڪيم زئي: شهواڻي برڙهين جي سهرزئي خاندان مان هڪ پاڙو آهي.

حلباڻي: لغاري بلوچن جو پاڙو آهي. جيڪو شام ملڪ جي "حلب" شهر سان منسوب آهي

حَلڪاڻي: بگٽي بلوچن جي ڪالپور شاخ مان ۽ ديناري شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

حلماڻي: رند بلوچن جو پاڙو آهي. ڏادر جي پرسان وينا آهن.

حَلواڻي: جتوئين ۽ ڏاريجا چاچڙن جو هڪ پاڙو آهي.

حُلواڻي: ڏاريجا چاچڙن ۽ نورنگ چاچڙن جو پاڙو آهي. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

حُليا: سهتن جو هڪ پاڙو.

حليمزئي: برمهمند (مهمند) پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

حَماتِي: پاڙن ۽ برفتن جو پاڙو آهي. ٽاڻي بولا خان واري علاقي ۾ رهن ٿا.

حَماد: سومرن جو نهايت پراڻو پاڙو آهي. بحوالہ ڪتاب سومرن جو دؤر- صفحو 270.

حمال: ميمڻن جو پاڙو آهي. نٽي جا رهواسي آهن.

حمالي: سمات ذات آهي.

حِماتي: سما ذات جو هڪ پاڙو آهي.

حمال: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. مزوري ۽ بار کڻڻ ڪري کين "حمال" چيو ويو (بحوالہ: ڪتاب پنجاب کي ذاتين صفحو 673)

حمداڻي: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

حمراڻي: بغداد کان آيل حمر شيخ جو اولاد آهن. ڪرمتين جي پئوا، ڳورئي ۽ راڏا جت ملکاڻين جو پڻ هڪ پاڙو. لاشارين جي منڌير شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

حَمزاڻي: بگٽي بلوچن جي ڪالپور شاخ مان هڪ پاڙو آهي. گبولن، گاڏهين ۽ پنگرن جي پاڙن جو نالو پڻ "حمزاڻي" آهي.

حمزواڻي: شهاڻي (شاهاڻي) رندن جو پاڙو آهي، جون ٽا ٽه اسان حضرت حمزه جو اولاد آهيون. ان ڪري "حمزواڻي" سڏجون ٽا.

حمزه پوٽا: سماڻي جتن جو هڪ پاڙو. هي حضرت حمزه رضه جي نسبت سان پاڻ کي حمزه پوٽا چوائين ٽا.

حَملاڻي: برفت آهي. جن جو واسطو لسبيلي، ڪراچي ۽ دادو ضلعي سان آهي. هي پنهنجي ذات جا سردار آهن. هنن مان سردار پهڙ خان (پهاڙ خان) حملاڻي وڏي نالي وارو ٽي گذريو آهي، جنهن لسبيلي تي حڪومت ڪئي هئي. انهيءَ خاندان مان ملڪ اسد سڪندر ٽاڻي احمد خان وارو پنهنجي برفت (حملاڻي) راڄ جو ڇگو مڙس آهي، جنهن ۾ ڪافي ٻيا راڄ به شامل آهن.

ڪتاب جنب گذاريم جن سين مان معلوم ٿئي ٿو ٽه ڇام آريءَ کي چار پٽ، ڇام بادين، ڇام باڙو، ڇام لهار ۽ ڇام حمل هئا. ڇام حمل کي ٽي پٽ ڇام مرجوڪ (ڇام همروڪ) اوتيمان ۽ ڇاڳلو هئا. ان حمل جي اولاد کي "حملاڻي" چون ٽا. وڌيڪ لاءِ نهڙين جو احوال ۽ شجره ڏسڻ گهرجي. جوڪين جي هڪ قبيلي جو نالو پڻ برفت آهي، جنهن مان حملاڻي آهن. اهڙي طرح سان چاندين جي بن وڏن قبيلن، مارفاڻي ۽ ميرڙاڻي مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو "حملاڻي" آهي. ڪوسن، گاڏهين، رندن ۽ پين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "حملاڻي" آهي. يعني حملاڻي سمات به آهن ٽه بلوچ به آهن. (حملاڻي رندن لاءِ ڇاماڻي رندن جو شجرو ڏسڻ گهرجي).

بزنجو بروهي قبيلي ۾ پڻ "حملاڻي" آهن. هي خالص بلوچ آهن، جي بعد ۾ بزنجو تمن ۾ شامل ٿيا آهن. (ڪتاب بلوچ قوم کي تاريخ صفحو 695) ڪرمتين جي ملکاڻي، جانوري ۽ لٽينگ شاخن جو پڻ هڪ پاڙو.

حملزئي: مينگل بروهين جو پاڙو آهي. مير جتن جي جونگلاڻي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "حملزئي" آهي.

حَميراڻي: ڪَلَوڙن جو پاڙو آهي. هي خيرپورميرس ۽ سکر جي طرف رهن ٽا.

حَميراڻي: سمن جو هڪ پاڙو آهي. ٺر ۾ رهن ٽا.

حَميرخيل: غلزئي پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

حوراٹي: عربي لفظ "حُور" تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي. خوبصورت عورت، شڪيل عورت، جميل عورت. اصطلاحي معنيٰ ۾ حسين عورت جو اولاد. حوراٹي، مزاري قبيلي جي مسيداٹي (سيداٹي) شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

حَيَاتَاٹِي: نوحاٹي بلوچن ۾ سومرن جي پاڙي جو نالو آهي

حِيباٹي: مگسين جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

حيجباٹي: ڪرمتين جي مهيري شاخ جو هڪ پاڙو.

حَيدران زئي: مزاري قبيلي جي بلوچاٹي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

حيدراٹي: حيدر جتوئيءَ جو اولاد آهن. جتوئي قبيلي جي اپياس مان خبر پوي ٿي تہ حيدراٹي، جتوئين جو پاڙو آهي. تعلقي سيوهڻ ۾ حيدراٹي ذات وارن جا بہ وڏا ڳوٺ (1) سرائي دلاور حيدراٹي ۽ (2) سرائي لال بخش حيدراٹي آهن، جيڪي پاڻ کي هن وقت جتوئي چوائين ٿا.

سوري لنڊن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ حيدراٹي آهي، جنهن مٿان سرداري پڳ آهي. رندن، کوسن، جمالين مرين (مهڪاٹي) ۽ ڪورارن (سماٹ) جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "حيدراٹي" آهي. دولتپور صفن جي پرسان پلي وينا آهن، انهن جي هڪ چگي مڙس سان ملاقات ٿي، جنهن ٻڌايو تہ اسان جو پاڙو حيدراٹي" آهي. ذاتين جي اپياس مان خبر پوي ٿي تہ حيدراٹي سماٹ ۽ بلوچ آهن.

حيدرزئي: لهڙي بروهين ۾ تور پناڻن جي پاڙي جو نالو آهي.

حيدري: حضرت علي حيدر جي محبت رکڻ وارا پاڻ کي ذات جا "حيدري" چوائين ٿا. دولتپور جي پرسان پلي ذات وارا پاڻ کي "حيدري" سڏائين ٿا.

حيراٹي: شنباٹي بلوچن جو هڪ پاڙو. هي لوشڪ بن شنبي جو اولاد آهن.

حيرواٹي: لاشاري بلوچن جو پاڙو آهي.

حيزواٹي: بگٹي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

حيسباٹي: مري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. بحوالہ دوست خان مري، ٽنڈو مستي خان.

حيسبزئي: بارک پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

خ

خابير: هڪ عرب (اجنبي) قبيلو. ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

خادماڻي: بڙدي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

خاراڻي: فارسي لفظ "خارا" تان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي پٿر، پٿريلو. لغوي معنيٰ آهي پٿرن (جبل) تي رهڻ وارا يعني جابلو ماڻهو. خاراڻي رندن جو پاڙو آهي. جيڪي پٿرن تي رهڻ وارا هئا. جنهن نسبت سان پاڻ "خاراڻي" سڏجن ٿا. مير عباس هنن جو سردار هو.

خارڪ: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. ڪپرو ۽ ان جي آس پاس رهن ٿا.

خاسوگي: نهري بلوچ آهن. هنري پاڻنجر هنن کي "خاسوگي" ۽ ٻ. ڪ پيڪلوين "خوساجي" لکيو آهي. هي بلوچستان ۾ رهن ٿا. سنڌ ۾ ٻ هنن جا ڪافي گهر آهن.

خَاشَا: چاندين جو هڪ پاڙو آهي. لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعي ۾ سندن ڳوٺ آهن.

خاشخيلي: عربي لفظ خاصخيلي جو بگڙيل لفظ آهي. جيڪي ذات جا خاصخيلي (خاشخيلي) سڏجن ٿا. جنهن جو مفهوم آهي. خاص نوڪر. ٻانهو وغيره.

خاص: نيازي پٺاڻ (لوڌي) ٻن شاخن ۾ ورهايل آهن. هڪ شاخ وارا ڪُنبي ۽ ٻيا خاص سڏجن ٿا. هي بنون ضلعي ۾ درياءَ سنڌ جي ڪپن تي رهن ٿا.

خاصائي: شورن جو هڪ پاڙو آهي.

خاصخيلي: عربي زبان جي ٻن لفظن جو مرڪب آهي. خاص + خيل. خاص جي معنيٰ آهي نوڪر، خدمتگار، ٻانهو. اهم ڪارندو ۽ خيل جي معنيٰ آهي، گهوڙو. اصطلاحي معنيٰ ٿي گهوڙي جهلڻ وارو. سواريءَ لاءِ گهوڙي کي تيار ڪرڻ وارو وغيره. مروج لفظن موجب تالپرن جو خاص نوڪر، دربان، خاصخيلي مسلمانن جي هڪ سمات ذات آهي. هنن کي لسٻيلي ۾ گدو. لاڙ ۾ گولاڙو. ٽر ۾ ٻجيرُ ۽ اندروني سنڌ ۾ "خاصخيلي" چون ٿا.

پراڻي زماني ۾ هي بادشاهن جي چڙهيءَ جي گهوڙي کي سنپالينڌا هئا. ان ڪري هي بادشاهن جا مقرب ۽ بادشاهه جي ڪئمپن ۾ راکا سڏبا هئا. بادشاهن، شاهن، سيدن، تالپرن ۽ وڏن ماڻهن جي درن جا پهريدار، ڪم ڪندڙ غلام هوندا هئا. جنهن ڪري راڄ ۾ سندن وڏي عزت هوندي هئي. انهن مان ڪيترن ته وزارت جا عهدا به ماڻيا. مير علي مراد خان تالپر ته پنهنجي مقرب يعني خاصخيليءَ کي "خانصاحب" جي لقب سان سڏ ڪرائيندو هو.

خاصخيلي فوجي زندگي اختيار ڪرڻ وقت سرخيل، خاص خيل ۽ سپاهه سڏبا هئا. فوجي زندگي وجائڻ، کان پوءِ اوج ۽ اقبال وجائي وينا. ان ڪري کين غلام تصور ڪيو ويو. سنڌ ۾ خاصخيلي هڪ گهٽائي واري ذات آهي، جيڪا اڪثر ڪري هر حصي ۾ رهي ٿي. هن جا خاص پاڙا آهن: 1. خوشحالاڻي 2. سارنگاڻي 3. شابراڻي 4. گدارا 5. گلاباڻي 6. قمبراڻي 7. مراداڻي 8. ملڪ 9. مؤمن 10. نمائي 11. ڪلاتي 12. لاسي. 13. طالباڻي 14. دولاڻي 15. عمراڻي 16. ميواڻي 17. هويداڻي 18. رنگائي ۽ 19. ريير.

خاصيا: هندن ۽ مغلن جي مخلوط نسل مان ڪنيت هندو آهن، جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "خاصيا" آهي.

خاقوئاڻي: جاکرن جي منجهئان شاخ جو هڪ پاڙو.

خاکاڻي: پيا ذات جو پاڙو آهي. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

خاکَواڻي: موندرن جو پاڙو آهي. لسبيلي ۾ رهن ٿا.

خاکوانيان (هوگاني): خاکان ڳوٺ جا پناڻ سنڌ ۾ رهن ٿا.

خاکِـواڻي: ميربحرن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي.

خاکي: فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مٽيءَ جو ٺهيل، مٽيءَ مان پيدا ٿيل، سمن جو پاڙو آهي، فقيرن جو اهو فرقو جيڪي خاکي شاهه جا مريد آهن، اهي سڀ پاڻ کي ذات جا "خاکي" چوائين ٿا. اڪثر خاکي آبڙ ۾ اچن ٿا. ڪن ڪن جاين تي سرائڪي ۽ ڳالهائين ٿا.

خاکي زئي: ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 128 تي لکيل آهي ته "خاکيزئي" ساتڪ زئي" قبيلي جو هڪ پاڙو آهي، جن جو واسطو افغان پناڻن سان آهي.

خاگوئي زئي: مهند پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

خالازئي: الکو پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

خالدي: سمن جو هڪ پاڙو آهي، نوشهروفيروز ضلعي ۾ رهن ٿا.

خالِـصا: سکن کي چون ٿا، مسلمان ٿيڻ کان پو: پاڻ کي "شيخ" چوائين ٿا.

خالقڏناڻي: ڪرمتين جي پئوا شاخ جو هڪ پاڙو.

خان: فارسي لفظ آهي، جنهن جو مطلب سردار، وڏيرو، امير وغيره آهي، خان، نهڙين جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

خاناڻي: ٽالپرن، کوسن، سيالن، جتن، جت بلوچن، جتوئين، ڪرمتين (پئوا _ مهيري) ڪاکيپوتن ۽ ڪمريجا ذات جو پاڙو آهي.

خانزادا: فارسي لفظ خانہ + زاد آهي، جنهن جي معني آهي، گهر ۾ پيدا ٿيل غلام، راجپوتن جي ذات هي، جيڪي نوڪر ۽ غلام هئا.

خانزئي: بگٽي بلوچن جي ريهيجا پاڙي مان هڪ تمن جو نالو آهي، جهلاواني بروهين ۾ پڻ "خانزئي" پاڙو آهي.

خانواڻي: هندن جي ذات آهي.

خانيا: هڪ مسلمان ذات آهي.

خُـتناڻي: چاندين جو پاڙو آهي.

خَـتَـک: ڪيراني پناڻن جو پاڙو آهي، ڪڙاڻي پناڻن ۾ پڻ "ختک" آهن، لازڪان ۽ شتبک هن جا قريب آهن، ڪتاب پنجاب کي ذاتين ۾ لکيل آهي ته ختک پناڻ بنگش قبيلي جو پاڙو آهي،- سندن وڏو لقمان ابن برهان ابن ککئي هو، لقمان کي به پٽ تورمن ۽ ٻلاڪ هئا.

خجک: بنيادي طور پناڻ آهن، ليڪن هي پاڻ کي سمات چوائين ٿا ۽ ٻولي به سنڌي اٿن، جيڪب آباد جي پرسان وينا آهن.

خچر: ملاح ۽ مهاٽا آهن، پراڻي دور ۾ خچر جانور تي مچي ڪٽي ڪپائيندا هئا، جنهن نسبت سان ماڻهن کين "خچر" سڏيو، پنهورن ۾ پڻ "خچر" هڪ پاڙو.

خچراڻي: ڪرمتي جت بلوچن ۽ ڏيپرن (سميجا) جي پاڙن جو نالو آهي، هي خچر جانور تي سواري ڪندا هئا، جنهن نسبت سان ذات جا "خچراڻي" سڏجن ٿا.

خَـچَـري: ميربحر ۽ مهاٽا آهن، خچر جانور جي نسبت سان سندن ذات جو نالو "خچري" پيو آهي.

خدا: ميربحرن ۽ مهاڻن جي ذات آهي، "خد" عربي ۽ فارسي لفظ آهي، جنهن جي معني آهي ڳل، رخسار، هي سهڻا هوندا هئا، جن کي ماڻهن "خدا" چيو ۽ ان نسبت سان ذات جا "خدا" سڏجڻ لڳا.

خداخيل: مروت افغاني پناڻن جو پاڙو آهي.

خُـداداد خيل: خدا جي طرفان ڏنل نعمت، آفريدي پناڻن جي قمبر خيل شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

خداداڻي: مزاري بلوچن جي بلوچاڻي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

خداوندزاده: تاريخ فرشته ۾ لکيل آهي ته سلاطين غور جي اولاد کي "خداوندزاده" چون ٿا، جن مان غوري آهن. (بحوالہ: ڪتاب ابن بطوطہ جو سفر ص 20).

خدر: لغارين جو هڪ پاڙو آهي.

خدراڻي (كدراڻي): جهلاواني بروهين جي زهري شاخ مان هڪ پاڙو آهي. هنن جو مورث اعليٰ خضر خان هو. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن. 1. دلوجو. 2. رهزن زئي. 3. شاهوزئي. 4. علي مراد زئي. 5. گچڪي زئي. 6. ميهاري. كتاب بلوچ اور بلوچستان جي ص 132 تي لکيل آهي تہ دلوجو هندو راجا دلو جو اولاد آهن. رهزن زئي. گچڪي زئي. علي مراد زئي ۽ ميهاري جدگالن (جت) مان آهن ۽ شاهو زئي زرڪ بروهيءَ جي پاءُ شاهوءَ جو اولاد آهن. سيني پاڙن کي گڏي خدراني (خدراڻي) بروهي چون ٿا. ناريجن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "خدراڻي". آهي.

خدرزئي: مندنر كابلي پناڻن جي هڪڙي شاخ جو نالو "رزر" آهي. جن مان "خدرزئي" آهن. اكوخيل. ماموزئي. مانيزئي ۽ ملڪ زئي هن جا پائر آهن.

خدمتگار: ملاحن ۽ مهاڻن جي ذات آهي.

خذتڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

خذيجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

خُراساني: حسيني سيد آهن. خراسان ۾ رهڻ جي نسبت سان "خراساني" سڏجن ٿا.

خرخاڻي (كركاڻي): جكراڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

خردُ: مزاري بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

خُردَ: چغتو بن چنگيز خان جي پٽ جو نالو برق (براق) هو. جنهن مان "خرد" آهن. (بحوالہ: كتاب دائره معارف اسلام ص 719).

خرشيون: ساربان پناڻ کي بہ پٽ هئا. جن مان هڪڙي جو نالو خيرالدين عرف خرشيون هُو. جيكي قوم جا "خرشيون" پناڻ سڏجن ٿا. هنن جو شجره هن طرح آهي.



ان خرشبون پناڻ کي ڪافي پٽ هئا. جن جي پٽيان خرشين جا پاڙا ٺهيا. جيڪي هن طرح آهن:
1. افوزئي، 2. اڪازئي، 3. الازئي، 4. الياس خيل، 5. باڪل زئي، 6. بڪوزئي، 7. بيازئي، 8. تاجو خيل، 9. پپي زئي، 10. جانزئي، 11. جمال زئي، 12. خليل خيل، 13. خليلي، 14. دائود خيل، 15. دولت شاهي، 16. دولت يار خيل، 17. راجڙ، 18. سالارزئي، 19. سيازئي، 20. شنواري، 21. ڪوڪي، 22. عيسب زئي، 23. محمد، 24. محمد خيل، 25. ملازئي، 26. منصورزئي، 27. منوزئي، 28. نيڪ زئي، 29. چمرائي، 30. وسام زئي، 31. وتوزئي، 32. يوسف زئي، 33. يونس زئي.

خروٽي: توران افغاني پناڻن جو هڪ قبيلو آهي.

خروس: جعفرين جو هڪ پاڙو.

خروجي: اسماعيل خيل پناڻن جو هڪ پاڙو.

خروطي: غلزئي پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

خزرئي (خضرئي): افغاني پناڻ آهن. خزر پناڻ کي تي پٽ موسيٰ. محمود ۽ گربز هئا. محمود جي اولاد پاڻ کي "وزيري" ۽ بين "خزرئي" سڏايو.

خسر: لوڌي پناڻن جو پاڙو آهي.

خسروزئي: آفريدي پناڻن جي زخاخيل قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

خسور: لوڌي پناڻن جو پاڙو آهي. ڪوهستان نمڪ ۾ خسور شاخ تي آباد هڻڻ ڪري خسور سڏجن ٿا.

خُشَکَ: بلوچستان ۾ بليدا ماڻريءَ ۾ چهن ڳوٺن مان هڪڙي ڳوٺ جو نالو "خشڪ" آهي. ان خشڪ ڳوٺ جي رهائشي نسبت سان هي ذات جا "خشڪ" سڏجن ٿا. ايس - صادق علي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هنن کي، رندن جي پاڙي مان ڏيکاريو آهي. ڪن هنن کي جتوئيءَ جي تمن ۾ شامل ڪيو آهي. انگريز سرڪار 1911ع ۽ 1931ع جي آدم شماري پڌرنامي ۾ ۽ رجرد برٽن خشڪن کي سماڻي "جت" لکيو آهي. هي سرائڪي ۽ جتڪي زبان ڳالهائين ٿا. جنهن ڪري "سرائي" سڏجن ٿا.

خضرخيل: ڪاڪڙ پناڻن جو پاڙو آهي.

خفيپوٽا: سومرن جو هڪ پاڙو آهي.

خفيف: سومرن جو هڪ پاڙو آهي. جيڪي ٽر ۾ رهندڙ آهن.

خلجي: ترڪ نسل جي هڪ مسلمان ذات آهي. افغاني پناڻن مان پڻ هڪ پاڙو آهي. عام لفظن ۾ هي ترڪي مغل آهن. هڪ روايت موجب افغانستان جي حريت پرست افغان مير ويس غلزئي جي اولاد مان "خلجي" آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ خلجي ۽ غلزئي هڪ ئي نسل مان آهن. انهن کي سڏ ڏجي ٿي تہ هي بہ جدا جدا قبيلا آهن.

دهليءَ جو بادشاهه فيروزالدين خلجي پڻ هن نسل مان هو. ڪراچيءَ ۾ خلجي ڪافي رهن ٿا. شنواري پڻ خلجين مان آهن. ڪتاب پنجاب ڪي ذاتين جي آخر ۾ پٺاڻن جو شجرو لکيل آهي. جنهن مان جاڻ ملي ٿي ته خلجي هڪ مخلوط ترڪ قبيلو آهي. جنهن جي ماءُ افغان ۽ پيءُ فارسي خون مان آهن. غلزئي به انهن مان آهن.

خلجياڻي: جمالي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

خلچاڻي: بروهين جي لهڙي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

خلواڻي: ڪتاب م - ک پيڪولين ۾ لکيل آهي ته "خلواڻي" گورچاڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

خلوراڻي: جتوئي قبيلي جو پاڙو آهي.

خليفا: عربي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي نائب. جانشين. وليعهد وغيره. سمن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. ضلعي نوشهروفيروز ۾ هنن جا ڪجهه گهر آهن. گمبٽ جي پرسان ناريجا رهن ٿا. جن جو چوڻ آهي ته اسان جي هڪڙي پاڙي جو نالو "خليفا" آهي. ڪي ماڻهو اسان کي "خليفائي" ۽ خليفاڻي به چون ٿا. مهراڻ رسالہ نمبر 4-1989ع ص 113 تي لکيل آهي ته خليفا نصرپور جي دائود پوٽن جو پاڙو آهي. ناري ۾ رهندڙ سهتن جو پڻ هڪ پاڙو.

خليل: عربي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. سچو دوست. دوستيءَ جو پورو حق ادا ڪرڻ وارو. خليل ڪيراني. پٺاڻن جو پاڙو آهي. هن پاڙي جون مشهور شاخون آهن. 1. اسحاق زئي. 2. باروزئي. 3. تلرزئي ۽ 4. متوزئي.

خَليلاڻي: گورچاڻي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو آهي. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1. بابولاڻي. 2. بڪيراڻي. 3. بهادراڻي. 4. گور پٺاڻي.

خليل خيل: حرشيون پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

خليلي: خرشيون پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

خميساڻي: پنجاب کان آيل سرائي آهن. سنڌ ۾ نهايت ناليل ماڻر رهن ٿا. راءِ بهادر هتورام لکيو آهي ته "خميساڻي" جتڪ بروهين جو پاڙو آهي. سهتن جي راڄ ۾ شامل آهن. ڪرمتين جي مهيري شاخ ۾ پڻ آهن.

خنگياڻي: ڪيراني افغان پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

خواجا (ڪوجا): فارسي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. آقا. گهر جو مالڪ. صاحب. سردار. تواني سيد. مخنث. خصي غلام وغيره. خواجا. ڪوجا يا خوجا شيعا مسلمان آهن. جن کي "لوٽيا" پڻ چون ٿا. هي اصل ۾ سنڌ جا هندو سماڻ هئا. پراڻي زماني ۾ لڏي پهرين "شيخ راج" ۾ اچي آباد ٿيا ۽ پوءِ اٽل ۽ ان بعد لس بيلو وسايائون. هن وقت سنڌ ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ تمام گهٽائيءَ ۾ آباد آهن. اصطلاحاً خواجا واپاري ماڻهو آهن.

هنن جو مذهبي واسطو اسماعيلي مبلغن سان آهي. پنهريان ڇهه امام مجيندا آهن ۽ پوءِ چوٿيهه ٻيا امام شمار ڪري اچي آغا خان تي ٻيهندا آهن. جو سندن هاٿوڪو امام آهي. ڪريم آغا خان وارا قرآن شريف ۽ نماز نه پڙهندا آهن. هنن وٽ مسجد ڪانهي. خواجاخاني ۾ گڏ ٿي عبادت ڪندا آهن. هنن جو مقام به الڳ آهي. جو ٻيا هنن جي مخالفت ڪن ٿا.

رجرد برٽن جي لکڻ موجب خواجا داعي ايران جا اسماعيلي شيعا آهن. هو هلاڪو خان جي مارڻ جي ڊپ کان اچي هن خطي ۾ آباد ٿيا. ٻيا هندستان جا هندو. پير صدرالدين جي هٿ هيٺ بيعت ڪري مسلمان ٿيا. جن کي سندن پير "خوجا". جو لقب ڏنو. جنهن کان پوءِ هو خواجا سڏجڻ لڳا. خواجا شيعا آهن. پر ڪارا ڪپڑا پائڻ پسند ڪونه ڪندا آهن.

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته خواجا اصل ۾ هندو لوهاڻا هئا.جيڪي 15 صديءَ ۾ مسلمان ٿيا ۽ اسماعيلي شيعا فرقي ۾ آيا. سنه 1430ع ۾ پير صدرالدين جي رهبريءَ ۾ مسلمان ٿيا. جن کي هن "خواجا" جو ٽالو ڏنو. خواجن جو باني حسن صباح هو. بعد ۾ آغا حسن علي آغا هو. جيڪو 1842ع ۾ ايران کان سنڌ ۾ آيو ۽ خواجن جو پير ٿيو. خواجا قرآن شريف جي بجاءِ پير صدرالدين جي جوڙيل پوٿي (گنان) پڙهندا آهن.

هي هندن جي ديوتا "وشنوءَ" جا نو اوتار شمار ڪري ڏهون اوتار حضرت علي رضه کي ڪٿيندا آهن. هنن جا ٻ فرقا آهن. هڪڑا پڙائي. جي محرم ۾ پڙ ڪيندا آهن ۽ ٻين شيعن سان گڏ هوندا آهن. هي آغا خان جي خلاف هوندا آهن ۽ ٻيا پنجي پائي جي آغا خان جي فرمان هيٺ آهن. ان کي عشر ادا ڪندا آهن. آخر ڏينهن جماعت خاني ۾ گڏ ٿي گنانن ۽ ميران پائي جي پائين کي ورجائيندا آهن. هنن جي اڳواڻن کي "مکي" ۽ "پگت" چون ٿا.

هن وقت ڏنو ويو آهي ته ڪن ڪن هندن تي پڙائي خواجا نماز ۽ قرآن شريف پڙهن ٿا. پر ترڪو هندو ڌرم وانگر ورهائين ٿا. خواجا قوم ۾ لهاڻا. پانيچ. راجپوت. هريجن ۽ عرب قوم جا ماڻهو به شامل آهن.

ايس - صادق علي لکيو آهي ته خوجا لفظ جي معنيٰ آهي. اعليٰ رتبي وارو ماڻهو. بزرگ. هي اصل ۾ ڪشميري هندو ۽ هندستان جا پاتيا هئا.جيڪي نهايت ويجهڙائي ۾ مسلمان ٿيا آهن. جتان لڏي اچي "پين" گوٺ. حيدرآباد ضلعي ۾ ۽ ڪانڊي گوٺ ٽنڊي ضلعي ۾ وينا. جيڪي بعد ۾ پينپوري ۽ ڪانڊي وارا خوجا سڏجڻ لڳا. جتان پوءِ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويا. حالانڪ ڪوجن جو اصل مسڪن ڪڇ. ڪاٺياواڙ آهي. هي ڪلهن (چمڙي) جو ڏنڊو ڪندا هئا. اڄا تائين به ڪوجن جو ڏنڊو مينگهواڙن وارو آهي. مومناٽي. پيرواني. ٽيجاٽي. ڏاتواٽي. فدواٽي. هفداٽي. حاجياٽي. اسماعيلاٽي. قاسماٽي. ميان ناٽي ۽ مير لياٽي. پنجي پائي خوجن جا پاڙا آهن. اهڙي طرح سان پڙائي خوجن جا پاڙا. مومناٽي. پيرواٽي ۽ ٽيجاٽي آهن.

خواجن جو چوڻ آهي ته آغا خان خاندان جو حسب ۽ نسب هن طرح آهي:

1. حضرت علي	پهريون امام	27. شمس الدين محمد
2. حضرت امام حسين	ٽيون امام	28. علاؤ الدين
3. حضرت زين العابدين	چوٿون امام	29. قاسم شاهه
4. حضرت محمد باقر	پنجون امام	30. اسلام شاهه
5. حضرت جعفر صادق	ڇهون امام	31. سلام شاهه
6. اسماعيل	ستون امام	32. مستنصربالله
7. محمد		33. عبدالسلام
8. سعدي		34. غريب مرزا
9. رضي احمد		35. مراد مرزا
10. تقي احمد		36. بهادر شاهه
11. وفي احمد		37. قلندر علي
12. مهدي عبدالله		38. ذوالفقار علي
13. قاهر		39. نور در علي
14. منصور		40. نظار علي
15. معز		41. حسن علي
16. عزيز		42. عبدالحسن علي
17. حاكم علي		43. ابوالقاسم علي
18. ظهير حسن		44. خليل الله علي
19. معتنصربالله		45. حسن علي آغا (هي ايران کان افغانستان آيو. ء 43-1842ع ۾ سنڌ ۾ پهتو). اتان ڪچ ويو ء بعد ۾ بمبئي روانو ٿيو). 1843ع ۾ جهڙڪ شهر ۾ رهندو هو.
20. نظار (هي شاهه صدرالدين جو مرشد ء مذهبي پيشوا هو)		
21. هادي		
22. مهتدي		
23. قاهر		46. علي شاهه
24. علي ذكرة الله الاسلام		47. محمد سلطان ايڇ ايڇ آغا خان
25. عزن الدين محمد		48. صدرالدين آغا
26. رڪن الدين خرشاهه		49. پرنس ڪريم آغا

قارئين حضرات لاءِ شاھ صدرالدين جو پڻ شجرہ (Pedigree) پيش ڪجي ٿو، جنھن مان ٻنھي خاندانن جو مذھبي واسطو ربط ۽ اڳواڻي ظاھر ٿئي ٿي:

1. حضرت علي رضہ	24. پير حسن ڪبيرالدين
2. حضرت امام حسن	25. پير تاج الدين (ھن جو مقبرو ٽنڈي باگي ضلعي حيدرآباد ۾ آھي).
3. قاسم شاھ	26. پير پينديادجوانڙ مردي
4. احمد علي	27. پير حيدر
5. پير ستگر شاھ	28. پير علاؤالدين
6. پير امام الدين	29. پير قاسم شاھ
7. پير محمد منصور	30. پير نصير محمد
8. پير غالب الدين	31. پير دادو
9. پير عبدالعزيز	32. پير آغا حسن شاھ
10. پير مستنصر باالله	33. پير محمد
11. پير احمد ھادي	34. پير آغا عزيز
12. پير قاسم شاھ	35. پير ميرڻ
13. پير محمد	36. پير آغا علي اڪبر
14. پير محمود	37. پير آغا علي اصغر
15. پير محب الدين	38. پير حسن علي
16. پير خالق الدين	39. پير عبدالقاسم علي
17. پير عبدالمؤمن	40. پير عبدالحسن علي
18. پيراسلام الدين	41. بيبي فاطمہ
19. پير صلاح الدين	42. پير آغا علي شاھ
20. پير شمس الدين	43. پير ايچ ايچ آغا محمد سلطان
21. پير نصيرالدين	44. آغا صدرالدين
22. پير صاحبدالدين	45. پرنس آغا ڪريم
23. شاھ صدرالدين (ھن پير صاحب خوجن کي 1430ع ۾ مسلمان ڪيو ۽ کين خوجا جو نالو ڏنو).	

خيرپور ميرس وارا خواجا. خواجہ محي الدين چشتي جا پوئلڳ سني مسلمان آهن. جن جا خاص پاڙا آهن:
1. زڪناڻي، 2. صادقاڻي، 3. عيباڻي، 4. عيساڻي، 5. فتحاڻي، 6. واڌلاڻي، 7. وچاڻي.

خواجا خيل: ڏهوار بروهين جي پاڙي جو نالو آهي. افغاني پناڻن ۾ پڻ "خواجا خيل" آهن.

خواجوزئي: شهواڻي بروهين جي حاجي زئي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

خواجہ زئي: اڪوزئي (يوسف زئي) پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

خوالیزئي: برمهمند (مهمند) پناڻن جو پاڙو آهي.

خوبچنداڻي: هندن جي ذات آهي. لسانيات جو ماهر ڊاڪٽر لچمڻ هن آکھ مان هو. هڪڙا خوبچنداڻي. "اچڻ سڌ" نک مان ديوان خوبچند جو اولاد آهن. جيڪي ٽلٽي، بوبڪ، سيوهڻ جا رهواسي آهن ۽ پيا حيدرآباد جا پائيبند آهن.

خوب دين: مزاري بلوچن جي رستماڻي قبيلي جي قيصراڻي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

خوجہ: چنگيز خان (مغول) جي پٽ "جوجو" جي ڇهين پيڙهيءَ مان هڪڙيءَ شخص جو نالو "خوجو" (تولي) هو. جنهن جو اولاد "خوجہ" سڏجي ٿو. (بحوالہ: ڪتاب دائرہ معارف اسلام ص 719). انهن خوجن هرات جي پرسان هڪ شهر ٻڌايو هو. جنهن کي "خوجہ چشت" چون ٿا.

خودواڻي: ڪرمتين جي مهيري شاخ جو هڪ پاڙو.

خورم: ماندڙن جو هڪ پاڙو آهي. (بحوالہ: ڪتاب پيلاين جا ٻول).

خوشالاڻي: گاڏهي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

خوشحالاڻي: مغيري بلوچن، سوڊرن (سما) هندن، خاصخيلين ۽ برڙن جو هڪ پاڙو آهي. ڪرمتين جي مڙگهر شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

خوشلاڻي: ڪلهوڙن جو هڪ پاڙو آهي.

خُوشيرو: سمات ذات آهي.

خوگاخيل: خيبر شنواري پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

خوگاني: پناڻن جو هڪ قبيلو.

خوندڪر: مسلمان راجپوتن جي ذات آهي. هن ذات مان مشتاق خوندڪر مشرقي پاڪستان جي هڪ نامور شخصيت هو.

خيبر شنواري: شنواري پناڻن جي هڪڙي شاخ جو نالو علي شير خيل آهي. جن مان "خيبر شنواري" آهن.
هن جا خاص پاڙا آهن: پيرو خيل، ميرداد خيل، خوگاخيل، سليمان خيل ۽ شيخ علي خيل.

خيتراڻي (کيتراڻي): بلوچن جي هڪ ذات آهي.

خيداخيل: آفريدي پٺاڻن جي ملڪ دين شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

خياط: هڪ مسلمان ذات، سمات يا غير سمات جي تصديق ڪرڻ ٿي ٿئي.

خيراڻي: چاندين، پرڳڙين، مستوئين، پٽن، ڏيرن، انيڙن ۽ گهنين جي ذاتين جو هڪ پاڙو آهي، انهن سڀني جي وڏي ڏاڏي جو نالو "خير محمد" هو، جنهن جي اولاد پاڻ کي ذات جا "خيراڻي" سڏايو. مثال خاطر خير محمد پرڳڙي جي خيراڻي پاڙي جو شجره هن طرح آهي:



هي سڀ خيراڻي سدجن ٿا. سومرن جي هڪڙي پاڙي جونالو پڻ "خيراڻي" آهي، هي شڪارپور ۾ رهن ٿا.

خيرواڻي: برڙدي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي، پنهنجي وڏي خير محمد جي نالي پٺيان "خيرواڻي" سڏجن ٿا.

خيريجا: مسلمان سمات ذات آهي. راڄپرن ۾ هڪ پاڙو.

خيشگي: محمد زئي (زمند) پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

خيڪ: هڪ مسلمان غير سمات ذات آهي، سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

د

داپاکِرُ: ذات جا سماڻي موچي آهن. هي چمڙي مان ڏيئون ٺاهين ٿا. جنهن نسبت سان ذات جا "داپاکَر" سڏجن ٿا. هي سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

دابيجا: ملاحن ۽ مهاڻن جي ذات آهي. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رهن ٿا.

داتلا: پنجاب کان آيل لباڻن جو هڪ پاڙو آهي.

داداڻا: زردار خان زرداري جي پٽن مان هڪڙي پٽ جو نالو داد خان هو. جنهن پٺيان پاڙي جو نالو "داداڻا" پيو.

داداڻي: جمالين. وسائي پوڙا چانڊين. جسڪاڻي بلوچن ۽ چاچڙن جي ڇٽا شاخ مان هڪ پاڙو آهي. ميرجتن جي دادواڻي شاخ جو هڪ پاڙو.

دادپوٽا: سمن ۽ ملاحن جو هڪ پاڙو آهي. ڪن ڪن جاين تي هي دائود پوٽا ٻ سڏجن ٿا.

دادلاڻي: حيدرآباد ۾ رهندڙ هندن جي هڪ ذات آهي. هي "تنانڪر" نڪ مان آهن. جيڪي دادلو مل جو اولاد آهن. درياءَ پنٿي ۽ عامل (عاملاڻي) ٻ سڏجن ٿا.

دادواڻي: هڪ مسلمان سمات ذات جو پاڙو آهي. تعلقي ميهڙ ۾ رهن ٿا. ميرجتن جي هڪ مکيہ شاخ. بسڪواڻي چنداڻي. داداڻي. ڪُويل ۽ گلاباڻي هن شاخ جا مکيہ پاڙا آهن.

دادوواڻي: ميرجتن جو هڪ پاڙو.

داديجا: هندن جي هڪ ذات آهي. حيدرآباد ۾ رهن ٿا. (اروڙ ونسي).

دادوواڻي: ميرجتن جو هڪ پاڙو.

دادي خيل: آفريدي پٺاڻن مان ملڪ دين خيل قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

دادِيزئي: برمهمند (مهمند) پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

داروزئي: مينگلن جو هڪ پاڙو.

داروغا خيل: بروهي آهن. سندن مورث اعليٰ داروغو مهر علي هو. جيڪو مير نصير خان جو خاص ماڻهو هو.

داري زئي: دهوار بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

داڙيا: کاري ۾ رهندڙ ملاح ۽ مهاڻا آهن.

داسا: برهمڻن جي هڪ ذات آهي. هي اگروال جي ناجائز پٽ جي اولاد مان آهن. هي دوغلي ٻ سڏجن ٿا. ٻنيہ ذات ۾ پڻ آهن.

داسڙا: سومرن (چنيسر) جو هڪ پاڙو آهي. کورواهه لڳ وينا آهن. ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي ته داسڙا سسن ۾ پڻ آهن.

"دوست تنهنجو داسڙو، ڪاندو ڏيائي ڪاءِ" (سرليلان - شاه)

داسلائي: ڪچ ۾ڇ ڪان آيل نومسلم ميمڻ آهن.

داغي: هندن جي هڪ گهٽ ذات آهي. هنن کي مزور ۽ ڪولهي ڪوٽين ٿا.

داگڙا: جٽ قبيلي جو پاڙو آهي. ڪافي مسلمان آهن.

داگها: سومرن جو پاڙو آهي. ملاحن ۾ پڻ "داگها" ذات وارا آهن. خوجن ۾ به داگها آهن.

دالا(دلا): پانن جو هڪ پاڙو آهي. تندي آدم ۽ نٽي ۾ رهن ٿا.

دامني: بلوچستان ۾ بمپور درياءَ جي ٻيٽ تي رهندڙ اٽ پالڻ وارا بلوچ (جٽ) آهن. هنن جي اٽن جي هلڻ جي رفتار ڪنوڻ ۽ وڇ جهڙي آهي. جنهن نسبت سان انهن جا مالڪ ذات جا "دامني" سڏجن ٿا. دامني بلوچي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڪنوڻ جو ٽجلو.

داندڻي: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

دانيري: جٽن جو هڪ پاڙو آهي. جيڪي پني پيٽ پالين ٿا. دانيري معنيٰ ٻيڪ ونڻ آهي.

داواڻي: ڪرمتين جي راڻا آگاريا شاخ جو هڪ پاڙو.

داور: فارسي لفظ دادورُ آهي. (داد = عدل + ور فاعليت جي نشاني. عادل حاڪم. انصاف ڪرڻ وارو). سومرن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. انصاف ۽ عدل ڪرڻ جي نسبت سان "دادور" سڏجڻ لڳا.

داهرا: هندو اروڙن (ڪتري) جو هڪ پاڙو آهي.

دائل پوتا: سما خاندان مان هڪ پاڙو آهي.

دائود: سجاول ضلعي ۾ رهن ٿا. جيڪي ملاح ۽ مهاڻا آهن. (تاريخ سجاول 1984ع).

دائوداڻي: ميرجتن جو هڪ پاڙو. ڪرمتين جي جانوري شاخ مان پڻ آهن.

دائود پوتا: پنجاب گزيٽيئر ۾ لکيل آهي ته سنڌ جا ڪلهوڙا (عباسي) بن خاندانن ۾ ورهائجي ويا. جيڪي سنڌ جا حڪمران ٿيا. انهن پاڻ کي ڪلهوڙا چورايو ۽ جيڪي دائود خان جو اولاد هئا. انهن بهاولپور جي حڪومت جو بنياد وڌو. پاڻ کي ڏاڏي دائود خان جي نسبت سان "دائودپوتا" سڏايو.

قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو جي مصنف مرزا قليچ بيگ (ص 308 ۽ 309) تي لکيو آهي ته دائود پوتا عباسي ڪلهوڙن جي جام چنڍ جي هڪڙي پوٽي "دائود" نالي جو اولاد آهن. اهي پاڻ کي اصل

عباسي خليفن جي اولاد "امير احمد" جي نسل مان ٿا چاڻائن. جو مڪران مان سنڌ ۾ آيو. جتي هن ۽ سندس پٽ هندن مان شادي ڪئي ۽ هندو راجائن جي مدد سان هي حاڪم ٿي ويٺا. برهمن هندو راجائن هنن سان وڙهي کين درياءَ ٽپائي ڇڏيو. پوءِ هي سيوهڻ جي پرسان ٽلٽيءِ جي ڳوٺ ۾ ويٺا. ڄام ڇنڻ پنهنجي پائٽي ڪلهوڙي سان جنگ ڪئي ۽ تنگ ٿي سنڌ جي اتر طرف هليو ويو. جيڪي ٽلٽي شهر ۾ رهيا. انهن مان ڊاڪٽر محمد عمر دائود پوٽو اعليٰ رتبي وارو ٿيو. سنڌ جو گورنر محمد عظيم دائود پوٽو هن جو پٽ آهي.

ڪتاب ميان سرفراز خان عباسي "از مرزا عباس علي بيگ (ص 1) تي لکيو آهي ته محمد بن ڇنڻ ستن هندو راڻن جي مدد سان ملڪ ۽ سردار ٿيو. انهيءَ ستن راڻن جي ڏيئرن سان شادي ڪري "ڄام" جو لقب حاصل ڪيو ۽ اعليٰ درجي تي پهتو. ڪيس پارکهن زالن مان ارڙهن پٽ ٿيا. جن کي وري ڪيترو ئي اولاد پيدا ٿيو. انهن مان "دائود" نالي هڪڙو پٽ راڻي ڇنيي ولد ڏيڻي جي ڏهٽي مائي چولیا مان پيدا ٿيو. دائود پوٽا ان دائود جو اولاد آهن.

ذاتين جي اپياس مان خبر پوي ٿي ته "دائود" اصل ۾ "ڪوري" هو. جنهن جي عمر اٽڪل بہ سؤ سال هئي. ان جي اولاد پاڻ کي "ڪوري" ۽ "دائود پوٽا" سڏايو. مغل بادشاهن اڪبر بادشاهہ ۽ اورنگزيب هنن کي لکي ۽ خانپور جاگيرون عطا ڪيون. 1026 هجري (سن 1667ع) ڌاري شير خان مهر کان بهادر خان دائود پوٽي (ڪوري) وڙهي سندس شڪار گاهہ ڦري ڦٻائي ويو ۽ پوءِ ان شڪارگاهہ تي شهر اڏائي "شڪارپور" جو نالو ڏنائينس.

مهراڻ رسالہ نمبر 4 سال 1989ع نصرپور جي احوال ۾ لکيل آهي ته دائود پوٽا ڪورکو ڏنڈو ڪندا هئا. دونگهہ سکيائي. ليکي. درس. خليفا ۽ ڪني هنن جا پاڙا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪتاب بيلاين جا برل (ص 62) تي "شاهوڪ" سمات ذات جا جيڪي پاڙا لکيا آهن. انهن مان هڪڙي پاڙي جو نالو دائود پوٽا آهي. هي دائود پوٽا لس بيلي کان نقل مڪاني ڪري سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويا آهن. جيڪي سماٽي دائود پوٽا سڏجن ٿا. هڪ جائزي مطابق دائود پوٽن جو حسبي ۽ نسبي شجرو هن طرح آهي:

	چئيرز	(1220ع)
	محمد	(مائي چولیا مان)
(1280ع)	دائود	(اولاد دائود پوٽا)
	محمد	
	دائود	
	صالح	



وڌيڪ لاءِ ڏسندا شجرو عباسي ۽ کلهوڙا

دائود خيل: خرشيون پنائڻ جو پاڙو آهي.

دائودزئي: بابرج پنائڻ جو هڪ پاڙو آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب هي دولت يار پناڻ جي اولاد دائود مان آهن. دائود پناڻ کي ٽي پٽ منڊڪئي، مامور ۽ يوسف هئا. يوسف جو اولاد يوسف زئي آهي. منڊڪئي کي ٻـ ٽي پٽ حسين. لکئي ۽ بابو هئا.

دائودين: آفريدي پنائڻ جي زخاخيل قبيلي جو پاڙو آهي.

دائولي: مسلمانن ۽ هندن جي ذات آهي. هي چشمن جي پائيءَ کي چائي ان مان سون ڪيندا هئا.

دائيترپتري: سمن جو پاڙو آهي.

دائيپال: سمن جو پاڙو آهي.

دائيدا: مناهي ذات جو پاڙو آهي.

دائيدامڻ: سما ذات جو پاڙو آهي.

دائيداڻا: سنڌ جا سماڻي جت آهن. ڪوڙي تعلقي ۾ سندن ڪافي ڳوٺ آهن. هي ميرجت ۾ سڏجن ٿا.

دائيراڻا: جتن جي ذات آهي.

دايا: سما ۾ جهلاواڻي بروهين جو پاڙو آهي. سماڻي داين جا خاص پاڙا آهن: 1. چنا، 2. جماڻي، 3. نوناري، 4. مناڻي 5. جوڪيا

دبا: هندي لفظ آهي. جنهنجي معني آهي، ٽٻي هڻي، غوطا خور. ميربحر ۾ مهاڻن جي ذات آهي، غوطا هڻي مڇي پڪڙيندا هئا ۽ ٻيون شيون ڏنڊن ڏورن ۽ دريائن مان غوطا هڻي ڪڍندا هئا. ان نسبت سان هي "دبا" سڏجن ٿا.

دباعي: جوڪين جو هڪ پاڙو.

دُبائي: غوطا خور ملاح ۽ مهاڻا آهن. سمن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "دبائي" آهي.

دبائي (دباڻي): سماڻي جتن جو هڪ پاڙو آهي. ڪرمتي جت بلوچن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "دبائي" آهي، ميمڻن ۾ پڻ هڪڙي پاڙي جو نالو "دبائي" آهي، هي ننڍي شهر جا رهواسي آهن.

دَبَرَ: سمن ۾ ملاحن جو هڪ پاڙو آهي. نواب شاهه ۾ ڪجهه گهر آهن.

دَبراڻي: ميربحرن ۾ مهاڻن جي هڪ ذات آهي. ڪاري ۾ رهن ٿا.

دَبگَرَ: چمر جي ڪم جا ڪاريگر آهن. ان نسبت سان ذات جا "دبگر" سڏجن ٿا. جوٽيجن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "دبگر" آهي، جيڪي چمر جو ڪم ڪن ٿا. جن کي چمار ۾ چون ٿا.

دَبَلَ: سما ۾ ملاح آهن. نواب شاهه ۾ رهن ٿا.

دَبَلا: سما ۾ ملاح آهن. ننڍي ضلعي جي ڪاري واري حصي ۾ رهن ٿا. هي دبي ڏاراڄ جا اصل باشندا آهن.

دَبِيرَ: جت بلوچن جو هڪ پاڙو آهي. دبير فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، منشي، لکپڙهه ڪرڻ وارو. هي پنهنجي ذات وارن جو ليکو وغيره ڪندا هئا. جنهن نسبت سان "دبير" سڏجڻ لڳا.

دَبِراچَ: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

دَبَڙا: ٽري مينگهواڻن جي هڪ ذات آهي. هي وسڪاري تي پوک ڪن ٿا.

دَبڙيا: سرائين جي هڪ گهٽ ذات آهي.

دَبگر: ٽري هندن جي هڪ ذات آهي.

دَبِلا: سمن جو پاڙو آهي. ضلعي نوابشاهه ۾ رهن ٿا. ڊاڪٽر غلام علي الانا هنن کي مچي مارن وارا ملاح لکيو آهي. (بحواله: مهراڻ نمبر 4-3 سال 2001ع ص 33).

دَبيا: رندن جو هڪ پاڙو آهي.

دَپِراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

دتر: گائينچا (سما) ذات جو هڪ پاڙو آهي. غير سماٽن ۾ پڻ "دٽر" آهن.

دتيال: پنوار راجپوتن مان جٽ (جت) آهن. هي پاڻ کي بکرال ۽ بڏال وانگر حضرت علي ۽ جي اولاد مان چوائين ٿا. جهلم ۽ بهاولپور جا رهواسي آهن.

دُجَرَ: ڏاهرن جو هڪ پاڙو آهي.

دَدِي: هڪ غير سماٽ ذات آهي.

دَرادشت: بلوچن جي ذات آهي. پراڻي دور ۾ سندن واسطا جتوئي قوم سان هئا. شاهه بيگ ارغون کين تباهه ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ورتي هئي.

دَرازئي: بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

دراغ زئي (چاڪراني): بگٽين جي نوٽاڻي پاڙي مان آهن. هن جو چگو مڙس رسول بخش هو.

دَرانِي: اصل عربي لفظ "در" آهي. جنهن جي معني آهي موتي، مروارید، گوهر. ڪن ۾ پائڻ جو هڪ خوبصورت زيور. درائي انهيءَ زيور پائڻ واري کي چيو ٿو وڃي. فارسيءَ ۾ پڻ ان کي "درائي" چون ٿا. درائي افغاني پٺان آهن. جيڪي احمد شاهه درائي (احمد شاهه ابدالي) جا پوئلڳ ٿي، ڪن ۾ در (موتي) پائي پاڻ کي ذات جا درائي چوائڻ لڳا. اڄ به ان نسبت سان پٺان دُرَ پائين ٿا. درائي سنڌ ۾ ڪافي جاين تي رهن ٿا. جن جا خاص پاڙا آهن: 1. آلکزئي، 2. باركزئي، 3. فاضل زئي، 4. محمد زئي، 5. توپالزئي.

دُراڻي: سڌايا (سما) ذات جو هڪ پاڙو آهي. نوحاڻي بلوچن جي سرياڻي پاڙي جي هڪ ڦري. ڪرمتين جي راڏابنديجا شاخ جو هڪ پاڙو پڻ.

دَراوڙَ: قديم هندستان جي قوم آهي، جنهن ۾ هندن جون ٻيون به ڪافي ذاتيون شامل آهن.

دُربان: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

دردو: هندن جي هڪ ذات.

درڙا: ٽري مينگهواڙن جي هڪ ذات آهي.

درڙي: هندن جي هڪ نک جو نالو آهي بهرواڻي، بالواڻي، رام رکياڻي، پارواڻي، تختاڻي، رامچنداڻي، ملکاڻي ۽ هنگوراڻي هن نک جون مشهور آکهون آهن.

درزاده: مکران جا گهٽ ذات وارا مکراني آهن، جي اکثر کري وادي کو، لوهارکو، درزکو ۽ ٽين سازيءَ جو ڪم ڪن ٿا، هي رولو ۽ پينائو آهن. ڪراچيءَ ۾ به رهن ٿا.

دَرسَ: عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، مذهبي ڳالهيون ٻڌائڻ، وعظ ڪرڻ، ديدار وغيره، درس، سمن، سميجن، دلن، ڪوراڙن، ميربحرن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي، درس، پلي به آهن. مهراڻ رسالہ نمبر 4 سال 1989ع ص 113 موجب درس نصرپور جي دائود پوٽن.جو پاڙو آهي جيڪي ڪيس ٺاهڻ ۾ ماهر آهن. شائخ پوٽا به درسن مان آهن. بيت: "قريبن ڪنپار چئي، جنهن دُرسَ دِکايا دَلَ"

درسن جو شجره هن طرح آهي.



درشيڪ: هڪ مسلمان غير سمات ذات آهي.

درڪاڻي: عربي لفظ "درڪ" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، واقفيت، معلومات، درڪاڻي گورڃاڻي بلوچ آهن، جيڪي جاهلو واقفيت رکندڙ هئا. جنهن نسبت سان کين "درڪاڻي" چيو ويو. هن بلوچي شاخ جا هينيان پاڙا آهن: 1. آئري (آري - آريچا)، 2. آلڪاڻي (الڪاڻي - الڪاڻي)، 3. پرڪاڻي، 4. جنداڻي، 5. رونڪائي (رالڪاڻي)، 6. زيهاداڻي (زاهداڻي)، 7. زبراڻي (ضرباڻي)، 8. سليماڻي، 9. سيهه پخ (سياهه قاز)، 10. سيهلاڻي، 11. عمراڻي، 12. ڪاهوري (ڪهوري)، 13. گنداگولڪ. سوڌر سما آهن، انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "درڪاڻي" آهي، هي ٿر ۾ رهن ٿا.

درڪ زئي: محمد حسني بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

درڪاڻي: عمراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

درگاڻي: جڪراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

درگاهي: هڪ مسلمان سماڻ ذات جو نالو آهي.

درگاهيا: چنا ذات جو هڪ پاڙو آهي.

دروال (ڏيروال): ميو قبيلي جو هڪ پاڙو آهي. مسلمان آهن.

درواڻ: سما ذات جو هڪ پاڙو آهي.

درواڻي: مزاري بلوچن جي رستماڻي شاخ مان هڪ پاڙو آهي. ڪرمتين جي ڳورئي شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

دروز: شيعا فرقي وارا فاطمي آهن.

درويش: فارسي لفظ درويز = درآويز (در = دروازو - آويز= اويختن - لٽڪڻ، جو دروازي کي لٽڪي يعني پينو. دريويز ڦري "درويز" ٿيو ۽ منجي "درويش" ٿيو. در= دروازو. يوز = وزيدن - يوزيدن - چنبڙڻ، دروازن کي چنبڙندڙ يعني پينو. در = موتي. ويش = واش = وش، مثل: جهڙو، موتيءَ جهڙو يعني الله لوڪ فقير، پهتل شخص. درويش هڪ سماڻ ذات آهي، هنن جا ڪجهه گهر تعلقي ٽاٽي بولا خان ۾ آهن.

درويشاڻي: درويش ذات مان هڪ ڦٽل ذات (غير سماڻ) آهي، پنهور قوم جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "درويشاڻي" آهي.

درويش پوٽا: هي خالدي قريشي "ممڙ" ڳوٺ جا رهواسي قاضي محمد درويش جو اولاد آهن، جن کي کوهارو قريشي پڻ چون ٿا. هنن جا ودّا محمد بن قاسم سان گڏ آيا هئا. ڪتاب ضلعو نواب شاهه تاريخي شهرءِ شخصيتون ص 204 تي لکيل آهي ته محمد درويش هندن مان شادي ڪئي هئي، جنهن کي به پٽ عبدالمعالي ۽ عبدالوالي پيدا ٿيا. عبدالوالي جي پٽ جو نالو ابوالخير هو، جنهن پاڻ کي "درويش پوٽا" سڏايو.

درهال: اعوان قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

دري: سمن ۾ مهاڻن جو هڪ پاڙو آهي. هي نواب شاهه ۾ رهن ٿا.

دریاپَنٿي: هي هندن جو هڪ ڏرمي فرقو آهي، جيڪي درياءَ جا پوڄاري آهن. ان سان گڏوگڏ خواجه خضر (زندهه پير) جنهنجو ٿان روهڙي ۾ سکر جي وچ تي آهي ۾ اڏيرو لال (شيخ طاهر) جهيجن جي ڳوٺ ۾ . انهن بنهي جي پوڄا ڪندا آهن. (دادلائي _ عاملائي)

دریاخاناڻي: ڪرمتين جي هديه (جت) شاخ جو هڪ پاڙو.

دریا خاني: ٽالپرن جو هڪ پاڙو آهي. مير مبارڪ خان ۾ مير دريا خان ۾ ان جي پاڻ جو اولاد آهن. مير راڄو خان، مير الهداد خان ۾ مير احمد خان هن پاڙي مان هئا. ميان سرفراز خان ۾ مير ناري خان هن پاڙي وارن کي جاگيرون عطا ڪيون هيون.

دَرياڻي: ڪوسن ۾ گهنين جي پاڙي هڪ جو نالو آهي، درياڻي سنڌ ۾ رهندڙ هندو ديوانن ۾ فقيرن جي ذات آهي. غيباڻي چاندين ۾ پڻ "درياڻي" آهن. جمالين ۾ پڻ آهن.

دُرياڻي: شنباڻي بلوچن جو پاڙوآهي. هي شيهڪ بن شنبو جو اولاد آهن. ڪرمتين جي پئوا شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

درياه خاناڻي: جاڪرن جي منجهئان شاخ جو هڪ پاڙو.

درياڻي: ملاح ۾ مهاڻا آهن. درياءَ تي رهڻ جي نسبت سان ذات جا "درياڻي" سڏجن ٿا.

دُريجا: ڏيرا ذات جو هڪ پاڙو آهي.

دُريزي: جتڪ بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

دَريساڻي: سرماڻ مريداڻي برن جو هڪ پاڙو آهي. هي لسبيلي ۾ رهن ٿا.

دَريش: ڪاري ۾ رهندڙ سما ۾ ملاح آهن.

دَريشاڻي: هڪ مسلمان ذات آهي.

دريشڪ: لفظ جي معني آهي "سونهري". لاشار ۾ رند جي جنگ ۾ لاشارين جي عورتن کي ميرچاڪر خان قيد ڪري هڪ شاميانه ۾ رهايو هو. اتفاق سان رات جو طوفاني برسات پئي جنهن ڪري شاميانه جي مرڪزي ڪمان ٽٽي پئي، جنهن ڪري دريشڪ نگهبان سڄي رات ان ٽٽل ڪمان کي پنهنجي ڪلهي تي جهلي عورتن کي موت کان بچايو. صبح جو گشت دوران ميرچاڪر خان هن جي بهادري ۾ شجاعت ڏسي ڪيس "دريشڪ" (سونهري) جو لقب ڏنو. ان ڏينهن کان هي ذات جا "دريشڪ" سڏجڻ لڳا.

كتاب "بلوچ" از م - ك پيكولين ص 67 تي لكيل آهي تہ هي اصل بلوچ ۽ بهادر آهن. جيكي رندن جي اولاد مان آهن. ڊيمز جي خيال موجب مكران ۾ هڪ جاءِ جو نالو "ديزڪ" هو. جتي هي وينل هئا. ان جاءِ جي نسبت سان هي "ديزڪ" سڏجڻ لڳا. مير چاكر خان هنن كي شجاعت جو لقب ڏئي "دريشڪ" سڏيو. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. جسكاڻي، 2. سرگاني، 3. كرماني، 4. گلفاز، 5. منگواڻي، 6. مرياڻي، 7. ارمني، 8. اربابي، 9. مينگوني. (درشعن جو شجرو ڏسو آخر ۾).

درين: پنجاب كان آيل ملاح ۽ مهاڻا آهن. (بحوالہ: كتاب پنجاب كي ذاتين ص 673).

دُريواڻي: جمالي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

دُريها: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

دَڙبا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. تعلقي جاتيءَ ۾ رهن ٿا. جاكرن جي منجهئان شاخ جو پٽ هڪ پاڙو.

دزكاڻي: بلوچ قوم جو هڪ پاڙو.

دُستي (دشتي): دستي يادشتي، مكران جي صحرا جي بلوچ قوم آهي. دشت معنيٰ صحرا. سنڌ ۾ هنن كي "دستي" بلوچ چون ٿا. دستي، كورائي، بلوچن، رندن، جمالين ۽ سمن جي پاڙي جو نالو آهي. دشتي (ميران) جمالي، كوسا ۽ گچكي پاڻ ۾ سڳا پائر آهن. كتاب تاريخ بلوچ و بلوچستان جلد پنجون سال 1994ع از مير نصير خان احمد زئي ص 118 تي لكيل آهي تہ مكران جي امير رجب ماملي كرد بلوچ كي (1298ع) ست پٽ هئا. جن مان كوسہ، جمال، ميران ۽ مراد نهايت مشهور هئا. ميران جو اولاد مكران جي "دشت" واري جاءِ تي اچي آباد ٿيو. جنهن بعد هي "دشتي" بلوچ سڏجڻ لڳا.

دَستيار خيل: غلزئي پناٽن جو هڪ پاڙو آهي.

دَسرو: مسلمانن جي هڪ ذات آهي.

دَشت خاني: فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، بياباني ماڻهو. صحرائي ماڻهو. جهنگلي ماڻهو. هي ايران جي مكراني صحرائي حصي جا ماڻهو آهن. جيكي كراچيءَ ۾ رهن ٿا. سيوهڻ شهر ۾ بہ هڪ بہ گهر آهن. جيكي پاڻ كي مكراني بلوچ چوائين ٿا.

دشتگاڻي: جتك بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

دشتي: مكران جا صحرائي رند بلوچ آهن.

دشتياري: هيوز ۽ رتيخ جي لكڻ موجب هي مكران جي "دشتياري" واديءَ جا رهاكو "بلوچ" آهن.

دڦراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. شادين جي موقعن تي دڦ وڄائي خوشيءَ جو اظهار كندا هئا. جنهن نسبت سان هي "دڦراڻي" سڏجڻ لڳا.

دَڦَڙَ:سمن. مهاڻن ۾ ڪاڪيپوڻن جو هڪ پاڙو آهي. هنن جو تعلق پڻ دڦ وڃائڻ وارن سان آهي.

دَڪَڻَ: پنجاب کان آيل سرائين جي هڪ ذات آهي.

دڪوموا: پرمار هندن جي هڪ ذات آهي.

دڪنا: اروڙ (ڪتري) هندن جي هڪ ذات آهي.

دگبا: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

دگهه: پنجاب کان آيل سرائي پٽين جو هڪ پاڙو آهي. هي غير سمات آهن.

دَلَ: سميجا ۾ ساريا ڪل مان آهن. هي انڙن سان واسطو رکن ٿا. ايس - صادق عليءَ دلن کي ٽيڻي جو اولاد ڄاڻايو آهي. ڪاڪا ذات وارن ۾ پڻ "دل" آهن. هنن جي نچ ملاحن سان لڳي ٿي. (دل قوم جو شجرو)



دل ذات جا خاص پاڑا آهن: 1. آگهم. 2. باقر. 3. بندیپوتا. 4. جُنجهه. 5. جوٹیجا. 6. دائیداٹا. 7. راجپیوتا. 8. رماڻي. 9. قل. 10. لالائي. 11. متاماڻي. 12. هندڑا. 13. رمداڻ. 14. لاکا. 15. نصيراڻي. 16. آتلا 17. آرادين 18. آري 19. آمر 20. پونئرا 21. بودلا 22. درس 23. ديدا 24. ڈڃ 25. ڈجا 26. ڈگا 27. ڈينا 28. بائو 29. بدام 30. بکيرا 31. ساهڙ 32. ساهر 33 سپڙ 34. سڏايا 35. سکريا 36. سلطان 37. سومراڻي 38. سونپار 39. سهتا 40. صادق پوتا 41. کاچيلا 42. کانهيون 43. کنديا 44. کنديا 45. کهڑا 46. گگن 47. لنجا 48. لنجي پوتا 49. موتڻ 50. مندوس 51. مناهين 52. حسنڻ 53. هوتي 54. باکڙ 55. بپو 56. بُنيا 57. بهپار 58. ناهيون 59. پارا 60. پنرا 61. پوتڑا 62. ٹيبا 63. ٹٹو 64. جنا ساند 65. جوٹا 66. جوٹاچ 67. جوٹس 68. ڇڇا 69. حُسنُ 70. ڈيسر 71. لاکا 72. ورسا ۽ 73. راٹا

بيت: "قريبن کنيار چئي، جنهن درس دکايا دَل".

دلَ: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو آهي. 1. جيوراڻي ۽ 2. تاجاڻي هنن جا خاص پاڙا آهن.

دَلا: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات آهي.

دلا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

دلازاک: پناڻن جي هڪڙي قبيلي جو نالو آهي، هڪ روايت موجب هي "سَتين" قوم مان آهن. سَتين جي شاهي فوج جو نالو "دل ساکا" هو، جنهن جي معني وڏو لشکر آهي، اهو لفظ ڦري "دلازاک" ٿيو.

دلاسيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

دَلالَ: هي رانوڙ راجپوت جو اولاد آهن. رانوڙ راجپوت هڪ جت (گوجري) عورت سان شادي ڪئي هئي، جنهن مان ڪيس چار پٽ دلال، ديسوال، مان ۽ سيواڳ ٿيا. جن مان جدا جدا قبيلا وجود ۾ آيا. ڪن پاڻ کي جٽ ٿا ڪن گوجر سڏايو. هي پاڻ ۾ شاديون ڪونہ ڪن، ڪافي مسلمان ٿيا آهن.

دَلائي: بوزدار بلوچن ۽ لاکن جو هڪ پاڙو آهي.

دِلائي: چنن ۽ گهنين جو هڪ پاڙو آهي.

دلائي: ڪوسن. سهندڑن ۽ چاچڙ ڇٽن جو هڪ پاڙو آهي.

دِلاورزئي: عمراڻي بلوچن، لشارين ۽ ٽهيمن جو هڪ پاڙو آهي. مير جتن جي موچاڻي شاخ جو هڪ پاڙو ۽ پڳدار.

دِلبرَ: سمات مسلمان ذات آهي.

دِلزاک: پناڻن جو پاڙو آهي، شروع ۾ بڏمت جا پوڄاري هئا، محمود غزنوي هنن کي 11 صديءَ ۾ مسلمان ڪيو. هن وقت هنن کي ڪودائي ۽ ڪرلا نري پڙ چون ٿا. هند ۽ سنڌ ۾ رهن ٿا.

دلشاتلاڻي: گورچاڻي بلوچن جي جسڪاڻي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

دلشاداڻي: جمالي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

دَلشياڻي: عمراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

دَلواڻي: گورچاڻي بلوچن جي درڪاڻي شاخ مان آلڪاڻي آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو "دلواڻي" آهي.

دَلواڻي: هندن جي هڪ ذات آهي.

دلجو: خدراڻي (خضدراڻي) بروهين جو پاڙو آهي. محققن جي راءِ آهي تہ هي سنڌ جي هندو "دلو" جو اولاد آهن. جيڪي بعد ۾ خدراڻي قبيلي ۾ شامل ٿيا آهن.

دَليپوتا: ساندن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

دليلاڻي: عمراڻي بلوچ آهن. جوڪين پڻ هڪ پاڙو.

دَماڄ: ملاح ءِ مهاڻا آهن. پلي ءِ درس هنن جا مائٽ آهن.

دمان: ترکان هندن جو هڪ پاڙو آهي.

دُمَرَ (دُمَڙ): ڪاڪڙ پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

دُمَريا: غير سمات فقير آهن. جيڪي ساز تي راڳ ڳائي وڃائي پنن ٿا. ذات جا "دمريا" سڏجن ٿا.

دَمَڙَ: ذات جا ڏوا آهن.

دَمڙا: سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا. هي ذات جا سما آهن. آبڙ ۾ ٿا اچن.

دَمَلَ: ملاح ءِ مهاڻا آهن.

دَمهيا: سنڌ جي اتر ۾ رهندڙ سما آهن. جيڪي آبڙ ۾ اچن ٿا.

دُميچا: ملاح ءِ مهاڻا آهن.

دُنبڙ: سما ءِ ملاح آهن. ٽلها ءِ دنبا (دولت) هڻڻ ڪري "دنبڙ" سڏجن ٿا.

دنبورائي: چاچڙ ڇٽا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. دنبوري ساز تي راڳ ڳائيندا هئا. جنهن ڪري "دنبورائي" سڏجڻ لڳا.

دندورا: سما ذات جو هڪ پاڙو آهي.

ڏنگ: ڏنگ، ڏنگھ يا ڏونگھ. ڏوندھ مان ورتل آھي. جنھن جي معنيٰ پٽڻ اڪارڻ وارا ملاح آھن. جيڪي ذات طور "ڏنگ" سڏجن ٿا. موري شھر ۾ ھنن جي ذات پنيان "ڏنگ" محلو آھي. جن مان مولوي محمد عابد ڏنگ مکي پاڪ ۾ ھڪ مسجد جو پيش امام آھي.

ڏنگائي: خاصخيلين جو پڻ ھڪ پاڙو.

ڏنگراڻي: سما ۽ ملاح آھن.

ڏنگرزئي: ترکئي (تري) پناڻن جو ھڪ پاڙو آھي.

ڏنگل: ميو قبيلي جو پاڙو آھي. مسلمان آھن.

ڏنگونا: ملاح ۽ مھاڻا آھن. حيدرآباد ۽ ٺر پارکر ۾ رھن ٿا.

ڏنگھ: ملاح ۽ مھاڻا آھن. پٽڻ اڪارڻ لاءِ ٻيڙيون ھلائين ٿا.

ڏنگھيا: سما ۽ ملاح آھن.

دوارا: ھي پناڻن جو ھڪ پاڙو آھي. جيڪي غور جي اولاد مان آھن. ھنن کي عوري خيل پڻ چون ٿا.

دوتڻي: لوڏي پناڻن جو ھڪ پاڙو آھي.

دوتاني: افغاني پناڻن جو قبيلو آھي. ڪراچيء ۾ رھن ٿا.

دَوَدَ: مسلمان سماڻ ذات آھي.

دودا: لسٻيلي جا سماڻي ٻرا ۽ شاھوڪ آھن. جن جو واسطو لاسي قوم سان آھي. دودا ٻرن، مانڊڻ، باکڻ، ڪاتيارن ۽ وڃائين جا پائر آھن. ھڪ روايت موجب برفت ٻرو آري کي ھڪ پٽ عيسب نالي ھو. جنھن کي ٻہ پٽ ٻرو ۽ دودو ٿيا. ٻري جي اولاد پاڻ کي ٻرا ۽ دودي جي اولاد پاڻ کي دودا (سرماڻ مريدائي ٻرا) سڏايو. دودي کي پنج پٽ ھئا. جن جي نالن پنيان سندن پاڙا پيا. جن مان خاص پاڙا ھن طرح آھن: 1. ڏنگڙيرا (ڏنگنيا)، 2. گجريپوتا 3. گوليپوتا، 4. گوگن ۽ 5. گھليا. (وڌيڪ لاءِ ڏسو "ٻرا" ذات جو شجرو).

دودائي: سنڌ ۾ رھندڙ بلوچن ۽ سماڻن جو ھڪ پاڙو آھي. جن جو احوال ھن طرح آھي.

1. گورچاڻي بلوچن جي شيخاڻي شاخ مان ھڪ پاڙو آھي. 2. لنڊن جو پاڙو. 3. جکراڻي. بلوچن جو پاڙو آھي. 4. لغارين جو پاڙو آھي. 5. پنھورن جو پاڙو آھي. 6. پيچوھن جو پاڙو آھي. 7. سومرن جو پاڙو آھي. 8. ملاحن ۽ مھاڻن جو پاڙو آھي. 9. سماڻي جتن جو پاڙو آھي. 10. ڏھرن جو پاڙو آھي. 11. ھندن جو پاڙو آھي. 12. سنيا ذات وارن جو پاڙو آھي (ٽنڈو محمد خان). 13. کيتران بلوچن (ڏاڙيوال - چاچ) جو پاڙو آھي.

دودائي: ھوت بلوچ آھن. جيڪي مررائي ھوت جي ذات سان مشھور آھن. ھنن جو وڏو سھراب خان دودائي ھو. 1480ع ۾ ملتان جي حاڪم لاڪاھہ سلطان حسين ھنن کي دين ڪوٽ ۽ ڪروڙ ڪوٽ ۾ جاگيرون ڏنيون

هيون، هن خاندان بن صدين تائين ديره جات ۾ حڪومت ڪئي، دوداٽين ديره اسماعيل خان، ديره غازي خان، مظفر ڳڙهه ۽ دائود ڪوٽ ٺهرايا.

ڪتاب "بلوچ" م - ک پيڪولين ترجمہ ڈاڪٽر شاهه محمد مري ۾ لکيل آهي تہ مغل بادشاهن دودائين کي جاگيرون عطا ڪيون، ڪلهوڙن پنهنجي صاحبيءَ ۾ دودائي مرراٽين کي سنڌ ۾ آندو ۽ حيدرآباد قلعي جي سار سنڀال ۽ حفاظت هنن جي حوالي ڪئي. هن وقت بہ هي سنڌ جي ڪافي حصن ۾ رهن ٿا.

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪتاب سومرن جو دور ۾ لکيو آهي تہ "دودائي" سومرن جو پڻ پاڙو آهي. هن پاڙي وارا ننڍي شهر ۾ رهن ٿا.

دودوال: ڪانگڙا ۾ هڪ هندو راجپوت جو نالو "دودو" هو، ان پنيان هي ذات جا "دودوال" سڏجن ٿا.

دودئي: هنري پاڻنجر جي لکڻ موجب "دودئي" بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

دودپپوٽا: سومرن جو هڪ پاڙو آهي، جيڪي دودي سومري جي پٽ جو اولاد آهن.

دوديجا: سمن ۽ راڄپرن جو هڪ پاڙو آهي، اڪثر ڪري نواب شاهه ۽ خيرپور ميرس ۾ رهن ٿا.

دورا: ٻرن جو هڪ پاڙو، لسبيلي ۾ رهندڙ آهن. راهواڻي نهڙين ۾ پڻ آهن.

دوراني: پناڻن جو هڪ پاڙو آهي، سجاول ۽ ننڍي ۾ ملاحن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "دوراني" آهي، (بحوالہ: ڪتاب تاريخ سجاول از عزيز جعفراني)

دورڪالي: مزاري بلوچن جي مسيداڻي شاخ جو هڪ پاڙو آهي.

دوساد: هندو چمارن جو هڪ پاڙو آهي.

دوسالي: هندو چمارن جي ذات آهي، وٽن جي پنن مان مختلف راندڪا ۽ ٻوٽا ناهي وڪڻن ٿا.

دوساڻي: ڇهڙن جو هڪ پاڙو آهي. پھنورن ۾ پٹ.

دوستاڻي: ڪرمتين جي لجيرا (راجيرا) شاخ جو هڪ پاڙو.

دوستلاڻي: سنڌ جي اتر طرف رهندڙ ڪوسن جو پاڙو آهي، جن جو مورث اعليٰ دوست خان ڪوسو هو، جنهن جي پوين پاڻ کي "دوستلاڻي" سڏايو. لغارين ۾ پڻ "دوستلاڻي" پاڙو آهي، هن پاڙي مان حيدر خان مشهور هو، جيڪو ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو هڪ وفادار ۽ بهادر سپاهي هو.

دوستلياڻي: چانگن جو هڪ پاڙو.

دوسلاڻي: ڪچ ۽ پنج ڪان آيل ميمڻن جو پاڙو آهي.

دوغلي: هي برهمڻن جي ذات آهي. اگروال جي ناجائز پٽ جو اولاد آهي، هنن کي "داسا" بہ چون ٿا.

دوڪي: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات آهي.

دول: ڪنپارن (ڪنيرن) جو هڪ پاڙو آهي.

دولالاڻي: گورچاڻي بلوچن جي بازيگر ٽڪ مان هڪ پاڙو آهي.

دولاڻي: مزاري بلوچن جي رستماڻي تمن مان هڪ پاڙو آهي. بوزدار بلوچن ۽ خاصخيلين ۾ پڻ "دولاڻي" آهن.

دولائي: پلي ذات جو هڪ پاڙو آهي، دولتپور صفن جي پرسان وينا آهن.

دولت خانزئي: مينگلن جو هڪ پاڙو آهي.

دولت خيل: آفريدي پٺاڻن جي ملڪ دين خيل شاخ مان هڪ پاڙو آهي، شيراني پٺاڻن ۽ لوڌي پٺاڻن ۾ پڻ "دولت خيل" پاڙو آهي، ٻئي حوالي موجب هي ڪٽي خيل قبيلي مان پڻ آهن.

دولت زئي: الڪو پٺاڻن ۽ يوسف زئي پٺاڻن جو پاڙو آهي. ذاتين جو ماهر ابسٽن لکي ٿو ته اورڪزئي پٺاڻن جا ڇهه پاڙا آهن. جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "دولت زئي" آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب مندنر ڪابلي پٺاڻن جي ڇٽن شاخن مان هڪڙي شاخ جو نالو عثمان زئي آهي، جن مان امازئي ۽ انهن مان "دولت زئي" آهن.

دولت شاهي: خرشيون پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

دولت يار خيل: خرشيون پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

دولوت: ميو قبيلي جو هڪ پاڙو آهي. مسلمان آهن.

دُوندھ (دوندڑ): دوندين ٻيڙين وارا ملاح مهاڻا ۽ جهٻير آهن. درياءِ سمند جي وٽ سان رهن ٿا.

دُونڊ: ملاح ۽ مهاڻا آهن، ڪاري ۾ رهن ٿا.

دُونگا: ميمڻن جو هڪ پاڙو آهي، ننڍي شهر جا رهواسي آهن.

دونگهه: ملاح ۽ مهاڻا آهن. مهراڻ رسالہ نمبر 4 1989ع ص 113 تي لکيل آهي تہ دونگهہ نصرپور جي دائود پوٽن (ڪوري) جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي، جن جو خاص ڏنڊو ڪيس ناهڻ آهي.

دوها: سما ۽ ملاح آهن.

دوَهات: مسلمان سمات ذات آهي، ٽر ۾ رهن ٿا.

دوهاڻي: مزاري بلوچن جي رستماڻي شاخ جو هڪ پاڙو آهي.

دوئا: هڪ مسلمان ذات آهي. (ر ر ص ۱۶).

دهلڪاڻي: مگسي بلوچ آهن. ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سندن ڪافي گهر آهن.

دَهَوار (تاجک): ايراني نسل جا بروهي آهن. جيڪي هڪ صدي اڳ لڏي اچي بلوچستان ۾ آباد ٿيا ۽ انهن مان ڪافي لڏي اچي سنڌ ۾ وينا. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. ابڙا. 2. الجازئي. 3. اناريزئي. 4. خواجه خيل. 5. داريزئي. 6. دونب. 7. دادرزئي. 8. زرخيل. 9. سارنگزئي. 10. سياهه پاد. 11. شيخ. 12. قاضي خيل. 13. گوارازئي. 14. منگوزئي. 15. نجارزئي. 16. هوتي زئي. 17. هولائي. هن وقت انهن مان زرخيل پاڻ کي پناڻ ۽ سياهه پاد (شهپات) رند سڏائين ٿا.

دهونترا: هڪ نو مسلم ذات. هي سيد فضل الله بخاريءَ جا پيروڪار آهن.

دئر: غير سمات ملاح ۽ مهاڻا آهن. نواب شاهه ۽ سکر ۾ رهن ٿا.

دَئريا: غير سمات ملاح ۽ مهاڻا آهن. حيدرآباد ۽ سکر ۾ رهن ٿا.

دياڻي: جتوئي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

ديبڪي: بروهين جي هڪ ذات آهي.

ديپر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

دَيدا: سما ۽ ملاح آهن. هي آبڙ ۾ شامل آهن. دلن ۾ پڻ "ديدا" پاڙو آهي. روايتن ۾ آهي ته ديدو لاکوڻاڻو ۽ ڦل پاڻ ۾ پائر ۽ ويسي دل جا پٽ هئا.

ديدا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ديدار: فارسي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. چهرو. جلوه - صورت. درشن. نظارو. تر ۾ هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

ديداري: معنيٰ خوبصورت. سهڻي شڪل وارو. جت قبيلي جي هڪ ذات آهي.

دَيدڙ: قمبر جي پرسان وينل جت آهن. محمد شريف بلوچ سيڪريٽري انهن مان آهي. ذاتين جي اپياس موجب "ديدڙ" بلوچ نه آهن. ڪن جاين تي هو پاڻ کي "مير جت" ٻڌائين ٿا.

بدڙ: جتن جي ذات آهي. ضلعي لاڙڪاڻي ۾ وينا آهن. هن وقت دَيدڙ ۽ دِيدڙ ۾ ڪا تميز نه رهي آهي.

دَيَرَ: فارسي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. بت خانه. شوالو وغيره. هي بتن جا پوڃاري هندو آهن. جيڪي سکر. نواب شاهه ۽ حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

ديراڻي: دومڪي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

ديرخاني (ديرگاڻي): جکراڻي بلوچ آهن.

ديرڪاڻي: گبولن جو هڪ پاڙو آهي.

ديرگاٽي: جکراٽي بلوچ آهن.

ديزڪ: بلوچ آهن. مڪران ۾ "ديزڪ" واري جاءِ (هنڌ) تي رهڻ جي نسبت سان "ديزڪ" سڏجن ٿا. ڇون ٿا ته "دريشڪ" هنن مان آهن.

ديسوال: هي رانوڙ راجپوتن جو اولاد آهن. رانوڙ راجپوت هڪ جت عورت سان شادي ڪئي هئي. جنهن مان ڪيس جو پٽ ڏلال. ديسوال. مان ۽ سيواڳ ٿيا. جن پاڻ کي "جٽ" سڏايو. ڪافي مسلمان آهن. پاڻ ۾ شاديون ڪونه ڪن.

ديسوالي: جولاهن جو پاڙو آهي.

ديمروٽ: ميو قبيلي جو پاڙو آهي. مسلمان آهن.

دِيناراٽي: برڙن جو هڪ پاڙو آهي. بروهين ۾ پڻ "دِيناراٽي" آهن.

دِينارزئي: بروهي قوم جي بنگلزئي قبيلي مان هڪ پاڙو آهي. مينگل بروهين ۾ پڻ "دِينارزئي" آهن.

دِيناري: بگٽين ۽ رندن جو پاڙو آهي. هنن جو سروان سردار فيض الله خان دِيناري هو. لاشارين. سراواني بروهين. برڙن ۽ جتن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "دِيناري" آهي. دِيناري رندن جا پاڙا هن طرح آهن: 1. حلقاني. 2. زنگيجا. 3. رهواني. 4. عهدياني. 5. مير خان زئي.

دِينرجو: راڄپرن جو هڪ پاڙو آهي.

دِينگَر: سما قوم جو هڪ پاڙو آهي. آبڙ ۾ اچن ٿا.

دِينڙ: رندن جو هڪ پاڙو آهي.

ديٽا: راهواڻي نهڙين جو هڪ پاڙو.

دَيو: سورج بنسي راجپوت. جگديو جو اولاد آهن. سندن چوڻ آهي ته اسان مهاج جت جي پٽ اولک ۽ ديو (Dco) جو اولاد آهيون (بحوالہ:پنجاب کي ذاتين).

ديوڙا: هندو چوهاڻن جي هڪڙي شاخ آهي. هي ٽر ۾ رهن ٿا.

ديويزئي: مهند پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

ديهاڻي: بگٽي بلوچن جي ماسوري شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

ديهاڻي: مڪراني بلوچ آهن.

ديهيا: هي چوهان راجپوت مانيڪ راءِ جو اولاد آهن. مانيڪ راءِ هڪ جٽ عورت سان شادي ڪئي هئي. سندس اولاد پاڻ کي جٽ ديهيا سڏايو. هڪ بي روايت موجب ديهيا. پرٿي راجا جي پٽ ڌريا هرپال جي پٽ ڌريج جو اولاد آهن. ڌريج اصل ۾ سنڌ جو هو. جنهن سڪندر اعظم سان ملاقات ڪئي هئي (بحوالہ: ڪتاب پنجاب کي ذاتين ص 281).

ڈ

ڈارا: رانوڙن، نهڙين، سمن، مگرين، ملاحن ۽ ڪترين جو هڪ پاڙو آهي. نهڙي ڈارا بانيٽيون بن راڄپار جو اولاد آهن.

ڈاريا: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

ڈاريجا: هيءَ هڪ سمات قبيلو آهي، جنهن جي لاءِ ڪافي روايتون ۽ تاريخي شاهديون آهن، جن جو مختصر بيان هن طرح آهي:- ميان نيڪ محمد سهتي پنهنجي لکيل فارسي مضمون ۾ لکيو آهي ته محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي، ان وقت جوڌپور جي راجا جي هڪڙي پٽ جو نالو "موڙا سنگهه" هو، جنهن اسلام قبوليو. فاتح سنڌ هن کي سنڌ جو اوپاريون پاڳو ڏيئي، ان جو راجا مقرر ڪيو، جنهن حيدرآباد کي مرڪز بنائي پنهنجي سنڌ تي حڪومت قائم ڪئي، هن کي ست پٽ ڈارو، شورو، ڪونئرو، سهتو، راهو، مگڻ ۽ اڇڻ هئا.

ڈارو وڏو پٽ هو، جنهن کي هن روهڙيءَ کان مٿيون پاسو جاگير طور عطا ڪيو، ان ڈاري کي جيڪو اولاد پيدا ٿيو، تنهن پاڻ کي "ڈاريجا" يعني ڈاريجي جا پٽ سڏايو، جنهن بعد هي "ڈاريجا" سڏجڻ لڳا. جادم کي ياڙهن پٽ هئا، جن مان ستين پٽ جو نالو "ڈاريجا" هو، موجوده ڈاريجا ان جو اولاد آهن.

هڪ ٻئي اپياس موجب جوڌپور ۽ بيڪانير جي راجائن جي دور ۾ موڙا سنگهه وارا سوڍا قوم سان شامل هئا، جن کان هي "ڈار" ٿيا، ان بعد هي ذات جا "ڈاريجا" سڏجڻ لڳا، هنن پير عبدالوهاب جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ مسلمان ٿيا، 1900ع ڈاري ڈاريجن جو سردار خانبهادر ابوالخير خان ڈاريجو هو، جنهن جي زباني مطابق ڈاريجا، سوڍا قوم مان هڪ سما ذات آهي، ڈاريجن جي حسبي ۽ نسبي احوال سيد محب الله شاهه، سيد احمد شاهه ۽ پير عبدالوهاب جي تحريرن ۽ لکڻين ۾ سانديل آهي، تاريخ مظهر شاهجهاني ۽ بين ڪتابن ۾ درج ٿيل آهي ته ڈاريجا سمن مان آهن، جن کي سميجا ۽ ساريا ڪل مان سمجهيو وڃي ٿو، يوسف ميرڪ تاريخ معصوميءَ ۾ لکي ٿو ته "ڈاريجا" انڙن جو پاڙو آهي، ڪتاب سمات جي مصنف جناب ڈاڪٽر الهرکي پٽ لکيو آهي ته ڈاريجن ۽ چاچڙن جو نهايت ويجهڙائيءَ وارو تعلق آهي، جن کي ڈاريجا چاچڙ چون ٿا، جنهن ۾ ڇا، جڳند، نورنگ، جوٽيجا، راجديهه، جاڳياڻي، سدهاڻي، منياڻي، جوڻاڻا ذات جا ماڻهو شامل آهن.

موجوده تحقيق موجب ڈاريجا هوڻي بن هالو بن ساند بن پلي جي اولاد مان پٽ آهن، (ڏسو سمن جو شجره).

تاريخ معصومي مان معلوم ٿئي ٿو ته "ڈاريجا" هسپت بن جادم جو اولاد آهن.

ڪتاب جنت السنڌ ص 383 تي لکيل آهي ته حضرت بهاؤالدين زڪريا ملتانيءَ جي خليفي موسيٰ نواب جي تبليغ سان سنڌ جي هندو قومن مان ڏهر، مهر ۽ ڈاريجا مسلمان ٿيا هئا.

عبدالمطلب
|
ابو لهب
|
عطبه
|
ابوشام
|
عبدالرحمان
|
حسام الدين
|
جاكرو
|
جادم
|
هسپت — سمن جو ڏاڏو
|
ڏاريجو — يارهن پاڙ

ڏاريجا چاچڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. جڳند، 2. جوڻاڻا، 3. جوڻيجا، 4. جاڳيـــاڻي، 5. چٽـا، 6. راجديهـ، 7. سدهاڻي، 8. منيـاڻي، 9. نورنگ، 10. جنگـانـنـد، 11. ڏجڏيهـ، 12. جـوڳياڻي، 13. حلوائي، 14. سڏاڻي، 15. متاڻي، 16. ڪڻا.

ڏاريوال: چهڙن جو هڪ پاڙو آهي. هي حرام ڪائيندڙ هندو آهن.

ڏاڙيوال: ڪيتران بلوچن جو هڪ پاڙو آهي. هي پاڻ کي دوداڻي هوت بـ چوائين ٿا. ڪتاب پنجاب کي ذاتين ۾ لکيل آهي تـ "ڏاڙيوال" پٽي راجپوت نسل مان "جٽ" آهن.

ڏاگاڻي: چنا ذات جو هڪ پاڙو آهي.

ڏامٽ: هندو قوم جي هڪ ذات آهي.

ڏامراهـ: پنهورن جو هڪ پاڙو آهي. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

ڏامراها: سرائڪي زبان ڳالهائيندڙ پٽين جو پاڙو آهي. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

ڏاميا: هڪ غير سماٽ ذات آهي.

ڏاميجا (ڏاميجا): هندن جي ذات آهي. هي شادين مرادين تي پوڄن (ڪاڏو) تيار ڪندا آهن. (اروڙ ونسي).

ڏانڊا: رانوڙن ۽ ملاحن جو هڪ پاڙو آهي. برهم کترين جي هڪ نک جو نالو پڻ.

ڏانڊل: تر ۾ رهندڙ هندو راجپوتن جو هڪ پاڙو آهي. ميربحرن ۽ مهاڻن جي هڪ پاڙي جو نـالو پـڻ "ڏانڊل" آهي. ڏانڊل مهاڻا ڪاري ۾ رهن ٿا.

ڏانڊو: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏانڊي: ميربحرن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات آهي. ڪن ڪن جاين تي هي غير سماڻ بہ آهن.

ڏانڊيا: ميربحر ۽ مهاڻا آهن.

ڏانڊياڻي: چاچڙن جي ڇٽا شاخ مان آهن.

ڏانڙا: سمن ۽ چاچڙن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏانڙها: سما قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

ڏانڪ: ڇهڙن جو پاڙو آهي. هي حرام کائيندڙ هندو آهن.

ڏتَ: هڪ غير سماڻ ذات آهي.

ڏتاڻي: ڪوسن جي مٽيوال پاڙي مان آهن.

ڏترَ: ڇهڙن جي هڪ ذات آهي. هي شڪاري ۽ ٻالا آهن.

ڏتوراڻي: برهماڻي برن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏتوريا: متعلوي/مٽياري سيدن جو پاڙو آهي. هي سيد زڪريي عرف ڪڙئي جو اولاد آهن، جنهن جا خاص ٽي پاڙا باقيل پوٽا (باقل)، ڪڙياڻي ۽ ڏتوريا آهن.

ڏَپَ: معنيٰ ڏوند. ڪن، پنگين ۽ سراين جي هڪ ذات آهي.

ڏپالي: ڪچي ۾ رهندڙ ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏجڏيهہ: ڏاريجا چاچڙن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏَڇَرَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏڏڪاڻي: اونار جتن جو هڪ پاڙو.

ڏرا: بدون هڪ مسلمان ذات آهي، ڏرا ان جو پاڙو آهي، هي پنجاب کان آيل آهن.

ڏراڙ: جي معنيٰ آهي، مال چارڻ وارو. هي هڪ مسلمان سماڻ ذات آهي.

ڏراڻي: بنديجا ذات جو هڪ پاڙو آهي.

ڏرپالي: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏروال: راڻي هندن جي هڪ ذات آهي.

ڏڙها: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سجاول ۽ ٺٽي ۾ رهن ٿا.

ڏڙهير: مسلمان سماڻ ذات آهي.

ڈَکَڑ: سومرن ۾ سمن جو هڪ پاڙو آهي. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا. ڈکڑ سومرا اڪثر ڪري سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا. ڪتاب شاهان گوجر ۾ لکيل آهي ته "ڈکڑ" راجا سورج بنسيءَ جو اولاد "راجپوت" آهن.

ڈَکَئِي: مسلمان سمات ذات آهي.

ڈِگاٹِي: چاچڙن جي ڇٽا شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

ڈَگ: برهمائي برن جو هڪ پاڙو آهي. هي لسبيلي ۾ رهن ٿا.

ڈَگاٹَا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڈَگَڑَ: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڈَگَڑَ: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڈَگَڑَ: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڈَلا نِي: جهنگ پنجاب ڪان آيل "سيال" آهن.

ڈَلوٹ: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڈَمَا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڈَماچَ: سما ۽ ميربحر آهن. چون ٿا ته ڈماچ، سنيو، ناريجو، ڪُجيجو، ڪوريجو، ساڳڙ ۽ پنپرو پاڻ ۾ پائر ٿين. هڪ ٻئي حوالي موجب "ڈماچ" پان فقيرن جو پاڙو آهي، هي ٺر ۾ رهن ٿا.

ڈَماچاٹِي: سما ۽ ملاح آهن.

ڈَمال: هي راجپوت پٺين جو هڪ پاڙو آهي. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر).

ڈَمَچَ: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڈَمگِياٹِي: بگٽي بلوچن جي راهيجا (ريهيجا) پاڙي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

ڈَمٹاٹِي: برهمائي برن جو هڪ پاڙو آهي.

ڈَميا: چاچڙن جو پاڙو آهي، سکر ضلعي ۾ رهن ٿا.

ڈَميجا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڈَنجاٹِي: "ڪٿريا" نڪ مان هالا ڪوٽڙيءَ جا رهواسي هندو آهن. هي ڈنجي مل جو اولاد آهن. ڈنجي مل ڪي سکيو ۽ مدن پٽ هئا. مدن شاهہ عبداللطيف جو همعصر ۽ دوست هو. هڪ دفعي شاهہ صاحب مدن کي چيو ته "حشر ويل حساب ۾ ڪافر ڪندا ڪيئن"؟ مدن جواب ۾ چيو ته "هٽ جني جو هئن. سي پهرين پٽن پار پيا".

ڈَنڈَ: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏڏئي: ميربحر ۽ مهاڻا آهن.

ڏنرو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏنڪر: راڻي هندو قوم جو هڪ پاڙو آهي. هي تنوار راجپوتن طرفان ڪمتر هندو عورتن مان ناجائز اولاد آهن. راڻي، روهل ۽ ڏنڪر پاڻ ۾ پائر ٿين. پاڻ کي راڻي جٽ چوائين ٿا. پاڻ ۾ شاديون ڪونہ ڪن.

ڏنگراڄ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏنگي: آرائين جي هڪ ذات آهي.

ڏنواڻي: هندو قوم جي ذات آهي. (بحوالہ: جنمب گذاريم جن سين).

ڏنوريپوٽا: برهماڻي برن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏنيال: هي ڇڪوال ۽ ڏنيءَ جا جٽ آهن. ڏني علاقي ۾ رهڻ ڪري "ڏنيال" سڏجن ٿا. پاڻ چون ٿا تہ اسان "علوي" آهيون.

ڏنيجو: هڪ غير سماڻ ذات آهي.

ڏڻ: سرائين جي هڪ ذات آهي.

ڏٽوار: هڪ غير سماڻ مسلمان ذات آهي.

ڏٽندڻاڻي: ڪرمتين جي پئوا شاخ جو هڪ پاڙو.

ڏوا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏوبي: معنيٰ ڪپڙن ڏوئڻ وارو. ڏوبي کا ذات نہ آهي، هي اڪثر ڪري ذات جا سومرا آهن. ڪرت جي ڪري ڏوبي سڏجن ٿا. ذاتين جي ماهر ڊينز ابسٽن جي راءِ آهي تہ ڏوبي هڪ ذات آهي، جنهن جا مکيہ پاڙا آهن: 1. اکترا، 2. اگررئي، 3. بهليم (بهلم - بهالم)، رکرائي، 4. چيمبا، 5. ساري، 6. سپل، 7. ڪوهانس، 8. چرهوآ، 9. ماهمل.

ڏوت: ڪمبوه قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

ڏوٽا: پرمار هندو آهن. ٽر ۾ رهن ٿا.

ڏوتر: مسلمان سماڻ ذات آهي.

ڏوتڙ: سورج بنسي راجپوت نسل مان هندو آهن. محمود غزنوي جي دور ۾ زور ورتائون.

ڏوتڙا: پنهورن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏوج: دلن جي ڏيٽا شاخ مان هڪ پاڙو.

ڏوڏي: پنوار راجپوتن مان ڏوڏوال راجپوت جو اولاد آهن.

ڏوڙڏوا: هڪ مسلمان ذات، نصرپور ۾ رهندڙ.

ڏوڙ ڏوتا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏوڙ ڏَيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏَوڙو: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏُوڙو: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏُوڙِيا: انڍڻ جو هڪ پاڙو آهي. پني عاقل ۾ رهن ٿا.

ڏوڪائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏوڪَـرَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏوڪي: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏوگري: هندو لوهارن جو هڪ پاڙو آهي. لوهه ۽ ڪاٺ جو ڪم ڪن ٿا.

ڏوليا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏومن: ڪاڪڙ افغاني پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏونڈ(ڏوندِ): روايتن ۾ آهي تہ تخت خان تيمور جي پٽ زواب خان (شاهجهان دور) کي ڪشميري زال مان "ڏونڈ" نالي پٽ هو، ڏونڈ ان جو اولاد آهن، ميجر ويس ڏنڈن ۽ ستيءَ کي هندو نسل ۽ ڪرنل ٽاڊپنوار راجپوت ڄاڻائي ٿو، ڪافي مسلمان ٿيا آهن ۽ چون ٿا تہ اسان حضرت عباس اصحاب رسول جو اولاد آهيون.

ڏوڏنڏا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

ڏونڏرَ: پرمار هندو آهن.

ڏونڏڙَ: ڀگهين جو هڪ پاڙو آهي.

ڏَونرا (ڏئونرا): سمن جو هڪ پاڙو آهي. هنن جو شجره هن طرح آهي.



ڏَونريا: هي سڀ ماڻ مريداڻي برا آهن. لسبيلي ۾ رهن ٿا.

ڏونسر: برهمڻن جي هڪ ذات آهي. هنن جي مورث اعليٰ جو نالو چمند هو.

ڏونڪائي: ڪوٽ غلام محمد جي پرسان وينا آهن. هي چون ٿا ته اسان رند بلوچ آهيون. (روبرو ملاقات رئيس دوست محمد خان ڏونڪائي بلوچ 1971ع).

ڏونڪراڻي: بلوچ قوم جو هڪ پاڙو.

ڏونئرا: هڪ مسلمان سماٽ ذات آهي، نوشهروفيروز ضلعي ۾ بين هنڌن تي رهن ٿا.

ڏَوڻَ: هڪ مسلمان سماٽ (آبڙ) ذات آهي. رتوديرو ۾ قمبر (ضلعي لاڙڪاڻو) جي درميان محمد نواز ڏوڻ ڳوٺ ۾ رهن ٿا، هي چون ٿا ته ڏوڻن جو سنڌ ۾ هڪڙو ڳوٺ آهي.

ڏيدر: گوجر قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

ڏيراجا: مهرن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏيرج: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڏيرملاڻي: هندن جي "ڳيرا" نک جي هڪ آکيڙ، هي اصل ۾ "سهتا" آهن، رنگاڻي ۾ مهتاڻي پڻ هن نک مان آهن، هالا سندن ماڳ آهي.

ڏَيرناڻي: ڪوسن جي للاڻي (اسحاقاڻي) پاڙي مان شاخ آهن.

ڏيـرڙَ: سما ۾ مهاڻا آهن. راڄڙ جي پٽ جو نالو ڏيرڙ هو، جنهن جي اولاد پاڻ کي ذات جا "ڏيرڙ" چوائيندي آهي (ڏسو ڏهرن ۾ راڄڙن جو شجرو). هنن جو چوڻ آهي ته اسان سميجا ڪل مان انڙ آهيون.

ڏيروال (دروال): ميو قبيلي جو هڪ پاڙو آهي. هي مسلمان آهن.

ڏيرواڻـي: هندن جي هڪ ذات آهي (بحواله: جنب گذاريم جن سين ص 436)

ڏيناڻي: حملاڻي برفتن جو پاڙو آهي. هي حاجي بن اوٽيمان بن جام حمل برفت جو اولاد آهن. پنيلڏيپوٽا ۾ جيئند پوٽا پڻ حاجيءَ جو اولاد آهن.

ڏينور: جهينور اصل ۾ پنجاب جا ملاح ۾ مهاڻا (هندو) آهن، انهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "ڏينور" آهي.

ڈ

ڈاتراٹي: لغاري بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

ڈاتواٹي: پنجي پائي کوجن جو هڪ پاڙو آهي. نٽيار جتن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

ڈاسواٹي: "جيوڻ" نک مان خدآبادي هندن جي هڪ آکيه.

ڈاڙهو واٹي: ميڙ جتن جو هڪ پاڙو.

ڈاڦڙا: ٽري مينگهواڙن جي هڪ ذات آهي.

ڈاگري: معنيٰ شڪاري. هي ٽر ۾ رهندڙ حرام کائيندڙ هندو شڪاري ڇهڙا، مهتر، ڀيل، پنگي، ڈڦير، جهاڙيوال ۽ ٻاليشاهي آهن.

ڈاگوري: حرام کائيندڙ هندن جي گهٽ درجي واري ذات آهي.

ڈاگها: سنڌ جا ميربحر ۽ مهاٽا آهن.

ڈانداٹي: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڈاندواٹي: ڪرمتين جي زنگياٹي شاخ جو هڪ پاڙو.

ڈانگا: سما ۽ ملاح آهن.

ڈنگر: سما ۽ ملاح آهن.

ڈانگي: ٽري مينگهواڙن جي هڪ ذات آهي.

ڈانگيا: بگٽي بلوچن جي هڪ ذات آهي.

ڈاواڪَر: راٹوڙن جو پاڙو آهي، هي ٽر ۾ رهن ٿا. اڄ ڪلهه پاڻ کي "سما" چوائين ٿا.

ڈاوَچَ: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڈاوِچَ: سما ٽي جتن جي هڪ ذات آهي.

ڈاوڙيا: ڪرمتين جي لجيرا شاخ جو هڪ پاڙو.

ڈاها: ڪرمتين جي لجيرا شاخ جو هڪ پاڙو.

ڈاهاٹي: بڙدي بلوچن جي حاجيجا شاخ مان هڪ پاڙو آهي. هنن جا ونڊا جعفر آباد جا رهاڪو. حاجي، جعفر خان ۽ غلام خان حاجيجا هئا. ڪٽوهڙ پڻ حاجيجا بڙدي آهن، انهن جي هڪ پاڙي جو نالو به "ڈاهاٹي" آهي.

ڏاهـرَ: راجا ڏاهر جي اولاد مان سمات ذات آهي. هن وقت مسلمان آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن. 1. دچر. 2. ساند.

ڏاهراج: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏاهرجا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏاهـري: راجا ڏاهر جا جز هئا. هي برهمڻ قوم مان پاٽيءَ جا پوجاري هئا. محمد بن قاسم جي فتح کان پوءِ مسلمان ٿيا. نهايت جنگجو هئا. سندن واسطو سميجا قوم سان هو ۽ ان وقت انڑ قوم اڳواڻ هئي. جنهن ۾ ڏاهري. راهو. ساند. ساريا ۽ کيريا ذات جا ماڻهو شامل هئا. حقيقت ۾ ڏاهري. هوٿي بن انڑ جو اولاد آهن. 1911ع ۽ 1931ع جي آدم شماري رپورٽ موجب ڏاهري. انڑن جو راڄ هئا. ان موجب سندن آخر ۾ ڏسو شجرو. هڪ ٻي تاريخي تحقيق موجب ساند بن پليءَ کي هالو نالي هڪ پٽ هو. ان هالي کي ست پٽ هئا. جن مان هڪڑي پٽ جو نالو "هوٿي. هو. ان هوٿيءَ جي اولاد کي پڻ "ڏاهري" چون ٿا. ڏاهري قبيلي جي هڪڑي پاڙي جو نالو "راڄڑ" آهي. جنهن مان شيخ حاجي محمد صالح ڏاهري (راڄڑ) ڪڙ وارو هڪ بزرگ ٿي گذريو آهي (بحوالہ: رسالہ مهراڻ نمبر 4 - 3 سال 2001ع ص 115).



ڏاهياٽي: مري بلوچن جو هڪ پاڙو آهي. بحوالہ: دوست خان مري ٽندو مستي خان.

ڏاهيسجا: سما ۾ ملاح آهن.

ڏاهيزئي: شهواڻي بروهين جي سهرزئي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

ڏائڻ: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڏايا (ڏاها): زهري بروهيءَ جي پٽ جو نالو "ڏاهو" هو. جنهن جي پنيان هي ڏايا ۽ ڏاها سڏجن ٿا. ڏايا بلوچي زبان جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. ڇڄائڻ وارو. جنگ جو نغارو وڄائڻ واري کي بہ ڏايا چون ٿا. راءِ بهادر هتورام ڏايا کي موسياڻي لکيو آهي. (بحوالہ: کتاب بلوچ اور بلوچستان ص 84).

ڏبارا: غير سمات ذات آهي.

ڏتا: مهرن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏتاڻي: جمالين ۾ لاکن جو هڪ پاڙو آهي. سميجن جو پڻ هڪ پاڙو.

ڏتيا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏتاڻي: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڏڻڙ: هڪ مسلمان سمات ذات. تعلقي ميهڙ ۾ رهندڙ

ڏجا: سمن جو هڪ پاڙو آهي. دلن جي لنجا شاخ جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ ڏجا آهي.

ڏڇر: ميربحر. ملاح ۾ مهاڻا آهن. (بحوالہ: مهراڻ نمبر 4 - 3 سال 2001ع ص 33).

ڏڏر: حملاڻي ۾ برفت راڄ جي هڪ ذات آهي. ٿاڻي بولا خان تعلقي ۾ رهن ٿا. ملک اسد سڪندر سندن سردار آهي. اهي ڏڏر چاڪر برفت جي پٽ مير بادين جو اولاد آهن.

ڏڏرا: ڪلهوڙن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏڏا:ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڏرٽ (ڏورٽ): نهڙين جو هڪ پاڙو آهي. هي لاکو پٽ ڳاهو جو اولاد آهن. جن جو واسطو انڙ پوٽن سان آهي. کورم ۾ نوهڙ اونا پڻ ڏورٽن جون ڪڙيون آهن.

ڏڙهـا: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڏڙها: سمن جي هڪ ذات آهي.

ڏڦـاهـي: ملاح ۾ مهاڻا آهن. سجاول جي طرف رهن ٿا (تاريخ سجاول 1984ع).

ڏڦير: حرام کائيندڙ شڪاري ۾ بالیشاهي آهن. هنن تي ڏڦير نالو انهيءَ ڪري پيو جو هو حرام جانور کي مارڻ لاءِ هڪ تيزدار هٿيار "ڏڦو" استعمال ڪندا هئا. ٻين لفظن ۾ ڏڦير جو مقصد بيغيرت آهي. لالچ ۾ حرام

خاطر هو ڏهه ڦيرا يعني ڏهه دفعا ٻه موتي اڇي ٿو. ڏڦيرن جي مذهبي پيشوائن کي "پوپا" ۽ گُـرڙا" چون ٿا. جيڪي هنن کي مرڻ وقت وهنجاري پوري ايندا آهن، تر ۾ ڏڦير ذات مينگهواڙن مان آهي، جيڪا نهايت ڪمذات ۽ حرام کائيندڙ آهي.

ڏڪـڙا: ملاح ۽ مهاڙا آهن.

ڏڪڙي: هندن جي هڪ نک جو نالو. ڏيوناڻي هن نک مان آهن.

ڏگو: سمات ذات آهي، حيدرآباد ضلعي ۾ رهن ٿا. دَل قبيلي جي لنجا شاخ مان پڻ هڪ پاڙي جو نالوو "ڏگو" آهي. مگڻهارن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

ڏگيا: ڪلهوڙن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏڳا: سمات (مسلمان) ذات آهي. تر ۾ رهن ٿا.

ڏلـهـا: تري هندو راجپوتن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏم: سمات مسلمان ذات آهي.

ڏندا: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏندا: ملاح ۽ مهاڙا آهن.

ڏنداڙِي: سڏايا ذات جو هڪ پاڙو آهي.

ڏندِيا: ابڙن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏندِيسا: تري مينگهواڙن جي هڪ ذات آهي، هي ٻين وٽ مزوري ڪن ٿا.

ڏنڊئي: مسلمان سمات ذات آهي.

ڏنگاسي: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏنگاڻي: سوري لند بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏنَـگر: ڪڇ ۽ ڀڄ کان آيل هڪ سمات ذات آهي، جيڪي جبلن جا رهاڪو آهن.

ڏنگراڄ: هڪ سمات ذات آهي، سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا، جام صاحب ضلعي نواب شاهه ۾ سندن ڪجهه ڳوٺ آهن.

ڏنگراڇ: هڪ مسلمان سمات ذات.ضلع نوشهرو فيروز ۾ سندن ڪجهه ڳوٺ آهن.

ڏنگڙيرا (ڏنگڻيا): دودا ذات وارن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏنگـڙا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏنگواٽي: سماٽي جتن جو هڪ پاڙو آهي. شاهبندر ۾ وينا آهن.

ڏنگيجا: سمن ۽ راڄپرن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏنگر: مسلمان سمات ذات آهي.

ڏنور: مسلمان سمات ذات آهي.

ڏنئرا: مسلمان سمات ذات آهي.

ڏنيپوتا: شاهوڪن جو هڪ پاڙو آهي، هي لسبيلي ۾ رهن ٿا.

ڏواڇ: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڏواڪر: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڏوبل: ملاح ۽ مهاٽا آهن. نوشهري فيروز ضلعي ۾ ڪلا (سمات) وينا آهن. انهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ڏوبل - ڏبرا" آهي. ڏوبل لفظ جي معنيٰ آهي، ڪمزور، ڏبرو.

ڏوڏا: ٽري مينگهواڙن جي هڪ ذات آهي.

ڏوڏيا: برهم ڪترين جي هڪ نڪ جو نالو.

ڏوڏيجا: هندن جي هڪ ذات آهي. هي لهاٽا آهن. جيڪي سورج ونسي ڪتري ۽ سري رامچندر جي پٽ "لو" جو اولاد آهن.

ڏوڏيئا: هندو اوڏن جي هڪ ذات آهي.

ڏور: سما ۽ ملاح آهن. ٽر ۾ رهن ٿا.

ڏورا: نهڙين (سما) جو هڪ پاڙو آهي. ٽر ۾ رهن ٿا.

ڏورٽ: مسلمان سمات ذات آهي. ٽر ۾ رهن ٿا. (ڏرٽ نهڙيءَ جو به عنوان ڏسڻ گهرجي).

ڏوگر: سما ملاح آهن. نواب شاهه ۽ لاڙڪاڻي ۾ رهن ٿا. ڪتاب تواريخ ديره غازيخان ۾ لکيل آهي ته "ڏوگر" جت آهن، جن کي ڏوگر به چون ٿا. هنن جو مورث اعليٰ چام ڏوگر هو. جنهن پنيان هي "ڏوگر" سڏجن ٿا.

ڏوم: سما ۽ ملاح آهن هي گهمندڙ قرندڙ گوين جي هڪ ذات آهي.

ڏومرا: سما ۽ ملاح آهن. ڪتاب تواريخ ديره غازي خان ص 108 موجب "ڏومرا" مال چارڻ وارا جت آهن. جيڪي پنهنجي ڏاڏي ڏومره جي پنيان ذات جا "ڏومرا" سڏجن ٿا.

ڏونر: سومرن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏونگر: مسلمان سمات ذات آهي.

ڏوهٽ: ٽر ۾ رهندڙ نڪرن، راجپوتن ۽ پنجاب کان آيل سراين جي هڪ ذات آهي، هي سمات ۽ غير سمات سڏجن ٿا. ڪتابن ۾ لکيل آهي ته ٻڌ بن سام بن حضرت نوح عليہ اسلام کي سورهن پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو ڏوهٽ هو. ڏوهٽ ان جو اولاد آهن، جن کي راڻوڙ پڻ چون ٿا (ڏسو سمن جو شجره).

ڏوهٽَ: راڻوڙ نسل مان سما ذات آهي.

ڏهاڪَ: مسلمان سمات ذات آهي.

ڏهاڻي: مسلمان سمات ذات آهي.

ڏهَرَ: سماڻي جت آهن. ڪن محققن لکيو آهي ته ڏهر، چچ جو اولاد آهن، جن مان چاڪر پنهيو خان نهايت مشهور هو. ابوالخير ۽ ابراهيم هنن جا وڏا هئا. هڪ ٻئي حوالي موجب "ڏهر" ابڙي جو اولاد آهن.

ڏهرن جو شجرو



جديد تحقيق موجب "ڏهر". برهمڻ ڇچ جي اولاد مان آهن. سنڌ فتح ٿيڻ وقت هنن اسلام قبول ڪيو ۽ ڏهر سڏجڻ لڳا. ان وقت کين روهڑي وارو علائقو ڏنو ويو. جتي هنن اوباوڙو پرڳڻي جو بنياد وجهي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. ۽ ڏهر ذات جي پنيان ڏهرڪي. شهر اڏايو. انگريزن جي دور ۾ پڻ کين خاص وظيفو ملندو هو. ان وقت سنڌي ۾ هڪ ڪتاب لکيو ويو هو. جنهن جو نالو ڇام پنهي جي آکاڻي رکيو (ڏسو ڏهر ذات جو شجرو). ڪتاب جنت السنڌ ص 383 تي لکيل آهي ته سنڌ جي هندو قومن مان ڏهر. مهر ۽ ڏاريجا. حضرت بهاؤالدين زڪريا ملتاني، جي خليفي موسيٰ نواب جي تبليغ سان مسلمان ٿيا هئا.

ڏهرن جا خاص پاڙا آهن: 1. برهماڻي، 2. بديپوٽا، 3. پٽي، 4. جماڻي، 5. جنگاڻي، 6. خانديال، 7. راجڙي، 8. سراجا، 9. شمساڻي، 10. ڪاپڙي، 11. ڪانجا، 12. گنداڻي، 13. گوٽريل، 14. متاري، 15. محمداڻي، 16. دوداڻي.

هڪ ٻئي حوالي موجب پهوڙ. مهر ۽ ڏهر پٽي آهن. جن جو ڏاڏو پويت بن جادم آهي: ايس صادق لکيو آهي ته ڏهر جو پٽ سمو جي پٽ جو نالو هو. جنهن پنيان ڏهر ذات وجود ۾ آئي.

ڏهراج: سماڻي جت ۽ سهتا آهن. ڪن جو چون آهي ته هي به راجا ڏاهر جي اولاد مان آهن. ۽ سنڌ تي حڪومت ڪئي اٽن. نواب شاهه. نوشهرو فيروز ۽ لاڙڪاڻي ۾ رهن ٿا. چڪوال جا ڏهراج پاڻ کي راجپوت چوائين ٿا. هي چون ٿا ته مهر. ڏهر ۽ منهاس. راجپوت ۽ پاڻ ۾ پائر آهن.

ڏهرناهيا: سنڌ ۽ ڪچ جي سمن مان هڪ سماٽ ذات آهي. ڪتاب سماٽ جي مصنف ص 51 تي ڏل ناهيا ۽ ڏهر ناهيا کي ابڙي جو اولاد لکيو آهي. ايس صادق علي پڻ ابڙن مان لکيو آهي. ان موجب هنن جو شجرہ هن طرح آهي:



ڏهيسر: سمن جي هڪ ذات آهي.

ڏهيل: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏئچر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏيا: معنيٰ حشمت، طاقت. سمن جي هڪ ذات آهي، جنهن جا خاص پاڙا آهن: 1. آرهاڻي، 2. جاناڻي، 3. جکراڻي، 4. راڃاڻي، 5. هراڻي، 6. هيرناڻي.

ڏيا: سهتن جو هڪ پاڙو.

ڏيانگ: غير سمات ذات آهي.

ڏيٹا: سومرا ۽ ملاح آهن. جن بابت ڪجهه ليکڪن جا رايا هيٺ ڏجن ٿا:

(الف) ايس صادق علي جي لکڻ موجب "ڏيٹا" سومرا آهن.

(ب) الهرکيو پٽ ڪتاب "سمات" ص 57 تي لکيو آهي ته ڏيٹا، سومرا آهن.

(ج) هندستان جي آدم شماري سال 1911ع ۽ 1931ع موجب ڏيٹا، سومرا آهن.

(د) سمات ذاتين جي اپياس مان خبر پوي ٿي ته "ڏيٹا" جکري جو اولاد آهن، جيڪي ملاح ۽ مهاڻا آهن.

(هـ) هڪ ٻئي حوالي موجب، سمي بن رائڏن کي ست پٽ هئا، جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "ڏيٹو" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي ذات جا ڏيٹا سڏايو جيڪي سميجا آهن. ڏسو شجرن وارو حصو.

(ي) هڪ حوالي موجب ڏيٹا، دل قبيلي جي هڪ اهم شاخ آهي. انهن جا خاص پاڙا آهن:1. آري 2 ٻالو 3. بودلا 4. ڏوچ 5. ساهڙ (ساهڙاهي) 6. سونپار 7. صادق پوتا ۽ 8. گگن.

ڏيپارجا: [illegible] جي چاموٽن جو هڪ پاڙو آهي، تعلقي موري ۾ هن ذات پنيان هڪڙي ڳوٺ جو نالو پڻ "ڏيپارجا" آهي. سهتن ۾ پڻ ڏيپارجا آهن.

ڏيپارجا: معنيٰ ڏيپر جو ٻچو. ڏيپر جي اولاد مان آهن. هي سنڌ جا ملاح ۽ مهاڻا آهن (سميجا).

ڏيپر: راڃپرن، ٻگهين، سميجن ۽ ملاحن جي هڪ ذات آهي، جن جا هينيان پاڙا آهن: 1. جياپوتا، 2. خچراڻي، 3. گهانگهڙا (گهانگهرا). (ڏسو شجرو ڏيپر).

چام لاکو
|
اڙو
|
لاکو
|
سمون
|



ڏيپراڻي: چانديا قبيلي جي سماراڻي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

ڏيڏڙا: مڱڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

ڏيڏرا: پنهيارن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏيڏلا: مهرن جي هڪ ذات آهي.

ڏيڏيئا: ٽري مينگهواڙن جي هڪ ذات آهي.

ڏيرا: سنڌ جا ملاح. مهاڻا ۽ سما آهن. جن لاءِ ڪجهه تحقيقي رايا هن طرح آهن:

(الف) سنڌ ۽ ڪڇ جي سمن مان سردار پليءَ کي به پٽ هئا. انهن مان هڪ جو نالو ساند هو. ان ساند کي ست پٽ هئا. جنهن جي هڪڙي پٽ جو نالو ڏيره هو. ان ڏيري جي اولاد پاڻ کي "ڏيرا" سڏايو. انهن مان جيڪي ٽر ۽ ڪڇ ۾ رهيا اهي ٽر ۽ ڪڇ وارا ڏيرا سڏجن ٿا. جيڪي سنڌ ۾ اچي وينا. انهن کي سنڌ جا ڏيرا. چون ٿا.

(ب) ايس. صادق علي صفحو 61 تي لکيو آهي ته "ڏيرا" ملاح آهن.

(ج) 1911ع واري هندستان جي آدم شماري ۽ پڌرنامي موجب "ڏيرا" ملاح آهن. (صفحو 225 ۽ 226).

(د) جامع سنڌي لغات جي جلد نمبر 5 صفحي 2754 تي مير بحر قوم جا ڪيئي پاڙا لکيل آهن. جن مان هڪ پاڙي جو نالو "ڏيرا" لکيل آهي.

(هـ) ڊاڪٽر غلام علي الانا ڏيرن کي مڇي مارڻ وارا ملاح لکيو آهي. (بحوالہ مهراڻ نمبر 6 - 2 سال 2001ع صفحو 33.

رن جا خاص پاڙا آهن: ثابت پوتا. خيراڻي. دريجا. سياهہ. گهراماڻي. وزيراڻي. يوسفاڻي.

هڪ جديد تحقيق موجب سام بن نوح عليہ السلام جي هڪڙي پٽ جو نالو "پگرت/پاگرت" هو. جنهن جي هڪ پٽ جو نالو" ڏيرو" هو. ان ڏيري جو اولاد نجا ۽ خالص سما آهن. جنهن جي پيڑهيءَ مان جادم ۽ ان جي پيڑهي مان جام لاکو هو. جنهن مان پڻ ڏيري جو سلسلو هلي ٿو. جن جو شجرو هن طرح آهي:



مگرين جي هڪ پاڙي جو نالو "ڏيرا" آهي. هي پڻ راجپوت نسل مان آهن. وڌيڪ معلومات لاءِ مگرين جو شجرو ڏسڻ گهرجي. چوٽي آهي ٽہ:

ڏهہ ڏيرا. چوڏهن چانرا. ساهڙ ست وزير. گانگي سپ ملهايا. مگريا ٽر پير.

ڏيراج: سمن ۽ ميمڻ سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏيراجا: مهرن جي ذات آهي.

ڏيريپوتا: ڪورارن جو هڪ پاڙو آهي. ملاحن ۽ مهاڻن ۾ پڻ آهن.

چوٽي: "ڏيري پوتو ڏاهہ مانگل چائو منگسي."

ڏيسرَ: نهڙي سمن (راڄونهڙي) ۽ ملاحن جو هڪ پاڙو آهي. دل قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ڏيسر" آهي. روايتن ۾ آهي ته دل قبيلي مان حسن، ورسو، ساهم ۽ ڏيسر پاڻ ۾ پائر هئا. سندن اولاد پاڻ کي وڏن جي نالن پٽيان سڏايو.

ڏيسَرُ: سما ملاح آهن، جيڪي ٺر ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

ڏيسراڻي (وسنداڻي): جوکين جو هڪ پاڙو.

ڏيسي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏيغاراڻي: بوزدار بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

ڏينگڙا: مهرن جو هڪ پاڙو. شڪارپور طرف رهندڙ.

ڏيوا: پرمار هندن جي هڪ ذات آهي.

ڏيوات: اوڏن جي هڪ ذات آهي.

ڏيوڙَ: آبڙ جي هڪ ذات آهي. قمبر جي پرسان وينا آهن، اتان جا ماڻهو کين "ملاح" چون ٿا.

ڏيوڙا: سمن جو هڪ پاڙو آهي. ضلعي لاڙڪاڻي ۾ بهرام ۽ قمبر جي پرسان وينا آهن.

ڏيوڙاڻي: جاکرن ٽمنجهان شاخ جو هڪ پاڙو.

ڏيوناڻي: هندن جي هڪ ذات آهي. هي "ڏکڻي" نک مان سيڻ ڏيونداس جو اولاد آهن.

ڏيونلاڻي: هندن جي هڪ ذات آهي.

ڏيوئاڻي: هندن جي هڪ ذات آهي.

ڏيئا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڏيئڙا: راجپوتن جي هڪ ذات آهي.

ڏهرن جو شجرو


حضرت نوح عليه السلام
سام
پاگ ت
همهر
سنگا
پڌ
ڏيرو
اجيپار
دسرت
لکمڻ
رام (والده ڪسيلا)
نواڪس
اتت
تتت
ڪِن (هن ڪِن شهر ٺهرايو هو)
سنبوت راجا (راجپوتن جو ابو)
سام
جادم
چوڙو
چوڙا سمن جو ڏاڏو
پويت
پٽين جو ڏاڏو
ڪجپت
(چغدن جو ڏاڏو)
هسپت
سنڌ جي سمن جو ڏاڏو

ابدري
بجيراءِ
ويرم
نيٽ
سوڍو
راڻو نوتيار
پهوڙ
مهر
ڏهر
(اولاد سوڍا)
اوڍر
(اولاد ڏهر)
ايڏو
پينسين
لاکيار(لاکير)
جام لاکو
(ٻئي جي گندرن مان شادي ڪئي)
انڙ
لاکو
سمون
جياند
ڪاڪو
(ڪاڪ جو مسلمان حاڪم ۽ مسرقن جو پڳدار)
جاکرو/ جکرو
پلي
رائڏن
سمون
(سميجا هن جو اولاد آهن)
(مسرقن جو سردار)
انڙ
ٿيبو
جوکيو
انڙ
(اولاد جوکيا)
حبو


سمون
پاٹو
جاڑو
جوجو
ڪنر
ہرند
جوکيو
ڏهر
ارڏ ڏهر
پريو
سنگراسي
پينسين
پنيرو
پاٹون
ڳاهو
سپيو
سپڙ
جوٹو
هٽڙ
لوڏر
اوڏر
ورسٽيا
راجڙ
ڏيرڙ

ڏيٽن جو شجرو


چام لاکو
انڑ
لاکو
سمون
جکرو
جياند
ڪاڪو
پليجو
ارادين
پٽو
ڏيٽو
ٻرا
مگٽيپوٽا
اڇ
هگورا
لاکا
ساهڙ
ڏيپر
بگهيا
پلي
رائڏڻ
سمون
سمون
اولاد ڏيٽا ملاح
قل
مناهي
ساريا
انڑ
سارت
ڏيٽو
جاڙو
اولاد ڏيٽا ملاح

ڊ

ڊايائي: ملاحن ۾ مهاڻن جو هڪ پاڙو آهي (بحوالہ: تاريخ سجاول)

ڊاڊي: مگڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو. ڊيڊ يا ڊيڊ وڃائڻ کري "ڊاڊي" سڏجن ٿا. سندن پاڙا مگڻهار جي عنوان ۾ ڏسڻ گهرجن.

ڊاکاٽي: غير سمات ذات آهي.

ڊاگا: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو آهي. ملاح ۽ مهاڻا آهن. سجاول ۾ رهن ٿا (تاريخ سجاول 1984ع)

ڊاڳائي: ميمڻن جو پاڙو آهي. ننڍي شهر جا رهواسي آهن.

ڊاگهوري: واڳون ۽ ڪچون مارينڊ ملاحن جو هڪ پاڙو آهي.

ڊَب: جهنگ پنجاب کان آيل "سيال" آهن.

ڊبائي: سنيا ذات جو هڪ پاڙو آهي.

ڊپواٽي: ڪرمتين جي شولائي شاخ جو هڪ پاڙو.

ڊِنَڙَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڊُڊِي: جهنگ پنجاب کان آيل "سيال" آهن.

ڊِڊِرا: غير سمات ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڊِڪَڻَ: سنسڪرت ۾ تڪشن چون ٿا. جنهن جي معنيٰ آهي "واڌو". ڪرت ۽ ڏنڊي جي ڪري ذات جا "ڊِڪڻ" سڏجن ٿا. عرب ملڪن ۾ "النجار" جي ذات سان مشهور آهن.

ڊِگاراٽي: سُرماڻ مريداڻي برن جو هڪ پاڙو آهي. هي لسبيلي ۾ رهن ٿا.

ڊِگريچا: چاچڙن جي جگانند شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

ڊِگهَـ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڊِگهَـ: سرائي زبان ڳالهيندڙ پٺين جو هڪ پاڙو آهي.

ڊِگهاٽِي: جلباٽي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي. هن پاڙي مان سرائي يار محمد خان ولد حمزو خان جلباٽي ڳوٺ ماڙي (سڪرنڊ) وارو هڪ معزز ۽ نامور شخصيت ٿي گذري آهي. (بحوالہ:جنب گذاريم جن سين. نمبر1 ص 15)

ڊِلَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڊِلا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڊمبَ: مڪراني بلوچن جي هڪ ذات آهي.

ڊنڊڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڊنَـشا: پارسي قوم جو هڪ پاڙو آهي، ڪراچي ۽ ڪوئٽا ۾ رهن ٿا. مسٽر نادر شاهه ايدلجي ڊينشا هڪ مشهور ۽ شاهوڪار واپاري هن پاڙي مان ٿي گذريو آهي. (جنب گذاريم جن سين نمبر 1 ص 244).

ڊَنَـگَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڊَوبڪِـي: بلوچن جي هڪ ذات آهي، جيڪب آباد جي طرف وينا آهن.

ڊَوٽاني: افغاني پناڻن جي لوڏي خاندان جي مشهور تن شاخن سياني، نيازي ۽ ڊوتاني مان هڪ شاخ (ڊوتان) آهي.

ڊَوڊاٽَـي: غير سماٽ ذات آهي.

ڊَوڊڙَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڊوراٽ: غير سماٽ ۽ غير مسلمان ذات آهي.

ڊَوڙُو: هڪ مسلمان سماٽ ذات آهي. ضلعي ٺٽي ۾ رهن ٿا.

ڊُوڪا: ڪلهوڙن جو هڪ پاڙو آهي. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

ڊوڪي: سماٽ ذات آهي. غالباً هي ملاح ۽ مهاڻا آهن. هي سامونڊي پٽي ۽ لاڙ ۾ رهن ٿا.

ڊوگر: معنيٰ نڪمو، بيڪار، پنجاب ڪان آيل مسلمان ذات آهي. هي چوهاڻ راجپوت ۽ پنوار راجپوتن مان آهن. روايتن ۾ آهي تہ پاڪپٽن ۾ هڪ مشترڪ نسل جو ماڻهو بهلول نالي رهندو هو، جنهنجي ڏاڏي جو نالو ماهو هو. مشترڪ خون جي ڪري ڪيس "ڊوگر" چون ٿا. بهلول کي ٽي پٽ ٻمبو، لنگڙ ۽ سمو هئا. هي جت ۽ سڏجن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: تگرا، ٽوپورا، پڙ جت، چوپورا، چوڪرا، چينا، ماهو ۽ مٽر.

ڊوگرا: راجپوتن جي ذات آهي.

ڊوگرال: راجپوت آهن، ساهي هنن جا عزيز آهن.

ڊُولَ: پنجاب ڪان آيل سيالن جو هڪ پاڙو آهي. منياڻي لڳ موري ۾ رهن ٿا.

ڊولا: غير سماٽ ذات آهي.

ڊولاٽي: هندو قوم جي هڪ ذات آهي.

ڊَوليا: غير سماٽ ذات آهي.

ڊوم: ڏهلاري، ميراثي، هندن جي هڪ ذات آهي، جن کي ذنب ۽ چون ٿا. هي ڏهل وڄائي ڳائيندا آهن. هنن جون زالون نهايت خوبصورت آهن، جيڪي پڻ ڏهل وڄائي ڳائين ٿيون.

ڊومَر: گهٽ ذات وارا هندو شڪاري آهن، جيڪي ڇڄ ناهيندا آهن.

ڊُومنا: هندو ڇهڙن جي ذات آهي، جيڪي توريون، ڇليون ۽ ڇڄ ناهين ٿا (بحوالہ: ڪتاب پنجاب ڪي ذاتين).

ڊومبري: غير سماٽ ذات آهي.

ڊَومبَڪِي (ڊومڪي): ڊومبڪي يا ڊومڪي هڪ ئي ذات آهي، جيڪي رند بلوچن مان آهن. ڪن ڪن جاين تي جت (سيوهڻ ۾) بہ سڏجن ٿا. هنري پاٽنجر، م - ڪ پيڪولين، مولائي شيدائي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين محققن هنن کي بلوچن جو اصل قبيلو (رند) لکيو آهي، جنهن ۾ ٻيا غير بلوچ قبيلا بہ شامل ٿي ويا آهن.



هي رند بلوچ، بلوچستان ۾، ڊومبڪ درياءَ تي اچي وينا. ان درياءَ جي نالي جي نسبت سان هي ذات جا ڊومڪي سڏجڻ لڳا. ڪجهہ عرصي بعد هنن ۽ ڪهيرين جي وچ ۾ زمينن جي مالڪي تان تڪرار شروع ٿيا،

جنهن سبب کافي ڊومڪي لڏي اچي سنڌ ۾ ويٺا.

هڪ بي روايت موجب مير چاڪر خان رند ڊومن (مگٹھارن) مان شادي ڪئي هئي. ان ڌهل وڃائيندڙ مگٹھار مان جيڪو اولاد پيدا ٿيو. انهن کي ڊوم ۽ ڊومبڪي. ڊومڪي چيو ويو. هن شاخ جا سردار. مير محراب خان. مير سهراب خان. مير ميرو خان ۽ بلوچ خان ٿي گذريا آهن. جن کي مير چاڪر خان جاگيرون عطا ڪيون هيون. جن جو ذڪر سرچارلس نيپئر جي يادن ۾ ٿيل آهي. ڊومبڪي شاعر صوپو پڻ بلوچن جي هن شاخ مان هو. جنهن بلوچن جي شان ۾ ڪيترائي شعر چيا. جنهن ڪري بلوچن جي شناخت ٿي. ورنہ بلوچ قوم کان سڀ اڻواقف هئا.

م - ک پيڪولن ڪتاب "بلوچ" ۾ ڊومڪين جا 60 پاڙا لکيا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. جامع سنڌي لغات ۾ 8 پاڙا هينري پاٽنجر ۽ ايس - صادق علي بہ ڪجھ پاڙا لکيا آهن. سڀني کي مدنظر رکندي خاص پاڙا هيٺ ڏجن ٿا.

1. آدمائي (جت). 2. بيائي. 3. براهمائي (جت). 4. بزيراڻي. 5. بلوچائي. 6. بوزدار. 7. بگهدار. 8. پٹائي. 9. تلاڻي. 10. جسڪاڻي (جت). 11. جمائي. 12. ديراڻي. 13. زنگيشاهي. 14. سمراڻي. 15. شفڪور. 16. ڪينجاڻي. 17. گاجاڻي (گجاڻي). 18. گاداڻي (گداڻي). 19. گبول. 20. گرگيز (گرجي). 21. گريجا. 22. گشڪوري. 23. گلوئي. 24. گولاڻا. 25. لند. 26. لوهراڻي. 27. ماركائي (مركاڻي). 28. محمداڻي. 29. ميروزئي (ميروئي). 30. وزيراڻي. 31. گڏاڻي.

محترم رحيمداد خان مولائي شيدائي تاريخ بلوچستان ڇاپو 1941ع ص 21 تي بلوچن جو شجرو ڏنو آهي. جنهن مطابق ڊومبڪي شجرو مٿي ڏنو ويو آهي.

راءِ بهادر هتورام جي لکڻ موجب "ڊومبڪي" بگٹين جي ٽوٽاڻي پاڙي مان آهن. جن جو چگو مڙس "گوران" هو.

ڊومبلي: ايم - ايل ڊيمز ڪتاب "دي بلوچ (ريسس) ۽ م- ک پيڪولين ڪتاب "بلوچ" ۾ لکيو آهي تہ بگٹي نهايت نندي قوم هئي. ان ۾ ڪجھ ڊومڪين ۽ چاڪراڻين پاڻ کي ضم ڪرايو. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ نئون پاڙو "ڊومبلي" وجود ۾ آيو. جن کي بگٹي قبيلي جو پاڙو چون ٿا.

ڊونب: بروهين جو هڪ پاڙو آهي. هي بروهين جا مگٹھار آهن.

ڊُونڊا: ڊونڊين ٻيڙين هلائڻ وارا ملاح ۽ مهاٹا آهن. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

ڊُونَڊڙ: ملاح ۽ مهاٹا آهن. خيرپور ميرس ۾ رهن ٿا.

ڊُونڊيري: شيدين جي هڪ ذات آهي. سنڌ ۾ رهن ٿا.

ڊُونگا: ٿري هندن جي هڪ ذات آهي. هي اصل ۾ جيسلمير جا پاٽيا آهن. جن مان راڄا ڪرشناڻي هو.

ڊونگيجا: ملاح ۽ مهاٹا آهن. نواب شاهہ ۾ سندن ڪجھ گهر آهن.

ڊوهڙ: ملاح ۽ مهاٹا آهن. ضلعي نٹي ۾ رهن ٿا. هنگورجن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ڊوهڙ" آهي.

ڊوئانڪي: رندن جو هڪ پاڙو آهي.

دُهاڳ: هندو اوڏن جي هڪ ذات آهي، هي سنڌ ۾ رهن ٿا.

دهدي: هڪ نو مسلم ذات. هي ديوان چاولي راجپوت جو اولاد آهن. ٿر ۾ رهن ٿا

دَهَر: ملاح ۽ مهاٹا آهن. اتر سنڌ ۾ رهن ٿا.

دهو: ملاح ۽ مهاٹا آهن. اتر سنڌ ۾ رهن ٿا. هي بهاول پور کان آيل آهن.

دهيا: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

ديد (ديدِ): جي اصطلاحي معنيٰ آهي، مئل جانورن جو گوشت کائڻ وارا. هي گهٽ درجي جا هندو آهن. جن جو اصلي وطن راجپوتا ۽ گجرات هو. ڏڪار ۽ روزگار خاطر لڏي اچي ٿرپارڪر سنڌ ۾ وينا. هي ديوئ جا پوڄاري آهن. هي مئل جانورن جو گوشت کائين ٿا ۽ چمڙي مان جتيون ناهين ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن. 1. انگيا، 2.جَئپال، 3. چهڙا، 4. سونگي، 5. لاٹيليا.

ديداتا: ٿري پيلن جي هڪ ذات آهي.

دِيشَڪَ: هڪ مسلمان غير سمات ذات آهي.

ديگل: ٿري هندن جي هڪ ذات آهي.

ديمبا: ڪلهوڙن جي هڪ ذات آهي.

دِينداٹي: هڪ سمات ذات آهي.

دينشا: پارسي قوم جو پاڙو آهي. هن پاڙي مان نادر شاهه ايدلجي دينشا هڪ مشهور شخصيت هئي، جنهن 1921ع ۾ اين - اي - دي يونيورسٽيءَ جي بلڊنگ ٺهرائي هئي.

دينگريڪو: شيدين جي هڪ ذات آهي.

دِيها: هڪ سمات ذات آهي.

ڊ

ڊاتي: اوسواڙ هندن جي هڪ گهٽ ذات آهي. هي ٿر ۾ اڃ پالين ٿا. منهون راڄ جتن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

ڊاڊرزئي: دهواري بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

ڊاڊريا: ملاحن ۾ مهاڻن جو هڪ پاڙو آهي. (تاريخ سجاول).

ڊاڊي: مڱڻهار ۾ لنگها آهن. جيڪي سرندي تي راڳ ڳائي لاڳ ونڻ ٿا.

ڊارا: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڊاڳائي: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڊاڳرا: جوڪين جو هڪ پاڙو.

ڊاليٽ: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڊاليجا: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڊامراڻ: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڊانڊي: سنيا ذات جو هڪ پاڙو آهي. ٽنڈي محمد خان ۾ رهن ٿا.

ڊانگرا: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڊائي گهر: هندو ڪترين جو هڪ پاڙو آهي.

ڊَڊَاٽي: هندن جي هڪ ذات آهي.

ڊُڪا: ڪلهوڙن جي هڪ ذات آهي.

ڊَڪَڙَ: سومرن جي هڪ ذات آهي. هي اتر سنڌ ۾ رهن ٿا.

ڊَڪَڻَ: اتر سنڌ ۾ رهندڙ سومرا آهن. سمن ۾ مهاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ڊڪڻ" آهي.

ڊگڙي: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڊَلو: ملاح ۾ مهاڻا آهن. ڪتاب پنجاب کي ذاتين ۾ لکيل آهي ته "ڊلو" جٽ راجپوتن جو هڪ قبيلو آهي. جنهن مان باج، ساج ۾ سانڌا پاڙا آهن. هڪ ٻئي حوالي موجب ڊلو چندر بنسي راجپوت "سروها" ۾ سورج بنسي راجپوت "لو" جي اولاد مان آهن.

ڊُوڊا: ملاح ۾ مهاڻا آهن. راجپوتن ۾ پڻ آهن. سهتن ۾ ڏاريجن ۾ پڻ ڏسائين ٿا.

ڊوڊي: ڪنپرن (سمن) جو هڪ پاڙو آهي. آرائين ۾ پڻ آهن.

ڊورائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سامونڊي پٽي ۽ لاڙ ۾ وينا آهن.

ڊورياڻي: مڇي مارڻ وارا ملاح آهن. (بحوالہ: مهراڻ نمبر 4 - 3 سال 2001ع ص 33).

ڊول: معنيٰ سهڻو. هي سمن جو هڪ پاڙو آهي.

بيت: "ڪر ڊول ڊلو، ناتو نماڻيءَ سان" (سر ڏهر - شاهه).

ڊولنگائي: ڪرمتين جي شولاٽي شاخ جو هڪ پاڙو.

ڊوليا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڊُونڊا: پرمار هندن جي هڪ ذات آهي.

ڊونگائي: ڪرمتين جي ربائي (جت) شاخ جو هڪ پاڙو.

ڊِيڊ (ڊيڊ): وضاحت لاءِ ڏسندا "ديد".

ڊَيــڊُ: هندن جي گهٽ ذات وارا موچي ۽ سوچي آهن، هنن کي چمار به چون ٿا.

ڊَيياڻا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ذ

ذِڪري: غوشي ذات جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هي مڪران جا رهواسي ذڪري (ذگري) بلوچ آهن، جيڪي حضرت امام مهديءَ جا پوئلڳ آهن. هن مذهبي فرقي جي زيارت گاهه مڪران ۾ "ڪوهه مراد" جي پرسان آهي.

ذڪرياڻي: ميمڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. (بحوالہ: ڪتاب ميمڻ قوم از ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي).

ذِگرمينگل: جهلاوان بلوچ ۽ بروهي آهن. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان جي ص 128 تي لکيل آهي ته "ذگرمينگل" ساتڪ زئي قبيلي جو پاڙو آهي. ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي ته زرڪ، دُرڪ ۽ ذڪريا (ذگر) پاڻ ۾ پائر هئا. اُن ذڪريا مان ذگر مينگل آهن.

ذِگري: بروهي ۽ مڪراني آهن. لسبيلي ۽ مڪران جا رهواسي آهن.

ذَمڪاڻي: مزاري بلوچن جي رُستماڻي قبيلي مان هڪ پاڙو آهي.

ذُهرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ر

رَا: ميربحر ۾ مهاڻا آهن.

رابري: ڪتاب دائره معارف اسلام موجب "رابري" هندو راجپوتن جي هڪ پراڻي ذات آهي.

رَاتِيا: وڏرا قوم جو هڪ پاڙو آهي. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

رانوڙ: اصل لفظ سنسڪرت. راشٽر ڪوٽ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي جانٽو. جوان. بهادر. ڏکڻ هندستان ۾ راجپوتن جي مشهور ذات آهي. جن مان ڪافي لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن. انهن مان ڪجهه مسلمان ٿيا ۽ اڃا ڪي هندو آهن. هنن جو شمار راجپوتن جي 36 شاهي خاندانن ۾ ٿئي ٿو.

تحفتہ الڪرام ۾ لکيل آهي تہ سام بن نوح عليہ السلام کي چار پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "بڌا: هو. جنهن کي وري 16 پٽ هئا. جن کي گڏي "رانوڙ" چوندا هئا. جن جو اولاد. آمڙا. بدا. پورپوتا. ڇهاڻ. ڇهوان. ڏاواڪر. ڏڏا. ڏارا. ڏوهٽ. ڳاها. جهنجہ. جرڪي پوتا. ڪارڻ. ڪوڪر. مڪواٽا. نٽ. سهتا. شورا. ولها ۽ ويسر آهن. اهو اولاد هن وقت جدا جدا ذاتين سان سڏجن ٿا. جيڪو "سمات" ۾ شمار آهي.

هن وقت سمن. شورن. سهتن. اوڏن ۽ مينگهواڙن جي پاڙن جو نالو پڻ "رانوڙ" آهي. پنجاب ۾ پڻ رانوڙ آهن. ڪتاب دائره معارف اسلام ۾ لکيل آهي تہ راجپوت نسل مان چندبيل. بنڌيل ۽ رانوڙ ٽي پائر هئا. اهي رانوڙ راجپوت (رانوڙ) سڏجن ٿا.

ڪتاب جنت السنڌ ص 55 فوٽ نوٽ ۾ لکيل آهي تہ رانوڙ. راجپوتن جي سورج ونسي ڪل مان آهن. هنن لسبيلي. لاڙ ۽ ٺر تي حڪومت ڪئي هئي. هي سنڌ جي هنگلاج بت خاني جي ديوئيءَ جا پوڄاري هئا. ان ڪري پاڻ کي "هنگلاج چنديلا ڪمبوج" سڏائيندا هئا. هنگلاج لسبيلي ۾ هڪ غار آهي. جنهن ۾ بت رکيل هئا. شاهہ عبداللطيف پٽائي پاڻ هنگلاج ڏسڻ ويو هو. ان ڪري سندس بيتن ۾ پڻ ذڪر ٿيل آهي.

راني: هندن جي ذات آهي. چون ٿا تہ هي رانوڙ جي اوڙڪ مان آهن. هڪ ٻئي حوالي موجب هي تنوار راجپوت نسل مان آهن. تنوار راجپوتن کان ڪمتر هندو عورتن سان ناجائز ڪئي. پيدا ٿيل اولاد "راني" سڏجڻ لڳو. راني جي معنيٰ آهي زبردستي. هي جٽ بہ سڏجن ٿا. روهل ۽ ڏنڪر هن جا پائر آهن. راني هندن جا خاص پاڙا آهن: 1. برهائي. 2. بلوترا. 3. چانگڙا. 4. راڪوڙ. 5. گوردوال. 6. گوئٽل. 7. منگوال.

راج: معنيٰ سربراهہ. اڳواڻ هي سرن ناهڻ جو ڪم ڪن ٿا ۽ انهن جي انجمن جا سربراهہ آهن. ان ڪري ذات جا "راج" سڏجن ٿا. هندو ۽ مسلمان آهن.

راجا: سنسڪرت جو لفظ راجن. راج آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "چمڪڻ". بادشاهہ ۽ اڌيراج کي راجا چون ٿا.

سنڌ ۾ راجا ذات وارا باجر ۽ نهڙي آهن. ڪتاب شاهان گوجر ۾ لکيل آهي ته "راجا" پٽي ذات جو پاڙو آهي.

راجپوت: سنسڪرت جو لفظ راجپتر آهي. راجا پتر يعني راجا جو پٽ. بادشاهه جو پٽ. هي راجپوتانا ۾ رهندڙ هندو راجائن جي ذات جو لقب آهي. جن سنڌ تي ڪئين سال حڪومت ڪئي. جن مان ڪافي مسلمان ٿيا ۽ ڪي اڃا هندو آهن. هي سکن، سنڌين، مهاجرن ۽ پنجابين ۾ پڻ آهن.

برهمڻن هنن کي راجپتر يعني راجائن جو اولاد چيو آهي. برصغير تي ڪيترن ئي راجائن حڪومت ڪئي آهي. انهن مان به خاندان. هڪڙو راجا چندرونسي ۽ ٻيو راجا سورج ونسي نهايت مشهور هئا. چندر ونسي چند جا ۽ سورج ونسي سج جا پوجاري هئا. مختلف تاريخي بيانن مان خبر پوي ٿي ته راجپوت. رام وڪرشن، اگني، رجنيه، ڪشتيريه، هُن وغيره جو اولاد آهن. پرمار، پري هار (پرتي هار - پرهاڙ)، چوهان ۽ چالوڪيا پاڻ ۾ پائر هئا. جن مان راجپوت نسل وڌيو آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب چنديل، رانوڙ ۽ بنديل پاڻ ۾ پائر هئا. جن مان پڻ راجپوت نسل آهي. 600ع ڌاري اهي راجپوت مختلف رياستن جا راجا هئا. ڊاڪٽر لعل بخش نائچ ۽ جاموٽ حاجي خان جاچڙ جي تحقيق موجب حضرت سام بن نوح جي هڪڙي پٽ جو نالو حضرت سنڌ (ارفخشند) هو. جنهن اچي هن خطي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. سندس اولاد مان سمات ۽ راجپوت آهن. راجپوتن ۾ جات، سيال، سوڍا، پرمار، پنا، پٽي، مهر، ڏهر، نائچ، جاچڙ وغيره شامل آهن. جن مان وري هرارين قبيلا ۽ ذاتيون ڦٽي نڪتيون آهن.

راجاچندرونسي سوم بنسي	راجاسورج ونسي
يادو - پاٽي (پٽي)- چوهان.	چاوڙا - راجپوت - جڪڙ
جاڙيجا - سميجا	
مديجا - برمن - بدا	پرمار - چوڙا - سوڍا، پرهار - سولنڪي، چيچي
برمن، سوها ۽ سنڌ جا سما آهن.	جنجوعه - سوهال، چوهاڻ - چهواڻ - ڏڪڙ- گهلوت،
	سيبويا - تارڙ - وڙائچ - گوجر - چنديل - بنديل
	- ڪچوا ۽ رانوڙ آهن.

انهن پنهي نسلن جو اولاد خاص طرح سان ٽر ۾ ۽ سنڌ جي ٻين حصن ۾ آباد آهي، جن کي عام لفظن ۾ "راجپوت" چيو ٿو وڃي. جن مان خاص هن طرح آهن: 1. آکا، 2. باهڙ ميرا، 3. پڳسريا، 4. ناکر، 5. جادوبنسي، 6. جاگا، 7. چاوڙا، 8. چوڙا، 9. ڏانڊل، 10. ڏلها، 11. ڏوهت، 12. رانوڙ، 13. راچپر، 14. راڻڪ ڏيو، 15. راڻيدتر، 16. رائوڙ، 17. ستا، 18. سرتان، 19. سنگڑاسي، 20. سونگرا، 21. سيلهو، 22. سينها، 23. ڪوڙيا، 24. ڪيلهڻ، 25. ڪاوڙيا، 26. لڳڙا، 27. موڪا، 28. نادورا، 29. نبا، 30. نرا، 31. ورڻ، 32. ويوسي، 33. جندران، 34. گرديز (گرديزي)، 35. اعوان 36. بندهاني، 37. گيلوت

(گيلاڻي)، 38. ڪٽلا (ڳوٽ)، 39. پنوار (پنهور)، 40. خانزاده، 41. قائمخاني، 42. گوريا، 43. نون، 45. باجوه، 46. جرال، 47. چڊيڙ، 48. چتر، 49. راجپوت، 50. منهاس، 51. هرل، 52. سهگل، 53. ڪرل، 45. گوندل، 55. چالوڪيا، 56. گوجر، 57. چنڊيل، 58. بنڊيل، 59. ڊوگر، 60. ڪانجي، 61. رابري، 63. اهير، 64. ڪاتل، 65. سلهري، 66. سومرا (سمره)، 67. جويا، 68. پال، 69. پوار، 70. ملواڻا (ملوانا).

راجديهه: ڏاريجا چاچڙن جي نورنگ شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

راَجَڙَ: خرشيون پناڻن جو پاڙو آهي.

راجسپوتا: راڻوڙ نسل مان هڪ سمات مسلمان ذات آهي.

راجسين پوتا: سمن جي ذات آهي، جيڪي حيدرآباد ۽ ٺر ۾ رهن ٿا. ڪوراڙن ۾ پڻ آهن.

راجڪرا: سمن جي ذات آهي، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

راجڪمار: سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، راجا جو پٽ، شهزادو. هي هندو راجپوتن جي هڪ ذات آهي، جن کي پراڻي زماني ۾ راجينا يا سينا پتي چوندا هئا.

راجگر: هندو برهمڻن جي هڪ ذات آهي.

راجگوڙ: ڏٺي شهر ۾ رهندڙ برهمڻن جي ذات آهي، هي جاڙيجن جا درباري هئا.

راجل (راڪڙا): ابدالي پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

راجلاڻي: وڙرا قوم جو هڪ پاڙو آهي.

راجنيلي: هڪ غير سمات ذات آهي.

راجنيا: رام ۽ ڪرشن (سوم بنسي) جي اولاد مان هندو راجپوت آهن. ڪشتريه هنن جا قريب آهن.

راجپوتا: دلن جو هڪ پاڙو آهي.

راجا (راجر): نهڙين جو هڪ پاڙو. هي راهو بن ابراهيم بن ميئن بن راهڙ بن عمر بن گجڙ جو اولاد آهن. هي ارباب ۽ پگدار آهن. اَجا، آمر، جراڙ، ڏيسر، لومڙيا ۽ ميئن (ميئن پوتا) هن جا پاڙا آهن.

راجاڻي: هندو قوم جو پاڙو آهي. ڏيا مسلمان آهن، انهن ۾ پڻ هڪ پاڙو "راجاڻي" آهي. جتوئين ۾ پڻ آهن.

راجپار: راجڙن جو هڪ پاڙو.

راجپر: راجپوتن وانگر راجا جو اولاد آهن، جنهن نسبت سان، راجپوتن ۾ راجپر ذات بہ آهي، هي برهمڻ نسل جي ٻانيڙ ذات سان پڻ نسبت رکن ٿا، جيڪي محمد بن قاسم جي اچڻ کان گهڻو پوءِ مسلمان ٿيا آهن.

مغلن جي دور ۾ سميجا هڪ وڏي قوم هئي، راجپر بہ ان سميجا کل مان هئا، ذاتين جي اپياس مان

خبر پوي ٿي تہ راڄپر، ٽيبو بن انڙ ۽ هوٿي بن انڙ جو اولاد آهن، جيڪي سنڌ جا سما آهن. هنن جي نيچ ملاحن سان بہ لڳي ٿي.

راڄپرن جا خاص پاڙا هن طرح آهن: 1. آهوسامند، 2. اڊيجا، 3. بگهڙ، 4. پاگهه، 5. پانهن، 6. پنڌاڻ، 7. تتوجا، 8. تڳرجا، 9. پاتا، 10. جوڳي، 11. جهيجا، 12. مسڻ جا، 13. حاجي، 14. دوديجا، 15. دينرجا، 16. ڏنگيجا، 17. ڏل، 18. ڪبر، 19. ڪهرو، 20. رتڙ، 21. ساڏر، 22. ساڏرجا، 23. سانگي، 24. سميجا، 25. سهيجا، 26. صدر دينجا، 27. كتوجا، 28. گاگڻ، 29. لاكوجا، 30. ماكيا، 31. مالا، 32. ماندڻ، 33. موجائي، 34. واڏڙجا، 35. وڏڙيا، 36. ويسر، 37. پرياڻي 38. خيريجا 39. سوپاٽي 40. سوناٽي 41. وليجا.

راڄپرن جو شجرو



راڄڙ: سما خاندان مان آهن. هي انڙ بن سمون. هوٿي بن انڙ (سميجا) ۽ ٽتڙ بن پنسين بن ڏهر جي اولاد ۽ پيڙهيءَ مان آهن. راڄڙ بن ٽتڙ كي چار پٽ ركڻ، ڏيرڻ، تڳاچي ۽ ساهيو هئا، جن پٽيان سندن پاڙن ۽ ذاتين جا نالا پيا. شجري لاءِ شجرن وارو حصو ڏسڻ گهرجي. واڄڙن جا خاص پاڙا آهن.1. ابوپوتا، 2. تڳاچي، 3. ڏيرڻ، 4. ركڻ، 5. ساهيو 6. باجيد 7. بيداٽي 8. پاتو 9. راڄپار ۽ 10.ڪومونجا. هڪ ٻئي حوالي موجب "راڄڙ" ڏاهري قبيلي جو پاڙو آهي، هن پاڙي مان شيخ حاجي محمد صالح ڏاهري ڪڙ وارو هڪ ڪامل بزرگ ٿي گذريو آهي. (بحوالہ: رسالہ مهراڻ 4 - 3 سال 2001ع ص 115).

راڄڙا: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو آهي.

راڄڙي: ڏهر جتن جي ذات آهي.

راجسين پوتا: سمن جو هڪ پاڙو.

راجواڻي: ڪرمتي جت بلوچ آهن. (مرگهر قبيلو)

راجيزئي: برڙا قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. هي بلوچستان ۾ مڪران ۾ رهن ٿا. ضلعي نصير آباد جي شهر طنبوءَ ۾ مصري خان ولد ماٹڪ خان ۽ ٻين برڙن سان ملاقات ٿي. جن ٻڌايو تہ اسان جو پاڙو راجيزئي آهي ۽ اسان سنڌ جا "ڄاموٽ" آهيون.

راجهاڻي: پٽي ذات جو پاڙو آهي.

راڏا: بنديجا ذات جو هڪ پاڙو آهي. ڪرمتين جو چوڻ آهي تہ راڏا بنديجا هڪڙو نالو آهي. هي اسان جو پاڙو آهي.

راڏا اڳاريا: ڪرمتين جي هڪ شاخ. 1. بجاراڻي 2. پناڻ 3. پچاڻي 4. جيئنداڻي 5. داواڻي 6. راڏاڻي 7. سليماناڻي 8. سيهوتاڻي 9. ڪارائي 10. ڪُڪائي ۽ 11. ميراناڻي هنن جا خاص پاڙا آهن.

راڏا بنديجا: ڪرمتين جي هڪ شاخ. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. بُليجا 2. باندڻ پوتا 3. ٽوبديپوتا 4. ٽونڊا 5. دراڻي 6. سارئي پوتا 7. سجا 8. ڪڙيرا 9. عُمر 10. مرزائي ۽ 11. موسيپوتا.

راڏا جت ملڪاڻي: ڪرمتين جو هڪ قبيلو. ٻيڙ، حمراڻي ۽ لاکاڻي سندن خاص پاڙا آهن.

راڏا ڪرشناڻي: پاٽين جي "دونگا" نک جو هڪ پاڙو. هي جيسلمير کان لڏي اچي سنڌ ۾ وينا.

راڏاڻي: چاندين جي مارفاڻي قبيلي مان هڪ پاڙو آهي. ملاحن ۽ برهماڻي برن جي پاڙي جو نالو پڻ "راڏاڻي" آهي. جت بلوچن ۾ پڻ "راڏاڻي" (لاکاڻي ملڪاڻي). پاڙو آهي. جيڪي ٻڌيار جت سڏجن ٿا. راءِ بهادر هتورام لکيو آهي تہ "راڏاڻي" موسياڻي بروهين جو پاڙو آهي. ڪرمتين جي لجيرا، گبول ۽ راڏا اڳارين جي قبيلن جو پڻ هڪ پاڙو.

راڏڻ: سميجا اوڙڪ مان ملاح ۽ مهاٹا ۽ سما آهن.

رازا: جاين ڪٽڻ وارن ڪاريگرن کي "رازا" چون ٿا. رازا کا ذات نہ آهي. ليڪن ڪرت سبب ذات جا "رازا" سڏجن ٿا.

راڙ: پنجاب کان آيل هڪ نو مسلم ذات.

راسڪ: بلوچ آهن. مڪران ۾ راسڪ وادي ۾ رهڻ ڪري سندن نالو "راسڪ" پئجي ويو. ڪراچي ۽ ان جي آسپاس پڻ رهن ٿا.

راشد شاهي: لکياري سيدن جو پاڙو آهي. ڪنگريءَ ۾ وينل آهن. (بحوالہ: قديم سنڌ. ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو ص 21).

راشدي: لکياري ساداتن جو خاندان آهي. هنن جو وڏو پير محمد راشد ولد سيد محمد بقا شاهه لکياري نهايت مشهور آهي. جنهنجي پنيان هي "راشدي" سڏجن تا. راشدي سيدن جو مورث اعليٰ سيد علي مکي آهي. جيکو عراق جي شهر سامري کان هڪ سو ساٺين سميت گڏجي آيو ۽ اچي لکي شهر ۾ وينو. ان بعد لکياري سيدن جو بنياد پيو.

سيد محمد راشد ايکهين پٽ ۾ سيد علي مکي جو اولاد آهي. جنهن جو نسب حضرت علي جن سان آهي. سيد محمد راشد روضي ڏڻي کي تيرهن پٽ هئا. کتاب انوار کريمي ص 346 تي 15 پٽ لکيل آهن جن مان چار پٽ ننڍي هوندي فوت ٿي ويا. جن جو اولاد لکي. پير گوٺ. پير جهنڊو. هالا. نيو سعيد آباد. لاڙکاڻو ۽ سنڌ جي ٻين حصن ۾ پکڙيل آهي. ليکن ممتاز حيثيت "پيرپاڳارو" جن کي حاصل آهي. جيکي راشدي خاندان جا سرواڻ آهن. پير پاڳاري جي نسبت سان "راشدي" خاندان جو شجره ڏسو آخري صفحن ۾.

راکمني: نهروي بلوچن جو پاڙو آهي. هنن مان کافي لڏي اچي سنڌ ۾ ويٺا آهن.

راکوڙ: راڻي هندن جي ذات آهي. هي کانگڑا علاقي جا رهواسي آهن.

راکڙا: مسلمان سمات ذات آهي.

رامانندي: هي اکثر کري وشنو ٻيراڳي آهن. جي رام جي پوڄا ڪن تا. ناکر سندن دوارا آهن.

راماڻي: هندو قوم جي ذات آهي.

رامچنداڻي: هندن جي ذات آهي. ديوان پرڀداس هن کيڙ مان هو. هي برهم کترين جي "درڙي" نک مان ۽ ملکاڻين مان آهن.

رام داسيا: چمارن جو پاڙو آهي. هي سک آهن. هي گووندي ۽ سنگهي سکن مان آهن. هي پاهل وٺن تا.

رامديهه: سنڌ ۽ ڪچ جي سمن مان پلي سردار جي نسل مان ويره سمي کي هگوري نالي پٽ هو. ان جي اولاد کي "رامديهه" چون تا. جن جو شجره هن طرح آهي.



رام ڏيا: سمن جو پاڙو آهي. هي راهوءَ جي اولاد مان آهن. ٺر ۾ رهن ٿا.

رام ڏيو: هندن جي ذات آهي. ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٺرپارڪر ۾ رهن ٿا.

رام رکياڻي: هندن جي ذات آهي. هي برهمڻ ڪترين جي "درڙي" نڪ مان آهن.

رامڪا: مگرين جو هڪ پاڙو. هي سرپار ڏيري جو اولاد آهن.

رام ڳڙهيا: سکن جو پاڙو آهي. سندن سردار ۽ مورث اعليٰ جسا سنگهه هو.

رامُوجا: پنهيارن جو پاڙو آهي.

رامُوجا: مهرن جي ذات آهي.

رامون: لکڻن جو پاڙو آهي.

رامي: آرائين جو پاڙو آهي.

راميجا: پنجاب کان لڏي آيل مهرن سان واسطو رکندڙ هڪ ذات آهي.

رامي زئي: شيخ آهن. بلوچستان ۾ رهن ٿا. ڪهيرين جا واسطيدار آهن. فاضل خان ۽ الهه بخش خان هنن جا چگا مڙس هئا. عبرت اخبار اربع 15 آگسٽ 2001ع جي رپورٽ موجب "راميزئي" بگٽي بلوچن جو پاڙو آهي. جن کي ساهيزئي به چون ٿا. هنن جي عورتن تي شاديءَ کان اڳ گوشت کائڻ تي پابندي آهي.

رانٽا: سمن جو پاڙو آهي.

رانٽيا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. هن ذات مان قاضي عبدالله بن ابراهيم رانٽيو هڪ نالي وارو بزرگ ٿي گذريو آهي. جنهن سان مديني پاڪ ۾ قاضي قاضن سيوهاڻيءَ ملاقات (948 هـ) ڪئي هئي (بحواله: جنت السنڌ ص 380).

رانجي: ڇٽا ڇاڇڙن جي ذات آهي.

رانجها: پٽي راجپوت جو اولاد "جٽ" آهن. پاڻ چون ٿا ته اسان ابوجهل جي پٽ جو اولاد قريشي آهيون.

رانجهاڻي: لغاري بلوچن ۽ سماٽي مگٽهارن جو پاڙو آهي.

رانگر: ٺر ۾ هڪ مسلمان ذات جو نالو آهي.

رانگڙ: معنيٰ آهي ڇڳ (چوٽي) ڪٽيل. راجپوتن جو پاڙو آهي.

رانگي: ٺري مينگهواڙن جي ذات آهي.

رَانگهڙ: هندو راجپوتن جي ذات آهي. هنن مان ڪافي مسلمان ٿيا آهن. جيڪي پنهنجي اصلوڪي ذات "رانگهڙ" سان سڏجن ٿا.

رانوا: سمن جو پاڙو آهي.

رانڑ: سيالن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. هي ضلعي نوشهري فيروز ۾ رهن ٿا.

رانيزئي: اڪوزئي (يوسفزئي) پٺاڻن جو پاڙو آهي.

راٹا: سمن، راجپوتن، مهاجرن ۽ پنجابين جي ذات آهي. دلّي ۾ پڻ آهن. ويسي دل کي چار پٽ ديندو. راٹو، لاکو ۽ ڦل هئا. سندن اولاد پاڻ کي وڏن پنيان سڏايو.

راٹاٹي: سماٹي جتن جي ذات آهي. شاهبندر تعلقي ۾ رهن.

راٹک ڏيو: ٽري هندو راجپوتن جي ذات آهي.

راٹوئا: ٽري مينگهواڙن جي ذات آهي.

راٹي: نهڙين جي ذات آهي.

راٹيا: مسلمانن ۽ هندن جي ذات آهي.

راٹيدتر: ٽري هندو راجپوتن جي ذات آهي.

راوت: مفهوم آهي "راجپتر، ننديوراجا، سورهه، بهادر". راوت سمن جي ذات آهي. هڪ ٻي روايت موجب "راوت" چنديل راجپوتن جو پاڙو آهي، جن کي رائو پڻ چون ٿا. دلّ قبيلي جي لنجا شاخ جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "راوت" آهي.

راوتالي: مگسي بلوچن جو پاڙو آهي.

راوتخانزئي: شهواڻي بروهين جي حاجي زئي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

راور: نهڙين جو هڪ پاڙو. هي راور بن ابراهيم بن ميئن جو اولاد آهن. ٽر ۾ رهندڙ.

راوڙ: پٺاڻ آهن. هريجن هندو آهن. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "راوڙ" آهي (بحوالہ تاريخ سجاول ص 346).

راوڙا: پٺاڻن جي ذات آهي.

راوڙاخيل: آفريدي پٺاڻن جي ملڪ دين خيل قبيلي مان هڪ پاڙو آهي.

راول: هڪ رولو هندو قوم جي ذات آهي، جوگين جهڙا لڳن ٿا.

راولاڻي: جاکرن جي منجهڻان شاخ جو هڪ پاڙو.

راوليا: هڪ مسلمان ذات آهي.

راهپوتا: هي راهو ۽ ڇام راهو جي اولاد مان آهن. جيڪي سميجا ڪل ۾ شامل آهن. اصل لفظ راهو پوٽا

آهي، جيڪو ڦري راهپوتا ٿيو آهي.

ايس - صادق علي ڪتاب جي ص 51 تي ڪين سمن جي پاڙي مان لکيو آهي، هي جنگجو ۽ بهادر هئا، تعلقي سيوهڻ ۾ هنن جا ڪجھ ڳوٺ آهن، جن مان وڏيرو حاجي عمرالدين ۽ وڏيرو حاجي علي شير نهايت مشهور آهن، راهپوٽن جو شجرو هن طرح آهي:



راَهَڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

راهڙيا: غير سمات مسلمان ذات آهي.

راهڙئي: بروهي قوم جو پاڙو آهي.

راهما: سمن جو پاڙو آهي، هي ٺر ۾ رهن ٿا.

راهمون: سمن جو پاڙو آهي. هي ٿر ۾ رهن ٿا.

راهو: معنيٰ راهه، واٽ، آسماني گرهه. ميان نيڪ محمد سهتي جي فارسي نسخي تان ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، مهراڻ رسالي ۾ هڪ مضمون لکيو هو، جنهنجو عنوان هو "سنڌ جي تاريخ جو هڪ جهونو ورق" ان ورق ۾ لکيل آهي ته سنڌ جي راجا موڙا سنگهه کي ست پٽ هئا. انهن مان هڪ پٽ جو نالو ""راهو" هو. ان راهوءَ جي اولاد کي ذات جا "راهو" چون ٿا. راجا ٻين پٽن وانگر راهوءَ کي به جاگير عطا ڪئي جيڪا ٿري رياست جي نالي سان مشهور هئي. ساڳي نسخي ۾ لکيل آهي ته ان راهو جي اولاد کي "هگورجا" به چون ٿا. سهتا، شورا، ڪوريجا، اڇ، مگڻ ۽ ڏارو هن جا پائر آهن. هي نجا ۽ خالص سما آهن.

ايس صادق علي جي لکڻ موجب راهو، ڇام هوتي، ٽيبي ۽ انڙ جو اولاد آهن. نهڙي سمن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "راهو" آهي. هي راهو سميجا ڪل مان آهن. جيڪي ضلعي نواب شاهه ۽ ٿر جي هڪ مکيه ذات آهي. 1. آبساڻي، 2. رکٽاڻي، 3. ڦوڳاڻي خاص پاڙا آهن. هي ساهڙ بن لاکو بن جکڙي جو اولاد ٽين، لاکي کي ٽي پٽ ساهڙ، راهو ۽ ڳاهو هئا. هي راهواڻي به سڏجن ٿا. راهو ذات جو شجرو هن طرح آهي:





راهواڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن، جيڪي راهوءَ جي اولاد مان آهن. ڪرمتين جي زنگياڻي ۽ لجيرا شاخ جو پڻ هڪ پاڙو. نهڙين جي هڪ شاخ جو نالو پڻ "راهواڻي" (راهو) آهي. جنهن جا خاص پاڙا آهن. 1. بابڻ 2. بيسا 3. آري 4. پهوڙ 5. جماريا 6. جعفر 7. چاندا 8. دورا 9. ديئا 10. ڪَرن 11. ماڪيا 12. متواڻي 13. نيتا 14. هوڻي.

راهوجا: سميجا ڪل مان سنڌ جا ملاح، مهاڻا، ساريا، ابڑا، ڪماريا (ابڑا) انڙ آهن، جيڪي ساند پليءَ جو اولاد آهن، هنن جي پاڙي جو نالو "مهراڻي" آهي، هي اڪثر ڪري ڏنڊن ڏورن تي آباد آهن، راهوجن جو شجرو هن طرح آهي:



راهوجا انڙ: هي سميجا ڪل مان آهن.

راهوراڻي: سرائي پٽين جي ذات آهي.

ر هوکڑا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. کاري طرف رهن ٿا.

راهوم: بگٽي بلوچن جي ريهيجا - راهيجا (پيروزائي) قبيلي مان هڪ پاڙو آهي.

راهُومَا: سنڌ جا سما ۽ ملاح آهن. ٺر ۾ رهن ٿا. جنجو شجره هن طرح آهي:



راهوما ذات جا خاص پاڙا آهن: 1. آٹا، 2. پرکيا، 3. جُمڑا، 4. چماريا، 5. رکڻ، 6. ساڌيا، 7. ساڌر (ساڌورا)، 8. سار، 9. صاحبدين، 10. گُهريا (گهرياڻي)، 11. گاها، 12. ماما، 13. مهوا، 14. هالا.

راهون: غوريواها قبيلي مان هندو آهن. غوريواها خود مسلمان آهن.

راهيجا (ريهيجا): راهيجا، ريهيجا يا راهيچا هڪ ئي ذات آهي، هنن کي پيروزاڻي به چون ٿا. راهيجا بُگٽين جو قبيلو آهي، جنهنجا خاص پاڙا آهن: 1. پچلور، 2. جکراڻي، 3. خانزئي، 4. ڏمگياڻي، 5. راهوم، 6. غلواڻي، 7. ميهلاڻي.

کتاب "بلوچ" جو مصنف م - ک پيکولين ترجمہ ڊ. ڪٽر شاهه محمد مري لکي ٿو تہ 16 صدي جي آخر ۾ ميرچاڪر خان رند جي سوٽ جي وڏي پٽ "راهيجو" سڏي بگٽين کان پهرين سنڌ ۾ داخل ٿي "راهيجا" پاڙي جو بنياد وڌو، جن کي راهيجا بگٽي رند بلوچ چون ٿا.

ايس - صادق علي جي لکڻ موجب "راهيجا" رندن ۾ منگسين (سمات) جي پاڙن جو نالو آهي. هڪ تحقيق موجب ."راهَيجا" بگڙي رند آهن ۽ "راهِيجا" ملاح ۽ مهاڻا آهن. ايس صادق علي کي بنهي ذاتين ۾ تميز ڪرڻ گهرجي ها.

راهِيجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

راءَ پرٿور (ڪشيپ): هندن جي هڪ ذات.

راءَ چنگهورا: ڇچ جي حاڪم راءڪنگهار جي اولاد مان هڪ نڪ جو نالو.

راءُ حسين زئي: رئيسائي بروهين جو پاڙو آهي.

رائداسي: هندو چمارن جو پاڙو آهي. ڪن جاين تي هن کي "رائيداسي" لکن ٿا.

راءَ ڳوراڻ: هندن جي هڪ آکيڙ جو نالو.

رائِلاڻي: هندن جي ذات آهي.

رائو: پٺي قبيلي جو هڪ پاڙو.

رائوٽر: ٽمل هندن جي هڪ ذات

رائوڙ: ٽري هندو راجپوتن جي ذات آهي.

رائيداسي: هندو چمارن جي ذات آهي. هنن کي "ربداسي" ۽ چون ٿا. هي پاهل ڪوڙ ٿا وڻن.

رائيڏڻ (رائڏنو): سما ۽ ملاح آهن. اڪثر سمات هن جو اولاد آهن.

رائيناڻي: سومرن جو پاڙو آهي. هي رائينو بن محمد سومري جو اولاد آهن. ٽر ۾ رهن ٿا.

رباني: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ٻين ذاتين ۾رآهن.

ربائي: ڪرمتين جي هڪ شاخ. 1. اڌ لکي 2. الواڻي (علواڻي) 3. پنائي 4. جماڻي 5. ڏونگائي 6. سياهي 7. ڪلاڻي 8. مولوائي ۽ 9. ونائي هنن جا خاص پاڙا آهن.

ربداسي (راءِ داسي): هندو چمارن جي ذات آهي. هي پاهل ڪوڙ ٿا وڻن.

رَبناڻي: نٽيار جتن جو هڪ پاڙو.

رَبو: ڪتاب سومرن جو دور از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۾ لکيل آهي ته "ربو" سومرن جو پاڙو آهي. هي تعلقي چاچري ۾ رهن ٿا.

ربواڻي: ڪرمتين جي مهيري ۽ ڳورئي شاخن جو هڪ پاڙو.

رباري: ٽري هندن جي ذات آهي.

رَتا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ضلعي نٽي جي کاري واري پاڳي ۾ رهن ٿا. سميجن ۾ پڻ هڪ پاڙو. مگرين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "رتا" آهي. هي رَتو پٽ کيتو جو اولاد آهن. وريو، سوجو، پيرو، وڏڻ ۽ رتو پاڻ ۾ پائر هئا.

رَتاڻي: پاهڙن جو پاڙو آهي، شاهبندر ۾ نٽيار جت وينا آهن، انهن ۾ پڻ "رتاڻي" آهن.

رُتاڻي: پهوڙن جو پاڙو آهي.

رَتاوتَ: ميو قبيلي جو پاڙو آهي، هي مسلمان آهن.

رَتـڑَ: سمن، راڄپرن ۽ ملاحن جو پاڙو آهي، کن هنڌن تي سومرا ۽ سڏجن ٿا.

رَتـڑَ: پنجاب کان آيل سرائي آهن.

رَتڑجا: سما ۽ ملاح آهن.

رَتـن: سميجن جو هڪ پاڙو.

رَتناڻـي: هندن جي ذات آهي، جيڪي رُتين ۽ موسمن جا پوڄاري آهن.

رَتا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي، کاري ڇاڻ ۾ وينا آهن.

رَتاڻي: جت بلوچن جو هڪ پاڙو آهي، بلوچستان ۽ لسٻيلي جا رهواسي آهن.

رَتو: مسلمان سمات ذات آهي.

رَپائي: سهندڙا ذات جو هڪ پاڙو آهي، تاريخ سجاول ۾ لکيل آهي ته "رپاهي" ملاح ۽ مهاڻا آهن.

رَپـڑ: هي سـمي بن انڑ جو اولاد آهن، جيڪي ذات جا سما سڏجن ٿا. هنن جا ڪجهه گهر ميرپور بٺوري ۾ آهن.

رجباڻي: ڪرمتين جي جانوري شاخ جو هڪ پاڙو.

رجيرا: ڪرمتين جي هڪ شاخ. وڌيڪ احوال لاءِ "لجيرا" عنوان ڏسجي.

رُجـڑَ: ساندن ۽ ملاحن جو هڪ پاڙو آهي.

رَجيرا: ڪرمتي جت بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

رَحلياڻـي: جمالي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

رحما: هڪ سمات ذات آهي، هي ٿر ۾ رهن ٿا.

رحمانزئي: ڪردن جو هڪ پاڙو آهي، هي بلوچستان ۽ ايراني مڪران ۾ رهن ٿا. عمراني رند بلوچن جي [illegible].

رحماڻي: جمالين ۽ لاڪن جو هڪ پاڙو آهي، بلوچستان ۽ مڪران ۾ رهندڙ برڙن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ

"رحماڻي" آهي.

رَحمتَـاڻي: شنباڻي بگٽي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

رَحمت زئي: مينگلن جو هڪ پاڙو آهي. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان جي ص 728 تي لکيل آهي تہ "رحمت زئي" ساتڪ زئي قبيلي جو پاڙو آهي.

رحمعلياڻي: وسائي پوٽڙا چاندين جو هڪ پاڙو.

رَحمَـڪاڻي: مري بلوچن جي بجاراڻي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

رَحملاڻي: بگٽي بلوچن جي شمباڻي (ياريـاڙي) قبيلي مان پاڙو آهي. هنن کي سعيداڻي پـڻ چون ٿا. ٻئي حوالي موجب هي رندن جي کيئازئي پاڙي مان کيئو بن سائينداد شنباڻي جو اولاد آهن.

رحمياڻي: مستوئي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي. ڪرمتين جي جانوري شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

رحمي زئي: بگٽي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

رَحَـناڻِـي: کوسن جي متيوال پاڙي مان هڪ شاخ آهي.

رَحيماڻِـي: بوزدار بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

رحيم خاناڻي: وسائي پوٽڙا چاندين جو هڪ پاڙو.

رَخشاڻِـي: خاران، مڪران ۽ چاغيءَ جا رند بلوچ آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. جمال ديني، 2. سياهـاڻي، 3. سياه پاز، 4. نيگواري، 5. رچيزئي، 6. هوتڪ. نهري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو پـڻ "رخشاڻي" آهي، هنن جي سردار جو نالو رحمت خان هو.

رَخناڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

رُخناڻِـي: مهرن جي هڪ ذات آهي.

رِدُ: هڪ سمات ذات آهي.

رِداڻِـي: مزاري بلوچن جي بلوچاڻي شاخ جو هڪ پاڙو آهي.

رِدِي: بروهين ۽ پنهيارن جو پاڙو آهي.

رِدينِـي: سراواني بروهين مان آهن.

رِڏ: سمن، سماڻي جتن ۽ رندن جو هڪ پاڙو آهي، هي جيڪب آباد ۽ خيرپورميرس ضلعن ۾ رهن ٿا. هدايت علي فقير سگهڙ هن ڪيڙ مان هو.

رِڏسِـي: سماڻي جتن جي هڪ ذات آهي.

رزر: محمد زئي (زمند) پناڻن جو هڪ پاڙو آهي. مندنر ڪابلي پناڻ آهن. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "رزر" آهي. مانيزئي. ملڪ زئي. خدرزئي. ماموزئي ۽ اڪوخيل هن جا خاص پاڙا آهن.

رُستماڻي: مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو آهي. جنهن جا خاص پاڙا هن طرح آهن: 1. اديماڻي. 2. ايسام (عيسام). 3. بانو. 4. بنگراڻي. 5. پيرڪاڻي. 6. تالپور. 7. چونگلاڻي. 8. حرواڻي. 9. درواڻي. 10. دولاڻي. 11. دوهاڻي. 12. ذمكاڻي. 13. سرواڻي. 14. سنجراڻي. 15. سنيداڻي. 16. سيهالف (سياه لاف). 17. سيلاڪافي. 18. شاكيجا. 19. شهباز ڪاڻي. 20. عبدلاڻي. 21. قيصراڻي. 22. ڪلاب. 23. گلاڻي. 24. گلرين. 25. لالاڻي. 26. لولياز. 27. لوطاڻي. 28. مراڻي (مراداڻي). 29. منگالاڻي. 30. ميرياڙي (ميرياڻي). 31. نظاماڻي. 32. نوزڪاڻي. 33. نوڪاڻي.

قيصراڻي رستماڻين مان آهن. انهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ (رستماڻي) آهي. رندن. لغارين بڙدين. مير جتن. مغيرين ۽ بوزدار بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "رستماڻي" آهي. چولياڻي چانديين جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ رستماڻي آهي. سڀايا سمات ذات آهي. انهن ۾ پڻ "رستماڻي" آهن.

رُستم زئي: رئيساڻي بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

رَسولاڻي: چانديا قبيلي جي چولياڻي شاخ مان آهن.

رشا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ڪاري ۾ رهن ٿا.

رشكاڻي: نوز بن هرين جو اولاد آهن. هي بلوچ مڪران ۽ خاران ۾ رهن ٿا.

رَشكياڻي: جهالاوني بروهي آهن.

رَشيداڻي: لاشاري بلوچن ۽ پٺين جو پاڙو آهي. مهڪاڻي مرين ۾ پڻ هڪ پاڙو. هي رشيد خان بن جعفر خان بن مير حاجي خان جو اولاد آهن.

رَضا محمدياڻي: سرماڻ مرياڻي برا آهن. لسبيليءَ ۽ ڪراچيءَ ۾ وينا آهن.

رَضائي: پٺا ذات جو هڪ پاڙو آهي.

رضوي: حسيني سيد آهن. امام علي رضا سان پنهنجي نسبت ظاهر ڪن ٿا. جنهن ڪري رضوي سيد سڏجن ٿا. سنڌ جي رضوي سيدن جو وڏو ڏاڏو سيد محمد مڪي (بڪر) سکر وارو آهي. جنهن جو اولاد سکر. روهڙي. ٺٽي. نصرپور ۽ سنڌ جي ٻين حصن ۾ آباد آهي. (ڏسو مختصر شجره) هن خاندان جا خاص پاڙا. 1. اسماعيل پوٺا. 2. جلال پوٺا 3. عنايت. 4. عبدالله پوٺا. 5. عباس پوٺا. 6. مبارڪپوٺا. 7. محمد پوٺا. 8. مياڻا. 9. شجاع ديني وغيره آهن. سندن شجرو ، شجرن واري حصي ۾ ڏسندا-

رقيا: سما آهن.

رُکَ: سما آهن.

رُک: ڇهڙن جو هڪ پاڙو آهي.

رُکراٹي: سهتا ذات جو هڪ پاڙو آهي. ڪتاب سومرن جو دور از نبي بخش خان بلوچ ۾ لکيل آهي تہ مانجهي بن همونہ ڪي رکن (رکڻ) نالي پٽ هو. جنهن مان "رکراٹي" آهن.

رُکَن: سمن جي ذات آهي. سومرن ۾ پٽ رکن آهن. هي مانجهي بن همون سومري جو اولاد آهن.

رکناٹِي: سني خواجن (کواجن) جو هڪ پاڙو آهي. خيرپور ميرس ۾ رهن ٿا.

رکن پوٹا: باجارن جي لکياري سيدن جو پاڙو آهي. هنن مان سيد حاجي اسدالله هڪ معزز ۽ نامور شخصيت هو.

رُکَـڻ: سما آهن. راجڙ ڪي چار پٽ هئا. انهن مان هڪڙي پٽ جو نالو رکڻ هو. جنهن جي پنيان پاڙي جو نالو "رکڻ" پيو. هي سميجن ۾ شامل آهن. (ڏسو راجڙن جو شجرہ).

رکٹاٹي: راهو ذات جو هڪ پاڙو آهي. سهتن ۾ پڻ (رکڻ پوٹا) آهن. راڻي پور طرف رهندڙ مهرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

رکڻ پوٹا (رکٹاٹي): سهتن جو هڪ پاڙو.

رکِـي: بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

رکرائي: ڏوبين جي هڪ ذات (بحوالہ ڪتاب پنجاب ڪي ذاتين)

رکڑا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

رُکَـڻ: راهومان آهن.

رکو: تنوار قبيلي جو پاڙو آهي. جانو رکو ۽ ستر وال پاڻ ۾ پائر هئا.

رکوٹاٹي: سنيا ذات جو پاڙو آهي. ٽنڈو محمد خان ۾ رهن ٿا.

رکيا: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

رَمـاٹِـي: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

رمَـداڻَ: دل ذات جو هڪ پاڙو آهي.

رمداٹي: جمالي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

رمراڻ: مسلمان ذات آهي. ڏگهڙي تعلقي ۾ رهن ٿا.

رمضان خيل: لوڏي ٻناڻن جي هڪ ذات آهي.

رمضان زئي: بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

رمڪاڻي: بجاراڻي مري آهن.

رمناڻي: جمالين جو هڪ پاڙو آهي.

رموزئي: بگٽي بلوچن جي نوٽائي پاڙي جي هڪ ڳوٺ آهي.

رميزئي: رندن ۾ ڪاڪڙ پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

رِندَ: بلوچ قوم جو هڪ اعليٰ ۽ ممتاز قبيلو آهي. جيڪي خالصاً عربي نسل مان آهن. حلب کان اچي بلوچستان. ڪيچ مڪران. سيوي. ڏادر ۽ ڪچيءَ ۾ ديرا ڇمايائون. جتان ڪجھ قبيلا هجرت ڪري اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن. رندن بابت ڪجھ محققن جا رايا هيٺ ڏجن ٿا.

مرزا قليچ بيگ ڪتاب قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهن ۾ لکيو آهي ته هي بلوچ. "رند" جو اولاد آهن. مير چاڪر خان رند سندن مورث اعليٰ هو. جيڪو بلوچستان کان پنجاب ويو ۽ "سنگهري" ۾ وفات ڪيائين. ان جي اولاد مان رند. ڏوميڪي. جڪراڻي. لغاري. کوسا ۽ جمالي آهن.

ٻ - ڪ ٻيڪولين ڪتاب "بلوچ" ۾ لکي ٿو ته "رند" پنج سئو سالن تائين مڪران ۾ رهيا ۽ 16 صدي جي آڌ ڪاري هجرت ڪيائون. ان وقت بليدي. جمالي. کوسا. لشاري. چانديا. کهيري. ليغاري. هوت ۽ نتڪاڻي رندن کان الڳ ٿي ويا ۽ وڃي پنهنجي آزاد قبيلي جي نالي سان پاڻ کي سڏايائون. باقي رندن ۾ 53 پاڙا رهيا. جن پاڻ کي "رند" سڏايو.

ايس - صادق علي ڪتاب The muslman Races found in Sindh. Balochistan and Afghanistan جي ص 17 ۽ ص 18 تي رندن جي احوال ۾ لکيو آهي ته رندن جو هڪ سردار گهر پنجاب جي شهر "ستگهڙو" ۾ آهي ۽ ٻيو سردار گهر قلات جي شوران ڳوٺ وارو آهي. جنهن مان سردار امام بخش خان رند. سردار يار محمد خان رند. سردار بهاول خان رند ٿي گذريا آهن. هن وقت رندن جو سردار. سردار يار محمد خان رند سيوهڻ وارو آهي. شيخ صاحب رندن جا 70 پاڙا لکيا آهن.

جناب رحميداد مولائي شيدائي ڪتاب تاريخ بلوچستان چاپو 1941ع ۾ ص 23 کان ص 37 تائين رندن جو احوال لکيو آهي. جنهن ۾ هن رندن کي شجاع. بهادر. ايماندار ۽ جنگجو ڪري لکيو آهي.

راءِ بهادر هتورام ڪتاب تاريخ بلوچستان ص 4 ۽ ص 5. مير خدا بخش خان بجاراڻي ڪتاب بلوچستان صدين کان (ص 46) ۽ مولانا نور احمد خان فريدي ڪتاب بلوچ قوم اور اسکي تاريخ ص 201 تي رند بلوچن تي ڪافي ڪجھ لکيو آهي. (ان موجب رندن جو شجرو هن طرح آهي:



مسٽر هينري پاٽنجر، سنڌ ۽ بلوچستان جو اٽن تي چڙهي سير ڪيو هو ۽ هر هڪ ڳوٺ ۾ وڃي قومن، قبيلن ۽ ذاتين جي معلومات ورتي هئي، ان بعد هن هڪڙو ڪتاب "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر" لکيو هو، جنهن ۾ هن رندن کي شجاع قوم لکيو آهي ۽ هنن جا 28 پاڙا لکيا آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جامع سنڌي لغات ۾ رندن جا 29 پاڙا لکيا آهن.

ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي، ڪتاب سنڌ جون چند ذاتيون ۾ لکيو آهي تہ مير جلال خان بلوچ کي پنج پٽ رند، لشار، قرائي، جتوئي ۽ هوت هئا. پيءَ جي وفات کان پوءِ ننڍي پٽ هوت ميريءَ تي قبضو ڪري حڪومت ڪئي، ان بعد مير چاکر خان رند ۽ مير گهرام خان لشاري حڪومت قائم ڪئي، انهن ڏينهن ۾ ٻئي سردار گوهر جتڻيءَ جي دام زلف ۾ ڦاسي پيا، جنهن تي ٻنهي سردارن جي وچ ۾ جنگ لڳي، جيڪا ٽيهن سالن بعد رندن کٽي، بلوچ قوم جي ڪمزوري ڏسي شاهہ بيگ ارغون ڪڇيءَ تي قبضو ڪيو، جنهن سبب رند ۽ پيا بلوچ قبيلا سنڌ ۾ هجرت ڪري آيا، ان وقت رندن جا 65 پاڙا هئا.

مٿين ليکڪن کان سواءِ مسٽر اي. ڊبليو. هگس، ايس - آر - جي - ايس، لائگس ورڻ ۽ ٻين ڪيترن رندن تي روشني وڌي آهي. مضمون جي طوالت سبب انهن جا احوال پيش نٿا ڪجن. مجموعي طور رند بلوچن جا خاص پاڙا هينيان آهن: 1. آسڪاڻي، 2. ارزي، 3. ايزدي، 4. الهداڻي، 4. اتماڻي، 5. آلڪاڻي، 6. اسفاني، 7. بوزدار، 8. بجيراڻي، 9. باگراڻي، 10. ابراهاماڻي، 11. بلفت ، 12. بگٽي، 13. بليدي، 14. بابراڻي، 15. بگهدار، 16. بگهلاڻي، 17. پوزهي، 18. پوگهه، 19. جڪراڻي، 20. جلالاڻي، 21. جمالي، 22. جلباڻي، 23. جروار، 24. جمالاڻي، 25. جسڪاڻي، 26. جاوداڻي، 27. جتوئي، 28. جاماڻي، 29. چاڪراڻي، 30. چانگ، 31. چاچري، 32. چوٽاڻي، 33. چولاڻي، 34. حيدراڻي، 35. حسناڻي، 36. حسلاڻي، 37. جنگلاڻي، 38. خشڪ، 39. خاراڻي، 40. دريشڪ، 41. ديناري، 42. داڌيا، 43. دينڻ، 44. ڊومبڪي، 45. رند، 46. ريحاڻي، 47. رخشاڻي، 48. رستماڻي49. راهيجا، 50. رنداڻي، 51. زودراڻي، 52. ڊوئانڪي، 53. سارنگاڻي، 54. سندراڻي، 55. سياهه آف، 56. سارنگاڻي، 57. سندراڻي، 58. سهرياڻي، 59. سياهڙ، 60. رڌ، 61. رميزئي، 62. شاهيا، 63. شنباڻي 64. شهڪاڻي، 65. شاهلزئي، 66. شهاڻي، 67. شهپات، 68. عالماڻي، 69. عمرزه، 70. عمر نوحاڻي، 71. عبداڻي، 72. علي حاني، 73. عباساڻي، 74. عمراڻي، 75. دشتي، 76. غلام بولڪ، 77. فيروزئي، 78. فروزاڻي، 79. ڦٽڙ، 80. ڦيا، 81. قيصراڻي، 82. ڪولاچي، 83. ڪلوئي، 84. ڪلمتي، 85. ڪهيري، 86. ڪچاڻي، 87. ڪچڪ، 88. ڪوسا، 89. ڪيڻازئي، 90. گودري، 91. گورچاڻي، 92. گشڪوري، 93. گورگيج، 94. گاڏهي، 95. گويانگ، 96. گڏتري، 97. گبچاڻي، 98. گپچاڻي، 99. گلوئي، 100. گورخ، 101. لغاري، 102. لنجواڻي، 103. لند، 104. لوٽاڻي، 105. لورد، 106. لشڪاڻي، 107. لشڪراڻي، 108. مروزائي، 109. مشوري، 110. مستوئي، 111. ميراڻي، 112. ميردادي، 113. محمداڻي، 114. مريداڻي، 115. مزاري، 116. مراڻي، 118. مستي خانزئي، 119. مندواڻي، 120. مائوندستري، 121. ميروزئي، 122. مدواڻي، 123. ميرواڻي، 124. ملوخاڻي، 125. مجيداڻي، 126. نوحاڻي، 127. نوتڪاڻي، 128. نونڊاڻي، 129. نظاماڻي، 130. نندواڻي، 131. نوشيرواڻي، 132. نٿواڻي، 133. نڪيزئي، 134. نندڻي، 135. هيسباڻي، 136. هڪبتاڻي، 137. هوت، 138. هوتڪاڻي، 139. هڏگري، 140 يوسفاڻي، 141. رئيساڻي، 142. حملاڻي، 143. بشڪالي، 144. بخشاڻي، 145. ڪلماڻي، 146. ملاڙي، 147. حلمباڻي، 148. پز، 149. رند، 150. چاڪراڻي، 151. بجاراڻي، 152. ابراهيماڻي، 153. عالياڻي، 154. جنگلاڻي، 155. زيد، 156. پندراڻي، 157. دشتي، 158. عيساڻي

رند قبيلي جي شجره لاءِ ڪافي ڪتاب اپياس هيٺ آيا. انهن سڀني ڪتابن جو نچوڙ ڪڍي رندن جو

شجرو شجرن جي حصي ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

رنداڻي: رندن جو پاڙو آهي. جنهن جو مورث اعليٰ سردار خان رند هو. نوحاڻي رند آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "رنداڻي" آهي.

رندواڻي: مري بلوچن ۽ لغاري بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

رنڌاوا: پٽي راجپوتن جي هڪڙي شخص "رنڌاوا" جو اولاد آهن. سندن واسطو جٽن سان آهي. ڪن جاين تي "ورڪ" سڏجن ٿا.

رنگ: سما قبيلي جي ذات آهي. جن جو ڪم ڳائڻ وڄائڻ هو. ان نسبت سان هي ذات جا "رنگ" سڏجڻ لڳا. رنگ فارسي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ پڻ ڳائڻ. وڄائڻ آهي. سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ پڻ ساڳيو مطلب آهي. سنڌ ۾ ضلعي سانگهڙ ۽ بين جاين تي رهن ٿا.

رَنگريٽا: ڇهڙن جو هڪ پاڙو آهي. هي سڪ آهن. ندبي ۽ سڏجن ٿا. رنگريٽو جي معنيٰ آهي گروءَ جو پٽ.

رنگريز: فارسي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي نيل گر ڪپڙن کي رنگ ڏيڻ وارو. رنگريز کا ذات نہ آهي. ليڪن ڪرت سبب ذات جا "رنگريز" سڏجن ٿا.

رنگواڻي: ڪوسن جي هڪ ذات آهي.

رنگها: پنجاب کان آيل سرائي آهن.

رٽائي: لغاري بلوچ آهن.

رٽيير: گجو قبلي جو هڪ پاڙو.

رَوَا: سومرا آهن. ٺر ۾ رهن ٿا. هي روو بن همو جو اولاد آهن. ڪن ڪن جاين تي رواڻي ۽ سڏجن ٿا. سوسرن ۾ روا پاڙي وارن کي "رواڻي" چون ٿا.

روال: مغلن جو پاڙو آهي. قزلباش سندن ويجها آهن. گوجرن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "روال" آهي.

رَواڻي: بڙدي بلوچ آهن. سومرن ۾ روا پاڙي وارن کي "رواڻي" چون ٿا.

روپاڻي: هندن جي هڪ ذات.

روپاهي: هندو آهن. بلوچستان جي روپاهه شهر مان لڏي اچي سنڌ ۾ وسيا. پنهنجي اصلوڪي رهائشي نسبت سان پاڻ کي ذات جا "روپاهي" چوائڻ لڳا.

روپايا: ننڍي ضلعي جا ميربحر ۽ مهاڻا آهن. چانديءَ جي ڳهن پائڻ ۾ مشهور هئا. جنهن نسبت سان ذات جا "روپايا" سڏجڻ لڳا.

روپچنداڻي: هندن جي هڪڙي ذات جو نالو آهي.

روجهامر: گجرات کان آيلن جي هڪ ذات آهي، اڪثر ڪري حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

روحلاڻي: کوسن جو پاڙو آهي، جيڪب آباد جي طرف رهن ٿا.

رودناڻي: کوسن، جکراڻين ۽ رندن جو هڪ پاڙو آهي.

رودڻاڻي: ڪرمتين جي بگهياڙ شاخ ۽ زنگياڻي شاخ جو هڪ پاڙو.

رودنزئي: بروهي آهن.

رودينزئي: ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 127 موجب "رودينزئي" سرپرهه قبيلي جو پاڙو آهي، جن جو واسطو افغانن سان آهي.

رودیني: بروهي آهن، جيڪي "براهو، جو اولاد آهن، ڪافي محقق هنن ڪي "رئيس" جو اولاد چون ٿا، جنگ سبب هن خاندان جا ماڻهو پڇي وڃي رودين جبل ۾ لڪا هئا، ان ڪري هنن بعد هي "رودیني" سڏجڻ ٿا.

روڏ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

روڏيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

رَورِڪَالي: مزاري بلوچن جي مسيداڻي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

روڙ: چوهاڻ راجپوتن مان جت آهن، هنن کي "اروڙ" ب چون ٿا، هنن جو اصل وطن روهتڪ علاقي جي جهجهر تعلقي ۾ بادلي آهي، جوگران، سگوال ۽ ميپلا هن جا خاص پاڙا آهن.

روڙا: ملڪاڻي هندن جي هڪ نڪ جونالو، جيڪي رائچند ملڪاڻيءَ جو اولاد آهن.

روڙيپوٽا: جوڪين جي سالار قبيلي مان آهن.

روزڻاڻي: جکراڻين جو هڪ پاڙو آهي، جيڪي روزي خان جو اولاد آهن.

روزياڻي: مغيري بلوچ آهن.

روسواڙ: اصل ۾ سنڌ جا رهاڪو، گوتم پڌ جا پوڄاري هندو آهن.

روگاتيا: ڪچ پڇ کان آيل ميمڻ آهن.

روگها: هندن جي هڪ نڪ جو نالو، پارواڻي هن نڪ مان آهن.

رونڻاڻي: سنيا ذات جو هڪ پاڙو آهي (تنبو محمد خان).

رونجهه: ملاح ۽ مهاڻا آهن، خيرپورميرس ۾ رهن ٿا.

رُونجها: سنڌ جي سما خاندان جي هڪ شاخ آهي. سميجا کل مان رونجهو نالي سمون هڪ وڏي بخت جو مالڪ هو. جنهن جي اولاد کي "رونجها" چون ٿا. هيءَ پهرين سنڌي قوم هئي. جنهن گجرن سان وڙهي لس بيلو فتح ڪري پنهنجي حاڪميت قائم ڪئي. رونجهن جي چوويهه پڳن سنڌ. بلوچستان ۽ لسبيلي تي اٽڪل ٽي سو سال حڪومت ڪئي. اٽڪل 17 صديءَ جي پوئين حصي ۾ سندن حڪومت جو خاتمو ٿيو. هڪ بي روايت موجب انڙ بن سمون کي 28 پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "رونجهو" هو. رونجها ان جو اولاد آهن. رونجهن جو شجرو هن طرح آهي:



رونجها لسبيلي ۽ سنڌ ۾ رهن ٿا. جن جا خاص پاڙا آهن: 1. بريا. 2. سسي. 3. ڪماچا. 4. ڪينئرا. 5. ڪيٽا. 6. ونگا.

رُونجها: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

رُونجهاڻي: هڪ سماڻ ذات آهي. خيرپورميرس ۾ چند گهر اٽن.

رونڪائي: گورچاڻي بلوچن جي درڪاڻي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

رونگها: سمن جي ذات آهي. ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سندن ڪافي ڳوٺ آهن. هنن جو چوڻ آهي ته اسان آبڙ ۾ آهيون.

رونو: غير سمات ملاح ۽ مهاڻا آهن.

رَوها: خاصخيلي ملڪن جو هڪ پاڙو آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ روها، روهہ مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي جبل. هنن جا وڏا آفريڪا جي جبلن جا رهاڪو هئا. جتان خريد ڪري سنڌ ۾ وڪيا ويا. جن جو اولاد ابي ڏاڏي جي رهائشي نسبت سان ذات جا "روها" سڏجڻ لڳا. جن کان غلاميءَ جو ڪم ورتو ويو.

رُوها: ساند ملاحن جو هڪ پاڙو آهي.

روهڙ: کوکرن (راڻوڙ سما) جو هڪ پاڙو آهي.

روهل: راني. روهل ۽ ڏنڪر پاڻ ۾ پائر ٿين. هي تنوار راجپوتن طرفان ناجائز اولاد مان جت ۽ راني آهن. پاڻ ۾ شاديون ڪونہ ڪن.

روهلاڻي: بگٽي بلوچن جي نوتاڻي شاخ مان هڪ ڦري آهي.

روهي: جابلو پناڻن جي ذات آهي. روهہ جي معنيٰ آهي جبل هنن کي "ڪوهي" ۽ چون ٿا.

روهيجا: مگسي بلوچ آهن.

روهَيلا: ڪليرين (جت) جو هڪ پاڙو آهي. هي سرائڪي ۽ جتڪي زبان ڳالهائين ٿا. پناڻن کي پڻ "روهيلا" چون ٿا. روهہ جبل کي چون ٿا. اهي جت ۽ پناڻ جابلو آهن. ان ڪري "روهيلا" سڏجن ٿا. پناڻ روهيلن مان غلام قادر ولد نواب ضابط خان نهايت مشهور هو. جنهن شاهہ عالم مغل شهنشاهہ جون اکيون ڪيڻ انڌو ڪيو هو (بحوالہ: جنت السنڌ ص 58).

روهيلا: ٽميا ذات جو هڪ پاڙو آهي.

رَهالَپوٽا: باليشاهي ۽ چهڙن جي هڪ ذات آهي.

رهاولزئي: مري بلوچن جي غزيني قبيلي مان هڪ پاڙو آهي.

رهباري: جتن جو پاڙو آهي. ريباري جت ۽ سڏجن ٿا.

رهبر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

رهتا سهتا: هندن جي هڪ نک جو نالو. آسراڻي هن نک مان آهي.

رهٽيا: چمارن جو پاڙو آهي. هي مسلمان ۽ سک آهن.

رهڙ: مهرن جو هڪ پاڙو.

رهڙيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

رهزنزئي: بروهين جي شاهوزئي قبيلي جو پاڙو آهي. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان (ص 132) موجب "رهزن

زئي" خدراڻي بروهين جو پاڙو آهي، هي اصل ۾ جدگال (جت) آهن، جـي بعد ۾ خـدراڻي قبيلـي ۾ شامل ٿيا آهن.

رهلاڻي: جمالي بلوچ آهن.

رَهواڻي: بـگـٽي بـلوچن جي ديناري پاڙي مان هڪ ڦري آهي، سنڌ ۾ رهواڻي ۽ بلوچستان ۾ "رهوانـي" سڏجن ٿا.

رهيجي وارا: مَـنهون راڄ جتن جو هڪ ننڍو پاڙو.

رَهيداڻي: ڪولاچي رندن جو هڪ پاڙو آهي.

رئوفي: اعواڻن جو هڪ پاڙو. ڪرم شاهه بن قطب شاهه جو لقب "محمد رئوف" هو سندس-اولاد پاڻ کي ذات جا "رئوفي" سڏائي ٿو.

رَئيزاڻي: بگٽي بلوچن جي شمباڻي (ياريازي) شاخ مان آهن.

رَئيسُ: جدگالي جتن جو پاڙو آهي. کي هنن کي افغان بـ چون ٿا ۽ گدا بـ سڏجن ٿا. هي اڪثر ڪري مڪران، لسبيلي بلوچستان، ايران ۽ ڪراچي ۾ رهن ٿا، ڪينگزئي، مهدي زئي، بند، ڪوڙڪ، سنگر ۽ سنڌ جا سماڻي جوڪيا هنن جا شريڪ آهن.

ڪتاب بلوچ اور بلوچستان (جلد نمبر 2 ص 71) تي لکيل آهي تـ رئيس رند جو اولاد آهن. ڪتاب "بلوچ" از م - ک پيڪولين جي لکڻ موجب رئيس مڪران جا بلوچ آهن، جيڪي مير چاڪر خان رند جي چاچي جي پٽ رئيس جي اولاد مان آهن، جيڪي پاڻ کي ان نسبت سان "رئيس" چوائين ٿا. سندن شجره هن طرح آهي.



رَئِيسَ: سمن جو پاڙو آهي.

رئيساڻي (ريساڻي): مولائي شيدائي جو پاڻ بـ شهواڻي بروهي هو. هن مهراڻ رسالـ، سنڌي ادبي بـورڊ جلد نمبر 10 سال ۾ لکيو آهي تـ رئيساڻي، شاهواڻي ۽ سر پرهـ اصل ۾ پناڻ آهن، پـر هن وقت بروهي سڏجن ٿا، جن جا مکيـ پاڙا آهن: 1. راءُ حسين زئي، 2. رستم زئي، 3. سراج زئي ۽ 4. ميان علي زئي، هن بروهي

قبيلي جو سردار ۽ مورث اعليٰ "ملا محمد" هو. ساڳي مصنف ڪتاب جنت السنڌ ص 52 تي لکيو آهي تہ رئيساڻي ۽ شهواڻي يهودين مان نو مسلم آهن.

جامع سنڌي لغات ۾ سراوانين (بروهين) جا 12 پاڙا لکيل آهن، جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "رئيساڻي" آهي، يعني هي بروهي آهن. اهڙي طرح هڪڙي پاڻنجر ڪتاب سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ۽ سفر ۾ بروهين جا 90 پاڙا لکيا آهن، انهن مان هڪ پاڙو "رئيساڻي" آهي.

رند بلوچن جي اپياس مان خبر پوي تي تہ "رئيساڻي" رئيس رند جو اولاد آهن. ڪتاب "بلوچ" جي مصنف م - ک پيڪولن ص 55 تي لکيو آهي تہ رئيساڻي رئيس بلوچ جو اولاد آهن، جيڪي سراوان ۽ مڪران جا رهواسي بلوچ آهن. (ڏسو شجره رئيساڻي).

رئيساڻي بروهين جا پاڙا ۽ قبيلا هن طرح آهن:

1. **سراج زئي:** لشڪري زئي، قلندرزئي، جمال زئي، اسماعيل زئي.
2. **راءِ سين زئي (راءِ حسين زئي):** ڪنرزئي، سالارزئي، گل محمد زئي.
3. **رستم زئي:** گل محمد زئي، عيسب خان زئي، اختر زئي، گواري زئي، جوگي زئي.
4. **ميان علي زئي:** پندراڻي زئي، عيسباڻي، مهراڻي.

رئيس پوٽا: لسبيلي جي گونگن جو هڪ پاڙو آهي، هي سما آهن. ڪتاب بيلاين جا بول (ص 44) تي لکيل آهي تہ جهلو گونگي کي پيروز نالي پٽ مان چار پٽ هئا، جن مان هڪ پٽ جو نالو "رئيس" هو، جن جي اولاد پاڻ کي "رئيس پوٽا" چورايو.

رَئيسِي: جدگالن جي هڪ ذات آهي، مڪران ۽ لسبيلي ۾ رهن ٿا.

رياڙي (ياياڙي): بگٽي بلوچن جي شاخ (شمباڻي، شهباڻي) آهي، جنهن جا خاص پاڙا آهن:
1. تنجواڻي، 2. ٽڪسور، 3. پبئي، 4. پجدور، 5. حمزاڻي، 6. حملاڻي (سعيداڻي)، 7. رئيزائي، 8. شنگواڻي، 9. گودائي، 10. مچوبار ۽ 11. مهرياڻي (شمباڻي). (تاريخ بلوچستان از مولائي شيدائي).

ريهارا (رهاري): سماڻي جت آهن، جيڪي اٺ پالڻ کريُ اونيٺہ سڏجن ٿا، هي انن تي چڙهي پيغام (نياپا) پهچائيندا آهن ۽ انهيءَ ڪمائيءَ مان پيٽ پاليندا آهن، انهيءَ کري هيُ"قاصدٺہ سڏجن ٿا.

بيت: راڻي ريهارو، ٽوڏاهہ مڪو تڪڙو،
لڏوٽا، لطيف جي، ماڻڇ موڇارو،
صبح سوارو، ڪاڪ گهڙندو ڪرهو. (شاهہ)

ريهاري: جهنگلي، بيوقوف ۽ وحشي مسلمان ۽ غير مسلمان خانبدوش آهن. ڪتاب پنجاب کي ذاتين ۾ لکيل آهي تہ "ريهاري" خانبدوش جت آهن، جن کي رهباري بہ چون ٿا.

رَيُتَ: سما ملاح آهن.

ريتِي: غلام ذات آهي. خاصخيلي جي ملک پاڙي مان هک پاڙو آهي.

ريتي: ڳاڙهي نسل جا اٺ پالڻ وارا سماٽي جت آهن. بڙدي بلوچن ۾ ڪٿوهڙن (بڙدي) ۾ پڻ "ريتي" پاڙو آهي. جيڪي بڙدين جا جت آهن (ريتي معنيٰ ڳاڙهو).

رَيَپَر: مهرن جو هک پاڙو آهي.

ريجهسنگهاڻي: هندن جي هک آکھ جو نالو.

ريحا: شنباڻي بلوچن جو هک پاڙو. هي سيد علي بن سائينداد شنباڻيءَ جو اولاد آهن.

ريحان: پنجاب کان آيل هک ذات آهي.

رَيحانزئي: بروهين جي شاهوزئي قبيلي مان هک پاڙو آهي.

رَيحاڻ: سمن ۾ پنجابين جو هک پاڙو آهي.

رَيحاڻ پوٽا: باريچن جو هک پاڙو آهي. ٽر ۾ سومرن جو پاڙو آهي (ريحان پوٽا ۾ شيخ ريحان سومرو).

ريحاڻي: رندن جو هک پاڙو آهي. چانگن ۾ پڻ آهن.

رَيدَ: سماٽي جتن جو هک پاڙو آهي.

ريديٽي: جتن سان واسطو رکندڙ ذات آهي.

رَيڏيَ: چاچڙن جي نورنگ شاخ مان هک پاڙو آهي.

ريدار (ريڊر): رڍن پالڻ وارا. اهي اونن ۾ سماٽي جتن جو هک پاڙو آهي. ٽر ۾ لاڙ وارا ريدار جت مَنهون راڄ جتن ۾ شامل آهن. ريدار جت خيرپور ميرس جي شادي خان ڳوٺ جي پرسان وينا آهن. سندن گهر ڪاٺ جا نهيل آهن. جن تي رنگ سازيءَ جو ڪم ٿيل آهي. هي جت ڏارين مان شاديون نه ڪندا آهن نه ڏارين کي سگهَ ڏيندا آهن. سنين جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ريدار" آهي. ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ جو پڻ هک پاڙو. لاشارين جي مچر شاخ ۾ پڻ "ريدار" پاڙي جو ڏس آهي.

رَيدَرَ: خيرپور ميرس ۾ اڇڻ رهن ٿا. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "ريدر" آهي. چانديين ۾ خاصخيلين ۾ پڻ "ريدر" پاڙو آهي.

ريرا: گهرٽ هندن جو پاڙو آهي. ٽر ۾ رهن ٿا.

ريسَتَکو: بروهي قوم جو هک پاڙو آهي. (ڪتاب سنڌ ۾ بلوچستان جو سير ۾ سفر از هنري پاٽنجر).

رِيسَرَ: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ريڪي: ايران جا ڪاشتڪار ات پالينڊ بلوچ آهن. جيڪي 32 قبيلن ۾ ورهايل آهن. انهن مان تاتوزئي بالوزئي. هاشم زئي ۽ بروگوئي نهايت مشهور آهن. هنن مان ڪافي ڪراچي ۾ رهن ٿا.

ريڪيزئِـي: رخشائي رندن جو هڪ پاڙو آهي. جن جو مورث اعليٰ خيرو ريڪيزئي هو. (بحوالہ: ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 117).

ريگيزئي: جهلاواني بروهي آهن.

ريلاڻِـي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

رِيلڙ: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

ريڙي: ٽمين جو هڪ پاڙو آهي.

ريهاڙ: هڪ سماڻي ذات آهي.

ريهان: اعوان جت قبيلي جو پاڙو آهي.

ريهاندي: مغيري بلوچن جو پاڙو آهي.

ريهاڙ پوٽا: سومرن جو هڪ پاڙو آهي. هن پاڙي مان بزرگ هستيون ٿي گذريون آهن. هي شيخ رهاڙ ۽ جگري بہ سڏجن ٿا. (بحوالہ: ڪتاب سومرن جو دور ص 350).

ريهر: ڇهڙن (هندو ڏومتا) جو پاڙو آهي. هي توريون ۽ چليون ناهين ٿا.

ريهور: هندو پرماڻن جي هڪ ذات آهي.

ريا (Reya) : هندن جي هڪ ذات آهي. راجپوتن ۽ جتن مان آهن. بيوه جي شادي ڪن ٿا. ان ڪري راجپوت هنن کي پاڻ جهڙا تصور نٿا ڪن.


راجڙن جو شجرو
حضرت نوح عليہ السلام
بڌا
سنگا
همهر
پاگرت
ڏيرو
اجيپار
دسرت
(والده ڪسيلا)
رام
لکمڻ
نواڪس
اتت
تتت
ڪن
(هن ڪن جو شهر ٺهرايو هو)
سنبوت راجا
(راجپوتن جو ابو)
سام
جادم
هسپت
(سنڌ جي سمن جو ڏاڏو)
ڪجپت
(چغدن جو ڏاڏو)
پوپت
(پٽين جو ڏاڏو)
چوڙو
(چوڙا سمن جو ڏاڏو)
ابدري
نيٽ
راڻو نوتيار
اودو
بچيراء
سوڍو (اولاد سوڍا)
ويرم
ڏهر
پنسين
مهر
پهوڙ


آڏو
لاکيار
(لاکير)
چام لاکو
(بادشاھ ٽيو ۽ نٽي جي گندرن مان شادي ڪيائين)
انڙ
(والده گندري ملاح)
لاکو
سمون
(ڪاڪ جو حاڪم ۽ سرڪن جو پڳدار)
ڪاڪو
جياند
جاکرو/جکرو
پلي
سمون
(ملاحن جو سردار)
رائڏڻ
سمون
(سميجا هن جو اولاد آهن)
انڙ
28 پائر
ٽيبو
راڄڙ
هوڏي
انڙ
اولاد راڄڙ
راڄپر
راڄڙ
(اولاد راڄڙ)
حبو
ٽيبو
سمون
راڄپر
جوجو
ڏهر
پينسين
بٽڙ
سمون
چچو
ماهي
راڄڙ
(اولاد راڄڙ)
سهيو/ساهيو
ڏيرڙ
رکڻ
تڳاچي

راشدي سيدن جو شجرو (پير)




شاهه علي مکي لکياري
(راجا دلوراءِ جي ڏيءَ سان شادي ڪيائين)
محمد
مرادیو
حاجي عرف پرکيو
سيد چگو عرف چکن شاهه
شاهه حسين
شاهه محمد
شاهه محمود
سيد صدر الدين شاهه لکياري
سيد بهاءُ الدين شاهه لکياري
سيد شهاب الدين شاهه
سيد صلاح الدين شاهه
فضل الله
عباس
ناصر الدين
امير علي (مير)
حسين
شاهه بولڙ
سنجر
شاهه کٽڙ
عثمان


شكر الله
فتح محمد
محمد امام شاهه
سيد محمد بقا شاهه لكياري ولادت 1135 هه شهادت 1192 هه
مرتضي شاهه لكياري
سيد محمد راشد روزي ڈٹي
محمد ياسين شاهه جهنڈي ڈٹي
هدايت الله
ابو البقا مظهر الدين
سيد صبغت الله شاهه المعروف پير پاڳارو تجر ڈٹي (وفات 1246هه 1831ع)
فضل الله
رشيد الدين
ابو تراب رشيدالله
صديق رسول
حاجي هدايت الله ٹلاهي
علي محمد شاهه
سيد علي گوهر شاهه اول بنگلي ڈٹي (وفات 1263هه 1847ع)
پير شاهه
پير حامد شاهه
سيد حزب الله شاهه
سيد علي گوهر شاهه ثاني
سيد علي مردان شاهه اول
سيد صبغت الله شاهه ثاني شهيد
سيد سكندر علي شاهه (موجوده پير پاڳارو)
احمد شاهه راشدي
پير علي محمد شاهه راشدي
پير حسام الدين شاهه راشدي

رضوي سيد جو شجرو




ابراهيم اول
محمد شجاح
مشهدي
شيخ عمر شهاب الدين سهروردي صديقيءَ جي ڏيءَ سان نڪاح ڪيو
سيد محمد مڪي
سنڌ جي رضوين جو ڏاڏو سکر ۾ آمد 1260ع/658هـ ۽ وفات 1292ع/691هـ
صدرالدين محمد خطيب
وفات 1326ع/727هـ
بدرالدين
علاوالدين
علي
امام الدين
نظام الدين
نصرالله
قطب الدين
ڪمال الدين
تاج الدين
جمال الدين
موسيٰ
مريد شهيد
محمد
رڪن الدين
رحمت الله
جادو
صاحب
احمد شاهه
مبارڪ شاهه
ابراهيم شاهه
احمد شاهه ثاني
ابراهيم شاهه ثاني
جان محمد عرف جان شاهه
ميرغلام مرتضي ثاني
الله رکيو شاهه
منور علي شاهه
قلندر علي شاهه
سيد سعيد خان
سيد سلطان بايزيد اول
نٽي ۽ نصرپور جي رضوي سيدن جو مورث اعليٰ
غلام مرتضيٰ
محمود
فخرالدين
غلام مصطفيٰ
ابي الفتح محمد
علاوالدين
سيد دادو
عبدالڪريم
ميرحسن عرف حيدر شاهه حقاني
روهڙي جي رضوين جو ابن ولادت 915هـ بڪر
وفات 1630ع/1039هـ
عيسيٰ ڪلان
نصرالله
موسيٰ
آدم
جادو
ميران
تاج الدين
ميرحسن
سونهارو
عبدالله
محمود
اولاد عبدالله پوتا
ابوالغيث
نجم الدين
ناصرالدين
نظام الدين
رڪن الدين
عمر شاهه
سيد ميران
خلق الصدق
تاج الدين
يعقوب علي
1673ع/1083هـ ۾ سيوهڻ جو گورنر
نٽي وارا مهدوي سيد
ميرمحمد يوسف
عبدالرزاق


وفات 1631ع 1041ھ
عبدالشکور شاھ
عبدالستار شاھ
جمن شاھ
فتح علي شاھ
جان الله شاھ
لاولد
شاھ محمد شاھ عرف شاھن
کوبہ نرینو اولاد نہ ٹیو
شہاب الدین
علاؤالدین
مبارک (اول)
جلال الدین
سید محمود
محمد الحسیني محمد پ
اسماعیل
بایزید ثاني (ستار شاھ)
شہاب الدین
محمد ھاشم اول
کمال الدین
عباس
جلال الدین
مبارک ثاني
سید اسماعیل
عباس پوتا
جلال پوتا
مبارک پوتا
اسماعیل پوتا
سید عبدالقادر شاھ
(مؤلف حدیقۃ الاولیاء)
عبدالخالق شاھ
ھاشم شاھ ثانہ
مرتضیٰ
لطف الله
فتح الله
نورالله شاھ نوري
میر شاھ
یارالله
محمد اشرف
عبدالسلام
غیاث الدین
نجم الدین
حمید عرف پنیلڈ و شاھ

رند قوم جو شجرو




مورث اعلیٰ لغاري
میر احمد خان
سردار صاحب خان
سردار لنگر خان
سردار لوڙا خان
شهباز خان
جام خان
عالم خان
سردار لعل خان
سردار مبارک خان
بهرام خان
لشکر خان
سردار فتح خان
سردار محمد خان
سردار الهیار خان
سردار فتح خان
لعل خان
سردار لنگر خان
سردار محمد حیات خان
مبارک خان
لشکر خان
ذوالفقار خان
سردار چراغ خان
سردار فتح خان
سردار عبدالرحمن خان
سردار مبارک خان
جاماڻي رند بلوچ
بهادر خان
غلام محمد خان
محمد مراد خان
غازي خان
عالم خان
کانو خان
عالماڻي رند بلوچ
لڏو خان
قدير خان
بلوچ خان
فتح محمد خان
محمد خان
محمد حیات خان


حسن خان
سردار مهر خان
شادي خان
سردار لعل خان
عظيم خان
سردار جمفر خان اول
حاكم خان
سردارخان
سردار جعفر خان ثاني
حاكم خان
چراغ خان
سهراب خان
ميرباز خان
سردار الهجوايو خان
سردار بهادر خان
سردار فتح خان
سردار محمد امير خان
سردار جمفر خان
سردار الطاف علي خان
سردار محمد جهانگير خان
محمد حفيظ خان
صاحبزاده محمد جمفر خان
سردار دوست خان
سردار عطا محمد خان
سردار عزيز خان
سردار محمد افضل خان
سردار تاج محمد خان
سردار محمد نواز خان
سردار لعل خان
سردار غلام سرور خان
سردار مبارک خان
محمد يعقوب خان
اورنگزيب خان
محمد ممتاز خان

ز

زاد: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

زاورياڻي: هڪ مسلمان غير سمات ذات آهي.

زاهدي: ملاح ۾ مهاڻا آهن. گهٽي پرهيزگاريءَ سبب "زاهدي" سڏجڻ لڳا.

زبتي: هڪ مسلمان غير سمات ذات آهي.

زبراڻي: گورچاڻي بلوچن جي درڪاڻي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

زبيدي: عراق ۾ سامره جي پرسان هڪ "زبيد" نالي سان شهر آهي. ان شهر جا سيد پاڻ کي "زبيدي" چوائين ٿا.

زبيري: عربن جي زبيري قبيلي مان آهن. دوست محمد زبيري عرب مان اچي هالن ۾ رهيو. سندس ڪيڏ وڏيو جن پاڻ کي "زبيري" سڏايو. هن کي قاضي بہ چون ٿا. هنن مان حافظ محمد زبيري مشهور هو. جيڪو آخوند نجم الدين دادو وارن جي مسجد جي احاطي ۾ دفن ٿيل آهي (بحوالہ:ڪتاب جنب گذاريم جن سين، پاگو پهريون ص 191).

زخاخيل: آفريدي پٺاڻن جو قبيلو آهي. هن جون خاص شاخون هن طرح آهن: 1. باڙي خيل، 2. پائندي، 3. خسروزئي، 4. دائود دين، 5. سلطان خيل، 6. شام خيل، 7. مجرخيل ۽ 8. نصيرالدين خيل. اولاخيل پڻ آفريدي پٺاڻن جو قبيلو آهي، جن مان زخاخيل آهن.

زدرياڻي: ڪوسا قبيلي جو هڪ پاڙو آهي.

زرخاڻي: فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، دولتمند، مالدار. هي بگٽي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

زرخيل: معنيٰ شاهوڪار گهراڻو. دهوار بروهين جو پاڙو آهي، جيڪي مالداريءَ سبب نهايت مشهور هئا.

زردارزئي: محمد شهي بروهين جو هڪ پاڙو آهي. هي مالدار هئڻ ڪري "زردارزئي" سڏجن ٿا. ڪردن ۾ پڻ "زردارزئي" آهن.

زرداري: فارسيءَ جي بن لفظن جو مرڪب آهي، زر + دار. زرمعنيٰ دولت، مال ۽ دار معنيٰ رکڻ، ڏارڻ، وارو وغيره يعني دولت وارو، مالدار شاهوڪار، زر وارو. ڪهاوتن ۾ آهي تہ جت قبيلي جو هڪ اڳواڻ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو خاص مريد هو، جنهن وٽ تمام گهٽا ان هئا ۽ هي زر وارو هئو، جنهن کي ميان نصير محمد زردار جو لقب ڏنو، ان ڏينهن بعد ان جت کي زردار خان سڏيو ويو. ۽ سندس اولاد پاڻ کي "زرداري" سڏايو.

چوٽي: زردار کا سودا هي، بي زرکا خدا حافظ.

[سودو امير جو، غريب جو الله واهي بحوالہ: حسن اللغات ص 492]

زرداري سنڌ جا سماڻي جت آهن، جن وٽ تمام گهٽا اٽ هوندا هئا، جنهن ڪري هي زر وارا ۽ مالدار سڏبا هئا، جنهن نسبت سان هي ذات (قوم) جا "زرداري" سڏجڻ لڳا. ايس - صادق عليءَ جي لکيل ڪتاب The muslman Races found in Sindh. Balochistan and Afghanistan ڇاپو 1901ع جي ص 431 ۽ ص 55 تي The Jat (Camel - breeders) واري عنوان ۾ سماڻي جتن جا 91 پاڙا لکيل آهن، انهن مان جريان نمبر 91 تي "زرداري" لکيل آهي.

ڪتاب "سمات" جي مصنف ڊاڪٽر الهه رکيو ٻٽ ص 57 تي سماڻي جتن جي احوال ۾ زرداري ذات کي "جت" لکيو آهي. سائگي طرح هندستان جي آدم شماري رپورٽ 1911ع، 1921ع ۽ 1931ع ۾ زرداري (ذات) کي سنڌ جي سماڻي جتن مان ڏيکاريو ويو آهي. ڊاڪٽر زيگ، ڊاڪٽر هائنس، ٽاڊ، ايليٽ وغيره جي لکڻين مان معلوم ٿئي ٿو تہ زرداري سنڌ جا جت آهن، هي بلوچ نہ آهن، اها تصديق مولانا شر جي لکڻين مان پڻ ٿئي ٿي. ايس - صادق علي ڪتاب جي ص 29 تي "جت بلوچن" جا 37 پاڙا لکيا آهن، ليڪن انهن ۾ "زرداري" لکيل نہ آهي، جنهن مان پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ هي بلوچ نہ آهن. زرداري سماڻي جتن جا خاص پاڙا هن طرح آهن: 1. بجاراڻي (بجراڻي)، 2. پنجاڻا، 3. جنگاڻا، 4. زنگاڻا، 5. سلاراڻي، 6. لالاڻي، 7. لڏاڻا، 8. ميراڻي، 9. مرکاڻا، 10. صلحاڻا ۽ 11. داداڻا.

ڪتاب وادي ليارى موجب سردار خان جت "زردار خان" جي نالي سان سڏيو، ان ڏينهن بعد هي جتن بدران "زرداري" سڏجڻ لڳا، زردار خان کي اٽ پٽ سالار خان، جنگو خان، زنگو خان، مرکو خان، صالح خان، داد خان، پنجو خان ۽ لڏو خان هئا، جن جي پنيان سندن پاڙن جا نالا پيا. ڪن روايتن مطابق هي مير جتن جو پاڙو آهي.

زَردارِي: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

زردوز: مڪران ۾ رهندڙ هڪ مسلمان ذات آهي، شايد هي بلوچ آهن.

زرڪاڻي: جامع سنڌي لغات ۾ بگٽي بلوچن جا جيڪي پاڙا لکيل آهن، انهن مان هڪ پاڙي جو نالو "زرڪاڻي" آهي.

زَرڪزَئِي: فارسي لفظ آهي، زرڪ معنيٰ داناءِ (زيرڪ) ۽ زئي (زئيدن) معنيٰ ڄمڻ، هي زيرڪ خان جو اولاد زرڪ خان آهي، جنهن جي نسبت سان زرڪ زئي سڏجن ٿا. زرڪ زئي بروهي آهن، جن کي "زهري" بہ چون ٿا. هنن جو قومي سردار هن پاڙي مان آهي، هن وقت سندن سردار دودا خان جو پٽ سردار علي خان آهي.

ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 76 موجب تنگو خان بروهيءَ جي پٽ جو نالو "زرڪ" هو، جنهن مان "زرڪزئي" آهن، وادي زهريءَ ۾ رهڻ ڪري هي زهري بہ سڏجن ٿا.

زَرڪني: پناڻن جو پاڙو آهي، بگٽين ۾ پڻ "زرڪني" پاڙو آهي، ڪتاب پنجاب کي ذاتين ص 109 تي لکيل

آهي ته زرڪني. بگٽين جو پراڻو نالو آهي.

زَرگَر: فارسي لفظ آهي. زرمعني سون گر معنيٰ ڪاريگر. يعني سون جو ڪاريگر. سونارو. ايران ۾ هڪ ذات جو نالو آهي. جن مان ڪجھ ڪراچي ۾ رهن ٿا.

زرياڻي: ڪتاب پنجاب ڪي ذاتين جي ص 125 تي لکيل آهي ته "زرياڻي" سوري لنڊن جو پاڙو آهي. ڪرمتين جي جَماري شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

زَرِيناڻي: لنڊن جي ذات آهي.

زغماڻي: جتڪ بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

زڪريا: سمان ميمڻ ۽ ڪاري ۾ رهندڙ ملاحن جو پاڙو آهي.

زِڪريا: ڪچ ۾ ڪان آيل نو مسلم ميمڻن جو پاڙو آهي.

زِڪرياڻي: ڪلوڙن جي ذات آهي. ميمڻن ۾ پڻ آهن.

زَڪورخيل: لوڌي پٺاڻ آهن.

زَڪوزَئي: لوڌي پٺاڻ آهن.

زَمخاڻي (زِمخاڻي): بگٽي بلوچ آهن.

زَمراڻي: خرشيون پٺاڻن جو پاڙو آهي.

زَنَب: هندو قوم جي ذات آهي. جيڪي هندن جا ميراثي. مگٽهار. ڪجر ۽ سنگيت آهن. هن کي "دوم" به چون ٿا. هنن جون زالون نهايت حسين ۽ خوبصورت آهن. جيڪي ڳائين وڄائين ٿيون. هندن جي هڪ ورن جو نالو پڻ "زنب" آهي.

زَنجورزئي: ڪاکڙ پٺاڻ آهن.

زِنداڻي: پنگرن جو هڪ پاڙو آهي.

زندپور: سمن جي هڪ ذات آهي.

زَنگَ: هڪ سماڻ ذات آهي. جي اڪثر ڪري پيرن ۾ گھنگھرو ٻڌندا هئا. جنهن نسبت سان "زنگ" سڏجن ٿا. لوهرن ۾ پڻ زنگ آهن.

زَنگاٹا: زرداربن جو هڪ پاڙو آهي. هي انن ۾ چيرين ٻڌڻ. ناهڻ جا ماهر هئا. جنهن نسبت سان ذات جا "زنگانا" سڏجڻ لڳا. زنگاٹا فارسي لفظ "زنگ" تان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "چير". زنگي خان جت جو اولاد "زنگاٹا"

زنگزيگري: زنگ آفريڪا جي هڪ ملڪ جو نالو آهي. جتي جا حبشي نهايت مشهور آهن. انهن مان هڪ

پاڙن ۾ ذات جو نالو "زنگزيگري" آهي. هي ڪراچي ۽ سنڌ ۾ رهن ٿا.

زَنگواڻي: ڪوسن جو هڪ پاڙو آهي. (بحوالہ: جامع سنڌي لغات).

زَنگورياڻي: ڪوسن جو هڪ پاڙو آهي. (بحوالہ: ايس - صادق علي).

زنگي: هڪ مسلمان ذات آهي.

زَنگياڻي: ڪرمتي جت بلوچ آهن، ميرپورساڪرو، ڪراچي ۽ لسبيلي ۾ رهن ٿا. محمد حسني بروهين جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "زنگياڻي" آهي. ڪرمتي زنگياڻين جا خاص پاڙا آهن: 1. آدماڻي 2. احمداڻي 3. ايوڙاڻي 4. بنگلاڻي 5. بگٽياڻي 6. بهراماڻي 7. پيروزاڻي 8. جاڳواڻي 9. جيئنداڻي 10. چاڪراڻي 11. چتاڻي 12. ڏاندواڻي 13. ريدار 14. راهواڻي 15. رودٽاڻي 16. ساجناڻي 17. سوماراڻي 18. سومراڻي 19. شريشماڻي 20. شهاڻي 21. شيرواڻي 22. عالياڻي 23. فتحياڻي 24. قائماڻي 25. ڪانواڻي 26. گانگواڻي 27. گهٽواڻي 28. محمداڻي 29. محراباڻي 30. مڏهاڻي 31. مرداڻي 32. ميراڻي 33. ميرخاناڻي 34. ميياڻي 35. نندائي 36. لاڏواڻي 37. لالواڻي ۽ 38. هاديبخشاڻي.

زَنگيپوٽا: باڪڙا خاندان جو پاڙو آهي. باڪڙي کي چار پٽ هئا، جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "زنگي" هو. زنگيءَ جي اولاد پاڻ کي "زنگيپوٽا" سڏايو. هي لسبيلي ۽ ڪراچي ۾ رهن ٿا.

زَنگيجا: جتوئي بلوچن ۽ نوحاڻي بلوچن جي پاڙن جو نالو آهي. هي زنگيءَ جو اولاد آهن. جنهن نسبت سان "زنگيجا" سڏجن ٿا. سرائڪي ۽ بلوچي ڳالهائين ٿا. دينارين ۾ پڻ زنگيجا آهن.

زَنگيجا: سمن جي هڪ ذات آهي.

زنگيخاناڻي: ڪرمتين جي هدب (جت) شاخ جو هڪ پاڙو.

زَنگي خيل: يوسف زئي خاندان جي هڪڙي شاخ جو نالو بائيزئي آهي، ان بائيزئي جي هڪڙي پاڙي جو نالو "زنگي خيل" آهي.

زَنگيشاهي: دومڪي بلوچن جي هڪ ذات آهي.

زَنگهوري: ڪاڪڙ پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

زَنوراڻي: جمالي بلوچ آهن.

زَنئور: سرائي جت آهن. لسبيلي ۾ زوڙ سڏجن ٿا.

زوار: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. تعلقي جوهيءَ ۾ ڪاڇي واري حصي ۾ رهن ٿا.

زَوبراڻي: لهڙي بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

زَونَر: هڪ روايت موجب لسبيلي جي گونگن جي وڏي (سمون) ڏاڏي جو نالو "جهلو" هو. ان کي ٽي پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "ميران" هو. ميران جي پٽ جو نالو "سرمان" هو. ان جي هڪ پٽ جو نالو "زونر" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي ذات جا "زونر" چورايو. هنن مان ڪافي نقل مڪاني ڪري اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن.

زَهارا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

زَهرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

زَهراڻي: بلوچ، سما ۽ جت آهن، جن جو ذڪر هن طرح آهي.

1. مولائي شيدائي، تاريخ بلوچستان ۾ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ لکيو آهي ته "زهراڻي، گورچاڻي بلوچن جي درڪاڻي شاخ مان آهن.
2. ايس - صادق علي ۽ ڊاڪٽر الهه رکيو ٻٽ (ڪتاب سمات) ۾ لکيو آهي ته "زهراڻي" سماڻي جت آهن، هي بلوچ نه آهن.
3. ڪتاب ٻيلاين جا ٻول ص 54 تي لکيل آهي ته "زهراڻي" ماندڙن جو پاڙو آهي.
4. عبرت اخبار اربع 15 آگسٽ 2001ع جي سروي رپورٽ موجب زهراڻي مري بلوچن جو هڪ پاڙو آهي، هنن جون عورتون شادي کان اڳ ۾ گوشت نه کائيندیون آهن. (ڏسو زهراڻي ذات جو شجرو)
5. ڪرمتين جي جانوري شاخ جو هڪ پاڙو.

زهرواڻي: بزنجو قبيلي جو پاڙو آهي.

زهروزئي: شهواڻي بروهين جي "عمراڻي" شاخ مان پاڙو آهي.

زهري: بروهين جو سردار قبيلو آهي، هن وقت مرحوم دودا خان جو پٽ سردار علي خان زهري هن پاڙي مان بروهي قبيلي جو سردار آهي، هن قبيلي کي "زرڪ زئي" به چون ٿا، هي اصل ۾ عرب آهن ۽ ڪي زهري جت به آهن. زهري بروهيءَ کي ڇهه پٽ هئا، موسيٰ مان موسياڻي، لوٽ مان لوٽاڻي، باجو مان باجوئي، نٿو مان نٿواڻي، ببر مان ببرزئي ۽ ڏاهو مان ڏايا (ڏاها) پاڙا نهيا آهن. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان جي ص 74 تي تيرهن پٽ لکيل آهن. نومڙين سيهن (سمات) جي هڪڙي پاڙي جو نالو پٽ (زهري) آهي.

زهرياڻي: مغيري بلوچن جو پاڙو آهي.

زَهريجا: گجر قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي (بحوالہ: ڪتاب بلوچ ۽ بلوچستان).

زَئنر: جت قبيلي سان واسطو رکن ٿا.

زيدبريا: سمن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

زيدپوتا: جاکرن منجهان شاخ جو هڪ پاڙو. محمد بن قاسم سان آيل عربن مان ڪن جاکرن مان شاديون ڪيون، سندن اولاد پاڻ کي عرب چوائڻ لڳا. زيد پوتا ۽ ان نسبت سان پاڻ کي عرب چوائين ٿا.

زيدي: حسني ۽ حسيني سيد آهن. هنن جو شجره هن طرح آهي.



زيرخاڻي: مگسي بلوچ آهن.

زيرڪ: گجياني (گدا) پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

زيرڪاڻي: محمد حسني بروهين جو هڪ پاڙو آهي.

زيشت: بنگش پناڻن جو هڪ پاڙو آهي.

زَيمڪاڻي: ڪوسن جي للاڻي (اسحاقاڻي) پاڙي جي ڪري آهي.

زَينداڻي: بڙدي بلوچن جي سندراڻي قبيلي مان آهن. هنن کي "زينداڻي" به چون ٿا.

زيندپوريا: هڪ بلوچ پاڙو آهي.

زيندياڻي: سندراڻي بڙدي آهن.

زَيهاداڻي: گورچاڻي بلوچن جي درکاڻي شاخ مان آهن.

س

سابڙا: سمن جو هڪ پاڙو آهي.

سابڪي: هي هوت بلوچن مان آهن. اڪثر ڪري سرائڪي بولي ڳالهائين ٿا. هنن جي هڪڙي پاڙي جو نالو حاصلاڻي آهي. تعلقي موري ۽ لسبيلي طرف هنن جا راڄ رهن ٿا.

سابقي: هڪ سماٽ ذات آهي.

سابواڻي: جڪراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي. هنن کي ساواڻي به چون ٿا.

سابا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ساٽڪ: ڪاڪڙ پناڻ آهن.

ساٽڪ زئي: سراواني پلوي بروهي آهن. جيڪي رئيساڻيءَ جي اثر هيٺ آهن. ڪردن ۾ پڻ "ساٽڪ زئي" آهن. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان جي ص 129 تي لکيل آهي ته "ساٽڪزئي" ساٽڪ ڪرد جو اولاد آهن. جنهن جا خاص پاڙا آهن: 1. ادريس زئي 2. بهادين زئي 3. احمد زئي 4. رحمت زئي 5. خاڪي زئي 6. بادين زئي 7. ذگر مينگل ۽ 8. جتوئي.

ساٽل: جوڪين جي تيبر شاخ مان آهن.

ساٽاڻي: سومرن جو هڪ پاڙو. هي شڪارپور ۾ رهن ٿا.

ساٽياڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ساٽياڻي: مغيري بلوچن جي ذات آهي. هن پاڙي کي "جهنڊي ڏڻي" به چون ٿا.

ساٽور: غير سماٽ آهن. لاڙڪاڻي ۾ ڪجهه گهر اٽن.

ساٽي: مچي وڪڻڻ ملاح ۽ مهاڻا آهن. هي ماڻي ۽ صبح پوتا به سڏجن ٿا. هن وقت پاڻ کي ميمڻ ۽ سومرا به چوائين ٿا.

بيت: هيري هٽ وڏائين، ويهي ساٽين وچ ۾. (سرڪاموڏ - شاهه)

ساج: جٽ راجپوت قبيلي جي ڏلو شاخ مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

ساجدي: بلوچستان جا جهالاواني پلوي بلوچ آهن. جن کي نهروي بلوچ به چون ٿا. هنري پاٽنجر هنن کي "ساجدي" ۽ م - ک پيڪولين "سنجري" لکيو آهي. هنن جو سردار مير شاهه سوار وڏي نالي وارو هو. ڪتاب بلوچ قوم کي تاريخ از محمد سردار خان بلوچ ص 696 تي لکيل آهي ته ساجدي "جٽ" آهن. احمداڻي.

محموداڻي، سارياڙي هسواڻي ماڪڪاڙي، بيزناڻي، سنگر، يوسفاڻي، سندواڻي، نوتاڻي، گدور، هيجاڙي، تيمراڙي، ميران زئي، ساڪازئي ۽ نوشيروائي، هنن جا پاڙا آهن.

ساجِراڻي: برڙن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي، هي بلوچستان ۾ رهن ٿا. (نصيرآباد - طنبو)

ساجَناڻي: لغاري بلوچ آهن، سومرن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ساجناڻي" آهي. هي ساجن جو اولاد آهن، ٿر ۾ رهن ٿا. (بحوالہ: ڪتاب سومرن جو دور ص 350)

ساجِناڻي: چنا ۽ جوڙيجا آهن. ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ جو پڻ هڪ پاڙو. هندن جي "جسوجا" نک جي هڪ آکيه جو نالو "ساجناڻي" آهي. هي سيڻ ساجن مل ولد رنگو مل جو اولاد آهن. جيڪي اصل ۾ لهاٽا آهن. هن وقت هي پوڄواڻي ۾ سڏجن ٿا.

سادَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سادووال: اعوائن جو هڪ پاڙو. هي شاد (سادم خان) بن حضرت بابا سجاول جو اولاد آهن.

ساڏواڻي (سدواڻي): مزاري بلوچن جو هڪ پاڙو آهي. رحيم داد مولائي شيدائي سادواڻي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان سدواڻي لکيو آهي.

ساڏَ: هندو پڳت ۽ هندو جٽن جي ذات آهي، ساڏ مسلمان پير جي برابر آهن.

ساڏر: راڄپرن جي هڪ ذات آهي.

ساڏَرجا: راڄپر آهن.

ساڏيا: راهومن جي ذات آهي.

ساڏَرَ: راهوما ۽ سمان آهن.

ساڏور: ٽري نڪرن جي ذات آهي. هي هندو آهن.

ساڏورا: هڪ سمات ذات آهي، ننڍي ضلعي ۾ ڪجهه گهر اٽن.

ساڏي: هندو اوڏن جي ذات آهي.

ساڌ: مگرين جو هڪ پاڙو. هي سادِر پٽ سوم پٽ اسوڏو جو اولاد آهن.

سار: راهوما ۽ سمان آهن. هي مختلف شين مان عرق ڪيندا هئا ۽ شيره ناهيندا هئا. ان ڪري "سار" سڏجڻ لڳا.

ساربانِي: افغاني پٺاڻ آهن. عبدالرشيد (قيص) پٺاڻ کي ٽي پٽ هئا، جن مان هڪڙي جو نالو "ساربان" هو. ان ساربان جي اولاد کي "سارباني" چون ٿا. ساربان کي وري ٻه پٽ هئا، هڪ جو نالو شرف الدين هو، جنهن مان

"شرفيون" پناڻ آهن. ٻئي پٽ جو نالو خيرالدين هو. جنهن مان "خرشيون" پناڻ آهن. انهن ٻنهي شاخن مان پناڻن جو راڄ وڌيو آهي.

سارسُوتَ (سرسوت): ٽري هندو برهمڻن جي هڪ ذات آهي.

سارمٽاڻي: لورن جي هڪ ذات آهي.

سارنگ: سمن جي هڪ ذات آهي، راڳ ڳائڻ ۾ مشهور هئا. جنهن سبب هنن کي ذات جا "سارنگ" چيو ويو. نهڙين ۾ پڻ "سارنگ" آهن. هي سارنگ بن جراڙ بن ميڻن جو اولاد ٽين. مگرين ۾ ٻه "سارنگ" هڪ پاڙو آهي. هي ٻهڻ پٽ ٻير ڏهه جو اولاد آهن. مشهور بزرگ مخدوم عبدالرحيم مگريو گرهوڙيؒ هن پاڙي مان هو.

سارنگاڻي: رندن ۽ خاصخيلين جو پاڙو آهي. لاشاري بلوچن ۾ پڻ "سارنگاڻي" آهن.

سارنگزئي: دهواري بروهي آهن.

سارونيا: سمات ذات آهي.

ساري: ڏوٻين جي هڪ ذات آهي. (بحوالہ: ڪتاب پنجاب کي ذاتين).

ساريا: سميجا ڪل مان آهن، جن جو واسطو انڙن سان آهي. هي سمن، ابڙن ۽ ملاحن جي ذات آهي، هي نهايت پراڻي سمات ذات آهي، جنهن ۾ ڏاريجا، راهوجا، مناهيجا، فيروزيجا، ڪيريا ۽ منگواڻا شامل آهن. هي جنگجو هئا، ڪين پنهنجو لشڪر هوندو هو. ڪَڪَڙ ۽ خانپور هنن جو خاص علاقو آهي، سارين جي دعويٰ آهي تہ اسان عرب آهيون، حضرت عمر فاروقؓ جي هڪڙي خاص سپہ سالار جو نالو "ساريو" هو، جنهن ايران فتح ڪيو هو، اسان ان جو اولاد آهيون. سندن اها دعويٰ ڪمزور آهي.

ساريجا: ساريا قوم مان قُٽل ذات آهي، ساريجو معنيٰ ساريا جو اولاد، پٽ، هي سميجا، ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ساريي پوٽا: راڏا بنديجا ذات جو پاڙو آهي.

ساڙها: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ساسولي: بزنجو بروهي قبيلي جو پاڙو آهي، ڪوهستان ۾ سينهان رهن ٿا. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ساسولي" آهي. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 80 تي لکيل آهي تہ محققن جي راءِ آهي تہ "ساسولي" هوت جي اولاد مان "جت" آهن، جن کي گڏيل سڏيل بلوچ چون ٿا. آخونداڻي بہ هنن مان آهن. ڪتاب جنب گذاريم جن سين ص 502 تي لکيل آهي تہ موسا، ساسولي ۽ سڪونا جام آري برفت (حملاڻي) جو اولاد آهن.

ساسِيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ساڪازئي: ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 116 موجب "ساڪازئي" ساجدي جت بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

ساکروئي: سومرن جو هڪ پاڙو آهي.

ساکري: سمن جي هڪ ذات آهي.

ساک: پاڙها ذات جو هڪ پاڙو آهي.

ساکاڻي: چانديا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي جي لکڻ موجب "ساکاڻي" مگسي آهن. جوکين جي تيپر شاخ مان پڻ "ساکاڻي" آهن.

ساک پوتا (اسحاق پوتا): موندرن (سومرا) جو هڪ پاڙو آهي. هي لسبيلي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا. جوکين ۾ پڻ آهن.

ساکرو: سمن مان آهن.

ساکڑا: سمن مان آهن. هنن جا چند گهر سيوهڻ شهر ۽ باجارن جي پرسان آهن.

ساگراڻي: مسلمان ملاح ۽ مهاڻا آهن. دريائن ۽ سمندن جي نسبت سان ذات جا "ساگراڻي" سڏجن ٿا. هندن جي "چابڙيا" نک مان حيدرآباد جي مکين جي هڪ آکيه جو نالو. هي سگر مل (جنم 1720ع) خداآبادي جو اولاد آهن. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ هنن کي کوسن قريو هو. ان ڪري خدآباد مان پاڻ پيٽن.

ايوڏيا جي هڪ راجا جو نالو "ساگر" هو. جنهن جي اولاد ۽ پوئلڳن پڻ پاڻ کي "ساگراڻي" سڏايو. هندن جي عقيدي موجب "ساگر" "ست" آهن: 1. لوڻ جو. 2. کير جو. 3. گيهه جو. 4. ڏهيءَ جو. 5. شراب جو. 6. ڪمند جي رس جو ۽ 7. ماکيءَ جو. جن جي پوڄا پاٺ ڪرڻ وارن کي "ساگراڻي" چون ٿا. ساگراڻين جا چند گهر حيدرآباد ۾ آهن.

ساگري: ترڪئي (ترڪي) پٽائن جو هڪ پاڙو آهي.

ساڳراڻي: پليجن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

ساڳڙ: هڪ مسلمان سمات ذات (سمه) جو نالو آهي. چون ٿا ته ساڳڙ، ڏماچ، پنهيرو، سنيو، ڪوريجو، ڪجيجو ۽ ناريجو پاڻ ۾ پائر ٿين.

ساڳڙيا: ساڳ جي ڪاٺ مان ٻيڙيون ناهڻ وارا ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سالاڻ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سالار: معني اڳواڻ. جوکين جي هڪ قبيلي جو نالو آهي. جنهنجا خاص پاڙا آهن: 1. ٽيوهاڻي 2. جاکرا 3. روڙيپوتا 4. غلاڻي ۽ 5. قيصر. سالار لسبيلي، ڪراچي ۽ ٺٽي ضلعي ۾ رهن ٿا. هي اڪثر ڪري جدگالي

۽ بلوچي زبان ڳالهائين ٿا. هزارا (هزاروي) پنائن جا خاص تي پاڙا آهن. جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو ۽ "سالار" آهي.

سالاراڻي: مري بلوچن جي بجراڻي (بجاراڻي) قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. لاشارين ۽ جتن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "سالاراڻي" آهي. ونهيو فقير سالاراڻي جت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي قرب وارو هو. ڪرمتين جي جماري شاخ مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو.

سالار خيل: ڪاڪڙ پنائن ۽ شيراني پنائن جو هڪ پاڙو آهي.

سالارزئي: خرشيون پنائن جو پاڙو آهي. راءِ بهادر هتورام جو بيان آهي ته "سالارزئي" رئيساڻي قبيلي جي رائوسين زئي پاڙي مان آهن.

سالڪي: هڪ غير سماڻ ذات آهي.

سالوياڻي: عمراڻي بلوچ آهن.

ساليواڻي: جڪراڻي بلوچ آهن.

سامتا: سامتاڻي هندن جي هڪ نک (هاٿيراڻي) جو نالو.

سامتيا (سمتيا): پنجاب کان آيل سرائي جت آهن. هن ذات جي پنڌيان پان شهر جي پرسان هڪ وڏو ڳوٺ "سامتياڻي" آهي، جنهن ۾ پڻ سرائي جت رهن ٿا. هندن جي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته هتي "سامتا" هندو رهندا هئا. ان ڪري ڳوٺ جو نالو انهن جي پنڌيان پيو.

سامَتَيا: سنسڪرت جو لفظ "شرام" آهي، جنهن جي معني پناهه. اجهو آهي. جڏهن سومرن جي مٿان ظلم ٿيا هئا. تڏهن انهن جي ڪجهه غورتن "سام" ورتي هئي، جن کي سام ٿيا. (سامتيا) چيو ويو. ان ڪري انهن کان سومرن جي هن حلقي وارن کي ذات (پاڙو) جا "سامتيا" سڏيو وڃي ٿو.

سامَتِيا: پنجاب کان آيل سرائي جت آهن. پنجاب ۾ سامتيا جات سڏجن ٿا.

سامِتِيا: جو مطلب آهي، متيءَ جو ڪم ڪندڙ ڪنڀار. گلال وغيره سامتيا سما آهن. هنن مان مسو فقير سامتيو نهايت مشهور هو. جنهن سال 1747ع /1160 هـ ۾ ڦٽي جي، راڻي ارجن ۽ ڏاراجي راڻيءَ جي وقت ۾، جابلو قومن سان منهن اٽڪايو هو.

سامڪ زئي: بروهين جي محمد شهي قبيلي مان هڪ پاڙو آهي.

سامل زئي: بنگش پنائن جو پاڙو آهي. ابستن لکي ٿو ته غار ۽ سامل ۾ پائر هئا. غار جو اولاد غاري پنائ ۽ سامل جو اولاد سامل زئي پنائ آهن.

سامئيا: هڪ سمات ذات آهي.

سامي: سنسڪرت جو لفظ سوامن ۽ هندي لفظ سواميءَ جو مخفف آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، خاوند، سالڪ، الله لوڪ، فقير. سامي هندو فقيرن جي هڪ ذات آهي، جن کي سيلاڻي فقير ۽ چون ٿا. هي اڪثر ڪري جوگين وانگر گيڙو رنگ جا ڪپڙا پائين ٿا.

بيت: **ڪال گڏئو سون ڪاپڙي، بايو بيڪاري،**
سامي سيلو سرتي، مالا موچاري،
ڏيتي ڏيکاري، ڦٽي دل فقير ويو. (شاهه)

سامينا: هڪ سمات ذات آهي.

سانپرائي: سمن جي ذات آهي. ٿر ڪڇ ۾ رهن ٿا.

سانپل: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سانجهيجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن، جيڪي شام (سانجهه) جي وقت مڇيءَ جو شڪار ڪندا هئا. ان وقت جي نسبت سان هي "سانجهيجا" سڏجڻ لڳا.

سانچا: مگڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

سان خيل: شيراني پٺاڻ آهن، پٺرن (سان) جي ڪم ڪرڻ جي نسبت سان "سان خيل" سڏجن ٿا. سان هندي لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي "پٿر" "سنگ" وغيره.

ساند: سام ۽ جادم جي اولاد مان "نريت" هو، هي سنڌ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ جي سمن جو ڇڳو مڙس هو. هن جي اولاد مان لاکو گوڙا (1250ع) هو، جنهن کي اٺ پٽ هئا، جن مان هڪڙي جو نالو "ساند" هو. ان ساند جو اولاد نجا ساند سما آهن، باقي بين نسلن وارا ساند سميجا ۽ ملاح نسل مان شمار ڪيا وڃن ٿا. ڏاهر ذات جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ساند" آهي. هنن جا خاص پاڙا هن طرح آهن: 1. ازدين، 2. پنگر، 3. تڳدار، 4. پلي، 5. جٽا، 6. جٽيجا، 7. دليپوتا، 8. رُجڻ، 9. روُها، 10. ساند، 11. سما، 12. سميپوتا، 13. سميجا، 14. ڏاهر (ڏهر)، 15. ڪامڙا، 16. گهمڻ، 17. مريڙا، 18. وڙيل.

پلي بن رائدن کي ست پٽ هئا، جن مان هڪڙي پٽ جو نالو ساند هو، ساند پنهنجي قوم جو سردار هو، ان جي اولاد ۽ راج پڻ پاڻ کي ذات جا "ساند" سڏايو. ساند لفظ جي معنيٰ آهي، سوراخ، جوڙ، عضوو، بند وغيره. وڏيڪ لاءِ جام جوٽو ۽ جام گڙاهو جا شجرا ڏسڻ گهرجن.

ساند ذات جو شجرو هن طرح آهي:



سانداڻ: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سانداڻن ذريعي پخال ۽ پاڻي پريندا هئا. جنهن نسبت سان ذات جا "سانداڻ" سڏجن ٿا.

سانداڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. جن جو پيشو پخال ۽ پاڻي پرڻ هو.

ساند پوٽا: ساند جي پٽن جو اولاد آهن. ساند پوٽا ذات مان عبدالغني واعظ (1119هـ) هڪ بزرگ ۽ عالم هو. جنهن مخدوم محمد مراد انصاري سيوهاڻي کي جمع نماز بعد مسجد ۾ ڪرسيءَ تي ويهي وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. (بحوالہ رسالہ السنڌ ص 90 ص39).

ساند جا: معني ساند جو اولاد. هي ٽيبا (ملاح) آهن.

سانڌ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سانڌاڻا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. (تاريخ سجاول)

سانڌاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن (تاريخ سجاول)

سانڌا: جٽ راجپوت قبيلي جي ڏلو شاخ مان آهن.

سانداٽا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

سانسي: هندو خانبدوش فقيرن جي ذات آهي.

سانسيا: هندن جي ذات آهي.

سانگ: هندي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، مسخري وجهڻ، راند ڪرڻ، کل پوڳ جي راند وغيره. سانگ ملاح ۽ مهاٽا آهن. شادين جي موقعن تي سانگ راند ڪندا هئا. جنهن نسبت سان هي ذات جا "سانگ" سڏجڻ لڳا. هي آبڙ ۾ اچن ٿا.

سانگاهه: سما خاندان جو پاڙو آهي. هي آبڙ ۾ اچن ٿا. قمبر تعلقي ۾ بيگ محمد سانگاهه جي نالي سان هڪڙو ڳوٺ آهي.

سانگرو: سمن جو پاڙو آهي، هي آبڙ ۾ آهن. سانگ راند جي ڪري سانگرو سڏجن ٿا.

سانگري: سمن جو پاڙو آهي. هي آبڙ ۾ آهن. راند جي نسبت سان سانگري سڏجن ٿا.

سانگڙا: ملاح ۽ مهاٽا آهن. سانگ راند. ڪرتب. مسخري ڪرڻ ڪري ذات جا "سانگڙا" سڏجن ٿا.

سانگلا: پرمار هندو آهن. سانگ راند ۽ ڪرتب ڪرڻ ڪري ذات جا "سانگلا" سڏجن ٿا.

سانگو: راجپوت آهن. جيڪي راجا سانگاڻيءَ جو اولاد آهن. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر).

سانگوان: چوهاڻ راجپوتن مان جٽ عورت جو اولاد آهن. ان ڪري جٽ سڏجن ٿا. هي پاڻ ۾ چار پائر جاکڙ، سانگوان، پيرو ۽ قاديان هئا.

سانگواڻي: کوسا قبيلي جو پاڙو آهي. سانگ راند ۽ تماشي ڪرڻ سبب ذات جا "سانگواڻي" سڏجن ٿا.

سانگي: ملاح ۽ مهاٽا آهن. شادين مرادين تي سانگ راند ڪرڻ، مسخري وجهڻ وارن کي "سانگي" چيو ويو. ان بعد ذات جا "سانگي" سڏجڻ لڳا. سنڌ کان ٻاهر هي سولنگي، سانگڙا ۽ پنڌ سڏجن ٿا. ابڙن، ڀهوڙن، راڄپرن ۽ ٻاهڙن جي پاڙن جا نالا پڻ "سانگي" آهن. اهي سڀ پاڙا سميجا اوڙڪ مان آهن.

(سانگ) - سانگي هندي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، منهن جو چهرو مٽائي مسخري وجهڻ. (راند وجهڻ). چاچڙن جي جگانند قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "سانگي" آهي.

بيت: ڪاڄ جنين جو ڪکيون، مال جنين جا مـــڏ،
سمي سيئي سيڻ ڪئا، هيڻ جنين جا هڏ،
چامر! پرتيءَ لڏ، سانگين جي، سيد چي. (شاهه)

ڀهوڙن جي حوالي سان سانگين جي شجري لاءِ ڏسو (س اکر جي آخر ۾).

سانگهرو: سمن جي ذات آهي. هنن جو واسطو ابڙن ۽ جوٽيجن سان آهي. هن ذات وارا گهٽو ڪري لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آباد آهن.

سانگري: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سانورا: سماٽ ذات آهي. مگرين ۾ پڻ هڪ پاڙو. هي سانورو پٽ خيرو پٽ جهنبو پٽ اسوڏو جو اولاد آهن.

سانولاڻي: جت بلوچ آهن. فقير سانول جت جي اوڙڪ مان آهن. لسٻيلي ۽ بلوچستان ۾ رهن ٿا. ڪتاب جنب گذاريم جن سين ص 204 موجب "سانولاڻي" هندن جي ذات آهي.

سانوند (ساوند): سمن جي هڪ ذات آهي. جيڪا ملاحن جي اوڙڪ ۾ اچي ٿي. وزيراڻي هنن جو خاص پاڙو آهي. سانوند سومرن جو پڻ پاڙو آهي.

سانوٽاڻي: هڪ سماٽ ذات آهي.

سانهاڻي: بنگلاڻي بلوچن جو پاڙو آهي. هنن جون عورتون شاديءَ کان اڳ گوشت نه کائيندیون آهن.

سانئريا: سمن جي ذات آهي.

ساواڻي: جکراڻي بلوچن جو پاڙو آهي. هن کي سابواڻي (صابواڻي) پڻ چون ٿا.

ساوٽاڻي: پرڳڙين جو پاڙو آهي. ساوٽاڻي جاڙي خان پرڳڙيءَ جو اولاد آهن. پنهنجي ڏاڏي جي نالي پٺيان ساوٽاڻي سڏجن ٿا. سندن شجرو هن طرح آهي:



ساها: هندي لفظ آهي. جنهنجي معنيٰ آهي. "فصل". ساها سماٽ آهن. جن جو گذر سفر فصلن تي هو. ان نسبت سان ذات جا "ساها" سڏجن ٿا.

ساهت: سمن جي ذات آهي.

ساهتا: سما ۽ مهاڻا آهن.

ساهراڻي: سماڻي جت ۽ سڏايا آهن.

ساهڙ: سما ۽ ملاح آهن. جاکرو يا جکرو ملاح آهي. ان جي هڪڙي پٽ جو نالو "ساهڙ" هو. ان پٽ جي اولاد پاڻ کي ساهڙ ۽ ساهڙ سما سڏايو. ساند بن پليءَ جي اولاد مان پڻ ساهڙ آهن. جن جو شجره هن طرح آهي:



نهڙي سما آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ساهڙ" آهي. هي ساهڙ بن لاکو بن جکري جو اولاد آهن. راهو ساهڙ ۽ ڳاهو پائر هئا. هنن جو انڙ پوٽن سان بہ واسطو آهي. پنجاب کان لڏي آيل سرائي جتن ۾ پڻ "ساهڙ"

آهن. هڪ ٻئي حوالي موجب دل قبيلي جي ڏيئا شاخ مان پڻ "ساهڙ" آهن. بودلو. بائو ساهڙ ۽ گگن پان ۾ پائر هئا. سندن پنيان پاڙن جا نالا ٻيا.

ساهڙا: سماڻي ساهڙن مان قُـتل ذات آهي.

ساهنزئي: بگٽين جي راهيجا پاڙي مان آهن.

ساهووال: سماڻي جت آهن. جيڪي اڳ ذريعي واپار ڪندا هئا. ساهو هندي لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، سوداگر، واپاري وغيره.

ساهر: دلن جو هڪ پاڙو.

ساهي: راجا جگديو کي ٻ پٽ ساهي ۽ سنڌو هئا. جن جي اولاد پان کي "ساهي" ۽ "سنڌو" سڏايو. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر) هي سورج بنسي راجپوت آهن. جهنڊ وڻ جي پوڄا ڪن ٿا. مسلمان ۽ هندو آهن. هي دوگراڻ ٻ سڏجن ٿا.

ساهيجا: سمن جي ذات آهي.

سائچو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سائوجاٽي: گورچاٽي بلوچن جي هوتواڻي قبيلي مان آهن.

سائوند: ٿر ۾ رهندڙ هڪ مسلمان سماڻ ذات آهي.

سائيٽاٽي: عمرانيَ بُلوچن جو پاڙو آهي.

سائيناٽي: جوڪين جو هڪ پاڙو. لاشاري بلوچن جي منڊير شاخ مان پڻ آهن.

سائينداداٽي: ڪرمتين جي پئوا شاخ جو هڪ پاڙو. مشهور سگهڙ قادر بخش پٽ چوٽا خان هن ڪيڙ مان هو.

سايازي: ڪتاب بلوچ ۽ بلوچستان جي ص 116 تي لکيل آهي تہ "سايازي" ساجدي بلوچن جو پاڙو آهي.

سَبايا (سِبايا): سما ملاح آهن، جن جا خاص پاڙا 1- رستماڻي ۽ 2- منواڻي آهن.

سبراڻي: جمالي بلوچن جي ذات آهي.

سَبڙاڻي: قمبر جي طرف چاندين جا خاصخيلي آهن. هنن کي شابراڻي پڻ چون ٿا.

سبزاڻي: گورچاڻي بلوچن جي هلواڻي شاخ مان آهن.

سبزواري: سيد محمود سبز واري بن محمد جو اولاد آهن. سبز وار شهر ۾ رهڻ جي نسبت سان "سبز واري سيد" سڏجن ٿا. سندن شجرو هن طرح آهي:

سبز واري سيدن جو شجرو



سبزواڻي: بگڻين جي نوڪاڻي پاڙي مان آهن.

سبزوئي: بڙدي بلوچ آهن.

سبزئي: هڪ مسلمان غير سمات ذات آهي.

سبزي خيل: لوڏي پناڻن جو پاڙو آهي.

سبڪاڻي: ڪوسا بلوچ آهن.

سبنڪاڻي: جتڪ بروهين جو پاڙو آهي.

سپايا: سمن جي ذات آهي.

سَپَڙَ: سمن جو پاڙو آهي.

سَپَڙَجا: سمن جو پاڙو آهي.

سپاڳچنداڻي: هندن جي "ڳيرا" نڪ مان هڪ آکھ جو نالو.

سَپاني: هندن جي ذات آهي. هي ديوان سپاچند جو اولاد آهن. جيڪي "چچڙا" نڪ مان آهن. لالواڻي ۽ ريجهسنگائي هنن جا نڪڙ يا عزيز ٿين.

سَپُوپوٽا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ستا: ٿري هندو راجپوتن جي ذات آهي.

سَتاباڻي:سنڌيا ذات جو پاڙو آهي. ٽنڊي محمد خان ۾ رهن ٿا.

سُتارَ: بلوچستان ۽ لسبيلي جا رهاڪو. بلوچي زبان ڳالهائيندڙ. ڪاڻ جو ڪم ڪرڻ وارا وڏا آهن. جيڪي ذات طور "سُتار" سڏجن ٿا.

سَتاڻِي: چاندين جو پاڙو آهي. ضلعي لاڙڪاڻي ۽ دادو ۾ رهن ٿا.

ستروال: پنوار راجپوتن جو پاڙو آهي. هي پاڻ ۾ ٽي پائر. جاتو. رکو ۽ ستروال هئا.

سَتَلَو: ٿري هندن جي ذات آهي. ڪن ڪن جاين تي مسلمان بہ سڏجن ٿا.

سَتواڻي: هڪڙن جو پاڙو آهي. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رهن ٿا.

ستي: زواب خان ولد تخت خان کي هڪ ڪشميري عورت مان "ڏونڊ" نالي هڪڙو پٽ هو. هڪ بي عورت مان هڪ ناجائز پٽ "ستي" هو جنهن جو اولاد "ستي" سڏجي ٿو. ميجر ويس هنن کي هندو نسل ۽ ڪرنل ٽاڈ پنوار راجپوتن مان لکي ٿو. ڪافي مسلمان ٿيا آهن.

ستيا: پنجاب کان آيل سرائي آهن.

ستارا: ترکان هندن جو پاڙو آهي. لوهه ۽ ڪاٺ جو ڪم ڪن ٿا. چون ٿا ته ستارن مان سهتا ٿيا آهن، جيڪي پڻ لوهه جو ڪم (لوهار) ڪن ٿا.

سُتِرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ستِرا: مسخري وجهي پيندڙ فقيرن جي ذات آهي. هنن کي بي شرمائيءَ سان پنڊ وارا فقير چون ٿا. (جامع لغات سنڌي ص 1574) هندن ۾ پڻ هڪ آکاڻ جو نالو.

ستِرا شاهي: سکن جي ذات آهي، هي سچا برهمڻ جا پيروڪار ۽ هندن جي رسمن جا حامي آهن.

ستيا: سومرن جي ذات آهي، حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

سنيا: سمن، جتن ۽ برڙن جو پاڙو آهي. سنين ۽ ذاتين جي ماهرن جو چوڻ آهي ته "سنيا" ستين قوم مان آهن. ستيا لفظ ڦري "سنيا" ٿيو آهي. منهنجي راءِ اها آهي ته سنيا نجا سمات آهن نه ڪي ستين جو صوتي روپ آهن جي ستين مان آهن ته پوءِ جَتَ آهن ۽ جت به سما ۽ سمات آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: چاڪي، بيلاڻي، ڪٽيرا، پودرائي، محمد پوٽا، مانڊريا، لُريا، دوداڻي، ايرقاڻي، جانواڻي، پلينائي، ممڻ، پٽيلاڻي، ٽئائي، واڌاڻي، ريڍار، فضلاڻي، ڳوگاڻي، مريداڻي، بلالي، منداڻي، ڪانپائي، ڊُباڻي، صابوناڻي، بُٽاڻي، چنگاڻي، پيروئاڻي، ڪَر، مواتي، بُڌاني، پوتار، ڊانڊي، موالي، بڌاڻي، يعقوباڻي (پونگراڻي)، گهينچ، علوداڻي، پيرياڻي، ستاباڻي، ٽوڙهياڻي، لوهيڑا، ولايتي، تنبائي، لولو، ابناڻي، پنجواڻي، جعفراڻي، ڪيراڻي، ڪاراڻي ۽ لالاڻي (محترم اميد علي سنيو جي ٿورن سان) هڪ روايت موجب سنيو، پنيرو، ڏماچ، ڪجيجو، ڪوريجو، ساڳڙ ۽ ناريجو پاڻ ۾ پائر آهن. ڪن ڪن هنڌن تي سنيا پاڻ کي "سينڙ" چوائين ٿا.

سَنيار: سمن ۽ ملاحن جو پاڙو آهي.

سُپا: سمن جو پاڙو آهي.

سُپاڙ: ڪرمتين جي مَرگهر شاخ جو هڪ پاڙو.

سُپاهي: مڪراني بلوچ آهن. ڪراچي ۾ رهن ٿا.

سپاهيملاڻي: هندن جي ذات آهي. (بحوالہ: جنب گذاريم جن سين ص 127) هي سپاهيمل ولد ڪرمچند جو اولاد آهن. هي اروڙ ونسي آهن ۽ سندن نڪ جو نالو "نانگ ديو" آهي.

سُپتي: ٻڌ جا پوجاري هندو آهن. رلي پني دڙ وڃائي گذر سفر ڪن ٿا. سندن رهڻي ڪهڻي هيسي هندن جهڙي آهي، پر هو هڪ ٻئي کي پاڻ جهڙو نٿا سمجهن.

سَپَر (سُپير): سمن جو پاڙو آهي. هن جا خاص پاڙا 1- طبيباڻي، 2- ڪاڪيپوتا ۽ 3 - ڪچمي آهن.

سپرا: ملاح ۽ مهاٽا آهن. جهنگ پنجاب وارا سُپرا جتن جي گل شاخ مان آهن.

سپريا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

سُپڙَ: پينءَ سين بن ڏهر کي ڏهه پٽ هئا جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "سپڙ" هو. جنهنجي اولاد پاڻ کي "سپڙ" سڏايو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏهرن ۽ جوٽن جو شجره ڏسڻ گهرجي. تاريخي حوالن مان معلوم ٿو ٿئي ته "سپڙ" رونجهن جو پاڙو آهي. هي ڇام سپڙ رونجهي جو اولاد آهن. ڇام سپڙ سنڌ جو هڪ مشهور سخي ۽ ڏاتار هو.

بيت:

پيو ليٽين لٽ، سڄيون راتيون سمهين،
اڻي آڏيءَ نه ڪرين، سپڙ ساڻ سهٽ،
رونجهي رات اپٽيا، پيٽينئون پاٽيٽ،
ميڙي تئان مٽ، چونڊي پريا چارٽين. (شاهه)

هڪ ٻئي روايت موجب "سپڙ" دلن جو پاڙو آهي. پکريي دل کي چار پٽ هئا. جن مان هڪ جو نالو "سپڙ" هو. سندس اولاد "سپڙ" سڏجي ٿو.

سَپڙا: هندن جي ذات آهي، جهمٽ ذات وارا هنن مان آهن. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر) جتوئي قبيلي ۾ پڻ "سپڙا" پاڙو آهي.

سُپڙا: سما ۽ ملاح آهن.

سُپڙَيا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

سپل: ڏوٻين جي ذات آهي. (بحوالہ: ڪتاب پنجاب کي ذاتين)

سَپَيا: سمن جو پاڙو آهي. پينسين بن ڏهر جي پٽ جي نالي پٺيان "سپيا" سڏجن ٿا. هي پاڻ ۾ ڏهه ڀائر هئا. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏهرن ۽ جوٽن جو شجره پڙهڻ گهرجي.

سِپِيا: سنڌ جا سپيا عرب آهن، جيڪي پاڻ کي بني جريمہ جو اولاد سڏائين ٿا. ڪتاب "سمات" جي ص 57 تي لکيل آهي ته "سپيا" سومرا آهن. 1911ع واري آدم شماري رپورٽ ۾ ڇاڻايل آهي ته "سپيا" سنڌ جا سومرا ۽ سما آهن.

سُپيا: سمن جي ذات آهي. هي بہ چون ٿا ته اسان بني جريمہ جو اولاد ۽ سومرا آهيون.

سپير: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. سپيا ۽ سپير پاڻ ۾ ڀائر ٿين.

سپيرا: سمن جي ذات آهي.

سَجا: راڏا بنديجا ذات جو پاڙو آهي.

سِجاوَل: علوين جو پاڙو آهي. هي عرب آهن.

سجاولاٽي: مارفاٽي چاندين جو پاڙو آهي.

سُجاهِي: سماٽي جت آهن.

سجناٽي: انڍڻ جو پاڙو آهي.

سَجودي: بلوچ آهن. مڪران ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

سَجڻَ پوٽا: ملڪن جو پاڙو آهي.

سچانناٽي: هندن جي "ڳيرا" نڪ مان هڪ آکھ جو نالو.

سَچديوَ: هندن جي ذات آهي. هي اروڙ ونسي آهن. تولاٽي، جهانگياٽي ۽ جٽناٽي پڻ هن نڪ مان آهن.

سچيناٽي: ڪرمتين جي ڳورئي شاخ جو هڪ پاڙو.

سحاق پوٽا: باکڙن جي پاڙي جو نالو آهي. هنن کي "اسحاق پوٽا" ٻه چون ٿا.

سُخاٽي: مگسي بلوچن، مهرن ۽ سمن جو پاڙو آهي.

سَخِيرا: مهرن جي ذات آهي. پني عاقل ۾ رهن ٿا.

سُخيراٽي: ميراثي ۽ مڱٽهار آهن. سڏايا، ملاح ۽ مهاٽا آهن، انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "سخيراٽي" آهي. مهرن ۾ پڻ "سخيراٽي" آهن.

سَدارنگاٽي: هندن جي ذات آهي. ڊاڪٽرو هرومل فارسي زبان جو ماهر هن کيڙ مان هو.

سدڪاٽي: جکراٽي بلوچن جو پاڙو آهي.

سَدواٽي: مزاري بُلوچ آهن.

سدوزئي: فوفل پٺاڻن مان آهن. ابدالي پٺاڻن جو واسطو پڻ "سدوزئي" خاندان سان آهي. احمد شاهه ابدالي برصغير جو بادشاهه هن خاندان مان هو. جنهن پنهنجي دور ۾ محراب خان سدوزئيءَ کي شڪارپور جو گورنر مقرر ڪيو هو. مندنرڪابلي پٺاڻ آهن. جن جي ڇٽن شاخن مان هڪڙي شاخ جو نالو "سدوزئي" آهي.

سڏا: سماٽ ذات آهي.

سَڏاٽي: ڏاريجا چاچڙن جو پاڙو آهي.

سَڏايا: سما ۾ ڏل آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1- پارواڻي 2- پرياڻي 3- جاگراڻي 4- دراڻي 5- ڏاندائي 6- سانداڻي 7- ساهراڻي 8- سخيراڻي 9- صوپاڻي 10- عمراڻي 11- فريداڻي 12- قاسماڻي 13- هشاڻي.

سڏناڻي: "ڪٺهڙيا" نڪ مان هندن جي هڪ آکيڙ جو نالو. هي ڏنجاڻين جا نڪڙيا سوٽ ٿين.

سڏواڻي: آڏواڻي هندن جي هڪ آکيڙ جو نالو. هي سڏو مل جو اولاد آهن.

سَڏوپوٽا: ملاح ۾ مهاڻا آهن. سهتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "سڏوپوٽا" آهن.

سرا: پٺي راجپوتن مان جٽ آهن. هي سنڌ ۾ سرائي جٽ سڏجن ٿا.

سِراجا: ڏهرن جو پاڙو آهي.

سراجاڻي: مغيري بلوچن جو پاڙو آهي.

سِراج زئي: رئيساڻي بروهين جو پاڙو آهي.

سرار(سريرا): هي مسلمانن جي ڪرال شاخ مان آهن. هنن جو اصل وطن هزاره ۾ ڪشمير جا جابلو علاقا آهن.

سَرازَ: موجکو ۾ سوچکو ڏنڏو ڪرڻ وارن جي ذات آهي. يعني هي موچي آهن.

سرالِيا: بنيا ذات (واپاري) جو پاڙو آهي. هي اگروال آهن. سرالہ ۾ رهڻ ڪري "سرالِيا" سڏجن ٿا.

سَران: هڪ جابلو مسلمان ذات آهي.

سَراوان: رهائش جي لحاظ کان بروهي قوم وارا سراوان پلوي ۾ جهالاوان پلوي سڏجن ٿا. سراوان بروهي آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ 1931ع واري آدمشماريءَ جو حوالو ڏيندي هن ذات جا هينيان پارهن پاڙا لکيا آهن: 1- احمد زئي. 2 - التزئي. 3- بنگل زئي. 4- ديناري 5- رديدني. 6 -رئيساڻي 7- سنبلاڻي 8- قمبراڻي 9- ڪڙد 10- گرگناڙي 11- لنگر 12- لهڙي

ڊاڪٽر نبي بخش خان سراوان ۾ ٻين محققن "سراواني لکيو آهي.

سَرائِي (سَهرائي): پٺي راجپوت نسل جي هڪڙي ماڻهو جو نالو "سرائِ" هو. جيڪو حافظ آباد جو رهاڪو هو. هي پاڻ کي جٽ چورائيندو هو. سندس اولاد "سَرائِ" سڏجي ٿو. سنڌ جا ماڻهو هنن کي سِرائي جٽ چون ٿا.

سِرائِي (سِيرائي): محمد شبير احمد ظامي. ڪتاب سرائڪي زبان جي ارتقا ۾ لکي ٿو تہ سرائي معنيٰ سنڌ جي اترين خطي جا ماڻهو ۾ ٻي معنيٰ اٺين سنڌ جي ڪلهوڙن ۾ تالپر حاڪمن جو غير بلوچ سردار يا معتبر.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي اردو لغت حيدرآباد. سنڌ يونيورسٽي 1959ع ص 554 تي لکي ٿو ته سنڌ ۾ ڪلهوڙا حاڪمن پنهنجي ڪن خادمن، حاضريءَ جي ڪن غير بلوچ معتبر ماڻهن کي، نمڪ حلالي ۽ بهترين ڪارڪردگيءَ جي ڪري جاگيرون، ڏنيون ۽ کين "سرائيءَ" جو لقب پڻ ڏنو. جنهن جي معنيٰ آهي "معتبر". منشي عبدالرحمان، عبدالحميد عتيق فکري، عبدالحميد راشد، پيرو مل آڏواڻي، گريئرسن، مرزا قليچ بيگ، ايس صادق علي، ڊاڪٽر غلام علي الانا جي تحقيق موجب "سرائي" سنڌ جي اترين حصي مان لڌي آيل ذاتين وارن ماڻهن کي چون ٿا ۽ انهن جي زبان کي "سرائڪي" چون ٿا. پراڻي وقت ۾ سنڌ جو خطو بهاولپور، ديره غازي خان، ميانوالي ۽ ملتان ٽائين پکڙيل هو. اهي ماڻهو اتان لڏي سڄي سنڌ ۾ ٿر ۽ ساموندي ڪناري تائين پکڙجي ويا، جتي پاڻ کي "سرائي" سڏائڻ لڳا. اهي اڪثر ڪري لاڏو ماڻهو ۽ گهٽ ذات وارا پورهيت مسلمان غير مسلمان هئا، جن ۾ جت، ڇت، جات، جاٽيا ۽ "خدمتگار"، ڀهاريدار شامل هئا. مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي تحريرن ۾ ڪلهوڙن کي به "سرائي" لکيو آهي.

روزمره جي زندگيءَ ۾ ان معلوم ٿئي ٿو ته ڪن ڪن جاين تي بڙدي، جتوئي، خاصخيلي، کهاوڙ، کوسا، برهماڻي، جت، ملاح، خشڪ، مير جت، سولنگي، ڀهاري ڏينَ وارا پنگي به "سرائي" سڏجن ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات جي جلد نمبر4 ۾ سرائي کي "سيرائي" لکيو آهي. جنهن جا هن 24 پاڙا لکيا آهن. ايس - صادق علي ڪتاب **The Muslaman Races Found in Sindh Blochistan and Afghanistan** جي ص 70 تي سرائي قوم جا اٽڪل 62 پاڙا لکيا آهن. بلوچ صاحب ۽ شيخ صاحب جي لکيل پاڙن کي نظر ۾ رکندي هن طرح ترتيب ڏجي ٿي: 1- اوان، 2- اهير (آهير)، 3- بدا (بدا)، 4- بوهڙ (بوهر)، 5- بوڪ (بڪ)، 6- بنپ، 7- باتڙا، 8- بالهڙا، 9- پڳت، 10- پاڳت، 11- ٽانوري، 12- ٽڳڙ، 13- تاتـري، 14- بـٽ (بٽ)، 15- ٽينا، 16- تاتـاري، 17- تيـوٽـا، 18- جويا، 19- ڇڇڑا، 20- ڇن، 21- دبرائي، 22- ديدڙ، 23- ڊجوهـا، 24- ڊپ، 25- ڊن، 26- ڊوهٽ، 27- ڊهيـا، 28- ڊيهـڙ، 29- ڊڪَ، 30- رتڙ، 31- رنگهـا، 32- ڇگـدا، 33- سامتيـا، 34- سمتيا، 35- سامٽـيا، 36- سيـال، 37- سيهڙ، 38- ساهڙ، 39- سهاڳ، 40- ستيا، 41- سـوهڙ، 42- سـوهـو، 43- قناصرا، 44- ڪنسيرا، 45- ڪاٽيا، 46- ڪالرو، 47- ڪانيا، 48- ڪرٽيا، 49- ڪـرل، 50- ڪـرل، 51- ڪک، 52- ڪوکر، 53- ڪواڙ، 54- کهاوڙ، 55- کيمٽيا، 56- کمٽيا، 57- کيرا، 58- کيرا، 59- گچل، 60- گورڙ، 61- گوکاس، 62- گچل، 63- گورڙ، 64- لـيکي، 65- قيلهڙا، 66- مسان، 67- مـسڻ، 68- مانجونا، 69- ميـتلا، 70- ميـڻا، 71- نول، 72- وگهمل، 73- هرل، 74- هسلا، 75- مين.

سرَبنگي: رولو شڪاري آهن، هي حلال ۽ حرام کائين ٿا. هنن جو واسطو هندو ڏرم سان آهي.

سرتاڻ: ٿري هندو راجپوت آهن.

سرتيا: سمن جي ذات آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ رائڏڻ جي پٽ جو نالو سمون هو. جنهن جي هڪڙي پٽ جو نالو "سرت" هو. ان سرت جي اولاد کي "سرتيا" چون ٿا.

سرپارا: بروهي قوم جو قبيلو آهي.

سرپره: سراواني پلوي آهن، جيڪي شهواڻي پاڙي مان آهن، چون ٿا تہ اصل ۾ هي پناڻ آهن. پر هن وقت هي بروهي تمن ۾ شامل آهن. (بحوالہ: ڪتاب بلوچ قوم کي تاريخ ص 696).

ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 126 موجب هي هڪ گڏيل فوجي دستي تي مشتمل قبيلو هو. جنهن ۾ رند بلوچ، بروهي ۽ پناڻ شامل هئا. فوجي پٽڪي ۾ ڪڪڙ جو ڪنپ لڳائيندا هئا. جن کي سرپره (متي تي پر) چوندا هئا. ان بعد هي "سرپره" سڏجڻ لڳا. جن جا خاص پاڙا آهن: آدم زئي، جاڙزئي، شمبزئي، سومارزئي، رودين زئي، مرائي ۽ نوتڪ زئي. مورخ اي - ڊبليو هيوز تاريخ بلوچستان ۾ بروهين مان "سرپره" قبيلي کي "ستين" جي نسل مان ڏيکاري ٿو. (بحوالہ: جنت السند ص 53 فوٽ نوٽ).

سرجاني: هڪ بلوچ قبيلو ڪراچي جي آسپاس رهن ٿا.

سَرخيل: جمالي بلوچن جو پاڙو آهي. نواب شاهہ ۽ ٻين هنڌن تي ويندل آهن. سنڌي ڳالهائين ٿا.

سُرخيل: ڪلهوڙن، ٽالپرن ۽ انگريزن جي دور ۾ خاصخيلي قبيلي جا ماڻهو "سرخيل" سڏبا هئا. پناڻن جي چست خاندان جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "سرخيل" آهي. ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين وڏن شهرن ۾ رهن ٿا.

سرست: هندو برهمڻ آهن.

سرَسوَت: هندن جي ذات آهي.

سُرطان: ٽري سوڊن نڪرن جي ذات آهي.

سَرفاٽي: ڪبارن جو پاڙو آهي (راڄپر)

سَرفراٽي: بروهي قوم جو پاڙو آهي.

سَرڪاٽي: پيرنگ پناڻن جو پاڙو آهي. هي گهوٽڪيءَ ۾ رهن ٿا.

سَرڪَري: بگٽي بلوچن جي ماسوري قبيلي مان آهن.

سَرڪي: سمن مان آهن، جيڪي ابڙ ۾ اچن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. آدماڻي 2. آڏتاڻي 3. باگاڻي 4. پنجاپي 5. حبيباڻي 6. حسناڻي 7. سنڌي 8. فوزاڻي 9. ميواڻي 10. هوتواڻي.

جيڪب آباد، ٽٽي ۽ سيوهڻ ۾ رهن ٿا. هنن جو سردار گهر جيڪب آباد ۾ ڊاڪٽر سهراب سرڪيءَ وارا آهن. پنجاب ۾ رهندڙ "سرڪي" پاڻ کي بلوچ چوائين ٿا. هڪ ٻئي حوالي موجب رانوڙ قوم مان خليفو

جرکس ۽ ايسر پٽ ڏني جا هئا. جيڪي ٽر جا رهواسي هئا. هي ملتان جي غوث جي تلقين سان مسلمان ٿيا. جرکس جي اولاد پاڻ کي "کوڙيا" ۽ ايسر جي اولاد پاڻ کي "سرکي" سڏايو

سَرکِي خيل: افغاني پناٽن جو پاڙو آهي. ڪراچي، حيدرآباد ۽ سنڌ جي بين وڏن شهرن ۾ رهن ٿا.

سَرکاٽي: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

سَرکي: سمات ذات آهي.

سَرگالي: مزاري بلوچن جي قبيلي ۽ پاڙي جو نالو آهي. جنهن جا خاص پاڙا جلر (چلر) ۽ سرگالي آهن.

سَرگاني: جهنگ پنجاب کان آيل "سيال" آهن.

سَرگانَي: دريشڪ بلوچن جو پاڙو آهي. برمهمند (مهمند) پناٽن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "سرگاني" آهي.

سرگاٽِي: مري بلوچن جي غزيني خاندان جو پاڙو آهي، سرگاٽي چون ٿا ته اسان "دريشڪ" آهيون. جسڪاٽي بلوچن ۾ پڻ "سرگاٽي" آهن.

سَرمالهي: ٽر ۾ برهمڻ ذات آهي.

سرماٽي: ڪرمتين جي بگهياڙ شاخ جو هڪ پاڙو.

سَرماٽِي بُرا: هي عيسب برفت جي اولاد مان آهن. لسبيلي ۾ رهن ٿا. دودا، ڏونريا، پيروز پوتا، پوٽا، حسن پوتا، دريساٽي، دگاراٽي، پيراٽي، پيراراٽي، رضا محمدياٽي ۽ موتاٽي هنن جا خاص پاڙا آهن. برن جي پي شاخ جو نالو "براهماٽي برا" آهي.

سَرمگائِي: ڪوراڙن جو پاڙو آهي.

سرمورائي (سرموراٽي): گورچاٽي بلوچن جي پتافي قبيلي مان آهن.

سَرميندَ: جمالي بلوچ آهن.

سَرواني: بروهين جو قبيلو آهي.

سَرواڻ: ننڍي ضلعي ۾ ڪاري ۾ رهندڙ سماٽي جت آهن.

سَرواٽي: مزاري بلوچن جي رستماٽي شاخ جو پاڙو آهي.

سَرواٽِي: پنگرن جي ذات آهي.

سروپا: هندن جي هڪ نڪ جو نالو. شيوڪراماٽي هن نڪ مان اهڻ.

سَرور: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

سَروري: مخدوم نوح ۽ مخدوم طالب المولىٰ هالن وارن جا مريد پاڻ کي عقيدت طور "سروري" چوائين ٿا.

سرونَ: هندو اوڏن جي ذات آهي.

سَروهِي: حسني سيد آهن. هنن جا وڏا ڪوه آبو رياست مان لڏي اچي سنڌ ۾ وينا. هنن وٽ هڪ مشهور تلوار هئي. جنهنجو نالو "سروهي" هو. ان نسبت سان هي "سروهي" سڏجن ٿا. اتان جا ماڻهو تلوار کي به "سروهي" چون ٿا (بحوالہ: حسن اللغات اردو)

سرها: سماٽي ميمڻن جي ذات آهي.

سُرهائِي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سَرهَندِي: حضرت عمر فاروق رضہ جو اولاد آهن. جيڪي فاروقي. سرهندي ۽ سرهندي پير جي ذات سان سڏجن ٿا. هنن جو مورث اعليٰ امام احمد رباني مجدد الف ثاني هو. جنهنجي اولاد مان ڪجهہ ماڻهو هندستان جي شهر سرهند امبالا (پنجاب) ۾ اچي وينا ۽ ويهڻ واري جاءِ جي نسبت سان "سرهندي" سڏجڻ لڳا. انهن مان ڪجهہ هجرت ڪري اچي سنڌ ۾ مٽياري. ٽنڈو سائينداد ۽ ڪامارو شريف ۾ وينا. جتي "سرهندي پير" سڏجن ٿا.

سنڌ ۾ رهندڙ سرهندي پير پارهن واسطن سان امام رباني ۽ حوئيتاليهہ واسطن سان حضرت عمر فاروق رضہ خليفہ الثانيءَ سان ملن ٿا. نموني طور سندن شجرو شجرن واري حصي ۾ ڏسندا.

سَرهنگ: نيازي (لوڏي) پناڻن جو پاڙو آهي. هن جو اصل وطن بنون ضلعي ۾ سنڌو درياءَ جا ڪنارا آهن.

سرهي: هڪ مسلمان سماٽ ذات آهي.

سُرهياَ: مديني کان آيل عرب آهن. عرب ملڪن ۾ هنن کي عطار ۽ گانڌي چون ٿا. گانڌي جڙي ٻوٽين ۽ انهن مان ناهيل شين وڪڻن ٿا. مثلاً عطر، عنبير، مشڪ، پائودر، ڪريم وغيره جن کي عام لفظن ۾ "پنساري" ۽ چون ٿا. سنڌ ۾ ۽ انهن ساڳيو پيشو اختيار ڪيو. جن کي پراڪرت ٻوليءَ ۾ "سرهہ" ۽ سنسڪرت ٻوليءَ ۾ "سُرَپ" چيو ويو. جنهن جي سنڌي ۾ معنيٰ خوشبودار آهي. ان خوشبودار شين ۽ سرهہ شين جي ناهڻ وارن کي اصطلاحي معنيٰ ۾ "سرهيا" سڏيو ويو. سرهيا اڄ ۽ عملي طور انهيءَ پيشي سان وابسطہ آهن. جن کي ذات طور ذات جا "سرهيا" چون ٿا.

سرهين جو وڏو ڏاڏو فريدالدين عطار هو. جيڪو ايران ۾ مدفون ٿيل آهي. هن هڪ ڪتاب پندنامہ (نصيحت نامہ) لکيو هو. جيڪو مدرسن ۾ پڙهايو ويندو هو. ان ڪتاب مان هڪ چوند بيت هتي لکجي ٿو.

بيت: بادشاها، جرم مارا درگزار، ماگناهہ گاريم، تو آمرزگار،
تونيکوکار، وما بدکردئيم، جرم بي انداز، بيحد کردئيم، (عطار)

عطار جي مثنوي جو نالو "منطق الطير" هو.

سرهياٽي: پنگرن جو پاڙو آهي.

سُريا: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

سُريا: ميراثين. لنگهن ۽ مگٹهارن جي ذات آهي.

سريجا: چاندين جو پاڙو آهي.

سُريچَٹ: بوزدار بلوچن جو پاڙو آهي.

سريرا (سرارا): مسلمان ۽ هندو آهن. پٹرن مان اکريون. روهيون. کرل ۽ بيون شيون ناهين تا.

سريوال: سري+وال سري معنيٰ اتر. وال معنيٰ رهاکو يعني اترادي. سريوال اتر کان لڏي آيل لغاري بلوچ آهن.

سُستا: سمات ذات آهي.

سَسَر: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

سسوديا: اڏيپور جي راجپوتن جي هڪ قبيلي جو نالو آهي. حاجي محمد هاشم گزدر هن قبيلي مان هو. (بحواله: جنم گذاريم جن سين ص 255)

سَسي: رونجهن جي ذات آهي. (سسي)

سَسَيا: ملاحن ۽ مهاٹن جي ذات آهي. نٽي ضلعي ۾ رهن تا.

سَعدپوٹا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

سعيت: کرمتين جي شولاٹي شاخ ۽ لٹينگ شاخ جو هڪ پاڙو.

سعدخاناٹي (سئدخاناٹي): جتوئي بلوچن جو پاڙو آهي.

سعيداٹي: بگٹي بلوچن جي شمباٹي (ياريازي) شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. هنن کي "رحملاٹي" پڻ چون تا. آلکاٹي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "سعيداٹي" آهي. هي پنهنجي ڏاڏي سعيد خان جي پٹيان "سعيداٹي" سڏجن تا.

سعيد پوٹا (سيٹ پوٹا): جوکين جو هڪ پاڙو.

سَفرت خيل: آفريدي پٹاٹن جي ملک دين خيل قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

سَقَا: عربي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. پاڻي پرڻ واري مشڪ. اصطلاحي معنيٰ اتس. پاڻي پيارڻ وارو. بهشتي. هي ذات جا ملاح. گلال ۽ پنهيار آهن.

سِکا: مگرين جو هڪ پاڙو. هي سکو پٹ ابو پٹ موهڻ پٹ سڄڻ پٹ قمر جو اولاد آهن.

سکائي: اڇٹن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

سَکریا: دلن جو هڪ پاڙو.

سکریاڻي (ساکریاڻي): سومرن جو پاڙو آهي. بحوالہ: کتاب سومرن جو دور ص 350. گکڙن (کیاني مغل) جو پاڙو آهي.

سکندر خیل: آفریدي پناڻن جي ڪوڪي خیل قبیلي مان آهن.

سِکٹا: میربحر ۽ مهاڻا آهن. بدین ۽ ٺٽي جي ساموندي ڪناري سان رهن ٿا.

سکونا: کتاب جنب گذاریم جن سین ص 502 تي لکیل آهي تہ ساسولي، سکونا ۽ موسا، چاڪر آري برفت جو اولاد آهن. هن وقت قلات بلوچستان ۾ رهن ٿا.

سِکَ: راجپوت نسل مان غیر مسلم آهن، هنن جي سردار کي خالصا چون ٿا. هي وارڪونہ ڪوڙائیندا آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1- راجپوت، 2- چوهان، 3- شهید، 4- قلڪیان، 5- اهلو والیا، 6- پنگي، 7- ڪنهیا، 8- رامگڙهیا، 9- فڪیس، 10- ستڙا شاهي، 11- نرملا.

سَکاٹي: چاچڙ ڇتا قبیلي جو پاڙو آهي.

سَکرال: اعوانن جو هڪ پاڙو. هي محمد شاهہ جي اولاد مان سکن (سکن) جو اولاد آهن.

سکراٹي: جمالي بلوچن جو پاڙو آهي.

سُکریجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سکواٹي: تالپرن ۽ جمالین جو پاڙو آهي.

سُکیاٹي: چنن جي ذات آهي.

سَکِیجا: مهرن جي ذات آهي.

سَکِیرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سَکیراٹي: بڙدي بلوچن جي ذات آهي.

سگر: مگرین جو هڪ پاڙو. هي سگر پٽ سومر پٽ اسوڏو جو اولاد آهن.

سُگَریا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي، ضلعي ٺٽي ۾ رهن ٿا.

سگوال: روڙ جتن جو پاڙو آهي.

سگهڙ: سمن جي ذات آهي. خیرپور میرس ۾ چند گهر اٿن.

سگهڙیا: سگهڙ ذات مان ڇتل ذات آهي، هي سما آهن.

سِلاڻا: سرون وجهندڙن جي سماڻ ذات آهي.

سَلاراڻي: زرداري جتن جو پاڙو آهي.

سَلاماڻي: لاشارين جو پاڙو آهي.

سِلاوٽا (سلواٽا): اصل ۾ مارواڙ جي پوڪران شهر ۽ جيسلمير شهر کان لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن. شروع ۾ هندو هئا. جن مان کافي مسلمان ٿيا آهن. شروع ۾ آکرين ناهڻ ڪُنڊين ناهڻ ۽ سنگتراشيءَ جو ڪم ڪندا هئا. حيدرآباد ۾ هن ذات وارن جو پاڙو آهي، جن کي سلاوٽا، سلواٽا ۽ سلاٽا چون ٿا.

سلجوق: ترڪ قبيلي جي غز پاڙي مان آهن. هنن سلطان مسعود بن محمود غزنويءَ کي قتل ڪيو هو.

سلطان: دَل قبيلي جي لنجا شاخ جو هڪ پاڙو.

سلطاناڻي: وسائي پوٽڑا چاندين ۽ لاشارين جي منڌير شاخ جو هڪ پاڙو.

سلطان اونا: سلطان بن لاکو بن کاها جو اولاد آهن. هي سما آهن. (شجره لاءِ ڏسو "اونا").

سلطان پوٽا: لسبيلي جي جاموٽن جو پاڙو آهي.

سلطان خيل: آفريدي پٺاڻن جي زخا خيل قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

سلطان زئي: غيباڻي چاندين جو پاڙو آهي.

سلطاني: پرڳڙي بلوچن جو پاڙو آهي، هي رئيس علي خان جو اولاد آهن.

سُلڪاڻي: بڙدي بلوچن جي ذات آهي.

سُلڪاڻي: جڪراڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

سِلماڻي: لاشارين جي ذات آهي.

سَلمن: ڪوسن جو پاڙو آهي. هن پاڙي جون مکيه شاخون آهن: 1- ڦاناڻي، 2- ملهواڻي، 3- عيساڻي، 4-ميرواڻي، 5- لَلاڻي، 6- چاڪراڻي، 7- الوداڻي، 8- فتحلاڻي، 9- نهالواڻي، 10- جوگياڻي، 11- بليلاڻي.

سلهريا: سومر بنسي راجپوت نسل جي راجا سيگل جي اولاد چندر گپت مان آهن. هي بهلول لوڌي جي اثر هيٺ مسلمان ٿيا هئا. هن وقت پاڻ کي منهاس، ناڪر، پٺي ۽ باگڙ (باگڙي) ۾ چوائين ٿا.

سليماناڻي: ڪرمتين جي راڏا اگاريا شاخ جو هڪ پاڙو.

سَليمان خيل: غلزئي ۽ اسپين پٺاڻن جي پاڙن جو نالو آهي. خيبر شنواري پٺاڻن ۾ پڻ "سليمان خيل" پاڙو آهي.

سليمان زئي: بگٽي بلوچن جو پاڙو آهي.

سليماني: پناڻن جو ٻيو نالو "سليماني" آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ آصف ۽ آفغان ٻہ پائرهئا. آصف حضرت سليمان جو وزيراعليٰ ۽ مشير اعليٰ هو ۽ افغان فوجي جرنيل هو. ٻنهي کي حضرت سليمان پائيندو هو. عرب ان ڪري حضرت سليمان جي نالي جي نسبت سان پناڻن کي "سليماني" چوندا آهن.

سَلِيماٽي: گورچاٽي بلوچن جي درڪاٽي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

سُلِيماٽي: ڪوسن جو پاڙو آهي.

سما (شمان - شمہ): سما لفظ نهايت پراڻو آهي. جيڪو سنڌ جي پراڻي قبيلي لاءِ استعمال ٿئي ٿو. عام چوٽي آهي تہ :

ٻتيهہ گهر سمڪا. تن ۾ ارڙهن ٽيا آهير.
انهن ۾ ٻہ چوڪا ٽيا چار.
سنڌ سمون. ڪاڇي چنو. ياٽي (يٽي) جيسلمير.
تن اٺاهون چغدو جنهن جو گادي ۽ (اڳڙ) متي پير.

هن چوٽيءَ مان خبر پوي ٿي تہ "سمون" قبيلو نهايت اهميت وارو آهي. جڏهن هي قبيلو وڌيو. ٽڙيو پکڙيو. مختلف گروهن. ذاتين. پاڙن ۽ فرقن ۾ تقسيم ٿيو تہ وري ان کي "سمات" چيو ويو. سمات جو ذڪر الڳ ڪيل آهي. هتي رڳو سما قبيلي تي ڪجهہ خيالن جو اظهار ڪجي ٿو.

مير شير علي قانع. ڪتاب تحفتہ الڪرام ص 122- 121 ڇاپو 1976ع ۾ لکيو آهي تہ سمن بابت ٽي رايا آهن. پهريون تہ هو ايران جي جمشيد بادشاهہ جو اولاد آهن. هن نظرئي موجب سمن جو شجره هن طرح آهي: ياسخ. جمشيد بادشاه. سام. برٽ. بلينٽ. پنت. نرت. اوڊ. اوڊر. چاگر. لاد. جادم (سمن جو ڏاڏو) نرپت. نوتيار. رائڏڻ. سمون ۽ پلي.

بي راءِ موجب سما عرب جي قريشي قبيلي مان آهن. تاريخ معصوميءَ ۾ پڻ لکيل آهي تہ سما. عرب قريش مان آهن. هن مصنف جي راءِ آهي تہ هي عڪرمہ بن عصام ۽ عطيہ بن ابوجهل جو اولاد آهن. ان راءِ موجب سمن جو شجره هن طرح آهي: عبدالمطلب. ابو لهب. ابو شهم (ابو شام). عبدالرحمان. حسام الدين. جاڪرو. جادم. هسپت (سمن جو ڏاڏو) سمون جنهن جو اولاد سمان.

آئينہ قديم سنڌ ۾ لکيل آهي تہ حضرت اسماعيل جي نياڻي (بشامہ) مان هڪ پٽ "رعوايل" هو. جنهن کي وري چار پٽ نحت. زراح. مزه ۽ سمہ نالي هئا. سما ان "سمہ" جو اولاد آهن. اها قوم سنڌ. پنجاب. ڪچ. جيسلمير. جوڌپور ۽ بلوچستان ۾ رهندڙ هئي. جنهن جو ذڪر چچنامہ ۾ پڻ آهي.

ٿئين راءِ موجب "سمان" "سام" جو اولاد آهن ۽ انهن جو واسطو حضرت نوح نبيءَ سان آهي. تحفتہ الڪرام جي مصنف سام جا چار پٽ رام، سنگا، همهر ۽ پاگرت لکيا آهن. جن مان "سما" قوم آهي. عربي تاريخ سبائيڪ ذهب ۾ لکيل آهي تہ "سام" کي پنج پٽ اشور، الام، ارم، لائد ۽ افرخشاد هئا، جن مان "سما" آهن.

تاريخ فرشتہ ۾ بين تاريخن جي اپياس مان خبر پوي ٿي تہ "سام" کي 99 پٽ هئا، جن جا ڪجهہ نالا هن طرح هئا، ارفشاذ (افخرفشاذ)، ڪي، ٽاد، ياد، ارم، ڪبتا، آد، ڪهتا، سما، اچوڪا سما، ان سما جو اولاد آهن. مختصرا انهن جو شجره هن طرح آهي تہ: "سام" کي سورهن پٽ هئا: بُڌ، سومرا (سورهہ)، سهتا، ويسر، اونار، آمڙا، نهدير، پور، چمان، چهوان، ڏاواڪر، ڏندا، دوهن ۽ ڳاها، پڙهار، جانسپار، (جن کي سڀا) ۽ ڪوريجا، پور مان پورپوتا هئا.

بڌ کي سورهن پٽ هئا، جيڪي "رانوڙ" جي لقب سان سڏبا هئا، چون تا تہ ڏارا، جرڪ پوتا، ڪارڙ، ڪوکر، مڪواڻا، منگر، سوڍا، صحرائي، نن، واها پڻ انهن "رانوڙن" مان آهن.

عام راءِ موجب "سمان" هندو راجپوت (چندر ونسي) ۽ (جادو) راجپوت نسل مان آهن، جن جو سلسلو حضرت نوح عليہ اسلام جي پٽ "سام" سان آهي، سام جا ٻہ پٽ سنڌ (ارفخشند) ۽ هند ((اسور) هن سرزمين تي اچي ويٺا، جن جو اولاد سما ۽ راجپوت سما آهن. سنڌ تي نالو ٻہ ان سام جي پٽ سنڌ جي پٺيان پيو. بعد ۾ هنن جو راڄ "جادم" جو اولاد سڏجڻ لڳو، جنهن مان ڪجهہ ڪڇ پڇ جي طرف هليا ويا ۽ باقي سنڌ ۾ آباد ٿي ويٺا. تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو تہ محمود غزنويءَ جي دور حڪومت ۾ ۽ علاالدين خلجيءَ جي حڪومت دوران سومرن ۽ سمن جي مٿان ظلم ڪيا ويا ۽ انهن جو قتل عام ڪيو ويو، جنهن سبب هي 1320ع ڌاري ڪڇ پڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ لسٻيلي جي حصن ۾ ٽڙي پکڙجي ويا، جن مان ڪڇ ۽ سنڌ جي اندر ڄام لاکو بن لاکيار "سمان" خاندان جو سرواڻ ٿيو. سنڌ، گجرات، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي سمن مان "نر پٽ" "سما" خاندان جو مورث اعليٰ مقرر ٿيو. ان کان سواءِ ڇوڙا سما، راءِسما، جاڙيجا سما، رانوڙ سما خاندان جا سلسلا شروع ٿيا، جيڪي نجا سما آهن.

ڄام لاکي ٻہ شاديون ڪيون هيون، جن مان هڪ ٽٽي ضلعي جي ملاحڻ (گندري) هئي، ان وقت جي ماڻهن لاکي جي ملاحڻ زال مان لاکي جي اولاد کي زال جي نسبت سان ملاحن جي ڪُل ۽ اوڙڪ مان تصور ڪيو، ان زال جي اولاد مان "سمون"، "سمان" "سميجا" "سما ملاح" "ساريا" "ابڙا" "لاکا" ۽ "انڙ" آهن، جن جي نسلي سلسلي ۽ اولاد کي پڻ اڄ ڏينهن تائين ملاحن جي اوڙڪ جي نسبت ڏني وڃي ٿي.

پي زال جو نالو ٻني چاره هو، جيڪا "راجپوت" نسل مان هئي، ان زال جي اولاد کي خالص سما نسل چيو وڃي ٿو، جيڪي ملاحن جي اوڙڪ مان نہ آهن. المطلب تہ ڄام لاکي بن لاکيار کان اڳ جيڪي ٻہ سما آهن، اهي نج ۽ خالص سما آهن، سندس گندري زال مان جيڪو ٻہ نسل پيدا ٿيو آهي، اهي سما تہ آهن پر

ملاحن جي اوڙڪ ۾ اچن ٿا. جن کي "سما ملاح" چئجي ٿو. انهيءَ حسبي ۽ نسبي سلسلي کي مدنظر رکندي ڄام لاکي جي سما شاخ جو شجرو (ڏسو اکر "س" جي آخر ۾).

1333ع ڌاري سمان خاندان جو باقاعدي بنياد پيو. جن اٽڪل ٻه صديون حڪومت ڪئي. سنڌ ۾ ذاتين جي اڪثريت اڪثر ڪري هن خاندان جي نسل مان آهي. جن جو سرواڻ ڄام جوڻو هو. سما خاندان جي هن شاخ جو حسبي ۽ نسبي شجره (ڏسو اکر "س" جي آخر ۾).

ڄام جوڻي جي هن شجره ۾ ڪافي ڳالهيون وضاحت طلب آهن. جهڙوڪ 1- تحفتہ الڪرام، تاريخ معصومي، جنتہ السنڌ، قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو، اخبار الوحيد آزاد نمبر جون 1935ع ۽ بين ڪتابن ۾ شجره هڪ جهڙا نظر اچن ٿا. ليڪن ڪتاب مڪلي نامہ تان نقل ڪيل شجره جهڙوڪ سمن جي سلطنت، تاريخ ضلعو نواب شاهہ از ڊاڪٽر محمد لائق زرداري وغيره ناقص ۽ غلطين وارا نظر اچن ٿا.

سنڌ، گجرات، ڪانياواڙ ۽ ڪڇ جي سمن جو چگو مڙس "نرپٽ" ٿيو. جنهنجي پيڙهيءَ مان پٽ "سما" خاندان جو سلسلو هليو. هي نجا سما خاندان آهي. جن جو مختصر شجرو هن طرح آهي:



لاکو گرڙا (گورارا) ۾ شاديون ھڪ گرائي ذات مان ۽ ٻي چاوڙن مان ڪيون ھيون. جن مان ڪيس اڻ پٽ ھئا. ھڪ اندازي موجب اٽڪل 15 لک سما قوم جا ماڻھو سنڌ ۾ رھن ٿا. جيڪي پاڻ کي "سما" سڏائين ٿا. سنڌ جون سيئي اصلي قومون "سمات" ٿ آھن. ليڪن اھي سڀ سما (سمان) نہ آھن. سما خاندان ۾ جيڪي قبيلا، پاڙا ۽ ذاتيون شامل آھن، انھن جي مختصر فھرست ھيٺ ڏجي ٿي.

سما قوم جون ذاتيون ۽ پاڙا.

آبڙ، آتا (راھوما _ نھڙي)، آتراڻي (تيبا)، آجڙا، آجر، آجرا (ماندراڻ)، آجو، آجيا، آدماڻي (وگڻ _سرکي) آڏتاڻي (سرکي)، آدا، آداڻي، آديجا، آرادين، آرادينجا، آرائين (پتا)، آرتا، آرھاڻي (ڏيا)، آريپوتا (برھماڻي برا)، آريجا، آريچا، آريسر، آسرجا، آسمار، آگاڻي، آگرا (تميا)، آگرا، آگھم (دل)، آلکاڻي (ھوتيپوتا)، آمر (نھڙي)، آمڙا، آمناڻي (پان)، آميار آھور _ آھورا، آھو سامند (راچپر)، آيا (نھڙي)، ابڙا (سميجا _ انڙ _ راچپر)، ابڙنڊ، ابڙيپوتا، ابڙيپوتا، ابڙيجا، ابڙينگ، اَبو پوتا، ابو پوتا (راچڙ)، اپراھيم پوتا (نھڙي)، اٽر، اچڻ، اچلاڻ، احمداسي (سنھندڙا)، اڏا، اڏيجا، اڏيچا، اڏيرا (برڙا)، ارادنجا، ارادڻ، ارباب (دل)، ارھب، ارھوتا، اريسر، ازدين (ساند)، اسرانو، اعواڻ (جت)، اگھم، اگھيم (پليجا)، الاپا، الاچي، الاڻي (برا)، الرا (ابڙا)، اما (پلي)، امیناڻي (وگڻ)، انڙ، انساڻي (مھر)، اوپاياڻي (برھماڻي برا)، اوتار، اونا، اوناڻي، اونو، اونوال، اوڌا، اوڌاڻا، اودر، اوديجا، اوڙاڻي (برڙا)، اوسر، اوسيڙا، اوگام، اوگاھي، ايري، ايلاڻي (ماندڙا)، ايوب پوتا (شاھوڪ)، بابڙا (ابڙا)، بابي، باپراڻي، باجر، باجيپوتا (نومڙيا)، بادين پوتا (چاموٽ)، بارڻ، باريچا، باقر (دل)، باقر پوتا (دل)، باکڙا (برا)، باگاڻي (سرکي)، بانگھوريا (حمڙٽي)، باھڙ، باھوتا، باھوجا، بچا، بدراڻي (سميجا)، بدي، بديپوتا (ڏھر)، بدينپوتا (دل)، بدين (دل)، برا، براچ، بران پوتا (چاموٽ)، براھيم پوتا (موندرا_ باريچا)، برباز (حسناڻي)، برڙ پوتا (باريچا)، برفت، برند (جوجا)، برَ دودا (برفت)، برھماڻي (ڏھر)، بکيجا (ابڙا)، بکيرا، بکراڻي، بکو پوتا، بگا، بگڙا (مھر، بگھڙ (راچپر)، بلھا (مھر)، بمڻ، بنبال، بنيا (مھر)، بنيرا (برفت)، بنر، بنگلاڻي (کيھر، لاکا)، بوبا، بوبرا، بوبران، بوجا (مھر)، بولاڻي (گائينچا)، بھراڻي (ماندڙا)، بُھراڻي (برا)، بھريہ، بُھڻ، بيدي، بنديپوتا، بيسر، بيکاري، بيگاڻي (ماندڙا)، بيلدار، پاڙا، پابي، پاپر، پاپڙاڻي (برفت)، پاپڙائي، پارچا، پارڻ، پاگھ (راچپر)، پاگھل، پالاڻي (مھر)، پانيڻ (راچپر)، پانڊ، پانگوريا (برفت)، پانھا، پانھيپوتا، پبر، پتڙ (ڏھر)، پتڙي، پتڙا، پتڙائي، پجورا، پجوڙا، پچڙا، پُڌ، پڌاڻي، پَرَ، پُرَ، پُرا، پراچ، پُرڙا، پرند، پُريا (رونجھا)، پريد، پکرار (پُرڙا)، پگھيا (سميجا _ ابڙا)، پلالاڻي (پيا)، پلھا (مگٹھار)، پنيا، پنپاڻي، پنڌاڻ (راچپر)، پنگا، پور پوتا (رانوڙ)، پوڙاتيا، پوک، پھا، پُھارا، پھاڻ، پھليجا، پاڻڙا، پارا، پارچ، پان، پانپوتا، پانڙا، پانگر، پانيجا، پاڻ، پاٽا، پاٽوتي، پاٽوجا، پاٽوريا، پاٽون، پاٽيجا، پاوڻ، پائل،

پائيخاناڻي (پيا)، پيپرياڻي (ڪورار)، پُٽا (آرائين، سوڍا)، پٽر، پٽرا، پٽي (ڏهر)، پچا، پچند، پچو، پـڏا، پُرٽ، پرڪيا (راهوما)، پـره، پريا (ڏهر)، پل (نهڙي)، پلاڻي، پلو، پليجا، پم، پماڻي (پاڙها)، پنيا، پنير، پنيرا، پنيڙ (ٽيبا)، پنيپيار (نهڙي)، پنسين (ڏهر)، پُـنگ، پنگر، پوپٽاڻي، پوپٽ، پورا پٽا (پٽا)، پوئا، پيا (رانوڙ)، پيڏا، پيري، پيرياڻي، پيلار (ابڑا)، تاجاڻي (دل)، تاجيا، تارا (پاپڑا)، تارڙا، تاڙڪ، تايوجا (ابڑا)، تتوجا (راڄپر)، ترٽا (سهتا)، تڳر، تڳرجا (راڄپر)، تماچي (انـڙ)، تنتار، تنوريـا، تنيـا (ابـڑا)، توراڻي (سينها)، توڪا (سهتا)، توڳاچي (راڄڙ)، تونـگ، تهباڻي (ڪيهر)، تيلاڻي، تيوٽا (ابڑا)، ٽارڙ، ٽاريچا، ٽاريلا، ٽاڪريا، ٽري، ٽرياڻي (ڪٽا)، ٽريچو، ٽريو، ٽلها، ٽورا، ٽهيم، ٽيبا، ٽيباڻي، ٽيـرڙ، ٽانوريا (انڙ)، ٽرٽا، ٽڪودر، ٽڳڙ، ٽـما، ٽـورڙا، ٽونگل (حملاڻي)، شهيجا (برفت)، ٽيبات، ٽينا، پاتا (راڄپر)، پاترا، پاتيار، پاپا، پارپيي پوٽا (ڄاموٽ)، پارو، پارواڻي، پارياڻي (سڏايا)، پاريـاهـ، پاڙها، پـالاري، پانڊا (ابڑا)، پاهر، پاهڙ، پاهي، پبيا، پناڻ (ماندڙا)، پخرار، پـرار، پـرارا، پـرارو (سميجا)، پـراڙ (برفت)، پرهاڙ، پريا، پرياڻي (برا)، پَـسايا (نهڙي)، پُـسايا، پَـسريا، پُـسيا، پـل، پلهـ، پلي (نهڙي)، پليپوٽا، پليجا، پُـنا، پنجابي واتڙا، پنجاپي (سرڪي)،پنجوابڑو، پنجوٽا (ابڑا)، پُـنڙ، پَـنڙا، پنوهار، پنوهر، پنهو، پنهوار، پنهيار، پنيا، پورڙ، پهڙ، پهلاڻي (پاهڙ)، پيچوها (ابڑا)، پيراڻي (مريداڻي برا)، پيرانهي، پيروز (برهماڻي برا)، پيروز پوٽا (گونگا)، جاجهٽجا، جادڻ، جاڙا، جاڙواڻ، جاڙيپوٽا، جاڙيجا، جاڪرا، (سميجا، ابڑا، پاڙها)، جاگا، جاگرا، جاگراڻي (سڏايا)، جاگو، جاگورا، جاگر، جاميا، جاناڻي (ڏيا)، جاني، جاوتيا (ميمڻ)، جت، جتري (هڪڑا)، جتڙ، جڏ، جرڪيپوٽا (رانـوڙ)، جـرواڻ، جعفـر پوٽا (شاهوڪ)، جڪرا، جڪراڻي (ڏيا)، جڪريجا، جڪڙ (ابڑا)، جڪڻ (ابڑا)، جگسي، جگسرگا، جگسين، جماڻي (ڏهر، وگڻ، ميمڻ، دايا، جوڪيا)، جمڑا (راهوما)، جَـنباڻي (پٽا)، جنجاڻي (ڪٽا)، جُـنجهـ (دَلَ)، جَـنگا (مهر)، جُـنگا، جنگاڻي (ڏهر)، جنگراڻي، جوجا، جوڏ، جوراهـ، جوڪيا (برڙا)، جوڳي (راڄپر)، جوليا، جوٽا (ابڑا)، جوٽو (ابڙ)، جوٽيجا (انڙ)، جوئلا، جويا، (ابڑا)، جويا ابڑا، جهيجا (راڄپر)، جهيرجا (ڪيريا)، جياپوٽا (ڏيپر)، جياند، جيڏا (مهر)، جيسر، جيسراجا (مهـر)، جيسڻ (پاڙهـا)، جيئندار، جيئندائـي (ڄاموٽ)، ڄارڻ (نهڙي)، ڄام (برفت)، ڄاماڻي (سهتا)، ڄامڙا، ڄامناڻي، ڄاموٽ (برفت)، ڄاٽيرا، ڄماريا (راهوما)، ڄينيا، جهـالوڪ (ٽيبا)، جهانجهڻ، جهانجهٽـجا، جهتيال، جهرڙ، جهرڪ، جهلا (گونگا)، جهلاڻي (برڙا)، جـُهلڻ، جهلوجا، جهراڻي (برڙا)، جـهميـر، جـهنجهـ (رانـوڙ)، جهنجهڻ، جهنجهي، جـُهندير، جـُهندبيل، جهنرنگ، جهولڻ، جهيجها، چاچڙ، چارڙا، چارڻ، چانگ، چانهيا، چانيهڻ، چاوڙا، چاوٽا، چاهڻ (رانـوڙ)، چـُتا (پاڙها)، چدير، چـرا، چـراهـ، چريا، چـُغَ، چغدا (انڙ)، چڪرا، چگدا، چـليا، چماڻي، چنا، چنبڙ، چنجڻ، چنجڻي، چنداڻي (پنگر)، چند، چند پوٽا، چندبيا (پان)، چنڙ (مهر)، چنڙا، چنڙيپوٽا (ڄاموٽ)، چنگ، چنـڻ (ڪورار)، چنوجا،

چنيپار (پان)، چنيجا (پان)، چنيسر، چوٽاٽي، چوڌا، چوڌري، چوسر (پاهڙ)، چوهڙا (مهر)، چهاڻ (رانوڙ)، چهواڻ (رانوڙ)، چيٽور (مانڌڙا)، چيلاريا، چينا، چاپرا، چارا، چٽا (برفت _ مهر)، چٽاٽي (سهتا)، چجا، چڇڻ، چڇر (سميجا)، چر (هنگورا)، چڱيرپوٽا (گونگا)، چلگري، چناٽي (پان)، چورا، چورڻ، چينا، حاجاٽي (مانڌڙا، پٽا)، حاجب، حاجي (راڇپر)، حاجيپوٽا، حامند، حامند پوٽا، حب، حبوجا، حبوجا انڙ، حبيباٽي (برڙا)، حدر، حدراٽي (جام)، حسن (مانڌڙا)، حسن، حسناٽي (گائيچا)، حسڻ پوٽا (جاموٽ)، حسنجو، حسڻ پوٽا (برا)، حصل پوٽا، علواٽي، حماتي (پاپڙا، برفت)، حلوائي - چاچڙ حمايتي، حمداٽي، حملاٽي (برفت)، حميراٽي، خاساٽي (شورا)، خاکاٽي (پيا)، خاکواٽي (موندڙ) خاکي، خالدي، خان (نهڙي)، خاناٽي (کاکيپوٽا)، خليفا، خورم (مانڌڙا)، خيراٽي (پٽا _ گهنيا)، داد پوٽا، داڙيا، داسڙا، دالا (پان)، داندٽي، دائل پوٽا، دائود پوٽا (شاهوڪ)، دائيٽرپتري، دائيپال، دائيدا (مناهي)، دائيدامڻ، دايا، دبائي، دبر، دبل، دبلا، دپراچ، دتر، (گائينچا)، دراٽي (سڌايا)، دريان، درس، درکاٽي (سوڍر)، دراوڻ، دري، درياٽي (گهنيا)، دريساٽي (برا)، دريها، دستي، دڦڙ (کاکيپوٽا)، دڪ (کاکا، انڙ، ٽيبا)، دڪلاٽي (لاکا)، دمڙا (ابڙا)، دمهيا (ابڙا)، دنبڙ دندورا، دنگهيا، دودا (پُرا _ شاهوڪ)، دوداٽي (ڏهر، پيچوها)، دوريجا (راڇپر)، دوها، دَيدا، ديناراٽي (پُرڙا)، دينرجو، (راڇپر)، دينگر (ابڙا)، ڏارا (نهڙي، رانوڙ)، ڏاريجا، ڏاڏا (رانوڙ)، ڏاڏو، ڏانڙا، ڏانڙها، ڏتوراٽي (برا)، ڏر پالي، ڏڪڙ، ڏڳ (پُرا)، ڏماڇ، ڏماڇاٽي، ڏمٽاٽي (پُرا)، ڏميجا، ڏنڏڻ، ڏنگاٽي، ڏنوريپوٽا (پُرا)، ڏوا، ڏوڙو، ڏوڙو، ڏوکي، ڏونرا، ڏونريا (پُرا)، ڏيراجا (مهر)، ڏيرڻ، ڏانگا، ڏانگر، ڏاواکر (رانوڙ)، ڏاوَچ، ڏاهراج، ڏاهرجا، ڏاهري (انڙ)، ڏاهيجا، ڏٽا (مهر)، ڏٽيا، ڏُجا، ڏڏر (حملاٽي، برفت)، ڏرٽ (نهڙي)، ڏڙها، ڏنداٽي، (سڌايا)، ڏنديا (ابڙا)، ڏنگاسي، ڏنگڙيرا (دودا)، ڏنگٽا، ڏنگيجا (راڇپر)، ڏنيپوٽا (شاهوڪ)، ڏور، ڏورا (نهڙي)، ڏوگر، ڏوم، ڏومرا، ڏوهٽ (رانوڙ)، ڏهر (ابڙا)، ڏهرناهيا، ڏهريجا، ڏهيسر، ڏيا، ڏينار، ڏيپر، ڏيپارجا (جاموٽ)، ڏيرا، ڏيراجا (ميمڻ)، ڏيريپوٽا (کورار)، ڏيسر (نهڙي)، ڏيسرُ، ڏيوڙا، ڍگاراني (پرا)، ڍول، رانوڙ، راجا (باجرَ _ نهڙي)، راجسپوٽا (رانوڙ)، راجکرا، راڇيپوٽا (دل)، راڇپر(سميجا)، راڇڙ، راڇيزئي (برڙا)، راڏڻ، رامديهه، رام ڏيا، راموجا (مهر)، رانٽا، رانوا، راٹا، راٹي (نهڙي)، راوت، راهپوٽا، راهما، راهمون، راهو، راهوجا، راهوما (ساند)، رائيڏڻ، رَتاٽي (پاهڙ)، رَتڙ (راڇپر)، رتڙجا، رپائي (سهندڙا)، رپڙ، رحماٽي (برڙا)، رُخناٽي (مهر)، رِدي، (پنهيار)، رڍ، رستماٽي (سبايا)، رضا محمدياٽي (پُرا)، رضائي (پٽا)، رقيا، رُک، رکن، رکراٽي (سهتا)، رُکڻ (راڇڙ)، رکڙا، رمداڻ (دل)، رنگ، رونجها، رونگها، روهڙ (رانوڙ)، روهيلا (ٽميا)، رئيس، رئيسپوٽا (گونگا)، ريپر (مهر)، ريحاڻ، ريحاٽپوٽا (باريچا)، ريلڻ، ريٽي (ٽميا)، زرداري، زَکريا (ميمڻ)، زنداٽي (پنگر)، زندپور، زنگيپوٽا (باکڙا)، زنگيجا، زونر (گونگا)، زهراٽي (مانڌڙا)،

ساجداڻي (برڙا)، ساڏر (راڄپر)، ساڏرجا (راڄپر)، ساڏيا (راهوما)، ساڏر، سار، سارنگ، ساريا، ساريجا، ساڪري، ساڪ (پاڻ ما)، ساڪرو، ساڪڙا، سامٽيا، سانپراڻي، ساند، سانگاهه (ابڙا)، سانگرو، (ابڙا)، سانگري، سانگي (راڄپر، ابڙا، پاهڙ)، سانگهرو، سانوند، سانئريا، ساهت، ساهتا، ساهراڻي (سڌايا)، ساهڙ (نهڙي)، ساهيجا، سبايا، سپايا، سپڙ، سپڙجا، ستواڻي (هڪڙا)، سٽيا (برڙا)، سٽيار، سُپا، سُپَر، سُپڙا، سُپَيا، سُپيا، سُپير، سُپيرا، سحاق پوٽا (باڪڙا)، سجاڻي (مهر)، سخيرا (مهر)، سخيراڻي (مهر)، سڌايا (سميجا)، سڌوپوٽا (سهتا)، سراجا (ڏهر)، سرتيا، سرفاڻي (راڄپر)، سرڪي، سرواڻي (پنگر)، سُرها (ميمڻ)، سرهياڻي (پنگر)، سسي (رونجها)، سقا (پنهيار)، سڪيجا (مهر)، سگهڙ، سگهڙيا، سلطان پوٽا، سلطان اونا (ڄاموٽ)، سما، سمار (ميمڻ)، سمان، سماڻي (لاڙ)، سمتيجا (راڄپر)، سمرا، سمنگ (ابڙا)، سميپوٽا، سميجا، سميئر، سنپل، سنچ، سندا، سنداڻا، سنديلا، سنڌڙ، سنڌي (پاهڙ)، سنگراسي (ڏهر)، سنهاڙا، سنهرا، سُنهڙا (ڪاڪا)، سنيا (ميمڻ)، سنيهڙا، سٽيال، سٽيرا (برفت)، سوايا، سوير، سوجا (ابڙا)، سوڏر (ابڙا)، سوڏا، سوڏاڻي، سودير، سودير، سودڙا، مورا، مورجا، سولي (برفت)، سولنگي، سومار (ميمڻ)، سومرا، سومراڻي، سومرجا (مهر)، سونهٽيرا (حملاڻي)، سونهيرا (حمالاڻي)، سهارڻ (ڪاڪيپوٽا)، سهتا (رانوڙ)، سهراڻي (پنگر)، سهڙ، سُهڙا، سهسرائي، سُهندڙا، سهيا (راڄڙ)، سهيجا (راڄپر)، سيتواڻي (سودير)، سينا، سينار (گونگا)، سينر، سيدپوري (لاڙ)، سيرجا، سيڪاٽيا، سيڪرو (ڄاموٽ)، سيلاڇي، سيلر، سيلرا، سيلريا، سينڌلاڻي (برفت)، سينئرا (برفت)، سيهڙ، شادي (ميمڻ)، شاهاڻي (پٽي)، شاهلياڻي (برڙا)، شاهوڪ (برفت)، شباڻي، شبي، شجراهه، شجراءِ، شراڻي، شمساڻي (ڏهر)، شودا (برفت)، شور (ماندڙا)، شورا (رانوڙ)، شورائي، شهڻا (برفت)، شيراڻي، شينا (برفت)، شيش پوٽا، صابوجا (هوٽي)، صابوگر، صاحب، صاحبدين (راهوما)، صالحاڻي (پٽا)، صحبدين (پنپرا)، صحرائي، صدر، صدراڻي، صدر پوٽا (باريجا)، صندل (پٽي)، صدر دينجا (راڄپر)، صندل (پٽي)، صوپي زئي (پٽا)، عابداڻي، عارباڻي (پنپا، ماندڙا)، عاقوب پوٽا (سورا)، عساڻي (پنهيار)، عالياڻي/علياڻي (پُرڙا)، علي پوٽا (باڪڙا)، عمراڻي (سڌايا)، عمر پوٽا (باريجا)، عيساڻي (پٽا _ ٽيپا)، عيسباڻي (برفت)، عيسر (ميمڻ)، غيبي پوٽا (باريجا)، فاضلاڻي (پرڙا)، فرش، فراش، فريداڻي (سڌايا)، فوزاڻي (سرڪي)، قُرڪارا، قرها، قل، قلاڻي، قل پوٽا، قل لاکا، قل ناهيا، قلڙ، قل، قوڳاڻي (راهو)، قاسماڻي (سڌايا)، قدريه پوٽا، قلباڻي (ڪٽا)، قمبراڻي (ماندڙا)، قيصرپوٽا، ڪابورا، (پنهيار)، ڪابڙ، ڪاٽيار (ڪوري، پُرا)، ڪانيا، ڪاپڙي (ڏهر)، ڪاچيلا (برفت)، ڪاخيل، ڪاراڻي، ڪارائڙو، ڪارايل، ڪاريا، ڪارناڻي، ڪارڙ (رانوڙ)، ڪاسوئا (برفت)، ڪاڪ، ڪاڪا، ڪاڪڙ (سميجا)، ڪاڪڙا، ڪاڪيپوٽا، ڪاڪيجا (سميجا) ڪاڪيجا پوٽا، ڪالُرا، ڪامڙا، ڪانجا (ڏهر)، ڪانخيا، ڪانڌڙا، ڪانڙا (برفت)، ڪانڙيا (برفت)،

كانگڑي (پريا)، كانهه، كانهر، كانهڻ، كاها، كاهڑا، كاهي، كاهيا، كاهيجا، كَبر (راڄپر)، كبرا (مهر)، كترا (جاموٽ)، كتريا، كتائي، كتا (ابڑا)، كتار، كتيا، كتپار، كتپال، كچڻ، كچمي، كچيلا، كدناڻي، كرتيا، كرما، كلال (كنبر)، كلر، كلرجا (تيبا)، كلندي، كلوا، كلي، كليا، كليار، كماچا (رونجها)، كماد، كمادي (پٽا)، كمار (تيبا)، كماريا (ابڑا)، كماندنيا، كمريجا (ابڑا)، كميجا (ابڑا)، كناسرا، كنب، كنپار، كنپر، كندر، كندائي (برا)، كندياڻي (كورار)، كنگريا، كوبرا، كوبريا، كوپر، كوتار، كودڻ، كودڙائي (ابڑا)، كورار، كورهياڻي (پٽا)، كوري، كوريجا، كونر، كونريجا، كوهر پوٽا، كهرو (راڄپر)، كيا (پيا)، كيرا، كيركاهو، كيريا، كيكوءَ پوٽا (باكڑا)، كيهر، كيهرجو، كاٽوٽ،كاٽونيا، كاوڙ، كاهڙ (نهڙي)، كاهوڙي (منگواڻا)، كبارا (راڄپر)، كبرا، كبا، كُتو، كتوجا (راڄپر)، كتياڻ (پيا)، كجڙ، كدراڻي، كدر پوٽا، كُر، كُرا، كُرا، كُربار، كرهار، كريرا، كريڑا، كُڑيرا (برفت)، ككپر، ككر، ككراڻي (ابڑا)، كلكي، كماڻ، كماڻ پوٽا، كمڙا، كمياڻي، كنڀڑا (پٽا)، كند، كندپال (ڈهر)، كورتاڻي (پاهڙ)، كودي، كور، كورا، كورام، كوراڻي (نهڙي)، كوڙ، كوڑا، كوكر (رانوڙ)، كوكيجا، كونماڻ، كهاڑا، كهاوڙ (برفت)، كيبر، كيبراڻي، كيدائي، كيرا، كيراتيا (گهنيا)، كيرينپوٽا (ٻُرا)، كيڑا، كيڻا (رونجها)، كيئنرا (رونجها)، گابار، گابر، گابڑيا، گاپر، گاد (ابڑا)، گادڻ، گاگناڻي (مهر)، گاگڻ (راڄپر)، گام، گائينچا، گاهيجا (برفت)، گباڻي، گجريپوٽا (دودا)، گجڻ (برفت)، گچڙ، گچل، گڏهڙ، گرائي (ابڑا)، گرپڻ، گرجي، گريا (جاموٽ)، گگا، گلا، گلا، گلال (پنهيار)، گمر، گمبرل، گمهي، گن، گنبا، گنجا (برفت)، گنجڻ، گنديڑ، گنگا (سوڍا)، گوٽريل (ڈهر)، گوپانگ، گورڙ، گوگن (دودا)، گوليپوٽا، گوندر (برفت ماندڑا)، گوندل، گونگاڻي (پيا)، گيداڻي، ڳاها، (راهوما، رانوڙ)، ڳاهوٽي، ڳاهيجا، گاهيجا، ڳچڙ، ڳنپير (سميجا)، ڳنداهي، ڳوهاٽا (ابڑا)، ڳوهاٽي، ڳهيل، ڳهيلا، ڳهيلڑا، گهانگها، گهانگهرا (ڈيپر)، گهانگهڻ، گهرگاڻي (ٽيبا)، گهريا (راهوما)، گهلو، گهلوجا، گهليا (دودا)، گهمرا (رانوڙ)، گهمراڻي، گهنديائي (ڈهر)، گهنديڑ (برا)، گهنيا، گهوٽا، گهوراواري، گهيجا، گهيل، گهيلي، لاٽ (ميمڻ)، لاچي، لادر (مهر)، لاڙ، لاڙڪ (گائينچا)، لاكا، لاكاٽا، لاكاڻي، لاكاتيا، لاكائي، لاكڙيجا، لاكوجا (راڄپر)، لاكيا، لاكيار، لاكيپوٽا (پنهيار)، لاكير، لالاڻي (برفت_ دل _ برڙا)، لالنگ، لاليپوٽا (مهر)، لانبر، لانگاهه، لباٽا، لڏا (شاهوڪ)، لٽسا، لك، لكا، لكمير، لكڻ (لاكا)، لنجا، لنجار (لاكا)، لنجاري (مهر)، لنجاڻي (پاهڙ)، لنگها، لوتيار، لوتاري (حملاڻي)، لودا، لودرا (مهر)، لودي، لودر، لودي، لوديڑا، لورا، لورڙ، لوريا، لولايا، لومڙيا، لونگيا، لوهاج، لوهاراڻي (برفت)، لهاچ، لهڻ (انڑ)، لهوكڑا، ليڏا (پان)، ليل، ليلا، ليماڻي (جوٽيجا)، ماتيرا (مهر)، ماراڻي، مارخياڻي (ابڑا)، مارفاڻي (ابڑا)، مارفت، مارو پوٽا (مهر)، ماري، ماريج، ماريجا، ماريچا،

ماکا (مهر)، ماکرائي (ٹمیا)، ماکیا ،راجپر)، مالا (راجپر)، مالهو، ماما (راهوما)، مانجهند، مانجونا، ماندا، مانداڻي، مانڈرا، مانڈڻ، مانداڻ، مانداٹا، مانڈڑا (برفت)، مانڈڻ (راجپر)، مانگیا، ماٹک، ماهونا، ماهي، مباح (مهر)، مبارکائي (برڑا)، مبیجا (انڑ)، متریجا (مهر)، متلا، متوال، مجیداٹي (پنگر)، مجریجا، مجولا، مچلا، مُچي، محباٹي (پاهڑ)، محرم پوٹا (نهڑي)، محمداٹي (ڈهر)، محمدیاٹي (برڑا)، محموداٹي، محمود پوٹا (باریجا)، مڈا، مُرا (نهڑي)، مراداٹي (مهر)، مراٹي (برهماٹي)، مردوئي (برفت)، مرک (پاڑها)، مرکیاٹي، مرها، مري پوٹا (برا)، مسکاٹي، مسڻ، مسواٹي، مسوزئي، مڏڑ، مقصوداٹي، (پیا)، مَکا (ٹمیا)، مکواٹا (رانوڑ)، مکول، مگریا، مگر، مگریا، مگڻ، مگڻهار، مگڻیپوٹا، مگڻیجا، ملان، فقیر (سهتا)، مُلاٹي (برڑا)، مُلڻ (سهتا)، مُلڻ، ملڻ فرش، ملوکاٹي (پیا)، ملهر پوٹا، ملیپوٹا، ممر، ممیاٹي (ٹیبا)، مناهجا، مناهوجا، مناهي، مناهیا، مناهیجا، منجا، منجهو (ابڑا)، منداٹي (پیچوها)، مندر، منڈرا، مندا، منگر، منگراٹا، منگراٹي، منگراٹي (گهنیا)، منگریا، منگسي (ابڑا)، منگلجا، منگش، منگو، منگواٹا (سمیجا)، منگر، منگریا، منگریپوٹا، منهنجا (مهر)، منهند (بالاري)، منیاٹي (کجارا)، موتیا (پات)، موٹاٹي (برا)، موٹمل، موٹو، موٹیا (باکڑا)، موجاٹي (راجپر)، موجیجا (برفت)، مورا، مورڑا، مـــوریا، موریجا، موسا (برفت)، موساپوٹا (موندرا)، موساٹي (لاکا)، موساٹي (برڑا _ پنگر _ پٹا)، موسیپوٹا (شاهوک)، مولهاٹي، موندرا (جاموٹ)، موندراٹي (سینهان)، موندره (برفت)، موهل، موهلا، مهالاٹي (مهر)، مهداٹي (کٹا)، مهد پوٹا (قیهر)، مهراٹپوٹا (سوڍا)، مهریا، مهڑ (انڑ)، مهڑج، مهزول، مهلاٹي (مهر)، مهندا (برفت)، مهوا (راهوما)، مهوندپوٹا (باکڑا)، مهیسر، مهیلیا، مئا، مئواٹي (کوراڑ)، میان (نهڑي)، میتلا، میٹو، میرانپوٹا (گونگا)، میراٹي (برڑا)، میرڻ، میرٹپوٹا، میري، میریپوٹا (کیهر)، میکڻ، میمن، میمڻ، مینگهراجاٹي (پاڑها)، مینوهاٹي (مهر)، نابیا، نارا، نارائي، ناریجا، ناگي، نانگراج، ناواڑا، ناوڑا، ناها، ناهوجا، ناهیا، نخراج، نرهـ، نماٹي (موندرا)، نماٹیپوٹا، نمیجا، نندا، ننگر، ننگراج، ننگراچ، ننگري (برڑا)، ننگریجا، ننگوا، ننهجا (مهر)، نٹ (رانوڑ)، نوت (برفت)، نوتیار (باجر)، نوح پوٹا، نول، نومریا، نومڑیا (برفت)، نون، نوناري، نوندڑا، نونڈا، نوهاٹي (لغوري)، نهاڑي، نهـڑ، نهـڑي، نهڑیا (برفت)، نیاڑي (برفت) نیرَ، نـــیرَ، واڈڑ جا (راجپر)، وادیا، واسا، واگها، واگهورا (سوڍا)، واگهوریا، والڑا، والکڑي، واٹیجا، واهرا (جاموٹ)، واهلا (سهتا)، واهوجا، وچاٹي (پٹا - برا)، وڈڑیا (راجپـر)، وڈیا، ورایا (میمن)، ورهـ، ورهیا، وریاهـ، وریهـ، وسا، وساڻ (انڑ)، وسائي پوٹا، وسریاٹي (برا)، وسطڑا، وکا، وکڑائي (برڑا)، وکیا، وکیو، وگڻ (ابڑا)، وگهامل، وگهڑ، وگهڑ، وگهیا، ولها (رانوڑ)، ونجها (مهر)، وندر (سهتا) _ مگڻیجا)، وندیار، وندیر، ونگا (رونجها)، وهریا، وهڑ، وهڑا (وهریا)، وهڑکیا، وهڑیا، وٹنس، ویچل (مهر)، ویا، ویرهاک، ویرا، ویسر (راجپر)، ویٹنس، هاٹي، هاٹیپوٹا، هاڑها، هالا (مهر،

نهڙي)، هاليپوتا، هتر، هتيپوتو، هٿياڻي، هُجا، هد، هڏا، هڏورا، هربا، هريا (پان)، هُسراڻي (برڙا)، هسکو (سينها)، هسيجا (مهر)، هشاڻي (سڏايا)، هڪڙا، هگورا، هگورجا، هلايا، هَلي، هليا، همپي، هموپوتا، هنگورا، هنگورجا، هنگي پوتا، هوڻي، هوٿياڻي، هوٿيپوتا، هيرناڻي (ڏيا)، هيڙها (برفت)، هيلايا (پاڙا)، يوسفاڻي (ميمڻ).

سَماٽ: سنڌ جي اصلي سنڌي قومن **(Son of Soil)** جن جي تمدني حالت بلڪل هڪجهڙي آهي، انهن کي مجموعي طرح سان "سماٽ" يا "ڄاموٽ" چيو وڃي ٿو. سماٽ لفظ اصل ۾ سنسڪرت جي لفظ "سماتر" مان ورتل آهي، جنهنجو مفهوم آهي، اصل رهاڪو، جيڪو اشارو ڪري ٿو سنڌ جي سنڌي ماڻهن ڏانهن، جيڪي هن سر زمين جا اصل ڄاوا (سَمر) آهن. پوءِ اهي ڄاوا ڇو نہ مسلمان يا غير مسلمان هجن يا ڪنهن بہ قوم يا قبيلي مان هجن. مثال طور جت، ملاح ۽ مهاڻا، ماڇي يا سولنگي، سومرا، راجپوت يا ٻيون سما قبيلي جون قومون ۽ ذاتيون وغيره.

سنڌ صوبي جون حدون تمام وسيع هيون، جيڪي ديره غازيخان ملتان، ڪچ ۽ڇ، ڪاٺياواڙ، جهوناڳڙه، سورٺيا، لسبيلي ۽ ڪچ مڪران تائين پکڙيل هئڻ، انهن حدن جي اندر سنڌي ماڻهو رهندڙ هئا، اهي سبب "سماٽ" سڏجن ٿا. طبعي ۽ تاريخي لاهن چاڙهن، حملن ۽ تباهين، گهرو ۽ قبائلي جهيڙن، روزگار ۽ ڏڪار سبب سنڌ جا ماڻهو هجرت ڪري ڪنهن ٻئي صوبي يا ملڪ ۾ ويا تہ بہ اهي اتي "سماٽ" سڏجن ٿا. سالن بعد انهن جا پونئير وري واپس اچي سنڌ ۾ وينا تہ بہ اهي پاڻ کي "سماٽ" ڪونائين ٿا. ڏارين صوبن يا علاقن جا ماڻهو، قبيلا يا ذاتيون جن کي سنڌ ۾ رهندي صديون گذري ويون آهن، اهي بہ چون ٿا تہ اسان "سماٽ" آهيون، خير! سماٽ اهي ئي آهن، جيڪي بنيادي طور سنڌ جا ڄاوا آهن، جن ۾ صرف سنڌي شامل آهن.

سما قبيلو اصل سنڌ جو قبيلو آهي، جيڪو وڏي اهميت وارو لڳي ٿو. اڳتي هلي جڏهن هي قبيلو وڏيو ۽ ٽڙيو پکڙيو، انهن جي ذاتين، قبيلن ۽ پاڙن جي ورهاست ٿي تڏهن ان سان شامل سپني جٽن، گروهن کي مجموعي طرح "سماٽ" جو گڏيل نالو ڏنو ويو، جن جي دعويٰ آهي تہ "سماٽ" جا اصلي اسان سرواڻ آهيون، اهڙي دعويٰ ڪندڙن ۾ سنڌ جا انڊ سرفهرست آهن.

ڇوٽي:

ڏل مناهي ٻہ ڇٽا انڍ اناويهہ،
ڪوپيچي تہ سمڪا گهر تيهہ،
ٻارهن ٻاري جا ڏٽي، ارڙهن آهن آهير،
ٻارهن مان ٻہ چار چند، اٺ ٽيا اهڙا،
سنڌ سمون، ڪاڇي چنبو، پاٽي جيسلمير،
ڇوٽون پاٽن ڇغدو، جنهن جو پيڙهي مٽي پير.

سُمار (سومار): سماڻي ميمڻن جو پاڙو آهي. هي سما آهن.

سُماراڻي: چاندين جي هڪ قبيلي جو نالو آهي. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن:

1- آجباڻي، 2- تاماڻي، 3- ڏيپراڻي، 4- ڪلواڻي، 5- قاسماڻي، 6- عمراڻي ۽ 7- نورياڻي. شاعر عبدالنبي چانديو (جاگير نواز غيبي خان) هنن مان هو. مڪراني بلوچن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "سماراڻي" آهن.

سمالاڙي: جهالاواني پلوي بروهي آهن. هنن جو واسطو شاهي خاندان "احمد زئي" سان آهي، جيڪي حلب عرب کان آيل آهن.

سمالاڻي: جتڪ بروهين جو پاڙو آهي.

سَمان: سما خاندان جي هڪ ذات آهي. هي سميجا ڪل مان آهن. سميجن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "سمان" آهي.

سمانيا: ڪياني ۽ سمانيا ايراني نسل جا قبيلا آهن. سمانيہ خاندان نهايت مشهور آهي، جن بخارا تي 130 ورهيہ حڪومت ڪئي هئي (بحوالہ: جنت السنڌ).

سُماڻي: سماڻي جتن جو پاڙو آهي. ڪرمتين جي مرگهر شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

سماڻي: جمالي بلوچن جو پاڙو آهي.

سُماڻي: لاڙن جو پاڙو آهي.

سمَائر: ميربحر ۽ ملاح آهن.

سمبلاڻي: سراواني بروهين جو پاڙو آهي.

سَمبهاڻي: متعلوي/متيُاري سيدن جو پاڙو آهي. هي سمبهو بن عبدالولي بن دين محمد بن شاهہ ڪريم بلڙي واري جو اولاد آهن. سمبهہ کي چار پٽ عبدالرحمان، عبدالحڪيم، ابوالفتح ۽ بهارو هئا. جن جي اولاد ڏاڏي جي نالي پٺيان پاڻ کي "سمبهاڻي" سڏايو.

سَمتيجا: راجپرن جو پاڙو آهي. هي سميجا ڪل مان آهن. هڪ پي لکڻي موجب راجا چندر ونسيءَ جي نسل مان سنڌ جا هندو راجپوت آهن.

سُمرا: سمن جي ذات آهي.

سمرات: هندن جي هڪ ذات جو نالو آهي. ڪتاب وساريل لفظن جي لغت "اسان کي متان وساريو" جو مصنف گنگارام سمرات هن ذات مان آهي.

سَمراڻي: مري بلوچن جي بجاراڻي شاخ جو پاڙو آهي. ڪن ڪن جاين تي "سومراڻي" ۽ سڏجن ٿا. انڊڙن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "سمراڻي" آهي.

سُمراڻي: دومڪي بلوچن. لشاري بلوچ. مڪراني بلوچن ۾ چنن جو پاڙو آهي.

سمساڻي: ڪرمتين جي هڏيءَ شاخ جو هڪ پاڙو.

سَمسيو: ملاحن ۾ مهاڻن جي ذات آهي. ضلعي ٺٽي ۾ رهن ٿا.

سَمعالاڻي: لاشاري بلوچن جي ذات آهي.

سمگڙ: ملاح ۾ مهاڻا آهن. ٺٽي ضلعي ۾ رهن ٿا.

سَملاڻي: مزاري بلوچن جي مسيداڻي قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. (بحوالہ: تاريخ بلوچستان) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. جامع سنڌي لغات ۾ "سملاڻي" بروهين جو پاڙو لکيو آهي.

سِملاڻي: چاندين جو پاڙو آهي.

سِمنگ: لفظ سنسڪرت جي لفظ "سمڪت" تان ورتل آهي. جنهنجي معنيٰ آهي. "نوازيل". سمنگ ابڙن جو پاڙو آهي. جن جو واسطو ملاحن ۾ مهاڻن سان آهي. سمنگ ضلعي خيرپور ميرس ۾ سکر جي طرف رهن ٿا.

سَموَٽ: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

سَموزئي: بروهي آهن.

سمي: ڪتاب پنجاب کي ذاتين ۾ جهينور مهاڻن جي احوال ۾ لکيل آهي تہ "سمي" جهينورن جو پاڙو آهي.

سميپوٽا (سميپوٽڑا): سمن جو پاڙو آهي. هي سميجا کل مان آهن.

سَميجا: سنڌ ۾ ڪچ جي سمن مان لاکو بن لاکيار بادشاهہ ٿيو هو. ان جي پيڙهيءَ مان رائدن بن ڪاڪا هو. رائدن کي نو پٽ هئا. انهن مان هڪڙي پٽ جو نالو "سمو" هو. جنهنجي اولاد کي "سميجا" چون ٿا.

مير معصوم شاهہ بکري پنهنجي تاريخي حوالن ۾ ڄاڻايو آهي تہ "سميجا" سمات آهن. جي اصطلاحاً ملاح آهن. تاريخ مظهر شاهہ جهاني جو ليکڪ يوسف ميرڪ لکي ٿو تہ "سميجا" قوم جنگجو قوم هئي. جيڪا ان وقت هڪ وڏي "سمات" قوم هئي. جنهن ۾ بيون بہ ڪافي ذاتيون شامل هيون. جهڙوڪ: ڪيبر. ساند. جوٽيجا. ڪيريا. دل. انڙ. راهپوٽا. ٽيپا. بکيجا. پچا. پريا. ڏاهري. اونا. پان. لاکير. راڄپر. موچي. ابڙا. پنهور. ڪوريجا. بريا. ميتر. ساريا وغيره. ان وقت انڙ قوم جون ذاتيون راهو. ڏاهري. ساند. ساريا ۽ ڪيريا. ڏاريجا. راهوجا. سميجا کل مان سڏبا هئا. هي سڀ ملاحن ۾ مهاڻن جي کل ۾ شمار ٿين ٿا.

سميجا راڄ اڄ بہ سنڌ جي ڪافي حصن ۾ رهي ٿو. ايس - صادق علي جي لکڻ موجب راڄپرن جي پاڙن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "سميجا" آهي. ساڳئي مصنف ڪتاب جي ص 60 کان ص 63 تائين ميربحرن ۾ مهاڻن جا 254 پاڙا لکيا آهن. ص 63 جريان نمبر 214 تي "سميجا" لکيل آهي. يعني هي ملاح ۾ مهاڻا آهن. سميجن جا خاص پاڙا آهن: 1- اونا. 2- بوڙا. 3- سمان. 4- شينهڙ. 5- گهرياڻي. 6- محمود. 7- ميراڻي.

8- نانگا، 9- پگهيا، 10- بهڻ، 11- منگواڻا، 12- اجا، 13- اجو، 14- پرما، 15- پينئرا، 16- بجير، 17- پاتل، 18- پسايا، 19- پيرج، 20- درس، 21- ڏتا، 22- راهو، 23- رتا، 24- رتن، 25- سانئرا (سونئرا)، 26- سانگڻ، 27- ساتل، 28- سينهڙا، 29- ساهيا، 30- شيها، 31- طاهر، 32- قاسم، 33- ڪپر، 34- ڪلو (ڪلا)، 35- ڪنڊر، 36- عيسب، 37- کينئرا، 38- گوپا، 39- گوهڻ، 40- ڳاهيا، 41- ناٽا، 42- ندا، 43- وڪيا، 44- ويڏا. سميجن جو شجرو هن طرح آهي:



سميسا: سميو بن محمد سومري جو اولاد آهن. ٽر ۾ رهن ٿا. (پاڙو).

سَميئا: ٽري مينگهواڙن جي ذات آهي.

سميَئر: سمن جي ذات آهي.

سُنارَ (سونارا): سون جو ڪم ڪندڙن کي سناريا سونارا چون ٿا. بلوچستان ۾ مڪران ۾ "سنار" هڪ ذات آهي، جيڪي سونارڪو، لوهارڪو ۽ وڏيڪو ڪم ڪن ٿا.

هندن جي ستن ورنن مان هڪڙي ورن جو نالو "سونارا" آهي، جيڪي پڻ ذات جا "سونارا" سڏجن ٿا.

سُناس: فقيرن جي ذات آهي، هي اڪثر ڪري پولڙا (باندر) پالیندا آهن.

سَناڻي: جڪراڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

سَنائي سيد: هي سيد متعلوي (متياري) سيدن جي ميين پوٽا جي هڪ شاخ آهن. جامع شجره لاءِ (ڏسو "متعلوي" سيدن جو شجره).

سنائي سيدن جو شجرو

حضر علي رضہ

|

امام حسين رضہ

|

امام زين العابدين

|

امام محمد باقر

|

امام جعفر صادق

|

امام موسيٰ ڪاظم (وفات سن 183 هـ)

|

جعفر ثاني

|

حسين الاڪبر

|

علي الجواري

|

ابراهيم

|

حسين

|

يوسف

|

علي

|

حسين



سنبڪ پوتا: جاکرن جي هيٺ پاڙي جي هڪ شاخ.

سَنبڪ زئي: بروهي قوم جي ذات آهي.

سَنبلاڻي: مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکڻ موجب هي مزاري بلوچن جو پاڙو آهي.

سَنبوال: سماٽي جت آهن.

سنپاٽي: هندن جي ذات آهي. رسالو آشا جو ليکڪ (1941ع) هن خاندان مان هو.

سَنپيل: سمن جو پاڙو آهي.

سَنٽال: هندن جي هڪ قديم قوم آهي.

سنپال: پنجاب کان لڏي آيل سرائي جت آهن. سنڌ ۾ سنپال سڏجن ٿا.

سنپل: پرمار هندو آهن. ٽر ۾ رهن ٿا.

سنجا: ٽر ۾ مينگهواڙ ذات آهي.

سنجاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سَنجراڻي: مزاري بلوچن جي رستمائي قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو "سنجراڻي" آهي. لغارين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "سنجراڻي" آهي. لعلڻ خان لغاري ڏورن. بيٽن ۽ ڪجهارتن جو سڳهڙ هو. هي سنجراڻي هو. جيڪو ذات جو لغاري هو. بحوالہ ڪتاب "ڏور" ص 731 از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.



ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ سراواني سنجراڻي خالص بلوچ آهن. 1911ع ۽ 1931ع واري آدم شماري رپورٽ موجب "سنجراڻي" ميرجتن ۽ جت قوم مان هئا، جن بعد ۾ پاڻ کي بلوچ سڏرايو. هن وقت بہ جتن جي ذاتين ۽ پاڙن تي نظر وجهبي تہ انهن ۾ "سنجراڻي" نظر اچن ٿا. جتوئيءَ جي هڪڙي پٽ جو نالو "سنجر" هو، ان جي اولاد کي پڻ "سنجراڻي" چون ٿا. برڙن ۾ پڻ "سنجراڻي" آهن، جيڪب آباد طرف رهندڙ آهن. سنجراڻي پاڙي/ ذات جو مورث اعليٰ سنجر خان هو، جنهن جي نالي پنيان "سنجراڻي" سڏجن ٿا.

راءِ بهادر هتورام لکيو آهي تہ "سنجراڻي" موسياڻي بروهين جو پاڙو آهي، ڪتاب جنب گذاريم جن سين ص 408 تي لکيل آهي تہ "سنجراڻي" کوسن جي مٽيوال پاڙي جي هڪ شاخ آهن. هي ڪوٽڙي تعلقي ۾ رهن ٿا. لعل بخش خان سنجراڻي هنن جو چگو مڙس ٿي گذريو آهي. نوحاڻي بلوچن جي هڪ راڄ جو نالو "سنجراڻي" آهي، جنهن مان شڪلاڻي، قاسماڻي ۽ مناڻي پاڙا آهن.

سنجل خيل: آفريدي پٺاڻن جي اڪاخيل قبيلي جو پاڙو آهي.

سَنجواڻي: پٽي ذات جو پاڙو آهي.

سنجوڳي: مڙس هڪ ذات مان ۽ زال بي ذات مان هجي، ان جي ميلاپ مان جيڪو اولاد پيدا ٿئي، ان کي ذات جا "سنجوڳي" چون ٿا. هي هندو آهن ۽ گدا بہ سڏجن ٿا.

سنجوڳي شيخ: هي نوان مسلمان شيخ آهن، پر سندن عادتون، ريتون رسمون اجا تائين هندن جهڙيون آهن.

سنجهوجا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

سنجهيپوتا: جاکرن جي حُسَنَ پاڙي مان هڪ وراٹي.

سَنڇ: سمن جي ذات آهي.

سنچر: برهم کترين جي هڪ نڪ جو نالو.

سَندا: سمن ۽ پنجاب کان لڏي آيل سرائي جتن جي ذات آهي.

سنداٹا: سمن جي ذات آهي.

سَندراٹي: ڪتاب تاريخ بلوچستان ص 29 از مولائي شيدائي ۾ لکيل آهي تہ "سندراٹي" بگٹي بلوچن جي نوٹاٹي شاخ مان آهن. ساڳي طرح جامع سنڌي لغات ۾ پڻ لکيل آهي تہ "سندراٹي" بگٹي قبيلو آهي.

سُندراٹي: گورچاٹي بلوچن جي لشاري شاخ مان هڪ پاڙو آهي، جن کي "سندلاٹي" ب چون ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ب هنن کي لشاري شاخ مان لکيو آهي. چاندڀا هوت بلوچ جو اولاد آهن، هوت کي چار پٽ هئا، انهن مان هڪ پٽ جو نالو مير حسين هو، ان حسين مان "سندراٹي" آهن. جامع سنڌي لغات ۾ جتوئي بلوچن جا 24 پاڙا لکيل آهن، جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "سندراٹي" لکيل آهي.

ايس - صادق عليءَ جي لکڻ موجب "سندراٹي" رندن جو پاڙو آهي ۽ جتوئين جي شر قبيلي مان پڻ "سندراٹي" آهن. بڙدي ۽ بليدين جي احوالن ۾ لکيل آهي تہ "سندراٹي" بڙدي ۽ بليدي آهن، جنهن جا خاص پاڙا آهن: 1- بابلاٹي 2- بهار خاناٹي، 3- بجاراٹي، 4- زينڊياٹي، 5- ميولداٹي، ۽ 6- هيسباٹي.

سندراٹي بڙدين جو شجره هن طرح آهي:

هرين بلوچ
|
مير علي
|
زيندي خان
|
اولاد سندراٹي سندر خان

ڪتاب شاهان گوجر ۾ لکيل آهي تہ "سندراٹي" گوندل ذات جو پاڙو آهي.

سندر زئي: بارک پناٹن جو پاڙو آهي.

سندزئي: شيراني افغاني پناٹن جو پاڙو آهي.

سندواٹي: ڪتاب بلوچ اور بلوچستان جي ص 116 تي لکيل آهي تہ "سندواٹي" ساجدي بلوچن (جت) جو پاڙو آهي.

سُندي: ڪمبوه قبيلي جو پاڙو آهي.

سنديلا: سمن جي ذات آهي. هي آبڙ ۾ اچن ٿا.

سَنڈَڙ: سمن جي ذات آهي.

سَنڈَلَ: هڪ غير سمات ذات آهي.

سُنڈلاڻي: ملڪ ڪانپو خان جي پٽ بهدي خان جو اولاد آهن. هي حملاڻي برفت آهن.

سِنڈو: راجا ڪرن جو اولاد مان تارڙ ۽ سنڈو آهن. سنڈو جي پي شاخ راجا جگديو مان آهي. راجا جگديو کي ٻه پٽ ساهي ۽ سنڈو هئا، جن جي پنيان جدا جدا ذاتين جا نالا پيا. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر) آرائين ۽ چهڙن ۾ پڻ "سنڈو" ذات وارا آهن.

سنڈي: پاهڙن ۽ پهوڙن جو پاڙو آهي.

سنگاساڻي: چاندڻيا قبيلي جو پاڙو آهي.

سنگاسي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سنگاڻا: ڪولاچين جو پاڙو آهي.

سنگاڻي: "هرجال" نک مان هندن جي هڪ آکيڙ جو نالو هي "دوداڻي" ٻه سڏجن ٿا.

سَنگر: جدگالن (جتن) جو پاڙو آهي. سنگ فارسي لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي : "پٿر" سنگر جي اصطلاحي معنيٰ ٿي، پٿرن تي رهڻ وارا، جبلن ۾ رهڻ وارا. هي جدگالي ايران، بلوچستان، ڪيچ مڪران، لسبيلي ۽ ڪراچي ۾ رهن ٿا، جيڪي انن تي پٿر ۽ ان مان نهيل شيون هڪ جاءِ تان ڪٿي ٻي جاءِ تي پهچائيندا هئا، هن وقت هي سڏريل آهن. رئيس، ڪينگزئي، مهدي زئي، بند ۽ ڪوڙڪ هنن جا پائر ۽ شريڪ آهن.

ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 116 موجب "سنگر" ساجدي (جت) بلوچن جو پاڙو آهي. "سنگر" بلوچي لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي مورچو سنڀالڻ وارو.

سنگراسي: هن ذات لاءِ ڪافي رايا آهن، جيڪي هن طرح آهن: 1- سما سنگراسي مسلمان آهن، جيڪي ڏهر بن جوجو جو اولاد آهن، هن جي پائرن جا نالا پينسين ۽ پريو هئا. 2- سنگراسي سومڙن جو اولاد آهن، جن مان ڪجهه مسلمان ٿه ڪجهه هندو آهن، هي ٿر ۾ رهن ٿا. هندو سنگراسي شري ڪرشن جا پوئلڳ آهن. سندن وڏو راڻو سنگر پٽ راڻو ڪينڙو غوث بهاؤالدين ملتاني جي تلقين سان مسلمان ٿيو. 3- پنجاب کان آيل سنگراسي نوان مسلمان آهن، هي سرائڪي ۽ ملتاني زبان ڳالهائين ٿا، جيڪي سکر ۽ خيرپور ميرس ۾ رهن ٿا. هي دهلاري ۽ ميراثي آهن. سنگراسين جا خاص پاڙا آهن. 1. آسريا 2. جکريا 3. چوندا 4. سوڍا 5. ڪٽارا 6 لونڊا ۽ 7. لوٽا.

سنگراشي: ٿري ٺڪرن جي ذات آهي.

سنگراهه: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سنگڑاسي: ٿري راجپوتن جي ذات آهي.

سنگهڑيال: جاٽن جي هڪ ذات.

سنگل: ميو قبيلي جو پاڙو آهي. هي مسلمان آهن.

سنگو خيل: شنواري پٺاڻن جو پاڙو آهي.

سنگوري: مڪران جا رهندڙ بلوچ آهن. زراعت ۽ ماهيگيري ڪن ٿا. اي - ڊبليو هيوگس ڪتاب "دي ڪنٽري آف بلوچستان" ص 163 تي لکي ٿو ته "سنگوري" هڪ گڏيل قبيلو آهي. جنهن ۾ غير بلوچ. بروهي ۽ لس شامل آهن. ڪاري نسل جا بلوچ "سنگور" عورتن جو اولاد آهن. هيوز لکي ٿو ته سنگوري بروهي نسل مان آهن.

سنگها: سما ملاح آهن.

سنگهار: ملاح آهن. ٺٽي ضلعي جي ڪاري واري حصي ۾ رهن ٿا.

سنگهاڙ: ڪاچي هندو آهن. سنگهاڙا (Wates Nuts) فصل ڪن ٿا. ان ڪري ذات جا "سنگهاڙ" سڏجن ٿا.

سنگهراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سنگهڑ: ملاح ۽ مهاڻا آهن. خيرپور ميرس طرف وينا آهن. هي اصل ۾ پنجاب ۾ سنگهڙ ٺٽن (ندي) تي رهندا هئا. جنهن نسبت سان ذات جا "سنگهڙ" سڏجن لڳا.

سنگهي: چاچڙن جي جڳانند شاخ مان آهن.

سنگهيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سنگليا: لنگهن جي ذات آهي.

سنهاڙا: سمن مان آهن.

سنهالي: هي بڌ جا پوڄاري. سيلون (سريلنڪا) جا رهاڪشي آهن. سندن زبان پالي آهي. ڪراچيء ۾ اقليت ۾ رهن ٿا.

سنهڙا: سمن مان آهن.

سنهڙا: ڪاڪا ذات وارن جو پاڙو آهي.

سنهيان: سومرن جو پاڙو آهي. ٿر ۾ رهن ٿا.

سنيا: سماڻي ميمڻن جي ذات آهي.

سَنياسِي: سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي، تارڪ دنيا، جوگي، فقير، فقيرن جو ٽولو، آزاد خيال وغيره. هندي ڌرم جي چوٽين آشرم جا پوڄاري، جيڪي پاڻ کي ذات جا سنياسي فقير چوائين ٿا. هي شنڪر اچاريا جا پيروڪار آهن.

سَنيچا: هڪ سماڻ ذات آهي، همايون بادشاهه جي لشڪر ۾ شامل هئا، تر ۾ رهن ٿا. (بحواله: جنت السند ص 393).

سَنيداڻي: مزاري بلوچن جي رُسمتاڻي شاخ جو پاڙو آهي.

سَنيهڙا: سمن جي ذات آهي.

سُنيهڙا: غير سماڻ ذات آهي.

سَٽپال: پنجاب کان آيل سرائي جت آهن.

سٽپال: سمن جي ذات آهي.

سٽيرا: ڪوهستان ۾ رهندڙ برفت آهن، صالح محمد جي راڄ جا ماڻهو آهن.

سَواتِي: اصل ۾ سنڌ جا رهاڪو آهن، هتان لڏي وڃي وادي سوات ۾ وسيا، جن پاڻ کي پٺاڻ سڏايو. اصلي پٺاڻ هنن کي هندستاني نسل جا "گدا" چون ٿا. هي سيد جلال بابا جا پيروڪار سني مسلمان آهن. ترلي، پاخلي، غيباري، متواري ۽ ميالي هنن جا خاص پاڙا آهن.

سوامي نارائڻ: هي اڪثر ڪري ڪاسبي ۽ ڪچي هندو آهن، جيڪي ڪرشن ۽ راڌا جا پوڄاري آهن. لنگ جي بہ پوڄا ڪن ٿا. هنن جا الڳ مندر آهن.

سواناڻي: جڪراڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

سَواڻي: گورچاڻي بلوچن جي سوراڻي شاخ مان آهن.

سوائي: سمن سهتن ۽ جاڙيجن جو پاڙو آهي. مهرن ۾ پڻ سوائي (متوجا) آهن. هندن ۾ پڻ سوائي آهن، جيڪي ائوڌ جي سوائي مانسنگهه بهادر ۽ سوائي مهاراج اڌيراج جو اولاد آهن. هي پاڻ کي سري رامچند جي وڏي پٽ "ڪش" جو اولاد، سورج ونسي ڪُل مان ڪتري راجپوت، ديوئ جا پوڄاري چوائين ٿا. پڳت آکهه بہ هنن مان آهي جن جو لقب "سوائي" آهي.

سوايا: سمن جو پاڙو آهي.

سوبدراڻي: جمالي بلوچ آهن.

سوبر: سمن جي ذات آهي.

سوپار: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ڪاري واري علاقي ۾ رهن ٿا

سوپاٽي: مگسي بلوچ ۽ عمراٽي رند آهن. راڄپرن ۾ پڻ "سوپاٽي" پاڙو آهي.

سوڪاٽي: جتن جو هڪ پاڙو. هي نٽيار جتن ۾ شامل آهن.

سَوتار: ٽري هندن جي ذات آهي.

سُوتَڙ: ڪوهستاني سمات ذات آهي.

سُوتَهڙَ: ٽري هندن جي ذات آهي. هن ذات مان لالجي همٿو جي ۽ راٿو جي ڳجهارتن جا ڏاڏا ماهر هئا.

سوپار ڪران کان آيل مسلمان غير سمات ذات آهي.

سوجا: مگرين جو هڪ پاڙو. هي سوجو پٽ ڪيٽو پٽ مهراڻ جو اولاد آهن.

سوجا: هڪ آبڙ ذات آهي. هنن جا چند گهر خيرپور ميرس ۾ آهن.

سُوجاٽي: ڪرمتين جي پيٽوا ۽ گبول شاخ جو هڪ پاڙو.

سوچڪ: ابراهيم زئي پناڻن مان آهن. يوسفزئي هنن مان آهن.

سود: جابلو هندن جي ذات آهي. هي بين وٽ ملازمت ڪن ٿا.

سودازئي: هڪ مسلمان غير سمات ذات آهي.

سوداگر: وٽجارن (ملاح) جي ذات آهي.

سَودَر: پراڪرت بوليءَ جو لفظ "سدر" سنسڪرت جو لفظ "شودر" مان ورتل آهي. جنهنجي معنيٰ آهي "شڄ" صاف ڪرڻ. اصطلاحي معنيٰ ٽي پنگي. گهٽ ذات وارا هندو. آرين جا چار ورڻ 1- برهمڻ 2- ڪتري 3- وئش ۽ 4- سودر آهن. سودر انهن مان آهن. هنن کي "شودر" به چون ٿا.

سُودرا: ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڻن جي ذات آهي.

سَودوزئي: محمد شهي بروهي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

سُوذَر: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

سُوڏَر: سما آهن. آبڙ ۾ آهن. ٽر ۾ پڻ سوڏر رهن ٿا. جيڪي هندو آهن.

سودا: هندو ڪترين جي هڪ نڪ جو نالو.

سودا: راجپوت نسل مان هندو پرمار آهن. راجپوتانا اتهاس ۾ لکيل آهي ته راجپوت بهادر هئا. انهن مان پرمار وڏي نالي وارا هئا. جن مان پڙهيار. سولنڪي ۽ چوهاڻ هئا. انهن پرمارن "ابوءَ" کي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪري ساري هندستان تي قبضو ڪيو. ان وقت پرمارن جون ٽن مان وڏي پنجٽيهه ساکون ٽيون. جن مان پهرين ۽ مکيه ساک "سودا" هئي.

1226ع ۾ اجين مان سرمار سوڍو سنڌ ۾ اچي پاڻ کي راڻي جو لقب ڏئي عمر ڪوٽ جو حاڪم ٿي ويٺو. ان بعد راڻا ڏارا هرش سوڍي جي ٽن پٽن مارواڙ کان اچي سڄي ٿر واري علاقي تي قبضو ڪيو. 1355ع ۾ عمر سومري سوڍن کي شڪست ڏيئي سڄي ٿر تي قبضو ڪيو. 1542ع ۾ همايون بادشاهه عمر ڪوٽ جي هڪ راڻي وٽ اچي پناهه ورتي هئي. 1859ع ۾ سوڍن انگريزن جي خلاف فساد ڪيو هو. جنهن تي انگريزن راڻي اڌيسنگهه کي چوڏهن سال ۽ سندس وزير کي ڏهه سال سزا ڏني. جنهن بعد سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيو ته "سورهه پٽ سنڌ جا، سوڍا پٽ سنڌ جا".

هڪ شجره موجب ٿر جا سوڍا راڻا هن طرح تي گذريا آهن: راڻو آسراءِ، راڻو ڏيوراج، راڻو سڙڪجي، راڻو ڪنگهار جي، راڻو ارجڻجي، راڻو پيمجي، راڻو پاکرجي، راڻو گانگوجي، راڻو اکوجي، راڻو ماڻڪ راءِ، راڻو ڏيپار ڏيو، راڻو رام سنگهه، راڻو وڻيرجي، راڻو رائڏڻجي، راڻو گجسي، راڻو ڪانجي، راڻو رتنجي، راڻو هميرجي، راڻو رڻچوڙجي، راڻو اچل سنگهه، راڻو جگوجي، راڻو ڪرڻجي، راڻو لاڏوسنگهه ۽ راڻو اڌيسنگهه.

سوڍا شو جا پوڄاري آهن، جن جون ڪيتريون ئي ذاتيون آهن. مثلاً اڏا، اکا، پرمار، جسراج وغيره. ٿر جي سوڍن پنهنجا ننگ (ڏيئرون) ڪلهوڙن ۽ تالپرن کي پرڻائي ڏنيون هيون، جيئن راجپوتن مغل بادشاهه اڪبر ۽ بين کي ڏنيون هيون.

ايس - صادق علي جي لکڻ موجب ٻجيراءِ، ويرم ۽ هندو پٽيءَ جي اولاد مان "سوڍا" آهن، جن کي عام طور "سما" چون ٿا. جن مان تمام گهٽا مسلمان ٿيا آهن ۽ باقي اڃا تائين هندو آهن. انهن سوڍن جون مکيه شاخون آهن: 1. ڀهپار 2. ٻجير 3. پٽا 4. پيا 5. جيسر 6. ڪور 7. گجو 8. سنگراسي 9. گنديير 10. گنگا 11. موڏا 12. مهراڻ پوٽا 13. وگهورا 14. ويسر. راجپوتانا کان آيل ڪترين، سنگراسين ۽ سنڌ جي سومرن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "سوڍا" آهي. سوڍن جو شجرو هن طرح آهي:





سوڍاڻي: عمراڻي بلوچن جي پاڙي جو نالو آهي. ٽر ۾ سمن جا ماڻهو رهن ٿا. انهن ۾ پڻ "سوڍاڻي" آهن. ننڍي ضلعي جي ڪاري واڙي پاڳي ۾ "سوڍاڻي" ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سوڍائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سامونڊي ڪناري سان رهن ٿا.

سَوڍرَ: سما آهن. هي ٽر ۾ اڪثريت سان ۽ سنڌ جي ٻين حصن ۾ ڇٽا پاڻا رهن ٿا. هن ذات جا خاص پاڙا آهن:1. تيلاڻي، 2. خوشحالاڻي، 3. درڪاڻي، 4. سومراڻي، 5. سيتواڻي، 6. گاگاڻي، 7. غيباڻي. ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، سوڍرن مان هڪ ڄاڻل سڃاتل شخصيت هو.

سوڍڙ: سمن جي ذات آهي.

سوڍڙا: سما آهن، آبڙ ۾ ٿا اچن. هنن جا ڪجهه گهر خيرپور ميرس ۾ آهن.

سوڍي: هندو ڪترين جو پاڙو آهي.

سوڍي پوٽا: جاڪرن جي حسڻ پاڙي مان هڪ نندو پاڙو.

سُورَ (سُوڙهه): اگارين (بلوچ) جا پائر آهن. ڪوهستان، لسبيلي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا. هنن جا سومار پوٽا، ٽهور پوٽا ۽ عاقوب پوٽا پائر آهن. لوڏي پناڻن جو هڪڙي شاخ جو نالو پڻ "سور" آهي. جن هندستان تي حڪومت ڪئي (سوري).

سورا: سما آهن. هنن کي ڪن ڪن جاين تي "شورا" ۽ چون ٿا. ڪوهستان ۾ رهن ٿا. ننڍي ضلعي ۾ سمندِ جي ڪناري سان رهندڙ "سورا" ملاح ۽ مهاڻا آهن. محمد شهي بروهين جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "سورا" آهي.

سَوراٹي: گورچاٹي بلوچن جو قبيلو آهي. هن قبيلي جون مکيه شاخون آهن: 1. سواٹي (سوراٹي) 2.موساٹي (موسياٹي). 3. ميرڪام. 4. هرواٹي.

سُوراٹي: نوحاٹي بلوچن جو هڪ پاڙو.

سورائي: تاريخ سجاول 1984ع موجب "سورائي" ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سورنيا: سورٺ برصغير جي هڪ رياست جو نالو هو. نومبر 1947ع ۾ هنن جي شهرن تي هندن ظلم ڪيا، جنهن سبب اتان جا ماڻهو لڏي اچي سنڌ ۾ ويٺا. جن پاڻ کي پنهنجي اصلوڪي وطن جي نسبت سان ذات جا "سورنيا" سڏايو. انهيءَ لاڳاپي سان ڪراچيءَ جا ميمڻ پاڻ کي "سورنيا" ۽ ٿر جا پرمار هندو پڻ پاڻ کي "سورنيا" سڏائين ٿا.

سورجا: سمن جي ذات آهي.

سورما: سمات ذات آهي. همايون جي لشکر ۾ شامل هئا. ٿر ۾ رهن ٿا (جنت السنڌ ص 353).

سورنگال: ڳڪڙ قبيلي جو پاڙو آهي. مسلمان ڪياني مغلن مان آهن.

سورو: محمد شهي بروهين جو پاڙو آهي.

سَورَهيا: مگهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

سوري: صوبي سرحد ۾ سوري لڪ آهي. جتي امير سوريءَ جو اولاد رهندو هو. جن کي سوري لڪ جي نسبت سان "سوري" چون ٿا. سوري لنڊ ۽ پٺاڻ آهن. اسلامي انسائيڪلوپيڊيا شاهڪار ۾ لکيل آهي ته سوري افغاني پٺاڻن جي لوڏي خاندان مان آهن. لوڏي خاندان جون ٻه وڏيون شاخون سياني. نيازي ۽ دوتاني آهن. وري سياني شاخ جون وڏيڪ ٻه شاخون اسماعيل ۽ پرنگ آهن. اسماعيل وري وڏيڪ ٽن شاخن سور. لوهاني ۽ مهپال ۾ ورهايل آهي. سوري انهن مان آهن. جنجو شجره هن طرح آهي.



سُوريجا: مزاري بلوچن جي سيداڻي قبيلي مان هڪ پاڙو آهي.

سوري لنڊ: هي امير سوري لنڊ جو اولاد آهن ۽ گڏيل سڏيل بلوچ آهن. صوبي سرحد ۾ سوري لڪ جي پرسان وينل هئا. جنهن نسبت سان "سوري لنڊ" سڏجن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. اوراڻي، 2. نينگاڻي، 3. چاڪراڻي، 4. حيدراڻي، 5. دوداڻي، 6. ڏنگاڻي، 7. زرينائي، 8. صادقاڻي 9. طالباڻي، 10. بڪراڻي، 11. زرياڻي، 12. گرزواڻي، 13. نوحاڻي، 14. گورچاڻي.

سوسولي: سمات ذات آهي. هي جاڻلو ماڻهو آهن. جن جو واسطو لسبيلي جي "برفتن" سان آهي. سنڌ ۾ به رهن ٿا.

سوفيجي: برهم کترين جي هڪ نک جو نالو.

سوڪ زئي: بابرج پناڻن جو پاڙو آهي.

سوڪڙا: پرمار هندن جي ذات آهي.

سُورَهيا: مگڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

سولجر: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

سولڪاڻي: جڪراڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

سَولنَڪِي: هندن جي تاريخ ۽ ذاتين جي اپياس مان خبر پوي ٿي ته "سولنڪي" هندو ڌرم جي راجپوت نسل مان آهن. جن جي نسبتَ گجرن سان لڳي ٿي. ڏهين صديءَ ۾ اها گجر قوم گجرات جي حاڪم قوم هئي [1] ابوظفر ندويءَ جي لکيل ڪتاب "تاريخ گجرات" مان خبر پوي ٿي ته سولنڪي اصل ۾ سنڌ جا رهاڪو هئا. زماني جي لاهن چاڑهن سبب اهي گجرات لڏي ويا ۽ صدين بعد انهن جو نسل واپس اچي سنڌ ۾ آباد ٿيو.

گجرن جون اٽڪل ٻاهٺ (62) ذاتيون آهن. انهن مان هڪڙي ذات جو نالو "چالوڪيا" آهي. ان چالوڪيا جي شاخ مان "سولنڪي" آهن. منگهارام جي لکيل ڪتاب "پراڻو پارکر" جي اپياس مان پتو پوي ٿو ته "سولنڪي" راجپوتن جي سورج ونسي نسل مان آهن. جيڪي اصل ۾ هندو هئا. جن مان ڪافي مسلمان ٿيا اڄ ڪجهه ساڳيائي هندو آهن.

راجپوتانا اتهاس ۾ لکيل آهي ته پرمار هندن مان سوڍا آهن. انهن سوڍن جي هڪ نک جو نالو "سولنڪي" آهي. جيڪي نهايت بهادر آهن. مينگهواڙ هندن جي نسل تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته "سولنڪي" مينگهواڙن جو هڪ مکيه پاڙو آهي. محمد بن قاسم جي اچڻ وقت ماڻڪ تارا رياست جو حاڪم جيسر ولد جج سولنڪي هو. هن رياست جو وجود ناصرالدين قباچه جي زماني تائين هو. انهن سولنڪين دين اسلام قبول ڪري محمد بن قاسم جو ساٿ ڏنو. ان بعد هي "سولنگي" سڏجن ٿا. ان وقت سولنڪي قوم

---

[1] گجرات جا حاڪم مولراج سولنڪي ۽ ڪمار پال سولنگي هئا.

حاڪم. بهادر ۽ عزت واري هئي. ان ڪري ٻيون قومون ان جو اثر قبول ڪري ان ۾ داخل ٿيڻ لڳيون. مثال طور ماڇي. شڪاري. ملاح. شيخ وغيره . اهي سڀ پاڻ کي "سولنڪي" ڪوٺائڻ لڳا.

سولنڪيءَ جو تلفظ بار بار ڏهرائڻ ڪري ۽ زباني گردان سبب سولنڪيءَ مان ڦري "سولنگي" ٿي ٻيو. جنهن بعد اهي سولنڪي سڃي سنڌ ۾ "سولنگي" سڏجن ٿا. ڪتاب شاهان گوجر ص 162، گوجر اڪيڈمي لاهور لکيو آهي ته "سولنگي" آسون گوجر جو اولاد آهن. سورت وارا گوجر اڄ به پاڻ کي "سولنگي" چوائين ٿا. ص 163 سولنگي گوجر حڪمران هئا. جن پنهنجي دور ۾ ڪانيا واڙ جو نالو تبديل ڪري "گجرات" رکيو. گجرات ۾ جاين تي لکيل ڪتبن تي سولنگي گوجر لکيل آهي. گجراتي قصن ۽ ڪهاڻين ۾ پڻ سولنگي گوجر چيو وڃي ٿو.

سولنگي: راجپوت نسل مان هڪ سمات ذات آهي. جيڪا قوم جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي. هن ۾ ٻيون به ڪافي ذاتيون شامل ٿيل آهن. جيڪي پڻ پاڻ کي "سولنگي" چوائين ٿا. جن مان خاص ذاتيون ماڇي. مهاٽا. شڪاري ۽ شيخ آهن. وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو لفظ (ذات) "سولنڪي".

سُوانگي: سمن جو پاڙو آهي.

سوم: مگرين جو هڪ پاڙو. هي پڻ اسوڏو جو اولاد آهن.

سُومارَ: سما ميمڻن ۽ گجو قبيلي جو پاڙو آهي.

سوماراڻي: ڪرمتين جي ٻئوا. زنگيائي. لجيرا. مهيري. ٻائوٽ ۽ جانوري شاخن مان هڪ پاڙو.

سوماريوٽا: اگاريا بلوچن جو پاڙو آهي. سور. ٽهور پوٽا ۽ عاقوب پوٽا هنن جا ٻائر آهن. هي لسٻيلي جي طرف رهن ٿا. لسٻيلي جي ڄاموٽن جو پڻ "سومار پوٽا" پاڙو آهي. هي سمات ۾ شامل آهن.

سومارزئي: ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 105 موجب سومار زئي ميرواڻي بروهين جو پاڙو آهن. جن جو مورث اعليٰ سومار خان هو. ساڳي ڪتاب جي ص 127 موجب "سومارزئي" سرپرهه قبيلي جو پاڙو آهي. جن جو واسطو افغان پٺاڻن سان آهي.

سومالاڙي: جهالاواني پلوي بروهي آهن. هنري پاٽنجر ڪتاب سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ۽ سفر ۾ هنن کي "سوملاري" لکيو آهي. جو شايد ترجمو ڪرڻ واري ائين لکيو آهي. جامع سنڌي لغات ۾ لکيل آهي ته "سومالاڙي" بلوچ قبيلو آهي. منهنجي تحقيق موجب هي بلوچ نه پر بروهي آهن.

سومرا: سنڌ جي هڪ اهم قديم قوم آهي. سومرا لفظ سومر +را جو مرڪب آهي. سومر. سنسڪرت جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. چند. قمر. ماهتاب. ۽ را فارسي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي لاءِ. اصطلاحي معنيٰ ٿي چند جا پوڃاري. هي سنڌ ۾ ٽانيسر جي جاءِ تي سومر جي ڏينهن پوڃا ڪندا هئا ۽ ميلو لڳائيندا هئا. چند جي پوڃا ۽ سومر جي ڏينهن ملهائڻ جي وجهه تسميه سبب هي قوم جا "سومرا" سڏجڻ لڳا.

سومرا هڪ اهم قوم هئڻ جي باوجود اڄا تائين تاريخي پردن ۾ ويڙهيل ۽ ور ڇڙهيل آهي. ڪي مورخ هنن کي عرب لکن ٿا ته ڪي هنن کي خالص هندو نسل مان چون ٿا. ڪن جي راءِ آهي ته هي سنڌ جا سما ۽ سمات آهن. سومرن جا نالا، ذاتيون ۽ پاڙا عربن، هندن ۽ سمات ذاتين ۽ نالن جهڙا لڳن ٿا. ڪافي ليکڪن ۽ محققن تاريخي حوالا ڏيئي هڪ ٻئي تي ڇوهه ڇنديا آهن. ليکن نتيجو ساڳيو ئي ملي ٿو ته ڪي چون ٿا ته سومرا هندو نسل مان آهن ته ڪن جي راءِ آهي ته هي عرب کان آيل آهن. انهيءَ پس منظر ۾ ڪن تاريخ نويسن جا تحقيقاتي رايا پيش ڪجن ٿا.

0 تاريخ معصوميءَ جو مصنف مير محمد معصوم بکري لکي ٿو ته سلطان عبدالرشيد جي زماني (441 هـ 444 هـ) ۾ "سومره" نالي هڪ شخص هو، جنهن کي نريءَ جي شهر جو تخت نشين ڪيو ويو ۽ ان کي "پونگر" نالي هڪ پٽ هو. ان سومره مان "سومرا" سڏجن ٿا.

0 تاريخ طاهريءَ جي مصنف مير طاهر نسياني سومرن کي هندو قبيلي ۽ هندو مذهب وارو لکيو آهي.

0 عرب مورخ ابن بطوطہ پنهنجي سفرنامہ ۾ جناني شهر جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته هن شهر ۾ "سومرا" قوم جا ماڻهو رهن ٿا. جيڪي قديم زماني کان هتي موجود آهن. هنن جا وڏا ب هتي رهندا هئا.

0 هڪ ڪتابي حوالي موجب سومرا اصل سنڌ جا سنڌي آهن. واپار سانگي سامره شهر ۾ وڃي وينا. سالن بعد موتي اچي سنڌ وسايائون. جنهن ڪري سنڌ جا ماڻهو کين "سامره ۽ سومرا" سڏڻ لڳا.

0 مولوي نجم الغني پنهنجي لکيل تاريخ "وقائع راجستان" ۾ لکي ٿو ته "سومرا" سورج بنسي ڪل مان پرمار راجپوت جي خاندان امره سومره مان آهن. جيڪي بعد ۾ مسلمان ٿيا آهن.

0 تاريخ جنتہ السنڌ جو ليکڪ محترم رحيمداد مولائي شيدائي لکي ٿو ته: سومرا سنڌ جا پرمار هندو راجپوت نسل مان آهن.

0 سام بن نوح نبيءَ کي 16 پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "سومرو" هو. سومرا ان مان آهن.

0 پيرو مهرمل چند آڏواڻي، ڪتاب سنڌي بوليءَ جي تاريخ ۾ ڇاڻائي ٿو ته سومرا اصل ۾ هندو راجپوت نسل مان آهن.

0 شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ ڪتاب قديم سنڌ ان جا شهر ۽ ماڻهوءَ ۾ لکي ٿو ته سومرا هندو راجپوتن مان آهن.

0 اميد علي ڪريم بخش ڪتاب گجراتي اتساهہ ۾ لکيو آهي ته سومرا اصل ۾ هندو راجپوت نسل مان آهن.

0 ڪتاب راس مالا ۾ لکيل آهي ته سومرا، هندو راجپوتن مان آهن. جيڪي علاوءَ الدين خلجي جي فتح بعد مسلمان ٿيا (1125ع).

0 سيد سليمان ندوي پنهنجي ڪتاب عرب و هند ڪي تعلقات ۾ لکيو آهي ته سومرا اصل ۾ سنڌ جي راجپوت ذات آهي.

0 هريجن رائچند تاريخ ريگستان ۾ ڪتاب ڪانياواڙ سرو سنگراءِ ۾ ڄاڻايو آهي تہ سومرا اصل ۾ سنڌ جي راجپوت ذات آهي.

0 "يو ون راج ونسا ولي" جوڌپور جي اتساهي ڪتاب ۾ سومرن کي هندو راجپوت لکيو آهي.

0 ڪتاب فرشتہ جي مصنف جي راءِ آهي تہ "سومرا" پرمار راجپوت آهن.

0 ڪتاب پراڻو پارکر جي مصنف منگهارام اوجها سومرن کي پرمار راجپوت سڏيو آهي. هن پرمارن جا ڪافي پاڙا لکيا آهن. جن مان هڪ مکيہ پاڙو "سومرا" آهي.

0 ڪتاب دائره معارف اسلام ص 97 تي لکيل آهي تہ سومرا راجپوت آهن. جيڪي سمره راجپوت جو اولاد آهن يا سمره لفظ ڦري "سومرا" ٿيو آهي.

0 حضرت نوح جي پٽ سام جي پٽ ہڈ (ہڈا) کي سورهن پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "سومره" هو. جن جو اولاد سومرا سڏجي ٿو.

0 ندوي ابوظفر تاريخ گجرات دهلي ۾ ندوة الصنفين سال 1958ع ۾ سومرن کي سنڌ جا پرمار راجپوت لکيو آهي.

0 نارائڻ وشنجي 1929ع ۾ ڪتاب "ڪچ نوڪسيري دودو الي چنيسر" گجراتي ص 12 تي لکي ٿو تہ "سومرا" اصل چندر ونسي هئا.

0 محترم جي - ايم سيد. ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ سومرن کي پرمار شاهي خاندان مان نو مسلم قوم سڏيو آهي.

0 تاريخ سنڌ جي مصنف عبدالغني عبدالله لکيو آهي تہ "سومرا" قديم وقت کان سنڌ جا رهاڪو آهن. جيڪي عربي نسل جا نہ آهن.

0 ڪچي قوم ۾ ڪافي ذاتيون شامل آهن. جن مان هڪڙي ذات "سومرا" آهي.

0 يورپي مورخن سومرن کي نو مسلم راجپوت نسل مان ڏيکاريو آهي. ايلٽ صاحب **History of India** ۾ لکيو آهي تہ سومرا هندو راجپوت نسل مان آهن.

0 جي. ايبٽ. ڪتاب سنڌ ۽ا ن جا ماڻهو ۾ سومرن کي اصل هندو راجپوت لکيو آهي، جيڪي پوء قرمطي ٿيا ۽ تنهن کان پوء شيخ بهاءَ الدين ذڪريا ملتاني جي روحاني فيض سان سچا مسلمان ٿيا.

0 ڪرنل ٽاڈ. ڪتاب راجستان ۾ سومرن کي پرمار راجپوت لکيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ سومرا. سوڍا قبيلي جي عمره ۽ سمره شاخ مان آهن.

0 ميجر جنرل هيگ پنهنجي ڪتاب انڊس ڊيلٽا ڪنٽريء ۾ لکيو آهي تہ سومرا اصل ۾ هندو راجپوت هئا ۽ پوء مسلمان ٿيا.

0 مسٽر اوبراٽن سومرن کي راجپوت نسل مان لکي ٿو.

0 سنڌ گزيٽيئر. بمبئي پريزيڊنسي گزيٽيئر جلد نمبر 7. ڪمبرج هسٽري آف انڊيا جلد نمبر 3 ۾ صاف صاف لکيل آهي ته سومرا اصل ۾ هندو راجپوت هئا. جي بعد ۾ مسلمان ٿيا آهن.

0 ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي ته سومرا اصل ۾ اسماعيلي هئا. جيڪي بعد ۾ سهروردي بزرگن جي تبليغ سبب سني مذهب ۾ داخل ٿيا.

0 عام ڪتابن ۾ لکيل آهي ته سنڌ جا سومرا هندن جي پرمار نسل مان آهن. پرمارن جا وڏا مالوه تي حڪومت ڪندا هئا. منجهائن منج ۽ پوچ راجا سومرا هئا. جن کان چوهاڻن 12 صديءَ ۾ حڪومت ڦري.

0 مغلن جي دور ۾ (سما) سيوهڻ جو راجا. راجا ڇلديو (صلديو) قوم جو هندو راجپوت سومرو هو. (بحوالہ ڪتاب جنت السنڌ). ان کان سواءِ ٻيا ڪافي اهڙا مفڪر ۽ تاريخ نويس آهن. جن جي راءِ آهي ته "سومرا" عرب نسل مان آهن. اهڙن مفڪرن جا ڪجهہ رايا هن طرح آهن:

0 ڪتاب بيگلارنامہ جو مصنف امير سيد قاسم خان جي لکڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته "سومرا" عربي نسل مان آهن. جو هن سندن گاديءَ جو هنڌ "محمد تور" لکيو آهي. جيڪو عربي لفظ آهي.

0 ڪتاب تحفتہ الڪرام جو مصنف مير شير علي قانع ٺٽوي "سومرا" قوم کي سامره جي عربن مان لکيو آهي . ص 363 تي لکيل آهي ته سيد علي بن عباس سان گڏ سامره جا رهاڪو سؤ عرب گڏجي آيا هئا. جيڪي اچي لکي شهر ۾ ويٺا. سومرن جا وڏا اهي عرب هئا.

0 جديد مورخن جو خيال آهي ته سومري بادشاهہ عرب قبيلي جي هڪ صاد جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي ۽ پوءِ مسلمان ٿيا. ان رشتي جي نسبت سان ماڻهو راءِ رکن ٿا ته سومرا عرب آهن.

0 مولوي عبدالرحيم جي لکيل ڪتاب "گلزار سنڌ" جي اپياس مان خبر پوي ٿي ته "سومرا" حضرت علي جي نسل مان "علوي" آهن.

0 مولوي عبدالله شائق ڪتاب "دولت علويہ" 1929ع ۾ لکيو هو. جنهن ۾ هن صاحب سومرن کي حضرت عليءَ جو اولاد "علوي" ڪري لکيو آهي.

0 ابو مصطفيٰ ڪمال سومرا قوم کي يثرب يعني مديني ۾ رهندڙ بني سمرا قبيلي مان ڄاڻايو آهي. ان قبيلو جو سردار "سومره بن جنب" پاڻ سڳورن جو اصحابي هو. هن قبيلي جا ماڻهو محمد بن قاسم سان سنڌ ۾ آيا هئا. جن پاڻ کي "سومرا" سڏايو.

0 مرحوم فيض محمد (چاچو پاڪستاني) جي لکڻين مان معلوم ٿئي ٿو ته سومرا بني تميم قبيلي مان آهن. جيڪي "سامرد" شهر مان لڏي اچي سنڌ ۾ ويٺا.

0 ڪن جي راءِ آهي ته سومرا بابل جي "سميرين" مان آهن.

0 مهراڻ رسالہ جلد نمبر 28 نمبر 4 - 3 سال 1979ع ص 212 تي مير محمد بخش تالپر لکيو آهي تہ سومرا عرب جا قريشي آهن، جن جو واسطو بنو سومره قريشي قبيلي سان آهي، جن جو شجرہ هن طرح آهي:



بصرہ ۾ هڪڙي محل جو نالو "سومره" آهي.

مٿين تحقيقاتي حوالن کان سواءِ ڇڇ نامہ ڪتاب سمات. ڪتاب سنڌ جون چند ذاتيون. ڪتاب سنڌ از ڊاڪٽر لمبرڪ. سنڌ جي سومرا قوم از قريشي حامد علي خانائي رسالو مهراڻ جلد نمبر 23 نمبر 1 سال 1974ع، سومرا قوم جو حسب نسب از مير محمد بخش خان تالپر رسالو مهراڻ جلد نمبر 28 نمبر 3 - 4 سال 1979ع، اخبار خادم وطن 19 جولاءِ 1997ع ۾ ڇپيل مضمون تاريخ جو حل طلب سوال از وزير علي سومرو، اخبار بختور 28 اپريل 1998ع ۾ ڇپيل مضمون "سومرا عرب نہ آهن، پر سنڌي آهن" ۽ ٻيا ڪافي ڪتاب اڀياس هيٺ آيا. جن ۾ هڪ ٻئي تي ڇوهہ ڇندڻ ۽ هڪ ٻئي جا حوالا ۽ بيان نظر اچڻ لڳا. رڳو حرفن جي صنعتگيري ۽ پنهنجو پاڻ کي محقق مجائڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. ڪا بہ اهڙي ڪسوٽي يا پرک نہ آهي، جنهن مان خبر پوي تہ "سومرا" سنڌ جا سمات آهن يا عرب ملڪ مان آيل عرب آهن. رڳو رايا ۽ مفروضا نظر اچن ٿا.

منهنجي تحقيق موجب "سومرا" اصل ۾ پرمار راجپوت هئا. جن کي سوڍا سومرا به چوندا هئا. هي سن 1300ع ۾ محمود بيگڙي مسلمان جي ڪاهن جي سبب ايمان آڻي مسلمان ٿيا. جن سوڍن کان 1355ع ۾ حڪومت حاصل ڪئي ۽ سنڌ تي ساڍا ٽي سو سال حڪومت ڪئي. جن جا ڪل 36 حڪمران ٿي گذريا آهن. سندن شجرو سامره، سومره ۽ پونگر کان شروع ٿئي ٿو.

محمود غزنوي، عبدالرزاق خان ۽ علاؤالدين خلجي جي حملن سومرن جي اوج کي ختم ڪري ڇڏيو. سومرا قوم يا ذات جي بجاءِ پاڻ کي پيشور ذات جهڙوڪ، ڍڪ، واڍا، ڏوبي، رنگريز، ڪٽي، ڪنهياڻي وغيره سان سڏائڻ لڳا ته جيئن سندن جان بخشي ٿي سگهي. سنڌ جا ڇتا، کهاوڙ ۽ صابرا به اصل ۾ سومرا آهن. مگريا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "سُومرا" آهي. جن جو شجرو هن طرح آهي.

چانرو مگريو

|

ڏوڏو

|

مانڊل

|

اسوڏو

|

جهندو

|

مـــهاجڙ

|

سومرو

|

اولاد سومرا هي به ٽر ۾ رهن ٿا.

سومرن جا خاص پاڙا ۽ ذاتيون هن طرح آهن:

1- اوستا، 2- بوجا (بجا)، 3- ببراڻي، 4- پياڻي، 5- پنجاڻي، 6- جعفراڻي، 7- جمـــراڻي، 8- جساڻي، 9- جوڻيا، 10- جوڪيا، 11- جوڻيجاڻي، 12- چاڪي، 13- چتاڻي، 14- چوڏاور، 15 - هياتاڻي، 16- خفيپوٽا، 17- دوداڻي، 18- دوديپوٽا، 19- ڏوبي، 20- ڏڪڙ، 21- ڏاگها (داگا)، 22- ڏنور، 23- ڏيٽا، 24- ڍڪ، 25- ڍڪڙ، 26- ڍڪ، 27- ساڪروئي، 28- سامٽيا، 29- سانوند، 30- سٽيا، 31- سپـــيا، 32- ســوڍا، 33- شيـخ جاپوٽا، 34- صابـــرا، 35- طائي پوٽـا، 36- عـمـــرپوٽا، 37- عنـــاياتاڻي، 38- ڪاڪڙ، 39- ڪـچيلا، 40- ڪلهيا، 41- ڪنديپوٽا، 42- ڪوري، 43- ڪتو، 44- ڪـٽي، 45- ڪنياڻي، 46- رنـگريز، 47- گـلاهي، 48- گـن، 49- لاکوڙيـا، 50- لاکا، 51- لندر، 52- مـتـو پـوٽـا، 53- مـتو، 54- مرکندا، 55- مستاڻي، 56- مونـدرا، 57- نيروٽـي، 58- واڍا، 59- وردلـي، 60- هاليپوٽـا، 61- همون

(همون پوتا)، 62- همير، 63- هيسباڻي، 64- نورنگ پوتا، 65- نورنگ زادا، 66- ريهاڙ پوتا، 67- طائي، 68- متوئي، 69- ڪينڙا، 70- خفيف، 71- پينء، 72- پينڻان، 73- پيٽاڻي، 74- جيئا، 75- جڪري، 76- جڪرا (جاڪرا)، 77- ريحاڙ پوٽڙا (ريهاڙ پوٽڙا)، 78- لڏا، 79- سڪرياڻي (ساڪرياڻي)، 80- گاگناڻي، 81- محمد پوٽڙا، 82- عيساڻي، 83- سٿهيان، 84- آسو، 85- سميسا، 86- مرڪندا، 87- ساجناڻي، 88- جيئا، ٨٩- جيئي پوتا، 90- پٽياڻي، 91- رڪن، 92- رڪناڻي، 93- رائيناڻي، 94- ابڙا، 95- لڏا، 96- ميرٺاڻي، 97- قياساڻي، 98- مرزاڻي، 99- هوليڻاڻي (هولاڻي)، 100- گورجاڻي، 101- روا، 102- ڪيبتا، 103- پارا، 104- مرڪڻ، 105- ننگرپوتا، 106- ربو، 107-موجا، 108- عمراني، 109- حماد، 110- فراس، 111- شجاع، 112- ٺهيم، 113- خيراڻي، 114- باگهل، 115- ساٽاڻي، 116- حسٽاڻي، 117- دودائي، 118- پڙپوتا، 119- ڪلا، 120- رتڙ، 121- پورگر، 122- مرڪنڊ، ۽ 123. چورا.

سما قوم جي داستان مان خبر پوي ٿي تہ رائيدن جي پٽ جو نالو سمون هو، انجي اولاد مان "سومرا" آهن. جيڪي سما آهن، بي روايت موجب پليءَ جي اولاد مان "سومرا" آهن.

سومرہ کي اولاد ڪوڙ هو، پر هنجي ماڻهن پاڻ کي ذات جا سومرا سڏايو.

سومراڻي: انڊڙن، سمن، سودن، پٽين ۽ ڇهڙن جي پاڙي ۽ ذات جو نالو آهي. راءِ بهادر هتورام لکيو آهي تہ "سومراڻي" جتک بروهين جو پاڙو آهي. ڪرمتين جي زنگياڻي تمن مان پڻ هڪ پاڙ.

سومراهہ: مسلمان سمات ذات آهي.

سومرجا: مهرن جي ذات آهي.

سومئيا: هندو لهاڻن ۽ بهرناٽين جي هڪ نک جو نالو.

سونارا: سون جي ڪم ڪرڻ جي نسبت سان ذات جا سونارا ۽ نيارا سڏجن ٿا. مڪران ۾ هنن کي سنار ۽ زرگر سڏين ٿا. هندن جي ورنن مان هڪڙي "ورن" جو نالو "سونارو" آهي، جنهن نسبت سان هي ذات جا "سونارا" سڏجن ٿا.

سوناڻي: بڙدي بلوچن جي حاجيجا شاخ مان هڪ پاڙو آهي، راڄپر ۽ ڪڇنيا سنڌ جا سما آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "سوناڻي" آهي.

سَونَپار: هندستان جي ڪڇ مان آيل هندن جي هڪ ذات آهي. جيڪي ٺر ۾ رهن ٿا. هي برهم ڪتري آهن، دَل قبيلي جي ڏيٿا شاخ مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو "سونپار" آهي.

سوندا: گندرن، ملاحن ۽ مهاڻن جي ذات آهي، هن ذات جي پنڌيان ننڍي ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو "سوندا" آهي، جيڪو ڪينجهر ڍنڍ جي پرسان آهي.

سونَڑا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سُونگرا: هندو راجپوتن جي ذات آهي.

سُونگِي: هندو ڊيڊ (ڍيڊ) آهن.

سونِليا (سينهار): مڱڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

سونهاڻي: پرڳڙين جو پاڙو آهي. نواب شاهه ۾ رهن ٿا. هن پاڙي مان الله بخش خان پرڳڙي خيرپور رياست جو ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ رهيو هو.

سُونَهري: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سُونهڑا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سونهڻُيرا: ڪوهستان ۾ حملاڻي راڄ وارا آهن.

سونهيرا: ڪوهستان ۾ حملاڻي راڄ جي ذات آهي.

سونئرا (سانئرا): سميجا قبيلي جو هڪ پاڙو، هي منو پٽ ڪلو پٽ رائڌڻ جو اولاد آهن، اپيڙ، سانيون ۽ سونئرو (سانئرو) پاڻ ۾ پائر ٽين، سونئرو جي اولاد پاڻ کي سونئرا (سانئرو) سڏايو.

سونيا: هڪ مسلمان ذات آهي.

سوڻيجي: کترين جي ذات آهي.

سوها: راجا چندر ونسيءَ جي نسل مان هندو راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو آهي. مسلمانن ۾ پڻ "سوها" آهن. هنن جا ڪجهه گهر تعلقي جاتيءَ ۾ آهن.

سوهارڙ (سوهاوڙ): نائچ راجپوتن جو هڪ پاڙو.

سوهال: راجپوت سوم بنسي شاخ مان هڪ شخص جو نالو سهو هو. جنهنجي اولاد پاڻ کي "سوهال" سڏايو. ابستن لکي ٿو ته هي جهينور ملاحن جو پاڙو آهي.

سُوهڙ: پنجاب کان آيل سرائي آهن.

سوهل: هي چوهاڻ راجپوت آهن. جيکي سوهل مهاڳ جو اولاد آهن.

سَوهُو: پنجاب کان آيل سرائي آهن. هي سرائي جت بہ سڏجن ٿا. سيال ۽ نول هنن جا قريب آهن. سوها ۽ سوهو هڪ ٻئي جي هڪ جهڙائي رکن ٿا. ٽي سگهي ٿو ته "سوهُو" بہ راجپوت نسل مان هجن يا سوهُو ۽ سوها هڪ ئي ذات جا بہ تلفظ هجن.

سوهوال: سماٽي ۽ سرائي جت آهن.

سُوئرنگري: سوئر مارڻ وارن شڪارين جي ذات آهي. هي لاڙ ۾ رهن ٿا.

سويراٽي: لاشاري بلوچن جو پاڙو آهي.

سها: هڪ غير سماٽ ذات آهي.

سَهارڻَ: ڪاکيپوتا آهن.

سَهاڪاٽي: کوسا آهن.

سَهاڳَ: سماٽ ذات آهي.

سُهاڳَ: جامع سنڌي لغات ۽ ڪتاب سماٽ جي اپياس مطابق پنجاب کان آيل سرائي ۽ اڻن چارڻ وارا جت آهن. سنڌ ۾ رهندڙ ڪمانگر پڻ سهاڳ سڏجن ٿا. ڪتاب پنجاب کي ذاتين ۾ لکيل آهي ته هڪ سيال. پائي خان جي ڏيءَ "سوهاگ" سان شادي ڪئي. پيدا ٿيل اولاد پاڻ کي سيال ۽ سهاڳ سڏايو.

سُهاڳا: هڪ سماٽ مسلمان ذات آهي.

سهاٽا: مهرن جو هڪ پاڙو.

سهائي: جتن جو هڪ پاڙو.

سَهتَا (سَهتَا): سماٽ ذات آهي. سنڌ وارا سهتا محمد بن قاسم جي اچڻ کان پوءِ مسلمان ٿيا آهن. هندستان ۾ رهندڙ سهتا اڃا هندو آهن. سماٽ قوم تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته جادم کي 11 پٽ 1. گجپت، 2 کر، 3 منگر، 4. پوپت، 5 سمون، 6 هسپت، 7 ڏاريجو، 8 سهتو، 9 سوڍو، 10 صحرائي ۽

11 راڻوڙ هئا. سهتا ان جادم جي پٽ سهتي جو اولاد آهن. هنن جي داستان ۾ لکيل آهي ته هندو قوم جا ست (07) ورن آهن. انهن مان هڪڙي ورن جو نالو "سهتو" هو. جنهن ورن (ورڻ) جي حسب ۽ نسب سان هي اڄ بہ "سهتا" سڏجن ٿا.



ايس - صادق علي جي لکڻ موجب سام جي پٽ جو نالو "پڏا" هو. جنهن کي 16 پٽ هئا. هڪڙي پٽ جو نالو سهتو هو. سهتا ان مان آهن. انهن سورهن پٽن کي مجموعي طور "راڻوڙ" چوندا هئا. ان راڻوڙ جي اولاد مان "سهتا" آهن. جي بعد ۾ مسلمان ٿيا آهن. سن 610 هجري (1313ع) ۾ راڻو پـَنوئر سهتو راڻوڙ درٻيلي تي حڪومت ڪندو هو. جي بعد ۾ مسلمان ٿيو. انهن جو اولاد اڄ بہ ان علاقي ۾ رهي ٿو. [1]

ميان نيڪ محمد سهتي جي لکيل فارسي نسخي ۾ لکيل آهي ته راجا موڙا سنگهہ کي ست پٽ 1 ڏارو، 2 شورو، 3 ڪونئرو، 4 سهتو، 5 راهو، 6 مگڻ ۽ 7 اڇڻ هئا. انهن مان سهتي جي اولاد پاڻ کي "سهتا" سڏايو. راجا موڙا سنگهہ پنهنجي حياتيءَ ۾ سهتي پٽ کي نوشهرو، مورو ۽ ڪنڀياري وارو علاقو جاگيري طور عطا ڪيو هو. انهن ٽنهي تعلقن کي گڏي ساهتي پرڳڻو چون ٿا. اهو ساهتي نالو سهتا قبيلي تان پيل آهي، جنهن تي سهتا قبيلي جا ماڻهو حڪومت ڪندا هئا. حڪمراني ۽ سرداريءَ ڪري سهتا ڄام سڏجن

[1] لب تاريخ سنڌ ص 39 تي لکيل آهي ته اصل ذات سعتو آهي. بدلجي پوء "سهتو" ٿيو آهي. هي راڻوڙ نسل مان آهن.

ٿا. 1042 هجري ۾ راڻو پٽر سهتو رانوڙ درپيلي رياست جو حاڪم هو ۽ ديرو سندس گاديءَ جو هنڌ هو. مٿي بيان ڪيل سهتا نجا ۽ خالص سما نسل مان آهن.

هڪ ٻي روايت موجب انڙ بن سمون بن رائيڏن جي اولاد مان هڪڙي جو نالو "سهتو" هو. جنهنجو اولاد سهتا سڏجڻ لڳا. در حقيقت اهي سهتا سما ۽ ملاح آهن. قارئين جي واڌيڪ لاءِ شجرو لکجي ٿو.

(iii)

جام لاکو (نٽي جي گندرن مان شادي ڪيائين)

|

انڙ

|

لاکو

|

سمون

جڪرو جياند (ڪاڪ جو مسلمان حاڪم ۽ مسرقن جو سردار) ڪاڪو

پلي رائڏن

(مسرقن جو سردار) سمون

سمون

|

انڙ

|

سهتو

|

سهتا

(هن کي اناويهه پٽ هئا. هڪڙي پٽ جو نالو سهتو هو).

سهتا ان جو اولاد آهن. ايس صادق علي ص 63 جريان.

نمبر 212 تي هنن کي مهاٽا لکيو آهي

هڪ ٻي روايت موجب سهتا "دلن" ۾ پڻ آهن. ڏيسر دل کي چار پٽ چــڄو، پنپرو، سهتو، ديدو ۽ پونئرو هئا. جن جو اولاد پنهنجي وڏن پٽيان سڏجڻ لڳو.

سهـتن جـا خـاص پاڙا آهن: 1- ترٽا. 2- توڪا. 3- چٽائي. 4- مگنيجا. 5- وندير. 6- جاماڻي. 7- سڏوپوٽا. 8- ملان فقير. 9- سوائي. 10- وسطڙا. 11- رکٽائي. 12- رکڻ پوٽا. 13- غيب الدين پوٽا. 14- خليـفـا.

15- موڏيجا، 16- گهلو، 17- سڏوجا، 18- مشائخ، 19- شمس، 20- شورا، 21- آبن، 22- بلال جا، 23- بيگاڻي، 24- پريجا، 25- تگر، 26- جماڻي، 27- جمڙا، 28- جئيجا، 29- حليا، 30- خميساڻي، 31- ڏيا، 32- ڏهراج، 33- ڏيپارجا، 34- ساهل، 35- ساهيجا، 36- صدرجا، 37- عليم جا، 38- مهائين پوٽڙا، 39- مگٽا پوٽڙا، 40- مولهڙ، 41- ملا، 42- مهراب جا، 43- کپرجا، 44- ويجر، 45- هالا، 46- هگورا پوٽڙا، 47- ڏوڏا، 48- بهڃجاڻي، 49- موٽپارجا، 50- سينڌر.

ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ خانواهڙ، راڄپور ۽ درازا شهر سهتن جا ٻڌايل آهن.

سهتاڻي: بوزدارن، گبولن، شاهائين (شهائين) ۽ پٺين جو پاڙو آهي.

سَهتَڪاٽِي: جت بلوچ آهن. شاهہ بندر ۾ رهن ٿا.

سهجاڻي: پرڳڙين، بڙدين ۽ کوسن جو پاڙو آهي.

سَهراٽِي: پنگر آهن.

سَهراڻي: ڪتاب "بلوچ" جي ليکڪ م - ک پيڪولين ترجمي ڊاڪٽر شاهہ محمد مري ص 73 موجب "سهراڻي" گورجاڻي بلوچن جو قبيلو آهي. ايس - صادق عليءَ جي لکڻ موجب "سهراڻي" بڙدي بلوچن جي هڪ پاڙي (ذات) جو نالو آهي.

سَهراوت: راجا اننگ پال تنوار جي پٽ "سهرا" جو اولاد آهن، پٽيالي ڪان آيل آهن.

سَهرائي: ميجر ٽاڊ جي لکڻ موجب سهرائي، پنوار راجپوتن مان آهن، جن اروڙ جي پرسان سهل يا سهر ڳوٺ ٻڌايو هو. ڪن محققن هنن کي سراجت ۽ جٽ ڪري لکيو آهي.

سَهرايائي: لغارين ۽ تالپرن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي، هن تالپر پاڙي مان خيرپور رياست جا حڪمران مير مراد عليخان، مير غلام حيدر خان، مير رستم خان ۽ مير فتح عليخان ٿي گذريا آهن. هنن جو شجره هن طرح آهي.

شجره سهرايائي





جوڪين جي تيپر شاخ مان پڻ هڪڙي پاڙي جو نالو "سهرياڻي" آهي.

سَهرزوئي: بروهي آهن.

سَهرزئي: شهواڻي جهلاواني پلوي پاڙي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. جنهنجون مکيه شاخون آهن: 1-بوجازئي. 2- ڏاهي زئي. 3- عليخان زئي. 4- عيسيٰ زئي. 5- حڪيم زئي. 6- فيروزئي. 7- ڪنزئي. حاجي زئي پڻ بروهي آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو به "سهرزئي" آهي.

سهروردي: سيد آهن. هي ايران جي صوبي جبال جي ڳوٺ "سهرورد" جا آهن. هن ڳوٺ جا ڪجهه سيد عالم تبليغ خاطر سنڌ جي طرف آيا ۽ اتي اچي آباد ٿي وينا. جيڪي پنهنجي ابائي ڳوٺ جي نسبت سان "سهروردي" يا "سهروردي سيد" سڏجن ٿا. هڪ جائزي مطابق هن ذات جو حسبي ۽ نسبي سلسلو هن طرح آهي: شهاب الدين ابو حفص عمر ابن عبدالله. شهاب الدين يحيٰ بن حبش سهرورد. ابو نجيب سهروردي بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني سهرورد شهاب الدين.

سهرياڻي: رند ۽ ڪوسا آهن.

سُهرياڻي: جمالي ۽ ڪوسا آهن.

سَهڙ: سمن جي ذات آهي. هنن جا ڪجهه گهر حيدرآباد ۾ آهن.

سَهڙا: سمن ۽ جنن جا پاڙا آهن.

سِهڙا: ڳهيا ذات جو پاڙو آهي.

سَهسرائي: سما ۽ ملاح آهن.

سهڪاڻي: مري بلوچن جي غزيني شاخ جو پاڙو آهي. ڪوسن ۾ پڻ "سهڪاڻي" آهن.

سهگل: راجپوتن جو پاڙو آهي. (بحرالـ: ڪتاب شاهان گوجر).

سهلاڻي: جمالي بلوچن جي ذات آهي.

سهمرزئي: هڪ غير سماٽ ذات آهي.

سَهنجا: هڪ سماٽ ذات آهي.

سهندڙا: سمن جي ذات آهي. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1- احمداسي، 2- دلائي، 3- رپائي، 4- قاسمائي.

سهوترا: ڇڻن جي ذات آهي. هي حرام ڪائيندڙ هندو آهن.

سهودا: مسلمان سماٽ ذات وارا آهن. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

سهول: هڪ مسلمان سماٽ ذات آهي. ڪن ڪن جاين تي هي "سرائي" ۽ سڏجن ٿا.

سهيا: راڇڻن جو پاڙو آهي. هن جي پائرن جو نالو رکڻ، ڏيرڻ ۽ توڳاچي آهي.

سَهيبپوتا: هڪ سماٽ ذات آهي.

سَهيجا: راڇپرن جو پاڙو آهي. هنن جو اصل نالو "سهيرا" هو، جو بعد ۾ "سهيجا" ذات جا سڏجڻ لڳا. هي ٻئي ڪنهنجي هٿ جي ماني نه ڪائيندا هئا. (بحوالہ: نئين زندگي ص 39، ڊسمبر 1966ع.)

سهيجاٽي: ڇڻن جي ذات آهي.

سهيل: عربي لفظ آهي، جنهنجي معني آهي هڪ چمڪندڙ تارو. چون ٿا تہ هن تاري جي شعاع ڪري يمن ۾ ڪپڙن ۾ خوشبوءِ پيدا ٿيندي آهي. ان تاري جي نسبت سان يمن جا ڪجهہ ماڻهو پاڻ کي ذات جا "سهيل" چوائين ٿا. ڪراچيءَ ۾ هڪ بہ گهر رهن ٿا.

سئتاٽي: ميرجتن جو هڪ پاڙو. هي ڪويل ديواني جو اولاد آهن.

سئجاٽي: ڪانڍڙا ذات جو پاڙو آهي.

سَئينا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سئينچ (سينچ): پنجاب کان لڏي آيل سرائي جت آهن، سيال، سندا، ٻٽ هنن جا قريب آهن.

سَيَا: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي (بحوالہ: تاريخ سجاول)

سيابج: ڪتاب فتوح البلدان ازبلاذري موجب "سيابج" سنڌ جا جت آهن، جن مان ڪافي لڏي خليج فارس ۾ وينا آهن، جتي سياهبز يعني ڪارين ڪرين وارا پڻ سڏجن ٿا. دائرہ معارف اسلام، مروج الذهب مسعودي، لسان العرب ۾ پڻ سندن ذڪر آهي.

سيازئي: خرشيون پناڻن جي ذات آهي.

سيال: هي هڪ پنوار راجپوت. رائـ شنڪر جي اولاد آهن. جي الهہ آباد، فتح پور ۽ دارانگر جا رهواسي هئا. راءِ شنڪر کي چار پٽ، سيئو، ٽيئو، گهيئو ۽ سيال هئا. ٽيئو مان ٽوانا، گهيئو مان گهيئا، سيئو ۽ سيال مان.

سيال قبيلو وجود ۾ آيو. سيال نقل مڪاني ڪري اچي جهنگ واري علاقي ۾ وينا. سيال، پائي خان جي ڏيءَ "سوهاگ" سان شادي ڪئي. ان جو اولاد "سيال" ۽ "سهاگ" سڏجڻ لڳو.

ڪتاب پنجاب کي ذاتين ص 385 تي لکيل آهي ته سيال، ٽوانا، گهيئو ۽ ڪرال، راجا رسالو جي ملڪ جي بطن مان هڪ پهاريدار آشنا جو اولاد آهن. هي بابا فريد جي هٿ تي مسلمان ٿيا. 1747ع ۾ احمد شاهه ابدالي، هٿان سيالن جو سردار ولي داد خان قتل ٿيو. جنهن کان پوءِ هي ٽڙي پکڙجي ويا. تاريخ اعوان مان معلوم ٿئي ٿو ته هي زمان علي اعوان کوکر جي اولاد مان سال خان جواولاد آهن. ان ڪري هي راجپوت يا جت نسل مان ٿه آهن.

مسٽر اسٽيڊمين ۽ رچرڊ برٽن سيالن کي پنجاب جا "جت" سڏيو آهي. سنڌ جا ماڻهو کين سماٽي ۽ سراٽي "جت" چون ٿا. ڊاڪٽر لعل بخش نائچ ۽ چاموٽ حاجي خان چاچڙ جي لکڻ موجب، سيال، جاٽ جو اولاد آهن. بڙيال، سگڙجال، ڪانيا، ملاڻا ۽ ورڙ هنن جا عزيز آهن. هڪ تحقيق موجب سيال جت قبيلي جا هيٺيان خاص پاڙا آهن: 1. ٻيبرا 2. پلال 3. سندا 4. سينچ 5. سنڀال 6. سيال 7. ڪلي 8. پتر 9. پرواني 10. جنيانا 11. چدهڙ 12. جهتيال 13. ڏلائي 14. ڊب 15. ڊڊي 16. سرگاٽي 17. ڪملاڻا 18. ڪمسياني 19. مگهيانا 20. ملاڻا 21. ملائي 22. لوڏرا 23. نواب 24. جلگاني 25. ڪک (ڪڪ) 26. رانڻ 27. موتمل 28. مگڻ 29. علياٽي 30. ڏول 31. پنگو 32. هراج 33. سهاڳ 34. اوپاڙا.

ڪتاب شاهان گوجر ۾ لکيل آهي ته سيال گوجرن (جٽ) راجپوتن ۽ پنوارن جو پاڙو آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب باجر سمات ذات سان واسطو رکن ٿا. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "سيال" آهي.

سيانچ: سمات ذات آهي، بلوچستان جي ڪچي واري علاقي ۾ رهن ٿا.

سياني: بوزدار بلوچن جو پاڙو آهي. اسلامي انسائيڪلوپيڊيا ۾ لکيل آهي ته "سياني" افغاني پٺاڻن جي لوڏي خاندان مان آهن. سياني وري وڏيڪ بن شاخن پرنگي ۽ اسماعيل ۾ ورهايل آهي.

سياون: ترڪانن جو پاڙو آهي. هي هندو آهن.

سياهه: معني ڪارا. ڏيرن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

سياهه آف - سياهه پاز - سياهه پهد - سياهه فاز ۽ سياهه قد: در حقيقت سياهه آف، سياهه پاز، سياهه پهد، سياهه فاز ۽ سياهه قد اصطلاحاً هڪ ئي مطلب رکندڙ لفظ آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سياهه پاز ۽ سياهه قد لفظ استعمال ڪيو آهي. ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي سياهه آف ۽ ۾ - ک پيڪولين سياهه پهد لکيو آهي. بهرحال اهو رندن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي، جن کي هن وقت "شهپات" ۽ چون ٿا. رندن جي هن پاڙي جو شجره هن طرح آهي.

میر جلال خان رند
|
رند
|
رمضان
|
نصيرالدين
|
احمد
|
گلو
|
فيروز
|
کالو
|
فيروز شاهه
|
شهک
|
حسن
|
ريحان
|
بشکالي
|
سياهه پهد

سياهه پهد جو اولاد گورچاڻي بلوچ آهن. برُوهي قوم جي دهوار پاڙي مان هڪ ٽڪ جو نالو پڻ "سياهه پاد" آهي. جيڪي چون ٿا ته اسان رند بلوچ آهيون. جکراڻي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو "سياهه پاز" آهي. هي به چون ٿا ته اسان رند بلوچ آهيون. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 25 تي لکيل آهي ته بلوچي زبان ۾ سياهه پاد جي معنيٰ آهي "ڪارن پيرن وارو". رند بلوچن جا ماڻهو فوج ۾ سڃاڻپ خاطر ڪارن جورابن وارا بوٽ (بزباني) پائيندا هئا. جن کي "سياهه پاد" چيو ويو. ان بعد هي "سياهه پاد" سڏجڻ لڳا.

سياهاڻي: رخشاڻي رند بلوچن جو پاڙو آهي.

سياهه پاد: بزنجو قبيلي جو پاڙو آهي. هي خالص بلوچ آهن. جي بعد ۾ بزنجن ۾ شامل ٿيا آهن. (بحواله: ڪتاب بلوچ قوم کي تاريخ ص 695).

سياھ پاز: لفظ سياھ آف ڏسندا.

سياهي: رڀائي جتن جي ھڪ پاڙي جو نالو (ڪرمتي)

سياھ قاز: هي شنبي جي پٽ گڏري جو اولاد آهن. جيڪي شنباڻي. سياھ قاز ۽ گڏري (گدري) بلوچ سڏجن ٿا.

سياھ قد: لفظ سياھ آف ڏسندا.

سياهيزئي: بگٽي بلوچن جو پاڙو آهي. هنن کي "راميزئي" ۾ چون ٿا.

سيائي: جت بلوچن جي ذات آهي. هي ونگائي جت آهن. جيڪي ونگو بن مير عمر جت جو اولاد آهن. لاکي جت جي پڳ هيٺ آهن. لاکي کي سيائي ڇاموٽ چون ٿا.

سيبويھ: راجا سورج ونسيءَ جي نسل مان هندو راجپوتن جي ذات آهي.

سيبي سوراني: بلوچستان جي سيبي ۽ سوراني وادين ۾ رهڻ وارا خانبدوش بلوچ آهن. وادين جي نالن جي نسبت سان هي ذات جا سيبي سوراني بلوچ سڏجن ٿا.

سيتاناڻي: مير جتن جو ھڪ پاڙو.

سيتلاڻي: آڏواڻي هندن جي ھڪ ذات هي ديوان سيتلدس ولد ديوان پاليپول جو اولاد آهن. سندن نک جو نالو ۾ منگهو سڪتوري آهي.

سيٹاڻي: عمراڻي رندن جو ھڪ پاڙو.

سيٹواڻي: سوڍرن جي پاڙي جو نالو آهي.

سيٹ: هندو ڪترين جو پاڙو آهي.

سينا: سمن جو پاڙو آهي. چون ٿا تہ سينا ۽ سنيا ساڳي ذات آهي. منهنجي راءِ ۾ هي ٻہ جدا جدا ذاتيون آهن.

سينار: لسبيلي ۾ گونگا قبيلي جو سردار "جهلو" گونگو هو. ان کي خدا ٽن پٽن سان نوازيو هو. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "زومڪ" هو. ان کي چار پٽ ڇاوا. جن مان هڪ جو نالو "سينار" هو. سينار جي اولاد پاڻ کي ذات جا "سينار" سڏايو. هن ذات وارا اندروني سنڌ ۾ پڻ رهن ٿا. سينر چون ٿا تہ سينار ۽ سينر هڪ ئي ذات آهي.



سينارجا: سينار جو اولاد آهن. هن ذات پنيان "سينارجا" ڪوٺ آهي.

سيناڙا: هڪ سماڻ ذات آهي.

سيڻر: سمن، ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. سهتن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "سيڻر" آهي. سيڻارجا هنن جو اولاد آهن. هيءَ سنڌيا ٻه سڏجن ٿا.

سيڻڙ: هڪ غير سماڻ ذات آهي.

سينيا: ڪڇ پڇ کان آيل ميمڻ قوم جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

سيپاخيل: آفريدي پٺاڻن جي هڪ قبيلي جو نالو آهي، هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1- ابوبڪر خيل. 2- لنڊو خيل ۽ 3- نورمز خيل

سيپاهه: شنواري پٺاڻن جو پاڙو آهي. ميمنا خيل آفريدي پٺاڻن ۾ پڻ "سيپا" آهن.

سيڇپال: هندو لهاڻن جي هڪ نک جو نالو.

سيڇو: ٿري مينگهواڻن جي ذات آهي.

سيد: حضرت علي جو اولاد بيبي فاطمتہ الزهريٰ جي بطن مان پيدا ٿيل کي ناني جي نسبت سان "سيد" چون ٿا. ڇاڪاڻ تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن سيد الانبياء هئا ۽ بيبي فاطمتہ الزهرا سيدة النساء هئي، جنهن سبب بيبي فاطمہ جي اولاد کي "سيد" چيو ويو آهي. سيد لفظ جي معنيٰ، مرشد، رهبر، اڳواڻ، سڌو رستو ڏيکارڻ وارو آهي. حقيقت ۾ سيد قريشي الهاشمي آهن. سيد کا ذات، قوم يا پاڙو نہ آهي.

حضرت علي کي بيبي فاطمہ جي بطن مان ٻہ فرزند حضرت امام حسن ۽ امام حسين هئا، امام حسن جي اولاد کي "حسني سيد" چون ٿا. جن ۾ اڪثر سنڌ جا زيدي، جيلاني، گيلاني، قريشي، امروٽي، بخاري وغيره شامل آهن. حضرت امام حسين جي اولاد کي "حسيني سيد" چون ٿا. امام حسين ڪربلا جي واقعي ۾ شهيد ٿي ويو هو. سندس هڪ فرزند امام علي زين العابدين بيماريءَ جي حالت ۾ زنده بچيو هو. جتان سيدن جو سلسلو وڌيو. حسيني سيدن جون بنيادي شاخون حسيني، ڪاظمي، قاسمي، موسوي، رضوي، تقوي، نقوي، عسڪري، زيدي، جعفري، عابدي، عريضي، اسدي، اسماعيلي وغيره آهن.

اسلام جي تبليغ خاطر ۽ جنگين جي تباهين سبب ڪجهہ سيد پنهنجو وطن ڇڏي دنيا جي ملڪن ۾ پکڙجي ويا. جتان نقل مڪاني ڪري آيا انهن شهرن ۽ هنڌن جي نسبت سان پاڻ کي سڏايائون. جهڙوڪ سبزواري، شيرازي، مروندي، واسطي، بخاري، مشهدي، ڪاشاني، گرديزي، سهروردي، خراساني، استر آبادي، زبيدي، کهيري.

کي اهڙا سيد هئا، جن پاڻ کي پنهنجن وڏن ڏاڏن ۽ نئين رهائش واري هنڌ سان پاڻ کي سڏيو. مثلاً: لکياري، مٹياري، امروٽي، کابڙوٽي، ٽکڙائي، پشنگي، اميرخاني، وجهہ الدين، کهيري، شاهہ پوٽا، يعقوب پوٽا، باقيل پوٽا، مزندراڻي، راشدي، قاسم خاني، معصومي، مشواڻي، ڄاموٽ، تياعازي، ميرخي، شمسي،

کبرني، لوديني، متعلوي، شڪر الاهي، ترڪ وغيره. مٿي ذڪر ڪيل سيد سنڌ ۾ رهن ٿا. جن جو مختصر احوال پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڏيل آهي. سيدن جو شجرو، شجرن واري حصي ۾ ڏسڻ گهرجي.

سيدازئي: مزاري بلوچن جي بلوچائي شاخ مان آهن.

سيداڻي: پنهورن جو پاڙو آهي. شنباڻي بگٽين ۾ پڻ "سيداڻي" آهن.

سيدپوري: لاڙ ذات جو پاڙو آهي.

سيد خان زئي: شاهوزئي بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

سَيدزئي: بروهين جي بنگلزئي پاڙي مان هڪ ڳوٺ جو نالو آهي. جتڪ بروهين ۾ پڻ "سيدزئي" آهن.

سيڏا: ذات جا سومرا آهن.

سيڏر: مڱڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

سيڏل: ذات جا لنگها آهن.

سِيرا: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو آهي. جيڪب آباد طرف رهن ٿا.

سيراس: نوحاڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

سيراڻي: اصل لفظ سرائي آهي. وضاحت لاءِ ڏسندا "سرائي".

سيرجا: سمن جي ذات آهي. ڪن ڪن جاين تي هي "انڙ" به سڏجن ٿا.

سِيرڪاڻي: ڪتاب "ڪليات حمل" ص 2 ڇاپو 1953ع از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. لکيل آهي ته "سيرڪ" لغارين جي سيرڪاڻي قبيلي جو وڏو ڏاڏو آهي. جنهن مان "سيرڪاڻي" پاڙو آهي. ان سيرڪ جو اولاد ٽالپرن سان ڪڍجي سنڌ ۾ داخل ٿيو ۽ پان کي "سيرڪاڻي" بلوچ سڏائيون. هن مان هڪ ٻيو پاڙو "بالاڃاڻي" ڏٺو.

ڪتاب جنب گذاريم جن سين جلد نمبر 1 ص 67 موجب "سيرڪاڻي" ديره غازي خان کان لڏي ايل لغارين جو پاڙو آهي. هن پاڙي مان رئيس علي مراد خان ولد رئيس غلام شاهه خان لغاري سکرنڊ وارو وڏي نالي وارو هو.

سيرگل: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سِيروئي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سيزاناڻي: ذات جا عمراڻي بلوچ آهن.

سَيسا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. درياءَ ۾ حرام جانور "سيسر" جو شڪار ڪري ان کي کائڻ جي نسبت سان هي "ذات" جا "سيسا" سڏجن ٿا.

سَيفلاڻي: شنباڻي بلوچن جو هڪ پاڙو. هي شيهڪ بن شنبو جو اولاد آهن.

سيڪاتيا: سما ۽ ملاح آهن.

سيڪاڻي: جمالي بلوچن جو پاڙو آهي.

سيڪرو: لسٻيلي جي ڄاموٽن جو پاڙو آهي.

سيڪڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

سيگراڻي: بگٽي بلوچن جي ماسوري شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

سيلاڻا: هڪ سمات ذات آهي. هنن جي هڪڙي قبيلي جو نالو "گذدر" آهي، ڪن جاين تي غير سمات آهن.

سيلاناڻي: مزاري بلوچن جي رستمائي شاخ مان آهن.

سيلاڇي: سمن جي هڪ ذات آهي. هي ڪڇي بلوچستان ۾ رهن ٿا.

سيلاوڻا: راجپوتن جي چوهاڻ پاڙي مان آهن (بحوالہ: جنم گذاريم جن سين نمبر 1 ص 223).

سيلرَ: هڪ سمات (سما) ذات آهي.

سيلرا: سمن جي ذات آهي.

سيلرا: ملڪن جو پاڙو آهي.

سيلريا: سمن جي ذات آهي.

سيلهو: ٿري هندو راجپوتن جي ذات آهي.

سينڌ (سئيڌ): پنجاب کان آيل سرائي جت آهن، ڪن ڪن جاين تي سيال ۽ سڀيال ۾ سڏجن ٿا.

سينڌڙو: مسلمان سمات ذات آهي.

سينڌلاڻي: ملڪ ڪانيو خان (ٽاٽو بولاخان) جي پٽ بهدي خان جو اولاد آهن. هي ٽڪ بارڻ ۾ آباد آهن.

سينگلاڻي: مينگهواڙن جو پاڙو آهي. ڪن جاين تي پيل ۾ سڏجن ٿا. ٿر ۾ رهن ٿا.

سينهـا: ٿري هندو راجپوتن جي ذات آهي.

سينهان: لسٻيلي جي پورالي واري حصي ۾ آباد بروهي قوم سان واسطو رکندڙ آهن، جن جا خاص پاڙا آهن: 1- آرياڻي، 2- توراڻي، 3- زهري، 4- ساسولي، 5- موندراڻي ۽ 6 - هسڪو.

سينهڙا: هڪ سمات ذات آهي. ٿر ۽ ڪڇ ۾ رهن ٿا. سميجا ۾ سڏجن ٿا.

سينهوڻاڻي: ڪرمتين جي راڄا بنديجا شاخ جو هڪ پاڙو

سينڙا: برفت آهن، ڪوهستان ۾ رهن ٿا.

سيني: مغلن جو پاڙو آهي.

سَيوازئي: گندارا جي هڪڙي راجا جو نالو "سيوا" هو. جنهن جي پنيان بلوچستان ۾ "سيوي" شهر پڌل آهي. سيوازئي ان راجا جو اولاد آهن. جيڪي مسلمان آهن.

سيوا: برهمڻ نسل مان مسلمان ۽ هندو آهن. راجا سهرس هن خاندان جو پويون راجا هو. سهرس جي پٽ سنجن اسلام قبول ڪيو هو. ان جو اولاد "سيوا" آهن. جيڪي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ رهن ٿا. هن قبيلي جي پنيان قلات جو نالو "سيوا قلات" پيو هو. (بحوالہ: جنت السنڌ ص 446).

سيوڙا: انڍڻ جو پاڙو آهي.

سيهالف: مزاري قبيلي جي رستماڻي شاخ مان آهن.

سيهاڻي: بوزدار بلوچن جو پاڙو آهي.

سيهہ پغ (سياهہ قاز): گورچاڻي بلوچن جي درڪاڻي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

سيَهڙ: پنجاب کان لڏي آيل سرائي جت آهن. هي ٻٽ سراين جا قريب نظر اچن ٿا.

سيهڙ: ذاتين جي اپياس مان خبر پوي ٿي تہ "سيهڙ" سرائي جت آهن. جن جو واسطو پنجاب جي ليہ واري علاقي سان آهي. جتي هنن جا سردار جهانگير خان ۽ شهاب الدين خان رهن ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان جامع سنڌي لغات ۾ سرائي قوم جا جيڪي پاڙا لکيا آهن. انهن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "سيهڙ" آهي. ايس - صادق پڻ اهڙي راءِ جو اظهار ڪيو آهي.

عربي ڪتابن ۾ اٺ سوارن کي الاساوره (سيوڙه)، الزط (جت)، السياح بج (سياهہ پادگ) ۽ الاندغار (جدگال) لکيو ويو آهي. اهي چارئي ذاتيون (قومون) محمد بن قاسم سان شامل هيون. جيڪي ملتان تائين ويون. جن مان الاساوره (سيوڙه) ملتان جي سرائڪي پٽيءَ ۾ رهجي ويا. ڪلهوڙن ۽ تالپرن جي دور ۾ اهي سيوڙهہ گڏجي سنڌ ۾ آيا. جن پاڻ کي "سيهڙ" سڏايو. ڪن جاين تي هي سرائڪي تہ ڪن هنڌن تي سنڌي ڳالهائين ٿا.

ڪتاب شاهان گوجر جي ص 160 تي لکيل آهي تہ "سيهڙ" گوجرن (جت) جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

سيهڙ: سمن جي هڪ ذات آهي.

سيهڙا: سمات ۽ غير سمات (سرائي جت) ذات آهي.

سيهڙات: مسلمان غير سمات ذات آهي.

سيهلاڻي: گورچاڻي بلوچن جي درڪاڻي شاخ مان آهن.

سيَيَالَ: هڪ سمات مسلمان ذات آهي.

سانگين جو شجرو




نيت
سودو (اولاد سودا)
راڻو نوتيار
پهوڙ
مهر
ڏهر
سانگي
اودر
آدو
لاکيار
چام لاکو
(بادشاهه ٽيو ۽ نٽي جي گندرن مان شادي ڪيائين)
انڙ
(والده گندري ملاح)
لاکو
سمون
(ڪاڪ جو حاڪم ۽ مسرقن جو پڳدار)
ڪاڪو
جياند
جاکرو/جکرو
رائڏڻ/رائڏنو
پلي
سمون
(اولاد سميجا)
سمون
(مسرقن جو سردار)
انڙ
چاچڙ (28 پائر)
سانگي

سرهندي پيرن جو شجرو




محمد شاهه سندس مريد ٹيو. وفات 1898ع/ 1315هه مدفون گنجو ٹکر
خواجه محمد حسن جان سرهندي مجددي ٹنڈار ۾ 1275هه ۾ جائو 1898ع/ 1316هه ۾ حيدرآباد کان ٽنبي سائيندادَ پهتا. وفات 1973ع/1365هه والد سان گڏ مدفون
خواجه عبدالله جان المعروف شاهه آغا
عبدالستار جان
محمد هاشم جان
خواجه غلام علي جان
غلام نبي جان
ميان محمد سعيد جان
فضل الله جان
محمد عابد جان
خواجه عبدالحميد جان مجددي سرهندي
غلام فاروق جان
غلام عثمان جان
غلام صديق جان
اسدالله جان
خليل الله جان
كليم الله جان
مسيح الله جان
خواجه عبدالوحيد جان سرهندي
جنم 22 ڊسمبر 1963ع/5 شعبان1383هه بروز آچر صاحب" بيان الرحمن في ترجمة القرآن"

سمن (سمات) جو هڪ جامع شجرو. حضرت نوح عليه السلام جي پٽ سام مان




سام
برکره/بارکره (لقب شاهه)
هنرت عرف رکن
ماده/ماوه
جادم
هسپت
ابدري / زبدري
نيت/نيٽ/نريت
راٹو نوتيار/راٹيدر
اودر/اودها
اودهه/اوڏ/اودو
لاکيار/لاکير
جام لاکو (ملک جو حاکر/بادشاهه ٽير = ٻه شادين کيائين)
هندويني چاره زال مان
نٽي جي گندرن/مسرقن/ميريحر زال مان
ککجپت
(چغدن جو ڏاڏو
اولاد چغدا، ملاح، ميريحر، چندا)
پوپت (پٽين جو ڏاڏو، اولاد پٽي سما)
بجيراء
سودو
اولاد: سودا، بهپار،
پيا، پٽا، گنگا، چيسر،
کور، مهراڻ، پوٽا، موڏا،
سنگراسي، وگهورا ۽ ويسر.
ويرم
پهوڙ
مهر
ڏهر
اولاد: سودا، بهپار،
پيا، پٽا، گنگا، چيسر،
کور، مهراڻ پوٽا، موڏا،
سنگراسي، وگهورا ۽ ويسر.
پريو
سنگراسي
پينسين
چوڙو/جوره سمه (راء ڏياچ جو ڏاڏو)
اولاد چوڙا سما


ائوڙ/اڏو بي اولاد
مهر
جيهو
هڪ ٻيو پٽ
مناهيو
ڦل لاکو
انڙ (اولاد انڙ)
چٽو/چتو
وريار
ساند
ستيا/ستيه/ساڏيا
ودیتري/هاڪاري/پاناري
ودها بي اولاد
ساند بي اولاد
ڦلاڻي لاکو
ڪلاڻي
دڪنا
بابڙا
ڪلا
لاکو (اولاد لاکا)
سمون (اولاد سما)
ڪاکو (ڪاڪ جو مسلمان ٿيڻ کان اڳ ڪاکيپوتا)
جياند/جيئند
جڪرو/جاڪرو
پليجو
اراڏين
پٽو
هرو
مگڻ
اڇ
هڪورو
لاکو
ساهڙ
ڏيٽو
ڏيپر
ڀگهيو
پلي
رائڊن/رائيڊڻ/رائڊنو
سمون (مسرڦن جو سردار)
سمون
نوتيار
لاکو
ابڙو
ناهيو
چنيسر
مناهيو
ڪوريو
پلي
جاڙو
ڏيٽو
سارت
پسايو
انڙ
مناهي
ڦل اولاد
ڦل پوتا = ڦل لاکا
لنجو
ڏيڏو
اونو
دل
مناهيجو
مناهيو
درس
ساند (قور جو سردار)
پليجو
اڏو
پليجا
پليجائي
اڏيجا
اڏيجا
بهريه
پلي پوتا




تڱاچي
ڏيرڙ
رکڻ
سهيو/ساهيو
ميير
مهندو
لنجو
(اولاد لنجار)
چام جوٽو
چام انڙ
ڪاها
پلي
(ڪل سنڌ ۾ پلي سڏجن جو ڏاڏو)
اوٺو
جيسر
ابڙو
(ابڙن جو ڏاڏو)
هنگورو
همنگر
بي اولاد
رائڊن
سلطان
سلطان اونا
لاکو
کهوريو
تاجيو
ابڙو
بلوچ
چام بابينو
مراديو
مناهيو
ڏيسر
ڪاهو
هالو
رکڻ
هنگورو
جوٽو
ملڪ راهو
ملڪ رائڊنو
ملڪ راهو
ملڪ انڙ
ملڪ راج سيال
چام جوٽو اول
عرف علاؤالدين
سنڌ ننڍي جو پهريو حاڪم
هن کي فيروز تغلق قيد ڪيو.
چام انڙ اول عرف
فيروز الدين شاهم
ننڍي جو پهريون حاڪم
چام تماچي اول عرف رکن الدين شاهم
ننڍي جو حاڪم
چام بابينو ثاني
عرف صدرالدين
فيروز تغلق هٿان قيد ٿيو.
چام خيرالدين عرف چام تڱاچي
چام بابينو ثالث
چام تماچي ثاني
(نوري گندري جو مڙس)
چام صلاح الدين
چام علي شير
چام سڪندر
چام ڪرن
چام بهاؤالدين
عامر/امر
چام ڪينهون
چام جمروڪ
ملڪ مريد
ملڪ ڪانهپر
ملڪ نورالدين
ملڪ پهاڙ خان
ملڪ عزت خان
ڪوهستان جا ملڪ
اولاد مانڍرو
هارون
بير
منڍو
الهيار
ننڍ
هارون
الهيار
ايوب
زهرو
اولاد زهراڻي سما
ايوب
عارب
عارباڻي


جام نظام الدين اول
مخدوم ادريس
جام انڙ
جام فتح خان
جام سڪندر
(پي جي وفات بعد جائو)
جام علي شير
مخدوم حسن سمون
جام بابيڻو
عرف پنيو
جام ڪرن
مخدوم بلاول باغباني
شهيد 929هـ
جام نظام الدين
عرف جام نندو
جام تماچي
جام تغلق
جام فيروز شاهه (سمن جو آخري حاڪم)
جام سڪندر
جام فتح خان
جام سنجر
جام نندو
جام ابراهيم
جام الهڏنو
جام بايزيد
جام رڏنو
جام عالي ڪٽوريو
جام ميرخان
جام علي خان
جام ميرخان
جام علي خان
جام ڪمال خان
جام غلام محمد خان
جام غلام قادر خان
لسبيلي جا جاموٽ
جام تغلق
جام سڪندر

ش

شابراڻي: پاڻ کي چانديا سڏائين ٿا. چانديين جو چوڻ آهي ته هي اسان جا پورهيت ۽ خاصخيلي آهن. هي چانديا نه آهن. ايس - صادق علي جي لکڻ موجب "شابراڻي" خاصخيلي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. شابراڻين جا ڪجهه گهر قمبر جي پرسان آهن. هي بلوچي زبان ڳالهائين ٿا.

شاداڻي: مرزا قليچ بيگ ڪتاب قديم سنڌ ان جا شهر ۽ ماڻهوءَ ۾ ڪوسن جا 6 پاڙا لکيا آهن، جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "شاداڻي" لکيو آهي. ايس - صادق عليءَ ص 22 تي لکيو آهي ته "شاداڻي" جتوئي بلوچ آهن.

شادمان زئي: مينگلن جو پاڙو آهي.

شادماڻي: ببرن (جت) جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

شادن زئي: ذات جا بروهي آهن.

شادڻجا: هڪ مسلمان ذات.

شادو خيل: ڪاڪڙ پناڻن جو پاڙو آهي.

شادي: سماڻي ميمڻن ۽ جت بلوچن جو پاڙو آهي.

شادياڻي: بروهي قوم جي لهڙي قبيلي جو پاڙو آهي.

شاديپوتا: جوڪين (جت) جي بنديجا قبيلي مان آهن.

شادي خيل: لوڌي پناڻن ۽ ڪاڪڙ پناڻن جو پاڙو آهي.

شادَي زئي: ذات جا بروهي آهن. هنن جي قبيلي جو نالو "محمد شهي" آهي، ڪردن ۾ پڻ "شاديزئي" آهن.

شادِي زئي: پيرنگ پناڻن جو پاڙو آهي، هي گهوٽڪيءَ ۾ رهن ٿا.

شادين زئي: شهواڻي بروهين جي "حاجي زئي" خاندان مان آهن.

شاديءَ: شاهه بندر جا سماڻي جت آهن.

شاعر: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. (بحوالہ:تاريخ سجاول ص 345).

شاڪِراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ننڍي شهر جي ميمڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "شاڪراڻي" آهي. هن پاڙي مان الله بخش شاڪراڻي هڪ نامور شخصيت هو. جنهنجي زير نگراني ۾ ميرعلي مراد خان ٽالپر والي خيرپور (متوفي 1894ع) 1227 هـ ۾ ننڍي جي جامع شاهي مسجد جي مرمت ڪرائي هئي.

شاكيجا: مزاري بلوچن جي رستمائي شاخ مان آهن.

شالَ: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

شالاڻي: ذات جا جمالي بلوچ آهن. ڪرمتين جي مهيري شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

شالماڻي: سُماڻي جت آهن. سن جي پرسان رود سان لڳو لڳ هن ذات جي نالي سان هڪ وڏو ڳوٺ آباد آهي. جنهن ۾ جت رهن ٿا.

شالَواڻي: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

شام خيل: آفريدي پٺاڻن جي زخا خيل قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

شاناڻي: ذات جا چنڊ آهن.

شانگ: بگٽي بلوچن جي "قونگ" شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

شاهه: فارسي لفظ آهي. جنهنجي معنيٰ آهي. بادشاهه. سلطان. فقيرن جو لقب ۽ سيدن جي نالن سان لڳندڙ خاص لفظ شاهه کا ذات نہ آهي. پر ذات جي روپ ۾ استعمال ٿئي ٿو.

شاهاڻي: اصل لفظ فارسي "شاهانہ" آهي. جنهنجي معنيٰ اهي عمده. اعليٰ درجي جو ۽ بادشاهن جهڙو. شاهاڻي مختلف ذاتين ۽ قومن جو پاڙو آهي. جن کي هن وقت ذات طور سڏيو وجي ٿو. هي سمات ۽ غير سمات بلوچ آهن. مثال طور: شاهاڻي. چانديا بلوچن جي "مارفاڻي" قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. جنهنجا خاص پاڙا آهن:

1- باغاڻي 2- پهرداڻي 3- شيهڪاڻي 4- گهنوراڻي 5- روت 6- ڪياڻي 7- مناڻي ۽ 8- هيبتاڻي.

2- ايس - صادق جي لکڻ موجب دومڪي بلوچن جي جسڪاڻي پاڙي مان "شاهاڻي" آهن.

3- سماڻي پٽين جي هڪ پاڙي جو نالو "شاهاڻي" آهي.

4- سنڌ جي جتن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "شاهاڻي" آهي.

5- پير علي مرتضيٰ شاهه راشديءَ (لکياري) جي اولاد کي "شاهاڻي سيد" چون ٿا. جيڪو پير محمد راشد روضي ڏاڻي جو پاءُ هو. هن شاخ مان پير حجتہ الله شاهه راشدي پٽ سرائي (ميهڙ ضلع دادو) وارو هڪ وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. (بحوالہ: ڪتاب آهي ڏينهن اهي شينهن پاڳو نمبر 2 ص 107).

6- ڪهيرين جو پاڙو آهي. مير سهراب خان ٽالپر والي خيرپور ميرس جو سپهہ سالار گولہ شاهه (ڪولہ شاهه) هن پاڙي مان هو. جنهن خيرپور ميرس ۾ گولي شاهه نالي مسجد نهرائي هئي.

7- پڙهيارن جو پاڙو آهي.

شهاڻي ۽ شاهاڻي ۾ جدا جدا قبيلا آهن. ليڪن لفظن جي (اڇار) هڪجهڙائي هڻڻ ڪري هڪ ٻي وٺ آهن. شهاڻي، شهانو خان رند بلوچ جو اولاد آهن. تفصيل لاءِ لفظ "شهاڻي" ڏسڻ گهرجي.

شاهپوتا: حسني سيدن جو پاڙو آهي.

شاهپوريا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

شاهداڻي: حاجيزئي خاندان مان آهن. سندن سردار جو نالو شاهه بيگ هو. جيڪو مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جو وفادار هو. هن کي ميرن جاگيرون عطا ڪيون هيون.

شاهدين زئي: ذات جا جتوئي بلوچ آهن.

شاهلزئي: رند بلوچن جو پاڙو آهي.

شاهلياڻي: برڙن، تالپرن ۽ جمالي بلوچن جو پاڙو آهي.

شاهواڻي: بوزدارن، جتن، تالپرن ۽ لاشارين جو پاڙو آهي. ڪتاب جنتـ السنڌ ص 594 تي لکيل آهي تـ شاهواڻي مير شاهو خان ولد مير بجر خان ولد مير زنگي خان جو اولاد آهن. مير شاهوخان کي غلام محمد ۽ ڪرم خان پٽ هئا، جن جي اولاد پاڻ کي "شاهواڻي" سڏايو. هن خاندان جو شجره هن طرح آهي.



شاهوپوٽا (شاهي پوٽا): جاکرن جي حسڻ پاڙي جي هڪ شاخ. هنن تي حسڻن جي پڳ آهي.

شاهوزئي: بروهي قوم جي هڪ تمن جو نالو آهي. هن جا مکيه قبيلا ۽ پاڙا آهن: 1- براهيم زئي، 2- تماززئي، 3- جنگي زئي 4- رهزن زئي 5- ريحان زئي 6- سيد خان زئي 7- فدارزئي 8- گاجي خان زئي 9- گرزئي 10- مراد خان زئي 11- مستان زئي 12- مصر زئي.

جهلاوان پلوي بروهين جي بنگلزئي پاڙي مان هڪ ٽڪ جو نالو پڻ "شاهوزئي" آهي. هي زهريءَ جي اثر هيٺ آهن. محمد حسني ۽ جتڪ بروهين ۾ پڻ "شاهوزئي" آهن. بزنجو بروهين ۾ پڻ هن پاڙي وارا آهن. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 132 موجب "شاهوزئي" خدراڻي بروهين جو پاڙو آهي. زرڪ زئي هن جا پائر آهن. جي بعد ۾ خدراڻي قبيلي ۾ شامل ٿيا آهن.

شاهوڪ: برفتن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هن وقت ڪوهستان ۽ لسبيلي ۾ رهن ٿا. هنن کي دودا پڻ چون ٿا. شاهوڪن مان منو شاهوڪ وڏي نالي وارو هو. هن کي قلات جي خان، خدادا خان سونمياڻيءَ ۾ نيابت جو پروانو ڏنو هو. جنهن تي چاموٽن ۽ برُن گڏجي هن کي قتل ڪيو هو. ڪتاب جنب گذاريم جن سين ص 502 موجب شاهوڪ، چام برفت جي پٽ شاهوجو اولاد آهن. شاهوڪن جا خاص پاڙا آهن: 1- ايوب پوٽا، 2- جعفر پوٽا، 3- دائود پوٽا، 4- ڏني پوٽا، 5- لڏا، 6- موسيٰ پوٽا.

شاهول: شاهاڻي جتن مان آهن. هنن جا چند گهر حيدرآباد ۾ مقيم آهن.

شاهُولِي برَ (شاهه بر): خانبدوش ٻڪرين ۽ رڍن چارڻ وارا ايراني بلوچ آهن. ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

شاهي: فارسي لفظ آهي، جن جون ڪئي معنائون آهن مثلاً ڪارو، ڪاراڻ، ڪاريءَ مس جهڙو، ڪ وغيره. شاهي ميمڻن ۽ جتن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هڪ روايت موجب ڪڇ ۾ڇ ڪان آيل ميمڻن جو سامان وغيره جت بلوچن ۽ سماٽي جتن انن تي آندو هو. سماٽي جتن مان ڪجهه ماڻهن پاڻ کي ميمڻن سان منسوب ڪري ذات جا "شاهي" سڏايو. شاهي ميمڻ اصل ۾ "جت" آهن. ايس - صادق علي ص 55 جريان نمبر 77 تي لکيو آهي ته "شاهي" جت آهن.

بيت: افلاطون عقل جا، ٿا شاهي لاهن شاهه. (جلال)

شاهياڻي: جت ڪرمتين جي گلڙي ۽ مرگهر شاخ جو هڪ پاڙو.

شاهي پوٽا: جاکرن جي حسڻ پاڙي جي هڪ وراڻي.

شاهيجا: رندن جو پاڙو آهي.

شاهي خيل: آفريدي پٺاڻن جي ملڪ دين خيل قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. ڪتاب پنجاب ڪي ذاتين ۾ لکيل آهي ته "شاهي خيل" مسلمان ڇهڙن جي ذات آهي. هي سرحد صوبي ۾ رهن ٿا. ملڪ جي بين حصن ۾ کين کوجا، ڪتانه ۽ مصلي چون ٿا.

شاهي زئي: مينگل بروهين ۽ محمد حسني بروهين جو پاڙو آهي.

شبائي: سما آهن.

شَبـكُـور: فارسي لفظ آهي. شب + كور = رات + انڌ - نابين. اهو ماڻهو جيكو رات جو نه ڏسي سگهي. شبكور هڪ سمات ذات آهي.

شَبلائي: فارسي لفظ شب + لان مان نهيل آهي. جنهنجي لغوي معنيٰ آهي. اهي جابلو ماڻهو جيكي راتيون جاڳي خوش مزاجي ۽ كجهرين ۾ گذارين ٿا. شبلائي لاشاري بلوچ آهن. جيكي مٹين كهاوت سان منسوب آهن.

شَبي: فارسي لفظ آهي. جيكو منسوب آهي رات سان. شبي سمن مان آهن.

شَتَبك: كڙاني پناڻن جو قبيلو آهي.

شٹياڻي: مهيسرن جو هڪ پاڙو.

شجاع: سومرن جو نهايت پراڻو پاڙو آهي. (بحوالہ: كتاب سومرن جو دور ص 370).

شجاع ديني: بروهين جو پاڙو آهي.

شُجراهـ: سمن جي هڪ ذات جو نالو آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ اسان عرب كان آيل "عرب" آهيون. گهٹو وقت سنڌ ۾ رهڻ كري اسان "سمات" سڏجون ٿا.

شُجراءَ: سنڌ جا سما آهن. شجراءِ لفظ سج + راءِ جو مركب آهي. جنهنجي معنيٰ آهي سج (سورج) جا پوڃاري. هي ذات سنڌ ۾ نهايت گهٹ آهي.

شدراڻي: هڪ مسلمان غير سمات ذات آهي.

شدنزئي: كردن جو پاڙو آهي.

شدوال: اعوانن جو هڪ پاڙو. هي شاد بن حضرت بابا سجاول جو اولاد آهن.

شَـرَ: عربي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي فساد. گوڙ. جهگڙو. اصطلاحي معنيٰ ٿي وڻهڻ وارو. جهگڙي كرڻ وارو وغيره. جامع سنڌي لغات ۾ جتوئي قبيلي جا چوڏهن پاڙا لكيل آهن. انهن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "شر" لكيل آهي. ايس - صادق جي لكيل كتاب جي ص 87 جريان نمبر 28 تي لكيل آهي تہ "شر" جتوئي بلوچن جو پاڙو آهي. جنهنجا مكيہ پاڙا آهن: 1- ابراڻي 2- بجاراڻي 3- بنگلاڻي 4- گنديير 5- هيسباڻي 6- ادرا 7- سندراڻي 8- قاسماڻي. شر هن وقت هڪ آزاد بلوچ قبيلو آهي. صحبائي ۽ اتلاڻي بہ هنن مان آهن.

شرخيل: كاكڙ پناڻن جي ذات آهي.

شرف: هڪ مسلمان ذات آهي.

شرف پوتا: متعلوي/منياري سيدن جو پاڙو آهي. هي سيد شرف الدين بن سيد مير علي سنڌي جو اولاد آهن.

شرمالي: برهمڻ هندن جي هڪ ذات جو نالو آهي.

شرن زئي: محمد شهي بروهين جي قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

شريشاٽي: ڪرمتين جي زنگياٽي تمن جو هڪ پاڙو.

شريفاٽي: چنن جو پاڙو آهي.

شريمالَ: گوجرن (جت) جو پاڙو آهي. (بحوالہ:شاهان گوجر).

شرين: هندو ڪترين جو پاڙو آهي.

شَفڪُور: دومڪي بلوچن جو پاڙو آهي.

شِڪاري: جهنگلي جانورن جو شڪار ڪندڙن کي شڪاري چيو ٿو وڃي. اصطلاحاً اهي حرام ڪائيندڙ پالیشاهي، هڏ واڙ، گاگڙا، گرگلا، چهپير، چهڙا، باگڙي، گيدڙي وغيره قوم جا ماڻهو. جيڪي حرام جانورن جو شڪار ڪري کائين ٿا. هي خانبدوش آهن. مسلمان ٿيڻ کان پوءِ پاڻ کي ماچي، ملاح ۽ شيخ چوائين ٿا.

شڪرخلاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

شَڪرلاهي: حسني سيد آهن. ننڍي شهر ۾ رهن ٿا.

شڪريو: مسلمان سمات ذات آهي.

شڪلاڻي: نوحاڻي بلوچن جي سنجراڻي شاخ مان هڪ پاڙو. مهڪاڻي مرين مان شڪل خان بن مير حاجي خان مريءَ جو هڪ ڪيڙ.

شَڪورزئي: الڪو پناڻن جو پاڙو آهي.

شَلماني: مهند پناڻن جو پاڙو آهي. ابسڻ هنن کي اندين ماخذ پنان ڇاڻائي ٿو. (بحوالہ: پنجاب کي ذاتين) درياءَ سنڌ جي ڪناري شلمان علاقي ۾ رهڻ سبب "شلماني" سڏجن ٿا.

شلواڻي: بگٽي بلوچن جي ريهيجا (راهيجا) پاڙي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

شَمباڻي (يار ياڙي): بگٽي بلوچ قبيلو آهي. هنن کي "يار ياڙي" پڻ چون ٿا. هن خاندان جا خاص پاڙا آهن: 1- تنجواڻي 2- تڪسور 3- پيٻي 4- پجدور 5- حمزاڻي 6- رحملاڻي (تيغواڻي) 7- رئيزاڻي 8- شنگواڻي 9- شمباڻي (ياريازي)، 10- گودائي 11- مچوبار 12- مرزاڻي 13- مهريائي.

شمبدئي: ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 127 موجب "شمبدئي" سربرہ قبيلي جو پاڙو آهي. جن جو واسطو بلوچن سان آهي.

شمِراٹي: سمن جي ذات آهي.

شَمس: سهتن جو هڪ پاڙو.

شَمساٹِي: ڏهر ذات جو پاڙو آهي.

شَمسِي: حسيني سيد آهن. جيڪي محمد تبريزي المعروف شمس تبريز جو اولاد آهن. ڪن روايتن ۾ آهي تہ شمس تبريز غير شادي شده هو. هن جي پاءُ جي اولاد کي "شمسي" چون ٿا. هي بزرگ عراقي. سبز واري. مغربي ۽ شاميءَ جي نالي ۽ لقب سان مشهور آهن. هي شام ملڪ کان نڪري اچي ملتان ۾ سکون پذير ٿيا ۽ سندن اولاد پاڻ کي "شمسي سيد" سڏايو. شمس تبريز جي تاريخي حوالن سان سندن شجرو هن طرح ثابت آهي:



عبدالمجيد
|
منتظر بالله
|
احمد هادي
|
هاشم علي
|
محمد
|
سيد محمود سبزواري (سبزا واري سيدن جو مورث اعليٰ)
|
محمد محب الدين
|
علي خالد الدين
|
عبدالمؤمن (بادشاه آفريڪا)
|
سيد علي ملقب
|
صلاح الدين محمد نور بخش
|
سيد محمد تبريزي المعروف شمس تبريز (شمسي ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ آيا)
|
اولاد شمي سيد

شنباڻي: ڪرمتين جي مهيري ۽ مرگهر شاخ جو هڪ پاڙو. لاشارين جي منڌير شاخ مان پٽ آهن. پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي لکيو آهي ته "شنباڻي" مگسي بلوچ ۽ بگٽي (رند) بلوچن جو پاڙو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان لکي ٿو ته "شنباڻي" بگٽي بلوچ آهن. ايس - صادق علي جي لکڻ موجب "شنباڻي" بگٽين (رند) جو هڪ جدا قبيلو آهي، جنهنجو سردار ڪيچي خان شنباڻي بگٽي هو. هي شنبو پٽ سائينداد جو اولاد آهن. شنباڻي بگٽين جا هينيان خاص پاڙا آهن: 1. رحمتاڻي 2. ڪيازئي 3. گدري 4. شنباڻي 5. سيداڻي 6. چٽڪاڻي 7. سياهه قاز 8. ڪذو 9. پهلواڻي 10. عاقلاڻي 11. حيراڻي 12. گندڪاڻي 13. شيهه ڪاڻي 14. نوتڪاڻي 15. جامڪاڻي 16. سيفلاڻي 17. درياڻي 18. ريحو 19. ڪارجو 20. ڪڏيسر 21. رحملاڻي 22. بڪراڻي 23. بنبي زئي 24. تالپر 25. هلياڻي

شنبوزئي: بروهين جو پاڙو آهي (شنبي زئي)

شَنبي: پناڻن جو هڪ پراڻو قبيلو آهي، جيڪي شنب بن حريق غوريءَ جو اولاد آهن. چون ٿا ته لوڏي ۽ سوري به هنن مان آهن.

شنبياڻي: بگٽي بلوچ قوم جي نوتاڻي قبيلي مان هڪ پاڙو آهي.

شندال: هندن جي هڪ ذات ۽ ورن جو نالو آهي. هنن کي "چندال" به چون ٿا.

شَنگرانِي: بروهي قوم جي لهڙي پاڙي مان هڪ ٽڪ جو نالو آهي.

شنگواڻي: بگٽين جي "شمباڻي" (ياريارڙي) پاڙي مان هڪ ڦريءَ جو نالو آهي.

شِنگهواڻِي: هندن جي ذات آهي.

شنواري: خلجي پٺاڻن جو پاڙو آهي. افغانستان ۾ جلال آباد جي علاقي ۾ حصارڪ ۽ روتاس جي پرسان هڪ ڳوٺ جو نالو "شنوار" آهي. هي ان ڳوٺ جا شنواري خلجي افغان آهن. (بياض مرحوم مولانا مير جمال الدين علوي).

شَنِواري: خرشيون پٺاڻن ۽ ڪيراني افغانين جي پاڙي جو نالو آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب هي خرشيون جي ٽئي پٽ ڪانسيءَ جي اولاد مان آهن. سنگو خيل، علي شير خيل، سيپاھ ۽ مندوزئي هن جا خاص پاڙا آهن.

شودا: حملاڻي راڄ مان سنڌ جا سما آهن. جيڪي برفت آهن.

شوداساڻي: هي شو جا پوڄاري هندو آهن. هنن جي نڪ جو نالو "ڪنگهر" آهي. ٽڏاڻي، منسڪاڻي ۽ نهائي پاڻ ۾ عزيز ٽين.

شُودر: هي گهٽ ذات وارا اڇوت هندو آهن. شودر سنسڪرت زبان جو لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، خدمتگار ذات خادم ذات.

شور: لسبيلي جي ماندڙن جي راڄ جي هڪ ذات آهي.

شورا: محمد بن قاسم جي هٿ تي سنڌ جي راجا موڙا سنگهه رانوڙ اسلام قبول ڪيو، جنهن ڪري هن کي سنڌ جي اوپر واري حصي تي حاڪم مقرر ڪيو ويو، جنهن جو مرڪز حيدرآباد هو. ان وقت هن کي ست پٽ: ڏارو، شورو، ڪونئرو، سهتو، راهو، مگڻ ۽ اڇڻ هئا. شورا ان شوري جو اولاد آهن، راجا پنهنجي حياتيءَ ۾ حيدرآباد سنڌ کان هينيون پاڳو جاگير طور شوري کي ڏنو. اڄ به انهيءَ پاڳي ۾ "شورا" ذات جا وڏا وڏا ڳوٺ آهن.

شورن جو ذڪر مغل بادشاھ شاهجهان جي زماني ۾ پڻ آهي، ان وقت سيوهڻ جي سرداري مير ابوالبقاء وٽ هئي، جنهن سيوهڻ جا گدرا ٻيڙيءَ ذريعي ننڍي جي حاڪم ڏانهن روانا ڪيا هئا، جن کي دائود شوري جي ماڻهن کاسائي شورا ڳوٺ وٽ ڦريو هو. اڄ به اهي شورن جا ڳوٺ موجود آهن. شورا سماٽ قوم آهي ۽ اصل سمن مان آهن. ايس . صادق علي جي لکڻ موجب سامر جي هڪڙي پٽ جو نالو "ٻڏا" هو، جنهن کي 16 پٽ هئا، جن کي "رانوڙ" چوندا هئا. ان رانوڙ جي قبيلي مان "شورا" آهن. هي نجا سما آهن، سهتن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "شورا" اهي. شورن جا به ڪافي پاڙا آهن، جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "ڪاسائي" آهي. (سهتن جو شجرو ڏسڻ گهرجي).

شوران زئي: بروهي قوم جي بنگلزئي شاخ مان هڪ پاڙو آهي.

شورائي: سمن جي ذات آهي، ديسي ڪار ناهڻ جي ڪرت سبب "شورائي" سڏجن ٿا.

شولا: بلوچن جو پاڙو آهي. اتر سنڌ ۾ رهن ٿا.

شولائي: بوزدارن، ڪرمتين ۽ ميربحرن جو پاڙو آهي. ڪرمتي شولائين جا خاص پاڙا آهن: اوناڙي، بنياڻي، جماڻي، ڊولنگائي، عيساني، ديواڻي، ڪانواڻي، ظهرياڻي، سعيت ۽ حامحلاڻي.

شولين: مزاري بلوچن جي مسيداڻي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

شهاب زئي: لورن جي ذات آهي.

شهاڻي: رندن، لشارين، تالپرن ۽ هندن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. ڪتاب بلوچ قوم اور اسکي تاريخ ص 348 تي شهاڻي رندن جو شجره هن طرح لکيل آهي:

میر چاکر خان رند
|
سیهہ دار خان
|
میر رند خان
|
بلوچ خان
|
شهاز خان
|
جد شهاڻي بلوچ

ايس . صادق علي جي لکڻ موجب "شهاڻي" رند، لشاري ۽ تالپر آهن. عام طرح سان اهي "رند شهاڻي" پاڻ کي هن وقت "شاهاڻي" چوائين ٿا. جن جا پاز داڻي، حمزواڻي ۽ سهتاڻي خاص پاڙا آهن. ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ مان پڻ "شهاڻي" آهن. عام طور ڏٺو ويو آهي ته هندو شهاڻين کي شاهاڻي لکيو وڃي ٿو. جو درست نه آهي. شهاڻي "ٻنيجا" نک مان هندو آهن. سندن ذات جو نالو سندن وڏن پنيان نه پر شاهه بهارو جي پنيان پيو آهي. شاهه بهارو بوبکن جو ذات جو جهنجهڻ هو. هي ميرن جي صاحبيءَ ۾ چاندڪا پرڳڻي جو گورنر ٿيو. جنهن هندن مٿان تمام گهٽو هٿ رکيو. ان نبست سان اتي جي هندن پاڻ کي شهاڻي سڏيو آهي. پوءِ اهي هندو سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويا. اي _ تي شهاڻي ۽ پي کي شاهاڻي پڻ هنن مان هئا. بهارو شاهه جي قوم وارن سندس شان شوکت ڏسي پڻ پاڻ کي به شهاڻي سڏايو. بهارو شاهه جي درگاهه لاڙڪاڻي شهر ۾ ڪيراج فقير جي باغ ڪان ٽورو پرپرو گهاڙ واهه جي ڪپ جي ويجهو آهي.

شهبارڪاڻي: مزاري بلوچ قبيلي جي رستماڻي شاخ مان آهن.

شهبڙائي: مير جتن جو هڪ پاڙو.

شهبيگ: جت بلوچ آهن، بلوچستان، لسبيلي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا. هنن کي شهبيگي به چون ٿا.

شهپات: رندن جو پاڙو آهي. اصل لفظ سياھ پھد. سياھ پاد سياھ پاز ۽ سياھ فاز آهي. جيڪو بگڙي "شهپات" ٿيو آهي. ايس . صادق علي لکيو آهي ته "شهپات" رند آهن. جنگ ۾ کارن بوٽن - جورابن (کاراپير) پائڻ کري "سياھ پاد" سڏبا هئا. لفظ سياھ پاد بگڙجي "شهپات" ٿيو.

شهجراھ: ھڪ مسلمان سمات ذات آهي.

شهخاٽي: لشاري بلوچ آهن.

شهداتاٽي: کولاچي آهن.

شهداداٽي: تالپرن ۽ لاشارين جو پاڙو آهي. جوکين ۽ مهيرين ۾ پڻ ھڪ پاڙو.

شهدادزئي: محمد حسني بروهين جو پاڙو آهي.

شهداٽي: لشاري بلوچ آهن. مير جتن ۽ لشاري جتن ۾ پڻ "شهداٽي" پاڙو آهي.

شهزادا: اصل ۾ عربي نسل جي قوم جا ماڻهو آهن. جيڪي کجھ صديون اڳ عرب ملڪ مان هجرت کري اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. کافي عرصي بعد انهن مان کجھ روزگار خاطر سنڌ مان لڏي وجي جيواڻي. دشت باھو. کرمان ۽ مکران ۾ سکونت پذير ٿيا. ايران جي مکراني پٽي ۾ رهڻ کري هن وقت هي "مکراني بلوچ" سڏجن ٿا.

شهہ غاسي: جي معني آهي دربان. بلوچستان جا بلوچ آهن.

شهک: بلوچ آهن. جيڪي شهک رند جو اولاد آهن.

شَهکاٽي: رند بلوچن جي ھڪ پاڙي جو نالو آهي. جن جو ڏاڏو شهک خان هو. هنن جو شجره هن طرح آهي:

میر جلال خان بلوچ
ا
رند
ا
رمضان
ا
نصیرالدین
ا
احمد
ا
گلو
ا
فیروز
ا
کالو
ا
فیروز شاھ
ا
شھک
ا
اولاد شھکاٹي رند

شَـهلاڻي: جمالي آهن.

شَـهلياڻي: بلوچ آهن.

شَـهمراڻي: بوزدار بلوچ آهن.

شهميراڻي: ڪرمتين جي مهيري راڄ جو هڪ پاڙو.

شـهڙا: برفتن مان آهن. ٽاڻي بولا خان ۽ ڪوهستان ۾ رهن ٿا. ڪوهستان وارا شهڙا وڏيره صالح محمد برهماڻي جو راڄ آهن. جيڪي ملڪ جي سرداري هيٺ آهي.

شهوازاڻي: آلکاڻي بلوچن جي شاخ آهي.

شَـهواڻي (شاهواني): بروهي قوم جا تمام گهڻا پاڙا آهن. جن مان "شهواڻي" هڪ نهايت مڪمل پاڙو ۽ قبيلو آهي. هن پاڙي مان محترم رحيمداد خان مولائي شيدائي "شهواڻي" هڪ برڪ تاريخدان تي گذريو آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي ته هي اصل ۾ پناڻ آهن. پر اڄ ڪلهه بروهي تمن ۾ شامل آهن. شهواڻي پاڙي جا خاص ٽي وڏا قبيلا آهن. جن ۾ ٻٽيهه شاخون آهن. جن جو تفصيل هن طرح آهي:

الف: حاجي زئي: 1. حاجي زئي 2. راوت خان زئي. 3. شادين زئي 4. چندوزئي 5. حاصل خان زئي 6.ميروزئي 7. شيرزئي 8. خواجوزئي 9. شاهوزئي 10. حسينئي 11. ڪلوزئي 12. عمراني 13.تنگي زئي 14. سهرزئي 15. سياهي زئي 16. ڪشاني ۽ 17 غل.

ب : سهرزئي: 1 ڏاهي زئي 2 علي خان زئي 3 فيروزئي 4 عيسيٰ زئي 5 بوجازئي 6 حڪيم زئي. 7 ڪنزئي.

ج: عمراني: 1 هوتي زئي 2 جهل زئي 3 يار علي زئي 4 پندوخ زئي 5 زهروزئي 6 غزار زئي ۽ 7 جوگي زئي.

شهواڻي خاندان جو شجره هن طرح آهي. **شجره شهواڻي**





ڪتاب جنت السنڌ ص 52 فوٽ نوٽ تي لکيل آهي تہ رئيساڻي ۽ شهواڻي يهودين مان (افغان) نو مسلم آهن.

شهواڻي: گورچاڻي بلوچن جي لشاري شاخ مان هڪ پاڙو آهي. (رندن) جڪراڻين ۽ تالپرن ۾ پڻ "شهواڻي" آهن.

شَهوڪَ: هڪ غير سماٽ ذات آهي.

شهياڻي: جوڪين جو هڪ پاڙو.

شهيبگي (شهيگي): شاهہ بندر جا سماٽي جت آهن.

شَهيجا (شاهجا): بجاراڻي مرين جو پاڙو آهي.

شَهيد: سکن جو پاڙو آهي. هي سوڍا سنگهہ تلوندي جي مهنت جي نالي تي سڏجن ٿا.

شهيدي: رخشاڻي ڪردن جو پاڙو آهي. هنن جي وڏي جو نالو سردار الفت خان هو.

شيخ: عربي لفظ آهي. جنهنجي معنيٰ آهي. بزرگ. قاضي. وڏي رتبي وارو وغيره. شيخن جا بہ قسم آهن. هڪڙا ايران کان آيل. جيڪي بزرگ ۽ درويش آهن. ٻيا هندن. سکن. شڪارين يا غير مسلم مان نوان مسلمان ٿيل آهن. جهڙوڪ ميمڻ. خوجا. وورا. بوهرا. شيخ. گهرئي پوٽا ۽ سرائي وغيره. ايران کان آيل دهوار بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "شيخ" آهي. اهي سڀ شيخ ذات جا "شيخ" سڏجن ٿا.

شيخا: اصل ۾ عربي نسل جا عراق مان هجرت ڪري آيل عرب آهن. سندن چوڻ آهي تہ هو حضرت عقيل رضہ جي اولاد مان آهن. جيڪي پاڻ کي "شيخہ" چوائين ٿا.

شيخ پنهنجي بزرگي ۽ ڪرامت جي ڪري تمام گهڻا مشهور آهن. هن وقت حمراڻي شيخ حمر جو اولاد ۽ ڪڙياڻي شيخ ڪڙيي جو اولاد حيدرآباد ۽ ڪراچي جي آسپاس رهي ٿو. ڪن ڪن جاين تي هي "علوي" بہ سڏجن ٿا.

شيخاڻي: گورجاڻي بلوچ قبيلي مان آهن. هن جون مکيہ قريون آهن: 1- بکراڻي 2- ٻيراڻي (بابولاڻي) 3- جلباڻي 4- دوداڻي 5- شيخاڻي 6- مناڻي 7- منکاڻي (ماڻکاڻي) 8- ميهاڻي.

چاچڙن جي ڇٽا قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "شيخاڻي" آهي. ايس - صادق علي جي لکڻ موجب "شيخاڻي" مگسي قبيلي (سمات) جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

شيخ پهنور: پنهور آهن. دادو شهر جي پرسان وينا آهن.

شيخ جا پوٽا: ذات جا سومرا آهن.

شيخ حسيني: محمد حسني بروهين جو پاڙو آهي. هي هاروني آهن. هنن جو مورث اعليٰ بزرگ شيخ حسين هو. جنهن جي مزار نوشکيءَ ۾ آهي. هي ايراني نسل مان آهن.

شيخ زاده: هي خواجا "مگو" کُل جا کتري آهن. جيکي اکثر ڪري ڇمڙي جا واپاري آهن. هي هندن مان شيخ ٿيا ۽ سندن اولاد پاڻ کي "شيخ زاده" سڏايو.

شيخ علي خيل: خيبر شنواري پٺاڻ جو پاڙو آهي.

شيخي: استرياني سيدن جو پاڙو آهي. هي پٺاڻ سيد آهن.

شيدي: عربي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. اسود. ڪارو يعني هي رنگ جا ڪارا آهن. هي اکثر ڪري غلام قوم رهي آهي. هنن جا ٻہ قسم آهن. هڪڙا گهر ڇاوا ۽ ٻيا آفريڪا مسقط ۽ عرب ملڪن کان خريد ڪيل غلام. سنڌ ۾ اکثر ڪري ٽالپرن وٽ هي غلام ۽ پورهيت هئا. هن وقت هي سجاڳ ٿيندا ٿا وڃن ۽ غلامي جي زنجير مان پاڻ ڇڏائيندا ٿا وڃن. مشهور مصنف ۽ شاعر محمد صديق مسافر پڻ هنن مان هو. شيدي قوم جون مکيہ ذاتيون ۽ پاڙا هن طرح آهن: 1- پمپاڻي 2- تريزميزا 3- تيمالوئي 4- تووئر 5- ڊونديري 6- ڊونگو 7- ڊينگريڪو 8- زنگزيگري 9- ظالما 10- قمبراڻي 11- ڪمٽڪ 12- گنبو (گدا) 13- ماگر 14- متوئي 15- مدوئي 16- مريما 17- مريما قاڻي 18- مزگرا 19- مڪامي 20- مڪو 21- مڪوندي 22- مڪوئا 23- مياس 24- نيامئيزي 25- آسماني 26- مخول 27- ملشيري 28- ڪوندي.

شيرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

شيرا خيل: لوڌي پٺاڻ آهن.

شيرازئي: ڪاکڙ پٺاڻ آهن.

شيرازي: حسيني سيد آهن. شيراز ايران جو شهر آهي. ان شهر جي نسبت سان "شيرازي" سڏجن ٿا. شيرازي سيدن جا ورڏا غالباً 786 هـ 1384ع ڌاري شيراز کي خيرباد چئي قندار کان ٽيندا سيوهڻ پهتا. جن مان ڪجهہ سيوهڻ ۾ رهيا ۽ باقي سيد محمد ۽ سندس پٽ ۽ سيد احمد ساموئي کان ٽيندا. اچي ٽٽي شهر ۾ سکون پذير ٿيا. پاڻ قاضي نعمت

الله عباسي سان رشتيداري ڪري هميشہ لاءِ ننڍي ۾ آباد ٿي ويندا. ان کان پوءِ ٻيا ٻہ "شيرازي" سيد شيراز کان اچي سنڌ ۾ ويندا. شڪرالله سيد ۽ انجوي سيد ٻہ شيرازي خاندان مان آهن. تحفتہ الڪرام جو مصنف علي شير قانع ٻہ شڪرالله شيرازي سيدن مان هو. نموني طور ٻنهي ڪڙين جا شجرا هن ڪتاب جي آخر ۾ شجرن واري حصي ۾ ڏنا ويا آهن.

شيراني: افغاني پناڻ آهن. پناڻن جي ذڪر ۾ لکيل آهي تہ شيراني اسرائيل جي شاول نسل مان آهن. هن وقت هي اندرون سنڌ ۽ڪراچي ۾ ڪافي تعداد ۾ رهن ٿا. شيراني پناڻن جو شجره هن طرح آهي.



شيراني پناڻن جا خاص پاڙا هن طرح آهن: 1. تريانـي 2. اسـندزئي 3. بابرالياس لڪياني 4. بوباخيل 5. خخياني 6. دولت خيل 7. سالار خيل 8. سان خيل 9. سندزئي 10. مروت خيل 11. موسيٰ خيل 12. غوريزئي 13. گنداپور 14. بابر.

شَيراڻي: سما ۽ گهنيا ذات جا پاڙا آهن. لغاري بلوچن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "شيراڻي" آهي.

شِيراڻي: مري بلوچن جي لوهاراڻي شاخ مان آهن. ڪرمتين جي مهيري ۽ جانوري شاخن جو پڻ هڪ پاڙو.

شيرپائو: محمد زئي (زمند جو پٽ) پناڻن جو پاڙو آهي. محمد حيات شير پائو هن پاڙي مان هڪ مشهور شخصيت هو.

شير خاناڻي: جمالين جو پاڙو آهي. ننڍي جي ميمڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "شير خاناڻي" اهي.

شيرخانائي: جمالي آهن.

شير خان خيل: پناڻ آهن.

شيرخاڻي: جمالي بلوچ آهن.

شيرزئي: معنيٰ شينهن جهڙو. شهواڻي بروهين جي حاجيزئي شاخ جو پاڙو آهي. بارک پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "شيرزئي" آهي.

شيرلياڻي: مزاري بلوچ آهن.

شيرواري: بروهي آهن.

شيرواڻي: پرڳڙين جو پاڙو آهي. ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

شيروزي: محمد حسني بروهين جو پاڙو آهي.

شيش پوتا: باريچن جو پاڙو آهي.

شيلياڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

شِينا: برفتن مان آهن. ڪوهستان ۾ رهن ٿا. ملاحن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "شينا" آهي. هي تعلقي جاتي ۾ رهن ٿا. پڪا چانگ (خيرپور ميرس) ۾ وڏيره جان محمد شينا سان ملاقت ٿي، جنهن ٻڌايو ته اسان سمات آهيون. شمس الدين بلبل پڻ ذات جو شينو هو. هي پاڳناڙي کان آيل هو.

شِينهڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

شينهڙ: سميجن جو پاڙو آهي.

شيواڻي: هندن جي هڪ آکيڙ جو نالو. ٽر ۾ رهندڙ.

شيوڪاڻي: هندو قوم جي ذات آهي.

شيوڪ راماڻي: 'سُروپا' نک مان هندن جي هڪ آکيڙ.

شيهه: ونگائي جت بلوچن جي ذات آهي. شاهه بندر ۾ رهن ٿا.

شيها: سما قبيلي جو هڪ پاڙو. هي شيهو پٽ ندو پٽ ڪندر جو اولاد آهن. ڪُـبَـر هن جا سوٽ ٽين. شيهي جي اولاد پاڻ کي "شيها" سڏايو.

شِيهڪاڻي: شنباڻي بلوچن جو هڪ پاڙو. هي شيهڪ بن شنبي جو اولاد آهن.

شيهي: اصل ۾ ايراني مڪران جي علاقي دشتياري ۽ باهو جا رهاڪو آهن. هي پاڻ کي بلوچ ۽ مڪراني چوائين ٿا. ڪراچي ۾ رهن ٿا.

شيرازي / انجوي سيدن جو شجرو




محمود (متوفي 694 هـ)
786 هـ ۾ سنڌ ۾ اچي مراد اوني ڳوٺ ۾ وينا) محمد عرف ميران محمد (شيراز کان آيو. اولاد شيرازي)
احمد
علي
جعفر
محمد شريف
سيد محمد حسين (جنم 831 هـ وفات 893 هـ)
احمد (نهر والا گجرات)
سيد جلال
سيد جمال
منصور
نعمت الله
حماد
علي ثاني عرف رشيد (وفات 971 هـ)
علي محمد (لاولد)
عبدالقدوس
احمد
طاهر
عبدالرحمان
جلال ثاني (مرزا صالح جي ڏيءَ سان شادي ڪيائين)
ميير محمد (ترخان نامہ جو مصنف)
سيد فضل الله
شيخو
حامد
منصور
عبدالرحمن
محمد طاهر
سيد بزرگ عبدالله
ميير حسن علي
رشيد لعلميد
ميير علي اصغر
احمد عرف سيد وڏو
الهڏنو عرف عَلو
محمد شجاع عرف سيد ناٿن
محمد طاهر عرف ميير محمد

هک بي ڪڙيءَ مان شيرازي سيد

ص

صابرا: سومرا قبيلي جي هڪ اهم شاخ آهي. هنن جو وڏو ڏاڏو "خواوڙ" سومرن جي حاڪم "ڏونگر راءِ" سان گڏجي ٿو. هي پاڻ کي سنڌ جا اصل باشندا ۽ سمات سڏائين ٿا. هيوز بلز جي لکڻ موجب "صابرا" راجپوت نسل مان آهن. هڪ روايت موجب صابرا ماندڙن جو راڄ آهي ۽ انهن جون پاڻ ۾ مٽيون مائٽيون آهن. کي محقق هنن کي برفت لکن ٿا. **صابرا لسبيلي (پيراٹي):** سروان، جهالاوان، کوهياري، باغبان، ڪراچي ۽ ننڍي ۾ رهن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن:1- آريپوٽا 2- الياساڻي 3- جکريپوٽا 4- حسن پوٽا 5- ڳاڙهي پوٽا 6- منڪاڻي 7- موتي پوٽا 8- موندر پوٽا ۽ 9- مهوميا.

صابلاڻي: لاکن جو پاڙو آهي.

صابواڻي: جکراڻي بلوچ آهن. ڪرمتين جي پٽوا شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

صابوجا: هوٿي ذات جو پاڙو آهي.

صابوگر: سمن جي ذات آهي. ننڍي شهر ۾ رهن ٿا.

صابوئاڻي: سنيا ذات جو پاڙو آهي. ٽنڈي محمد خان ۾ رهن ٿا.

صاحب: ذات جا سما آهن. (اونا)

صاحُباڻي: مارفاڻي چانديين جو پاڙو آهي، ببرن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "صاحباڻي" آهي. ڪتاب جنب گذاريم جن سين ص 409 تي لکيل آهي تہ "صاحباڻي" کوسن مان آهن.

صاحِباڻِي: عمراڻي بلوچ آهن.

صاحبدين: راهوما ذات جو پاڙو آهي.

صاحبناڻي: ڪرمتين جي ڳورئي شاخ جو هڪ پاڙو.

صادقاڻي: سوري لنڊن جو پاڙو آهي. خيرپورميرس ۾، سني کوجن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "صادقاڻي" (عيسباڻي) آهي. ڪرمتين جي جانوري شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

صادق پوٽا: دلن جي ڏيٽا شاخ جو هڪ پاڙو.

صافي زئي: مهند پناڻ آهن.

صالحاڻي: پٽن جو پاڙو آهي.

صالح خيل: فوفل پناڻن جو پاڙو آهي.

صالحياڻي: ڪرمتين جي گلڙي ۽ جانوري شاخن جو هڪ پاڙو.

صبح پوٽا: ملاحن، مهاڻن ۽ ساڻين (ملاح) جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

صحباڻي: شرن جو هڪ پاڙو.

صُحبجا: مهرن جو هڪ پاڙو.

صحب دين: پنهڑن جو پاڙو آهي.

صحرائي: هسپت بن جادم جو اولاد آهن. هي اصل سما آهن. صحرائي سيدن جو پاڙو آهي. هن پاڙي مان نامور تاريخ نويس سيد طاهر محمد نقوي ٿي گذريو آهي، جنهنڙ تاريخ طاهري لکي هئي.

صدر: اصل سما آهن.

صدرالدين: متعلوي سيدن مان آهن. سيد موسيٰ بن سيد صاحب بن سيد احمد کي ٽي پٽ هئا. جن مان هڪڙي جو نالو سيد صدرالدين هو جنهن جي اولاد پاڻ کي "صدرالدين" سڏايو.

صدرجا: سهتن جو هڪ پاڙو.

صُدراڻي: ناريجن ۽ سمن جو پاڙو آهي.

صدرپوٽا: باريچن جو پاڙو آهي.

صدردينجا: راجپرن جي ذات آهي.

صديقي: حضرت ابوبڪر صديق رضہ خليفہ الاول جو اولاد آهن. هن جي اولاد جو اولاد محمد بن قاسم سان گڏ ۽ مختلف دورن ۾ اسلام جي تبليغ خاطر سنڌ ۾ آيو ۽ خصوصاً سيوهڻ ۽ پاٽ ۾ سکونت پذير ٿيو. هندستان جي ورهاڱي سبب پڻ ڪافي صديقي اچي سنڌ ۾ وينا. انهن جو اولاد وڌيو ۽ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويو. جن پاڻ کي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي حسب نسب سان "صديقي" ۽ "بکري" سڏرايو.

سيوهڻ شهر ۾ صديقي خاندان صدين کان وڻي آباد آهي. انهي خاندان جو حڪيم مخدوم محمد نصيرالدين فاروق بن مخدوم محمد مراد صديقي هڪ چشم چراغ آهي، جنهن وٽان صديقي خاندان جو هڪ پراڻو شجرو هٿ آيو. مخدوم نوح لطف الله جو شجره فتاويٰ واحدي ۽ بياض مخدوم محمد مراد انصاري تان اتاريو ويو آهي، جيڪو مخدوم بهاؤالدين گودڙئي (نقشبندي جو ميمڻ خاص مريد) جو لکيل آهي. مهراڻ رسالہ جلد نمبر 32، نمبر 3-2 سال 1983ع ص 186 تي ڊاڪٽر ميمن عبدالمجيد سنڌيءَ جو لکيل شجرو تصحيح طلب آهي. مهراڻ رسالہ نمبر 4 سال 1989ع ص 133 تي محترم ڊاڪٽر عبدالرحمان مغل سيوهاڻي. مخدوم بصرالدين سيوهاڻيءَ جي مضمون ۾ جيڪو شجرو لکيو آهي. اهو پڻ اٽيورو ۽ تصحيح طلب آهي. سنڌ، هند ۽ پنجاب جي صديقي بزرگن جون هينيون گاديون مشهور آهن.

خواجہ محمد سليمان تونسوي صديقي، تونسہ شريف.

مخدوم محمد زمان لنواري شريف، بدين.

مخدوم نوح هالائي، هالا، سنڌ.

ڪوٽڙي ڪبير وارا صديقي بزرگ.

سيوهڻ شريف جا صديقي بزرگ.

پاٽ شريف جا صديقي بزرگ.

درگاه مسيح الاولياءَ شيخ عيسيٰ جنداللهه پاڻائي برهانپوري، هندستان.

صديقي بزرگن جي وڌيڪ تفصيل لاءِ شجرن واري حصي ۾ سندن شجرو ڏسڻ گهرجي.

صفراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ڪرمتين جي گبول شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

صفرواڻي: ڪوسا بلوچ آهن.

صفريزئي: ڪردن جو پاڙو آهي.

صفوزئي: محمد شهي بروهين مان هڪ پاڙو آهي.

صقل گر: هندو لوهارن جو پاڙو آهي، لوهہ ۽ڪاڻ جو ڪم ڪن ٿا.

صلحاڻا: زردارين جو پاڙو آهي، پنهنجي پيءُ صالح بن زردار پنيان "صلحاڻا" سڏجن ٿا.

صندراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

صندل: پٺي قبيلي جو پاڙو آهي.

صوبدراڻي: جمالي بلوچ آهن.

صوپا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

صوپازئي: بگٽي بلوچن ۽ بروهين جي قمبراڻي قبيلي جو پاڙو آهي.

صوپاڻي: پرگڙي بلوچن جو پاڙو آهي. هي رئيس علي خان جو اولاد آهن. ڪرمتين جي لجيرا شاخ جو پڻ هڪ پاڙو. [illegible]

صوپواڻي: ڪرمتين جي مرگهر شاخ جو هڪ پاڙو.

صوپو پوٽا: سمن ۽ ابڙن جو پاڙو آهي.

صوپي زئي: پٺن جو پاڙو آهي.

صوفي: عربي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي پرهيزگار. عابد. زاهد. پارسا. ڪٽيوال. اهو جو دماغ ڪي غير جي مشغوليءَ کان پاڪ رکي. صوف = پشم + ي يعني پشم جو لباس (اُنَ) پائڻ وارو.

صوفي عربستان جي هڪ قبيلي جو نالو آهي. جنهن جا ماڻهو ڪعبہ جي خدمت ۾ رهندا هئا ۽ ماڻهن سان ڇڳائي ڪندا هئا. انهن مان ڪجهہ سنڌ جي طرف هجرت ڪري آيا. جن پاڻ کي ذات جا "صوفي" سڏايو.

صهبائي: هڪ مسلمان ذات آهي. ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

صهيجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

صيقاٽي: موسياڻي بروهين جو پاڙو آهي.

صديقي خاندان جو شجره: سيوهڻ/پاڻ/هالا/لنواري

سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه (بني مره - تميمي قريشي قبيلو)

(والده ام الخير سلميٰ بنت صخر ۽ والد ابو قحافه عثمان بن عامر)



نوٽ: هڪ کان 3 نمبرن سان منسلڪ نالا ايندڙ صفحي تي ڏسندا.

نوٹ: 1 کان 4 نمبرن سان منسلڪ نالا ايندڙ صفحي تي ڏسندا.



نوٽ: سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه جن چار شادين ڪيون هيون. زال ام رومان مان حضرت عبدالرحمان ۽ بيبي عائشه هئي. زال قتيليه مان حضرت عبدالله ۽ بيبي اسماء هئي. زال اسماء مهاجره مان محمد پٽ هو. ۽ زال حبيبه مان ڏيءِ ام ڪلثوم هئي.

پات واري شاخ ۾ طوالت کان بچندي فقط فرزند ڪلان جي حساب سان مخدوم عبدالواحد ڪبير کان موجوده دور تائين پيڙهيون چاڻايون ويون آهن. جڏهن ته ان مان مزيد ڦٽندڙ شاخن جي وضاحت خانداني شجرن ۾ ڏسي سگهجي ٿي. جيئن ته تاريخ باب الاسلام ۾ ڏنل آهي. شجري سان منسلڪ سند گزيٽ جو اهو عڪس ڏنو ويو آهي جنهن ۾ سلطان اورنگزيب عالمگير رحمت الله عليه جو فرمان ڊاڪٽر گريخشائي انگريزي ٻوليءِ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيو هو. هن ۾ سلطان اورنگزيب طرفان مخدوم عبدالواحد ڪبير پاڻائيءِ کي مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جندالله جي اولاد مان ڏيڪاريندي مدد معاش لاءِ جاگير جو اعلان ٿيل آهي. ان گزيٽ جو اصل مخدوم سليم الله صديقي جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

THURSDAY, 10TH APRIL.

SIND GAZETTE

A true copy of the translation of the document granted by the Emperor Aurangzeb to two former members of the still existing family of Pat in Sind published in the Sind Gazette issue of the 10th April 1913, with a note from the Editor.

"A Sind Souvenir of Aurangzeb. Preservation of an ancient document. Sind antiquarians will be interested in the translation which we publish below of an original letter of the Emperor Aurangzeb to two former members of the still existing family of Pat in the Larkana District of Sind. It is specially interesting to note that Makhdum Abdul Karim, who is in possession of the original letter, is one of the Old Boys of Sind Madresseh.

"The officers of the present time as also the time to come holding their offices in the District of Sevostan (Sehwan) and Pat are hereby apprised that in accordance with the august injunctions of the most fortunate and glorious of the sovereign of time and earth, the Divine medium of all security and protection, the exhibitor of Heavenly Grace, the shadow of God, issued on the most auspicious day of His Majesty's Coronation fifty-one

rupees have been assigned as the daily allowance to be paid to Mukhdum Sheikh Abdul-Wahid, Late Chief Justice and the holy Gnostic Sheikh Abdul Kadir, the son and nephew respectively of the Saint of God, the Pole of Poles, the essence of the Divine Sheikh Issa Kassim Sidiki (May the mercy of God be upon him) from the treasury. Since the mind of the Government is in its entirety set upon the furtherance of both the material and spiritual advancement of the Kingdom and whereas the Government ardently desires that persons of high breeding and noble birth should be maintained in a fortunate and happy plight so as to spontaneously pour forth a devout wish and prayer for the prosperity of the state and the welfare of the Divine representative of God on Earth, the Government is pleased to confer ten thousand bigas of land as a substitute for his daily allowance of Rs 25-8-0 on the holy and the most virtuous of gnostic Mukhdum Abdul Wahid Sidiki to serve as a resource of income for his maintenance. The officers in charge of the District are ordered to deem it incumbent upon them to act in accordance with the above orders and entrust the afore-said amount of land to the same most glorious Mukhdum in the District of Pat. He is to be considered as exempt from all the political matters of the state and no contrary wise measures against the above command are under any circumstance to be adhered to."

I hereby certify that the above is a correct rendering of the original Persian document.

(Sd) H. M. GURBAXHIN, M. A.,
Professor of Persian."

D. G. Sind College, Karachi, March 1915

An authenticated translation of the certificate of His Highness Mir Muhammed Hussain Ali Khan Talpur one of Chief Amirs of Sind recommending the bearer to the Sind Government.

" During the reign of the former rulers of India up to the Reign of the Amir's of Sindh, the Mukhdum Sahibs of Sehwan have been from generation to generation down to Mukhdum Muhammed Sahib esteemed as the most reverend and chosen persons of the time. "

" In recognition of the high regard to which they were held the Emperors of Delhi the Kalhoras and Talpur rulers of Sindh conferred high titles of honour of reverence, and of respect on them made grants of land to them and exempted them from local taxation. "

According to the Sanads in their possession their rights are proved. It will therefore be befitting if the British Government considering the past respect and rights of the said Mukhdum Sahid's family make due provision for Mukhdum Mian Ahmed and Mukhdum Habibullah who belong to the family of the Mukhdums mentioned above. "

Dated 7th July 1877.

(Signed) MUHAMMED, HUSSAIN ALI KHAN.

True Translation.

I certify that the above is a true translation of the original Persian as I have compared the Sindhi translation given to me by Mr. Khushiram Khatanmal, Pleader with the original and I am satisfied that it is correct.

Dated 6th July 1893

(Signed) IMAM ALI,
Special Magistrate.
Second Class, Hyderabad Sind.

True Translation.

The original Persian certificate addressed to the British Government dated 7th July 1877 is given by my father Mir Muhammed Hussain Ali Khan and it bears his signature and seal.

(Signed) HAJEE NUR MUHAMMED KHAN

A true copy of the certificate given by Mir Ayub-Khan Jam Mir Khan of Las-Bela Bar-at-Law *vice* President of Karachi Municipal School Board, and Persian vice-Consul to Makhdum Naruddin Mahomed Anwar of Pat.

Karachi, February 2nd 1915.

" I have known Mr. Noorudin Mahomed Anwar Sidiki for some years. He belongs to the distinguished family of the Mukhdums of Pat in Schwan Sub-Division who are looked upon with reverence by the Mahomedans of this Province. Even the Mughal Emperors of Delhi respected this family and gave them grants-in-aid and lands. Any encouragement official or otherwise given to a member of this noble family and specially to Mr. Sidiki whose career at School and College has been such a successful one would only be a step in the right direction.

Personally I have a great liking for this bright youngman and wish him every success in life.

(Sd). MIR AYUBKHAN,
Bar-at-Law.

ط

طالباني: ڪردن جي هڪ ذات جو نالو. ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

طالباڻي: لنڊ بلوچن جو پاڙو آهي. پنهورن ۽ خاصخيلين ۾ پڻ "طالباڻي" آهن. [illegible]

طاهر: سميجا قبيلي جو هڪ پاڙو. هي اپيڙ پٽ مني جو اولاد آهن. قاسم، رتن ۽ ڏتو هن جا پائر ٿين.

طاهراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

طاهر خيل: لوڌي پناڻ آهن.

طاهرياڻي: سماڻي جتن، ملاحن ۽ مڱرين جو پاڙو آهي.

طائي: عرب قبيلو آهي، هنن مان ڪجهه هجرت ڪري اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا، محمد بن قاسم، موسيٰ بن يعقوب طائي کي اروڙ جو قاضي مقرر ڪيو هو. طائي حقيقت ۾ عربن جي "جبريه" قبيلي مان آهن، هنن کي تيمي به چون ٿا. عمار بن حسان طائي شهيد ڪربلا هن "طائي" قبيلي مان هو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪتاب سومرن جو دور ص 350 تي لکيو آهي، "طائي" سومرا آهن. بحوالہ: ڪتاب سومرن جو دور ص 350.

طائي پوٺا: سومرن جو پاڙو آهي، طائي پوٺا ضلعي ٺٽاڪر ۾ رهن ٿا.

طلحيٰ: اعوانن جو هڪ پاڙو. بهادر علي بن قطب شاهه اعوانڙ جو لقب "طلحه" هو. سندس اولاد پاڻ کي ذات جا "طلحيٰ" سڏائي ٿو.

طهرياڻي: ڪرمتين جي شولاڻي شاخ ۽ جوڪين جي تيپر شاخ جو هڪ پاڙو.

طلاقيا: مڱرين جو هڪ پاڙو. هي جمال طلاقبو پٽ ڪٽوريو جو اولاد آهن.

طيباڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. جوڪين جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "طيباڻي" آهي. هنن جا چند ڳوٺ ضلعي نوشهروفيروز ۾ آهن.

طيبياڻي: سپرن جو پاڙو آهي. هي ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ظ

ظالما: شيدي قوم جو پاڙو آهي.

ع

عابداڻي: لسبيلي جا سما آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا هنن کي مڇي مارڻ وارا ملاح لکيو آهي. (بحوالہ: مهراڻ نمبر 4-3 سال 2001ع ص 32).

عابدي: هي سيد آهن، جيڪي حضرت زين العابدين بن امام حسين جو اولاد آهن.

عادلاڻي: غيباڻي چانديين جو پاڙو آهي.

عارباڻي: ذات يا پاڙو ڪيترن ئي قبيلن ۾ آهي. جهڙوڪ: (1) بڙدين ۽ مغيرين ۾ عارباڻي آهن. ڪٿوهڙ بڙدين مان آهن، انهن ۾ پڻ "عارباڻي" آهن. (2) جامع سنڌي لغات ۾ جتوئين جا 14 پاڙا لکيل آهن، جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "عارباڻي" آهي. (3) پٺن ۾ عارباڻي آهن. (4) جوٽيجن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "عارباڻي" آهي. (5) جاکرن جي حُسڻ پاڙي جي هڪ شاخ. هنن کي لَسِرڙا بہ چون ٿا. 6 ماندڙن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "عارباڻي" آهي. هي لسبيلي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا. هنن جو شجره هن طرح آهي

چام هوٿي
|
چام عيسب
|
چام برفت
|
همرڪ
|
مهندو
|
حسن
|
ماندڙو (مندڙه)
|
هارون
|
ايوب
|
عارب
|
اولاد عارباڻي

(7) نٽيار جتن جو هڪ پاڙو. 8 راءِ بهادر هتورام لکيو آهي تہ "عارباڻي" سيد زئي بروهين جو پاڙو آهي.

عاربي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

عارفاڻي: هڪ مسلمان سماڻ ذات جو پاڙو آهي. ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

عاقباڻي: چاندين جي ٻجيراڻي شاخ جو پاڙو آهي.

عاقِباڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ڊاڪٽر غلام علي هنن کي مڇي مارڻ وارا ملاح لکيو آهي (بحوالہ: مهراڻ نمبر 4-3 سال 2001ع ص 33).

عاقلاڻي: چانديا قبيلي جي ٻجيراڻي شاخ مان آهن. ان کانسواءِ ميمڻن جي هڪ پاڙي جونالو پڻ "عاقلاڻي" آهي. هي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رهن ٿا. برفتن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "عاقلاڻي" آهي. ٽنڊي آدم ۾ "نومڙين" جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "عاقلاڻي" آهي. اهي برفت ۽ نومڙين وارا عاقلاڻي، ڄام برفت جي پٽ مير ڪاري جو اولاد آهن. شنباڻي بلوچن مان لوشڪ بن شنبي جو اولاد پڻ "عاقلاڻي" سڏجي ٿو. ٽري پان فقيرن ۾ پڻ هڪ پاڙو "عاقلاڻي" آهي.

عاقوب پوٺا: سورن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هي لسبيلي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

عاقيواڻي: مير جتن جو هڪ پاڙو.

عالَماڻي: ايس - صادق علي ۽ ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي جي لکڻ موجب "عالماڻي" رند بلوچ آهن. ليڪن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مرزا قليچ بيگ، مولائي شيدائي ۽ هئنري پاٽنجر رندن جي احوالن ۾ "عالماڻيءَ" جو ڪو بہ ذڪر نہ ڪيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ لفظ "عالماڻي" لکيو آهي، ليڪن هن ان جي ذات بابت ڪا وضاحت نہ لکي آهي. محقق جي تحقيق موجب "عالماڻي" رند بلوچ آهن، جن جو شجره هن طرح آهي





عالـماڻي: جامع سنڌي لغات ۾ ٻين کيترن ئي کتابن ۾ لکيل آهي ته "عالماڻي" جتن ۽ لشارين (جت) جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هي بلوچ نه آهن. ناريجا سماٽ ذات آهي. انهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "عالماڻي" آهي. پٽين ۽ مرين جي مهکاڻي قبيلي مان هڪ تمن جو نالو پڻ 'عالماڻي' آهي. مري عالماڻي. عالم خان پٽ جهان خان پٽ زنگي خان جو اولاد آهن.

عالم زئي: مهند پناڻن ۽ شکارپور ۾ رهندڙ پيرنگ پناڻن (دراني) جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

عالياڻي: لغاري بلوچن جو هڪ مکيه قبيلو آهي. کليات حمل فقير ۽ تاريخ جي ٻين کتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته ديره غازي خان جي لغارين مان چنگو، هيبت، سيرڪ ۽ عالي پاڻ ۾ چار پائر هئا. جن جو اولاد تالپرن سان گڏجي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيو. ان عاليءَ جي اولاد پاڻ کي "عالياڻي" سڏايو. هي اڪثر ڪري لاڙ ۾ آباد

آهن مري بلوچن جي غزيني شاخ مان هڪ پاڙو "عالياڻي" آهي. برهماڻي برن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "عالياڻي" آهي. هي لسبيلي ۽ ڪوهستان ۾ رهن ٿا. راءِ بهادر هتورام لکيو آهي ته "عالياڻي" جتڪ بروهين جو پاڙو آهي. جيڪب آباد ۽ بلوچستان جي برڙن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "عالياڻي" آهي. ڪرمتين جي بگهياڙ، زنگياڻي ۽ مرگهر شاخن ۽ چارڻ فقيرن ۾ پڻ "عالياڻي" آهن.

عَامَر: ملاح ۽ مهاڻا آهن. شاهه بندر جي جتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "عامر" آهي. ڪن جاين تي عامر به سڏجن ٿا. پٽين ۽ مرين جي مڪاڻي قبيلي مان هڪ تمن جو نالو "عالماڻي" آهي. هي عالم خان پٽ جهان خان بن زنگي خان جو اولاد آهن.

عامُرَ: ونگائي جتن جو هڪ پاڙو. هي ونگي بن مير عمر جت جو اولاد آهن. نهڙين ۾ پڻ هي عامُر پٽ ميئن بن عمر بن گجڻ جو اولاد آهن ۽ راڄو جي پڳ هيٺ آهن.

عامل: عربي لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، عمل ڪرڻ وارو، حاڪم، تحصيلدار، جامع سنڌي لغات ۾ لکيل آهي ته عامل" پنجاب کان لڏي آيل کتري هئا. جن کي لالا ۽ عامل چون ٿا. چاکاڻ ته هي لکپڙهه ۽ منشيءَ جو ڪم ڪندا هئا. ان وقت سيوهڻ، خدا آباد ۽ حيدرآباد جا عامل سڄي سنڌ ۾ مشهور هئا.

عباساڻي: رندن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

عباس پوٽا: رضوي سيدن جو پاڙو آهي. هي نصرپور ۾ رهن ٿا.

عباسي: حضرت عباس بن حضرت عبدالمطلب جو اولاد (بنوعباس) عباسي خلافت جي دور ۾ سنڌ ۾ آباد ٿي پاڻ کي "عباسي" چوائڻ لڳا، جن جو وڏو حضرت عبدالله ۽ لقب ابوالعباس عبدالله هو. امين هن کي "باالسفاح" چيو. ڪتابن ۾ لکيل آهي ته انهيءَ خاندان مان سنڌ جا عباسي، ڪلهوڙا، ڪلوڙ، ڳگرا، اوڍاڻا، ڪرتيا ۽ ڪماڻ آهن، جن مان وري دائود پوٽا، ڪوري، لاشاري (سنڌي) ڇنا (ڪوري) ۽ ڪلهوڙا فقير آهن. عباسي ۽ انهن جي شاخن وارا سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهن. هڪ تاريخي جائزي موجب هن قبيلي جو شجره (ڏسو آخر ۾ شجرن وارو پاڳو).

عباڪان زئي: بگٽي بلوچ آهن.

عبدالله پوٽا: سيد محمد مڪي جي اولاد سيد عبدالله بن سيد ابوالغيث جو اولاد آهن. جيڪي پاڙي طور "عبدالله پوٽا" سڏجن ٿا. هي رضوي سيد آهن، سکر ۾ رهن ٿا.

عبدالله زئي: سراباني پناڻن مان عيسيٰ بن راجل بن ابدال کي زرڪ نالي پٽ مان "بارڪ" پٽ هو. جنهن کي ڏهه پٽ هئا. جن مان هڪڙي جو نالو "عبدالله" هو. ان عبدالله جي اولاد پاڻ کي "عبدالله زئي" سڏايو.

عبدالياڻي: موندرن جي هڪ ذات جو نالو آهي.

عبداڻي: رند بلوچ آهن.

عبد زئي: بلوچستان ۾ بازمان جبل جي دامن ۾ رهڻ وارا بڪرين ۽ ريڍن چارڻ وارا بلوچ آهن.

عبدلاڻي: مزاري بلوچن جي رستماڻي شاخ جو پاڙو آهي.

عبدل خيل: آفريدي پناڻن جي ڪوڪي خيل قبيلي مان آهن.

عبدوزئي: سرابائي پناڻن مان هڪ جو نالو ترين هو. ان کي ابدال نالي پٽ مان راڄل پٽ هو. جنهن کي علي ۽ عبدو نالي ٻه پٽ هئا. عبدوءَ جي اولاد پاڻ کي "عبدوزئي" سڏايو.

عتبي: عرب آهن. جيڪي بنو عتبہ جو اولاد آهن. قاضي برهان فتحپوري هن خاندان مان هو.

عثمان زئي: مندنر ڪابلي پناڻن جو پاڙو آهي.

عثماناڻي: ڪرمتين جي بائوت شاخ جو هڪ پاڙو.

عثماني: حضرت عثمان غني رضہ خليفتہ الثالث (بنوامیہ) جي اولاد مان آهن. حضرت عثمان کي ڏهہ پٽ هئا. سندس نسل ۾ پٽن عبدالله ۽ ابان کان جاري آهي. جيڪي قريشي ۽ عثماني سڏجن ٿا. هنن جا ڪافي ماڻهو حڪومت ڪرڻ خاطر ۽ اسلام جي تبليغ لاءِ برصغير ۾ آيا ۽ سنڌ ۾ آباد ٿي ويا. جن پاڻ کي "عثماني" سڏايو.

سنڌ ۾ رهندڙ "بشواڻي" پڻ هن خاندان مان آهن. سندن شجره هن طرح آهي



پٽن جا نالا: عبدالله اڪبر، عبدالله اصغر، حضرت ابو سعيد ابان اڪبر، حضرت خالد، حضرت ابو عثمان سعيد، حضرت وليد، حضرت عبدالملڪ، حضرت ضرار، حضرت ابان اصغر. اعواڻن ۾ پڻ "عثماني" آهن. قطب شاهه اعوان جي هڪ هندستاني زال ام ڪلثوم مان هڪ پٽ جو نالو نادر علي محمد عثماني هو. سندس اولاد پاڻ کي "عثماني" سڏايو.

عرب: عرب ملڪ کان آيل مسلمان آهن.

عربي خيل: ڪاڪڙ پناڻ آهن.

عرضياڻي: ڇهڙن جو پاڙو آهي.

عريضي: سبز واري سيدن جو پاڙو آهي. حقيقت ۾ سبزواري، مروندي، شمسي ۽ اسماعيلي "عريضي" سيدن مان آهن. سندن شجره هن طرح آهي.



عزيز خيل: بائيزئي پناڻن جو پاڙو آهي.

عزيزاڻي: قيهرن ۽ ملاحن جي پاڙي جو نالو آهي.

عساڻي: پنهيارن جو پاڙو آهي.

عسكري: امام حسن العسكري جو اولاد پاڻ کي عسكري سيد چوائين ٿا.

عِشو خيل: آفريدي پٺاڻن جي آدم خيل قبيلي جو پاڙو آهي.

عصار: معنيٰ تيل پيڙڻ وارو چاڪي. ڪرت جي نسبت سان ذات جا "عصار" سڏجن ٿا.

عطار: سرهين کي چون ٿا. عطار جي معنيٰ آهي عطر فروش هي عرب آهن.

عطراڻي: جتوئي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو. شڪارپور طرف رهندڙ.

عطلاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

عطوزئي: ڪاڪڙ پٺاڻ آهن.

عَقيلي: قريشي ۽ هاشمي آهن. حضرت عقيل بن حضرت ابوطالب، پاڻ سڳورن جا سوٽ ۽ حضرت علي جو وڏو ڀاءُ هو. هن کي ڇوڏهن (14) پٽ هئا، جنجي اولاد پاڻ کي "عقيلي" سڏايو. عقيلي محمد بن قاسم سان گڏ حي آيا هئا، ديبل بندر ۽ ٺٽي جي آسپاس آباد ٿي وينا. اڄ به هن ذات وارا ٺٽي شهر ۽ ڪراچي ۾ رهن ٿا. هنن جو شجره هن طرح آهي.



عُقيلي (عگيل): عرب ۾ هنن کي اڻن وارا چون ٿا. حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن کي هن خاندان مان سعدبن عباده هڪ ڏاڇي ڏني هئي، جنهنجو نالو "مهره" هو. جيڪا تمام گهڻو ڪير ڏهائيندي هئي. قيس عيلان بدوي قبيلي جي شاخ آهي، جن جا خاص پاڙا (1) بنو تڪريت، (2) بنو خفاف ۽ (3) بنو منتفق آهن. هن قبيلي جا ماڻهو شام، عراق ۽ بحرين کان ٿيندا سنڌ ۾ داخل ٿيا، جن پاڻ کي "عقيلي" سڏايو. هنن جو شجره هن طرح آهي.

عُقيل
|
صمم
|
عامر
|
ربيعہ
|
كعب
|
عُقيل
|
اولاد عُقيلي

علقاڻي: لاشاري بلوچ آهن.

علواڻي: هڪ سمات ذات جو پاڙو آهي. ميهڙ تعلقي ۾ رهن ٿا.

علوداڻي: لغاري بلوچ آهن. ٽنڊي محمد خان ۾ سنيا وينا آهن. انهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "علوداڻي" آهي. نوحاڻي بلوچن جي سرياڻي شاخ مان علوداڻي هڪ پاڙو. ڪرمتين جي جماري شاخ مان پڻ هڪ پاڙو "علوداڻي" آهي.

عَلَوِي: حضرت علي جي اولاد کي چون ٿا. بشرطيڪ اهي حضرت بيبي فاطمہ جي بطن مان نہ هجن. هڪ انگريز محقق رچرڊ برٽن 1843ع ۾ هڪ ڪتاب سنڌ ۽ سنڌو ماڻريءَ ۾ وسندڙ قومون لکيو هو. جنهن ۾ لکيل آ ، ته حضرت علي جو اولاد ڪنهن بہ زوجہ مان. سواءِ بيبي فاطمہ جي. انهن کي "علوي" چون ٿا. جيڪي سيد ۔ آهن. هي قريشي الهاشمي خاندان مان حضرت علي (بنو علي) جو اولاد آهن.

حسن اللغات اردو ۾ لکيل آهي تہ حضرت علي جي اولاد کي "علوي" (بنو علي) چون ٿا. پر اصطلاحاً اهو اولاد بيبي فاطمہ الزهره جي بطن مان نہ هجي. فيروز لغات اردو ۾ "علوي" لفظ جي معني آهي. حضرت علي جو اولاد. جيڪو بيبي فاطمہ الزهرا جي پيٽ مان يا اولاد مان نہ هجي.
اصطلاحاً "علوي" سيد نہ آهن.

دولت علويہ جي شجره تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ حضرت علي رضہ جن کي 18 پٽ هئا. مشهور تاريخ طبريءَ ۾ 14 پٽ. آئينہ مسعودي ترجمہ مرات مسعودي مؤلف خواجہ اڪبر وارثي ميرلي ۾ 11 پٽ ڄاڻايل آهن. هڪ فارسي قلمي نسخي ۾ 14 فرزند لکيل آهن. انهن فرزندن يعني امام حسن رضہ امام حسين رضہ، محمد حنيفہ (محمد بن حنيفہ).

عباس الاڪبر. عمر ۽ زبير مان اولاد هو. باقي پٽن مان اولاد ڪوبه هو. امام حسن ۽ امام حسين کي ڇڏي باقي پٽن مان جيڪو اولاد ٿيو انهن کي "علوي" چون ٿا. محمد بن حنيفہ جي والده جو نالو "خولہ" هو. عباس الاڪبر علمبردار جي والده جو نالو "ام البنين" هو ۽ حضرت عمر جي والده جو نالو "الصهبا" هو. ڪتاب انوار ڪريمي ص 178 تي لکيل آهي تہ حضرت علي جن کي 15 فرزند، 17 نياڻيون ۽ نوَ (9) گهر واريون هيون.

مشهور تاريخ نويس ابوالعرا ۽ مسعودي لکن ٿا تہ محمد حنيف جي والده خولہ اصل سنڌ ملڪ جي هئي. جيڪا قيد ٿي پانهي ٿي عرب ملڪ پهتي. جنهن سان حضرت علي جن نڪاح ڪيو. جنهن مان کين محمد اڪبر (حنيف) پيدا ٿيو. قبيلو بنو حنيفہ جي نسبت سان کين محمد بن حنيفہ چون ٿا.

عمر بن علي رضہ (والده ام حبيب بنت ربيعہ) جو ذڪر ڪتاب "نزهتہ الخواطر" تحفتہ الڪرام. عمدة الطالب ۾ ڇڻيءَ طرح سان بيان ٿيل آهي. اهڙي طرح عباس. جعفر. عثمان. عبدالله اڪبر (والده اما البنين فاطمہ) بن علي جو بہ ذڪر ڪتابن ۾ موجود آهي. زبير بن علي جو بہ ذڪر آهي. انهن ڇئن فرزندن جو اولاد شمالي مغربي آفريڪا. ايران. سعودي عرب. هندستان ۽ سنڌ تائين پکڙجي ويو ۽ هو پاڻ کي "علوي" ڇوائڻ لڳا.

ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ محمد بن حنيفہ کي 14 پٽ هئا. ليڪن تاريخ مان ثابت آهي تہ محمد بن حنيفہ کي ڇهہ پٽ. احمد. ابوهاشم. عبدالفتاح. عبدالمنان. عبدالله ۽ علي هئا. ابو هاشم کي ڪو بہ اولاد ڪونہ هو. علي کي هڪ پٽ حسن هو. حسن کي هڪ پٽ علي ۽ علي کي وري هڪ پٽ حسن هو. احمد. عبدالمنان ۽ عبدالله کي پڻ پٽ هئا. جنگ وجدل سبب وڏيڪ اولاد ٿي نہ سگهيو. ان ڪري هن شاخ جا علوي سنڌ تائين پهچي نہ سگهيا. عمر بن علي کي ڪافي اولاد هو. هن 85 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ حضرت علي جي ملڪيت مان ڪيس اڏ حصو مليو. هن جي اولاد وارا "علوي" سنڌ ۾ آيا ۽ آباد ٿي وينا. حضرت عباس جي اولاد جي ڪنهن بہ تاريخ مان ڄاڻ ڪانہ ٿي ملي. حضرت زبير بن علي رضہ جو اولاد نالي ماتر سنڌ ۾ آباد ٿيل آهي.

تاريخ جي ورقن مان خبر پوي ٿي تہ جڏهن منصوره جو حاڪم ابوالمنذر عمر بن عبدالله هو. ان وٽ محمد. علي ۽ حمزه نالي ٿي عرب هئا. جيڪي "علوي" هئا ۽ پاڻ کي حضرت ابو حنيفہ جو اولاد چوندا هئا. منصوره جو حاڪم علوي پاڻ کي عمر جو اولاد سڏائيندو هو. سنڌ ۾ جيڪي نڻي جا علوي هئا. اهي خواجہ عبيدالله احرار جو اولاد آهن. جيڪو بابر بادشاهہ جو مرشد هو. خواجہ ميرفقير الله علوي شڪارپوري 1775-1680ع/ 1195-1100 هـ پٽ خواجہ عبيدالله احرار جو مريد هو. هن جي والد صاحب جو نالو عبدالرحمان حنفي هو. هي 1100 هـ ۾ جلال آباد افغانستان ۾ پيدا ٿيو ۽ جوانيءَ ۾ اچي سنڌ ۾ وينو. دائره المعارف حيدرآباد دکن ۽ تاريخ الڪامل ابن اثير جلد 9 مان پتو پوي ٿو تہ سيد ڪان پهرين عبدالله بن محمود علوي بن عبدالله بن حسن بن حسن بن علي سنڌ ۾ آيو هو. عباسي خليفي منصور جي ڏينهن ۾ محمد بن حفص سنڌ جو حاڪم هو.

هن علويءَ کي سنڌ ۾ هڪ پٽ ڄائو هو. جنهن جو نالو محمد هو. عبدالله علوي سفيح بن عمر جي هٿان قتل ٿي ويو. 151 هـ ۾ محمد مدينہ منوره روانو ٿيو. اهڙي طرح هن علوي جو به اولاد سنڌ ۾ ڪونہ ٻڌيو.

ايلٽ تاريخ هند ۾ جامع العڪاب ڪوفيءَ جي حوالي سان لکيو آهي تہ محمود غزنوي جڏهن سومنات تي حملو ڪيو هو تہ وات ۾ ٽر وٽ ڪيس هڪ ٻيو ءِ ان جو نوجوان پٽ مليا هئا. جن ڪيس ٻڌايو تہ اسان "علوي" آهيون.

علوين جو قرامطين. اسماعيلين. فاطمين. سليمانين. زيدين ءِ بوهرين تي گهڻو اثر ٻيو هو. جناب حاطم علي علوي ڪراچي جو هڪ مشهور شخص هو. جيڪو ذات ءِ عقيدي جو "بوهرو" هو. پر هن پاڻ کي ڪڏهن ب "سيد" نہ چورايو. اعوائن (آواڻ _ اواڻ) جي دعويٰ آهي تہ اسان "علوي" آهيون، ليڪن مقامي ماڻهون کين جَت چون ٿا. منهنجي راءِ ۾ هي ب علوي آهن. ڏسو اعوائن جو شجرو.

اعوان قبيلي (سنڌ ۾ جت) مان نواب ملک امير محمد خان آف ڪالاباغ. گورنر اولهہ پاڪستان. مشهور مجاهد بزرگ حضرت سالار سلطان مسعودي غازي ءِ خواجہ احمد گيسودراز پاڻ کي "علوي" چورائيندا هئا. حالانڪ اهي حضرت علي جي اولاد مان ڪونہ هئا. مولوي عبدالله شائق 1929ع ۾ هڪ ڪتاب دولت علويہ نالي لکيو هو. جنهن سومرن کي "علوي" لکيو آهي. حالانڪ سومرا حضرت علي جي اولاد مان نہ آهن. اهڙي طرح مولوي عبدالرحيم ڪتاب گلزار سنڌ ۾ پڻ سومرن کي ذات جا علوي لکي حضرت علي جو اولاد ظاهر ڪيو آهي. ليڪن ائين آهي ئي ڪونہ. اهڙي طرح سان سنڌ جون ٻيون گهڻ ذاتيون مثلاً خاصخيلي. شيخ. ملاح. جت وغيرہ پاڻ کي حضرت علي سان نسبت ڏيڪاري "علوي" سڏائين ٿا. سندن سوچ بالڪل غلط آهي. ان جو ثبوت ڪتاب عرب و هند کي تعلقات مين. مناقب سلطاني ءِ آئين مسعودي مان ملي ٿو.

حضرت سلطان باهو جن پاڻ "علوي" هئا. جنجو شجرہ مبارڪ هن طرح آهي: سلطان باهو بن بايزيد بن فتح محمد بن الهڏنو بن محمد تميم بن محمد متان بن موغلا بن محمد ٻيدا بن محمد سگهرا بن محمد انون بن محمد صلا بن محمد بهاري بن محمد حيمون بن محمد هرکن بن انور شاهہ بن امير شاهہ بن حضرت شيخ قطب شاهہ بن حضرت امان شاهہ بن حضرت حسين شاهہ بن شيخ خير محمد بن حضرت محمود شاهہ بن فرطڪ شاهہ بن حضرت ادهم شاهہ بن عبيق شاهہ بن حضرت احمد شاهہ بن حضرت حجر شاهہ بن حضرت امير زبير بن حضرت اسدالله غالب رضہ. (وڌيڪ لاءِ علوين جو شجرو ڏسڻ گهرجي)

علوي ذات جا خاص پاڙا آهن. 1 اعوان. 2 سجاول. 3 شيخ. 4 شيخا. 5 مياڻا. 6 بيگلار. 7 قطب شاهہ. 8 ڏنيال. تاريخ مان ظاهر آهي تہ اعوان ءِ ڏنيال جت ءِ مياڻا ملاح آهن.

علياڻي: برڙا قبيلي جو پاڙو آهي. علياڻي ءِ ممدياڻي يان ۾ پائر ٽين. پنجاب کان آيل سيال قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "علياڻي" آهي. لاشاري بلوچن جي منڊير قبيلي مان پڻ "علياڻي" آهن.

علي پوٽا: باکڙن جو پاڙو آهي.

علي حاني: رندن جو پاڙو آهي.

علي خاناڻي: ڪرمتين جي پئوا شاخ جو هڪ پاڙو.

علي خان خيل: عيسيٰ بن راجل بن ابدال کي ٽي پٽ، مير، نور ۽ زرڪ هئا. زرڪ کي فوفل (پوپل) نالي پٽ مان 14 پٽ هئا. جنهن مان هڪڙي پٽ جو نالو "علي خان" هو. جنهنجي اولاد پاڻ کي "علي خان خيل" سڏايو. هي سراباني پٺاڻ آهن.

علي خان زئي: شهواڻي بروهين جي سهرزئي قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

علي خيل: غلزئي پٺاڻن ۽ ڪاڪڙ پٺاڻن جو پاڙو آهي. آفريدي پٺاڻن جي آدم خيل قبيلي مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو "علي خيل" آهي. ابراهيم زئي پٺاڻن ۾ پڻ "علي خيل" آهن.

علي زئي: سراباني پٺاڻن مان ترين جي پٽ ابدال. ابدال جي پٽ راجل کي علي نالي پٽ هو. ان علي جي اولاد کي "علي زئي" چون ٿا. اورڪزئي پٺاڻن ۾ پڻ علي زئي پاڙو آهي. محمود وزيري پٺاڻن ۽ اتمان زئي پٺاڻن ۾ پڻ "علي زئي" آهن.

علي شير خيل: شنواري پٺاڻن جو پاڙو آهي. هن پاڙي مان خير شنواري آهن.

عليم جا: سهتن جو هڪ پاڙو.

علي محمداڻي: ڪرمتين جي ملڪاڻي شاخ جو هڪ پاڙو.

علي مرادزئي: خدرائي بروهين جو پاڙو آهي. هي اصل ۾ جدگال هئا، جي بعد ۾ خدرائين ۾ شامل ٿيا آهن.

عمد: بنديجن جو پاڙو آهي.

عُمر: ڪرمتين جي راڏا بنيڇا شاخ جو هڪ پاڙو.

عمراڻي: ڪتاب سومرن جو دور ص 370 تي لکيل آهي ته راجا دلورا ۽ ڇٽو عمراڻي (امراڻي) سومرا هئا، جن جي قبيلي جو نالو "عمراڻي" آهي. ڪي هنن کي ٽهيم به لکن ٿا. عمراڻي: مرزا قليچ بيگ جي لکيل ڪتاب قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو جي ص 315 تي لکيل آهي ته "عمراڻي" بلوچ قوم آهي ۽ بڙدي قبيلي جي هاجيجن واري شاخ مان آهن. جامع سنڌي لغات ۾ پڻ لکيل آهي ته "عمراڻي" بڙدي آهن. ايس - صادق علي لکيو آهي ته "عمراڻي" بڙدي آهن. هنن جي وڏي جو نالو "عمر" هو. جنهنجي پٽيان "عمراڻي" سڏجن ٿا. هي اصل ۾ قلات جا رهواسي هئا. جن جا ڇڳا مڙس رحيم خان ۽ خدائي خان عمراڻي هئا.

مولائي شيدائي تاريخ بلوچستان ۾ لکيو آهي ته مير جلال خان بلوچ کي ڇهه پٽ هئا. انهن مان هڪڙي پٽ جو نالو "علي" هو. ان علي جي پٽ جو نالو "عمر" هو. عمر جي اولاد پاڻ کي "عمراڻي" سڏايو. ڪتاب

"بلوچ" جي مصنف م - ک پيکولين ص 73 ۽ کتاب The Baloch Race ص 76 از ايم - ايل ديمز جي لکڻ موجب "عمراڻي" مير جلال خان جي پٽ علي جي پٽ عمر (پوٽو) جو اولاد آهن. ان موجب سندن شجره هن طرح آهي.



مشهور سياح، مورخدان ۽ ذاتين جو اپياس ڪندڙ هنري پاٽنجر بلوچستان ۽ سنڌ جو سفر ڪري هڪ ڪتاب سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ترتيب ڏنو هو. جنهن ۾ هن رندن جا اٽڪل ٽيهه پاڙا لکيا آهن. انهن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "عمراڻي" آهي. جن جو سردار ثابت علي خان عمراڻي رند هو. گورگيج به رند آهن. جن مان عالي خان جي پٽ عمر جو اولاد پاڻ کي "عمراڻي چوائي ٿو.

گورچاڻي (رند) بلوچن تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته انهن جو هڪ قبيلو درکاڻي آهي. ان درکاڻي قبيلي جي هڪ ڦري جو نالو "عمراڻي" آهي. اهڙي طرح سان چاندين جي "سماراڻي" پاڙي جي هڪ شاخ جو نالو "عمراڻي" آهي. کوسن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "عمراڻي" آهي. لاشارين ۾ پڻ "عمراڻي" آهن.

بروهين جي اپياس مان خبر پوي ٿي ته شاهواڻي (شهواڻي) خاندان جا مکيه ٽي قبيلا آهن. انهن مان هڪڙي قبيلي جو نالو عمراڻي (عمراني) آهي. جيڪي جهالاواني پلوي آهن. هن جا مکيه تمن آهن: 1 پندوخ زئي، 2 جوگي زئي، 3 جهل زئي، 4 زهروزئي، 5 غذارزئي، 6 هوتي زئي ۽ 7 يار علي زئي.

جتڪ بروهي، بزنجو بروهي ۽ شهواڻي بروهين جي حاجي زئي پاڙي جي هڪ ٽڪ جو نالو به "عمراڻي" آهي، هي خالص بلوچ آهن. جيڪي بزنجو قوم سان شامل ٿيا آهن. سمات ذاتين ۾ پنهورن، سڌاين، چنن ۽ حجمن، خاصخيلين جي پاڙن جو نالو پڻ "عمراڻي" آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا مهراڻ رسالہ سال 2001ع نمبر 4-3 ص 33 تي لکي ٿو ته "عمراڻي" ملاحن جو پاڙو آهي، جن جو ڏنڏو مچي مارڻ آهي. عمراڻي بلوچن جا خاص پاڙا هينيان آهن: 1 بهاراڻي، 2 باوٽاڻي، 3 پرياڻي، 4 ٽنجواڻي، 5 پرياڻي، 6 پلياڻي، 7 پيرواڻي، 8 جدواڻي، 9 جروار، 10 جونگاڻي، 11 جياڻي، 12 دالشياڻي، 13 درکاڻي، 14 دلاورزئي، 15 دليلاڻي، 16 عمراڻي، 17 غوتاڻي، 18 سائٽاڻي، 19 سالوياڻي، 20 سوداڻي، 21 سيزاناڻي، 22 صاحباڻي، 23 قداڻي، 24 گهنوراڻي، 25 ملغاڻي، 26 ملنگاڻي، 27 ميواڻي، 28 نوتکاڻي، 29 هڏواڻي، 30 ياراڻي، 31. بورياڻي 32. پائٽاڻي 33. سوپاڻي 34. ميٽاڻي ۽ 35. ملغاڻي. [illegible]

مير عمر جت جي اولاد مان حسن هو. جنهن جو اولاد "عمرائي" سڏجي ٿو. هي ننڍيار جتن ۾ شامل آهن. ڪرمتي پڻ جت آهن. جن جي ڳوٺ شاخ مان "عمرائي" هڪ پاڙو آهي.

عمرپوٽا: سومرن باريچن ۽ سمن جو پاڙو آهي.

عمر خيل: غلزئي پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

عمرزه: رند بلوچن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

عمرزئي: لوڌي، ڪيراني، ۽ محمد زئي (زمند جو پٽ) پٺاڻن جو پاڙو آهي. رئيسائين ۾ پڻ "عمرزئي" آهن.

عمر نوحڪاڻي: هي رند آهن.

عمري: حضرت عمر فاروق جو اولاد آهن، جيڪي پاڻ کي "عمري" ۽ فاروقي چوائين ٿا. (ڏسو فاروقي شجرو)

عناياتاڻي: سومرن جو پاڙو آهي.

عنايتپوٽا: رضوي سيدن جو پاڙو آهي. نصرپور ۾ رهن ٿا.

عنايت خاني: اعوائن جو هڪ پاڙو. هي عنايت خان گولڙي جو اولاد آهن.

عهدياڻي: دينارين جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

عيباڻي: سني خواجن جو پاڙو آهي، خيرپور ميرس ۾ رهن ٿا.

عيدڻاڻي: هندن جي ذات آهي. سندن نڪ جو نالو "موٽڻ پوٽا" آهي. ڪرپلاڻي، مير چنداڻي ۽ واسواڻي هنن جا عزيز ٿين.

عيدواڻي: ڪرمتين جي پٽوا شاخ جو هڪ پاڙو.

عيساپوٽا: متعلوي/مٽياري سيدن جو پاڙو آهي، هي سيد عيسيٰ بن سيد صاحب بن سيد احمد جو اولاد آهن. هن پاڙي مان سيد حافظ شاهه جي پٽ کي شاهه عبداللطيف پٽائي جي هڪ پيٽ پرٽايل هئي (بحوالہ مهراڻ 3 ص 28).

عيسيٰ خيل: لوڌي پٺاڻن جو پاڙو آهي. پرمهمند پٺاڻن ۾ پڻ عيسيٰ خيل آهن.

عيسيٰ زئي: شهواڻي بروهين جي سهرزئي قبيلي مان هڪ پاڙو آهي. عيسيٰ زئي پٺاڻن ۾ پڻ آهن، جنجو خاندان يوسف زئي آهي، اڪازئي، حسن زئي ۽ مندا خيل، عيسيٰ زئيءَ جا خاص پاڙا آهن.

عيسيٰ زئي خيل: آفريدي پٺاڻن جي اڪاخيل قبيلي مان هڪ پاڙو آهي.

عيسيٰ ناڻي: غزيني مري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي، هن وقت هنن کي "نوهڪ عيساناڻي" پڻ چون ٿا.

عيسان پوٽا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

عيساني: تالپرن ۾ کوسن جي پاڙي جو نالو آهي.

عيسائي: جکراڻين، لغارين، جمالين، رندن کوسن، پُٹن، ٽيبن، پنهورن، انڊڙن (مولانا حماد الله انڊڑ هاليجوي، جنم 1300 هـ هن پاڙي مان هو)، ۾ مانگرين جي پاڙن جو نالو آهي. ڪرمتين جي لجيرا ۾ شولائي شاخن مان پڻ عيسائي آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪتاب سومرن جو دور ص 350 تي لکيو آهي ته عيسائي سومرن جو پاڙو آهي، جيڪي عيسو بن محمد جو اولاد آهن، خيرپور ميرس ۾ سني خواجن جو پڻ پاڙو (صادقائي) آهي.

عيسائين: مزاري بلوچن جي مسيداڻي شاخ مان هڪ ڳوٺ آهي. هتن جو مورث اعلي عيسيٰ خان هو. جنهنجي نسبت سان هي "عيسائين" سڏجن ٿا.

عيسائي: حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پوئلڳن کي "عيسائي" چون ٿا. هي نصراني آهن، حضرت عيسيٰ عليه السلام سان نسبت هئڻ ڪري عيسائي سڏجن ٿا. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ۾ رهڻ لڳا، ديسي ماڻهو هندو گواني، ۾ مدراسي پڻ عيسائي ٿيا. ڪٿي شهر ۾ ارمني عيسائي رهندا هئا، جيڪي "فرنگي" سڏبا هئا.

عيسب: سميجا قبيلي جو هڪ پاڙو. هي هگورو پٽ جيهي جو اولاد آهن، جيهي کي به پٽ عيسب ۾ آڇار هئا. عيسب جو اولاد "عيسب" ۾ آڇار جو اولاد "بجير" سڏجن ٿا.

عيسباڻي: مگسي ۾ برفت آهن، راءِ بهادر هتورام جي لکڻ موجب "عيسباڻي" رئيساڻي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو هي. هڪ ٻئي حوالي موجب جاکرن جي حسڻ پاڙي جي هڪ شاخ، جتن ۾ پڻ آهن. ڪرمتين جي گلڙي، مرگهر، گبول شاخن ۾ بخاري سيدن جي پاڙن جو نالو پڻ "عيسباڻي" آهي.

عيسب پوٽا: متعلوي سيدن مان آهن، سيد موسيٰ بن سيد صاحب بن سيد احمد کي ٽي پٽ هئا، هڪڙي پٽ جو نالو عيسب هو، جنهنجي اولاد پاڻ کي "عيسب" پوٽا" سڏايو. هڪ ٻي روايت موجب جاکرن جي حسڻ پاڙي مان عيسباڻي آهن، جن جي هڪ ڏڪ جو نالو "عيسب پوٽا" آهي.

عيسب خان زئي: رئيساڻي قبيلي جي رستم زئي پاڙي مان آهن.

عيسب زئي: خرشيون پناڻ آهن.

عيسر: سما ميمڻ آهن.

عيسوئي خيل: لوڌي پناڻن جو پاڙو آهي.

عيسي پوٽا: جوکين جو هڪ پاڙو.

عباسين جو شجرو




مرزوق
ٽل (پنجين پيڑهي ۾) لس ٻيلي ۾ گجرن کان زمينون ڦري حاڪم ٿيو.
نور الدين
پل
محمد يعقوب
مائي چوليا مان
ڪوري
چنيه
مائي لاشارڙ مان
محمد ميران
محمد
طاهر
(اولاد لاشاري غير بلوچ)
مخدوم محمد جعفر بويڪائي
دائود
محُمد (غزنوي دؤر ۾ ملتان ۾ ملازم ٿيو)
محمد
(اولاد دائود پوتا)
ڪلوڙ
دائود
(ريشمي چادر)
ڪلهوڙا
ابراهيم
ڪماڙ
گگرا
صالح
شاهه محمد (ميان شاهم)
راند (ميان راڻو)
طاهر
ميان خان
ميان صاحب
گنجڙ (ميان ڪچڙ)
(سکر ۾ آدم شاهه ٽڪري تي مقبرو آٿس)
ميان آدم شاهه سکري (سنڌ جي ڪلهوڙن جو ڏاڏو سنه 1100 هجري)
ميان دائود
ابراهيم

علوين قوم جو شجرو





نوٽ: اعواڻن جو شجرو به پڙهڻ گهرجي

غ

غاري: بنگش پناٹن جو پاڑو آهي. غاري ۽ سامل پاڻ ۾ پائر هئا.

غازاٹي: غازن جو اولاد آهن. هي مري بلوچ آهن. جيڪي مڪران واري پاڳي ۾ اچ بہ آباد آهن. هنن جو شجره هن طرح آهي.



غازياٹي: چانگن جو هڪ پاڙو.

غذارزئي: شهواٹي بروهين جي عمراٹي قبيلي مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

غريبداساٹي: "سيڏاڻ" نک مان هندن جي هڪ آکھ. هي اصل ۾ سهتا رانوڙ راجپوت آهن.

غز: ترڪ قبيلي جو پاڙو آهي. هن پاڙي مان سلجوق آهن. جن محمود غزنويءَ جي پٽ سلطان مسعود کي قتل ڪيو هو.

غزالي: هڪ مسلمان غير سماٽ ذات آهي. غزال لفظ جي معنيٰ آهي. ست ڪتڻ وارو. امام غزاليءَ جو پيءُ ست ڪتڻ جي ڪري "غزالي" سڏبو هو. ان جي اولاد پڻ پاڻ کي ذات جا "غزالي" سڏايو. هي ايراني آهن ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

غزنوي: ترڪ نسل جا مغل آهن. غزنوي (افغانستان) شهر جي نسبت سان قوم /ذات جا غزنوي (پناڻ) سڏجن ٿا. هنن مان سلطان محمود غزنوي نهايت مشهور هو. جنهن هندستان تي ڪاهه ڪري سومنات مندر تباهه ڪيو هو. سندس باقيات برصغير ۾ آباد ٿي ويني. اڇوڪا غزنوي انهن مان آهن. غزنوي خاندان جو شجره هن طرح آهي:



غزيني: مري بلوچن جو هڪ مکيہ قبيلو آهي. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1 اصفاني، 2 بهاولنزئي، 3 بداڻي، 4 تنگياڻي، 5 تلغياڻي، 6 جادواڻي، 7 جروار، 8 چلگري، 9 چوري، 10 رهاولزئي، 11 عالياڻي (علياڻي)، 12 عيساناڻي، 13 ڪهور خانزئي، 14 لاڪگاڻي، 15 لدوار، 16 ماهيڪاڻي، 17 منگراڻي، 18 موزندگاڻي، 19 موهانداڻي، 20 نوزبندگاڻي، 21 هليل زئي.

روايتن ۾ آهي تہ "غز" هڪ جابلو وڻ آهي، ان جي هيٺان هڪ مريءَ کي پٽ ڇائو هو، وڻ جي نسبت سان ان جو نالو غزيني رکيو ويو، ان غزيني کي تمام گهڻو اولاد ٿيو، جنهن پٽ پاڻ کي "غزيني" سڏايو، ان کان پوءِ هن ڏر جي نالي سان هڪ قبيلي، خاندان ۽ پاڙي جو بنياد پيو.

غفاري: عرب آهن. جيڪي حضرت ابوذر غفاري جي اولاد مان آهن. عبدالله بن عروه غفاري شهيد ڪربلا هن قبيلي مان هو. غفاري ڇتا پاتا سنڌ ۾ رهن ٿا.

غفي: ميمڻن جو پاڙو آهي. ضلعي ٺٽي جا رهواسي آهن.

غِلَ: شهوائي بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو حاجيزئي آهي. غل ان پاڙي مان آهن.

غلاماڻي: مستوئين. نوحاڻين (سحاقاڻي) بوزدارن ۽ پرڳڙين جي پاڙن جو نالو آهي. ڪرمتين جي پٽوا شاخ جو هڪ پاڙو. چاندين ۾ پڻ غلاماڻي (ٺٽراڻي) آهن.

غلام بولڪ: رند بلوچن جو پاڙو آهي. سيوهڻ تعلقي ۾ جهانگارن جي پرسان هن ذات جي پنيان هڪڙو ڳوٺ آهي. جنهنجو نالو "غلام بولڪ" آهي. غلام بولڪ جي ڇڳي مڙس جو نالو وڏيرو مير خان هو.

غلام پوتا: جوڪين جي هڪ قبيلي جو نالو بنديچا آهي. ان جي هڪ پاڙي جو نالو "غلام پوتا" آهي.

غلامي پوتا: جاڪرن جي حسڻ پاڙي جي هڪ ڦري.

غلاڻي: ڪرمتي ۽ جوڪين جي سالار قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

غُلزئي: افغاني پٺاڻ آهن. جيڪي اسرائيل جي شاول نسل مان آهن. هي روزگار خاطر ڪراچي ۽ اندرون سنڌ ۾ آباد آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 استرياني. 2 بختوخيل. 3 دستيار خيل. 4 سليمان خيل. 5 علي خيل. 6 عمر خيل. 7 ڪاري خيل. 8 نيازي خيل. 9 وردڪ. 10 هتڪي. 11 هدخيل. 12 همير خيل. 13 خروطي.

غِلزئِي: هڪ مسلمان غير سماڻ ذات آهي.

غني: هڪ مسلمان ذات آهي.

غَنياڻي: هڪ مسلمان ذات آهي.

غوتاڻي: عمراڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

غوث پوتا: حضرت غوث اعظم جي اولاد مان مخدوم فاضل شاهه ۽ مخدوم شهر الله ڪيبرائي وڏا الله وارا ٽي گذريا آهن (سومرا دور) جنجي اولا پاڻ کي غوث پوتا سڏايو آهي (_جنته السنڌ ص 338). هڪ ٻئي حوالي موجب پير شيخ غوث بهاوالدين زڪريا جو اولاد مان پير علي محمد بن فتح محمد قريشي ڪيرائي (شاهبندر) پاڻ کي "غوث پوتا" چوائين ٿا. (تذڪره مشاهير سنڌ نمبر 2 ص 325).

غوري: مسلمان افغاني پٺاڻن جي ذات آهي. افغانستان جي رياست غور سان رهائشي نسبت ڪري "غوري" سڏجن ٿا. پي روايت موجب "غور" جي معنيٰ جبل جي چوٽي آهي. يعني هي پٺاڻ جبلن جي چوٽي جي رهائش

جي نسبت سان "غوري" سڏجن ٿا. 1175ع ۾ محمد معز الدين غوري هندستان تي حملو كيو. جنهن سبب هي برصغير ۾ پکڙجي ويا، هن وقت سنڌ ۾ بہ رهن ٿا.

غوري خيل: غور جي اولاد مان دوارا پناڻ آهن.

غوري زئي: كاكڙ پناڻن جو پاڙو آهي. شيراني پناڻن ۾ پڻ آهن.

غوريواها: رام جي ٻئي پٽ كيش جي اولاد كڇواها راجپوت مان آهن. هنن جو چوڻ آهي تہ كيش جي چهين ٻيڙهي ۾ راجا كڇوا كي بہ پٽ هوا ها ۽ كڇوا هئا. جن مان اسان آهيون. سلطان شهاب الدين غوري جي وقت ۾ مسلمان تيا هئا. سلطان بنهي ٻائرن كي عطيہ طور زمين ڏني هئي. جنهن نسبت سان هي "غوريواها" سڏجن ٿا.

غويشي (غوثي): مكراني آهن. جن كي عام طور شيدي چون ٿا.

غيباري: سواتي پناڻن جو پاڙو آهي.

غيباڻي: چاندين جي هك پاڙي جو نالو آهي. هن پاڙي جون خاص قريون آهن:

1 الهرياڻي 2 بدياڻي 3 لشكراڻي. سوڍرن جي هك پاڙي جو نالو پڻ "غيباڻي" آهي.

غيب دين پوٽا (غيب الدين پوٽا): سهتا قبيلي جي هك پاڙي جو نالو. راڻي پور طرف رهندڙ.

غيبي پوٽا: موندرن ۽ باريچن جو پاڙو آهي.

غيبي زئي: بزنجن جو پاڙو آهي.

ف

فاروقي: حضرت عمر فاروق رضہ خليفتہ الثاني جن بنو ڪعب قريش مان هئا. ڪين نو پٽ هئا. فاروقي ۽ عمري سندن اولاد مان آهن. شهاب الدين فاروقي بن عبدالعزيز بن عبدالله بن حضرت عمر فاروق رضہ. محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو. هن کي محمد بن قاسم سيوهڻ جو گورنر (عامل) مقرر ڪيو هو. محمود غزنوي جي دور ۾ شيخ محمد فاروقي سيوهڻ جو گورنر هو. انهيءَ خاندان مان ابو سعيد، مخدوم بدرالدين، محمد شريف، ميان محمد حافظ عرف صاحبڏنو، ميان صلاح الدين، عبدالحق ۽ سچل سرمست جن پيدا ٿيا. 800 هـ بمطابق 1313ع ڌاري قاضي قلندر فاروقي سيوهڻ ۾ رهندو هو. جنهنجي اولاد مان سائينڏنو ميان مير سيوهاڻي (درگاهہ لاهور ۾) قاضي بولڻ، قاضي عثمان، قاضي طاهر ۽ قاضي محمد فاروقي هئا. اهي سڀ فاروقي هئا. جن جو اولاد سچي سنڌ ۾ پکڙجي ويو ۽ فاروقي سڏجڻ لڳا. سنڌ ۾ رهندڙ سرهندي پٺ فاروقي آهن. شهاب الدين جي هڪڙي پٽ جو نالو علم الدين هو. جنهنجي اولاد پاڻ کي "علمدائي" فاروقي سڏايو. سندن شجرو هن طرح آهي:

فاروقي / عمري / علمدائي جو شجرو




عبدالله
محمد شهريار
احمد
خبير حسين / جرجيس
فاروق
ملک عادل
عمر الحاکم ملک
ابي الفتح ملک (جوڈهين پيڑهي)
محمد عطاء
الملک
شير الملک
بهاؤ الدين
وجيه الملک
سالار شام
حضير الملک
خطير الملک
منور
ارزاني
قاضي عماد الدين بدايوني
قاضي اسماعيل
قاضي صدر الدين الهرگامي
ملا عبدالماجد
ملا عبدالواجد
محمد صالح
ارشد
فضل امام
شيخ شمس الدين مفتي
کمال الدين
قطب الدين
عبدالملک
قاضي کبير عرف قاضي بده
قاضي قاسم
قوام الدين عرف قاضي قادن
محمود
احمد
منصور
معظم
الشهيد وجيه الدين
شيخ عبدالرحيم
شاه ولي الله دهلوي / قطب الدين
شاه عبدالعزيز

فاضلاڻي: برڙن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

فاضِلاڻي: لاشاري بلوچن جو پاڙو آهي. سيدن ۾ پڻ "فاضلاڻي" پاڙو آهي.

فاضل زئي: ابدالي (درائي) پٺاڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

فاطمي: شام ۽ مصر کان آيل شيعا (دروز) آهن. هنن جي دعويٰ آهي ته اسان بيبي فاطمہ الزهره جي بطن مان سيد آهيون.

فاطواڻي: جت بلوچ آهن. لسبيلي ۽ سنڌ ۾ رهن ٿا.

فال: جت بلوچ آهن. لسبيلي ۽ سنڌ ۾ رهن ٿا.

فانوج (فانوچ): مڪران ۾ رهندڙ بلوچ آهن. سنڌ ۾ بہ رهن ٿا. خاص ڪري ڪجور جو ڏنڏو ڪن ٿا.

فَتَحاڻي (فتح خاني): جتوئي بلوچن جي هڪڙي قبيلي جو نالو آهي. جيڪي پنهنجي وڏي ڏاڏي فتح خان جي نالي پٺيان سڏجن ٿا. سني خواجن جو پاڙو آهي. هي خيرپور ميرس ۾ رهن ٿا.

فتُحاڻي: پرڳڙين ۽ ڪوسن جي پاڙن جو نالو آهي. چانگن ۾ پڻ آهن.

فتحجا: هڪ سماڻ ذات آهي. ڪن جي چوڻ موجب هي ملاح ۽ مهاڻا آهه

فتحلاڻي: ڪوسن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

فتحڻاڻي: ٽري ڪوسن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

فتحياڻي: جسڪاڻي بلوچن جي هڪڙي قبيلي جو نالو آهي. چانگن، ڪرمتين جي جماري ۽ زنگياڻي شاخن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "فتحياڻي" آهه .

فتوال: اعوائن جي هڪ پاڙي جو نالو. هي عبدالله گولڙي جي اولاد مان فتح خان جو اولاد آهن.

فَتواڻي: سماڻي جت آهن، شاهہ بندر ۾ وينا آهن.

فَتُواڻي: غيباڻي چانديين جو پاڙو آهي. وسائي پوٽڙا چانديين ۾ پڻ آهن.

فخرپوٽا: سماڻ ذات آهي. مخدوم محمود فخر پوٽو ڪاهاڻيءَ وارو، قاضي ڏٽو سيوستانيءَ جو استاد هن خاندان مان هو. حقيقت ۾ فخر پوٽا. صديقي خاندان مان آهن. جن مان مخدوم نوح هالن وارو آهي. فخر پوٽن جو شجره هن طرح آهي. هي شجره فتاويٰ واحدي جي قلمي نسخہ تان اتاريو ويو آهي. جيڪو 1020 هـ ۾ بهاوالدين جو لکيل آهي.

حضرت ابوبکر صدیق رضہ

ا

عبدالرحمان

ا

محمد

ا

ابوالقاسم

ا

مسعود

ا

وجھہ الدین

ا

ابو محمد

ا

ابوعاصم

ا

خیرالدین

ا

سراج الدین

ا

نصیرالدین

ا

عبدالله

ا

اسماعیل

ا

ابوبکر

ا

فخرالدین (اولاد فخر پوٹا)

فدارزئي: شاهوزئي قبيلي (بروهي) جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

فدواڻي: پنجي پائي خوجن جو پاڙو آهي.

فراس: هي سومرن جو نهايت پراڻو پاڙو آهي. (بحوالہ کتاب سومرن جو دور از نبي بخش خان بلوچ ص 370.

فراش: جتوئي قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. فراش لفظ جي معنيٰ غلام آهي.

فرش: سما ملاحن ۽ کيرين جو پاڙو آهي.

فرناس (الماس): پنجاب کان آيل مسلمان آهن. گهوٽڪيءَ جي پرسان وينا آهن.

فرنگي: انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ ڪٿي شهر ۾ ارمني عيسائي رهندا هئا. جن کي سنڌ جا ماڻهو "فرنگي" چوندا هئا. هن وقت انهن مان ڪجهه فرنگي ڪراچي ۾ رهن ٿا. فرنگي اصل ۾ "فرئنڪ" جرمني قوم جو ٻالو آهي. جنهنجي معنيٰ آهي، دريائي چور.

فروزائي: رندن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

فريداٽي: سڌاين جو پاڙو آهي.

فريد خيل: آفريدي پٺاڻن جي ڪوڪي خيل قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

فُـزَ: مغيري بلوچن جو پاڙو آهي.

فضلاٽي: سنيا ذات جو پاڙو آهي. ٽنڈي محمد خان ۾ وينا آهن.

فقيراٽي: سنڌ ۾ ٽاڻي بولاخان ڪوهستان ۾ ملڪ جي راڄ وارن مان هڪ سماٽ ذات جو نالو آهي. جنن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "فقيراٽي" آهي.

جت قوم ۾ فقير سانول هڪ مشهور درويش ٿي گذريو آهي، جنهن ٿي قبو پڻ اڏيل آهي. ان فقير سانول جي اولاد کي "فقيراٽي" چون ٿا. ڪانڊي جتن (ڪچ ۾) ۾ پڻ فقيراٽي پاڙو آهي.

فقير زئي: کتاب بلوچ اور بلوچستان ص 105 موجب فقير زئي، ميرواڻي بروهين جو پاڙو آهي، جن جو مورث اعليٰ فقير محمد هو.

فَـنجواٽي: جسکاڻي بلوچ آهن.

فوجاناٽي: چانديا قبيلي جي چولياڻي خاندان مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

فوجاٽي: مري بلوچ آهن. هنن جي پاڙي جو نالو مزاراڻي آهي.

فوجلاٽي: گورچاڻي بلوچ قوم جي لشاري پاڙي مان هڪڙي ڦري آهي.

فوزاٽي: سرڪي سمن جو پاڙو آهي.

فوفل (پوپل): عيسيٰ خان پٺاڻ افغانستان جو هڪ نهايت مشهور پٺاڻ هو. جنهن مان درانيء پوپل زئي، بارک زئي ۽ محمد زئي نهايت مشهور امير ٿي گذريا آهن. ان عيسيٰ خان کي ٽي پٽ هئا. جن مان هڪڙي جو نالو "زرک" هو. ان زرک کي وري چار پٽ هئا. جن مان هڪ پٽ جو نالو فوفل (پوپل) هو. جنهن جو اولاد فوفل پٺاڻ سڏجن ٿا. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1 اسماعيل زئي، 2 اورک خيل، 3 ايوب زئي، 4 بادوزئي (بدوزئي)، 5 باميزئي، 6 تدوزئي، 7 حبيب زئي، 8 حسن زئي، 9 سدوزئي، 10 صالح خيل، 11 علي خان خيل، 12 فوفل زئي، 13 ڪامران خيل، 14 ڪن لاڪ، 15 مينگل زئي.

فوفل زئي: فوفل افغاني پناڻن جو پاڙو آهي.

فهيم: هڪ مسلمان ذات آهي.

فيروزا: انڙن جو پاڙو آهي.

فيروزال: ڳڪڙن (ڪياني مغل) جو پاڙو آهي.

فيروزاڻي: مغيري بلوچن جو پاڙو آهي.

فيروزائي: رندن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي، جيڪي پنهنجي وڏي فيروز بن گلو جي نالي پٺيان سڏجن ٿا.

فيروز خيل: آفريدي اولاخيل پناڻن جي ميمنا شاخ مان آهن. مير احمد خيل ۽ سيپاهه هن جا پائر آهن. ڪوڪي خيل ۽ قمر خيل هن جون مکيه شاخون آهن.

فيروزئي: رندن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي، جيڪي پٽ فيروز بن گلوءَ جي نالي جي نسبت سان "فيروزئي" سڏجن ٿا. شهواڻي بروهين جي سهرزئي قبيلي مان هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "فيروززئي" آهي.

فيروزيجا: سميجا ڪل مان ملاح ۽ مهاڻا آهن.

فيضواڻي: ڪرمتين جي مهيري شاخ جو هڪ پاڙو

ق

قالیزئي: مري قبيلي جو پاڙو آهي. هنن جون عورتون شاديءَ کان اڳ گوشت کوڻ کائيندیون آهن.

قاناڻي: کوسن جي سلمن پاڙي جي شاخ آهن. دادو ضلعي ۾ سندن ڳوٺ آهن.

قتڙ: رندن جو پاڙو آهي.

قتوناڻي: نظاماڻي آهن.

قـــجَ: پنجاب کان آيل هڪ غير سماٽ ذات.

قداڻي: عمراڻي بلوچ آهن.

قدراڻي (قدرا): ملاح ۽ مهاڻا آهن.

قدلاڻي: کلڻ بگڻي آهن.

قرا: کلهوڙا آهن.

قَـراهو: هڪ سماٽ ذات آهي.

قرڙا: هڪ سماٽ ذات آهي.

قُـرسا: هڪ سماٽ ذات آهي.

قُـرِکارا: لغاري بلوچن جو پاڙو آهي

قُـرِکارا: سمن جي ذات آهي.

قُـرنگَ: مري بلوچن جو پاڙو آهي. وڌيڪ لاءِ لفظ "قونگ" ڏسڻ گهرجي.

قرها: سمن جو پاڙو آهي.

قُـرَهَـرَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

قرماڻي: کوسن جي منيوال پاڙي جي شاخ آهن.

قُـزبر: نوٽاڻي بگڻين جي قري آهي. دوست علي سندن چگو مڙس هو.

قزواڻي: بجاراڻي مرين جي قري آهي.

قُـقلَ: ٽري مينگهواڻن جي ذات آهي.

قُـگ: بنگلزئي بروهين جو پاڙو آهي.

قَـلَ: سنڌ. گجرات. ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ جي سمن سردارن جي نرپٽ سمي جي اولاد مان لاکو گوڙا (1250ع) کي ان پٽ هئا. انهن مان هڪڙي جو نالو "قل" هو. ان جي اولاد کي "قـل" چون ٿا. اهڙي طرح قل جو پـاءُ موڙهو هو. قل جي وفات کان پوءِ موڙهي پنهنجي پٽ جو نالو قل رکيو. ان قل جي اولاد کي بہ "قـل" چون ٿا. هي قـل خالص سما آهن. باقي ٻين نسلن وارا قل سميجا ۽ ملاح شمار ٿين ٿا.

ايس. صادق علي جي لکڻ موجب جام لاکي کي مسرق زال مان چار پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "قل" هو. ان قل جي پنيان سندس اولاد ذات جا "قل" سڏجن ٿا. هڪ ٻئي پٽ موڙي کي "سور" نالي پٽ هو. ان جي پٽ جو نالو پڻ "قل" هو. جنهنجي اولاد پاڻ کي "قل" چورايو.

انڙ بن سمون بن رائڌڻ جي هڪ پٽ جو نالو "قل" هو. ان جو اولاد بہ قل آهن. راڄپرن جا ڪافي پاڙا آهن. جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "قل" آهي. دلن ۾ پڻ "قل" پاڙو آهي. هڪ جائزي مطابق قلن جو شجره هن طرح آهي.



وڌيڪ تفصيل لاءِ "قلپوتن" جو احوال پڙهڻ گهرجي.

قـلائزئي: ڪردن جو پاڙو آهي. ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

قـلاڻي: ڪرمتين جي ڳورئي شاخ جو هڪ پاڙو.

قـلاڻي: لاکي جي اولاد مان سما ملاح آهن.

بيت: لاکا لک هوا، قلاڻي قير ٻيو (شاهه).

قلاڻي ملاح ننڍي ضلعي ۾ رهن ٿا. چاچڙن جي "چٽا" قبيلي مان هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "قلاڻي" آهي.

قَـل پوتا: سما ۽ ملاح آهن. جيڪي لاکي جي اولاد مان آهن. هنن جو شجره هن طرح آهي.



اتر سنڌ وارا قلپوتا، ڪماريا (ابڙا) راڄ ۾ شامل آهن.

قَـل لاکا: لاکي جي اولاد مان سما ملاح آهن. هنن جي شجره لاءِ ڏسندا "قل پوتا".

قُل ناهيا: سنڌ ۾ ڪچ جي سمن جي شجره مان معلوم ٿئي ٿو تہ رائدن بن ڪاڪا مسلمان حاڪم کي نو پٽ هئا. انهن نون پٽن مان هڪڙي جو نالو ناهيو هو ۽ بئي جو نالو ابڙو هو. انهن کي جيڪو اولاد پيدا ٿيو. ان کي "قُل ناهيا" چيو ويو.

ڪتاب جنتہ السنڌ ۾ لکيل آهي تہ قُل ناهيا ابڙي جو اولاد آهن. ليڪن هڪ بئي حوالي موجب ابڙي جو اولاد "ڏهر ناهيا" لکيل آهي. هن ناچيز جي تحقيق موجب قُل ناهيا ۽ ڏهرناهيا ابڙي جو اولاد آهن. هنن جو شجره هن طرح آهي.



قُلڻ: سمن جي ذات آهي.

قُلواڻي: هندن جي ذات آهي. "بوڏيا" نک مان راجپوتانا کان آيل.

قُل وَڏيا: سما ملاح آهن.

قُليا: اتر طرف رهندڙ ملاح ۽ مهاڻا آهن.

قُٽي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

قوٽاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. (بحوالہ: تاريخ سجاول).

قودنا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

قوريا: هندن جي ذات آهي. سندن نک بہ ساڳي آهي. ٽيڪواڻي هندو بہ هن نک مان آهن.

قوڙِياڻ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

قوڳاڻي: راهو قبيلي جو پاڙو آهي.

قول: مالهي هندن جو پاڙو آهي. هي ڪانگڑا علاقي جا آهن. ناڪر بہ سڏجن ٿا.

قولوڏيا: هندن جي هڪ نک جو نالو. گيانچنداڻي بہ هنن مان آهن.

قَونَگَ (قَونَگ): بگڻي قبيلي جو هڪ مکيہ پاڙو آهي. هي اڪثر ڪري جيڪب آباد ۽ ڪراچيء ۾ رهن ٿا. هن پاڙي جون مکيہ ڦريون آهن: 1 شانگ، 2 مندراڻي، 3 هئجماڻي. ڪن ڪن جاين تي قونگن کي "ڦرنگ" ب چون ٿا.

قيا: اصل ۾ ڪڇي ۽ ڪلاچ جا رند بلوچ آهن. هن وقت اندروني سنڌ ۾ ب رهن ٿا.

قيراڻي: مري ٽالپرن جو پاڙو آهي.

قيرائي: تلسياڻي هندن جي هڪ آکھ جو نالو. هي پنهنجيون نياڻون ٽياڪڙ يا ان کان مٿي عيوض ۾ ڏيندا آهن، سگڻ جي اهڙي ڦيري جي ڪري "ڦيرائي" سڏجن ٿا.

قيرواڻي: هندن جي ذات آهي. هي جيسلمير جا پاڻيا آهن. هن ذات مان پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي هڪ مشهور اديب هو. جنهن هڪ ڪتاب "راج رشي ديوان ڏيارام گدو مل جون جيون چرتر" 1938ع ۾ لکيو هو. (بحوالہ: اهي ڏينهن اهي شينهن نمبر 2 ص 374). هنن جي نک "اڏيسي پوٽا" آهي. ڦيرومل جي ڪري "ڦيرواڻي" سڏجن ٿا.

ڦيزبر: بگڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

قَينهڙا: سماڻي جت آهن.

ق

قابلاڻي: جاکرن جي حسڻ پاڙي جي هڪ ڦري.

قادرَ: جوکين جي تيبر قبيلي مان هڪڙو پاڙو آهي.

قادراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. جتوئين ۾ پڻ هڪ پاڙو.

قادرناڻي: ڪرمتين جي هديء. پئوا ۽ گبول شاخن جو هڪ پاڙو.

قادري: اڪثر ڪري ڏاڍا پاڻ کي "قادري" چوائين ٿا. جوکين ۾ پڻ هڪڙي پاڙي جو نالو "قادري" آهي.

قادواڻي: ميمڻن جو پاڙو آهي.

قادياڻي: وورن جو پاڙو آهي.

قاسم: سميجا قبيلي جو هڪ پاڙو. هي ايبڙ پٽ منو پٽ ڪلو جو اولاد آهن. رتن، ڏتو ۽ طاهر، قاسم جا پائر ٿين.

قاسماڻي: ڪافي قومن، قبيلن ۽ پاڙن مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي، جيڪو قاسم جي نسبت سان "قاسماڻي" سڏجي ٿو. جهڙوڪ:

1. گورچاڻي بلوچ قوم جي هوتواڻي پاڙي مان هڪ پاڙو. 2. جتوئي بلوچن جي شر قبيلي مان هڪڙو پاڙو آهي. 3. چانديين جي سماراڻي پاڙي مان هڪ ذات جو نالو آهي. 4. بگٽين ۾ پڻ قاسماڻي آهن (راهيجا پاڙو). 5. سڏايا ذات جو پاڙو قاسماڻي آهي. 6. سنهندڙن جو پاڙو قاسماڻي آهي. 7. ڪلوڙن ۾ به قاسماڻي آهن. 8. پنجي پائي خوجن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "قاسماڻي" آهي. 9. نوحاڻي بلوچن جي سنجواڻي شاخ مان هڪ پاڙو. 10. لاشارين جي مچر قبيلي جو هڪ پاڙو.

قاسم پوٽا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. اڪبر مغل بادشاهه جي دور ۾ ان جي طرفان محمد قاسم خان ميربحر ڪابل جو رکوالو هو، جنهن جي هڪڙي پٽ جو نالو هاشم خان هو، هاشم خان جي پٽن پاڻ کي ڏاڏي جي نسبت سان "قاسم پوٽا" سڏايو. هن ڪيڙ جا ماڻهو اڄ به سنڌ ۾ موجود آهن.

قاسم خاني: هي سبز وار ڪان آيل سبزواري سيد آهن، مغلن جي دور ۾ دهلي، ان بعد سکر، ان ڪان پوءِ سيوهڻ پهتا، سيوهڻ ۾ ڪجهه ترسي پيا ۽ باقي وڃي ننڍي ۾ آباد ٿيا. ڪجهه سالن بعد انهن مان ڪجهه ننڍي ۾ رهجي پيا، جن پاڻ کي امير خاني سڏايو. ڪجهه سيوهڻ اچي وينا جن پاڻ کي "سبزواري" سڏايو ۽ باقي سکر ۾ واپس اچي آباد ٿيا، سکر وارن پاڻ کي "قاسم خاني" چورايو. قاسم معنيٰ نالو، خاني معنيٰ گهر، يعني قاسم جي گهر وارا، قاسم جي گهر جو ڪٽنب پاتي وغيره. سندن وڏي جو نالو "قاسم" هو، ان نسبت سان "قاسم خاني" نالو رکيائون. هنن جو شجرو هن طرح آهي.



قاسمي: هي سيد آهن. جيڪي قاسم بن عباس جو اولاد آهن. هنن جو شجرو هن طرح آهي.

حضرت علي
|
حضرت حسين
|
حضرت زين العابدين
|
حضرت محمد باقر
|
امام جعفر صادق
|
امام موسيٰ ڪاظم
|
حمزه
|
ادريس
|
عباس
|
قاسم
اولاد قاسمي سيد

قاصد: جتن (سمات) جي ذات آهي. هيءَ انن تي ڇڏهي پيغام ۽ نياپا پهچائين ٿا. ان نسبت سان "قاصد سڏجن ٿا. هي "ريبارا" به سڏجن ٿا. ريبارا سمائي جت آهن.

قاضي: محققن جو چوڻ آهي ته قاضي ڪا ذات نه آهي. شرعي ۽ فقهي فيصلا ڪندڙ کي "قاضي" چون ٿا قاضي لفظ روز مره جي زندگي ۾ انهن ماڻهن لاءِ بار بار استعمال ڪرڻ ڪري ذات ۾ تبديل ٿي ويو آهي اعوان جي هڪ پاڙي جو نالو "قاضي" آهي. هي حافظ ملوڪ شاهه جو اولاد آهن. حافظ کي به پٽ گوندل خا

۽ قاضي خان هئا. گوندل خان جو اولاد "گوندل" ۽ قاضي خان جو اولاد "قاضي" سڏجن ٿا. هنن جو ديني ۽ شرعي فيصلن سان ڪو واسطو ڪونهي.

قاضياڻي: ڪرمتين جي جماري شاخ جو هڪ پاڙو.

قاضي خيل: ڏوار بروهين جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. هن پاڙي وارا قاضي سڏجن ٿا. جيڪي شرعي ۽ فقهي فيصلا ڪن ٿا.

قائماڻي: ڪوسن ۽ جوٽيجن جو پاڙو آهي. ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

قائمخاني: راجپوتانا کان لڏي آيل راجپوتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. هي قائم جو اولاد آهن. قائم نالو آهي ۽ خانہ فارسيءَ ۾ گهر کي چون ٿا. يعني قائم جي گهر وارا. قائم جو خاندان وغيره.

قبولاڻي: جڪراڻي بلوچن جي صابواڻي شاخ مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. ڪبارن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "قبولاڻي" آهي.

قبوليا: سمن جو پاڙو آهي. دادو ضلعي ۾ رهن ٿا. ڪتاب "مڪلي نامہ" ۾ لکيل آهي تہ دولهہ درياءَ خان "قبوليا" پاڙي مان هو.

قدريہ پوتا: سنڌ ۽ ڪچ جي سمن مان سردار پليءَ جي پٽ اڏو جو اولاد آهن. بهريہ، اڏيجا ۽ قدريہ پوتا هڪڙي اوڙڪ ۾ شامل آهن.

قراني: پنيرن جو پاڙو آهي. هن پاڙي مان مولوي محمد عثمان قراني هڪڙو مشهور عالم ٿي گذريو آهي.

قرمطي: ملتان کان آيل "سومرا" آهن. هي شيعا آهن. هن وقت ساکري جي طرف رهن ٿا. ڪن جو چوڻ آهي تہ قرمطي مختلف ذات وارا شيعا آهن. ڪتاب "جنت السنڌ" ص 215 تي لکيل آهي تہ قرمطي بلوچ آهن. منهنجي راءِ ۾ کين بلوچ نہ چوڻ گهرجي

قره: بلوچ آهن. سکر طرف رهن ٿا.

قريش - قريشي: قريشي عربي لفظ تقرش مان ورتل آهي. جنهن جي معني واپاري **(Trader)** آهي. قريش عربن جو قبيلو آهي. جن جي ماڻهن کي قريشي چون ٿا. قريش خاندان جو بنياد وجهندڙ فهر هو. جيڪو واپاري هو. محمد بن قاسم جي سنڌ ۾ اچڻ وقت ۽ بعد ۾ انهي قبيلي جا ماڻهو اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا ۽ انهن جو اولاد "قريشي" ٿيا. پاڻ سڳورا صلعم بہ قريشي هئا. قريشي هاشمي بہ انهن مان آهن. سنڌ جا پير اڪثر ڪري قريشي آهن.

ڪتابن مان ثابت آهي تہ هاشمي، سيد، علوي، صديقي، عثماني، فاروقي، عباسي، جعفري ۽ عقيلي وغيره قريشي آهن. قريشي خاندان جون خاص شاخون آهن: 1 بني غالب، 2 بني لوئي، 3 بني ڪعب، 4 بني

مره يا بني تميم. 5 بني كلاب. 6 بني كوسي. 7 بني اميه. 8 بني هاشم. 9 بني عباس وغيره. انهن مٿين شاخن مان كافي قريشي پيدا ٿيا. جيڪي سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا.

قريشي خاندان جو مختصر چارٽ ڏجي ٿو. جو اميد ٿ قارئين حضرات لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.



قريشي هاشمي: بنو هاشم جي اولاد کي قريشي هاشمي چون ٿا. حضرت عبدالمطلب جو جملي اولاد هن شاخ مان آهي. سيد. علوي. عباسي (بنوعباس). جعفري. عقيلي. ڪلهوڙا ۽ ڪلوڙ پڻ هن شاخ مان آهن.

---

[1] هاشم لفظ جي معنيٰ آهي مانيءَ کي پور پور (ٽڪر) ڪرڻ وارو. عرب ملڪ ۾ قحط پيو هو. ان وقت عمرو مانيءَ جو ٽڪر ڪيا ۽ پور ڪري مالهن ۾ ورهايا هئا. ان وجهه سبب کيس "هاشم" چيو ويو. ان ڏينهن کان پوءِ پاڻ هاشم جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

قزاق: ترڪي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڦورو، لٽيرو، غارتگير وغيره. هي پراڻي زماني جا ميد (ملاح) آهن، جن عربن کي ڦريو هو، جنهن سبب محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي.

ايس - صادق علي لکيو آهي تہ "قزاق" سنڌ جي سمن ۽ ملاحن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي، هن پاڙي جا ماڻهو ساموندي ڦريون ڪندا هئا. هن وقت هن ذات جا ماڻهو نواب شاهه، حيدرآباد ۽ دادو ۾ نهايت ٿورائيءَ ۾ رهن ٿا.

ڪن محققن هنن کي عرب نسل مان لکيو آهي، جيڪو ڪمزور دليل آهي. هي عرب هجن ها تہ محمد بن قاسم چڙهائي نہ ڪري ها.

قزلباش: ترڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي، قزل معنيٰ ڳاڙهو، سرخ ۽ باش معنيٰ مٿو يعني ڳاڙهن مٿن وارا، اصطلاحي معنيٰ ۾ ايران ۽ افغانستان جا شيعا. قزلباش سنڌ جي اندر هڪ ذات طور سڃاتا وڃن ٿا. جن ۾ قزلباش مغل، ترخاني مغل ۽ جاليار جا مغل، تورخيل ۽ ميليخيل شامل آهن، جيڪي ايران کان اچي هتي آباد ٿيا آهن. تاريخ مان پتو پوي ٿو تہ شيخ صفوي (شاهه اسماعيل صفوي) اردبيلي هنن جو جد اعليٰ هو. جنهن ايران ۾ پيري مريديءَ جو سلسلو جاري ڪيو. هن پنهنجي مريدن لاءِ (لشڪر) بارهن ڪنگرن واري ڳاڙهي بنات جي ٽوپي بارهن امامن جي نشاني طور ايجاد ڪئي، ان ڪري پوءِ سندن مريد "قزلباش" سڏجن ٿا، يعني ڳاڙهين ٽوپين وارا جن مان عبدالحميد خان مغل ۽ مرزا عبدالمجيد خان مغل نهايت مشهور هئا.

قزلباش، مغلن جي هڪ خاص پاڙي جو نالو پڻ آهي، هي هڪ غلام ذات (غلام خانہ) آهي، قزلباش جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ هي مشرقي قفتعاز (ڪاڪيشيا) جا گهوڙيسوار فارسي فوج جا مغل سپاهي هئا، نادر شاهه، همايون ۽ اورنگزيب جي لشڪر ۾ شامل هئا، همايون کي ٽوپي، شاهه طماسپ (طوماسپ) قزلباش پارائي هئي.

قشمشي: هڪ غير سمات ذات آهي.

قَصَاب: عربي لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، قاصائي، ذبح ڪرڻ وارو، هي هڪ ذات جو پڻ نالو آهي، جيڪي گوشت فروشي جي پيشي سان منسوب آهن.

قصر: مغلن جو پاڙو آهي.

قصراڻي: رندن مان آهن، صحيح اچار "قيصراڻي" آهي، ان ڪري قيصراڻي ذات جو احوال پڙهڻ گهرجي، ڪن ليڪڪن هنن کي ڪيزراڻي ۽ خسروانہ پڻ لکيو آهي.

قصر قند: بلوچن جي هڪ گڏيل سڏيل قبيلي جو نالو آهي، جنهن ۾ بليدي، رئيس، دڪرزئي، زينو قدين ۽ ٻيا غريب طبقي جا بلوچ شامل آهن.

قطب شاهه ڏمني: اعوانن جو هڪ پاڙو. هي شريف خان ڏمنيءَ جو اولاد آهن.

قطب شاهي: علوي خاندان (اعوان) جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. آرائين ۾ پڻ آهن.

قطب شاهي ڪوڪر: اعوانن جو هڪ پاڙو. هي قطب شاهه غزنوي جي پٽ زمان ڪوڪر جو اولاد ٿيئن. سندن ماءُ ڪوڪر هئي. اولاد ۽ ماءُ جي نسبت سان پاڻ کي ڪوڪر سڏايو.

قلباڻي: ڪنا ذات (سما) جو پاڙو آهي.

قلڪيان: سکن جو پاڙو آهي. هي پٽاليه. جيند. ناپا ۽ ملوڊ رياستن جي راجپوتن مان آهن.

قلندراڻي (قلندراڙي): بلوچ قوم جي پاڙن جو نالو آهي جهڙوڪ:

1. بروهي قوم جي شاهي خاندان "احمدزئي" جي هڪ ٽڪ جو نالو "قلندراڻي" آهي. هي اصلي ۽ نج بروهي آهن. 2. مگسي قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. جنهنجو مورث اعليٰ نور خان هو. 3. بجاراڻين جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. 4. لاشارين جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. 5. بگٽي بلوچن جو پاڙو آهي.

قلندرزئي: رئيساڻي بلوچ آهن.

قلندوراڻي: مري بلوچن جي بجاراڻي شاخ مان پاڙو آهي.

قلندري: قلندر لال شهباز جي پوئلڳن کي "قلندري" چون ٿا. هندستان ۾ "گڙگائون" علاقي جي ڪجهه رهواسي فقيرن جي ذات آهي. هي رڇ، پولڙا ۽ باندر پالين ٿا. حقا ۽ توبيون ناهي پيٽ پالين ٿا. هن وقت پنجاب کان سنڌ ۾ داخل ٿيا آهن.

قمبراڻي (قمبراڙي): ڪافي قبيلن ۽ قومن جي پاڙن جو نالو آهي. جنجو مختصر بيان هن طرح آهي. ۱بروهي قوم جي پاڙن مان هڪ مشهور ۽ اصل پاڙي جو نالو آهي. هنن جو چوڻ آهي ته اسان پاڻ سڳورن جي غلام "قمبر" جو اولاد آهيون ۽ اسان جو حسب نسب ان قمبر سان آهي ۽ اهو ساڳيو قمبر. حضرت علي جن جو غلام ۽ سات جو اڳواڻ هو.

۲ اهو ساڳيو قمبر آهي. جنهن بلوچستان ۾ هندو راجا کان حڪومت ڦري بروهي راڄ جو بنياد وڌو هو. جنهن کان پوءِ قمبراڻين جو ميرو پٽ قمبر. مير عمر ۽ محمود خان اڳواڻ ٿيا. قمبراڻين جي هن شاخ جا خاص پاڙا آهن: 1 باران زئي. 2 صوپازئي ۽ 3 ميران زئي. 2 جتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "قمبراڻي آهي. اهي به چون ٿا ته اسان ان ساڳئي قمبر جو اولاد آهيون. حضرت علي جي انن جي قافلي وارا اسان قمبراڻي جت هئاسين. 3 چاندين جي پاڙن مان هڪڙي پاڙي جو نالو قمبراڻي آهي. 4 سراوانين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "قمبراڻي" آهي.

5 شيدين ۽ مڪرانين ۾ پڻ "قمبراڻي" آهن. 6 لاشاري بلوچن جا ڪافي پاڙا آهن. جن مان هڪڙو پاڙو "قمبراڻي" آهي. 7 ايس - صادق عليءَ جي لکڻ موجب خاصخيلين جي هڪ پاڙي جو نالو "قمبراڻي" آهي.

8 ماندڙن جي داستان ۾ لکيل آهي تہ ماندڙي کي هارون پٽ جي پيڙهيءَ مان امداد کي "قمبر" نالي پٽ هو. جنهن جي نالي پٽيان ماندڙن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "قمبراڻي" پيو. هن قمبراڻي پاڙي مٽان ماندڙن جي پڳ آهي. هي لسبيلي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.(1)

قمبر پوٽا: جاکرن جي همند پاڙي مان هڪ ڦري.

قمبر خيل: آفريدي پٺاڻن جي مير احمد خيل قبيلي جو نالو آهي. هن جا مکيہ پاڙا آهن: 1 اجمل خيل، 2 تور خيل، 3 پين خيل، 4 خداداد خيل.

قمراڻي: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

قمر خيل: آفريدي پٺاڻن جي فيروز خيل قبيلي جو پاڙو آهي.

قناصرا (ڪنسيرا): اتر سنڌ ۾ رهندڙ هڪ مسلمان ذات آهي. جامع سنڌي لغات ۾ سرائين جا 24 پاڙا لکيل آهن. انهن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "قناصرا" لکيل آهي. ڪتاب "سمات" جي ص 38 تي لکيل آهي تہ هي پنجاب کان آيل جت ۽ سرائي آهن. جيڪي هن وقت سمات ۾ شامل آهن.

قندراڻي: جسڪاڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

قندر پوٽا: جوکين جو هڪ پاڙو.

قندراڻي: افغانستان کان آيل قندار شهر جا مغل ۽ پٺاڻ آهن. ڪراچيءَ ۾ سندن ڪجهہ گهر آهن. آڏواڻي هندو نهايت مشهور آهن. انهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "قندراڻي" آهي.

قندراري: افغانستان جي شهر قندار کان آيل پٺاڻ، افغان، مغل، جيلاني، گيلاني ۽ پيو آهن. خيرپور ميرس ۾ اچڻ جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "قندراري" آهي.

قهار: ديري غازي خان کان آيل جت آهن.

قهر: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

قهيري: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

قياساڻي: قياس بن پونگر سومري جو اولاد آهن. اتر ۾ رهن ٿا. (پارر)

---

(1) هڪ روايت موجب قمبر (قنبر) حضرت عليءَ جن جو وفادار غلام هو. جيڪو کين وضوءَ جو پاڻي مهيا ڪندو هو. هن قنبر کي حجاج ثقفيءَ گرفتار ڪرائي قتل جو حڪم ڏنو هو.

قيسي: قيس بن عيص (عبدالرشيد) افغاني پٺاڻ جي اولاد مان هڪ قبيلو آهي.

قيصر: جوکين جي سالار قبيلي مان هڪڙو پاڙو آهي.

قيصراڻي: مزاري بلوچن جي رستماڻي قبيلي مان هڪ اهم شاخ آهي، جنهنجو مورث اعليٰ قيصر خان رستماڻي هو. ان قيصر خان جي نالي پٺيان، هن شاخ جو نالو "قيصراڻي" پيو. قيصر خان جي اولاد مان سردار منا خان چگو نالو ڪيرايو. جنهن تي ملتان جي حاڪم "ديوان سانوڻ مل" قيصراڻين کي جاگير عطا ڪئي، جيڪا نسڙي ۽ پيٽ لڌا ۾ هئي، سندن نالي تي قيصراڻي علاقو سنگهڙ نديءَ تي پکڙيل هو، جيڪو بعد ۾ تالپرن هنن کان ڦري پوزدارن کي ڏيئي ڇڏيو. هن شاخ جا خاص پاڙا آهن: 1 پوداڻي، 2 جروار، 3 خوبديين، 4 رستماڻي، 5 لشڪراڻي، 6 لغاري. سرداريءَ جا پگ ڏڻي رستماڻي آهن. هڪ تحقيق موجب هن شاخ جو شجرو هن طرح آهي.



هڪ بي تحقيق موجب "قيصراڻي" بلوچن جو واسطو رند قبيلي سان پڻ آهي، جنهن موجب قيصراڻي رند به آهن. جمالين، جتن ۽ مهيرين ۾ پڻ "قيصراڻي" آهن، جيڪي سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا. قيصراڻي جت پاڻ

کي مير جت ۽ چوائين ٿا. ڪرمتيين جي پٽوا، جماري، ڳورئي ۽ گبول شاخن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "قيصراڻي" آهي.

رند قيصراڻين جو شجرو پڻ قارئين حضرات لاءِ پيش ڪجي ٿو



قيصر پوٽا: سمن جي ذات آهي.

قيصر زئي: پيرنگ (دراني) پٺاڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

قيصري: بروهي آهن، سندن ڏاڏي جو نالو قيصر خان هو. ان جي پٺيان "قيصري" سڏجن ٿا.

قِيمَڪاڻي: هڪ مسلمان غير سماٽ ذات آهي.

ڪ

ڪابوڑا: پنهيار ذات جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. هي ضلعي دادو ۾ رهن ٿا. ڪابل ڪان آيل پناڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ آهي. جيڪي پاڻ کي سنڌي پناڻ چوائين ٿا. هنن جا ڇند گهر حيدرآباد ۾ آهن.

ڪابار: پرمار هندو آهن. ٽر ۾ رهن ٿا.

ڪابڙَ: سما آهن. ٽر ۾ رهن ٿا.

ڪاتارَ: ست ڪتيندڙ سماڻ ذات آهي.

ڪاتَر: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سنڌ جي اتر واري حصي ۾ رهن ٿا.

ڪاتُر: هڪ سماڻ ذات آهي. جيڪي ملاحن مان آهن.

ڪاتُرو: هڪ سماڻ ذات آهي.

ڪاتِريا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪاتل: ڪتاب دائرہ معارف اسلام موجب "ڪاتل" هندو راجپوتن جو پاڙو (گوت) آهي.

ڪاتِيار: اصل ۾ سنڌ جا سماڻ ذات جا ڪوري آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪتاب بيلاين جا بول ۾ لکيو آهي تہ ڪاتيار (ڪوري) ٻُرن جا پائر آهن. ايس - صادق علي لکيو آهي تہ ڪاتيار منگسي ۽ سما ملاح آهن. هي چنن ۾ پڻ آهن.

ڪاٽِيا: پنجاب ڪان آيل سرائي آهن.

ڪاڻ: هڪ سماڻ ذات آهي.

ڪاڻ پانيڙ: هندو فقيرن جي هڪ ذات جو نالو آهي. جيڪي برهم ڪتري آهن. مسلمانن ۾ پڻ "ڪاڻ پانيڙ" آهن. مسلمان ڪاڻ پانيڙ ذات ما ڪتاب "بيان العارفين في تنبيهہ الغافلين" جو فارسي مان سنڌي ترجمہ ڪندڙ عبدالرحمان بن محمد ملوڪ هڪ نالي وارو ٿي گذريو آهي. چون ٿا تہ هي ذات جو سومرو هو.

ڪاڻ پال: هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو آهي.

ڪاڻڙا: پنهورن جو پاڙو آهي.

ڪاڻل: گورداسپور جي هڪ راجا ڪاڻل جو اولاد آهن. هي سلهرين سان مٽي مائٽي ڪن ٿا.

ڪاڻواٽي: ڪرمتين جي زنگياٽي ۽ شولاٽي شاخن جو هڪ پاڙو.

ڪاڻوڙا: ميمڻن جو پاڙو آهي. نٽي شهر ۾ رهن ٿا.

كاني: راجپوتن جي ذات آهي. (بحوالہ: كتاب دائره معارف اسلام).

كانيا: وچ ايشيا جي هڪ قوم هئي. جتان هجرت ڪري سنڌ مان ٽيندا گجرات جي صوبي شوراشٽ پهتا. اتي آباد ٿي شوراشٽ جو نالو "كانياواڙ" رکيائون. زماني جي گردش ۽ لاهن چاڑهن سبب ڪجهه اتي رهيا ۽ ڪجهه سنڌ جي طرف واپس اچي آباد ٿيا. هنن سنڌ ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ پاڻ کي ذات جا "كانيا" سڏرايائون.

كانين جي تمدني حالت سنڌي سماٽ جهڙي آهي. شايد ان سبب ايس - صادق علي لکيو آهي ته "كانيا" سما قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. هن قوم جا ماڻهو نواب شاهه ۽ ضلعي دادو ۾ ڇڳا آباد آهن. ڪتاب پنجاب کي ذاتين ۾ لکيل آهي ته كانيا راجا ڪرن ۽ پنوار راجپوت جي اولاد مان آهن. روايتن ۾ آهي ته اڪبر بادشاهه جي اثر هيٺ "ڪنيه" نالي هڪ راجپوت شهزادي اسلام قبوليو. جنهنجي اولاد پاڻ کي "كانيا" سڏايو. ڪن جو چوڻ آهي ته هي Kathaei قوم مان آهن. جن سڪندر اعظم سان ضلعي گوگيره ۾ لڙائي ڪئي هئي.

كانيارا: ملاح ۽ مهاٽا آهن. ميمڻن ۾ پڻ "كانيارا" آهن. (بحوالہ: مهراڻ نمبر 4 سال 1972ع ص 128).

كانياواڙي: كانياواڙ (شوراشٽ) ۽ جهوناگڙهه جا مسلمان ميمڻ آهن. هي اڪثر ڪري گجراتي زبان ڳالهائين ٿا. ڇاڪاڻ جو هنن جو ابائي صوبو گجرات آهي.

كاپَتَ: سنڌ ۾ رهندڙ جوڳي فقيرن جي هڪ ذات آهي. هي اڪثر ڪري نانگ پالیندا آهن ۽ پنهنجي گذر سفر لاءِ پنندا وٽندا آهن. هي گهٽو ڪري غير مسلم آهن.

كاپَڙي: ڏهرن جو پاڙو آهي. برهمڻن ۾ پڻ هڪڙي پاڙي جونالو "كاپڙي" آهي. هي شادين جي موقع تي هار سينگار جو ڪم ڪن ٿا. ڏهرن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هو خود برهمڻ (چچ) جو اولاد آهن. وڌيڪ لاءِ ڏهر ذات ڏسڻ گهرجي.

كاپڙي: سنسڪرت جي لفظ كاپٽڪ تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، زاهد، فقير، تپشي. كاپڙي جوڳي فقيرن جي ذات آهي.

بيت: **كال گڏيو سون كاپڙي، جهڙو ماهه منير،**
فيض فراق فقير، جوڳي جاڳائي ويو. (شاهه)

كاچواڻي: سماٽي جتن جو پاڙو آهي. شاهه بندر جي جتن مان آهن.

كاچي: كاچي ۽ ڪوهستان ۾ رهندڙ هڪ مسلمان سماٽ ذات جو نالو آهي. كاچي ۾ رهڻ جي نسبت سان هي ذات جا "كاچي" سڏجن ٿا. ڪتاب پنجاب کي ذاتين ۾ لکيل آهي ته "كاچي" هندن جي ذات آهي. لـ:

۽ لوڏن جا عزيز آهن. سندن اصل وطن جمنا ضلعو آهي.

کاڇيلا: سما خاندان جي ۽ کاڇي ۾ حملائي برفتن جي راڄ جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

کاڇيلا: سومرا خاندان جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. دلن ۾ پڻ آهن.

کاخيل: سما آهن.

کار: ميمڻن جو پاڙو آهي. (بحواله: مهراڻ نمبر 4 سال 1972ع ص 128).

کارا (کارڙا): چانديين. پنهورن ۽ ملاحن جا پاڙا آهن.

کاراٽي: سمن، پنهورن ۽ ڇُهڙن جي پاڙن جا نالا آهن. خيرپور ميرس ضلعي ۾ اڃڻ رهن ٿا. انهن ۾ پڻ "کاراڻي" آهن. کرمتين جي مهيري شاخ مان پڻ هڪ پاڙي جو نالو "کاراٽي" آهي.

کارائڙو: سمن جو پاڙو آهي. کارايل کڇ جي پنگهر ڇام جو پٽ هو ۽ وڏو سورهه هو. ان جو اولاد کارائڙو ۽ کارايل سڏجي ٿو.

کارائي: کرمتين جي راڏا اڳاريا شاخ جو هڪ پاڙو.

کارايل: کارائڙو يا کارايل جو مطلب ساڳيو آهي. هي سما آهن.

کاربا: سما خاندان مان آهن.

کارباڻي: سما خاندان مان آهن.

کارجي: بارک زئي پناڻن مان آهن.

کارجو: شنباڻي بلوچن جو پاڙو. هي سَيد علي بن سائينداد جو اولاد آهن.

کارڙا: چانديا، پنهور ۽ ملاح آهن. چاڇڻ جي ڇٽا قبيلي مان هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "کارڙا" آهي. ننڍي شهر ۾ ميمڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "کارڙا" آهي.

کارڙ: رانوڙ سمن ۽ غير سمن جو پاڙو آهي.

کاروزائي: مگسي بلوچ آهن.

کارونيار: مگڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

کاريا: کڇي لوهارن جي ذات آهي. هي پٽ ۽ لورا بہ سڏجن ٿا، ليکن مسلمان نہ آهن.

کارياڻي: ڀگهين جو پاڙو آهي. ضلعي دادو تعلقي سيوهڻ ۾ کارياڻي ذات پنيان هڪ ڳوٺ جو نالو آهي.

کاريٽ: مگڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

ڪاريجا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڪارِي خيل: غلزئي پٺاڻن جو پاڙو آهي.

ڪاريڙا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڪاڙَها: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڪاسائي: عربي لفظ قَصاب مان ورتل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي گوشت پائيندڙ. ڪوس جو ڪم ڪندڙ. ڪاسائي هڪ ذات جو نالو آهي. ملاحن ۽ پيجارن جي پاڙن جا نالا پڻ "ڪاسائي" آهن.

ڪاسب: هندن ۽ مغلن جي مخلوط نسل مان ڪنيت هندو آهن، جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "ڪاسب" آهي.

ڪاسنگ: هندو سوڊن جو هڪ پاڙو.

ڪاسوٽا: ڪوهستاني حملاڻي برفتن مان آهن.

ڪاسي (ڪانسي): سراباني پٺاڻن جو قبيلو آهي. انورزئي (انوري) پڻ هنن مان آهن. ابسٽن لکي ٿو ته جولاها، ڪوري آهن. جن کي هزاره ۾ ڪاسي چون ٿا، يعني ڪاسي ڪپڙي اٽڻ واراً "ڪوريٌ" آهن.

ڪاسيرا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڪاشاني: ترخاني دور ۾ سيد مير غروري ڪاشان مان لڏي اچي لاڙ ۾ وينو. جيڪي ڪاشان جي نسبت سان "ڪاشاني" سيد سڏجن ٿا.

ڪاظمي: هي سيد آهن، جيڪي امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر صادق جو اولاد آهن. ڪاظمي سيدن جو شجره هن طرح آهي:

حضرت علي رضہ

|

حضرت امام حسين رضہ

|

حضرت علي امام زين العابدين (والده شهر بانو)

|

امام محمد باقر (والده ام عبدالله بنت امام حسن)

|

امام جعفر صادق (والده ام فروزه فاطمه بنت **قاسم بن محمد بن ابوبكر صديق** ناناڻا)

|



اولاد ڪاظمي سيد

ڪاغذ ڪُتا: هندو هنرمندن جي هڪ ذات. هي ڪاغذ ناهين ٿا.

ڪاغذي: هڪ غير سماٽ ذات آهي.

ڪاڪ: سمن جي ذات آهي. هي ملاح ۽ آهن.

ڪاڪا: پنهورن ۾ سمن جي پاڙن جو نالو آهي. ڪاڪن جو خاص پاڙو "دل" آهي. ڪاڪا (وڏيڪ لاءِ سمن جو شجرو: ڏسڻ گهرجي) ڪاڪو بن سمون جو اولاد آهن. ڪاڪو. ڪاڪ جو حاڪم هو.

ڪاڪاخيل: افغاني پٺاڻن جو پاڙو آهي.

ڪاڪڙ: افغاني پٺاڻن جو قبيلو ۽ ذات آهي. جيڪي اسرائيلي نسل مان آهن. سندن حسب ۽ نسب عبدالرشيد (قيص) پٺاڻ سان آهي. عبدالرشيد کي ٽي پٽ هئا. جن مان هڪ جو نالو غار گسٽ (گهارگهج) هو. ان غارگسٽ کي چار پٽ هئا. جن مان هڪڙي جو نالو "ڪاڪڙ" هو. ان ڪاڪڙ جي پنيان (اولاد) ڪاڪڙ پٺاڻ سڏجن ٿا. هن ڪاڪڙ کي خدا تعالي 24 پٽ ڏنا هئا. هر هڪ پٽ جي نالي سان جدا جدا پاڙي جو نالو پيو. ڪاڪڙ پٺاڻن جا خاص پاڙا آهن:

1 ابراهيم زئي. 2 . ابو سعيد زئي. 3 اتمان خيل (عثمان خيل). 4 احمد زئي. 5 ايوب خيل. 6 باجو خيل. 7 برت خيل. 8 تاجوزئي. 9 تران. 10 جلال خيل (جلال زئي). 11 خضري خيل. 12 دمر (ڏمڙ) 13 رميزئي. 14 زنجورزئي. 15 زنگهوري. 16 ساتڪ. 17 سالار خيل. 18 شادو خيل. 19 شادي خيل. 20 شر خيل. 21 شيرازئي. 22 عربي خيل. 23 عطوزئي. 24 علي خيل. 25 غوري زئي. 26 ڪاڪڙ. 27 ڪمال زئي. 28 ڪهوزئي. 29 گائسوزئي. 30 ماما خيل. 31 مامڙ (ممڙ). 32 مامي خيل. 33 محمد زئي. 34 مروان زئي. 35 مڪوواڻي. 36 مندوزئي. 37 موسيٰ زئي. 38 مها خيل. 39 يونس زئي.



24 پٽ - 39 پاڙا

سومرن، ڪلهوڙن، ڪچين ۽ سمن جي پاڙن جو نالو پڻ "ڪاڪڙ" آهي. اهي سڀ سنڌي ڳالهائين ٿا ۽ سنڌ جي ڪافي حصن ۾ آباد آهن.

ڪاڪڙا: ڪاڪ جو اولاد آهن، جيڪي سما ملاحن ۾ شامل آهن.

ڪاڪو: برهم کترين جي هڪ نڪ جو نالو.

ڪاڪَوٽا: ٽر ۾ رهندڙ هندو قوم جي هڪ ذات آهي.

ڪاڪي: ڪيراني پناڻن جو پاڙو آهي.

ڪاڪيپوٽا: سنڌ ۽ ڪڇ جي سمن مان ڄام لاکو بن لاکيار جي اولاد مان هڪ جو نالو لاکو هو. ان لاکي جي پٽ جو نالو سمو هو. جنهن کي ٽي پٽ جکرو، ڪاکو ۽ جياند هئا. ڪاکو پنهنجي رياست "ڪاڪ" جو مسلمان ڄام حاڪم هو. ان مسلمان حاڪم جي اولاد کي "ڪاڪيپوٽا" چون ٿا. هي سنڌ ۽ ڪڇ جا ڄاموٽ ۽ سما آهن ۽ ملاح اوڙڪ ۾ شامل آهن. هن وقت سنڌ جا ڪجهه اوڀا پڻ پاڻ کي "ڪاڪيپوٽا" سڏائين ٿا. سپر (سما) ۽ اونن جي ذات جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ڪاڪيپوٽا" آهي. سنڌ جا اڪثر ڪاڪيپوٽا، ابڙن جو ٻ آهن. ڪاڪيپوٽا ذات جا خاص پاڙا آهن: 1 پنهاڻي، 2 چنگلاڻي، 3 خاناڻي، 4 دڦڙ، 5 سهارڙ



ڪاڪيجا: سما ملاح آهن، جيڪي ڄام ڪاڪا جي اولاد مان آهن.

کاکيجا پوٽا: سنڌ ۾ ڪچ جي سمن مان چام لاکو بن لاکيار جي اولاد مان پلي پنهنجي قوم جو سردار هو. ان پليءَ کي ڪجهه پٽ هئا. جن مان هڪڙي جو نالو ساند هو. ان ساند کي ست پٽ هئا. جن مان هڪ جو نالو "کاکو" هو ان کاکي جي اولاد کي "کاکيجا پوٽا" چون ٿا.



هن جو اولاد کاکيجا پوٽا

کاگيا: ٺري مينگهواڙن جي ذات آهي.

کالاخیل: آفریدي پناڻن جي ملک دين خيل قبيلي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. ساڳي وقت ملک دين خيل قبيلي جو ٻہ پاڙو آهي.

کالاغ زئي: جهالواني بروهي آهن.

کالاڻي: جوکين جو پاڙو آهي. ضلعي نوشهروفيروز ۾ هنن جا کافي ڳوٺ آهن. هندن جي هڪ آکيه جو ٻن نالو. هن کيڙ مان هيمون مل پيسو مل حر تحريک جو هڪ مشهور سرويچ سورهيه هو.

کالپسر: پرمار هندن جي هڪ ذات جو نالو آهي.

کالپُور: بگٽي بلوچن جي هڪ شاخ آهي. هن شاخ جون مکيه ڳريون 1 بتيلاڻي. 2 پدلاڻي. 3 حلکاڻي ۽ 4 حمزاڻي آهن.

کالخيل: لوڌي پناڻن جو پاڙو آهي.

کالَرا: ڪن محققن جي راءِ آهي تہ هي ترڪ نسل جا کارلوغ آهن. کارلوغ لفظ ڳري "کالرا" ٿيو آهي. ڳالهہ مڃڻ کان ٻاهر آهي، حقيقت ۾ هي سنڌ جا سما آهن.

کالِرا: پنجاب کان آيل سرائي آ

کالس: گوجرن جو پاڙو آهي.

کالموهہ: پرمار هندن جي ذات آهي.

کالو: جوکين جي ٻيهر قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. ساڳي وقت سرائي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو ٻن "کالو" آهي. کلهوڙن جا تمام گهٽا پاڙا آهن. انهن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "کالو" آهي.

کالواڻي: لاشاري بلوچ آهن.

کالوواڻي: لغاري بلوچ آهن.

کانهڙ: نهڙين جو هڪ پاڙو.

کاليال (کلیال): اعوائن جو هڪ پاڙو.

کالير (کالپر): هڪ غير سماڻ ذات آهي.

کالينار: غير سماڻ ذات آهي.

کامران خيل: فوفل پناڻن مان آهن.

کامِڙا: سما ۽ ساند آهن. هي ملاحن جي اوڙڪ ۾ شامل آهن.

کامونجا: راجڙن جي هڪ پاڙي جو نالو.

كامِي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

كاناڻي: مگرين جو هڪ پاڙو. شاعر محمد مگريو. تعلقو چاچرو هن پاڙي مان هو. (1940ع ڌاري).

كانبَڙ: مينگهواڙن جي ذات آهي.

كانپائي: تاريخ سجاول ص 345 تي لکيل آهي تہ "كانپائي" ملاح ۽ مهاڻا آهن. هي سجاول ۾ رهن ٿا.

كانَتَ: غير سمات ملاح ۽ مهاڻا آهن.

كانتيا: اوسواڙ هندن جي ذات آهي.

كانپائي: سنيا ذات وارن جو پاڙو آهي (تنڊو محمد خان).

كانجا: سمن. ڏهرن ۽ هندن جي ذاتين جي پاڙن جو نالو آهي.

كانجڻ: هندن جي هڪ نک جو نالو.

كانجي: راجپوتن جي ذات آهي. (بحوالہ: ڪتاب دائرہ معارف اسلام

كانجَياڻي: هندن جي ذات آهي.

كانجها: مسلمان ذات آهي.

كانجون: هڪ مسلمان ذات آهي. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

كانخيا: سما ملاح آهن.

كانڊَڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

كانديل: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

كانڈَ: غير سمات ذات آهي. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا. جوڻ ۾ اچي ٿو تہ هي بہ ملاح ۽ مهاڻا آهن.

كانڈرائي: بليدي بلوچن جي ميرالي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي.

كانڈڙا: سما قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. هي آبڙ ۾ اچن ٿا. هنن جي هڪ خاص پاڙي جو نالو "سئجاڻي" آهي.

كانڈڙيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

كانَڈڙيا: سما ملاح آهن. آبڙ ۾ اچن ٿا.

كانڈي: ڪچ جي ڪنڊ واري علاقي ۾ رهن ڪري "كانڈي" سڏجن ٿا. هي جت آهن ۽ اڃ پالين ٿا. پاليا. فقيراڻي ۽ گهنهائو جت هنن مان آهن.

كانڈڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

کانڑا: برفتن جي حملاڻي راڄ جي ذات آهي. ڪوهستان ۾ رهن ٿا. ڪن هنڌن تي "کانڑيا" ۽ سڏجن ٿا.

کانڑا: پنهورن جو پاڙو آهي.

کانڑيا: ڪوهستان ۾ رهندڙ برفتن جو پاڙو آهي.

کانڑيچا: مگٺهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

کانگ: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ننڍي شهر وارا کانگ ميمڻن مان آهن. (بحوالہ: مهراڻ نمبر 4 سال 1972ع ص 128).

کانگڑ: هندو آهن، مٽيءَ مان شيون ناهي وڪڻن ٿا.

کانگڑي: پريا سميجا کل مان (د ـ) آهن. هي پراڻي زماني ۾ کمبات ۽ ديبال کانگڑيءَ واري علاقي ۾ رهندا هئا. ان کانگڑي واري علاقي جي نسبت سان هي ذات جا "کانگڑي" سڏجڻ لڳا. هن وقت هي پاڻ کي "پريا" ۽ "کانگڑي" چوائين ٿا. حقيقت ۾ هي سمن جو پاڙو آهي. سيوهڻ شريف ۾ هنن جا ڪجهه گهر آهن. جيڪي پاڻ کي انڑن مان چوائين ٿا.

کانگو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

کانگهيا: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو. جيڪب آباد طرف رهندڙ.

کانونگا (قانون گا): اصل لفظ قانون گا يعني قانون جا ڄاڻو آهي. بنيادي طور هي شهر سيوهڻ جا هندو ذات وارا آهن. هنن جي آکيه جو نالو پڻ "کانونگا" آهي. هنن جا ڪجهه گهر اڄ ب سيوهڻ ۾ موجود آهن. هي ايترا تہ مشهور هئا جو هنن جي نالي تي سيوهڻ ۾ هڪڙو پاڙو آهي. هن پاڙي وارا لعل شهباز قلندر جي ميندي ڪيندا آهن.

کانويرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سنڌ جي اترين حصي ۾ رهن ٿا.

کانهه: سمن جي ذات آهي.

کانهر: سمن جي ذات آهي.

کانهڙ: سمن جي ذات آهي.

کانهوجا: جت آهن. اٺ پالين ٿا.

کانهيرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

کانهيون: دلن جو هڪ پاڙو. ابڙو، ڪهر، کانهيون ۽ ناهيون پاڻ ۾ پائر ٿين.

کانيا: سرائي آهن.

کانيورا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

كانيها: سمن جو پاڙو آهي. قاضي احمد جي پرسان رهن ٿا. جيڪي سرائڪي زبان ڳالهين ٿا.

كاڻيا: ڪلهوڙن جو پاڙو آهي.

كاها: سمن جي ذات آهي.

كاهري: "جسوجا" نک مان لوهاڻن جي هڪ نک جو نالو. سيڻ ساجن مل كاهري، سامتائي پرڳٽي جو هڪ وڏو زميندار ۽ نالي وارو واپاري هو. جنهن كاهريءَ جي ماڳ سان پاڻ کي ذات جو "كاهري" سڏايو.

كاهڙا: سمن جي ذات آهي.

كاهلون: پنجاب کان آيل ذات آهي. هي راجا وڪرما جيت (چندر بنسي) كل مان راجا جگديو جي اولاد سولي ۽ سوديءَ مان آهن. پاڻ ۾ شاديون ڪن ٿا. سنڌ وارا پاڻ کي "جت" چون ٿا.

كاهوري: گورچاڻي بلوچ قوم جي دركاڻي شاخ مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

كاهي: سما ملاح آهن.

كاهيا: ٽر ۾ رهندڙ سما ملاح آهن.

كاهيجا: سمن جي ذات آهي.

كبراڻي: بڙدي بلوچن جي بجارائي شاخ جو پاڙو آهي. هنن کي "كنراڻي" ب چون ٿا.

كبرتي: حسني سيدن جو پاڙو آهي.

كبير: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

كبير بنسي: مسلمان جولاهن جو پاڙو آهي.

كبيٽا: ٽري هندن جي ذات آهي.

كبر: سنڌ جا اصل سمات آهن. هي سنڌ جا جوٽيجا آهن. جوٽيجن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "كبر" آهي. هي انڙن جي سرداريءَ هيٺ آهن.

راجپوتن جا تمام گهٽا پاڙا آهن، جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "كبر" آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب كبر، سميجن قبيلي جي هڪ ذات آهي. هي كبر پٽ سومري جو اولاد آهن. كبر ۽ ندا پاڻ ۾ پائر ٽين. كبر جي پٽ جو نالو گجڻ هو. جنهن جو اولاد سجي سنڌ ۾ پکڙيل آهي.

كبرا (كبرا): مهرن جي پاڙي جو نالو آهي.

كبريا: ٽوسواڙ هندن جي ذات آهي.

كبڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. چاندين جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "كبڙا" آهي.

ڪَتالاڻي: گورچاڻي بلوچن جي پٽاڻي قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

ڪُتانا: ڇهڙن جي ذات آهي. هندن مان مسلمان ٿيا آهن.

ڪتائي: بڙدي بلوچن جي بجاراڻي قبيلي جي بهلڪاڻي پاڙي مان هڪڙي ٽڪ جو نالو آهي. شڪاري ڪ. ڏاڙ جي نسبت سان هي ذات يا پاڙي جا "ڪتائي" سڏجن ٿا. گمبٽ جي پرسان ناريجا وينا آهن. جو هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ڪتائي" آهي.

ڪترا: لسٻيلي جي ڇاموٽن جو پاڙو آهي.

ڪَتِريا: سما ۽ ملاح آهن. لاڙڪاڻي جي طرف وينا آهن. آبڙ ۾ اڇن ٿا.

ڪُتِريا: جمالي بلوچن جو پاڙو آهي. [illegible]

ڪُتِڑا: هڪ سماڻ ذات آهي.

ڪَتَڪَ: هڪ سماڻ ذات آهي.

ڪَتَهڙ: هڪ سماڻ ذات آهي.

ڪَتاڻي: سمن جي ذات آهي.

ڪَٿَوَر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪَٿيڪَ: ڇهڙن جو پاڙو آهي. حرام ڪائيندڙ هندو آهن.

ڪتا (ڪُتيا): سمن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. هي آبڙ ۾ اڇن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن. 1 ٽرياڻي، 2 جنجاڻي، 3 ريڊر، 4 گيهي، 5 قلباڻي، 6 گيداڻي، 7 مهواڻي، 8 لمبور.

ڪَتارَ ڪُتِيا: سمن جو پاڙو آهي.

ڪتانا: ديره غازيخان کان آيل جت آهن.

ڪَتِپارَ: سمن جو پاڙو آهي. هي ملاحن مان آهن. هنن جي هڪ پاڙي جو نالو "موساڻي" آهي. ڪن ڪن جاين تي هي ڪوري به سڏجن ٿا. ڪتپار ۽ ڪتپر هڪ ئي لفظ آهي.

ڪتيال: سما ملاح آهن.

ڪَتِپرَ: ڪوري ميمڻن جو پاڙو آهي.

ڪَتر (ڪتر): لوهاڻن جي هڪ نڪ جو نالو. سنڌ وارا ڪتر ۽ پنجاب کان آيل "ڪتر" سڏجن ٿا.

ڪَتلا: راجپوتانا کان لڏي آيل راجپوتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. ڪتلا هڪڙي ڳوٺ جو نالو آهي. ان ڳوٺ جي وجهه تسميه سبب هي "ڪتلا" سڏجن ٿا. ڪراچيءَ ۾ ڪافي تعداد ۾ رهن ٿا.

ڪٽوال: هڪ سماڻ ذات جو نالو.

ڪٽوچ (پٺانيا): سورج بنسي ۽ چندر بنسي راجپوتن جو اولاد آهن. سندن مورث اعليٰ پوم چند هو. هي چون ٿا تہ اسان پوميہ (زمين) ۽ پگوتي جي ابرو جي پگهر مان پيدا ٿيل آهيون. هي مغرور آهن. چوٿي آهي تہ ڪٽوچ جي گهر م ڪم ڪندڙ خدمتگار کي چان جي ماني ۽ خوشامند ڪندڙ کي اعليٰ قسم جا حانور ملن ٿا.

ڪٽوهڙ: بڙدي بلوچن جي حاجيجا شاخ مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. ڪن جاين تي ڪٽوهڙ تہ ڪن جاين تي بڙدي سڏجن ٿا. ڪٽوهڙن جا ڇڳا مڙس حاجي. جعفر خان ۽ غلام خان حاجيجو جعفر آباد وارا آهن.

هڪ روايت موجب ڪٽوهڙ (ڪٽهڙ) بلوچن جا جت هئا. انن تي سندن جنگي سامان ۽ لڏ پلاڻ ڪندا هئا. جنهن ڪري هي ان وقت جت بہ سڏبا هئا. هنن جا خاص پاڙا آهن. 1 ڏاهاڻي. 2 ماڻاڻي. 3 مريداڻي. 4 مغلاڻي. 5 عارباڻي.

ڪٽهريا: هندن جي هڪ نک جو نالو. ڏنجاڻي ۽ سڏناڻي پڻ هن نک مان آهن.

ڪَٽِيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪُٽِيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪٽي خيل: آفريدي پٺاڻن جي ڪوڪي خيل قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. ڪٽي خيل. ملڪ دين خيل قبيلي جو پڻ پاڙو آهي. هنن جو خاص پاڙو "دولت خيل" آهي.

ڪَٽَر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪٽرانزئي: ڪمال زئي ڪابلي پٺاڻن جو پاڙو آهي.

ڪَٽِيرا: سنڌيا ذات جي پاڙي جو نالو آهي (نندو محمد خان).

ڪپچاڻي: رندن جو پاڙو آهي. بلوچ رند کي انن پٽن مان هڪ جو نالو ڪوپچ خان هو. ان جي اولاد پاڻ کي "ڪپچاڻي" سڏايو.

میر چاکر خان رند
|
سيهہ دار
|
میر رند خان
|
بلوچ خان
|
ڪوپچ خان
|
ڪپچاڻي بلوچ

ڪَپراڻي: ڪرمتي جت بلوچن جو پاڙو آهي.

ڪَبِري: تالبرن جو پاڙو آهي. اڄ ڪلهه هي ذات طور سڏجن ٿا.

ڪَبِير: هندو ڪتربن جو پاڙو آهي. هي پنهنجي نالي جي منڊ ۾ "ملڪ" لفظ لڳائيندا آهن.

ڪَجواٽي: لسبيلي ۾ رهندڙ جت بلوچ آهن.

ڪَجَرَ (ڪنجر): هيءَ هڪ خراب لفظ آهي. جيڪو عورتن جي زنا ڪاريءَ جي دلالي سان واسطو رکي ٿو. ليڪن دهليءَ ۾ هڪ سيلاني شڪاري قبيلي جو نالو "ڪجر" آهي. جن جو ڪم گدڙ، بگهڙ، گوهن وغيره جو شڪار ڪري بيٺ پالڻ آهي. ٻُهارا ۽ برش ناهي وڪڻن ٿا. ڦٽ ڦوڙين جو علاج ڪن ٿا. هن خاندان مان دهلي دربار جا جلاد ٿي گذريا آهن. ان ڪري هي جُلادُ به سڏجن ٿا. ڪراچي ۾ به رهن ٿا.

ڪَچا: چاچڙن جي جگانند قبيلي جو پاڙو آهي.

ڪچالا: ڪتاب تواريخ ديره غازيخان ص 110 موجب "ڪچالا" جت آهن.

ڪچائي: رندن جو پاڙو آهي. لغارين ۾ پڻ "ڪچائي" آهن.

ڪچريا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪچڪ: رندن جو پاڙو آهي. لشڪر خان هنن جو ڇگو مڙس هو. مرين هنن کي تمام گهڻو نقصان پهچايو. ايتري قدر جو هنن جي گهرن کي باهه ڏناڻون. ڇوٽاتي رند هنن جي راڄ جا آهن.

ڪچڪ: هڪ بروهي قبيلي جو نالو آهي. راءِ بهادر هتورام جي لکڻ موجب هي رندن جا واسطيدار آهن. جن جو اصل وطن "سراوان" آهي.

ڪَچَهلا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪَچيلا: سومرن جو پاڙو آهي.

ڪَچار: چنن جو پاڙو آهي ڪوهستان ۽ ڪاڇي جي ڪڇ ۽ دامن ۾ رهائشي نسبت سان "ڪچار" سڏجن ٿا.

ڪَچڑا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. درياڻن ۽ ڏنڊن ۾ پائيءَ جي جانور "ڪچونءَ" جو شڪار ڪري ان جو گوشت کائيندا آهن. ان ڪچونءَ جي نسبت سان هي ذات جا "ڪچڑا" سڏجن ٿا.

ڪَچَڻ: سما ملاح آهن.

ڪَچِمي: سمن جو پاڙو آهي.

ڪَچُو: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هي خيربورميرس ۽ ٻ

ڪَچُوا: راجا چندر ونسي جي نسل مان راجپوت پاڙو آهي. هي هندو آهن.

ڪَچي: ڪڇ ڀڄ کان آيل ماڻهن کي ٿا چون. ڪچي هڪ وڏي قوم آهي. جنهن ۾ ٻيون ڪافي ذاتيون

شامل آهن. اهڙين ذاتين ۾ خاص "ميمڻ" آهن. جيڪي "ڪڇي ميمڻ" سڏجن ٿا. ڇون ٿا ته "ڪڇي" ذات وارا چوهاڻ راجپوت آهن. هندن ۾ پڻ ڪڇي پاڙو آهي. هن پاڙي وارا تعلقي سجاول ۾ رهن ٿا.

ڪَڇِيا: ڪڇ کان آيل هڪ مسلمان ذات آهي. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

ڪڇيلا: سمن جو پاڙو آهي.

ڪَدناڻي: سمن جو پاڙو آهي.

ڪَدي: ڪيراني پناڻن جو پاڙو آهي.

ڪُڏائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ساموندي پٽي ۽ لاڙ ۾ رهن ٿا.

ڪُڏيچا: ٽري مينگهواڙن جي ذات آهي.

ڪَدَڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هي غير سمات آهن.

ڪُذا: گڏري شنباڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

ڪُرا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

ڪِراڙ: ماروارڙ جي وينل هندو قوم آهي. جيڪي وشنو ديوتا جا پوڄاري آهن. هي ڪا بہ رت وندي شيءِ کائيندا آهن. ڪن ڪن جاين تي واڻيا، لوهاڻا ۽ بيراڳي پڻ "ڪراڙ" سڏبا آهن. هي ٽر ۾ عام آهن.

ڪراڙي: هندو قوم جي ذات آهي.

ڪَرالَ: هزاره ۽ ڪشمير جي جبلن جا رهاڪو مسلمان آهن. چيال ۽ سرارا هنن مان آ ٻ

ڪِرال: هي راجا رسالو جي ملڪ جي بطن مان هڪ ڀهاريدار آشنا جو اولاد آهن. ڪتاب پنجاب ڪي ذاتين ص 385 موجب ڪرال، سيال، ٽوانا ۽ گيهو پاڻ ۾ پائر ٽين.

ڪراڻي: ڇهڙن جي ذات آهي.

ڪَرتِيا: سرائي قوم جي ذات آهي. هڪ ٻي تحقيق موجب بني عباس جي ستن شاخن مان هڪ شاخ جو نالو "ڪرتيا" آهي. هي سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

ڪُرتِيا: سما ملاح آهن. لاڙڪاڻي جي طرف رهن ٿا.

ڪرتيلا: ڪترين جو پاڙو آهي.

ڪُرتيوال: جتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

ڪرپالاڻي: هندو ذات جو پاڙو آهي. جيڪي موٽڻ پوتا ۽ ڇڳهه نڪ مان آهن. هي ديوان ڪرپارام جو اولاد آهن. هي عامل ۽ پائيبند بہ سڏجن ٿا.

ڪرپاٽي: جمالي بلوچن جو پاڙو آهي.

ڪرپلاڻي: عامل هندو گهراڻي مان آهن. برفتن جو پڻ پاڙو آهي. هنن جي پنڌيان ٽمن جو نالو "ڪرچات" آهي.

ڪرچاريا: هڪ مسلمان ذات آهي.

ڪُردَ (ڪُڙد): ايران ڪان آيل سراواني پلوي بروهي آهن. جن جو واسطو رئيسائي سرداريءَ سان آهي. هينري پاٽنجر هنن کي "ڪوردا" لکيو آهي. م - ڪ پيڪولين ڪتاب "بلوچ" م ڪورد لکيو آهي. هينري پاٽنجر ۽ م- ڪ پيڪولين هنن کي نهروي بلوچ ڪري لکيو آهي. جنجو سردار الف خان هو. ڪي مصنف ڪردن کي "شهيدي" پڻ چون ٿا. مزارين م بہ آهن. راء بهادر هتورام جي لکڻ موجب ڪرد اصل م "عرب" آهن. صلاح الدين ايوبي ڪرد بلوچ هو. جنهن 1117ع م بيت المقدس آزاد ڪرايو هو.

ڪردن جا خاص پاڙا آهن: 1 برهان زئي، 2 جمشيد زئي، 3 رحمان زئي، 4 مديزئي، 5 ڪرمون زئي، 6 زردارزئي، 7 شدن زئي، 8 مسوداڻي، 9 گرگيز ئي، 10 شاديزئي، 11 محمد زئي، 12 قلان زئي، 13 صفرزئي، 14 سانڪڙئي، 15 برزاني، 16 طالباني.

نشته دران دشت بيسار کوچ

افغان ولاچين وکرد و بلوچ.

ڪردگالي: ايراني ڪردن جي نسل مان بروهي آهن. قلات ۽ ڪوهستان م سندن وڏو تعداد رهي ٿو.

ڪُرڙ: هڪ سماٽ ذات آهي. هالن جي پرسان وينا آهن.

ڪرسي: جتوئي بلوچن جو پاڙو آهي. تڙت، مصراڻي، حيدراڻي. زنگيجا هن جي برادريءَ وارا آهن.

ڪرشناڻي: هندن جي ذات آهي.

ڪرڪاٽو: پيلن، جهڙن ۽ پنگين جي ذات آهي.

ڪَرڪَٽ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪرڪل: برهمڻ ڪنرين جي هڪ نڪ جو نالو.

ڪُرڪَلا: هڪ غير سماٽ ذات آهي.

ڪرُڪلي (ڪلڪي): لغاري بلوچن جو پاڙو آهي.

ڪرلاٽري: هي دلداڪ پناڻ آهن. هنن کي ڪودائي پناڻ پڻ چون ٿا. هي ڪرلان جو اولاد آهي. هي بڏمت جا پوڄاري هٿا. محمود غزنويءَ جي ڪوشش سان مسلمان ٿيا. هنن جو اولاد سنڌ م رهي ٿو. بنگش پناڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ڪرلاٽري" آهي. ڪرلان جي هڪڙي پٽ جو نالو "ڪڪ" هو. جنهن مان "ڪڪئي" پناڻ آهن.

ڪرما: سمن جي ذات آهي.

ڪَرماڻي: لاشارين. نظاماڻين ۽ هندن جي پاڻ جونالو آهي. ڪرمتين جي هڊيه شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

ڪِرماڻي (ڪرماني): لفظ جي معنيٰ آهي، "تلوار". ڪرماڻي دريشڪ بلوچن. پٺين ۽ جتن جي پاڻ جو نالو آهي.

ڪَرمَتي: چانديا بلوچن جي شاخ آهي. مرزا قليچ بيگ جي لکڻ موجب ڪرمتي، مڪران ۾ هڪڙي مڪان "ڪرمت" ٻنيان سڏجن ٿا. جتان هي لڏي اچي سنڌ ۾ وينا. هي جت بلوچ آهن.

جنت السنڌ ۾ لکيل آهي ته ڪرمتي عمان کان اچي مڪران ۾ آباد ٿيا. جتي ميدن. ڪورن ۽ جتن سان لڙيا ۽ بعد ۾ سنڌ ۽ مڪران جي رندن سان مٽيون مائٽيون ڪيائون. منهنجي تحقيق موجب عمان کان ڪلمتي آيا هئا نه ڪرمتي. ڪرمتي هوت جي اولاد مان آهن. هوت، مير جلال کي عجوبه نالي زال مان مڪران ۾ پيدا ٿيو هو. هوت جو اولاد چانديا آهن. چانديين مان ڪرمتي آهن. مڪران ۾ رهڻ ڪري مڪراني سڏجن لڳا. رندن ۽ جتن سان عزازت ڪرڻ ڪري رند ۽ جت سڏجڻ لڳا. لفظ قرمطي (شيعا). ڪلمتي (رند بلوچ) ۽ ڪرمتي (هوت چانديا) جي ويجهڙائي ۽ هڪجهڙائيء ڪري محقق کين قرمطي. ڪلمتي ۽ ڪرمتي هڪ ئي سمجهه ۾ هڪجهڙو سمجهڻ لڳا ۽ لکڻ لڳا. ليڪڻ جي ڳالهه ۾ ڪافي فرق آهي. قرمطي ملتان کان آيل شيعا آهن. جيڪي شيعا مذهبي ۽ سياسي پيروڪارن جو اولاد آهن. هي ڪرمتي نه آهن. ڪلمتي رند بلوچن جو خاص ۽ مشهور پاڙو آهي. بلاشڪ ڪرمتين رندن مان شاديون ڪيون هيون پر هي رند ۽ ڪلمتي نه آهن. ڪلمتي خالص رند آهن ۽ ڪرمتي چانديا هوت آهن.

م - ڪ بيڪولين ڪرمتين کي گڏيل سڏيل بلوچ چئي ٿو. چاڪاڻ ته پاڻ چانديا آهن. هنن رند بلوچن، مڪراني بلوچن ۽ جت بلوچن سان مٽيون مائٽيون ڪيون. جنهن ڪري سندن اولاد ۽ قوم گڏيل سڏيل پيدا ٿي. ان ڪري هي گڏيل سڏيل (Mixed) بلوچ آهن. انهيءَ سبب ڪري لفظ ڪرمتي. ڪلمتي ۽ قرمطي ۾ ڪا به تميز يا سجاڻپ باقي نه رهي. ڪتاب وادي لياري ص 144 تي لکيل آهي ته ڪرمتي غير بلوچ آهن. هي 1494ع ۾ هنگلاج کان نڪري لسبيلي مان ٿيندا سنڌ ۾ داخل ٿيا. هنن جو وڏو راڏو (مغل دور) هو. مير گل خان نصير ڪتاب "بلوچستان قديم اور جديد تاريخ کي روشني مين" ص 203 تي ۽ جسٽس خدا بخش مري ڪتاب "بلوچستان تاريخ جي آئيني ۾" ص 53 تي لکن ٿا ته ڪرمتي "غير بلوچ" آهن. ايم لونگ ورٿ ڊيمز پنهنجي ڪتاب "دي ٽينوگرافي اينڊ هسٽاريڪل اسڪيچ آف بلوچ ريس ۾ لکي ٿو ته غالبًا ڪرمتي غير بلوچ آهن.

هڪ ٻئي تاريخي حوالي موجب ۽ ايس. صادق علي جي لکڻ موجب (ص 22 - 21) ته ڪرمتي چانديا آهن. هي ڪيچ مڪران جا حاڪم هئا. هنن کي مظفرالدين بادشاهه شڪست ڏني ۽ انهن مان ڪجهه ڀڄي وڃي

ڪرمت واري هنڌ تي پناھ ورتي. پوءِ لڪ خاطر هي پاڻ کي قرمطي. ڪلمتي ۽ ڪرمتي چوائڻ لڳا. ڪجھ سالن بعد هنن اچي ميرپور ساڪري ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ اتي پاڻ کي ھڪ آزاد قبيلي جي صورت ۾ "ڪرمتي" بلوچ سڏائڻ لڳا. ان وقت هنن جا وڏا ملڪ غلام شاھ ڪرمتي ۽ ملڪ دولت خان ڪرمتي جت بلوچ ھئا. هنن جو مقابلو جوڪين سان ٿيو ھو. وڏھندي ۾ ڪرمتي جوان ڪسجي ويا ھئا. جن مٿان سندن عورتن ۾ قبرون ٺھرايون ھيون. جن کي "ماھين" چون ٿا. اتان جا ماڻھو انھن قبرن کي ڏيوري پڻ چون ٿا. هي قبرون (نل) گھاري لڳ پنپور جي پڙي جي اتر ۾ آھن. ھڪ ٻئي حوالي موجب ڪرمتي نوت خان جو اولاد آھن. جن جو شجرہ ھن ريت آھي.



هوت خان ۽ پنهون خان ننڍي ماءُ مان ۽ سڳا ڀائر ھئا. جن جو واسطو سسئي پنهون جي داستان سان ھو.

ڪرمتين جا خاص پاڙا هن طرح آھن: 1 احمداڻي. 2 الھنداڻي. 3 بابراڻي. 4 بازي. 5 بالوط. 6 بگھياڙ. 7 ٻوا. 8 جامبري. 9 جانوري. 10 ڇگاڻي. 11 خچراڻي. 12 رڇيرا. 13 راڇواڻي. 14 زنگياڻي. 15 شولاڻي. 16 غلاڻي. 17 ڪپراڻي. 18 ڪشماڻي. 19 ڪيراڻي. 20 گبول. 21 گوراڻي. (گورائي). 22 گنبا.

23 لٽي. 24 ماروا. 25 ماوداڻي. 26 مچڙ. 27 مُرگهر. 28 مُندرا. 29 منڊيار. 30 مهيري. 31 هديهه. 32 جماري. 33 گورهئي (گورئي). 34 چولاڻي. 35 پيروزاڻي. 36 بحاري. 37 نوندائي. 38 ملڪاڻي. 39 ٻاڻوٽ يا ٻاهوت. 40 دٻائي جت. 41 گلڙي. بلوچستان ۾ سنڌ جي سڃاڻ ۾ پارکن وٽان معلوم ٿيو ته ڪ متي جت بلوچن جا ايڪيهه وڏا ڪيڙ ۾ سندن سوين پاڙا آهن. جن جو چارٽ پيش ڪجي ٿو.

سيريل	قبيلو/شاخ/پاڙو	پٽ/پاڙو/ڦري/لڙهي/ وراڻي
1.	ملڪاڻي	1. الهبنداڻي 2. ببراڻي 3. حملاڻي 4. علي محمداڻي ۽ 5. محمداڻي
2.	پٹوا	1. بشاماڻي 2. بجاراڻي 3. پجاڻي 4. پيدازاڻي 5. پير محمداڻي 6. جانداراڻي 7. جانواڻي 8. جيئنداڻي 9. حمراڻي 10. چندواڻي 11. خاناڻي 12. خالقڏناڻي 13. درياڻي 14. ڏڻيڏناڻي 15. سائينداداڻي 16. سومارائي 17. سوجاڻي 18. صابواڻي 19. علي خاناڻي 20. عيدواڻي 21. غلام ماڻي 22. قادرناڻي 23. قيصراڻي 24. ڪلاڻي 25. لونگاڻي 26. متاراڻي 27. مناڻي 28. مصرياڻي 29. مرتياڻي 30. ملهوغاڻي 31. ميواڻي 32. محبواڻي 33. موليڏناڻي 34. ناٺاڻي 35. نوتڪاڻي
3.	بگهياڙ	1. پنهياڻي 2. ٺڪراڻي 3. رودٺاڻي 4. سرماڻي 5. عالياڻي 6. ميراناڻي 7. مليراڻي ۽ 8 نندائي
4.	احمداڻي	1. احمداڻي ۽ 2 بازي
5.	جانوري	1. بلنداڻي 2. بناڻي 3. بهاوالداڻي 4. جنگناڻي 5. چولياڻي 6. چٽاڻي 7. حملاڻي 8. دائوداڻي 9. دودائي 10. رجباڻي 11. رحيماڻي 12. زهراڻي 13. سوماراڻي 14. شيراڻي 15. صادقاڻي 16. صالحياڻي 17. گلماڻي 18. گوماڻي 19. معارفاڻي 20. مهراڻي 21. ميواڻي 22. وريائي ۽ 23. وليداداڻي.
6.	جماري	1. احمداڻي 2. بنگلاڻي 3 چاڪراڻي 4. حسناڻي 5. زرياڻي 6. سالاراڻي 7. قاضياڻي 8. قيصراڻي 9. ڪنداڻي 10. فتحياڻي 11. علوداڻي 12. منناراڻي 13. نندائي 14. ننگراڻي 15. نهالاڻي ۽ 16. وريائي.
7.	ٻاڻوٽ	1. الهرکياڻي (حافظاڻي) 2. اڳاراڻي 3. جاڙاڻي 4. جيئنداڻي 5. سومارائي 6. عثماناڻي 7. گلواڻي 8. مناڻي 9. مرزاناڻي ۽ 10. محمداڻي
8.	راڏا اڳاريا	1. بجاراڻي 2. پناڻ 3. پجاڻي 4. جيئنداڻي 5. داواڻي 6. راڏاڻي

		7. سليماناڻي 8. سيهوڻاڻي 9. ڪارائي 10. ڪڪائي ۽ 11. ميراناڻي
9.	راڏا بنديجا	1. بليجا 2. باندڻ پوڻا 3. ٽوبديپوڻا 4. ٽونڊا 5. درائي 6. سارئي پوڻ 7. سجا 8. ڪڙيرا 9. عمر 10. مزائي ۽ 11. موسيپوڻا
10.	راڏا جت ملڪاڻي	1. حمراڻي 2. لاکاڻي 3. ٻير
11.	ربائي جت	1. اڏ لکي 2. الواڻي (علواڻي) 3. پٺاڻي 4. جماڻي 5. ڏونگاڻي 6. سياهي 7. ڪلاڻي 8. مولواڻي ۽ 9. ونڻاڻي
12.	زنگياڻي	1. آدماڻي 2. احمداڻي 3. اپوڙاڻي 4. بنگلاڻي 5. بگٽياڻي 6. بهراماڻي 7. پيروزاڻي 8. جاڳواڻي 9. جيٺنداڻي 10. چاڪراڻي 11. چٽاڻي 12. ڏاندڻي 13. ريدار 14. راهواڻي 15. رودٽاڻي 16. ساجناڻي 17. سوماراڻي 18. سومراڻي 19. شريشاڻي 20. شهاڻي 21. شيرواڻي 22. عالياڻي 22. فتحياڻي 24. قائماڻي 25. ڪانواڻي 26. گانگواڻي 27. گهٽواڻي 28. محمداڻي 29. محراباڻي 30. مڏهاڻي 31. مرداڻي 32. ميراڻي 33. ميرخاناڻي 34. مياڻي 35. نندڻي 36. لاڏواڻي 37. لالواڻي ۽ 38. هاديبخشاڻي.
13.	شولاڻي	1. اوناڙي 2. بنياڻي 3. جماڻي 4. ڏيواڻي 5. ڏولنگاڻي 6. طهرياڻي 7 عيساني 8. سعيت 9. ڪانواڻي ۽ 10. محلاڻي.
14.	گبول	1. اميد علياڻي 2. بجاراڻي 3. بنياڻي 4. ٽيياڻي 5. جوگياڻي 6. راڏاڻي 7. سوجاڻي 8. صفراڻي 9. قيصراڻي 10. قادرناڻي 11. عيسباڻي 12. کيرواڻي 13. لاکاڻي 14. هالماڻي 15. مبارکاڻي 16. ملوکاڻي 17. نوتاڻي
15.	گلڙي	1. جماراڻي 2. جراراڻي 3. شاهياڻي 4.صالحياڻي 5. عيساڻي 6. ڪلاڻي ۽ 7 مزاراڻي
16.	ڳورڻي	1. بکراڻي 2. ٽونڊا 3. پوپٽاڻي 4. چاکراڻي 5. چوٽاڻي 6. حمراڻي 7. درواڻي 8. ربواڻي 9. سچيناڻي 10. صاحبناڻي 11. عمراڻي 12. ڪلاڻي 13. قيصراڻي 14. کٽڙاڻي 15. مناڻي 16. منداڻي 17. ناٽاڻي
17.	لٽينگ/ لٽيگ	1. ببراڻي 2. بگهياڙ 3. پٺوا 4. حملاڻي 5. سعيت 6. محمداڻي 7 مرگهر ۽ 8 هديه

18.	لجيرا (رجيرا)	1. آسودا 2. بنداڻي 3. پارواڻي 4. پجاڻي 5. پيروراڻي 6. جاڙاڻي 7. جانياڻي 8. حاجاڻي 9. دوستاڻي 10. ڏاوڙيا 11. ڏاها 12. راڏاڻي 13. راهواڻي 14. سوماراڻي 15. عيساڻي 16. صوپاڻي 17. ڪوهيواڻي 18. گنبا 19. لانديا 20. لوڪا 21. لڪاڻي 22. مراداڻي 23. مروحا 24. ملهواڻي 25. ممبراڻي 26. مير حبا ساڻي 27. واڏاڻي ۽ 28. وراجاڻي
19.	مُرگهر	1. ناروائي 2. پنايائي 3. چاگاڻي 4. خوشحالاڻي 5. راجوڻي 6. سپاڙ 7 سماڻي 8. شاهياڻي 9. شنباڻي 10. صوپواڻي 11. عالياڻي 12. عيسباڻي 13. کهيراڻي 14. گنجاڻي 15. مير خاناڻي ۽ 16 وریاڻي
20.	مُهيري	1. آچاراڻي 2. بکراڻي 3. بيڙاڻي 4. پاواڻي 5. پليلاڻي 6. ناروائي 7. پارپياڻي 8. پيراڻاڻي 9. پيروزاڻي 10. جلالاڻي 11. جهنگلاڻي 12. چنگلاڻي 13. حيجباڻي 14. خاناڻي 15. خميساڻي 16. خودواڻي 17. ربواڻي 18. سوماراڻي 19. شالاڻي 20. شنباڻي 21. شهداداڻي 22. شهميراڻي 23. شيراڻي 24. فيضواڻي 25. قيصراڻي 26. کاراڻي 27 کلاڻي 28. لانديا 29. لهاکاڻي 30. مناڻي 31. مُلاڻي 32. مياندادائي 33. نوتکاڻي 34. نوڏاڻي ۽ 35. هوتاڻي
21.	هديه	1. برهماڻي 2. دریاخاناڻي 3. زنگي خاناڻي 4. سُمٹاڻي 5. قادرناڻي 6. کرماڻي 7. کيکواڻي ۽ 8 نوتياڻي

ڪرم شاهزئي: ڪتاب" بلوچ اور بلوچستان" ص 105 موجب ڪرم شاهزئي، ميرواڻي بروهين جو پاڙو آهي.

ڪرمياڻي: وسائي پوڙا چاندين جو هڪ پاڙو.

ڪرمناڻي: مير جتن جو هڪ پاڙو.

ڪرمواڻي: ڪولاچي رندن جو پاڙو آهي.

ڪَرموزئي: محمد شهي بروهين جي پاڙي جو نالو آهي. ساڳي وقت بگٹي بلوچن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ڪرموزئي" آهي. ڪردن ۾ پڻ ڪرموزئي آهن.

ڪرمي: هندن جي ذات آهي.

ڪَرَن: هڪ ٽري غير مسلم ذات آهي. نهڙين جي راهواڻي شاخ جو پڻ هڪ پاڙو. هي بہ ٽر ۾ رهن ٿا.

ڪَرناڻِي: هندن جي ذات آهي. سندن نک جو نالو "چگهہ" آهي.

ڪرناٽي: مسلمان ذات آهي.

ڪرنلاٽي: هندن جي ذات آهي. سندن نک جو نالو "منچنديا" آهي. اجواٽي، پاوناٽي، جگتياٽي ۽ گدواٽي هنن جا نڪڙيا مائٽ ٿين.

ڪرٽيگر (ڪرٽيگور): هندن جي ذات آهي.

ڪروچڪو: بروهي قوم جي ذات آهي.

ڪروڏي (ڪيٽائي): ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڪروڙ خاني: جڪراٽي بلوچن جو پاڙو آهي.

ڪروش: جتوئين جو پاڙو آهي.

ڪري: انڊڙن جي ذات آهي.

ڪري: بروهين جو پاڙو آهي.

ڪريا: ڪترين جي ذات آهي.

ڪرياگر: ٽري هندن جي ذات آهي.

ڪريچا: ٽري مينگهواڙن جي ذات آهي.

ڪريڙ پوٽا: جاکرن جي حسڻ پاڙي مان هڪ ٽڪ.

ڪريم پوٽا: شاهه عبدالڪريم بلڙي واري کي اٺ پٽ هئا. جن جو اولاد "ڪريم" پوٽا آهن، جيڪي پاڙي طور "ڪريم پوٽا" سڏجن ٿا.

ڪرينگر: هندن جي ذات آهي.

ڪڙاني: سيدقاف جو اولاد آهن، جيڪي امام حسن جي اولاد مان آهن، پناڻن جي هڪڙي قوم جو نالو "ڪڙاني" آهي، جنهن مان خٽڪ، شتبڪ ۽ لاڙڪان آهن.

ڪڙڪ: هڪ سماڻ ذات آهي.

ڪڙمي: لفظ سنسڪرت بوليءَ جي لفظ "ڪٽنبڪ" "ڪٽنبن" تان ورتل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، ڪٽنب پالينڌڙ. هاري ڪڙمي هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو آهي، هي ٽر ۾ رهن ٿا.

ڪڙوڪاٽي: جڪراٽي پاڙي مان هڪ ذات آهي.

ڪڙولائي: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڪڙَوڙا: ٽري هندن جي هڪ ذات آهي.

ڪڙيا: مٽيارين جي متعلوي سيدن جو پاڙو. سمات ۾ پڻ "ڪڙيا" آهن.

ڪڙياٽي: لسبيلي جي هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

ڪڙياٽي شيخ: بغداد کان آيل ڪڙيو شيخ جي اولاد کي "ڪڙياٽي شيخ" چون ٿا. هي لسبيلي ۾ آباد آهن.

ڪسانا: گوجرن جو پاڙو آهي.

ڪسر: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڪَسنبُ: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڪسيرا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڪشاني: شهواڻي بروهين جي حاجي زئي قبيلي مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

ڪَشتري: رام وڪرشن (سوم بنسي) جي اولاد مان هندو راجپوت آهن. جن مان پرمار، پرهاڙ، چوهاڻ ۽ چالو ڪيا آهن. هنن کي "ڪشتريه" پڻ چون ٿا.

ڪشماٽي: ڪرمتي جت بلوچن جو پاڙو آهي.

ڪشناٽي: هندن جي هڪڙي ذات جو نالو آهي.

ڪَڪَا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڪُڪَا: هندن جي هڪ نک جو نالو. اتمچنداڻي هن نک مان آهن.

ڪڪاٽي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. (بحوالہ: تاريخ سجاول). لاشاري بلوچن جي منڊير قبيلي جو پڻ هڪ پاڙو.

ڪُڪائي: ڪرمتين جي راڌا اڳاريا وَٽ جو هڪ پاڙو.

ڪَڪراٽي: مگسي بلوچن جو پاڙو آهي.

ڪَڪَريجا: هندن جي ذات آهي. جيڪا يادو ونس جي انڌڪ راجا مهاپوڄ جي پٽ "ڪڪر" جو اولاد آهن.

ڪَڪَڙا: غير سمات ذات آهي. ميرپور ماٽيلي ۾ رهن ٿا. هنن جو چوڻ آهي تہ اسان "سمات" آهيون.

ڪڪڙجا: هي غير سمات آهن.

ڪڪڙڏهه: مگرين جو هڪ پاڙو.

ڪڪڙيجا: هندن جي ذات آهي. هي اروڙ ونسي هندو آهن. هنن جو چوڻ آهي تہ ڪنهن جنگ ۾ وڙهندي بارود

ختم ٿي ويو ۽ ان جي بدران ککڙا (پٽريون) کم آندائون. تنهن ڪري سندن پويان "ککڙيجا" يعني ککڙن وارن جو اولاد سڏجڻ ۾ آيا. انبواڻي، پگواناڻي، ڪيسراڻي، مولچنداڻي، ۽ ڇڳاڻي هن نک جا آهن.

ڪُڪُسبا: سومرن جو هڪ پاڙو. جنهاڻ سومرو ۾ رهندڙ.

ڪَڪَئي: ڪ. ڪرلان پناڻ جو پٽ هو. ڪ جي اولاد پاڻ کي "ککئي" پناڻ ۽ "ڪرلاڻري" پناڻ سڏايو.

ڪُڪُيَارو: پٽين جي ذات آهي.

ککيزئي: برمهمند (مهمند) پناڻن جو پاڙو آهي. ڪن ڪن هنڌن تي هنن کي "ککوزئي" پڻ چون ٿا.

ڪَڪِي سَيد: حسيني سيدن جو پاڙو آهي.

ڪُلَ: اوسواڙ هندن جي ذات آهي. ڪُلَ لفظ پراڪرت ۽ سنسڪرت جو آهي، جنهنجي معنيٰ آهي ڪٽنب، خاندان، گهر، ذات، قوم.

ڪُلا: هڪ سماڻ ذات آهي. هنن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "ڏوبلا (ڏبرا) آهي. سنڌ ۾ رهن ٿا. حقيقت ۾ "ڪلا" شيخ حسين سومري جو اولاد آهن ۽ پاڻ سومرا آهن. شيخ حسين سومرو سيد محمد حسين عرف پير مراد شيرازيءَ جو خاص مريد هو. (بحوالہ: مهراڻ ص 188 4-1964ع محبوب علي چنا).

ڪُلا: هڪ سماڻ ذات. نوحاڻي بلوچن جو هڪ پاڙو. چون ٿا تہ عمر هيسباڻي نوحاڻي جي هڪ پٽ جو نالو ڪُلو هو، جنهن جو اولاد "ڪلا" آهن. هي بهادر هو سندس ناني جو نالو حسن هو. لاشارين طرفان رندن سان وڙهندي قتل ٿيو هو. چوٿي آهي تہ "ڪُلو عمر (پيءُ) هوندي پلو". مگرين جو پڻ هڪ پاڙو "ڪُلا" آهي.

ڪَلاب: مزاري بلوچن جي رستماڻي شاخ مان هڪڙو پاڙو آهي.

ڪلاڻري: هڪ غير سماڻ ذات آهي.

ڪَلاڻي: شايد خاصخيلين جي ڪنهن پاڙي کي ٿا چون (تحقيق طلب)

ڪلاڻي: هڪ سماڻ ذات آهي.

ڪُلاچِي: ڪُلاچ مڪران جا رهواسي بلوچ آهن. ڪلاچ جي رهائشي نسبت سان "ڪلاچي" سڏجن ٿا. روهين جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ڪلاچي" آهي. هي بہ ڪلاچ مڪران کان آيل آهن.

اڪثر محقق ڪلاچي ۽ ڪولاچيءَ ۾ تميز ڪونہ ٿا رکن. انهن لاءِ پڌرو ڪجي ٿو تہ ڪلاچي ۽ ڪولاچي جدا جدا لفظ ۽ ذاتيون آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ مورڙي ملاح جي اولاد مان مورڙي وٺا آهن، جن مان ڪلاچي، لاڙا ۽ بندري مشهور پاڙا آهن. جيڪي ابراهيم حيدري، شمس ڳوٺ، بابايٽ ۾ هن ٿا. (مهراڻ نمبر سال 1996ع ص 82).

ڪلادي (ڪلادئي): بروهي قوم جي پاڙي جو نالو آهي.

ڪَلاڙَ: اصل لفظ ڪلوڙ آهي. جو تبديل ٿي ڪلاڙ ٿيو آهي. هي مهاڻا (مئي فروش) آهن. "جي ڪات ڪلاڙ ڪڍيا. موٽئو پوءِ وڃن".

ڪَلالُ: سنسڪرت جي بن لفظ ڪليہ = شراب + پال (سريمن ساهہ) رکندڙ. ناهيندڙ. وڪڻندڙ جو مرڪب آهي جنهنجي معني آهي گُڏي وارو. هي مارواڙ ۽ راجپوتانا جا گهڻ ذات وارا هندو آهن. جيڪي شراب ناهي وڪ ڪن ٿا. جنيون ناهين ٿا. موجڪو ۽ سوچڪو ڪم ڪن ٿا. هي اچوت. پيل ۽ مينگهواڙ آهن. هي سنڌ جي ڪاف حصن ۾ رهن ٿا.

ڪَلالَ: سنسڪرت جو لفظ ڪُلَ مان ورتل آهي. جنهن جي معني آهي. نڪر جا ٿانو ناهڻ وارا. فارسي هنن کي گلال ۽ سنڌي ۾ ڪنپر چون ٿا. ڪلال. ڪنپرن جي ذات آهي.

بيت: **ڪيئا جي ڪلال، سي پسي خال خوش ٿيي،**
پاڻي چٽ پُسايا ڏاڻ نہ جهلي ڏمال،
سيڪ پانيا سوهڻي جويں جي جمال،
آکي جا احوال، معلم ٿيا مهراڻ ۾.
(شاهہ)

ڪلاڻي: اعوانن جو هڪ پاڙو. هي يحيائي اعوانن جا پائر ٿين.

ڪلاڻي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. (بحوالہ: تاريخ سجاول). ڪرمتين جي پٽوا. گلڙي. مهيري ۽ رباڙ شاخن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ڪلاڻي" آهي.

ڪَلپَر: جتن جي ذات آهي.

ڪلچي: لدو راجپوتن جو پاڙو آهي. هي اصل ۾ هوشيار پورجا آهن.

ڪَلچي پگوا: بروهي قوم جو پاڙو آهي.

ڪَلدي: جت قبيلي جي ذات آهي. هي اڪثر ڪري تڏا ناهين ٿا ۽ اڻ پالين ٿا.

ڪَلَرَ: سماٽي جت آهن. سمن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ڪلر" آهي. جهنجهي قبيلي ۾ پڻ "ڪلر" هڪ پاڙو.

ڪَلرا: سنڌ جا جت آهن. رڃرڊ برٽن پڻ هنن کي سنڌ جا جت لکيو آهي.

ڪلرائي: بگهين جو هڪ پاڙو.

ڪلرجا: ٽيبن جو پاڙو آهي.

كلرو: سماڻي جت آهن.

كَلِري: لاشارين جو پاڙو آهي.

كلريجا: هندن جي ذات آهي.

كلسان: گوجرن جو پاڙو آهي.

كلسيا (كلساكي): ميو مسلمانن جي پاڙي جو نالو آهي.

كَلغان: اعوان قبيلي جو پاڙو آهي.

كلكلي: مكراني بلوچن جي ذات آهي. كراچي ۽ اندروني سنڌ ۾ رهن ٿا.

كلماڻي: هڪ سمات ذات آهي.

كَلمتِي: كلمت ۽ كرمت مكران ۾ به جدا جدا هنڌ آهن. كرمتي هنڌ وارا رهاكو كرمتي هوت آهن ۽ كلمت جاءِ تي رهڻ وارا كلمتي رند آهن. قرمطي اجا جدا قوم آهي. هي در حقيقت ۾ شيعا آهن. جن لڙاين سبب سنڌ مان پاڇ كائي وڃي ملتان ۾ پناهه ورتي هئي ۽ اتي پاڻ كي "قرمطي" چوائڻ لڳا. محقق حضرات كي گذارش آهي ته لفظي تكراءُ كي خيال ۾ ركندي ٿنهي لفظن ۾ كين تميز كرڻ گهرجي.

اورنگزيب، كلمتي رند سردارن، سردار مير بجار خان ۽ مير بابر خان كي پوڏيسر كان لاهوري بندر ڏانهن ايندڙ ويندڙن جي حفاظت لاءِ مقرر كيو هو ۽ كين جاگيرون ۽ معاوضا ڏنا هئا. كلهوڙن ۽ ٽالپرن به سندن قدر كيو. انگريزن به سندن وفاداري كي پسند كندي جاگيرون بحال ركيون. كن كتابن ۾ لكيل آهي ته هي رند بلوچ آهن، جيكي ڏهين صديءَ ۾ الاحساءِ بحرين ۽ ايران كان ٽيندا حلب پهتا ۽ اتان اچي پسنيءَ ۾ آباد ٿيا. كلمت مكران كان ٽيندا اچي سنڌ وسايائون. هنن مان بابراٹين ۽ بجاراٹين تي سرداري پڳ هئي. كلمتي جوكيا، نومڑيا ۽ ميمڻ گڏجي انگريزن سان لڙيا هئا. ان وقت كلمتين جو اڳواڻ سردار ابراهيم خان هو. ۽ نومڑين جو سردار ملك احمد خان هو. اسماعيل بن گلو كلمتي 1460ع ۽ حمل بن جيئند كلمتي 1581ع ۾ جهازران هئا. كلمتين ۽ كرمتين جو چوڻ آهي ته اسان هڪ ئي قبيلي سان واسطو ركون ٿا ۽ اسان هوت بلوچ جو اولاد آهيون.

كلندوراٹي: هي مري بلوچن جي بجاراٹي شاخ مان آهن.

كلندي: سما خاندان جو پاڙو آهي.

كَلو (كلا): سميجا قبيلي جو هڪ پاڙو. هي كلو پٽ گجڻ پٽ كبر جو اولاد آهن.

كُلو: هڪ غير سمات ذات آهي.

ڪلوا: سما خاندان جو پاڙو آهي.

ڪلواڙ (ڪلوڙ): هڪ غير سماٽ ذات آهي. هي پاڻ کي "بلوچ" چوائين ٿا.

ڪلواڻ: هڪ غير سماٽ ذات آهي.

ڪلواٽي: مري بلوچن جي بجاراڻي شاخ مان آهن. چاندين جي سماراڻي پاڙي مان هڪ ذات جو نالو پڻ "ڪلواٽي" آهي.

ڪلواٽي: لاشاري بلوچن جو پاڙو آهي.

ڪلوڙ (ڪلوڙ): عباسي خاندان جي هڪ شاخ آهن. اها خبر نٿي پوي ته سندن نالو "ڪلوڙ" ڪيئن پيو. ڪلهوڙا به عباسي آهن. شايد ڪلوڙ، ڪلهوڙن جو ٻيو نالو هجي. بهرحال اتر سنڌ ۾ سندن ڪافي ڳوٺ آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 بابراڻي، 2 پورڙا، 3 چتاڻي، 4 حميداڻي، 5 زڪرياڻي، 6 قاسماڻي، 7 لاڀرياڻي، 8 لکاڻي، 9 مارفاڻي، 10 منداڻي، 11 نداماڻي، 12 نناڻي، 13 وراڻي. ايس - صادق عليءَ لکيو آهي ته ڪلوڙ ۽ ڪلهوڙا. قريشي الهاشمي خاندان جي شاخ بني عباسي مان آهن.

ڪلوزئي: شهواڻي بروهين جي حاجي زئي قبيلي مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. راءِ بهادر لکيو آهي ته "ڪلوزئي" جتڪ بروهي آهن.

ڪَلوٽ: سنسڪرت جو لفظ "ڪلاوت" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مطرب، گويو، ڳائڻو. هي هندن جي هڪ ذات آهي، جيڪي هندن جا درباري ڳائڻا آهن.

ڪلوغاٽي: گورچاٽي بلوچن جي هوتواڻي شاخ مان آهن.

ڪَلوئي: هنري پاٽنجر هنن کي رند لکيو آهي. پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي ڪلوئين کي رند ۽ لغارين جي پاڙن مان ڄاڻايو آهي. لکي شاهه صدر وٽ ڪلوئي راڄ جا ڪافي ماڻهو آباد آهن، جن وٽان معلوم ٿيو ته ڪلوئي رندن جو پاڙو آهي.

ڪَلها: هندو برهمڻن جي هڪ ذات آهي.

ڪلهاڙ: هڪ غير سماٽ ذات آهي.

ڪلهوڙا: حضرت عباس بن حضرت عبدالمطلب جي اولاد مان آهن. هنن جا وڏا بغداد جي خليفي معتصم عباسي جي ڏينهن ۾ دين جي تبليغ لاءِ سنڌ ۾ آيا. حيدرآباد جي پرسان ڪلور واريءَ ٽڪريءَ تي اچي آباد ٿيا. پاڻ ميان ۽ بزرگ سڏبا هئا، تنهن ڪري ڪلور والا جي بزرگ جي نالي سان مشهور ٿيا. اهو لفظ بگڙجي "ڪلهوڙا" ٿيو. ان ڏينهن کان وٺي هي ڪلهوڙا سڏجن ٿا. سندن شجرو (شجرن واري حصي ۾ ڏسندا).

سن 417 هـ / 1026ع ۾ سلطان محمود غزنوي سنڌ تي عبدالرزاق کي مقرر ڪيو. ان وقت بني عباس

جو قبيلو موجود هو. ان قبيلي مان ڪن ماڻهن پاڻ کي ڪلهوڙا چورائي شيعا مذهب اختيار ڪيو. مرزا قليچ بيگ جي لکڻ موجب ڪلهوڙا، عباسي ۽ دائود پوٽن جي شاخ آهن. ڪن جاين تي ڪلهوڙا، سرائي ۽ جت به آهن. ڪچيءَ ۾ وينل ڪلهوڙا چون ٿا ته اسان سنڌ جا سماٽي جت آهيون، هي فقير به سڏجن ٿا. ايس صادق علي هنن کي قريشي الهاشمي جي شاخ بنو عباس مان ڄاڻايو آهي. ڪلوڙ به هن شاخ مان آهن. حڪيم محمد صادق عباسي راڻيپور جو وينل هوءهن لکيو آهي ته ابراهيم عباسي صاحب ڪرامت ۽ درويش هو. هو "ڪلهو" يعني اڪيلو سنڌ ۾ آيو هو. جنهن ڪري پاڻ "ڪلهو" جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ پوءِ اهو لفظ بگڙجي "ڪلهوڙو" ٿيو. ان ڪري هن بعد هي ذات جا "ڪلهوڙا" سڏجن ٿا.

(بحواله: تاريخ سنڌ اردو جلد اول از غلام رسول مهر). ڪلهوڙا حاڪم ٿي رهيا آهن. جن سنڌ، لسبيلي ۽ بلوچستان تي حڪومت ڪئي، پنجاب جا به ڪجهه حصا هنن جي قبضي هيٺ هئا. هنن ڪاڻ تالپرن حڪومت ڪري پاڻ حاڪم ٿي وينا. ڪلهوڙن جا خاص پاڙا هن طرح آهن: 1 ابل، 2 ازلي، 3 اوداڻا، 4 بنهاڻي، 5 پٽا ڪلهوڙا، 6 پنگي، 7 تاسريا، 8 پنسا، 9 پيٽ ڦاٽا، 10 جهنجها، 11 حاڪماڻي، 12 خاڻي، 13 خوشحالاڻي، 14 خولرا، 15 ڏڏرا، 16 ڏوڪا (ڏڪا)، 17 ڏيمبا، 18 رانگا، 19 ڦاريرا، 20 ڦرا، 21 ڪالو، 22 ڪاڻيا، 23 ڪرتا، 24 ڪلهوڙا، 25 ڪندر، 26 ڪنڌاڻي، 27 ڪوري، 28 کهارا، 29 گانمراڻي، 30 گجراڻي، 31 گنجا، 32 گونڊل، 33 لاکا، 34 لوچي، 35 مچلا، 36 ملهاڻ، 37 منهنپوٽا، 38 مياري، 39 ننگراج، 40 ننگراجا، 41وڏ پاڳيا (وڏ پڳيا)، 42 پولا.

ڪتاب" جنت السنڌ" ص 448 فوٽ نوٽ ۾ رچرڊ برٽن جي حوالي سان لکيل آهي ته ڪلهوڙا اصل ۾ نو مسلم چنا قوم مان هئا. جي زور وٺڻ کان پوءِ پاڻ کي عباسي سڏائڻ لڳا. ليڪن وٽن کو شجرو ڪونه هو ۽ نه ئي وري وقت جا عالم سندن شجرو ڏاهي سگهيا.

سنڌ ۾ هڪ عباسي بزرگ "سهرا خطيب" نالي رهندو هو. جنهن وٽ پٽل جي تختيءَ تي سندس شجرو لکيل هو. ڪلهوڙن سندس ڳوٺ کي ساڙائي کيس مريدن سوڌو قتل ڪري. مٿين تختي حاصل ڪري پنهنجو شجرو ڏاهي پاڻ کي "عباسي ڪلهوڙا" سڏايو. انگريزي راڄ ۾ کين "ڄاموٽ" لکيو ويندو هو. سومرن وانگر ڪلهوڙا به اضطراب کان بچي نه سگهيا آهن. کي هنن کي عرب ته کي محمد ڇڏي (سماٽ) جو اولاد چون ٿا. ميان نور محمد ڪلهوڙي "تاريخ ڪلهوڙا"، "تحفته الڪرام"، "جواهر عباسيه" از محمد اعظم بن شيخ محمد صالح، "مراة دولت عباسيه" ۽ راءِ بهادر هتورام جي لکڻين مان معلوم ٿئي ٿو ته "ڪلهوڙا" حضرت عباس (عباسي) جي اولاد مان آهن. نه کي محمد چني جي اولاد مان چني پوٽا آهن. قابل قبول لفظ محمد چينو آهي نه کي محمد چنو. چينا بعد جا آهن ۽ چنا محمد بن قاسم کان به اڳ جا آهن. ڪلهوڙا بعد جي پيداوار آهن ۽ ان وقت درست لفظ چنا هو. دائود پوٽن جو نسب بين قبيلن مان پٽ آهي. جهڙوڪ، چنن مان

(کوري)، دائود پنائن مان، لسبيلي جي شاهوکن مان، نصرپور جي پاتولين، گراٽن ۽ پانڊياٽين مان ۽ بهاولپور جي عباسين مان. ڪن محققن جي راءِ آهي تہ ڪلهوڙا لفظ اصل ۾ "ڪلور" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ظلم، يعني ظلم ڪرڻ وارا (ظالم) ماڻهو. تاريخي حوالن مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪلهوڙا سنڌ جي بين قبيلن وانگر هميشہ سنڌ تي غيرن جي ڏاڍ ۽ تسلط جي خلاف پنهنجي قوت سان وڙهندا ٻہ آيا آهن. بهرحال ڪابہ ڪسوٽي ڪانهي جا ثابت ڪري يا پرکي تہ ڪلهوڙا سماٽ (سما) آهن يا عباسي.

ڪَلَهِيا: سومرن جو پاڙو آهي.

ڪَلِي: سمن ۽ سيالن جو پاڙو آهي. سرائڪي ڳالهائڻ وارا سيالن مان آهن. هنن جا ڪافي گهر موروثي آهن جيڪي سيالن مان آهن.

ڪليا: سما خاندان جي ذات آهي.

ڪَلَيار: سما خاندان جي ذات آهي. ڪتاب شاهان گوجر ۾ لکيل آهي تہ هي "چوهاڻ" آهن، جن جو واسطو گوجرن سان آهي.

ڪَلِيارَ: سماٽي جت ۽ سرائي جت آهن.

ڪَليارا: غير سماٽ ذات آهي.

ڪليانا: چهڙن جي ذات آهي. هندو آهن.

ڪَليتا: هندن جو قبيلو آهي، جنهن مان سنگهاڙا، ڪاچي، لوڌا ۽ لودا آهن.

ڪلي پوٽا: جاڪرن جي حسڻ پاڙي مان هڪ قري. جوڪين ۾ پڻ "ڪليپوتا" آهن، جيڪي ڪلو مريد جو اولاد آهن.

ڪَليري: ايس صادق علي هنن کي جت لکيو آهي. ڪتاب سماٽ جي ص 57 تي لکيل آهي تہ ڪليريَ "جت" آهن. ڏنو ويو آهي تہ ڪليري پاڻ کي بلوچ چوائين ٿا. ليڪن هي بلوچ نہ آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 بازرائي، 2 پورائي، 3 روهيلا.

ڪَليها: اوڏن جي ذات ۽ پاڙو آهي.

ڪماچا: رونجهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

ڪَمادَ: سمن جو پاڙو آهي.

ڪَمادي: پٺن جو پاڙو آهي.

ڪَمَارَ: ٽيبا ذات وارن جو پاڙو آهي.

ڪُماريا: ابڙن جو پاڙو آهي. شڪارپور ۾ جيڪب آباد ضلعن ۾ آباد آهن. ڪماريا خاندان تي ابڙن جي پڳ آهي. هن وقت همٿ علي خان ڪماريو پڳدار آهي. جيها، ككراڻي، جوڻيجا، هسراڻي، راهوجا ۽ ڦل پوٽا. ڪماريا ذات جو حصو آهن.

ڪَمالاڻي: پنهورن، ٿهيمن، پٽين ۽ ميمڻن جي پاڙن جو نالو آهي. ڪتاب مورو ناهي ٿورو جو مصنف جناب محمد منل ڪمالاڻي ذات جو ميمڻ آهي ۽ سندس پاڙو "ڪمالاڻي" آهي. مرين جي غزيني قبيلي مان مهڪاڻي شاخ جو هڪ پاڙو. هي ڪمال خان بن مستي خان مريءَ جو اولاد آهن.

ڪَمال زئي: ڪاڪڙ پناڻن جو پاڙو آهي. مندنر ڪابلي پناڻن مان عثمان زئي آهن. جن مان "ڪمال زئي" آهن.

ڪَمالو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪَمانَديا: سمن جو پاڙو آهي.

ڪَمانگر: فارسي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. ڪمان ناهڻ وارو. هڏن کي ڳنڍڻ وارو. اصطلاحي معنيٰ ۾ جاين جون ڪمانون ناهڻ وارو ڪاريگر. رنگ ڏيڻ وارو ڪاريگر وغيره. ڪمانگر هڪ ذات جو نالو آهي. هن ذات وارا علاؤ الدين خلجيءَ جا ماڻهو هئا. سنڌ تي حملن وقت هن سان گڏ هئا. سومرن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. شروع ۾ نول پير غوريءَ جا مريد ٿيا. هنن جا ڪجهه گهر سکر ۽ سيوهڻ ۾ آهن. ڪمانگرن جا خاص پاڙا آهن: 1 ٽاٽائي. 2 گجراتي. 3 لاڙائي. 4 سهاڳ.

ڪُماڻ: بنو عباس جي ستن شاخن مان هڪ شاخ جو نالو آهي. هن ذات وارا سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

ڪماڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪَمبليه: هي گدريا هندو آهن. ڪمبل ناهڻ جي ڪري ڪمبليه سڏجن ٿا. ٿر ۾ رهن ٿا.

ڪُمبوني: هڪ غير سمات مسلمان ذات آهي.

ڪمبوهه: پنجابي پٽين جو پاڙو آهي. سنڌ ۾ ڪافي جاين تي رهن ٿا. ڪتابن ۾ لکيل آهي ته هي آرائين آهن. ليڪن آرائين هنن کي گهٽ درجي جا سمجهن ٿا. ڇاڪاڻ ته هي پنهنجون ڏيئرون (سڳ) پٽسن تي وڪڻن ٿا. ڪمبوهه جي به معنيٰ سڳ وڪڻڻ آهي. هي مسلمان ۽ هندو آهن. هنن جو اصل وطن فيروز پور، پٽيالي. ناپا ۽ مالير ڪوٽلا آهي. سندن خاص پاڙا آهن: انمال. ٽند. جورا. جمون. جوسان. جهنڊي. ڏوت ۽ مهروڪ.

ڪمٽي: هڪ غير سمات ذات آهي.

ڪمٽڪ: شيدين جي ذات آهي. ڪٽي ڪٽي هي "ڪمٽ" جي نالي سان به سڏجن ٿا.

ڪُمريجا: سمن جو پاڙو آهي، هي آبڙ ۾ شمار آهن.

ڪمڪاٽي: بگٽي بلوچن جي نوٽاٽي شاخ جو پاڙو آهي.

ڪمل: وانهان هندن جي هڪ نڪ جو نالو پاڳچنداٽي ۽ گرو سوائي صاحب جا پوئلڳ هن نڪ مان آهن.

ڪملا: سمن جو پاڙو آهي. ضلعي نواب شاهه ۽ ٽنڊي ۾ رهن ٿا.

ڪملاڻا: پنجاب کان آيل "سيال" آهن.

ڪملاٽي: لاشارين جو پاڙو آهي.

ڪُملي: پناڻن جو هڪ ڪيڙ.

ڪَمواٽي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ڏنڊن ۽ ڏورن ۾ پيدا ٿيندڙ "ڪمن" ڪيڏ جو ڪم ڪندا آهن ۽ اهي وڪڻندا آهن. جنهن نسبت سان هي "ڪمواٽي" سڏجن ٿا. لوڙهائي ۽ ڪمواٽي پاڻ ۾ پائر آهن. ايس صادق علي ڪمواٽيءَ جو ذڪر ص 62 جريان نمبر 137 تي ۽ لوڙهاين جو ذڪر ص 62 جريان نمبر 152 تي ڪيو آهي.

ڪمياني: پنجاب کان آيل "سيال" آهن.

ڪميجا: سمن جو پاڙو آهي. هي آبڙ ۾ اچن ٿا.

ڪُنا: ڇٽا چاڇڻ جو پاڙو آهي.

ڪَنادا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪِنادا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪنازئي: مندنر ڪابلي پناڻن جي هڪڙي شاخ جو نالو آتمان زئي آهن. جن مان "ڪنازئي" آهن. علي زئي، ڪنازئي ۽ اڪازئي پاڻ ۾ پائر آهن.

ڪنَاسرا: سما ۽ غير سما آهن. غير سما سرائي آهن.

ڪناند: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪنب: سمن جي ذات آهي.

ڪَنبرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪُنبراٽي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪَنبُويا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪُنبَار: هڪ سماٽ مسلمان ذات آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ اسان "سما" آهيون. ڪنب جي معني آهي وڏو پيالو. يعني منّيءَ جي ڀانوڻ جي ڪرت ڪندڙ.

کنپر: ڏکر جا ٽانو ٽاهڻ وارن کي کنپر چون ٿا. جيڪي ذات طور پاڻ کي کنپر، ڪلال، گلال چوائين ٿا. هي چون ٿا ته اسان "سما" آهيون. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 دول، 2 ڏوڏي، 3 ڪوڪر، 4 گولا، 5 مهار.

کنترئي: بروهي قوم جو پاڙو آهي.

کَنٺ: راجپوتانا کان آيل هندو کترين جي ذات آهي.

کنٽا: ٽري مينگهواڙن جي ذات آهي.

کنڻا: غير سمات گهٽ ذات آهي.

کَنجڙا: هندن جي ذات آهي. اڪثر ڪري سبزي فروش آهن.

کُنجڙيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ڪونج (ڪنج) پکيءَ جو شڪار ڪرڻ جي نسبت سان "کنجڙيا" سڏجن ٿا.

کُنجڻ: غير سمات ملاح ۽ مهاڻا آهن.

کنجاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

کَنداراڻي: ڇامر برفت جي هڪڙي پٽ جو نالو ڇامر همرڪ هو. ان جي اولاد مان حسن هو. جنهنجي پٽ جو نالو سپوٽوهو. کندراڻي، ان سپوٽو جو اولاد آهن، هي حسناڻي آهن.

کَنداڻي: جتن جي ذات آهي.

کُنداڻي: هندو قوم جي ذات آهي. ڪتاب بلوچ قوم اورا س ڪي تاريخ ص 348 موجب "کنداڻي" کندن خان رند بلوچ جو اولاد آهن. هنن جو شجره هن طرح آهي:

میر چاکر خان رند

|

سیهہ دار خان

|

میر رند خان

|

بلوچ خان

|

کندن خان رند

|

اولاد کنڈاڻي بلوچ

ڪُندرَ: سمن جو پاڙو آهي.

ڪُندر: سميجا قبيلي جو هڪ پاڙو. هي ڪندر پٽ گجڻ پٽ ڪبر جو اولاد آهن.

ڪندرالي: سمات ذات آهي.

ڪندراٹي: مري بلوچن جي لوهاراٹي شاخ مان آهن.

ڪندرو: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

ڪندل: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

ڪندلاٹي (ڪندوال): اعوانن جو هڪ پاڙو. هي عبدالله گولڙي جي پاءُ "محمد ڪندلان" جو اولاد آهن.

ڪُندي: پناڻ قوم جي ذات آهي.

ڪَنڊار: لاشارين جو پاڙو آهي.

ڪنڊاڙو: ننڍي ضلعي ۾ رهن ٿا. سمات آهن.

ڪَنڊر: انڊڙن جو پاڙو آهي. پنوعاقل ۾ رهن ٿا

ڪَنڊرا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

ڪنداٹي: برهماڻي برن جو پاڙو آهي. لسبيلي ۾ رهن ٿا. مير جتن ۾ پڻ آهن. ڪرمتين جي جماڻي شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

ڪُنداٹي: اونڻ جو هڪ پاڙو.

ڪَندائي: پيلارن (سومرا) جو هڪ پاڙو. پني عاقل طرف رهندڙ.

ڪندراھ: ملاح ۽ مهاٹا آهن. ڪاري ۾ رهن ٿا.

ڪندڙيا: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

ڪندل: گهرت هندن جو پاڙو آهي.

ڪندناٹي: ڪلهوڙن جي راڄ مان آهن.

ڪندي: نياڻي پناڻن جو پاڙو آهي.

ڪندياٹي: ڪوراڙن جو پاڙو آهي. هالپوٽن ۾ پڻ "ڪندياٹي" آهن.

ڪندپوٽا: سومرن جي راڄ مان آهن.

ڪُنديا: دلن جو هڪ پاڙو.

ڪَنياڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪَنياڻي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. (بحوالہ: تاريخ سجاول).

ڪنر: مسلمان سمات ذات آهي. خيرپور ميرس ۾ رهن ٿا.

ڪَنراڻي: بڙدي بلوچن جي بجاراڻي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. هنن کي "ڪبراڻي" ب چون ٿا.

ڪِنراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪنزئي: شهواڻي بروهين جي سحر زئي قبيلي جو پاڙو آهي.

ڪَنسِيرا: پنجاب کان لڏي آيل جات (جت) آهن.

ڪُنڪوار: سمات ذات آهي. ٿر ۾ رهن ٿا.

ڪنگ: اعوان قبيلي جو پاڙو آهي.

ڪَنگا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪُنگا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪُنگاڻي: گورچاڻي بلوچن جي چانگ قبيلي مان آهن. تاريخ سجاول ص 345 تي لکيل آهي تہ "ڪنگاڻي" ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. هن ذات وارا سجاول ۾ رهن ٿا.

ڪَنگٽيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ڪنگ پکيءَ جي شڪار ڪرڻ جي نسبت سان "ڪنگٽيا" سڏجن ٿا.

ڪنگراڻي: مرزا قليچ بيگ موجب "ڪنگراڻي، مري بلوچن جو پاڙو آهي. دوست خان مري ٽنبو مستيءَ واري پڻ ان کي درست قرار ڏنو آهي. هنن جي هڪڙي ذات جو نالو پڻ "ڪنگراڻي" آهي.

ڪنگراهي: جامع سنڌي لغات ۾ لکيل آهي تہ ڪنگراهي مري بلوچ آهن. هڪ ٻئي حوالي موجب هي بجاراڻي شاخ مان آهن.

ڪنگريا: سمن جو پاڙو آهي.

ڪنگڻ: تلسياڻي هندن جي هڪ آکيڙ جو نالو. هي پنهنجيون نياڻيون وڪڻن ٿا، ان ذليل ڪاروبار ڪري "ڪنگڻ" سڏجن ٿا.

ڪَنگڻ زئي: بزنجن جو پاڙو آهي.

ڪنگهائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪنلاڪ: فوفل پناڻن جو پاڙو آهي.

کنهار: ديره غازيخان کان آيل جت آهن.

کنهاڙ: ميمٽن جي هڪ پاڙي جو نالو. هالا شهر ۾ رهندڙ.

کنها: سکن جو پاڙو آهي، هي امرتسر جا رهاڪو آهن.

کني: مهراڻ رسالہ نمبر 4 سال 1989ع ص 113 تي لکيل آهي تہ دونگهہ، کني، درس ۽ خليفا، دائود پوٽن (کوري) جا پاڙا آهن، جن جو خاص ڏنڏو کيس ناهن آهي.

کنيا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

کنيال: هي هڪ مشترڪ ذاتين جو قبيلو آهي. پاڻ کي راجپوت نسل چوائين ٿا. مسلمان آهن.

کَنيتَ: هندن جي ذات آهي. هندن ۽ مغلن جي پيدائش مان مخلوط نسل آهن، کن هنڌن تي برهمڻ بہ سڏجن ٿا. خاص پاڙا آهن: رائو پنگلاٿا، خاصيا، ڪاسب، لستوري ۽ منگل.

کنير: پنجاب کان آيل ميربحر ۽ ملاح آهن. توريون ۽ کارا ناهين ٿا.

کنيرا: ٽري مينگهواڙن جي ذات آهي. چمر جو ڪم ڪرڻ ڪري چمار بہ سڏجہ

کنيئا: ڪشيب رشيءَ مان هندو قوم جي هڪ ذات جو نالو آهي.

ڪٽوراٽي: پنهورن جو پاڙو آهي.

ڪٽوکاٽي: جکراٽي بلوچن جو پاڙو آهي.

ڪٽيال: هڪ مسلمان سمات ذات، لاڙڪاڻي طرف رهن ٿا.

کوبرا: سمن جي ذات آهي.

کوبريا: سمن جي ذات اهي.

کوبياٽي: لاشارين جو پاڙو آهي.

کوپر (کوپر): سمن جو پاڙو آهي. کوهن کوٽن، بيل هڻن ۽ کوهن کٽڻ جي ڪرت سبب کن هنڌن تي کوهارا تہ کن هنڌن تي "کوپر" سڏجن ٿا. هنن کي مغل يا پٺاڻ (کوهہ بر) چوڻ ساڻن زيادتي ٿيندي. کوپرن مان کيترائي بزرگ ٿي گذريا آهن. صادق آباد، ماڇکو، گهوٽڪي ۽ پني عاقل ۾ سندن ڳوٺ ۽ گهر آهن.

کوترو: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

کوتار: سمن جي ذات آهي.

کوتائي: محترم ايس صادق علي هڪ ڪتاب 1901ع ۾ لکيو هو. هن صاحب ميربحر ۽ ملاحن جي باب ۾ ص 62 جريان نمبر 136 تي لکيو آهي تہ "کوتائي" ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. سيوهڻ شهر ۾ کوتائي

ٻڌل آهن. انهن جي چگي مڙس ٻڌايو ته اسان "سما" آهيون. ڪوٽ ناهي ان ۾ اندر جايون ٺهرائي ويناسين. ان ڪوٽن جي نسبت سان اسان "ڪوٽائي" سڏجڻ لڳاسين. ڪيريا ملاح آهن. انهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ڪوٽائي" آهي. تاريخ سجاول جي مصنف عزيز جعفراڻي ص 346 تي لکيو آهي ته "ڪوٽائي" ملاح ۽ مهاڻا آهن. تعلقي سجاول ۾ رهن ٿا.

ڪوڙيا: ٽر ۾ هندو راجپوتن جي ذات آهي. سمن ۽ سرڪين ۾ پڻ هڪ پاڙو.

ڪوڻي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. (بحوالہ: تاريخ سجاول).

ڪونا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

ڪوناري: ٽري هندن جو هڪ پاڙو.

ڪوپر: سمات مسلمان ذات آهي.

ڪوچاري: هڪ جابلو مسلمان ذات آهي.

ڪوچاريا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. (بحوالہ: تاريخ سجاول).

ڪوچائي: هڪ غير سمات مسلمان ذات آهي.

ڪوچريا: هڪ خانبدوش قوم جو نالو آهي.

ڪُوچڙا: هندو خانبدوش قوم آهي. جنهن ۾ ڇڙا، پيل، شڪاري وغيره شامل آهن. ٽاد ڪوچڙن کي گهلوتن ۾ شمار ڪري ٿو. ليڪن سندس راءِ ڪمزور نظر اچي ٿي.

ڪُوچڪا: بروهين جو پاڙو آهي.

ڪوچي: پشتون قوم (ايراني پناڻ) جي هڪ قبيلي جو نالو آهي. ڪوئٽا ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

ڪوچائي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي (بحوالہ: تاريخ سجاول).

ڪودائي: هي دلزاڪ پناڻ آهن. هنن کي ڪرلاٽري پناڻ پڻ چون ٿا. ٻڌمت جا پوڄاري هئا. محمود غزنويءَ جي ڪوشش سان مسلمان ٿيا.

ڪودڻ: سمن جو پاڙو آهي.

ڪوڏ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪوڏاٽي: ابڙن جو پاڙو آهي.

ڪوڏناٽي: هندو قوم جي ذات آهي.

ڪوراچي: محمد حسني بروهين جو پاڙو آهي.

ڪوراڙ (ڪورار): سمن جو پاڙو آهي. جن جا خاص پاڙا آهن: 1 پمپرياڻي، 2 حيدراڻي، 4 ڏيريپوٽا، 5ڪنديائي، 6 مئواڻي.

ڪوراڙيا: هڪ مسلمان سمات ذات.

ڪورائي: مير جلال خان جي هڪڙي پٽ جو نالو ڪورائي (قرائي) هو. ان ڪورائيءَ کي جيڪو اولاد ٿيو. ان پاڻ کي "ڪورائي" سڏايو. هي بلوچستان ڇڏي وڃي بهاولپور ۾ آباد ٿيا. ڪجھ وقت بعد هنن مان ڪافي لڏي اچي روهڙي، دادو، موري ۽ سنڌ جي بين حصن ۾ وينا. هي سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا. جتوئين ۾ پڻ ڪورائي آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ جمالي بلوچن جا 17 پاڙا لکيا آهن. جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "ڪورائي" لکيل آهي. ڪورائي قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1 بڌاڻي (بداڻي)، 2 براڻي، 3 پتافي، 4 دستي، 5 ڪورائي، 6 جاماڻي، 7 جاني، 8 آلاڻي، 9 ڪولاچي، پتافي، دستي ۽ بڌاڻي هن وقت ڪورائين کان الڳ ٿي ويا آهن.

هرين (هارون)

|

مير جلال خان بلوچ

|

مير قرائي

|

اولاد ڪورائي

ڪوردا: بروهين جو پاڙو آهي. شايد ڪردن جو بگڙيل نالو هجي.

ڪَورڙَ: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

ڪورڙا: ڪتاب شاهان گوجر موجب "ڪورڙا" راجپوت پٽي آهن.

ڪورڪاڻي(ڪورڪاٽي): برڙدي بلوچن جي حاجيجا شاخ مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. هنن جا ڇگا مڙس جعفر آباد وارا حاجيجا برڙدي آهن.

ڪورواھ: مڪراني قوم مان آهن. هي صرف مڇيءَ تي گذران ڪن ٿا. جيوني ۽ گوادر جا مڪراني ملاح آهن. هنن جا ميدن سان گهاٽا لاڳاپا آهن. ڪورواھ، شهزادا قوم جا خاص خدمتگار رهيا آهن. ان ڪري هنن کي گهٽ ذات وارو سمجهيو وڃي ٿو.

ڪورهياڻي: پٺا قبيلي جو پاڙو آهي.

ڪوري: هڪ سما ذات آهي. هي اٽل ۽ لسبيلي ۾ رهن ٿا. محققن، دائود پوٽن ۽ هندستاني ميمٽن کي ڪوري سڏيو آهي. بروهي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ڪوري" آهي.

ڪوري لفظ جي اصطلاحي معنيٰ آهي. ڪپڙو اڻڻ ۽ ناهڻ. ڪاتيار، گراٽا ۽ مينگ پڻ ڪورين جي راڄ ۾ شامل آهن. تحقيق لغات جي ص 277 تي لکيل آهي تہ "ڪوري" هڪ ذات آهي. جيڪا سنسڪرت جي لفظ "ڪولڪ" مان ورتل آهي. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 25 تي لکيل آهي تہ بلوچي زبان ۾ "ڪور" لفظ جي معنيٰ آهي، ڪپڙو اڻڻ. ڪڏيءَ تي ڪم ڪرڻ. بروهين جي هڪڙي قبيلي جا ماڻهو انهيءَ پيشي جي نسبت سان "ڪوري" سڏجن ٿا.

بيت: هلو تہ هلون ڪورئين، نازڪ جنين نينهن،
ڳنڍين ساڻو ڏينهن، ڇنڻ مور نہ سکيا. (شاھ)

ڪوريجا: ڪوريجا، ڪوريچا، ڪورينجا يا ڪئوريجا هڪ ئي ذات ۽ قوم جا جدا جدا سنڌي صوتي روپ آهن. درست ۽ عام مروج ذات "ڪوريجا" يعني ڪوريي جو اولاد آهي. اسلام کان اڳ سنڌ ۾ ہڪ جي حڪومت هئي، ان ہڪ جي نسل مان ڪوريجا آهن. ابس صادق عليءَ لکيو آهي تہ "سام" جي اولاد مان دسرت کي پرت پٽ مان چار پٽ جانسبر، ناهيو، پرهاڙ ۽ ڪوريجو هئا. ڪوريجا ان ڪوريجي جي اولاد مان آهن. جن جو شجره سمن جي شجرن ۾ (سام بن نوح عليہ السلام) ڏسڻ گهرجي. ڪتاب "سمات" جي مصنف لکيو آهي تہ "ڪوريجا" ابتدائي طور راجا ڏاهر جا جزا هئا. هو برهمڻ نسل جا پاٿيءَ جا پوجاري هئا. جن مختلف وقتن تي سرداري ڪئي، ان ڪري هي ڄام بہ سڏجن ٿا. ان وقت هي ڪوهستان واري علاقي ۾ رهندا هئا. برفتن کان پوءِ لسبيلي جا حاڪم ٿيا. جن 214 سال حڪومت ڪئي.

سنڌ ۽ ڪچ جي سما خاندان جي حسب نسب تي نظر وجهڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪاڪا مسلمان حاڪم کي رائدن ۽ پلي نالي بہ پٽ هئا. رائدن کي وري نو پٽ هئا. انهن مان هڪڙي جو نالو "ڪوريو" هو. ان ڪوريي کي جيڪو اولاد پيدا ٿيو، اهي پيءَ جي نسبت سان "ڪوريجا" سڏجڻ لڳا. سمن جي دور ۾ "سميجا" هڪ وڏي قوم هئي، جنهن ۾ ڪوريجا بہ ذات شامل هئي، يعني ان وقت هي ملاحن ۾ شامل هئا. هن وقت بہ جوڻي آهي تہ "ڪوريجا" ملاح آهن.

ميان نيڪ محمد سهتي جي لکيل فارسي نسخي مان پتو پوي ٿو تہ سنڌ جي راجا موڙا سنگهہ کي ست پٽ هئا. انهن مان ٽئين پٽ جو نالو "ڪونئرو" هو. ان ڪونئري جي اولاد کي "ڪوريجا" سڏجي ٿو. هن کي پنهنجي پيءَ حياتيءَ ۾ سڪرند جي آسپاس وارو علاقو جاگير طور عطا ڪيو هو. بحوالہ: رسالہ مهراڻ" از ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لاڙڪاڻو.

ہڪ پرت ۽ موڙا سنگهہ وارا ڪوريجا خالص سما آهن. باقي بين نسلن وارا ڪوريجا، ملاح ۽ سميجا سڏجن

تا. هڪ تحقيقي مطالعي موجب ڪوريجا ذات جو شجره هن طرح آهي:



هڪ روايت موجب سنيو، ناريجو، ڪجيجو، ڪوريجو، ساڳڙ، ڏماچ ۽ پنيرو پاڻ ۾ پائر آهن.

ڪوريئڙو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪَوڙا: پنجاب ۾ "ڪوڙا" موچڪو ڪم ڪندڙن کي چون ٿا. جيڪي ذات طور پڻ "ڪوڙا" سڏجن ٿا. هنن جا ڪافي ذات وارا اتر سنڌ ۾ رهن ٿا.

ڪَوڙاٽِي: نوحاڻين ۽ چنن جو پاڙو آهي. خاصخيلين ۾ پڻ آهن.

ڪوڙد (ڪرد): لفظ (ذات) ڪرد ڏسڻ گهرجي.

ڪَوڙڪ: جدگالن جي ذات آهي. هي جت ۽ رند بہ سڏجن ٿا. ڪوڙڪ، رئيس، ڪينگزئي، مهدي زئي، بند ۽ سنگر پاڻ ۾ عزيز ٽين ۽ هڪ ئي ڪل مان آهن. مڪران، گوادر، لسبيلي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

ڪَوساگي: ايران جا مڪراني آهن. ڪوساگ علاقي ۾ رهڻ ڪري "ڪوساگي" سڏجن ٿا.

ڪوسالي: هندو اهيرن جو پاڙو آهي.

ڪَوش: معنيٰ خزانو. ڪوش جتوئي قبيلي جو پاڙو آهي.

ڪوشڪ: پنجاب کان آيل جت راجپوت آهن.

ڪوڪ: بجيراڻي چاندين جو پاڙو آهي.

ڪوڪا: لسبيلي ۾ رهندڙ بلوچ قوم آهي. سنڌ ۾ هنن کي "ٻاهوٽ" چون ٿا.

ڪوڪاري: سمات ذات جو پاڙو آهي. آبڙ ۾ اچن ٿا. لاڙڪاڻي ضلعي جي عاقل ۾ رهن ٿا.

ڪوڪاڻي: ڪوسن جي ڪلولاڻي پاڙي مان آهن.

ڪوڪائي: مري تالپرن جو پاڙو آهي.

ڪوڪٽ: هڪ سمات ذات آهي.

ڪوڪر: هڪ سمات ذات آهي.

ڪوڪڙي: عام طور ڪڪڙ پالڻ ۽ ڪڪڙن جو واپار ڪرڻ وارن کي ڪوڪڙي چيو وڃي ٿو. ليڪن ڪوڪڙي هڪ ذات جو بہ نالو آهي. تاريخ سجاول از عزيز جعفراڻي ص 346 تي لکي ٿو تہ ڪوڪڙي هندو هريجن جو پاڙو آهي. هي سجاول ۾ رهن ٿا. سومرن (جنهاڻ) جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ ڪوڪڙي (ڪڪسيا) آهي.

ڪوڪلا: هڪ سمات ذات آهي.

ڪوڪي: خرشيون پناڻن جي ذات آهي.

ڪوڪي خيل: آفريدي پناڻن جي هڪ قبيلي جو نالو آهي. جنهن جون اٽڪل ست شاخون آهن. جن جو تفصيل هن طرح آهي. 1 سڪندر خيل، 2 شير خان خيل، 3 عبدال خيل، 4 فريد خيل، 5 ڪٽي خيل، 6 ماشو خيل، 7 نادر خيل.

ڪول: هندن جي هڪ قديم ذات آهي.

ڪولاچي: ڪتاب "سمات" مان سڌ ملي ٿي تہ ڪولاچي جت قبيلي جي هڪ ذات آهي. انگريزن جي ڪرايل آدمِ شماري سال 1911ع ۽ سال 1931ع جي رپورٽ موجب ڪولاچي سمات آهن ۽ جت ڪل مان آهن. جامع سنڌي لغات ۾ رندن جا 29 پاڙا لکيل آهن. انهن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "ڪولاچي" لکيل آهي.

ڪولاچي رند بلوچن جا مکيہ پاڙا آهن: 1 باگاٹي، 2 رهيداٹي، 3 سنگاٹا، 4 شهداتاٹي، 5 ڪرمواٹي، 6 گهراماٹي، 7 واسواٹي، 8 يارياٹي. لاشاري بلوچن ۽ مستوئي بلوچن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ڪولاچي" آهي.

ياد رکڻ گهرجي تہ مرزا قليچ بيگ، پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي، هينري پاٹنجر، رچرڊ برٹن يا مولائي شيدائيءَ جي ڏنل بلوچ قوم جي فهرستن ۾ ڪٿي بہ "ڪولاچي" کي رند نہ ڄاڻايو ويو آهي.

ڪُولاچي: ملاح ۽ مهاٹا آهن. جيڪي "ڪولاچي" واري ڪن سان منسوب آهن. جنهن ۾ مورڙيو ۽ ان جا پائر مانگر مڇ جي پيٽ ۾ ويا هٹا.

ڪَولاٹي: هندن جي ذات آهي.

ڪُولهي: معنيٰ مزور. هي هندو قوم جي اچوت ۽ گهٽ ذات وارا غلام ۽ پورهيت آهن. جني شايد اصل ۾ راجپوت نسل مان هٹا. هنن جو اصل وطن گجرات، واگهڙ ۽ ڪچ هو. جتان روزگار خاطر نقل مڪاني ڪري اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. هي پرمار راجپوت جا فوجي جوان هٹا ۽ بهادر ليکيا ويندا هٹا. سومن جي حڪومت ۾ ڏاڙا هٹندا هٹا. بهادريءَ جي ڪري "رويلي ڪولهي" جو نالو مشهور آهي. ڪتاب شاهان گوجر ص 164 تي لکيل آهي تہ ڪولهي راجا ڪوهل ۽ راجا وڪرما جيت جو اولاد آهن ۽ هي گوجر آهن.

ڪولهي هندو ڌرم مطابق هندو ديو تائن جي پوڄا ڪندا آهن ۽ گوشت کائيندا آهن. ڪتاب متان وساريو (لغت) جي مصنف ڪنگهارام سمرات لکيو آهي تہ اهي اُهي ساڳيا ڪولهي مزور آهن. جيڪي ريلوي اسٽيشن تي ڪولهڪو ڏنڊو ڪن ٿا. محقق هن جي راءِ سان اتفاق نٿو ڪري.

ڪُولِي: هندن جي گهٽ ذات آهي، جن کي اچوت سمجهيو وڃي ٿو.

ڪُونَجڙا: ملاح ۽ مهاٹا آهن. (بحوالہ: تاريخ سجاول).

ڪوندي: شيدين جي ذات آهي. آڳاٹو نٿي ۾ رهندا هٹا.

ڪُونڈر: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. مهراڻ رسالہ جلد 22 نمبر 4 سال 1973ع ص 160 تي لکيل آهي تہ "ڪونڈر" قوم ساهتي پرڳٹي جي بڏيہ رياست جي راجا سرڪونڈ پٽ پندرڪو مان آهي. انهيءَ سرڪونڈ جي بگڙيل صورت "ڪونڈر" آهي. تالپرن جي دور ۾ وڏيرو مير ڪونڈر وڏي نالي وارو هو.

ڪَونَر: سما ذات جو پاڙو آهي.

ڪَونريجا: ڪونر + يجا معنيٰ ڪنور جو پٽ سما خاندان جو پاڙو آهي. اڄ ڪلهہ هنن کي "ڪوريجا" چون ٿا.

کَونَهيارا: هڪ سماٽ ذات آهي.

کونئريچا: هڪ سماٽ ذات آهي. وڌيڪ لاءِ "کوريجا" لفظ ڏسڻ گهرجي.

کونيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

کوهه: چانديين جو پاڙو آهي. هنن جو واسطو جبلن سان هئڻ ڪري "کوهه" سڏجن ٿا.

کوهانس: ڏوبين جو پاڙو آهي. (بحوالہ: ڪتاب پنجاب ڪي ذاتين).

کوهَرَپوتا: انڙن جو پاڙو آهي.

کوهلا: هندو پرمارن جي ذات آهي.

کوهلي: بگٽي بلوچن جو پاڙو آهي (نوٽائي پاڙو) هنن جو ڇگو مڙس، کوڙو خان هو.

کوهه ناناڻي: هي گورچاڻي بلوچن جي ڇانگ قبيلي مان آهن.

کوهي: جابلو پناڻن جي ذات آهي. هنن کي روهي ۽ روهيلا به چون ٿا. روهه، روهي ۽ کوهيءَ جي معنيٰ آهي "جبل".

کوهيواڻي: ڪرمتين جي لجيرا شاخ جو هڪ پاڙو.

کوئڙئي: الڪو پناڻن مان آهن.

کَويڙيا: هندو قوم جي ذات آهي. ٽر ۾ رهن ٿا.

کويل: هي کويل ديواني مير جتن جو پاڙو آهي. راوچي ۽ سئتاڻي ميرجت هن کيڙ مان آهن. دادواڻي مير جت کويلن جا پگدار آهن.

کَهار: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. (بحوالہ: ڪتاب پنجاب ڪي ذاتين ص 673). کهار، مغلن ۾ ٻڌ آهن.

کهر: دل قبيلي جو هڪ پاڙو.

کهراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. (بحوالہ: تاريخ سجاول).

کَهرو: راجپرن جو پاڙو آهي.

کهڙيجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

کَهوٽ: ذاتين جا ماهر هنن کي نيم راجپوت نسل مان چون ٿا. پر سندن دعويٰ آهي ته اسان مغل ۽ اعوان آهيون. کهوٽا جبل جي نسبت سان پاڻ کي "کهوٽ" چون ٿا. ميئر ۽ مصور هنن جا قريب آهن.

کهور: مڪراڻي بلوچن جي ذات آهي.

کهَوراڻي: هندن جي ذات آهي.

کَهَورخانزئي: هندن جي ذات آهي.

کَهُورخانزئي: هي غزيني مري آهن.

کهوريا: پرمار هندن جي ذات آهي.

کَهوزئي: کاکڙ پٺاڻن جو پاڙو آهي.

کهيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. کاري ۾ رهن ٿا.

کهيرائي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. (بحوالہ: تاريخ سجاول 1984ع).

کَهيري: کتاب سنڌ جون چند ذاتيون ۾ لکيل آهي تہ "کهيري" رندن جو پاڙو آهي. سنڌ ۾ رڄن. باندرن ۽ پولڙن پالڻ وارا چون ٿا تہ اسان بہ ذات جا "کهيري" آهيون.

جامع سنڌي لغات ۾ لکيل آهي تہ "کهيري" رڄن ۽ پولڙن وارا فقير آهن. کهيري رندن جو سردار محمد بڦا نهايت مشهور هو.

کَهيري: هي امام موسيٰ کاظم جي اولاد مان حسيني سيد آهن. کهير وڻ (کنڊي) جي هيٺان ويهڻ ۽ ان جي شاخ (ڏار) تي چڙهي گهوڙي وانگر سواري کرڻ جي وجهہ تسميہ سبب "کهيري" سڏجڻ لڳا. کهيري بلوچستان ۾ شيخ ۽ سنڌ ۾ جت سڏجن ٿا.

کُئا: ڏاريجا چاچڙن جو پاڙو آهي.

کئوداڻي: مکران جا مکراني بلوچ آهن.

کئونريجا: هک سمات ذات آهي. اڄ کلهہ هي بہ "کوريجا" سڏجن ٿا.

کَيَا: پيا ذات جو پاڙو آهي.

کَيازئي: بگٽي بلوچن مان آهن.

کيياني: ايراني نسل جا باشندا آهن. هنن مان سمانيہ خاندان نهايت مشهور آهي. جن بخارا تي 130 ورهيہ حڪومت ڪئي هئي (بحوالہ: جنت السنڌ ص 218).

کيبل: سما خاندان جو پاڙو آهي.

کيتا: مگرين جو هک پاڙو.

کيتوال: ڏونڊ ۽ ستي نسل مان آهن. هنن جي دعويٰ آهي تہ اسان سڪندر اعظم جي نسل مان آهيون. ڪافي مسلمان ٿيا آهن.

کَيتواڙي: بروهي نسل جا کيچ مکران ۾ رهندڙ باشندا آهن. ڪراچيءَ ۾ پڻ رهن ٿا.

کيجن بلادي: هڪڙي پاڻنجر جي لڪڻ موجب هي بروهي آهن.

کيچائي: کيچ مڪران جي هڪ مشترڪ ذات آهي.

کيچي: ڪتاب شاهان گوجر ص 171 تي لکيل آهي ته کيچي، ڪچي ۽ چاچي گوجرن (جت) جا پاڙا آهن.

کيرا: سما خاندان جو پاڙو آهي.

کيراني: لفظ جي پشتو زبان ۾ معنيٰ ٽري (ٽالهي) آهي. هڪ دفعي ڪاڪڙ قبيلي جا ماڻهو ڪنهن ڪم سان ويا پئي ته انهن مان هڪڙي ٽري (ٽالهي) ۽ ٻئي ننڍو چاول ٻار (چوڪرو) لڏو. ٽري واري ڪاڪڙ لڏل ٻار واري ڪاڪڙ کي چيو ته مونکي پٽ ڪونهي، انهيءَ ڪري اهو ٻار مونکي ڏي ته مان توکي ٽري ٿو ڏيان. ٻنهي ٻاڻ ۾ سودو ڪيو ۽ ان ٻار جو نالو ان لڏل ٽري جي نسبت سان "کيراني" رکيو. ان کيرانيءَ کي جيڪو اولاد پيدا ٿيو. اهي اڄ ڏينهن تائين "کيراني" افغان (پٺاڻ) سڏجن ٿا. هنن کي کيراتي ۽ باردوراني به چون ٿا.

کيراني پٺاڻن جا خاص پاڙا آهن: 1 آفريدي، 2 احمد خيل، 3 اميزئي، 4 اورڪ زئي، 5 ترهه، 6حضرزئي، 7 خٽڪ، 8 خليل، 9 خنگياڻي، 10 شنواري، 11 عمرزئي، 12 ڪاڪي، 13 ڪردي، 14 مامي زئي، 15 متي زئي، 16 مندازئي، 17 منگهي، 18 موسيٰ زئي، 19 وتوزئي، 20 ونزئي، 21 بحسي زئي، 22 يونس خيل.

کيرائي (باردوراني): تفصيل لاءِ "کيراني" پٺاڻن جو احوال پڙهڻ گهرجي.

کيرتاڻي: هندو قوم جي ذات آهي.

کيرڪاهو: سمن جي ذات آهي.

کيري: نو مسلم وورن جو پاڙو آهي.

کيريا: سميجا ڪل مان سڏ جا سما ملاح آهن، جيڪي سما خاندان جي ٻن شاخن مان ڦٽل آهن. ٽيبي جي پٽ جو نالو انڙ هو. ان انڙ کي به پٽ، راهو ۽ حبو هئا. ان حبوءَ کي وري به پٽ سمون ۽ کيريو هئا. کيريا ان کيريي جو اولاد آهن.

پي تحقيق موجب ٽيبو بن انڙ بن سمون بن رائدن کي سترهن پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "کيريو" هو. جن جو اولاد کيريا آهن. عام چوٽيءَ ۾ "کيريا" ملاح آهن. کيرين جو شجره هن ريت آهي:

کيرين جو شجره

لاکيار

|

جام لاکو (گندرن مان شادي ڪيل)

|

انڙ

|



(تفصيل لاءِ سما خاندان جو شجره ڏسڻ گهرجي)

هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 جهيرجا، 2 حسينائي، 3 فرش، 4 محسن پوتا، 5 ملڻ فرش، 6 ڪوٽائي.

ڪيرياڻي: پگهين (ملاح) جو پاڙو آهي.

ڪيڙانا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. تعلقي جاتي ۾ رهن ٿا.

ڪيڙاڻا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪيڙت: هڪ سماڻ ذات آهي.

ڪيسواڻي: هندو قوم جي ذات آهي.

ڪيڪائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪيڪواڻي: ڪرمتين جي هڪ شاخ جو هڪ پاڙو.

ڪيڪوبوٽا: باکڙا خاندان جي موٽا قبيلي جو پاڙو آهي.

ڪيلاڻي: هڪ سماٽ ذات آهي.

ڪيلهڙ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ لکيو آهي ته "ڪيلهڙ" ٽر ۾ رهندڙ هڪ راجپوت ذات آهي.

هڪ ٻئي حوالي موجب "ڪيلهڙ" پنجاب کان لڏي آيل گهٽ ذات وارا نوان مسلمان آهن. جيڪي شيخ ۽ سڏجن ٿا. ٽر وارا ڪيلهڙ غير مسلم آهن.

ڪيماگر: جي معنيٰ آهي، سون ناهڻ وارا ڪاريگر. هي ڪا ذات نه آهي، پر ڪرت جي ڪري ذات طور "ڪيماگر" سڏجن ٿا.

ڪيماڻي: مري تالپرن جو پاڙو آهي.

ڪينگزئي: جدگال (جدعال) يعني جت قبيلي جي هڪ مکيه پاڙو آهي. هن ذات وارا گوادر، مڪران، لسبيلي، ڪراچي ۽ ٺٽي جي آسپاس رهن ٿا. هنن جو چوڻ آهي ته ٺٽي وارا جوکيا اسان جا عزيز آهن. رئيس، مهدي زئي، بند، کوڙڪ ۽ سنگر هنن جا عزيز آهن.

ڪيورت: هندستاني ملاح، ڪشتي بان ۽ ماهيگير آهن. پنجاب کان ٽيندا سنڌ ۾ داخل ٿيا آهن.

ڪيوگاڻي: جسڪاڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

ڪيولراماڻي: هندن جي هڪڙي ذات جو نالو آهي.

ڪيهر: اصل ۾ راجپوت نسل جا سما آهن. هن وقت پاڻ ناريجن جا قريب نظر اچن ٿا. سمن جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته سنڌ، گجرات، ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ جي سمن سردارن مان نريٽ، اڊو (اوڊو) لاکيار ۽ لاکو گوڙا (1250ع)، حاڪم ٿي گذريا آهن. لاکو گوڙا ۽ ٻيا اڳا مسلمان ڪونه ٿيا هئا. ان لاکو گوڙا (گرڙا) کي اٺ پٽ هئا، جن مان موڙو (مور) ۽ منهيو (منائي) سنڌ ۾ رهندا هئا ۽ ڏاڍا ظالم هئا. ڏاڙا هٿندا هئا ۽ قربون ڪندا هئا. هنن گڏجي پنهنجي پاءُ (انڙ) کي قتل ڪيو. ماڻهن جي رنج ٽيڻ تي هي سنڌ ڇڏي وڃي ڪچ ۾ رهيا. ڪچ جو جام اوڊو سندن ويجهو عزيز هو. جنهن هن کي پناهه ڏني. ظلمن، قرين ۽ ڏاڙن جي ڪري هو ايترا ته مشهور ٿي ويا جو ماڻهو کين ڪاريهر (نانگ) قهر (غضب) ڪيهر (شينهن) جي نالن سان سڏڻ لڳا. بعد ۾ اهو لفظ سنڌي صوتي روپ اختيار ڪري "ڪيهر" سڏجڻ ۾ آيو. ڪيهر جي اولاد ۾ پاڻ کي

ذات جا "کيهر" سڏرايو.



هڪ بي لکت موجب هوڻي بن انڙ بن سمون جي هڪڙي پٽ جو نالو "کيهر" هو. جنهن پنيان سندن اولاد پاڻ کي "کيهر" سڏايو. هي سنڌ جا سما ملاح آهن. جن جا خاص پاڙا آهن: 1 بنگلاڻي. 2 تهباڻي. 3 عزيزاڻي. 4 مهديوٽا ۽ 5 ميريپوٽا.

کيهر. ککرالي ۾ سمن جو سردار هو.

بيت: چونڊي ورهه چار، اسان آڏو تو ٽيا،
کيهر من ويچار، منهنجا نيڻ جهليا نٽا رهن.

کيهراڻي: بوزدار بلوچن جو پاڙو آهي.

کيهرجو: سمن جو پاڙو آهي.

كلهوڙن جو شجرو

حضرت عبدالمطلب

حضرت عباس سيد المضرين

فضل — عبدالله ابن عباس — قثم

علي السجادين

محمد ذي الثفنات

ابوجعفر عبدالله / منصور بالله (149 – 145هـ ۾ بغداد جو شهر بڏايو هو)

محمد ابوعبدالله مهدي

هارون — معروف

اسحاق

مامون — محمد

ابراهيم

عباس (سڏ جا عباسي) — جعفر

كهڙن وارا مخدوم عباسي هن شاخ مان آهن

عبدالرحمن

قائم

جاهره

احمد

طاهر

قائم راڻو (صوفي درويش ڪيچ مڪران ۾)

پنجويهين پيڙهيءَ ۾

ٽل (لسبيلي ۾ گجرن کان زمين ڦري حاڪم ٿيو)

پل

جڏنيه (1220ع)

لاشار (مائي لاشاريڙ مان لاشاري)	طاهر	محمد (مائي چولڙيا مان)
(ملتان ۾ ملازم)	محمد	دائود (اولاد دائود پوتا)
(1280ع)	ابراهيم ثاني	محمد
(1320ع)	شاهه محمد / ميان هاشم	
(1360ع)	راند /ميان راڻو	
(1400ع)	طاهر	
(1440ع)	ميان خان	
(1480ع)	ميان صاحب / سهب	
(1520ع)	گنجڙ ميان ڳڇن / ڪاجن	
سنڌ جي ڪلهوڙن جو ڏاڏو 1100 هه سن 1557ع)	ميان آدم شاهه	(سکر ۾ آدم شاهه ٽڪريءَ تي مقبرو آٿس)


(1600ع)
میان داؤد
ابراهیم
میان شاهل محمد (1654ع)
میان الیاس محمد (1620ع)
میان نصیر محمد (1657ع)
میر محمد
میان دین محمد (1692ع)
میان یار محمد عرف خدایار خان
محمد خان
غلام حسین عرف محمد خان
میان نور محمد
محمد داؤد خان
صادق علي عرف خداد خان
عبدانبي خان
غلام النبي خان
میان غلام شاہ
عطر محمد
محمد مراد یاب خان
محمد عرف محمود خان
محمد سرفراز خان
میر محمد
عطر خان

ک

کابڑوني: سيوهڻ جي هڪ سيد گهرائي جو پاڙو آهي. جيڪي هن وقت پاڻ کي "سبزواري" چوائين ٿا. هڪ روايت موجب هي سيد سيوهڻ تعلقي جي کبڑوڻ (کابڑوڻ) ڳوٺ ۾ رهندا هئا. جنهن نسبت سان هي "کابڑوني" سڏجڻ لڳا.

کاٽڑائي: ملاحن ۾ مهاڻن جي ذات آهي. (بحوالہ: تاريخ سجاول).

کاٽڑائي: معني کاڻي کڻڻ وارا. سمات ذات آهي.

کاٽڑي: سمات ذات آهي.

کاٽکي: سمات ذات آهي.

کاٽواڻي: هندن جي ذات آهي.

کاتي: ترکان هندن جو پاڙو آهي.

کارا: ڇهڙن جو پاڙو آهي. هندو آهن.

کارائي: ملاح ۾ مهاڻا آهن. هي کاري ۾ رهن ٿا. ان نسبت سان "کارائي" سڏجن ٿا. انهيءَ ساڳي علاقي ۾ سنيا رهن ٿا. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "کارائي" آهي.

کارتي: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

کارجاڻي: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

کارچ: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

کارواڻي: جمالي بلوچن جو پاڙو آهي.

کاريڙا: مڱڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

کاسائي: شورا قبيلي جو پاڙو آهي. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ سندن گهر آهن.

کالتيرا: مڱڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

کامڙيا: جي معني آهي کاڻي کڻندڙ هي ملاح ۾ مهاڻا آهن. کامڙين کي "کوڏاريو" به چون ٿا.

کاٽوڻ: سمن جي ذات آهي. دادو ضلعي ۾ رهن ٿا. ڪوٽڙي تعلقي ۾ رودِ تي هن ذات جي نالي سان هڪ ڳوٺ بڌل آهي.

کاٽونيا (کاٽوڻ): سمن جي ذات آهي.

کاڻيجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. کاري ۾ رهن ٿا.

کاوڙ: سمن جي ذات آهي.

کاوڙيا: ٺري راجپوتن جي ذات آهي.

کاهَڙَ: نهڙين جو پاڙو آهي.

کاهوڙي (کاهوڙي): منگواڻن (سما) جو پاڙو آهي. هي جهانگي ماڻهو آهن. کاهوڙي لفظ جي معنيٰ آهي اورچ، محنتي وغيره.

بيت: منڌ نہ منجها تن، پسي لک لڏن جي،
جا پر کاهوڙين سا پر سکي سسئي.

کائوڙي: ٺر ۾ رهندڙ نڪرن جي ذات آهي.

کبارا: راجپرن جي بگهڙ پاڙي مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. هي سما آهن.

کباڻي: سما ملاح آهن. خيرپور ميرس ۾ رهن ٿا.

کبرا: سمن جي ذات آهي.

کبَراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

کبَڙاڻي: نوحاڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

کَبا: هي سمن جو پاڙو آهي. ملاحن جي اوڙڪ ۾ شامل آهن.

کبڙاڻي: ڪرمتين جي ڳورئي وٽ جو هڪ پاڙو.

کَتائي (خطائي): اوڻن جو هڪ پاڙو.

کترِپال: هندن جي ذات آهي. ٺر ۾ رهن ٿا.

کتري: سنسڪرت لفظ "ڪشتريہ" مان ورتل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، رنگريز، وڏيو. جنهن سبب کتري رنگريز ۽ وڏا سڏجن ٿا. هي اصل ۾ هندو راجپوت آهن، هن وقت ڪجهہ مسلمان بہ ٿيا آهن، جي پڻ کتري (يکتري) سڏجن ٿا. کتري برهمڻ نہ آهن، پر برهمڻ هنن مان شاديون ڪن ٿا. پنجاب ڪان آيل کتري پاڻ کي "عامل" ۽ "لالا" چوائين ٿا. تاريخ جي اپياس ۽ ذاتين جي معلومات مان خبر پوي ٿي تہ کتري سنڌ جي راجا جئدرٿ جو اولاد آهن. هي راجا 730ع ۾ سنڌ جي ڪن حصن تي راج ڪندو هو، جنهن پنهنجي اولاد جا نالا "کتري" رکيا ۽ پين راجائن بہ پيار مان اهي نالا رکيا. انهن راجائن مان ڪن محمد بن قاسم جي دور ۾ اسلام قبول ڪيو تہ وري ڪي هندو ئي رهيا. اهڙن هندن جو واسطو راءِ گهراڻي جي جينوا ونش سان هو، جنهن ڪري

کترين کي "جينئو" ۽ چون ٿا. هنن جي مٿان ظلم ٿيندو رهيو. وڪرما جيت جي زماني ۾ ڪجھ ساھ پٽياڻون.

هن وقت کتري سنڌ جي ڪافي حصن ۾ آباد آهن. جيڪي هندستان جي گڏيل ٻولي ٻگالهائين ٿا. هي سنڌي ۽ ٻگالهائين ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 پيدا، 2 ناڪريا، 3 ڏارا، 4 سوديا، 5 سونيجي، 6 ڪرٽيلا، 7 ڪريا، 8 ڪنڌ، 9 گرچ، 10 مچڙ، 11 منڊو، 12 نانيز، 13 وردوئي، 14 بنجاهي، 15 بيدي، 16 باهري، 17 چارڏاتي، 18 پنج ڏاتي، 19 ڇھ ڏاتي، 20 ڏائي گھر، 21 سوڏي، 22 شرين، 23 سيڻ، 24 ڪپور، 25 کنا، 26 کوکران، 27 مرهوترا، 28 برهم کتري

کَتَو: سومرن جو پاڙو آهي.

کتو: سمن جي ذات آهي.

کتوجا: راجپرن مان آهن.

کَٽي: ڪلهوڙن جو پاڙو آهي.

کَٽا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

کٽرائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

کَٽوريا: چانديين جو لقب آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ هي "چانديا" بلوچ آهن. هندن جي هڪ نڪ جو نالو پڻ "کٽوريا" آهي. هي کٽوري (ڪستوري) جو واپار ڪندا هئا. ان ڪري "کٽوريا" سڏجڻ لڳا. ڇپلائي ۽ هن نڪ مان آهن.

کٽانا: گوجرن جو پاڙو آهي.

کٽر (ڪٽر): اروڙ ونسي لهاڻن جي هڪ آکھ.

کَٽڑ: هي اعوان جت قبيلي جو پاڙو آهي. جيڪي کٽڑ خان جو اولاد آهن. کٽڑ خان محمد غوري جو خاص ماڻهو هو. هي سپ لنگرخان شاهي ناظم اٽڪ جي ماتحت هئا. نهڑين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "کٽڑ" آهي.

کٽواڻي: هندن جي ذات آهي. سندن نڪ جو نالو "تلهر" آهي. هي پوڄارا ۽ سڏجن ٿا.

کٽي (کهنباتي): سنسڪرت جي لفظ "ڪشل" مان نڪتل آهي. جنهنجي معنيٰ آهي. ڏوئڻ. اصطلاحي معنيٰ ۾ ڪپڙن ڏوئڻ وارو ڏوبي. کٽي سومرن جي هڪ ذات جو نالو آهي.

کَٽِياڻ: پيا ذات جو پاڙو آهي.

کٽياڻي: هندن جي ذات آهي.

کٽيرياڻي: ڊاڪٽر غلام علي الانا هنن کي مچي مارڻ وارا ملاح لکيو آهي. (بحوالہ: مهراڻ نمبر 4 - 3 سال 2001ع ص 33).

کُـپـرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

کپرجا: سهتن جو هڪ پاڙو.

کجٽ: سنڌي پناڻن جو پاڙو آهي. هي جيڪب آباد ۾ رهن ٿا.

کَـجـَـر: ميمڻن جو پاڙو آهي. هي ڏڻي جا رهواسي آهن.

کجرا: هڪ غير سماڻ ذات آهي. سکر ۾ رهن ٿا.

کجـَـڙ: هي سما آهن.

کَـجـَـکَ: هڪ سماڻ ذات آهي.

کجَـکاٽي: برڙا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو. جيڪب آباد ضلعي ۾ رهندڙ.

کجڻ: هڪ مسلمان ذات آهي. سکر ۾ رهن ٿا.

کَـجـِـي: هڪ سماڻ ذات آهي.

کجيجا: هڪ سماڻ ذات (سما) جو نالو آهي. سنيو. ناريجو. کوريجو. ساڳڙ. ڏماچ ۽ پنهرو هن جا پائر آهن (هڪ روايت).

کُـڇڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

کُـڇڻُ: هڪ مسلمان ذات آهي.

کڇ: پنهورن جي ذات آهي.
ڇاڇي، گوجرن (جت) جو پاڙو آهي. مسٽر ڊينزل ابسٽن هنن کي راجپوتن مان لکي ٿو.

کـڇدر: مگرين جو هڪ پاڙو.

کـڇـِـي: پٽين ۽ جتن جو پاڙو آهي. ڪتاب شاهان گوجر جي ص 171 تي لکيل آهي تہ ڪچي، ڪيچي ۽

کـدراٽي: سمن ۽ انڍڙن جو پاڙو آهي. بروهي قوم جي زهري پاڙي مان هڪ قبيلي جو نالو پڻ "کدراٽي" آهي.

کـدرپوتا: سمن جي ذات آهي.

کـدڙا: هي فقير سڏبا آهن ۽ هنن جو فرقو ۽ ذات جدا آهي. مرداني طاقت نہ هڻڻ کري "کدڙا" سڏجن ٿا. زنانو ويس پائين ٿا. خوشين جي موقعن تي ڳائي وڄائي لاڳ ونن ٿا. هنن جي اڳواڻ کي سالار ۽ رهڻ واري جاءِ کي مڙهي چون ٿا. هندو کدڙا بکرا يا ديول ديويءَ جي پوڄا کن ٿا. تالپرن جي دور ۾ فضل ۽ گل جان مشهور کدڙا هئا، جيکي وڏا دولتمند هئا، جن جي ماڳ سان حيدرآباد ۾ اڄ بہ کدڙا گلي مشهور آهي. تالپرن وٽ حبشي غلام هوندا هئا، جن جا هٿ سان آنورا کڍي ڪٽ ڪرائي ڇڏيندا هئا، جن کي ناظر چوندا هئا.

ڪڏراٽي (ڪڏرا): انڊڙ آهن.

ڪڏا: ملاح ۾ مهاڻا آهن. تعلقي جاتيءَ ۾ سندن ڳوٺ آهن.

ڪڏائي: ملاح ۾ مهاڻا آهن. ننڍي ضلعي ۾ سندن ڳوٺ آهن.

ڪڏايا: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڪڏيجا: ملاح ۾ مهاڻا آهن. ننڍي ۾ دادو ضلع (منظور آباد) ۾ وينا آهن. ڪڏيجا جي معنيٰ آهي ڪڏن (ڏينڊن) تي رهڻ وارا.

ڪڏي سر: شنباڻي بلوچن جو هڪ پاڙو. هي سيد علي بن سائينداد جو اولاد آهن.

ڪرَ: جادم جو اولاد آهن. هي پنجاب ۾ رهن ٿا. ڪر لفظ جي معنيٰ آهي "ٻوڙو" هن ڪتب جا سپ ماڻهو ٻوڙا هئا، جنهن ڪري هي ذات جا "ڪر" سڏجڻ لڳا. (بحوالہ ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 24) ٽنڈو محمد خان ۾ ڪر وينا آهن، جيڪي سنين مان آهن.

ڪـرَ: سمن جي ذات آهي.

ڪَـرا: سما آهن.

ڪُـرا: سما آهن.

ڪَـرانا: اعوان جتن جو پاڙو آهي. هندن ۾ پڻ آهن.

ڪرَپار: سما آهن.

ڪُـرڙا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

ڪُـرڙقور: هڪ مسلمان ذات آهي.

ڪرَڪـرَ: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڪَـرڳَ: هندو قوم جي هڪ ذات آهي، جيڪي ڪپڙا رنگين ٿا ۽ ڪپڙن تي ٽپا هڻن ٿا. هي چُـنـري ڪپڙي جو ڪم ڪن ٿا، سندن جي وڏن شهرن ۾ رهن ٿا.

ڪَـرڳي: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ڪَـرلَ: هڪ سما ذات آهي. ڪتاب شاهان گوجر ص 186 تي لکيل آهي تہ "ڪرل" باجوهہ راجپوتن مان آهن، جن جو وڏو ڪرل هو. ڪتاب پنجاب ڪي ذاتين ۾ لکيل آهي تہ ڪرل راجا ڪرن جو اولاد آهن. ڪن جاين تي هي جت تہ ڪن هندن تي راجپوت سڏجن ٿا. هڪ بي روايت موجب هرل، ڪرل ۽ مرل پنوار ۽ چوهاڻ راجپوتن مان راءِ ٻوپا جي پٽن جو اولاد آهن، پنجاب جا ماڻهو هنن کي اميرن مان چون ٿا.

ڪروار: هڪ مسلمان ذات آهي.

کروال: راجا مل جي نسل مان جنجوعہ قبيلي جو پاڙو آهي. بيوہ سان شادي ڪونہ ڪن. راولپنڊي ۽ ڪهوڙ سندن ماڳ آهي.

ڪَروسَ: جتوئي بلوچن جو پاڙو آهي.

ڪُرهَارَ: سمن جي ذات آهي.

ڪَريٽَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪُريرا: سمن جو پاڙو آهي.

ڪريڙا: سمن جو پاڙو آهي.

ڪَڙا: اعوائن ۽ راجپوتن جو هڪ پاڙو.

ڪَڙڪَ (ڪڑڪ): هندو ڪترين جي ذات آهي. جيڪي رگاوت جو ڪم ڪن ٿا.

ڪڑڪي: هندو ڪٽين جي ذات آهي. هي بہ رگاوت جو ڪم ڪن ٿا.

ڪَڑوڪَاٽي: بنگلاڻي بلوچن جو پاڙو آهي. هنن جون عورتون شاديءَ کان اڳ ۾ گوشت استعمال نہ ڪنديون آهن. (عبرت 15 آگسٽ 2001ع).

ڪَڑياٽِي: متعلوي سيدن جو پاڙو آهي. هي سيد زڪريو عرف ڪڑئو جو اولاد آهن.

ڪڑيرا: حملاڻي برفتن جو راڄ آهي. هي ڪوهستان ۾ رهن ٿا. بنديجا بلوچن ۾ پڻ "ڪڑيرا" آهن. ڪرمتين جي راڏا بنديجا شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

ڪَشتَري: هندو ڪترين جي ذات آهي. اصل لفظ ڪشتري آهي. ان مان "ڪتري" ٿيو.

ڪَڪَ: سرائي سيالن جو پاڙو آهي. هڪ روايت موجب سيالن ۾ پاڄ پئي. ان دوران هڪڙي مائي وڃي سارين جي پلال ۾ لڪي. جتي هن کي هڪ پٽ ڄائو. ان بعد هي "ڪڪ" سڏجڻ لڳا.

ڪَڪَپَر: سمن جي ذات آهي. بگٽي بلوچن (ڪلڙ) جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ ڪڪپر آهي.

ڪِڪِپرَ: ڪک معنيٰ مڇيءَ جي ڏڏ. بوءِ. ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

ڪَڪَر: سمن جو پاڙو آهي.

ڪَڪراٽي: سمن ۽ ابڙن (منجهو) جو پاڙو آهي. هي ڪماريا راڄ ۾ شامل آهن.

ڪُڪراٽي: گاڏهي بلوچ آهن. پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي جي لکڻ موجب (ص 15)، ڪڪراٽي مري بلوچن جي بجارائي شاخ مان آهن.

ڪَڪَڙا: سمن جي پاڙي جو نالو آهي. ننڍي شهر جا رهواسي آهي.

ككزئي: لورن جي ذات آهي.

ڪَڳا: هي چون ٿا ته اسان قريشي آهيون. پنجاب وارا هنن کي جت چون ٿا. هانس، جهنڊير ۽ ڪڳا پاڻ ۾ عزيز آهن.

كلڙ (كلپر - ككپر): جامع سنڌي لغات ۾ "كلڙ". ڪتاب سنڌ جون جند ذاتيون ۾ "ككبر" ۽ تاريخ بلوچستان از راءِ بهادر هتورام ۾ "كلپر" لکيل آهي. منهنجي اپياس موجب زبان جي لهجي سبب ٿئي لفظ مروج آهن. كلڙ بگٹي قبيلي جي هڪ تمن جو نالو آهي. جنهن جا ٻه خاص پاڙا آهن:

1 ڊدلائي (ڊدلائي-ٻهدلائي). 2 هوتڪائي. عبرت اخبار اربعا 15 اگست 2001ع جي رپورٽ موجب كلڙ (ڪلپر) پاڙي جي عورتن تي شادي، ڪار، اڳ گوشت کائڻ تي پابندي آهي. هن وقت هن پاڙي جو چگو مڙس محمد خان ڪلپر آهي.

كلكي: سما آهن.

كلناٹي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هندن ۾ پڻ آهن. هن پاڙي مان ڪوڙو مل جندن مل ڪلناٹي ٽي ڪاريو آهي. جيڪو ٽيڪسٽ بوڪ رويزن جو ميمبر هو.

كلٹاٹي: هندن جي ذات آهي. 1904ع ۾ انگريزي سنڌي لغات ڇپي هئي. جنهنجو مصنف ديوان ڪوڙر مل هو. جيڪو كلٹاٹي هندو هو. هي اروڙ ونسي هندو آهن ۽ سندن نک جو نالو "هندوجا" آهي. هي پائي كلڻ مل مينگهراج جو اولاد آهن. سرائي به سڏجن ٿا.

كلولاٹي: كوسن جو پاڙو آهي. ڪوڙي تعلقي ۾ رهن ٿا.

كـماڻَ: سمن جي هڪ ذات آهي. هن ذات جي ينيان ضلعي دادو ۾ هڪ ريلوي استيشن آهي.

كماڻ پوٹا: سمن جي ذات آهي.

كـماٹي: پنهوڻن جو پاڙو آهي.

كـمٹڑا: سمن جو پاڙو آهي.

كـمٹيا: پنجاب کان آيل سرائي جت آهن.

كـمرا: مسلمان سمات آهن. اٽي جي چکين جو ڪاروبار ۽ ڪم ڪن ٿا.

كملاٹي: كوسن جي كلولاٹي پاڙي مان آهن.

كـمياٹـي: سمن جو پاڙو آهي.

كنا: هندو كترين جو پاڙو آهي.

كـنيا: ٽري مينگهواڻن جي ذات آهي.

ڪُنياڻي (ڪهنياڻي): ڏوٻين جي هڪ ذات جو نالو آهي. ڏوٻي ڪپڙن کي رنگ چاڙهڻ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ "ڪنپ" چاڙهيندا هئا. ان نسبت سان "ڪنياڻي" سڏجن ٿا. هي سيوهڻ ۽ بين شهرن ۾ رهن ٿا.

ڪَنيڙا: پٽن جو پاڙو آهي.

ڪنَيڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪنّيڙيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

كنجيجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڪُند: غير سماڻ ذات آهي.

ڪَندَ: سمن جو پاڙو آهي.

كندو: مگرين جو هڪ پاڙو.

ڪَندوائي: مري قبيلي جو پاڙو آهي. هنن جون عورتون شاديءَ کان اڳ ۾ گوشت ڪونہ کائيندیون آهن.

ڪنَديال: ڏهرن جو پاڙو آهي.

كنرزئي: رئيساڻي قبيلي جي رائوسين زئي پاڙي جي ڦري آهي.

كنگهرا: هندن جي هڪ نک جو نالو. حيدرآباد ۾ نهاين جي پاڙي وارا ٽڏاڻي، شوداساڻي ۽ منسکاڻي هن نک جون آکهيون آهن.

كنها: هندو کترين جي هڪ آکهه. هي پنهنجي نالي اڳيان "ملڪ" لکندا آهن.

ڪُنڀَ: ميمڻن جو پاڙو آهي. نٽي جا رهواسي آهن.

كٹاريا: سنگراسين جو هڪ پاڙو.

كوپرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

كوجا (خوجا): مختلف ذاتين سان واسطو رکندڙ مسلمان ۽ اسماعيلي آهن. اسلام لاءِ کوج لڳائڻ لاءِ "کوجا" سڏجن ٿا. چهڙن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "کوجا" آهي، هي مسلمان آهن.

كودا: جتوئي قبيلي جو پاڙو آهي.

كودڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

كودي: سمن جي ذات آهي.

كورَ: سمن ۽ سوڍن جا پاڙا آهن.

کورا: سمن جي ذات آهي. هي ٿر ۾ رهن ٿا.

کورام: سمن جي ذات آهي. ٿر ۾ رهن ٿا.

کوراڻي: نهڙين جو پاڙو آهي.

کورکاڻي: تالپرن جي احوال مان معلوم ٿئي ٿو ته "کورکائي" تالپرن جو پاڙو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ مرزا قليچ بيگ جي لکڻ موجب هي "مزاري" آهن.

کورم: انڊ پوٽا نهڙين جي کيڙ مان ڏورڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

کورناڻي: پاهڙن (سمن) جو پاڙو آهي.

کوڙَ: سما آهن. جاتي تعلقي ۾ سندن کجهه گهر آهن.

کوڙا: سما آهن.

کوسا: کوسا بلوچ سنڌ ۾ هڪ وڏو قبيلو آهي. کي چون ٿا ته هي رند آهن. کن جو چوڻ آهي ته کوسا هوت بلوچ آهن. ان سلسلي ۾ مورخن جا کجهه رايا پيش کجن ٿا. ڊينزل ابسٽن کتاب پنجاب کي ذاتين ص 4 تي لکي ٿو ته کوسا کيچ-مکران جي رندن ۽ هوتن مان آهن. مشهور مورخ جيمس ٽاڊ لکي ٿو ته کوسا کوسخ توراني نسل مان آهن. سندن اصل وطن کاسريگا چينائي ترکستان آهي. ايس - صادق علي جي لکڻ موجب کوسا رند قبيلي جي هڪ شاخ آهي. کوسا بن لفظن کوهه ۽ ساگهه جو مرکب آهي. کوهه (کوهه) معنيٰ جبل ۽ ساگهه معنيٰ کتو آهي. يعني جابلو ماڻهو کتن پالڻ وارا. اصطلاحي معنيٰ ۾ جبل جا رهڻ وارا جيکي کتن ذريعي ڦرلٽ کندا هئا. عام اصطلاح ۾ کوسا ڦريون کندا هئا. پوءِ اهو لفظ ڦري "کوسخ" ٿيو. جڏهن جبل چڏي سنڌ ۾ آيا ته ماڻهو کين "کوسا" سڏڻ لڳا. کوسا چون ٿا ته اصل لفظ کوسار (کوهسار) يعني جبل جي چوٽين تي رهڻ وارا آهي. کتاب جنب گذاريم جن سين ص 407 تي لکيل آهي ته کوسا رند قبيلي جي شاخ آهن. اصل کيچ جا وينل هئا. سنڌ گزيٽيئر پڻ رندن مان لکي ٿي.

کتاب بلوچ جي مصنف م - ک پيکولين لکيو آهي ته کوسا هوت جي پوٽي حمل جو اولاد آهن. کوسي کي بليل، عمر، جياڻي ۽ حمل پٽ هئا. جن جي نالن سان بليلاڻي، عمراڻي، جياڻي ۽ حملاڻي پاڙن جا نالا پيا. کوسا هڪ مخلوط قبيلو آهي، جنهن ۾ پيا ٻ نُوَ گروپ شامل آهن.

کتاب بلوچ و بلوچستان جلد پنجون از مير نصير خان احمد زئي چاپو 1998ع ص 118 تي لکيل آهي ته مکران جي امير رجب ماملي کرد (1298ع) کي ست پٽ هئا. جن مان وڏي پٽ جو نالو "کوسو" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي "کوسا" بلوچ سڏايو.

مولائي شيدائي جي لکڻ موجب کوسا هوت جي اولاد مان آهن. جن جو شجرو هن طرح آهي:



رندن ۽ کوسن جي حسب نسب مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي اندر جيئنداڻي کوسا رهن ٿا. جيڪي رند جي اولاد مان آهن. انهن جو شجره هن طرح بيان ٿيل آهي.



ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 24 از الفت نسيم موجب "ڪوسا" لفظ جي معنيٰ آهي ٻچي ڏاڙهي وارو. بلوچن جو هڪ اهڙو قبيلو هو. جن جون ڏاڙهيون ٻچيون هيون. تن کي "ڪوسا" چيو ويو ۽ ان بعد اهي ڪوسا بلوچ سڏجڻ لڳا.

هڪ روايت موجب مير چاڪر خان حالاتن کان مجبور ٿي پنجاب ڏانهن هليو ويو. ان سفر دوران ستگهڙو ڏانهن ويندي سنڌو درياءَ کي پار ڪرڻ لاءِ ٻيڙين هلائڻ لاءِ ڪوسن کي چيو هو. جن مير چاڪر خان کي. ان جي خاندان ۽ لشڪر کي ٻيڙين ذريعي سنڌو درياءَ پار ڪرايو هو. انهيءَ ڪهاڻيءَ کي اتان جا بلوچ چون ٿا ته ڪوسا "مهاڻا" آهن. جو هنن ٻيڙين تي چڙهي ونجهه هلايو آهي. انهن ڪوسن مان سردار بهادر خان ڪوسہ ديره غازي خان ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ ڪن اڇي جيڪب آباد سکر وسائي. جن مان امام بخش خان. هيبت خان. رحيم خان. قادر بخش خان ۽ مير هزار خان نهايت مشهور سردار ٿي گذريا آهن. پنجاب کان لڏي آيل ڪوسا سرائڪي ۽ بلوچستان کان لڏي آيل ڪوسا بلوچي زبان ڳالهائين ٿا. ميجر پولاڪ هنن کي چور. ڦورو ۽ ڏاڙيل چوي ٿو. همايون بادشاهہ هنن کي سنڌ ۾ جاگيرون ڏنيون هيون (بحوالہ ڪتاب پنجاب کي ذاتين ص 124).

ڪوسن مان بلو بدائي نهايت هڪ سوره ٿي گذريو آهي. جنهن انگريزن سان وڙهي ملڪ جو نالو روشن ڪيو هو. هن لاءِ چوڻي آهي ته: "بلو بدائين تو سورهہ سڏائي".

هڪ اپياس مطابق ڪوسن جا هينيان پاڙا آهن: 1 بازماڻي. 2 بجاراڻي (بجراڻي). 3 بچاڻي. 4 بداڻي. 5 بشماڻي. 6 بشواڻي. 7 بکراڻي. 8 بليلاڻي (بلولاڻي). 9 باجهاڻي. 10 جانورياڻي. 11 جروار. 12 جاگيراڻي (مرزا قليچ بيگ). 13 جماڻي. 14 جماڻي. 15 جنگوارو. 16 جوگياڻي. 17 جياڻي. 18 چٽاڻي (چٽائي). 19 چيجاڻي. 20 حاجاڻي. 21 حملاڻي. 22 حيدراڻي. 23 خاناڻي. 24 درياڻي. 25 دلاڻي. 26 دوستلاڻي. 27 رنگواڻي. 28 رودناڻي. 29 زدرياڻي. 30 زنگواڻي. 31 زنگوياڻي. 32 سانگواڻي. 33 سبخاڻي. 34 سليماڻي. 35 سهجاڻي. 36 سهرياڻي. 37 شاداڻي. 38 سهڪاڻي. 39 صفرواڻي. 40 عمراڻي. 41 عميراڻي. 42 عيساڻي. 43 فتحلاڻي. 44 فتحڻاڻي. 45 قائماڻي. 46 گوندخاڻي. 47 گهمراڻي. 48 سداڻي. 49 محمداڻي. 50 مگسي. 51 مندراڻي (مئدراڻي). 52 مهرواڻي (پروفيسر برڙو). 53 ميرناڻي. 54 نوتکاڻي. 55 بولياڻي. 56 بياڻي. 57 بهيلاڻي. 58 جاگيل. 59 جندواڻي. 60 جاماڻي. 61 اونراڻي. 62 هدواڻي. 63 روحلاڻي. 64 متيوال. 65 سلمن. 66 ڪلولاڻي. 67 للاڻي. 68 بندواڻي. 69 مڪڙاڻي. 70 رفناڻي. 71 سنجراڻي. 72 ڦرياڻي. 73 موندراڻي. 74 ڏتاڻي. 75 جهنڊاڻي. 76 تڳياڻي. 77 گهنوراڻي. 78 ملا. 79 ڦاناڻي. 80 ملهواڻي. 81 ميرواڻي. 82 چاڪراڻي. 83 الوداڻي. 84 نهالواڻي. 85 اسحاقاڻي. 86 پنجاڻي. 87 زيمڪاڻي. 88 ٻٽالاڻي. 89 ڏيرناڻي. 90 مناڻي. 91 لاسي. 92 پوراڻي. 93 هيبتاڻي. 94 ڪملاڻي. 95 ڪوڪاڻي. 96 جندواڻي. 97 گاهياڻي. 98 احمداڻي. 99 صاحباڻي ۽ 100 مهڪاڻي.

کوسڙا: ڇهڙن جي ذات آهي. هندو آهن.

کوکر: کوکر جي اصطلاحي معنيٰ آهي، زمينن ۾ فصلن جي گوڙ جي صفائي ڪرڻ وارا. پاڪستان مان لڏي ويل سعودي عرب ۾ کوکر پاڻ کي "خوقير" چوائين ٿا. جيڪي اڪثر ڪري ساڳيو ڪم ڪن ٿا. کوکر اصل ۾ پنجاب جي جت قوم آهي. سن 582 هـ بمطابق 1186ع ۾ جڏهن قطب الدين ايبڪ سنڌ جو حاڪم هو. تڏهن کي کوکر لاهور مان کاهي آيا ۽ قطب الدين جي پٺ شهاب الدين کي ماري وڌائون. وري سن 796 هـ/1393ع ڌاري محمود شاهه ولد ناصرالدين شيخا کوکر سان وڙهڻ لاءِ سارنگ خان موڪليو. جنهن لاهور ۾ اچي هن کي شڪست ڏني. سنڌ جا کوکر ۽ انهن کوکرن جي اولاد مان آهن. (بحوالہ: قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو ص 319 از مرزا قليچ بيگ).

جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ پنجاب کان آيل سراين جا 24 پاڙا لکيا آهن. جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "کوکر" آهي. ڪتاب شاهان گوجر مان پتو پوي ٿو تہ "کوکر" گوجر راجپوتن (جت) جو پاڙو آهي. جنهن مان "هرل" آهن.

ڊاڪٽر الهرکي پٺ ڪتاب "سمات" ص 38 تي لکيو آهي تہ کوکر پنجاب جا اٺ پالينڊ "جت" آهن. جيڪي هن وقت پاڻ چون ٿا تہ اسان "سمات" ۾ داخل آهيون. ڪچيءَ ۾ ويندل کوکر پاڻ کي "جت" چوائين ٿا.

ايس - صادق علي لکي ٿو تہ "کوکر" راڻوڙ قبيلي مان آهن ۽ خالص "سما" آهن. کوکر اقليتن، هڏواڻن "اعواڻن" ۾ پڻ آهن. جيڪي پنجاب کان آيل آهن. ڪرنل ٽاڊ ۽ بارڪلي جي راءِ آهي تہ کوکر ۽ پني، راجپوتن مان جت آهن. کي چون ٿا تہ کوکر غزنويءَ جي قطب شاهه جي پٺ محمد جو اولاد آهن پاڻ چون ٿا تہ اسان قريشي آهيون. کوکرن جا خاص پاڙا آهن: 1 پنرايو. 2 روهڙ. 3 گهمرا. 4 ونگا ۽ 5 هرل.

کوکران: هندو کترين جو پاڙو آهي.

کوکراڻي: کوکرن مان قبول هڪ نئين مسلمان ذات آهي.

کوکيجا: سمن جي ذات آهي.

کولُرَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن. خيرپورميرس طرف رهن ٿا.

کُولرا: کلهوڙن جو پاڙو آهي.

کونجاڻا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

کوند: پيلن ۽ اڇوت هندن جي ذات آهي.

کونماڻ: سمن جي ذات آهي.

کُوهار: برهمڻ کترين جي هڪ نک جو نالو.

کُوهار: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

کُوهارا: معنيٰ کوهن کوٽڻ وارا. کوهارا کلهوڙن جو پاڙو آهي (عباسي).عرب کوهارن کي "اصحاب الرس" چون ٿا. اصحاب الرس جو ذکر قرآن شريف جي سورة الفرقان ۽ سورة ق ۾ آهي.

کوهاٽا: معنيٰ کوهن کوٽڻ وارا. هي سمات آهن.

کوهي: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. ٽنڈوآدم ۾ مري بلوچن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "کوهي" آهي.

کوهيگاٽي: مارفاٽي چاندين مان آهن.

کهاڙو (کُهاڙا): سمن جي ذات آهي.

کهاڻ: سمات ذات آهي.

کهاوڙ: بن لفظن جو مرکب آهي. کوهه + آور. کوهه معنيٰ جبل ۽ آور معنيٰ کان آيل يعني جبل کان آيل ماڻهو. ذاتين جي اپياس مان خبر پوي ٿي ته سومرا، دودي چنيسر جا ماڻهو هئا. جيڪي تعلقي وارهه جي ڏاڙهياڙي جبل ۾ رهندا هئا. ان وقت علاؤالدين خلجي ۽ دودي سومري جي وچ ۾ جنگ لڳي. دودي هارايو. جنهن سبب سومرن مان ڪجهه ماڻهن ڊپ مان پاڻ کاڏي. جيڪي پڇي ويا. سي "چٽا" سڏجڻ لڳا ۽ جيڪي پڇي نه سگهيا اهي "کوهه آور" سڏجڻ لڳا. ڪجهه عرصي بعد کوهه آور سنڌي صوتي روپ اختيار ڪري "کهاوڙ" سڏجڻ لڳا. ڪن جو چوڻ آهي ته هي کُهجي پيا ۽ پنڌ نه ڪري سگهيا. مقامي ماڻهن کين "کهڻ" (ٽڪل) چيو. جو بعد ۾ کهوڙ ۽ کهاوڙ سڏجڻ لڳا.

کلهوڙا پنجاب کان آيل آهن. جيڪي سرائڪي زبان ڳالهائڻ ڪري سرائي ۽ جت پڻ سڏبا هئا (آهن). کلهوڙن جي دور ۾ کهاوڙ انهن جا مريد ٿيا ۽ سرائڪي زبان اختيار ڪيائون. جنهن بعد هي به سرائي سڏجڻ لڳا. کلهوڙن ڪيترن ئي کهاوڙن کي پنهنجا امير ۽ لشڪر جا سپهه سالار مقرر ڪيا هئا. جيئن محمد حسن کهاوڙ. جو ميان عبدالنبي جي وقت ۾ سندس پاران مير فتح علي خان سان وڙهيو هو. سرائي کهاوڙ يا سومرن مان تبديل ٿيل کهاوڙ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آباد آهن. جن مان هڪ ڳوٺ "گاجي کهاوڙ" نهايت مشهور آهي. ڪن کهاوڙن جو چوڻ آهي ته اسان چغتا پناڻ آهيون. منهنجي اپياس موجب هي چغتا پناڻ نه آهن. پناڻ ته سندن دشمن هئا. لسٻيلي ۾ رهندڙ برفتن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "کهاوڙ" آهي.

کهرا: معنيٰ سخت. تکا. پنجاب کان آيل پٺين ۽ جتن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. صرف ضلعي دادوءَ ۾ ڪلجي ڳوٺ وٽ رهن ٿا. سنڌ ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ نظر ڪونه ٿا اچن.

کهڙا: سنڌ جي اصل سمات ذات آهي. هنن جي اصل ڪرت ڪوسلا ۽ ٻيڙيون ناهي دريائن تي گذر سفر ڪرڻ هو. اصطلاحن هو دريائن جا رهاکو. ٻيڙين ناهڻ جا ڪاريگر وڏا ملاح هئا. هن وقت کهڙا هڪ وڏي ۽ سڌريل ذات آهي. جيڪا اڪثر ڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۽ خيرپورميرس ۾ آباد آهي.

کهڑو: سنڌ جا سمات آهن. جيڪي ملاحن جي اوڙڪ ۾ شامل آهن.

کهلوڙ: پنجاب کان آيل سرائي ۽ جت آهن.

کهنبا: هندو کٽين (کترين) جي ذات آهي. جيڪي ڪپڙن تي رنگ چاڙهيندا آهن. جنهن کي "ريٽو" ڪپڙو چون ٿا.

چوٽي: جيئن ڪهنبو رنگ ڪلي ٻوي - تهڙي لالائي ب لبن (ملهار).

کهنباٽي (کنباٽي): نيروتي. ڪپڙن تي رنگ چاڙهڻ وارو. هندن ۽ مسلمانن ۾ هڪ ذات جو نالو آهي. جيڪي ڪرت سبب ذات جا کهنباٽي سڏجن ٿا.

کهنباٽي: ڇر جو ڪر ڪندڙ هندو ۽ مسلمانن جي ذات آهي.

کُهنبڑا: ڪنڌ چاڙهڻ وارا نيروتي ۽ کٽي. هندن ۽ مسلمانن جي ذاتين جا نالا آهن.

کهوڙا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

کهيراٽي: ڪرمتين جي مرڪهر شاخ جو هڪ پاڙو.

کيازئي (کيبازئي): جهلاواني بروهين جو پاڙو آهي (محمد حسني).

کيال: اعوانن جو هڪ پاڙو.

کياڻي: جڪراڻي بلوچن جي ساهواڻي پاڙي مان هڪ قريءَ جو نالو آهي. مهرن ۾ پڻ "کياڻي" آهن.

کيبر: سميجا ڪل مان سما ملاح آهن. ڪتابن ۾ لکيل آهي ته ٽيبو بن انڙ بن سمون بن رائيدن کي سورهن پٽ هٽا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "کيبر" هو. ان کيبر جو اولاد "کيبر" سڏجن ٿا. هن ذات جي نالي سان حيدرآباد ۽ هالن جي وچ تي هڪ ڳوٺ جو نالو "کيبر" آهي. هن ذات وارن جو شجره هن طرح آهي.



هن وقت کيبرن مان ڪجھ ماڻھو پاڻ کي هوتي ۽ هوتياڻي ٻ سڏائين ٿا. درويش نوح اصل ۾ ذات جو کيبر آهي. پر هن وقت هو "هوتياڻي" سڏجي ٿو.

کيبراڻي: سما ملاح آهن. کيبرن جي ذات مان قتل ذات آهي.

کيتراڻ: بلوچستان جا بلوچ آهن. کيتران واري علاقي ۾ رهڻ ڪري کيتران يا کيتراڻ سڏجن ٿا.

ڪتاب بلوچ جي مصنف م - ک پيڪولين جي راءِ آهي ته هي هڪ پوڪ ڪندڙ هندي قبيلو آهي. کيتي ڪرڻ ڪري پاڻ "کيتران" يعني کيتي ڪندڙ. ڪاشتڪار (ڪشترہ) سڏجڻ لڳا. ڪتاب پنجاب کي ذاتين ص 124 موجب کيتران هڪ گڏيل بلوچ قبيلو آهي. هنن جو تعلق ابدالي پٺاڻن جي مورث اعليٰ ترين جي پاءُ "ميانا" سان آهي. کيتران بلوچن جي هڪ وڏي پٺاڻ قوم مان شادي ڪئي هئي. ان ڪري ماءُ طرفان پٺاڻ ۽ پيءُ طرفان بلوچ سڏجن ٿا. سندن زبان کيتراني بلوچي آهي. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 بابر. 2 حسناڻي. 3 ڏاڙيول. 4 گنجورا. ڏاڙيوال پاڻ کي دوداڻي هوت سڏائين ٿا.

کيتراني بلوچن جو شجره هن ريت آهي



کيتوال: اعوان جو هڪ پاڙو.

کيٿراڻي: هڪ غير سمات مسلمان ذات آهي.

کيچر: پرمار هندن جي ذات آهي.

کَيدا: جگند چاچڙن جو پاڙو آهي.

کيداڻي: سما ۽ ملاح آهن. ننڍي ضلعي ۾ سنيا وينا آهن. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "کيداڻي" آهي.

کير: پرمار هندن جي ذات آهي. ٿر ۾ رهن ٿا.

کيرا: هڪ سمات ذات آهي.

کيراتيا: ڪرمتي جت بلوچن ۾ گهڻيا ذات (سما - جت) جي پاڙي جو نالو آهي.

کيراڻي: جتوئي بلوچن ۾ سرائي جتن جو پاڙو آهي.

کيرواڻي: ڪرمتين جي گبول شاخ جو هڪ پاڙو.

کيري: سنڌي ڳالهائيندڙ بلوچ آهن.

کيريا: مزاري بلوچ آهن.

کيرين پوٽا: برهماڻي برن جي راڄ مان آهن.

کيڑا: سمن جو پاڙو آهي. هي ملاحن ۾ شامل آهن. پنجاب کان لڏي آيل جت قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "کيڑا" آهي.

کيسائي: ڪڇ ۾ڇ کان آيل ميمڻ آهن. کيسن ناهڻ جي نسبت سان "کيسائي" سڏجن ٿا.

کيمٽيا (کمٽيا): پنجاب کان آيل سرائي جت آهن.

کيمچنداڻي: هندو لهاڻن جي "کاريا" نک مان هڪ آکيڙ. هي سيٺ کيمچند وسٹمل جو اولاد آهن.

کينٽليا: ٿر ۾ مينگهواڙن جي ذات آهي.

کينجاڻي: رندن جو پاڙو آهي.

کيندر: گوجرن جو پاڙو آهي.

کينئرا: کينئو بن همون سومري جو اولاد پاڻ کي کيئنرا سومرا سڏائين ٿا (پاڙو). هڪ ٻئي حوالي موجب کينئرا سميجا قبيلي جو هڪ پاڙو آهي. هي سانيين پٽ منو پٽ ڪلو جو اولاد آهن، پيئنرو، اجو، پرمو، سانگڙ ۽گوهڙ، کينئري جا پائر ٽين. مگرين ۾ پڻ هڪ پاڙو"کينئرا" آهي.

کيٹا: رونجهن مان آهن.

کيوڑا: پنجاب کان لڏي آيل جت قبيلي جو پاڙو آهي.

کيئازئي: بگٽي بلوچن جي شنباڻي پاڙي مان هڪڙي پاڙي جو نالو. رندن ۾ پڻ "کيئازئي" آهن. کيئو سائينداد جو پٽ هو. رحملاڻي، بنبي زئي، بکراڻي، ٽالبر ۽ هلياڻي، کيئازئيءَ جا پاڙا آهن.

کيئلداساڻي: هندن جي هڪ آکيڙ جو نالو.

کيئنرا: رونجها آهن، هي لسبيلي ۾ رهن ٿا.

گ

گابار: سمن جو پاڙو آهي.

گابر: سما خاندان جو پاڙو آهي.

گابرڪلاٽي: پنهورن جو پاڙو آهي.

گابري: مڪراني بلوچن جي ذات آهي.

گابڙيا: سما خاندان جي ذات آهي.

گاپَرَ: سما خاندان جي ذات آهي.

گاتاٽي (گاتاٽي): گورچاٽي بلوچن جي درڪاٽي شاخ مان آهن.

گاجاناٽي: غيباٽي چاندين جو پاڙو آهي.

گاجاٽي: بڙدي بلوچن جي بجاراٽي شاخ مان آهن. دومڪي بلوچن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "گاجاٽي" آهي.

گاجرا: مهاراجا گجسنگهه غزني واري جي برادريءَ وارا هندو آهن.

گاجريا: ملاحن. مهاڻن ۾ هندن جي ذات آهي.

گاجي خانزئي: شاهوزئي بروهين جي پاڙي جو نالو آهي

گاجيٽي: پٺي قبيلي جو پاڙو آهي.

گاد: سمن جو پاڙو آهي، هي آبڙ ۾ اچن ٿا. لاڙڪاٽي ضلعي ۾ رهن ٿا. جوڪين ۾ پڻ آهن.

گادا: ملاحن ۾ مهاڻن جي ذات آهي. هي غلام ذات آهي. پنهارن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "گادا" آهي.

گاداٽي (گداٽي): دومڪي بلوچن مان آهن.

گادڻ: سما خاندان مان آهن. هي ملاحن جي اوڙڪ ۾ اچن ٿا.

گاديجاٽي: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

گاڏار: ملاحن ۾ مهاڻن جو پاڙو آهي. سجاول تعلقي ۾ هنن جا ڪافي گهر آهن.

گاڏائي: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

گاڏر: گاڏار ۾ گاڏر هڪ ئي ذات معلوم ٿي ٿئي. هن ذات مان حسين گاڏر فقير هڪ مشهور شخصيت هئا جنهن جو ذڪر ڪتاب "بيان العارفين وتنبيه الغافلين" ۾ ٿيل آهي.

گاڏوهو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گاڏهي: هي لفظ بن لفظن جو مرڪب آهي.گاڏي + وال. جنهن جي معني آهي گاديءَ وارو. گاديءَ جو مالڪ. اڳوان وغيره. گاڏي وال. سنڌي صوتي روپ اختيار ڪري "گاڏهي" ٿي ڇيو.

ايس - صادق علي جي لکڻ موجب گاڏهي. رندن ۽ جتوئين جو پاڙو آهي. سنڌ ۾ ڪافي جاين تي گاڏهي آباد آهن. ڪي پاڻ کي جتوئي ٿا ڪي وري رند چوائين ٿا. جامع سنڌي لغات ۾ بڏي قبيلي جا 24 پاڙا لکيل آهن. انهن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "گاڏهي" لکيل آهي. يعني هي بڏي بہ آهن. ڪتاب "سمات" ۾ جتن جي احوال ۽ انگريزن جي طرفان ڪرايل آدم شماري 1911ع ۽ 1931ع مان خبر پوي ٿي تہ "گاڏهي". جتن جي هڪ ذات آهي. گاڏهي بلوچ. سرائڪي ۽ بلوچي زبان ڳالهائين ٿا ۽گاڏهي جت سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا. ڪتاب "تواريخ ديره غازيخان" ص 110 موجب گاڏهي. جت آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن:1 بالچاڻي. 2 حمزاڻي. 3 حسناڻي. 4 حملاڻي. 5 خوشالاڻي. 6 ڪڪراڻي ۽ 7 لڏاڻي.

ڇوڻي آهي تہ: **مري. هڏ ڪري. گاڏهي. گبول. بخشش بانڙي.**

گاڏي: ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي ذات آهي.

گاڏيواڻ: سنڌي پناڻن جي هڪ ذات. درويش سمن سرڪار لڳ. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ علي خان گاڏيواڻ جو ڳوٺ مشهور آهي.

گاڏيهي: جي معنيٰ آهي، گڏهن وارا. هي بلوچ آهن. جيڪي ميرجاڪر سان گڏ هئا. مير چاڪر رند جو سامان گڏهن تي ڪٽندا هئا. جنهن سبب "گاڏيهي" سڏجڻ لڳا.

گارزئي: بروهين جو پاڙو آهي. حب بلوچستان ۾ سندن وڏا ڳوٺ آهن.

گاروڙي: جوڳي فقيرن جي ذات آهي. هي مرليءَ سان نانگ ڦاسائيندا آهن.

گاگاڻي: هندو سوڊرن جو پاڙو آهي.

گاگڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. بدين ضلعي ۾ سندن ڪافي راڄ آهن. شڪارين جي هڪڙي ذات جو نالو پڻ "گاگڙا" آهي.

گاگن: هڪ روايت موجب جتوئيءَ جي هڪڙي پٽ جو نالو "گاگن" هو. جو بي اولاد وفات ڪري ويو. هن جي ڪجهہ عزيزن پاڻ کي وڏي جي نسبت سان "گاگن" سڏايو. مگرين ۽ ابڙن ۾ پڻ آهن.

گاگناڻي: مهرن جي ذات آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪتاب سومرن جو دور ص 350 تي لکيو آهي تہ گاگن سومري جي اولاد پاڻ کي "گاگناڻي" سڏايو. (پاڙو).

گاگڙ: راجپرن مان آهن.

گام: سمن جو پاڙو آهي.

گاما: هڪ مسلمان ذات آهي، سنڌ ۾ رهن ٿا.

گامون: ٻڌ فقيرن جو هڪ پاڙو.

گانجيازئي: بروهين جو پاڙو آهي.

گاندر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

بيت:

"جـن دوءِ درا، ڪچين ڪـر ۽ ڪوٽـيون،
سي مـٽي پيـرين برهنـ، هئا گانـدر سـپ گرا،
اهي پاهان، پاڻ پرا، ٿيا سمي جي سهاڳ سان" (سچل)

گانڈي: جي معنيٰ آهي "پنساري". گانڈي، اوسواڙ هندن جي ذات آهي. هندستان کان آيل ڪي مسلمان پڻ پـاڻ کي گانڈي سڏائين ٿا. حالانڪ ڏنڊو ۽ پيشو مختلف اٿن. حيدرآباد ۾ ابراهيم جي گانڈي هڪ مشهور واپاري (پنساري) آهي. هندو پاڻين جي هڪ نڪ جو نالو پڻ "گانڈي" آهي.

گانگا: مگرين جو هڪ پاڙو.

گانگڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گانگڙا: ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڙ آهن.

گانگواٽي: ڪرمتين جي زنگياٽي شاخ جو هڪ پاڙو.

گانمراٽي: ڪلهوڙن جو پاڙو آهي.

گانڇا (گائنچا - گائينچا): هڪ ئي قبيلي سان واسطو رکندڙ سما ذات آهي. اصل لفظ، گانءِ + چو = گانڇو آهي، جنهن کي فارسيءَ ۾ گاؤ، پراکرت ۾ گائي ۽ سنسڪرت ۾ گو، چون ٿا، جنهن جي معنيٰ ڳئون، ڳئن وارو، ڳئن پالڻ ۽ چارڻ وارو آهي. اصطلاحي معنيٰ ۾ کين مالدار چون ٿا. ڪن جو چوڻ آهي تـ اصـل لفظ گائو چر، معنيٰ ڳئن چارڻ وارو آهي، جنهن جي معنيٰ ۽ مطلب ساڳيو آهي.

روايت ۾ آهي تـ هي اصل ۾ ڏاڙهياري جبل جا لاڙڪ (ملاح) هئا، جن جو وڏو ڏاڏو چوٽيئر لاڙڪ جي نالي سان مشهور هو، جنهن لاڙڪاڻي جو شهر ٻڌرايو هو. جيئن تـ هي مالدار هئا، ڳئن جا هنن وٽ ڏڍ هئا، ان ڪري مال جي نسبت سان پاڻ کي "لاڙڪ" جي بجاءِ گانڇا، گائنچا ۽ گائينچا سڏرائڻ لڳا.

هي چٽن، وڪن ۽ برفتن وانگر سنڌ جا اصل سما آهن، جبلن ۾ رهڻ ڪري جابلو ماڻهو لڳن ٿا پر هـي بلوچ نـ آهن، سندن مادري زبان سنڌي آهي. ڏاڙهياڙي جبل ۾ چٽن سان دشمني ٿي پيـن، جنهن سبب ڪـافي

گانڍچا نقل مڪاني ڪري اچي سنڌ جي ٻين حصن ۾ آباد ٿيا. هنن جي پاڻن مان اڄ ٻ "لاڙڪ" پاڙو منجهن قائم آهي، جيڪو سندن اصليت کي ظاهر ڪري ٿو. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 چاڀرو، 2 حسناڻي، 3 دتڙ، 4 لاڙڪ، 5 بولاڻي، 6 لاڙائي، ۽ [illegible].

گاوا: ترڪانن جو پاڙو آهي. پنجاب کان آيل هندو آهن.

گاهري: پنجاب کان آيل لٻاڻن جو پاڙو آهي. گاهه جي ڪرت ڪرڻ ڪري گاهري سڏجن ٿا.

گاهي: معنيٰ گاهه وڪڻندڙ - هڪ سماڻ ذات آهي.

گاهياڻي: هڪ روايت موجب جتوئي جي هڪڙي پٽ جو نالو "گاهي" هو، جنهنجي اولاد پاڻ کي "گاهياڻي" سڏايو. ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ص 409 تي لکيل آهي ته "گاهياڻي"، ڪوسن جي ڪلولاڻي پاڙي جي شاخ آهن. چانگن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

گاهيچا: حملاڻي برفتن جو راڄ آهي، ڪوهستان ۾ رهن ٿا.

گائسوزئي: ڪاڪڙ پناڻن جو پاڙو آهي.

گباڻي: سما آهن.

گبچاڻي: رندن جي ذات آهي.

گبراڻي: ٽالپرن ۽ نوحاڻين جو پاڙو آهي. جوڪين ۾ پن آهن.

گبرزئي: رندن جو پاڙو آهي، جن کي هوتانزئي ٻ چون ٿا. بلوچستان مان لڏي لکي شاهه صدر اچي وينا، جتان جهانگارا ۽ پوءِ نواب شاهه ۾ وڃي آباد ٿيا. ميروزئي هنن جا ويري آهن.

گبلاڻي: پهوڙ آهن.

گبول: گبول خان بلوچ جو اولاد آهن. هي گورچاڻي قبيلي جي لشاري شاخ مان آهن، جن جو واسطو رندن سان آهي. مرزا قليچ بيگ جي لکيل ڪتاب "قديم سنڌ" ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو ۾ ص 300 تي لکيل آهي ته بڙدي يا بليدي جي هڪڙي چگي مڙس زيندي خان کي ٻ پٽ هئا. هڪ سندر خان ۽ ٻيو حاجي. سندر خان جي اولاد مان "گبول" آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ لکيو آهي ته "گبول"، بڙدين جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. بلوچ صاحب جي لکڻ ڪري مرزا صاحب جي لکت کي تقويت ملي ٿي.

ايس - صادق علي جي خيال ۾ "گبول"، ڪرمتي جت بلوچن مان آهن. آءٌ (راقم) پڻ ان جي تائيد ڪريان ٿو ته ڪرمتين جي هڪ شاخ جو نالو "گبول" آهي. هي گبول، گبول خان ڪرمتيءَ جي اولاد آهن، جن جا خاص پاڙا آهن: 1. اميد علياڻي 2. بجاراڻي 3 بنياڻي 4. جوگياڻي 5. سوجاڻي 6. صفراڻي 7. عيسباڻي 8. قادرناڻي 9. قيصراڻي 10. کيرواڻي 11. لاکاڻي 12. مالماڻي 13. مبارکاڻي 14. نيياڻي 15. ملوکاڻي

16. راڏاڻي ۽ 17. نوتاڻي. ذاتين جي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ "گبول"، دومڪي بلوچن ۽ جتن جي پاڙن جو پڻ نالو آهي.

مير شهڪ خان بلوچ، گبولن جي مدد سان سبي کي فتح ڪيو. ان وقت گبولن جو مورث اعليٰ "گبول خان" هو. انهن گبولن جا خاص پاڙا هن طرح آهن: 1 آکوواڻي، 2 باغلاڻي، 3 جلالاڻي، 4 جنگواڻي، 5 جيوڻاڻي، 6 چالاکاڻي، 7 حاجوآڻي، 8 حمزاڻي، 9 ديرڪاڻي، 10 فوجاڻي، 11 ڪراراڻي، 12 ڪرملاڻي، 13 لالاڻي، 14.هالواڻي، 15 منڊرا، 16 منڊراڻي، 17 نورنگاڻي ۽ 18 هسواڻي.

نبيل خان گبول وارا "آکوواڻي" پاڙي مان آهن. جن جو چوڻ آهي تہ گبولن جي سرداري پڳ اسان جي مٿان آهي. رسول بخش خان گبول ۽ سردار آچر خان گبول جوهيءَ وارن جو چوڻ آهي تہ گبولن جا سردار اسان آهيون. هڪ اپياس موجب گبولن جو شجرو هن طرح آهي.



گبولڙا: گبولن مان ڄڻل هڪ ننڍڙي بلوچ ذات آهي.

گٽا: ڪچي ميٺن جو پاڙو آهي.

گپچاٽي (گچپاٽي): رندن جو پاڙو آهي.

گجا: هڪ سمات ذات آهي. غالباً هي ملاح آهن. ساموندي پٽي ۾ لاڙ ۾ رهن ٿا.

گجاڙيا: ملاح ۾ مهاٽا آهن. ساموندي پٽي ۾ لاڙ ۾ رهن ٿا.

گجاٽي: بڙدي بلوچن، دومڪين ۾ انڍڙن جي پاڙن جو نالو آهي.

گجپت: هندو ذات آهي، هي جادم جو اولاد آهن.

گجر: هي اصل ۾ جارجيا جا رهاڪو هئا، جتان نقل مڪاني ڪري پنجاب، راجپوتانا ۾ سنڌ ۾ آباد ٿي ويٺا. گجرات صوبو هن ذات جي نالي پٺيان پيو. پنجاب پاڪستان ۾ گجرات شهر اڏارايائون. لسٻيلي تي قبضو ڪري حڪومت ڪيائون، جن کان وري رونجهن حڪومت حاصل ڪئي.

گجر، راجپوتن سان ملي پاڻ کي سورج ونسيءَ جو اولاد چوائڻ لڳا. هن وقت گجر، راجپوتن، ڇهواٽن، سودن ۾ برهمٽن سان شامل آهن. گجر قبيلي جا ڪافي ماڻهو مسلمان ٿيا آهن. سمات ۾ پڻ "گجر" آهن. مومل (شاهه جي سورمي) هنن مان هئي. محققن جو چوڻ آهي ته گجر ۾ گوجر ساڳي ذات يا قوم جو نالو آهي. هي سنڌ جا آهن ۾ هنن جو واسطو سنڌ جي جتن سان آهي. زماني جي گردش، لاهن چاڑهن جنگ و جدال ۾ روزگار خاطر برصغير، ايران ۾ افغانستان تائين وڃي آباد ٿيا. افغانستان وارا هنن کي "جت" چون ٿا. وڌيڪ لاءِ گوجر ذات ڏسڻ گهرجي.

گجِر: هڪ بلوچ ذات آهي. (جت).

گجراتي: ڪمانگرن جو پاڙو آهي.

گجرال: ڪتاب "شاهان گوجر" ۾ لکيل آهي ته "گجرال"، پٽي راجپوت آهن.

گجراٽي: بڙدي بلوچن جي بجاراٽي شاخ مان آهن.

گجر پوٽا: جوکين جي بنديچا شاخ مان آهن (جت).

گجِريا: ملاح ۾ مهاٽا آهن.

گجريا: ملاح ۾ مهاٽا آهن. هي پنجاب کان آيل آهن.

گجريپوٽا: دودن جو پاڙو آهي. لسٻيلي ۾ رهن ٿا. دودي جي هڪڙي پٽ جو نالو "گجر" هو. هي ان پٺيان سڏجن ٿا.

گجڙيا: ملاح ۽ مهاتا آهن.

گجر: لسبيلي جي هڪ سماٽ ذات آهي.

گجڙ: حملائي برفتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. گجو ۽ نهڙين ۾ پڻ "گجڙ" پاڙو آهي. نهڙي گجڙ. گجڙ بن راجپار جو اولاد آهن.

گـجڙاڻي: برڙدي. ڏاهاڻي. حاجيجا ۽ بجاراڻي شاخن مان آهن. انهن ڏاهاڻين جي هڪڙي پاڙي جو نالو "گجڙاڻي" آهي.

گجڙچا: جت بلوچن جي ذات آهي.

گـجـو: لفظ جي معنيٰ آهي وڏي دل وارو. ٿر ۾ مسلمان سوڍن جي ذات آهي. گجو سما ۽ غير سما آهن. هڪ روايت موجب راڻي گجسنگهه سوڍي. ملتان جي غوث جي هٿ تي دين اسلام قبول ڪيو. سندس نالو مصلح الدين رکيو ويو. سندس اولاد پاڻ کي "گـجـو" سڏايو. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. بڇپير 2. پيڙو 3 جارب 4 گجڙ 5. رڇپير ۽ 6. سومار.

گجياني: هي خٽئي پناڻ جي پٽ ميڪ جو اولاد آهن. هڪ ٻڪرار. ميڪ جي ڏيءَ گجي /گوجي سان شادي ڪئي هئي. جيڪو اولاد پيدا ٿيو. ان کي "گجياني" چيو ويو. پناڻ هنن کي "گدا" چون ٿا. زيرڪ ۽ هوتڪ هن جا خاص پاڙا آهن.

گچاڪي: بروهي قوم جي ذات آهي.

گچڙ: سمن جي ذات آهي.

گچڪـي: سنڌ وارا گچڪي سماٽ ۽ مڪران وارا گچڪي مڪراني بلوچ سڏجن ٿا. اصل ۾ گچڪي سماٽ ذات آهي. گچڪي قبيلي جا ماڻهو مارواڙ. جوڌپور. جئپور ۽ جام ننگر جا رهاڪو هئا. جتان لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. سنڌ ۾ رهڻ ڪري پاڻ "سماٽ" ۾ داخل ٿيا.

17 - صدي ۾ هنن مان ڪجهه لڏي وڃي مڪران جي وادي "گچڪي" ۾ آباد ٿيا. اتان وري بن شاخن ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا ڪيچ ۾ آباد ٿيا. اهي ڪيچي گچڪي ۽ بيا ٽمب ۾ وينا. اهي ٽمب وارا گچڪي سڏجڻ لڳا. گچڪي حقيقت ۾ بلوچ يا مڪراني بلوچ آهن.

ڪتاب "تاريخ بلوچ و بلوچستان" جلد پنجون از مير نصير خان احمد زئي چاپو 1994ع ص 118 تي لکيل آهي ته 1298ع ۾ مڪران جو حاڪم رجب ماملي ڪرد بلوچ هو. هن کي ست پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "مراد" هو. ان مراد جي اولاد مڪران جي گچڪي واري هنڌ تي سڪونت اختيار ڪئي. جنهن بعد هي "گچڪي" سڏجڻ لڳا. مڪراني گچڪين جو واسطو غوشي ذات جي ذڪري مذهبي تولي سان آهي. جيڪي

کوھ مراد وٽ زيارت لاءِ وڃن ٿا.

ايس - صادق علي لکي ٿو ته گچڪي، مارواڙ راجپوتانا ۾ ھڪ ننڍڙي ڳوٺ جو نالو آھي، جتي جو راجا "جڳت سنگھ راجپوت" لڏي وڃي ڪيچ ۾ وينو ۽ اتي اسلام قبول ڪيائين. ان راجا پاڻ کي پنھنجي اصلوڪي ڳوٺ جي نسبت سان "گچڪي" سڏايو. جنھن جي اولاد مان مھراب خان گچڪي پنھنجي قبيلي جو چگو مڙس ھو. ھن وقت ھي مڪراني بلوچ سڏجن ٿا.

ڪتاب "بلوچ قوم اور اس ڪي تاريخ" از مولانا نور احمد خان فريدي ص 383 تي لکي ٿو ته دينار گچڪي، بليديا تي قبضو ڪيو، جنھن کي شھ عمر، شھ الله، شھ بيگ، شڪرالله ۽ شاھ محمد نالي پٽ ھئا.

رحميداد خان مولائي شيدائي، تاريخ بلوچستان ۾ لکي ٿو ته بليدين، بزنجن ۽ گچڪين سان متي مائتي ڪئي. بليدين ۽ گچڪين ۾ اڪثر جھڳڙا ٿيندا رھيا، جنھن خوف کان بليدي پنھنجو وطن بليديه ڇڏي اچي سنڌ ۾ وينا. ڪتاب جنت السنڌ ص 442 تي "آر ھيوز بلز" جي حوالي سان لکيل آھي ته گچڪي ماڻ طرفان بلوچ ۽ پيءُ طرفان راجپوت آھن. آڪاڻي ھن طرح آھي ته نظر محمد بلوچ پنھنجي پٽ ڪمال خان کي ڪاوڙ ۾ ماري وڌو. ھن کي ھڪڙي ڏيءَ "دليبو" نالي ھئي. قسم کنيائين ته ھن جي شادي غير بلوچ سان ڪندس. انھن بلوچن جا ڪجھ ماڻھو ٻڙودا ويا، جن سان شھزادو "سمت جوارميدا" گڏ مڪران آيو. مسلمان ٿي شادي ڪيائين ۽ سندس اولاد گچڪي سڏجڻ لڳو.

گچڪي زئي: ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 132 موجب "گچڪي زئي" خدرائي بروھين جو پاڙو آھي. ھي اصل ۾ جدگال (جت) آھن، جي بعد ۾ خدرائي بروھين ۾ شامل ٿيا آھن.

گچل: سمن جي ھڪ ذات آھي. گچل ۽ ڳچل ۾ فرق آھي. ڳچل سرائي جت آھن.

گدارا: خاصخيلي قبيلي جي ھڪڙي پاڙي جو نالو آھي.

گداٹي: ڏومڪين جو پاڙو آھي.

گدبدکي: ملاح ۽ مھاٹا آھن.

گدري: شنباٹي بگٹي بلوچن جو پاڙو آھي. شنبي کي ان پٽ ھئا، جن مان ھڪ پٽ جو نالو گدري (گڏري) ھو، سندس اولاد "گدري" سڏجي ٿو. چٹڪاٹي، سياھ قاز ۽ ڪُڏا ھن جو اولاد آھن.

گدڙ: ملاحن ۽ مھاٹن جي ذات آھي. ننڍي شھر ۾ ميمڻن جي ھڪ پاڙي جو نالو پڻ "گدڙ" آھي. شڪارين ۾ پڻ ھن ذات وارا آھن، جيڪي گدڙ جو شڪار ڪري ان کي کائين ٿا.

گدواٹي: ڏومڪي بلوچ آھن. ھندن جي ھڪڙي ذات جو نالو پڻ "گدواٹي" آھي. ڳجھارتن ۽ لوڪ ادب جو

ماهر ڊاڪٽر پرسو هن کيڙ مان هو. (بحوالہ: مهراڻ نمبر 4 سال 1991ع ص 74). هندو گدواڻي "منچنديا" نک مان آهن. ديوان گدو مل کي کو اولاد ڪونہ هو. سندس تن پائرن عالمچند، جستراءِ ۽ خانچند جي اولاد پاڻ کي چاچي جي نسبت سان "گدواڻي" سڏايو. ديوان گدومل ڪلهوڙن ۽ تالپرن جو مشير اعليٰ هو.

گدور: هي بلوچ آهن. پراڻي قوم "گيدور" سان واسطو رکي ان ۾ سمائجي ويا آهن. لسبيلي ۾ سندن ماڳ آهن. اڪثر ڪري مچي مارڻ جو ڪم ڪن ٿا. جنهن ڪري هي ملاح بہ سڏجن ٿا. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 116 موجب "گدور". ساجدي بلوچن (جت) جو پاڙو آهي.

گدي: ڪتري راجپوتن ۽ برهمڻن جو پاڙو آهي. ڪانگڙا سندن اصل مقام آهي.

گڏا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گڏاڻي: دومڪي بلوچن جو پاڙو آهي.

گـڏاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گڏائي: اوڏن جي ذات آهي. هي غير مسلم آهن.

گڏتري: رندن جو پاڙو آهي.

گـڏريا: هندو چمارن جو پاڙو آهي.

گـڏڻ: ميربحرن ۽ ملاحن جي هڪ ذات جو نالو.

گڏو: ميربحر ۽ مهاڻا آهن.

گڏوڙا: ميمڻن جو پاڙو آهي. ننڍي جا رهواسي آهن.

گڏهار: ڏري هندن جي ذات آهي.

گڏهڙ: سما ملاح آهن.

گدا: لفظ گدو، يعني گڏيل تان ورتل آهي. تاريخي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ حبشي عورتن سان مڪرانين ۽ سنڌين شاديون ڪيون، انهن مان جنهن اولاد جنم ورتو ان کي "گدا" چيو ويو. عربن هنن کي "بياسر" چيو، جن کي سنڌ ۾ "بيسرا" ۽ "اڌبيسرا" ۽ "گدا" چيو ويو.

ذاتين جي محقق، ڊاڪٽر گليسر لکيو آهي تہ حبشي عورتن مڪران ۾ شاديون ڪيون ۽ اهي بلوچ تسلط هيٺ آيون. ان مان جيڪو اولاد پيدا ٿيو ان کي "گدا" سڏيو ويو.

هن وقت لورن، خاصخيلين، جتن ۽ ملاحن ۾ پڻ گدا ذات وارا آهن. شيدي قوم جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "گدا" آهي. ڪلمتي بلوچن جي بگهياڙ پاڙي مان هڪ ڪُڙيءَ جو نالو پڻ گدا (Mixed) آهي. نامور شاعر بڪر

بگهياڙ ۾ غلام محمد هن پاڙي مان هئا. جن مير بهرام خان جي شهادت جو قصو پنهنجي شاعريءَ ۾ قلم بند ڪيو آهي.

گدائي: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

گدريا: هندن جي ذات آهي. بکريون ۾ ريڍون چارين ٿا. ڪمبل پڻ ناهين ٿا. جنهن ڪري "ڪمبلي" پڻ سڏجن ٿا.

گذدر: هڪ غير سمات ذات آهي. سيلاڻن جي هڪڙي قبيلي جو نالو پڻ "گذدر" آهي. هن پاڙي مان محمد هاشم گذدر هڪ مشهور انجنيئر ۾ سماجي ڪارڪن ٿي گذريو آهي. گذدر، هندستان ۾ هڪڙو هنڌ آهي، ان جي رهائشي نسبت سان هي "گذدر" سڏجن ٿا.

گر: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

گـر: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

گراڙا: غير سمات ملاح ۾ مهاڻا آهن.

گراسيا: ڪچ ۾ رهندڙ جتن جو هڪ پاڙو.

گراماڻي: چاندين جي مرزائي شاخ مان آهن.

گـراناڻي: جتوئي بلوچن جو پاڙو آهي. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

گـراني: بروهين جي ذات آهي. هي بنگلزئي شاخ مان آهن.

گراڻا: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

گـراڻا: جي معنيٰ آهي ڪپڙن اڻڻ وارا. گراڻا، ڪوري آهن. هي سمات آهن. هنن جي هڪ ڏر پانڊياڻي ۾ درس سڏجي ٿي.

گـراڻي: ابڙن جو پاڙو آهي.

گـراڻي: بگٽي بلوچن جي ماسوري شاخ مان آهن.

گـرايا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. خيرپور ميرس طرف رهن ٿا.

گـربخشاڻي: هندو قوم جي ذات آهي.

گربلا: هڪ غير سمات ذات آهي.

گـريڙ: هي سما ملاح آهن.

گـرجي: اصل ۾ گرجستان يا جارجيا جا باشندا آهن. روس ۾ ايران جي جنگ ۾ قيد ٿي ايران پهتا ۾ اتي مسلمان ٿيا. تالپرن جي دور ۾ مرزا خسرو بيگ، مرزا فريدون بيگ، مرزا قربان علي بيگ ۾ مرزا باقر بيگ

اڇي سنڌ حيدرآباد ۾ ٽنڈي نوڙهي محلي ۾ آباد ٿيا. انهن مان مرزا خسرو بيگ، مير ڪرم علي خان جو پٽ وانگر نيپاج هو. اهي روس جا گرجي هن وقت ساڳي جاءِ تي مرزا يا بيگ جي ذات سان مشهور آهن.

گرجي: سما ملاح آهن.

گرج: ڪترين جي ذات آهي.

گردا خيل: آفريدي پٺاڻن جي اڪاخيل قبيلي مان هڪڙو پاڙو آهي.

گرديز: ڪانياواڙ، گجرات ۽ راجپوتانا کان لڏي آيل راجپوتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي. ڪراچيءَ ۾ ڪافي تعداد ۾ رهن ٿا.

گرديزي: حسيني سيد آهن، زيدي حسيني ۽ هنن مان آهن. گرديزي ۾ رهڻ ڪري "گرديز" سڏجن ٿا.

گرڌاري ملاڻي: "ڇڇڙيا" نک مان هندن جي هڪ آکيڙ.

گرڊيرا: اوسواڙ هندن جي ذات آهي.

گرراج: مگرين جو هڪ پاڙو.

گـرڙَ: هندو قوم جي ذات آهي. هي حرام کائين ٿا. مهاڻن ۽ جتن ۾ پڻ آهن.

گـرڙا: حرام کائيندڙ هندو قوم سان واسطو رکندڙ، ٽر ۾ رهندڙ هڪ ذات آهي، جيڪي هن وقت سڄي سنڌ ۾ خانہ بدوش آهن. گرڙا، ڏڪيرن، ٻاليشاهين ۽ شڪارين جا مذهبي پيشوا آهن. هنن ۾ پوپا ٻه آهن. گرڙا ۽ پوپا مرڻ وقت ڏڪيرن، ٻاليشاهين ۽ شڪارين کي غسل ڏئي هندڪي رسمن سان پورائيندا آهن يا ساڙيندا آهن.

گرزواڻي: سوري لنڊن جو پاڙو آهي.

گرزئي: شاهوزئي بروهي قبيلي جو پاڙو آهي.

گرسهاڻي: هندن جي ذات آهي.

گـرسياڻي: هندو قوم جي ذات آهي.

گرڪاڻي: گورچاڻي بلوچ قوم جي لشاري شاخ مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

گرگراڻي: فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "بگهڙ". بروهي قوم جي هڪ ذات آهي.

گـرگلا(شرٽ): هندو قوم ۾ پيلن جي ذات آهي. هي رلي پني پيٽ پالين ٿا. رسم و رواج ۾ باگڙين جهڙا لڳن ٿا.

گـرگلاڻي: پنهورن جو پاڙو آهي.

گـرگناڙي: احمد زئي بروهين ۽ سراواني بروهين جي پاڙن جو نالو آهي. هي اصل بروهي آهن.

گـرگيج: بڙدين ۽ جهلاواني بروهين جو پاڙو آهي. هي بروهي مينگل سان واسطو رکن ٿا. ايران جا جڳ

مشهور پهلوان رستم ۽ سهراب گرگيج هئا. رند بلوچن جي هڪ شاخ جو نالو پڻ "گرگيج" آهي. عمراڻي رند. عمر خان گرگيج جو اولاد آهن.

گُرگيجا: هڪ غير سمات مسلمان ذات آهي. عام جوڻي آهي تہ هي مارفائي چاندڻيا آهن.

گُرگيچ: هڪ غير سمات مسلمان ذات آهي.

گُرگير: هڪ غير سمات مسلمان ذات آهي.

گُرگيز: دومڪي بلوچ آهن.

گرگيزئي: ڪردن جو پاڙو آهي.

گُرگين زئي: محمد شهي بروهين جو پاڙو آهي.

گُرماڻي: چاندين جو پاڙو آهي. هي جاگيردار هئا ۽ سنڌ ۾ سرداري ڪئي اٿن. قمبر ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا. دادو شهر ۾ گرماڻي وينا آهن. هنن جو جوڙ آهي تہ اسان پنجاب کان آيل سرائي آهيون. اسان جا وڏا اٿ پاليندا هئا (جت).

گروپوتا: هندن جي ذات آهي. هي گرو گوبند سنگهہ جي اولاد مان آهن.

گِروڙ: هندو اوڏن جي ذات آهي.

گِروڙي: هڪ سمات ذات آهي.

گِري: ٿر ۾ هڪ هندو ذات آهي. هي سيلاڻي آهن.

گريا: لسبيلي جي چاموٽن جو پاڙو آهي.

گِرياڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گريجا: دومڪي بلوچن جو پاڙو آهي.

گِريوي: ٿر ۾ هڪ مينگهواڙ ذات آهي.

گَڙسِر: ٿر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي ذات آهي.

گڙهہ گٽ: هندو اوڏن جي ذات آهي.

گزبر: ميدن جو پاڙو آهي. لسبيلي ۾ رهن ٿا.

گزدر: هي راجپوتن جي سسوديا قبيلي جو پاڙو آهي (بحوالہ: جنم گذاريم جن سين نمبر 1 ص 255)

گُزر: هندو گوجرن (جت) جي ذات آهي. هنن کي "گورچ" پڻ چون ٿا.

گزگي: جتڪ بروهين جو پاڙو آهي. هنن کي "گورچ" پڻ چون ٿا.

گزوزئي: بزنجو بروهين جو پاڙو آهي.

گسر: جتن جي ذات آهي. شاهه بندر ۾ وينا آهن.

گسرا: هي جت بلوچ آهن.

گشڪوري: ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي جي لکڻ موجب گشڪوري مير بيورخ رند جي پٽ جو اولاد آهن. مڪران جي گشڪور نديءَ تي رهڻ ڪري مٿن "گشڪوري" نالو پيو. بلوچ قوم تي لکيل ڪتابن مان خبر پوي ٿي تہ گشڪوري، رندن، لاشارين، گورچاٽين، جتوئين ۽ ڏومڪين جي پاڙن جا نالا آهن.

گشڪور لفظ جي معنيٰ آهي "گهر". ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ هڪ بلوچ قبيلي جو هڪ ماڻهو لشارين ۽ رندن جي ٽيهه سالن جي ويڑهه ۾ رندن جي طرفان پهريدار مقرر ٿيل هو. ان وقت لشار قبيلي جون ڪجهه عورتون ارغون ترڪن جي هٿان گرفتار ٿيون. جيڪا ڳالهه مير چاڪر خان رند کي پسند ڪانہ آئي. هن اهي عورتون آزاد ڪرائي انهيءَ بلوچ پهريدار جي پهري هيٺ ڏنيون. ڪجهه ڏينهن بعد هڪ رات سخت طوفان لڳو ۽ برسات پئي جنهن ڪري عورتن واري طنبوءَ (گهر) جي مرڪزي ڪمان ٽٽي پئي. جنهن کي ان بهادر پهريدار پنهنجو ڪلهو ڏئي عورتن جي جان بچائي. مير چاڪر خان بلوچ اوچتو اچي ان جاءِ وٽان لنگهيو. جنهن ان بلوچ بهادر جي وفاداري ۽ بهادري ڏسي خوش ٿيو ۽ چيو تہ تون اسان جي قوم لاءِ هڪ امن ۽ بهاديريءَ جو "گهر" آهين ۽ پوءِ کيس "گشڪوري" جو لقب ڏنائين. ان ڏينهن بعد هي بلوچ ذات جا "گشڪوري" سڏجن ٿا.

گڪڙ: هي اصفهان جي حاڪم ڪياني مغل خاندان جي "ڪيگوهار" نسل مان آهن. ڪي هنن کي ستين مان لکن ٿا. هي محمود غزنويءَ سان گڏ آيا هئا. محمود غزنوي ۽ محمد غوري جي زماني ۾ مسلمان ٿيا. محمد غوري 1206ع ۾ هنن هٿان قتل ٿيو. هي پاڻ کي اعليٰ قبيلي مان سمجهن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن.1 ادمال. 2 بگيال. 3 سڪندرال. 4 سورنگال ۽ 5 فيروزال.

گڪڙ: ڪچي ميمڻن جو پاڙو آهي.

گڱا: سمن جي ذات آهي. ضلعي ٺٽي ۾ سندن ڪجهه گهر آهن.

گڱرا: بنو عباس جي عباسي خاندان جي ستن شاخن مان هڪڙي شاخ جو نالو آهي.

گڱڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گگلزئي: هڪ پٺاڻ قبيلو آهي. هنن کي "امازئي" پڻ چون ٿا.

گگو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گگهڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گـلَ: پنجاب ۾ جٽ ۽ سنڌ ۾ سما سڏجن ٿا. چهڙن ۾ به گل، پاڙو آهي. گل، جٽ راجپوتن جو مورث اعليٰ شير گل هو. جيڪو گل رگوبنسيءَ جو پٽ هو. هن جي ماءُ پلر جٽ هئي. هي راجا جگديو جي اثر هيٺ هٿا. امرتسر مان لڏي جهوڪ وينس ۽ ڊولن (لاهور) ۾ وينا. اتان پوءِ سنڌ ۾ داخل ٿيا.

گـلَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گلا: سمن جي ذات آهي.

گـلا: سمن ۽ جگانند چاچڙن جو پاڙو آهي.

گـلا: ڪچ پچ کان آيل ميمڻن جو پاڙو آهي.

گلاباڻي: خاصخيلين جو پاڙو آهي. دادواڻي مير جتن ۾ پڻ گلاباڻي آهن. جيڪي پڳدار آهن.

گلال: جٽن (راجپوت) جي هڪ ذات جو نالو. ان پالڻ وارن (جٽ) کي گلا (گلابان) چون ٿا. جن مان "گلال" ٿيا آهن.

گـلال: گل مٽي کي چون ٿا. مٽي مان ٿانو ناهڻ وارن کي "گلال" چون ٿا. مختلف زبانن ۾ هنن کي ڪنپار، ڪنبر، سامٽيا، پنهيار ۽ سقا پڻ چون ٿا.

گـلالُ: بلوچن جي هڪ پاڙي (ذات) جو نالو. قمبر ۽ شهدادڪوٽ ۾ سندن گهر آهن.

گـلاڻي: مزاري قبيلي جي رستمائي شاخ مان هڪ ذات (پاڙو) آهي. هزاري بلوچن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "گلاڻي" آهي. لاشارين جي منڊير شاخ مان پڻ هڪ پاڙو. ڪتاب مورڙو ۽ مانگر مڇ ص 13 تي لکيل آهي ته "گلاڻي" ملاحن جي هڪڙي اوڙڪ (پاڙو) جو نالو آهي. هي بدين جي پرسان رهن ٿا.

گـلاهي: سومرن جو پاڙو آهي.

گلبيگاڻي: وسائي پوٽڙا چاندين جو هڪ پاڙو.

گلرا: آرائين قبيلي جو پاڙو آهي.

گـل راج: هڪ مسلمان ذات جو نالو آهي.

گلراجاڻي: هندو قوم جي ذات آهي. هي "لينجهار" نک مان گلراج مل مهتابراءِ ناڪرداس جو اولاد آهن. پنهون مل، گلراج جو پاءُ هو. جنهن جو اولاد "پنواڻي" سڏجي ٿو.

گلريجا: ڪچ ۽ پڇ کان آيل ميمڻ آهن.

گـلرين: مزاري قبيلي جي رستمائي شاخ مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

گـلڙي: ڪرمتي جت بلوچن جو پاڙو آهي. هن پاڙي جون خاص قـريـون آهن: 1. جـراراڻـي 2. جمـاراڻـي

3. شاهياڻي 4. صالحياڻي 5. عيساڻي 6. ڪلاڻي ۽ 7. مزاراڻي.

گلزئي: بروهين ۽ افغانن جو پاڙو آهي.

گلشاڻي: اعوان جتن جو پاڙو آهي.

گل شاهي: اعوانن جو هڪ پاڙو. هي عبدالله گولڙي جي پٽ ڪندلان عرف گل شاهه جو اولاد آهن.

گلشراڻي (گلشيراڻي): مزاري قبيلي جي بلوچاڻي شاخ جو پاڙو آهي.

گلشرزئي: بگٽي قبيلي جي ماسوري شاخ مان آهن.

گلفاز: دريشڪ بلوچن جو پاڙو آهي.

گلگلا: هندن جي گهٽ ذات وارا پيلن جهڙا ررلو فقير آهن.

گلم: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گل ماڻي: ڪرمتين جي جانوري شاخ جو هڪ پاڙو.

گل محمد زئي: رئيساڻي قبيلي جي رستم زئي ۽ رائو سين زئي پاڙي مان آهن.

گلنداز (گولانداز): نشان باز، توبچي. سمن جي هڪ ذات آهي.

گلڙ زئي: لاشاري بلوچن جو پاڙو آهي.

گلواڻي: ڪرمتين جي ٻاٿوٽ شاخ جو هڪ پاڙو.

گلوسوري: بروهين مان آهن.

گلوئي: ڳوهه جهڙو جانور. ايس - صادق علي جي لکڻ موجب "گلوئي" رندن ۽ ڊومڪين جو پاڙو آهي.

گلهه: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گلي: آفريدي پنائٽن جي آدم خيل شاخ جو پاڙو آهي.

گلياڻي: لغارين جو پاڙو آهي. نشتر ناٽن شاهي هن پاڙي مان آهي.

گليرو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گليهه: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گمر: سما آهن.

گمبرل: سما آهن. نواب شاهه شهر ۾ هنن جا ڪجهه گهر آهن.

گمشادزئي: بلوچستان جا خان بدوش يار احمد زئي جي اثر هيٺ بلوچ آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 تلخ

کوهي، 2 جهانگيرزئي، 3 خاکيزئي، 4 داد خدازئي، 5 درگشت، 6 عيدوزئي، 7 کريم زئي، 8 مرادزئي، 9 مزارزئي، 10 محمد زئي. (بحواله: کتاب بلوچ ص 53).

گمشازئي: مکراني بلوچ آهن.

گمشاوزئي: مينگلن جو پاڙو آهي.

گمگئودا: هڪ غير سمات ذات آهي

گمنا: مهرن جو پاڙو آهي.

گمهي: سمن مان آهن.

گَنَ: سما آهن. ملاحن جي اوڙڪ ۾ اچن ٿا. خاص طرح لاڙڪاڻي ۾ رهن ٿا.

گنا: برهم کترين جي هڪ نک جو نالو.

گنا (گڻا): ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گنب: جتوئي بلوچن جو پاڙو آهي.

گنبا: ڪرمتي جت بلوچن جي لجيرا شاخ مان ۽ سمن (ملاح) جي پاڙن جو نالو آهي.

گنباڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گنبواڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گنبول: گنبو جت جو اولاد آهن. مخمون راڄ وارا جت سندن ڇگا مڙس ٿين.

گنپير: هندن جي هڪ ذات جو نالو.

گنجا: معني نوڙها. جتوئي قبيلي جو پاڙو آهي. ميهڙ تعلقي ۾ هن ذات وارا رهن ٿا. سندن ذات پڻيان ڳوٺ بڌل آهن. لسبيلي جي ڄامن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "گنجا" آهي. گنجا برفت بہ آهن.

گنجاڻي: ڪرمتين جي مرگهر شاخ جو هڪ پاڙو.

گنجلاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گنجن: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گنجڻ: برفتن جو پاڙو آهي.

گنجورا: کيتراني بلوچ آهن. بابر، حسناڻي ۽ ڏاڙيوال هن جا سوٽ آهن. هي اصل کيتران آهن.

گندارا: گندرن (ملاح) جي ذات آهي.

گندا گولڪ (گندا گولگ): گورچاٽي بلوچن جي درڪاٽي شاخ مان آهن.

گندبادوزئي: سراواني بروهي آهن.

گندرا: مڇي فروشن کي چيو ٿو وڃي. هي ملاح ۽ مهاٽا آهن. هي چون ٿا ته اسان سما آهيون ۽ نوري اسان جي ذات مان آهي. جنهن تي جام تماچي سمون هرکي پيو هو. هن ذات وارا ڪينجهر ڍنڍ تي ۽ ان جي آسپاس اچ بہ آباد آهن. جن جو خاص ڏڻڪو مڇي مارڻ ۽ ان جو واپار ڪرڻ آهي.

گند اصل ۾ سنسڪرت جي بولي جي لفظ "ڪند" تان ورتل آهي، جنجهي معنيٰ آهي لوڙهه جو قسم. پٻڻ جون پاڙون، لوڙهن ۽ پٻڻ جي پاڙن کي ڪيڻ، چونڊڻ ۽ ان جو ڪم ڪرڻ وارن کي "گندرا" چيو ٿو وڃي. جن جو واسطو مڇي مارڻ وارن ڍنڍن ۽ ڍورن سان آهي. جنهن سبب محاوراً ۽ اصطلاحاً گندرا ملاح ۽ مهاٽا آهن.

بيت: (1) گند جن جي گوڏ ۾. پاپوڙا پوشاڪ (شاهه).

(2) تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،
پسي راڻن روءِ، متان ماگر مڻين.

(3) پڪا پڪارئو، جام تماچي آئيو،
گندر لاهيو، گندريون آنڻ اجارئو،
ڪنجهر قرارئو، سمي سام بخشي.

هڪ ٻئي حوالي موجب جاکرو، جيسر ۽ گندرو پاڻ ۾ پائر هئا. هنن اوائلي دور ۾ اسلام قبول ڪيو. ان گندري جو اولاد "گندرا" سڏجي ٿو. هي نٽي ۾ ڍانڍاٽي مڪان ۾ جهول ڍنڍ تي ويندل هئا.

گندرا: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات آهي.

گندل: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

گندهي: سروها راجپوت نسل مان جٽ آهن.

گندیلا: هي مرلي وڃائيندڙ جوڳي مسلمان ۽ غير مسلمان نانگ نچائيندڙ ۽ نانگ ڦاسائيندڙ مٽي اگهاڙا رولو فقير آهن. مسلمان گندیلا گهوگهي چوهاڻ جا پوڃاري آهن ۽ غير مسلمان، شوَ جا پوڃاري آهن. هندو ڪڇون وغيره کائين ٿا. رڇ پالين ٿا. چاقو، ڇريون ۽ تلوارون ناهين ٿا. گندیلا اڪثر ڪري گيڙو ڪپڙا پائيندا آهن. ان ڪري هي جوڳي تصور ڪيا ويندا آهن.

گنداپور: شيراني پناڻن جو پاڙو آهي. استرياني سيدن ۾ پڻ "گنداپور" آهن.

گندڪاٽي: شنباٽي بلوچن مان نوشڪ بن شنبي جو اولاد آهن. مير جتن ۾ پڻ آهن.

گندو (گدو): شيدين جي ذات آهي.

گنيڙ: ٽري هندو بانيڻن جي ذات آهي.

گنديير (گنديير): سوڊن ۽ سمن جي پاڙن جو نالو آهي. شر. جتوئي قوم جو قبيلو آهي. جنهن مان پڻ "گنديير" آهن.

گنگا: سوڊن ۽ ملاحن جو پاڙو آهي.

گنگاڻي: مارفاڻي چانڊين ۽ ملاحن جو پاڙو آهي.

گنگداس: ٽري ٺڪرن جي هڪ ذات.

گنگڏاس: هي ٽري هندو راجپوت آهن.

گنگڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گنگلاڻي: لاشارين جو پاڙو آهي.

گنگواڻي: هندن جي هڪ آکيڙ جو نالو.

گنوَترَ: هڪ سماڻ ذات آهي.

گنوراڻي: هڪ سماڻ ذات آهي.

گنياڻ: هي جوکيا برفت آهن.

گٽا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گٽسار: مڱڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

گواراڻي: هي بروهي آهن.

گوارزئي: دهوار بروهي آهن.

گواريا: هندو ٺڪرن جو پاڙو آهي. هنن کي "گوريا" ب چون ٿا.

گواريزئي: رستماڻي قبيلي جي رستم زئي پاڙي مان آهن.

گوال بنس: اهيرن جو پاڙو آهي. ڳئون پالين ٿا.

گوبل: سما ملاح آهن.

گوبڏا (گوبلا): جاکرن جي حُسڻ پاڙي جي هڪ ڦري.

گوبلا: هي جابلو سماڻي جت آهن. لاڙ ۾ رهن ٿا. هڪ ٻئي حوالي موجب گوبلا (گوبڏا) جاکرن جي حسڻ پاڙي مان آهن.

گوتاڻي: چنن مان آهن.

گوتاڻي: هي لاشاري بلوچ آهن.

گوتر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گوٽريل: ڏهرن جو پاڙو آهي.

گوپا: سميجا قبيلي جو هڪ پاڙو. هي گوپو پٽ گجڻ پٽ ڪبر جو اولاد آهن.

گوپانگ: رندن ۽ جتوئين جي پاڙن جا نالا آهن. ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي جي لکڻ موجب گوپانگ، گورجاٽين جي هڪ شاخ آهي. جيڪي گوپانگ خان جو اولاد آهن. هنن سنڌ تي سرداري ڪئي آهي ۽ ڪين جاگير ۾ هئي. هن وقت گوپانگ، گوپانگ ۽ گوپانگ قبيلا هڪ ٿي ويا آهن. خبر نٿي پوي ته ڪي ڪير آهن.

گوپانگ: هي سماٽي جت آهن. جن جو ذڪر 1911ع ۽ 1931ع واري آدم شماري واري رپورٽ ۾ ٿيل آهي.

گوپانگ: سمن جو پاڙو آهي، جنهن ڪري هي سمات آهن. اصل لفظ گوڦانگ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي، ڳئن چارڻ وارا. بعد ۾ گوڦانگ بدلجي گوپانگ ٿيو آهي.

گوجر - گوجَر: هندي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڳئن ڌارڻ وارو، ڳئن چارڻ وارو، گوالا، گنور، اهير. گوجر هندو ۽ مسلمان راجپوتن جي ذات آهي. جيڪي ڳئن جو ڪير وڪڻڻ تا. ڪير وڪڻڻ وارن کي پڻ "گوجر" چون تا. ذاتين جي ماهر، انور بيگ اعوان جي راءِ آهي ته "گوجر" لفظ گ و چر (گؤ + چر) مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ڳائو مال پالينڊڙ يا چارينڊڙ.

محمد عبدالمالڪ پنهنجي لکيل ڪتاب "شاهان گوجر اعظم" ڇپيل 1934ع ۾ لکي ٿو ته گوجر، راجپوت نسل مان آهن، جن کي خزر، جُزر، چُرز، گُرجر به چون تا. اصل لفظ "گُرجر" هو، جيڪو ڦري گجر ۽ گوجر ٿيو. هن وقت مروج لفظ "گوجر" آهي.

ڪتاب "جنت السنڌ" ص 449 جي فوٽ نوٽ ۾ "تاريخ گجرات" مؤلف غلام محمد جي حوالي سان لکيل آهي ته "گوجر" اصل ۾ راجپوت آهن، جن جو اصل وطن جارجيا هو، جتان نڪري پنجاب ۾ گوجرانوالا جو شهر ٻڌايائون، اتان وڃي گجرات ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. گوجر قوم جي پنيان "گجرات" نالو پيو. چالوڪيا راجپوتن کان پوءِ هي گجرات جا حاڪم ٿيا.

ڪتاب "دائره معارف اسلام" ۽ ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" مان معلوم ٿئي ٿو ته هي گرجستان (وسط ايشيا) کان آيل آهن. بحر خزر جو نالو به هن قوم پنيان پيو، جوسٿين (Scythian) مان هٿا. جيڪي 6 صدي ۾ هندستان آيا. بانا جي ڪتاب "هرش چرت" ۾ ڪين "گورجا" لکيو ويو آهي. ڊي اي سمٿ، ڊي - آر پنڊار، گريسن ۽ هڪ چيني سياح (640ع) هنن کي "گورجار" لکن تا ۽ چون تا ته هي سٿين جو اولاد آهن. 5 صديءَ ۾ راجپوتانا ۽ 6 صديءَ ۾ منمال ۽ پڙوچ ۾ سندن حڪومت هئي، جتي کين "گورجارا" چوندا هئا.

ڪتاب لکن ٿا تہ "گوجر" اصل ۾ سنڌ جا راجپوت انن چارڻ وارا جت آهن. جيڪي سنڌ مان لڏي وڃي بحر خزر وچ ايشيا ۾ آباد ٿيا. ڪجھ صدين بعد واپس اچي وادي ڪاغان. ڪشمير. سوات. بالاڪوٽ ۾ وينا. دره بولان کان آيل گوجر. گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ وينا جتي کين "گرجره" سڏيو ويو. جنهن جاءِ تي وينا ان کي "گرجره استره" يعني گوجرن جو ملڪ چيو ويو. جنهن کي بعد ۾ "گجرات" جي نالي سان سڏيو ويو. اصل ۾ ان علاقي جو نالو ضلع رات هو.

سڪندر نامہ نظامي ۾ خزرين لاءِ لکيل آهي تہ:

درين پاسگہ رخنهاٹ ڪ هست
عمارت کند تاشود سنگ بست
مگر ز آفت آن بيابانيان
براحت رسدکار خزرانيان
بفومودشہ تاگزر هاٹ کوهہ
بہ بندند خزرانيان هم گروهہ .

ڪتاب Linguistic Survey of India 1968 جي ص 15 تي لکيل آهي تہ گوجر. سج جا پوڃاري هئا. هندو معاشري ۾ شامل ڪرڻ لاءِ برهمڻن کين ڪوهہ آبو (پين مال) تي قرباني جي باهہ تي پوتر ڪرڻ جو انتظام ڪيو. جنهن مان چار عظيم گوجر. پرهاڙ. پرمار. چوهاڻ ۽ سولنگي (سولنڪي) پيدا ٿيا. اڄوڪا گوجر ان چوهاڻ گوجر جو اولاد آهن. جيڪي 8 صدي کان پين نالن بجاءِ "گوجر" سڏجڻ لڳا. گوجرن جو مورث اعليٰ "تانڪ گوت مان" هو. جنهن جو نالو "سهارن" هو. هن فيروز شاهہ تغلق جي هٿ هيٺ اسلام قبول ڪيو ۽ ڪيس "وجيهہ الملڪ" جو لقب مليو. ان جو پٽ ظفر خان (مظفر خان) سلطان ٿيو. گوجر. علاوالدين خلجي ۽ اڪبر بادشاهہ جي دور ۾ تباهہ ٿيا.

فارسي زبان جو مشهور شاعر شاهہ فقير الله آفرين لاهوري. احسن القصص وارو پنجابي شاعر مولوي غلام رسول ۽ احمد اول. گجرات جو حاڪم (1413ع) جنهن احمد آباد جو شهر نهرايو هو. اهي سڀ قوم جا گوجر هئا. گوجر هڪ بهادر قوم هئي (آهي). چوٽي آهي تہ:

گوجري عورت اور شيرني کا دودهہ پيوگي تو شجاع هوگي

جديد تحقيق موجب. گوجر. سنڌ جا جت آهن. جن کي "گجر" ۽ چيو ٿو وڃي. "گجر جي معنيٰ سهڻي زال. حسين عورت آهي. چوڻ ڪنديِ مينهن کي ۽ گجر چون ٿا. گوجر لفظ جي فارسي زبان ۾ معنيٰ گلہ بان يعني انن چارڻ وارو (جت) آهي. سوات. دير. ايبٹ آباد. هزاره. چمون. ڪانگڙا ۽ سيال جي جبلن ۾ رهڻ وارا گوجر اڄ ۽ اٺ چارين ٿا. جتي سڪني. گوجري. هنڪو ۽ ميواتي زبان ڳالهائين ٿا. هن وقت بلوچن. چوهاٹن

راجپوتن ۾ سوڍن ۾ پڻ "گوجر" ذات جا ماڻهو شامل آهن.

ڊاڪٽر بيليو. ڪتاب سلسلة التواريخ. فتوح البلدان. مروج الذهب. المسالك والممالك. آئين اڪبري ۾ ٻين ڪتابن مان پڻ پتو پوي ٿو ته گوجر "جت" آهن. جن لسٻيلي تي پڻ حڪومت ڪئي آهي.

هڪ تحقيق موجب گوجر قبيلي جا خاص پاڙا هن طرح آهن: 1 ڀيچا. 2 ڀند. 3 ڀوچا. 4 ڀرگڙ. 5 ڀوملا. 6 ٽاڪريا. 7 ڀشڪر. 8 ڀرهياڙ. 9 ڀرمار. 10 ڀٽيل. 11 باگهيلا. 12 برهمڻ. 13 جويا. 14 چاچي. 15 چوڪر. 16 چيچي. 17 پوسوال. 18 تنوار. 19 بجار. 20 زهريجا. 21 سيهڙ. 22 شري مال. 23 سولنگي. 24 سيال. 25 روال. 26 ڏيدر. 27 ڪچي. 28 ڪيندر. 29 ڪولهي. 30 گزر. 31 گورچ. 32 گورچاٽي. 33 ڪوڪر. 34 ڪيچي. 35 ڪالس. 36 ڪسانا. 37 ڪلسان. 38 ڪٽانا. 39 گورئي. 40 لاوي. 41 لتالا. 42 لنگاهه (لانگاهه). 43 محموداني. 44 مونن. 45 ميلو. 46 موريا. 47 نون. 48 واگهيلا. 49 لالي.

گوجرا: گوجر ذات سان واسطو رکندڙ هڪ ذات آهي.

گودا: ٽري مينگهواڙن جي ذات آهي.

گودائي: بگٽين جي شمباڻي (ياريارڙي) شاخ مان آهن. جيڪي هن وقت هڪ قبيلي جي صورت اختيار ڪري چڪا آهن.

گودرا: هي سنڌ جا غلام ملاح ۽ جت قبيلي جا واسطيدار آهن. هن وقت مڪران ۾ رهن ٿا.

گودري: هي رندن مان آهن.

گودڙ: چنل ۽ قاتل ڪپڙن پائڻ وارا هندو فقير آهن. جيڪي پاڻ کي ذات جا "گودڙ" چوائين ٿا.

گودڙيا: معنيٰ: گودڙين وارا فقير. هي ڳچيءَ ۽ ڪلهي ۾ گودڙي (ڳوٽري) وجهي پنندا آهن. هي مسلمان ۽ هندو آهن. گودڙي پائڻ جي نسبت سان ذات جا "گودڙيا" سڏجن ٿا.

گودڙيا: ٽري مينگهواڙن جي ذات آهي.

گوڏائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گوڏو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گوڏير: مگرين جو هڪ پاڙو.

گودواڙ: هڪ سماڻ ذات آهي.

گور (گوروا): چوهان راجپوتن جو پاڙو آهي. راجپوتن جي 36 شاهي خاندان ۾ شمار آهن.

گورا: معنيٰ پورا ۽ سهڻا. چاندين ۽ هندن جي ذاتين جا نالا آهن. هنن کي سري راڳ پڻ چون ٿا. انگريزن کي

ٻ گورا چوندا آهن. اڻ جي ٻچي کي گورو چون ٿا، ان جي پالڻ وارن کي پڻ "گورا" (جت) چون ٿا. ڪتاب "تواريخ ديره غازيخان" ص 108 تي لکيل آهي ته "گورا" پٺان جت آهن. هڪڙي عورت وفات ڪئي. قبر (گور) ۾ لاهڻ وقت هن کي هڪ پٽ ڄائو. جن جو اولاد "گورا" سڏجي ٿو.

گورابا: غير سماٽ ۽ غير مسلم آهن.

گوران زئي: بزنجو قبيلي جو پاڙو آهي.

گوراٽا: غير سماٽ ۽ غير مسلمان آهن.

گوراٽي (گورائي): لاشارين ۽ ڪرمتين جا پاڙا آهن. مينگل بروهين ۾ پڻ "گورائي" آهن.

گورايا: هنن لاءِ روايت آهي ته 1. هي چندر بنسي راجپوت سروهانسل مان انن چارڻ وارا جت آهن. 2. هي هندستان جا ڳئن چارڻ وارا (Porcax Picte) جت آهن. 3. هي سوم بنسي راجپوت "مل" جي پٽ "گورايا" جو اولاد آهن.

گور برهمڻ: برهمڻ ۽ گوجر برهمڻن مان آهن. ناگر برهمڻ. ميڙ برهمڻ ۽ پشڪر برهمڻ هنن جا عزيز آهن. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر ص 172).

گور پٽاٽي: گور معنيٰ قبر ۽ پٽاٽي معنيٰ کوٽڻ يعني قبرن کوٽڻ وارا. لاش پورڻ وارا. گورچاٽي بلوچن جي خليلاٽي شاخ مان هڪڙي پاڙي جو نالو "گور پٽاٽي" آهي. هي لاش کي پورڻ جو ڪم ڪندا هئا. جنهن نسبت سان سندن ذات جو نالو گور پٽاٽي پئجي ويو. ڪن جو چوڻ آهي ته گور معنيٰ صحرا، جهنگل، پٽاٽي معنيٰ پٽ يعني صحرائن ۽ جهنگلن ۾ رهڻ وارا.

گورجر: هندن جي ذات آهي. جيڪي صحرائي ميدانن ۾ رهڻ وارا آهن.

گورچ (گزر): هندو گوجرن (جت) جي ذات آهي. ڪن ڪن جاين تي هنن کي "گزر" پڻ چون ٿا.

گورچاٽي: گور فارسي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي صحرا، جهنگل، قبر، لاش ۽ جهنگلي گڏهه وغيره. گورچاٽي لفظ جي اصطلاحي معنيٰ آهي. صحرائن ۽ جهنگلن ۾ رهڻ وارا، صحرائي گڏهن تي سفر ڪرڻ وارا لاڏائو باشندا. گورچاٽي مختلف قبيلن تي مشتمل هڪ بلوچ قبيلو آهي.

گورچاٽي اصل ۾ رند آهن، جن جو اصل مرڪز بلوچستان ۾ "لعل ڳڙهه" هو. جتان لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. پنجاب کان لڏي آيل گورچاٽي سرائڪي ۽ بلوچستان مان لڏي آيل بلوچي ڳالهائين ٿا. رحميداد خان مولائي شيدائي ۽ ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي جي لکڻ موجب هن قبيلي جا اٽڪل يارهن پاڙا ۽ پنجاهه شاخون (قريون) آهن. جن جو مختصر احوال هن طرح آهي.

جريان نمبر	پاڙو	شاخون/قبيلا
.1	شيخاڻي	1 بڪراڻي 2 ببراڻي 3 جلباڻي 4 دودائي 5 شيخاڻي 6 منڻائي 7 منڪاڻي 8 ميهاڻي.
.2	لشاري	1 بدولائي 2 بنگلائي 3 جلباڻي 4 جمراڻي 5 ترڪلاڻي 6 سندراڻي (سندلائي) 7 شهواڻي (شاهواڻي) 8 فوجلائي 9 حق داداڻي. 10 گبول. 11 گرڪاڻي. 12 گشڪوري. 13 گهراماڻي. 14 موردائي. 15 نهالائي.
.3	پتافي	1 اميگراڻي 2 براهماڻي 3 نلراڻي 4 جروائي 5 جنگلائي 6 جيوڻائي 7 چاڪراڻي 8 سرموراڻي 9 قتالائي 10 گوڪيباڻي 11 گهنوراڻي 12 متڪائي 13 هوتمان.
.4	جسڪاڻي	1 داداڻي (دودائي) 2 دلشا تلائي (دلشاداڻي). 3 فتحياڻي 4. فنجواڻي 5 ڪيوگاڻي 6 گهرام.
.5	درڪاڻي	1 آلڪائي (الڪائي - الڪاڻي) 2 آثري (آري - آريجا) 3 برڪاڻي 4 جندائي 5 روتڪاڻي 6 زبراڻي (فرباڻي) 7 زهراڻي 8 زيهاداڻي (زاهداڻي) 9 سليماڻي 10 عمراڻي 11 گاتاڻي 12 گندا گولڪ 13ڪاهوري (ڪهوري) 14 لنگراڻي 15 ميلوهر 16 سينڌ پڳ 17نوڪاڻي 18 نيهلائي (نهلائي).
.6	هوتواڻي (هوت)	1 ببراڻي (بابلائي) 2 چوتياڻي (چتاڻي) 3 سائوجاڻي 4 قاسماڻي 5 ڪلوءغاڻي 6 منوڪاڻي (مولاڪاڻي).
.7	خليلاڻي	1 بڪيراڻي 2 بهادراڻي 3 گورپتاڻي.
.8	بازيگر (بازگير)	1 براهماڻي 2 پيباداڻي (پياواڻي). 3 دولالائي 4 ميرواڻي (مويراڻي).
.9	چانگ	1 احمداڻي (اجوداڻي) 2 ڪنگاڻي 3 ڪوهونائي (ڪوهوداڻي) 4 ميواڻي.
.10	سوراڻي (سورياڻي)	1 سوراڻي 2 موساڻي 3 ميرڪام 4 هرواڻي (حرواڻي).
.11	هلواڻي (سبزاڻي)	1 وداڻي 2 لوداڻي 3 متڪاڻي.

م - ڪ پيڪولين جي لکڻ مطابق گوريش مير جلال خان بلوچ جو پٽ پوٽو هو. جنهن کي چار پٽ شيهڪ، هوتو، خليل ۽ علي هٿا. جن مان شيخاڻي، هوتواڻي، خليلاڻي ۽ عالحاڻي (آلحاڻي) آهن. گوريش جي ڪري

گورچائي سڏجن ٿا. رندن جي ناتي سان گورچائي بلوچن جو شجرو هن طرح آهي.



ڪتاب "بلوچ" ۾ ص 73 تي لکيل آهي تہ گورچاڻي لاشار جو اولاد آهن. جن جو شجرو هن طرح آهي.



هي پهرين گوريشاني ۽ بعد ۾ گورچاڻي سڏجڻ لڳا. گورش پنهنجن پٽن جي نالن تي پاڙن جا نالا رکيا. ساڳيو مصنف لکي ٿو تہ گورچاڻي يارهن قبيلن ۽ 81 پاڙن ۾ ورهايل آهن.

ڪتاب "بلوچ" جي ص 101 تي لکيل آهي تہ هيوز جي خيال موجب گورچاڻي اصل ۾ سنڌي هندو آهن. مسلمان ٿيڻ بعد مڪران پڇي ويا. اتي بلوچن سان ملي ويا. بلوچن جڏهن پنجاب طرف هجرت ڪئي تہ هي بہ انهن سان ويا. احمد شاهہ جي مدد ڪرڻ تي انهن کي زمينون ڏنيون ويون ۽ کين نوازيو ويو.

هيوزبلز جو چوڻ بہ درست آهي. ليڪن ان وضاحت نہ ڪئي آهي جيڪا هن طرح آهي تہ "گورچاڻي" سومرن جي هڪ شاخ آهي. دودي نندي کي پنج پٽ مرزو، دودو، چنيسر، شيخ رهاڻ ۽ گورچ هئا. گورچ جي اولاد پڻ کي "گورچاڻي" چوايو. هي بلوچ نہ آهن (بحوالہ: ڪتاب سومرن جو دور ص 356).

اهڙي طرح سان ڪتاب "شاهان گوجر" ص 174 تي لکيل آهي تہ "گورچاڻي" گوجر قوم (جت) جو پاڙو آهي. جيڪي پڻ سنڌ ۾ رهن ٿا. ڪتاب "پنجاب کي ذاتين" ص 122 تي لکيل آهي تہ گورچاڻي حيدرآباد جي راجا پيم سين جي پوئتي گوريش جي اولاد مان آهن. ساڳئي ڪتاب جي ص 125 تي لکيل آهي تہ گورچاڻي سوري

لندن جو بہ پاڙو آهي.

گورخ: رندن جو پاڙو آهي.

گوردوال: راڻي هندن جو پاڙو آهي.

گورڙ: سما ملاح آهن.

گورڙيا (گورڙِيا): ٿر ۾ هيءَ هڪ ڳڏيل قوم آهي. ڪن جاين تي مسلمان ته ڪن جاين تي هندو آهن.

گورشاڻي: بڙدي بلوچن ۾ جڪراڻي بلوچن جي پاڙن جو نالو آهي.

گورڪا: نيپال ۾ پوتان رياستن جا رهاڪو غير مسلمان آهن. هي آريائي ۽ توراني نسل مان آهن.

گورڪو: لاڙ جي طرف هڪ ذات آهي.

گورگيج: گورگيج رندن مان آهن. ٽل چوٽيال سندن جاگير هئي. شاعر بالاچ گورگيج پنهنجي شاعري ذريعي لغارين ۽ ڪيتراڻن کي پنهنجو بنائي انهن جي مدد سان بليدين کي ڪڇيءَ مان ڪڍي ڪڏيو هو.

گورگيجا: مارفاڻي چاندين مان آهن.

گورماڻي: بڙدي آهن. پنجاب ۾ هي "گورماني" سڏجن ٿا.

گور محمد خيل: آفريدي پٺاڻن جي ملڪ دين خيل قبيلي مان آهن.

گوروال: ميو قبيلي جو پاڙو آهي. مسلمان آهن.

گورهو: هڪ سماڻ ذات آهي.

گورئي: گورجرن جو پاڙو آهي.

گوزيا: راجپوتن جو پاڙو آهي. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر).

گوڙاڻي: هالپوٽن جو پاڙو آهي.

گوسائين: هي سنياسي ۽ ساڌو فقيرن جي ذات آهي. هي شوَ جا پوجاري آهن. ماس کائيندا آهن ۽ شراب پيئندا آهن. پنهنجن مان شاديون ڪن ٿا. مئلن کي قبر ۾ ويهاري هينان مٿان لوڻ وجهي پورين ٿا. گهٽا لاشن کي لوڙهيندا بہ آهن.

گوسراڻي: مري بلوچن جي لوهاراڻي شاخ مان آهن. لوهاراڻي قبيلي جي پڳ "گوسراڻي" پاڙي تي آهي.

گوڪلاڻي: هندن جي ذات آهي.

گوڪيباواڻي (گوڪيباواڻي): گورچاڻي بلوچن جي پتافي شاخ مان آهن.

گوگاٽي: چاندين جو پاڙو آهي.

گوگن: دودن جو پاڙو آهي.

گوگيڙا: هندو هريجن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

گوگهٽ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گولا: جي معنيٰ آهي غلام. ٻانهو. فارسيءَ ۾ گولا کي گلو چون ٿا. جنهن جي معنيٰ آهي چوپائي مال جو ڏڻ. اصطلاحي معنيٰ آهي، چوپائي مال تي گذر سفر (کير) ڪرڻ وارا. سنسڪرت ۾ "گلا" کير کي چون ٿا، يعني ڏوڏي.

گولا اصل ۾ راجپوت نسل مان آهن. هن وقت هي مسلمان آهن. گولا فوجي طاقت رکندڙ ويڙهاڪ هئا. سلطان قطب الدين، اجمير فتح ڪري گولن کي حفاظت جي ڪمن تي معمور ڪيو هو. سلطان محمود غزنويءَ جي دور ۾ گولن اسلام قبول ڪيو. رندن جڏهن سبي فتح ڪيو تہ ان وقت گولن کان غلاميءَ جو ڪم ورتائون. چون ٿا تہ اهي گولا سمات نہ پر ٻڌي هئا. هيوز بلز ۽ سينسس آف انڊيا 1901ع موجب "گولا" بليدي قبيلي مان آهن. ڏڪار ۽ تنگيءَ سبب انهن گولن پنهجا ٻار وڪٽيا. جن ماڻهن عورتون خريد ڪيون، اهي عورتون "گوليون" سڏجڻ لڳيون ۽ انهن جا ٻار "گولا" سڏجڻ لڳا. هن وقت ٻہ ٻڌي قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو "گولا" آهي. جن جو تعلق ان نسل سان آهي. چون ٿا تہ "گولا"، فقير گهراڻو آهن.

ڪتاب" بلوچ اور بلوچستان" ص 314 تي لکيل آهي تہ "گولو" بلوچي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي جنگي جاسوسي ڪرڻ. بليدي قبيلي جا ماڻهو مير چاڪر خان رند جي فوجي لشڪر ۾ شامل هئا، جيڪي دشمن جي جاسوسي ڪندا هئا. پاڻي، سرحد جي سار سنڀال ۽ جاسوسي ڪندا هئا، جن کي ان وجہ تسميہ سبب "گولا" چيو ويو. هنن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "ماري" آهي. ڪتاب "پنجاب کي ذاتين" ۾ لکيل آهي تہ گولا ڪنپرن (سمن) جو پاڙو آهي.

گولاٽا: ڊومڪي (ڊومبڪي) بلوچ قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

گولارا: خاصخيلين جي گولاڙا شاخ مان گولارا آهن.

گولاڙا: خاصخيلين مان آهن. لاڙ ۾ خاصخيلين کي گولاڙا، لسبيلي ۾ گدا ۽ ٽر ۾ بجير چون ٿا. شاهہ اويس ڪرنيءَ جي پرسان ويندڙ "گولاڙا" پاڻ کي ابڙا ٻہ چوائين ٿا.

گولاڻي: جنن جي ذات آهي. مير جتن ۾ پڻ آهن.

گولاهہ: جولاها ڪوري آهن، جن کي پشاور ۾ گولاهہ چون ٿا.

گولڙا: اعوانن جي هڪ شاخ. هي قطب شاهہ جي ولڊي بٽ عبدالله گولڙي جو اولاد آهن. انوال، بڏوال، امينال، حسنال، فتوال، مهمال ۽ عنايت خاني هنن جا جا پاڙا آهن.

گولوال: ميو قبيلي جو پاڙو آهي. مسلمان آهن.

گوليا: هندو چمارن جو پاڙو آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب اصل ۾ برهمڻ هئا. جن مان شاديون ڪيائون. اولاد جڏ سڏجڻ لڳو. شراب جي ڏمن مان شراب ڪڍي پيئڻ ڪري "گوليا" سڏجن ٿا.

گوليپوتا: دودڻ جو پاڙو آهي.

گوليريا: ڪنوج راجپوت نسل مان گوليئر حڪمران جو اولاد آهن.

گوماٽي: ڪرمتين جي جانوري شاخ جو هڪ پاڙو.

گوندَ: هندو قوم جي هڪ جهنگلي ذات آهي. هي جهنگن ۾ برن ۾ رهن ٿا. هي اڪثر ڪري واڙو (واڙ) ناهي ان ۾ رهن ٿا. هي چون ٿا ته اسان هندستان جا اصلي باشندا آهيون.

بيت: گورب وجهندي گوند، ڪرياڪيس ڪلاهه تان (جلال)

گوندار: جوڪيا قبيلي جي برفت شاخ مان آهن.

گوند خاٽي: هي ڪوسا آهن.

گوندر: لسبيلي ۾ رهن ٿا. هنن جو واسطو برفنن ۾ مانڊڻ سان آهي.

گوندل: سما ۾ ملاح آهن. ڪتاب "شاهان گوجر" ص 183 ني لکيل آهي ته "گوندل" راجا جئپال جو اولاد آهن. سندراني هنن جو پاڙو آهي. ڪن علائقن ۾ چوهان ۾ جڏ ٻه سڏجن ٿا. هڪ ٻي روايت موجب گوندل، اعوائن جو پاڙو آهي. هي حافظ ملوڪ شاهه جي وڏي پٽ گوندل خان جو اولاد آهن. هي راجپوت نه آهن.

گونڈڑي: هي اوڏن مان آهن. (هندو).

گونڈ: هندن جي هڪ قديم قوم آهي.

گونگا: هندي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي زبان سان نه ڳالهائي سگهڻ وارو. گونگا سمن جي ذات آهي. هي سنڌ جا پراڻا باشندا آهن، جيڪي حاڪم ٻه رهيا آهن. لسبيلي تي رونجهن کان پوءِ گونگن حڪومت ڪئي. چون ٿا ته هنن جي وڏي جو نالو گونگو هو. جنهن پنيان هن قبيلي جو نالو پيو. ان جي پيڙهيءَ مان "جهلو" گونگو وڏي نالي وارو هو. جنهن جي اولاد پنيان گونگن جي پاڙن جا نالا پيا. وهريا ۾ سينار هنن جو اولاد آهن. وڏيڪ لاءِ سينارن جو شجرو ڏسڻ گهرجي. گونگن جا خاص پاڙا آهن: 1 پيروز پوٽا، 2 ڇڇگير پوٽا، 3 رئيس پوٽا ۽ 4 مندراڻي. گونگا لسبيلي ۾ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

گونگاٽي: ميمڻن جو پاڙو آهي. هي نٽي جا رهواسي آهن.

گوهر: هڪ مسلمان سماڻ ذات آهي.

گوهرامزئي: ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 105 موجب "گوهرام زئي" ميرواڻي بروهين جو پاڙو آهي.

گوهراڻي: پيا قبيلي جي ذات آهي.

گوهڙ: سميجا قبيلي جي هڪ ذات. 1965ع واري جنگ ڪان پوءِ هندستان مان لڏي اچي ٺر ۾ وينا.

گوهل: مينگهواڙن جي ذات آهي. هي ٺر ۾ رهن ٿا.

گوهير: آرائين قبيلي جو پاڙو آهي.

گوئٽل: راني هندن جو پاڙو آهي.

گوئڊ: هي ڇهڙا آهن.

گوئند پوتا: هندو قوم جي ذات آهي.

گهُرام: جسڪاڻي برادريءَ مان آهن.

گهُراماڻي: گورچاڻي بلوچن جي لشاري شاخ مان آهن. چانديين. هوت بلوچن. ٽالپرن. جمالين ۽ ڪولاچي رندن جي پاڙن جو نالو پڻ "گهراماڻي" آهي.

گهرام زئي: بنگلزئي بروهي قبيلي مان آهن.

گهڪر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گهنوراڻي: پٺاڻي بلوچن جو پاڙو آهي. ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ص 409-408 تي لکيل آهي ته "گهنوراڻي" کوسن جي مٽيوال ۽ للاڻي (اسحاقاڻي) پاڙن مان آهن.

گهنوراڻي: عمراڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

گهِي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گهِيلرو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گئاڻ: يورپي پين جي هڪ ذات آهي.

گيانچ (گيانچ): سماڻي جت آهن. شاهه بندر ۾ رهن ٿا. هنن جو سردار گهر منهون راج وارا آهن.

گيانچنداڻي: هندن جي "چينڙا" ۽ "قول وڏيا" نکن مان هندن جي هڪ آکيه جو نالو. هي "گياني" به سڏجن ٿا.

گِياني: "قول وڏيا" نک مان هندن جي هڪ آکيه (گيانچنداڻي) جو نالو.

گيدرو: هي سنڌ جي هڪ قديم قوم (ملاح) آهي. جنهن جو واسطو ميدن سان آهي.

گيدڙي: جي معني آهي گدڙ کائيندڙ. هي حرام کائيندڙ. هندو شڪاري آهن. هي خانه بدوش آهن.

گيداڻي: سمن جي ذات آهي.

گِيراڻا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گِيراڻي: مزاري بلوچن جي مسيداڻي شاخ مان آهن.

گيسورا: مگڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

گِيگلَ: ٿر ۾ رهندڙ مهيشوري هندن جي هڪ ذات آهي.

گيل: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ضلعي ٺٽي ۾ سندن ڳوٺ آهن.

گيلا ني: پيران پير جو اولاد آهن. جيڪي گيلان شهر کان آيل آهن. ڪراچي ۾ راجپوتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "گيلا ني" آهي، جن کي "گيلوت" پڻ چون ٿا. گيلاڻي/جيلاڻي پيرن جي شجري لاءِ ڏسندا سيدن جو شجرو.

گيلوت: ڪراچيءَ ۾ رهندڙ راجپوتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي جن کي "گيلاڻي" پڻ چون ٿا.

گينڊ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گينڊ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گيهاڻي: هندن جي ذات آهي.

گيهلا: مگڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

گيهو: هي راجا رسالو جي ملڪ جي بطن مان هڪ ڀهاريدار آشنا جو اولاد آهن. سيال، ٽوانا ۽ ڪرال هن جا پائر آهن.

گيهيلڙا: ٿر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي ذات آهي.

ڳ

ڳاڙها: هڪ مسلمان سماڻ ذات آهي. بدين ۾ وينا آهن.

ڳاڙهيا: ميرپورخاص ۾ رهندڙ لڪياري سيدن جو پاڙو آهي. خانبهادر حاجي غلام نبي شاهه ولد سيد موج علي شاهه هن پاڙي مان هڪ معزز شخصيت هو. (بحوالہ: جنب گذاريم جن سين جلد نمبر 1 ص 271)

ڳاڙهيپوٽا: صابرن (سومرا) جو پاڙو آهي.

ڳاڙهيجا: چاچڙ قبيلي جي جڳانند شاخ مان آهن.

ڳاڳاٽي: خاصخيلين جو هڪ پاڙو.

ڳاڳيا: هڪ سماڻ مسلمان ذات آهي. جن جو گذر سفر ڳاڳيون گاهه (جابلو ميوو) تي هوندو هو. جنهن نسبت سان انهن ماڻهن کي ذات جا "ڳاڳيا" چون ٿا.

ڳاها: اصل لفظ ڪاها آهي. جيڪو سنڌي صوتي روپ اختيار ڪري "ڳاها" ٿيو آهي. هي سنڌ جا اصلي سما آهن. جيڪي سما ملاحن جي اوڙڪ ۾ اچن ٿا ۽ سندن واسطو ابڙن سان آهي. هنن جو حسبي ۽ نسبي سلسلو سنڌ ۽ ڪچ جي سمن سان آهي. جيڪو نهايت دڳهارو آهي. هن سلسلي موجب هنن جو شجرو هن طرح آهي.

پلي
|
ساند
|
ويرهه
|
چام هاپر
|
چام جوٽو
|
گڙ راهو
|
چام لاکو
|
چام ڪاها
|
هن جو اولاد ڳاها

ايس - صادق عليءَ لکيو آهي تہ "ڳاهو" رانوڙ نسل مان آهن. سندن وڏي جو نالو "سام" هو. هن وقت هي مسلمان سما ذات ۾ شامل آهن. ڳاهن جي هڪ ٻي شاخ انڑن مان پڻ آهي، جنهن جو شجرو هن طرح آهي.



تاريخي اپياس مان خبر پوي ٿي تہ ڳاها، راهومن جي هڪڑي پاڙي جو نالو پـڻ آهي. پينسين بن ڏهر کي ڏهہ پٽ هئا. جن مان هڪڑي پٽ جو نالو "ڳاهو" هو. ان جي اولاد کي پڻ "ڳاها" چون ٿا. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏهرن جو شجرو ڏسڻ گهرجي. ڳاها ڪراچي، حيدرآباد، سانگهڙ ۽ ٺر ۾ رهن ٿا.

ڳاهوٽا: ڳاهن مان قتل هڪ مسلمان سمات (سما) ذات آهي.

ڳاهوٽي: ڳاهن مان قتل ذات آهي.

ڳاهويا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڳاهيا: سميجا قبيلي جو هڪ پاڙو، هي پـاڻو پٽ جراڙ پٽ ابڙو پٽ پنهيرو جو اولاد آهن. پـاڻو کي ڇهـ پٽ سومرو، لاکو، تاجيو، تڳوڙ، ساهيو ۽ ڳاهيو هئا. ڳاهيو جو اولاد ڳاهيا سڏجن ٿا.

ڳاهياڻي: ابڙن جو پاڙو آهي، سکر طرف رهن ٿا.

ڳاهيجا: ڳاهن مان آهن. ڳاهي جي معنيٰ ڳاهي جو اولاد. هنن جو شجرو هن طرح آهي.



اڄ ڪلهہ هي سما، ملاح ۽ انڑ بہ سڏجن ٿا.

گاهيچا: سمن جو پاڙو آهي.

گائچا: سمن جو پاڙو آهي.

گپير: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گَچَڙَ: سما ۽ ملاح آهن.

گَچَلَ: جامع سنڌي لغات ۽ ڪتاب "سماڻ" جي لکڻ موجب گچل پنجاب کان لڏي آيل سرائي جت آهن. ايس صادق علي جي لکيل ڪتاب جي ص 70 ۽ جريان نمبر 23 موجب گچل پنجاب کان آيل سرائي آهن. منهنجي خيال موجب هنن کي سماڻ ۾ شمار نٿو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ ته هي ڪلهوڙن ۽ تالپرن جا لاڏائو سرائي جت هئا.

گَچَلا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گرواڻ: هڪ مسلمان ذات آهي.

گڙ: لغارين ۽ پهنورن (ٻُڇهڙي) جو هڪ پاڙو. تعلقي جوهيءَ ۾ رهندڙ.

گَڪَڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گُلِيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گُمورا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گن: سومرن جي ذات آهي.

گنپير (گنپير): سما ۽ ملاح آهن. ڪتاب "تاريخ سجاول"، از عزيز جعفراڻي، ڇاپو 1984ع، ص 345 تي لکيل آهي ته گنپير ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. هن پاڙي جا ماڻهو تعلقي سجاول ۽ سيوهڻ ۾ رهن ٿا. ايس. صادق علي جي لکڻ موجب انڙ بن سمون کي 28 پٽ هئا، جنهن مان هڪڙي پٽ جو نالو "گنپير" هو. جنهن جي اولاد ذات جا "گنپير" سڏايو. جن جو شجرو هن طرح آهي.





ڳنڌاهي: سما آهن.

ڳنڌيچور: سمات ذات آهي.

ڳنوار: ناريجن جي هڪ پاڙي جو نالو. هي گمبٽ جي پرسان وينا آهن.

ڳنواس: غير سمات آهن.

ڳوراچاٽي: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڳوراهه: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڳوراها: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڳوراهي: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

ڳورڙ: پنجاب کان آيل سرائي جت آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان، جامع سنڌي لغات ۾ سرائي قوم جا جيڪي پاڙا لکيا آهن، انهن مان هڪ پاڙي جو نالو "ڳورڙ" آهي. ايس - صادق علي پڻ هنن کي "سرائي" سڏيو آهي. حوالي طور ڏسندا (ص 70 جريان نمبر 25).

ڳورڙَ: هي سرائي پٽي آهن.

ڳورڙا: هي پڻ سرائي پٽين مان آهن.

ڳورهئي/ڳورئي: ڪرمتي جت بلوچن جو پاڙو آهي. ميرپورساڪري ۾ رهن ٿا. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1.بڪراٽي 2. ٽوندا 3. پوپٽائي 4. چاڪراٽي 5. چوٽائي 6. حمراٽي 7. درواٽي 8. ربواٽي 9. سڇيناٽي 10.صاحبناٽي 11. عمراٽي 12. قيصراٽي 13. قلاٽي 14. ڪبڙاٽي 15. مناٽي 16. منداٽي ۽ 17 ناتاٽي.

ڳورهي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڳوڳاٽي: سنيا ذات جو پاڙو آهي (ٽنڈو محمد خان).

ڳوهاڻا: ابڙن جي راڄ مان سما ۽ ملاح آهن.

ڳوهاٽي: سما ملاح آهن. جيڪي ابڙن جي راڄ مان آهن. هي حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

ڳَهَر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ڳهريا: جوٽيجا راڄ مان آهن.

ڳهڙ: جام مهڙ جي اولاد مان جڪرن جو پاڙو آهي. جام جڪرو هوٽياڻي ڏاتار هنن جو سردار هو.

ڳهٽيپوٽا: مري قبيلي مان آهن. (بحوالہ: دوست خان مري، ٽنڈو مستي)

ڳَهَيلَ: سمن جي ذات آهي.

ڳهيلا: سمن جي ذات آهي. لاڙ طرف سندن ڪافي ڳوٺ آهن.

ڳهَيلڙا: سمن جي ذات آهي.

ڳيرا: هندو قوم جي نڪ آهي. هن نڪ مان سدارنگاٽي، ڏيرملاٽي، سپاڳچنداٽي، سچانداٽي، مهتاٽي، ٽڏاٽي، ڪرپلاٽي ۽ واسواٽي هندن جون مشهور آڪهون آهن.

ڳَيڙَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گھ

گھا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گھاتو: ملاحن ۽ مهاڻن (شڪاري) کي چون ٿا.

وائي: "ڪُن ڪڙڪو ڏاڍو، اٿو اڳيان اڄ، گھاتو گھر نہ آيا".

گھارکا: بروهين جو پاڙو آهي.

گھاگھرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گھاگھڙا: ڏيپرن جو پاڙو آهي.

گھاگھم: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گھالر: آرائين قبيلي جو پاڙو آهي.

گھانگھا: سما ملاح آهن.

گھانگھرا: سما ۽ ملاح آهن. آبڙ ۾ اچن ٿا. ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ هي ڏيپر جو اولاد آهن. سندن شجرو هن طرح آهي.



هڪڙي ڏنل ڏڙي جو نالو پڻ ڏيپر گھانگھرا آهي. جيڪو ڏيپرن جي اولاد گھانگھرن سان منسوب آهي.

گھانگھلا: سرائي آهن. اڏيري لال جي پرسان رهن ٿا.

گھانگھڙ: سما ملاح آهن.

گھتوال: هي سروها راجپوتن مان جت آهن. باگڙ راجپوت هنن کي مٽي تي پٽڪو ٻڌڻ، عورتن کي پوتي پائڻ، ڳاڙهو ڪپڙو پائڻ، نٽ پائڻ وغيره نہ ڏيندا هئا. ان سبب جتن ۾ باگڙ راجپوتن لاءِ نفرت ٿي، جنهن ڪري ماڻهو کين "گھتوال" سڏڻ لڳا. هن وقت هي پٽڪو ٻڌن ٿا ۽ ڳاڙهو ڪپڙو پائين ٿا. ڪافي مسلمان آهن.

گھٹا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گھٹواٹي: ڪرمتين جي زنگياٽي شاخ جو هڪ پاڙو.

گھچا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گھراٹا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گھرٹ: ڪانگڑا علائقي جا رهواسي مخلوط نسل جا ماڻهو آهن. کين راني هندو تصور ڪيو ٿو وڃي. ڪاشتڪاري ڪن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: بديال، پٺاري، پتو، پردواج، چاپرو، چورا، ريرو ۽ ڪنبل

گھرگاٹي: ٽيبن جو پاڙو آهي.

گھرئي پوٽا: نٽي جي شيخن جو هڪ پاڙو. هي پير ڪرهيو پانداريءَ جا مريد آهن.

گھريا: سمن ۽ راهومن جي ذات آهي.

گھرياٹي: سميجا ۽ ملاح ڪل مان آهن. تاريخ سجاول از عزيز جعفراٹي ص 345 تي لکي ٿو تہ "گھرياٹي" ملاح ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي، جيڪي تعلقي سجاول ۾ رهن ٿا.

گھڑائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هنن کي ملاح پخالي بہ چون ٿا.

گھسيارا: هندن جي ذات آهي. گاهہ وڪڻڻ ڪري "گھسيارا" سڏجن ٿا.

گھلاڙ: آرائين قبيلي جو پاڙو آهي.

گھلريو: ملاح ۽ مهاڻا آهن. حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

گھلو: سما قبيلي جي هڪڙي ذات آهي، جيڪا سميجا ڪل مان آهي. ذاتين جي اپياس مان خبر پوي ٿي تہ هوتيءَ کي 14 پٽ هئا، جن مان هڪڙي جو نالو "گھلو" هو، ان گھلوءَ جي اولاد پاڻ کي "گھلو" سڏايو. ڪتاب "شاهان گوجر" ص 186 تي لکيل آهي تہ گھلو ۽ لنگاهہ پاڻ ۾ پائر هئا، هي راجپوت پٽي آهن. روايتن ۾ آهي تہ گھلو، سهتن مان پٽ آهن، هي گڏيجيءَ ۾ رهن ٿا. تفصيل لاءِ سندن شجرو ڏجي ٿو.



گـهلوتَ: راجا سورج ونسيءَ جي اولاد مان هندو راجپوت آهن.

گـهلوڙا: گهلوءَ جي اولاد کي چون ٿا. هي سميجا اوڙڪ ۾ شامل آهن.

گهليا: دودن جي ذات آهي.

گهليجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گهمِرا: پنجاب کان آيل کوکرن جو پاڙو آهي. ڪن ڪن جاين تي سما راڻوڙن جو اولاد سڏجن ٿا.

گـهمُرا: سما ۽ ملاح آهن.

گـهمراڻي: سما آهن.

گـهمراڻي: جمالين ۽ کوسن جو پاڙو آهي. (جامع لغات).

گهمرائي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. (تاريخ سجاول 1984ع).

گهمن: هي چندر بنسي راجپوت راجا دليپ سنگهه جي پوٽي راجا ملڪير جي اولاد مان پال آهن. پال جي پٽ جو نالو "گهمن" هو. جيڪو فيروز شاهه جو ملازم هو. سندس اولاد پاڻ کي گهمن سڏايو. ڪي هنن کي "جنجوعه" چون ٿا.

گهمڻ: ساندن (ملاح) جو پاڙو آهي.

گهميري: هندو چمارن جو پاڙو آهي.

گهنا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. مهرن ۾ پڻ آهن.

گهنائو (گهنائي): سماتي جت آهن. شاهه بندر ۾ رهن ٿا. هي ڪانڊي جتن مان آهن.

گهنجو: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. جيڪب آباد طرف رهن ٿا.

گهنجي: هڪ سمات ذات آهي.

گهندياڻي: ڏهرن مان آهن.

گهندير: برهماڻي برن جي ذات آهي.

گهنگ: ابوڏيا جي سورج بنسي راجپوت راجا جوگڙا گهنگ جو اولاد آهن.

گهنگا: لسبيلي ۾ رهن ٿا. گڏيل سڏيل بولي ڳالهائين ٿا.

گهنيا: جتن جو پاڙو آهي. هي سمات ۾ پڻ آهن. ملاح ۽ مهاڻا ٻه آهن.

گهنيجا: جتن جي ذات آهي.

گهٽيا: سرائي جت آهن.

گهونا: سما ۽ ملاح آهن.

گهوٽاڻا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گهورا واري: سما ملاح آهن. نواب شاهه ۾ رهن ٿا.

گهوسي: هي کير وڪڻندڙ مسلمان جت آهن. هنن جي حيثيت اهيرن جهڙي آهي.

گهوگهات: ميربحر ۽ مهاڻا آهن.

گهوگهت: ملاح ۽ مهاڻا آهن. (بحوالہ: تاريخ سجاول).

گهوگهرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گهياڻي: مهيسرن جو هڪ پاڙو.

گهيبي: نومسلم وورا قوم جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

گهيجا: سما ۽ ملاح آهن.

گهيڙا: مگرين جو هڪ پاڙو.

گهيسا: جودرا راجپوتن جو پاڙو آهي. راولپنڊي پرسان گهيس علاقي ۾ رهڻ ڪري گهيسا سڏجن ٿا.

گهيسريا: ميو قبيلي جو پاڙو آهي. هي مسلمان آهن.

گهيل: سمن جي ذات آهي.

گهيلي: سمن جي ذات آهي.

گهينچ: سنيا ذات وارن جو پاڙو آهي. (تنڊو محمد خان).

ل

لاڀري: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لاڀرياڻي: ڪلوڙن جو پاڙو آهي.

لاٽر: مگڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

لاٽي: ايراني مڪران ۾ رهندڙ ايراني بلوچ آهن. ڪراچيءَ ۾ بہ رهن ٿا. فارسي ۽ بلوچي ڳالهائين ٿا.

لاٽ: سما ميمڻن جو پاڙو آهي. چون ٿا تہ اصل انگريزي لفظ "لارڊ" جو بگاڙ آهي. لاٽ جي معنيٰ خان صاحب، نواب، وڏيرو يا چگو مڙس وغيره آهي.

لاڇي: سما آهن.

لاڏڪ (لاڏڪ): بنيادي طور لاڏڪ ۽ لاڙڪ هڪ ئي ذات آهي. لاڙڪ مان بدلجي لاڏڪ ٿيو آهي. چون ٿا تہ لاڙڪاڻي جو شهر لاڏڪ قوم وارن وسايو هو. لاڏڪ ملاح ۽ مهاڻا بہ آهن.

بيت:

ڪينجهر گهمن لاڏڪيون، ڪيون رس رلا،
اڳلا جي سڳلا، سمي نالي سجاڻبا. (سچل)

لاڏلا: سمات ذات آهي.

لاڏواڻي: ڪرمتي جتن جي زنگياڻي شاخ جو هڪ پاڙو. انن لڏڻ جي ڪرت جي نسبت سان "لاڏواڻي" سڏجن ٿا.

لاڊر: مهرن جي ذات آهي.

لاڙ: سما سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ رهڻ جي نسبت سان لاڙ سڏجن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 سعيدپوري، 2 سماڻي ۽ 3 ونگور.

لاڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هي مورڙي پوٽا جو اولاد آهن. لاڙا، ڪلاچي ۽ بندري پاڻ ۾ هڪ خاندان آهن. هي ابراهيم حيدري، شمس ڳوٺ ۽ بابا پٽ ۾ رهن ٿا.

لاڙائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. لاڙ کان آيل ڪمانگر ۽ اونا پاڻ کي لاڙائي سڏائين ٿا.

لاڙخاني: چوهاڻ راجپوتن جو هڪ خاندان.

لاڙڪ: سميجا ڪل مان ملاح ۽ مهاڻا آهن. هڪ روايت موجب ملاحن جي مڇي ڦاسائڻ واري هڪ ڇار جو نالو "لاڙڪي" هو. جيڪي ان ڇار جي نالي جي نسبت سان لاڙڪي ملاح مشهور ٿيا. وقت گذرڻ سان اهو لفظ

سنڌي صوتي روپ اختيار ڪري "لاڙڪ" ٿيو. جن کي ملاح بجاءِ "لاڙڪ" چون ٿا.

ايس صادق علي 1901ع ۾ هڪ ڪتاب **The Muslman Races found in Sindh, Balochistan and Afghanistan** لکيو هو. ڪتاب جي ص 62 جريان نمبر 147 تي لکيل آهي تہ "لاڙڪ" ملاح آهن.

گائينچا سمات ذات آهي، انهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "لاڙڪ" آهي. هي چون ٿا تہ اسان کي ملاح چوندا هئا. اسان وٽ ڳئون هيون، ان نسبت سان پاڻ کي ملاحن بجاءِ گائينچا چورايوسين. هنن جو چوڻ آهي تہ لاڙڪائي شهر جو بنياد اسان جي ونڊن لاڙڪن وڌو هو، جنهن ڪري لاڙڪن جي ذات پنيان شهر جو نالو لاڙڪانو پيو. لاڙڪ بہ لاڙڪن مان آهن.

بيت:

شڪاريءَ شڪار لاءِ، ڪٽي پهہ پچايائين،
لغڑيون، لاڙڪيون، پيا رچ رکيائين،
وراڪ واري ٽي، جيئن پکي ڦاسائين،
جڏهن ڦندا ڦولهيائين، تہ پکي نہ آيو هيڪڙو. (لاکو)

لاڙڪان: ڪڙاني پنائن جو قبيلو آهي.

لاسي: لسبيلي جي هڪ گڏيل سمات قوم آهي. ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ص 409 تي لکيل آهي تہ "لاسي" ڪوسن جي ڪلولائي پاڙي جي شاخ آهن. هي ڪوٽڙي تعلقي ۾ رهن ٿا. خاصخيلين ۾ پڻ لاسي آهن.

لاشاري: عام طرح سان ٻڌو ۽ ڏٺو ويو آهي تہ سنڌ اندر ٽي ذاتيون لاشاري. لَشاري ۽ لَشاري آباد آهن ۽ ٽيئي ذاتيون پاڻ کي بلوچ چوائين ٿيون. تلفظ جو اهڙو تہ مونجهارو ٿيو آهي جو اصل حقيقت جي ڪا بہ خبر ڪانہ ٿي پوي. ايتري قدر جو خود هنن قومن جا ماڻهو ڪا حقيقت يا وضاحت ٻڌائي نٿا سگهن. سڀ چون ٿا تہ اسان لاشاري بلوچ آهيون.

تحقيق مان خبر پوي ٿي تہ لاشاري ۽ لَشاري پاڻ ۾ سوٽي سوٽ آهن، جن جو ڏاڏو مير جلال خان بلوچ آهي. هن جي ٻن پٽن جي پيڑهيءَ مان لاشاري ۽ لَشاري آهن. لاشاري، لشار جو اولاد آهن ۽ لَشاري رند جي اولاد گورچاڻيءَ مان آهن. لِشاري هڪ ئي ذات آهي، جيڪي بنيادي طور سنڌ جا سماٽي جت آهن، جن کي جت قوم جي ڪل مان سمجهڻ گهرجي.

تاريخي ابياس مان خبر پوي ٿي تہ ميرچاڪر خان رند ۽ مير گهرام خان لاشاري پاڻ ۾ عزيز ۽ گهاٽا دوست هئا. ٻئي دوست بلوچستان ۾ رهندڙ لشاري قوم (جت) جي هڪ شهزادي "گوهر جتڻ" تي عاشق ٿي پيا. جنهن ڪري بنهي ڌرين ۾ 1470ع ڌاري جنگ لڳي، جيڪا اٽڪل ٽيهہ سال هلي.

لاشارين، نوحاڻين جي سردار عمر خان نوحاڻي ۽ دوداڻي بلوچن جي سردار کان مدد ونڻ رندن جي سردار مير چاڪر خان رند کي شڪست ڏني. ان کان پوءِ لاشارين سنڌ جي پاڻين ۽ ٽنڊي جي نوابن کان مدد ورتي ۽ رندن، ترڪن ۽ ارغونن جي مدد حاصل ڪئي، جنهن سبب وري سخت جنگ لڳي، جنهن ۾ لاشارين ۽ لَشارين جي ننڍن سردارن مير چاڪر خان رند جو سات ڏنو. جنهن ڪري مير گهرام خان کي تمام گهڻي شڪست آئي، جنهن سبب لاشاري بلوچ بلوچستان ڇڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. هنن جو حسبي ۽ نسبي شجرو هن طرح آهي.



راءِ بهادر هتورام ۽ مولانا نور احمد خان فريدي لاشاري قبيلي جو شجرو هن طرح ڏنو آهي.



ميرِ دودا خان جي پٽ گورش جو اولاد پهرين گورشاڻي ۽ بعد ۾ گورچاڻي سڏجڻ لڳو. اهي گورچاڻي رند نه آهن. مگسي قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو لاشاري آهي. جن جو سردار غلام محمد خان هو.

ڪتاب "بلوچ" ص 66 تي لکيل آهي تہ لاشاري. بلوچن جو هڪ قديم ترين قبيلو آهي. جيڪي لاشار بن ميرِ جلال خان جو اولاد آهن. هن وقت هي قبيلو بلوچ ۽ غير بلوچن تي مشتمل آهي. اصل لاشارين مان ڪجهہ ماڻهو جدا ٿي کوسن، رندن، دومڪين ۽ مگسين ۾ شامل ٿيا آهن. مڪران ۾ لاشاري اڪثر ڪري

مگسيءَ جي ذات سان مشهور آهن. ڪتابن ۾ لکيل آهي ته سنڌ جا جت لاشارين جو بار بردار انن تي ڏوئيندا هئا. جن ۾ پاڻ کي لاشاري بلوچ سڏايو. جڏهن اها خبر لاشارين کي پئي ته هنن جتن کي پاڻ وٽان نيڪالي ڏئي ڇڏي ۽ پوءِ پاڻ کي جتن بجاءِ لِشاري سڏائڻ لڳا.

جيئن ته لاشاري هڪ وڏو قبيلو آهي. هنن جا ڪيترائي پاڙا آهن. ذاتين جي ماهرن ۽ مورخن هنن تي نهايت سٺي روشني وڌي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، لاشارين جا تيرهن پاڙا، پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي اٽڪل 40 پاڙا، ايس - صادق علي 49 پاڙا ۽ ٻين مورخن ۽ محققن لڳ ڀڳ اهي ساڳيا پاڙا لکيا آهن. آڻون ان سلسلي ۾ جيڪب آباد، سبي، ڪوئٽا، زيارت ۽ سنڌ جي ٻين حصن ۾ ويس. جتي ڪافي لاشارين سان ملاقات ٿي. ان موجب لاشارين جا هيٺيان پاڙا ثابت آهن: 1 آدماڻي 2 آخونداڻي 3 اسماعيلاڻي 4 الڪيار (الڪاڻي، علقاڻي) 5 احمداڻي 6 اصفهاني، 7 باجڪاڻي 8 بجاراڻي 9 بدو 10 بدوئي 11 برماڻي 12 بگراڻي 13 بنداڻي 14 بهراماڻي 15 بنگلاڻي 16 بليداڻي، 17 پٺاڻي، 18 پمپ، 19 پوتاڻي، 20 توجاڻي، 21 توحم حاڻي، 22 توڪلاڻي، 23 پاهي، 24 پٺاڻي، 25 پرارا، 26 پير محمدناڻي، 27 جاگواڻي، 28 جلالاڻي، 29 جياڻي، 30 جهتاڻي، 31 چاروائي، 32 چڪ (چخ - چڪ) 33 چٽاڻي، 34 چرڙ، 35 حدياڻي، 36 محمداڻي، 37 حساڻي، 38 حيرواڻي، 39 دلاورزئي، (هدياڻي)، 40 ديناري، 41 رشيداڻي، 42 رولاڻي، 43 سالاراڻي، 44 سلاماڻي، 45 سلماڻي، 46 سمراڻي، 47 سمحالاڻي، 48 سويراڻي، 49 شهاڻي، 50 شهداداڻي (شهداڻي)، 51 شهخاڻي، 52 شبلاڻي، 53 عالماڻي، 54 عمراڻي، 55 فاضلاڻي، 56 قلندراڻي، 57 قمبراڻي، 58 ڪالواڻي، 59 ڪلري، 60 ڪلواڻي، 61 ڪلاچي (ڪولاچي) 62 ڪملاڻي، 63 ڪنڊار (ڪنڊر)، 64 ڪوبياڻي، 65 گاجاڻي، 66 گوتاڻي، 67 گلڻ زئي، 68 گورائي، 69 گهراماڻي، 70 لالاڻي، 71 لنگراڻي، 72 مبارکاڻي، 73 مچراڻي، 74 محمداڻي، 75 مدراڻي (مودراڻي)، 76 مراڻي (ميراڻي)، 77 مزارحاڻي، 78 مسواڻي، 79 مگسي، 80 منگياڻي (منگهياڻي)، 81 ميان زئي، 82 موهناڻي، 83 ميرداداڻي، 84 ميرناڻي، 85 ملکاڻي، 86 نوط بنداڻي، 87 ويداڻي، 88 ويکلاڻي، 89 هيبتاڻي، 90 گنگلاڻي ۽ 91 سارنگاڻي.

لاکڙ: ڪلهوڙن جو پاڙو آهي. هي بهاولپور کان آيل آهن. سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا.

لاکا: سام جي اولاد مان جادم هو. هن جي خاندان مان "نر پٽ" سنڌ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪچ جي سمن جو ڇگو مڙس هو. هن جي اولاد مان لاکو گوڙا (1250ع) کي اٺ پٽ، ڦل، ساند، وريار، اونو، موڙو، منهيو، انڙ ۽ لاکو هئا. ان لاکي جو اولاد خالص سما لاکا آهي. باقي ٻيا سما نسل وارا لاکا ملاح ۽ سميجا ليکيا وڃن ٿا.

عام لاکا، ڄام لاکي جو اولاد آهن. سندن والده نٽي جي گندري ملاحڻ هئي، ڄام لاکي کي ان ملاحڻ مان جيکو اولاد پيدا ٿيو. ان وقت جي ڏاهن ۽ ذاتين جي ڄاڻو مائهن انهن کي ملاح تصور ڪيو ۽ کين ملاحن جي

ڪُل ۽ نک مان ڄاڻايو. سنڌ جي سمات جون وڏيون وڏيون قومون مثلاً انڙ، ابڙا، سميجا، پلي، درس، لنجار، ڏيٽا، جاکرا، جکرا، جوٽيجا، سما، ڀگهيا، ڏيپر، ساهڙ، هنگورا، پليجا، نوتيار، ڪوريجا، ساند، لکڻ، اونا، جاڙيجا، ڏيرا، هوتي، هالا، راهوجا، جهيجا، ڳاها، قل، دل، لنجا، راڄڙ، چنا، ٽيبا، پنپرا، راهو، بهڻ، ڪيبر، ڪيريا، راڄپر، ملاڻا، وسان ۽ ڏاهري وغيره ان لاکي جو اولاد آهن. جن مان انڙن جو چوڻ آهي ته اسان سمات قومن جا سرو ڻ ۽ سردار آهيون.

ڄام لاکي جي وڏي زال جو نالو بني چاره هو. جيڪا نٽي جي سوڊن مان هندو عورت هئي. هن کي جيڪو اولاد پيدا ٿيو اهو نج سمات سڏجڻ لڳو.

لاکن جو شجرو هن طرح آهي



وڌيڪ تفصيل سمن واري شجري ۾ ڏسندا.

بيت لاکا لهراڻي لهر بحر جاسائين

مٽين چوٿيءَ مان دريا ۽ ان جون لهرون. چوليون ثابت ڪن ٿيون تہ "لاکا". ملاح آهن. لاکا ملاحن. سمن. سومرن. نهڙين ۽ سما ميمڻن جي پاڻن جا پٽ نالا آهن. نهڙي لاکا. ڳاهو پٽ لاکو ۽ راڄپار پٽ لاکو جو اولاد آهن. ٽئ ۾ رهندڙ لاکن جا خاص پاڙا آهن: 1 بنگلاڻي. 2 دلاڻي. 3 ڏتاڻي. 4 رحمتاڻي. 5 صابلاڻي. 6 قـل. 7 قل لاکا. 8 قل ناهيا. 9 لنجار ۽ 10 موساڻي.

لاکات: لاکن ۽ سميجن مان آهن.

لاکاٽا: سما خاندان جو پاڙو آهي. سندن اوڙڪ ملاحن مان آهي. لاکا قبيلي سان واسطو رکن ٿا.

لاکاڻي: سما ۽ ملاح آهن. لاکن سان واسطو رکن ٿا.

لاکاٽيا: سنڌ ۽ ڪچ جي سمن مان ڄام جوڻي کي هڪ پٽ هو. جنهن کي ٽي پٽ هئا. هڪڙي پٽ جو نالو ساند هو. جنهن مان لاکو هو. ان لاکي جو اولاد "لاکاٽيا" آهن. سندن شجرو هن طرح آهي.



لاکار: سنڌ جا سماڻي جت آهن. جيڪي لاکاڻي جت ڪل مان آهن.

لاکاڻي: ڄام لاکي جت جو اولاد آهن. هي سماڻي جت آهن. سندن ڪل لاکاڻي آهي. بلوچستان کان آيل جتن ۾ پڻ لاکاڻي آهن. جيڪي ميرجت سڏجن ٿا. پکي راڄ جتن ۾ پڻ لاکاڻي آهن. ڪرمتين جي گبول ۽ راڏا جت ملکاڻين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "لاکاڻي" آهي. جوکين ۾ بہ آهن

لاکاوت: مسلمان سمات ذات آهي.

لاکاڻي: ملاحن جو هڪ پاڙو.

لاکر: لاکاڻي ڪل مان سماڻي جت آهن.

لاکڙيجا: سمن جو پاڙو آهي. هي لاکن مان آهن.

لاکوڃا: راڄپرن جو پاڙو آهي، هي لاکن مان آهن.

لاکور: هي لاکا آهن. کن جاين تي لاکا ٿ کن هنڌن تي "لاکور" سڏجن ٿا.

لاکوڙيا: سومرن جو پاڙو آهي. هي لاکن مان آهن.

لاکيا: سمن جو پاڙو آهي. هي لاکن مان آهن.

لاکيار: مسلمان سما ذات جو پاڙو آهي. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا. ڇون ٿا ٿ لاکا. لاکيار ۽ لاکير هڪ ئي حسب نسب سان واسطو رکندڙ ذاتيون آهن.

لاکياري: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هي لاکن مان آهن. ميهڙ ۾ سندن ڪجهه گهر آهن.

لاکيپوٽا: جام لاکي جي اولاد مان آهن. پنهيار ذات جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ آهي.

لاکيڙ (لاکير): سميجا قبيلي مان آهن. جن جي ڪل لاکا آهي. سماڻي جتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ لاکير آهي. جيڪي لاکاڻي جتن مان آهن.

لاکير: سما ملاح آهن. هي لاکي جي نک مان آهن. کن کن جاين تي جت ٻ سڏجن ٿا.

لاگري: مگرين جو هڪ پاڙو.

لال: هندو قوم جي ذات آهي. هي جيسلميري پڻ سڏبا آهن. هندي ٻوليءَ ۾ لال، پياري پٽ کي چوندا آهن.

لالا: "هندوجا" نک مان جيسلمير کان آيل هندو پاٽيا آهن. مغلن جي دؤر ۾ وڏا عهدا ۽ عزت ماڻيائون، جنهن سبب کين "لالا" جو لقب مليو ۽ پاڻ کي ذات جا "لالا" سڏايائون.

لالاڻي: هڪ مشهور پاڙو آهي، جيڪو ڪافي قبيلن ۽ ذاتين مان آهي. مثال:

1. مزاري قبيلي جي رستماڻي شاخ مان لالاڻي آهن.
2. لاشاري بلوچن جو پاڙو آهي.
3. جڪراڻي بلوچن جو صابواڻي پاڙي مان لالاڻي آهن.
4. برفتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو لالاڻي آهي.
5. لالاڻي چنن جي پاڙي جو نالو آهي.
6. ڪبولن ۾ پڻ "لالاڻي" آهن.
7. بلوچستان ۾ رهندڙ جت بلوچن جو هڪڙو پاڙو لالاڻي آهي.
8. خاصخيلين جي هڪڙي پاڙي جو نالو "ملڪ" آهي، جنهن مان لالاڻي آهن.
9. دلن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "لالاڻي" آهي.
10. ملاحن ۾ پڻ لالاڻي آهن.

11 بلوچستان ۾ رهندڙ برڙن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ لالائي آهي.

12. سنيا ذات وارن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "لالائي" آهي.

13. هندن جي ذات آهي. سيوهڻ ۾ سندن گهر آهن.

14. ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ جو هڪ پاڙو.

لال خاناڻي: جاکرن جي منجهئان پاڙي جي هڪ ڦري.

لال خاني: چوهاڻ راجپوتن جو هڪ خاندان.

لال مگريا: مگرين جو هڪ پاڙو.

لالنگ: سما آهن.

لالڻ: اوسواڙ هندن جي ذات آهي.

لالواڻي: هندن جي ذات آهي. سندن نک جو نالو "چچڙا" ۽ "للا" آهي. پاڻ لالچند (ڏاڏو) پنيان "لالواڻي" سڏجن ٿا. ڊاڪٽر لالواڻي، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جو دوست، هن پاڙي مان هو. (بحوالہ: ڪتاب يادگيريون)

لالوزارا: خاصخيلين جو هڪ پاڙو.

لالهاڻي: بوزدار بلوچن جو پاڙو آهي.

لالئي: ڪڪئي پناڻ (خاخائي) جي پٽ سليمان جو اولاد آهن، جن کي وزيري بہ چون ٿا.

لالي: پنجاب کان آيل هڪ ذات آهي. جنهن جو واسطو گوجر قبيلي سان آهي.

لاليپوتا: مهرن مان آهن.

لاليجا (لاليچا): نوحاڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

لاٽبرَ: ڪاکي بن انڙ بن سمي بن لاکي جو اولاد آهن. هي سنڌ جا سما ملاح آهن.

لاٽبر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لاڏيا: ڪرمتين جي لجيرا ۽ مهيري شاخن جو هڪ پاڙو.

لاڻگ: افغان پناڻن جو پاڙو آهي. ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

لاڻگا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لاڻگاڻي: مري بلوچن جي غزيني شاخ جو پاڙو آهي.

لاڻگاهه: اصل ۾ سنڌ جا سولنگي راجپوت گوجر آهن. هنن جي وڏي جو نالو راءِ سهارا لاڻگاهه هو، جيڪو

سنڌيءَ جي نالي سان مشهور هو. هن خاندان ملتان تي اٽڪل 80 سال حڪومت ڪئي. راءِ سهارا ملتان جي حاڪم يوسف قريشي کي پنهنجي ڏيءَ ڏني هئي. ملتان ۾ رهڻ ڪري اڪثر سرائڪي ڳالهائين ٿا.

ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 41 تي لکيل آهي ته لفظ لانگو. لانگ. لانگاهه ۽ لنگاهه هڪڙو آهي. هي بلوچستان جي رئيس قبيلي مان پاٽي پرڻ وارا آهن. جيڪي لانگ (گوڏ) بڌي پاٽي پريندا هئا. بلوچستان جي مختصر تاريخ ۽ بين ڪتابن ۾ لکيل آهي ته لانگاهه. رند بلوچ آهن. جن مان مير حده خان (مير چاڪر خان جو پيٽيو) هو. ٽاڊ هنن کي راجپوتن جي اگني ڪل چالوڪيا شاخ مان ملبار جا رهاڪو لکي ٿو ۽ مسٽر اوبرائن افغان قبيلي جا پٺاڻ ڄاڻائي ٿو. هن قبيلي مان سلطان قطب الدين لنگاهه. سلطان حسين لنگاهه. سلطان فيروز لنگاهه. سلطان محمود لنگاهه ملتان جا حاڪم (1445ع کان 1526ع تائين) ٿي گذريا آهن.

لانگوٽي: جوگي فقيرن جي ذات آهي.

بيت: **آءُ لانگوٽيا لال، ڪ پر ڏنيءَ گجريون،**
آب ارتو اکين، لڙڪ وهائين لال.

لانگوهه: لانگوهه. لهڙي ۽ بنگلڙئي اصل ۾ پهاڙن جا رهاڪو بلوچ هئا. جي بعد ۾ بروهي ٿمن ۾ شامل ٿي ويا. هن وقت لانگوهه بروهي آهن.

لانگهاٽي: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

لاٽا: سماٽي جت آهن. لاٽو ۽ لاٽي هڪڙي قسم جو گاهه آهي. جيڪو لٽي جت پنهنجن انن کي ڪارائيندا هئا. جنهن نسبت سان انهن جتن جي پاڙي جو نالو "لاٽا" پئجي ويو. ملاحن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

لاٽاٽي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. (تاريخ سجاول).

لاٽيليا: ڏيڏن ۽ شڪارين جي ذات آهي.

لاوري: جي معنيٰ آهي تازي ويائل ڳئون. هي هڪ سمات ذات آهي.

لاوي: گوجرن جو پاڙو آهي.

لاهواٽي خوجا: بهرام خوجي جو اولاد آهن. جيڪي شيخ راج جي نالي سان مشهور آهن. لسبيلي ۾ رهن ٿا.

لاهوري: لاهور شهر جي نسبت سان ذات جا لاهوري سڏجن ٿا. سنڌ ۾ رهن ٿا.

لائو: مهرن جو هڪ پاڙو.

لائوٽ: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. هن ذات مان حافظ ابراهيم نٽوي (شاهجهان مغل جو دور) هڪ معزز بزرگ ٿي گذريو آهي (بحوالہ: تذڪره مشاهير سنڌ جلد ٽيون ص 287).

لبراڻي: جمالي آهن.

لبرياڻي: هي بہ جمالي آهن.

لبريجا: چانڊين جي ذات آهي.

لبوچ: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

لبورا: سورج بنسي راجپوتن جي هڪ شاخ.

لٻاٽا: جي اصلاحي معنيٰ آهي "بار ڍوئڻ وارا". سمن، ملاحن، ڪاٺيرن ۽ لاهيارن جي پاڻ جو نالو آهي. هي اڪثر ڪري ڪاري ۾ رهن ٿا. پنجاب کان آيل لٻاٽن جا پاڙا آهن: اجراوت، پڳيانا، داتلا، گاهري ۽ گاهري.

لتالا: گوجرن جي ذات آهي. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر).

لتر: جي اصطلاحي معنيٰ آهي "موجي". هي ملاح ۽ موجي آهن.

لتڑو: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

لتڑيا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

لتڻ: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

لتي (لتينگ): ڪرمتي جت بلوچن جو پاڙو آهي. بلوچستان ۾ لتي نئن تي رهڻ ڪري لتي يا لتينگ سڏجن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. ببراڻي 2. بگهياڙ 3. ٻڙا 4. حملاڻي 5. سعيت 6. مُرگهر 7. محمداڻي ۽ 8. هديہ. هي ڪرمتين جو هڪ ننيو ڪيڙ آهي. پر منجهانئس تمام وڏيون ۽ مشهور شاخون ڦٽل آهن. جن جا وري سوين پاڙا آهن.

لجر: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

لجيرا (رجيرا): ڪرمتي جتن جو هڪ مکيہ قبيلو. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1. آسودا 2. بنداڻي 3. پارواڻي 4. پچاڻي 5. پيرواڻي 6. جاڙاڻي 7. جانياڻي 8. حاجاڻي 9. دوستاڻي 10. ڏاها 11. ڏاوڙيا 12. راڏاڻي 13. راهواڻي 14. سوماراڻي 15. صوپاڻي 16. عيساڻي 17. ڪوهيراڻي 18. گنيا 19. لانديا 20. لوڪا 21. لکاڻي 22. مراداڻي 23. مروجا 24. ملهواڻي 25. ممبراڻي 26. مير جاساڻي 27. وراجاڻي ۽ 28. واڍاڻي.

لحافاڻي: هڪ مسلمان ذات آهي.

لداڻي: بوزدار ۽ ڪوسا آهن.

لدر: راجپوت پٺين جو پاڙو آهي. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر).

لدوار: مري بلوچن جي غزيني خاندان مان آهن.

لَـڏا: لڏو بن ڏئي پسايو سومري جو اولاد پاڻ کي لڏا سومرا سڏائين ٿا. هي ٽر ۾ رهن ٿا. (پاڙو).

لُـڏا: شاهوڪن جو پاڙو آهي. لسبيلي ۾ رهن ٿا.

لَـڏاڻي: جاکرن جي منجهڻان پاڙي مان قتل هڪ ننڍو پاڙو.

لُـڏاڻي: جهلاواني بروهين. گاڏهين ۽ پنهورن جو پاڙو آهي. ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" نمبر 1 ص 11 موجب "لڏاڻي" هندو قوم جو پاڙو آهي.

لڏڙ: جهڙن جي ذات آهي. هي هندو آهن. ٽر ۾ رهن ٿا. انڍڙن ۾ پڻ هڪ پاڙو (لدهڙ).

لڏڙا: لڏڙو پاڻي جو جانور آهي. هن جو شڪار ملاح ۽ مهاڻا ڪندا هئا. جنهن نسبت سان اهي ملاح، ذات جا لڏڙا سڏجڻ لڳا.

لڏيپوٽا: لڏو بن پسايو سومري جي پٽن جو اولاد پاڻ کي "لڏيپوٽا" سڏائين ٿا. (پاڙو)

لڏاٽا: زرداري جتن جو پاڙو آهي.

لُـڏياڻي: ڇانگڻ جو هڪ پاڙو.

لدا (لوڏا - لورد - لولا - لوليان): جن جو اولاد لوليا بانهيءَ مان آهي. حضرت سليمان بار جو نالو "لودا - لدا رکيو هو. سنڌ فتح ٿيڻ بعد اچي سنڌ ۾ وينا. ڪن ڏاهن جو چوڻ آهي ته "لدا" سمات آهن.

لدو: منج راجپوتن جو پاڙو آهي.

لدواڻي: بوزدار بلوچن جو پاڙو آهي.

لدهڙ: انڍڙن جو پاڙو آهي.

لر(لُـر): ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لرا: اڪثر ڪري سرائي سڏجن ٿا. پر سرائڪي زبان ڳالهائي ڪونہ سگهن. ضلعي نواب شاهہ ۽ ضلعي نوشهري فيروز ۾ سندن چند ڳوٺ آهن.

لرڙ: هڪ غير سمات ذات آهي.

لرهار: هڪ غير سمات ذات آهي.

لرئي: غير سمات ذات آهي.

لري: غير سمات ذات آهي.

لريا: سنيا ذات جو پاڙو آهي (تنڍو محمد خان).

لڙاڻي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي (تاريخ سجاول).

لڙائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لڙڪا: هڪ غير سماٽ ذات آهي.

لڙهاڻي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. (تاريخ سجاول)

لسا: سمن جي هڪ ذات.

لستوري: مغلن ۽ هندن جي مخلوط نسل مان ڪنپٽ هندو آهن. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "لستوري" آهي.

لسڙا: جاکرن جي حسڻ پاڙي جي هڪ تڪ. هنن کي 'عارباڻي' به چون ٿا.

لسڪاڻي: هي بلوچ آهن.

لش: نورنگ چاچڙن مان آهن.

لَشاري: قوم ۽ ذات وارا رند بلوچ جي نسل مان آهن. هنن جو مورث اعليٰ گورچاڻي آهي. گورچاڻي يارهن قبيلن تي مشتمل آهن. جن مان هڪ قبيلي جو نالو "لَشاري" آهي. اهي لشاري رند سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهن. جن جا ڪيترائي پاڙا، شاخون ۽ ڦريون آهن. جن مان ڪجهه هن طرح آهن.

1 بدولاڻي، 2 بنگلاڻي، 3 ترڪلاڻي، 4 جمراڻي، 5 جلباڻي، 6 حق داداڻي، 7 سندراڻي (سنلاڻي)، 8 شهواڻي (شاهواڻي)، 9 فوجلاڻي، 10 گرڪاڻي، 11 گشڪوري، 12 گبول، 13 گهراماڻي، 14 مورداڻي، 15 نهالاڻي.

ياد رکڻ گهرجي ته لاشاري بلوچ، لَشاري رند بلوچ ۽ لِشاري جت آهن.

لُشاري رند بلوچن جو شجرو هن طرح آهي.





كتاب "بلوچ اور اس كي تاريخ" از مولانا نور احمد خان فريدي ص 348 تي مير چاكر خان اعظم جي پٽ سپهه دار خان جو شجرو ڏنو آهي. ان مطابق مير رند خان بن سپهه دار خان جي هڪ پٽ جو نالو بلوچ خان هو. ان كي اٺ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئي. ٻئي نمبر پٽ جو نالو "لَشار خان" هو. پنهنجي جد اعليٰ جي كري اولاد پاڻ كي "لَشاري" سڏايو. جيكي رند جو اولاد آهن ۽ پاڻ ٻه رند بلوچ آهن.

لِشاري: سماتي جتن جي هڪ مكيه ذات آهي. كتابن ۾ لكيل آهي ته محمد بن دائود چينه (دائود پوٽو) كي ٻارهن زالن مان ارڙهن پٽ هئا. انهن مان هكڙي جتڻ زال جو نالو لِشارڻ هو. ان لشارڻ مان جيكو هن كي اولاد پيدا ٿيو. ان اولاد والده جي وجهه تسميه سبب پاڻ كي "لِشاري" سڏايو. جيكي كاڇي ۽ پاڇ جي طرف وڃي آباد ٿيا. جتان قرندا گرندا اچي سنڌ ۾ وينا. اهي لِشاري كن جاين تي پاڻ كي كلهوڙا ۽ دائود

پوتا بہ چوائين تا.

كتاب "بلوچ" از م - ك پيكولين جي اپياس موجب بلوچستان جا لاشاري بلوچ نهايت سكيا ۽ زميندار هئا. پنهنجي زرعي پيدائش جي بار برداريءَ لاءِ جتن كي پانَ وٽ كمارائيندا هئا. گهڻو وقت رهڻ كري ۽ انهن وٽ كمائڻ كري جت بہ پانَ كي لاشاري بلوچ سڏائڻ لڳا. جڏهن اها خبر لاشارين كي پئي تہ هنن جتن كي پانَ وٽان كڍي ڇڏيو. ان بعد اهي جَتَ پانَ كي نئين ذات "لِشاريءَ" سان سڏائڻ لڳا.

ياد ركڻ گهرجي تہ لِشاري جت. بلوچ نہ آهن. هي سنڌ جا سماڻي جت آهن. لاشاري. لِشاري ۽ لِشاريءَ ۾ گهڻو فرق آهي. لاشاري بلوچ آهن. ليكن هي رند نہ آهن. لَشاري رند بلوچ آهن ۽ لِشاري سماڻي جت آهن.

لاشاري بلوچ گهرام بن نوبندغ بن لاشار بن مير جلال خان جو اولاد آهن. لَشاري. مير چاكر خان رند جي چاچي حسن رند جي اولاد گورش (گورچاڻيءَ) مان آهن ۽ لِشاري محمد بن دائود جي جتڻ زال. لِشاري مان آهن.

ڊاكٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات جلد ٻيو ص 896 تي جتن جا 43 پاڙا لكيا آهن. جن مان هكڙي پاڙي جو نالو "لِشاري" لكيل آهي. اهي لِشاري كن جاين تي پانَ كي مير جت بہ چوائين تا.

لشكاڻي: هي رند آهن.

لشكراڻي: چاندين جي غيباڻي ۽ بجيراڻي پاڙن مان آهن. مزاري بلوچن جي رستماڻي شاخ مان قيصراڻي آهن. انهن قيصراڻين مان هكڙي پاڙي جو نالو "لشكراڻي" آهي. ڊومكي بلوچن جي جسكاڻي شاخ مان هكڙي پاڙي جو نالو پڻ "لشكراڻي" آهي.

ايس - صادق علي ۽ مولانا نور احمد خان فريديءَ جي لكڻ موجب "لشكراڻي" رند بلوچ آهن. مولانا صاحب ص 348 تي لشكراڻيءَ جو هك شجرو ڏنو آهي. جو هن طرح آهي.

مير چاكر خان رند بلوچ

|

سيهہ دار خان

|

مير رند خان

|

بلوچ خان

|

لشكر خان

|

اولاد لشكراڻي رند بلوچ

لشڪرزئي: رئيساڻي بلوچ آهن. هڪ ٻئي حوالي موجب لشڪر زئي پٺاڻ آهن. جن جو واسطو اورڪزئي قبيلي سان آهي.

لطيفاڻي: مغيري بلوچن جو پاڙو آهي.

لظاڻي: مزاري بلوچن جي رستماڻي شاخ مان آهن.

لعل مگريا: مگرين جو پاڙو آهي. لاڙڪاڻي طرف رهن ٿا.

لَغاري: مزاري بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو "رستماڻي" آهي. ان رستماڻين مان قيصراڻي آهن. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "لَغاري" آهي.

لِغاري: مڪران مان آيل هڪ بلوچ قبيلو آهي. جن جي لاءِ ڪافي روايتون، چوٽيون ۽ تحريرون آهن. جن جو ذڪر سنڌ جي محققن پڻ ڪيو آهي. ليڪن ڪنهن بحث ۾ وڃڻ بجاءِ حقيقت پيش ڪجي ٿي.

لغارين لاءِ چوڻ آهي ته لغاري، رند آهن. جن جو شجرو جدا جدا آهي. هڪ روايت موجب لغاري بن شاهه علي بن حسين بن رمضان بن رند بن مير جلال خان آهي. بي روايت موجب لغاري لفظ "ليغا" مان ورتل آهي. ليغا بن نوبت بن حسين بن رمضان بن رند بن مير جلال خان بلوچ.

"تاريخ بلوچستان" جي ص 37 تي لکيل آهي ته ابراهيم رند ڪنهن لاشاري عورت سان هم ڪلامي ڪئي. جنهن سبب مير چاڪر خان بلوچ هن تي ڪاوڙيو ۽ رند کي مارڻ جو حڪم ڪيائين. پر خواتين جي سفارش تي سندس جان بخشي ٿي. ان ڏينهن مير چاڪر خان رند، ابراهيم کي "لغار" جو لقب ڏنو. جنهن کان پوءِ هي رند "لغار" سڏبا هئا. لغار جي معني آهي ڳگيرو ۽ گدلو وغيره. ڪجهه عرصي بعد لغار لفظ ڦري "لغاري" ٿيو.

هڪ اڀياس مطابق ايراني مڪران ۾ "لغار" هڪ علاقو آهي. ان لغار جي نسبت سان هتن بلوچن جو نالو لغار ۽ ليغا پيو. مير چاڪر خان جي وفات کان پوءِ لغار ۾ ڪجهه همت ٿي ۽ سندن چگي مڙس "جمال خان" چوٽي رياست وسائي پاڻ کي لغار بجاءِ لغاري سڏايو. ان ڏينهن کان وٺي هي لغاري سڏجن ٿا.

لغاري قلات، سرحد ۽ پنجاب کان ٽيندا اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. هي ڪلهوڙن طرفان جنگين ۾ وڙهيا ۽ تالپرن جي دور ۾ سندن امير هئا. تالپرن هتن کي "نواب" جو لقب ڏنو. جن مان نواب ولي محمد خان لغاري نهايت مشهور هو. هتن کي تالپرن طرفان جاگيرون پڻ عطا ڪيون ويون.

ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" ۽ ڪتاب "بلوچ" جي مصنف لکيو آهي ته لغاري اصل ۾ رند قبيلو هو. جنهن جو شجرو ۽ حسب نسب رند جي پوٽي نوبت (نيابت) سان ملي ٿو. پر هن وقت هي رندن کان هڪ الڳ قبيلو آهي. سندن شجرو هن طرح آهي.



کتاب لکن ٹا تہ جملي "لغار" وجي ديري غازي خان م وينا. مير چاکر خان جي وفات بعد پان کي "لغاري"

سڏائي. ڪلهوڙن ۽ تالپرن معرفت اچي سنڌ ۾ داخل ٿيا. جن ۾ بهلولائي" سيرڪائي. بالاڇائي ۽ عالياڻي لغاري نهايت مشهور هئا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. جو خود به لغاري آهي. لغارين جا ست پاڙا ۽ پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي پن ست پاڙا لکيا آهن. ليڪن صورتخطي ۽ اچار جي لحاظ کان بنهي جي لکتن ۾ ڪافي فرق نظر اچي ٿو.

محقق جي راءِ آهي ته لغاري يارهن قبيلن ۽ 60 پاڙن ۾ ورهايل آهن. تلهي ليکي تفصيل هن طرح آهي.

1 آدماڻي. 2 آلواڻي. 3 احمداڻي (قمبراڻي). 4 الهيار خان. 5 بالاڇائي. 6 بجاراڻي. 7 بدوئي. 8 براماڻي (بيراماڻي). 9 براهماڻي. 10 بزيراڻي. 11 بنگلاڻي (بغلاڻي). 12 بوزدار (بزدار). 143 بهلولائي. 14 پرڳڙي. 15 ٽرنگڙي. 16 چتاڻي. 17 چتائي. 18 جلالاڻي. 19 حاصلاڻي. 20 حسناڻي" 21 حلباڻي. 22 خدر. 23 دتراڻي. 24 دلواڻي. 25 دودائي. 26 داداڻي. 27 رستماڻي. 28 رندواڻي. 29 رانجهاڻي. 30 رڻاڻي. 31 ساجناڻي. 32 سريوال. 33 سيرڪائي (سرڪائي). 34 سنجراڻي. 35 شيراڻي. 36 عالياڻي (علياڻي). 37 عيساڻي. 38 علوداڻي. 39 قرڪارا. 40 ڪرڪلي (ڪلڪلي). 41 ڪلوئي. 42 مٹواڻي. 43 محبتاڻي. 44 محمداڻي. 45 مگٹاڻي. 46 ملخاڻي. 47 مندراڻي. 48 مندواڻي. 49 منڪاڻي. 50 نظاماڻي 51 ننگراڻي. 52 نورنگاڻي. 53 نهراڻي. 54 هدياڻي (هرياڻي). 55 هڏوار. 56 هئبتاڻي (هيبتاڻي). 57 ڪچائي. 58 سهراباڻي. 59 گلياڻي. 60 ڪالواڻي (احمداڻي) ۽ 61 دوستلاڻي.

لغوري: فارسي لفظ لاغر مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڪمزور ايراني مڪران جا گهٹ درجي جا باشندا آهن. هنن کي "نوهاڻي" پڻ چون ٿا. ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا. ڪتابن ۾ لکيل آهي ته بلوچي زبان ۾ لغور جي معنيٰ آهي ڊڇڻو. هي ڊڇا ماڻهو هئا. ان ڪري سندن ذات جو نالو "لغوري" پئجي ويو.

لڪ: سما خاندان مان آهن. ضلعي جيڪب آباد ۽ ٿٽي ضلعي ۾ رهندڙ. ڪن جو چوڻ آهي ته هي وچ پنجاب کان آيل آهن.

لکا: سما خاندان مان آهن.

لکلاڻي: پٽي قبيلي جو پاڙو آهي.

لکياري: سيدن جو مورث اعليٰ سيد علي مڪي لکياري آهي. جيڪو عراق جي شهر سامري کان هڪ سو ساٹين سميت گنڊجي آيو ۽ اچي لکي شهر ۾ وينو. جنهن بعد لکياري سيدن جو بنياد پيو. هن لکياري ساداتن مان "يعقوب پوتا" ميان پوتا ۽ "راشدي" آهن. يعقوب پوٽن مان سيوهڻ وارا "لکياري" سادات سيد محمد مراد شاهه. سيد الله بخش شاهه ۽ سيد حاجن شاهه وارا آهن. راشدي ساداتن مان "پير پاڳارو" خاندان آهي ۽ پيا راشدي آهن. ميان پوٽن مان آراضي وارا سيد. سيد نظر علي شاهه وارا آهن.

لکي شهر ۾ سيد علي مڪي لکياري جي اولاد مان هڪ درويش سيد صدرالدين شاهه لکياري جي

زيارت گاهه آهي. جنهن کي لکياري لعل ۽ لکياري ساداتن جو ڏاڏو چون ٿا. هن درويش سان لکي ۽ حضرت لعل شهباز قلندر جي ملاقات ٿي هئي. جنهن کين سيوهڻ شهر ۾ تبليغ ڪرڻ لاءِ صلاح ڏني. جيڪا حضرت عثمان مروندي قبول ڪئي. حضرت سيد صدرالدين شاهه لکياري پنهنجو پائٽيو حضرت سيد صلاح الدين شاهه ساڻن گڏي سيوهڻ ڏانهن روانو ڪيو.

لکياري ساداتن جو شجرو ڪتاب "تحفة الڪرام" از سيد مير علي شير قانع ٺٽوي ص 363 چاپو 1994ع ۽ ڪتاب "سنڌي ادب ۽ ثقافت تي اسلامي اثرات" از ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ياران مهران اڪيڊمي شڪارپور سال 1999ع ص 85 (14) تي چپيل شجرا ساڳيا ۽ هڪجهڙا آهن. جيڪي هتي لکجن ٿا. تحفة الڪرام موجب لکياري سيدن جو شجرو هن طرح آهي.

سيد علي مڪي لکياري بن سيد عباس بن سيد حسين بن سيد ارشد بن سيد زيد بن سيد جعفر بن سيد عمران بن سيد هارون بن سيد عبدالله الاشرف بن سيد قاسم بن سيد عبدالله بن امام موسيٰ ڪاظم رضه.

مهران رسالو 1988ع جي جلد 4 (آڪٽوبر - نومبر ۽ ڊسمبر) سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو جي ص 121 تي جناب محمد قاسم سومرو. جو مجاهد ۽ تحريڪ آزاديءَ تي پاڪاري خاندان جو هڪ شجرو لکيو آهي. جيڪو سيد علي مڪي لکياري کي حضرت علي رضا بن حضرت امام موسيٰ ڪاظم جي سلسلي مان لکي ٿو. ليڪن مٿي بيان ڪيل شجرا عبدالله بن امام موسيٰ ڪاظم جي پيڙهيءَ مان ڏيکاريا ويا آهن. مذڪوره شجرن جي حسب ۽ نسب ۾ ڪافي فرق نظر اچي ٿو. جيڪو درست ڪرڻ تمام ضروري آهي. ڪتاب "آئينه سڪندري" از حافظ ميرالدين ص 11 تي پڻ محمد قاسم سومري جهڙو شجرو لکيو آهي. حڪيم گلاب خان مهجور بروهي به انهن سان متفق آهي. ڪتاب "حيات چهارده معصومين" از غلام سيد ذيشان حيدر جوادي. پبلشر رحمت الله بڪ ايجنٽ ڪراچي چاپو 1996ع ص 476 تي لکيل آهي ته شيخ مفيد جي لکڻ موجب حضرت امام موسيٰ ڪاظم رضه کي 18 پٽ هئا. 1 حضرت امام علي رضا. 2 ابراهيم. 3 عباس. 4 قاسم. 5 اسماعيل. 6 جعفر. 7 هارون. 8 حسن. 9 احمد. 10 محمد. 11 حمزه. 12 عبدالله. 13 اسحاق. 14 عبيدالله. 15 زيد. 16 حسين. 17 فضل ۽ 18 سليمان. جن مان عبدالله. حمزه ۽ عبيدالله کي ڪو به اولاد ڪونه هو. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته جناب سومري صاحب وارو لکيل لکياري سيدن جو شجرو معتبر آهي.

انهي سلسلي ۾ مون شاهه صدرالدين جي گادي نشين سان ملاقات ڪئي. ليڪن پاڻ به ڪا خاطرخواهه وضاحت نه ڪري سگهيو. تحقيق کي جاري رکندي "تاريخ طبري" ۽ ٻيا تاريخ جا معتبر ڪتاب ڏسڻا پيا. جن ۾ بنوهاشم جا شجره تحرير ٿيل هئا. ليڪن عبدالله بن امام موسيٰ ڪاظم لاءِ لکيل هو ته هو بي اولاد هو.

كتاب "جنب گذاريم جن سين" از: جي. ايم سيد. كتاب "مشاهير سنڌ" از مولانا دين محمد وفائي ۽ كتاب "انوار كريمي" از نوح نجي الله وغيره مطالعي هيٺ آيا. ليكن شجرن جون ڪڙيون ڪن ڪن جاين تي اختلاف رکن پيون. ان ڪري سومري صاحب جو لکيل "لکياري" ۽ "راشدي" شجرو معتبر سمجهي قارئين حضرات لاءِ پيش ڪجي ٿو.

لكاني: سُوتهڙ هندن جي هڪ ذات. هي ٿر ۾ رهندڙ آهن.

لكاڻ: چاچڙن، ڏاريجن ۽ انڊڙن وانگر پوءِ مسلمان ٿيا آهن. هي ملاح ۽ مهاڻا آهن. روهڙيءَ جي طرف نظر اچن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن:1 بندپوتا، 2 بارهن هٽا، 3 رامڻ، 4 نندائي، 5 ونجهو، 6 ويهو. هڪ روايت موجب لكاڻ ۽ لكڻ، لاكن مان آهن.

لكاڻي: ڪچ ۽ پچ كان آيل ميمڻ آهن. چاندين ۽ ڪلوڙن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "لكاڻي" آهي. ڪرمتين جي لجيرا شاخ ۽ هندن جي "چاپڙيا" نک مان پڻ "لكاڻي" آهن.

لكٹير: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لكر: هي جت بلوچ آهن. بلوچستان ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

لكڑا: هندو راجپوتن جي ذات آهي. هي ٿر ۾ رهن ٿا.

لكمياڻي: هندن جي ذات آهي.

لَـكَـمير: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سما بہ سڏجن ٿا. نواب شاهہ ۾ رهن ٿا.

لَكِمير: ڪيرين جو پاڙو آهي. هي بہ ملاح آهن. نواب شاهہ ۾ رهن ٿا.

لكن پوريا: سورج بنسي راجپوتن جي هڪ شاخ.

لكڻ: هي اصل ۾ لاكا آهن. هن وقت پاڻ كي لكڻ سڏائين ٿا.

لكوارا: هندن جي ذات آهي. ٿر ۾ رهن ٿا.

لكواڻي: "چندي پونر" نک مان هندن جي هڪ آكهہ. هي لكومل پرسومل جو اولاد آهن. جيكي كوهستاني ڏاس كاٹرو هئ. مرين سان گڏجي سنڌ ۾ داخل ٿيا.

لَكيا: مينگهواڻن جي ذات آهي.

لَـكـيا: ونگرن جو هڪ پاڙو.

لكياڻي: "بجاج" نک مان هندن جي هڪ (پارواڻي) آكهہ جو نالو.

لگائي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي (تاريخ سجاول).

لڱڙا: مينگهواڙن جي هڪ نک جو نالو.

لَلاَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لَـلا: اروڙ ونسي ۽ لالواڻي هندن جي ذات آهي.

للاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ص 408 تي لکيل آهي تہ "للاڻي" ڪوڙيءَ جي ڪوسن جو پاڙو ۽ سلمن پاڙي جي هڪ شاخ آهن. جتن جو هڪ پاڙو پڻ آهي.

لَـلَـيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لَـلِـيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لليپوتا: جاکرن جي همند پاڙي مان هڪ اوڙڪ.

لليجا: جي معنيٰ آهي، ڳنڍيڇوڙ، ڏنگ وغيره. ڪلهوڙن جي ذات مان هڪ پاڙو آهي.

لمبور: ڪٿا ذات وارن جو پاڙو آهي. (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر).

لنب: لنب ٿر ۾ پيدا ٿيندڙ گاهہ جو نالو آهي، ان تي گذر سفر ڪرڻ وارا "لنب" سڏجن ٿا، هي سمن جي ذات آهي. لنب گاهہ جي کائڻ ڪري مال مکڻ وڌائي ٿو. ان ڪري چوئي آهي تہ "لنب مکڻ چنب".

لنجا: دلن، سمن ۽ پنهڑن جي ذاتين جو پاڙو آهي. مناهي بن سمون بن رائيدن جو اولاد آهن. جيڪي سما ملاح جي اوڙڪ ۾ ٿا اچن. مناهيجا، مناهيا، اونا ۽ دل هن جا پائر آهن.

لنجا جو شجرو هن طرح آهي





لنجار: سمن جي ذات آهي. هي لاکي ۽ لنجي جو اولاد آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ته سنڌ جو مشهور بزرگ درويش مخدوم ساهڙ لنجار پڻ انهيءَ قبيلي مان هو. کاري ۽ سيوهڻ جي پرسان هنن جا کافي ڳوٺ آهن.

پروفيسر حاجي محمد اسماعيل آغا. ماهوار رسالي "السنڌ" شمارو 78 مئي- جون 2000 ص 70- 68 تي لکيو آهي ته لنجار اصل ۾ النجار آهن. جيڪي محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيا هئا. جن بعد ۾ پاڻ کي "لنجار" سڏايو. هن صاحب جو لکڻ آهي ته بزرگ ساهڙ لنجار. ميان حبيب الله لنجار ۽ ميان عبدالخالق لنجار هن خاندان مان آهن. جيڪي اصل ۾ النجار هئا.

ذاتين ۽ ڪرتن جي اعتبار موجب النجار. وادي کي چون ٿا ۽ لنجار لاکي جي اولاد کي چون ٿا

جيڪي سمن ملاحن ۽ سميجن جي ڪل مان آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان، لنجارن کي ڪاري ۾ رهندڙ مسلمان ذات لکيو آهي. ڪارو نٽي ضلعي ۾ ساموندي ڪنارو آهي، جتي اڪثريت ملاحن، مهاڻن ۽ ميربحرن جي آهي. ان مان تقويت ملي ٿي تہ هي لاکي جو اولاد، ملاح ۽ مهاڻا آهن نہ ڪي عرب کان آيل وڏا آهن.

ايس- صادق علي، مولائي شيدائي، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ بين محققن لنجار قبيلي جا جيڪي شجرا لکيا آهن، انهن مان هڪڙو شجرو پيش ڪجي ٿو.



لنجاري: مهرن جو پاڙو آهي. ڪي لنجار پاڻ کي "لنجاري" ۽ چوائين ٿا.

لَـنجاٽي: پهوڙن جي ذات جو پاڙو آهي.

لُـنجاٽي: هي پاهڙن جي ذات آهي.

لنجر: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

لَنجواٽي: رندن جو پاڙو آهي.

لُـنجواٽي: هي سماٽي جت آهن. جيڪي مير جت ۽ سڏجن ٿا.

لنجي پوٽا: هڪ مسلمان سمات ذات.

لندواٽي: جمالي بلوچن جو پاڙو آهي.

لنـد: هي بلوچ آهن. جن جو حسب نسب رندن مان آهي. هي بلوچ بن وڏن قبيلن ۾ ورهايل آهن. هڪڙا سوري لند ۽ بيا ٽبي لند.

(الف): سوري لند: هيءَ امير سوري لند جو اولاد آهن. صوبي سرحد ۾ سوري لڪ ۽ ڪندي وال سندن ۽ قلعا هئا. اتي آباد هئا. حيدراٽي پاڙي تي سندن پڳ هئي. ڪجھ صديون اڳ پنهنجي وطن کي ڇڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. هنن جا خاص پاڙا آهن:

1 اوراٽي، 2 ٽيڳاٽي، 3 چاڪراٽي، 4 حيدراٽي، 5 دوداٽي، 6 ڏنگاٽي، 7 زريناٽي، 8 صادقاٽي، 9 طالباٽي، 10 بڪراٽي، 11 زرياٽي، 12 گرزواٽي، 13 نوهاٽي ۽ 14 گورچاٽي.

(ب) ٽبي لند: هنن کي ٽبي لند يعني ڏکڻ وارا لند چوندا آهن. هنن ۾ رند ۽ کوسا شامل آهن. هي مڪران کان سنڌ ۾ آيا هئا. هنن جا خاص پاڙا آهن:

1 پتافي، 2 رند، 3 کوسا، 4 لند، 5 ميواٽي

ٽالپرن جي دور ۾ لُندن وٽ جاگيريون هيون ۽ سرداري پڳ "ميواٽي" قبيلي تي هئي. هن وقت سنڌ ۾ بنهي وڏن قبيلن ۽ انهن جي پاڙن ۾ عزازت جي ميل جول ڪري هڪجهڙائي ٿي ويئي آهي، جيڪي بلوچي ۽ سرائڪي ڳالهائين ٿا.

دومڪي بلوچن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "لند" آهي. جيڪي پاڻ کي "لند" چوائين ٿا. رسالہ مهراڻ نمبر 4 - 3 1997ع ص 110 تي لکيل آهي تہ لند. هندن جي پاڙي جو نالو پڻ آهي.

سوري لندن ۽ ٽبي لندن جو شجرو هن طرح آهي.

شجرہ نمبر: 1

میر جلال خان بلوچ



شجره نمبر: 2

دريشڪ رندن جو سلسلو هن خاندان مان آهي.

لنڊا: هڪ مسلمان سمات ذات.

لنڊاوت: ميو قبيلي جو پاڙو آهي. مسلمان آهن.

لنڊر: سومرن جي ذات آهي.

لنڊڪاڻي: بگٽي بلوچن جو پاڙو آهي.

لنڊوخيل: آفريدي پٺاڻن جي سيپاخيل قبيلي جو پاڙو آهي.

لنڊي: هي اصل ۾ مڪران جا گهٽ ذات وارا بلوچي زبان ڳالهائيندڙ پورهيت آهن. جيڪي لوهارڪو، واڌڪو، موچڪو ڪم ڪن ٿا. پٺ جو هنن ۾ رواج آهي. هي اڪثر ڪري نه ڪر ۽ بانها سڏجن ٿا. غربت ۽ روزگار خاطر ڪراچي ۽ اندرون سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا آهن، جتي پاڻ کي بلوچ. مڪراني ۽ لورا وغيره چوائين ٿا.

لنگار: اصل ۾ رندن جو پاڙو آهي، ليڪن هن وقت بروهي خاندان ۾ شامل آهن. (بحوالہ: بلوچ قوم کي تاريخ ص 696)

لنگاڻي: پنهورن ۽ مهرن جا پاڙا آهن.

لنگاهه: ڪتاب "شاهان گوجر" ۾ لکيل آهي ته "لنگاهه" گوجرن جو پاڙو آهي، جيڪي راجپوت نسل مان آهن. لنگاهه ۽ لانگاهه ساڳي قوم آهي. چاچ هنن جا عزيز آهن ۽ گهاٽ. لنگاهه جو پاڻ آهي. کي هنن کي بلوچ ٻه چون ٿا. هي حڪمران رهيا آهن.

لنگر: سراواني بروهين مان آهن.

لَـنگَـراڻي: هيءَ هڪ سماٽ ذات آهي. لاشاري بلوچن ۾ پڻ "لنگراڻي" آهن.

لَـنگـِراڻي: گورچاڻي بلوچن جي درڪاڻي قبيلي جي پاڙي مان آهن.

لنگڙيال: سورج بنسي راجپوت نسل ۽ برهمڻ چارڻ نسل مان آهن. هنن سلطان سمران جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو. هنن جا وڏا غريبن ۽ محتاجن ۾ لنگر تقسيم ڪندا هئا، جنهن ڪري "لنگڙيال" سڏجڻ لڳا.

لنگوهه: سراواني بروهين مان آهن.

لنگها: لفظ سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ "سلانگ" تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ڌهلاري، مگٽهار. مگٽو، ميراثي وغيره. اصطلاحي معنيٰ ۾ خوشيءَ جي موقعن تي گهائي وڄائي لاڳ ونڻ وارن کي "لنگها" چون ٿا. عام لفظن ۾ لنگها، مگٽهار آهن، جيڪي سنڌ جي سمن مان آهن، رڳو ڪرت جي ڪري ذات جا "لنگها" سڏجن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 سريا (ٿريا)، 2 سنليا، 3 سيندل، 4 ورناڻ، 5 ميراسي.

چوٽي: لنگها لاڳ ونڻ لاءِ، ترت ٿيا تيار.

لوتيار: سما ملاح آهن.

لوٽاري: حملائي راڄ مان آهن.

لوٽاڻي: رندن جو پاڙو آهي.

لوٽيا: خواجا. کوجا. خوجا قوم جو هڪ پاڙو آهي. جيڪي خوجن طور سڃاتا وڃن ٿا. هنن جو واسطو اسماعيلي خواجن سان آهي. جيڪي حاضر امام جا پيروڪار آهن. وورن ۾ پڻ "لوٽيا" آهن.

لوناڻي: زهريءَ جي پٽ جھ نالو "لون" هو. جنهن پنڌيان هي بروهي "لوناڻي" سڏجن ٿا.

لـوجا: هڪ مسلمان سمات ذات.

لوچراڻي: بڙدين جي ذات آهي.

لودا: هڪ سمات ذات آهي.

لوداڻي: گورچاڻي بلوچن جي هلواڻي قبيلي جو پاڙو آهي.

لودر: پرمار راجپوتن جي ذات آهي. هي اصل ۾ جيسلمير جا آهن.

لودي (لوڏي): ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ عبدالرشيد (قيص)، کي ٽي پٽ هئا. جن مان هڪڙي جو نالو بيتان (پناڻ) هو. جنهن کي خدا تعاليٰ ٽي پٽ اسماعيل. رشبن. ڪچتان (گچتان) ۽ هڪ ڏيءَ بيبي متو ڏنئي. بيبي متو. شاھ حسن غوريءَ سان شادي ڪئي. هن کي ٻہ پٽ ڄاوا هڪڙي جو نالو غلزئي ۽ ٻئي جو نالو ابراهيم هو. غلزئيءَ جو اولاد "غلزئي" پناڻ آهن. ابراهيم ۽ غلزئي کي پنهنجي ڏاڏي کو ڪم ڪري اچڻ لاءِ چيو. ابراهيم اهو ڪم جلدي ڪري آيو ۽ غلزئي کان اهو ڪم ٽي نہ سگهيو. جنهن تي سندن ڏاڏي چيو تہ ابراهيم تون اڄ کان پنهنجي قبيلي جو لودي (Lodi) يعني وڏو ۽ چگو مڙس (پگدار) آهين. ان ڪري کان پوءِ هي پناڻ قبيلو لوديءَ جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

لودي (لوڏي) بادشاھ پڻ هن قبيلي مان ٿيا آهن. جيڪي لودي گهراڻي جي نالي سان مشهور آهن.

لوڏي قبيلي جا خاص پاڙا آهن:

1 آلف خيل. 2 ابراهيم خيل. 3 ابو سعيد خيل. 4 احمد خيل. 5 اسحاق زئي. 6 اسد خيل. 7 اشڪ زئي. 8 باجوزئي. 9 باڙو خيل. 10 توراخيل (تور خيل). 11 پياخيل. 12 حسن خيل. 13 حضر خيل. 14 دولت خيل. 15 رمضان خيل. 16 زڪور خيل. 17 زڪوزئي. 18 سبزي خيل. 19 شادي خيل. 20 شيرا خيل. 21 طاهر خيل. 22 عسوئي خيل. 23 عيسيٰ خيل. 24 ڪال خيل. 25 محمود زئي (محمود خيل). 26 موسيٰ خيل. 27 هدر خيل. 28 ياسين خيل. 29 يعقوب خيل. 30 يونس خيل. 31 سياني. 32 نيازي. 33 ڏوتاني. 34 برنگي. 35 اسماعيل. 36 سور. 37 لوهاني. 38 مهپال. 39 خسر. 40 تاتر. 41 بلوچ. 42 دولت خيل. 43 ميان خيل. 44 بختيار. 45 مروت ۽ 46 اسحاق.

لودين: افغاني پناڻ آهن، شڪارپور ۾ رهن ٿا. هنن مان قاضي عبدالرحيم ۽ سندس پٽ قاضي عبدالنبي وڏا بزرگ هئا.

لودیني: حسيني سيدن جو پاڙو آهي.

لوڏا: هندن جي ڪليتا شاخ مان هندو آهن. ڪاڇي ۽ لوڏا پڻ هنن مان آهن.

لوڏاڻي: هندن جي ذات آهي.

لوڏرا: پنجاب کان آيل "سيال" آهن.

لوڏي: رگهه بنسي راجپوت جو اولاد آهن،جيڪي سماڻ سڏجن ٿا. لودي پناڻن کي سنڌي زبان ۾ لوڏي چون ٿا. تفصيل لاءِ ڏسندا لودي. لوڏي، پراکرت لفظ "لڏ" ۽ سنسکرت لفظ "لبڏ" تان ورتل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، شڪاري، سياد.

لودا: سمن جي ذات آهي. ميرپورخاص ضلعي ۾ رتن آباد اسٽيشن جي پرسان سندن ڪجهه ڳوٺ آهن. هندن جي ڪليتا شاخ مان پڻ "لودا" آهن. هي ڪاڇي ۽ لوڏا هندن جا عزيز آهن.

لودرا: مهرن مان آهن.

لودي: سمن جي ذات آهي.

لوديڪي: سوريہ راجپوت نسل مان آهن، پاڻ کي ڪرل بہ چوائين ٿا.

لودا: هندن جي ذات آهي.

لودر: سمن جي ذات آهي. هي پينسين بن ڏهر جو اولاد آهن. هي پاڻ ۾ ڏهہ پائر هئا 1 پنپرو، 2 پاٽون، 3.ڳاهو، 4 سپيو، 5 سپڙ، 6 بٽڙ، 7 جوٽو، 8 لودر، 9 اوڊر ۽ 10 ورسٽيا. جن جي نالن پٺيان جدا جدا ذاتيون وجود ۾ آيون. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏهرن ۽ جوٽن جو شجرو ڏسڻ گهرجي.

لوڊي: سما آهن.

لوڊيڙا: سما ملاح آهن، لڏائيءَ جا رهاڪو آهن. ان نسبت سان "لوڊيڙا" سڏجن ٿا.

لورا: جي لفظي معنيٰ آهي، گهٽ ذات وارا، نيچ، لنگها، مگتا، مهاٽا وغيره. هي اصل ۾ سنڌ جا رهاڪو آهن، هنن مان ڪافي لڏي وڃي مڪران ۾ وينا. بلوچستان ۽ ايران وارا لورا بہ اصل ۾ سنڌ جا آهن. سنڌ وارا سنڌي ۽ بلوچي ڳالهائين ٿا ۽ باهريان لوري چيني ڳالهائين ٿا. لورا بروهين ۾ بہ آهن، جن کي گهٽ سمجهيو وڃي ٿو. لورا شادين مرادين تي ڳائين وڄائين ٿا. پراڻي زماني ۾ بادشاهہ ۽ چگا مڙس سندن راڳ پسند ڪندا هئا. ايس - صادق علي جي لکڻ موجب "لورا" سنڌ جا سما ملاح آهن، جن جا خاص پاڙا آهن:

1.ٽوٽڪاڻي، 2. سرمشاڻي، 3. شهبازئي ۽ 4. ككزئي.

لورالائي: بلوچستان جي لورالائي علاقي جا باشندا آهن. ان جي نسبت سان ذات جا "لورالائي" سڏجن ٿا.

لورد: رندن جي ذات آهي.

لورڙ: سما ۽ ملاح آهن.

لوري: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

بيت: سمي پاڻ سهاڳ ڏئي، هي جي هن هيريون،
لوهاڻيون لوريون، پارس لڳي سون ٿيون. (سچل)

لوريا: سما ۽ ملاح آهن.

لوريرا: مسلمان سمات ذات آهي.

لوڙهائي (لوڙائي): لوڙهائي ۽ ڪُمواڻي، منچر ٻيڙي جا رهواسي ملاح ۽ مهاڻا آهن. منچر مان لوڙهن ڪيڏ وارن کي "لوڙهائي" ۽ ڪمن پٽڻ وارن کي "ڪمواڻي" چون ٿا. هنن ٻنهي ذاتين جو ذڪر ايس - صادق علي جي لکيل ڪتاب **The Muslman Races Found in Sindh, Balochistan and Afghanistan** جي صفحي 62 جريان نمبر 137 ۽ 152 تي ٿيل آهي. لوڙهائي ذات وارا پاڻ کي "پگهيا" ٻ چوائين ٿا.

تاريخ سجاول از عزيز جعفراڻي لکي ٿو ته "لوڙهائي" ملاح آهن، جن جا ڪجهه گهر سجاول تعلقي ۾ آهن. سيوهڻ شهر ۾ وينل لوڙهائي چون ٿا ته اسان پگهيا (ابڙا) آهيون، ٻلهڻ ڳوٺ (لڳ منچر) مان لڏي اچي سيوهڻ ۾ ويناسين، گهرن کي لوڙها ڏيڻ جي نسبت سان ذات جا "لوڙهائي" سڏجڻ لڳاسين. هيءَ روايت محمد قاسم لوڙهائي ۽ عطا محمد لوڙهائي کان معلوم ٿي.

لوڪا: ڪرمتين جي لجيرا شاخ جو هڪ پاڙو.

لولايا: سما خاندان مان آهن.

لولجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لولو: سنيا ذات جو پاڙو آهي. ٽنڈي محمد خان ۾ رهن ٿا.

لولياز: هي مزاري بلوچن جي رستماڻي شاخ جو پاڙو آهي.

لومڙيا: سمن جي ذات آهي. نهڙين ۾ پٽ آهن، ۽ جيڪي راڄوَ جي پڳ هيٺ آهن.

لون: ڪشميري بٽ مسلمانن جو هڪ پاڙو. هي راجپوت نسل مان آهن.

لونٽيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لونڊرا: هڪ سمات ذات آهي. سکر ضلعي ۾ رهن ٿا.

لونڊيا: سنگراسين جو هڪ پاڙو.

لونڪ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لونگاڻي: مگسي بلوچن جو پاڙو آهي. ڪرمتين جي پٽوا شاخ جو پٽ هڪ پاڙو.

لونگائي: ڪلهوڙن ۽ ملاحن جي ذات آهي.

لونگيا: سما خاندان مان آهن.

لونڻائي: نومڙين جي ذات آهي.

لوني: بنيادي طور هي پناڻ آهن. ليڪن هي پاڻ کي سمات چوائين ٿا. ڳالهائين ۽ سنڌي ٿا. جيڪب آباد شهر جي پرسان وينا آهن.

لونيا: ضلعي ٺٽي ۾ رهندڙ هڪ ذات

لوٽا: سنگراسين جو هڪ پاڙو.

لوٽائي: ميربحرن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. سجاول جي پرسان وينا آهن.

لوٽيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. تعلقي سجاول ۾ رهن ٿا. مينگهواڙن ۾ پٽ آهن.

لوهاچ: سمن جي ذات آهي. هي پاڻ کي سرائي ۽ چوائين ٿا. ضلعي نواب شاهه ۾ سندن ڪافي گهر آهن.

لُوهار: هندن جي ذات آهي. لوهه ۽ ڪاٺ جو ڪم ڪن ٿا. ترکان، ڏوگري ۽ صقلي گر سندن مکيه پاڙا آهن.

لُوهار: سومرن جو هڪ پاڙو.

لوهاراڻي: حملائي ملڪن جي برفت راڄ جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. هي ڄام بدو آريءَ جي وڏي پٽ لوهار جي نالي پنيان سڏجن ٿا. جيڪي ڄام لوهار جي نالي سان مشهور آهن. هي سما خاندان مان آهن.

مري بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو پڻ "لوهاراڻي آهي. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن:

1 شراڻي، 2 ڪندراڻي، 3 گوسراڻي، 4 موهنداڻي، 5 سمراڻي، 6 مريداڻي. چگ مڙسيءَ جي پڳ گوسراڻي پاڙي تي آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي ته هن قبيلي جا باشندا لوهارڪو ڏنڏو ڪندا هئا. ان ڪرت جي نبست سان "لوهاراڻي" سڏجڻ لڳا.

لوهاني: افغاني پناڻن جي لوڏي خاندان جي سياني شاخ بن حصن پرنگي ۽ اسماعيل ۾ ورهايل آهي. لوهاني ان اسماعيل شاخ جو پاڙو آهي. سور، مهپال ۽ ميان خيل هن جا شريڪ آهن.

لوهاٽا: لوهاڻا، لوهار، لوهر، لهر ۽ آهينگر هندن جي هڪ واپاري قوم آهي. هي سنڌ ۾ ملتان جي پرسان

"لوهن پور" مان لڏي اچي سند ۾ ويا. هي وشنو ديوتا ۽ درياءَ جا پوجاري آهن. هنن کي "وليچاري" پڻ چون ٿا. ليڪن هي وشنو نو به سڏجن ٿا. هن قوم جون سنڌ ۾ پنجاهه شاخون آهن. جن مان خدا آبادي ۽ سيوهاڻي مشهور آهن. هن وقت هي سيوهڻ ۽ خدا آباد مان لڏي ويا آهن. هي گوشت ۽ هر شيءِ کائيندا آهن.

سنڌ جا لوهاڻا پن طبقن ۾ ورهايل آهن. هڪڙا عامل يا سرڪاري ملازم ۽ پيا واپاري. هنن ۾ اڪثر خالصا ۽ لوهاڻا سڪ به آهن. ٽئي ۾ رهندڙ لوهاڻا ۽ سوڍا پاڻ ۾ نه نهيا. جنهن ڪري ڪافي لوهاڻا هندستان لڏي ويا آهن. سنڌ جا ميمڻ. لوهاڻن مان آهن.

آڏواڻي پيرو مل مهر چند. سنڌ جي هندن جي تاريخ پاڳون پهريون 1946ع ص 244-243 تي لکي ٿو ته لوهاڻا اصل ۾ "لواڻا" سري رامچندر جي پٽ "لوا" (Lova) جو اولاد آهن. هي اصل ۾ رانوڙ راجپوتن مان هئا. ڪنوج (ڪاليا ڪيج) جي راجا جئچند ساڻن ظلم ڪيا. "ورڻ" ديوتا جي حڪم تي اهي "لوهي ڪوٽ"[1] ۾ رهڻ لڳا. جنهن بعد "لوهاڻا" سڏجڻ لڳا. سنڌ ۾ اڳهم نالي لوهاڻو مشهور هو.

لوهاڻي: پٺي قبيلي جو پاڙو آهي. بڏين ۾ پڻ لوهاڻي آهن. جن جو واسطو حاجيجا بڏين سان آهي.

لوهر: لوهه جو ڪم ڪرڻ وارن کي "لوهر" چون ٿا. لوهر مسلمان ۽ هندو آهن. سنڌ جا لوهر چون ٿا ته اسان اصلي "سهتا" آهيون. هندو لوهرن جو واسطو لوهاڻن سان آهي.

لوهراڻي: ڏومڪي بلوچن مان آهن.

لوهڙا: ٽئي ۾ رهندڙ هندو برهمڻن جي ذات آهي.

لوهڙي ڪش: غزيني مري آهن.

لوهيڙا: سنڌيا ذات جو پاڙو آهي. ٽنڈي محمد خان ۾ رهن ٿا.

لوئيا: ٽئي هندن جي ذات آهي.

لهاچ: هي سما ملاح آهن.

لهاراڻي: هڪ مسلمان سمات ذات آهي.

لـهاڪاڻي: ڪرمتين جي مهيري شاخ جو هڪ پاڙو.

لهاڻا: هندي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ساڙيندڙ. ٻاريندڙ. جلائيندڙ وغيره. هي هندو آهن. پنهنجي مئل پائرن ۽ قوم وارن جا لاش ساڙيندا (چتا) آهن.

بيت: آڻيو وجهي آڙ ۾ لهاڻو لوهيون.

---

[1] اهو لوهي ڪوٽ "لوهه ڪوٽ" سڏجڻ لڳو. جيڪو بعد ۾ لاهور سڏجڻ لڳو.

لوهاڻا ۽ لهاڻا ٻه جدا جدا هندن جا راڄ آهن. ليڪن ڪين هڪ خاندان سمجهيو ٿو وڃي.

لهبر: جتن جي ذات آهي.

لهر: ٻڌين جي حاجيجا شاخ مان آهن. هنن جا ڇڳا مڙس حاجي غلام محمد خان، جعفر خان حاجيجا جعفرآباد وارا آهن.

لهراڻي: جمالين جو پاڙو آهي.

لهريجا: چانديا آهن.

لَـهڙي: هي اصل ۾ بلوچستان جي ٽڪرين تي رهڻ وارا بلوچ هئا. پر هن وقت بروهي تمن ۾ شامل ٿي ويا آهن. بروهيءَ جي حيثيت ۾ لهڙيءَ جون خاص شاخون ۽ پاڙا هـن طـرح آهـن: 1 ابراهيم زئي. 2 حيدر زئي. 3 خلچاڻي. 4 زوبيراڻي. 5 شاديائي ۽ 6 شنگراني. لهڙين کي سراواني ٻه ڇون ٿا.

لَـهڙي: بلوچن جي ذات آهي.

لهڻ: انڙن جي ذات مان آهن.

لهڻا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لهوڪڙا: سمن جو پاڙو آهي.

لئوٽا: مينگهواڙن جي هڪ نڪ جو نالو.

لَـيارا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لِـيارا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لياراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

لياريوٽا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ليان: پنوار راجپوتن جي هڪ شاخ.

ليبا: ڇنا ذات جو پاڙو آهي.

ليڏا: پان فقيرن جو هڪ پاڙو.

ليرا: پان ذات جو پاڙو آهي.

ليڙواڻي: ٻڌين مان آهن.

ليڪا: هي اصل ۾ زنگيجا بلوچ آهن. سندن وطن ليـ پنجاب آهي. سرائي سڏجن ٿا. ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو حساب ڪتاب (ليکو - خرچ - پکو) رکندا هئا. جنهن ڪري کين "ليکا" چيو ويو. هن وقت ذات

جا "ليکا" سڏجن ٿا.

ليکي: سرائي آهن. سندن ڪجهه گهر نواب شاهه ۾ آهن. منهنجي راءِ آهي ته ليکا. ليکي ۽ ليکين هڪڙي ئي ذات آهي. ڪن جاين تي عباسي ۽ ڪلهوڙا پڻ سڏجن ٿا.

ليکين: هڪ سمات مسلمان ذات آهي. پيروز فقير مهيري جو بيت آهي ته :

جانيو جر جرا ٿيو، چيٽ ويو چپ،
ليکين سندي رب، پٽي ٽي پيروز ڄئي.

ليل: سمن جي ذات جو پاڙو آهي.

ليلا: سمن جي ذات آهي.

ليلڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ليلگاڻي: مسلمان سمات ذات آهي. ساموندي ڪناري ۽ لاڙ واري حصي ۾ رهن ٿا.

ليماڻي: جوڻيجن جو پاڙو آهي.

لينجهار: هندن جي ذات آهي. پنوائي ۽ گلراجاڻي هندو هن نڪ مان آهن.

لينوالا: وورا قوم جي ذات آهي.

ليها: هڪ مسلمان غير سمات ذات آهي. جيڪب آباد طرف رهن ٿا.

لکياري سيدن جو شجرو




اسد الله
زيد
شاه عباس
شاه علي مكي لكياري (جد امجد لكياري سادات)
حاجي عرف پركيو
سيد چگو عرف
چكن شاه
مرادیو
محمد
شاه حسين
محمد
محمود
سيد صدرالدين شاه
اول شاه مجذوب
ابوالحسن
عبدالرسول
محمد شجاع
محمد اشرف
ابوبكر
سيد غازي خان
سيد حمزو
(ميان پوتا آراضي وارا سيد)
سيد بهاؤالدين شاه
شهاب الدين
فضل الله
عباس
(2)
حسين
عبيد
نثو
(1)
سيد صلاح الدين


(1)
عبيد
بايزيد
فريد
يونس
كهير
يحيي
يعقوب
فريد
ايوب
سمباهو عرف
كهير شاه لكياري
(الكياري سيد نتي وارا)
(يعقوب پوتا- لكياري سيد
لكي ع سيوهڻ وارا)
(2)
ناصرالدين
امير علي
حسين
بولڻ
سنجر
كٽڻ
عثمان
شكر الله
فتح محمد
محمد امام شاه
لكياري
سيد محمد بقا شاه
سيد محمد راشد شاه

م

ماتنگي: ٽ ۾ رهندڙ مينگهواڙ ذات آهي.

ماٽيرا: مهرن جي ذات مان آهن.

ماٽا: اروڙ ونسي هندن جي ذات آهي.

ماڻي: ساڻي ۽ ماڻي. مهاڻا ۽ ملاح آهن هن وقت هي پاڻ کي سومرا، ميمڻ، سما ۽ سميجا جوڙائين ٿا.

ماڻيهي: مگسي آهن.

ماجوج: حضرت يافث بن حضرت نوح عليه السلام جي اولاد مان منگول، تاتار ۽ پٺان آهن

مَاجَرَ: رڃڻ برڻن جي لڪڻ موجب ماجر ذات وارا اصل ۾ مڃي، ٽي گدران ڪرن وارا هندو هٿا. گذر سفر خاطر خان بدوشي ڪندا آهي ماجر ڏنڊ ٽي آباد ٿيا. ان ڪري ويهن جي نسبت سان "ماجر" سڏجڻ لڳا. هي ماجر مهاڻا ۽ ملاح آهن. هن وقت مسلمان آهن. ماجر ذات خلقي بشوري ۽ سحاول ۾ آهي.

ماجوڻا: سجي ڪرن سان مُجنڻ ۽ مڃ ڪڍڻ جو عمل. جنهن سان مڃ جوڙن ٿهندو آهي. ان مڃ وان ناهڻ واري ذات کي "ماجوڻا" چون ٿا. هي ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ماڻهوئي: ڏڪ مسلمان سمان ذات جو ٻالو.

ماڻهي: ڪنهن ڪوئي ماڻهن ٿا.

ماڻهائي: سيرڻن جو ڏڪ پاڙو. هي موهاڻي ميرمڻ سان آهن. ڏلاورڻي ۽ جام زئي هنن جا عزيز آهن.

ماڻي: جمع سنسي لغات ۾ ماڻهو لفظ مان لکيو. هي ته ماڻي. سنسڪرت جي لفظ "متسيه" تان ورتل آهي. جنهن جي معني آهي مڇي. اصطلاحي معني انس گهٽ ذات وارا مڇي ماريندڙ. مهاڻا ۽ ساڻي [illegible] مروج سنجاڻ جابو 1984ع ۾ لکيل آهي ته ماڻي، ملاح ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. ايس - صادق عليءِ لکيو آهي ته حضرت نوح جي ٻيڙي تيار ڪرڻ ۾ جو ٻالو سيوهڻ شهر سان منسوب ٿيل آهي. ماڻي ان جو اولاد آهن. هو ماڻهو سيوهڻ شهر جي سرسان رهندڙ درياهه ڪناري آباد هٿا. مڇي ماريندا هٿا ۽ درياهه ۾ رهندڙ ٻين ماڻهن ۽ جانورن جو تحفظ ڪندا هٿا. ان وقت جي مسلمانن حرام ڪائنڊ جانورن جو شڪار جي نظر سان ڏسندا هٿا. هي شروعات ۾ مڇي مارن جي ڪرت سبب ماڻهو ڪهاڻي. بعد ۾ هنن ڪاروبار پهارا ۽ توريون ناهڻ شروع ڪيون. [illegible] ڪاروبار ٻيو ڪ [illegible] لڳا.

ماڇيءَ جي وڏي پاڻ جو نالو "سولنگي" هو. جنهن کي قوم وارا عزت ۽ مان ڏيندا هئا. ان کي بين ماڇين عزت پريو ڏسي پاڻ کي به "سولنگي" سڏائڻ لڳا.

سيد محب الله شاهه ولد احمد شاهه هڪ بزرگ شخصيت ٿي گذريو آهي. ان 18 صديءَ ۾ سنڌ جي هڪ مختصر تاريخ لکي هئي. جنهن ۾ ماڇيءَ قوم جو ساڳيو ذکر کيو آهي. جيکو ايس - صادق علي 1901ع ۾ پنهنجي لکيل ڪتاب The Muslman Races found in Sindh, Balochistan and Afghanistan ۾ کيو آهي. ڪتاب لکن ٿا ته اهو دؤر هندو راجا امبرت جو هو. جيکو الور جو بادشاهه هو. جنهن سيويءَ کي سيوهڻ جي گاديءَ جو هنڌ مقرر کيو هو. ان وقت سيوهڻ جو نالو سيوستان هو. سيوهڻ ۾ گرمي ڏاڍي هوندي هئي جنهن سبب فارسيءَ ۾ هي پهاڪو چيو ويو.

"سيوي وسيوستان ساختي، دوزخ چرا پرداختي" "O God" (Which is omitted) you made siwi and siwistan, why did you, then create hell? وقت گذرڻ سان گڏ اهي ماڇي ۽ سولنگي سيوهڻ ۽ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويا. جيڪا هن وقت گهٽائيءَ واري قوم آهي. سنڌ جي تمدن، تهذيب ۽ تاريخ جي اپياس مان خبر پوي ٿي ته ماڇي سنڌو ماڻريءَ جي عام سمات ذات آهي. جن جو گذران مڇي مارڻ ۽ جهنگلي جانورن جي شڪار تي هو. جنهن سبب هنن کي ماڇي ۽ شڪاري جي نالن سان سڏيو ويو. انهن جو ذريعو معاش ڏينڊن، ڏورن ۽ درياءَ مان مڇي مارڻ ۽ جهنگلي جانورن جو شڪار ڪرڻ هو. ان ڪري کين "معاشي" به سڏيو ويو.

ڪتاب لکن ٿا ته ماڇي اصل ۾ دراوڙ هئا. هي جتن، ميرن ۽ ميربحرن وانگر سنڌ جا اصلي باشندا هئا. هي مڇي مارندا هئا ۽ ميربحرن به انهن کان مڇي مارڻ جو فن سکيو. پنجاب ۾ رهندڙ ماڇي اڃان تائين مڇي مارڻ جو ڌنڌو ڪن ٿا. شڪارين ۽ ٻاليشاهين جي به اصلي ذات ماڇي هئي. سڌرڻ ۽ مسلمان ٿيڻ کان پوءِ هو پاڻ کي مسلمان ماڇي، سولنگي ۽ شيخ چوائڻ لڳا. ڪتاب "پنجاب کي ذاتين" ۾ لکيل آهي ته "ماڇي" ملاحن ۽ جهينورن (ملاح) جو پاڙو آهي. ۽ اهي مسلمان ۽ هندو آهن. (ص 673)

ماڇي، حڪمران قوم هئي. هنن ماڻوڻ، سورا شٽر (گجرات) ۽ ڪوڪن تي صدين تائين حڪومت ڪئي. سنڌ ۾ "ماڻڪ تارا" سندن رياست هئي ۽ رياست جو حاڪم جيسر ولد جڄ ماڇي هو. رعيت مڇي مارڻ جو ڌنڌو ڪندي هئي. حڪومت وڃائڻ کان پوءِ به هنن ساڳيو مڇي مارڻ جو ڌنڌو جاري رکيو.

بيت: تنبوءَ جي طناب، اڄ ڪُٽي ڪينجهر ڪنڈئين.
ناد وڃن ٿا نادري، بياپي رود رباب،
جتي ڪکيءَ کوڙ هئا، قيما تن ڪباب،
وتن مهاڻا مست ٿيا، ماڇي بي مهاب،
تن تون سب حساب، موراڻين معاف ٿيا. (سچل)

ماچياڻي: "تاريخ بلوچستان" از رحيمداد خان مولائي شيدائي موجب ماچياڻي مزاري بلوچن جي بلوچاڻي قبيلي مان آهن.

مادلاڻي: هڪ مسلمان سمات ذات.

مادناڻي: مير جتن جو هڪ پاڙو.

ماڏو: پٽن جي ذات آهي. برهم کترين جي هڪ نک جو نالو پڻ.

ماڏوڙا: حسناڻي برفتن جو پاڙو آهي. چاڪر برفت جي پٽ چاڪر همرڪ جي اولاد ۾ حسن هو. جنهن جي هڪڙي پٽ جو نالو "منڊرو" هو. جنهن مان "ماڏوڙا" آهن ۽ هن وقت لسبيلي ۾ رهن ٿا.

ماڏو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ماڏواڻي: هندن جي ذات آهي.

ماراڻي: سمن مان آهن. سانگهڙ ۾ رهن ٿا.

مارائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مَارِجا: هڪ سمات ذات آهي. ڪوهستان ۾ رهن ٿا.

مارخياڻي (مرخياڻي): ابڙن جي راڄ مان آهن.

مارفاڻي: چاندين جي هڪ قبيلي جو نالو آهي. هن قبيلي جا مکيه پاڙا آهن:
1 انڙاڻي، 2 ايلچاڻي، 3 بلاڻي، 4 بداڻي، 5 پاٽواڻي، 6 پيگاراڻي، 7 حملاڻي، 8 راڏاڻي، 9 سجاولاڻي، 10 شاهاڻي، 11 کوهيگاڻي، 12 گورگيجا، 13 منگهياڻي، 14 نوراڻي، (مٽارا)، 15 وراڻي، 16 اميراڻي، 17 ساحباڻي. ابڙن، ڪلوڙن ۽ انديڙن ۾ پڻ "مارفاڻي" آهن.

مَارَفَت: سما خاندان مان آهن.

مارفپوٽا: هالپوٽن جو پاڙو آهي.

مارڪاڻي (مرڪاڻي): ڏومڪي ۽ بڙدي بلوچن مان آهن. هڪ ٻئي حوالي موجب مارڪاڻي، مير جتن جو هڪ پاڙو آهي.

مارماڻي: خاصخيلين جو هڪ پاڙو. هنن مان ڪنهن هڪ شينهن ماريو هو. ان ڪري "مارماڻي" سڏجن ٿا.

مَارُو: مارئي (ماروي) جي ملڪ (ٿر) جي هڪ خوشبودار گاهه جو نالو آهي. مارو جي معنيٰ آهي غريب، نادار، مال چارينڌ. ٿر جي هڪ مسلمان سمات ذات آهي، جيڪا مارويءَ سان منسوب آهي.

ماروا: ڪرمتي بلوچن جي ذات آهي.

مارواڻي: سماڻي جت آهن. شاهبندر تعلقي ۾ رهن ٿا. منهون راڄ وارا هنن جا پڳدار آهن.

مارو پوٽا: مهرن جي ذات آهي.

مَاري: سمن ۽ ڪلهوڙن جي ذات آهي.

ماريا: هي جت بلوچ آهن.

ماريچ: سما خاندان مان آهن.

ماريجا: هي ٽر جا رهواسي سما آهن.

ماريچا: ٽر جا رهواسي سما آهن.

ماڙيچا: ماروا ڙ کان لڏي آيل ماروا ڙي آهن، هي ٽري بہ سڏجن ٿا. هي مسلمان ۽ هندو آهن. ماڙيچا. سنسڪرت لفظ مرو= ٽر + ويشي = رهاڪو تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ٽريلو".

مازنداني: مرزا شاهه حسن جي دؤر 967 هـ بمطابق 1550ع ۾ سيد بدرالدين، مازندان مان لڏي عربي سمند رستي ديبل تي لهي ڏٺي پهتو. هن خاندان پاڻ کي "مازنداني" سيد سڏايو.

ماس: هڪ غير سماڻ ذات آهي.

ماسوري: بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو آهي. هن قبيلي جون خاص ڳريون آهن:
1 جڪراڻي، 2 ديهاڻي، 3 سرڪري، 4 سيگراڻي، 5 گراڻي، 6 گلشرزئي، 7 لوڪاڻي.

ماشڪي: هي مسلمان ملاح ۽ مهاڻا آهن. مشڪن ۾ پاڻي پريندا آهن، جنهن ڪري ڪين ماشڪي چون ٿا.

ماشوخيل: هي آفريدي پٺاڻن جي ڪوڪي خيل قبيلي مان آهن.

ماڪا: هي مهرن جو پاڙو آهي. پني عاقل ۾ رهن ٿا.

مَاڪِراڻي: ٽميا ذات جو پاڙو آهي.

ماڪرپيو: ٽهيم قبيلي جو پاڙو آهي. خليفو ميان حاجي غلام محمد جاتي وارو هن پاڙي مان آهي. هي پاڻ کي فاروقي ۽ قريشي بہ چوائين ٿا.

مَاڪَڙا: جت بلوچ آهن. لسبيلي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

ماڪِڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ماڪڪاڙي: ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 116 موجب "ماڪڪاڙي" ساجدي بلوچن جو پاڙو آهي.

ماڪلوڏي: جڳانند چاچڙن مان آهن.

ماکوڙاڻي: هڪ غير سماڻ مسلمان ذات آهي.

ماکول: سماڻي جت آهن.

ماکيا: راڄپرن جو پاڙو آهي.

ماکاڻي: هڪ غير سماڻ ذات آهي.

ماکڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ماکيا: نهڙين جي راهواڻي شاخ مان هڪ پاڙو.

ماکيجا: هندن جي ذات آهي. ٽر ۾ رهن ٿا. هي اروڙ ونسي لهاڻا آهن. ايسراڻي، ايلياسي، مورجاڻي، ميرچنداڻي ۽ تلسياڻي هن آکيه جون قريون آهن.

ماکيجاڻي: هندن جي ذات آهي. ٽر ۾ رهن ٿا.

مَاگَرَ: شيدين جي ذات آهي.

ماگر: اصل ۾ ملبار جا ٻاڪو ماگر مهاڻا آهن. سنڌ ۾ اچي مسلمان ٿيا ۽ هن وقت ماگر سڏجن ٿا.

بيت: تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيب اپار،
پسي ليءَ لغار، مٿان ماگر مٽين.

مالا: راڄپرن مان آهن.

مالاڻا: هڪ سماڻ ذات آهي. اڪثر ڪري سنڌ جي اترئين حصي ۾ رهن ٿا.

مالپاڻي: ٽري هندن جي ذات آهي.

مالَڏهِ: سوڍا راجپوتن جو هڪ پاڙو.

مالڏيو: ٽري راجپوتن جي ذات آهي.

مالڪاڻي: مري بلوچن جي ذات آهي. هي مزاراڻي مرين مان آهن. ٽر ۾ هڪ سماڻ ذات جي پاڙي جو نالو پڻ "مالڪاڻي" آهي.

مالِڪِي: نهري بلوچن جو پاڙو آهي. هنن کي "ملکاهه" ٻ چون ٿا.

مالهو: سما خاندان مان آهن.

مالهي: هندن جي ذات آهي. سکن ۾ پڻ آهن. باغن ۾ ڪم ڪرڻ ڪري "مالهي" سڏجن ٿا. قول، پگهرتي ۽ سيني سندن پاڙا آهن.

مالهياڻي: نصرپور جي سيدن جو هڪ پاڙو.

مالهيزئي: بابرج پٺاڻن جو پاڙو آهي.

مالي: ديري غازي خان کان آيل جت آهن.

ماليا: پنهورن جو پاڙو آهي.

ماما: راهوما ذات مان آهن.

ماما خيل: ڪاڪڙ پٺاڻن جي راڄ مان آهن.

مامتور: برهمڻ ڪترين جي هڪ نڪ.

ماموتيا: هندو لوهاڻن جي هڪ نڪ.

ماموزئي: مندنر ڪابلي پٺاڻن جي رزر شاخ جو پاڙو آهي.

مَـامَـوستَـي: بروهي آهن. هنن کي "مام سني" ۽ چون ٿا.

مامون زئي: مينگل بروهين جو پاڙو آهي.

مامي خيل: ڪاڪڙ پٺاڻ آهن.

مامي زئي: هي ڪيراني پٺاڻ آهن.

مَـانَ: جٽ قبيلي جو پاڙو آهي.

مانا: سومڻ جو هڪ پاڙو.

مانجهند: سمن مان آهن. هن ذات جي پٽيان ڪوٽڙي تعلقي ۾ هڪ وڏو ڳوٺ آهي، ڪراچيءَ ۾ ۽ رهن ٿا.

مانجهي: هڪ سمات ذات آهي.

مانجهياڻي: سمات ذات آهي. چانگن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

مانجريا: ملاح ۽ مهاٽا آهن. سامونڊي پٽيءَ سان رهن ٿا.

مانجونا: هي سما ۽ سرائي آهن.

ماندا: سمن مان آهن.

ماندائي: سمن مان آهن.

مانڊ: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

مانڊرا: سمن مان آهن.

مانڊريا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ٺٽي ضلعي ۾ رهن ٿا. ٽنڊي محمد خان ۾ سنيا ذات وارن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "مانڊريا" آهي.

مَـانڈَڻَ: سمن مان آهن.

مانڈُو: ٽري هندن جي ذات آهي.

مَـانڈَڻَ: هندن جي ذات آهي.

مانداڻ: لسبيلي جا سما آهن. هنن جي راڄ جو نالو "آڇرا" آهي.

مانداڻا: هڪ سما ذات آهي. لسبيلي ۾ رهن ٿا.

مانڊڙا: ڪتابن ۾ لکيل آهي ته مانڊڙا، برفت سما آهن. انهن مان هڪڙي جو نالو "منڊڙهـ" هو. هن جي اولاد پاڻ کي ان نسبت سان "منڊڙهـ" سڏايو. منڊڙهـ لفظ بگڙجي "مانڊڙا" ٿي پيو. هن وقت هي لاسي قوم سان شامل آهن. گوندر، شور، صابرا، آڇرا، برا ۽ برفت نهايت قريب آهن.

مانڊڙن جو شجرو هن طرح آهي



مانڊڙن جا خاص پاڙا آهن.

1 الهداداڻي، 2 ايلاڻي، 3 بهراڻي، 4 بيگاڻي، 5 پناڻ، 6 چيٽو، 7 حاجاڻي، 8 حسن، 9 خورم، 10 زهراڻي، 11 عارباڻي، 12 قمبراڻي. مانڊڙن جي پڳ قمبراڻي پاڙي تي آهي، هنن جو مرڪز "اٽل" آهي، ڪافي مانڊڙا لڏي اچي سنڌ ۾ وينا آهن. ملاح قوم ۾ پڻ مانڊڙا ذات وارا آهن.

مانڊ: راڄپرن جو پاڙو آهي. خيرپور ميرس ۾ رهن ٿا.

مانڊي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مانسنگهه (مانسنگ): سوڊن جو هڪ پاڙو.

مانڪاٽي: ٽالپرن ۽ لغارين جي پاڙن جو نالو آهي. درست لفظ "ماڻڪاڻي" آهي.

مانگ: مهاڻن ۽ ميربحرن جي ذات آهي. هي مانگر مڇ جو شڪار ڪندا هئا. ان نسبت سان هنن کي "مانگ" سڏيو ويو.

مانگٽ: جٽ قبيلي جو پاڙو آهي.

مانگر: ملاح آهن. مانگر مڇ جي شڪار ڪرڻ جي نسبت سان هنن کي "مانگر" چيو ويو. دراوڙي ٻوليءَ ۾ "مانگ" جي معنيٰ آهي "ڇار" ۽ "رڇ". ان مان مراد آهي ڇار رکندڙ "ملاح".

مانگري: مهاڻا ۽ ملاح آهن. ساموندي مڇيءَ جو هڪ قسم (مانگر مڇ) آهي. ان جو شڪار ڪرڻ جي وجه تسميه سان هي "مانگري" سڏجن ٿا.

مانگريا: ملاحن ۽ مهاڻن جي ذات آهي. ساموندي مانگري مڇيءَ جي شڪار ڪرڻ ۾نيان هي ذات جا "مانگريا" سڏجن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 عيساڻي، 2 ميرزاڻي، 3 هاجاڻي۽ 4 هرڻ.

مانگرياڻي: ذات جا مهاڻا ۽ ملاح آهن. مڇي قاسائڻ جي ڪنديءَ کي "مانگرياڻي" ڇار چون ٿا. ان نسبت سان هي ماڻهو ذات جا "مانگرياڻي" سڏجن ٿا.

مانگيا: سمن مان آهن. لسبيلي ۾ رهن ٿا.

مانگهرا: ڇاڇڙن جي نورنگ قبيلي مان آهن.

مانيزئي: مندنرڪابلي پناڻن جي رزر شاخ جو پاڙو آهي.

ماڙاڻي: ڪنوهڙن جو پاڙو آهي. ڪنوهڙ بڙدي آهن.

ماڻڪ: سما خاندان جي ذات آهي.

ماڻڪاڻي: ٽالپرن ۽ لغارين جو پاڙو آهي. ماڻڪ خان ٽالپر جي نالي پٺيان "ماڻڪاڻي" سڏجن ٿا. ماڻڪاڻي پاڙي وارن ميرپورخاص تي حاڪميت ڪئي آهي. هن خاندان جو شجرو اڪر "ن" جي شجرن واري حصي ۾ ڏسندا. ننڍي شهر ۾ ميمڻ رهن ٿا، جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ماڻڪاڻي" آهي. برڙن، پاڙولين ۽ جتن ۾ پڻ "ماڻڪاڻي" آهن.

ماوداڻي: ڪرمتي بلوچن مان آهن.

ماها: ڏوگر (جت) قبيلي جو پاڙو آهي.

ماهڙ: کير ۽ ڏڏ وڪڻندڙ کي چون ٿا. هنن کي ڏوڏي ۽ چوندا آهن. هي ٿر جي سمات ذات آهي.

ماهل: جٽ قبيلي جو پاڙو آهي.

مَاهَمل: ڏوٻين جي ذات آهي. (بحوالہ: پنجاب کي ذاتين).

ماهمي: هندو چمارن جو پاڙو آهي.

مَاهوٽا: سما ۽ ملاح آهن. لاڙڪاڻي ۽ نئين ديري جي درميان سندن ڳوٺ آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ هن ذات وارا ڪنهن بيءَ جاءِ تي ڪونہ آهن. سڪندر اعظم 330 قبل مسيح ۾ لاڙڪاڻي پهتو هو. ان وقت بہ ماهوٽا هئا. جن کي يونانين مائوٽا (Maota) ڪري لکيو هو.

ماهُوٽا: ڪتاب "شاهان گوجر" ص 187 تي لکيل آهي تہ "ماهوٽا" پٽي راجپوت آهن ۽ ڪن ڪن جاين تي هيءُ پاڻ کي هوت بلوچ پڻ چوائين ٿا. هڪ ٻئي حوالي موجب ماهوٽا راجستان کان آيل هندو آهن. ڪراچيءَ جو هندو جيم خانہ سال 1925ع ۾ هڪ هندو سيٺ گوپالداس گورنداس نهرايو هو. جيڪو هندو "ماهوٽو" هو.

ماهُوجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ماهي: سمن جي ذات آهي. هي ٻٽڙ بن پينسين جو اولاد آهن. ڇڇو، راڄڙ ۽ سمون هن جا پائر هئا. وڌيڪ لاءِ "راڄڙن" جو شجرو ڏسڻ گهرجي.

ماهِيا: پنهورن ۽ پنهيارن جو پاڙو آهي.

ماهيڙ: سماٽي جٽ آهن. شاهبندر تعلقي ۾ رهن ٿا. هي منهون راڄ جي پڳ هيٺ آهن.

ماهي فروش: مهاڻن ۽ ساٽين جي ذات جو نالو.

ماهي گير: مهاڻن، ساٽين ۽ ماڇين جي ذات جو نالو.

مائوندستري: رندن جو پاڙو آهي.

مائي پوٽا: راجستان مان لڏي آيل سنڌ جي هندو سونارن جي ذات آهي.

مائي داساڻي: هندن جي ذات آهي. هنن جي نک جو نالو "ناگديو" آهي. هي اروڙ ونسي سڏجن ٿا. وِتياڻ هنن جا عزيز آهن. سيوهڻ ۽ منياڻيءَ ۾ هنن جو زور هو.

مُبا: مهرن جي هڪ پاڙي (مباح) جو نالو.

مُباح: مهرن جي ذات آهي. هنن کي "مُبا" ٻڌ چون ٿا.

مبارکانزئي: بگٽين جي راهيجا شاخ مان آهن.

مبارکاڻي: تالپرن، جمالين، نوحاڻين، نظاماڻين، ڪرمتي گبولن ۽ لاشارين جي هڪ پاڙي جو نالو آهي.

نظام الدين عرف نظام خان (نظاماڻي) کي پنج پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو مبارڪ هو. سندس اولاد پاڻ کي "مبارڪاڻي" سڏايو. عالي بن سليمان خان تالپر (ڪڪو) کي به پٽ دريا خان ۽ مبارڪ هئا. مبارڪ جي اولاد پاڻ کي "مبارڪاڻي" سڏايو. برڙن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "مبارڪاڻي" آهي. هي بلوچستان ۾ رهن ٿا.

مبارڪپوٽا: رضوي سيدن جو پاڙو آهي. هي نصرپور ۾ رهن ٿا.

مُبراڻي: جمالي آهن.

مُبراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مُبيجا (مُبيچا): انڙن مان آهن. موري جي پرسان وينا آهن. حاجي مولئ بخش مبيجو هنن مان هو. ڪتابن ۾ آهي ته هوڻي بن انڙ کي 18 پٽ هئا، جن مان مبيجو، بهڻ، وسن، جيسر ۽ مورو سڳا پائر هئا. پائرن صلاح ڪري "مبيجي" کي پڳ ٻڌرائي. وڌيڪ لاءِ بهڻن جو شجرو ڏسڻ گهرجي.

متارا: مارفاڻي چانديين جو پاڙو آهي، جيڪو "نوراڻي" جي نالي سان مشهور آهي.

متاراڻي: ڪرمتين جي پئوا شاخ مان هڪ پاڙو.

متاڻي: چاچڙن جي نورنگ قبيلي مان آهن. عام طور ملاح ۽ مهاڻا ليکيا وڃن ٿا. ميمڻن ۾ پڻ "متاڻي" پاڙو آهي. (بحوالہ: "ميمڻ قوم" از ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي) برڙن ۾ پڻ متاڻي آهن.

مُتَاڻي: جڪراڻي بلوچ آهن.

متر: ٽري هندو برهمڻن جي ذات آهي. ايس - صادق عليءَ جي لکڻ موجب متر، ملاح ۽ مهاڻا آهن.

متريجا: مهرن جي ذات آهي.

مَترڙ: هندن جي ذات آهي.

متعلوي: حسيني سيد خاندان جو پاڙو آهي، جن کي متياروي سيد به چون ٿا. هي حيدر شاهه هراتي جو اولاد آهن، جو 1400ع ۾ تيمور بادشاهه سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو. هن خاندان جو شجرو "م" جي آخر ۾ ڏسڻ گهرجي.

متڪاڻي: گورچاڻي بلوچن جي پتافي ۽ هلواڻي قبيلي مان هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

متـلا: سما آهن.

مَتني: برمهمند پناڻن جو پاڙو آهي. هندي ايراني قبيلي "هريان" جو پڻ هڪ پاڙو.

مَتو: سومرن جو پاڙو آهي. هي تر ۾ رهن ٿا. ڪن ڪن جاين تي هي متوئي سومرا سڏجن ٿا. چهڙن ۾ پڻ متو آهن، جيڪي هندو آهن.

مَتوا: هڪ مسلمان سماٽ ذات آهي. تر ۾ رهن ٿا (بحوالہ: مهراڻ نمبر 4 سال 1991ع ص 83).

متواري: سواتي پناڻن جو پاڙو آهي.

متوال: سمن جي ذات آهي.

مَتواڻي: راهواڻي نهڙين جو هڪ پاڙو. ٽر ۾ رهندڙ.

مَتوپوتا: سومرا آهن. نٽي ۾ رهن ٿا. وڏيرو محمد عثمان ولد وڏيرو ميان محمد صاحب سومرو هن شاخ مان هڪ معزز ۽ نالي واري شخصيت هو (بحوالہ: جنب گذاريم جن سين جلد نمبر 1 ص 77).

متوجا: مهرن جو هڪ پاڙو. هي سوائي ۽ سڏجن ٿا.

متوزئي (متوريزئي): بائيزئي (اڪوزئي) پناڻن جو پاڙو آهي. خليل پناڻن ۾ پڻ متوزئي آهن.

مَتُوني: شيدين جي ذات آهي.

متي: پناڻن جو قبيلو آهي. هي فارسي شهزادي شاهہ حسين جو اولاد آهن.

متي زئي: ڪيراني پناڻن جو پاڙو آهي.

مَتيلا (مِتيلا): ملاح ۽ مهاڻا آهن.

متيملاڻي: هندن جي ذات آهي.

متاماڻي: دل ذات جو پاڙو آهي. هي نٽي ضلعي ۾ وينا آهن.

مَتِراڻي: هندن جي ذات آهي. هي اڪثر ڪري ڏڏ ۽ ڪير وڪڻندا هئا.

متِواڻي (متواڻي): هي لغاري بلوچ آهن.

متاڻي: هن پاڙي جو واسطو ڏاريجا چاچڙن سان آهي.

متائي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. (بحوالہ: تاريخ سجاول). هندن ۾ پڻ "متائي" ذات آهي. هي نارو شاهہ ۾ رهن ٿا.

متر: ڏوگرن جو پاڙو آهي.

مُتڪاڻي: صابرن (سومرا) جي ذات آهي. لسبيلي ۾ رهن ٿا.

متئي: هندن جي آکهہ جو نالو. متّ پري پاڻي پيارڻ جي نسبت سان "متئي" سڏجن ٿا.

متياروي سيد: احوال لاءِ "متعلوي" لفظ ڏسو گهرجي.

متيوال: کوسن جو پاڙو آهي. دادو ضلعي ۾ رهن ٿا. هن پاڙي جون مکيہ 13 شاخون آهن.

1. بندواڻي 2. تڳياڻي 3. جوگياڻي/جوڳياڻي 4. جهنداڻي 5. ڏتاڻي 6. رحناڻي 7. سنجراڻي 8. عيساڻي 9. قرياڻي 10. مڪڙاڻي 11. گهنوراڻي 12. ملا 13. موندراڻي.

مِناٹي: گورچاٹي بلوچن جي شيخاٹي قبيلي جو پاڙو آهي. ناريجن، سيالن، ڇٽن، دائين، ملاحن ۽ مهاڻن جي پاڙن جو نالو پڻ "مناٹي" آهي. ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ص 409 تي لکيل آهي تہ "مناٹي". للاٹي (اسحاقاٹي) کوسن مان آهن. نوحاٹي بلوچن جي سنجراٹي شاخ مان پڻ مناٹي آهن. ڪچ ۾ جتن جو هڪ پاڙو.

مِنواٹي: بڙدي بلوچن جي ميرالي پاڙي جي ذات آهي. ميمڻن ۽ سيالن ۾ پڻ "منواٹي" آهن.

منوزئي: جهلاواني بروهي آهن.

مٹاني: نيازي پٹاڻن جو پاڙو آهي. هي بنونہ جي پرسان درياءِ سنڌ جي ڪنارن تي رهڻ وارا آهن.

مپارا: ٽري هندن جي ذات آهي.

مُجا: مهرن جي هڪ پاڙي جو نالو.

مُجَار: سنڌ جا سماٹي سيلاڻي فقير آهن، جن کي ذات طور "مجار" سڏيو وجي ٿو.

مَجاٹي: جکراٹي بلوچ آهن.

مُجَاٹي: جت بلوچن جي پاڙي جو نالو آهي.

مجوکا: هندو اوڏن جي پاڙي جو نالو آهي.

مجيداٹا: سماٹي جت آهن.

مجيداٹي: رندن ۽ ڀنگرن جو پاڙو آهي.

مجهلاٹي: ڪچ ۽ ڀڄ کان آيل ميمڻ آهن. گجراتي زبان ڳالهائين ٿا.

مجر: برهم کترين جي هڪ نک جو نالو. هي مڃ جو واڻ وٹيندا (ناهيندا) هئا (آهن) ان ڪرت ڪري "مجر" سڏجن ٿا. تلسياٹي پڻ هن نک مان آهن.

مجريجا: سمن مان آهن.

مَچُلا: هڪ سمات ذات آهي. ضلعي نوشهري فيروز ۾ سندن ڪجهہ ڳوٹ آهن.

مچوہار: بگڻين جي شمباٹي (يارياڙي) قبيلي جو پاڙو آهي.

مَچُولا: سما خاندان مان آهن.

مَچارا: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

مَچَرَ: لفظ مڃ، مچير ۽ مچيءَ مان نڪتل آهي، جنهن جي اصطلاحي معنيٰ آهي مچي ماريندڙ ۽ مچي وڪڻندڙ. مچر، ملاح ۽ مهاٹا آهن. مهراڻ رسالو نمبر 4، سال 1972ع، ص 128 تي لکيل آهي تہ "مچر"، نڻي جي ميمڻن جو پاڙو آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب "مَچَرَ" برهم کترين جي هڪ مشهور نک آهي. ڪهاوتن ۾ آهي تہ پرسرام برهمڻ جي

گوڏي تي کتريءَ جو هڪ معصوم چوکرو ستل هو. جنهن کي مچرن ڏاڍا چڪ هنيا. پر کيس ڪاب پرواھ نہ ٿي. پرسرام چيو ته هي صحيح کتري (اصلي) آهي ۽ سندس رت (Blood) گرم آهي. ان ڏينهن بعد هي "مچر" سڏجڻ لڳو ۽ سندس اولاد "مَچرَ" نک جي نالي سان مشهور ٿيو.

مَچرَ: لاشاري بلوچن جو هڪ مکيہ قبيلو. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1. تاجواڻي 2. ريدار 3. حسواڻي 4.قاسماڻي ۽ 5. مهراڻي.

مَچراڻي: لاشاري بلوچ آهن.

مچڙ: هندو کترين جي ذات آهي. هنن مان ڪافي مسلمان ٻ ٿيا آهن.

مُچِڑَ: هي ڪرمتي بلوچ آهن.

مُچِڑا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مُچِڑيا: ٽري زبان جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي گهٽي ڳالهائڻ وارا. هي ٽر جا مينگهواڙ آهن.

مچلا: سما آهن. ملاح ٻ سڏجن ٿا.

مَچولاڻي: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. (تاريخ سجاول ص 345).

مُچي: سمن سان واسطو رکن ٿا.

مچيارا: ملاحن ۽ مهاڻن جو پاڙو آهي. جهينور هندو ملاح آهن. انهن ۾ پڻ مچيارا پاڙو آهي. هنن جو ڏنڊو مچي مارڻ آهي.

مچيرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

محباڻي: جوٽيجن. پاهڙن ۽ جتن جو هڪ پاڙو آهي.

مُحبتاڻي: لغارين جو پاڙو آهي. جيڪي مير محبت خان لغاريءَ جو اولاد آهن.

محب خيل: آفريدي پناڻن جي زخا خيل قبيلي مان آهن.

محبواڻي: ڪرمتين جي پئوا شاخ مان هڪ پاڙو.

محبوباڻي: هندن جي هڪ ذات.

محراباڻي: ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ مان هڪ پاڙو.

محراب جا: سهتن جو هڪ پاڙو.

محراب زئي: بگٽي بلوچن جي نوتاڻي شاخ مان آهن. محراڻي رندن ۾ پڻ.

محرم پوٽا: نهڙين جو پاڙو آهي.

محسن پوٽا: ڪيرين جو پاڙو آهي.

محلاڻي: ڪرمتين جي شولاڻي شاخ مان هڪ پاڙو.

محمد: خرشيون پناڻ آهن.

محمداڻي: رندن، لاشارين، لغارين، بزدين، ڪوسن، مرين (لوهاراڻي)، مگسين، ڏومڪين، جروارن، چنن، ڪرمتين جي لٽيگ، ٻائوٽ، ملڪاڻي، زنگياڻي. ڏهرن ۽ ٽهيمن جي پاڙن جو نالو آهي. محمداڻي بلوچ ۽ سمات آهن. محمداڻي رندن جو شجرو هن طرح آهي:

میر جلال خان
|
میر رند
|
میر رمضان المعروف میر عبدالله خان
|
نصیرالدین
|
احمد
|
گلو
|
فیروز
|
کالو
|
فیروز شاهه المعروف میر عبدالله خان
|
شهداد خان
|
حسن
|
محمد محمداڻي
|
ڏومڪي

محمد حسن: مهاڻن جي هڪڙي اوڙڪ (پاڙو) جو نالو آهي. جن کي نارائي پٽ چون ٿا. هي اتر کان اچي "نبي سر" ۾ وينا آهن. (بحواله: ڪتاب مورڙو ۽ مانگر مچ).

محمدبائي: اورڪزئي پناڻ قبيلي جو پاڙو آهي. هي سڀ شيعا آهن. ڪن جاين تي "دولتزئي" به سڏجن ٿا.

محمد پوٽا: رضوي سيدن جو پاڙو آهي. هي نصرپور ۾ رهن ٿا. سنيا ذات ۾ پڻ "محمد پوٽا" پاڙو آهي.

محمد پوٽڙا: همون سومري جي اولاد مان محمد هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي "محمد پوٽڙا" سڏايو.

محمد حسني: هي جهلاواني بروهي آهن. جن جا خاص پاڙا آهن. مزار زئي. هاروني. شيخ حسيني. شهداد زئي. ڪوراچي. زنگياڻي. شاهي زئي. يوسفي. شيروزئي. زيرڪاڻي. درڪ زئي. ڪيازئي. بنگلزئي. شاهوزئي ۽ حسيني. محمد حسني پاڙي جو مورث اعليٰ محمد حسن ولد ڪيبا هو.

محمد خيل: هي خرشيون پناڻن مان آهن.

محمد زئي: محمد شهي بروهين جي قبيلي مان آهن. بارکزئي پناڻن. ڪاکڙ پناڻن ۽ داراني پناڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "محمد زئي" آهي. ڪردن ۾ پڻ "محمد زئي" آهن. هڪ ٻئي حوالي موجب محمد زئي پناڻ. زمند جي پٽ "محمد" جو اولاد آهن. جن جا خاص پاڙا آهن: اتمان زئي. بارازئي. ترنگزئي. پرانگ. چارسده. خيشگي. رزر. شير پائو. تنگي. عمرزئي۽ نسرت زئي. (نصرت زئي)

محمد شهي: شهوائيءَ جي سرداريءَ هيٺ سراواني بروهي آهن. هي هڪ قديم ۽ وڏو بروهي قبيلو آهي. هن جون مکيه شاخون ۽ پاڙا هن طرح آهن: 1 پهلان زئي. 2 جڪوزئي. 3 سامڪ زئي. 4 سودوزئي. 5 شادي زئي. 6 شرن زئي. 7 صفوزئي. 8 زردارزئي. 9 ڪرموزئي. 10 گرگين زئي. 11 محمد زئي. 12 مدوزئي. 14 مسولاڻي. 15 بنگا. 16 جذراني۽ 17 سورو.

محمدياڻي: برڙن جو پاڙو آهي.

محمود: دلن ۽ سميجن جو پاڙو آهي.

محموداڻي: بروهين. نوحاڻين (اسحاقاڻي) ۽ سمن جي پاڙن جو نالو آهي. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 85 موجب "محموداڻي". نوشيرواني بلوچن. جتن (گجرن) ۽ ساجدي بلوچن جو پاڙو آهي.

محمود پوٽا: باريچن جو پاڙو آهي.

محمودزئي: لوڏي پناڻن مان آهن.

محمود وزيري: خزر پناڻ کي ٽي پٽ موسيٰ. محمود ۽ گربز هئا. محمود جو اولاد محمود وزيري سڏجن ٿا. سندن ٻ مکيه پاڙا بهلول زئي ۽ علي زئي آهن.

مخدوم: عربي لفظ خادم مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "جنهن جي خدمت ڪئي وڃي". بزرگ. قابل تعظيم وغيره. سکر. لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد ۾ ذات طور سڃاتا وڃن ٿا.

مخدوم زاده: خلفاءِ عربيه جو اولاد آهن. (بحواله: ڪتاب ابن بطوط جو سفر ص 20).

مخول: جي معني آهي مشڪري وجهڻ. مخول شيدين جو پاڙو آهي. مشڪري وجهڻ ڪري "مخول" سڏجڻ لڳا.

مداخيل: آفريدي پٺاڻن جي اڪا خيل قبيلي جو پاڙو آهي.

مدار: اوسواڙ هندن جي ذات آهي.

مدان: سماٽي جت آهن. سنڌ مان لڏي وڃي عرب ملڪن ۾ آباد ٿيا آهن. جتي هي "مدان" سڏجن ٿا. ڊاڪٽر زيگ ردويسٽ فال ۽ "ڊاڪٽر هائنس ويسٽ فال" پاڪستان جي جتن تي تحقيقات ڪري هڪ ڪتاب The Jats of Pakistan لکيو آهي. ان ڪتاب ۾ لکيل آهي ته عراق ۾ وينل مدان. سنڌ جا سماٽي جت آهن.

مدائي: ڪچ ۽ پچ کان آيل ميمڻ آهن.

مدداٽي: جتن جو هڪ پاڙو.

مُدراٽي: لاشارين جو پاڙو آهي.

مدواٽي: رندن جو پاڙو آهي. لغارين جو پڻ هڪ پاڙو. ڪلهوڙن جو سپه سالار سعيد خان لغاري هن پاڙي مان هو.

مدوزئي: محمد شهي بروهي قبيلي مان آهن.

مدوئي: شيدي آهن.

مديجا: راجا چندر ونسيءَ جي نسل مان هندو راجپوت آهن.

مديزئي: ڪردن جو پاڙو آهي.

مڏوال: اعوڻ جت قبيلي جو پاڙو آهي.

مڏا: سمن جو پاڙو آهي. هندو راجپوتن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

مڏاهي: هندو اوڏن جي ذات آهي.

مڏهاٽي: ڪرمتين جي زنگياٽي شاخ مان هڪ پاڙو.

مذبي: ڇهڙن جي ذات آهي. سک آهن. پڪا مذهبي هئڻ ڪري مزبي سڏجن ٿا. ڏگها وار رکائين ٿا. تماڪ نوشيءَ کان نفرت اٿن. پائخاني جي صفائيءَ جو ڪم ڪونہ ڪن. باقي ڇهڙن وارو ڪم ڪن ٿا. هنن کي رنگريتا بہ چون ٿا.

مرا: نهڙي آهن.

مراداٽي: رستماٽي بلوچن جي مراٽي شاخ مان آهن. جتن. تالپرن. جروارن. جمالين. خاصخيلين. سمن ۽ مهرن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "مراداٽي" آهي. ڪرمتين جي اجيرا شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

مراد پريا: ملاح ۽ مهاٽا آهن. پريا ۽ ڪانگڙي هڪ ذات آهي. هي انهن مان آهن.

مراد خانزئي: بروهين جي شاهوزئي قبيلي مان آهن.

مراسي (ميراثي): جي معنيٰ آهي. ڳائڻو. هي مسلمان سمات ذات آهي. هنن جو واسطو مڱڻهارن سان آهي. وڌيڪ تفصيل لاءِ لفظ "ميراثي ۽ ميراسي" ڏسڻ گهرجي.

مَراثي: مزاري بلوچن جي رستمائي قبيلي مان آهن. جن جي هڪ پاڙي جو نالو "مراداڻي" آهي. رندن، برهمائي برن ۽ چنن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "مراثي" آهي.

مُراثي: لاشارين ۽ جمالين جو پاڙو آهي.

مرائي: ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 12 موجب "مرائي"، سرپره قبيلي جو پاڙو آهي، جيڪي لوناني بروهي آهن.

مِرچ: ميمڻن جي هڪ پاڙي جو نالو، هالا شهر ۾ رهندڙ.

مرداشئي: محمد حسيني هاروني بروهين مان آهن. هي ايراني نسل مان آهن.

مرداڻي: ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ مان هڪ پاڙو.

مردوئي: بلوچستان ۽ لسٻيلي جي برفتن مان آهن. ليڪن بلوچستان وارا مردوئي پاڻ کي "بلوچ" جوائين ٿا. لسٻيلي وارا مردوئي جام آري جي چوٽين پٽ شاهدين بادين مان آهن، جيڪي لسٻيلي ۾ جدگال (جت) سڏجن ٿا. بروهين جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "مردوئي" آهي، ليڪن اهي به جدگالن ۽ مينگلن مان آهن.

مرزاڻي: هي بلوچ قوم مان آهن.

مرزا (مِيرزا): فارسي لفظ ميرزا آهي. مير معنيٰ سردار، ۽ زا معنيٰ زاده، پٽ، يعني اميرزادو، سردارزادو، مغلن جي شهزادن جو لقب. تيموريه خاندان جي شهزادن جو لقب. اصطلاحاً ميرزا، مرزا لکڻ پڙهڻ وارن (منشي) کي چوندا آهن. ترڪيءَ وارا مرزا پاڻ سان بيگ به لکندا آهن.

مرزا اڪثر ڪري جارجيا، ايران، افغانستان ۽ هندستان کان آيل آهن. مرزا ڪا ذات ڪانهي. لکڻ پڙهڻ (منشي) جي فن جي وجه تسميه سجاڻڻ خاطر ذات جا "مرزا" سڏجن ٿا. اهڙن مان مرزا قليچ بيگ نهايت مشهور آهي. مرزا اڪثر ڪري تالپرن جي دور ۾ آيا هئا. جن کي ترخاني مغل پڻ چون ٿا. ليڪن مرزا قليچ وارا مغل نه آهن، هي جارجيائي آهن.

مِرزاڻي: بگٽين جي شمبائي (يار ياڙي) قبيلي جو پاڙو آهي. چاندين جي هڪڙي شاخ جو نالو پڻ "مرزاڻي" آهي، جنهن مان چاندين جا سردار آهن. هن پاڙي جون مکيه ڳريون آهن: 1 گراماڻي، 2 مرزاڻي.

ڪرمتي راڏا بنديجن ۽ پرڳڙين ۾ پڻ "مرزاڻي" آهن. نندي دودي سومري کي پنج پٽ هئا، جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "مرزو" هو، جنهن جي اولاد پڻ پاڻ کي "مرزاڻي" سڏايو. (بحوالہ ڪتاب سومرن جو دور ص 250).

مرزلياڻي: جڪراڻي بلوچ آهن.

مرکَ: هڪ غير سماٽ ۾ غير بلوچ ذات آهي.

مرکاٹا: زرداربن جو پاڙو آهي. مرکاڻو زردار خان جت جو پٽ هو. جنهن پٺيان پاڙي جو نالو "مرکاٹا" آهي.

مرکندا: سومرن مان آهن. هي ٺر ۾ رهن ٿا. (پاڙو).

مرکڻ: سومرن جو پاڙو آهي. هي نيو بن چنيسر دمريلو ديبلي جو اولاد آهن.

مرکيار: عربن ۾ هندن جو هڪ مخلوط مسلمان قبيلو. مرکب عربي زبان جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. ٻيڙين هلائڻ وارا. هندن هنن کي "مرکيار" چيو.

مَرکَ (مرک): پاڙهن جي ذات آهي.

مَرکندَ: هي چون ٿا تہ اسان سومرا آهيون. هي اتر سنڌ ۾ رهن ٿا.

مرکيا: مگرين جو هڪ پاڙو.

مرکياڻي: هي سما آهن. جيڪب آباد طرف وينا آهن.

مرگر: ملاح ۾ مهاٹا آهن.

مرگل: ملاح ۾ مهاٹا آهن. کاري ۾ رهن ٿا.

مُرگهر: ڪرمتي جت بلوچن جي هڪڙي قبيلي جو نالو آهي. حقيقت ۾ هي ڪرمتين جي لٽيگ شاخ مان آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. ناروائي 2. پنايائي 3. چاگاٹي 4. خوشحالائي 5. راجوٹي 6. سپاڙ 7. شنبائي 8. صوپواٹي 9. کهيراٹي 10. عالياٹي 11. عيسباٹي 12. گنجاٹي 13. ميرخاناٹي ۽ 14. وڙياٹي.

مرل: راجپوتن مان آهن. وڏيڪ لاءِ هرل ۽ کرل ذات ڏسو گهرجي.

مروان زئي: ڪاکڙ پناٹن جو پاڙو آهي.

مروت: افغاني لوڏي پناٹن جو قبيلو آهي. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1 اچاخيل. 2 بهرام. 3 ٽاپي. 4 خدا خيل. 5 موسا خيل.

مَروچَ: هڪ مسلمان ذات آهي.

مروجا: ڪرمتين جي لجيرا شاخ مان هڪ پاڙو.

مرها: سما آهن.

مَرهٹا: ملڪن جو پاڙو آهي. هنن کي غلام تصور ڪيو وڃي ٿو.

مرهوترا: هندو ڪترين جو پاڙو آهي.

مَرهيٽا: مسلمان ذات آهي. جيڪب آباد ۾ رهن ٿا. هنن جو شمار بگٽين ۾ آهي. هي اصل ۾ پارت جي مهاراشٽر صوبي جا آهن.

مري: مرزا قليچ بيگ ڪتاب "سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڻهوءَ" ۾ لکيو آهي ته مري، رند بلوچن جي شاخ آهي. هي مرين جي ٽڪرن ۾ رهن ٿا. هنن جا خاص پاڙا لوهاراڻي، اباڻي، ڪنگراڻي، بجاراڻي، مهنداڻي ۽ ٽالپر آهن. محمد عثمان حسن رٽائرڊ برگيڊيئر جو هڪ مضمون "بلوچستان انڊس پبليڪيشن" ڪراچي 1996ع ۾ صفحي 79 تي ڇپيل آهي. هن صاحب لکيو آهي ته "مري" اصل ۾ "رند" هئا. مير چاڪر خان رند بلوچ مغل شهنشاهه همايون جي مدد لاءِ مرين جي مورث اعليٰ "بجار خان" کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو. پر بجار خان انڪار ڪيو. جنهن تي مير چاڪر خان هن کي "مري" يعني ضدي چيو. ان کان پوءِ مري قبيلي کي رندن کان جدا ڪيو ويو. جن رندن مان نڪري وڃي ڪاهان کي صدر مقام بنايو. ڪتاب "بلوچ قوم کي تاريخ" از محمد سردار خان بلوچ ص 625 تي لکيل آهي ته سعودي عرب جي صوبي الاحسام ۾ المره ۽ المعري قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. جن کي "مري بلوچ" چيو وڃي ٿو.

ڪتاب "بلوچ" از م - ڪ پيڪولين مترجم ڊاڪٽر شاهه محمد مري جي لکڻ موجب مري قبيلو 16 صديءَ جي شروع ۾ نهيو آهي. اڳ ۾ هنن کي "پزرند" چوندا هئا. مير چاڪر خان جي مدد نه ڪرڻ تي کين مري چيو ويو ۽ ان ڏينهن کان پوءِ هي "مري" سڏجن ٿا. مري هڪ جنگجو خانه بدوش آزاد قبيلو آهي. هن قبيلي ۾ بين قبيلن جا به ماڻهو شامل آهن. مثلاً پشتون، بروهي، ڪيتران، جت، بليدي ۽ ڪرمتي وغيره.

دوست خان مري ساڪن ٽنڈو مستي. پنهنجي لکڻين ۾ مري بلوچن جا پاڙا، گهٽي پوتا، ڏاهياڻي، بداڻي، هيسباڻي، بنگلزئي، ڪنگراڻي، شيراني ۽ لهراڻي لکيا آهن. (بحوالہ رسالہ مهراڻ جلد 28- 1979ع ص 173 خيرپور جا مري بلوچ، از: عطا محمد حامي)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ مري بلوچن جا ٽي پاڙا، گزني، لهراڻي ۽ بجاراڻي لکيا آهن. اهڙي طرح پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي، ڪتاب "سنڌ جون چند ذاتيون" ۾ مرين جا چار خاندان گزني، لوهاراڻي، بجاراڻي ۽ مزراڻي بيان ڪيا آهن.

ايس صادق علي ڪتاب **The Muslman Races found in Sindh, Balochistan and Afghanistan 1901 page- 27-28** ۾ مري قبيلي جا چارخاندان غزيني، لوهاراڻي، بجاراڻي ۽ ٽالپر لکيا آهن. جن جا هن ڪافي پاڙا لکيا آهن. اهڙي طرح رحيمداد خان مولائي شيدائي "تاريخ بلوچستان" ۾ مري قوم جا ٽي قبيلا غزيني، لوهاراڻي ۽ بجاراڻي لکيا آهن. جن جا هن ڪافي پاڙا پڻ بيان ڪيا آهن.

ايس صادق علي، شيدائي صاحب ۽ بين جي ڪيل محنت سان مري خاندان جي پاڙن ۽ شاخن جو اختصار هيٺ پيش ڪجي ٿو.

1- **غزيني:** 1 اصفاني، 2 بداڻي، 3 بهاولنزئي (رهاولزئي) 4 تنگياڻي، 5 تلغياڻي، 6 جادواڻي، 7 جروار، 8 چلگري، 9 چوري (چڙي)، 10 رهاولزئي، 11 عالياڻي (علياڻي)، 12 عيساناڻي، 13 کهور خانزئي، 14 لاڻگاڻي، 15 لدوار، 16 ماهيکاڻي، 17 منگراڻي، 18 موزندگاڻي، 19 موهانداڻي، 20 نوزبندگاڻي، 21 هليلزئي، 22 لوهڙي ڪش، 23 سرگاڻي، 24 نو هڪ عيسواڻي.

2- **لوهارائي:** هن شاخ جا پاڙا آهن: 1 سمراڻي، 2 شيراڻي، 3 ڪندراڻي، 4 گوسراڻي، 5 مريداڻي، 6 موهنداڻي، 7 محمداڻي.

چگمڙسيءَ جي پڳ گوسراڻي پاڙي تي آهي.

3- **بجارائي:** هن شاخ جا پاڙا آهن: 1 بجاراڻي 2 پرداداڻي، 3 پري (پواهري)، 4 رمخاڻي، 5 رحمکاڻي، 6 سالاراڻي، 7 سمراڻي، 8 شهيجا (شاهيجا - شاهجا)، 9 قلندراڻي، 10 ڪلواڻي، 11 ڪنگراهي، 12 ککراڻي، 13 قزواڻي.

4- **تالپر:** هن شاخ جا پاڙا آهن: 1 باگراڻي، 2 پرگڙي، 3 نوڙها، 4 جيونائي، 5 جيئنداڻي، 6 خاناڻي، 7 قراڻي، 8 ڪپري، 9 شهداداڻي، 10 شهواڻي، 11 کورکاڻي، 12 ڪيماڻي، 13 شاناڻي، 14 گبراڻي، 15 ماڻکاڻي، 16 نظاماڻي.

هن شاخ جي چگ مڙسيءَ جي پڳ "پرگڙي" پاڙي تي هئي.

وڌيڪ احوال لاءِ "تالپر" لفظ ۾ ڏسندا.

5- **مزارائي:** 1 فوجاڻي، 2 هندواڻي، 3 مالکاڻي ۽ 4 رندواڻي. مٿين پاڙن کان سواءِ قالي زئي، زهراڻي ۽ کندراڻي پڻ مري قبيلي جا پاڙا آهن.

مُري : چاچڙن جي جڳانند قبيلي جو پاڙو آهي.

مرياڻي: دريشڪ بلوچن جو پاڙو آهي.

مَري پوٽا: برهماڻي برن جو پاڙو آهي. لسبيلي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

مُري پوٽا: جاکرن جي منجهڻان پاڙي مان هڪ ننڍو پاڙو.

مريد: جوکين جي تيبر شاخ مان آهن.

مريداڻي: جمالين، آلکاڻي بلوچن، رندن، ڪٽوهڙن ۽ مغيرين جي پاڙن جو نالو آهي. مري بلوچن جي لوهاراڻي شاخ جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "مريداڻي" آهي. ٽنڊي محمد خان ۾ سڏيا رهن ٿا. انهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "مريداڻي" آهي.

مريدزئي: جتڪ بروهين جو پاڙو آهي.

مريري: استرياني سيدن (پناڻ) جو پاڙو آهي.

مريڙا: ساندن جي ذات آهي. هي سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

مريما: شيدي قوم جي ذات آهي.

مريماڦاٽي: شيدي قوم جي ذات آهي.

مڙڪٽ: ٽري مينگهواڙن جي ذات آهي.

مڙهائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سامونڊي پٽيءَ سان رهن ٿا.

مڙهي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مزاراڻي: ڪيتران بلوچن جي احوال ۾ لکيل آهي تہ مزاراڻي ڪيترانن جو پاڙو آهي. م - ک پيڪولين جي لکت موجب مزاراڻي، مزاري بلوچ آهن ۽ ايس - صادق عليءَ جي راءِ مطابق جتوئين جو پاڙو آهي. راءِ بهادر هتورام ۽ پروفيسر برڙي جي لکڻ موجب "مزاراڻي" مري بلوچن جو پاڙو آهي، جنهن جون ٽي ويون آهن: 1 رندواڻي، 2 فوجاڻي، 3 مالڪاڻي ۽ 4 هندواڻي. ڪرمتين جي گلڙي شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

مزارخاني: لاشارين جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي.

مزارزئي: محمد حسني بروهين جو پاڙو آهي.

مزاري: جي لغوي معنيٰ آهي "شينهن". اصطلاحاً شينهن جهڙي طاقت رکندڙ قوم. ان سبب ڪري بلوچن جي جهنڊي تي شينهن ڇاپيل هو. جيڪو هنن جو قومي نشان هو.

ايم - ايل ڊيمس ۽ م - ک پيڪولين مزارين کي رندن سان منسوب ڪيو آهي، جن جو چوڻ آهي تہ مزاري چئن قبيلن ۽ 60 پاڙن تي مشتمل آهن، جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "مزاراڻي" آهي.

ايس - صادق علي لکي ٿو تہ "مزاري"، ڊومڪي قبيلي جي هڪ شاخ آهي. ان شاخ جو هڪ پهلوان، شينهن جهڙي طاقت رکندڙ "مزار" نالي هو، جنهن پنيان هن شاخ جو نالو "مزاري" پيو. هن شاخ کي "شينهن پوتا" پڻ چون ٿا. يعني شينهن جي پٽ جو پٽ. مزاري قبيلي جا ابتدائي سردار، سردار امام بخش خان مزاري، شير محمد خان مزاري ۽ دوست محمد خان مزاري هئا، جيڪي رونجهاڻ ۽ ديري غازيخان ۾ رهندا هئا. 17 صديءَ ۾ سنڌ ۾ چانديين سان لڙائي ٿي، ان ڪري هتان هليا ويا.

مرزا قليچ بيگ، مزاري قبيلي کي رند ڪري لکيو آهي. هن صاحب سندن وطن رونجهاڻ ڄاڻايو آهي. هنن جا پاڙا، بلوچاڻي، جرڪاڻي، سنبلاڻي، کورکاڻي ۽ سادواڻي لکيل آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مزاريءَ جي معنيٰ شينهن لکي آهي. هن صاحب ست پاڙا بلوچاڻي، گلاڻي، جورکاڻي، کورکاڻي، خرد، سدواڻي ۽ سمبلاڻي لکيا آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي، مزار جا چار پاڙا، رستماڻي، سيداڻي، بالاچاڻي ۽ سرگاني لکيا آهن. "ابسٽن" ۽ ٻين محققن جو چوڻ آهي ته مزاري هوت بلوچ جو اولاد آهن. ڪتاب "تواريخ ديره غازيخان" ۾ لکيل آهي ته "مزاري" هوت بلوچ جي اولاد مان آهن.

رحيمداد خان مولائي شيدائي مزاري قبيلي کي نهايت تفصيل سان بيان ڪيو آهي. سندس لکيل پاڻ جو خاڪو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

1 **بلوچاڻي (بالاچاڻي):** هي هڪ مکيه قبيلو آهي. هن جا پاڙا ۽ قريون هن طرح آهن. 1- آزاداڻي، 2 بتيلاڻي، 3 حيدران زئي، 4 خداداڻي، 5 رداڻي، 6 سيدازئي، 7 گلشيراڻي، 8 ماڇياڻي، 9 نستڪاڻي، 10 هئبتيان.

2- **رستماڻي:** مزاري جو هي هڪ مکيه قبيلو آهي. هن جا مکيه پاڙا ۽ قريون هن طرح آهن. 1 اڊياڻي، 2 ايسام (عيسام)، 3 بانو، 4 بنگراڻي، 5 پيرڪاڻي، 6 تالپور، 7 چونگلاڻي، 8 حرواڻي، 9 درواڻي، 10 دولاڻي، 11 دوهاڻي، 12 ذمڪاڻي، 13 سرواڻي، 14 سنجراڻي، 15 سنيداڻي، 16 سيهالف (سياه لاف)، 17 سيلاناڻي، 18 شاڪيجا، 19 شهبازڪاڻي، 20 عبدلاڻي، 21 قيصراڻي، 22 ڪلاب، 23 گلاڻي، 24 گلرين، 25 لالاڻي، 26 لولياز، 27 لوطاڻي، 28 مراڻي (مراداڻي)، 29 منگالاڻي، 30 ميرياڙي (ميرياڻي)، 31 نظاماڻي، 32 نوزڪاڻي، 33 نوڪاڻي، 34 ڪرد (مهراڻ رساله جلد 32 سال 1983ع ص 140).

3- **مسيداڻي (سيداڻي):** هن جا خاص پاڙا آهن: 1 پمپراڻي، 2 تڪيراڻي، 3 پوهيتاڻي، 4 حوراڻي، 5 دورڪالي، 6 سملاڻي، 7 سوريجا، 8 شولين، 9 جورڪين، 10 عيسائين، 11 گيراڻي، 12 مورڪاڻي.

4- **سرگالي (سرڪاني):** هن جا پاڙا آهن: 1 جلر، 2 سرگالي.

مزاري بلوچن جو شجرو هن ريت آهي.





هي شجرو ڪتاب "تواريخ ديره غازيخان" تان اتاريو ويو آهي.

مزدسا: جهلاواني بروهي آهن.

مزراٹي: مرين مان آهن. نوحاٹي بلوچن جي سرياٹي شاخ مان پٺ هڪ پاڙو.

مزگرا: شيدين جي ذات آهي.

مزناٹي: ڪرمتين جي ٻائوٽ شاخ مان هڪ پاڙو.

مزندراٹي: سيد خاندان جو پاڙو آهي.

مساڻي: ڇهڙن جي ذات آهي.

مسائيا: هندن ۾ مينگهواڙن جي ذات آهي. ٽر ۾ رهن ٿا.

مستان زئي: بروهين جي شاهوزئي قبيلي مان آهن.

مستاڻي: سومرن جو پاڙو آهي. پرڳڙي بلوچن ۾ پڻ "مستاڻي" آهن. جيڪي سردار مستي خان بن سردار غلام حيدر جو اولاد آهن. نواب شاهه ۾ رهن ٿا. مير جتن ۾ پڻ "مستاڻي" پاڙو آهي.

مستوئي: رند نسل مان آهن. سنڌ ۾ ڪافي هنڌن تي رهن ٿا. بلوچي ۽ سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ هنن کي بڙدي بلوچن مان لکيو آهي. ايس - صادق علي جي لکڻ موجب مستوئي، چانڊين جو پاڙو آهي.

رندن جي لحاظ کان مستوئي بلوچن جو شجرو هن طرح آهي.



مستوئي قبيلي جا خاص پاڙا هن طرح آهن: 1 تجاڻي، 2 جعفراڻي، 3 خيراڻي، 4 رحمياڻي، 5 غلاماڻي، 6 مهراڻي.

مستي: بروهين ۽ پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

مستيال: اعوانن جو هڪ پاڙو. هي محمد شاهه ڪندلان بن قطب شاهه جو اولاد آهن.

مستياڻي: مري بلوچن جي غزيني قبيلي مان مهڪاڻي شاخ جو هڪ پاڙو. هي مستي خان بن مير حاجيءَ جو اولاد آهن.

مستي خان زئي: رندن جو پاڙو آهي.

مستي زئي: بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو. پناڻن ۾ پڻ آهن.

مِسرَ (مِشر): مِسرَ جي معنيٰ آهي بانيءُ، برهمڻ يوڄ. مسر برهمڻن جي هڪ ذات آهي.

مسڙ: جتن جو هڪ پاڙو آهي.

مسرق: سنڌ جا ملاح ۽ مهاڻا آهن. هنن کي پيسڪ پڻ چون ٿا. ڄام سمي کي عام طرح "مسرق" چوندا هئا. ڄام لاکو بن لاکيار پيريءَ ۾ ٻي شادي مسرقن (ملاح) مان ڪئي هئي، جنهن مان ڪيس انڙ، چٽو، ڏل لاکو ۽ مناهيو پٽ ڄاوا هئا. جن جي اولاد کي ماءَ جي وجهه تسميه سبب ملاحن جي اوڙڪ مان سمجهيو وڃي ٿو. سمن جي ٻجاءِ کين ملاح چون ٿا. جن مان نڪرندڙ هزارين ذاتيون ملاحن ۽ مهاڻن ۾ شمار ٿين ٿيون. جن مان پلي بن ڪاڪو نهايت مشهور آهي، جنهن کي "مسرقن" جي سرداريءَ جي پگ ٻڌل هئي.

مسڪاڻي: سما ۽ ملاح آهن.

مسند: عربي لفظ آهي، جنهن کي هندي زبان ۾ "سنگهاسن" يعني سِکَ گُرن جي گادي تي ويهڻ وارا چيو وڃي ٿو. هي جاڏٽا ڪتري آهن، سِکَ گُرن جي پاران ڌلون اوڳاڙيندڙن جي سخت هلت ڪري، گُرن جي ناراضپي سبب سنڌ ۾ ٻه پائر ۽ انهن جو اولاد آيو ۽ مذهبي پرچار لاءِ ڏرمشالا قائم ڪيائون، جن کي ذات جا "مسند" چون ٿا. عام چوٽي آهي ته هي گرونانڪ سِکَ جو اولاد آهن.

مَسَندَ: هندو آهن، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

مَسڻ: پنجاب کان لڏي آيل سرائي جت آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر الهه رکيئي ٻڌ هنن کي پنجاب کان آيل "سرائي" لکيو آهي. پنجاب ۾ هنن کي مساڻ (جاٽ) چون ٿا.

مِسڻَ: لسبيلي جي هڪ گڏيل قوم آهي، جن کي لاسي چون ٿا. هي اصل ۾ سنڌ جا سما آهن، جتان لڏي وڃي ٻيلي واري علاقي ۾ پورالي نديءَ جي ڪپ تي آباد ٿيا. هي سنڌي، بلوچي ۽ بروهي ڳالهائين ٿا. دلن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

مسواڻي: بوزدار بلوچن جي پاڙي جو نالو آهي، جتن ۾ پڻ هڪ پاڙو آهي.

مسواٹي: سمن جي ذات آهي.

مسوداني: محمد شهي بروهي قبيلي جو پاڙو آهي.

مسوداٹي: لاشاري بلوچن جو پاڙو آهي. ڪردن ۾ پڻ "مسوداٹي" آهن.

مسور: لسبيلي جي هڪ سمات ذات آهي.

مسوراٹي: جتن جي ذات آهي. شاهبندر ۾ رهن ٿا.

مسوري: هڪ بلوچ قبيلي جو پاڙو آهي. جيڪب آباد طرف رهن ٿا.

مسوزئي: سما قبيلي جو پاڙو آهي. "ابستن" جي لکڻ مطابق مسوزئي، پناڻ آهن. جيڪي اورڪزئي قبيلي مان آهن.

مسوواٹي: جمالين جو پاڙو آهي.

مسوئاٹيا: ٽري مينگهواڙن جي ذات آهي.

مُسياٹي: جهلاواني بروهين جو پاڙو آهي.

مسيداٹي: مزاري بلوچن جو قبيلو آهي. هن قبيلي جا خاص پاڙا ۽ ڦريون هن طرح آهن:
1 تکيراٹي، 2 پميراٹي (پيراٹي)، 3 پوهيتاٹي (پورهيتاٹي)، 4 جورڪين، 5 حوراٹي، 6 دورڪالي (دوڙڪاٹي)، 7 سملاٹي، 8 سوريجا، 9 شولين، 10 عيسائين، 11 گيراٹيءِ 12 مورڪاٹي.

مشائخ: بزرگن ۽ عالمن کي چون ٿا. هي سهتا آهن، جيڪي مائي راٹيءَ جو اولاد آهن. سڏوجا ۽ مشائخ پاڻ ۾ پائر ٽين.

مشائخ پوتا: درسن مان آهن. حافظ ميون اسحاق مشائق پوتو هڪ وڏو عابد زاهد هو. جنهن سان شاهه عبداللطيف پٽائي ڳوٺ ملکو دڙو جي مکتب ۾ ملاقات ڪئي هئي. (بحوالہ: مهراڻ نمبر1 سال 1990ع، ص 78).

مشتاقاٹي: جمالين جو پاڙو آهي.

مشران زئي: ڪمال زئي پناڻن جو پاڙو آهي. هي مندنر جي پٽ عثمان (عثمان زئي) جو اولاد آهن.

مُشري: ملاح ۽ مهاٹا آهن.

مُشواٹي: حسيني سيد خاندان جو پاڙو آهي. پيءَ سيد پناڻ ۽ والده ڪاڪڙ پناڻن مان هئي، شڪارپور ۾ رهن ٿا. هي آغا بہ سڏجن ٿا.

مشوري: پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي لکيو آهي تہ مشوري، بگٹين جي هڪڙي پاڙي جو نالو آهي، جنهن جا بہ قبيلا بخشواٹي ۽ جعفراٹي آهن.

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ ڄاڻائي ٿو ته "مشوري" رندن جي پاڙي جو نالو آهي.

ڪن مشورين جو چوڻ آهي ته اسان دومڪين، گاڏهين ۽ جتن مان آهيون. لاڙڪاڻي وارو مشهور "مشوري" بزرگ جت قوم مان آهي.

مشهدي: سيد اسحاق مشهدي، جام نظام الدين جي دور حڪومت 901 هجري بمطابق 1495ع ۾ سيد يعقوب مشهديءَ سان گڏجي سنڌ ۾ داخل ٿي اچي ننڍي شهر ۾ ويٺو. سندس اولاد مشهد شهر جي نسبت سان پاڻ کي "مشهدي" سڏائڻ لڳو. ان بعد ٻيا ٻه ڪيترا سيد مشهد مان لڏي اچي سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيا. هي حسَيني سيد آهن.

مصراڻي: جتوئي بلوچن جو پاڙو آهي. [illegible]

مصرزئي: بروهين جي شاهوزئي قبيلي مان آهن.

مصري: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مصرياڻي: چانڊين جو پاڙو آهي. ڪرمتين جي ٻئوا شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

مصلي: ڇهڙن جي ذات آهي. مسلمان آهن. گهڻي عبادت ڪرڻ ۽ دينداري ڪري مصلي سڏجن ٿا.

مصلي پوٺا: جاڪرن جي حسڻ پاڙي مان هڪ نندو پاڙو. محمد بن قاسم جي وقت ۾ ڪجهه عربن، جاڪرن مان شاديون ڪيون هيون. سندن اولاد پاڻ کي "مصلي پوٺا" سڏايو. انهيءَ آڏار تي جاڪرا چون ٿا ته اسان "عرب" آهيون.

مصور: منهاس راجپوتن مان آهن. هيئر ۽ ڪهوڙ پاڻ ۾ آهن.

مظفراڻي: ڪڇيءَ جي ٻنر جتوئي بلوچن جا چار پائر مظفر، حلو، فتح خان ۽ شاهد هئا. انهن مان مظفر جي اولاد ٻنهنجي ڏاڏي جي ٻنيان پاڻ کي "مظفراڻي" سڏايو.

گونگا قبيلي جي سردار "جهلو" جي هڪ پٽ جو نالو "زومڪ" هو. ان کي چار پٽ هئا. هڪ پٽ جو نالو "مدفراڻي" هو. جنهنجي اولاد پاڻ کي "مظفراڻي" چورايو. اهو ڪيڏ وڏي هڪ وڏو راڄ ٿي ويو آهي. هي لسبيلي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

معارفاڻي: ڪرمتين جي جانوري شاخ مان هڪ پاڙو.

مُعاشي: اصل ۾ سنڌ جا سمات، ماڇي ۽ مهاڻا آهن. هنن جي معاش جو ذريعو مڇي مارڻ هو. ان ڪرت جي نسبت سان ۽ خاص ان تي گذر سفر ڪرڻ سان کين "معاشي" سڏيو ويو. معاشي، اقتصاديات جو اصطلاح آهي، جنهن جو مطلب پڻ ساڳيو آهي. ذاتين جي ڪن ماهرن جو خيال آهي ته "ماڇي" ذات، معاشيءَ جو سنڌي

صوتي روپ آهي، جيڪا معاشيءَ مان ڦهي آهي. معاشي سنڌ جا مهاڀا ۽ ملاح هئا. جيڪي مڇي مارندا هئا. مڇي ۽ معاشي لفظ صدين کان وٺي انهن وٽ استعمال ٿيندي ٿيندي "ماڇي" لفظ ۾ تبديل ٿي ويو. پوءِ کن پاڻ کي "ماڇي" ۽ کن وري "معاشي" سڏايو.

معشوق پوٽا: وهٽائي، جهانيان پوٽا ۽ معشوق پوٽا، بخاري سيدن مان آهن، هنن جو وڏو شير شاهه هو.

معصومي: سيد خاندان جو پاڙو آهي. تاريخ معصوميءَ جو مصنف، جو 1551ع ڌاري سنڌ ۾ آيو هو، هن خاندان مان آهي.

مغل (مغل - مغول): فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ظالم. تاتاري ترڪن جي هڪ اعليٰ قوم، ذات، فرقو وغيره. افغاني پٺاڻن جو قبيلو، جيڪو بين پٺاڻن کان مٿانهون سمجهيو وڃي ٿو. مغل اصل ۾ ترڪستاني آهن، جن کي عام لفظن ۾ تاتاري ۽ منگول چون ٿا. دهليءَ جا شهنشاهه انهن مان هئا، جيڪي چنگيز خاني، تيموري ۽ بابري ذاتين کان مشهور هئا. ڪتاب "جنت السنڌ" ص 264 تي لکيل آهي ته يافث بن نوح عليه السلام جي وڏي پٽ جو نالو تورڪ (ترڪ) هو، هن جي چوٿين پيڙهيءَ مان الينجا خان کي تاتار ۽ مغل نالي ٻه پٽ هئا، مغل ان مغل جو اولاد آهن.

مغلن جا خاص پاڙا آهن: 1 ارغون، 2 ترخان، 3 ترڪ (ڏڏ)، 4 چغتا، 5 قزلباش، 6 ميرزا، 7 هزارا، 8 چغتائي، 9 چنگيزي، 10 براق، 11 خوجه، 12 خرد، 13 توراني، 14 برلاس، 15 ڪهار، 16 روال، 17 سيني، 18 قصر.

راءِ بهادر هتورام لکيو آهي ته "مغل"، رئيس بلوچن جو پٽ "پاڙو" آهي، جيڪي بلوچستان ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

مُغلاڻي: ڪٽوهڙن جو پاڙو آهي، مير جتن ۾ پٽ آهن.

مغل خيل: يوسف زئي پٺاڻن جو پاڙو آهي.

مغندوزئي: بروهي قوم جي بنگلزئي قبيلي مان آهن.

مُغير: بڙدين جو پاڙو آهي، جن کي هن وقت مغيري چون ٿا.

مُغيري: بڙدي بلوچن جي حاجيجا شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو آهي. هن پاڙي جو ذڪر بڙدي بلوچن جي احوال ۾ ايس - صادق عليءَ پنهنجي لکيل ڪتاب جي ص 24 جريان نمبر 6 تي ڪيو آهي. هنن جا ابتدائي سردار جعفر آباد وارا حاجيجا بڙدي، حاجي جعفر خان ۽ غلام خان حاجيجا هئا.

هڪ روايت موجب حاجيجا خاندان مان مغير ۽ بلند خان ٻه پائر هئا. مغيري ان مغير جي ٻنيان مغيري ٻڌجن ٿا. ان مغير کي روزي، خوشحال ۽ حسن نالي ٽي پٽ هئا. روزي کي وري نظر، فيروز، جاڳر ۽ ڏگار نالي پٽ هئا. اهڙيءَ طرح ان مغير جو نسل وڌيو ۽ اولاد پنهنجن وڏن ٻنيان پنهنجن پاڙن جا نالا رکيا.

جن مان ڪجھ مشھور پاڙا ھن طرح آھن: 1 بائڙزي، 2 خوشحالاڻي، 3 حسناڻي، 4 روزياڻي، 5 ساڻياڻي، 6 پيروزاڻي (سچاڻي)، 7 نظراڻي، 8 مريداڻي، 9 ويزاراڻي، 10 پيپيراڻي، 11 پنڊ، 12 جلالزئي، 13 حاجيجا، 14 رستماڻي، 15 ريھاندي، 16 زھرياڻي، 17 سراجاڻي، 18 عارباڻي، 19 فز، 20 لطيفاڻي، 21 ويداداڻي. ڪتاب "بلوچ" از م - ڪ پيڪولين ترجمو ڊاڪٽر شاھ محمد مري ص 73 تي لکيل آھي تہ "مغيري". مگسي بلوچن جي ھڪ پاڙي جو نالو آھي.

مقڙ: سما ۽ ملاح آھن.

مقصوداڻي: تالپرن جو پاڙو آھي. پٽين م پڻ "مقصوداڻي" آھن.

مقبول: ھڪ مسلمان ذات آھي.

مڪا: ٽمبا ذات مان آھن. ھي حيدرآباد، سکر، ٽرپارکر ۽ نواب شاھ م رھن ٿا.

مڪا: ملاح ۽ مھاڻا آھن.

مڪامي: شيدي قوم جي ذات آھي.

مڪراني: ھڪ بلوچ قوم آھي. مڪران م رھن ڪري کين "مڪراني" چون ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان، جامع سنڌي لغات م لکيو آھي تہ مڪراني ھڪ ذات آھي. بلوچستان ۽ سنڌ جي تاريخن م لکيل آھي تہ مڪراني، ھارون بلوچ جو اولاد آھن. جيڪي انگريزن جي ظلمن ڪري مڪران مان لڏي اچي سنڌ م آباد ٿيا. ھن وقت بہ ھي ڪراچي، سيوھڻ، ڪوٽڙي، حيدرآباد، ٽنڊي آدم، ميرپورخاص، سکر ۽ سنڌ جي ٻين شھرن م رھن ٿا.

مڪرانين م ڪافي قومن جا ماڻھو شامل آھن. جن کي مجموعي طور "مڪراني" چون ٿا. اھڙين قومن ۽ ذاتين جا ھينيان پاڙا شامل آھن. 1 امرا، 2 پيري، 3 درزاده، 4 ذگري، 5 جدگال، 6 رند، 7 سُتار، 8 ڪلڪلي، 9 ڪھُور، 10 سُماراڻي، 11 شھزادا، 12 سُپاھي، 13 غوثي، 14 گابري، 15 گمشازئي، 16 لورا، 17 نارين، 18 نقيب، 19 ڪلمتي، 20 لاشاري، 21 ھوت، 22 بَر.

مڪڙ: ميمڻن جو پاڙو آھي. (بحوالہ: مھران نمبر 4 سال 1972ع ص 128).

مڪڙا: سماڻي جت آھن، شاھبندر م رھن ٿا. منھون راڄ پگدار اٿن. ووڙا قوم ۽ مھيسرن جي ھڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "مڪڙا" آھي.

مڪڙاڻي: ڪوسن جي مٽيوال پاڙي مان ھڪ شاخ آھن.

مڪل: ھڪ مسلمان ذات آھي.

مڪواڻا: راڻوڙن مان آھن. ٽر م رھن ٿا. ڪن جو چوڻ آھي تہ ھي غير سمات م شامل آھن. جھالا ھنن جي ھڪ مکيہ شاخ آھي.

مڪوڏونگو: شيدين جي ذات آهي.

مَڪُول: سما خاندان مان آهن. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا. سندن هڪڙي ڳوٺ جو نالو مئي مڪول آهي. ڪتاب "تواريخ ديره غازي خان" ص 110 تي لکيل آهي ته "مڪول" جت آهن.

مڪوندي: شيدين جي ذات آهي.

مڪوواڻي: ڪاڪڙ پناڻن جي ذات آهي.

مڪوئا: شيدين جي ذات آهي.

مڪي/مڪئي: مڪي عرب کان آيل سيد ۽ شيخ آهن. عام طور هي "مڪي" سڏجن ٿا. هنن جو شجرو هن طرح آهي.





ھ رضوي سيدن ۽ سيد خاندان جا شجرا پڙھڻ گھرجن.

مکراڻو: مسلمان ذات آهي. ملاحن ۾ شامل آهن.

مکند: هڪ مسلمان ذات آهي.

مکَـڻاڻي: مگرين جو هڪ پاڙو.

مُـکڻاڻي: جاکرن جي منجهٺان پاڙي مان هڪ ننڍڙو پاڙو آهي.

مکڻ پوٽڑا: مگرين جو هڪ پاڙو.

مُـگرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مُـگـريا: سما خاندان مان آهن. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا." تاريخ سجاول" ۾ لکيل آهي ته "مگريا". ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مگسي: مرزا قليچ بيگ پنهنجي لکيل ڪتاب "قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" جي صفحي نمبر 321 تي لکيو آهي ته "مگسي". لاشاري بلوچن جي هڪ شاخ آهي. ڪي ماڻهو هنن کي ڪورائين ۽ عمراڻين وانگر بلوچ نٿا سمجهن. ڪتاب "بلوچ" جي مصنف م - ڪ پيڪولين ترجمو ڊاڪٽر شاهه محمد مري ص 72 تي لکيو آهي ته "مگسي". لاشار جي پٽ "ماڳ" جي نسل مان آهن. ايم - ايل - ڊيمز ڪتاب "دي بلوچ ريسس" ص 81 تي پڻ لکي تو ته "مگسي". لاشار جو اولاد آهن. سندن نالو مگس ندي ۽ تي رهڻ ڪري پيو.

تاريخ بلوچستان جي مصنف رحميداد خان مولائي شيدائي لکيو آهي ته "مگسي". قوم جا بلوچ آهن. هنن جو اباڻو وطن مگس (Magas) ايراني بلوچستان ۾ دزڪ جي ويجهو مضبوط قلعو هو. سندن رياست جهل کان غيبي ديري تائين هئي. چاندڻيا ۽ مگسي هڪ ٻئي جا ويري آهن. ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ تي سندن سرداري هئي، پر وٽن کا به رياست نه هئي. ان وقت سندن سردار احمد خان هو.

مولائي شيدائي جي تحرير مطابق مگسين جو شجرو هن طرح آهي.



پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي ۽ مشهور تاريخ نويس هيني پاٽنجر، مگسين کي "بلوچ" قوم مان ڄاڻايو آهي. تاريخ بلوچستان از راءِ بهادر هتورام سال 1907ع ۾ لکيو آهي ته "مگسي". لاشار جو اولاد آهن. جن مان مير قيصر خان مگسي، مگسي قوم جو مورث اعليٰ هو. جيڪو جهل مگسي ۽ گنداواه علاقن

جو حاڪم ۽ سردار هو. انهيءَ مگسي قوم جا باشندا سڄي سنڌ ۾ آباد آهن. جن جو شجرو هن طرح آهي



نوٽ: جام لفظ سمن (سمات) جي ذات سان استعمال ٿيندو آهي، نه ڪي بلوچن سان. نندو ۽ پوت نالا پڻ خالص سنڌي آهن، جيڪي سمن جي شجرن ۾ موجود آهن. ٿي سگهي ٿو ته سنڌ ۾ گهٽو وقت رهڻ ڪري مٿن اثر پيو هجي. ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي" سال 1979ع ص 90 ڪان 98 تي مگسي قوم جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته جهل مگسي جو نواب قيصر خان مگسي چوندو هو ته اسان سنڌ مان لڏي آيل "سمات" آهيون ۽ سنڌي ڳالهايون ٿا. پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي، مگسي قوم جا يارهن پاڙا، هينري پاٽنجر اوٽيهه پاڙا، راءِ بهادر هتورام جوڌهن پاڙا ۽ ايڇ پوٽنگر پندرهن پاڙا لکيا آهن، جن جو گڏيل سڌيل تفصيل هن طرح آهي.

1. آدماڻي
2. ابڙا - سردار قائم خان هو.
3. انڙ - سردار درياءَ خان هو.
4. بڙدي- سردار جلال خان هو.

(2-4) بمطابق هيني پاٽنجر

5. بالواڻي
6. بجيراڻي
7. بنگلاڻي
8. پوتالي
9. پوتاڻي- سردار قيصر خان جهل وارو
10. پوتياڻي
11. تربندزئي
12. جتڪي
13. جڪراڻي
14. جاگراڻي

(9-14) بمطابق هيني پاٽنجر

15. حسراني- سردار نبي بخش خان
16. راوتاڻي (راوتالي)
17. راهيجه- سردار غلام محمد. راءِ بهادر هتورام
18. زيرخاڻي
19. ساکاڻي- سردار امير بخش
20. سوپاڻي- سردار پير بخش

(19-20) رائے بهادر هتورام

21. شنباڻي- سردار موسي خان
22. شاملاڻي
23. دهلکاڻي
24. عمراڻي- ايڇ پوٽنگر جي لکڻ موجب
25. قلندراڻي- سردار نور خان هو.
26. ککراڻي
27. کاروزائي

(25-27) هيني پاٽنجر

28. عيسباڻي
29. لاشاري
30. ماڻيهي- سردار علي محمد خان هو. هينري پاٽنجر
31. موساڻي- سردار ڪريم خان هو.
32. محمداڻي
33. مغيري ايڇ پوٽنگر جي لکڻ موجب
34. ناري هينري پاٽنجر
35. نناڻي- سردار درڪ خان، راءِ بهادر هتورام
36. جلالاڻي هينري پاٽنجر
37. ڪوسا- سردار مالڪ خان، راءِ بهادر هتورام
38. هسرالي پروفيسر غلام حيدر ٻرڙو
39. هيسباڻي (هسپاڻي) - سردار علي مراد خان، راءِ بهادر هتورام.
40. ٽنگاڻي
41. لونگاڻي
42. ڇاماڻي
43. سایاڻي

نوٽ: مگسي ۽ منگسي ٻہ جدا جدا ذاتيون آهن. مگسي بلوچ، لاشار جو اولاد آهن ۽ منگسي، ملاح آهن، جيڪي ڏيري جي پيڙهيءَ مان مانگل ملاح جو اولاد آهن. اهي ٻئي ذاتيون جامع سنڌي لغات ۾ لکيل آهن، ليڪن "منگسي" ذات (ص 2707) جي ڪا وضاحت ڪانهي. تفصيل لاءِ "منگسي" ذات ڏسڻ گهرجي.

مگي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. لاڑڪاڻي ضلعي ۾ رهن ٿا.

مگيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مگهو ڪتري: هندن جي ذات آهي. حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

مگهيانا: پنجاب کان آيل "سيال" آهن.

مُگ ٽرپوٽا: جاکرن جي حُسڻ پاڙي مان هڪ ننڍو پاڙو.

مُگر: سمن جي ذات آهي.

مگريا: سمن جي ذات آهي. هي سنڌ جي پاٽين ۽ آبڙ مان آهن. "ٽاڊ" هنن کي گهلوٽن مان ڇاڻايو آهي.

سندس راءِ ڪمزور آهي. حقيقت ۾ مگريا جيسلمير جي پٽي راجپوت حڪمران گهراڻي جي مگر راءِ پٽ بجيراءِ جو اولاد آهن. مگراءِ کي مسلمان درويش جي دعا سان پٽ ڄائو. جنهن جي اولاد پاڻ کي مگراءِ جي نسبت سان "مگريا" چوايو. محمد بن قاسم جي فتح کان پوءِ هن گهراڻي مان "رمل جي راءِ" پنهنجي ڪيڙ سميت اسلام قبول ڪيو. هڪ تاريخي تحقيق موجب مگرين جو شجرو هن طرح آهي:



هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. آسڪون 2. پيڳا 3. پٽپار 4. تُـٽا 5. پاتو 6. پيـرزادا 7. پونئرا 8. تُـرڪا

9. پُورا 10. جمناڻي 11. جوڏا 12. جوڻا 13. جهوجها 14. چنڙ 15. چيٽا 16. چُٽڙ 17. ڏيرا 18. روهڙ 19. رامڪا 20. رتا 21. سارنگ 22. ساڌ 23. سڪا 24. سانورا 25. سوجا 26. سومرا 27. سگر 28. سوم 29. حسڻ 30. طلاقيا 31. ڪڙ ڏهه 32. ڪُلا 33. ڪيتا 34. ڪينرا 35. ڪنيو 36. ڪدر 37. گانگا 38. گر راج 39. گهيڙا 40. لعل 41. لاڳري 42. ملهيا 43. مرڪيا 44. مڪڻاڻي 45. مکڻ پوڙا 46. موساپوڙا (موسي پوڙا) 47. ڏارا 48. وريا 49. وڏڻ 50. وسڻ 51. وڪيا درس 52. وڪيي پوڙا 53. ويرم پوتا ۽ 54. هاروڏرس.

مگڻ: لفظ جي معنيٰ آهي، پنڻ، ڳنهڻ، سدا هڻڻ، سوال ڪرڻ وغيره. هي هڪ سماڻ مسلمان ذات آهي، جن جو واسطو سهتن سان آهي. تاريخن ۾ لکيل آهي تہ راجا موڙا سنگهه کي ست پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "مگڻ" هو، جنهن جي اولاد پاڻ کي مگڻ ۽ مگڻيجا سڏايو. مگڻ کي پنهنجي پيءُ جاگير عطيي طور ڏني هئي. وڌيڪ لاءِ شورن، سهتن ۽ اچڻ جو احوال پڙهڻ گهرجي. سيالن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "مگڻ" آهي. هي نوشهري ضلعي ۾ رهن ٿا.

مگڻا پوڙا: سهتن جو هڪ پاڙو.

مگڻاڻي: لغارين جو هڪ پاڙو آهي.

مگڻهار: جي معنيٰ آهي، گهر ڪندڙ، پنڻ، ڳنهڻ، سدا هڻڻ، سوال ڪرڻ وغيره. اصطلاحي معنيٰ ۾ شادين مرادين ۽ خوشيءَ جي موقعن تي دهل وڄائي ڳائي گهور ۽ لاڳ ونڻ وارا فقير. مگڻهار هڪ سماڻ ذات آهي، جن کي دهلاري ۽ سما بہ چون ٿا. پنجاب ۾ ميراثي ۽ جهتا سڏجن ٿا. مگڻهارن جا خاص پاڙا آهن: 1. بيد 2. ٻُهدر 3. پڙيا 4. جيسنا 5. دونيا 6. ڏگا 7. ڏيڏڙا 8. سورهيا 9. سونليا 10. سيڏر 11. ڪانڙيجا 12. ڪاريٽ 13. ڪارونيار 14. ڪالتيرا 15. ڪاڙيرا 16. گُٽسار 18. گيسورا 18. گهيلا 19. لاتر 20. وارٽا ۽ 21. والهيرا.

بيت: موتي مگڻهارا شال ۾ اچين ڪڏهين !
اٽ ئي پهر اجل جو، ڪنيو منجهه ڪپار،
جہ تو سپ جمار، هنيا چٽ پٽن سين.

مگڻيپوٽا: مگڻ جي اولاد مان آهن. هي هڪ سماڻ ذات آهي، جن جو واسطو سهتن سان آهي. جاکري جي اولاد مان پڻ مگڻيپوٽا آهن، جن جو شجرو هن طرح آهي.



مگٹيجا: راجا موڙا سنگهه جي پٽ "مگڻ" جي اولاد مان آهن. هي سمات ذات آهي. جن جو واسطو سهتا قبيلي سان آهي. هي پني وندیون وٹندا هٹا. جنهن ڪري کين وندير يا وندیا بہ چون ٹا. هنن جو چگو مڙس چام آهيو هو. جنهن هگورجا ڳوٹ ۾ (تعلقو گمبٹ) هڪ عاليشان مسجد تعمير ڪرائي هئي. جيڪا اڄ بہ موجود آهي. روايتن ۾ آهي تہ مگٹيجا ۽ مگٹيپوتا. مگڻ بن جاکرو جو اولاد آهن. وڌيڪ لاءِ مگٹيپوتن جو شجرو ڏسڻ گهرجي.

مگيا: هڪ سمات ذات آهي. لسبيلي ۾ رهن ٹا.

مگيجا: هڪ سمات مسلمان ذات آهي.

ملا: ڪوسن جي مٹيوال پاڙي جي شاخ آهن. (بحوالہ: جنب گذاريم جن سين ص 408) سهتن ۾ پٽ "ملا" پاڙو آهي.

ملاٹا: سماٹي جت آهن.

ملاح: عربي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. ناکئو. بيڙي هلائڻ وارو. بيڙياتو وغيره. محاوراً ۽ اصطلاحاً ملاح. ميربحر. مهاٹا ۽ گندرا هڪ ئي قوم آهي. وڌيڪ تفصيل لفظ "ميربحر" ۾ پڙهڻ گهرجي.

بيت: مـلاح ! تنهنجي مڪڙيءَ، اڇي چور چڙهيـا،
معلم ماڳ نہ اڳـئين، "ڦلنگي" منجهہ ڦـريا.

ملاڻاڻي: ملاحن، مهاڻن ۽ جاکرن جو پاڙو آهي. (بحوالہ: تاريخ سجاول).

مـلاڙئي: خرشيون پناڻن جو پاڙو آهي." تاريخ بلوچستان" ۾ لکيل آهي تہ مير احمد خان دوم جي زماني ۾ ملا صالح ۽ ملا شهداد ٻئي ڀائر (بروهي)، ملا جا پٽ شيراز مان لڏي اچي بلوچستان ۾ وينا، جن ڀاڻ کي والد جي نالي پٺيان "ملاڙئي" سڏايو. هنن کي "آخوند زئي" بہ چون ٿا. ڪن جو چوڻ آهي تہ نماز پڙهائڻ جي نسبت سان "ملاڙئي" سڏجن ٿا.

ملانا (ملاڻي): پنجاب کان آيل "سيال" آهن. برلاس مغلن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ.

ملان فقير: سمن ۽ سماٽي جتن جي هڪ ذات.

ملاڻا: تيبو بن انڙ بن سمون کي ڏهہ پٽ هئا، جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "ملڻ" هو، جنهن پٺيان سندس اولاد "ملاڻا" (ملاح ۽ سما) سڏجن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر الهہ رکئي پٽ، ملاڻن کي "جت" لکيو آهي. 1911ع ۽ 1931ع واري آدمشماريءَ ۾ کين "جت" لکيو ويو آهي.

مـلاڻي: ملاحن ۽ پلين جو پاڙو آهي، هندن ۾ پڻ "ملاڻي" آهن. آرائين مسلمانن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ملاڻي" آهي.

مـلاڻي: برڙن جو پاڙو آهي. ڪرمتين جي مهيري شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

ملباري: ملبار کان لڏي آيل مسلمان ذات آهي.

ملخاڻي: لغارين جو پاڙو آهي.

ملشيري: شيدين جو پاڙو آهي. ننڍي شهر ۾ رهن ٿا.

ملغاڻي: عمراڻي رند بلوچن مان آهن.

مـلـڪ: لفظ جي معنيٰ آهي فرشتو. اصطلاحي معنيٰ ڇگو مڙس، بادشاهہ، سردار ۽ راڄ کي سنڀالينڌڙ. محمود غزنويءَ جي حڪومت کان وٺي دهلي جي سلطانن جي زماني تائين "ملڪ" وڏو فوجي عهدو هو. فقط امير جو عهدو مَلَڪ کان مٿي هو. فوجي زندگيءَ کي خيرباد چوڻ کان پوءِ ملڪ جو اوج ۽ اقبال ختم ٿي ويو. هڪ روايت موجب ڀاڻ سڳورن، قيص بن عبدالرشيد کي "ملڪ" جو لقب ڏنو هو. بني اسرائيل جي هڪڙي بادشاهہ طالوت جو لقب بہ "مَلَڪ" هو. جيئن تہ پناڻ، ملڪ طالوت جو اولاد آهن، ان ڪري پناڻ ڀاڻ کي "ملڪ" چوائين ٿا.

ملڪ هڪ مسلمان سماٽ ذات آهي، چانديا، ڪلهوڙا، عباسي، برفت ۽ پنجابي بہ ڀاڻ کي "ملڪ"

چوائين تا. ايس صادق علي جي لکڻ موجب "ملک" سمن ۽ خاصخيلين جي پاڙن جو نالو آهي. ميرپور ماٿيلي وارا مَلَک پاڻ کي ذات جا ملک چوائين تا. ملکن جا خاص پاڙا آهن: 1 آهيري، 2 چوڌري، 3 حبشي، 4 روها، 5 ريڻي، 6 سڃڻ پوتا، 7 سيلرا، 8 شيدي، 9 لالائي، 10 مرهٽا، 11 ملک. ملک اسد سکندر وارا برفت قبيلي مان آهن، ملک سندن لقب آهي.

ملکال: اعواڻن جو هڪ پاڙو. هي مالک خان جو اولاد آهن. جن جو نسب قطب شاهه مان آهي.

ملکاڻي: سنڌ جا پراڻا سماڻي "جت" ۽ بلوچستان کان آيل جت بلوچ آهن، جيکي اکثر ڪري راڄ ملک جي نالي سان مشهور آهن. جن مان ضلعي نٽي جي جاتي شهر ۽ شاهبندر واري علاقي مان ملک فريد خان ملکاڻي نهايت مشهور شخصيت هو. هنن کي راڏاڻي ۽ لاکاڻي جت پڻ چون تا. هنن ملکاڻين جو چوڻ آهي تہ اسان ڪرمتي خاندان مان آهيون.

ملکاڻي جت، دادو ۾ پڻ رهن تا. جکراڻين، لاشارين ۽ هندن ۾ پڻ "ملکاڻي" پاڙو آهي. جي ايم سيد پنهنجي لکيل ڪتاب، "جنب گذاريم جن سين" نمبر 1 ص 100 تي لکي ٿو تہ اهي جت اصل ۾ آريا نسل مان آهن. اڳتي ص 111 تي لکي ٿو تہ ملک فريد خان ولد چٽا خان منهنجو دوست هو، جيکو جت بلوچ هو. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. الهبنداڻي 2. ببراڻي 3. حملاڻي 4. علي محمداڻي 5. محمداڻي ۽ 6. هديہ.

ملکاهه: هينري پاٽنجر ڪتاب "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ۽ سفر" ۾ لکي ٿو تہ "ملکاهه"، نهري بلوچن جو پاڙو آهي، جنهن جو سردار عيسيٰ خان هو. م . ڪ پيڪولين ڪتاب "بلوچ" ۾ هنن جو نالو "مالکي" لکيو آهي.

ملک دين: آفريدي پٺاڻن جي قبيلي جي هڪ شاخ آهي.

ملک دين خيل: آفريدي پٺاڻن جي قبيلي جو نالو آهي، هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1 عمر خيل، 2 ڪالا ڪرمانہ خيل ۽ 3 گلاب خيل.

ملک راڄ: جاتيءَ وارن جتن جي چگي مڙس کي ملک راڄ (ملکاڻي) چون تا. اکثر اونار جت هن جو راڄ آهن، جن ۾ ڪرمتي جت، جيئنداڻي، عمراڻي، چاڪراڻي، منگهاڻي، زهري، مموساڻي، بلالاڻي، مهيري، ڏڏکاڻي، بهلاڻي، عيسباڻي، دبائي ۽ لالائي جت شامل آهن.

ملک زاده: پناڻن جي هڪ تمن جو نالو آهي، جاتي ۾ رهندڙ جتن جو هڪ پاڙو.

ملک زئي: مندنر پناڻن جي رزر شاخ جو پاڙو آهي.

ملکياڻي: مهيرين جو هڪ پاڙو.

ملگاڻي: پنجاب کان آيل "سيال" آهن.

ملنگ: هڪ مسلمان سماڻ ذات. هنن کي "ملنگهه" ۾ چون ٿا.

ملنگاڻي: عمراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

ملنگول: سيوهڻ شهر جي هڪ پراڻي ذات آهي. هن وقت نظر ڪونہ ٿا اچن.

ملنهاس: هڪ غير سماڻ ذات آهي. ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

مَلڻ: سهتن جي هڪ ذات.

مُلڻ: سمن ۽ ڪيرين جو هڪ پاڙو.

مَلڻ فرش: سمن ۽ ڪيرين مان آهن.

ملواڻا (ملوانا): راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو. هي مسلمان آهن.

مَلوجَا (ملوجا): پنهورن جو هڪ پاڙو.

مَلوخاڻي: رندن ۽ جتن جو هڪ پاڙو.

مَلوڪاڻي: جمالين ۽ پَيَن جو هڪ پاڙو. نٽي ضلعي ۾ ٺهيل ۽ ڪرمتي گبول وينا آهن. انهن ۾ پڻ "ملوڪاڻي" پاڙو آهي.

ملوڪ شاهي: اعوائن جو هڪ پاڙو. هي حافظ ملوڪ شاهه جو اولاد ٽين.

ملهار: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ملهاڻ (ملهاڻي): ڪلهوڙن جو هڪ پاڙو. سکر. نواب شاهه ۽ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

ملَهاڻا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مَلَهاڻي: ڪلهوڙن مان آهن.

مَلَهر پوتا: سمنُ جو هڪ پاڙو.

مَلهڙ: مهيشوري هندن جي هڪ شاخ.

ملهڻ: هڪ مسلمان سماڻ ذات. سهتن سان لاڳاپيل آهن.

ملهواڻي: ڪوسن جي سلمن پاڙي جي شاخ آهن. ڪرمتين جي لجيرا شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

ملهوترا: هندو ڪترين جي هڪ نک ڪن هنڌن تي هي "مهرا" ۾ سڏجن ٿا. هي پنهنجي نالي اڳيان "ملڪ" لڳائين ٿا.

ملهوغاڻي: ڪرمتين جي ٻئوا شاخ مان هڪ پاڙو.

ملهي: جٽ راجپوتن جي هڪ ذات.

ملهيٽا: سمن جو پاڙو آهي.

ملهيپوٽا: سمن جو هڪ پاڙو.

ملهيراڻي: مسلمانن جي ذات آهي. خيرپورميرس ۾ رهن ٿا.

ملي: هندن جي ذات آهي. حيدرآباد ۽ ٺر ۾ رهن ٿا.

مَـليا: مگرين جو هڪ پاڙو.

مليار: سرائي جتن ۽ آرائين جو هڪ پاڙو.

مليال: اعوانن جو هڪ پاڙو. هي مَـلان بن جيل اعوانَ جو اولاد آهن.

مليانا: لـباڻن جو پاڙو آهي.

مليانڻي: جسڪاڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

مليپوٽا: سمن جي هڪ ذات.

مليراڻي: ڪرمتين جي بگهياڙ شاخ مان هڪ پاڙو.

مليزئي: يوسف زئي پٺاڻن جو هڪ پاڙو. دولت زئي، چغرزئي ۽ نورازئي پڻ هنن مان آهن. احمد يارخان ۽ شير محمد خان هنن جا مشهور جنگجو هئا.

مليندڙيا: ٺري مينگهواڻن جي هڪ ذات.

مماڻي: پنهورن جو هڪ پاڙو.

ممبائي: بمبئي کان آيل ميمڻن جو هڪ پاڙو.

ممبراڻي: هڪ مسلمان ذات. در حقيقت هي ڪرمتين جي لڇيرا شاخ مان آهن.

ممداڻي: ضلعي نوشهري فيروز ۾ جوڪين جي هڪ پاڙي جو نالو "ممداڻي" آهي. ممداڻي جسڪاڻي رندن ۾ پڻ آهن. سندن شجرو هن طرح آهي.



(بحوالہ: کتاب "بلوچ قوم اور اس کي تاريخ" ص 348).

ممدوت: پنجاب کان آيل هڪ جٽ راجپوت ذات.

ممدياڻي: پرڻن جو هڪ پاڙو. عليائي ۽ ممدياڻي پاڻ ۾ پاڻ ۾ ڏين.

ممر: سما قبيلي جو هڪ پاڙو. کيرارن ۾ پڻ "ممر" آهن.

ممڙ: سرائي قوم (سيال) مان آهن. اتر سنڌ ۾ رهن ٿا. ڪاڪڙ پٺاڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ممڙ" آهي. ضلعي نوشهري فيروز ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو "ممڙ" آهي. جنهن ۾ درويش پوٽا رهن ٿا. ان رهائشي ماڻهن کي ڳوٺ جي نالي پٺيان پڻ ذات جا "ممڙ" چون ٿا.

ممڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مَمَڻ: سنڌيا ذات جو هڪ پاڙو. هنن کي ممڻ پوري پڻ چون ٿا.

ممٽائي: هڪ مسلمان سمات ذات جو پاڙو. لاڙڪاڻي طرف رهن ٿا.

مموسائي: اونار جٽن جو هڪ پاڙو. ملڪ راج جي پڳ هيٺ آهن.

مَمَيالي: سواتي پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

مَميائي: ٽيپن جو هڪ پاڙو.

مَن: نهري بلوچن جو هڪ پاڙو. جن کي "مينگهه" ۽ "مند" به چون ٿا. هي بلوچستان ۾ رهن ٿا. ڪٿي شهر جي ميمڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "من" آهي.

مَن: سولنگي راجپوتن جي هڪ ذات.

مَناري: گولن جي هڪ پاڙي جو نالو.

مناڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

منائي: مير حسين بن هوت بن مير جلال خان جي اولاد کي منائي (چانديا) چون ٿا.

مناهجا: سمن جو هڪ پاڙو.

مناهوجا: سما خاندان جو هڪ پاڙو.

مناهي: سما خاندان مان آهن. مناهي، سمون جو پٽ هو. ان پٺيان ذات جا "مناهي" سڏجن ٿا. هي سمجا ڪل مان آهن.

مناهيا: مناهي بن سمون بن رائڊن کي ڇهه پٽ هئا. انهن مان هڪڙي پٽ جو نالو "مناهيا" هو. جنهن جي اولاد پڻ کي ذات جا "مناهيا" سڏايو. هي سميجا راج ۾ شامل آهن.

مَناهيجا: سميجا ۽ ساريا ڪل مان آهن. مناهيجا. مناهي بن سمون بن رائڊن جو اولاد آهن.

مناهين: جتن جي هڪ پاڙي جو نالو. جيڪي شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جا مريد هئا. هي ڪورواهه ڪان 15 ميل ڏکڻ اوپر طرف ڳوٺ مناهيجي (مناهين) ۾ وينا آهن. دلن جو پڻ هڪ پاڙو.

منائي: سيدن جو هڪ پاڙو. ترائي ۾ رهن ٿا.

منڌو: جٽ راجپوتن جي هڪ ذات.

منڌاراڻي: ڪرمتين جي جماري شاخ مان هڪ پاڙو.

مُنج: پٺي راجپوت نسل مان آهن. هنن جو وڏو سيالڪوٽ جو راجا "رسالو منج" هو. سندس اولاد پاڻ کي ان نسبت سان "منج" سڏايو. علاؤالدين خلجي جي زماني ۾ اچ جي مخدوم شاهه جهانيان (وفات 1383ع) جي هٿ تي مسلمان ٿيا. هنن جو اصل وطن جالنڌر ۾ "غوريواها" هو.

منجا: سما ۽ ملاح آهن.

منجواڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مَنجها: جاکري جي پٽ منجهونءَ جو اولاد آهن.

مُنجهاڻي: جکراڻي بلوچن جو پاڙو آهي.

مَنجهو: ابڙن، ملاحن ۽ جٽن جو هڪ پاڙو. سيوهڻ ۽ جيڪب آباد ۾ رهن ٿا. منجهو ابڙن جي بن پاڙن جو نالو ککراڻي ۽ حسناڻي آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب منجهو، جاکري جي پٽ منجهونءَ جي اولاد مان آهن، جيڪي منجهئان، منجها ۽ منجهواڻي پڻ سڏجن ٿا.

منجهواڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن، جاکرن ۾ پڻ آهن.

منجهئان: جاکري جي پنجن پٽن مان هڪ پٽ جو نالو "منجهون" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي ذات (پاڙو) جا منجهئان سڏايو. هن پاڙي جون خاص قريون آهن: الله ناڻي، بجار پوٽا، بيگ پوٽا، بُلڪ پوٽا، تماچياڻي، تماچي پوٽا، خاکوڻاڻي، درياه خاناڻي، درّيا، ڏيوڙاڻي، راولاڻي، زيد پوٽا، سکيي پوٽا، لال خاناڻي، لڏاڻي، مريپوٽا، مُکٽاڻي، ميرواڻي، مينهن وساڻي، نانگراڻي، هلي پوٽا ۽ هوٽياڻي.

منچندیا: آڏواڻي هندن جي هڪ نک. هن نک مان اجواڻي، پاوناڻي، جگتياڻي، گدواڻي ۽ موٽواڻي نهايت مشهور آکهون آهن، جن کي اروڙ ونسي بہ چون ٿا.

منچورا: قائم خاني چوهاڻ راجپوتن جي هڪ ذات.

منچرا: منچر ڍنڍ جا ملاح ۽ مهاڻا آهن.

منچري: منچر جا وينل ملاح ۽ مهاڻا آهن.

منچوري: منچر ڏنڊ جا وينل ملاح ۽ مهاڻا آهن.

منداخيل: عيسيٰ زئي (يوسف زئي) پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

منداڙاڙي: جامع سنڌي لغات ۾ لکيل آهي ته "منداڙاڙي" هڪ بروهي قبيلو آهي.

منداڙئي: ڪيراني پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

مُنداڻي: پيڇوهن ۽ ڇهڙن (ٻالا) جي پاڙي جو نالو آهي. جاتي ۾ وينل جتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "منداڻي" آهي. جتن جو وڏو مير عمر هو. هن کي ٽي پٽ ونگو. جسو ۽ مندو هئا. مندي جو اولاد "منداڻي" آهن. هي ننڍيارن جو راڄ آهي. ونگائي جتن ۾ پڻ آهن. ڪرمتين جي ڳورائي شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

مُنداڻي: ڪلوڙن مان آهن.

منداهار: هي رامچند جي پٽ "لاوا" جي نسل مان راجپوت آهن.

منداڻي: چانديين مان آهن.

مُندَرَ: سمن ۽ ڪرمتي جت بلوچن جي هڪ ذات.

مندرا: سماٽي جت آهن.

مندراڻي: لغارين جو هڪ پاڙو.

مَندراڻي: بگٽين جي ڦونگ شاخ مان هڪ پاڙو. جسڪاڻي رندن. جمالين. ڪوسن ۽ چانديين ۾ پڻ "مندراڻي" پاڙو آهي.

ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" ص 44 تي لکيل آهي ته "گونگن" جي هڪڙي پاڙي جو نالو "مندراڻي" آهي. هي سمات آهن ۽ لسٻيلي ۾ رهن ٿا.

مندڙاڻي: ميرجتن جو هڪ پاڙو.

مندنر: ڪابلي پٺاڻن جو هڪ قبيلو. تمان زئي، رزر، سدوزئي ۽ عثمان زئي هن جون شاخون آهن. شاخن جو چارٽ هن طرح آهي.

مندنر ڪابلي پٺاڻ



منڊواڻي: رندن ۽ لغارين جو هڪ پاڙو. بروهي قوم جي بنگلزئي قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو ۽ "منڊواڻي" آهي.

منڊوزئي: ڪاڪڙ پٺاڻن ۽ بابرج پٺاڻن جي هڪ پاڙي جو نالو. شنواري پٺاڻن ۾ پڻ "منڊوزئي" آهن.

منڊوس: دلن جو هڪ پاڙو.

منڊوساڻي: ميرجتن جو هڪ پاڙو.

منڊي: هڪ مسلمان ذات.

منڊي زئي: تور پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

منڈاڻ: هندن جي هڪ ذات.

منڈر: قائمخاني ۽ لال خاني ڇوهاڻن جي هڪ ذات.

مَنڈرا: مالهيا قوم مان سنڌ جا سما آهن. جيڪي لاڑ ۽ بدين جي ڏکڻ طرف رهن ٿا. هنن مان تاجن منڈرو ينهنجي قبيلي جو سردار هو ۽ منڊر واري علاقي جو حاڪم هو. جنهن کي ميان نور محمد ڪلهوڑي قتل ڪرائي حڪومت تي قبضو ڪيو هو. راڊن منڊرو ٻـ حاڪم هو. جنهنجي نالي سان راڊن منڊري جو ڪوٽ مشهور هو. مخدوم عبدالله منڊرو هن قبيلي مان هڪ وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. جيڪو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو مشهور شاگرد هو. جنهن هڪ ڪتاب "ڪنزالعبرت" لکيو هو.

"تحفتة الڪرام" ۽ ايس - صادق عليءِ جي لکڻ موجب "منڊرا". راڊن جي پٽ مناهيو ۽ ڪوريا مان آهن. هڪ تاريخي حوالي موجب "منڊرا". ملاح ۽ مهاڻا آهن. (بحوالہ: تاريخ سجاول ص 345).

مُنڈراڻي: گبول بلوچن جو هڪ پاڙو.

منڈو: هندو ڪترين جو هڪ پاڙو.

مُنڈيار: ڪرمتي جٽ بلوچن جو هڪ پاڙو.

منڈير: هڪ سماڻ ذات. لاشاري بلوچن جو هڪ مکيہ قبيلو. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1. ينايائي 2. حمراڻي 3. سلطاناڻي 4. سائيناڻي 5. شنباڻي 6. عليائي 7. ڪڪائي 8. گلاڻي 9. موريائي 10. موساڻي 11. ولاساڻي ۽ 12. هالاڻي

منڈيئر: هڪ بلوچ قبيلو. مشهور شاعر ملهار فقير هنن مان هو.

مُنڊا: سما ۽ ملاح آهن. آراڻين ۾ پڻ مُنڊا پاڙو آهي

مندرا: هڪ راجپوت ذات.

منداڻي: سنڌيا ذات جو هڪ پاڙو. ٽنڈي محمد خان ۾ رهن ٿا.

منڊڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن (بحوالہ: تاريخ سجاول).

منڊورا: هي هندستان کان آيل هڪ خانہ بدوش قبيلو آهي. شايد آفريڪا جا حبشي آهن. سندن وار گهنديدار ۽ رنگ جو ڪارا آهن.

منڊي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

منڊيال: گوڙ راجپوتن جو هڪ پاڙو.

مُنراني: ڪچ ۽ پڇ کان آيل ميمڻن جو هڪ پاڙو.

منسڪاڻي: هندن جي هڪ ذات. ڪنگهر نڪ مان ٽڏائي هندو آهن. جن مان هڪ مرد جو نالو "منسڪداس" هو. سندس اولاد پان کي "منسڪاڻي" سڏايو. هي بہ اصل ۾ اروڙ ونسي آهن. جيڪي ملتان کان ٽيندا سيوهڻ پهتا ۽ اتان اچي حيدرآباد ۾ وينا. شوداساڻي هنن جا سوت ٿين.

منشياڻي: آڏواڻي هندن جو هڪ پاڙو. هي منشي وليرام ۽ ديوان هردرام جو اولاد آهن. منشي وليرام، مير نصير خان جو وزيراعظم هو. نالو منشي هڻڻ ڪري سندس اولاد پان کي "منشياڻي" سڏايو.

منصور: هي هزاروي جدون آهن.

منصورزئي: خرشيون پٺاڻن ۽ توخي پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

منصوري: منصور صحابي جو اولاد (عرب) آهن. جيڪو ڪيڻ ٽاڻن جو ڪم ڪندو هو. سڌ ۾ هنن کي پچارا پڻ چون ٿا.

منعاڻي: متعلوي/منياروي سيدن جو پاڙو آهي. هي ٽکڙ ۾ رهن ٿا. جيڪي سيد ڪمال بن سيد محمود بن سيد جلال عرف جراڙ جو اولاد آهن.

منڪاڻي: گورچاڻي بلوچن جي شيخاڻي شاخ جو هڪ پاڙو.

منگالاڻي: مزاري بلوچن جي رستماڻي شاخ جو هڪ پاڙو.

منگاڻي: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو (بحوالہ: تاريخ سجاول).

منگت: شودر شڪارين مان نوان مسلمان ٿيل آهن. هن وقت ماڇي ۽ مهاڻا سڏ

منگر: سما آهن. جيڪي جادم جو اولاد آهن.

منگراٽا: سمن جي هڪ ذات.

منگراڻي: سمن جي هڪ ذات. هي آبڙ ۾ شمار ٿين ٿا.

مـنگراڻي: غزيني مرين جو هڪ پاڙو.

مَـنگراڻي: سمن ۽ گهنين جو هڪ پاڙو. ملاحن ۾ پڻ "منگراڻي" آهن.

مـنگراهـ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

منگر پوٽا: جاکرن جي حُسڻ پاڙي جي هڪ شاخ.

منگريا: سمن جي هڪ ذات.

منگريچا: قائمخاني چوهان راجپوتن جي هڪ ذات.

مَـنگڙا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

منگڙيچا: هڪ سمات ذات.

منگسي: چوٿي آهي تہ ڏيري پوٽو ڏاهـ. مانگل ڄائو منگسي. سمات ذاتين تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ٽيبو بن انڙ کي ڏهـ پٽ هـئـا: 1 پنيرو. 2 پاڻوجو. 3 سنگراسي. 4 ڪيريو. 5 راڄپر. 6 انـڙ. 7 ٽيـبـو. 8 ملڻ. 9 دل. 10 مـنـگـسي. منگـسي انـهـي منگسي بن ٽيبو جو اولاد آهن. جيڪي ملاحن ۽ مهاڻن ۾ شامل آهن.

"گاجرا لغات" ۾ لکيل آهي تہ "مانگ" ملاحن ۽ مهاڻن جي ذات آهي. حسبي ۽ نسبي سلسلي موجب ساند. پلي. انڙ. سمون پاڻ ۾ آهن. انهن جو اولاد ڏيرو ۽ ٽيبو سوٽي سوٽ ٽين. ڏاهـ ٻار (ڏهـ) جو نالو آهي. مانگل مهاڻي عورت آهي. جنهن پنڌيان چوٿي نهي آهي تہ ڏيريپوٽو ڏاهـ. مانگل ڄائو منگسي. ڏاهـ مان ڏهن جو تعداد بہ ملي ٿو. ان حساب موجب ٽيبي کي ڏهـ پٽ هئا. جن مان هڪڙو "منگسي" هو. جنهن پنڌيان منگسي ذات سڏجي ٿي.



عام طرح سان ڏڻو ويندو آهي تہ "مگسي" بلوچ نہ آهن. اهڙن ماڻهن کي ڏهن نشين ڪرائجي ٿو تہ مگسي لاشار بلوچ جو اولاد آهن ۽ بلوچ آهن. جڏهن تہ منگسي سمات ذات آهي. جيڪا سمن ۽ ملاحن مان آهي. ان ڪري بنهي ذاتين يا قبيلن ۾ فرق سمجهڻ نهايت ضروري آهي ۽ بنهي ذاتين جو احوال پڙهڻ بہ ضروري آهي.

منگل: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سمات سڏجن ٿا. هڪ ٻي روايت موجب مغلن ۽ هندن جي مخلوط نسل مان ڪنيت هندو آهن. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "منگل" آهي.

منگلا: سمات ذات آهي. سرائڪي زبان ڳالهائين ٿا. خيرپور ضلعي ۾ رپڙي ڳوٺ ۽ نو راجا سيدن جي ڳوٺ ۾ رهن ٿا.

منگلاڻي: هندن جي هڪ ذات.

منگلجا: سما ۽ مهاڻا آهن.

مَنگليا: مينگهواڙن جي هڪ ذات، ٽر ۾ رهندڙ.

مُنگليا: هندو راجپوتن جي هڪ ذات.

منگن: سما ۽ ملاح آهن. لاڙڪاڻي ۾ رهن ٿا.

منگو: سما ۽ ملاح آهن. نواب شاهہ ۾ رهن ٿا.

منگوال: راڻي هندن جو هڪ پاڙو. اصل ۾ ڪانگڙا علاقي جا آهن.

منگواڻا: "تاريخ مظهر شاهجهاني" ۽ ڪتاب "سمات" جي اڀياس مطابق "منگواڻا". ساريا ۽ سميجا ڪل مان آهن. جيڪي سما ۽ ملاح آهن. بُـرڙا ملاح آهن. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "منگواڻو" آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ انڙ بن سمون کي 28 پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "منگواڻو" هو. منگواڻا ان منگواڻي جو اولاد آهن. جن جو شجرو هن طرح آهي.

لاکيار (لاکير)
|
چام لاکو (زال گندري)
|
انڙ
|
لاکو
|
سمون



وڌيڪ تفصيل لاءِ سمن ۽ انڙن جو احوال ۽ شجرو پڑهڻ گهرجن.

منگواڻي: دريشڪ بلوچن جو هڪ پاڙو.

مَـنگـورا: هڪ راجپوت ذات.

منگوزئي: دهوار بروهين جو هڪ پاڙو.

منگول: تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ سيوهڻ شهر جي هڪ غير سماٽ قديم قوم هئي.

منگي: بني تميم جي اولاد "تهيم" مان آهن. ان ڪري هي عرب آهن. ايس صادق عليءَ عربن جي ذڪر ۾ منگي ذات وارن کي پڻ تهيم قبيلي مان ڏيکاريو آهي. هي محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ شامل هئا. سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ۾ رهجي ويا ۽ آباد ٿي وينا. هي ڊاڪٽرن وانگر جراح هئا. 1025ع ۾ سنڌ تي سلطان محمود غزنويءَ قبضو ڪيو. ان کان پوءِ هنن جراحيءَ جو ڪم ڇڏي حجامت جو ڌنڌو اختيار ڪيو. ان بعد هي حجام سڏجڻ لڳا.

ڄاموٽ حاجي خان چاچڙ، ماهوار رسالي پالوٽ، سيپٽمبر 2000ع جي پرچي ۾ لکيو آهي ته تهيم ۽ منگي خالص سنڌي ذاتيون آهن ۽ هي عرب نه آهن. آڻون پاڻ ڄاموٽ صاحب جي راءِ سان اتفاق ڪيان ٿو ته منگي ۽ تهيم سنڌي نسل مان آهن.

مُنگيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن، ڪن جاين تي پاڻ کي "سما" به سڏائين ٿا.

مُـنگيا: سما ذات جو پاڙو آهي. پڪا چانگن ۾ وينا آهن.

منگياڻي: لاشارين جو هڪ پاڙو.

منگيجا: هڪ مسلمان سماڻ ذات.

منگهاڻي: هندن جي ذات آهي. اونار جتن جو پڻ هڪ پاڙو. جيڪي ملڪ راڄ جي پڳ هيٺ آهن.

منگهه پوٽا: جاکرن جو هڪ پاڙو. هي منگهه پٽ حسڻ پٽ سرماڻ جو اولاد آهن. قمبر ۽ سوڊو منگهه جا پائر آهن.

منگهرملاڻي: "دادیجا" نک مان اروڙ ونسي هلو. جيڪي منگهرمل جو اولاد آهن.

مُنگهڻ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

منگهواڻي: مڇي مارڻ وارا ملاح ۽ مهاڻا آهن. (بحوالہ: مهراڻ نمبر 4- 3 سال 2001ع ص 33).

منگهي: کيراني پناڻن جو هڪ پاڙو.

منگهياڻي: مارفائي چاندين ۽ لاشارين جو پاڙو آهي.

منگر: سمن جو هڪ پاڙو. هي جادم جو اولاد ۽ نجا سما آهن.

منگريا: سمن جو هڪ پاڙو. هنن جو سهتا ذات سان لاڳاپو آهي.

منگريپوٽا: سما ذات مان منگري جو اولاد آهن. هنن جو به واسطو سهتن سان آهي.

منگڻ: هڪ مسلمان سماڻ ذات جو نالو.

منگڻهار: هڪ سماڻ ذات.

منواڻي: سماڻي جت آهن. هي شاهبندر ۾ وينا آهن.

منواڻي: هڪ مسلمان سماڻ ذات جو پاڙو.

منوزئي: خرشيون پناڻن ۽ جهلاواني بروهين جو هڪ پاڙو.

منوڪاڻي: گورجاڻي بلوچن جي هوتواڻي قبيلي مان آهن.

منهاس: ڪتاب "شاهان گوجر" ۾ لکيل آهي تہ "منهاس" راجپوتن جو پاڙو آهي. "ڊينزل ابسٽن" لکي ٿو تہ "منهاس". جهينور ملاحن جو پاڙو آهي. هي مسلمان ۽ هندو آهن. مقامي ماڻهو هنن کي ڪمتر سمجهن ٿا. هڪ ٻئي حوالي موجب هي راجا رام چندر جو اولاد آهن ۽ ڪشمير کان آيل آهن. سيال ڪوٽ وارا منهاس پاڻ کي پٽي. سلهري ۽ رگوبنسي چوائين ٿا.

منهال والا: سورج بنسي راجپوتن جي هڪ نک.

منهاڻي: جتن جو هڪ پاڙو. هي نٽيار سڏجن ٿا.

مُنهاڻي: پٽي ذات جو هڪ پاڙو.

مُنهنجا: مهرن جو هڪ پاڙو.

مَنهندا: پالارين جو پاڙو آهي. هڪ حوالي موجب "مهندا"، چام برفت جو اولاد "برفت" آهن. جن جو شجرو هن طرح آهي.

مهندا /منهندا ذات جو شجر.



لسبيلي وارا ماندڙا هن جو اولاد آهن

منهون راڄ: لاڙ ۽ ڪچ جي جتن جو هڪ مکيه پاڙو آهي. منهون راڄ جي پڳ هيٺ ماهيڙ، مڪڙا، پٺائي، سسئي وارا، رهيجي وارا، گنبول (گبول)، ڏاٽي، اوناٽي، پيروزائي، ريدار، چنڙائي، ملان، بيلائي، پٺائي، جماٽي، ماروائي، ميوا ۽ گيانچ جت شامل آهن.

منهين: نهڙين جو هڪ پاڙو. هي منهين بن راهڙ بن عمر بن گجڙ جو اولاد آهن. ٽر ۾ رهندڙ.

منياڙ: سمن جو پاڙو آهي.

منياڻي: کبارن جو هڪ پاڙو.

مٺڻاس: هن ذات وارا سنڌ ۾ نهايت ٿورائيءَ ۾ رهن ٿا.

مٹوهر: مينگهواڻن جو هڪ پاڙو. هي ٽر ۾ رهن ٿا.

موالي: سنيا ذات جو هڪ پاڙو. ٽنڊي محمد خان ۾ رهن ٿا.

موتيا: پاڻن جو هڪ پاڙو. هي ٺٽي ضلعي ۾ وينا آهن.

موتياڻي: "واسوجا" نک مان هندن جي هڪ آڪهه.

موتيپوتا: صابرا ذات وارن جو هڪ پاڙو. هي لسبيلي ۾ رهن ٿا.

موتاڻي: سرماڻ مريداڻي برن جو هڪ پاڙو. هي لسبيلي ۾ رهن ٿا.

موتپارچا: سهتن جو هڪ پاڙو.

موٽو: هڪ سماٽ ذات. موري شهر ۾ رهن ٿا.

موٽا: هندو لوهاڻن جي هڪ ذات.

موٽاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

موٽڪ: بلوچ ذات آهي. حب ۽ ڪراچيءَ جي آسپاس رهن ٿا.

موٽلاڻي: ڪچ ۽ پچ کان آيل ميمڻن جو هڪ پاڙو. هندن ۾ پڻ "موٽلاڻي" آهن.

موٽمل: سيالن جو هڪ پاڙو.

موٽمل: هندن جي هڪ ذات. نواب شاهه ۾ رهن ٿا.

موٽڻ: دل. غير سماٽ ملاح ۽ مهاڻا آهن.

موٽڻ پوٽا: غير سماٽ ملاح ۽ مهاڻا آهن. هندن ۾ پڻ آهن. عيدناڻي. ڪرپلاڻي. ميرچنداڻي. واسواڻي ۽ موٽواڻي هن نک جون آڪهون آهن.

موٽو: سما خاندان مان آهن. مينگهواڻن ۾ پڻ آهن.

موٽواڻي: هندن جي هڪ ذات. رسالہ "گلستان" جو ليکڪ منوهر داس (1928ع) هن خاندان مان هو. موٽواڻي. هندن جي پويٽ. موٽڻ پوٽا ۽ منچنديا نک مان آهن. هي سيوهڻ ۽ پوترڙن (تعلقي سيوهڻ) جا رهواسي آهن. وانهان پڻ هنن مان آهن.

موٽوخيل: آفريدي پنائن جي ملڪ دين خيل قبيلي جو هڪ پاڙو.

موٽيا: باکڙي جي ڏيءَ سان موٽيو باکڙي نڪاح ڪيو هو. جنهن مان "موٽيا" قبيلو ٿيو. جن مان ڪيڪيئا پوٽا آهن.

موٽياڻي: ڪرمتين جي پٽيءَ شاخ مان هڪ پاڙو.

موپلا: هي عرب مسلمانن جو هڪ مخلوط قبيلو آهي. ساحل مليبار کان لڏي اچي سنڌ ۾ داخل ٿيا.

مُوجا: سومرن جو هڪ پاڙو. هي مارواڙ جا رهاڪو آهن. هن وقت ٿر ۾ به رهن ٿا.

مُوجاڻي: جکراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

موجائي: سمن ۽ راڄپرن جو هڪ پاڙو. خيرپورميرس ضلعي ۾ رهن ٿا.

موچاڻي: ميرجتن جو هڪ وڏو پاڙو. گلاباڻي، بشڪواڻي، چنداڻي، داداڻي ۽ ڪُويل هن پاڙي جون مکيه قبريون آهن. گلاباڻي سندن پگدار آهي.

موجي: ذات وارا مسلمان سمات آهن. جيڪي نسلي اعتبار کان اصل سنڌ جا رهاڪو سمجها آهن. گذر سفر خاطر سنڌ مان لڏي وڃي لسبيلي جي دريجي واري پاڳي ۾ آباد ٿيا. اڄ به هنن جو واسطو سنڌ سان آهي. ڪراچيءَ جي پر ۾ هنن جي نسبت سان هڪ علائقو آهي، جنهن کي "موچڪو" چون ٿا. روايتن ۾ آهي ته چام برفت جي هڪ پٽ جو نالو "موچي" هو. سندس اولاد پٽ پاڻ کي ذات جا "موچي" سڏايو.

سنڌ ۾ جتين جي ڪم ڪرڻ وارن کي به "موچي" چون ٿا، پر هي پاڻ کي ذات جا موچي نٿا چوائين. پاڻ سمات آهن ۽ سمات ذات واريون ذاتيون سڏائين ٿا. جهڙوڪ پٽي، جوئيجاڻي چنا وغيره. موچيءَ کي پراکرت بوليءَ ۾ موچ، سنسڪرت ۾ موچيڪ، پهلويءَ ۾ موچيڪ ۽ هنديءَ ۾ سوچي چون ٿا. جنهن جو مطلب چرم دوز يعني چمڙي جو ڪم ڪندڙ چمار آهي. هنن جا پاڙا به چمارن وارا آهن. وڌيڪ تفصيل لاءِ "چمار" ذات ڏسو گهرجي. پنجاب وارا ڪٽانا چون ٿا ته اسان جي ذات به "موچي" آهي.

موچيجا: برفت آهن. ڪوهستان ۾ رهن ٿا. جيڪي چام برفت جي پٽ موچيءَ جو اولاد آهن.

موچا: ونگائي جتن جو هڪ پاڙو.

مُوچڙيا: ونگائي جتن جو هڪ پاڙو.

مودراڻي: لاشارين جو هڪ پاڙو.

موڏا: جي معنيٰ آهي گنجو. هندو سوڊن جي هڪ ذات. ٿر ۾ رهن ٿا.

موڏاڻي: جتن جو هڪ پاڙو. هي ڪٽيار سڏجن ٿا.

موڏيجا: سهتن جو هڪ پاڙو.

مور: سمن جي هڪ پاڙي جو نالو. "مسٽر اوبرائن" هنن کي مسلمان مڃيرا لکي ٿو. ليڪن هي ڪڇون ۽ مگر مڇ کائين ٿا. امام شافعي جا پيروڪار آهن.

مَورا: سمن جو هڪ پاڙو. ٽر ۾ رهن ٿا.

مُورا: سمن جو هڪ پاڙو. نورپور (مورو) ۽ ٽر ۾ رهن ٿا. هنن جو چوڻ آهي ته "مورو" شهر اسان جو اڳايل آهي. هڪ روايت موجب هوڻي بن انڙ کي 18 پٽ هئا. جن مان مبيجو، بهڻ، جيسر، وسن ۽ مورو، سڳا پائر هئا. مُوري جي اولاد پاڻ کي مُورا سڏايو. وڌيڪ لاءِ بهڻن جو شجرو ڏسڻ گهرجي. هڪ بي لکت موجب "مُورا" نهڙين مان آهن. لاکو پڻ ڳاهو کي ڇهه پٽ راڄپار، انڙ، اونو، ڏورٽ، ساهڙ ۽ مُورو هئا. هي مورا، ان موري جو اولاد ٽين. هي انڙ پوٽا وٽ سان واسطو رکن ٿا. موڙا، پيم، ٽاريئا ۽ جوٽا هنن جون خاص آکهون آهن.

مَوراج: ملاح ۽ مهاٽا آهن. تعلقي سجاول ۾ رهن ٿا.

موراڻي: پرڳڙين جي هڪ پاڙي جو نالو. ٽالپرن هنن کي جاگير ڏني هئي. نوحاڻي بلوچن ۽ هندن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ آهي.

مورتاکرا: سولنگي راجپوتن جي هڪ ذات.

مُورجاڻي: لوهاٽا هندن جي هڪ ذات. خيرپورميرس ۾ رهن ٿا. سندن نک جو نالو "ماکيجا" آهي.

مَورجو: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

مورداڻي: گورجاڻي بلوچن جي لشاري قبيلي جو هڪ پاڙو.

موردها: بروهي قوم جي هڪ ذات.

مورڙا: سما ۽ ملاح آهن. ملاح جو واسطو مورڙي خاندان سان آهي. ڪراچي ۽ ان جي آسپاس رهن ٿا.

مورڙي پوٽا: مورڙي ملاح جو اولاد آهن. جيڪي ڪلاچي، لاڙا ۽ بندري پاڻن سان مشهور آهن. ڪراچي ۾ شمس ڳوٺ، ابراهيم حيدري، بابا ۽ پٽ بيٽن تي رهن ٿا.

مورکاڻي: مزاري بلوچن جي مسيداڻي قبيلي جو هڪ پاڙو.

مورک: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

موروائي: هندن جي هڪ ذات.

موروئي: بروهين جو هڪ پاڙو.

مَوريا: چندر بنسي راجپوتن ۽. پرمار هندن جي هڪ ذات. ڪتاب "شاهان گوجر" ص 178 تي لکيل آهي ته "موريا". گوجرن (جت) جي ذات آهي.

مَوريا: سمن ۽ ملاحن جي هڪ ذات. لاڙڪاڻي شهر ۾ هنن جا ڪافي گهر آهن.

مُوريا: بني مغيره جا ماڻهو آهن. هي محمد بن قاسم سان گڏ آيا هئا ۽ هتي ئي رهجي ويا. سن 417 هـ

بمطابق 1025ع ۾ سلطان محمود غزنوي سنڌ ۾ آيو. تڏهن به "موريا" سنڌ ۾ آباد هئا. چون ٿا ته موري شهر به هن قبيلي وارن اڏايو هو. موريا. موريا ۽ موريا لفظن جي هڪ جهڙي سٽا هئڻ ڪري ڪا به تميز ۽ سجاڻپ نه رهي آهي.

مَوريائي: آلڪائي بلوچن ۽ سمائي ميمڻن جي هڪ پاڙي جو نالو. لاشارين جي منڊير شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

مَوريائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مُوريجا: سمن جي هڪ ذات. مرهٽا راجپوتن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

مُوريجا: هڪ غير سماڻ ذات آهي. جن جو واسطو موريا قبيلي سان آهي.

موڙا: چنا ذات جو هڪ پاڙو. وڏيڪ لاءِ مورا عنوان ڏسڻ گهرجي.

موڙيا: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو. ضلعي ٺٽي ۾ رهن ٿا.

موزندگاٽي: مري بلوچن جي غريني قبيلي جو هڪ پاڙو.

مُوزي: بروهين جو هڪ پاڙو.

مُوسا: برفتن جو هڪ پاڙو. چامر آريءَ جو اولاد آهن. ٽر ۾ پڻ "موسا" ذات وارا رهن ٿا. جن جو واسطو سمن سان آهي. متعلوي/مٽياروي سيدن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "ميربوٽا" آهي. جن مان هڪڙي وڏي پاڙي جو نالو "موسا" آهي. هي سيد احمد بن سيد مير علي سنڌيءَ جو اولاد آهن. جوڪين جو پڻ هڪ پاڙو.

موساپوٽا: موندرن جو هڪ پاڙو. موسيٰ پوٽا. بنديجن ۾ پڻ آهن.

موساخيل: لوڏي. شيراڻي. بائيزئي (اڪوزئي) ۽ مروت پناڻن جو هڪ پاڙو.

موسازئي: ڪاڪڙ پناڻن ۽ ڪيراني پناڻن جو هڪ پاڙو. هڪ ٻئي حوالي مطابق. موسيٰ زئي برمهند پناڻ قبيلي جو پاڙو آهي.

مُوساڻي: چنن. لاکن ۽ ملاحن جو هڪ پاڙو. لاشارين جي منڊير شاخ مان پڻ هڪ پاڙو.

مُوسائي: برڙا قبيلي جو هڪ پاڙو. پنگرن. پٽن. نوحاڻين. مگسين ۽ جروارن جي پاڙي جو نالو پڻ "موسائي" آهي. مگسين جو سردار ڪريم خان موسائي هو. گورچاڻي بلوچن جي سوراڻي شاخ مان هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "موسائي" آهي.

موساوي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

موسائي: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

موسوواڻي: بروهين جو هڪ پاڙو.

موسوي: امام موسيٰ ڪاظم جي نسبت سان "موسوي" سيد سڏجن ٿا. موسيٰ بن محمد تقي جو اولاد پڻ پاڻ کي "موسوي" سيد چوائين ٿا. هن سيد گهراڻي جو شجرو هن طرح آهي.

موسوي سيدن جو شجرو



مُوسياني: عمراني بلوچن ۽ بروهين جي زهري قبيلي جو هڪ پاڙو. زهريءَ جي پٽ جو نالو "موسيٰ" هو، جنهن ڪري هي "موسياني" سڏجن ٿا. راءِ بهادر هتورام، موسياني پاڙي کي "ڏايا" زهرين مان لکيو آهي: (بحوالہ: ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 84).

مُوسيپوتا: لسبيلي جي شاهوڪن جو هڪ پاڙو. ٿر ۾ هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو پڻ "موسيپوتا" آهي.

موڪا: ٿر جي هندو راجپوتن جي هڪ ذات.

موڳا: هڪ مسلمان سماٽ ذات جو نالو.

موڳڙا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

مولاڻي: هندن جي هڪ ذات.

مولاٽي: هندن جي هڪ ذات.

مولائي: ڪيچ مڪران جا بلوچ آهن. نهايت عزت وارا ۽ شريف آهن.

مولچنداڻي: هندن جي "ڪڪڙيجا" نک مان هڪ آکيه. هي ديوان مولچند هرگنداس جو اولاد آهن. انبواڻي، پگواناڻي ۽ ڪيسواڻي هنن جا نکڙيا مائٽ ٿ.

مولداڻي: سماڻي جت آهن.

مولڪاڻي: جڪراڻين جو هڪ پاڙو.

مولواڻي: ڪرمتين جي ربائي جتن جو هڪ پاڙو.

مولهاڻي: سمن جي هڪ ذات.

مولهڙ: سهتن جو هڪ پاڙو. رانوڙ راجپوتن ۾ پڻ آهن.

موليڏناڻي: ڪرمتين جي ٻئوا شاخ مان هڪ پاڙو.

موماڻي: ٻگهيا ذات جو هڪ پاڙو.

مومت: جوڪين جو هڪ پاڙو. هي درويش ۽ فقير سڏجن ٿا. ڪراچيءَ جي ٻر ۾ رهن ٿا.

مومن: خاصخيلي ذات جو لقب ۽ پاڙو.

مؤمناڻي: پنجي پائي خوجن ۽ پڙائي خوجن جو هڪ پاڙو. سمن جي پاڙي جو نالو پڻ "مؤمناڻي" آهي.

مؤمنائي: انڊڻ جو هڪ پاڙو.

مونجڙيا: ٿري مينگهواڙ هندن جي هڪ ذات.

موندا: جاٽن جو هڪ پاڙو. ڪلوريا. موندا ۽ شورا پاڻ ۾ ٽين. جيڪي ڪتري ونس مان آهن.

مَوندر: لسبيلي جي هڪ سمات ذات.

مَوندر: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

مَوندرا: ذات جا مائهو اصل ۾ سومرن مان آهن. جيڪي سنڌ جا سمات آهن. "هيوز بلز" جي لکڻ موجب

موندرا. راجپوت نسل مان آهن. تاريخي اڀياس مان خبر پوي ٿي تہ هي لسبيلي جي جامن مان آهن. موندرا ڏنڊو ٻيلي کان ڏکڻ طرف گجري ۽ سون مياڻيء واري علاقي ۾ رهن ٿا. واهرا ۽ صابرا هنن جا قريب آهن. موندرن جا خاص پاڙا آهن: 1 براهم پوتا (ابراهيم پوتا). 2 پيراڻائي. 3 خاڪواڻي. 4 ساڪ پوتا (اسحاق پوتا). 5 عبدالياڻي. 6 غيبي پوتا. 7 موسا پوتا ۽ 8 نماڻي. شاعر يوسف موندرو. غيبي پوتن مان هو.

مُوندراڻي: ڪوسن جي متيوال پاڙي جي شاخ آهن ۽ تعلقي ڪوٽڙي ۾ رهن ٿا (بحوالہ: ڪتاب جنب گذاريم جن سين ص 408).

مُوندراڻي: بگٽي بلوچن جي ڦونگ قبيلي جو هڪ پاڙو. لسبيلي ۽ بلوچستان ۾ سينهان ذات جا ماڻهو رهن ٿا. انهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "موندراڻي" آهي. جتن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

مُوندر پوتا: لاشارين ۽ صابرن جو هڪ پاڙو.

موندره (موندڙه): برفتن جو هڪ پاڙو. نماڻي ۽ هنن مان آهن.

موندا: سمات ذات آهي.

مُونگر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مُونگيا: هندن جي هڪ ذات.

مونن: گوجر قبيلي جو هڪ پاڙو.

مُوني: جتوئي بلوچن جو هڪ پاڙو.

مُوهر: هڪ غير معروف ذات جو نالو.

مَوهِل: سمن جو هڪ پاڙو.

مُوهَلَ: سروهي راجپوتن جي هڪ ذات. ڏيپلي (ٿر) ۾ هنن سان ملاقات ٿي (1990)

موهِلا: سمن جو هڪ پاڙو. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

موهناڻي: لاشارين جو هڪ پاڙو.

موهنداڻي: مري بلوچن جي لوهاراڻي قبيلي ۽ غزيني قبيلي جو هڪ پاڙو. ڪن محققن، موهنداڻيء موهانداڻي، مهندائي ۽ محمداڻي ڪري لکيو آهي. ليڪن درست لفظ "موهنداڻي" آهي.

موهيال: سارسوت برهمڻن جو هڪ پاڙو.

موهيو: هڪ مسلمان ذات.

مَوئِرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مَـهَـا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مَـهاتَـم: هڪ مسلمان سماڻ ذات جو نالو.

مِـهَـاجَـر: راجپوتن جي هڪ ذات.

مُـهاجِـر: معنيٰ هجرت ڪري آيل پناهه ونڻ وارا. اصطلاحي معنيٰ ۾ هندستان کان لڏي آيل اردو زبان ڳالهائيندڙ مسلمان.

مهاجن: جابلو هندن جي ذات، جن جو پيشو دڪانداري آهي.

مهاخيل: ڪاڪڙ پناڻن جو هڪ پاڙو.

مهار: ڪنپرن (سمن) جو هڪ پاڙو.

مهاراجا: گهلوت مان آهن.

مهازول: هڪ سماڻ ذات جو نالو.

مهالاڻي: مهرن جو هڪ پاڙو.

مهاڻا: معنيٰ مڇي مارندڙ، ماڇي، ميربحر، ملاح وغيره. مُهاڻي هڪڙي مڇيءَ جو قسم آهي، جنهن جي نسبت سان هنن کي "مهاڻا" چون ٿا. روايت ۾ آهي ته هي حضرت سليمان جي اولاد مان آهن. پنجاب ۾ ڪوسن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "مهاڻا" آهي، جن مير چاڪر خان کي سنگڙ درياءَ پار ڪرايو هو.

بيت: سڙهه سنوان، لاڃون نوان، مهاڻا سندن مير،
سائي سفر هليا، تيا سڏاوا سير،
جي اچن ساڻ اڪير، سي ٻيڙا رکين ٻاجهه سين. (شاهه)

مشهور مفڪر سر جان مارشل، مارٽم وهيلر، ڊاڪٽر ڪارڊ ويل، ڊاڪٽر پارپولا، ڊاڪٽر هيريمات، ڊاڪٽر لئمبرڪ، ڊاڪٽر سورلي، ايٽڪن ۽ ٻين مهاڻن کي سنڌ جي هڪ قديم ۽ اصل قوم لکيو آهي، جن جو ڏنڏو مڇي مارڻ آهي. مهاڻا ٻڙ ميدن، ميائن يا ملوئي قومن جي هڪڙي صورت آهي.

مهائين پوٽڙا: سهتن جو هڪ پاڙو.

مهتا: هندن کي چون ٿا ۽ سندن ذات ٻڙ آهي. هڪ حوالي موجب "مهتا" ڪنوج راجپوتن جي هڪ ذات آهي.

مهتاب: معنيٰ چند. مهتاب، هندن جي هڪ ذات. جيڪي چند جا پوڄاري آهن، جن کي سوم بنسي يا چندر بنسي (راجپوت) چون ٿا.

مهتابي: هي به هندو آهن، جيڪي چند جا پوڄاري آهن.

مهتائي: هندن جي هڪ ذات. هن خاندان مان دادا چينمل پرسرام نهايت مشهور هو. جيڪو شاهه ۽ سچل جي رسالن جو شيدائي هو. هي مهتابراء جو اولاد ٿين. جيڪي هندن جي "گيرا" نڪ مان اهن.

مُهتم: گجراتي لفظ مهتو. پراڪرت لفظ مهنتو ۽ سنسڪرت لفظ مهت جي بگڙيل صورت آهي. ان ڪري هن ذات وارن کي "پهرو پيا" ۽ چون ٿا. مهتو. مهنتو. مهت ۽ مهتم لفظ جي معنيٰ آهي. پوڄن. واڻيو. منشي. ليکو ڪندڙ. وڏو. اعليٰ. محترم ۽ بزرگ وغيره. جالنڌر ۾ مهتا. پنجاب ۽ سنڌ ۾ مهتم سڏجن ٿا.

مسٽر "پرسر منٽگمري" لکي ٿو ته مهتم اصل ۾ هندو راجپوت ۽ سک هئا. جن مان ڪافي مسلمان ٿي آهن. پين جي پيٽ ۾ حقير آهن. هنن مان ڪجهه لائق ماڻهو اڪبر بادشاهه جي دربار ۾ منشي ۽ قانون گو مقرر ٿيل هئا. جن کي درباري بولي ۾ "مهتو" چيو ويو. جو بعد ۾ ڦري "مهتم" ٿيو. اڃوڪا مهتم ان مهتي جو ولاد آهن. مسٽر پرسر وڌيڪ لکي ٿو ته اڪبر بادشاهه جي اتر هيٺ مسلمان ٿيا ۽ ان جي زوال بعد مهتم درياء جي ڪپ تي بينل سرن (ڪانا) مان شيون ٿاهي وڪڻندا هئا. منج جي پنجوڙن سان سنورن جو شڪار ڪري ڪاڌيندا هئا. رولو شڪاري هئا. مظفر ڳڙهه ۾ هيءَ ڪکن. ڪانن ۽ گاهه مان جهوپڙيون ٿاهي رهندا هئا. جن کي "جهنڊ" چون ٿا. چوٿي اهي ته "مهتم چپر ۽ انهن جي جاءِ جو نالو خيرپور".

مسٽر ايليٽ ۽ ايندرسن پن مٿين خيالن جو اظهار ڪندي لکن ٿا ته هنن ٻيوه سان شادي ڪرن جو رواج وڌو. جنهن ڪري ٻين قومن وارا هنن کي حقير ۽ شودر سڏن لڳا. ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" ص 401 تي پن مٿين راءِ سان اتفاق ڪري کين پهروٻيا، بنجارا، جهنڊ ۽ لباڻا سڏيو ويو آهي.

ڪتاب The Muslman Races Found in Sindh, Balochistan and Afghanistan جي ص 41 تي ايس - صادق علي لکي ٿو ته انڙ بن سمي کي 28 پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "مهتم" هو. جنهن جي اولاد ٻاڻ کي "مهتم" سڏايو. جن جو شجرو "م" جي آخر ۾ ڏسڻ گهرجي.

مهيال: افغاني پٺاڻن جي لوڌي خاندان جي سياڻي شاخ جي اسماعيل شاخ مان آهن.

مُهيجائي: ٻهوڙن جو هڪ ٻاڙو.

مهدائي: ڪٺ ذات جو هڪ ٻاڙو.

مهديوتا: ٽيهر ذات جو هڪ ٻاڙو.

مهديجا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. سکر جي طرف رهن ٿا. ڪي ڇڳا هنن کي شيخ چون ٿا. شاهه علي مهديجو. انهن جو مرشد هو. (تاريخ مظهر شاهه جهاني ص 122)

مهدي زئي: جدگال (جت) قبيلي جو هڪ مشهور ٻاڙو آهي. هي گوادر ۽ مڪران ۾ رهن ٿا. هنن جو چون آهي ته سڀ اصل ۾ سنڌ جا رهاڪو آهيون. سنڌ جا جوڪيا. رئيس. ڪوڙڪ. ڪينگزئي. سند ۽ سنگر سڀ

جا عزيز آهن. هي سڀ سومرائي سان عقيدت رکندڙ آهن. ان ڪري پاڻ کي "مهدي زئي" سڏائين ٿا. سندن بولي جدگالي ۽ ڏنڊو ات پالو آهي.

مَهِرَ: سنڌ ۽ ڪچ جي سما خاندان جي حاڪم "جام لاکي" کي ٻه زالون هيون. پهرين ۽ وڏي زال جو نالو "بني جارد" هو. جيڪا ننڍي جي هندو سودن مان هئي. هن کي ان مان چار پٽ هئا. انهن مان هڪڙي پٽ جو نالو "مهر" هو. ان مهر جي اولاد پاڻ کي "مهر" سڏايو. هي پهرين هندو هئا ۽ بعد ۾ مسلمان ٿيا. هي سنڌ جا اصلي ۽ نجا سما آهن. سندن بولي سنڌي آهي. ٿر، نواب شاهه ۽ حيدرآباد وارن حصن ۾ رهن ٿا. وڏيڪ لاءِ مهرن جو شجرو ڏسڻ گهرجي.

مَهِرَ: سنڌ جي اترئين حصي وارا مهر پنجين صديءَ جي آخر ڌاري ايران مان نڪري پنجاب کان ٿيندا اچي سنڌ ۾ ويٺا. ٿوري عرصي بعد گپتا خاندان کي شڪست ڏيئي اتر کانياواڙ تي قبضو ڪيائون. جتان ڦرندي گرندي سنڌ، لسبيلي ۽ ڪچ تائين پکڙجي ويا. جتان سندن سلسلو سنڌ جي سمن جي اوڙ ماڻ شروع ٿئي ٿو. هي اصل سنڌ جا باشندا آهن. جيڪي ايران هجرت ڪري ويا هئا. اتان واپس اچي پنهنجو وطن وسايائون.

مهرن جي هن قبيلي جو وڏو "سنامڪ" هندو هو. جنهن اسلام قبول ڪري پنهنجو نالو "چاند" رکيو. جيڪو راءِ سهاسي، الور جي راجا وٽ مانائتو ٿيو ۽ هن کي پنهنجي ڀانهي سان شادي ڪرايائين. چاند کي ميرپور ماٿيلي جو گورنر مقرر ڪيو ويو. ڪتاب "جنت السنڌ" جي ص 383 تي لکيل آهي ته ڏهر، مهر ۽ ڏاريجا حضرت بهاؤ الدين ذڪريا جي خليفي موسيٰ نواب جي تبليغ سان مسلمان ٿيا. مهرن ۽ ڏهرن ڪڏجي ڪلهوڙن جي دور ۾ فساد ڪيا ۽ 1700ع ۾ دائود پوٽن سان ٻه وڙهيا.

1911ع ۽ 1931ع واري هندستان جي آدم شماريءَ واري ڏرنامي ۾ هنن کي "سمات" لکيو ويو. ڪتاب "شاهان گوجر" ص 187 تي لکيل آهي ته "مهر"، راجپوت پٽي آهن. جيڪي ويرم جو اولاد آهن.

هن وقت مَهِرَ ۽ مَهِرَ قبيلي ۾ ڪا ٻه سجاٽ نه رهي آهي. سڀ "مهر" سڏجن ٿا. حقيقت ۾ ٻهوڙ. مهر ۽ ڏهر، پٽي خاندان مان آهن. جن جو شجرو شجرن واري حصي ۾ ڏسڻ گهرجي

مهرن جا خاص پاڙا آهن: 1 انساڻي، 2 بخيراڻي، 3 بگڙا، 4 بلها، 5 بنيا (پنيا)، 6 بوجا (بجا)، 7 بالاڻي، 8 بيجل، 9 تنگهاڻي، 10 جنگا، 11 جيڏ، 12 جيسرجا (جيسراج)، 13 جنڙ، 14 جنوجا (جنيجا)، 15 جهڙا، 16 چٽا، 17 حسيجا، 18 تماچاڻي، 19 خيالاڻي، 20 ڏيراجا، 21 ڏٽا، 22 ديدلا، 23 راموجا (راميجا)، 24 رخناڻي (رکٽاڻي)، 25 ريپر، 26 ساکاڻي، 27 سکيجا (سخيجا)، 28 سومرجا (سمراجا)، 29 ڪبرا، 30 گجناڻي، 31 لاڊر، 32 لنجاري، 33 لاليپوٽا (لاليپوٽڙا)، 34 لنگاڻي (لونگاڻي)، 35 لودرا، 36 ماڪا، 37 ماروپوٽا، 38 مباح (مبا)، 39 متريجا (متوجا)، 40 مٺيرا، 41 مراداڻي، 42 منهنجا، 43 مهلاڻي، 44 مينوهاڻي (ميهاڻي)، 45 ناريجا، 46 نداماڻي، 47 نظاماڻي، 48 ننهجا، 49 ونجها، 50 ويجل، 51 هالا.

52 گمنا. 53 گاگنائي. 54 گهنا. 55 سوائي. 56 سادُور. 57 سهاڻا. 58 سکي. 59 صحيحا. 60 رهڻ. 61 منجا. 62 ڏينگڙا. 63 تلائي. 64 لاڻو. 65 نوسخجا 66 هيسجا.

مهر قبيلي جي سرداري پڳ "جيسراج" پاڙي تي آهي. ڪرنل ٽاڈ ڪتاب "تاريخ راجستان" ۾ لکي ٿو ته مهر، راجپوتن جي چٽيهه ڪلن جي ٽيهين ڪل مان آهن. جيڪي جيسلمير جي پٽي گهرائي مان آهن (بحوالہ: جنب گذاريم جن سين جلد نمبر 2 ص 282). ڪن حوالن مان معلوم ٿئي ٿو مالي (هندو - سک) راجپوت کي رائي سليمان نالي پٽ مان ڇهه پٽ مهر، مزار، جويو، ڪوريهر، ماکو ۽ ميتلو هئا. مهر ان مهر جو اولاد آهن. ياد رکڻ گهرجي ته مالهي ۽ پرمار اڄا تائين هندو آهن ۽ ٿر ۾ سندن وڏا ڪيڙ آهن.

مَهَرَ: ڄام لاکي کي مسرق زال مان انڙ ٽالي پٽ هو. جنهن جي هڪڙي پٽ جو نالو "مهر" هو. ان مهر جي اولاد ياڻ کي ذات جا "مهر" سڏايو. هي ملاحن ۽ مهاڻن جي نچ مان آهن (سميجا).

مَهَرا: هندو ملاحن جو هڪ پاڙو. هنن کي جهينور ۽ ڪٻار ۾ چون ٿا.

مهرا (MIHRA) : هندو کترين جي هڪ نک جونالو. ملتان ۾ هنن کي "ملهوترا" چون ٿا. هن نک ۾ هندن جون بارهن ذاتيون شامل آهن. ان ڪري هنن کي "بارهي" ۾ چون ٿا. هن نک وارا کتري پنهنجي نالي اڳيان "ملک" لفظ لڳائيندا آهن.

مَهراج: هندن جي ڇڳي مڙس کي چون ٿا. سندن ذات ۾ اها آهي.

مهراماڻي: سماڻي جت آهن. مهري انن جي نسبت سان "مهراماڻي" سڏجن ٿا.

مهراڻيوٽا: مسلمان سوڍن جو هڪ پاڙو. هي ميين ڪريم جا مريد ۽ فقير آهن. نهڙين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ.

مَهراڻو: ميربحرن جي هڪ ذات (بحوالہ: جامع سنڌي لغات).

مَهراڻي: هندن جي هڪ ذات. مستوئي بلوچن. جتن ۽ ميرجتن ۾ پڻ "مهراڻي" آهن. بروهين جي احوال ۾ لکيل آهي ته "مهراڻي"، بروهين جو پاڙو آهي. راءِ بهادر هتورام لکيو آهي ته "مهراڻي"، رئيسائي قبيلي جو پاڙو آهي. انڊين ۾ پڻ "مهراڻي" هڪ پاڙو. نوٽ: ٿر ۽ سنڌ جي دنگ واري حصي کي "مهراڻي" چون ٿا.

مَهراڻي: جمالين ۽ راهوجن جو هڪ پاڙو. ڪرمتين جي جانوري شاخ ۽ لاشارين جي مچر قبيلي مان "مهراڻي" آهن.

مَهرج: ملاح ۽ ميربحر آهن.

مَهرواڻي: کوسن جو هڪ پاڙو.

مهروتري: هندن جي هڪ نک.

مهروڪ: ڪمبوه قبيلي جو هڪ پاڙو.

مَهري: هڪ عرب بلوچ قبيلو آهي. بلوچستان ۽ سنڌ ۾ رهن ٿا. ڪتاب "سيرة الصحابه مهاجرين" جلد دوم ص 10 تي مصنف شاهه معين ندوي لکي ٿو ته نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي هڪ مشهور صحابي عمرو بن العاص جي دوست ابن شام سامهري جو اولاد آهن. جن کي هن وقت مهيري چون ٿا.

مهريا: سمن جي هڪ ذات.

مَهرياڻي: بگٽي بلوچن جي شمباڻي (باربڙي) قبيلي جو هڪ پاڙو.

مَهڙ: انڙن جو هڪ پاڙو. نواب شاهه ضلعي ۾ رهن ٿا. جاکرن (جکرو) ۾ پڻ مهڙ آهن. جيڪي ڄام مهڙ جو اولاد آهن. جن مان ڄام جکرو هوڏيائي (گهڙ) سنڌ جو سخي ۽ ڏاتار ٿي گذريو آهي.

بيت: سمو سوائي، پهون پٽئائان اگرو، دانا جي درپار ۾،
ورتي ايءِ وائي، گهڙ ڳالهائي مهڙ سپ ملهايا. (شاهه)

مهڙاڻي: ونگائي جتن مان مير عمر ۽ ڪرمداد پٽ مهڙ جو اولاد آهن. ڪڇ ۾ وينا. جتان لڏي اچي ڪاري ۾ رهيا. مهڙاڻي. ونگائي جتن جا ڇڳا مڙس ٿين.

مَهرڄ: سمن جو هڪ پاڙو.

مهرول: سمن جو هڪ پاڙو.

مَهڪاڻي: غزيني مرين مان آهن. هن قبيلي جو اڳوڻ مير حاجي خان هو. هن کي مستي خان. جعفر خان. ابراهيم خان ۽ حيدر خان ڏاڏي پٽ هئا. جن پٺيان پاڙن جا ڏاڏا پير. ڪتاب جنب گذاريم جن سين ص 400 تي لکيل آهي ته "مهڪاڻي". ڪلولاڻي کوسن مان آهن.

مهڪري: هڪ غير مسلمان مسلمان ذات.

مَهلاڻي: مهرن جو هڪ پاڙو.

مهمال: اعوانن جو هڪ پاڙو. هي عبدالله گوڙاڻي جي اولاد مان محمد خان جو اولاد ٿين.

مهمند پوٽا: جاکرن جي همند پاڙي جي هڪ شاخ

مَهنتا: اوسواڙ هندن جي هڪ ذات.

مَهَندَ: پٺان آزاد قبيلا آهن. جن کي پوليٽيڪل ايجنسي ڏريعي ڏاڙيو ٽو وڄي. هي سوات ندي ۽ ڪابل ندي جي وچ واري علاقي ۾ آباد آهن. حاجي عبدالواحد مهند جي اڳواڻيءَ ۾ انگريزن سان وڙهيا هئا. هن قبيلي جا مائهو اندروني سنڌ ۾ ڪافي جاين تي آباد آهن. جن جا خاص پاڙا آهن: 1. اتمان زئي 2. بائي زئي 3. ترڪ زئي 4. خاڪوئي زئي 5. ديوي زئي 6. سلمان خيل 7. صافي زئي 8. عالم زئي

مَـهندا : برفت آهن. احوال لاءِ لفظ" منهندا" ڏسڻ گهرجي.

مَـهوا: راهوما ذات جو هڪ پاڙو.

مَـهوال: هڪ مسلمان سمات ذات.

مهولي: راٹوڙ راجپوتن جي هڪ ذات.

مَـهوميا: صابرن جو هڪ پاڙو.

مهوَندپوتا: باکڙن جو هڪ پاڙو. لسبيلي ۾ رهن ٿا.

مهيٹا: سنڌي هندن جي هڪ ذات. ڪراچيءَ ۾ مهيٹا محلات مشهور آهي. جيڪا شورتن مهيٹا جي هٿي هاڻي محترمه فاطمه جناح جي ملڪيت آهي.

مهيجا: راٹوڙ راجپوتن جي هڪ ذات.

مهيري: ڪرمتي جت بلوچن ۾ سماڻي جتن جو پاڙو آهي. چاندڪا هوت بلوچ جي اولاد مان آهن. جن مان ڪرمتي آهن. انهن ڪرمتين جا خاص ۾ بنيادي پاڙا اٽڪل 21 آهن. جن مان هڪڙي پاڙي جو نالو "مهيري" آهي. روايتن ۾ آهي ته جتن وٽ "مهري" اٽ هوندا هئا. جنهن نسبت سان هي "مهيري جت (سمات) ۾ ڪرمتي بلوچ. "مهير" جبل ۾ رهڻ جي نسبت سان "مهيري" سڏجن ٿا. ڪن مهيرين جي دعويٰ آهي ته اسان عرب قبيلي مان "مهره بن حيدان" جو اولاد آهيون. "سيرالصحابه مهاجرين" جلد دوم ص 10 تي لکيل آهي ته عمرو بن العاص صحابي جي دوست جو نالو "ابن شام ساماهري" هو. ان جو اولاد "مهيري" بلوچ عرب آهن. (بحواله ڪتاب بلوچ قوم ڪي تاريخ ص 57 سردار خان بلوچ) هڪ بي روايت موجب نبي ڪريم صلي الله عليه واله وسلم جن جي هڪڙي ڏاڃيءَ جو نالو "مهره" هو. جتن جي هڪڙي پاڙي پنهنجي ڏاڃيءَ جو ٻه نالو "مهره" رکيو جو ڦري "مهيري" ٿيو. ان کان پوءِ اهي جت ذات جا "مهيري" سڏجن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. آچاراڻي 2. بکراڻي 3. بيڙاڻي 4. پاوڻي 5. پليلاڻي 6. ٽاروراڻي 7. پاريپاڻي 8. پيراراڻي 9. پيروزاڻي 10. جلالاڻي 11. جهنگلاڻي 12. جنگلاڻي 13. جيجياڻي 14. خاناڻي 15. خميساڻي 16. خودراڻي 17. ربواڻي 18. سوماراڻي 19. شهداداڻي 20. شنباڻي 21. شالاڻي 22. شهميراڻي 23. شيراڻي 24. فيضواڻي 25. قيصراڻي 26. ڪاراڻي 27. ڪلاڻي 28. لاڏيا 29. لهاڪاڻي 30. منڻي 31. مياندادڻي 32. نوتڪاڻي 33. نوڏاڻي 34. هوتاڻي ۽ 35. ملاڻي.

ڪتاب "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ۾ لکيل آهي ته "مهيري" جت آهن. سنڌ دوست رسالي ص 20. ڊسمبر 1999ع ۾ جاموٽ حاجي خان چاچڙ. مهيرين کي هڪ سمات ذات لکيو آهي.

مَـهَـيسرَ: پراکرت بوليءَ جو لفظ آهي. سنسڪرت ۾ ڪين مهيشور چون ٿا. مهيسر سنڌ جي هڪ سما مسلمان ذات آهي. جنهن جي اصطلاحي معنيٰ آهي. برساتن تي وسندڙ ۽ آباد ٿيندڙ ڍنڍن ۽ ڍورن ۾ پيدا ٿيندڙ مڇيءَ

تي گذر سفر ڪرڻ وارا ملاح ۽ مهاڻا. ان سبب هنن کي مٿنهن جي ڏنڊن ڏورن وارا ملاح ڪري چون ٿا. سنسڪرت بولي ۾ ڏنڊ کي "مَـنَـهسَـر" چون ٿا، جنهن مان مراد "مهيسر" آهي. مهيسر. سميجا ۽ ساريا ڪل مان آهن. جن جو ذڪر تاريخن ۾ آهي. ڪتاب "سماڻ" ۾ هن کي برساتي ڏنڊن ڏورن تي مڇي مارڻ وارو لکيو ويو آهي. هنن جي دعويٰ آهي ته اسان قريشي (بنوميسره) ۽ عباسي آهيون. اسان جي وڏي ڏاڏي جو نالو چامر مبسرهو. مهيسرن جا خاص پاڙا آهن. 1 پمپرا، 2 ٽيٽيا، 3 شٽياڻي، 4 گهياڻي، 5 مڪڙ، 6 ملڪياڻي.

بيت: مهيسر جي مد، جي هٿ هڏهين هوءِ (شاهه).

مهيسي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سماڻ سڏجن ٿا.

مهيشتري: هندن جي هڪ ذات.

مهيشر: ٽري مينگهواڙن جي هڪ ذات.

مَـهيشوري: هندن جي هڪ ذات. ڪراڙ ۽ جين بـ سڏجن ٿا. هي سرساواري راجپوت شاخ مان آهن. هي واپاري آهن. هنن جون 84 شاخون آهن، جن مان گهريا، مانڈڻ، گيگل، راني، مالپا، بنر، ڪڙوڻا، مسٽيا، ونڊ، ملهڙ ۽ لونيا نهايت مشهور آهن.

مهيلان زئي: بگٽي بلوچن جو هڪ پاڙو.

مهيليا: سمن جو هڪ پاڙو.

مهيوري: بروهين جو هڪ پاڙو.

مُـئا: سمن جي هڪ ذات، تعلقي سجاول ۾ سندن ڪجهه گهر آهن.

مئدراڻي: ڪوسن جو هڪ پاڙو.

مئڪي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

بيت: تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن ويهه،
پسي مـئـڪي ڏيءَ، مـتان ماڳر مٽيـن.

مئواڻي: ڪوراڙن جو هڪ پاڙو.

مئيندڙا: ميمڻن جو هڪ پاڙو، نٽي جا رهواسي آهن.

مَـيا: هڪ غير معروف ذات جو نالو.

مَـياري: ڪلهوڙن جو هڪ پاڙو.

مِـياس: شيدين جو هڪ پاڙو.

ميان: نهڑين جو هڪ پاڙو. تر ۾ رهن ٿا.

ميان پوٽا: لکياري سيدن جو هڪ پاڙو. جي ميان غازي شاهه جي اولاد مان آهن. غازي شاهه جو مقبرو لکيءَ ۾ شاهه صدر جي پرسان آهي. هن جي اولاد مان سيد جئندل شاهه ان جا پٽ غلام حسين شاهه. کوڙل شاهه ۽ نظر علي شاهه آراضي وارا آهن.

ميان خيل: لوهاڻي پناڻن جي هڪ ذات. جيڪي لوڌي آهن. بلوچ ۾ سڏجن ٿا.

ميانداداڻي: جتن ۽ مهيرين جو هڪ پاڙو.

ميان زئي: لاشارين جو هڪ پاڙو. برمهمند پناڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ميان زئي" آهي.

ميان علي زئي: رئيسائي بروهين جو هڪ پاڙو.

ميان ناڻي: پنجي پائي خوجن جو هڪ پاڙو.

ميانو: فارسي لفظ "ميانه" تان ورتل آهي. جنهن جي معني آهي وچ وارو. ميانو ذات وارا وچ ايران کان لڏي آيل ايراني آهن. جيڪي ڪراچي، حيدرآباد ۽ ڪوئٽا ۾ رهن ٿا. نومسلم شيخن کي پڻ ميانه چون ٿا. هي خدا وارا ۽ عبادتگذار هئا. جنهن ڪري "ميان" سڏجڻ لڳا. اهو لفظ قري "ميانا" ٿيو.

ميانوالي: پنجاب کان آيل سرائي آهن. ميان نصير محمد کلهوڙو پڻ سرائي (جت) هو. جنهن سنڌ ۾ ميانوالي تحريڪ هلائي هئي.

ميانيوالا (ميانيوارا): وورا قوم جو هڪ پاڙو.

مَياڻا: هندن جي هڪ ذات.

مِياڻا: روهڙيءَ جي رضوي سيدن جو هڪ پاڙو. هن پاڙي مان سيد سعيد خان رضوي نهايت مشهور هو (بحوالہ: مهراڻ نمبر 4 سال 1990ع، ص 92). پنجاب کان آيل سرائي جت آهن، جيڪي پاڻ کي "علوي" سڏائين ٿا. ميدن، مهاڻن ۽ ملاحن جي رهڻ/ملڻ واري هنڌ کي "مياڻي" چون ٿا ۽ ان ۾ رهڻ وارا "مياڻا" سڏجن ٿا. يعني هي ملاح ۽ مهاڻا آهن ۽ گجرات پنجاب کان آيل آهن.

مياڻڪ: هڪ مسلمان سمات ذات.

مَياڻي: پنيرن جو هڪ پاڙو.

مِياڻي: سماڻي جت آهن. شاهبندر ۾ رهن ٿا. هي نٽيار جت سڏجن ٿا.

مِياهيزئي: شهواڻي بروهين جي حاجيزئي شاخ جو هڪ پاڙو.

ميتاخيل: آفريدي پناڻن جو هڪ قبيلو.

ميتڙ: سميجا ڪل مان ملاح ۽ مهاڻا آهن. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رهن ٿا.

ميتڙا: سميجا ڪل مان ملاح ۽ مهاڻا آهن. لاڙڪاڻي طرف رهن ٿا.

ميتلا (مَيتَلا): سماڻي جت آهن. اتر سنڌ ۾ رهن ٿا. ڪن ڪن جاين تي هي پاڻ کي سما ۽ جوائين ٿا. هڪ روايت موجب ميتلا، رائي سليمان بن مالي بن سوترڪ بن چال (جاٽ - جت) بن زبير ماها مان آهن. ماکو، ڪوريهر، جويو، مهر ۽ مزار هن جا پائر آهن (هڪ روايت).

مَيتو: سمن جو هڪ پاڙو (ميتا).

ميپاوت: پرمار هندن جي هڪ ذات.

ميپلا: روڙ جتن جو هڪ پاڙو.

مَيدَ: سنڌ، لسبيلي ۽ مڪران جي هڪ پراڻي سماڻ قوم آهي، جيڪي اصل ۾ سمنڊ، درياڻن ۽ ڊنڊين ڊوڙن تي رهندڙ ملاح، ميربحر ۽ مهاڻا آهن. هي سون ميائيءَ کان وٺي سڄي ساموندي ساحل تي آباد آهن. مڇي مارڻ جا ماهر ۽ ٻيڙين هلائڻ جا ڪاريگر آهن. پراڻي زماني ۾ مڇي مارڻ سان گڏوگڏ ڇوريون ڪندا هئا ۽ ڏاڙا هڻندا هئا. سراديپ وارن عربن کي پڻ هنن ڦريو هو، جنهن ڪري عربن هنن کي "قزاق" يعني ڏاڙيل ڇيو هو (الميد الذين يقطعون البحر) هن وقت ۽ قزاق ذات وارا آهن، جيڪي ميدن مان آهن.

تاريخن ۾ لکيل آهي ته ميو ۽ ميربحر، ميد لفظ جي بگڙيل صورت آهي، جن کي هن وقت ملاح، مهاڻا ۽ ميربحر ڇيو ٿو وڃي. "لاڪ ورٽ ڊيمس" پنهنجي ڪتاب "بلوچ قوم" ص 17 تي ميدن کي مڪران جا قديمي مهاڻا لکيو آهي، مڪران ۾ ميد لفظ جي معنيٰ آهي مهاڻو، ميربحر ۽ ملاح. جنهن مان ثبوت ملي ٿو ته ميربحرن جو پڻ بنياد ميد آهن. "تحفتہ الڪرام" ۾ اصل لفظ "مومد" لکيل آهي، جنهن مان ڦري "ميد" ٿيو آهي، هنن جو تختگاهہ "همدان ايڪباتانا" هو. تاريخن ۾ لکيل آهي ته مينانگر (ننڍو) ۽ منجاباري (منگوپير) ميدن جا اڏايل آهن. ميد قوم جا ماڻهو شادين مرادين ۾ سنڌي لاڏا ۽ ڳيچ ڳائين ٿا. بلوچستان ۾ ميدن جي نالي سان هڪ وڏو شهر آهي، جنهن جو ذڪر عرب مورخ ابن خرداذبہ (250 هـ/864ع) پنهنجي لکيل ڪتاب "المسالڪ والممالڪ" ۾ ڪيو آهي. مولائي شيدائي "ميدن" کي بلوچ لکيو آهي.

ميد قوم جا خاص پاڙا، اورماڙي (اولماڙي)، جلارزئي، چل مارزئي ۽ گزبر آهن. چل مارزئي پاڻ کي لاسي، لومڙيا (نومڙيا) ۽ نهڙيا سڏائين ٿا. گزبر پاڻ کي بلوچ ۽ اور ماڙي پاڻ کي افغان ڇوائين ٿا.

ايڇ - ٽي لئمبرڪ، يوناني جاگرافيدان استرابو، مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري، علامہ سليمان ندوي، اصطخري ۽ ٻين محققن لکيو آهي ته اسلام کان اڳ ميد هڪ مهاڻا قوم هئي، جن کي اسلام بعد ميدن بجاءِ مهاڻا ۽ ملاح ڇيو ويو. سيد ابوالخير مودودي "فتوح البلدان" جي حاشيي ۾ لکيو آهي ته عربي

لغت ۾ ٻڌڻ هلائڻ جي ماهر. سمند جي چال رکندڙ ۽ ان جي رستن کان جيڪي واقف هوندا آهن. انهن کي ميد چون ٿا. هڪ حوالي موجب ميد، جاٽ (جت). اسان وارد ۽ سيبچه پاڻ ۾ پاڙ ٿيون. جيڪي حضرت سنڌ جا پٽ آهن.

ميداڻي: چانديين جو هڪ پاڙو.

ميراڻي: جي معنيٰ آهي ڳائڻ وارو. گويو. مگنهار. ڏومر. پان ۽ چارڻ وغيره. ميراڻي هڪ غير سمات ذات آهي.

بيت: جـي مـيراڻـي مگنا. آڻون پڻ منجها تن.
کين ڪ منهنجي ڪن،ارٿ منجهارا ان جـي. (سُرُ: سورٺ. شاهه).

ميراحمد خيل: ميمناخيل آفريدي پٺاڻن جو پاڙو آهي. قمبر خيل ۽ ملڪ دين خيل هنن مان آهن.

ميرازئي: ڏومڪي بلوچن جو هڪ پاڙو.

مـيراسـي: ميراڻي يا ميراسي هڪ ئي معنيٰ رکندڙ ذات آهي. هي سنڌ جا پراڻا غير سمات ڳائڻا، مگنهار آهن. جن کي پان، چارڻ ۽ ڏوم به چيو ويندو هو. هن وقت هي سنڌ جا سمات سڏجن ٿا. ميراسي عربي لفظ "مير + سي" جو جوڙ آهي. مير جي معنيٰ سردار. امير ۽ سي رس. جي معنيٰ سر ڳائڻ آهي. يعني ڳائڻ وارو وغيره. محقق چون ٿا ته اصل لفظ "مير، عاصي" آهي جو بعد ۾ ميراسي ٿيو آهي.

رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماڻريءَ ۾ پسندڙ قومون" ۾ لکيو آهي ته هنن جو وڏو ڪو امير هو. پر هڪ شڪاريءَ سان گڏ ماني کاڌي هئائين. جنهن ڪري مٿس "عاصيءَ" جو ناقابل رشڪ لقب ٻيو. اهڙيءَ طرح هو ميراسين جو ابو بنيو. ان ڏينهن کان ٻو هي "ميراسي" بڻيا. هي دعويٰ ٿا ڪن ته اسان مير جو اولاد آهيون. ڪي چون ٿا ته اسان اعليٰ نسل جا سما آهيون. ڪن جو چوڻ آهي ته اسان مشهور شاعر "ڪعب الاهبر" جو اولاد آهيون.

مـيراشي: عرب ملڪ ۾ ميراسين کي "ميراشي" چون ٿا. ان جي تقليد ڪندي هتان وارا ميراسي به پاڻ کي "ميراشي" چوائين ٿا.

ميراڪر: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو.

ميرالي: صل ۾ لفظ "ميرعالي" آهي. جنهن جو مطلب آهي وڏي مرتبي وارو، اعليٰ شان وارو. سردار مير هوتان بليدي. لاشارين ۽ رندن جي ويڑهه ۾ رندن جو سات ڏنو هو. جنهن تي مير چاڪر خان هن کي مير عاليءَ (ميرالي) جو لقب ڏنو هو. تنهن ڏينهن کان وٺي هنن کي ميرالي چون ٿا. هن وقت ميرالي، بليدين (بزدين) جو هڪ پاڙو آهي.

ميراناڻي: ڪرمتين جي راڏا اگاريا ۽ بگهياڙ قبيلن جو هڪ پاڙو.

ميرانپوٽا: گونگا خاندان جو سردار "جهلو" هو. ان جي هڪڙي پٽ جو نالو "ميران" هو. ان ميران کي جيڪو اولاد ٿيو. انهن پاڻ کي "ميرانپوٽا" سڏايو. ميرانپوٽا گونگن جو پاڙو آهي.

ميرانخور: ملاح ۽ مهاڻا آهن. تعلقي سجاول ۾ سندن ڪجھ گھر آهن.

ميرانزئي: بروهين جي قمبراڻي قبيلي جو هڪ پاڙو. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 116 موجب "ميرانزئي"، ساجدي جت بلوچن جو پاڙو آهي. ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" ۾ لکيل آهي تہ ميرانزئي، بنگش پناڻن جو پاڙو آهي.

ميراڻ پوتا: جوڪيا ذات جي تيبر قبيلي جو هڪ پاڙو.

ميراڻي: ڪيترن ئي قبيلن ۽ ذاتين جو پاڙو آهي، جن جو مختصر بيان هن طرح آهي:

1 برڙن جو پاڙو آهي 2. پٽين جو پاڙو آهي 3. جمالي بلوچن جو پاڙو آهي 4. ملاحن ۽ مهاڻن جي پاڙي جو نالو "ميراڻي" آهي. 5 ڪتاب "بلوچ قوم اور اس ڪي تاريخ" ص 288 تي لکيل آهي تہ ميـر شـهداد خـان جي پٽ جو نالو "مير ميران" هو، جنهن جي اولاد پاڻ کي "ميراڻي" سڏايو. ايس - صادق علي پڻ لکيو آهي تہ "ميراڻي" مير ميران رند جو اولاد آهن، ان ڪري هي رندن جو پاڙو آهي، هنن کي (مرڙي) بہ چون ٿا. ميراڻي رندن جو شجرو هن طرح آهي:



6 چاندين جو پاڙو آهي.

7 بروهين جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ميراڻي" آهي.

8 زرداري جتن جي ذات جو پاڙو آهي.

9 هندن جي ذات آهي. ديوان نندیرام سيوهاڻي هن کيڙ مان هو. جنهن کي 1853ع ۾ انگريزن الف - ب جي صورت مقرر ڪرڻ لاءِ ڪاميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو هو. (بحوالہ: مهراڻ نمبر 4 سال 1999ع ص 99). حضرت لعل شهباز قلندر جي 19 شعبان جي ميندي ڪڍڻ وارا پڻ "ميراڻي" هندو آهن.

10. ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ ۽ چانگن جو هڪ پاڙو.

ميرايا: ٽري مينگهواڙن جي هڪ ذات.

ميربحر:

بيت: (1) گهورندي گهور پئا، اگهور گهوريائون،
ميڪر ماريائون، ملاحن مُٺ سنرا (شاهہ)
(2) ڪوجهيون رنگ ڪاريون، منهن نہ موجاريون،
سي ڪيو ڪالورن جيون، سر ڪٽن ڪاريون، (سچل سرمست)

اصل لفظ مير آهي، جنهن جي معني آهي مڇي مارڻ وارا. شڪار ڪرڻ وارا ۽ ٻيڙين هلائڻ وارا. اسلام قبول ڪرڻ بعد اهي مير، ميربحر، ملاح ۽ مهاٽا سڏجڻ لڳا. سڌريل لفظن ۾ هنن کي "اميرالبحر" ۽ چون تا، يعني سمند ۽ پاڻيءَ جو بادشاهہ، سردار، امير وغيره. ميربحر هڪ علحده قوم / قبيلو آهي. لاکي، انڙ، سمي يا سميجا نسل وارا ملاح ۽ ميربحر اصل ميربحرن کان الڳ آهن، ليڪن هن وقت سڀ هڪ ٿي ويا آهن.

ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ ميربحر جو پيشو حضرت عمر فاروق جي دور ۾ وجود ۾ آيو. حضرت عمر فاروق پنهنجي اسلامي رياست ۽ اسلامي فوج کي وسعت ڏيڻ لاءِ ٻيڙين جي ساموندي فوج (لشڪر) تيار ڪئي، جن کي "ميربحر" يعني پاڻيءَ جو سردار چيو ويو. ان ڏينهن کان ونڊي هي ميربحر ۽ اميرالبحر سڏبا اچن تا. [1] شهنشاهہ اڪبر مغل جي دور ۾ محمد قاسم خان ميربحر، ڪابل حڪومت جو نگران هو. شيري ملا ميربحر، اڪبري دربار جو عالم هو ۽ سيف الله خان ميربحر، بحريہ جو رکوالو هو. مولوي حاجي احمد ملاح هڪ وڏو عالم هو. مغل بادشاهن کين اميرالبحر جو لقب ڏنو.

گهٽا سکر ماڻهو ميربحر قوم جي زالن کي پاڻ وٽ سريتون (Concubine) ڪري رکندا هئا (آهن). سنڌ جي حاڪم ڄام تماچيءَ وٽ بہ هڪڙي نوري نالي ذات جي گندري (مهاڻي) ويهاريل هئي، ان ڪري سميجا ڪل وارن کي ملاح تصور ڪيو وڃي ٿو. ڄاڪاڻ تہ سندن ناناڻڪي نج ملاحن مان آهي.

---

[1] سنڌ ۾ بدين ضلعي ۾ عرب نسل جا ميربحر رهن تا، جن جو ذڪر مهراڻ رسالہ نمبر 1، 1996ع ۾ ٿيل آهي.

ڄام لاکو، ڪڇ ۽ ٻڌ جو حاڪم هو. هن ٻ نڪي جي مسرقن (ميربحر) مان شادي ڪئي هئي، جنهن جي اولاد مان سميجا، پلي، انڙ، درس، چنا ۽ ٻگهيا وغيره آهن، جن کي پڻ ميربحر تصور ڪيو وڃي ٿو. ايتري قدر جو سمون بن پلي ميربحرن جو، سمون بن رائدن سميجن جو، ساند بن پلي ملاحن جو، پلي بن رائدن ٻگهين، چنن، پليجن جو ۽ انڙ بن لاکو جملي سمات قبيلن جو سردار مقرر ٿيو، جنهن ۾ اڪثر قومون، پاڙا ۽ ذاتيون ميربحرن ۽ سمن جون شامل آهن. جيڪي ڄام لاکي جي مسرق زال جا پيٽ ڄڻيا آهن.

انگريز سرڪار 1901ع، 1911ع ۽ 1931ع ۾ سنڌ جي قومن ۽ ذاتين جي ڳاڻاپي خاطر آدم شماري ڪرائي هئي. ان آدم شماريءَ جي رپورٽ مطابق ميربحرن، ملاحن، مهاڻن ۽ گندرن جي ڪل مان آدماڻي، ابراڻي، اجيا، بوگوا، ٻگهيا، چاچڙ، چگدا، چنا، ڏچر، داگها، ڏيرا، گدا، گجريا، گهوگهٽ، هالا، هالاڻي ۽ جکريا هئا، جن کي خالص ميربحر تصور ڪيو ويندو هو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات جي جلد نمبر 5، ص 2754 تي ميربحر قوم جا سورهن پاڙا لکيا آهن، جن ۾ آدماڻي، ابراڻي، اجايا، ٻگهئي (ٻگهيا)، بگرا، چاچڙ، چغدا، چنا، ڏئچر، ڏاگها، ڏيرا، گڏو، گجريا، گهوگهاٽ، هالاڻي ۽ جکريا شامل آهن.

ڪتاب "سماٽ" ص 58 تي لکيل آهي ته آدماڻي، ابراڻي، اجيا، ٻگهيا، بوگوا، چاچڙ، چگدا، چنا، داگها، ڏيرا، گدا، گجريا، گهوگهٽ، هالاڻي ۽ جکريا ميربحر آهن.

ايس - صادق عليءَ 1901ع ۾ هڪ ڪتاب **The Musalman Races found in sindh, Balochistan and Afghanistan** لکيو هو، جنهن، ڪتاب جي صفحي 60 کان 63 تائين ميربحرن جي 254 ذاتين ۽ پاڙن جا نالا لکيا آهن.

جامع سنڌي لغات، لغات آصفيه، لغات گاجرا، تحقيق لغات ۽ شاهه جي رسالي ۾ ميربحرن جي انيڪ ذاتين جا نالا ۽ بيان لکيل آهن، جن مان چوند ڪري خاص خاص پاڙا ۽ ذاتيون هيٺ لکجن ٿيون.

ميربحرن، ملاحن ۽ مهاڻن جون مکيه ذاتيون ۽ پاڙا:

1. آبراڻي
2. آٽا
3. آٽراڻي
4. آٽلا
5. آدماڻي
6. آرابي (ميد)
7. آرادين
8. آرادينجا
9. آريسر (سميجا)
10. ابراڻي
11. ابلاڻي
12. ابو پوٽا
13. ابواڻي
14. اپلاٽا
15. اجايا
16. اجيا
17. اڇڻ (سميجا)
18. اڏڻ
19. اديجا
20. اڊيجا
21. آريسر (سميجا)

22. امیرالبحر
23. انامي
24. اناهاڻي (چنا)
25. انتاهه
26. اوپاڑا
27. اونا (سميجا)
28. اياڻي (چنا)
29. باجاڻي
30. باچکاڻي
31. باداڻي
32. باريجا (چنا)
33. باند(بيواڻي)
34. بجاڻي
35. بج (چنا)
36. بچاڻي
37. بدراڻي (سميجا)
38. بداڻي
39. بر (هالپوتا)
40. بُرا
41. برڑا
42. بريا (سميجا)
43. بقاري (بکاري)
44. بکک
45. بُکيجا (سميجا)
46. بکاڻي (چنا)
47. بکراڻي
48. بگ
49. بگدا
50. بگرا
51. بُگڑا
52. بگيا
53. بليلاڻي (چاچڑ)
54. بند پوتا (لکاڻ)
55. بندري (مورڑيپوتا)
56. بُنڑا
57. بندراڻي
58. بوبک
59. بنواڻي
60. بورا
61. بوگرا
62. بوگوا (سميجا)
63. بوهڑ
64. بهريه (پلي)
65. بهشتي
66. بهلاڻي
67. بهليم
68. بَهڑ
69. بِهڑ (سميجا)
70. باٹيرا
71. بات
72. باتي
73. باچڑا
74. بارا
75. باراچ
76. بارچ
77. بارڑا
78. بانهن هٹا
79. باگها
80. بپيرا (اونا)
81. بچڑائي
82. بُڈراڻي
83. بڈڑ
84. بُرا
85. بَرڑا
86. برهاڑا
87. بگائي
88. بگها
89. بگهائي
90. بگهو
91. بگهئي
92. بَگهيا
93. بُگهيا (سميجا)
94. بلڑا (چاچڑ)
95. بلواڻي
96. بلهاڑا
97. بليداڻي (چاچڑ)
98. بليلاڻي (چاچڑ)
99. بنڈاڻي
100. بوراڻي
101. بوڑا (سميجا)
102. بهريا

103. ٻيا پرايا (اونا)
104. ٻيلاڻي
105. ٻادلا
106. ٻاڱل
107. ٻاٽپوتا (ٻگهيا)
108. ٻتيارا
109. ٻچا (سميجا)
110. ٻچند
111. ٻچو
112. ٻرتياڻي
113. ٻرڪاڻي
114. ٻڙ ٻونجا
115. ٻڙج
116. ٻگڙا
117. ٻلاڻي
118. ٻنگاڻي
119. ٻنگر (ساند)
120. ٻوجوا
121. ٻورا (چاچڙ)
122. ٻيٻريا (اونا)
123. تارو
124. تلوئي
125. تلهاڻي (چنا)
126. تنڙا
127. توبا (چاچڙ)
128. توتڪاڻي (لورا)
129. توهيا
130. ترائي (چنا)
131. تلاڻي
132. تهميور
133. ٽيبا (سميجا)
134. ٽيمور
135. ٽاٽرا
136. ٽانڊاڻي
137. ٽانڊائي
138. ٽانڊيا
139. ٽانڪا
140. ٽٽواڻي
141. ٽڪورا
142. ٽنڊيا
143. ٽنگر
144. ٽنگڙ
145. ٽوبا
146. ٽوبر
147. ٽوپياڻي
148. ٽورنگ (ڏاريجا چاچڙ)
149. ٽوري
150. ٽوها
151. ٽويا
152. ٽيباري
153. ٽيپر
154. ٽيٽر
155. ٽيٽيهر
156. ٽيڙا
157. ٽينگا
158. ٽينگياڻي
159. ٽوننا
160. ٽينڊا
161. ٽينگا
162. ٽينگيا
163. ٽينگيڙا
164. ٽاٽڻي
165. پاراجي
166. پارهيڙي
167. پاريدي
168. پاريسي
169. پاريهر
170. پاريهڙي
171. پاڙها
172. پالڪي
173. پالڪيا
174. پالم
175. پاهي (ڏاريجا)
176. پاهيڙي
177. پبا
178. پڙ
179. پتوجا
180. پٽا
181. پپراڻي
182. پپڙ
183. پخالي

184. پرارا (سميجا)
185. پرارو (سميجا)
186. پرائي
187. پربت
188. پرتيا
189. پريا (سميجا)
190. پرياڻي (پگهيا)
191. پريچا
192. پستاڻي (گهنيا)
193. پکاڙا
194. پکريو
195. پکڙا
196. پکيار
197. پکيڙا
198. پلواڻي
199. پلي
200. پليپوتا
201. پليجا
202. پليجاڻي
203. پليدائي
204. پنجڙا
205. پنيار
206. پوپرائي
207. پوستي (چاچڙ)
208. پوڻائي
209. پيسڪ
210. پيڪڙا
211. ثابت پوتا (ڏيرا)
212. جاجهڻجا
213. جادڻ
214. جاڙا
215. جاڙيپوتا
216. جاڙيجا
217. جاڪرا
218. جاڪرائي
219. جاڪريا
220. جاگمياڻي (ڏاريجا چاچڙ)
221. جاگڻ
222. جانجهڻ
223. جڪرا
224. جڪريا
225. جڪريجا
226. جگسي
227. جگند (ڏاريجا چاچڙ)
228. جُماري
229. جماڻي (چنا)
230. جُماڻي (چاچڙ)
231. جنجهه
232. جنجهي
233. جنجهيوا
234. جند
235. جنداڻ
236. جنداڻي
237. جگانند (چاچڙ)
238. جنڻا (ساند)
239. جنيجا (ساند)
240. جنيجا (چنڻا چاچڙ)
241. جوڙ
242. جوڪيا
243. جوڳياڻي (چاچڙ)
244. جوڻا
245. جوڻاڻا (چاچڙ)
246. جوڻاڻي
247. جوڻيا
248. جوڻيجا (سميجا، ڏاريجا، چاچڙ، دل)
249. جويا
250. جويا ابڙا
251. جهازڻي
252. جهنجڻ
253. جهيجا
254. جهيرجا (ڪيريا)
255. جيا پوتا (پگهيا-ڏيپر)
256. جيسر (سميجا)
257. جيسراڻي
258. جيسرجا
259. جيوراڻي (دل)
260. جيها
261. جيها (لاکا)
262. چاريڪا
263. چام گوري
264. چبيرا

265. ڇنا
266. ڇڇوها
267. ڇڑھ
268. ڇٹائي
269. ڇوراٹي
270. جھابر
271. جھاڳورا
272. جھانجھرا
273. جھانگڻ
274. جھانگياٹي (چنا)
275. جھبيل
276. جھپر
277. جھپرا
278. جھپير
279. جھپلا
280. جھڳڑ
281. جھڳڑا
282. جھگيا
283. جھلجھائي
284. جھلڻ
285. جھنگليجا (جوٹيجا)
286. جھنڈير
287. جھولڻ
288. جھونجھاڻ (پگھيا)
289. جھيجا
290. جھينور
291. چاچڙ (سميجا)
292. چارڙا
293. چاريجا
294. چاڪئي
295. چالڪا
296. چاوڙا
297. چتاري
298. چتائي (گھنيا)
299. چتوڙ
300. چجٹي
301. چچي
302. چدير
303. چراھ
304. چغدا
305. چغرا
306. چگدا
307. چگڈا
308. چنا
309. چنبڻ
310. چنداٹي
311. چنگلاٹي (ڪاڪيپوتا)
312. چواڙ
313. چوبٹ
314. چوڏھا
315. چوند
316. چھڙ
317. چيچڑو
318. چينجڑي
319. چاپائي
320. چاپراٹي
321. چاچي
322. چاريجا
323. چاڳا
324. چاڳاٹي
325. چجا
326. چجاٹي
327. چچر
328. چچرا
329. چر (ھنگورا)
330. چريجا
331. چريھر
332. چگرا
333. چندي
334. چورڻ
335. چولاٹي
336. چيتا
337. حامداٹي (چنا)
338. حَبوجا (سميجا)
339. حُبوجا
340. حبوجا انڑ
341. حُسنَ
342. حُسناٹي
343. حسيناٹي (ڪيريا)
344. حلواٹي (چاچڙ)
345. حلوائي (چاچڙ)
346. حمال
347. حيدراٹي (پلي)
348. حيدري (پلي)

349. خاکواٹي
350. خچر
351. خچراٹي (ڈيپر)
352. خچري
353. خدا
354. خدمتگار
355. خڈتڑا
356. خڈيجا
357. خيراٹي (ڈيرا)
358. داپيجا
359. داداٹي (چاچڑ)
360. داد پوتا
361. داڑيا
362. داگھا
363. دبا
364. دبائي
365. دبر
366. دبراٹي
367. دبل
368. دبلا
369. دبلا
370. دپراٹي
371. درس (پلي)
372. درگاھيا (چنا)
373. دري
374. دريائي
375. دريجا (ڈيرا)
376. دريش
377. درين
378. دڑبا
379. دڤراٹي
380. دڤڑ
381. دگبا
382. دل (سميجا)
383. دلّ
384. دلا
385. دلّا
386. دلاسيا
387. دلاٹي (چنا)
388. دلّاٹي (چاچڑ)
389. دليپوتا (ساند)
390. دماچ
391. دميچا
392. دنبڑ
393. دنبورائي (چاچڑ)
394. دنگ
395. دنگراٹي
396. دنگونا
397. دنگھ
398. دنگھيا
399. دوداٹي
400. دوکي
401. دولاٹي (پلي)
402. دوندھ (جھپير)
403. دونڈ
404. دونگھ
405. دوھا
406. دئر
407. دئريا
408. ديپر
409. ديڈا
410. ديدا
411. ڈارا
412. ڈاريا
413. ڈاريجا (پلي، سميجا)
414. ڈاريجا چاچڑ
415. ڈاگاٹي (چنا)
416. ڈانڈا
417. ڈانڈل
418. ڈانڈي
419. ڈانڈيا
420. ڈانڈياٹي (چاچڑ)
421. ڈانڑا (چاچڑ)
422. ڈپالي
423. ڈجڈيھ (ڈاريجا چاچڑ)
424. ڈچر
425. ڈگاٹي (چاچڑ)
426. ڈگاٹا
427. ڈگڑ
428. ڈگڑ
429. ڈلوٹ

430. ڈما
431. ڈماچ
432. ڈماچائي
433. ڈمچ
434. ڈنڈي
435. ڈنرو
436. ڈنگراچ
437. ڈوڑ ڈوتا
438. ڈوڑ ڈيا
439. ڈوکائي
440. ڈوکر
441. ڈولیا
442. ڈونڈڑ (پگھیا)
443. ڈیرچ
444. ڈیرن
445. ڈینور
446. ڈاگھا
447. ڈانداٹي
448. ڈانگا
449. ڈانگر
450. ڈاهري (سمیجا)
451. ڈاهیجا
452. ڈائن
453. ڈٹائي
454. ڈچر
455. ڈڈا
456. ڈڑھا
457. ڈکٹا
458. ڈند
459. ڈندا
460. ڈواچ
461. ڈواکر
462. ڈوبل
463. ڈور
464. ڈوگر
465. ڈوم
466. ڈومرا
467. ڈھیل
468. ڈئچر
469. ڈیٹا (سمیجا)
470. ڈیپارچا
471. ڈیپر
472. ڈیرا
473. ڈیسر
474. ڈیسر
475. ڈیسي
476. ڈیوڑ
477. ڈیئا
478. دنڑ
479. ددرا
480. دگریجا (چاچڑ)
481. دگھہ
482. دل
483. دلا
484. دندن
485. دنگ
486. دودن
487. دوندا
488. دوندن
489. دونگیجا
490. دوھڑ
491. دھر
492. دھو
493. دھیا
494. دارا
495. داگائي
496. دالیٹ
497. دالیجا
498. دامراڑ
499. دانگرا
500. دگڑي
501. دلو
502. دودا
503. دورائي
504. دورياٹي
505. دلیا
506. دیپاٹا
507. ذهر
508. را
509. راجدیهہ (ڈاریجا چاچڑ)
510. راچپر (سمیجا)

511. راجڙ (سميجا)
512. راڏڻ (سميجا)
513. رامون (لکڻ)
514. رانجي (چاچڙ)
515. راهپوتا (سميجا)
516. راهڙ
517. راهو (سميجا)
518. راهواڻي
519. راهوجا (سميجا)
520. راهوجا انڙ
521. راهوڪڙا
522. راهوما
523. راهيجا
524. رائيڏڻ
525. رباني
526. رتا
527. رتڙ
528. رتڙجا
529. رڄڻ (ساند)
530. رحماڻي (لاکا)
531. رحناڻي
532. رشا
533. رکڻ (سميجا)
534. رکڻ (راهوما)
535 رکيا
536. رماڻي
537. روپايا
538. روڏ
539. روڏيا
540. رونجهه
541. رونجها (سميجا)
542. رونجهار
543. رونو
544. روها (ساند)
545. رهبر
546. رهڙيا
547. ريت
548. ريڏي (چاچڙ)
549. ريسر
550. ريلاڻي
551. زاد
552. زاهدي
553. زڪريا
554. زهارا
555. زهرا
556. ساڀا
557. ساتياڻي
558. ساڻي
559. ساجناڻي (چنا - جوئيجا)
560. ساد
561. ساريا (سميجا)
562. ساريجا (سميجا)
563. ساڙها
564. ساسيا
565. ساگراڻي
566. ساڳڙيا
567. سالاڻ
568. سانپل
569. سانجهيا
570. ساند
571. ساندڻ
572. ساندڻي
573. ساندجا (تيبا)
574. سانڊ
575. سانڊاڻا
576. سانڊاڻي
577. سانگ
578. سانگڙا
579. سانگي (سميجا-چاچڙ)
580. سانگهرو (جوئيجا)
581. سانگڑي
582. سانوند
583. ساهتا
584. ساهڙ (سميجا)
585. سائچو
586. سبايا
587. سپو پوتا
588. سٽرا
589. سٽيار
590. سپرا
591. سپريا

592. سپڑا
593. سپڑيا
594. سڏائي (ڏاريجا چاچڑ)
595. سڏو پوٽا
596. سرهائي
597. سُريا
598. سسر
599. سسيا
600. سقا
601. سڪٽا
602. سڪائي (چاچڑ)
603. سڪريجا
604. سڪياڻي (چنا)
605. سڪيرا
606. سمائر
607. سمگڻ
608. سمون
609. سميجا
610. سنجاڻي
611. سنجهوجا
612. سنگاسي
613. سنگراهه
614. سنگها
615. سنگهار
616. سنگهراڻي
617. سنگهڙ
618. سنگهي (چاچڑ)
619. سنگهيا
620. سوپار
621. سوداگر (وڻجارا)
622. سوڏر
623. سوڍاڻي
624. سونهڙا
625. سهتا
626. سهڙا (چنا)
627. سُهڙا (ٻگهيا)
628. سهسرائي
629. سئينا
630. سياهه (ڏيرا)
631. سيئر
632. سير گل
633. سيروئي
634. سيسيا
635. سيڪاتيا
636. سيڪڙا
637. شاڪراڻي
638. شاناني (چنا)
639. شاهپوريا
640. شريفاڻي (چنا)
641. شڪر خلاڻي
642. شيرا
643. شيلياڻي
644. شينهڙا
645. شينهڻ (سمجا)
646. صابلاڻيُ (لاکا)
647. صبح پوٽا (ساڻي)
648. صفراڻي
649. صندراڻي
650. صوپا
651. صهيجا
652. طاهراڻي
653. طاهرياڻي
654. طيباڻي
655. طيبياڻي (سپرا)
656. عاربي
657. عاقباڻي
658. عامر
659. عزيزاڻي
660. عطلاڻي
661. عمراڻي (چنا)
662. عيساڻي (مانگريا)
663. فرش (ڪيريا)
664. فقيراڻي (چنا)
665. فيروزيجا (چنا)
666. قدراڻي
667. قرهو
668. قل (سميجا)
669. قلاڻي (چاچڑ)
670. قل پوٽا (سميجا)
671. قل لاکا (لاکا)
672. قل وڏيا

673. قليا
674. قليا
675. قنتي
676. قوتائي
677. قودنا
678. قوڑيات
679. قادرائي
680. قاسم پوتا
681. قائماثي (جوئيجا)
682. قزاق
683. كاتر
684. كاتـر
685. كاتريا
686. كاتيار (منگسي - چنا)
687. كانيارا
688. كارا
689. كارڑا
690. كارياثي (پگهيا)
691. كاريجا
692. كاريڑا
693. كاڑها
694. كاسائي
695. كاسيرا
696. كاك
697. كاكڑا
698. كاكيپوتا (اونا-سميجا)
699. كاكيجا
700. كاكيجا پوتا
701. كامڑا (ساند)
702. كامي
703. كانت
704. كانخيا
705. كانڈڑا
706. كانديل
707. كاند
708. كانڈڑيا
709. كانڈڑيا
710. كانڈڑا
711. كانگ
712. كانگڑي (پريا)
713. كانگو
714. كانويرا
715. كانهيرا
716. كانيورا
717. كاهي
718. كاهيا
719. كبر (جوئيجا)
720. كبڑا
721. كتريا
722. كتبار
723. كتبال
724. كتيا
725. كتيا
726. كثر
727. كد (چاچڑ)
728. كچريا
729. كچهلا
730. كچار (جتا)
731. كچڑا
732. كچن
733. كچو
734. كدن
735. كرتيا
736. كركت
737. كروڈي
738. كڑولائي
739. كسر
740. كسنب
741. كسيرا
742. ككا
743. كلاچي (مورڑيپوتا)
744. كلاڑ
745. كمالو
746. كماثي
747. كمواثي
748. كنا (چاچڑ)
749. كناد
750. كنادا
751. كناند
752. كنبرا
753. كنبراثي
754. كنبويا
755. كنجڑيا
756. كنجن

757. كنچاٹي
758. كندرو
759. كندل
760. كنداٹي (اونا)
761. كندراھ
762. كندڑيا
763. كنداٹي
764. كنراٹي
765. كنگا
766. كنگا
767. كنگنيا
768. كنگھائي
769. كنيا
770. كنير
771. كوترو
772. كوتائي
773. كوڈ
774. كوريجا (سميجا)
775. كوريئڑو
776. كوڑاٹي (چنا)
777. كولاچي
778. كونجڑا
779. كونيا
780. كھار
781. كھراٹي
782. كھڑيجا
783. كھيا
784. كئا (ڈاريجا چاچڑ)
785. كيريا (سميجا)
786. كيرياٹي (بگھيا)
787. كيڑاٹا
788. كيكائي
789. كيھر
790. كارائي
791. كارٹي
792. كارجاٹي
793. كارچ
794. كامڑيا
795. كاٹيچا
796. كباٹي
797. كبراٹي
798. كبا
799. كٹا
800. كٹرائي
801. كٹيرياٹي
802. كپرا
803. كچڑ
804. كڈائي
805. كڈايا
806. كڈيجا
807. كركر
808. كرگي
809. كريٹ
810. ككپر
811. كلناٹي
812. كنيڑا
813. كنيڑيا
814. كنيجا
815. كوپرا
816. كودڑا
817. كوراٹي (نھڑ)
818. كولر
819. كونجاٹا
820. كھڑا
821. كھڑو
822. كھوڑا
823. كيبر (سميجا)
824. كيبراٹي (سميجا)
825. كيدا (چاچڑ)
826. كيداٹي
827. كيڑا
828. گاجريا
829. گادا
830. گادڻ
831. گاديجاٹي
832. گاڈاٹي
833. گاڈوھو
834. گاگڑا
835. گاندر
836. گانگڑ
837. گجريا

838. گـجريا
839. گجڑيا
840. گدبدکي
841. گدڑ
842. گدور
843. گڈا
844. گڈاڻي
845. گڈڻ
846. گڈو
847. گڈھڑ
848. گداڻي
849. گـر
850. گـر
851. گر
852. گراڑا
853. گراٽا
854. گريڻ
855. گرجي
856. گرياڻي
857. گگڑا
858. گگو
859. گگھڑ
860. گل
861. گلا (چاچڑ)
862. گلاڻي
863. گلم
864. گلھ
865. گليرو
866. گليھ
867. گن
868. گنا
869. گنبا
870. گنباڻي
871. گنبواڻي
872. گنجلاڻي
873. گنجن
874. گندارا
875. گندرا
876. گندرا
877. گندل
878. گنگا
879. گنگاڻي
880. گنگڑ
881. گٽا
882. گوبل
883. گوتاڻي (چنا)
884. گوتر
885. گودرا
886. گوڏاڻي
887. گوڏو
888. گورڑ
889. گوگھٽ
890. گولاڻي (چنا)
891. گوندل
892. گوهراڻي (پيا)
893. گھڪر
894. گھي
895. گھيلرو
896. گيدرو
897. گيراٽا
898. گيل
899. گيند
900. گينڊ
901. ڳاڑھيجا (چاچڑ)
902. ڳاھا (سميجا)
903. ڳاھويا
904. ڳاھيجا (سميجا)
905. ڳپير
906. ڳچڑ (سميجا)
907. ڳچلا
908. ڳڪڑ
909. ڳليا
910. ڳمورا
911. ڳنيير
912. ڳوراچاڻي
913. ڳوراھ
914. ڳوراھا
915. ڳوراھي
916. ڳورھي
917. ڳوھاٽا
918. ڳوھاڻي

919. گھر
920. گھریا (جوئیجا)
921. گیڑ
922. گھا
923. گھاتو
924. گھاگھرا
925. گھاگھڑا (ڈیپر)
926. گھاگھم
927. گھانگھا
928. گھانگھرا
929. گھانگھڑ
930. گھتا
931. گھچا
932. گھراماڻي (ڈيرا)
933. گھواٹا
934. گھرياڻي (سميجا)
935. گھڑائي
936. گھلريو
937. گھلو (سميجا)
938. گھلوجا (سميجا)
939. گھليجا
940. گھمرا
941. گھمڑ (ساند)
942. گھنا
943. گھنيا
944. گھوتا
945. گھوتاٹا
946. گھوراواري
947. گھوگھاٽ
948. گھوگھٽ
949. گھوگھرا
950. گھيجا
951. گھيھلائي
952. لاپري
953. لاڈ
954. لاڑ
955. لاڑا (مورڑپيوتا)
956. لاڑائي
957. لاڑڪ (سميجا)
958. لاکا
959. لاکاتا (لاکا)
960. لاکاتي (لاکا)
961. لاکاتيا (لاکا)
962. لاکائي
963. لاکڙيجا (لاکا)
964. لاکياري
965. لاکيپوتا (لاکا)
966. لاکير (سميجا)
967. لاکير
968. لالائي (چنا)
969. لانبر
970. لانبر (سميجا)
971. لانگا
972. لباٹا
973. لتر
974. لٹرو
975. لٹڑيا
976. لٹڑ
977. لجر
978. لڏا
979. لر
980. لش (چاچڑ)
981. لکاڑ
982. لکٹير
983. لکمير
984. لکمير (کيريا)
985. لکڑ (لاکا)
986. للا
987. للائي
988. ليليا
989. ليليا
990. لنجا
991. لنجار
992. لنجر
993. لوتيار
994. لوڏيڑا
995. لورا
996. لورڑ
997. لوري
998. لوريا
999. لوڑھائي (بگھيا)

1000. لولجا
1001. لونٹيا
1002. لونڪ
1003. لونگائي
1004. لهاح
1005. لهٹا
1006. ليارا
1007. ليارا
1008. لياراٹي
1009. لياريوٹا
1010. ليرا
1011. ليلڑ
1012. ليماٹي (جوٹيجا)
1013. ماٹي (ساٹي)
1014. ماجر
1015. ماجونا
1016. ماڇي
1017. ماڏو
1018. مارائي
1019. ماشڪي
1020. ماڪڑا
1021. ماڪلواڏي (چاچڑ)
1022. ماڪڑا
1023. ماگر
1024. مانجريا
1025. مانڊ
1026. مانڊريا
1027. مانڊڑا
1028. مانڊي
1029. مانگ
1030. مانگر
1031. مانگري
1032. مانگريا
1033. مانگرياٹي
1034. مانگهرا (چاچڑ)
1035. ماهوٹا
1036. ماهوجا
1037. مبراٹي
1038. متاٹي (چاچڑ)
1039. متر
1040. متيلا
1041. مٹائي (ڏاريجا چاچڑ)
1042. مٹائي
1043. مڇارا
1044. مڇر
1045. مُڇڑا
1046. مڇلا
1047. مڇيرا
1048. محباٹي (جوٹيجا)
1049. محسن پوٹا (ڪيريا)
1050. محمداٹي (چنا)
1051. محمد حسن (نارائي)
1052. محمود (سميجا)
1053. مرا (نهڑي)
1054. مراد پريا
1055. مراٹي (چنا)
1056. مرگل
1057. مرگهر
1058. مريا (چاچڑ)
1059. مريڑا (ساند)
1060. مڑهائي
1061. مڑهي
1062. مسرق
1063. مسڪاٹي
1064. مشري
1065. مصري
1066. معاشي
1067. مڱڑ
1068. مڪا
1069. مڪراٹو
1070. مگرا
1071. مگي
1072. مگيا
1073. ملاح
1074. ملاٹا (پلي)
1075. ملاٹي
1076. ملڙ
1077. ملڙ فرش (ڪيريا)
1078. ملهار
1079. ملهاٹا
1080. ممڑا

1081. مناڑا
1082. مناهيا (سميجا)
1083. مناهيجا (سميجا)
1084. منجا
1085. منجواڻي
1086. منجهو
1087. منجهواڻي
1088. منچرا
1089. منچري
1090. منچوري
1091. منڊرا
1092. منڊا
1093. منڊڑا
1094. منڊي
1095. مٺگراڻي
1096. منگراھ
1097. منگڑا
1098. منگسي
1099. منگلجا
1100. منگن
1101. منگو
1102. منگواڻا (ساريا)
1103. منگيا
1104. منگھڻ
1105. منگھواڻي
1106. موتاڻي
1107. موٽڻ
1108. موٽڻ پوٽا
1109. موچي (سميجا)
1110. مورجو
1111. مورڑا
1112. موريا
1113. موريائي
1114. موساڻي (ڇنا)
1115. موساوي
1116. موماڻي (ٻگھيا)
1117. موندر
1118. مونگر
1119. موئرا
1120. مها
1121. مهاڻا
1122. مهر
1123. مهرا (هندو)
1124. مُهراڻو
1125. مهراڻي (راهوجا)
1126. مهرچ
1127. مهيسر
1128. مئڪي
1129. ميان (نهڑي)
1130. مياڻا
1131. ميٽڙ (سميجا)
1132. ميٽڑا (سميجا)
1133. ميد
1134. ميراڻي
1135. ميربحر
1136. ميرزائي (مانگريا)
1137. ميرگاڻي
1138. ميرڻ پوري
1139. ميري
1140. ميساوا
1141. ميسو
1142. ميسيا
1143. ميڪڻ
1144. ميمن
1145. ميمو
1146. مين
1147. مينڌا
1148. مئ
1149. ناپر
1150. ناچ
1151. نارائي (محمد حسن)
1152. ناريجا
1153. ناڪڙا
1154. نانگا (سميجا)
1155. ناهڙ
1156. ناهيجا
1157. نايا
1158. نمچ
1159. نندائي (لکاڻ)
1160. نندياڻي (ٻگھيا)
1161. نندیرواڻي

1162. ننگاٹي (چاچڑ.

1163. نوٹيرا

1164. نوڈ

1165. نورا

1166. نورائي

1167. نورنگ (ڈاريجا چاچڑ)

1168. نورنگ پوٹا

1169. نومريا

1170. نوڑ کٹا

1171. نوهريا

1172. نهاٹي

1173. نهريا

1174. نهڑ

1175. نهيا

1176. نيارا

1177. نيرائي

1178. واٹي

1179. واٹيا

1180. واڈڑجا

1181. واطٹي

1182. واگھ

1183. واگھا

1184. واگھري

1185. واگھريو

1186. واگھوريا

1187. واگھيرا

1188. والڑي

1189. والهوٹا

1190. واهوجا

1191. وائوري

1192. وائون

1193. وڈا

1194. وڈائي

1195. وڈڑيا

1196. وڈيا

1197. وڈيجا

1198. وڈھر

1199. وڈھرا

1200. وڈڑيا

1201. وڈو

1202. وِرر

1203. ورڑ

1204. ورک

1205. ورھ

1206. ورھيا

1207. وڑيل (ساند)

1208. وزيراٹي (ڈيرا)

1209. وسا

1210. وساڑ (جوٹيجا)

1211. وسطڑا

1212. وسڑ

1213. وسو

1214. وگا

1215. ولاسيا

1216. ولهاري

1217. ولهيا

1218. وليجا

1219. ونجهر (لکڑ)

1220. ونگرا (گندرا)

1221. ونگڑا

1222. ونهري

1223. وهاٹي (چنا)

1224. وهرا

1225. وهڑ

1226. وهناٹي (چنا)

1227. وهواٹي (چنا)

1228. وئنس

1229. ويج

1230. ويرم (ساند)

1231. ويسر

1232. ويسر

1233. ويسرا

1234. ويسراٹي

1235. ويسريو

1236. ويگا

1237. ويهربوٹا (ملاح)

1238. ويهو (لکڑ)

1239. ويئنس

1240. هاجاٹي (مانگريا)

1241. هاکر

1242. هالاٹي

1243. هالتي
1244. هاليا (پگهيا)
1245. هاليپوتا
1246. هبار
1247. هتر
1248. هتيار
1249. هتيپوتا
1250. هـجا
1251. هد
1252. هديا
1253. هڏورا
1254. هربا
1255. هرڻ (مانگريا)
1256. هسڙ
1257. هلايا
1258. هلي
1259. هليا
1260. همپي
1261. همٽئي
1262. همئتي
1263. هنگورا
1264. هنگورجا
1265. هنگي پوتا
1266. هوت خاناڻي
1267. هوتي (سميجا)
1268. هوتياڻي
1269. هوتيپوتا
1270. هودائي
1271. هوروالا
1272. هوڙائي
1273. هوڙهاڻي
1274. ياقياڻي
1275. يوسفاڻي (ڏيرا)

ميربرهمڻ: ڪتاب "شاهان گوجر" ص 172 تي لکيل آهي ته "مير برهمڻ"، برهمڻ ۽ گجرن جو پاڙو آهي. گور برهمڻ، ناگر برهمڻ ۽ پشڪر برهمڻ هنن جا عزيز آهن.

مير بلوچ زئي: اصل ۾ ڪرد آهن، هن وقت پاڻ کي بلوچ چوائين ٿا. مال پالي گذران ڪن ٿا.

ميرپوتا: متعلوي/متياروي سيدن جو پاڙو آهي، جن مان موسيٰ ۽ ميرحسن به وڏا پاڙا آهن. هي سيد احمد بن سيد مير علي سنڌي جو اولاد آهن. جاکرن جي سرمان پوتا پاڙي مان پڻ ميرپوتا آهن.

ميرجت: سنڌ جا اصلي سماڻي جت آهن. سنڌ جي حاڪم ميرن تالپرن هنن کي پنهنجي جنگي ساز و سامان ڏوئڻ لاءِ معمور ڪيو هو، جيڪي اهو مال انن تي ڏوئيندا هئا. جتن جي انهن مخصوص لاڏو ماڻهن کي ميرن جي ان نسبت سان پاڻ کي "ميرجت" يعني ميرن جا جت چورايو. هي ٻين جتن کان پاڻ کي مٿانهون سمجهن ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ جت قبيلي جا 43 پاڙا لکيا آهن، انهن مان ڇهرئين پاڙي جو نالو "ميرجت" آهي. ڪتاب "سماٽ" جي ص 57 تي سنڌ جي سماڻي جتن جا ڪافي پاڙا لکيل آهن، انهن مان هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ميرجت" لکيل آهي. رسالو "سنڌ دوست" شماره ڊسمبر 1999ع ص 20 تي حاجي خان چاچڙ، هنن کي سماٽ جي قبيلن مان ڏيکاريو آهي. ايس صادق علي پنهنجي لکيل ڪتاب جي ص 89 تي جت بلوچن جا 37 پاڙا لکيا آهن، ليڪن انهن ۾ "ميرجتن" جو نالو ئي ڪونهي.

ڪن ڪن جاين تي ميرجت پاڻ کي بلوچ چوائين ٿا، جيڪا سندن پل آهي. ميرجت سنڌ جا اصلي سماڻي جت آهن نه ڪي بلوچ.

محترم غلام رسول مير جت "جتن جي تاريخ" ۾ لکيو آهي ته. بلوچستان ۽ مڪران وارا جت اصل ۾ سنڌ جا جت آهن. جڏهن محمد هارون جت مڪران جو گورنر مقرر ٿيو هو تڏهن انهن جتن مان ڪن کي "مير" جو اعزاز ملیو ۽ هو پاڻ کي "ميرجت" سڏائڻ لڳا. ليڪن اهي جت اصل ۾ سماٽ آهن نه ڪي بلوچ. هڪ ٻئي حوالي موجب لاشار ۽ رند جي جنگ ۾ "ڪويل ديوانو" جت ۽ "سردار راوچ جت". پنهنجي راڄ سوڏو مير چاڪر خان رند جي مدد ڪئي هئي ۽ کين "مير" جو لقب ڏنائين. ان بعد هي جت "ميرجت" سڏجڻ لڳا. مختلف بلوچ قبيلا هنن کي پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ انن سميت استعمال ڪرڻ لڳا ۽ بلوچن کي ويجها ٿيڻ لڳا. جنهن ڪري اهي پاڻ کي ميرجت بلوچ چوائڻ لڳا. هنن جا خاص پاڙا آهن.

1 جونگلائي. 2 حمل زئي. 3 جيئندزئي. 4 چلوزئي. 5 دوداڻي. 6 گلاباڻي. 7 بشڪواڻي. 8 چنداڻي. 9 داداڻي. 10 ڪويل. 11 موجاڻي. 12 دلاورزئي. 13 چام زئي. 14 ماچاڻي. 15 سئتاڻي. 16 سنجراڻي. 17 پند. 18 حاجاڻا. 19 ڪنداڻي. 20 ٻبر. 21 لنجواڻي. 22 لشاري. 23 براڻا. 24 بالادي. 25 واسوواڻا. 26 والوت. 27 دائيداڻا. 28 ديدڙ. 29 ساهووال. 30 باريچا. 31 جهانگاري. 32 بحراڻي. 33 زرداري. 34 گندڪاڻي. 35 شهبڙاڻي. 36 عاقيواڻي. 37 پرڪاڻي. 38 ڪرماڻي. 39 چماڻي. 40 مغلاڻي. 41 شهداڻي. 42 چوڪاڻي. 43 دادوواڻي. 44 چندواڻي. 45 چلوزئي. 46 گولاڻي. 47 تيجواڻي. 48 مستاڻي. 49 مادناڻي. 50 مهراڻي. 51 ماركاڻي. 52 سيتاناڻي. 53 مندڙاڻي. 54 بلنداڻي. 55 لاکاڻي. 56 برهماڻي. 57 قبصراڻي. 58 دائوداڻي. 59 چٽاڻي. 60 جاڙووائي. 61 بنگلاڻي. 62 رستماڻي. 63 نصيراڻي. 64 حسناڻي. 65 ڏاڙهووائي. 66 ٻيڙاڻي. 67 ڪرماڻي. 68 ميواڻي. 69 مندوستاڻي. 70 ٻيلساڻي ۽ 72 بياماڻي.

ميرچنداڻي: هندن جي ذات آهي. ديوان آڏارام هن کيڙ مان هو. چون ٿا ته هنن جي نڪ جو نالو "موٽڻ پوٽا" ۽ "ماکيجا" آهي.

مير حباساڻي: ڪرمتين جي لجيرا شاخ مان هڪ پاڙو.

مير حسن: متعلوي/متياروي سيدن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "مير پوتا" آهي. جنهن جا به وڏا پاڙا موسيٰ ۽ مير حسن آهن. مير حسن بن چٽو بن سيد احمد بن سيد مير علي سنڌيءَ جو اولاد آهن.

ميرخاناڻي: ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ مان هڪ پاڙو.

مير خان زئي: دينارين جو هڪ پاڙو آهي.

ميرخاڻي: دومڪي بلوچن جي جسڪاڻي پاڙي مان آهن. جڪراڻين ۾ پڻ "ميرخاڻي" آهن.

ميرحي: سيد خاندان جو هڪ پاڙو.

مير خيل: ترڪئي (تري) پناڻن جو هڪ پاڙو.

مير داداڻي: هي مير دوداڻي لاشاري جو اولاد آهن. ڪٿي دوداڻي ته ڪٿي وري مير داداڻي سڏجن ٿا.

مير داد خيل: خيبر شنواري پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

مير دادي: رندن جو هڪ پاڙو.

مير دوست زئي: نوڻاڻي بگٽين جو هڪ پاڙو. سندن ڇگو مڙس ڪامي خان هو.

ميرڙاڻي: چاندين جو هڪ پاڙو. حملاڻي ۽ ميرڙاڻي هن پاڙي جون قربون آهن.

ميرزاڻي: مانگريا ذات جو هڪ پاڙو.

مير علي پوٽا: متعلوي سيدن مان. سيد مير علي بن سيد ذڪريا بن شرف الدين جو اولاد آهن.

مير فاناڻي: ڪرمتين جي مرگهر قبيلي جو هڪ پاڙو.

ميرڪ: سبز واري سيدن جو هڪ پاڙو. هنن جو وڏو محمد ميرڪ، شاهه بيگ ارغون سان ڏٺي ۾ اچي ويٺو. سندس اولاد پاڻ کي "ميرڪ ۽ ميرڪي سيد" سڏايو.

ميرڪام: گورچاڻي بلوچن جي سوراڻي شاخ مان آهن.

ميرڪهوڙ: راجپوتن جي هڪ ذات.

ميرگاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ميرلوڪ: هي سڻين يا سلوڪ لوڪن جو اولاد آهن. هن وقت سنڌ ۾ ناپيد آهن.

ميرلياڻي: پنجي پائي خوجن جو هڪ پاڙو.

ميرناڻي: لاشارين ۽ ڪوسن جو هڪ پاڙو.

ميرڻ: سمن جو هڪ پاڙو.

ميرٽاڻي: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪتاب "سومرن جو دؤر" ۾ لکيو آهي ته "ميرٽاڻي"، سومرن جو پاڙو آهي. وسائي پوٽڙا چاندين ۾ پڻ هڪ پاڙو.

ميرڻ پوٽا: متعلوي/مٽياروي سيدن جي سيد مرتضيٰ عرف پرئو بن سيد مير علي سنڌيءَ جو اولاد آهن. جيڪي پاڙي طور "ميرڻ پوٽا" سڏجن ٿا.

ميرڻ پوري: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ميرواڙي: هيءَ ذات اصل ۾ مشڪي، ڪولهه ۽ جائو. جي آهي. سندن واسطو بروهي قبيلي جي ڇگي مڙس مير عمر مير واڙي بروهي سان آهي. "تاريخ بلوچستان" موجب ميرواڙي. احمد زئي حڪمران پاڙو آهي. جن جو ڏاڏو مير مير خان هو. جنهن جي نسبت سان سندن پاڙي جو نالو "ميرواڙي" پيو. تاريخ ۾ لکيل آهي ته هي

حلب کان آيل عرب آهن. پوء مشڪي. ڪولوهه ۽ جائو ۾ آباد ٿيا. هن وقت سنڌ ۾ به رهن ٿا. بروهين جو هي بنيادي ۽ اصل قبيلو آهي.

ميروازي: بروهين جو هڪ پاڙو.

ميرواڻي: رندن. چاندين ۽ بگٽين جو هڪ پاڙو. گورچاڻي بلوچن جي بازيگر قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ميرواڻي" آهي. کوسن جي سلمن پاڙي مان هڪڙي ڦري جو نالو آهي. بروهين ۾ پڻ "ميرواڻي" آهن. ميروڙي. ميرواڻي ۽ ميرواني قبيلو ساڳيو آهي. صرف تلفظ جو فرق آهي. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 105 تي ميرواڻين جا پاڙا هن طرح ڄاڻايل آهن. 1 ڪرم شاهه زئي. 2 جيئنداڻي. 3 گوهرام زئي. 4 سومارزئي ۽ 5 فقير زئي. هڪ ٻئي حوالي موجب جاکرن جي منجهڻان پاڙي مان هڪ ٽڪ جو نالو پڻ "ميرواڻي" آهي.

ميروخيل: آفريدي پٺاڻن جي اڪاخيل قبيلي مان آهن.

ميروزائي: ميرجاڪر خان رند جو اولاد آهن. هن وقت هي رندن جو پاڙو آهي.

ميروزئي: شهواڻي بروهين جي حاجي زئي خاندان مان آهن. ايس صادق علي لکيو آهي ته "ميروزئي" رندن ۽ دومڪين جو پاڙو آهي. ڪهاوتن ۾ آهي ته ميروزئي رند ۽ پٺاڻ جو اولاد آهن. گبرزئي ۽ ميروزئي پاڻ ۾ عزيز آهن. ليڪن جهيڙن ۽ تڪرارن سبب پاڻ ڪان جدا ٿي ويا آهن. ميروزئي. بلوچستان ۽ سيوهڻ جي پرسان جهانگارن ۾ رهن ٿا. چون ٿا ته سردار يار محمد رند به انهن مان آهي. هن پاڙي جو اوائلي سردار. سردار خان رند هو.

ميرئيا: مينگهواڙن جي هڪ ذات. ٿر ۾ رهن ٿا.

مَيري: سما آهن. ٿر ۾ رهن ٿا.

مِيري: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ميرياڙي: مزاري بلوچن جي رسمتاڻي قبيلي جو هڪ پاڙو.

ميريپوتا: قيهرن جو هڪ پاڙو.

ميري خيل: آفريدي پٺاڻن جو هڪ قبيلو. ملڪ دين خيل قبيلي جو پڻ هڪ پاڙو. ملڪ دين خيل ۽ مير احمد خيل. آفريدي پٺاڻن مان آهن.

ميڙاهو: ٿري هندن جي هڪ ذات.

ميساوا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا.

ميسو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ميسيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ميڪن: پنوار راجپوتن جي ڏوڏي شاخ مان آهن. جٽ سڏجن ٿا.

ميڪنگل: لسبيلي جا بروهي آهن.

مَيڪڻ: سمن جو هڪ پاڙو.

ميڪڻ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مَيڪو: هڪ مسلمان سمات ذات.

ميگهه (مينگهه): مينگهواڙن جو هڪ پاڙو. چون ٿا تہ ميگهه (مينگهه) مان "مينگهواڙ" ٿيا آهن.

ميلائي: اڇڻ جي هڪڙي پاڙي جو نالو.

ميلو: گوجر قبيلي جو هڪ پاڙو.

ميليخيل: قزلباش مغل پنڌڻ جو هڪ پاڙو.

ميمن: سما ۽ ملاح آهن. هن وقت هي "ميمڻ" سڏجن ٿا.

ميمناخيل: آفريدي پٺاڻن جي اولاد خيل قبيلي جو هڪ پاڙو. هن قبيلي جون خاص ڳوٺ آهن. 1 فيروز خيل. 2 مير احمد خيل 3 سيپاهه.

مَيمڻَ: "جامع سنڌي لغات" م لکيل آهي تہ ميمڻ لفظ سنسڪرت جي لفظ "منت" تان ورتل آهي. جنهن جي معني برڪت. سعادت ۽ سعادتمندي آهي. هي ڪچ ۽ ڪاٺيوار مسلمان (شيخ) آهن. هنن کي "سُرها" ب چون ٿا.

مرزا قليچ بيگ، ڪتاب "قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" م لکي ٿو تہ "ميمڻ" اصل م هندو لوهاڻا هئا. جي پوء مسلمان ٿيا. پندرهين صديء عيسوي م (1441ع) سيد يوسف الدين قادري، بغداد مان لڏي آيو ۽ انهيء جي هٿ تي لوهاڻن جي مڪ "ماڻڪجي" سميت 700 ماڻهو بيعت ڪري مسلمان ٿيا ۽ ان جا مريد ٿيا. پوء ڪچ ۽ بمبئي جي طرف ويا. هي ديندار آهن ۽ اصل لفظ "مؤمن" مان ميمڻ ٿيا آهن. هي قاضي. آخوند ۽ ملا ب سڏبا آهن. ڪتاب "سنڌي بولي جي تاريخ" از پيرو مل آڏواڻي ص 227 تي لکيل آهي تہ لوهاڻن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "موتا" هو. جنهن مان ڦري "ميمن" ٿيا آهن. رچرڊ برٽن لکي ٿو تہ ميمن عربي لفظ "مؤمن" جي هڪ بگڙيل صورت آهي. هنن تي ميمن نالو هندن مان مسلمان ٿين تي پيو. هي معزز ۽ مذهبي ماڻهو آهن. طمع جي ڪري ماڻهن هنن تي ٽوڪون ڪيون. ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ص 39

موجب لوهاڻن مان مؤمن ۾ بعد ۾ ميمن ٿيا. هنن جا خاص پاڙا آهن. 1 آرباڻي. 2 آڪباڻي. 3 ابداڻي. 4 اوڪائي. 5 انجر. 6 برپڙيا. 7 بوترا. 8 بدا. 9 پونجاڻي. 10 جورائي. 11 جوڙائي. 22 پاريک. 13 داسلائي. 14 زڪريا. 15 سينيا. 16 روگاتيا. 17 ڪتيانہ. 18 ڪانياواڙي. 19 پرياڻي. 20 پيپرائي. 21 سورنيا. 22 سانگلاڻي. 23 عاقلائي. 24 ڪيساڻي. 25 گٽا. 26 گنگ. 27 گلا. 28 گلريجا. 29 مجهلائي. 30 موٽلائي. 31 منرائي. 32 مڌائي. 33 جيتپوري. 34 ڪڇي. 35 لکاڻي. 36 مٺواڻي. 37 هالاري. 38 هالائي. 39 شيخ. 40 نوراني ۽ 41 جانواڻي.

ايس صادق علي لکي ٿو ته سنڌ جا سنڌي ميمڻ سما خاندان مان آهن. سنڌي ميمڻن جا خاص پاڙا آهن: 1 آخوند. 2 پدائي. 3 جاوتيا. 4 ڏيراج. 5 سنيا. 6 شادي. 7 شاهي. 8 سومار. 9 عيسر. 10 قاضي. 11 قادواڻي. 12 قريشي. 13 ڪٽپر. 14 ڪوري. 15 ڪمالاڻي. 16 گدڙ. 17 لات. 18 لاکا. 19 ورايا. 20 لاکاڻي. 21 نوراني. 22 يوسفاڻي. 23 اڳڙا. 24 اٺاڻي. 25 برڙ. 26 بيگاڻي. 27 پجالائي. 28 پٺڻ. 29 پوٽيڙا. 30 پلاڻي. 31 پکيٽڙا. 32 پچارا. 39 هيڏڙا. 40 حمال. 41 هالائي. 42 دونگا. 43. ڏاڻي. 44 ڏاڪاڻي. 45 شيرخاڻاڻي. 46 شاکراڻي. 47 ڪانگ. 48 غضي. 48 ڪارڙا. 49 ڪار. 50 ڪانيار. 51 ڪاٺوڙا. 52 ڪن. 53 ککڙا. 54 کجر. 55 گڏوڙا. 56 گونگاڻي. 57 مچر. 58 لونگاڻي. 59 ممباڻي. 60 مانڪاڻي. 61 مڪڙ. 62 مٽيندڙا. 63 من. 64 ٽيکري. 65 نورسيا. 66 نانگ. 67 وينجهر. 68 ذڪرياڻي. 69 متاڻي. 70 آدماڻي. 71 پڳڙا. 72 ڪنهاڙ ۽ 73 مرچ.

ميمو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

مين: معني مڇي. پاڻ. روشني. پاڻ وارن ملاحن کي ڇار ۾ تمام گهٽي مڇي مرندي هئي. جنهن وجه تسميه سبب اهڙا ملاح ۽ مهاڻا ذات جا "مين" سڏجن لڳا. هڪ روايت موجب مين. سيراڻي قبيلي جو ٻيو پاڙو آهي. (بحوالہ: مهران نمبر 4-3 سال 2001 ص 42)

چوٽي: دهن مين ملا چئي، هس چيٽي جهڙي چيٽ (چيلهه).
ڏند موتي چپ مين، آهوعين عجيب جا.

مينا: راجپوتن جي هڪ ذات.

ميندائي: چاندين جو هڪ پاڙو.

مينڌ: هڪ سماڻ ذات.

مينڌرا: (سنسڪرت. مها = وڏو + اندر = ڏئي) هندو راجپوتن جي ذات آهي. هن وقت هنن مان ڪافي مسلمان ٿيا آهن. مومل جو عاشق راڻو (سوڍو) هن ذات مان هو.

مينڪ: هڪ سمات ذات.

مينگ: ڪورين جي هڪ ذات. پنجاب کان آيل آهن.

مينگر: هڪ راجپوت ذات.

مينگراھ: هڪ مسلمان ذات.

مينگل (مئنگل): اصل ۾ فارسي لفظ "مئنگل" آهي جنهن جي معني آهي هاٿي (مدڪل). محاوري طور هاٿيءَ جهڙي طاقت رکندڙ، پهلوان وغيره. مينگل، سراواني ۽ جهلاواني بروهي آهن، جيڪي زهري (زرڪ زئي) جي اثر هيٺ آهن. حقيقت ۾ مينگل ٽن بروهي قبيلن تي مشتمل آهن يعني شاهي زئي، ذگر مينگل ۽ سمالائي مينگل. ڪتاب "بلوچ قوم ڪي تاريخ" ص 696 تي لکيل آهي تہ مينگل اصل ۾ "جت" آهن. ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ۾ لکيل آهي تہ مينگل بن لفظن مين + گل تان ورتل آهي. مين، پنجگور ۾ هڪ جاءِ جو نالو آهي ۽ "گل" ڏڻ کي چون ٿا. يعني انن جي ڏڻ وارا (وڳ) جت. مينگل بروهي هڪ مشهور قبيلو آهي، جنهن جا خاص پاڙا آهن: 1 ابابگي، 2 حمل زئي، 3 بلي زئي، 4 گمشاوزئي، 5 پهلوان زئي، 6 داروزئي، 7 حسن زئي، 8 بلغارزئي، 9 شادمان زئي، 10 دولت خانزئي، 11 دينارزئي، 12 نوهڪ زئي، 13 باران زئي، 14 گورائي، 15 مامون زئي، 16 احمدان زئي، 17 بادين زئي، 18 ابراهيم زئي ۽ 19 رحمت زئي.

مينگل قبيلي جو شجرو هن طرح آهي.





هن تي سرداري پڳ آهي.

هڪ تحقيق موجب مينگل زهريءَ جي پٽ لوٽ (لوناڻي) جي اولاد مان آهن. جن جو شجره هن طرح آهي.



مينگل زئي: فوفل پناڻن جو هڪ پاڙو. تور پناڻن ۾ پڻ "مينگل زئي" آهن.

مينگوني: دريشڪ رند بلوچن جو هڪ پاڙو.

مينگهه (مند): هيئري پائٽنجر جي لکڻ موجب مينگهه (مند) نهروي بلوچن جو پاڙو آهي. هنن جو سردار شهسوار خان هو. م.ک پيکولين ڪتاب "بلوچ" ۾ هنن کي "من" لکيو آهي.

مينگهراجاڻي: پاڙها ذات جو هڪ پاڙو.

مينگهواڙ: مينگهه معني مينهن ۽ واڙ معني وارو. يعني مينهن وسائڻ وارو. قياس وارو. رحم ڪرڻ وارو. ديا ڪرڻ وارو وغيره. جڏهن الله سائين مخلوق تي قياس ۽ رحم ڪري تو تڏهن برسات پوي ٿي. مينگهواڙ. رشي مينگهه جو اولاد آهن. مينگهه راجپوتانا جو رهواسي هو.

هي گهٽ ذات وارا موچي هندو آهن. جن کي عام طور اڇوت چيو ويندو آهي. اصطلاحي معني ۾ "مينگهواڙ" هندو موچي آهن. جيڪي اصل ۾ راجپوتانا جا آهن. جتان لڏ پلاڻ ڪري گجرات. واڳڙ ۽ ڪچ ڪان ٿيندا اچي ٽر ۾ آباد ٿيا. جتي هنن جوتن ڪڍڻ جو ڪم شروع ڪيو. روزگار خاطر لاڙ جي شهرن ۾ پکڙجي ويا. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ به رهن ٿا. هو مهاديو ۽ ديوي۽ جا پوجاري آهن ۽ رامديو سندن پير آهي.

مينگهواڙ. اڇوت هندن ۾ هڪ گهٽائيءَ واري ذات آهي. جن ۾ سوين ذاتيون شامل آهن ۽ ڪي ذاتيون راجپوتن واريون آهن. ليڪن اهي مينگهواڙ سڏجن ٿا. مينگهواڙن ۾ ڪجهه شامل ذاتيون هيٺ ڏجن ٿيون: 1 آسريا. 2 اوڍاڻا. 3 باروپار. 4 برڻا. 5 بڙهيا. 6 بنهنيار. 7 بوڙاڻا. 8 پٽي. 9 تائڪ. 10 پاتاريا. 11 پاريگي. 12 پرمار. 13 پٽڙيا. 14 پرهار. 15 پڙهيار. 16 پنا. 17 پنر. 18 پنڙ. 19 پوچيا. 20 جوگو. 21 جيپا. 22 جئيار. 23 جهيرت. 24 چوهان. 25 چريٽ. 26 دبڙا. 27 درڙا. 28 ڏاڦڙا. 29 ڏانگي. 30 ڏاگوري. 31 ڏڦير. 32 ڏنديسا. 33 ڏوڏا. 34 ڏيڏيٽا. 35 رانوڙ. 36 رانگي. 37 راٺوڙا. 38 سميئا. 39 سودرا. 40 سولنکي. 41 سيجو. 42 ڦڦل. 43 ڪاگيا. 44 ڪانڙ. 45 ڪڍيجا. 46 ڪريچا. 47 ڪلال. 48 ڪنڀا. 49 ڪنيرا. 50 ڪنچا. 51 گاڏي. 52 گانگڙا. 53 گريوي. 54 گڙسر. 55 گودا. 56 گودڙيا. 57 گوهل. 58 گيهيلڙا. 59 لکيا. 60 ماتنگي. 61 مچڙيا. 62 مڙڪٽ. 63 مسانيا. 64 مسوڙاٽيا. 65 منوهر. 66 ميرٽيا. 67 وارسو. 68 والڙهيا. 69 واٽيا. 70 وائوڙيا. 71 ولها. 72 هينگڙا. 73 سينگلائي. 74 منگيا. 75 نيلڙ. 76 واڙسور. 77 ورل. 78 واوڙيا. 79 نوشا. 80 ويراج. 81 ميرايا. 82 ولا. 83 واگهيلا. 84 نجار. 85 مونچڙيا. 86 نمها. 87 ملينديا. 88 هريهل. 89 هرول. 90 واوري. 91 وٽول. 92 هنجڙا. 93 وارٽاڻو. 94 ويجڪ. 95 واسيا. 96 مهيشر ۽ 97 مهراڻي

مينوهاڻي: مهرن جو هڪ پاڙو. ڪي هنن کي ميهاڻي به چون ٿا.

مينهاڻي: چهڙن جو هڪ پاڙو.

مينهن وساڻي: جاکرن جي منجهڻان پاڙي مان هڪ ننڍو پاڙو.

مَيٹا: سماڻي ۽ سرائي جت آهن. اتر سنڌ ۾ رهن ٿا.

مِيٹا: ملاح ۽ مهاتا آهن. ٽر ۾ رهن ٿا.

ميو: هي مسلمان ۽ هندو آهن. جيڪي راجپوت نسل جي دعويٰ ڪن ٿا. ليڪن مقامي ماڻهو هنن کي ڪمتر ۽ گهٽ نسل وارا چون ٿا. پرتپورڪوهستاني علاقي ۾ هڪڙي هنڌ جو نالو "ميوات" آهي. ان نسبت سان "ميو" سڏجن ٿا. ڪي ماڻهو هنن کي "ميواتي" ب چون ٿا. مسلمان ميون جا رسم رواج هندن جهڙا آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 بالوت. 2 برگوجر. 3 بيلاٽا. 4 پنڊلوت. 5 تانور (تنوار). 6 دولوت. 7 دنگل. 8 ديمروٽ. 9 پاهوت. 10 چرڪلوٽ. 11 ڏيروال. 12 رتاوت. 13 سنگل. 14 ڪلسيا (ڪلساڪي). 15 گوروال. 16 گولوال. 17 گهيسريا. 18 لنداوت ۽ 19 ينگلوت.

ميوا: بلوچي جت آهن. لسبيلي ۾ رهن ٿا ۽ منهون راڄ وارا سندن وڏا آهن.

ميواتي: هڪ مسلمان ذات نهايت ٿورائي ۾ آهن. ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" ۾ لکيل آهي ته "ميواتي" راجپوتن جي ناجائز اولاد مان آهن. جن کي خانزاده ب چون ٿا. ميواتي خاندان جا مورث اعليٰ لکڻ پال ۽ سومتر پال هئا. فيروز شاهه (1351-1388) جي هٿ تي مسلمان ٿيا. لکڻ پال جو نالو ناهر خان ۽ سومتر پال جو نالو بهادر خان رکيو ويو. کين خانزاده جو لقب ڏئي ميوات جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ ميواتي سڏجڻ لڳا.

ميواسي: هڪ غير معروف ذات جو نالو آهي.

ميواٽي: سماٽن ۽ بلوچن جو هڪ پاڙو. جي هن طرح آهن: 1 گورچاٽي بلوچن جي چانگ قبيلي جو هڪ پاڙو. 2 ٽبي لندن جو هڪ پاڙو. 3 عمراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو. 4 جت بلوچن جو هڪ پاڙو. ميرجتن ۾ پڻ آهن. 5 سرڪي سنڌ جا سمات آهن. انهن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ميواٽي" آهي. 6. خاصخيلين جو هڪ پاڙو.

ميولداٽي: سندراڻي برڙدي بلوچن جو هڪ ڪ پاڙو.

ميوو: پنجاب کان آيل هڪ مسلمان ذات.

ميوهولي: راڻوڙن جي هڪ ذات.

ميهه: هڪ مسلمان ذات.

ميهاري: خدراڻي بروهين جو هڪ پاڙو. هي اصل ۾ جدگال آهن. جي بعد ۾ خدراڻين ۾ شامل ٿيا آهن.

مَيهاٽي: گورچاٽي بلوچن جي شيخاٽي قبيلي جو هڪ پاڙو.

مِيهاٽي: مهرن جو هڪ پاڙو. ڪي هنن کي مينوهاٽي ب چون ٿا.

ميهتا: پارسي فرقي وارن جي هڪ ذات. مشهور سماجي ڪارڪن ۽ واپاري جمشيد ميهتا (مهتا) هن کيڙ

مان هو. هي ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

ميهر: هڪ مسلمان سماٽ ذات.

ميهلاڻي: بگٽين جي راهيجا-پاڙي مان آهن.

ميهوال: هڪ مسلمان سماٽ ذات.

ميهي پاجي: رانوڙن جي هڪ ذات.

ميءَ: مهاڻن ۾ مڇيرن جي هڪ پراڻي ذات آهي. ميءَ سنسڪرت جي ٻوليءَ جو لفظ "متسيه" مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ مڇي آهي. مڇي مارڻ وارن کي به "ميءَ" چون ٿا. هي "مئڪي" به سڏجن ٿا. سنڌ ۽ پنجاب ۾ گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا.

بيت:

ميءَ مڇيءَ ۾ هٽڙا، ويٺي ڪري ورن،
راءِ اگهه رکيي، مهاڻي منجهه من،
تماچيءَ جي تن، ڳالهيون چيس ڳجهيون. (شاهه)

بيت:

نوريءَ جي نوازئو، ٽئو تماچيءَ تي،
گاڏي چاڙهي گندري، ماڙهوڪئو ميءُ،
ڪنجهر چنراکي ته سچ سپائي ڳالڙي. (شاهه)

بيت:

تون تماچي تڙ ڏٽي، آءُ مهاڻي ميءَ.

ميئر: منهاس راجپوتن جو هڪ پاڙو. ميئر، مصور ۽ ڪهوٽ پاڻ ۾ عزيز آهن.

ميئن پوتا (ميئن): نهڙين جو هڪ پاڙو.

مييياڻي: ڪرمتين جي زنگياڻي قبيلي جو هڪ پاڙو.

ميين پوتا: متعلوي/متياروي سيدن جو هڪ پاڙو. هي سيد ميان بن محمد بن سيد احمد شاهه بن سيد شرف الدين شاهه متعلوي جو اولاد آهن. سيدن جي هن شاخ مان (ابراهيم شاهه) سنائي سيد، نواب شاهه وارا سيد. موري وارا سيد، ڊپري وارا سيد ۽ پرين وارا سيد آهن. وڏيڪ لاءِ متعلوي سيدن جو شجرو ڏسڻ گهرجي. ڪي ماڻهو هنن کي "ميان پوتا" به چون ٿا.

متعلوي / متياروي سيدن جو شجرو




سيد مير علي ترمذي
سيد حسين ترمذي
سيد محمد شيرازي/ ترمذي
سيد مير علي هراتي
سيد مير عبدالواحد
(ملتان جو حاكر)
سيد مير عبدالباقي
(اجمير جو حاكر)
سيد مير حيدر شاه هراتي
سيد مير عبدالرزاق
(بكر جو حاكر)
سيد مير ابوبكر
(سيوهڻ جو حاكر)
سيد مير شرف الدين
(هرات ۾)
سيد محمد حسين هراتي
سيد مير علي سنڌي
(والده هالا ذات مان)
سيد محمد
سيد شرف الدين
(شرف پوتا)
سيد مرتضيٰ عرف
پرڻ شاهه
ترک زال مان
هالا زال مان
سيد احمد
سيد صاحب
عيسيٰ
(اولاد عيسيٰ پوتا)
موسيٰ
جهنڊو
(اولاد جهنڊي پوتا)
عيسب
(اولاد عيسب پوتا)
سيد ميرڻ
سيد پرڻو
سيد ميرڻ (4)
سيد جلال عرف جراڙ
(اولاد جراڙ ۽ جراڙ پوتا)
سيد احمد شاه
سيد ذكريو
عرف كڙڻو
(1)
(2)
(3)


(1)
سيد محمود
سيد ابوبكر
سيد حاجي
كمال
عبدالمنعم
اولاد منعماثي
محمد سعيد
ملوك شاه
محمد سعيد
بادشاه
عبدالحكيم شاه
قاسم شاه
شرف علي شاه
غلام علي شاه
عرف جنيد شاه
اولاد جنيد پوتا
شهمير شاه
اولاد تكواثي سيد
كمال
ابوبكر
آدم
حسن
اولاد حسن پوتا
اجن پوتا
اولاد اجناثي شاه
محمد
قاسم شاه
اولاد جاموت سيد
سيد هاشم
سيد عبدالمؤمن (عبدالمنعم)
سيد لال محمد عرف للا
سيد جلال شاه
ابوالقاسم
نائي شاه عبدالكريم
بلوي وارو
سيد عبدالكريم شاه
بلوي وارو
اولاد كريم پوتا
جلال شاه (جمال شاه)
عبدالقدوس شاه
حبيب شاه
سيد عبداللطيف
شاه پتاثي
دين محمد شاه
عبدالوالي
سيد سمهبا شاه
اولاد سمهباثي شاه
(2)
سيد محمد شاه
سيد ميان عرف ميو
اولاد ميين پوتا
سيد احمد
اشرف
سيد ابراهيم
ذاثي ڈنو
(گاڑها سيد)
بدرالدين شاه
(سنائي سيد)
(4)
ميرحسن شاه
(اولاد ثاثي بولا خان
راڻيپور- پريا ۾ رهندڙ)
جلال شاه
ميلان شاه عرف
ميان شاه
موسيٰ شاه
قطب الدين
(اولاد شاه ڏنڊي وارا-
هگوراثي شاه)
(3)
سيد محمد
بهاء الدين
سيد سومار
سيد نندا
سيد مبارک
سيد نندا
سيد عبدالوهاب
محمد باقر
عرف باقيل
اولاد باقيل پوتا-
کڙياثي- ڈتوريا سيد
مرتضيٰ شاه
سعيدپور- ڪٽي وارا
سيد

مهتر جو شجرو


حضرت نوح علیہ السلام
سام
ڀاگرت
همهر
منگا
ڏيرو
اجيپار
دسرت
لکمڻ
رام
والده ڪسيلا
نواڪس
اتت
تتت
ڪن
(هن ڪن جو شهر ڀڏايو هو).
راجا سنبوت
(راجپوتن جو ابو)
سام
جادم
چوڙو (چوڙا سمن جو ڏاڏو)
پوپت
پٽين جو ڏاڏو
ڪڇپت
(ڇڏن جو ڏاڏو)
هسپت
(سنڌ جي سمن جو ڏاڏو)



(وڌيڪ تفصيل لاءِ انڙن جو شجرو ڏسڻ گهرجي).

مهرن جو شجرو


حضرت نوح علیہ السلام
سام
بڈ
منگا
همهر
پاگرت
ڈیرو
اجیپار
دسرت
رام
(والده کسیلا)
لکمڻ
نواکس
اتت
تتت
کن
(هن کن جو شهر بڈایو هو).
سنبوت راجا
(راجپوتن جو ابو)
سام
حادم
هسپت
(سنڌ جی سمن جو ڏاڏو)
کجپت
چغدن جو ڏاڏو
پوپت
پٽين جو ڏاڏو
چوڙو (چوڙا سمن جو ڏاڏو)


ابدري
نيت
راڻونوتيار
اودر
اڊو
لاکيار (لاکير)
چام لاکو بادشاهه
انڙ
مهر
لاکو
اولاد مهر
سمون
ڪاڪو
(ڪاڪ جو حاڪم ۽ مسرڪن جو سردار)
رائڊن
سمون
(سميجا هن جو اولاد آهن)
انڙ
مهر
بجيراء
ويرم
(اولاد سوڍا) سوڍو
ڊهر
مهر
اولاد مهر
ڀهوڙ

ن

نَـابيا: سمن جي هڪ ذات.

ناٽا: سميجا قبيلي جو هڪ پاڙو. هي ناٽو پٽ پنيو پٽ ڪلو پٽ راڻڊن جو اولاد آهن.

ناٽاڻي: هالپوٽن جو هڪ پاڙو. ڪرمتي جتن جي پٽوا ۽ گورئي شاخن جو پن هڪ پاڙو.

نَـاپَـرَ: غير سمات ملاح ۽ مهاڻا آهن. سکر ۾ رهن ٿا.

نَـاچَ: اصل لفظ سنسڪرت جو "نرتيه" آهي. جنهن جي معنيٰ آهي نچڻ وارا. ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ گهٽ ذات.

نَـاچِ: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ گهٽ ذات.

نادرخيل: آفريدي پٺاڻن جي ڪوڪي خيل قبيلي جو هڪ پاڙو.

ناڏورا: ڏري هندو راجپوتن جي هڪ ذات.

ناڏيهه: هڪ سمات ذات.

نَـارا: سمن جي هڪ ذات. ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" ۾ لکيل آهي ته منج پٽي راجپوتن مان چوڏپور جي هڪڙي راجا جو نالو نارو هو. جنهن محمد غزنويءَ جي اثر هيٺ اسلام قبول ڪري پاڻ کي "نارا" سڏايو. هي پاڻ کي چاندبنسي ۽ رگهبنسي به چوائين ٿا. ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته "نارا" اپائي خان برگوجر ۽ لالخاني ڇوهانن مان آهن. جن مان ڪافي مسلمان ٿيا آهن.

نارائي: سمن مان آهن. ڪتاب "مورڙو ۽ مانگر مڇ" ص 13، ڇاپو 1976ع از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ موجب "نارائي". ميربحرن جو پاڙو آهي. جن کي "محمد حسن" پڻ چون ٿا. اٿر کان آيل آهن. هن وقت نبي سر ۾ وينا آهن. هڪ ٻئي حوالي موجب "نارائي". انڊڻ جي عدرائي شاخ مان آهن. جن مان پڻ "محمد حسن" آهن.

نارمينا: سورج بنسي هندو راجپوت آهن.

نَـاري: مگسي بلوچن جو هڪ پاڙو.

نارياڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

نَـاريجا: سنڌ ۽ ڪڇ جي سمن مان ساند بن پلي پنهنجي راڄ جو هڪ سردار هو. ان کي ست پٽ هئا. جن جو اولاد پن قبيلن ۾ ورهايل هو. هڪڙن کي ڪڇ جا سما ۽ ٻين کي "ناريجا" چون ٿا. ڪتاب "انساب عالم" جو

ليکڪ ص 205 تي لکي ٿو تہ "ناريجا ۽ نوناري" سورج بنسي راجپوتن مان آهن.

ڪ جي روايت موجب ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪڙي ڏر پائيء جي سهاري وڃي ناري واهہ تي آباد ٿي. ان واهہ مان مڇي ماري گذر سفر ڪرڻ لڳا. اهي مهاڻ ناري واهہ جي نسبت سان ذات جا "ناريجا" سڏجڻ لڳا. روايتن ۾ آهي تہ سنيو. ناريجو. گجيجو. ڪوريجو. ساڳڙ. ڏماچ ۽ پنپرو پاڻ ۾ پاٽ آهن.

ناريجن جو شجرو



ڪتاب "سمات" ص 58 تي لکيل آهي تہ مهرن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ناريجا" آهي. هي مهر سنڌ جي سمن مان آهن. مهرن ۽ ناريجن جي هيءَ ڪل سميجن (ملاح) مان آهي. وڌيڪ لاءِ مهرن ۽ نهڙين جو شجرو ڏسو ڪهرجي. ناريجن جا خاص پاڙا آهن: 1. باگاڻي 2. خدراڻي 3. خليفا (خليفاڻي ، خليفاڻي) 4. خرمتاڻي 5. صدراڻي 6. عالماڻي 7. ڪلتاڻي 8. گنوار ۽ 9. مناڻي

نارين: مڪراڻي بلوچ آهن. نارين. مڪران ضلعي ۾ هڪڙي هنڊ جو نالو آهي. ان هنڊ ويل مڪراڻي پاڻ کي "نارين" مڪراڻي بلوچ جوائين ٿا.

ناڙياڻي: ڪ مسلمان ذات.

ناڙيوال: معنيٰ ناڙيءَ جو رهاڪو. ناڙيوال. داين ۽ ٻارن جي ذات آهي.

نازڪهواڻي: حڪراڻي بلوچ آهن.

ناصر: جي معنيٰ آهي فتح ڪندڙ. ناصر. افغاني پٺاڻن جو هڪ قبيلو آهي.

ناصرزئي: بلوچ آهن. سندن سردار جو نالو بگڑا خان گلاب خان هو. هي وڏيري رند جي اثر هيٺ هئا.

نـاظـرَ: تالپرن جي دؤر ۾ انهن جا شيدي ۽ حبشي غلام هئا. جيڪي سندن گهرن ۽ حويلين ۾ ڪم ڪار ڪندا هئا. انهن گهرو سرد ملازمن ۽ غلامن جا ڪسيا ۽ آنورا ڪڍي ڪين ڪٽ ۽ ڪسي ڪري هٿرادو ڪڍڻو ڪندا هئا. جن کي عام طور "ناظر" چوندا هئا ۽ اهي پڻ کي ذات جا "ناظر" چوائيندا هئا.

ناغڙ: افغاني پٺاڻن جو هڪ قبيلو. غار گست بن عبدالرشيد کي چار پٽ ڪاکڙ. ناغڙ. داري ۽ بنسي هئا. ناغڙ پٺاڻن ان ناغڙ جو اولاد آهن.

ناڪ: اسر بنسي راجپوتن جي هڪ شاخ.

نـاڪـئا: اصل لفظ سنسڪرت جو "ناوڪ" آهي. جنهن جي معني آهي ٻيڙي هلائڻ وارو ملاح. ميربحر ۽ مهاڻو. ناوڪ مان بدلجي "ناڪئا" ٿيو. ناڪئا ملاح آهن. فارسيءَ ۾ ناکي کي. ناخدا چون ٿا. جنهن جي معني آهي ٻيڙي هلائڻ وارو.

بيت: ابي ڏاڏي ڪار، ناحق ڇڏيئي ناڪئا!

ناگ: ٿري هندن جي هڪ ذات. هي رنگ جا ڪارا ۽ بهادر آهن. هنن جو احوال رامائڻ ۾ ٿيل آهي. هي اسر بنسي راجپوتن مان آهن.

ناگاڻي: متعلوي سيدن مان آهن. جيڪي سيد عيسب بن سيد موسي جو اولاد آهن.

ناگپال: اروڙ ونسي هندن جي هڪ نک جو نالو.

ناگـديو: هندن جي هڪ ذات. هي به اروڙ ونسي آهن. ٻڌائي، سياهيملائي، مائيداساڻي ۽ وٽيان هن نک جون مشهور آکهون آهن.

نـاگـرَ: هندن جي هڪ ذات. سنڌ وارا "ناگراڻي" سڏجن ٿا.

ناگراڄ: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو.

ناگراڻي: هندن جي هڪ ذات. جيڪا پاڻين جي چوراسي نياتين جي ويهون نمبر ذات ليکي وڃي ٿي. هي هندن جي چاڙيا نک مان ناگرمل (ياءَ ساگر مل) ولد موالداس خداآباديءَ جو اولاد آهن. ساگراڻي ۽ ناگراڻي ٻاڻ ۾ نکڙيا سوٽ ٿين. غلام شاهه ڪلهوڙي جي دؤر حڪومت ۾ کوسن هنن کي ٽريو هو. ان ڪري هي هتان لڏي ويا.

ناگر برهمڻ: ڪتاب شاهان گوجر ص 172 موجب. ناگر برهمڻ. گوجرن ۽ برهمڻن. مان آهن. گور برهمڻ ميبر برهمڻ ۽ پشڪرن برهمڻ هنن جا عزيز آهن.

ناگـري: بروهين جو هڪ پاڙو.

ناگوائي: هندن جي هڪ ذات.

ناگور: هندستان کان آيل مسلمان آهن، هي سمات ۽ غير سمات آهن.

ناگوري: هندستان جي شهر "ناگور" جا رهاڪو مهاجر مسلمان آهن. سنڌ ۾ رهن ٿا.

ناگي: سمن جي هڪ ذات.

نانا: هن ذات ۾ جسٽس فيروز نانا، مشهور ماڻهو ٿي گذريو آهي.

نانڙائي: هڪ مسلمان سمات ذات جونالو.

نانڪاڻي: هندن جي هڪ ذات

نانگ: ڏڻي شهر ۾ رهندڙ سيمڻن جو هڪ پاڙو. (بحواله: مهران نمبر 4 سال 1972ع ص 128)

نانگا: سميجن جو هڪ پاڙو. هندن جي هڪڙي ذات جو نالو پڻ "نانگا" آهي، جن کي نانگا فقير چون ٿا.

بيت: جي ننگ چڏي ٻانگا ٿيا، تن ٻانگن کهڙو ننگ (سامي).

نانگائي: چاندين جي چوليائي شاخ جو هڪ پاڙو. برڙن ۾ پڻ "نانگائي" آهن.

نانگپال: ٽري هندن جي هڪ ذات.

نانگراج: سمن جي هڪ ذات.

نانگراڻي: سمن جي هڪ ذات. هڪ ٻئي حوالي موجب جاکرن جي منجهائن پاڙي مان هڪ ننڍو پاڙو.

نانگور (نانگوري): هڪ مسلمان راجپوت ذات.

نانگيا: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو. (تاريخ سجاول).

نانواڻي: "ڪاريا" نڪ مان هندن جي هڪ آکيڙ.

نانوائي: اصل ۾ فارسي لفظ "نانبائي" آهي. نان معني مانيءَ ۽ ايا معني پوڙ آهي. نانوا. نان + ايا. اهي ماڻهو جيڪي مانيءَ پوڙ وڪڻن. سرف ڪرت جي ڪري ذات جا "نانوائي" سڏجن ٿا. حالانڪ هي مختلف ذاتين جا هوندا آهن.

نانيز: هندو ڪترين جو هڪ پاڙو.

نـاواڙا: سمن جي هڪ ذات.

ناواڻي: هندن جي "لـنڊ" نڪ مان هڪ آکيڙ جو نالو.

ناوڙا: هڪ مسلمان سمات ذات.

نَـاوڙا: سمن جو هڪ پاڙو. هي ڪچيءِ بلوچستان ۾ رهن ٿا.

نَـاهَـا: سمن جو هڪ پاڙو.

نَـاهَـر: پنجاب کان آيل هڪ ذات. هي مسلمان آهن.

نَـاهِـرَ: حسنائي بلوچن (حساني) جو هڪ پاڙو. هي ڪيترن بلوچ آهن.

نَـاهِـري: هندن جي هڪ ذات. هي هندن جي نائين مهيني جا پوڄاري آهن.

ناهريا: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو.

نَـاهَـڙَ: ملاح ءِ مهاڻا آهن.

نَـاهُـوجا: سمن جي ذات.

ناهويا: راجپوتن جي هڪ ذات.

نَـاهِـيا: سام جي اولاد مان دسرت جي پٽ پرت جو اولاد آهن. جيڪي هن وقت مسلمان آهن ۽ سما سڏجن ٿا.

ناهيجا: ملاح ءِ مهاڻا آهن.

ناهيون: هڪ مسلمان سمات ذات. جون ٿا ٿه ناهيون ۽ ڪانهيون پاڻ ۾ پائر ٿيون. جن جو حسب نسب دل قبيلي مان آهي.

نائب خيل: بدوزئي. بنگل زئي. ۽ ٽينگي زئي بروهين جو پاڙو آهي. هي آغا عليخان جو اولاد آهن. جن مان نائب عبدالرحمان ۽ نائب عبدالقادر نهايت مشهور آهن.

نائـچ: ڪتاب "تواريخ ديره غازي خان" ۾ 108 تي لکيل آهي ته "نائچ" جٽ آهن. هڪ عام روايت اهي آ نائچ پاڻ قبيلي مان سنڌ جا سمائي چارن مڪتيار آهن. جيڪي هاڙي سمي بن جادم بن سام بن راجا سنبوت (سامبس) جو اولاد آهن. نائچن جو چون آهي ته اسان ماهلي جات (ڪٽ) راجپوتن جو اولاد آهيون. لاڳاپا. پٽا. شجرا. نائچ ۽ ڏهر پاڻ ۾ پائر آهن. سوهارن (سوهاوا). نول پچا ۽ طورخان هن جو اولاد اهن. ڊاڪٽر لعل بخش نائچ ۽ چاموٽ حاجي خان چاچڙ. نائچ راجپوت قبيلي جو هڪ شجرو فراهم ڪيو. جيڪو قارئين حضرات لاءِ "ن" جي آخر ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

نَـائـر: هندن جي هڪ ذات. جيڪي پاڻ کي ذات جا نوجي يا شتريه سڏائيندا آهن. هي گهڻو ڪري ڏاڙهي رکائيندا آهن ۽ گرن جا ڪتاب پڙهندا آهن. خدا جي ذات تي ايمان رکن ٿا. پنهنجي ذات وارن کان حلال جانور کهرائي. ان جو گوشت کائيندا آهن. جنهن کي هي "جهاتکو" چون ٿا. هي هندن جي گهٽ درجي جي

ذات آهي ۽ ٿر ۾ رهن ٿا.

نائڪ: هڪ مسلمان ذات آهي.

نَـائي: سنسڪرت جو لفظ نايت. نايتي آهي. جنهن جي معني آهي حجامت ڪندڙ. حجام. ڪرت جي نسبت سان هي ذات جا "نائي" سڏجن ٿا. پنجاب ۾ نائي ذات آهي. جن جا مڪيه پاڙا باسي. باهگو ۽ پنيرو آهن.

نَـايَـا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هي سمن ۾ شمار ٿين ٿا.

نَـبُـو: هڪ مسلمان سمات ذات.

نَـبَـبا: ٿر ۾ رهندڙ مسلمانن. نڪرن ۽ پرمار راجپوتن جي هڪ ذات.

نتڪاڻي: رندن جي هڪ پاڙي جو نالو. هي ميرِ خان رند جو اولاد آهن. سنگهر سندن رياست هئي. جتي هنن مهڪهروٽا ۽ مهوئي ۾ قلعا تعمير ڪرايا هئا. هن وقت هي سنڌ ۾ رهن ٿا.

نٽالاڻي: نٽيار جتن جو هڪ پاڙو.

نَـٽـراڻي: چاندين جو هڪ پاڙو. (غلاماڻي).

نَـٽـُو: هڪ مسلمان ذات جو نالو. متعلوي سيدن مان سيد نٽو بن چٽو شاهه بن سيد احمد بن سيد اُمير علي جو اولاد آهن.

نَـٽواڻي: جهلاواني بروهين جو هڪ پاڙو.

نَـٽـُوخيل: آفريدي پٺاڻن جي ملڪ دين خيل قبيلي جو هڪ پاڙو.

نَـٽـيائي: هڪ مسلمان ذات جو پاڙو. ضلعي خيرپور ميرس ۾ سندن ڪجهه گهر آهن.

نجار: لفظ جي معني آهي وڏو. ڏکڻ عرب ملڪ ۾ وڏڪو ڪم ڪندڙن کي "نجار" چون ٿا. اهي نجار سڏ ۾ اڃي وينا آهن. جيڪي پاڻ کي ذات جا "نجار" چوائين ٿا. ٿري مينگهواڙن ۾ پڻ هڪ ذات جو نالو "نجار" آهي.

نجارزئي: ڏهوار بروهين جو هڪ پاڙو.

نَـجومي: عربي لفظ آهي: جنهن جي معني آهي ت.ن جي علم جو ماهر. جوتسي وغيره. پراڻي زماني ۾ ڪافي ماڻهو انهيءَ علم کان واقف هئا. جيڪي نجومي، جي نالي سان مشهور ٿي ذات طور "نجومي" سڏجڻ لڳا.

نـچاري: جهلاواني بروهين جو هڪ پاڙو.

نخراج: سمن جي هڪ ذات.

نَـدا: سمجا قبيلي جو هڪ پاڙو. هي ندا بٽ ڪندر بٽ ڪجڻ بٽ ڪبر جو اولاد آهن. شيها سمجا. ندا جو اولاد ٿين.

نـداف: عربي لفظ آهي. جنهن جي معني آهي ڪپهه ٽاڻڻ وارو. ڪپهه صاف ڪرڻ وارو. ڪپهه پيڻندڙ.

پيجارو وغيره. ڪرت جي ڪري هي ذات جا "نداف" سڏجن ٿا. پجارا ذات ۾ هنن مان آهي.

نـــداماڻي: نظاماڻين کي چون ٿا. ڪلوڙن ۽ مهرن جي هڪڙي پاڙي جونالو ئي "نداماڻي" آهي.

ندواڻي: هي بلوچن مان آهن.

ندوتا: سورج بنسي راجپوتن جي هڪ شاخ

ندوريا: سورج بنسي راجپوتن جي هڪ شاخ.

ندوي: هندستان کان آيل مهاجرن مان آهن.

نڏا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

نـــرَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

نـــرا: ڏر ۾ رهندڙ پرمار راجپوتن ۽ ٺڪرن جي هڪ ذات. هي پرمارن جي سوڍا ٺڪ مان آهن.

نربان: هڪ راجپوت ذات.

نـــملا: ســـڪن جي هڪ ذات. هندن جون رسمون رکندڙ آهن. راجپوتن ۾ پن آهن.

نرند: قائم خاني چوهان راجپوتن جي هڪ ذات.

نروپ: چوهان راجپوتن جي هڪ ذات.

نـــرهـــ: سمن جي هڪ ذات.

نـــستڪـــاڻـــي: مزاري بلوچن جي بلوچاڻي شاخ جو هڪ پاڙو.

نسرت زئي (نصرت زئي): محمد زئي (زمند) پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

نـــصارا: حضرت عيسيٰ جا پوئلڳ آهن. ڪراچي ۽ ڪوئٽه ۾ رهن ٿا. حضرت عيسيٰ جو جنم ناصره، نصران ڳوٺ ۾ ٿيو هو. ان نسبت سان "نصارا" سڏجن ٿا. هي چون ٿا ته عيسيٰ خدا جو پٽ آهي.

نـــصراني: هي به حضرت عيسيٰ جا پوئلڳ آهن.

نصرت زئي: بارک زئي پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

نصيرا: پنوار راجپوتن جي هڪ شاخ. قائمخاني چوهاڻن ۾ ٿين آهن.

نصيراڻي: دلن ۽ مير جتن جو هڪ پاڙو.

نـــصيرپرا: هڪ مسلمان سمات ذات.

نصردين خيل: آفريدي پٺاڻن جي زخا خيل قبيلي جو هڪ پاڙو.

نصيررودائي: برڻهين جي هڪ ذات.

نـظاماڻي: مير نظام خان بلوچ جو اولاد آهن. رندن. لغارين. تالپرن ۽ مهرن جي پاڙي جو نالو پڻ نظاماڻي آهي. مزاري قبيلي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ان جي رستماڻي شاخ جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ نظاماڻي آهي. ايس. صادق علي هنن کي لغارين مان ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. تالپرن مان لکيو آهي. رحيمداد خان مولائي شيدائي "جنت السند" م لکيو آهي ته نظاماڻي. رندن جي ممتاز قبيلي مان آهن ۽ تالپرن جا وڻجها عزيز آهن. هن موصوف نظاماڻين جو شجرو هن طرح لکيو آهي:



نظاماڻي خاندان جا خاص پاڙا آهن: 1. اسماعيلاڻي 2. آلوداڻي (عالوداڻي) 3. بهليلاڻي 4. قتوناڻي 5. ڪرماڻي 6. لشڪراڻي 7. مبارڪاڻي ۽ 8. نداماڻي.

نظاماڻين جي مورث اعليٰ نظام خان کي. ميان نور محمد ڪلهوڙي گوٺي. ديري محبت. بدين. گهوڙا

ياري. شهدادپور. موري ۽ عمر ڪوٽ ۾ جاگيرون ڏنيون هيون. ٽالپرن ۽ ڪين وسايو هو.

نظر: هڪ مسلمان سمات ذات.

نظرائي: مغيري بلوچن جو هڪ ياڙو

نعل بند: گهوڙن جي سنبن ۾ نعل هڻڻ جو ڪم ڪن ٿا. جن کي ڪرت جي نسبت سان ذات جا "نعل بند" چون ٿا.

نقرا: سونارن جي هڪ ذات آهي. هي چانديءَ جو ڪم ڪن ٿا.

نقوي: علي نقي (علي الهادي) بن محمد تقي (محمد الجواد) جو اولاد پاڻ کي نقوي سيد جوائين ٿا. جن جو شجرو هن طرح آهي.



هتن جا وڏا جام صلاح الدين سنسي جي دؤر ۾ آڳي نڪي ۽ ويڙا. جتي شيرازي. انجوي ۽ نقوي سڏجن لڳا.

نقيب (نڪيب): مڪران ۾ رهڻ ڪاڻ پاڻ کي مڪراني بلوچ جوائين ٿا.

نڪامرا: هڪ مسلمان سمات ذات آهي. هن وقت هيءَ نابيد آهن. مڪر خليج فارس ۾ اڃ به موجود آهن. جن کي عرب احمر ۽ احامره چون ٿا. جاڪاڻ ته هي اڪثر ڪري گاڙها ڪيڙا پائين ٿا. ڪتاب "عرب و هند" جي لکڻ موجب هتن عربن کي ڦريو هو. جنهن سبب محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي. محققن جو چوڻ آهي ته نڪامره سيد قوم (مهانا) مان آهن.

نڪال: اعوانن جو هڪ ياڙو. هي نيڪ محمد بن جيل جو اولاد ٻڌن.

نڪرچ: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

نڪئي: هڪ مسلمان غير سمات ذات.

نـــڪـــرج: غير سمات ذات آهي.

نڪيزئي: رندن جو هڪ پاڙو.

نگارا: جيسا قبيلي جو هڪ پاڙو.

نـــگرا: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

نگرائي: هڪ مسلمان ذات.

نگيئا: هندو اوڏن جي هڪ ذات.

نـــلَ: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

نماڻي: موندرن ۾ خاصخيلين جو پاڙو.

نماڻيپوٽا: سمن جي هڪ ذات.

نـــميچَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

نـــمڪساز: نمڪساز جي معني آهي لون ناهڻ وارا. هي ذات جا نوناري (سمات) آهن. جي اڪثر جٽ سڏجن ٿا.

نمها: مينگهواڙن جي هڪ ذات.

نميجا: سمن جو هڪ پاڙو.

نند: مسلمانن ۾ هندن جي هڪ پراڻي ذات. هي شودرن مان آهن. برهمڻ هنن کان نفرت ڪن ٿا. هي حاڪم رهيا آهن. راجا چندر گپت موريو هنن جو عزيز هو.

نندا: نهڙين جو هڪ پاڙو. هي ڳاهو پٽ ناڪي جو اولاد آهن. ٽر ۾ رهندڙ هندن ۾ پڻ هڪ ذات.

نندائي: ڪرمتي جتن جي بگهياڙ ۽ زنگياڻي شاخن مان هڪ پاڙو. رندن. مگسين. بڙدين. بـــرڙن ۽ لکان ۾ پڻ نندائي آهن.

نندبنس: هندو اهيرن جو هڪ پاڙو.

نندواڻي: رندن ۽ بڙدين جو هڪ پاڙو. نندواڻي. بڙدي بـجاراڻي قبيلي مان آهن. بڙنجو بروهين جـي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "نندواڻي" آهي. هي خالص بلوچ نسل مان اهن. جيڪي بعد ۾ بڙنجه قبيلي ۾ شامل ٿيا اهن. ڪرمتين جي جماري شاخ جو هڪ پاڙو.

نـــنـديـاڻي: بگهين جو هڪ پاڙو.

نندیرواڻي (نندیرواڻ): ڈاڪٽر غلام علي الانا هنن کي مچي ڀارڻ وارا ملاح لکيو آهي. (بحوالہ مهران نمبر 4 _ 3 سال 2001ع ص 33).

ننگا: هندن جي هڪ ذات.

ننگاڻي: چاڇڻ جو هڪ پاڙو.

ننگَرَ: سمن جو هڪ پاڙو.

ننگراجَ: ڪلهوڙن جو هڪ پاڙو.

نَنگراج: سمن جو هڪ پاڙو.

نَنگراجا: ڪلهوڙا آهن.

ننگراچ: سمن جو هڪ پاڙو. هي راجپوتن جهڙا نظر اچن ٿا.

ننگراڻي: لغارين جو هڪ پاڙو. چولياڻي چاندين ۾ پڻ "ننگراڻي" آهن. ڪرمتي جتن جي جماري شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

ننگرپوتا: سومرن جو هڪ پاڙو آهي. هي نيپو بن چنيسر دمبلو ديبلي جو اولاد آهن. بحوالہ:"سومرن جو دؤر".

ننگري: برڙن جو هڪ پاڙو.

ننگريجا: سمن ۽ لاشاري بلوچن جو هڪ پاڙو.

ننگوا: سمن جو هڪ پاڙو.

نَنهَجَا: مهرن جو هڪ پاڙو.

نَٹَ: رانوڙن جو هڪ پاڙو.

نَوابَ: پنجاب کان آيل سيالن جو هڪ پاڙو.

نوت: سنڌ ۽ ڪچ جي سمن مان رائڊن بن ڪاڪا کي نو پٽ هئا. جن مان هڪڙي جو نالو "نوتيار" هو. نوت ان جو اولاد آهن. برفتن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "نوت" آهي. بنديجا بلوچ آهن، انهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "نوت" آهي.

نوتاڻي: بگٹين ۽ ڪرمتي جتن جي گبول شاخ جو هڪ پاڙو. نارو شاهہ ۾ وائين جا کي گهر رهن ٿا. جيڪي پڻ پاڻ کي "نوتاڻي" چوائين ٿا. هي "چينڙا" نک مان جهامنداس جي پٽ "نوتنداس" جو اولاد آهن. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 116 موجب "نوتاڻي" ساجدي (جت) بلوچن جو پاڙو آهي. راء بهادر هتورام جي لکڻ موجب: نوتاڻي، "بزنجو" قبيلي جو پاڙو آهي. اها تصديق ڪتاب "بلوچ قوم کي تاريخ" جي ص 655 تي پڻ

ٿيل آهي. ته هي خالص بلوچ نسل مان آهن.

نوترا: هڪ مسلمان سماٽ ذات

نوتڪاڻي: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ لکيو آهي ته "نوتڪاڻي" رندن جو پاڙو آهي. ايس. صادق عليءَ جي لکڻ موجب نوتڪاڻي، بگٽين، رندن، جتوئين ۽ عمراڻي بلوچن جو پاڙو آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب نوتڪاڻي، شنباڻي (بگٽي رند) بلوچن جو پاڙو آهي. هي شيهڪ بن شنبو جو اولاد آهن ڪرمتين جي پٽ ۽ مهيري شاخن جو ٻن هڪ پاڙو.

نوتڪزئي: ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 127 موجب "نوتڪزئي" سرپره قبيلي جو پاڙو آهي. هي بلوچن مان آهن.

نوتيار: باجو ذات جو هڪ پاڙو. هي سما آهن. ڪن ڏاهن جو چوڻ آهي ته "نوتيار" راجپوت آهن.

نوتياڻي: نوحاڻي بلوچن جي سرياڻي شاخ جو هڪ پاڙو. ڪرمتين جي هديهه شاخ مان ٻن آهن.

نوٽاڻي: بگٽي بلوچن جو هڪ مکيه قبيلو. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1. مدران زئي 2. بگراڻي 3. جعفراڻي 4. رموزئي 5. روهيلا 6. سندراڻي 7. شنباڻي 8. ڪمڪاڻي 9. محراب زئي ۽ 10. نوريائي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان، محراب زئي، ڊاڪٽر حيدر برڙي مهيلان زئي ۽ مولائي شيدائي محراڻ زئي لکيو آهي. حقيقت ۾ درست لفظ "محراب زئي" آهي.

نوٽراڻي: رندن جو هڪ پاڙو.

نوٽير: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

نوچاڻي: جتوئي قبيلو، جو هڪ پاڙو.

نوحاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ضلعي ٺٽي ۾ رهندڙ.

نوحاڻي: قبيلي لاءِ ڪافي روايتون آهن. ڪن ليکڪن جو چوڻ آهي ته "نوحاڻي" جابلو سماٽ آهن، جن کي "لغوري" ۽ چون ٿا. منهنجي تحقيق موجب نوحاڻي، لغوري نه آهن. اهو هڪ جدا قبيلو "نوهاڻي" آهي. جيڪي لغوري آهن. اهي نوهاڻي ۽ لغوري اصل سنڌ جا رهاڪو سماٽ آهن، جن مان ڪافي لڏي وڃي ايراني مڪران جي باهو واري علاقي ۾ آباد ٿيا آهن، جن جو ذڪر رحمداد خان مولائي سيدائي پنهنجي "تاريخ بلوچستان" ۾ ڪيو آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙي ڪتاب "سنڌ جون چند ذاتيون" ۾ لکيو آهي ته "نوحاڻي" هوت بلوچ جي اولاد مان آهن. جيڪي پنهنجي سردار امير نوح جي نالي تي "نوحاڻي" سڏجن ٿا. امير نوح، ميرچاڪر خان رند جي فوجي دستي مٿان سپهه سالار هو. نوحاڻي قبيلي جو سردار عمر خان هيسباڻي، نوحاڻي هو. جنهن رندن ۽ لاشارين جي ويڑهه ۾ لاشارين جو طرف ورتو هو. هن جي پٽ جو نالو ڪلو هو جو وڏو بهادر هو. ٽيون

سردار مير عالم خان هو. جنهن مغل بادشاهه شاهجهان جي دؤر (1652ع) ۾ ملتان ۽ سنڌ جي صوبيدار شهزاده اورنگزيب جي خلاف جهنڊو بلند ڪيو هو. انهن نوحانين جي "ناڙي" تي رياست هئي. ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته رندن جي ياڙن مان هڪڙي ياڙي جو نالو "نوحاني" آهي. يعني هي "رند" آهن. هنن جو اصل وطن نلي سيوهڻ لڳ آهي. دومڪين جي شعري دفتر ۾ نوحاني مير جلال خان بلوچ جي پٽ ڪورائي (قرائي) جي اولاد مان ڏيکاريل آهن. "جامع سنڌي لغات" ۾ لکيل آهي ته نوحاني، بزدي بلوچ آهن. غلام رسول مير جت ڪتاب جتن جي تاريخ ص 178 تي نوحانين کي جتن مان لکيو آهي.

ايس. صادق علي، رندن جا 70 پاڙا لکيا آهن. تن مان هڪڙي ياڙي جو نالو "نوحاني" لکيو. آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته نوحاني رند آهن. ڪتاب "بلوچ قوم اور اس کي تاريخ" ص 286 تي ڪتاب جو مصنف لکي ٿو ته مان مير شهداد خان بن چاڪر خان جي مزار ڏسن لاءِ لاهور کان درياءِ پار ڪري داد بلوچ پهتس. جتي منهنجي ملاقات سردار منظور احمد خان نوحاني جي والد صاحب سان ٿي. جنهن ڏاڏيو ته اسان مير چاڪر خان رند جي پٽ "نوح" جو اولاد آهيون ۽ اسان ان نسبت سان "نوحاني رند" بلوچ آهيون.

ڪتاب جي مصنف نوحانين جو شجرو هن طرح لکيو آهي



نوحاڻي قبيلو سنڌ ۾ آباد آهي. ٽئينڪ جي برسان ڪوٽ ڪاڻيءَ ۾ ويندل رئيس محمد خان نوحاڻي. فضلن ڪرڻ ۽ منصفيءَ سبب سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. جون ٽا ٽي سندن جگو مڙس بلوچستان ۾ ڪوريءَ واري امام بخش نوحاڻي آهي.

نوحاڻين جا خاص پاڙا آهن: 1. بُڌاڻي 2. حمداڻي 3. حياتاڻي 4. رنداڻي 5. زنگيجا 6. سنجراڻي 7. ڪوڙاڻي 8. ڪبڙاڻي 9. گبراڻي 10. لالياڻا 11. موراڻي 12. موساڻي 13. ٻنگساڻي 14. ٻنداڻي 15. جيٺداڻي 16. بلاڻي 17. دراڻي 18. سحاقاڻي 19. قاسماڻي 20. علوداڻي 21. سرياڻي 22. علاماڻي 23. ساماڻاڻي 24. سوراڻي 25. سيراس 26. شڪلاڻي 27. ڪلا 28. مناڻي 29. محموداڻي 30. مبارڪاڻي 31. مزراڻي 32. نوتياڻي 33. هزاراڻي 34. هوتياڻي ۽ 35. هيسباڻي

نُوح پوتا: سمن جي هڪ ذات. مخدوم نوح هالن واري جو اولاد پٽ "نوح پوتا" سڏجي ٿو.

نوحجا: سمن جي ذات مان آهن.

نودا: هڪ مسلمان سمات ذات.

نوداڻي: جکراڻي بلوچن جو پاڙو آهي. متعلوي سيدن مان سيد نودل شاهه عرف نودو بن سيد حسن (احسن) جو اولاد پان کي "نوداڻي" سيد سڏائين ٿا.

نودل: هڪ مسلمان سمات ذات

نوڏا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

نوڏاڻي: ڪرمتي حسن جي مهيري شاخ مان هڪ پاڙو

نُور: پٺ فقيرن جو هڪ پاڙو.

نُورازئي: مليزئي (يوسف زئي) پٺاڻن جو هڪ پاڙو

نُوراڻي: سماڻي ميمڻن ۽ ڪڇ پڇ کان آيل ميمڻن جو پاڙو آهي. ڪتاب "بلوچ اور اس کي تاريخ" جي ص 248 تي لکيل آهي ته مير جاڪر خان رند جي هڪڙي پٽ جو نالو سيهڙ دار هو. نوراڻي ان جو اولاد آهن جن جو سجرو هن طرح آهي:

جاڪر خان رند بلوچ

سيهڙ دار خان

مير رند خان — مير داؤد خان

بلوچ خان

نورو خان رند (اولاد نوراڻي بلوچ)

نـُـوراڻي: مارفائي چانڊين جو هڪ پاڙو. هنن کي "متارا" ۾ چون ٿا.

نـُـورائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. جيلائي پيرن جو ٻن هڪ پاڙو.

نـُـوردائي: بلوچن جي هڪ ذات.

نوردين زئي: بارکزئي پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

نورزائي: چانڊين جو هڪ پاڙو.

نورزئي: پٺاڻن جو هڪ قبيلو. هن قبيلي مان "بوغرا خان نورزئي" احمد شاهه ابدالي جي طرفان شڪارپور جو نواب مقرر ٿيو هو.

نورسيا: نئي شهر ۾ رهندڙ ميمڻن جو هڪ پاڙو (بحواله: مهران نمبر 4 سال 1972ع ص. 198).

نورمزخيل: آفريدي پٺاڻن جي سيپا خيل قبيلي جو هڪ پاڙو.

نورنگ: ڏاريجا چاچڙن (ملاح) جو هڪ پاڙو.

نورنگاڻي: لغارين ۽ انڙن جو هڪ پاڙو.

نورنگپوتا: مخدوم نورالله عرف مخدوم نورنگ سومري جي پٽن جو اولاد آهن. سومرن جو هڪ پاڙو.

نورنگ زادا: هي سومرن جو پاڙو آهي. جيڪي مخدوم نور الله عرف مخدوم نورنگ سومري جو اولاد آهن. "تفسير تنويرالايمان" جو مصنف مخدوم محمد عثمان سومرو هن پاڙي مان هو.

نورواڻي: هندو قوم جي هڪ ذات.

نورياڻي: بگٽين جي نوٽائي قبيلي جو هڪ پاڙو. چانڊين جي سمارائي قبيلي جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "نورياڻي" آهي.

نوري پوتا: حملائي برفتن جو هڪ پاڙو. چاڪر برفت جي پٽ همـ ڪ جي اولاد مان حسن هو. ان جي پٽ جو نالو الترڪ هو. جنهن مان "نوريپوتا" آهن.

نـَـوڙِي: پنهورن جو هڪ پاڙو.

نـَـوڙِيا: غير سما ۽ غير بلوچ مسلمان آهن.

نوزبندگاڻي: غزيني مرين جو هڪ پاڙو.

نوزڪاڻي: مزاري بلوچن جي رستمائي قبيلي جو هڪ پاڙو.

نوز ڪاڻي: بلوچن جي هڪ ذات.

نوساني (نوساڻي): سراواني بروهين جو هڪ پاڙو.

نوستانزئي (نوسيزئي): الکو پناڻن جو هڪ پاڙو.

نوسخ جا: مهرن جو هڪ پاڙو.

نوشا: ٽري ميگهواڙن جي هڪ ذات.

نوشيرواني: اصل ۾ ايران جا بلوچ آهن، جن جو مرڪز خاران آهي. ڊاڪٽر غلام حيدر پرڙي هنن کي رندن جي پاڙن مان لکيو آهي. ڪتاب "بلوچ" جو مصنف م. ڪ پيڪولين لکي ٿو ته ايران جي بادشاهه "نوشيروان" جي لشکر ۾ ڪجهه بلوچ قوم جا ماڻهو شامل هئا، جن ان بادشاهه جي نسبت سان پاڻ کي "نوشيرواني" سڏايو. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 85 تي لکيل آهي ته "نوشيرواني" بلوچ آهن. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "محموداڻي" آهي. ساڳئي ڪتاب جي ص 116 تي لکيل آهي ته "نوشيرواني" ساجدي جت بلوچن جو پاڙو آهي.

نوط بنداڻي: لاشارين جو هڪ پاڙو.

نوکاڻي: مزاري قبيلي جي رستماڻي شاخ. گورچاڻين جي درکاڻي ۽ بگٽين جي ماسوري شاخن جي پاڙن جو هڪ نالو.

نوکراڻي: چانگن جو هڪ پاڙو.

نَـوکَـو: جکراڻين جو هڪ پاڙو.

نَـولَ: سماڻي جت آهن. موري شهر ۾ سيالن (جت) ۽ ڪلين سان گڏ رهن ٿا. سمن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "نول" آهي. پنگو ۽ سيال، نولن جا عزيز آهن. هي اصل ۾ جهنگ پنجاب کان آيل آهن. هڪ روايت موجب نول، مالهي بن سوترڪ راجپوت جي پٽ ودول جو اولاد آهن. ٽوانا، دولتانا، نون ۽ نول راجپوتن جي هڪ شاخ مان پاڻ ۾ عزيز ٿين. ڊاڪٽر لعل بخش نائچ ۽ جاموٽ حاجي خان چاچڙ لکن ٿا ته نـول، نائچ راجپوت جُو پٽ هو، جنهن جي اولاد پاڻ کي پيءُ / ڏاڏي جي نسبت سان "نول" سڏايو. پچو خان، طور خان ۽ سونهاوڻ خان، نول خان جا پائر ٿين. لک، آهير، جج، بدا، گدارا، ميکڻ، بکر، منگواڻا ۽ سهول، نـول جو اولاد ٿين. هي چندر بنسي جات راجپوت آهن.

نَـومِـريا: سما ۽ ملاح آهن.

نَـومڑيا: ذات تي ڪافي ماهرن پنهنجي راءِ زني ڪئي آهي، انهن مان ذاتين جي ماهر هيوز بلز جو چوڻ آهي ته "نومڑيا" راجپوت نسل مان آهن. مولائي شيدائي جي پڻ اها راءِ آهي ته نومڑيا راجپوت نسل مان آهن. مگر جيمس ٽاڊ لکي ٿو ته "نومڑيا" اصل ۾ جات آهن. اهي پاڻ ۾ نـو (9) پائر هئا ۽ اهي نـو مـرد. "نومردي" سڏبا هئا. پوءِ نومردي لفظ ڦري "نومڑيو" ٿيو. ڪڇيءَ کان جڏهن مڪران پهتا ۽ اتان سنڌ ۾ داخل ٿيا ته اهي

پاڻ کي بروچ (بلوچ) سڏائڻ لڳا. ڊاڪٽر لعل بخش نائچ ۽ جاموٽ حاجي خان چاچڙ جاتن کي راجپوت لکيو آهي، ان بنياد تي پڻ اتفاق ڪجي ٿو ته "نومڑيا" راجپوت نسل مان آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکڻين مان خبر پوي ٿي ته نومڑيا ۽ نهڑيا هڪ ئي نسل مان آهن. جيڪي برفت به آهن. نهڑيا، نومڑيا ۽ برفت سما نسل مان آهن. جيڪو سنڌ ۽ لسبيلي جو هڪ ڳڙيل قبيلو آهي ۽ پاڻ کي سنڌ جي سمن جي نسل مان جوائين ٿا.

ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جام هوٿيءَ جا پنج پٽ عيسب، لالو، ٻڙو، جاڙو (چاڙو) ۽ شورو هڪ غلام، هڪ ميراثي (ميراسي) ۽ به ٻيا ڇنا. جملي نَوَ (9) ونگي ولاسيءَ واري علاقي مان نڪري آخي ڪوهستان ۾ وينا. جتي اهي نُهه مرد (نوَ ڇنا) "نُهه مردي" برادريءَ جا باني ٿيا" جنهن کي پوءِ عام لفظن ۾ "نومڑي" ۽ نومڑيا" چيو ويو.

هڪ بي روايت موجب جام هوٿيءَ کان عيسب پٽ ناراض ٿي انَ ماڻهو لالو، ٻرو، جاڙو، ٻڙڙ، شورو، سنگهار، الهڏنو، شبان ۽ هڪ غلام جملي نوَ، سانَ ڪري لس ٻيلي کان ٽيندا 18 صديءِ جي آخر ۾ اچي ڪوهستان ۾ وينا. جتي نون جي نسبت سان نومڑيا سڏجڻ لڳا.

مسٽر ايلس جو بيان آهي ته نومڑيا اصل ۾ راجپوت نسل مان آهن. نومڑيا (نومردي فارسي لفظ) يان ۾ نو پائر هئا. جي پنهنجي وڏي پاءُ عيسب (ايسب) سان راجپوتانا کان نڪري مڪران جي هڪڙي بلوچ سردار وٽ اچي مهمان ٿيا. هڪڙي ڏينهن ڪنهن ڳالهه تان بلوچ سردار عيسب خان جي بي عزتي ڪئي. جنهن تان پائرن گڏجي بلوچ سردار کي قتل ڪري مليز ۽ باران وارين زمينن تي قبضو جمائي، سنڌي زالن سان شاديون ڪري، اتي بينڪون جوڙي وينا. ملڪ پهڙ خان حملائي نومڑئي هڪ وڏو لشڪر تيار ڪري لسبيلي ۾ رونجهن جي حڪومت تي حملو ڪري قبضو ڪيو. ان کان پوءِ ملڪ عزت خان گاديءَ تي وينو. هو صغير هو. جنهن ڪري سندس والده چاڪلي خاتون حڪومت سنڀالي. چند سالن بعد جام علي ڪٽوريا بن جام رينا عالياني نومڑين کي لسبيلي مان تڙي ڪڍيو. جن اچي ڪوهستان کي وسايو. باجي پوٽا ۽ عاقلائي هنن جا خاص پاڻ آهن. وڌيڪ تفصيل لاءِ "نهڑين" جو احوال ۽ شجرو ڏسڻ گهرجي.

نُونَ: ٽري ملسمان سما آهن. شڪارپور طرف ٻه رهن ٿا. ڪتاب "شاهان گوجر" ص 178 تي لکيل آهي ته "نون" راجا گنج جو اولاد آهن. هي راجپوتن. گوجرن ۽ جتن ۾ شامل آهن. هڪ روايت موجب نون مالي (مالهي) بن سوترڪ جي پٽ وڏول راجپوت جو اولاد آهن. ٽواٽا. دولتاٽا. نون ۽ نول پاڻ ۾ عزيز ۽ هڪ شاخ مان ٿين. (بحوالہ: ڊاڪٽر لعل بخش نائچ ۽ جاموٽ حاجي خان چاچڙ). ڪن ڏاهن جو خيال اهي ته "نون" راجا گپت پٽي راجپوت جو اولاد آهن.

نُونَاري: لوڻ ٺاهڻ وارن کي چيو ٿو وڃي، جي اڪثر ڪري سنڌ جا دايا آهن. هي پاڻ کي ڪرت جي نسبت

سان شورگر، نون گره ۽ "نوناري" چوائين ٿا. هن وقت نونارين جي بجاءِ پاڻ کي ذات جا "چنا" سڏائين ٿا. ايس. صادق علي، نونارين کي سمن مان لکيو آهي. ملڪ محسن علي محسن ص 5-2 تي لکي ٿو ته نونارين ۽ ناريجا سورج بنسي راجپوتن مان آهن. مان بنهي محققن جي راءِ سان اتفاق ڪريان ٿو. گوهيل، ڪٿور، دلڪشٽ، زمور، اومتيا، سگال (سگارا)، سروها ۽ ڪٿور هن خاندان مان آهن.

نوناس: ڇڏڻ راجپوتن جي هڪ ذات.

نونداڻي: مهيري جتن جو هڪ پاڙو. پيروز فقير مهيري هن پاڙي مان هو.

نوندڙا: سمن جي هڪ ذات.

نُونڊا: سمن جي هڪ ذات.

نُونڊاڻي: رندن جو هڪ پاڙو.

نُونڪاڻي: عمراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

نون گره: سما ۽ نوناري آهن. لوڻ ناهڻ جي ڪري "نون گره" سڏجن ٿا.

نُونڙ ڪُتا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

نُوهاڻي (نُوهاني): سنڌ جا اصل سما آهن. هتان لڏي وڃي ايراني مڪران جي "باهو" واري علاقي ۾ وسيا آهن. جتي کين "لغوري" ۽ "نوهاني" چون ٿا. ڪتاب "پنجاب ڪ ذاتيں" ص 125 تي لکيل آهي ته "نوهاڻي" سوري لندن جو هڪ پاڙو آهي.

نُوهريا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

نوهڙ: نهڙين جي شاخ "انڙ پوتا ڏورتن" جي هڪ نک جو نالو.

نُوهڪاڻي: هوت بلوچن جو هڪ پاڙو.

نوهڪ زئي: مينگلن جو پاڙو.

نوهڪ عيسواڻي: غزيني مرين مان آهن.

نوهيڙا: هڪ غير سماڻ ۽ غير معروف ذات.

نوڙو: سمن جو هڪ پاڙو (ساهڙ). تر ۾ رهن ٿا.

نوياڻي: جهلاواني بروهي آهن.

نِهارا: پنجاب کان آيل جٽ مسلمانن جو هڪ پاڙو.

نِهاڙي: برفتن جو هڪ پاڙو.

نهال: راجا جئيـ چند جي اولاد مان چندربنسي راجپوت مسلمان ۽ هندو آهن. بودلا ۽ چوهاڻ هنن جا سوٽ ٿين. هي رانوڙ بـ سڏجن ٿا. ڪن ڏاهن جو خيال آهي تـ نهال ۽ بودلا، راجا اندوترا راجپوت جي اولاد مان آهن.

نـهالاٽي: گورچاٽين جي لـشاري قبيلي جو هڪ پاڙو. جمالين، ٽالپرن، ڪرمتين (جماري) ۽ ٿهيمن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "نهالاٽي" آهي.

نهالواٽي: ڪوسن جي سلمن پاڙي مان آهن.

نـهاٽي: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

نـهراٽي: لغارين ۽ جمالين جو هڪ پاڙو.

نـهروي: جن کي ناروئي بلوچ بـ چون ٿا، هي ريگستان ۽ ميدانن جي رهڻ وارا بلوچ آهن. هنن جو اصل وطن بلوچستان جو ريگستاني ۽ ميداني علاقو نوشڪي، قلات ۽ سيستان آهي. هينري پاٽنجر ڪتاب "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر" ۾ هن بلوچن جا ست پاڙا رخشاڻي (سردار محراب خان) ساجدي (سردار مير شاهسوار) خاسوگي، ڪرد يا شهيدي (سردار الفت خان)، مينگهـ يا مند (سردار شهسوار خان)، اربابي (سردار شاه محراب خان) ۽ ملڪا (سردار عيسيٰ خان) لکيا آهن.

ڪتاب "بلوچ" ۾ نهروي بلوچن جا پاڙا هن طرح لکيل آهن. 1. اربابي 2. رخشاڻي 3. راڪمني 4. خوساجي 5. سنجري 6. ڪورد 7. ۽ مالڪي 9. من

نـهـريـا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

نـهـڙ: ملاح ۽ سما آهن.

نـهڙا: هڪ مسلمان سماٽ ذات. ٽر ۾ رهن ٿا.

نـهڙي (نـهڙي): ٽر جا سما آهن، هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. آٽا 2. آمر 3. آيا 4. پـل 5. پمپيا 6. ڏارا 7. ڏرٽ 8. ڏيسر 9. ڏورا 10. ابراهيم پوٽا 11. چارڻ 12. خان 13. هالا 14. ڪاهڙ 15. ڪوراڻي 16. لاڪا. 17. محرم پوٽا 18ميان 19. مـرا 20. اونا 21. پلي 22. پسايا 23. راهو 24. راجا 25. راڻي 26. ساهڙ 27. آري 28. اجا 29. انڙ 30. انڙپوٽا 31. بابـڻ 32. بيـسا 33. پـوت 34. ٽاريئا (مـورا) 35. پهوڙ 36. جراڙ 37. جعفر 38. جماريـا 39. جوڻا 40. چاندا 41. حسـن 42. دورا 43. ديڻا 44. راور 45. راهو (راهواٽي) 46. سارنگ 47. ڪالهڙ 48. ڪـرن 49. ڪٽڙ 50. ڪورم 51. گجڻ 52. لومڙيـا 53. ماڪـيا 54. متواٽي 55. منهين 56. مهراڻ پوٽا 57. ميڻن پوٽا (ميڻن) 58. نندا 59. نـوهـڙ (اونا) 60. نيـتا 61. ويسا 62. هاشم ۽ 63. هوٽي. روايتن موجب نهڙي ملاحن ۾ شامل آهن.

نـهـڙيا: اصل ۾ راجپوت نسل جا آهن، جيڪي پاڻ کي سنڌ جا سماٽ چوائين ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان

بلوچ ڪتاب "بيلائين جا بول" ۾ لکيو آهي ته نهڙيا ۽ نومڙيا هڪ ئي نسل مان آهن. جن کي برفت به چون ٿا. هي سنڌ ۽ بلوچستان جو هڪ سڌريل قبيلو آهي. جيڪي پاڻ کي سنڌ جي سمن جي نسل مان چوائيندا ٿا. ونگائي ۽ بيلائي هنن جا خاص پاڙا آهن. جن سان ميان غلام شاهه ڪلهوڙي چوٽ ڪاڌي هئي.

هيوز بلز. جيمس ٽاڊ. مولائي شيدائي ۽ ٻين مورخن جي پڻ اها راءِ آهي. بلوچستان ۽ مڪران جي ميدن جا پاڙا چل مارزئي ۽ جلارزئي پاڻ کي نومڙيا ۽ نهڙيا نسل سان نسبت ڏيڪارين ٿا ۽ پاڻ کي لاسي به چوائين ٿا. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 75 تي لکيل آهي ته "زهري" به هنن مان آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ" ۾ نهڙين جو جيڪو شجرو لکيو آهي اهو اڻپورو آهي. اهو هن طرح آهي.

جام لاکو
|
پلي
|
ساند (قوم جو سردار)
|
ويرڙ
|
جيلاريو
|
نهڙيا هن جو اولاد آهن

هڪ ٻي روايت موجب هي سمات آهن. جام سندن ونڊو هو. جنهن جو پٽ سمون هو. ان سمي جي پٽ جو نالو جودار هو. جنهن کي جد پٽ هو. جد جي پٽ جو نالو نوتيار ۽ ان جي پٽ جو نالو "نهڙيو" هو. ان نهڙئي جي اولاد پاڻ کي "نهڙيا" سڏايو جنهن جي نسل مان "برفت" آهن. جديد تحقيق موجب برفت. پرا. نومڙيا ۽ نهڙيا هڪ ئي نسل مان آهن. جن جا ڇڳا مڙس "ملڪ" سڏجن ٿا. ڪوهستان وارا ملڪ نومڙيا / نهڙيا / برفت آهن. جن جو سڌريل شجرو "ن" عنوان جي آخر ۾ ڏسندا.

نَهِيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

نُهيري: ٽر ۾ آباد مسلمانن جي هڪ ذات. جي پاڻ کي ارباب به سڏائين ٿا.

نيارا: سونارن جي هڪ ذات. سونارا سون ناهن کان پوءِ جيڪو (ردي مال ڪچرو) ڦٽو ڪن ٿا. ان کي هي صاف ڪري وري سون ناهين ٿا. ان ڪري "نيارا" سڏجن ٿا.

نياڙي: حملائي برفتن جي راڄ مان آهن. رندن ۾ پڻ "نياڙي" پاڙو آهي. هي ڪراچيءَ ۽ ڪوئٽي ۾ رهن ٿا.

نِيازي: افغاني پٺاڻن جي لوڌي خاندان جون ٽي شاخون سياڻي، ڏوتاني ۽ نيازي آهن. نيازي انهن لوڌي پٺاڻن مان آهن. سندن خاص پاڙا آهن: 1. اسحاق 2. سوهنگ 3. ڪندي 4. متاني ۽ 6. خاص.

نِيازي خيل: غلزئي پٺاڻ جو هڪ پاڙو.

نيامئيزي: شيدين جي هڪ ذات.

نياوي: هندستان جو هڪ خانه بدوش وحشي قبيلو. سنڌ جي پراڻين حدن ۾ رهندڙ

نيتا: نهڑين جي راهوائي شاخ جو هڪ پاڙو.

نيپال: ٻڌي راجپوتن جو هڪ پاڙو.

نيجڙا: هڪ مسلمان سماتي ذات.

نيچاري: بلوچن ۾ بروهين جو هڪ قديم قبيلو. ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 80 موجب نيچاري، بلوچن، بروهين ۽ جتن جو گڏيل قبيلو آهي. جيڪي نيچاري علاقي ۾ رهن ڪري "نيچاري" سڏجن ٿا. جن مٿان سردار بنگل خان مهربان هو.

نيچراڻي: جتوئي قبيلي جو هڪ پاڙو.

نـيـرَ: سمن جي نره خاندان مان آهن.

نـيـرَ: سما آهن.

نـيـرائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

نيروپ: سورج بنسي راجپوتن جي هڪ شاخ.

نيڪ زئي: خرشيون پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

نيڪوڪار: جهنگ جا رهواسي آهن. پاڻ کي هاشمي قريشي چوائين ٿا.

نيگواري: رخشاڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

نيلڙ: مينگهواڙن جي هڪ ذات. ٽر ۾ رهندڙ.

نين: پٽيالہ کان لڏي آيل "جـٽ" آهن. آرائين ۾ پڻ آهن. هي چندربنسي راجپوتن مان آهن.

نينار: مسلمان ۽ هندن جي هڪ ذات. هي اصل ۾ اهيويال هندن مان آهن. نينار جي معني سردار آهي.

نينگو: برهم کترين جي هڪ نک جو نالو.

نيٽواڻي: هندن جي هڪ ذات.

نـيهلاڻي: گورچاڻي بلوچن جي درکاڻي شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو.

نائچ قبيلي جو شجرو



عدنان
معد
نزار
مضر
الياس
مدرك
خزيمه
كنان
نضر
مالك
فهد
غالب
لوي
كعب
مرهه
كلاب
قصي
مغيره
عبدالمناف
هاشم
زبير ماها


ماها
زبيرماها
راجا پوچ
راجا سورج مگهي
راجا ڪرن
راجا چندن ماهان
راجا ڪواسنگ
راجا بالڏا
راجا رويشي
راجا هميسي
راجا مولراج
راجا چوهاڻ
راجا پنوار
راجا جالڪ
سوترڪ مالي
حُسن
سليمان
وڏهول
پنسي
راءِ وينون راوي
ماهلي
لاٽگاهه
شجراهه
نائچ
ڏهر
پٽو
طورخان
نَوَل
سونهاوڻ
پچو

نومڑين/ نهڑين جو شجرو (کوهستان جا مَلَک)

جام هوتي
پلہ
جام چندو
جام هوتي
(هي نوجڻا (نومردي) سنڌ ۾ آيا ۽ نومڙيا سڏجڻ لڳا)
لالو / لالا
پرو / بره
جاڙو
جام عيسب
شورو
ميراثي
هڪ غلام
دوست
دوست
اولاد لالاڻي
(اولاد پرا)
اولاد شورا
جام بو الفتح عرف برفت خان
همرڪ
ڪارو
جام بادين
خيبرڪ
جام آري بدو
شاهو
موچي
پڳدار
عاقلاڻي
ڏڏر
جوڪيا
شاهوڪ/شاهڪ
موچيجا
عيسب
جام جمروڪ
مهندو
فهيرو
دودو
پرو
حسن
(اولاد حسناڻي)
جام آري
منڍڙه
حسن
التر ڪ
سپوتو
منڊرو
سجڻ
موچي
مانڍڙا
نوري پوتا
ڪنداراڻي
ماڏوڙا
برپاڪر
اسحاق پوتا
جام بادين
جام پاڙو (جو پاڙا)
جام لهار (هڪ وڏو درويش)
جام حمل
مردوئي مينگل
ملڪ دودا خان
لهاراڻي
(جد حملاڻي)
(باني ٽاڻو بولا خان)
ملڪ صفر خان
جام مرجوڪ/ جام همروڪ
اوٽيمان
چاڳلو
ملڪ بولا خان (اول)

جام کينهون خان / کيو
ملک حيدر خان
جام جمروک / مرجوک
ملک بولا خان (دوم)
ملک مريد
ملک علي بخش خان
ملک کانپو خان
ملک نور الدين
(بابڑا)
ملک پهاڑ خان / پاهڑ خان / پهوڑ خان
ملک عزت خان
ملک صوبدار خان (اول)
محمد خان
ملک احمد خان (باني ٽاٽو احمد خان)
پاهڑ خان
ملک سردار خان (اول)
عزت خان
ملک صوبدار خان (دوم)
ملک سردار خان (دوم)
ميرداد خان
عيسيٰ خان
عيسب خان
ابراهيم
(لاولد)
(لاولد)
امين خان
رحيم خان
ملک صوبدار خان (سوم)
ميرشير دل خان
ميرشاهنواز خان
(نهڑيا – نومڑيا برفت – حملاڻي قوم جو ملک ۽ سردار وفات 1341هـ)
ملک سردار خان (سوم)
ميرنور محمد خان
ميرعلي احمد خان
ميرانور خان
ميرنصير خان
قمر الدين
ميرمحراب خان
(لاولد)
(لاولد)
سر بلند خان
محمد خان
غلام مصطفيٰ
اعظم خان
شمس الدين
علاؤالدين
اکبر
صفدر
جاڳلي پوٽا
ڏهليءَ ۾ قيد ٿيو هن کي مَلَکَ جو خطاب مليو)
سريو خان
ديگي خان
حاجي
وليداد
اوٽيمان پوٽا
ڏيناڻي جيئند پوٽا ۽ پنيلڏي پوٽا


ملک سکندر خان
میر اجمل خان
میر حبیب الله خان
منور خان
امان الله
بدر الدین
ملک اسد سکندر خان
ملک شاهنواز خان
سکندر عرف پنهل خان

و

واٽِــڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

واٽو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

واٽهڙا: وانر (رانوڙ ونس) هندن جي هڪ ذات.

وَاٽيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هنگورجن جي پرسان وينا آهن. ٻيلارن (سومرا) ۾ پڻ "واٽيا" آهن. چون ٿا ته ٻيلارن جي هڪ عورت واٽ ويندي بار ڄڻيو هو. تنهن ڪري هي واٽيا سڏجن ٿا.

وادي خيل: پٺاڻن جو هڪ پاڙو. هي بابر جي چاچي حبلي، جو اولاد آهن. اڪثر ڪري ڪابلي پٺان سڏجن ٿا. الخ بيگ هنن جي مٿان ظلم ڪيا هئا.

واڏاڻي: خيرپور ميرس ۾ خوجا رهن ٿا. جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو "واڏاڻي" آهي.

واڏڙجا: راجپرن ۽ ملاحن جو هڪ پاڙو.

واڏواڻي: هندن جي هڪ ذات. هي هندن جي "پٺان" نک مان پٺاڻن جو اولاد آهن. "پوپٽ" نک مان پڻ "واڏواڻي" آهن.

وادا: ڪاٺ جو ڪم ڪرڻ وارن کي وادا چون ٿا. جيڪي ذات طور وادا. سوٽهڙ. ڏکڻ. درودگر ۽ نجار سڏجن ٿا. رگ وید واري زماني کان هي ذات جا وادا آهن. هنن جو ذڪر منڊل ٽائين ۾ ٿيل آهي. هن وقت هي سومرا ۽ سڏجن ٿا.

وادڻي: سنڌيا ذات جو هڪ پاڙو. ٽنڈي محمد خان ۾ رهن ٿا. (بحوالہ امید علي سنيو) ڪرمتي جتن جي "لجيرا" شاخ مان پڻ "وادڻي" هڪ پاڙو.

وادِيا: سمن جي هڪ ذات.

وادِيلا: سمن جي هڪ ذات. هنن جو چون آهي ته اسان بلوچ آهيون. ڪراچي ۽ ان جي آسپاس رهن ٿا.

وارثي: هندستان کان لڏي آيل مهاجرن مان آهن.

وارسو: سري مينگهواڙن جي هڪ ذات.

وارسيا: هڪ مسلمان سمات ذات جو پاڙو. ٽر ۾ رهن ٿا

وارٽا (وارٽو): مڱڻهار فقيرن جو هڪ پاڙو.

وارٽوٽا: ٽري مينگهواڙن جي هڪ ذات.

واڙسوار: مينگهواڙن جي هڪ ذات. ٽر ۾ رهندڙ

واسا: سمن جو پاڙو.

واسيا: ٽري مينگهواڙن جي هڪ ذات

واسطي: سيد آهن. عراق ملڪ جي واسط شهر سان واسطو رکڻ ڪري، واسطي سڏجن ٿا.

واسڻ: هڪ مسلمان سماٽ ذات جو نالو.

واسو (واسا): هڪ مسلمان سماٽ ذات جو نالو. گهوٽڪي ۽ پنو عاقل طرف رهندڙ.

واسواٽو: هڪ مسلمان سماٽ ذات آهي، ضلعي نوشهرو فيروز ۾ سندن ڳوٺ آهن. دوڙ جي پرسان جمالي وينا آهن، انهن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "واسواٽو" آهي.

واسَواٽي: هندن جي هڪ ذات. هي "موٽڻ پوتا" ۽ "مجر" نک مان آهن، جيڪي واسومل جو اولاد آهن. موتياڻي هنن جا نڪڙيا سوت ٿين. رسالي سندر ساهت 1924ع جو ليکڪ ديوان ميلارام هن خاندان مان ه.

واسِواٽي: ڪولاچي رندن جو هڪ پاڙو.

واسوجا: هندن جي هڪ نک جو نالو.

واسوواٽا: مير جتن جو هڪ پاڙو.

واسيا: ٽري مينگهواڙن جي هڪ ذات.

واطَٽي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

واگهه: چيتي شينهن کي "واگهه" چون ٿا. ٻيڙين هڪلڻ وارن ملاحن جي هڪ ذات. جيڪي چيتي شينهن جهڙي چالاڪي، رفتار ۽ سگهه رکندڙ هنا. ان ڪري کين "واگهه" چيو ويو.

واگها: سمن ۽ ملاحن جي هڪ ذات. غير سماٽ ۾ پڻ ذات جا "واگها" آهن. هي جيڪب آباد ضلعي ۾ رهن ٿا.

واگهاٽي: جتن جو هڪ پاڙو. هي ننڍيار جت آهن.

واگهري: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

واگهريو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

واگهڙ: هي سماٽ ذات آهي. هنن مان عبدالجلال واگهڙ، پني عاقل وارو، ڏور بيتن جو سگهڙ نهايت مشهور هو.

واگهڙيا: هندو گُـرڙن جي هڪ ذات.

واگهورا: سوڍا ذات جو هڪ پاڙو.

واگهوريا: سمات ۾ غير سمات ۾ ملاح ۽ مهاٽا آهن.

واگهيرا: ملاح ۽ مهاٽا آهن. هي "واڱون" جو شڪار ڪندا هئا.

بيت: وچ ۾ واگهيرن جي، چارئي پهر چال. (ساموندي _ شاهه)

واگهيري: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

واگهيل: سولنگي راجپوتن جي هڪ شاخ جو نالو.

واگهيلا: ڪتاب "شاهان گوجر" ص 175 تي لکيل آهي تہ "واگهيلا"، گوجرن جي ذات آهي. ڪن ڪن جاين تي هنن کي "باگهيلا" پڻ چون ٿا. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو پڻ "واگهيلا" آهي. هي ٽر ۾ رهن ٿا.

وال: چوهاٽن جي هڪ ذات (گول وال).

والڙا: سمن جي هڪ ذات.

والڙهيا (والڙيا): مينگهواڙن جي هڪ ذات.

والڪَڙي: سما ۽ ملاح آهن.

والَوٽ: مير جتن جو هڪ پاڙو.

والهوٽا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

والهيرا: مڱٽهارن جو هڪ پاڙو. مشهور لوڪ فنڪاره مائي پاڳي هن ڪيڙ مان هئي.

واندوجا: جيسلمير کان آيل هندو "پاٽين" جي هڪ نڪ جو نالو. هن نڪ مان "لال" ۽ "لالابنگلائي" نهايت مشهور آڪهون آهن.

وانرا: هي رانوڙ راجپوتن (ونس) مان آهن. سينڌل، سوڙ، ڪرمسوت، ڏارويا، ٿو نبليا، واٽهڙا، روندا، پالوٽ، راجگا، ڪوڪر، مونيا، دليا، پيٽڙ، جوگل، سيواريا، ڪودتوڙ، سينا ۽ بالا وغيره هنن مان آهن.

وانهان: هندو ڏرم سان واسطو رکندڙ سري رامچندر جي پٽ "ڪشن" جو اولاد آهن، جيڪي اڪثر ڪري حلوائي، ڪوڙائي، پوڳڙي لوهار، نانارا۽ سونارا آهن، جيڪي "اڳڙيا" ۽ سڏجن ٿا. "وانهان" سنسڪرت جي لفظ وهنيءَ جو بگاڙ آهي، جنهن جي معنيٰ "باهه" آهي. ان مان "وهنيان" ۽ "وانهان" نهيو. باهه تي ڪم ڪرن ڪري "وانهيان" سڏجن ٿا.

وانهون: هندن جي هڪ ذات. هي اڪثرڪري پوڳڙي ۽ سڏجن ٿا.

واٽيا: هندو واپارين کي "واٽيا" چون ٿا. هنن کي بنيا، ڪراڙ، لوهاٽا ۽ بقال (باقري) ۽ چوندا آهن. هي وياج تي رقم ڏيندا آهن ۽ ٽر ۾ ان ماپيندا آهن. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو پڻ "واٽيا" آهي. هي راجپوتانا

کان آيل آهن. هي مهاديو ۽ ديويءَ جي پوڄا ڪن ٿا. رامديو سندن پير آهي.

واٽيچا: سمن جو هڪ پاڙو. تعلقي سيوهڻ جي باجارا ڳوٺ ۾ سندن ڪجهه گهر آهن.

واوا (وانهان): هندن جي هڪ ذات.

واوري: ٽري مينگهواڻن جي هڪ ذات.

واوڙيا: مينگهواڻن جي هڪ ذات. ٽر ۾ رهندڙ.

واهرا: سومرن جي هڪ ذات، جن جو واسطو لسبيلي جي موندرن ۽ جامن سان پڻ آهي. پن واري، حب ندي، ڪراچي ۽ بدين جي آسپاس رهن ٿا. اڪثر ڪري ڪاڻ ۽ رنگسازيءَ جو ڪم ڪن ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. اسحاق پوٽا 2. براهيم پوٽا 3. پيراڻائي 4. خاڪواڻي 5. ساڪپوٽا 6. عبدالياڻي 7. عيسيٰ پوٽا. 8. موساپوٽا. 9. نماڻي

واهرڪيا: هڪ سماٽ ذات.

واهلا: سهتن جي هڪ ذات.

واهلا: بدون هڪ خانه بدوش مسلمان قبيلو آهي. واهلان ان جو پاڙو آهي. هي ڏيڏر. مگر مڇ ۽ ڪڇون کائين ٿا. مرد حُقا ناهين ٿا ۽ عورتون سگيون هٽن ٿيون.

واهند: آرائين جو هڪ پاڙو.

واهڻ: هندن جي هڪ ذات.

واهوجا: واهن تي آباد ٽيل ملاح ۽ مهاڻا آهن.

واهوجا: سما ۽ ملاح آهن. ابڙن ۾ شمار ٿين ٿا. ضلعي لاڙڪاڻي ۾ رهندڙ.

واهوناڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. واهن مان مڇي ماري گذر سفر ڪندا آهن.

وائوري: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وائوڙيا: ٽري مينگهواڻن جي هڪ ذات.

وائون: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وائين (وائن): پٽي راجپوتن جي هڪ ذات.

وتائي: پينو فقيرن جي هڪ ذات.

وتڻاڻي: چارڻ فقيرن جو هڪ پاڙو. هن پاڙي وارا اصل ۾ تلٽيءَ جي پرسان بخاري پير تي گاڏهي سراين جا وينل هئا.

وَتوزئي: خرشيون ۽ ڪيراني پناڻن جي هڪ ذات.

وِتياڻ: هندن جي "نانگديو" نک مان هڪ آکيه. سياهيملاڻي ۽ مائيداساڻي هنن جا عزيز ٿين.

وٽونيا: ووڙا قوم جي هڪ ذات.

وَٽُو: پنجاب کان آيل غير سماڻ ذات آهي. هنن جو واسطو اعوانن ۽ پٽي قبيلي سان آهي. هنن کي جٽ به چون ٿا. مسٽر اوبرائن جو چوڻ آهي ته چڏ، پٽا ۽ وٽو سورج بنسي راجپوتن جو اولاد آهن. هڪ بي روايت موجب پٽي راجپوتن جي دوسل، سلواهن، اچل ۽ جيپال جي اولاد مان آهن. هنن جي وڏي لکي خان، بابا فريد جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو. ڊاڪٽر لال بخش نائچ ۽ چاموٽ حاجي خان چاچڙ جي لکڻ موجب "راجپوت" حضرت سنڌ جو اولاد آهن. ان ڪري راجپوتن (لقب) جو اولاد سماڻ سڏائي سگهي ٿو. هڪ بي روايت موجب هي راجا رنبير ۽ راجا ونوير (بهال خان) جو اولاد آهن.

وٽائي: ڪرمتين جي ربائي جتن جو هڪ پاڙو.

وَٽَڑ: ٽري هندن جي هڪ ذات. هي مهيشوري خاندان مان آهن.

وَجَهَ الدين: سيد خاندان جو هڪ پاڙو.

وجهه الدين پوٽا: سيدن مان آهن. هي سيد حسين شاهه عرف وجهه الدين جو اولاد آهن.

وِجَلا: جتن جي هڪ ذات. سندن ان اهڙا ته تکا هوندا هئا، جهڙي وڃ جنهن وجهه تسميه سبب پان ۾ "وِجلا" سڏجڻ لڳا.

وَچاڻي: پٽن ۽ برن جو هڪ پاڙو. خيرپور ميرس ۾ سُني خواجا رهن ٿا، جن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "وچاڻي" آهي.

وِداڻي: گورچاڻي بلوچن جي هلواڻي قبيلي جو هڪ پاڙو.

وَڏا: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات. ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سندن ڪجهه ڳوٺ آهن.

وَڏاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وَڏِڙيا: راجپرن ۽ ملاحن جي هڪ ذات. نٽي ضلعي جي ڪاري واري علاقي ۾ رهن ٿا

وَڏڻ پوٽا: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو. هي خيرپورميرس ضلعي ۾ رهن ٿا.

وَڏيا: سما ۽ ملاح آهن.

وَڏيجا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وڏاڪ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وَڏپاڳيا (وَڏپَڳيا): ڪلهوڙن جو هڪ پاڙو.

وِڏَڻ: مگرين جو هڪ پاڙو.

وِڏهَرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وَڏهَرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وَڏَرا: جتن ۽ اوسواڙ هندن جي هڪ ذات.

وڏيراڻي: سڀيا ذات جو هڪ پاڙو. ٿٽي ۾ رهندڙ

وِڏيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وَڏو: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وَڏول: راجپوتن جي هڪ شاخ. هي جات (جَٽ) آهن. جيڪي مالي (مالهي) بن سوترڪ جو اولاد آهن. گوجر، پرمار، رائي وينون (رائي)، سليمان رائي، حسن رائي ۽ پنسئي رائي هن جا پائر ٿين. هڪ ٻئي حوالي موجب نَوَل، نُونَ، ٽِوانا ۽ دولتانا هن جو اولاد آهن.(بحوالہ: ڈاڪٽر لعل بخش نائچ ۽ ڄاموٽ حاجي خان ڄاڃڙ.)

وراجاڻي: ڪرمتي جتن جي لڇيرا شاخ جو هڪ پاڙو.

وَراڻي: مارفاڻي چاندين جو هڪ پاڙو.

وَرايا: سما ميمڻن جو هڪ پاڙو.

وَرتِئا: هندن جي هڪ ذات، ٽر ۾ رهن ٿا.

ورپنيا: هندو گُرڙن جي هڪ ذات.

وَرَدَڪَ (وردگ): غلزئي پٺاڻن جي هڪ ذات.

وَردَلي: اصل سنڌ جا سومرا آهن. وڏڪو ڪم ڪندڙ آهن، گهٽو وقت اڳ سنڌ کي ڇڏي وڃي مڪران ۾ آباد ٿيا آهن.

وَردوئي: هندو ڪترين جي هڪ ذات.

وَرَرَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وَرڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن. انڙن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ورڙ" آهي. هڪ ٻئي حوالي موجب "ورڙ" سنگلي عرف سنهالي راجپوت (جات) جي پٽ ڪاڻيا جي پٽ جو اولاد آهن. سيال، ملاڻو، ورڙ، ٻڙيال ۽ سنگڙيال پاڻ ۾ پائر ٿين.

ورسا: دل قبيلي جو هڪ پاڙو.

وَرَسٹيا: پينسين بن ڏهر جي اولاد مان آهن. پنپرو، پاٹوي، گاهو، پسيو، سپڙ، جوٹو، بٹڙ. لوڊر ۽ اوڊر هن جا پائر آهن. تفصيل لاءِ "جوٹن" جو شجرو ڏسڻ گهرجي.

ورغ ريمکاٹي: بگٹين جي هڪ ذات.

وَرَکَ: جٹ راجپوت قبيلي جو هڪ پاڙو. هنن جو مورث اعليٰ ورک، منهاس قبيلي جي باني "ملهن نمس" مان هو. جنهن جٹن مان شادي ڪئي هئي. جنهن ڪري "ورک" جٹ سڏجڻ لڳا.

وِرَکَ: ملاح ۽ مهاٹا آهن. جٹن ۾ پڻ آهن.

وَرِکَ: پٹين جي هڪ ذات.

وَرَگَ: سرائي قبيلي جو هڪ پاڙو. سڪرندِ تعلقي ۾ رهن ٿا.

وَرَلَ: مينگهواڙن جي هڪ ذات، ٿر ۾ رهندڙ.

وَرناٹي: لنگهن جي هڪ ذات.

وَرندَ: (وِرند): هڪ غير سماٹ ذات.

وَرَڙ: هندو رانوڙ راجپوتن جي هڪ ذات. هي ٿر ۾ رهن ٿا.

وَروئاٹي: سنڌيا ذات جو هڪ پاڙو. ٽنڈي محمد خان ۾ رهن ٿا. (بحوالہ : اميد علي سنيو)

وَرَهَ: سما ۽ ملاح آهن.

وَرهاءَ: هڪ مسلمان سماٹ ذات.

وَرهيا: ملاح آهن، انڙ بن لاکي جي پٹ جو نالو "ورهيا" هو، هي ان جو اولاد آهن.

وريا: جٹ قبيلي جو هڪ پاڙو. مگرين ۾ پڻ هڪ پاڙو.

وريام: هڪ مسلمان سماٹ ذات.

وَرياماٹي: هڪ سماٹ ذات. عمرڪوٹ ۾ رهن ٿا. هنن جو چوڻ آهي تہ اسان خاصخيلي آهيون. اسان جو واسطو بنو عجلان سان آهي. سنڌ ۾ اسان جو مورث اعليٰ شهزادو وريام بن بچو بادشاهہ بن وريام اول آهي. سنجهوري وارو فقير محمد بچل ۽ فقير وريام هن خاندان جا باقيات آهن.

وَرياٹي: هندن جي هڪ ذات.

وَرياٹي: ڪلوڙن جو هڪ پاڙو. ڪرمتين جي جماري، مرگهر ۽ جانوري شاخ جو پڻ هڪ پاڙو.

وَرياهہ: سمن جي هڪ ذات. هنن ماه "جيو" وريامہ نهايت مشهور هو. جيڪو سلطان ناصرالدين قباچہ جي دؤر ۾ "وڳهہ ڪوٹ" جو راٹو هو.

وَريهَ: سما آهن.

وڙائچ: راجا ڪرن سورج بنسي جي وڏي پٽ جو نالو "وڙائچ" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي ذات جا "وڙائچ" سڏايو (بحوالہ: ڪتاب شاهان گوجر). ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" ۾ لکيل آهي تہ هي ڏوڏي جت جو اولاد آهن. محمود غزنوي هنن کي گجرات ۾ ۽ جلال الدين فيروز شاهہ کين حصار ۾ آباد ڪيو.

وڙيل: ساندن جو هڪ پاڙو.

وزيراڻي: هندن جي هڪ آکھ. جڳ مشهور وڪيل نيچلداس نتوي هن آکھ مان هو.

وزيري: پناڻن جو هڪ آزاد قبيلو. جن جو واسطو هزاروي پناڻن سان پڻ آهي. خزر پناڻ کي ٽي پٽ موسيٰ. محمود ۽ گربز هئا. محمود جي اولاد پاڻ کي "وزيري" سڏائيو ۽ بيا ڏاڏي جي نالي سان "خزري" مشهور ٿيا. هڪ ٻئي حوالي موجب وزيري پناڻ. ڪڪئي (خاخائي) جي پٽ سليمان جو اولاد آهن. جن کي "لالئي" پڻ چون ٿا.

وزيري احمد زئي: پناڻن جو هڪ قبيلو. هنن جو واسطو مهند ايجنسيءَ سان آهي.

وَساڻ: سنڌ جا سما آهن. جن جو واسطو جوٽيجن. سمن ۽ انڙ سان آهي. هنن جو شجرو هن طرح آهي:



وسائي پوٽا: سمن جو هڪ پاڙو. ٽر ۾ رهن ٿا. چاندين ۾ پڻ آهن. چاندين وارا وسائي پوٽا (پوٽڙا) ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي خاص خليفي شاهه وسائي چاندبي جو اولاد آهن. هن ڪيڙ جا خاص پاڙا آهن: 1. داداڻي 2. رحمعلياڻي 3. رحيم خاناڻي 4. سلطاناڻي 5. فتواڻي 6. ڪرمليائي 7. گلبيگاڻي 8. مناڻي ۽ 9. ميرڻائي.

وَسايا: سمن ۾ ملاحن مان آهن.

وسرياڻي: برهماڻي برن جو هڪ پاڙو.

وِسطڙا: سما ۾ ملاح آهن. هڪ ٻئي حوالي موجب وسطڙا، سهتن جو پاڙو آهي، هن وقت هڪ ذات طور سڏجن ٿا.

وسنداڻي: (ڏبسراڻي) جوڪين جو هڪ پاڙو.

وسنوئي: جاتن جو هڪ پاڙو. تعلقي ننگر پارڪر ۾ ڳوٺ پاتڙيون ۾ هنن سان ملاقات ٿي.

وَسَڻ: ڪتابن ۾ لکيل آهي ته هوتي بن انڙ کي ارڙهن پٽ هئا، جن مان مبيجو، وسڻ، بهڻ، جيسر ۽ مورو سڳا ڀائر هئا. بهڻ جي اولاد ۾ ڪي "وسڻ" سڏايو. وڏيڪ لاءِ بهڻن جو شجرو ڏسڻ گهرجي. مگرين ۾ پڻ "وسڻ" آهن، هي ٽر ۾ رهن ٿا.

وَسَٽا: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

وَسٽاڻي: هندن جي هڪ ذات.

وَسو: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

وَسواڻي: جمالين، جتن ۽ ڇهڙن جو هڪ پاڙو.

وِشنا: هندن جي هڪ ذات. مڇي ۽ گوشت نه کائيندا آهن.

وشنوهو: هندو برهمڻن جي هڪ ذات. مڇي ۽ گوشت کان پرهيز ڪن ٿا. ولبڇاري، رامانندي ۽ سوامي نارائڻ هنن مان آهن.

وشيو: هڪ سماڻ ذات.

وقاصي: حضرت ابن وقاص صحابيءَ جو اولاد آهن. سنڌ ۾ رهندڙ وَڪَا چون ٿا ته اسان ان جو اولاد آهيون، معلوم ٿئي ٿو ته سندن دعوا درست نه آهي.

وَڪا: سمن جي هڪ ذات. ڪن جو چوڻ آهي ته هي "باريچا" آهن. وڪا چون ٿا ته اسان ابن وقاص صحابيءَ جو اولاد آهيون، ان ڪري اسان "وقاصي" به سڏجون ٿا.

وڪڙا: هڪ مسلمان سماڻ ذات.

وَکَڙائي: ٻُرڙن جو هڪ پاڙو.

وِکيا: سمن جي هڪ ذات. تاريخ سجاول از عزيز جعفرائي جي لکڻ موجب "وکيا". ملاح ۽ مهاڻا آهن. جن جا ڪجهه گهر سجاول ۾ آهن. هڪ ٻئي حوالي موجب هي سميجا آهن. هي تاجيو پٽ پاٽو جو اولاد ٿين. تاجيو کي ٽي پٽ وکيو، ويڏو ۽ پساپو هئا. وکيو جو اولاد "وکيا" سڏجن ٿا. کي هنن کي جام اٽر جو اولاد چون ٿا. ٻيهڪو ڪيرتي گد جو حاڪم هو.

وِکيا درس: مگرين جو هڪ پاڙو.

وِکيو: سمن جي هڪ ذات.

وِکيي پوٽا: مگرين جي هڪ شاخ. ٽُٽا ۽ آٽلا. هن شاخ جا پاڙا آهن.

وِگا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وِگَڙ: سمن جي هڪ ذات. هي آبڙ ۾ اچن ٿا. هنن جو چوڻ آهي ته اسان "يمني" آهيون. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. آدمائي 2. اميناڻي 3. تماچائي 4. جماڻي.

وِگهامل: هي ڏکڻ، وادا ۽ پير سڏجن ٿا. ايس صادق علي هنن کي "سما" لکيو آهي.

وِگهڙ: سمن جي هڪ ذات.

وِگهڙَ: سمن جي هڪ ذات.

وِگهمل: گهٽ ذات وارا سرائي آهن.

وِگهيا: سمن سان واسطو رکن ٿا. اڪثر ڪري ڪاڻ جو ڪم ڪن ٿا.

وِگر: هڪ مسلمان سماڻ ذات.

ولا. ٽري مينگهواڙن جي هڪ ذات.

وَلاساڻي: لاشارين جي منڊير شاخ مان هڪ پاڙو.

ولاسيا: جتن جو هڪ پاڙو. پکي راڄ هنن جا چگا مڙس ٿين.

وِلاسيا: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ڪاري ۾ رهن ٿا.

ولاڻا: ولاڻو لفظ جي معني آهي. شڪاري. ولاڻا مسلمان ذات آهي. فقير خيرو ولاڻو. ميان نصير محمد جوهڪ وفادار سپاهي هو. جيڪو هن خاندان مان هو. (مهراڻ نمبر 2 سال 1990ع ص 90)

ولايتي: سنڌيا ذات جو هڪ پاڙو. ٽنڊي محمد خان ۾ رهن ٿا. (بحوالہ : اميد علي سنيو)

ولحاري: هندو برهمڻن جي هڪ ذات. پشڪرنا. ڪي سرسوت. ڪي ڪتري. ڪي لوهاڻا ۽ سب ڪاٽيا.

وليچاري طبقي سان واسطو رکن ٿا. هي شو جا پوڃاري آهن.

ولڙ: ملاحن ۾ مهاڻن جو هڪ پاڙو. ضلعي نٽي ۾ سندن ڳوٺ آهن.

ولڻ: سمن جو هڪ پاڙو.

ولواڻي: جمالين جو هڪ پاڙو.

ولوتَ: جتن جي هڪ ذات.

ولهَا: ٿر ۾ هڪ مسلمان سماڻ ذات. هي راڻوڙ نسل مان سام جو اولاد آهن.

ولهَا: ٿر ۾ مينگهواڻن جي هڪ ذات.

ولهاري: ملاح ۾ مهاڻا آهن. هي ساموندي پٽي ۾ لاڙ ۾ رهن ٿا. (تاريخ سجاول)

ولهيا: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

وليائي: هڪ مسلمان سماڻ ذات. هي خواجا سڏجن ٿا.

وليجا: ملاح ۾ مهاڻا آهن. هالپوٽن ۾ راجپوتن ۾ پڻ "وليجا" پاڙو آهي.

وليچا: هندن جي هڪ ذات.

وليد: هڪ مسلمان سماڻ ذات. لاڙڪاڻي طرف رهن ٿا.

وليداڻي: ڪرمتين جي جانوري شاخ مان هڪ پاڙو.

ونانڙي: هڪ مسلمان ذات.

ونجها: مهرن جو هڪ پاڙو.

ونجهرَ: لکڻن جو هڪ پاڙو.

ونڊرَ: ونڊر، ونڊيار ۽ ونڊير جي معني آهي. ٻني فصلن جي پيدائش مان ونڊيون ونڻ وارا. هي مگڻ. مگڻيجا ۽ سهتا ٻ سڏجن ٿا.

ونڊيارَ: مگڻ. مگڻيجا ۽ سهتا آهن.

ونڊيرَ: مگڻ. مگيجا ۽ سهتا آهن.

ونڻئي: ڪيراني پناڻن جو هڪ پاڙو.

ونگا: رونجهن جي پاڙي جو نالو. ڪوڪرن ۾ پڻ "ونگا" آهن.

ونگاڻي: ملاح ۾ مهاڻا آهن.

ونگائي: جت بلوچن ۾ سماتي جتن جو هڪ پاڙو. هي ونگي بن مير عمر جو اولاد آهن. منداڻي، عامر، بناڻو، مڙوچا، سياڻي، شيخ (شيخ شيخ)، مهڙاڻي، جساڻي، منداڻي اونار ۽ ا: پري هنن جا پاڙا آهن. ڪاري ۽ ونگائي ملاح سڏجن ٿا. نهڙين ۾ پڻ "ونگائي" آهن. ميان غلام ش ۽ ڪلهوڙو هنن سان وڙهيو هو.

وَنگرا: گندرن (ملاح) جي ذات. ڊاڪٽر غلام علي الانا هنن کي مڇي مارڻ وارا ملاح لکيو آهي. (بحوالہ: مهراڻ 4 ـ 3 سال 2001ع ص 33)

وَنگڙا: مهاڻن جي ذات. جي ڪارين سان مڇي مارين ٿا.

وَنگور: لاڙن جو هڪ پاڙو.

ونهري: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ونهياڻي: جتن جو هڪ پاڙو. هي نٽيار جت سڏجن ٿا.

وٹول: ٽري مينگهواڙن جو هڪ پاڙو.

وَورا: بواهر، بوهرا، بورا، ۽ وهرا سڏجن ٿا. هي گهٽ ذات وارا هندو هئا. جيڪي سيد عبدالله شاهه جي بيعت تي گجرات هندستان ۾ اڄ کان اٽڪل 700 سال اڳ دين اسلام قبول ڪري مسلمان ٿيا. پر هو پنهنجي اصلوڪي ذات سان "وورا" سڏجن ٿا. هي بارهن امامن جا پوئلڳ آهن ۽ خوجن جا مخالف آهن. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1. برمل 2. جهنجهواڻي 3. راتيا 4. قادياڻي 5. ڪيري 6. گبڙ 7. گيبي (گهيبي) 8. گهاٽيوالا 9. لوٽيا 10. لينوالا 11. مڪڙا 12. ميانيوارا 13. هالائي 14. هڪرا. ڪي وورا (اوسواڙ) اجان بہ هندو آهن.

وورو: معنيٰ لچو، بدچال. هندن جي هڪ گهٽ ذات.

ووڪا: هڪ سماڻ ذات.

وهاڙي: بروهي آهن.

وِهالپوٽا: پاليشاهين جي هڪ ذات.

وهاڻي: چنن جو هڪ پاڙو.

وِهرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وَهَرئا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وَهريا: گونگي سمي جي وڏي ڏاڏي جو نالو "جهلو" هو. ان جهلي کي ٽي پٽ هئا. تن مان هڪ پٽ جو نالو "زومڪ" هو. زومڪ کي چار پٽ ٿيا. تنهن مان هڪڙي پٽ جو نالو "وهريو" هو. جنهن جي اولاد پان کي ذات جا "وهريا" سڏايو. جن مان ڪافي نقل مڪاني ڪري اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن. وهريا ذات جو شجرو "سينار"

ذات ۾ ڏسڻ گهرجي.

وَهـڑَ: سما ۽ ملاح آهن.

وَهـڑا: وهريا ذات مان آهن.

وَهڑڪيا: سمن مان آهن.

وَهڑيا: سمن مان آهن.

وَهـلَ: پرمار هندن جي هڪ ذات.

وَهناڻي: چنن جو هڪ پاڙو.

وَهـنَ: هندن جي هڪ ذات (پوگڙي).

وَهٽائي: بخاري سيدن جو هڪ پاڙو. جهانيان پوتا. معشوق پوتا ۽ وهٽائي پاڻ ۾ آهن. سندن وڏو شير شاهه هو.

وَهواڻي: چنن جو هڪ پاڙو.

وَئنس: سما ۽ ملاح آهن.

وَئونرا: هڪ سماڻ ذات.

وَئيس: هڪ سماڻ ذات.

وَئيشَ: هندو پورهيت وهڻ ڪٽين جو هڪ پاڙو.

ويجڪ: ٽري مينگهواڙن جي هڪ ذات.

ويجل: مهرن جو هڪ پاڙو.

ويج: ملاح ۽ مهاڻا آهن. ضلعي ننڍي ۾ رهن ٿا.

ويجر: سهتن جو هڪ پاڙو.

ويجهه: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ويداڻي: لاشارين ۽ مغيري بلوچن جو هڪ پاڙو.

ويڏا: سميجا قبيلي جو هڪ پاڙو. ويڏو. پسايو ۽ وڪيو. تاجيو جا پٽ هئا. ويڏي جو اولاد "ويڏا" سڏجن ٿا.

ويڏاڻي: پاتولين جو هڪ پاڙو.

ويرا: سمن جو هڪ پاڙو.

ويراڄ: ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات.

ويرام: هڪ مسلمان سمات ذات.

ويرشي: پرمار راجپوتن جي نڪ سوڌا مان هڪ پاڙو. هي ٽر ۾ رهندڙ آهن.

ويرم: ساندن جو هڪ پاڙو. هي ملاح آهن.

ويرم پوتا: هندن جي هڪ ذات.

ويرهاڪ: سمن جو هڪ پاڙو. مگرين جو پڻ هڪ پاڙو.

ويرهي: جهلاواني بروهين جو هڪ پاڙو.

وَيڑها: هڪ مسلمان ذات.

ويڑهيجو (ويڑهيچا): ويڑهيجا ذات ويڑهو مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي لوڙهي جي اندر رهڻ وارا. ويڑهيجا. جوتيجن جو هڪ پاڙو. هي ٽر ۾ رهن ٿا.

ويزاراڻي: مغيري بلوچ آهن.

ويس: سما ۽ ملاح آهن. ڪتاب شاهان گوجر ص 187 تي لکيل آهي ته "ويس". حضرت اويس ڪرنيءَ جي اولاد مان آهن.

ويسا: نهڙين جو هڪ پاڙو. هي راهڙ بن عمر بن گجڻ جو اولاد آهن. ٽر ۾ رهندڙ.

ويساڻي: هي سيڻ ويسي هندوءَ جو اولاد آهن. سيڻ ويسو. آغا سلطان علي شاهه جو خاص ڪاردار هو. جبل جي برفتن حملو ڪري سال واري زمين (جهرڪ ـ ننڍو) تي سيڻ ويسو ۽ سندس 72 عزيزن ۽ تعلقدارن کي قتل ڪري وڌو. اهي سڀ جهرڪن جي امام بارگاهه جي هڪڙي ڪوڙيءَ ۾ دفن ٿيل آهن. جن کي "ويساڻي" چون ٿا. هنن جو اولاد اڄ بہ موجود آهي. جيڪي پاڻ کي ان نسبت سان پاڙي جا "ويساڻي" چوائين ٿا. بحوالہ: جنب گذاريم جن سين جلد پهريون ص 72.

ويسَرَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وِيسرَ: ملاحن ۽ راڄپرن جي هڪ ذات. ويسر (سيسر) درياڻي جانور جو نالو آهي. ڪي ملاح ان جو شڪار ڪندا هئا. ان نسبت سان اهي ملاح "ويسر" سڏجن ٿا. رانوڙن. سوڍن ۽ باجرَن (سمات) جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "ويسر" آهي.

وَيسرا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

ويسراڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وَيسريو: ملاح ۽ مهاڻا آهن. حيدرآباد ۾ رهن ٿا.

وَيسناڻي: هندن جي هڪ ذات.

ويش (بيش): هندن جي نيچ ۽ٽئين طبقي جي هڪ ذات.

وَيڪلاڻي: لاشاري بلوچ آهن.

وَيگڙ: اوسواڙ هندن جي هڪ ذات.

ويگمل: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو.

ويگا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

وينجهار: هڪ سمات ذات. نٽي ۽ سيوهڻ ۾ وينا آهن. جن جو ڪم موتين پوئڻ سان آهي. وينجهار پراڪرت ٻوليءَ جو لفظ ونڊڻ، وڏوڻ ۽ سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ وڏ + ڪار مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي موتيءَ کي ٽنڊ ڪرڻ، موتي پوئڻ، موتي پرڪيندڙ، پارکو، سگهڙ وغيره.

وينجهاريل: هڪ مسلمان سمات ذات. هي وينجهارن ۽ وينجهرن جهڙو ڪم ڪن ٿا، ان نسبت سان "وينجهاريل" سڏجن ٿا.

وينجهَرُ: هيءَ ذات به وينجهارن جي آهي. روايتن ۾ آهي ته "وينجهر" اصل ۾ نٽي شهر جا ميمڻ آهن. جتان لڏي سنڌ ۾ پکڙجي ويا آهن.

وينس: جٽ قبيلي جو هڪ پاڙو. هنن جو مورث اعليٰ محرم خان جٽ هو. جيڪو راجا جگديو جي اثر هيٺ هو. امرتسر مان لڏي جهوڪ وينس ۽ ڊولڻ، ضلعي لاهور ۾ اچي وينا. وينس وارا "وينس" ۽ ڊولڻ وارا "گل" سڏجڻ لڳا.

وينگس: معنيٰ خوبصورت. وينجهر، سگهڙ، ونڊڻ. سهڻي ستاءِ وارو. وينجهارن جي هڪ ذات.

ويوسي: هندو راجپوتن جي هڪ ذات. ٽر ۾ رهن ٿا.

ويهَرَپوتا: ملاحن جو هڪ پاڙو.

ويهو: لکڻ جو هڪ پاڙو.

ويئنس: ملاح ۽ مهاڻا (ويس) آهن. سمن ۾ ٻڌ "ويئنس" آهن.

هـ

هاتار: سماڻي جت آهن. هنن جو لاڙو ٻيرن ڏانهن آهي.

هاڻي: سمن جو هڪ پاڙو.

هاڻيپوٽا: هاڻيءَ جي اولاد مان "سما" آهن.

هاڻي راماڻي: هندن جي "سامتا" نڪ مان هڪ آکيه. هي سامتاڻي ڳوٺ (لڳ پان) جي پنيان "سامتا" ٻه سڏجن ٿا.

هاجاٽا: سماٽ آهن.

هاجاڻي: مانگريا (ملاح) ذات جو هڪ پاڙو.

هاجيجا: جتوئي قبيلي جو هڪ پاڙو.

هادي بخشاڻي: ڪرمتين جي زنگياڻي شاخ جو هڪ پاڙو.

هاڏا (هارا): چوهاڻ راجپوتن جي هڪ ذات.

هادي: هڪ پورهيت، خدمتگار ۽ ٻهاريدار ذات جو نالو.

هارڻ پوٽا: جاکرن جو هڪ پاڙو.

هارون درس: مگريا قبيلي جو هڪ پاڙو. ٽر ۾ رهندڙ.

هارون زئي: تور پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

هاروني: بروهي قوم جو هڪ پاڙو. جن جو واسطو محمد حسني بروهين سان آهي. هي ايراني آهن. جن جا ٻه پاڙا مردان شهي ۽ شيخ حسيني آهن. هاروني بروهين جو شجرو هن طرح آهي:

مير محمد
|
مير هارون (هاروني)
|
مير مستي خان
|
سردار دوستين
|
مير گنگو



هاريائي: چانديا قبيلي مان آهن.

هاڑها: سنڌ جا سما آهن. ڪچي بلوچستان ۾ وينا آهن. هنن جو چوڻ آهي ته اسين سيالن مان آهيون.

هاڑهيجا: ڪچ جا رهواسي هندو آهن.

هاسياڻي: پان فقيرن جو هڪ پاڙو.

هاشم: نهڑي قبيلي جو هڪ پاڙو. ٽر ۾ رهندڙ. هي جراڙ بن ميئن جو اولاد آهن.

هاشماڻي: برڙن جي هڪ پاڙي جو نالو. جيڪب آباد طرف رهندڙ. گائيڪي ۾ پڙ.

هاشم زئي: ريڪو بلوچ آهن. بلوچستان ۾ رهن ٿا.

هاشمي: عرب کان آيل قريشي آهن. جيڪي حضرت هاشم جو اولاد آهن. پاڻ سڳورن صلي لله عليہ وآلہ وسلم کي ٻہ "هاشمي" چون ٿا. سنڌ وارا هاشمي قريشي، شيخ، علوي ۽ عقيلي آهن.

هاشواڻي: هڪ مسلمان سمات ذات.

هاڪر: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

هالا: ڪچ جي سمن مان پلي سردار کي ساند مان ويره نالي پٽ هو. ان جي پٽ جو نالو "هالو" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي "هالا" ۽ "هالا سما" چورايو. اهڙي طرح سان سمن جي ٻين شاخن مان پڻ هالا ذات وارا آهن. جن جو شجرو هن طرح آهي:

هالن جو شجرو


لاکيار
چام لاکو
(پي شادي ٿئي جي گندرن مان ڪيائين. هيءَ بادشاهه هو)
انڙ
لاکو
سمون
جاکرو/جکرو
جياند
ڪاکو
(ڪاڪ جو مسلمان حاڪم)
پلي
سمون
رائڌڻ/رائڌنو/راڌڻ
سمون
پلي
انڙ
ساند
هالو
اولاد هالا
ويره
ڪاکو
جاڙو
جاٹيجو
هگورو
ڏيرو
چام هوٿي
هالو
(هالن جو ڏاڏو)
چام هاپر
(اولاد هالا) هالو
چيلاريو
هگورو
نهڙيو
ناريجو
هالو
چام جوٹو
چام راهو (اولاد راهو ءِ راهوپوتا)



نومڙيا/نهڙيا ۽ کوهستان وارا ملڪ هن شاخ مان آهن.

سهتن، مهرن، نهڙين ۽ راهوما ذات وارن جي هڪڙي پاڙي جو نالو پڻ "هالا" آهي.

هالاري: هندستان کان آيل ميمڻ آهن. هالار، ڪاٺياواڙ جي هڪڙي ضلعي جو نالو آهي، هي ميمڻ اتان جا آهن.

هالائي: جامع سنڌي لغات ص 2754، ڪتاب "سمات" ۽ آدمشماري رپورٽ 1911ع موجب "هالائي". ملاح ۽ ميربحر آهن. تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ بهلاڻ ۽ هالاڻ ۾ پينرون هيون، جن وٽ پٽڻ هئا، جن ميان صاحب جي لشکر کي پٽڻ اڪاريو هو. ميان صاحب سندن وفاداري جي عيوض سندن نالن تي ۾ ڳوٺ بهلائي ۽ هالائي ٻڌايا، جيڪي اڄ ڏينهن تائين ضلعي نوشهري فيروز ۾ موجود آهن. ميمڻن ۾ پڻ هالائي آهن (ننو شهر). جتن، جوکين ۽ جکرن ۾ پڻ آهن.

هالائي: ڪچ پچ کان آيل ميمڻن ۽ وورن جو هڪ پاڙو.

هالتي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

هاليا: ڳڀين جو هڪ پاڙو.

هالیپوٹا: ڪتاب "سماٽ" ص 75 ۾ هندستان جي آدم شماري رپورٽ 1911ع موجب "هالیپوٹا" سنڌ جا سومرا آهن. ايس صادق علي، ڪتاب جي ص 41 تي لکيو آهي ته "هالیپوٹا"، انڙ بن سمون بن رائيڏن جي اولاد مان آهن. جيڪي سميجن، سمن ۽ ملاحن جي اوڙڪ ۾ اچن ٿا. شجري لاءِ ڏسندا هالن جو شجرو. هالیپوٹن جا خاص پاڙا آهن: آٽل پوٹا، پوراڻي، جمن پوٹا، ڪنڊياڻي، گوڙاڻي، مارفيوٹا، ناٽاڻي، وليجا ۽ بر. سنڌ جا هالیپوٹا بن مکيه نڪن، شهميري ۽ لکميري مان آهن.

هانيي: ملاح ۽ مهاٽا آهن. سمندِ جي ڪناري سان رهن ٿا.

هانس: ضلعي جهنگ جا رهواسي آهن، هي پاڻ کي قريشي چوائين ٿا. سندن سردار شيخ قطب هو. ڪي هنن کي "جت" چون ٿا. ڪگا، جهنڊير ۽ هانس پاڻ ۾ آهن.

هانسي: هندو چهڙن جي هڪ ذات، آرائين ۾ پڻ آهن.

هائورا: سماڻي جتن جو هڪ پاڙو.

هبار: ملاح ۽ مهاٽا آهن.

هَباري: هڪ مسلمان ذات.

هباڙ: معني چٽ، بدبوءِ، حرام ڪائيندڙ شڪارين جي هڪ ذات.

هَبَرَ: هڪ مسلمان سماٽ ذات، ابڙن سان لاڳاپو.

هتار: جت آهن، ٻهرن جا قريب ٽين.

هتر: سما ۽ ملاح آهن، حيدرآباد ۽ نوابشاهه ۾ رهن ٿا.

هُتڪي: غلزئي پٺاڻن جي هڪ ذات.

هتيار: ملاح ۽ مهاٽا آهن. ڪتاب "شاهان گوجر" ۾ لکيل آهي ته "هتيار"، پٽي راجپوت آهن. هن خاندان مان هڪ ظالم راجا هو، جيڪو ماڻهن کي مارڻ لاءِ هٿيار استعمال ڪندو هو، جنهن سان تشبيهه ڏئي ڪيس "هتيار" چيو ويو.

هتيپوٽو: سما ۽ ملاح آهن، نوابشاهه ۾ رهن ٿا.

هٿوزئي: رند بلوچن جو هڪ پاڙو.

هٿيار: ملاحن ۽ مهاڻن جو هڪ پاڙو (بحوالہ: تاريخ سجاول).

هٿياڻي: سمن جو هڪ پاڙو.

هُجا: سما ۽ ملاح آهن.

هچارا: ملاحن ۽ مهاڻن جي هڪ ذات.

هِـڏ: سما ۽ ملاح آهن.

هدخيل: غلزئي پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

هـُدر: سمائي جت آهن.

هدواڻي: کوسن جو هڪ پاڙو. اتر سنڌ ۾ رهن ٿا.

هديا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

هدياڻي: لغارين ۽ لاشارين جو هڪ پاڙو.

هديهه: ڪرمتي جت بلوچن جو هڪ پاڙو جن جو واسطو لٽيگ شاخ سان آهي. هديه ڪرمتي جتن جا خاص پاڙا آهن: 1. برهماڻي 2. درياخاناڻي 3. زنگي خاناڻي 4. سمڻائي 5. قادر ناڻي 6. ڪرماڻي 7. ڪيڪواڻي ۽ 8. نوتياڻي. هنن کي نٽيار جت بہ چون ٿا.

هڏا: سمن جي هڪ ذات.

هڏگري: رندن جو هڪ پاڙو.

هَڏَوار: سمن جي هڪ ذات.

هَڏِوار: لغارين جو هڪ پاڙو.

هَڏواڙ: جانورن جا هڏا ميڙڻ وارن کي چون ٿا. جي اڪثر ڪري باگڙي آهن. ڪن جاين تي پاڻ کي "ڪوڪر" بہ چوائين ٿا.

هڏورا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

هر: جت قبيلي جو هڪ پاڙو.

هراج: سيال جتن جو هڪ پاڙو. ملڻا. پاڳت ۽ هراج پاڻ ۾ ٽين. جيڪي سنهالي راجپوتن مان ڪاڻيا (جات) جو اولاد آهن.

هراڻي: ذات جا ڏيا آهن.

هربا: سما ۽ ملاح آهن.

هـُربا: پان ذات جو هڪ پاڙو.

هرتال: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو.

هرجاڻي: هندن جي هڪ ذات. "ديوان بيدل" جو مصنف گدومل هن ذات يا پاڙي مان هو.

هرج پال: هندن جي هڪ نڪ جو نالو. دوداڻي ۽ سنگاڻي هن نڪ جون آکيون آهن.

هرچنداڻي: هندن جي هڪ ذات.

هرداساڻي: هندن جي هڪ ذات.

هَرَلَ: ڪتاب "شاهان گوجر" موجب "هرل". ڪوکر راجپوت جي هڪ ذات آهي. ڪتاب "پنجاب ڪي ذاتين" ۾ چائايل آهي تہ هرل. ڪرل ۽ مرل. راء پويا جي پٽن جي نسل مان آهن. جن جو واسطو چوهان ۽ پنوار راجپوتن سان آهي. هڪڙي روايت آهي تہ هي اهيرن جي هڪ شاخ مان آهن.

هرڻ: ذات جا مانگريا آهن.

هرواڻي: گورچاڻي بلوچن جي سوراڻي شاخ مان آهن.

هرول: ٽري مينگهواڻن جي هڪ ذات.

هريا: هڪ غير معروف ذات.

هريان: هندي ايراني نسل جو هڪ قبيلو. متني هنن مان آهن.

هرياڻي (هدياڻي): لغارين جي هڪ ذات.

هرياھ: هڪ مسلمان سماڻ ذات. ابڙن سان لاڳاپو.

هرياءِ: هڪ سماڻ ذات.

هريائي: هندن جي هڪ ذات.

هريجن: هندو آهن. سنڌ ۾ رهن ٿا. ڏاڍا. چارڻ. راوڻ. ڪوڪڙي ۽ گوگيڙا هنن جا خاص پاڙا آهن.

هرير: پرمار هندن جي هڪ ذات.

هريهل: ٽري مينگهواڻن جي هڪ ذات.

هزارا (هزاروي): مغل پٺاڻن جي هڪ ذات. جيڪي منگول تاتاري ۽ چنگيز خان جو اولاد آهن. هي امير عبدالرحمان جي سربراهيءَ ۾ ترڪ کي ڇڏي اچي افغانستان ۾ آباد ٿيا. جن مان ڪافي لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ رهيا آهن. ڪوئٽا ۾ ايراني نسل جا ڪجهہ پارسي شيعا رهن ٿا. جن جو چوڻ آهي تہ اسان هزارا آهيون. ليڪن پٺاڻ نہ آهيون. هزارا پٺاڻن جا خاص پاڙا آهن سالار. منصور ۽ هسازئي.

هزاراڻي: نوحاڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

هزمنگر: بلوچ قوم جي هڪ ذات. ايران کان آيل آهن.

هسازئي: هزارا پناڻن جو هڪ پاڙو.

هِسِباڻي: چاندين جي هڪ ذات.

هستاڻي: جتوئي بلوچن جي هڪ ذات.

هسپت: هندن جي هڪ ذات. هي جادم جو اولاد آهن.

هسراجاڻي: هندن جي هڪ آکيه. جيڪي ديوان هسراج مل جو اولاد آهن.

هسراج ملاڻي: هندن جي هڪ ذات.

هسرالي: مگسي بلوچن جو هڪ پاڙو.

هُسَرَاڻي: مگسي بلوچ آهن. برڙن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "هسراڻي" آهي. هي بلوچستان م وينا آهن. اتر سنڌ وارا هسراڻي چون ٿا تہ اسان ڪماريا (ابڙا) راج جو حصو آهيون.

هسڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

هسڪو: سينها ذات جو هڪ پاڙو.

هسلاڻي: رندن جي هڪ ذات.

هسواڻي: گبولن جي هڪ ذات.

هَسُولا: هڪ سمات ذات. ننڍي م رهن ٿا.

هَسيجا: مهرن جو هڪ پاڙو.

هِشاڻي: سڌايا ذات جو هڪ پاڙو.

هفداڻي: پنجي پائي خواجن جو هڪ پاڙو.

هڪرا: نو مسلم وورا قوم جو هڪ پاڙو.

هَڪڑا: سمن جي هڪ ذات. روايتن م آهي تہ هي سما. اروڙ جي پرسان وهندڙ هاڪڙي درياءِ جي وٽ سان وينڊ هئا ۽ انهن جي ڳوٺ جو نالو "هڪڙو" هو. ان هاڪڙي درياءِ جي وجهہ تسميہ سبب هي ذات جا "هڪڑا" سڏجن لڳا. جتري ۽ ستواڻي هنن جا خاص پاڙا آهن.

ڪچ جي ٻني واري علاقي م هڪڙي ڳوٺ جو نالو "سراڙو هڪڙو" آهي. ان م جت رهن ٿا. جن جو چوڻ آهي تہ هڪڑا. اسان جو پاڙو آهي ۽ آس پاس جا ماڻهو اسان کي "هڪڑا جت" چون ٿا. راجپوتن م پڻ هڪڑا پاڙو آهي.

هِڪورا: پليءِ جي اولاد مان آهن. سندن شجرو هن طرح آهي:



ھگورا. انڙ بن سمون (سميجا) جو پٽ اولاد آھن. ھگورن جي نيچ ملاحن مان آھي. ڪن جاين تي ھنگورا ۽ ڪن جاين تي ھگورا لکيو وڃي ٿو. ساڳيو قلم ھنگورجا سان پٽ لاڳو آھي.

ھگورا پوڙا: سھٽن جو ھڪ پاڙو.

ھگورجا: ميان نيڪ محمد سھتي جي فارسي نسخي مان خبر پوي ٿي ته سنڌ جي راجا موڙا سنگھ کي ست

پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو "راهو" هو. ان راهوءَ جي اولاد مان "هگورجا" آهن.

هُلَ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

هلالي: هڪ مسلمان ذات.

هِلايا: سما ۽ ملاح آهن.

هلبا: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو.

هُلدَ: هڪ مسلمان ذات جو نالو.

هُلواڻي: گورجاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو. جن کي "سبزواڻي" پڻ چون ٿا. هنن جا خاص پاڙا آهن: 1 لوداڻي، 2 متڪاڻي ۽ 3 وداڻي.

هُلي: سما ۽ ملاح آهن.

هُلِيا: سمن. ملاحن ۽ ڪلهوڙن جي هڪ ذات.

هُلياڻي: سمن ۽ ملاحن مان آهن. هڪ پئي حوالي موجب "هلياڻي". شنباڻي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي. هي ڪيئو بن سائينداد جو اولاد آهن.

هُليپوتا: جاکرن جي منجهائن پاڙي مان هڪ ننڍو پاڙو.

هليلاڻي: جتوئين ۽ تالپرن جو هڪ پاڙو.

هليلزئي: غزيني مرين جو هڪ پاڙو.

هليلي: هڪ مسلمان ذات.

هما: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو.

همائو پوتا: هڪ مسلمان سمات ذات جو نالو. ابڙن سان لاڳاپيل.

همِيِ: سما ۽ ملاح آهن.

همٿي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

همداني: عرب آهن. جيڪي همدان شهر جا آهن. همدان شهر دَيَنورَ ۽ قُهستان جي وچ تي آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي ته "همدان". يمن جي هڪ عرب قبيلي جو نالو آهي. ان قبيلي جي مشهور اصحابي حارث بن عبدالله الاعورالهمداني جو اولاد سنڌ ۾ آباد ٿيل آهي. جيڪي اصل نالي "همداني" سان سڏجن ٿا.

همند: جاکري کي پنج پٽ هئا. جن مان هڪ پٽ جو نالو همند هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي "همند" سڏايو. اوٺا، آريجا، باجي پوتا، سنبڪ پوتا، قمبر پوتا، للي پوتا. مهمند پوتا ۽ هيجب هنن جا خاص پاڙا آهن.

همون پوٽا: سمن جي هڪ ذات. سومرن ۾ پڻ همون پوٽا آهن. جيڪي همون سومري جو اولاد آهن. (پاڙو) هنن کي همون به چون ٿا.

همٺاڻي: سمن جو هڪ پاڙو. جام ڪرن ڏاتار پڙي وارو حاڪم. هن خاندان مان هو. چوٿي آهي ته:

"لاکي لک بخشيا، ڪرن ڏنا ڪروڙ".

همٺتي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

همير: سومرن جي هڪ ذات.

همير ڪا: جوڪين جو هڪ پاڙو.

هَميراڻي: پرڳڙين جو هڪ پاڙو. سومرن ۽ هندن ۾ پڻ آهن. سنيو مل ٿري، شاعر، ليکڪ ۽ اديب هن کيڙ مان هو.

ستينءَ هو سوجهرو، اٽينءَ ٿي اوندهه.

هميراڻي باهه، وساڻي ورهيسن کي. (سمنگ چارڻ، تاريخ طاهري ص 348)

همير پوٽا: سومرن جو هڪ پاڙو، هنن کي "همون پوٽا" پڻ چون ٿا.

همير خيل: غلزئي پٺاڻن جي هڪ ذات.

هُنَ: رام ۽ ڪرشن (سوم بنسي) جي نسل مان هندو راجپوت آهن.

هُنار: استرياني سيدن (پٺاڻ) جو هڪ پاڙو.

هنجراهه: پنجاب کان آيل اٽن چارڻ وارا جت آهن. هي سروها راجپوت جي نسل مان آهن. سندن وڏي جو نالو هنجرانو هو. ان پٺيان "هنجراهه" سڏجن ٿا. سمن ۾ پڻ آهن.

هنجڙا: ٿري مينگهواڙن جي هڪ ذات.

هندل: هڪ مسلمان سمات ذات. خيرپور ميرس طرف رهن ٿا.

هندو: هندن بابت ڪافي رايا آهن. ڪي هنن کي قوم چون ٿا ته ڪي چون ٿا ته هندو قوم نه پر مذهب آهي. اهڙن محققن لاءِ وضاحت ڪجي ٿي ته حضرت نوح عليه السلام جي پٽ سام جي اولاد مان سنڌ ۽ هند 15000 ق - م ڌاري پنهنجو وطن چڏي اچي برصغير ۾ آباد ٿيا. سنڌ جنهن خطي ۾ ويٺو ان کي سنڌ ۽ سندس اولاد کي سنڌي قوم. سنڌو ۽ سمات چيو ويو. هند جنهن علاقي ۾ ويٺو ان کي هند ۽ سندس اولاد کي سوريا هند ۽ هندو چيو ويو. سندس اولاد جي جڏهن واڌ ٿي ته ان کي هندو قوم چيو ويو. اها هندو قوم هزارين قبيلن ۽ ذاتين ۾ ورهائجي هند ملڪ جي مختلف علاقن تي حڪومت ڪرڻ لڳي. حڪومت جي سربراهه کي راجا چوندا هئا.

5000 ق - م ڌاري دراوڙ. ڪول، ادي واسي، مصحر ۽ دلت ڪاهون ڪري هند ۽ سنڌ جي علاقن

۾ پکڑجي ويا. انهن جي زور ٽوڙڻ لاءِ 1700 ق - م ڌاري هندو مذهب جو آغاز ٿيو ۽ انهيءَ عرصي دوران يهودين ۽ آرين زياده اولاد جي افزائش کان تنگ ٿي پنهنجو وطن ڇڏيو. آريا، چين، افغانستان ۽ ايران کان ٿيندا. اچي برصغير ۾ پهتا. جيڪي، آريا، آرين ۽ ايرين سڏجڻ لڳا [1] انهن ۾ هندو مذهب کي زور ونايو. رام چندر ۽ رام ڪرشن جي پوڄا ڪئي ويئي. 1400 ق - م ڌاري رگ وید، سام وید، يجروید، اٿروید ۽ 800 ق - م ڌاري اپنشد ڪتاب لکيا ويا. جيڪي هندو مذهب جا مقدس ڪتاب سمجهيا وڃن ٿا. هندو ڌرم جي اهڙن پوئلڳن کي "هندو" چون ٿا. جيڪي قوم نه آهن.

هندو فارسي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڪارو. هن نسل وارا ماڻهو رنگ جا ڪارا هئا. ا ڪري ۾ کين ڪارو سڏيو ويو آهي. شيخ شيرازي ٻي ساخت ٿي چيو ته:

"اگر آن ترک شيرازي، بدست آرد دل مارا،

بخال هندويش بخشم، سمرقند و بخارا".

هندن جو واسطو هندستان سان آهي. جن کي وٽيا ۽ واڻيا ۾ چون ٿا. هي ستن ورنن ۾ ورهايل آهن. جن جا هزارين پاڙا، ذاتيون، شاخون، گوت، پال، ڪُلون ۽ پريچيه آهن. هندن جا ست ورن آهن: 1 برهمڻ، 2 لوهاڻا، 3 پاٽيا، 4 سهتا، 5 وئيش، 6 پنجابي ۽ 7 سونارا. انهن مان برهمڻ اوچي ذات آهي.

مشهور مسلمان مورخدان ابن خرداذبه 250 هـ ڌاري سنڌ جي هندو ذاتين جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي.

1 شاڪشتري (چتري)، هي راجائن جو اولاد آهن. ماڻهو کين سجدو ڪن ٿا.

2 براهما (برهمڻ)، جيڪي شراب پيئڻ کان منع ڪن ٿا.

3 کستري (کتري)، جن مان برهمڻ شاديون ڪن ٿا.

4 شودر، هي هاري آهن.

5 بيش (ويش)، هي ڪرت وارا پورهيت آهن.

6 شندال (چنڊال).

7 زنب (ڊوم)، جيڪي ڳائين وڄائين ٿا. سندن زالون نهايت خوبصورت آهن.

انهن ورنن سان واسطو رکندڙ هندو قوم جون، سنڌ ۾ رهندڙ خاص ذاتيون هن طرح آهن:

1. آڏواڻي	6. آسريا (مينگهواڙ)	11. اچوت
2. آرسواڻي	7. آهوجا	12. اڏيگام
3. آرلاڻي	8. آهوڙي (شڪاري)	13. آڏا (سويا)
4. آريا برهمڻ	9. اتمچنداڻي	14. اڏيسي (اوڏ)
5. آسر پوٽا	10. اجواڻي	15. اڏيسي پوٽا

---

[1] شهنشاهه ايران محمد رضا شاهه ڪبير، آريا خاندان مان هو ۽ پاڻ کي "آريا مهر" چوائيندو هو.

16. اورا
17. اروڑا
18. اڑوڑ
19. اسراٹي
20. اگني (راجپوت)
21. اُمٹ (پرمار)
22. اوچاٹي
23. اودڑ
24. اوداڻ
25. اوسواڑ
26. اهير
27. ايسراٹي
28. بابڑا
29. باپڑا
30. بارميرا
31. باگڑي (شڪاري)
32. بانو شالي
33. باهو (پاليشاهي)
34. بتاٹي
35. بنر
36. بجاج
37. بُجير (سوڍا)
38. بدا (راجپوت - رانوڑ)
39. برمن (راجپوت)
40. برهمڻ (پانيڙ)
41. بلاسيا (مينگهواڑ)
42. بنساري
43. بيراڳي
44. بيروڪا (اودڑ)
45. باروپار (مينگهواڑ)
46. بالا
47. بالاٹي
48. باليشاهي (شڪاري)
49. باوا
50. باهڙ ميرا (راجپوت)
51. برهر (پرمار)
52. بڑا (هريجن)
53. بڑهيا (مينگهواڑ)
54. بنهنپار (مينگهواڑ)
55. بوڑاٹا (مينگهواڑ)
56. پاتيا
57. پاڳ
58. پاڳي
59. پاڳيا
60. پان
61. پاوا
62. پاواني
63. پٽ
64. پٽياٹي
65. پڳٽ
66. پڳسريا (برهمڻ - راجپوت)
67. پوپا (برهمڻ)
68. پوجا (پرمار)
69. پوجراج (نڪر)
70. پوڃاٹي
71. پوڃواٹي
72. پوراٹي
73. پيپا (پرمار)
74. پيڍا (ڪتري)
75. پيل (اڇوت)
76. پو (گڏال)
77. تاراٹي
78. تارواٹي
79. تاٹڪ (مينگهواڑ)
80. تڪيراجا (پاليشاهي)
81. تلريجا
82. تيجي (پاليشاهي)
83. تيمان (اوسواڑ)
84. تڏاٹي
85. ٹوري - ٹوڙي (پيل)
86. ٹلواٹي
87. ٹهلياٹي
88. ٹيڪا (پرمار)
89. ناڪر- نڪر (راجپوت)
90. ناڪريا (ڪتري)
91. نڪر (راجپوت)
92. نڪرال
93. نوري (شڪاري)
94. نيڪر
95. پاتاريا (مينگهواڑ)
96. پانڪ

97. پارڈي (پيل)
98. پاريگي (مينگھواڑ)
99. پالي
100. پائيھيا
101. پرمار (راجپوت - سوڈا)
102. پروھت (برھمڻ)
103. پرھار (مينگھواڑ)
104. پرھاڑ (راجپوت)
105. پرھيار (گوجر)
106. پرھياڑ (گوجر)
107. پسڪرڻ - پشڪرڻ (برھمڻ)
108. پنا (مينگھواڑ)
109. پنڊت (برھما)
110. پنر (مينگھواڑ)
111. پنڑ (مينگھواڑ)
112. پنواڻي
113. پوڪاڻ (پرمار)
114. پوڪاڻا (پاٽيا)
115. پوڪرنا (پرمار)
116. پويا (پرمار)
117. پھوجا
118. پيراڻي (چھڙا)
119. جاجڪ (پٽ)
120. جادوبنسي (راجپوت)
121. جاگري
122. جپرا (پرمار)
123. جسراج پوٽا (پرمار)
124. جسواڻي
125. جسوجا
126. جگٽياڻي (عامل - آڏواڻي)
127. جگٽاڻي
128. جگواڻي
129. جگياسو
130. جگياسي
131. جنداھوڙا
132. جندوڙا
133. جنيسپر (پارٽا)
134. جوبنايا (پاليشاھي)
135. جوڏاڻي
136. جوشي (برھمڻ)
137. جوگو (مينگھواڑ)
138. جوگي
139. جئسپار-جيسپار (مينگھواڑ)
140. جئپال-جيپال (ڏيد)
141. جينوا (ڪتر
142. جيپا (مينگھواڑ)
143. جيپڑوت (اوڏ)
144. جين
145. جھو (پاليشاھي)
146. جينڙا
147. جھامناڻي
148. جھوٽا
149. جھيرٽ (مينگھواڑ)
150. چارڻ (راجپوت- جين)
151. جھانگر (شڪاري)
152. چالوڪيا (گجر)
153. چانگ (جٽ)
154. چاوڙا (راجپوت)
155. چاولا
156. چاھڻ (رانوڙ)
157. چٽا
158. چچڑا
159. چمار (سوچي)
160. چنچلاڻي
161. چنداڻي
162. چندناڻي
163. چندال
164. چوڙا (راجپوت)
165. چونورا (پرمار)
166. چوھاڻ (راجپوت - اوڏ)
167. چوھاڻ (مينگھواڑ)
168. چوھڑي (پيل)
169. چھاڻ (رانوڙ)
170. چھڑا (پنگي - شڪاري)
171. چھواڻ (مينگھواڑ)
172. چئناڻي
173. چيچي (راجپوت)
174. چيلھا
175. چيلھاري
176. چاپڑيا
177. چاڻي

178. چانگائي (برهمڻ)
179. چبلائي
180. چتري (کتري)
181. چچر
182. چچڑيل
183. چريئٽ (مينگهواڑ)
184. چڱائي
185. چنچر (برهمڻ)
186. خالصا (سک)
187. دادلائي
188. دادیجا
189. دبڑا (مينگهواڑ)
190. دبگر
191. دراوڑ
192. درڑا (مينگهواڑ)
193. دريا پنٿي
194. دکوموا (پرمار)
195. دلواڻي
196. دوداڻي
197. ديوڙا (چوهاڻ)
198 ڏامٽ
199. ڏانڊل (راجپوت)
200. ڏتڙ (چهڙا)
201. ڏپ (پنگي)
202. ڏوتا (پرمار)
203. ڏونڈر (پرمار)
204. ڏاڦڙا (مينگهواڑ)
205. ڏاگري (شڪاري)
206. ڏاگوري
207. ڏانگي (مينگهواڑ)
208. ڏڦير (مينگهواڑ)
209. ڏلها (راجپوت)
210. ڏنديسا (مينگهواڑ)
211. ڏوڏيجا
212. ڏوڏيئا (اوڈ)
213. ڏيڏيئا (مينگهواڑ)
214. ڏيوا
215. ڏيوات (اوڈ)
216. دولاڻي
217. دوم (ميراثي)
218. دوم (شڪاري)
219. دونگا
220. دهاگ (اوڈ)
221. ديداتا (پيل)
222. ديد - ديد (شڪاري)
223. ديگل
224. ڌاڻي (اوڈ)
225. ڌاڌاڻي
226. ڌونديا (پرمار)
227. ڌيڌ (موچي)
228. رانوڙ (راجپوت - مينگهواڑ)
229. راني
230. راجپوت
231. راجڪمار (راجپوت)
232. راجگر (برهمڻ)
233. راجگوڙ (برهمڻ)
234. راجنيه (راجپوت)
235. راڄاڻي
236. راماننديِ (بيراڳي)
237. رامائي
238. رامچنداڻي
239. رامڊيو
240. رام رکياڻي
241. رانگهڙ (راجپوت)
242. راڻڪ ڏيو
243. راڻوئا (مينگهواڑ)
244. راڻيا
245. راڻيدتر (راجپوت)
246. راوڙ (هريجن)
247. رائلاڻي
248. رائوڙ (راجپوت)
249. رباري
250. رتناڻي
251. رڪ (چُهڙا)
252. روپاهي
253. روپچنداڻي
254. روسواڙ
255. رهالپوتا (چهڙا)
256. ريهور (پرمار)
257. ريبا
258. زنب (مگٹهار)

259. ساڈور (نکر)
260. ساڈي (اوڈ)
261. سارسوت (برهمڻ)
262. سامي
263. سانسي
264. سانسيا
265. سانگلا (پرمار)
266. سپاني
267. ستا (راجپوت)
268. ستلو
269. سڻڙا (جهمٽ)
270. سڇديو
271. سربنگي (شڪاري)
272. سرتاڻ (راجپوت)
273. سرست (برهمڻ)
274. سرسوت
275. سرطان (نکر)
276. سرمالهي (برهمڻ)
277. سروڻ (اوڈ)
278. سک (راجپوت)
279. سمرات
280. سميئا (مينگهواڙ)
281. سنتال
282. سنجا (مينگهواڙ)
283. سنجوگي (گدا)
284. سنگراسي (سوڍا)
285. سنگراشي (نکر)
286. سنگڙاسي (راجپوت)
287. سنياسي
288. سوامي نارائڻ
289. سوٽار
290. سوٽهڙ
291. سودر
292. سودرا (مينگهواڙ)
293. سوڍا (راجپوت - پرمار)
294. سوڪڙا (پرمار)
295. سونپار
296. سونگرا (راجپوت)
297. سونگي (ڊيڊ)
298. سهيجاڻي (چهڙا)
299. سيجو (مينگهواڙ)
300. سينها
301. شرمالي (برهمڻ)
302. شڪاري (باگڙي)
303. شندال
304. شنگهواڻي
305. شوداساڻي
306. شودر (اڇوت)
307. شهاڻي
308. شيوڪاڻي
309. ڦلواڻي
310. ڦوريا
311. ڦيرواڻي (پاٽيا)
312. ڦنڊاراڻي (آڏواڻي)
313. ڪاٻار (پرمار)
314. ڪاٺ بانيئ
315. ڪاٺ پال
316. ڪاپڙ (جوڳي)
317. ڪاپڙي (جوڳي)
318. ڪاراڻي (چهڙا)
319. ڪاڪوئا
320. ڪاگيا (مينگهواڙ)
321. ڪالپسر (پرمار)
322. ڪالموهه (پرمار)
323. ڪانڙ (مينگهواڙ)
324. ڪانٽيا (اوسواڙ)
325. ڪانجا
326. ڪانجياڻي
327. ڪانگڙ
328. ڪانونگا
329. ڪٻٽا
330. ڪٻريا (اوسواڙ)
331. ڪڏيچا (مينگهواڙ)
332. ڪراڙي
333. ڪراڻي (چهڙا)
334. ڪرپالاڻي
335. ڪرپلاڻي (عامل)
336. ڪرشناڻي
337. ڪرڦاٽو (پيل)
338. ڪرماڻي
339. ڪرمي

340. کرناٹي
341. کرنملاٹي
342. کرٹيگر
343. کُرياگر
344. کريچا (مينگھواڑ)
345. کرينگر
346. کڑمي
347. کڑوئا
348. کشتري (راجپوت)
349. کشناٹي
350. ککريجا
351. ککڑيجا
352. کُل (اوسواڑ)
353. کلال (پيل - مينگھواڑ)
354. کلريجا
355. کلونت (گائٹو)
356. کلھا (برھمڻ)
357. کنٹ (کتري)
358. کنٹا (مينگھواڑ)
359. کنجڑا
360. کُنداٹي
361. کنيرا (مينگھواڑ)
362. کنيئا
363. کونڑيا (راجپوت)
364. کوچڑا (چھڑا)
365. کوکڑي (ھَريجن)
366. کول
367. کوڈناٹي
368. کولاٹي
369. کولھي (اچوت)
370. کولي (اچوت)
371. کوھلا (پرمار)
372. کويڑيا
373. کھوراٹي
374. کھوريا (پرمار)
375. کيرتاٹي
376. کيسواٹي
377. کيلھڻ
378. کيولراماٹي
379. کاٹواٹي
380. کائوڑي (نٹ)
381. کترپال
382. کتري
383. کتواٹي
384. کڑگ (کتري)
385. کڑگي (کتري)
386. کشتري (کتري)
387. کنپا (مينگھواڑ)
388. کوند (پيل)
389. کھنبا (کتري)
390. کھنبڑا
391. کيچر (پرمار)
392. کير (پرمار)
393. کينٹليا (مين
394. گاڈي (مينگھواڑ)
395. گاگاٹي
396. گانڈي (اوسواڑ)
397. گانگڑا (مينگھواڑ)
398. گجپت
399. گڈائي (اوڈ)
400. گڈھار
401. گدريا
402. گربخشاٹي
403. گرچ (کتري)
404. گرڈيرا (اوسواڑ)
405. گرڑ
406. گرڑا
407. گرسھاٹي
408. گرسياٹي
409. گرگلا (پيل)
410. گروپوتا
411. گروڑ (اوڈ)
412. گري
413. گريوي (مينگھواڑ)
414. گڑسر (مينگھواڑ)
415. گڑھ گٹ (اوڈ)
416. گزر (گوجر)
417. گلراجاٹي
418. گلگل (پيل)
419. گنپير

421. گنڈڑ (پانیڑ)
422. گنگڈاس (راجپوت)
423. گواریا
424. گوجر (راجپوت)
425. گودا (مینگھواڑ)
426. گودڑیا (مینگھواڑ)
427. گور برھمڑ
428. گورجر
429. گورچ (گوجر)
430. گورڑیا
431. گوکلاٹي
432. گوگیڑا (ھریجن)
433. گوند
434. گونڈ
435. گوھل (مینگھواڑ)
436. گوئڈ (چھڑا)
437. گوئند پوتا
438. گئال (پیو)
439. گیدڑي (ش ي)
440. گیگل
441. گیھاٹي
442. گیھیلڑا (مینگھواڑ)
443. گیرا
444. گھرت
445. گھسیارا
446. گھلوت (راجپوت)
447. لال
448. لالڑ (اوسواڑ)
449. لالواٹي
450. لانگوتي (جوگي)
451. لائیلیا (دیدہ)
452. لڈڑ
453. لکمیاٹي
454. لکوار
455. لکیا (مینگھواڑ)
456. لگڑا (راجپوت)
457. لٹلا
458. لوڈاٹي
459. لوڈا
460. لوھار
461. لوھاٹا
462. لوھڑا
463. لوئیا
464. لھاٹا
465. لینجھار
466. ماتنگي (مینگھواڑ)
467. ماٹا
468. ماڈواٹي
469. ماکیجا
470. مالپاٹي
471. مالڈیو (راجپوت)
472. مالھي
473. مانڈو
474. مانڈڑ
475. ماھوتا
476. متر (برھمڑ)
477. متڑ
478. متیملاٹي
479. متراٹي
480. مپارا
481. مجوکا (اوڈ)
482. مچڑ (کتري)
483. مـچڑیا (مینگھواڑ)
484. محبوباٹي
485. مدار (اوسواڑ)
486. مدیجا (راجپوت)
487. مڈاھي (اوڈ)
488. مڑکٹ (مینگھواڑ)
489. مـساٹي (چھڑا)
490. مساٹیا (مینگھواڑ)
491. مسند (کتري)
492. مَـسَـنـدَ
493. مگھو (کتري)
494. ملي
495. منڈاڑ
496. منڈو (کتري)
497. منسکاٹي
498. منشیاٹي (آڈواٹي)
499. منگلاٹي
500. مٹھر
501. موتا (لھاٹا)

502. موتلاڻي
503. موتمل
504. موتواڻي
505. موڏا (سوڍا)
506. مورجاڻي
507. مورواڻي
508. موريا
509. موکا (راجپوت)
510. مولاڻي
511. مولائي
512. مونگيا
513. مهتاب
514. مهتابي
515. مهتاڻي
516. مهرا
517. مهراڻي
518. مهنتا (اوسواڙ)
519. مهيشتري
520. مهيشوري
521. مياڻا
522. مُيپاوت (پرمار)
523. مير برهمڻ (گجر)
524. ميڑاهو
525. ميندرا
526. مينگهواڙ (اڇوت)
527. مينهاڻي (ڇهڙا)
528. نادورا (راجپوت)
529. ناگديو
530. ناگر
531. ناگراڻي
532. ناگر برهمڻ (برهمڻ)
533. ناگواڻي
534. نانڪاڻي
535. نانگا
536. نانگپال
537. نانيز (ڪتري)
538. ناهري
539. نائر
540. نبا (نڪر)
541. نرا (نڪر)
542. منگيئا (اوڈ)
543. نندا
544. ننگا
545. واڏواڻي
546. وارسو (مينگهواڙ)
547. واسواڻي
548. والڙهيا (مينگهواڙ)
549. وانهان
550. وانهون
551. واڻيا
552. واوا
553. واهڻ
554. وائوڙيا
555. ونڙ
556. ورتئا
557. وردوئي (ڪتري)
558. ورڻ (راجپوت)
559. ورياڻي
560. وشنا
561. وشنوهو
562. ولبڇاري (برهمڻ)
563. ولها (مينگهواڙ)
564. وليچا
565. وهل (پرمار)
566. وهڻ (پوڳڙي)
567. وئيش
568. ويرم پوڻا
569. ويسناڻي
570. ويگڙ (اوسواڙ)
571. ويوسي
572. هرچنداڻي
573. هرداساڻي
574. هريائي
575. هريجن
576. هرير (پرمار)
577. هسپت
578. هسراج ملاڻي
579. هن (راجپوت)
580. هندو
581. هندوجا
582. هونڙ
583. هينگڙا (مينگهواڙ)
584. يادو (راجپوت).

هندوال: تناولي پناڻن جو هڪ پاڙو. امير خان برلاس مغل کي ٻه پٽ هندخان ۽ پال خان هئا. هند خان جو اولاد هندووال ۽ پال خان جو اولاد پلال سڏجن ٿا.

هندواڻي: مري بلوچن جو هڪ پاڙو.

هندوجا: معنيٰ هندوءَ جو پٽ. هندن جي هڪ ذات. هي اروڙ ونسي آهن. کلناڻي هنن مان آهن.

هند: هڪ سمات ذات. نٽي ضلعي ۾ رهن ٿا. مخدوم ملا آري لاکو، ملا بايزيد، ملا ابوبڪر سوندويَ هن ذات مان هئا.

هنراڻي: جتڪ بروهين جو هڪ پاڙو.

هنگورا: انڙ بن سمون، هالو بن ساند ۽ جاکرو بن هالو جو اولاد آهن. هي سما (ملاح) آهن. جن جو شجرو هن طرح آهي:





هنگوراٽي: هندن جي هڪ ذات. هي برهمڪترين جي "درڙي" نک مان آهن. هي اصل ۾ جيسلميري آهن ۽ هنگوريمل جو اولاد ٿين. رامچنداٽي ۽ ملڪاٽي هنن جا عزيز آهن.

هنگورجا: مطلب هنگوري جو پٽ. هي هنگورا جو اولاد آهن. هنگورجا. سمن مان آهن. هنن جي هڪ پاڙي جو نالو "ڊوهڙ" آهي. وڌيڪ تفصيل لاءِ هنگورن جو شجرو ڏسڻ گهرجي.

هنگي پوٽا: هي هنگورجا جا پٽ ۽ هنگوري جا پوٽا آهن.

هَوتَ: ايس. صادق عليءَ جي بيان موجب "هوت" رندن جو پاڙو آهي.

هَوتُ: سنسڪرت جو لفظ "هت" مان ورتل آهي. جنهن کي هنديءَ ۾ وڇڻ، وڏڻ، پيارو، محبوب، معشوق، ۽ بهادر چون ٿا. محاوري طور آري بلوچ قبيلي کي "هوت" سڏين ٿا.

حقيقت ۾ هوت لفظ "هُوت" آهي. جيڪو هندو جتن جي هڪ نک مان آهي. مير جلال خان بلوچ، نندي زال "عجوبہ" جيڪا ناچڻي هئي، "هوت" خاندان مان پرٽيو هو، جنهن مان ڪيس هڪ سڪيلڏو پٽ ڄائو هو. جنهن جو نالو عجوبہ ناناڻي ڪيڙ مان چوندي "هوت" رکيو. جيڪو عام طرح چام آريءَ سان مشهور ٿيو. هوت ذات وارا ان هوت مان آهن. هي هوت رند نہ آهن. عام ماڻهو هنن کي سمات ۽ جٽ سڏين ٿا.

"تاريخ بلوچستان" از راءِ بهادر لالہ هتورام. ڪتاب "بلوچ اور اس ڪي تاريخ" ص 181، از مولانا نور احمد خان فريدي. "تاريخ بلوچستان" ۽ "تاريخ قديم سنڌ" جي مصنف رحيمداد خان مولائي شيدائي جي لکڻي موجب "هوت" بي بي عجوبہ مان هو. جنهن جي عمر ست سال هئي تہ مير جلال خان مڪران جي ميري

ڪوٽ ۾ مري ويو. بيبي عجوبہ هوت کي والد جي تدفين ۾ اجازت نہ ڏني. تنهنڪري پائر تدفين ۾ لڳي رهيا. موقعي جو فائدو ونندي بيبي عجوبہ ميري ڪوٽ تي قبضو ڪرائي ڪوٽ جا دروازا بند ڪرائي ڇڏيا. ان هوت جي نسل مان "هوت" بلوچ آهن. هوتن جا خاص پاڙا آهن: بالاڇائي. بهراڻي. ڇتراڻي. ڇانديا. حسائي. سندراڻي. غيباڻي. قمبراڻي. گهراماڻي. نوحڪاڻي. هوت. هوتڪاڻي. ڪوسا. ڪرمتي. سابڪي ۽ ماهوٽا.

مزاري. ڇانديا. ڪرمتي. هوت ۽ ڪوسا ان هوت جو اولاد آهن. هڪ تاريخي اپياس جي نظر ۾ هوتن جو شجرو هن طرح آهي.



ميرعالي خان بن عمر خان بہ زالون پرڻيل هو. ننديڙي زال مان ميرهوت خان ۽ پنهون خان بہ سڳا پائر هئا. جن سان سسئي پنهونءَ جو داستان (قصو) منسوب ٿيل آهي. غلام فريد چوي ٿو تہ:

هوتِ بلوچ مور نہ چڳي، توڙي چمن گهر علماءَ (بحوالہ: نئين زندگي ص 10، سيپٽمبر 2002ع)

هوتاڻي: ڪرمتين جي مهيري شاخ مان هڪ پاڙو.

هوت خاناڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. جتن ۾ پڻ ڏسائين ٿا.

هوتڪ: رخشاڻي بلوچن جو هڪ پاڙو. هن پاڙي مان تيمراڻي (تنبراڻي) آهن. گجياڻي (گدا) ۽ توراڻي پڻ ان جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "هوتڪ" آهي.

هوتڪائي: هوت جي اولاد مان آهن. رندن ۽ بگٽين جي ڪکپر پاڙي مان پڻ "هوتڪائي" آهن.

هوتمان: گورچاڻي بلوچن جي بتافي قبيلي مان آهن.

هوتواڻي: گورچاڻي بلوچن جو هڪ خاص قبيلو. هن قبيلي جا خاص پاڙا آهن: 1. ببراڻي (بابلاڻي) 2. جوٽياڻي (چٽاڻي) 3. سائوچاڻي (ساچاڻي) 4. قاسماڻي 5. ڪلوڙاڻي (ڪولاگاڻي) 6. منوڪاڻي (مالوڪاڻي). سرڪي سمن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ هوتواڻي (سمات) آهي.

هوتي: بروهين ۽ پناڻن جي هڪ پاڙي جو نالو.

هوتياڻي: نوحاڻي بلوچن جي سرياڻي شاخ مان هڪ پاڙو.

هوتيزئي: دهوار بروهين. عمراڻي بروهين ۽ شهداڻي بروهين جي پاڙي جو نالو.

هوٿاڻي: سمن جي هڪ ذات.

هوڻي: سنڌ جا سما آهن. جيڪي سميجن جي اوڙڪ مان آهن. انڑ.دل. پلي. ڏاهري نهڙي (راهواڻي) ۽ اونا هن جا قريب نظر اچن ٿا. ذاتين جي اپياس موجب رائڊن بن ڪاڪو کي سمون پٽ مان ست پٽ هئا. جن مان هڪڙي جو نالو انڑ هو. ان انڑ کي اناويهه پٽن مان هڪڙو پٽ "هوڻي" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي "هوڻي" سڏايو. اهڙيءَ طرح ٽيبو بن انڑ کي 96 پٽ هئا. جن مان هڪڙي پٽ جو نالو پڻ هوڻي هو. جن جي پوين پاڻ کي "هوڻي" سڏايو. جام هوڻي بن ساند ۽ هالي جو اولاد بہ "هوڻي" سڏجي ٿو. هوڻي. سما ۽ ملاح آهن. هوڻيءَ جو شجرو هن طرح آهي.



هوٿيءَ کي ڪافي اولاد هو. جن مان مشهور اولاد هن طرح آهي: 1. ارادنجا 2. ٻيهڻ 3. پنجابي واتڙا 4. جوٽيجا 5. چنا 6. ڏهري 7. ڏاهراجا 8. راڄپر 9. راڄڙ 10. صابوجا 11. ڪيهر 12. ڳاهها 13. ڳهلوجا 14. وساڻ 15. مُبيجو 16. وسڻ 17. مُورو 18. جيسر

هوٿياڻي: هوٿي سمن مان آهن. هنن جي هڪ پاڙي جو نالو جاڙيجاڻي آهي. هي سڌ جا سما آهن. جيڪي ملاحن جي اوڙڪ ۾ شامل آهن. ڪيبرن ۾ پڻ "هوٿياڻي" آهن. درويش نوح ذات جو ڪيبر هو. ٻر هن وقت هوٿياڻي سڏيو وڃي ٿو. هڪ ٻئي حوالي موجب جاڪرن جي منجهٽان پاڙي مان هڪ ٽڪ جو نالو پڻ "هوٿياڻي" آهي. هي نٽي جي پرسان رهن ٿا. ڄام جڪرو (جاڪرو) سنڌ جو مشهور سخي ۽ ڏاتار هن پاڙي مان هو. ڪنهن سالڪ چيو آهي ته: **"هوٿياڻي هٽان، وڻ ٻه وڃن واسيا".**

هوٿيپوٽا: ڄام هوٿي جي پٽن جو اولاد آهن. ڏاڏي جي نسبت سان "هوٿيپوٽا" سڏجن ٿا. وڏيڪ لاءِ "هوٿي" خاندان جو شجرو ڏسڻ گهرجي. آلڪائي هنن جو خاص پاڙو آهي.

هودائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

هوروالا: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

هوري: بلوچي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اونهي پائيءَ مان مڇي پڪڙڻ وارا. هي بلوچن جي ذات آهي، جن جو پيشو مڇي مارڻ هو (بحوالہ ڪتاب بلوچ اور بلوچستان ص 25).

هوڙ: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

هوڙائي: ملاح ۽ مهاڻا آهن. هي ساموندي پٽي ۽ لاڙ ۾ رهن ٿا.

هوڙهاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

هوسڙا: هڪ مسلمان سماڻ ذات. سکر جي طرف رهن ٿا.

هولاڻي: هندن جي هڪ ذات. ساموندي پٽي ۽ لاڙ وارا هولاڻي. مسلمان سماڻ آهن. غالبا هي ملاح آهن. ڪتاب "سومرن جو دؤر" ۾ آهي ته "هولاڻي" سومرن جو پاڙو آهي.

هولائي: دهوار بروهين جو هڪ پاڙو.

هولياڻي: سومرن جو هڪ پاڙو. هنن کي هولاڻي پڻ چون ٿا.

هُون: پاهران آيل گورا آهن. سندن باقيات ختم ٿي چڪي آهي.

هُونڙ: هندن جي هڪ ذات.

هُوَيداڻي: هي هويدا خان خاصخيليءَ جو اولاد آهن. جيڪي سعد بن بڪر بن هوازن (بنوسعد) جي شاخ

مان آهن. مارئيءَ جي ڳوٺ "پالوا" ۾ هنن سان ملاقات ٿي. عمراڻي، ميواڻي، طالباڻي ۽ دولاڻي هنن جا خاص پاڙا آهن.

هَـهَـا: ڏوهين جي هڪ ذات.

بيت: هها موجي مون چيو، هو پرت لنگهي ٿيا پار.

هئبتاڻي: لغارين جو هڪ پاڙو.

هئبتيان: مزاري بلوچن جي بلوچاڻي قبيلي مان آهن.

هئبٽاڻي: بلوچن جي هڪ ذات.

هئجهاڻي: بگٽي بلوچن جي ڦونگ شاخ مان آهن.

هيبتاڻي: جمالين، لاشارين ۽ پرڳڙين جو هڪ پاڙو. ڪلولاڻي ڪوسن ۾ پڻ "هيبتاڻي" آهن. ڪوٽڙي تعلقي ۾ وينا آهن.

هيبواڻي: ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 116 موجب "هيبواڻي". ساجدي بلوچن جو هڪ پاڙو آهي.

هيتواجي (هادوچ): بلوچستان جي اوان واري علاقتي جا رهواسي خانہ بدوش مالدار بلوچ آهن.

هيٹار: هڪ مسلمان سماڻ ذات.

هيجاڙي: ڪتاب "بلوچ اور بلوچستان" ص 116 موجب "هيجاڙي" ساجدي بلوچن جو هڪ پاڙوآهي.

هيجب: جاڪرن جي همند پاڙي مان هڪ اوڙڪ. ننڍي ضلعي ۾ وينا آهن.

هـيجڙا: کدڙن فقيرن کـي ٿا چـون. ذات بـ آهـي. حـقـيقت ۾ جٽن (جت) جي هڪڙي پاڙي جو نـالو "هـيجڙا" آهي.

هيجواڻي: بلوچن سان واسطو رکندڙ هڪ ذات.

هيدياڻي: هڪ بلوچن ذات.

هيڏڙا: ميمڻن جو هڪ پاڙو. ننڍي شهر جا رهواسي آهن.

هير: هندو چمارن جو هڪ پاڙو.

هيرا: ٻنهورن جو هڪ پاڙو.

هيرناڻي: ڏيا ذات جو هڪ پاڙو.

هـيرواڻي: جمالي بلوچن جو هڪ پاڙو.

هيڙاهو: سماٽ آهن. ٽر ۾ رهن ٿا.

هيڙها: حملائي برفت آهن. ڪوهستان ۾ رهن ٿا.

هيساڻي: سومرن جو هڪ پاڙو.

هَـيسباڻي: رندن ۽ جتوئين (شر) مان آهن. بڙدين جي سندراڻي پاڙي مان ۽ پنهورن ۾ پڻ "هيسباڻي" آهي. هي هيسب جو اولاد آهن.

هِـيسباڻي: (هيسب جو اولاد) مگسي بلوچ آهن. هِـيسباڻي ۽ هِـيسباڻي لفظن ۾ زير ۽ زبر جي تميز نہ هڻڻ ڪري فرق ختم ٿي ويو آهي. ان ڪري عام مروج لفظ "هِـيسباڻي" آهي. شاهپور جي سيدن (اچن شاهہ) جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "هيسباڻي" آهي. نوحاڻي بلوچن ۾ پڻ هيسباڻي آهن. جن مان "بنگاڻي" آهن. هيسب ۽ غلام پاڻ ۾ پائر هئا. هيسب جو اولاد هيسباڻي ۽ غلام جو اولاد غلاماڻي سڏجي ٿو. هيسباڻي نوحاڻين جو وڏو پاڙو "سحاقاڻي" آهي. هي ان جو حصو آهن. اڪثر لاڙ ۾ رهندڙ.

هيسجا: مهرن جو هڪ پاڙو.

هيسي: هندن جي هڪ رولو ۽ گهٽ درجي واري ذات. جن کي "بيدا" ۽ لوهار بہ چون ٿا. بانسري ۽ دڦ وڄائي گذر سفر ڪن ٿا.

هيلايا: پاڻڻ مان آهن. لسبيلي ۾ رهن ٿا. تعلقي سجاول وارا "هيلايا". ملاح ۽ مهاٽا آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا هنن کي مڇي مارڻ وارا ملاح سڏيو آهي (بحوالہ مهراڻ نمبر 4 _ 3 سال 2001ع ص 33).

هيمچند: گارنگ (گرڙيا) راجپوتن جي هڪ نک جو نالو. ٽر ۾ رهن ٿا.

هيمناڻي: هندن جي هڪ ذات.

هينگِـڙا: مينگهواڙن جي هڪ ذات.

ي

ياجوج: ٻي پنان ۾ منگول آهن. جيڪي يافث بن حضرت نوح جو اولاد آهن. هنن جي اولاد مان هزارين مائهو سنڌ ۾ رهن ٿا. ماجوج هن جو پاءُ آهي.

يادو: راجا چندر ونسيءَ جي نسل مان سنڌ جا هندو راجپوت. هي اٺن شاخن ۾ ورهايل آهن: 1. يادو 2. پاٽي 3. جاڙيجا 4. سهتيجا 5. مديجا 6. بدمن 7. بدا ۽ 8. سوها. يادو. دوارڪا جي راجا ڪرشن جو اولاد آهن. سندن اصل وطن "ماروسٿل" راجپوتانا آهي. سنڌ جا سما ۽ جاڙيجا ان نسل مان آهن.

يار احمدزئي: سراوان ۾ رهندڙ بلوچ. جن جا خاص پاڙا آهن: 1. روشن زئي 2. سهراب زئي 3. شيرزئي 4. محمود زئي 5. مير خليل زئي. يار احمد زئي شادي ڪرڻ ۽ طلاق ڏيڻ ۾ آزاد آهن ۽ مذهب ۾ بي پرواهه آهن.

ياراڻي: عمراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو.

يار علي زئي: عمراڻي بلوچن جو هڪ پاڙو. شهراڻي بروهين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "يار علي زئي" آهي.

يارلي: ٽالپرن جو هڪ پاڙو.

ياريائي: ڪولاچي رندن جو هڪ پاڙو.

ياسين خيل: لوڌي پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

ياقيائي: ملاح ۽ مهاتا آهن.

يتيماڻي: هي چون ٿا ته اسان "جتوئي" آهيون.

يحيٰ: هڪ مسلمان ذات. قاضي احمد جي پرسان وينا آهن. هي چون ٿا ته اسين "سنڌي" آهيون.

يحيٰ خيل: پٺاڻن جو هڪ قبيلو.

يحيٰ زئي: ڪيراني پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

يحيٰ ئي: اعوانن جو هڪ پاڙو. هي نجف علي بن قطب شاهه محمد يحيٰ جو اولاد آهن.

يرانگ: افغاني پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

يعقوباڻي: سڻيا ذات جو هڪ پاڙو. هنن کي پونگراڻي پڻ چون ٿا.

يعقوب پوتا: لکياري سيدن جو هڪ پاڙو. سيوهڻ وارا لکياري سيد. سيد محمد مراد شاهه. سيد حاجن شاهه ۽ سيد الله بخش شاهه هن پاڙي مان آهن.

يعقوب خيل: لوڏي پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

يعقوب زئي: تور پٺاڻن ۾ الڪو پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

ينگلوت: ميو قبيلي جو هڪ پاڙو. مسلمان آهن.

يو (HAIA) : چين جي بادشاهه شون (يو) جو اولاد. ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

يوچي: ايران کان آيل هڪ قبيلو. ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا.

يورجهائي: بروهين جو هڪ پاڙو.

يوسفائي: رندن ۾ ميمڻن جو هڪ پاڙو. ڏيرن ۾ پنهورن ۾ پڻ "يوسفائي" آهن. "يوسفائي" ساجدي (جت) بلوچن جو پاڙو به آهي.

يوسف زئي: خرشيون پٺاڻن جي شاخ مان آهن. هي دائود جي پٽ يوسف ۾ مندر/مندي جي پٽ يوسف جو اولاد آهن. هنن جو ٻراٽو نالو "اسپازئي" آهي. هنن جا خاص پاڙا آهن: اڪوزئي، الياس زئي، بادي خيل، عيسيٰ زئي، ملي زئي، خاص خيل ۽ مغل خيل. ابراهيم زئي چون ٿا ته يوسف زئي اسان مان آهن. سنڌ جا خاصخيلي دعويٰ ڪن ٿا ته اسان يوسف زئي، پٺاڻ (افغانن) جو اولاد آهيون، خاص خيل اسان جو وڏو هو. ان جي ٻڌيان "خاصخيلي" سڏجون ٿا. منهنجي تحقيق موجب خاصخيلي پٺاڻ نه آهن. هي سمات آهن. يا عرب، آفريڪا کان آيل مختلف ذاتين سان واسطو رکندڙ غلام ۽ پورهيت آهن. خاص، نيازي پٺاڻن (لوڏي) جو ۽ خاص خيل، يوسف زئي، پٺاڻن جو هڪ پاڙو آهي، جيڪي قبيلي طور "خاص"، "خاص خيل"، "ڪندي" سڏجن ٿا. نه ڪي خاصخيلي. انهن مان ڪي ڇاڪاڻ سماڻن سان مداق برابر آهي. (وڌيڪ احوال لاءِ عنوان خاصخيلي ڏسو گهرجي).

برصغير جا حڪمران پٺاڻ ۽ افغان هڻا ۽ انهن جو اولاد به پٺاڻ ۽ افغان هو. نه ڪي سنڌ جا خاصخيلي. يوسف زئي پٺاڻن جو شجرو هن طرح آهي:

عبدالرشيد بطان (پٺان)

|

خير الدين /خرشيون

|

عثمان شيخا /حشي /حاشي

|

مندر /مندي



يوسفي: محمد حسني بروهين جو هڪ پاڙو.

يونس خيل: لوڏي ۽ ڪيراني پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

يونس زئي: خرشيون ۽ ڪاڪڙ پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

يهودي: بني اسرائيل جي اولاد يعني حضرت موسيٰ جي قوم کي "يهودي" چون ٿا. هي يهودا (بنويهودا) جي پٽيان "يهودي" سڏجن ٿا.

مشكلَ نيست كَ آسان نشود

مـــرد بايد كه هر آسان نشود.

(شيخ سعدي)

ضميمو

الف

آجڙا: پنجاب ۾ رهندڙ جٽن ۾ پڻ هڪ پاڙي جو نالو.

آجڙي: اعواٽن جو هڪ پاڙو.

آخوند خيل: مليزئي (يوسفزئي) پناٽن جي پاينده خيل قبيلي جي هڪ شاخ. هي ملا الياس آخوند بابا جو اولاد آهن. ديو ۾ سندن وڏا ڳوٺ آهن.

آخوند زادا (پيرزادا): پناٽن جي هڪ شاخ. هي ملا مشڪيءَ (سوات) جو اولاد آهن.

آدم پنٿي: سکن جوهڪ فرقو (لقب). جيڪي آدي گرنٿ جا پوئلڳ آهن ۽ پاڻ کي ذات طور "آدم پنٿي" چوائين ٿا.

آدم خيل: جي هڪ پاڙي جونالو "گلي" آهي.

آدماني (آدماڻي): انڊڙن جو هڪ پاڙو. هي انڊڙن جي بن ڪيڙن مان آهن.

آدم زادا: چترالي پناٽن جو هڪ قبيلو.

آرائين: هنن جو احوال گذريل صفحن تي ڏنو ويو آهي. رهيل پاڙا هيٺ ڏجن ٿا.

ابدال	ڦيرڪي	چاچڙ	رمن	ڪاڪڙي	مستيانا
ارڪي	واهند	چڌوا	روپال	ڪتورا	مگي
بگا	بب(بٻ)	چميال	رودي	ڪلير	ملني
پمپاڻي	پمبر	چندو(چندا-چندوار)	ساندیا	ڪميانا	منڊڙ
چنيال	پُوت	چچر	ساولا	گُرڪا	منن
چندوڙ	تجرا	چيچر	سُٹار	گُرنا	منوالي
ڊينگا	برار	دولا	سُٹند	گڙيڙا	موهنا
ڪير	پاپين	ڏڏا	سريسر	گنگو	نبهال
مهمانيا	جندرن	ڏنجون	سلونا	گوريا	نر
منڊو	جوڙيا	ڊنگ	سمري	گيلن	وچل
ميتلا	جوسن	ڊنگا	سنڌي	گيهلن	وريهه
سپال	جهجهر	رامان	سيني	لاوبالو	ويريا
سوهنا	جمنجموتا	راهي	عربي	مدهه	هتانا
ٽندا	جمنڊو	رمبا	ڪاڪڙ	مرانا	---

آريا: پنجاب ۾ هنن کي جات ۽ جٽ چون ٿا. ڊاڪٽر لعل بخش نائچ ۽ حاجي خان چاچڙ جي راءِ آهي ته "آريا" حضرت نوح جي اولاد مان حضرت سنڌ جو لقب آهي. اسان حضرت سنڌ جو اولاد آهيون. ان کري اسان آريا آهيون. آرين جو ضد "دراوڙ" آهي.

آغا خيل: مروت پناڻن جو هڪ قبيلو. بنونءَ ۾ سندن اصل ماڳ آهن. روزگار خاطر سنڌ ۾ به ڪاهجي ويا آهن.

آگري: هڪ ٻئي حوالي موجب "آگري" هڪ ذات آهي. هن ذات وارا چتوڙ جي راجپوتن جو اولاد آهن. سنڌ ۾ رهن ٿا.

آهوجا: پنجاب ۾ جٽ قبيلي جو پٽ هڪ پاڙو.

ابازئي: هي يوسف زئي پناڻن مان آهن.

اَبدالَ: هنن جو تفصيلوار احوال پهرين صفحن تي ڏنل آهي. وڌيڪ لکجي ٿو ته آرائين جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "ابدال" آهي. هي اصل ۾ ساهيوال جا رهواسي آهن. ڳائڻ وجائڻ جو ڪم ڪن ٿا. انهن مان ڪافي سنڌ ۾ پکڙجي ويا آهن.

ابڪال: راجپوتن جي هڪ شاخ. هي ڪلهور جي راجا "سنگرچند" جي پٽ "واهنگل" جو اولاد آهن. ڪافي مسلمان ٿيا آهن.

ابلاڻا (ابلانا): جٽن ۾ ڪرلن جو هڪ پاڙو. پنجاب کان سنڌ ۾ داخل ٿيا آهن.

ابواڻي (ابواٹي): پناڻن جو هڪ قبيلو هي امرتسر کان آيل آهن.

ابوئي: جٽن جو هڪ پاڙو.

اُترا: جاٽ قبيلي جو هڪ پاڙو. هي "راڻا" جي لقب سان سڏجن ٿا.

آتمان خيل: هنن جو احوال گذريل صفحن تي ڏنل آهي. وڌيڪ لکجي ٿو ته اتمان زئي حسب نسب جي واسطي سان وزيري پناڻن، مندنر پناڻن ۽ يوسف زئي پناڻن مان آهن.

اُٽنگل: جٽن جو هڪ پاڙو.

اُٽوال (اٹوال): سورج بنسي راجپوتن جي هڪ شاخ. سندن خاص ڏنڈو اُٽ پالڻ (اونٽوال) آهي. جنهن کري مقامي ماڻهو کين جٽ (جٽ) به چون ٿا.

اُٽيرا: لوڏران کان آيل هڪ مسلمان ذات جو نالو.

اُڻوال: پنجاب کان آيل هڪ مسلمان جٽ (جٽ) قبيلو.

اُپل: هندو جاٽن جو هڪ پاڙو. هنن مان ڪافي مسلمان به ٿيا آهن.

اُپيرا: ڪرل قبيلي جو هڪ پاڙو.

اُچراڻ: هڪ مسلمان ذات، پنجاب جا رهواسي آهن.

اِچر: هڪ مسلمان ذات، پنجاب کان آيل آهي.

اِچرل: پنجاب کان آيل هڪ مسلمان ذات. ڪراچيءَ ۾ هڪ فرد سان ملاقات ٿيل.

احمداڻي: تفصيلوار احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. وڌيڪ لکجي ٿو ته مِنيءَ ۾ هڪڙي راهمونءَ سان ملاقات ٿي، جنهن ٻڌايو ته اسان جو پاڙو "احمداڻي" آهي. صديقين ۾ پوڻ آهن

احمدزئي: تفصيلوار احوال ۽شجرو گذريل صفحن ۾ ڏنل آهي. وڌيڪ لکجي ٿو ته اُشتراني پناڻن ۽ درويش خيل وزيري پناڻن ۾ پوڻ "احمد زئي" آهن. احمد زئي وزيري پناڻ وري ٽن شاخن ۾ ورهايل آهن. اِدي خيل، ڪيمل خيل ۽ هتي خيل. عابد خيل به سندن پاڙو آهي.

احمس: عربن جي "بجيله" قبيلي جي هڪ شاخ، اسماعيل بن ابي خالد هنن مان هو، جنهن نبي ڪريم ﷺ جن جي ڇهن اصحابن کي ڏٺو هو، جن ۾ انس بن مالڪ ۽ عمرو بن حريث به هئا.

اُدي: پنجاب کان آيل هڪ مسلمان ذات.

اِدي خيل: وزيري پناڻن جي "احمدزئي" قبيلي مان هڪ قبيلو.

اُڏاڻا: هڪ جٽ قبيلو، هي پنهنجي نالي اڳيان "چام" استعمال ڪندا آهن.

اراڙ (ارڙ): ديپال پور کان آيل جٽ، لاهور ۾ آباد ٿي مسلمان ٿيا، سندن چوڻ آهي ته اسان "مغل" نسل مان آهيون.

ارباب زاده: چترالي پناڻن جي هڪ ذات.

ارڪ: هڪ مسلمان جٽ قبيلو.

ارڪي: آرائين جو هڪ پاڙو.

اَرَوَلَ (اروال): ديره غازي خان جي سانگهڙ واري علائقي جا رهواسي مسلمان جٽن جو هڪ قبيلو، هنن جا رسم و رواج بلوچن جهڙا آهن.

ازد: هڪ عرب قبيلو، يحمد ۽ فراهيد قبيلو پڻ هن قبيلي مان آهن، حضرت عمر رضہ طرفان مقرر ڪيل بصره جو قاضي ڪعب بن سور هن خاندان مان هو.

اِسپيرڪا: وزيري پناڻن جي احمد زئي شاخ جو هڪ پاڙو.

اسد: هڪ عرب قبيلو، هي خريمہ بن مدرڪ ۽ ربيعه بن نزار قبيلن ۽ شاخن مان آهن.

آسر (اسرا): هڪ مسلمان قبيلو.

اسلم: هڪ عرب قبيلو، سهم شاخ هن مان ڦٽل آهي، مشهور قاضي (بغداد) محمّد بن عمر بن واقد (واقدي)

هن ڪيڙ مان هو.

اِسوت (سوت): افغاني پناڻن جي پني شاخ جو هڪ پاڙو.

اِسيال: منج راجپوتن جو هڪ پاڙو.

اشتراٽي (شتراٽي): احمد زئي هنن جو خاص پاڙو آهي.

اشجع: هڪ عرب قبيلو. فتح مڪي دوران نبي پاڪ ﷺ جن جو سچو ساٿي حضرت معقل بن سنان هن ڪيڙ مان هو.

اشعر (بنو اشعر): اشعر بن سبا جي نسل مان آهن. کين "اشعرين" به چون ٿا. حضرت موسيٰ اشعري رضہ هن قبيلي مان هو.

اعوان (اوان – اعوان): هنن جو تفصيلوار احوال گذريل صفحن تي ڏنل آهي. سندن رهيل پاڙا هن طرح آهن:

آجڙي	پگري	پگري	جوهان	گنگ	هرپال
اندر	پاپين	جاجي	ڪليا	گوليرا	
بجارا	بوسڙ (بوسڙ)	جوند	ڪُند	مندل	

اکازئي: هي اتمان پناڻ جي پهرين زال جي اولاد مان "اڪو" جو اولاد آهن.

اکرا: هڪ مسلمان جت قبيلو. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ پيٽاري پرسان هن ذات پٽيان هڪ ڳوٺ جو نالو "اکرو" آهي.

اِکوان: منٽگمريءَ (ساهيوال) کان آيل هڪ مسلمان "مهتم" قبيلي جو پاڙو.

اکوڙا: ختڪ پناڻن جو هڪ تمن. هي اکوڙ جو اولاد آهن. اکوڙ خان پناڻ، اڪبر بادشاهہ جي دؤر جو هڪ مشهور شخص هو.

اکوکي (اکوکا): جوين ۽ ڪرلن جو هڪ پاڙو. هي بهاولپور کان آيل آهن.

اکيرَ: هڪ جت قبيلو.

اگواٽا: هڪ جت قبيلو.

الازئي: هڪ ٻئي حوالي موجب هي اُتمان زئي پناڻن مان آهن. تاخيلي، خوش حال خاني ۽ سيد خاني هن جون مکيہ شاخون آهن.

الله داداٽي (الهداداٽي): انڍڙن جو هڪ پاڙو. هي خير محمد بن علي شير جو اولاد آهن.

الله دادي: هڪ بلوچ قبيلو. ديري غازي خان پرسان سندن ڳوٺ آهن.

الپاهہ: مسلمان جٽن جو هڪ قبيلو.

الخضراج: هڪ عرب قبيلو (خضر جي ٻ خزرجي) جن حضرت محمد ڪريم ﷺ جي مدينه منوره ۾ آمد وقت مصحب بن عمير ۽ حضرت ايوب انصاري (خالد بن زيد) جي سربراهيءَ ۾ مدد ڪئي هئي ۽ بعد ۾ "انصاري" سڏجڻ لڳا. الخضراج حقيقت ۾ "جريم" قبيلي جي هڪ شاخ آهي. هن قبيلي جا "انصاري" ۽ سپيا" سڄي سنڌ ۾ آباد آهن. وڌيڪ لاءِ انصاري عنوان پڙهڻ گهرجي.

الشن: عبدالقيس قبيلي جي هڪ شاخ. حضرت رباب الشني هن شاخ مان هو.

الور: ڪرل قبيلي جي هڪ شاخ.

امازئي: ڪن ڪن علائقن ۾ "امازئي" پنهنجي پاڻ کي اشتراڪي پنهنجن مان بہ چوائين ٿا.

املاوت: مسلمان راجپوتن جي هڪ ذات. هي راجا "املا" راجپوت جو اولاد آهن. راجا املا جي هڪ زال جٽڻ هئي، ان ڪري ان زال جو اولاد "جت" سڏجي ٿو.

امير (بنو امير): هڪ عرب قبيلو. هي قريشي آهن. سنڌ وارا "اوثماني" هنن مان آهن.

اميه (بنو اميه): هڪ عرب قبيلو. هي قريشي آهن.

اندار: مسلمان جتن جو هڪ قبيلچو.

اندر: اعوانن جي ڪلغان (ڪلگان) قبيلي جي هڪ شاخ.

اندوال: ڏنڊ قبيلي جي هڪ شاخ.

اندوريا: هندو راجپوتن ۽ گور برهمڻن جي هڪ شاخ.

انيڙ: احوال گذريل صفحن تي ڏنل آهي. هتي سندن رهيل پاڙا لکجن ٿا: الله داداڻي، باڏري، بانبر، بشماڻي، بگهاڻي (بگهاڻي)، پارا، توپڙي، ڇچاتي، پرتاڻي، جُملا، جنداڻي، جياڻي، جهلڻ، چتاڻي، ڏرامڻي، ڏروگي، ساجناڻي، شيدائي، عاداڻي، عدراڻي، قندرا، ڪوڏڙي، گنبڙا، گونگاڻي، محمداڻي، منڊلوئي، نورنگاڻي.

انصاري: ملتان جي پرسان رهندڙ هڪ مسلمان جت قبيلچو.

انوجا: جت قبيلي جي هڪ ذات.

اوايسي: جتن جو هڪ قبيلچو.

اوپائي: جت قبيلي جو هڪ پاڙو.

اوتر: جت قبيلي جوهڪ پاڙو.

اوترا: جت قبيلي جو هڪ پاڙو.

اوجلا: جت قبيلي جي هڪ شاخ. هي چون ٿا تہ اسان راجپوتن مان آهيون.

اوجهه: مسلمان جتن جو هڪ پاڙو.

اود: هڪ عرب قبيلو. عمرو بن ميمون هن ڪيڙ مان هو. هن نبي ڪريم ﷺ جن جو دؤر ڏٺو. سڌ حج ڪيائين. 74 هـ ۾ وفات ڪيائين.

اوداٽا: اوداٽن جو بيان اڳ ۾ اچي چڪو آهي. وڌيڪ معلومات ڏجي ٿي ته ملتان وارا "اوداٽا" پاڻ کي جتن مان ڄاڻائين ٿا. اگر هي جت (جت) آهن ته پوءِ "ڪلهوڙن" کي حضرت سنڌ جو اولاد چوائڻ کان ڪوبہ روڪي نٿو سگهي. وڌيڪ احوال لاءِ "ڪلهوڙا" عنوان پڙهڻ گهرجي.

اوزاع: هڪ عرب قبيلو. هي همدان شاخ مان آهن. اصحاب الراعي الاوزامي (عبدالرحمان بن عمرو) هن ڪيڙ مان هو.

اوس: اوس ۽ خزرج عرب قبيلا آهن. جن کي انصاري بہ چون ٿا. اوس بن حارثہ کي هڪ پٽ "مالڪ" هو. ان مالڪ جو اولاد "اوس" سڏجي ٿو. اوس جي پٽن جا نالا عمرو عوف، مره، سالم، سلم ۽ عبدالله هئا، جن مان هڪ وڏو نسل پيدا ٿيو. سندن شجري لاءِ خزرج جو شجرو ڏسڻ گهرجي.

اولڪ: جتن جو هڪ پاڙو.

اومرا: جتن جو هڪ پاڙو.

اونٽوال: جتن ۾ پڻ آهن، جيڪي انن جي پالنا ڪن ٿا. سنڌ ۾ ڪين "اونٽوال" چون ٿا.

اهير: اهيرن جو احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. وڌيڪ لکجي ٿو ته هڪ برهمڻ ويشن مان شادي ڪئي هئي. ان جي پيدا ٿيل اولاد کي ٻين برهمڻن ڏڪار جي نظر سان ڏٺو ۽ ان جو پٽ وري هڪ برهمڻ عورت سان پرٽيو. پيدا ٿيل ٻار کي "اڀير" يعني ڳئن چارڻ وارو چيو ويو. اهو "اڀير" ڦري "اهير" ٿيو.

اهيري: شڪارين جي هڪ ذات، جيڪي مال چارين ٿا.

اياسي: جتن جي هڪ ذات.

ايبڪ: ترڪ ۽ جوين جي هڪ ذات.

ايسڪي: ڪرل قبيلي جي هڪ ذات.

اينوڪي: ڪرل قبيلي جي هڪ ذات.

(ب)

باب: مسلمان جتن جو هڪ پاڙو.

بابَر: هڪ حوالي موجب "بابر" پٺاڻ شيرانيءَ جي پوٽي "ڏوم" جو اولاد آهن، جيڪي بن شاخن "محسند" ۽ "گهورا خيل" تي مشتمل آهن.

باتي: هڪ جٽ قبيلچو.

باٽيڪي: وڏو راجپوتن جي هڪ شاخ.

باٽ: مسلمان ۽ هندو جٽن جي هڪ شاخ. هي "سين پال" جو اولاد آهن.

بادي: هڪ خانه بدوش قبيلو.

باڏري: انڊڙن جو هڪ پاڙو.

بارِک: هڪ پٺاڻ قبيلچو. هنن جو چوڻ آهي تہ اسان "عرب" نسل مان آهيون.

باري: راجپوتن جي هڪ ذات.

بازيد خيل (بائيزي): آفريدي پٺاڻن جي هڪ شاخ.

باکري: سومرن جو هڪ پاڙو. هنن جي اڳواڻ پنهنجي ڪيڙ سميت غوث بهاؤالدين جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو.

بالو: جٽن جو هڪ پاڙو.

بالي: برهمڻن ۽ جٽن جو هڪ پاڙو.

باندر: انڊڙن جو هڪ پاڙو. هي محمد بن انڊڑ جي اولاد مان آهن.

باورا: مسلمان جٽن جي هڪ ذات.

باهله : هڪ عرب قبيلو. حديث بابت گفتگو ڪرڻ کان منع ڪرڻ وارو صبان بن هلال هن ڪيڙ مان هو. 216 هـ ڌاري بصره ۾ وفات ڪيائين.

باهي: پٺاڻن جو هڪ قبيلچو.

بِبَ: آرائين جو هڪ قبيلو.

ببائي: جٽن جي هڪ ذات.

بتک زئي: پٺاڻن جو هڪ تمن.

بٽي: ڪمبوه قبيلي جو پڻ هڪ پاڙو. بٽي ۽ پٽي جي تلفظ جي هڪجهڙائيءَ ڪري سچاٽپ جي تميز پڻ ختم ٿي ويئي آهي. سپ پاڻ کي "پٽي" چون ٿا.

بپر: جٽن جي هڪ ذات.

بپي: جٽن جي هڪ ذات. بوسڻ (بوسن) هنن جا عزيز ٿين.

بِجارا: اعواڻن جو هڪ قبيلو. هي قطب شاهه جي پٽ ڪلغان (ڪلگان) جو اولاد آهن.

بجاڙ: گوجرن جو هڪ پاڙو.

بجيلہ: يمني عربن جو هڪ قبيلو. بجيلہ ۽ خشعم، انمار بن سبا جا پٽ هئا، جن جي اولاد پاڻ کي "بجيلہ ۽ خشعم" قبيلن مان سڏايو.

بچل: راجپوتن ۾ جٽن جي هڪ ذات. هڪ تائوني راجپوت جٽ عورت سان شادي ڪئي. شان شوڪت وڃڻ ڪري سندن اولاد پاڻ کي "جت" سڏايو.

بخشيال: ووهرا کترين جي هڪ ذات.

بداڻا: جٽن جو هڪ قبيلو.

بداهہ: جٽن جي هڪ ذات.

بدر: جٽن جي هڪ شاخ.

بَدُو: پنجاب ۾ هڪ خانہ بدوش مسلمان قبيلو پاڻ کي "عرب نسل" مان ظاهر ڪن ٿا. مگر مڃ، ڪچون ۽ ڏيڏر کائين ٿا. حرام جانور کائڻ ڪري منجهن ڏپ رهي ٿي، ان نسبت سان سندن ۾ چوٽي آهي تہ "تون تہ ڪو بدو" آهين. هنن جو لاشارين سان ڪوبہ واسطو نہ آهي.

بدوال: راجپوتن جي هڪ ذات.

بدوهل: جٽن جي هڪ ذات.

بَر: جٽن ۾ پڙ آهن.

بُرا: پنجاب ۾ جٽن جو هڪ قبيلچو هي پنهنجي نالي اڳيان "جام" (جام) لڳائيندا آهن، غالباً هي سندي نسل جا آهن.

بَرار: منٽگمريۂ (ساهيوال) ۾ رهندڙ آرائين جو پڙ هڪ پاڙو.

بِراڙ: رولو شڪارين جي هڪ ذات.

بُرک زئي: هڪ پٺاڻ قبيلو.

بُرکيزئي: هڪ پٺاڻ قبيلو.

برگهٽ: گوجرن جو هڪ قبيلو.

بَرِيا: احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي، هتي وضاحت ڪجي ٿي تہ پنجاب ۾ رهندڙ "بَريا" (وريا) دعويٰ ڪن ٿا تہ اسان راجا ڪرن جي نسل مان راجا "مَلَ" جو اولاد چندر بنسي راجپوت آهيون، ان بنياد تي هي "سما" بہ ٿي سگهن ٿا.

بُرِيا: گوجرن جو هڪ قبيلو. بَرِيا ۽ بُرِيا جي اوچارن جي هڪجهڙائيءَ هئڻ ڪري سندن تميز ۾ ڪو فرق نہ رهيو آهي.

بريار: جٽن جو هڪ پاڙو.

بريالي: سيالڪوٽ ۾ رهندڙ جٽ چون ٿا تہ اسان سورج بنسي ڪل مان راجپوت جو اولاد آهيون. هڪ راجپوت هنن مان شادي ڪئي. جنهن سبب هي جٽ راجپوت سڏجڻ لڳا.

بسرا: جٽن جي هڪ ذات.

بسي: جٽن جي هڪ ذات.

بشماٹي: انڊين جو هڪ پاڙو. هي "جنداڻي" ۽ سڏجڻ ٿا.

بشيرا: ڪرلن جي هڪ ذات.

بقلا: جٽن جي هڪ ذات.

بَڪ: مهتم قبيلي جوهڪ پاڙو. سنڌ ۾ رهندڙ ٻُوڪ / بَڪ شايد هڪ نسبت رکندڙ هجن.

بكاخيل: وزيري پنائٽن جي اتمان زئي شاخ جو هڪ پاڙو.

بكاء: ربيعہ قبيلي جو هڪ عرب قبيلچو. ڪوفو سندن اهم مرڪز آهي. معاويہ بن ثور هن قبيلي مان هو.

بكر (بنوبكر): هڪ عرب قبيلو. هاني بن مسعود بن عامر هن قبيلي جو چگو مڙس ٿي گذريو آهي. جنهن سان ذي قار جنگ منسوب آهي.

بكنيرا: ڪرل راجپوتن جو هڪ پاڙو.

بكر: جٽن جو هڪ پاڙو.

بَگا: آرائين جو هڪ پاڙو. بَگا ۽ بُگا لفظن جي هڪجهڙي هئڻ ڪري سندن تميز ختم ٿي وئي آهي.

بگدر: ساهيوال (منٽگمري) ۾ رهندڙ هڪ بلوچ قبيلو.

بگرانا: هڪ بلوچ قبيلچو.

بگراهہ: جٽن جو هڪ قبيلچو.

بگهاٹي (بگهاٹي): انڊين جو هڪ پاڙو.

بگهيلا: ڪانيا راجپوتن جي هڪ شاخ. (ب گ ه ي ل ا)

بگيانا: جٽن جي هڪ ذات.

بَگهڙ: ملتان واري علائقي ۾ رهندڙ جٽن ۾ پڻ هڪ پاڙي جو نالو "بگهڙ" آهي.

بَل: جي معنيٰ آهي طاقت. جتن جو هڪ پاڙو. جتن مان هڪ شخص وڏي طاقت، زور ۽ هشمت وارو هو. ڪيس ٻين، طاقت جي نسبت سان "بَل" چيو. ان ڪري ڪان پوءِ سندس اولاد "بَل" سڏجڻ لڳو.

بلما: جتن جي هڪ ذات.

بلنگن: جٽ راجپوتن جي هڪ ذات.

بلوترا: ملتان طرف جتن ۾ شمار ٿين ٿا.

بَلوچ (بل اُچ): پناڻن جو هڪ قبيلو.

بِلهارا: گڏهه پالڻ وارا ملاح ۽ مهاڻا. هي گڏهن تي مڇي ڏوئڻ ۽ وڪڻڻ جي نسبت سان "بلهارا" سڏجن ٿا.

بلهم: جتن جو هڪ قبيلچو.

بلي: هڪ عرب قبيلو. هي قضاعه شاخ مان بلي بن عمرو بن الحاف جو اولاد آهن.

بِليل زئي: پني پناڻن جي هڪ شاخ.

بمبا: هڪ غير سمات مسلمان قبيلو. چون ٿا ته هي اصل ۾ ڪشميري آهن.

بِمبر: آرائين جو هڪ قبيلچو.

بنانه: عرب قريشي خاندان جوهڪ قبيلو. هي بنوسعد بن لوئيءَ جي اولاد مان آهن. بنانه سندن ماءُ جو نالو هو ان سان منسوب ٿيل آهن. ثابت بناني (ثابت بن اسلم) هن خاندان جو مشهور شخص هو.

بِنب: جتن جو هڪ گوت.

بنچ: ڏوگرن جو هڪ قبيلو.

بندل: جتن جي هڪ ذات.

بندیال: جتن جي هڪ ذات.

بندیجا: ملتان طرف پڙ بندیجا (بندیجاهه) وينا آهن، جيڪي پاڙ ڪي "جٽ" چوائين ٿا. ٽي سگهي ٿو ته اهي ساڻيا جَتَ آهن، جيڪي جدگالن (جت)، راڻا جتن ۽ ڪرمتي جتن ۾ شامل آهن. سندن مان لڏي وڃي پنجاب ۾ آباد ٿيا آهن.

بندیچ: امرتسر کان آيل جتن جو هڪ گوت.

بنڊ: جتن جي هڪ ذات.

بنگالي: سنياسي فقيرن جي هڪ ذات جو نالو پڙ "بنگالي" آهي. هي بنگلاديش جا رهواسي نه آهن ۽ نه ئي وري سندن زبان بنگلا آهي.

بنگش: هنن جي هڪڙي خاص پاڙي جو نالو "جندران" (جدران) آهي. بنگشن جو مفصل احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

بنوت: هندو راجپوتن جي هڪ ذات.

بنورا: هڪ جٽ قبيلو.

بنهور: هڪ جٽ قبيلو.

بُواهه: جٽن جي هڪ ذات.

بُوت: آرائين جو هڪ پاڙو.

بُوتر (بتر): جٽن جو هڪ پاڙو. هي راجپوت نسل مان آهن. سندن والد راجپوت ۽ والده جٽڻ هئي.

بُوبَک: هنن جو احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. هتي وضاحت ڪجي ٿي ته ملتان ۽ بهاولپور ۾ وينل "بوبک" پاڻ کي "جٽن" مان چورائين ٿا، جيڪي زراعت ڪن ٿا.

بوپاهري: جٽن جي هڪ ذات.

بوپيرائي: هندو جٽن جي هڪ ذات.

بوجڪ: جٽن مان آهن.

بُوچا: جٽ آهن.

بَوسن (بوسڻ): روايتن ۾ آهي ته هي اصل ۾ سنڌ جا جٽ آهن. هنن جا وڏا بهاؤالحق جا مريد ٿيا. سنڌ مان لڏي ملتان ۽ بهاولپور ۾ وڃي وينا، مرشد کي بوسه (چمي) ڏيڻ جي نسبت سان "بوسڻ" (بوسڻ) سڏجڻ لڳا.

ڪتاب ذاتون ڪا انسائيڪلوپيڊيا جي ص 42 تي لکيل آهي ته اعواٽن جي چوهاڻ شاخ مان هڪ پاڙي جو نالو پڻ "بوسڻ" آهي. اها لکڻي حقيقت جي قريب آهي، ڇاڪاڻ ته ناميارا محقق اعواٽن کي به جٽن (جٽ) مان ڄاڻائين ٿا. لُدين گهُٽر، سنگي، بيپي ۽ بوسڻ هڪ ئي نسل مان لڳن ٿا.

بوکيا: اُٽ پالينڊ جٽن جي هڪ ذات.

بُولا: جٽن جي هڪ ذات.

بُومي: راجپوتن جي هڪ شاخ.

بونا: جٽن جي هڪ ذات.

بهادرڪي: جوين ۽ ڪرلن جي هڪ ذات.

بهاڙ: گوجر قبيلي جو هڪ پاڙو.

بهالي: راجپوتن جو هڪ گوت.

بهروبا: مهتر قبيلي جي هڪ شاخ.

بُهشه: هڪ عرب قبيلو مشهور فقيه ابو التياح هن کيڙ مان هو.

بهني وال (پتي وال): پتي جتن جو هڪ پاڙو.

پيبزئي: پناڻن جو هڪ تمن.

بيني: امرتسر ۾ رهندڙ سيدن جو هڪ پاڙو.

بيدا (بيد): پنجاب ۾ رهندڙ هڪ مخلوط ذات.

بيدوان: هندو سِک جتن جي هڪ ذات.

بيرگ: جتن جي هڪ ذات.

بيروال: جتن جي هڪ ذات. هي برکٹ چوهاڻ راجپوت جي جتڑ زال مان آهن. ماءُ جي نسبت سان سڏجن ٿا.

(ب)

بِجورا (بِجورا): استاد قادر بخش طالباڻيءَ کان معلوم ٿيو ته مرشد جي دعا سان الله تبارڪ و تعالي اسان جي ڪنهن چگي مڙس کي به پُٽ عطا ڪيا. اسان پٽن جا نه به جوڙا (ب+ جوڙا) تيار ڪري مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿياسين. ان ڏينهن بعد "بجورا" سڏيا سين. پنجاب ۾ سندن وڏا ڳوٺ آهن. چوٽ ۾ اچي ٿوته سنڌ مان لڏي پنجاب ۾ ويٺا آهن. آمري تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ پڻ سندن ڪجھ ڳوٺ آهن. طالباڻي سندن مشهور پاڙو آهي.

بُڈ: ساهيوال ۾ رهندڙ "بُڈ" پاڻ کي بلوچ چوائين ٿا.

بُڈڙ: ڏوگرن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

بُڈوال: هڪ جٽ قبيلو.

بڈور: هڪ جٽ قبيلو.

بُرڙا: هتن جو احوال گذريل صفحن تي ڏنل آهي. وڌيڪ وضاحت ڪجي ٿي ته ڪتاب "ذاتون ڪا انسائيڪلوپيڊيا" از اي. ڊي ميڪليگن ۾ ايڇ اي روز صفحي 50 تي لکن ٿا ته برڙن جي ذات جو اصلي نالو "هوجالي" هو. سندن حسب نسب گرنار جي **هڪ راجا (جهوناگڙهه)** مان آهي، جيڪي پاڻ کي راجپوت ۾ سما چوائين ٿا. انهي "**هوجالي**" گرنار **مان هجرت ڪري** اچي سنڌ ۾ ويٺا ۽ هڪ بزرگ جي تبليغ تي اسلام قبول ڪيائون. هو ايترا ته پرهيزگار هئا جو هر وقت مراقبي ۾ چادر ۾ رهندا هئا. بزرگ

مراقبي ۾ ڏسي کين بُر (جبو – ڇغو) چيو. اهو بُر لفظ ڦري بُرڙا ۽ بُرڙا ٿيو. ان ڪري بعد هي هوجالي ۽ جي بجاءِ "برڙا" سڏجن ٿا.

(پ)

پاپا: هڪ جٽ قبيلچو.

پاٽڙا: سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي ڳائٽو. هڪ حوالي موجب برهمڻ رشي ماڏومل هڪ ڳائٽي (ناچڻي) چوڪري ڪام ڪندل سان پيار جو پرٽو ڪيو ۽ ان مان جيڪو اولاد پيدا ٿيو اهي "ماڏو" ۽ پاٽڙا" سڏجن ٿا. هي هندن سکن ۽ مسلمانن ۾ پڙ آهن.

پاٽي داد: هڪ جٽ قبيلچو.

پار: جٽن جو هڪ قبيلچو.

پارا: ملتان ۾ رهندڙ پاڙ کي "جٽ" چوائين ٿا. انڊين ۾ پڙ هڪ پاڙو.

پاکري: سومرن جي هڪ ذات (باکري)

پانيوال: امرتسر کان آيل هڪ جٽ قبيلچو.

پُتا: جٽن جو هڪ قبيلچو. پُتا ۽ پُتا لفظن جي هڪجهڙائي هٿ ڪري کا تميز نظر ڪانه ٿي اچي، ان ڪري "پٽن" کي به جٽن ۾ شمار ڪيو ويو آهي. مسٽر اوبرائن کين "جَتَ" لکي ٿو.

پُتا: ڪافي پتا پاڙ کي "پيرزاده" چوائين ٿا.

پَٽي: هنن جو احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي. وڌيڪ وضاحت ڪجي ٿي ته گوجرن، جٽن، ڪمبواهن، آرائين ۽ بلوچن (ساهيوال) ۾ پڙ "پٽي" آهن.

پَٽياڻي: مروت پناڻن ۾ پڙ آهن.

پچر: کوکرن جو هڪ پاڙو.

پُرت: راجپوتن جو هڪ قبيلو.

پُرٽ: راجپوتن جو هڪ قبيلچو.

پروال: جٽن جو هڪ قبيلچو.

پرواڻا: جٽن ۽ سيالن جو هڪ قبيلچو.

پُريال: گکرن جو هڪ پاڙو.

پريچ (بريچ): پناڻن جو هڪ تمن.

پريڑا: چانديءَ جو ڪم ڪندڙ سونارن جي هڪ ذات.

پڑال: جٹن جو هڪ قبيلچو.

پڑيونجا: ملاحن، مهاڻن ۾ جهينورن جي هڪ ذات.

پڑيار: جٹن جو هڪ قبيلچو.

پگري: اعواڻن جي ڪرانا (ڪراڙ) قبيلي جي چوويهه شاخن مان هڪ شاخ.

پگهو: جٹن جو هڪ قبيلچو.

پُلر: چون ٿا تہ هن جي ماءُ جٹ ۾ پيءُ راجپوت هو ان ڪري مخلوط (گدا Mixed) سڏجن ٿا.

پُلڙ: جٹن جو هڪ قبيلچو.

پلڪا: بهاولپور ۾ ديري غازي خان وارا پاڻ کي بلوچ چوائين ٿا.

پلواٹا: جٹن جو هڪ قبيلچو.

پليڑا: جٹن جو هڪ قبيلچو.

پمياٹي (پنياٹي): ديري غازي خان ۾ رهندڙ آرائين ۾ پڙ آهن.

پمرائي: جٹن جو هڪ قبيلچو.

پمڙ: جٹن جو هڪ قبيلچو.

پميا: گوجرن جو هڪ قبيلچو.

پنيڙ: جٹن جو هڪ پاڙو.

پنجرا: هندن جي هڪ گهٽ ذات (ڊومنا)

پندر: جٹن جو هڪ پاڙو. سندن پيءُ راجپوت هو ان ڪري راجپوت بہ سڏجن ٿا.

پندل: سورج بنسي راجپوتن مان "پندل" جو اولاد. پندل هڪ شادي جٹن مان پڙ ڪئي هئي. ان ڪري "جٹ" سڏجن ٿا.

پندير: جٹن جو هڪ قبيلچو.

پنديلا: هندن جي هڪ رولو جرائم پيشہ گهٽ ذات.

پنبر: اي. ڊي ميڪليگن ۽ ايچ اي روز پڙ هنن کي "جٹ" لکيو آهي. چون ٿا تہ هڪ راجپوت جٹڙ سان شادي ڪئي، سندس اولاد راجپوت ۽ "جٹ" سڏجڻ لڳو.

پنرائي: گوجرن ۾ جٹن جو هڪ قبيلچو.

پنگو: راجپوت ۾ سڏجن ٿا.

پنوالا: جٽن جو هڪ پاڙو.

پنوت: راجپوتن جو هڪ پاڙو.

پوڙ: جٽن جو هڪ پاڙو.

پُو: رگ بنسي راجپوتن جي هڪ هندو ذات. منهاس، جرال، چب ۽ پو پاڙ ۾ قرابت رکن ٿا ۽ ملاقات وقت "جي ديو" چون ٿا.

پواڻا: جٽن جو هڪ قبيلو.

پُوت: بهاولپور ۽ صادق آباد ۾ پڙ "پوت" رهن ٿا. جن جو واسطو پٽين، جٽن ۽ بلوچن سان آهي. چون ٿا ته هي اصل ۾ سما آهن، سنڌ مان هجرت ڪري ويل آهن. وڌيڪ لاءِ گذريل صفحن تي احوال پڙهڻ گهرجي.

پوڇواڻا: سيالن جو هڪ قبيلچو.

پوڇيا: جٽن جي هڪ ذات. مسلمان آهن (ساهيوال).

پوڪي: ڪرلن جي هڪ ذات.

پولا: جٽن ۾ پڙ آهن. اڳين صفحن ۾ بيان ٿيل آهي ته پولا "ڪلهوڙن" جو پاڙو. ڪلهوڙن کي عام طور "جت" ۽ سڏيو ٿو وڃي. تقويت ملي ٿي ته ڪلهوڙا ۽ سندي آهن، نه ڪي "عرب" (ساهيوال)

پولر (پلو): جٽن جو هڪ قبيلچو.

پُوڙ (پُون): جٽن جو هڪ قبيلچو.

پُوٽا: جٽن جو هڪ قبيلو.

پينس (وَينس): امرتسر کان آيل هڪ جٽ قبيلچو.

(ت)

تارا: جٽن ۾ پڙ هڪ پاڙو (ملتان).

تارڙ: ڪتاب "ذاتون ڪا انسائيڪلوپيڈيا" ۾ پڙهڻ کي "جٽ" لکيو ويو آهي (ص 121)

تبابعه: يمني عربن جو هڪ قبيلچو جيڪو بنو قضاعه مان نڪتل آهي.

تتلا: جٽن جو هڪ قبيلچو گهمڻ، کيرا، حجو آ (جنجوا)، وينس ۽ تتلا پاڙ ۾ عزيز ٿين.

تتلي: جٽن جي هڪ ذات. هي حجوآ (جنجوا) راجپوت جي پٽ "تتلا" جي اولاد جي دعويٰ ڪن ٿا.

تجار: جٹن جوھک قبيلچو.

تجرا: آرائين ۽ جٹن جو ھک قبيلچو.

تجواڻا: راجپوتن جو ھک گوت.

تُر: بلوچن، گوجرن ۽ هندو جٹن جو ھک پاڙو.

تُرانا: جٹن جوھک پاڙو.

تُرخيلي: اتمان زئي پناڻن جي الازئي (الله زئي) قبيلي جي ھک مکيہ شاخ (ترخيل)

تُرک: ترک کان آيل ترکن جي ھک پاڙي جو نالو "ايبک" آھي.

تُرک لانري: يوسف زئي پناڻن جي ھک شاخ.

تَرگ: جٹن ۽ نيازي پناڻن جو ھک قبيلو.

ترگر: پٹي راجپوتن مان ھک جت قبيلچو.

ترگڙ: راجپوتن جي ھک ذات.

ترھولي: جٹن جو ھک قبيلچو.

تريلي: جٹن جو ھک قبيلچو.

تغلب: ھک عيسائي قبيلو. هنن جو اڳواڻ زرعہ بن نعمان هو جنهن تي حضرت عمر بن خطاب جزيو مقرر ڪرڻ جو زور پريو هو جنهن چيو تہ اسان عيسائي نہ پر عرب آهيون.

ٹلا: جٹن کرلن جو ھک پاڙو.

تلوٹ: جٹن جو ھک پاڙو.

تلوکر: جٹن جو ھک پاڙو.

تلیال: گکڑن جو ھک پاڙو.

ٹليري: جٹن جو ھک پاڙو.

تمبولي: سنسڪرت ۾ پان جي پٹي کي "تمبول" چون ٹا ۽ پان فروشن کي "تمبولي" سڏين ٹا. ذاتين جي ماهر شيرنگ جو چوڻ آهي تہ "تمبولي" ھک ذات جو نالو آهي. سندن اصل ماڳ بنارس آهي.

ٹنگ: جٹن جو ھک قبيلچو.

ٹنگر: راجپوتن جي ھک ذات.

تنولي: پناڻن جو ھک تمن.

ٹُنيا: ڪتاب ذاتون ڪا انسائيڪلوپيڈيا ۾ پڙ لکيل آهي تہ تنيا، "جٹ" (جَٹ) آهن. (ص 127)

توتريا (توترا): مهتمن جو هڪ پاڙو.

تولا (تورڙ): گوندل جٹن جو هڪ پاڙو. روايت آهي تہ هڪ جٹ بي اولاد هو هن چيو تہ مون کي پٽ ڄائو تہ مان ان کي سون ۾ چانديءَ ۾ توري اهو غريبن ۾ يتيمن ۾ ورهائيندس. رب العزت ان کي پٽ عطا ڪيو ۽ ان سون ۾ چانديءَ ۾ توري غريبن ۾ تقسيم ڪيو ۽ پٽ جو نالو تورڙ جي نسبت سان "تولا" رکيائين، جنهن جي اولاد پاڙ کي "تولا" سڏايو.

تهراڻا: سيالن جو هڪ قبيلچو (ساهيوال).

تيم (تيمي): عرب سرزمين جي ڪيترن ئي قبيلن جو نالو آهي. مثال: 1. تيم بن مره، حضرت ابو بڪر صديق جو واسطو هن قبيلي سان آهي. (قريش). 2. تيم بن غالب بن فهر (قريش بنو الادرم) 3. تيم بن عبد مناة بن اد بن طابغہ (مضر شاخ). بنو ضريہ، بنو قيس، بنو ثعلبہ ۽ بنو ثبيان ۾ پڙ "تيم" قبيلو موجود آهي.

تيم الله: عرب سرزمين جو هڪ قبيلو هي قبيلو بن خاندانن مان آهي.

1. تيم الله بن ثعلبہ (بنو عقابہ)
2. نمر بن قاسط (بنو قاسط)
3. بنو ضبيہ

(ٹ)

ٹاهل: جٹن جو هڪ پاڙو.

ٹُٹال: جٹن جو هڪ قبيلو. هي راجا ڪرن جي پٽ "ٹاٹو" جو اولاد آهن.

ٹرولي: جٹن جو هڪ قبيلو.

ٹڪيڑا: گوجرن جو هڪ پال.

ٹند: جٹن ۾ پڙ آهن.

ٹهيم: هنن جو احوال گذريل صفحن تي ڏنل آهي، هتي اضافو ڪجي ٿو تہ ٹاڏ هنن کي "راجپوت"، اي. ڊي ميڪليگن "اعوان" ايڇ اي روز "ڪوکر" ۽ پنجاب جا رهواسي "جٹ" سڏين ٿا. پنجاب جي جٹ ٹهيمن جو بيان آهي تہ شاهجهان جووزير سعد الله خان همايون دؤر جو مشهورعالم شيخ جلال ۽ دهليءَ جي مغل دؤر جو صوبيدار (گورنر) ٹهيم جٹ هئا.

تذڪره مشاهير سيوستان، مغل بادشاهہ شاهجهان جي دؤر ۾ سيوهڙ جي گورنر ديندار خان جي فرمائش تي عبدالغفور ابن حيدر سيوستاني فارسي زبان ۾ قلم بند ڪيو هو. جنهن جو اصل فارسي خطي

نسخو رايل ايشياٽڪ سوسائٽي لنڊن ۾ موجود آهي. ان ۾ بيان ٽيل آهي تہ راجا دلوراءِ ۽ مخدوم چٽو عمراٽي، سومرن جي ٽهيم قبيلي مان هئا.

شرف الدين بن فيض محمد سيوستاني هڪ مشهور خطاط ٽي گذريو آهي، جنهن تذڪره مشاهير سيوستان فارسي رسم الخط ۾ 23 ذوالحج 1320هـ روز دوشنبه تي لکي پورو ڪيو ان چٽي عمراٽيءَ جي تذڪره ۾ لکيو آهي تہ هي بزرگ سومرن جي ٽهيم قبيلي مان هو".

ان بنياد تي تائيد ڪجي ٽي تہ "ٽهيم" هن ڏرتيءَ جا جاوا آهن نہ ڪي عرب. ٽهيم ۽ تميم جداجدا نسلن سان واسطو رکندڙ جدا جدا قبيلا آهن. ٽهيم هتان جا سنڌي ۽ تميم عرب آهن. تميم مان ٽهيم نہ ٽيا آهن. راقم الحروف ڊاڪٽر لعل بخش نائچ ۽ جاموٽ حاجي خان چاچڙ جي ڀرپور تائيد ڪري ٿو تہ "ٽهيم" سنڌي آهن، نہ ڪي عرب.

ٽير: گوجرن جو هڪ پاڙو.

ٽيرڪي: آرائين جو هڪ پاڙو.

(ث)

ثانوري: اي ڊي ميڪليگن ۽ ايڇ اي روز پٽ هنن کي جاٽ (جٽ – جت) لکيو آهي. احوال اڳين صفحن تي ڏنل آهي.

ثنڊي (ثنڊا): امرتسر کان آيل ڏوگرن جوهڪ قبيلو.

ثوانا: هڪ ٻئي حوالي موجب هي گلہ بان، شتربان (جت) آهن. جيڪي پنوار راجپوت لکو جي اولاد مان آهن. ڪن پاڻ کي "سيال" تہ ڪن وريءَ ثوانا ۽ "ڪمبوه" سڏايو. اي ڊي ميڪليگن ۽ ايڇ اي روز هنن کي پنوار راجپوت راءِ شنڪر جا پٽ ڄاڻايو آهي.

ثوب: پنجاب ۾ هنن کي "ٿوبا" ۽ "سينگها" چون ٿا.

ثوپڙي: انڊين جو هڪ پاڙو.

ثودا (ثودي): پنجاب ۾ اٽن چارڻ وارن جتن کي "ٿودا" ۽ "ٿودي" چون ٿا.

(ث)

ثعلبہ (بنو ثعلب): هڪ عرب قبيلو.

ثقيف (بنو ثقيف): هڪ عرب قبيلو هوازن بن منبہ بن قيس عيلان جي هڪ پٽ جو نالو قسي هو جنهن کي ثقيف بہ چوندا هئا. هي قبيلو ان سان منسوب آهي. ثقيف ابو رغال کي قتل ڪيو هو.

ثور: هڪ عرب قبيلو. اصحاب الرائي سفيان الثوري هن ڪيڙ مان هو.

(پ)

پاپين: اعواڻن جي ڪلهان (ڪلگان) قبيلي جو هڪ پاڙو.

پادا: ڏوگرن جو هڪ پاڙو.

پاندا: جٽن جو هڪ پاڙو.

پانڊا: هندو ڪمبواهن ۾ پڙ هڪ پاڙو.

پاهور (پهوڙ): جٽن جوهڪ پاڙو. سنڌ ۾ "پهوڙ" سڏجن ٿا. ملتان ڪبير والا ۾ سندن وڏا ڳوٺ آهن. چگڻا مڙس به اتي اٿن.

پتانيان: راجپوتن جو هڪ پال.

پُترا: جٽن جي هڪ ذات.

پتون: جٽن جو هڪ قبيلچو.

پتوها: جٽن جو هڪ قبيلچو.

پٽاڙا: گوجرن جو هڪ پال.

پٽاڙيا: راجپوتن جو هڪ گوت. گوردا سپور ۾ "پٽاڙ ڪوٽ" هنن سان منسوب آهي.

پچاتي: انڊڙن جو هڪ پاڙو هي محمد بن انڊڙ جو اولاد آهن.

پچادا: مسلمان راجپوتن جو هڪ پاڙو.

پدا: جٽن جو هڪ پاڙو.

پُربيرا: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

پرتاڻي: انڊڙن جو هڪ پاڙو.

پرهر: جٽن، مهتمن ۽ بلوچن جو هڪ پاڙو.

پروپيا: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

پرهياڙ: اي ڊي ميڪليگن ۽ ايڇ اي روز پڙ هنن کي "جُٽ" (جت) لکيو آهي. ديره غازي خان ۾ هنن جا وڏا ڳوٺ آهن.

پرير: جٽن جو هڪ قبيلچو.

پريري: هڪ بلوچ قبيلچو.

پساريا: گوجرن جوهڪ قبيلچو.

پساني: هڪ "جٽ" قبيلچو.

پسوئي: هڪ بلوچ قبيلچو.

پکائي (پڏر): جٽن جو هڪ قبيلچو هي راجپوت نسل جا دعويدار آهن.

پُلوهان: جٽن جو هڪ پاڙو.

پَنَ: جٽن جو هڪ پاڙو.

پُنَ: سورج بنسي راجپوتن مان جٽن جو هڪ قبيلچو.

پنائچ: جٽن جو هڪ پال.

پنجاڻي: ميمڻ ۾ پڙ آهن.

پنجوتا: هڪ جٽ قبيلو (ملتان).

پنجوٽا: وڌيڪ لکجي ٿو تہ ڪتاب ذاتون ڪا انسائيڪلوپيڊيا جي ص 115 تي لکيل آهي تہ "پنجوٽا" جٽن مان آهن. سندن اصل ماڳ شاهپور (هندستان) آهي.

پُندير: راجپوتن جو هڪ قبيلو. هي پندير چوهاڻ راجپوت جو اولاد آهن.

پنديشي: جٽن جو هڪ قبيلچو.

پنڊرالیا: راجپوتن جوهڪ قبيلچو. هي جمون ڪشمير جي "پنڊرال" جبل جا رهواسي آهن. ان نسبت سان "پنڊريال" سڏجن ٿا.

پنگوال (پانگي): پانگي ۽ چمبہ جا رهڻ وارا پناڻ.

پنوهان: جٽن جو پاڙو.

پنوهن: جٽن جو هڪ پاڙو

پَنهل: راجپوتن جو هڪ پاڙو.

پنهيل (پنيل): جٽن جو هڪ قبيلو.

پني: اِسوت پناڻ. بليل زئي پناڻ ۽ لهرزئي پناڻ بہ هنن مان آهن. چون ٿا تہ "پني"، ڪاڪڙ پناڻن مان آهن.

پواڙ: گوجرن جو هڪ قبيلچو.

پوتا: جٽن جو هڪ پاڙو.

پُوج: هڪ بلوچ قبيلو.

پُور: گوجرن ۾ ڪرلن جو هڪ قبيلو.

پُوري (پورا): جٽن جو هڪ قبيلو.

پُوريوال: جٽن جو هڪ قبيلو.

پوسلا: جهتول جٽن ۾ ميراثين جو هڪ ذاڻو.

پوکوَت: جٽن جو هڪ قبيلو.

پوگل: جٽن جو هڪ قبيلو.

پولندر: جٽن جي هڪ شاخ. لانگ. للي. دلي ۾ ڪُنجر هن شاخ جا قريب آهن.

پونتا: جٽن جو هڪ پاڻو.

پونر: جٽن جي هڪ ذات.

پونگر: جٽن جي هڪ ذات.

پوني: جٽن جو هڪ قبيلو.

پُونيا: جٽن جو هڪ قبيلو.

پوهنا: راجپوتن جي هڪ ذات. هي راجا تاراچند جي پٽ "نانڪ چند" جو اولاد آهن.

پوهيا: جٽن جوهڪ پاڻو. (پوهيا).

پهوڙ (پاهور): اي ڊي ميڪليگن ۾ ايڇ اي روز پٽ هنن کي "جٽ" لکيو آهي.

(ج)

جاتلا: امرتسر کان آيل گوجرن جو هڪ گوت.

جاجي: پناڻن جو هڪ تمن. هي ڪڪئيءَ جي پٽ ڪگيانيءَ جو اولاد آهن. دراني پناڻ ۾ اعواڻ بہ چون ٿا تہ "جاجي" اسان مان آهن.

جاچڪ: معني ڳنڍ وارو. هي هڪ گهٽ ذات وارا "جاجڪ" آهن.

جاد (جار ـ زاد): هندو ڪنتين جي هڪ ذات.

جارا: پنجاب کان آيل هڪ مسلمان ذات.

جاڙ: گوجرن جو هڪ قبيلو.

جاکر: ديسوالي جٽن (چوهاڻ – اُڏي) جو هڪ قبيلو هي جاکو جو اولاد آهن. هنن جو اصل ماڳ گڙگائون، جمجهر ۽ روهتڪ آهي.

جاگل: کوسا بلوچن جو هڪ قبيلو.

جالبڪا: کرلن جو هڪ پاڙو. هنن چمارن جي مشهور ڏاڙيل "ساندل" کي ماري مجايو هو.

جالپ (جالب): جٽن (نيم راجپوت) جو هڪ قبيلو کوکرن ۾ پڻ آهن.

جالي: جٽن جو هڪ تمن.

جامرا (جامڑا): جٽن مان آهن، سنڌ ۾ کين "جامڑا" چون ٿا.

جاموگي: ڪنتين جي هڪ ذات.

جانگل: جٽن جو هڪ تمن، مغل بادشاهه شاهجهان جي دؤر کان ونڊي جهنگ ۽ ملتان ۾ رهندڙ آهن.

جانگلي: چهڙن جي هڪ ذات. هي مشهور چهڙي "ساندل" جو اولاد آهن.

جاني: ذاتين جي ماهر اي ڊي ميڪليگن ۽ ايڇ اي روز جي لکڻ موجب "جاني" امرتسر جا پيشور "جٽ" آهن.

جانيل: جٽن جو هڪ قبيلو.

جَبّر: ملتان ۾ رهندڙ جٽن جو هڪ قبيلو.

جبلي: ملتان ۾ رهندڙ سيدن جو هڪ خاندان، هي چون ٿا تہ اسان عرب ۾ واقع "جبل رحمت" جا رهواسي هئاسين. ان نسبت سان "جبلي" سڏجون ٿا.

جبوڪا: کرلن ۽ جٽن جو هڪ قبيلو.

جَٽ: اڳين صفحن سان ملائي پڙهجي. هنن کي جٽيٽا، جٽيٽڙا ۽ جٽونگڙا بہ چون ٿا (بطور حقير). آرڪيولاجي سروي مدراس رپورٽ، ٽاڈ جي راجستان رپورٽ، ايلفنسٽون جي هسٽري آف انڊيا ۽ جنرل ڪننگهم، جٽن کي "جاتو" لکن ٿا. هي محقق لکن ٿا تہ جاتو (جَٽَ) قبل مسيح کان بہ آڳاتو سنڌ جي سرزمين جا رهواسي آهن.

ابن خرداذبہ (912ع) ڪرمان کان منصوره تائين سفر دوران اُٺ هڪليندڙن کي زٽون (جٽ – جت) لکيو آهي. مجمع التواريخ (1126ع) جي ليکڪ، اُٺ پالينڊڙن کي جت (جٽ) سڏيو آهي. هي لکي ٿو تہ اهي جت، سنڌ درياءَ، بهار ۽ ميان والي جي علائقي تائين آباد آهن.

جٽن کي برهمڻ حاڪم چچ گهٽو نقصان رسايو. محمد بن قاسم سندن مٿان خراج لاڳو ڪيو. 834ع ۾ عجيف بن عنبسي کي جٽن خلاف سنڌ موڪليو ويو. جنهن ستاويهہ هزار جَٽَ قيد ڪري بغداد

روانا ڪيا. 1192ع ۾ هڪ جت پهلوان جتوان. برصغير جي حاڪمن محمد غوري. قطب الدين ايبڪ ۽ تيمور (1398ع) خلاف بغاوت ڪئي. جنهن ۾ به هزار جَتَ پهلوان مارجي ويا. 1530ع ۾ سلطان محمد ابن تغلق ۽ بابر مغل بادشاهه جتن کي نقصان پهچايو.

جتڪي: جتن جو پٽ هڪ قبيلو.

جتووال: مسلمان جتن جو هڪ قبيلو.

جتيانا: سيالن جو هڪ پاڙو.

جٽيانا: مسلمان ڪرلن جو هڪ پاڙو.

جتالا: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

جتول (جنول): جٽن جو هڪ پاڙو. هي جينرا جت جو اولاد آهن.

جج: ڪمبواهن ۾ پٽ آهن.

ججا (ججه): جٽن جو هڪ قبيلو. هي چون ٿا ته اسان سورج بنسي راجپوت ڪُل مان جام جي پٽ "جاج" جو اولاد آهيون.

جججوها: راجپوتن ۽ جٽن ۾ پٽ هڪ پاڙو.

جدران (جندران): بنگش پناٽن جو هڪ تمن.

جدون: ڪن محققن جي راءِ آهي ته جدون (گدون) جادوبنسي ڪل مان جادم راجپوت جو اولاد آهن. يارهن سو قبل مسيح ۾ برصغير کان لڏي وڃي قابل ۾ وبنا ۽ پناٽن سان ملي جلي پناٽ سڏجڻ لڳا. سندن دعويٰ آهي ته اسان غورغست جي پوٽي "سرهنگ" جي نسل مان آهيون. جيڪو چچ جبل ۾ رهندو هو.

جديله: هڪ عرب قبيلو. جيڪو ربيعه. طئي ۽ قيس عيلان شاخن ۾ موجود آهي.

جذام (بنوجذام): يمني عربن جو هڪ معتبر قبيلو. عدي جي بن پٽن جو نالو لخم ۽ جذام هو. جذام کي به پٽ هرام ۽ حشم هئا. جن جي اولاد پاڻ کي "جذام" سڏايو.

جر: بلوچ هنن کي ذات جا "جرسوڌا" چون ٿا. جر جي معنيٰ ڪپڙو ۽ سوڌا جي معنيٰ ڏوئڻ آهي. يعني هي بلوچن ۾ ڏوبي آهن.

جراڻا: جٽن جو هڪ قبيلو.

جرولا: جٽن جو هڪ قبيلو.

جريا: جٽن جو هڪ قبيلو.

جريال: هندو راجپوتن جي هڪ ذات.

جرير: هڪ عرب قبيلو. سعيد بن اياس جريري هن ڪيڙ مان هو.

جَسپال: هندن جي هڪ ذات.

جَسرا: جٽن جي هڪ ذات.

جَسراڻي: چوڏري قبيلي جي هڪ شاخ.

جَسروتيا: جم وال شاخ مان هڪ راجپوت ذات.

جَسڙ: جٽن جوهڪ قبيلو.

جسگم: راجپوتن جي هڪ شاخ. هنن جي دعويٰ آهي تہ اسان مناف جو اولاد "عرب آهيون. اسان جو جدامجد زهير هو. جيڪو عرب کان هجرت ڪري اچي ڪهوٽا ۾ وينو.

جسيال: هندو راجپوتن جي هڪ ذات.

جشم: عربن جو خاص قبيلو آهي. جيڪو بنو معاويہ بن بڪر. بنو ثقيف ۽ بنو الاراقم شاخن ۾ موجود آهي.

جعفر: ڪتابن ۾ آهي تہ ميانئي پناڻ کي تيرهن پٽ هئا. جن مان هڪ جو نالو "جعفر" هو. جنهن جي اولاد پاڻ کي "جعفر" سڏايو. هي جاتڪي زبان ڳالهائين ٿا. ملتان جي پر ۾ وينل جٽن جي هڪ پاڙي جو نالو پڻ "جعفر" آهي.

جکر: جٽن ۽ پٺي راجپوتن جي هڪ ذات.

جکو: ڏوگرن جي هڪ ذات.

جگ: جٽن جو هڪ قبيلو.

جگل: جٽن جي هڪ ذات.

جگلان: جيپور ۽ حصار کان آيل هڪ جٽ قبيلچو هي جگو جٽ ۽ جاگو جٽ جو اولاد آهن.

جگهدا: جٽن جي هڪ ذات.

جلائيو: مغلن جي هڪ شاخ.

جلواني: پناڻن جو هڪ قبيلو.

جلوڪا: ڪرلن جو هڪ پال.

جُماني (جماڻي): انڍڙن جو هڪ پاڙو. هي محمد بن انڍڙ جي اولاد مان آهن.

جُملا: انڍڙن جو هڪ پاڙو. هي رحيمداد بن علي شير جو اولاد آهن.

جُمن: ساهيوال ۾ رهندڙ هڪ جٽ قبيلو.

جموال: راجپوتن جو هڪ گوت. هنن جي هڪ پاڙي جو نالو "جسروتيا" آهي.

جمول: هندو راجپوتن جي هڪ ذات. هي چون ٿا تہ اسان سورج بنسي ڪُل مان جمون راجپوت جو اولاد آهيون. جنهن جمون شهر جو بنياد رکيو هو.

جمون: راجپوتن ۾ پڻ آهن. هي جمون جو اولاد آهن.

جنجاٽي: چوڏري قبيلي جو پڻ هڪ پاڙو.

جنجوهن: جٽن جي هڪ ذات.

جنداٽي: انڊين جو پڻ هڪ پاڙو (جنداني). هنن کي پشماٽي چون ٿا.

جندران: بنگش پناٽن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

جندرن: آرائين ۽ جٽن جو هڪ پاڙو.

جندع: ڪنانه عرب قبيلي جي هڪ شاخ. عبيد بن مير ليشي 68 هـ ۾ مڪي جو قاضي هو. جيڪو هن ڪيڙ مان هو.

جِندوالي: ڪلهور جي راجا سنگر چند جي پٽ مانڪ چند جي اولاد مان راجپوتن جي هڪ شاخ.

جِندي: ڪمبواهه قبيلي جو هڪ پاڙو.

جِنديڪا: کرلن جو هڪ پاڙو.

جَنَ سَنَ: مسلمان ڪمبواهن جو هڪ پاڙو.

جنگالي: گوجرن جو هڪ پاڙو.

جنگل: گوجرن جي هڪ ذات.

جنگواٽي: کوسن جي هڪ قبيلي جو نالو پڻ "جنگواٽي" آهي. هي جنگو خان جو اولاد آهن. ڳوٺ جنگو خان کوسو (ضلعو جيڪب آباد) ۾ جنگي خان اٽڪل ۽ سؤ سال اڳ هڪ ٽن قبن واري مسجد تعمير ڪرائي هئي. جيڪا اڄ بہ هڪ عاليشان فن تعمير جو شاهڪار آهي. جنهن ۾ اٽڪل ڏهہ هزار نمازي هڪ ئي وقت نماز پڙهي سگهن ٿا.

جَنَ وَسَ: مسلمان جٽن جي هڪ ذات.

جُنهال: راجپوتن جي هڪ ذات.

جُنهي: جٽن جي هڪ ذات.

جنير: جٽن جو هڪ قبيلو.

جوا: هڪ جٽ قبيلو.

جُوتا (جُتا): ساهيوال ۽ ملتان ۾ رهندڙ هڪ جٽ قبيلو.

جُوجا: امرتسر کان آيل هڪ جٽ قبيلو.

جُود (جُودڙ): جنجوعه قبيلي جو هڪ پاڙو.

جودڙا: امرتسر کان لڏي آيل ڏوگرن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

جودڙا (جودرا): راجپوتن جي هڪ ذات، هي جودڙا مَلڪ جو اولاد آهن، جنهن جو ان وقت ڏاڏو نالو هو. سندس اولاد نالي اڳيان "مَلڪ" لڳائي ٿو.

جورا: کوکرن ۾ پڻ آهن.

جوراهه: پنجاب ۾ "جٽ" سڏجن ٿا.

جوڙيا: آرائين ۽ ڪمبواهن جو هڪ قبيلو.

جوسر: جٽن جي هڪ ذات.

جوسن (جُوسن): آرائين، جٽن، ڪمبواهن ۽ کترين جو هڪ پاڙو.

جُون: جٽن جو هڪ ڪيڙ. هي جُون هنجراهه جو اولاد آهن. هنن جو اصل ماڳ ڪرنال هو.

جُوند: اعواڻن ۽ جٽن جي هڪ ذات.

جُونن: بهاولپور ۾ رهن ٿا. هنن جو چوڻ آهي ته اسان جام جونا جو جو اولاد آهيون، ارڙهين صديءَ ۾ شڪارپور کان هجرت ڪري اچي بهاولپور ۾ ويٺا هنن جي وڏي جوناڳڙهه جو شهر اڏايو هو.

جُوهان: اعواڻن جو هڪ قبيلو هي قطب شاهه جي پٽ جهان جي بن پٽن پاسوُ ۽ هِمير جو اولاد آهن.

جوهل: هڪ جٽ قبيلو.

جَويا: احوال اڳين صفحن تي ڏنل آهي. وڌيڪ لکجي ٿو ته ڏاهن جي راءِ مطابق جوئيا ۽ جويا هڪ ئي لفظ جا ٻه اُچار آهن. سنڌ ۾ مروج لفظ "جويا" آهي. هي راجپوت آهن، جيڪي آرائين، جٽن (جت)، ڪمبواهن، ڪرلن ۽ سمن ۾ شامل آهن، روايتن ۾ آهي ته "جويا" محمود غزنويءَ جي غلام "اياز" جو اولاد آهن. ڪن جي راءِ آهي ته "جويا" ۽ "مهر". اياز بن بڪر لکويرا فقير جو اولاد آهن. اياز سنڌ جي سميجا قبيلي مان راجا چوهڙ جي وڏي ڏيءَ "نل" (400هـ) سان شادي انوپ ڳڙهه ۾ ڪئي. اياز مسلمان ۽ نل هندو هئي. ڪيس چار پٽ جايا. جن جا نالا ناناڻڪي ڪيڙ (هندو) مان جَبو، اِسنگ، نِسنگ ۽ ساهن پال رکيا ويا. ننديي پٽ ساهن پال کي ٻه پٽ ٿيا، جن جا نالا "مهر" ۽ "جوبو" رکيا ويا. اڄوڪا سنڌ وارا "جويا" ان جو اولاد آهن. سندن سرداري پڳ رئيس علي خان لکويرا جي خاندان تي آهي، ان خاندان مان الله ڏتو هڪ بهادر پهلوان

هو جنهن جي نالي تي ٻه دنبا ڪهي خيرات ڪن ٿا.

ايبڪ، لکويرا، پديرا، ڪميرا، غازي خاناڻي، بهادرڪي، دولتانا، منگهر، جلواڻا، نهالڪا، اڪوڪا ۽ بهلاڻا جوين جي ڪيڙ مان آهن.

جَويا: پٽي جٽن جو هڪ قبيلو.

جهانبر (جهانيو): هڪ جٽ قبيلو.

جهيجا: هندستان ۾ هنن کي "جهوجا" چون ٿا. جيڪي مال چارين ٿا.

جهينه: هڪ عرب قبيلو. مشهور ڪاتب عبدالله بن صالح هن ڪيڙ مان هو.

جياني (جياڻي): انڊڙن جو هڪ پاڙو. هي جيو پٽ انڊڙ جو اولاد آهن.

جيقوزئي: پٺاڻن جو هڪ قبيلو.

جيٽل: پٽن جي هڪ ذات. هن خاندان مان هن شخص غور جي حاڪم جي سالي ۽ سان شادي ڪئي هئي.

جيسڪ: هڪ جٽ قبيلو.

جيشان: قضاعه قبيلي جي هڪ شاخ. مشهور شخص (موالي) ابو وهب جيشاني ۽ ويلم بن هوشع) هن شاخ مان هو.

جيواڻا: سلهوريا راجپوتن جي هڪ ذات.

(چ)

چاچوها (چنجوعه): پنهجي پراڻي ذات "چنجوعه" ٻڌائين ٿا. هن وقت پاڻ کي "چاچوها" چوائين ٿا. اڳ ۾ سرائڪي زبان ڳالهائيندا هئا. هن وقت سنڌي ڳالهائين ٿا. سنڌ ۾ قاضي احمد لنڪ روڊ سان سندن ڪجهه گهر آهن. ٻئي هنڌ ڪوٽڪس ڪوٽ ٿو ملي. هنن سان ملاقات حڪيم مخدوم محمد نصير الدين فاروق صديقي معرفت ٿي.

چامڙا (جامرا): پنجاب ۾ جامرا ۽ سنڌ ۾ جامڙا سڏجن ٿا. سندن واسطو جٽن سان آهي.

(جهه)

جهاوري: راجپوتن جي هڪ ذات.

جهائڪ: ڪنتين جي هڪ ذات.

جهَتا: هي چون ٿا تہ جهانگير مغل بادشاهہ جي هڪ زال اسان جي ڪيڙ مان هئي.

جهٽول: سورج بنسي راجپوت نسل مان جام جٽ جي پٽ "جهٽول" جو اولاد "جٽ" آهن. جاج ۽ جهٽول پان ۾ پائر هئا. جن سيالڪوٽ ۾ پسرور تعلقي جو بنياد رکيو هو. پوسلا هنن جو خاص پاڙو آهي.

جهجهر: آرائين جو هڪ پاڙو.

جهد (جهدو): هڪ جٽ قبيلو.

جهري: هڪ جٽ قبيلچو.

جهُلڻ (جهُلن): پنجاب ۾ رهندڙ "جهلڻ" پٽي جٽن مان راءِ گاجُن جو اولاد آهن. انديڙن جو پڻ هڪ پاڙو.

جهلي: هڪ جٽ قبيلو.

جهَمٽ (جهمٽ): هڪ جٽ قبيلو.

جهُنپ: پٽين ۽ جنجوعن جو هڪ پاڙو.

جهنجهوتا: آرائين جو هڪ پاڙو.

جهنجهوٽا: جٽن جو هڪ پاڙو.

جهندا: مهتمن جو هڪ پاڙو.

جهِندر: جٽن جي هڪ ذات.

جِهندو: آرائين جي هڪ ذات.

جهندواٽا: هڪ جٽ قبيلو.

جهُور: هڪ جٽ قبيلو.

جهُولَ (جُول): ملاح ۽ مهاٽا آهن.

جهونجا: جٽن جي هڪ ذات.

(چ)

چاچڙ: احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي. وڏيڪ لکجي ٿو تہ هڪ روايت موجب "چاچڙ" جام جکڙ جي اولاد مان آهن. جام جکڙ ثانيءَ جي دؤر ۾ سُورڙ، سُپاڳو، سِتر ۽ چاچڙ راجا بنگاراءِ (امرڪوٽ) جا غلام هئا. جن کي جام جکر ثاني آزاد ڪرايو ۽ هو سنڌ ۾ پکڙجي وبا ۽ انهن بهاؤالدين ذڪريا جي مريدي اختيار ڪئي. اجان وڏيڪ حوالن موجب چاچڙ، جٽن، آرائين، ۽ مغلن ۾ پڻ آهن. مغلن وارا "چاچڙ" پاڻ کي تيمور ۽ ان

بعد حضرت عباس سان پاڻ کي ڳنڍيين ٿا. سنڌ وارا چاچڙ پاڻ کي نجا سمات سڏائين ٿا. جهنجها، ڏواٽي، رحماني، رُکاٽا، ذکرياٽي، ڏهيجا، ڪلرا، کرياٽي، گبراٽي، گو، بجا، مُدا ۽ مِرياٽي ۽ سندن مشهور پاڙا آهن.

چاڪ: ڪمبواهن ۾ جٽن جي هڪ شاخ. روايتن ۾ آهي ته "هير" جي عاشق "رانجهي" جو تعلق هن "چاڪ" قبيلي سان هو.

چاڪرڪي: کرلن جي هڪ ذات.

چامل: هڪ جٽ قبيلو.

چانڊيا: ملتان پرسان وٻل "چانڊيا" پاڻ کي جٽن (جٽ) مان ڄاڻائين ٿا ۽ بلوچ ۽ چوائين ٿا.

چانگلا: هڪ جٽ قبيلو.

چانهئيا (چانهُي): ڪمبواهن جو هڪ پاڙو. ٿي سگهي ٿو ته سنڌ وارا "چانهيا" پنجاب وارا "چانهئيا" هڪ ئي ذات (لفظ) جو بگاڙ هجن.

چاولا: چانورن جي واپار جي نسبت سان "چاولا" سڏجن ٿا.

چاهڙ: هڪ گوجر قبيلو.

چاهڪ (چاهنگ): هڪ جٽ قبيلو. ٿي سگهي ٿو ته چانگ ۽ چاهنگ هڪ ئي لفظ (ذات) جو بگاڙ هجي.

چاهل: وڏيڪ روايتن ۾ آهي ته سورج بنسي راجا "اگرسين" کي چار پٽ چاهل، چينا، چيمه ۽ ساهي هئا، جن مان چئن جا چار وڏا قبيلا وجود ۾ آيا. چاهل جٽ جي اولاد پاڻ کي "چاهل" سڏايو.

چپ: وڏيڪ روايتن ۾ آهي ته شهيد ٽيل جو نالو "سورسدي" چپ هو. چپ قبيلو سورهن شاخن ۾ ورهايل آهي، جن ۾ بروانا، روپيال، دڦرال، ڏرال، درويسال، جسڪال، ميندال، باران، شاهيا، سموالها، ميانا، ملڪانا، گهنيال ۽ گهگهيال قبيلڇ شامل آهن.

چترٽ: ڪمبواهن جي هڪ ذات، ڪافي مسلمان ٿيا آهن.

چتيال: هڪ جٽ قبيلو.

چُچُڪاٽا: سيالن جو هڪ ڪيڙ.

چداٽا: ڪمبواهن جي هڪ ذات.

چدُو (چدا): هڪ جٽ قبيلو.

چدوا: هڪ آرائين قبيلو.

چدها: جٽن ۽ کترين جي هڪ ذات.

چُريرا: ڪرلن جي هڪ ذات.

چَسِتي: هڪ جٽ قبيلو.

چغتا: ملتان ۾ رهندڙ پاڻ کي "جٽ" سڏائين ٿا.

چڪورا: هڪ جٽ قبيلو.

چِما: هڪ جٽ قبيلو ڪافي مسلمان ٿيا آهن.

چِمبيال: اعليٰ مقام رکندڙ هندو راجپوتن جي هڪ شاخ.

چمڪني: غوريہ خيل پناٽن مان آهن.

چمنا: هڪ ڪرل قبيلو.

چميال: آرائين جي هڪ ذات.

چمير: هڪ جٽ قبيلو.

چمين: پيءِ تنوار راجپوت ۽ ماءُ گوجر هئڻ ڪري هي پاڻ کي تنوار راجپوت ۽ گوجر سڏائين ٿا. شير شاهہ هنن کي دهليءَ مان تڙي ڪڍيو هو.

چنيل: هڪ جٽ قبيلو

چندر: هڪ جٽ قبيلو.

چندرار: راجپوتن جي هڪ ذات.

چندو (چندا – چندوار): آرائين جو هڪ قبيلو.

چندئي: ڪمبواهن جو هڪ پاڙو.

چنديا: راجپوتن جي هڪ شاخ، هي ڪلهور جي راجا پهار چند جي پٽ ڳڻپير چند جو اولاد آهن.

چندال: هنن جو پي برهمڻ ۽ ماءُ شودر هئي.

چندير: جٽن جو هڪ قبيلو.

چنڙ: هڪ پي روايت موجب هي جڪڙن مان آهن، ڪنهن شاعر چيو آهي تہ :

جڪڙ چنڙ ڪانجون نون تيترا،
هين راڻي شيطان وري پنجي بجهہ پرا.

چنڪر: جٽن جو هڪ قبيلو.

چنگڙ: هڪ پي روايت موجب هي هڪ هندو راجپوت "چنگا" جو اولاد آهن، جيڪو سيد شمس تبريز

جي تبليغ سان راج سوڏو مسلمان ٿيو هو.

چنن: جٽن جو هڪ قبيلو.

چنوال: راجپوتن جي هڪ ذات.

چنوزئي: پٺاڻن جو هڪ تمن.

چنون: هڪ جٽ قبيلو.

چني: هڪ ڏوگر قبيلو.

چواس: هڪ مسلمان ذات.

چوتا: مهتم قبيلي جو هڪ پاڙو.

چوتيا: چوهاڻ راجپوتن جي هڪ ذات.

چوپرا: کتريءَ جي هڪ شاخ.

چوڌري: هن قبيلي جون مکيه شاخون جنجاٽي، جسراني، ڏنڊاٽي ۽ صمداني آهن.

چوڙيگر: چوڙين ناهڻ وارا. هنن کي بنگيبر، ونگري ۽ ڪچيرا پڻ چون ٿا. هي محض پيشورانا اصطلاح آهي، جيڪو ذات طور به سڏجي ٿو. ملتان واري حصي ۾ رهندڙ جٽن جي هڪ قبيلي جو نالو پڻ "چوڙيگر" آهي، جن جو چوڙين ناهڻ وارن سان ڪوبه واسطو نه آهي.

چوسر: جٽن ۾ پڻ آهن.

چَوکاهي: هڪ جٽ قبيلو.

چوکيا: هڪ جٽ قبيلو.

چونيا: هڪ گوجر قبيلو.

چو واهه (چووَن): هڪ جٽ قبيلو.

چُوهر: ڏوگرن جو هڪ پال.

چوهنگ: هڪ جٽ قبيلو.

چويڪا: هنن جو هڪ قبيلو.

چهال: جٽن جو هڪ قبيلو.

چيريا: هڪ مسلمان سمات ذات.

چيما: احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي. اضافي معلومات لاءِ سندن شجرو ڏجي ٿو



هن چيما خاندان جو بنياد رکيو.

(چ)

چاهرا: گوجرن ۾ پڙ هڪ پاڙو.

چالا: گوجرن جو هڪ پاڙو.

چبر: برهمڻن ۾ ڪنتين جي هڪ ذات.

چتر: جٽن ۾ پڙ هڪ پاڙو.

چتاڙي: انڊڙن جو هڪ پاڙو.

چُجا: جٽن جي هڪ ذات.

چَجِڙا: اي ڊي ميڪليگن ۽ ايچ اي روز جي لکڻ موجب "چجڙا" جيسلمير جي پٽي جٽ خاندان مان آهن. سورهين صديءَ ۾ اچي سنڌ وسايائون.

چچر: ساهيوال ۾ آرائين جي هڪ قبيلي جو نالو پڙ "چچر" آهي، جيڪي زراعت ڪن ٿا.

چمب: هڪ جٽ قبيلو.

چِميا: هڪ جٽ قبيلو.

چَنا: هڪ جٽ قبيلو.

چنال: شڪارين جي هڪ ذات.

چنير: جٽن جو هڪ قبيلو.

چوڙي: گوجرن جو هڪ قبيلو.

چُول: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

چولياڻا: هڪ جٽ قبيلو.

چوني (چون): هڪ جٽ قبيلو.

چيچر: آرائين جو هڪ پاڙو.

چيلر: جٽن جو هڪ پاڙو.

چينا: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. وڌيڪ هڪ روايت موجب "چينا" اصل ۾ سنڌ جا جٽ (جٽ) آهن. جيڪي ڪجهه صديون اڳ سيالڪوٽ، گوجرانوالا ۽ بين هنڌن تي وڃي وينا. انهن مان "جي پال" جي پٽ "چينا" سيالڪوٽ جي پرسان "جامڪي" نالي (جام) سان هڪ شهر اڏايو. هنن بابا فريد جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو.

(ح)

حارث: هڪ عرب قبيلو. هي حارث بن فهر بن مالڪ بن نفر بن ڪنانه جو اولاد آهن. (قريشي)

حبلي (الحبلي): حمير قبيلي جي هڪ شاخ. عبدالرحمان بن عبدالله بن يزيد جو واسطو هن شاخ سان هو.

حجر: هڪ عرب قبيلو. بصره ۽ ڪوفي جا مشهور حڪيم هن قبيلي مان هئا.

حِسل: هڪ عرب قبيلو.

حسُور: پناڻن جي هڪ شاخ. عمر خيل ۽ قلي خيل هنن جا عزيز ٿين (پاڙا).

حضرت موت: هڪ عرب قبيلو. حديث جو راوي عبدالله بن لهيعه بن عقبه الحضري هن ڪيڙ مان هو.

حڪيم: ملتان ۾ رهندڙ هڪ جٽ قبيلو.

حمير (بنو حمير): يمني عربن جو هڪ قبيلو. هي حمير بن سبا جي پٽن مالڪ، عامر، سعد وائلي ۽ عمرو جو اولاد آهن.

حنظله (بنو حنظله): مالڪ جي نسل مان هڪ عرب قبيلو جنهن جون ڪافي شاخون آهن.

حنفيه: هڪ عرب قبيلو.

(خ)

خاصخيلي: مفصل احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. هتي پڌرو ڪجي ٿو ته بهاولپور ۾ رهندڙ "خاصخيلي" پاڻ کي "ماچين" جي ڪيڙ مان ڄاڻائين ٿا. ڪتاب ذاتون ڪا انسائيڪلوپيڊيا ص 205 تي لکيل آهي

ته "خاصخيلي"، "عباسين" جا خدمتگار هئا. جن مان يعقوب محمد خاصخيلي، بهاول خان سوم عباسيءَ جو وزير هو. جنهن جو وڏو نالو هو.

خانزادا (خانزاده): هي ڪن جاين تي پاڻ کي چندر وَنسي ته ڪن هنڌن تي سورج ونسي ميواتي راجپوتن سان ڳنڍيين ٿا.

خدرة: هڪ يمني عرب قبيلو. حضرت ابو سعيد الخدري اصحاب رسول ﷺ هن ڪيڙ مان هو.

خرقه: هڪ عرب قبيلو.

خريش: هڪ عرب قبيلو. صطرف بن عبدالله هن ڪيڙ مان هو.

خزائي: هڪ عرب قبيلو. هن جو واسطو تميم سان آهي.

خزرج: انصارين ۾ بنو نمر بن قاسط شاخن جو هڪ قبيلو. وڌيڪ احوال لاءِ الخضرج ۾ انصارين جو احوال پڙهو. گهرجي. اوس ۽ خزرج قبيلن جو شجرو هن طرح آهي:




ثعلبہ
امروالقیس
حارثہ
عامر
عمرو
ثعلبہ
حارثہ
اوس
خزرج
مالک
عمرو
عوف
مرہ
سالم
سلم
عبداللہ
خزرج
حارث
کعب (طفر)
جشم
حارثہ
عبدالاشہل
جشم
عوف
عمرو
کعب
حارث
بنوتزید
بنوحبلي
منافقین
بنوقوقل
بنوالنجار
بنوساعدہ
بنوسلمہ
بنوبیاض

خشعم: خشعم ۽ بجيلہ. انمار بن سبا جا پٽ هئا. جن جي اولاد پاڻ کي "خشعم" سڏايو.

خِصِرزئي: نتوزئي. اُمر ۽ ڪاڪڙ پناڻن جي هڪ شاخ.

خضراٹي: انيڙن جو هڪ پاڙو. هي خير محمد بن قادر ڏنو جو اولاد آهن.

خلج: ترڪ نسل جو هڪ قبيلو. جيڪي خلج بن يافت بن حضرت نوح عليه السلام جو اولاد آهن. هڪ بي روايت موجب هي عربن جو قبيلو آهي. جن جو واسطو بنو حارث بن مالڪ ۽ بنو عدوان سان آهي. پنهنجن قبيلن مان خارج ٿيڻ ڪري کين "خلج" چيو ويو.

خلق زئي: هڪ پناڻ قبيلو.

خليل: هي غوريہ پناڻن مان پٽ آهن.

خُوجياٹي: ڪڙلاٽي پناڻن جو هڪ تمن. هي خوجيان ابن ڪڪو (ڪڪئي) جو اولاد آهن.

خيشي: هڪ پناڻ قبيلو.

(د)

داتيا: امرتسر کان آيل لباڻن جي هڪ ذات.

داد پوتڑا: (دائود پوتڑا): پنجاب ۾ رهندڙ هڪ جٽ قبيلو.

دادُو: کرلن جو هڪ قبيلو.

داگر: هڪ جٽ قبيلو.

داگي (داغي): شڪارين جي هڪ ذات.

دانگرا: هڪ جٽ قبيلو.

داوري: وزيرستان کان آيل هڪ پناڻ قبيلو.

داوي: غور غشت پناڻن جي هڪ ذات. هي دائئي جي پٽ داوئي جو اولاد آهن. ناگهر، ڪاڪڙ ۽ پڙني هنن جا عزيز ٿين (پاڙا).

دائود: جٽن ۾ پٽ آهن.

دائود پوتا: هنن جو مفصل احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. وڌيڪ لکجي ٿو تہ ڪتابي حوالن موجب دائود جي پيڙهيءَ مان هڪ شخص جو نالو "محمّد" هو. جنهن کي ٽي پٽ فيروز، عارب ۽ ايسب هئا. جيڪي وڏي پاڳ وارا ٿيا. جن مان سندن اولاد پاڻ کي "دائود پوتا" سڏايو. عارب (عرب) جو اولاد ارباني (عرباني) سڏجڻ لڳو. جنهن جا وري پنج پاڙا: پمپراٹي، جمراٹي، رُڪناٹي (رڪراٹي)، رحماٹي ۽ موساٹي وجود ۾ آيا.

اِيسب جو اولاد اِسباڻي ۽ حسباڻي سڏجڻ لڳو. فيروز جو اولاد فيروز جاني ۽ پير جاني جي اوڙڪ سان مشهور ٿيو. انهن پاڻ کان سواءِ چندراڻي، رونجها، زورايا، ڪراڻي، نوهاڻي ۽ شاماڻي (شماني) به دائود پوٽا نسل جا دعويدار آهن.

دائول: هڪ جٽ قبيلو.

دب (دِب): هڪ جٽ قبيلو.

دبيراهه: ڪمبواهن جو هڪ قبيلو.

دچي: پٺين جو هڪ پال.

ددرا: پٺي راجپوتن جو هڪ قبيلو.

ددوال: راجپوتن جي هڪ ذات. هي ڪانگڙا جي راجا، راجا دادا جو اولاد آهن.

دُراهه: دوگرن جي هڪ ذات.

دَرگ: ملتان ۾ ويندل جٽن جو هڪ قبيلو. هنن جو چوڻ آهي ته اسان اصل ۾ سنڌ ڪيچ مڪران جا آهيون. پنهنجي نالي اڳيان "جام" لکن ٿا.

درگهه: هڪ جٽ قبيلو.

دِرمان: لگياڻي افغانن جي هڪ شاخ.

درول (درولي): راجپوتن جي هڪ ذات. هي ميان ڪيلال ڪلهور جي سورهين راجا سنگر چند جي اولاد مان آهن.

درويش خيل: وزيري پناٽن جي اتمان زئي ۽ احمد زئي پناٽن جي هڪ شاخ. هي موسيٰ درويش جو اولاد آهن.

دُسنج: هندو جٽن جي هڪ ذات. سرويا جٽ کي پنج پٽ، سانگهل، ملهي، ڏنڏسا، ڍلو ۽ دُسنج هئا. دُسنج جو اولاد "دسنج جٽ" آهن.

دشتي: ڪتابن ۾ آهي ته هي ميرچاڪر خان رند جا خدمتگار هئا. دشت واري علائقي جي نسبت سان "دشتي" سڏجڻ لڳا.

دڦراٽا: هڪ جٽ قبيلو.

دَلاٽي: ملتان ۾ رهندڙ جٽن ۾ پڙ هڪ پاڙو.

دلو (ڍلو): جٽن جي هڪ ذات.

دُلهت (دولٽ): راءِ ڪنڌ جي نسل مان جٽن جي هڪ ذات.

دَمڑ: جٽن جو هڪ تمن، هي چون ٿا تہ اسان اصل ۾ سنڌ جي لاڙ جا "جت" آهيون، ان ڪري لاڙ ۾ جام بہ سڏجون ٿا. هن وقت ملتان ۾ ساهيوال ۾ رهندڙ آهن.

دندن: راجپوتن جي هڪ ذات.

دندیال (دندیوال): چوهاڻ جٽن جو هڪ قبيلو.

دندورا: روايتن ۾ آهي تہ هي اصل ۾ سوريہ بنسي ڪُل مان سنڌ جا "جت" آهن. سندن مورث اعليٰ رانجهو جت هو. سنڌ مان لڏي سيالڪوٽ پرسان وينا ۾ پاڻ کي "جٽ" سڏايائون.

دوتاني: وزيري پناڻن جو هڪ تمن.

دَود: حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ "دود" چندربنسي ڪُل مان راجپوت ۾ جٽ آهن.

دودان: هڪ عرب قبيلو جيڪو بنو اسد ۾ بنو ڪلاب بن ربيعہ ۾ آهي.

دودي: هڪ جٽ قبيلو.

دوس: يمني عربن جو هڪ اهم قبيلو هي دوس بن عدثان جو اولاد آهي، جذيمہ بن مالڪ بن فهم بن غنم بن دوس پاڻ کي وڏي جي نسبت سان "دوس" سڏايو. هن قبيلي جون خاص ڳالهيون آهن:

1. حضرت ابو هريره (زهران) اصحاب رسول ﷺ هن قبيلي مان هو.
2. جذيمہ بن مالڪ "زبا" جو عاشق هن قبيلي مان هو. (جزيمة الابرش)
3. ابو حمزه خارجي هن قبيلي مان هو.
4. باني علم عروض، خليل بن احمد هن قبيلي مان هو.
5. ماهر قيافہ شناس بنو لهب بن عامر هن قبيلي مان هو.
6. بنو غطاريف، بنو يشكر، بنو جهاز م، بنو هناءَة، بنو عقبيهہ، بنو يحمد هن قبيلي مان ڦٽل آهن.

دول (دئلي): عرب سرزمين جو هڪ قبيلو جيڪو پڻ عرب جي ٻين قبيلن ۾ موجود آهي: 1. بنو حنيفہ بن بڪر بن وائل (بنو حنيفہ) 2. بنو ڪنانہ 3. بنو عبدالقيس، 4. بنو ضبيعہ مشهور شخص ابو الاسد دئلي، بنو ڪنانہ مان هو.

دولا: آرائين ۾ ڪرلن جو هڪ پاڙو.

دولت: جٽن جي هڪ ذات.

دومرا (دومڑا): جٽن جي هڪ ذات.

دُون: جٽن جي هڪ ذات.

دوئا: آرائين جو هڪ پاڙو.

دَها: راجپوتن ۾ جٽن جي هڪ ذات.

دَهان: هڪ جٽ ذات.

دَهبا: جنجوعہ راجپوت نسل مان جٽن جي هڪ ذات. هي اڪبر بادشاهہ جي خدمتگار "کوجا" نالي ۽ خص جو اولاد آهن. جنهن کي اڪبر بادشاهہ خدمت جي سلي ۾ هڪ گهوڙو (سرمئي دهب) ڏنو هو. جنهن نسبت سان "دهبا" سڏجن ٿا.

دَهقان: ايراني تاجڪن جي هڪ ذات.

دَهوکا: هڪ جٽ ذات.

دَهيا: جٽن جي هڪ ذات. هي مانڪ راءِ چوهاڻ راجپوت جي جٽڙ زال "ڏنڪور" جو اولاد آهن.

دئل: هڪ عرب قبيلو جيڪو بنو عبد مناة بن ڪنانہ مان ڦٽل آهي. صحابي عمروبن اميہ ضمري (بنو ضمره)، حضرت ابوذر غفاري (بنو غفار) ۽ ابو نوفل بن ابي عقرب عريجي (بنو عديج) دئل قبيلي جون شاخون آهن.

ديسي: هڪ جٽ قبيلو.

ديو آنيا: هڪ جٽ قبيلو.

ديوار: هندن جي هڪ ذات.

ديوالا: جٽن جي هڪ ذات.

ديول: جٽن جي هڪ ذات.

ديهو: ڪمبواهن جي هڪ ذات.

(ڈ)

ڈاڙيوال (ڈاريوال): وڏيڪ لکجي ٿو تہ اڪبر بادشاهہ پٽي راجپوت جٽن مان سردار مهر منا جي ڏيءَ سان شادي ڪئي هئي. اڪبر بادشاهہ هن کي ڪانگڙا ۾ جهيز طور هڪ سو ايڪڙ زمين ڏني.

ڈانڈ: جٽن ۾ پڙ هڪ پاڙو.

ڈُڈ: هڪ جٽ قبيلو.

ڈُڈا: آرائين ۽ سيالن جي هڪ ذات.

ڈُڈي (ڈڈيال): هڪ جٽ قبيلو.

ڈَر (دهر): هڪ جٽ قبيلو.

ڏَڙوڪا: گور برهمڻن جي هڪ پست ذات.

ڏُسا: گيند کترين جي هڪ ذات.

ڏُکر: مهتمن جو هڪ پاڙو.

ڏکو (ڏکا): راجپوتن ۽ جٽن جي هڪ ذات.

ڏکوچي: برهمڻن جي هڪ پست ذات.

ڏلان: هڪ جٽ قبيلو.

ڏُلر: هڪ جٽ قبيلو.

ڏُلو: راجپوتن جي هڪ ذات.

ڏلون: جٽن جي هڪ ذات.

ڏُلي: هڪ جٽ ذات.

ڏمرا: هڪ جٽ قبيلو.

ڏنجون: مسلمان ۽ هندو آرائين ۽ ڪمبواهن جو هڪ قبيلو.

ڏِندسا: هڪ جٽ قبيلو.

ڏنڌاڻي: چوڏري قبيلي جي هڪ شاخ.

ڏنڊ: هڪ غير معروف ۽ غير مسلم قبيلو اندروال هنن جو خاص پاڙو آهي.

ڏنڙي: هڪ جٽ قبيلو.

ڏنوئا: هڪ جٽ قبيلو.

ڏٽرائي: هڪ ڏوگر قبيلو.

ڏوٽ: ڪمبواهن جي هڪ ذات.

ڏوڏنڌا: هي جٽن مان آهن.

ڏوري: جٽن جُو هڪ گوت.

ڏَول: جٽن جو هڪ پاڙو.

ڏُونا: هڪ راجپوت ذات.

ڏونچڪ: جٽن جي هڪ مرڪزي شاخ.

ڏونڍ: کترين جي هڪ ذات.

ڈیڈ: ملتان ۾ رهندڙ جٹن جي هڪ ذات.

ڈیر: سورج بنسي ڪل مان جٹن جي هڪ ذات

ڈیسي: جاٹن (جٹن) جي هڪ ذات.

ڈِیلا: هڪ جٹ قبيلو.

ڈینڈیا: برهمڻن جو هڪ گروهه.

(ڈ)

ڈنگراج: هي سهڻن جا قريب نظر اچن ٿا.

ڈَھـَـرَ: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. وڌيڪ لکجي ٿو تہ ڈهر ميرپور ماٹيلي جي راجا "راجا راوڻ" جو اولاد آهن. سندن چگي مڙس، سيد جلال شاهه جي اثر هيٹ اسلام قبول ڪيو. جنهن سندس نالو "امير الڈهر" (شاهه زمان) رکيو.

ڈَھریجا: جٹن جي هڪ ذات.

ڈیریجا: ملتان ۾ رهندڙ هڪ جٹ قبيلو.

ڈیور: ملتان ۾ رهندڙ هڪ جٹ قبيلو.

(ڈ)

ڈال: هڪ جٹ قبيلو.

ڈانور: هڪ جٹ قبيلو.

ڈائیر: هڪ جٹ قبيلچو.

ڈرامني (ڈرامٹي): انڍڻن جو هڪ پاڙو.

ڈروگي: انڍڻن جو هڪ پاڙو.

ڈِسپال: هڪ جٹ قبيلو.

ڈنڈي: ملتان ۾ رهندڙ هڪ جٹ ذات.

ڈنگ: آرائين ۾ پڙ هڪ پاڙو.

ڈِنگرِک: ڳئن چارڻ وارن مسلمانن جي هڪ ذات.

(ڊ)

ڊاسي: هڪ جت قبيلو.

ڊَڪو (ڊڪا): هڪ جت قبيلو.

ڊنگ: هڪ جت قبيلو.

ڊنگا: آرائين جو هڪ پاڙو.

ڊيال: گوجرن جو هڪ قبيلچو.

ڊيڊڙ: گوجرن جو هڪ قبيلچو.

(ذ)

ذڪوان: هڪ عرب قبيلو. هي بنو سليم شاخ مان آهن.

ذلي خيل: پٺاڻن جو هڪ ڪيڙ.

ذهل: عرب سرزمين جوهڪ قبيلو. جيڪو ڪيترن ئي خاندانن ۾ موجود آهي:

1. ذهل بن مالڪ (بنو ضبه)
2. ذهل بن ثعلبه (بنو عڪاب)
3. ذهل بن شيبان (بنو شيبان)
4. شقره ۽ هلال قبيلا ذهل جو حصو آهن.

(ر)

راڻ: جي معني آهي ظالم، غضب ناڪ ۽ وحشي. جٽن، گوجرن ۽ ڏوگرن جو هڪ ظالماڻو لقب. ليڪن پنوار راجپوتن ۾ هڪ قبيلي جو نالو "راڻ" آهي.

راجر: هڪ مسلمان ذات.

راجڙ: جٽن ۾ پڙ آهن.

راڪ: ملتان پرسان رهندڙ هڪ مسلمان ذات

رامان: آرائين جي هڪ ذات.

راندا: هڪ جت قبيلچو.

رانگڙ: وڏيڪ لکجي ٿو ته هندن مان مسلمان ٿيڻ تي هندن کين پنهنجي راج مان نيڪالي ڏيئي کين

چوٽي ڪٽ (رانگڙ) جو لقب (طعنو) ڏنو. ان بعد هي "رانگڙ" سڏجڻ لڳا.

راڻا (رانا): اوائل ۾ راڻو لقب طور استعمال ٿيندو هو بعد ۾ ذات طور رائج ٿي ويو.

راوت: جٽن ۾ پڙ آهن.

راول: اي ڊي ميڪليگن ۽ ايڇ اي روز جي لکڻي موجب هندو جوگين مان مسلمان ٿيڻ تي کين ذات جا "راول" چون ٿا.

راها (راهو): ڪنتين جي هڪ ذات. هنن کي "ڪُران" ب چوان ٿا.

راهل: جٽن جي هڪ ذات. روايتن ۾ آهي ته هڪ جٽ عورت وات ويندي پٽ جڻيو هو جنهن جو نالو راهل رکيو ويو ۽ ان جو اولاد "راهل" سڏجي ٿو.

راهي: امرتسر کان آيل آرائين جو هڪ قبيلچو.

راءَ (ران — رانءِ — رائے): جٽن ۽ سيالن جو هڪ قبيلچو.

رائين: جٽن جي هڪ ذات.

ربانا: جٽن جي هڪ ذات.

ربيعہ: هن نالي سان عربن ۾ ٽي قبيلا آهن:

1. ربيعة الڪبري، جنهن کي ربيعة الجوع ب چون ٿا. هن قبيلي جو واسطو ربيعہ بن مالڪ بن زيدمناة سان آهي
2. ربيعة الوسطي، جنهن جو واسطو ربيعہ بن حنظلہ بن مالڪ بن زيد مناة سان آهي.
3. ربيعة الصغري، جو ربيعہ بن مالڪ بن حنظلہ آهي. انهن ٽنهي قبيلن مان هر هڪ هڪ ٻئي جا چاچا آهن.

رتا: ملتان ۾ رهندڙ جٽ قبيلي جو پڙ هڪ پاڙو.

رتن پال: ڪمبواهن جو هڪ قبيلو.

رٽيا: هڪ جٽ قبيلچو.

رٽال: ڏومنا هندن جي هڪ ذات.

رپال: ڏوگرن جي هڪ ذات.

رجاديڪا: ڪرلن جي هڪ ذات.

رجوا: جٽن سان واسطو رکندڙ هڪ کيڙ.

رجواڻا: هڪ جٽ قبيلو.

رحمانڪي: هڪ ڪرل قبيلو.

رحميڪي: هڪ ڪرل قبيلو.

رِد: ملتان ۾ شجاع آباد ۾ رهندڙ هڪ جٽ قبيلو.

رَڏَ: ملتان ۾ رهندڙ هڪ جٽ قبيلو.

رُڪَ: ملتان ۾ رهندڙ پٺ هڪ جٽ قبيلو.

رڪوال: راجپوتن جي هڪ ذات. هي راجا رام چندر سان واسطو رکندڙ آهن.

رڪيا: ملتان ۾ رهندڙ جٽن جو هڪ پاڙو.

رگيال: راجپوتن جي هڪ ذات.

رگھ بنسي: راجپوتن جي هڪ ڪُل. هي راجا راگھو جي نسل مان آهن.

رماڻا: هڪ جٽ ذات.

رمبا: آرائين جو هڪ پاڙو.

رمن: آرائين جو هڪ پاڙو.

رنڌاوا: روايتن ۾ آهي تہ هڪ رنڌاوي راجپوت جٽن مان سنگھر جٽ جي ڌيءَ "سوهاگ" سان شادي ڪئي، جنهن سبب سندس اولاد "جٽ" سڏجڻ لڳو.

رن سِنھا: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

رنگي: هڪ جٽ ذات.

رنيرا: هڪ ڪرل قبيلو.

رواس: هڪ عرب قبيلو. مشهور حديث جو راوي وڪيج بن جراح هن ڪيڙ مان هو.

رواڪي (رواڪي): هڪ جٽ قبيلو.

رواڻي: ملتان ۾ رهندڙ جٽن ۾ پٺ هڪ پاڙو.

روٽ: جٽن جي هڪ ذات.

روپال: آرائين جي هڪ ذات.

رودي: آرائين جي هڪ ذات.

رَوَلَ: گوجر راجپوتن جي هڪ ذات. روايتن ۾ آهي تہ ڏُنڏپال راجپوت، گوجر خاندان مان "گوڪر" نالي عورت سان شادي ڪئي. سندس اولاد پاڻ کي "رول" سڏايو.

رونگا: هڪ جٽ ذات.

رونگڙ: هڪ جٽ ذات.

روهڙا: هندن جي هڪ ذات.

رهاڙ (رهان): هڪ جٽ قبيلو.

رهباري: ڪتاب "ذاتون ڪا انسائيڪلوپيڈيا" موجب رهباري هندو شتربانن (جٽ) ۽ هندو شڪارين جي ذات آهي.

رَهُو: ڪنڌين جو هڪ قبيلچو.

رهولا: هڪ جٽ قبيلو.

رياح: هڪ عرب قبيلو.

ريار: جٽن جي هڪ ذات.

رياڙ: جٽن جي هڪ ذات.

ريماڙ (ريمان): هڪ جٽ قبيلو.

ريـيا: حوالن ۾ آهي تہ هي پنهنجو نسب مهر ولي سان ملائين ٿا.

(ز)

زابدي: سيد خاندان جو هڪ پاڙو.

زرڪن: ڪاڪڙ پٺاڻن جو هڪ پاڙو.

زمري: هڪ پٺاڻ قبيلو.

زنجاڻي (زنجاني): سيد خاندان جو هڪ پاڙو.

زهره (بنو زهره): هڪ عرب قبيلو. زهره، ڪلاب جي زال هئي. سندس پٽ پاڙ کي ماءُ جي نسبت سان منسوب ڪيو ۽ زهره بن ڪلاب سڏجڻ لڳو. هي پاڙ سڳورن ﷺ جو مامو هو.

زيمُشت: پٺاڻن جو هڪ قبيلو.

(س)

ساجناڻي: انڊڙن جو پڙ هڪ پاڙو.

سادیڪي: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

ساعده: هڪ عرب قبيلو. هي بنو خزرج شاخ مان آهن. مشهور صحابي حضرت سعد بن عباده هن قبيلي مان هو. (انصاري).

سامِل: پٽين جو هڪ پاڙو.

سامه: هڪ عرب قبيلو عبادبن. منصور ناجي هن ڪيڙ مان هو. جنهن کي منصور (ابو جعفر) بصره جو قاضي مقرر ڪيو هو.

ساندا: ڏلو جٽن جي هڪ ذات.

ساندي: راجپوتن ۾ جٽن جو هڪ قبيلو. هي ساندا راجپوت جو اولاد آهن. ساندا هڪ جٽڻ عورت سان شادي ڪئي. ان ڪري سندس اولاد "جَٽَ" بہ سڏجي ٿو.

ساندیا: آرائين ۾ ڪمبواهن جي هڪ ذات.

سانگرا: جٽن جي هڪ ذات.

سانگي: جٽن ۾ پٽ هڪ پاڙو. امرتسر ۽ ملتان ۾ رهندڙ.

سانگهي: ديري غازي خان جي سانگهڙ تعلقي ۾ رهندڙ هڪ جٽ قبيلو.

سانگهيرا: هڪ جٽ قبيلو.

ساني: هڪ جٽ قبيلو.

ساولا: آرائين جو هڪ پاڙو.

ساهنسي: هڪ جٽ قبيلو.

ساهون: هڪ جٽ قبيلو.

ساهي: جٽن ۽ ڪرلن ۾ پٽ آهن.

سبراهي: هڪ جٽ قبيلو.

سبروال: ڪترين جي هڪ ذات.

سِبيا: جٽن جو هڪ پاڙو. روايتن ۾ آهي تہ هڪ جٽ عورت وفات ڪئي. ان جي لاش کي ساڙڻ لاءِ آندو ويو. ان وقت هن کي هڪ پٽ جائو جنهن جو نالو "سبيا" رکيو ويو ۽ ان جي اولاد پاڻ کي ذات جا "سبيا" سڏايو. هندڪي زبان ۾ لاش ساڙڻ واري هنڌ کي "سِبا" چون ٿا.

سبيع: عربي نسل همدان قبيلي جي هڪ شاخ. ابو اسحاق سبيعي هن قبيلي جو چگو مڙس. حضرت عثمان جي خلافت دوران تولد ٿيو هو. 95 سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين.

سترداري: سيد خاندان جو هڪ پاڙو.

ستريف: هڪ عرب قبيلو. هي بنو تميم مان آهن. حضرت حنظله الكاتب بن ربيعه بن صيفي هن ڪيڙ مان هو.

ستواهن: جٽن جي هڪ ذات.

سَتار: جٽن جي هڪ ذات.

سُتار: آرائين جي هڪ ذات.

سُتند: آرائين ۾ ڪمبواهن جو هڪ پاڙو.

سپرائي: ڏوگرن جو هڪ پاڙو.

سجرا: جٽن جو هڪ قبيلو.

سحبان (وائل): هڪ عرب قبيلو. وائل بن معز بن اعصر. هڪ مشهور شاعر. هن قبيلي مان هو. هن جي پٽ جو نالو "عجلان" هو.

سدوس: هڪ عرب قبيلو. هي ربيعه شاخ مان سدوس بن شيبان جو اولاد آهن. بنو تميم مان پڻ سدوس بن دارم جو اولاد "سدوس" سڏجن ٿا.

سڌاٽا: جٽن جو هڪ قبيلو.

سَڌرا: مسلمان جٽن جو هڪ ڪيڙ.

سِڌو (برار): پٽي راجپوتن مان هڪ جٽ قبيلو.

سِڌووانا: هڪ جٽ قبيلو.

سُرا: هڪ جٽ قبيلو.

سراجاٽي: شاهاٽي بلوچن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

سُرائي: هڪ پناڻ قبيلو.

سرگاٽا (سرگانا): هڪ جٽ قبيلو.

سرلا: هڪ جٽ قبيلو.

سَرواني: پناڻن ۾ پڻ آهن.

سرواڙ: پنجاب ۾ هنن کي "اونٽ بان" چون ٿا.

سروت: هڪ جٽ قبيلو.

سرورڪي: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

سروها: راجپوتن ۾ گهتوال جٽن جو هڪ قبيلو.

سروي: هڪ جٽ قبيلو.

سرهاري: مهتم قبيلي جو هڪ پاڙو.

سرهاني: مهتم قبيلي جو هڪ پاڙو.

سريسر: آرائين جي هڪ ذات.

سعد: عربن جو هڪ قبيلو جيڪو بنو ذبيان ۽ بنو عجل ۾ موجود آهي. حضرت محمد ڪريم ﷺ جن جو رضاعي قرابت دار بنو سعد بن بڪر هن خاندان مان هو.

سڪرا: هڪ جٽ قبيلو.

سُڪيرا: تنوار راجپوتن جي هڪ شاخ. روايتن ۾ آهي ته هڪ ٽري پال نالي راجپوت هڪ پوئتي پيل ذات جي جٽني عورت کي پڃائي ان سان شادي ڪئي. هن کي ان مان هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو "سُڪا" رکيائين. سندس اولاد پاڻ کي "سُڪيرا" سڏايو.

سگل: هڪ جٽ قبيلو.

سگلا: هڪ مسلمان جٽ قبيلو.

سَگي (سَگا): مسلمان جٽن جو هڪ قبيلو.

سِگهه: هڪ جٽ قبيلو.

سلوترا: هڪ جٽ قبيلو.

سلُوٽي: برهمڻن جي هڪ شاخ.

سلونا: آرائين جي هڪ ذات.

سلهوريا: راجپوتن جي هڪ شاخ. جيواڻا هنن مان آهن.

سِليڪا: هڪ جٽ قبيلو.

سُليم: هڪ عرب قبيلو. جيڪو قيس عيلان ۽ يمن جي قبيلي بنو جذام سان واسطو رکي ٿو.

سُمبل (سُنبل): نيازي پناڻن جي هڪ شاخ.

سمدراني (سمدراڻي): هڪ جٽ ذات.

سُمرا: هندن ۾ پٽ آهن.

سمراٹي: هڪ جٽ ذات.

سُمري: آرائين جو هڪ پاڙو.

سمن: هندو ڪمبواهن جي هڪ ذات.

سمند خيل: پناٽن جو هڪ تمن.

سمور: هڪ جٽ ذات.

سميچا (سميجا): ملتان ۾ رهندڙ هڪ جٽ قبيلو.

سميڪي (سَمه): ڪرلن جو هڪ قبيلو.

سَن: جٽن جي هڪ ذات. تعلقي ڪوٽڙيءَ وارو "سن" شهر به شايد سَن جٽن جو ٻڌايل هجي. سن جي آسپاس ڪافي جَٽ رهن ٿا. سن لڳ رهندڙ شالماٽي پڻ خود جَٽ (جٽ) آهن.

سُنبل (سمبل): نيازي پناٽن جي هڪ شاخ.

سنيل: ساهيوال ۾ رهندڙ جٽن ۾ پڻ آهن.

سنجراٹي: احوال گذريل صفحن ۾ ڏنل آهي. وڌيڪ لکجي ٿو ته ٽر ۾ هڪ راهمونءَ (سمات) سان ملاقات ٿي. جنهن ٻڌايو ته اسان "سنجراٹي" پاڙي مان آهيون.

سَندا: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. هتي لکجي ٿو ته "سندا" ڏلو جٽن مان آهن. ڪتاب "ذاتون ڪا انسائيڪلوپيڈيا" ص 263 موجب "سندا" ملتان ۾ رهندڙ جٽن (جٽ) مان آهن. جيڪي اڪبر بادشاهه جي دؤر ۾ راوي نديءَ جي ڪناري تي آباد هئا. سندن ذڪر "آئين اڪبريءَ" ۾ پڻ ڏنل آهي. "سندن" جي بدي ڪيڙ جو نالو "شاهه باسي" آهي.

تعلقي سيوهڻ جي ڳوٺ ٽندو شهبازيءَ ۾ "سَندن" جا ڪجهه گهر آهن. جن مان مولوي محمد علي، سرائي ڏٽي بخش ۽ راقم الحروف جو استاد، محمد اسماعيل سندو نهايت مشهور هئا. هن وقت هي پاڻ کي "سيال" سڏائين ٿا. سيال پڻ "جٽ" آهن. سندن ڳوٺ جو نالو سندن ڪيڙ پنيان شاهباسي آهي. جو بگڙجي شهبازي ٿيو آهي.

سندرال: هڪ جٽ قبيلو.

سُندرانا (سندراٹا): مسلمان ۽ هندو جٽن جي هڪ ذات.

سَندري: هڪ جٽ قبيلو.

سَنديلا: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. هتي لکجي ٿو ته ملتان پرسان وٻڻ جٽن ۽ "بلوچن ۾ پڻ "سنديلا" آهن. جيڪي شاهجهان جي دؤر ۾ دهليءَ کان آيل آهن. سنديلا ذات (قبيلو) مان ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

هڪ وڏو مفڪر، مصنف، اسڪالر، محقق، اديب، سگهڙ ۽ تعليمدان ٿي گذريو آهي، جنهن سان راقم الحروف جي ڪئين دفعا ملاقات ٿيل هئي.

سُنڌر: هڪ جٽ قبيلو.

سُنڌل: هڪ جٽ قبيلو.

سِنڌو: سندن ذڪر جٽن طور پڻ ملي ٿو.

سِنڌي: هڪ قوم جو نالو. هي حضرت سام جي اولاد مان سنڌ جا رهواسي آهن. آرائين ۽ هندو ڪمبواهن ۾ پڻ هڪ پاڙي طور سڃاتا وڃن ٿا.

سنسرال: راجپوتن جي هڪ ذات.

سنسيال: راجپوتن جي هڪ ذات.

سنگا: راجپوتن جي هڪ ذات.

سنگاهه: راجپوتن جي هڪ ذات.

سنگوڪي: مسلمان جٽن جي هڪ ذات.

سنگيرا: هڪ جٽ قبيلچو.

سنگهووال: راجپوتن جي هڪ ذات. هي ڪلهور جي راجا، راجا سنگر چند جي پٽ لکي چند جو اولاد آهن.

سنگهي: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي، هتي لکجي ٿو ته روايتن ۾ آهي ته "سنگهي" ڏلو جٽن (هندن) ۾ پڻ آهن.

سواگ: ڪوڪرن جو هڪ قبيلچو. هنن جي وڏي جو نالو "سگهوهه" هو. جنهن کي ميراٽي بلوچن جي هڪ حاڪم، شينهن کي پاڪر پائڻ لاءِ چيو. هن پهلوان شينهن کي پاڪر پائي پنهنجي حشمت جو ثبوت ڏنو. حاڪم ڪيس "سنهه وگ" جو لقب ڏنو. يعني شينهن کي لغام ڏيڻ وارو. ان بعد سندس اولاد پاڻ کي "سَوَگَ" ۽ "سواگ" سڏايو.

سوترا: هڪ جٽ قبيلچو.

سوترڪ: هڪ جٽ قبيلچو.

سوٽنا: هڪ ڏوگر قبيلچو.

سُوٽر: هڪ ڏوگر قبيلچو.

سوجاني: هڪ جٽ قبيلچو.

سود: وڏيڪ لکجي ٿو ته هنن جا 52 گوت آهن. بيوه سان شادي ڪرڻ وارن کي "گولا" ۽ شادي نه ڪرڻ

وارن کي "کرا" چون ٿا.

سودا (هودا): جٹن جي هڪ ذات

سُوڈڑ: هڪ راجپوت قبيلچو.

سور: هڪ عرب قبيلچو حمران بن ابان بن عبد عمرو هن کيڙ مان هو. هي يهودي هو پر شادي عربن مان کيائين.

سورا: ملتان ۾ رهندڙ "سورا" جٹن مان آهن ۽ اُٺ پالين ٿا.

سوگل: هڪ جٹ قبيلچو.

سوگي: گوجرن جي هڪ ذات.

سولڪا: جٹن جي هڪ ذات.

سولگي: هڪ جٹ ذات.

سومڑ: ڏوگرن جي هڪ ذات.

سونال: هڪ جٹ ذات.

سُونبڑ: هڪ ڏوگر قبيلچو.

سونترا: هڪ مسلمان جٹ قبيلچو نالي اڳيان *رائے* (راءِ) لڳائين ٿا.

سوندي: جٹن ۽ کترين جو هڪ پاڙو.

سوني: کترين جو هڪ پاڙو.

سونيا: ساهيوال کان آيل مهتم برادريءَ جو پٽ هڪ پاڙو.

سوها: ملتان ۾ رهندڙ سوها پاڻ کي "جٹ" چوائين ٿا. ٽي سگهي ٽوٽ "سوها" ۽ "سوهو" هڪ ئي ذات جو لفظي بگاڙ هجي.

سوهل: جٹن ۾ پٽ آهن.

سوهلا: چوهاڻ راجپوتن مان هڪ جٹ قبيلچو.

سوهلن: راجپوتن جي هڪ ذات. جهلم درياءَ جي پرسان "سوهلن" ندييءَ تي رهڻ جي نسبت سان ذات جا "سوهلن" سڏجن ٿا.

سوهي (سوهو ـ سوها): راجا ڪنگ جي نسل مان جٹن (جٹ) جي هڪ ذات.

سويرا: جٹن جي هڪ ذات.

سهارڻ: جٽن ۾ پڻ آهن.

سهم: عرب سرزمين جي قريش قبيلي ۽ باهلہ قبيلي جو هڪ قبيلچو هي عربن جي مشهور شاخ "اسلم" مان آهن.

سهنسر (سينسر): پٽي راجپوتن جي هڪ ذات.

سهوتا: جٽن جي هڪ ذات. هنن جو خاص ڌنڌو گهوڙا پالڻ آهي.

سهوڪا: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

سِهول: ملتان کان آيل هڪ جٽ قبيلچو. "سَهول" ۽ سِهول هڪ ئي ذات جو نالو آهي.

سيار: اصل ۾ سنڌ جا جٽ آهن. لڏي وڃي ڪروڙ لعل عيسيٰ (پنجاب) ۾ وينا ۽ پاڻ کي "جٽ" ۽ "گلابان" چورايائون.

سِيان: چندربنسي ڪُل مان سرهند جي راجا "سيان" راجپوت جو اولاد "جٽ" آهن. ويس ۽ گنيس پڻ هن جو اولاد آهن.

سياهہ آف: هڪ ٻئي حوالي موجب بلوچن جا ڪجهہ قبيلا "سياهہ آف – سياهاف" وادئ ۾ سڪونت اختيار ڪري پاڻ کي "سياهہ آف / سياهہ هاف" سڏائڻ لڳا.

سيئي (سيتي): هڪ جٽ قبيلچو.

سيپي: پورهيتن جي هڪ گهٽ ذات.

سہ : هڪ گوجر قبيلچو.

سِيرا: هڪ ٻئي حوالي موجب هي "جٽ" آهن.

سِيرائي: هڪ ٻئي حوالي موجب "سيرائي"، پٽي راجپوتن جو هڪ قبيلچو آهي. پٽي قبيلي جي هڪ مشهور پهلوان جو نالو "سيرائي" هو جنهن پنيان سندس اولاد پاڻ کي ذات جا "سيرائي" سڏايو. سيرائي پنهنجي ڪيڙ سميت اچي حافظ آباد ۾ ويٺو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ سيرائيءَ جا جيڪي پاڙا لکيا آهن، اهي جٽن ۽ جٽن (سرائي) جا آهن. جڏهن تہ "سرائي" ۽ "سيرائي" جدا جدا ڪيڙن سان واسطو رکندڙ آهن. سيرائي، پٽي راجپوت آهن ۽ سرائي جٽن جي مفهوم کي ظاهر ڪن ٿا. ان ڪري بنهي ذاتين ۽ لفظي ٽڪراءَ ۾ تميز ڪرڻ ضروري آهي.

سيڪڙ: هڪ جٽ قبيلچو.

سِيڪُو (سَيڪا): جٽ راجپوتن جو هڪ قبيلچو سندن وڏي جو نالو "سيڪُو" هو جنهن جا پڙ پوتا همبو پرٿو ۽ چهر هئا. جن پاڻ کي ذات جا "سيڪو" سڏايو. هي مالوه کان گوجرانواله ۽ اتان سنڌ ۾ داخل ٿيا.

سيگر: هڪ جٽ قبيلچو.

سيگراھ: هڪ جٽ قبيلچو.

سيما (سيمي): هڪ جٽ قبيلچو.

سين: راجپوتن جو هڪ قبيلو. هي راجا لکن سين راجپوت شهزادي جو اولاد آهن. منهاس قبيلي ۾ پنهنجون ڏيئرون ڏين ٿا.

سينان: ڳوٺ سينان جي نسبت سان منسوب هڪ قبيلچو. فضل بن موسيٰ سيناني هن قبيلچي مان هو.

سيني: آرائين ۾ پڙ آهن.

سيواري: هڪ جٽ قبيلچو.

سيوني: کترين جي هڪ ذات.

سيها: جٽن جي هڪ ذات.

سيهي: جٽن جي هڪ ذات.

(ش)

شاميا: ڪمبواهن جي هڪ ذات.

شاهه باسي: هڪ جٽ قبيلچو.

شاهه دولتانا: سيد خاندان جو هڪ پاڙو

شاهيا: گوجرن جو هڪ قبيلچو.

شبيان: هڪ عرب قبيلو. هن قبيلي جو مورث اعليٰ شبيب بن يزيد بن نعيم هو. جيڪو شبيب خارجي جي نالي سان مشهور هو.

شجرا: ملتان ۾ رهندڙ هڪ جٽ قبيلچو. شجاع آباد سندن مرڪز آهي. پٽ فقيرن ۾ هڪ پاڙو. هنن کي اهم ذاتين جا شجرا برزبان ياد هوندا هئا، جنهن نسبت سان پاڻ به "شجرا" سڏجڻ لڳا.

شجنه: بنو صبيعه جي هڪ شاخ. مشهور فقيه خارجه بن مصعب هن کيڙ مان هو. سندس والد مصعب حضرت علي رضه جن سان ساڻ ۾ رهندو هو.

شداخ: هڪ عرب قبيلچو. سندن قبيلچي جو نالو "کنانه" آهي. عيسيٰ بن يزيد (ابن داب) بن بکر بن داب سندن مشهور شخص هو.

شداڻي: هندن جي هڪ ذات جو نالو.

شعبي: هڪ عرب قبيلو. حمير قبيلي مان ڪن (حسان بن عمرو حميري) عربن يمن ۾ "شعب" جبل ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ پاڻ کي قبيلي طور ان سان منسوب ڪري "شعبي" سڏايائون. عامر بن شرجيل جبل بن عبدالله شعبي منجهانئن نهايت مشهور هو. ان خاندان مان ڪوفي ۾ رهندڙ "شعبيون"، مصر ۽ مغرب وارن "اشعبون"، شام وارن "شعبانيون" ۽ يمن وارن "آل ذي شعبين" سڏايو.

شقره: هڪ عرب قبيلو هي بنوضبه ۽ بنو تميم جو حصو آهن.

شلولي: هڪ جٽ قبيلچو.

شموزئي: هڪ جٽ قبيلچو.

شنڪي: پناڻن جو هڪ قبيلچو.

شوگوترا: جٽن جو هڪ پاڙو.

شون دل (شوندل): هڪ غير مسلم قبيلچو.

شوال: افغاني پناڻن جو هڪ قبيلچو.

شيخ سِملاڻي: سيد خاندان جو هڪ پاڙو.

شيدائي: انڊڻن جو هڪ پاڙو. هي عيسيٰ بن علي شير جي اولاد مان آهن.

شيرڪي (شيرڪا): ڪرلن جو هڪ پاڙو.

شيرو آنا: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

شيوران: هڪ جٽ قبيلچو.

(ص)

صباح (بنو صباح): هڪ عرب قبيلو هنن جو واسطو بنو ذهل سان آهي. هي ضرار بن عمرو جو اولاد آهن، جنهن کي تيرهن پٽ هئا.

صخر: هڪ عرب قبيلو. هنن جو مورث اعليٰ صخر بن نهشل هو. هن ڪيڙ مان خازم بن خزيمه، نهشلي، خراسان ۽ عمان جو گورنر هو. ان جو پٽ خزيمه پڻ گورنر ٿيو هو.

صعصعه: هڪ عرب قبيلو. مسعود بن ڪدام هن ڪيڙ مان هو.

صمداني (صمداڻي): چوڌري قبيلچي (ملڪ) جو هڪ پاڙو.

صنايح: حمير قبيلي جي هڪ شاخ. مشهور موالي عبدالرحمان بن عسيله صنا يحي هن شاخ مان هو.

صوحان: عبدالقيس قبيلي مان هڪ شخص جو نالو صوحان هو. هن کي ٽي پٽ زيد، صعصعه ۽ سيحان

هئا. جن پيءُ جي نسبت سان پاڻ کي "صوحان" سڏايو. (عرب قبيلو). هي ٽيئي پائر، جنگ جمل ۾ حضرت علي رضہ سان گڏ هئا.

(ض)

ضبه: هڪ عرب قبيلو. مشهور اصحاب حديث محمد بن فضيل بن غزوان هن کيڙ مان هو.

ضبيعہ: عرب سرزمين جو هڪ قبيلو جيڪو بين قبيلن ۾ موجود آهي. 1. بنو ضبہ 2 بنو عجل 3. قيس بن ثعلبہ اعشي شاعر جو تعلق قيس بن ثعلبہ قبيلي سان هو.

ضرار: هڪ عرب قبيلو. هي ضرار بن عمرو جو اولاد آهن. جن جو واسطو "ضبه" شاخ سان آهي.

ضمره: هڪ عرب قبيلچو. جيڪو بنو ضمره جي نالي سان ڪنانہ قبيلي ۽ قشير قبيلي ۾ موجود آهي.

(ط)

طالباڻي: بجورا (بجورا) ذات جو پڙ هڪ پاڙو.

طاهر خيل: پناڻن جو هڪ قبيلچو.

طئي (بنو طئي): يمني عربن جو هڪ قبيلو. طئي بن ادو بن زيد بن ڪهلان جو اولاد آهن. طئيءَ مان قتل شاخن جا نالا بنو بنهان بن عمرو، بنو ثعل بن عمرو آهن. حاتم طائيءَ جو واسطو هن قبيلي سان هو.

(ع)

عابد خيل: احمد زئي پناڻن جو هڪ قبيلو.

عامر: هڪ عرب قبيلو. هي قريشي آهن.

عاداڻي (عاداڻي): انديڙن جو هڪ پاڙو.

عامله (بنو عامله): يمني عربن جو هڪ قبيلو. هي عامله بن سبا ۽ عامله قاسط بن وائل جو اولاد آهن.

عبدالقيس: عرب سرزمين تي وسيل هڪ عرب قبيلو. هن جي هڪ مشهور شاخ جو نالو "الشني" هو. جنهن مان رياب الشني ۽ بحيري راهب نهايت مشهور هئا.

عبس بغيض): هڪ عرب قبيلو. خالد بن سنان بن غيث هن قبيلي مان هو. جنهن جي ڏيءُ حضرت محمد ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ پيش ٿي تہ ان وقت پاڻ سڳورا سورة اخلاص تلاوت ڪري رهيا هئا. چوڪريءَ چيو تہ منهنجو والد بہ اها پڙهندو رهندو هو.

عجلان: هڪ عرب قبيلو. هي قضاعہ شاخ مان آهن. حضرت عاصم بن عدي عجلاني هن کيڙ جو مشهور

سخص هو.

عدي: عرب سرزمين جو هڪ قبيلو جيڪو ڪيترن ئي خاندانن مان آهي:

1. عدي بن ڪعب. حضرت عمر فاروق رضہ جو واسطو هن خاندان سان هو (قريش شاخ)
2. عدي بن عبد مناة. ذوالرمہ شاعر جو واسطو هن خاندان سان هو. (رباب شاخ)
3. بنو فزاره
4. بنو حنيفہ

عدراٹي: انڊين جو هڪ پاڙو.

عربي: آرائين ۾ جٽن جو هڪ ملسمان قبيلچو. ملتان، ساهيوال ۽ بهاولپور (احمد پور) ۾ سندن ڪافي ڳوٺ آهن.

عرشاٹي: عمراٹي رندن جو هڪ پاڙو.

عصر: هڪ عرب قبيلو. حضرت الشبح العبدي هن خاندان مان هو. جنهن نبي ڪريم جن سان ملاقات ڪري اسلام قبول ڪيو.

علياٹي (الياٹي): لغاري بلوچن جو پٽ هڪ پاڙو.

علي خاناٹي: سيالن ۾ پٽ هڪ پاڙو. هن ذات پنيان سيوهڙ تعلقي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو "علي خاناٹا" آهي، جنهن ۾ سيال رهن ٿا.

علي خيل: اورڪزئي پناٹن ۾ پٽ هڪ پاڙو.

عمار: هڪ عرب قبيلو. ايوب سختياني (ايوب بن ابي تميمه) هن قبيلي مان هو. جنهن حضرت انس بن مالڪ رضہ اصحاب رسول ﷺ جن کي روبرو ڏٺو هو.

عمرزئي: بنون کان آيل وزيري پناٹن جي احمد زئي شاخ مان هڪ قبيلچو. هنن جا خاص پاڙا آهن. 1. بوزا 2. تپيُ ۽ 3 سيد

عنبر: هڪ عرب قبيلو. عباد بن ڪسيب هن قبيلي مان هو. جيڪو شعرن جي معنيٰ ٻڌائڻ ۾ معلومات جو عالم هو.

عنزه: هڪ عرب قبيلو طلق بن حبيب هن ڪيڙ مان هو. جنهن کي حجاج قيد ڪيو هو.

عوف: هڪ عرب قبيلو. هي قيس عيلان شاخ مان آهن. بغداد جو مشهور قاضي العوفي هن خاندان مان هو. هن جو نالو حسن بن حسن بن عطبي بن سعد هو.

عوقه: هڪ عرب قبيلو. هي عبدالقيس شاخ مان آهن. ابو نضره (منذر بن مالڪ) منجهائر. هو. هن جي

جنازہ نماز حسن بصري پڑھائي هئي.

عيسيٰ خيل: نيازي پناٽن جو پٽ هڪ پاڙو.

(غ)

غافق: حمير قبيلي جي هڪ شاخ. مشهور موالي عبدالله بن زربر غافقي هن شاخ مان هو.

غزلاڻي: پناٽن جو هڪ قبيلچو.

غسان: يمني عربن جو هڪ قبيلو. هي مازن بن ازد بن غوث جو اولاد آهن. غسان هڪ چشمي جو نالو آهي. هي ان سان منسوب قبيلو آهي. بادشاهن جو گهراڻو بنو جفنہ (آل عنقاء) آل محرق، تنوخ، ڪعب ۽ مازن هن قبيلي مان آهن. چوٿي آهي تہ مازن، غسان ارباب ملوڪ آهن. حمير ارباب عرب آهن. ڪنده (ڪندة الملوڪ) بادشاهہ آهن. مذحج (مذحج الطعان) تيري ۽ نيزه بازيءَ جا ماهر آهن. همدان شهہ سوار آهن ۽ ازد شير مردان آهن. شام ملڪ ۾ سڀ کان پهرين آباد ٿيندڙ عرب شخص "سلح" غسان قبيلي مان هو. هن قبيلي مان نعمان بن عمرو بن مالڪ حڪمران هو.

غطفان: هڪ عرب قبيلو. هن قبيلي مان عيينہ بن حصن بن حذيفہ بن بدر بن عمرو، نبي ڪريم ﷺ جي حضور ۾ داخل ٿي مسلمان ٿيو ۽ ڪيس مؤلفة القلوب چوندا هئا، پاڻ سڳورا سندن دلجوئي ڪندا هئا.

غني: هڪ عرب قبيلو. حضرت حمزه بن عبدالمطلب جو همعصر ۽ گهاٽو دوست حضرت ابو مرثد الغنوي (ڪناز بن حصين) هن قبيلي مان هو.

غور گشت: پناٽن جو هڪ قبيلو. هي قيس عبدالرشيد جي پٽ اسماعيل عرف غورگشت، پناٽ جو اولاد آهن.

غوريا (غورياخيل): غوري پناٽن جي هڪ شاخ. مهمند، خليل، دائود زئي، چمڪني ۽ زيراني هنن ۾ شامل آهن.

(ف)

فاروقا (فاروڪا): هڪ مسلمان ذات.

فتاڻي: عمراڻي رندن جو هڪ پاڙو.

فتيانا: سيالن جي هڪ مرڪزي شاخ.

فراهيد: هڪ عرب قبيلو. خليل بن احمد، علم عروض جو باني ۽ ماهر هن شاخ مان هو. ابن هاني هن جو قابل ۽ لائق شاگرد هو.

فزاره: هڪ عرب قبيلو. بغداد جو رهواسي ۽ مشهور شخص شبابہ بن سوار الفزاري هن قبيلي مان هو.

فهم: هڪ عرب قبيلو. حضرت عمر رضہ جو ڏاڏو نفيل هن خاندان مان پرٽيل هو.

فيروزڪي: ڪرلن جي هڪ ذات.

(ق)

قارلوُغ (قارلُوق): هڪ ترڪ قبيلو.

قاضي شيخ راهو: هڪ جت قبيلچو.

قانون گا: لفظي معنيٰ آهي. قانون جي شرح ڪرڻ وارا. هي اصل ۾ مهاجن هندو هئا. هنن جو وڏو راءِ مل ولد هيدي مل مغل بادشاهن وٽ قانوندان هو. مغلن جي اثر هيٺ پنهنجي ڪيڏ سميت مسلمان ٿيو. سندس پٽ طيب مغلن جو وزير ٿيو. هن ڪيڏ جا ماڻهو سڄي برصغير ۾ پکڙجي ويا ۽ پاڻ کي ذات جا "قانون گا" سڏائڻ لڳا.

قائم خاني: هي چوهاڻ راجپوتن مان قائم خان جو اولاد آهن. قائم خان اسلام قبول ڪيو هو. هن جو احوال اڳ ۾ ڏنل آهي.

قثير: هڪ عرب قبيلو.

قحطان: يمني عربن جو هڪ وڏو قبيلو. جنهن مان ٻيا ڪيترائي قبيلا وجود ۾ آيا آهن. وڌيڪ احوال لاءِ "اوس ۽ خزرج جو شجرو ۽ احوال پڙهڻ گهرجي.

قرن (بنو قرن – ازد): يمني عربن جو هڪ قبيلو. هي قرن بن مالڪ بن زيد بن ڪهلان جو اولاد آهن.

قريظه: عرب ۾ رهندڙ هڪ يهودي قبيلو.

قصنانا: هڪ ڪرل قبيلچو.

قضاعه: هڪ عرب قبيلو. هي يمني عرب آهن. جيڪي قضاعہ بن مالڪ بن حمير بن سبا جو اولاد آهن. تبابعہ قبيلچو هن شاخ مان آهي.

قلهاري: هڪ جت قبيلچو.

قندرا: انڊين جو هڪ پاڙو.

(ڪ)

ڪابيا: هڪ عرب قبيلو. قطري بن فجاة خارجي هن قبيلي مان هو. جنهن کي حجاج جي سپهہ سالار سفيان قتل ڪيو هو.

ڪاتِلَ: سورج بنسي ڪُل مان راجپوتن جي هڪ شاخ. هنن جو باني راجا ڪريب هو. جيڪو محمود

غزنويءَ جي سامهون ٿيو هو. اورنگزيب جي اتر هيٺ مسلمان ٻيا.

ڪاديان: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪاڪرا: هڪ برهمڻ خاندان.

ڪاڪڙ: آرائين ۾ پڻ آهن.

ڪاڪڙي: آرائين جو هڪ پاڙو.

ڪالِرا: پنجاب ۾ جٽ سڏجن ٿا ۽ سنڌ ۾ ڪين جٽ چون ٿا.

ڪالسن: گوجرن جو هڪ قبيلچو.

ڪالسيا: ڪمبواهن جو هڪ پاڙو.

ڪالون (ڪاهلون): هڪ جٽ قبيلچو.

ڪالهير (ڪالِير): هڪ جٽ قبيلچو.

ڪاليروٽ: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪاليڪا: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪاليئر: پاٽي پٽ کان آيل هڪ راجپوت ڪيڙ.

ڪامه،ن: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪانچي: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪانڊا: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪانوري: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪانوين: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪاهل: هڪ عرب قبيلو. هي اسد قبيلي مان آهن. سليمان بن مهران هن ڪيڙ مان هو. جنهن حضرت حسين رضہ جي شهادت ڏني هئي.

ڪائٿ: برهمڻن جي هڪ ذات.

ڪبيرواھ: هڪ ذات جو قبيلچو.

ڪتايا: ست ڪٽڻ جي نسبت سان ذات جا "ڪتايا" سڏجن ٿا. سنڌ ۾ ڪين "ڪاتر" ۽ "ڪاتيار" چون ٿا.

ڪتپال: پکي وارن جي هڪ ذات.

ڪترا: ملتان ۾ رهندڙ هڪ جٽ قبيلچي جو پڻ پاڙو.

ڪتوال: هڪ ڏوگر قبيلچو.

ڪتور: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪٽانيا (ڪٽانيي): هڪ گوجر قبيلچو.

ڪُٽرالو: پٽين جي هڪ شاخ. هي راجا پونيءَ جي پٽ "ڪُٽرال" جو اولاد راجپوت آهن.

ڪٽورا: آرائين جو هڪ پاڙو.

ڪُٽ: جٽن جو هڪ پاڙو.

ڪٽاريا (ڪٽاريي): گوجرن جو هڪ پاڙو.

ڪُٽاريا: جٽن جو هڪ پاڙو.

ڪٽال (ڪاٽل): راجپوتن جي هڪ شاخ.

ڪنوج: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. سندن خاص پاڙا آهن: 1. جِسوال 2. گوليريا 3. دووال ۽ 4. سِپايا.

ڪپاهي: ڪترين جي هڪ شاخ. هي ڪپهه جي ڪرت جي نسبت سان "ڪپاهي" سڏجن ٿا.

ڪپائي: جٽن جو هڪ پاڙو.

ڪجلا: هڪ خانه بدوش هندو قبيلچو.

ڪجلان: جٽن جي هڪ ذات. ڪجلان نالي هڪ چوهاڻ راجپوت هڪ جٽڻ بيوه سان شادي ڪئي هئي. جنهن جو اولاد "ڪجلان" جٽ سڏجڻ لڳو.

ڪُچوري: مهتم قبيلي جو هڪ پاڙو.

ڪچيرا: چوهاڻ راجپوتن جي هڪ ذات. هي مسلمان ۽ هندو آهن. ڪافور جي چوڻين ناهڻ وارن کي پڻ "ڪچيرا" چون ٿا.

ڪچيلا: ديري غازي خان کان آيل جٽن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

ڪڏر: هڪ مسلمان ذات.

ڪُڏڻ: هڪ مسلمان ذات.

ڪڏَڻَ: کوکرن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

ڪُرار: جٽن جو قبيلچو.

ڪراڙ: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. هتي لکجي ٿو ته: چوٽي آهي ته:

1. جَٽَ کي جهنگل ۾ ڪراڙ کي اُن جي دوڪان ۾ ۽ ملاح کي اُن جي ٻيڙيءَ ۾ تنگ: ڪجي.

2. ڪانئ ڪتي ۽ ڪراڙ تي پروسون نه ڪجي، جيترڀيٽ امي ننڊ ۾ ڏجن.

ڪِرال: اي. ڊي. ميڪليگن ۽ ايچ. اي. روز پڻ لکن ٿا تہ سيئو ٽيئو گهيئو ۽ ڪرئو راجا رسالو جي ملڪ (زال) جي بطن مان هڪ ڀهاريدار آشنا جا پٽ آهن. سيئو جو اولاد "سيال". ٽيئو جو اولاد "ٽوانا" ۽ گهيئو جو اولاد "گهيبو" ۽ ڪرئو جو اولاد "ڪرال" آهن. (ص 306)

ڪِرماني: سيد خاندان جو هڪ پاڙو.

ڪرناٽڪ: اوسوال پاپڙن جي هڪ ذات.

ڪرنول: مهتم خان جو هڪ پاڙو.

ڪرنيري: هڪ مسلمان قبيلچو.

ڪُرولا: هڪ مسلمان قبيلچو.

ڪُرونجڙا: سبزي فروشن جي هڪ ذات.

ڪرهالا: جٽن جو هڪ پاڙو.

ڪريلا: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

ڪڙلاني (ڪيراني): پناڻن جو هڪ قبيلچو. تفصيل لاءِ "ڪيراني" ڏسڻ گهرجي.

ڪُسَرَ: راجپوتن جي هڪ ذات.

ڪڪُواڻا: جٽن ۽ ڪنبرن جي هڪ ذات.

ڪُلا: رندن ۾ پڻ آهن.

ڪِلا: سورج بنسي راجپوتن مان هڪ جٽ قبيلچو.

ڪلارب: عرب سرزمين جو هڪ قبيلو. جيڪو بن خاندانن مان آهي. 1. ڪلاب بن مره (قريش) 2. ڪلاب بن ربيعه بن عامر بن عصعه (قيس).

ڪلاسرا: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪِلال: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪلب: هڪ عرب قبيلو. علم الانساب جو ماهر ابن ڪلبي (محمد) هن قبيلي مان هو.

ڪلتيرا: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

ڪلچي (قلچي): منج راجپوتن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

ڪلس: هڪ مسلمان قبيلچو.

ڪلسن: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪُلو: جٽن ۾ پڙ آهن.

ڪليا: راجپوتن، ڪرلن ۽ اعوائن ۾ پڙ آهن.

ڪلير: راجپوتن، جٽن ۽ آرائين جو هڪ پاڙو.

ڪماچي: خانہ بدوش گوين جي هڪ ذات.

ڪمبواه (ڪمبوه): احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. رهيل پاڙا هتي لکجن ٿا:

پٽي	چانهيا	رتن پال	ڪيڙا	نر
ٽوانا	چترٽ	ساندیا	گُهنگهرا	نندن
پانڊا	چداٽا	سمن	لُرا	نِيرَ
جج	چندئي	سِنڌي	لسن پال	وَرڪَ
جَنَ سَنَ	ديبراهہ	شاميا	مُتي	ونائڪ
جوڙيا	ديهر	ڪالسيا	مِروڪ	هنديا
جوسن	ڏنجون	ڪوري	مڙدڪ	-
چاڪ	ڏوٽ	ڪنديا	مومي	-

ڪمليا (ڪمبليا): جٽن جي هڪ ذات. ڪمبل ناهڙ جي نسبت سان "ڪمليا" (ڪمبليا) سڏجن ٿا.

ڪموڪي: هڪ جٽ قبيلو.

ڪميانا: آرائين جي هڪ ذات.

ڪميرا: جٽن جو هڪ پاڙو.

ڪنانا: هڪ عرب قبيلو. بنو ڪنانا ۽ بنو قيس عيلان سان فجار جي جنگ منسوب ٿيل آهي.

ڪندان: هڪ مسلمان قبيلچو.

ڪندرڪي: ڪرلن جو هڪ قبيلچو.

ڪنده: يمني عربن جو قبيلو. هن ڪنده بن ثور ۽ يزيد بن شور جو اولاد آهن.

ڪنڊوا: جٽن جو هڪ پاڙو.

ڪُنگ: سورج بنسي ڪُل مان هڪ جٽ قبيلچو. هي جوگرا بن ڪُنگ راجپوت جو اولاد آهن. جٽ عورت وارو اولاد "جٽ" سڏجن ٿا.

ڪنگرا: هڪ جٽ قبيلچو.

ڪنگيارا: تيلين جو هڪ گوت.

ڪنون: جٽن جي هڪ ذات.

ڪنون ڪور: جٽن جي هڪ ذات.

ڪنيران: جٽن جي هڪ ذات.

ڪواري: جٽن جي هڪ ذات.

ڪوتلا: هڪ مسلمان ذات.

ڪُوٽ: هڪ مسلمان ذات.

ڪوچ بند: جولاهن جي هڪ ذات. هي برش ناهين ٿا.

ڪوڏڙي: انڊڙن جو هڪ پاڙو.

ڪوڏڙ: هڪ جٽ ذات.

ڪورا: ڪرلن جي هڪ ذات.

ڪوري: ڪمبواهن جي هڪ ذات.

ڪُوري: جٽن جي هڪ ذات.

ڪوريانا: سيالن جي هڪ ذات.

ڪوريتانا: هڪ مسلمان ذات.

ڪُوريجا (ڪُوريجا): جٽن جي هڪ ذات.

ڪوڪ: مغلن ۾ پڻ آهن.

ڪوڪن (ڪوڪني): ميمڻن جو هڪ پاڙو.

ڪُوم: باهران آيل هڪ ذات.

ڪُولي: چون ٿا ته هي گوجرن مان آهن.

ڪوهاڙ: جٽن جي هڪ ذات.

ڪوهلي: جٽن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

ڪويرا: مسلمان جٽن جي هڪ ذات.

ڪهدر: جٽن جي هڪ ذات.

ڪهل: جٽن جي هڪ ذات.

کھلان: يمني عربن جو هڪ قبيلو. کھلان بن سبا جي پٽ جو نالو زبد هو. زيد جي پٽن جا نالا مالڪ ۽ ادو هئا. ادو کي به پٽ طئي ۽ غوث هئا, جن پاڻ کي کھلان سڏايو.

کيٹوال: راجپوتن جي هڪ شاخ.

کيجاھ: جٽن جي هڪ ذات.

کيجر: جٽن جي هڪ ذات.

کِيرا: جٽن جي هڪ ذات.

کيس: مسلمان جٽن جي هڪ ذات.

کيکڑ: سانسي هندن جي هڪ ذات.

کيلا (کيلي): جٽن جي هڪ ذات.

کيمل خيل: وزيري پناٽن جي احمد زئي شاخ جو هڪ پاڙو (هني خيل).

کيھل: مسلمان ملاحن ۽ ميربحرن جو هڪ خاندان بدوش قبيلو. هي ڪچون ۽ واڱون کائين ٿا. امام شافعي جا پيروڪار آهن.

(گ)

گاجا: ملتان ۾ رهندڙ هڪ جٽ ذات.

گادر: هڪ مسلمان ذات.

گادل: هڪ جٽ ذات.

گارا: هڪ جٽ ذات. حوالن موجب گارا هڪ رهزن ڦورو هو. هن پڇي قندار ۾ پناهه ورتي ۽ اتي هڪ جٽڻ سان شادي ڪيائين. سندس اولاد پيءُ جي نالي پٺيان پاڻ کي "گارا" سڏايو.

گاما: هڪ جٽ ذات.

گانداٹا: جٽن جي هڪ ذات.

گُبَ: جٽن جي هڪ ذات.

گبيرا: ڪرلن جي هڪ ذات.

گترا: هندو جٽن جي هڪ ذات.

گترائي: جٽن جي هڪ ذات.

کتوروائي: عمراٹي رندن جو هڪ پاڙو.

کتِيڪ: چمارن جي هڪ ذات.

کجڙ: چون ٿا ته هي "جٽ" آهن.

کجي: حوالن موجب هي "چمار" آهن.

کِچر: جٽن جي هڪ ذات.

کچي: هي کچي خان چوهاڻ جو اولاد آهن.

کِدرخيل: سين خيل گديزئي. الياس زئي ۽ بنيروال پٺاڻن جي هڪ شاخ.

کَرا: سود هندن جي هڪ ذات. سود هندو ٻيوه سان شادي نه ڪرڻ ڪري "کرا" سڏجن ٿا.

کُرا: مسلمان ۽ هندو جٽن جي هڪ ذات.

کَرَ: هي جون ٿا ته اسان کرلن مان آهيون ۽ اڪثر ڪري جَٽَ سمجهيا ويون ٿا. ڪهاوتن ۾ آهي ته کرل جٽن مان هڪ شخص جاٽي واٽي پنهنجو مال ڪمند جي فصل ۾ ڇڏيو. فصل جي مالڪ کي خبر پئي ته هن ان کرل شخص جي بيعزتي ڪئي. جنهن چيو ته مون ڪانگڙ سمجهي پيل ڪرائي آهي. فصل جي مالڪ کيس ڪاوڙ مان خَر (گڏهه) چيو. اهو لفظ هن کي ڏاڍو ڏکيو لڳو. سندس اولاد پاڻ کي خَر جي بجاءِ "کر" سڏايو.

کرل: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. هتي سندن رهيل پاڙا لکجن ٿا.

اکوڪي	جاليڪا	داڏو	سرورڪي	ڪليا	لوديڪا	ممير
الور	جبوڪا	دولا	سميڪي(سمه)	ڪندرڪي	مدوڪا	منگيرا
ايسڪي	جٽيانا	رجاديڪا	سهوڪا	ڪورا	مدهول	نورڪي
اينوڪي	جٽالا	رحمانڪي	شيرڪي	ڪبيرا	مِرڪي	نوهلڪي
بشيرا	جلوڪا	رحميڪي	شيروآنا	ڪوترا	مُسريرا	نهالڪي
بڪنيرا	چنديڪا	رن سِنها	فيروزڪي	گوگيرا	مسٽڪا	همندڪي
بهادرڪي	چاڪرڪي	رنيرا	صنانا	گهنيريا	مسوڪي	هيبوڪا
پوڪي	چريرا	ساديڪي	ڪريلا	لاهي	ملڪا	-
پُور	چمنا	ساهي	ڪلتيرا	لڪيرا	ممداٽا	-

کروالا: جٽن جي هڪ ذات.

کروپر: هڪ مسلمان ذات.

کرورا: هڪ جٽ قبيلو. ڪتابن ۾ آهي ته هڪ هندو جٽ مالدار هو. جنهن پاڻ کي چگو مڃس سڏايو. مسلمانن هن کي قتل ڪيو. سندس زال ڳوٺ ڇڏيو. واٽ تي سخت زمين (کهري) تي پٽ جڻيائين جيڪو "کرورا" جي نالي سان سڏجڻ لڳو. سندس اولاد پاڻ کي به "کرورا" سڏايو.

کروڪا: هڪ مسلمان ذات.

کريا: باجوه جٽن جي هڪ ذات. چون ٿا ته هي راجا شِلپ بجو جي پٽ ڪلس جو اولاد آهن.

کريالا: ميراثين جي هڪ ذات.

ککڙ: جٽن جو هڪ پاڙو (ڪک)

ککا: کترين جي هڪ ذات. هي خوبصورت آهن.

ککر: راجپوتن جي هڪ ذات.

کَل: جٽن جي هڪ ذات.

کِلاڻي: جٽن جي هڪ ذات.

کِلواهه: جٽن جي هڪ ذات.

کماڻ: جٽن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

کنجاڻ: جٽن جي هڪ ذات.

کُند: هي پنهنجو واسطو اعواڻن ۽ پناڻن سان ظاهر ڪن ٿا. هندڪو ۾ کند لفظ جي معنيٰ آهي "کنڊو" هنن جو مورث اعليٰ کنڊو هو. ان نسبت سان هي "کند" سڏجن ٿا.

کندويا: چوهاڻ راجپوتن جي هڪ شاخ.

کنڊ: هي اصل ۾ جٽ آهن.

کنڊيا: ڪمبواهن جي هڪ ذات

کوترا: کرلن جي هڪ ذات.

کوتريل: ڏونڏن جي هڪ ذات.

کود: هڪ مسلمان ذات.

کوريجا: هڪ جٽ قبيلچو.

کوڙ: جٽن ۾ پڻ آهن.

کوسر: هڪ جٽ قبيلچو.

کوسڪ: کوسن کي چون ٿا.

کهَا: ملاحن جو هڪ پاڙو.

کيپڙ: هڪ گوجر قبيلچو.

کَيرا: سورج بنسي ڪُل مان راجپوت جٽن جي هڪ ذات. هڪ سڏو جٽ جي ڏيءَ سان سندس سهرو سختيءَ سان پيش ايندو هو جنهن کي "کيرا" (کهرو) چيو ويو ۽ سندس اولاد "کيرا سڏجڻ لڳو.

کِيرا: چون ٿا ته هي باجوه جٽ آهن. جيڪي سن پال جي پٽ کير جو اولاد آهن. هجوآ، کيرا، گهمڻ، تتلي ۽ وَينس پاڻ ۾ قريب ٿين.

کَيڑا: اي. ڊي. ميڪليگن ۽ ايچ .اي. روزهنن کي ڪمبواهن مان جاڻايو آهي (ص 350)

کِيوا: راجپوتن جي هڪ ذات.

(گ)

گادي: هڪ بلوچ قبيلچو.

گار: پٺاڻن جو هڪ تمن.

گاري: ميراثين جي هڪ ذات.

گاڑا: هڪ مخلوط (گدا) ذات. چوڻ آهي ته: کيت ۾ جاڑا ـ گائون ۾ گاڑا.

گاگرا: مسلمان جٽن جي هڪ گهٽ ذات.

گال (گل): جٽن جي هڪ ذات.

گانگا: جٽن ۾ پڻ آهن.

گانوري: جٽن جو هڪ قبيلچو.

گبر(گبري ـ گوَري): پٺاڻن جي هڪ شاخ.

گبير: جٽن جي هڪ ذات.

گت: جٽن جي هڪ ذات.

گتب: جٽن جي هڪ ذات.

گُتڪا: پل جٽن جي هڪ ذات. گتڪا معني ڏوهه ڪندڙ.

گيل: جٽن جي هڪ ذات.

گُجرال: ڪي هنن کي "جَٽ" چون ٿا. هڪ حوالي موجب هڪ جٽ جي پٽ کي گوجر عورت ٽيج ڏارائي هئي، جنهن نسبت سان هي "گجرال" سڏجن ٿا.

گُدا: جٽن جو هڪ پاڙو.

گُدارا: جٽن ۾ پٽ هڪ پاڙو.

گدگور (گدگيري): هڪ جٽ ذات.

گدوارا: هڪ جٽ ذات.

گدون (جدون): پناٽن جي هڪ شاخ. محقق هن کي سنڌي جادوبنسي راجپوت نسل مان ڄاڻائين ٿا.

گڏيوڪ: مسلمانن ۾ هندن جي هڪ ذات.

گڏري: جٽن جي هڪ ذات.

گڏريا: رڍن پالڻ وارن کي "گڏريا" چون ٿا.

گُراها: راجپوت جٽن جو هڪ قبيلو. نواب غازي خان جا نوازيل هئا، جنهن کين زمين ڏني هئي ۽ پاڻ نواب کي پلو گهوڙو ڏنو هو.

گرايا: هي اصل ۾ هندو برهمڻ هئا، گهٽ ذات جي خدمت سبب کين برهمڻن نيڪالي ڏني، جن مان ڪافي مسلمان ٿيا.

گَربُز: وزيري پناٽن جي هڪ شاخ.

گُردلي: هڪ بلوچ قبيلچو.

گُرڪا (گرڪي): آرائين جي هڪ ذات.

گُرل وال: جٽن جو هڪ پاڙو.

گُرن: هندو جٽن جي هڪ ذات.

گُرنا (گرنو): آرائين جو هڪ پاڙو.

گِروانا (گَرواٽا): مسلمان جٽن جو هڪ قبيلچو. هنن جون ٽي شاخون، اتوَ جالپ ۽ ڪرير آهن.

گرهار: جٽن جو هڪ پاڙو.

گريوال: مسلمان جٽن ۾ هندن جي هڪ ذات.

گڙيٺا: آرائين جي هڪ ذات.

گزدار: جٽن جي هڪ ذات.

گزي: مسلمان جٹن جي هڪ ذات.

گگ: ڏوگرن ۾ پٽ آهن.

گگريل: اسلام قبول ڪندڙ نائين جي هڪ ذات.

گگي: ڏوگرن جي هڪ ذات.

گل باها: هڪ مسلمان ذات.

گلسن: گوجرن جي هڪ ذات. هي راڻا هرراءِ چوهاڻ جي گوجري زال مان آهن.

گل وترا: جٹن جي هڪ ذات.

گل هار: جٹن جي هڪ ذات.

گلهريا (گلهري): اروڙ هندو ڪترين جي هڪ ذات.

گمراٹي: هڪ پٺاڻ قبيلچو.

گنبڙا: انيڙن جو هڪ پاڙو. هي محمد بن انيڙ جي اولاد مان آهن.

گنج: هڪ جٹ قبيلچو.

گُنجيال: هڪ مسلمان ذات.

گنڈُو: هڪ جٹ ذات.

گُندیا: مسلمان جٹن جي هڪ ذات. هندن جهڙيون رسمون ڪن ٿا.

گَنگ: اعواٹن جو هڪ قبيلچو. اعواڻ هنن کي پاڻ مان تسليم ڪونہ ٿا ڪن.

گنگاراماٹي: هندن جي هڪ ذات.

گنگاناٹي: هندن جي هڪ ذات

گنگو: آرائين جي هڪ ذات.

گنوان: جٹن جي هڪ ذات.

گنوين: جٹن جي هڪ ذات.

گواريا (گوار): هندو خانہ بدوش فقيرن جي هڪ ذات. هي پٽرن جي ڪٽائيءَ جو ڪم ڪن ٿا.

گواسي: گوجرن جي هڪ ذات.

گوالا: اهيرن جي هڪ ذات. مسلمان ٿيل "گهوسي" سڏجن ٿا.

گوپارا: سورج بنسي راجپوتن مان هڪ جٹ قبيلچو. هي مِلو جو اولاد آهن.

گوپالڪ: هڪ جت قبيلچو.

گوج: هڪ جت قبيلچو.

گوجر: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. هتي رهيل پاڙا لکجن ٿا.

بجاڙ	ٽڪيڙا	جاڙ	چوڙي	شاهيا	گواسي	ملود
برگهت	ٽير	جنگالي	ڊيال	ڪالسن	گورسي	موتا
بُرپا	پناٽا	جنگل	ڊيڊڙ	ڪٽانيا	گوهڙ	مُوٽر
بهاڙ	پساريا	چاهڙ	راڻ	ڪٽاريا	گيگي	هڪڙا
پميا	پواڙ	چونيا	رَوَلَ	ڪُولي	گهتانا	-
پنرائي	پُور	چاپرا	سوگي	ڪيپڙ	لسپال	-
ٽُر	جاتلا	چالا	سير	گلسَن	ماهڙوال	-

گور: بلوچن ۾ جٽن ۾ پڙ آهن.

گوراتا: جٽن جي هڪ ذات.

گورائا: جٽن جي هڪ ذات.

گورجيا: هڪ زراعت پيشہ ذات.

گورسي: گوجرن جو هڪ قبيلچو.

گورواهہ: جٽن جي هڪ ذات.

گوري (گورا): جٽن جي هڪ ذات.

گوريا: جٽن، مغلن ۽ آرائين ۾ پڙ آهن.

گوڙواهہ: راجپوتن جي هڪ ذات. ٻيوه سان شادي ڪرڻ سبب ڏڪاريل آهن.

گوسل: هڪ جٽ ذات.

گوڪا: مهتم قبيلي جو هڪ پاڙو.

گوگيرا: سيالن ۽ ڪرلن جو هڪ پاڙو.

گولا: احوال گذريل صفحن تي ڏنل آهي. وڌيڪ لکجي ٿو تہ سود هندن جي هڪ گوت جو نالو پڻ "گولا" آهي. هنن مان جيڪي ٻيوه سان شادي ڪن ٿا انهن جو اولاد ذات طور "گولا" سڏجن ٿا ۽ شادي نہ ڪندڙ "ڪرا" سڏجن ٿا.

گوليرا: اعواٽن جو هڪ پاڙو. هي قطب شاهہ جو اولاد آهن.

گوندال: چوهاڻ راجپوتن مان هڪ جٽ قبيلچو.

گونگاني (گونگاٽي): انڊڻ جو هڪ پاڙو.

گوهرا: ٿور راجپوتن مان هڪ جٽ قبيلچو.

گوهڙ: گوجرن ۾ پڙ آهن.

گيگي: گوجرن جو هڪ پاڙو.

گيلن: جٽن ۾ آرائين جي هڪ ذات.

گيندس: هڪ جٽ قبيلچو.

گيهلن: آرائين جي هڪ ذات.

(گھ)

گھانچي: ميمڙ ۾ ڪچي سڏجن ٿا.

گھتانا: گوجرُن جي هڪ ذات.

گھُٽا (گھُٽو): جٽن جي هڪ ذات.

گھٽ والا: گھٽ جي معنيٰ آهي بار ڪڍڻ. بار ڪڍندڙ لاڏائو جٽن جي هڪ ذات.

گھروال: راجا مل جي پٽ پير ڪالا جي اولاد مان هڪ راجپوت قبيلچو.

گھرها: هڪ مسلمان ذات.

گھُگ: جٽن جي هڪ ذات.

گھگھرا: جٽن جي هڪ ذات.

گھلو: احوال اڳ ۾ ڏنلُ آهي. هتي وڌيڪ وضاحت ڪجي ٿي ته "گھلو" جٽن ۾ پڙ آهن. هي مخدوم جهانيان جهان گشت جي تبليغ سان مسلمان ٿيا. هنن جي جَدِ امجد کي ست پٽ نپير، گھنون، ديپ، جهانيو، ڪُوريو، ڪانجو ۽ گنج هئا. جن مان ست پاڙا 1. هنپير پوترا 2. گھٽُون پوترا 3. دِيپال 4. جهانپو 5 ڪُوريا 6. ڪانجي ۽ 7 گنج وجود ۾ آيا.

گھلو ڪنجاتراھ: جٽن جو هڪ پاڙو.

گھلو واڪنا (گھلو واڪنون): جٽن جو هڪ پاڙو.

گھُمار: ڪنيرن کي چون ٿا.

گھُمان: جٽن جي هڪ ذات.

گھمن (گھمڻ): هي پاڻ ۾ ستاويهه پائر هئا، جن مان ڪافي جت سڏيا ويا. ڪيرا، حجوآ (جنجوا) تتلي، گھمن ۽ وينس پاڻ ۾ عزيز ٿين.

گھن گس: جٽن جي هڪ ذات. چون ٿا ته هڪ جٽ ڪنهن لوهار کان ڪهاڙو گھريو. جنهن ڪيس گھن (هٿوڑو) ڏنو. هن ان گھن کي گسائي ڪهاڙو ناهيو ۽ پاڻ "گھن گس" سڏجڻ لڳو. سندس اولاد پاڻ کي ذات جا "گھن گس" سڏايو.

گھُنگھرا: هندو ڪمبواهن جي هڪ ذات.

گھنيرا: هڪ مسلمان ذات.

گھنيريا: ڪرلن جي هڪ ذات.

گھوريا: سمن جو هڪ قبيلو. سندن اڳواڻ جام هالو بن جام ڏيسر هو.

گھوگھا: مهتم قبيلي جي هڪ شاخ.

گھووال: راجپوتن جي هڪ شاخ. هي ڪلهور جي راجا، راجا سنگر چند جي پٽ ميان سينڪي جو اولاد آهن.

گھيبا (گھيبا): راءِ شنڪر راجپوت (پنوار) جو اولاد آهن. هي ٽي پائر، سيئو ٽيئو ۽ گھيئو هئا، جن مان سيال، ٽوانا ۽ گھيبا آهن. هي جٽن ۾ شمار ٿين ٿا.

گھيلاڻي: ملاح ۽ مهاڻا آهن.

گھيئا: ڪترين جي هڪ ذات.

(ل)

لابر: جٽن جو هڪ پاڙو.

لار: جٽن جي هڪ ذات. هي سنڌ جا جَتَ آهن. لڏي وڃي پنجاب ۾ وينا. پاڻ کي جام سڏائين ٿا.

لاري: رنگريزن جي هڪ ذات.

لاريا: راجپوتن جو هڪ پاڙو.

لاڪا: جٽن ۾ پڻ آهن. پنجاب ۾ سندن وڏا ڳوٺ آهن.

لاکي: جٽن جو هڪ پاڙو.

لال بيگي: چوهڙن ۽ شڪارين جي هڪ ذات.

لالي: جٽن ۾ پڻ آهن.

لانگ: جٽن ۾ پڻ آهن.

لانگاهہ (لنگاہ): احوال گذريل صفحن تي ڏنل آهي. هتي وضاحت ڪجي ٿي تہ لانگاهہ راجپوت آهن. جيڪي راءِ ملهي / مالهيءَ جو اولاد آهن. ان ڪيڙ مان راءِ سهارا لانگاهہ وڏي نالي وارو هو. لانگاهہ پٽا ڏهر، نائچ ۽ شجراح ان مالهي / ملهيءَ جو اولاد آهن ۽ پاڻ ۾ پائر ٿين.

لاور: جٽن جي هڪ ذات.

لاويالو: آرائين جي هڪ ذات.

لاهر: جٽن جي هڪ ذات.

لاهِل: جٽن جي هڪ ذات.

لاهي: ڪرلن جي هڪ ذات.

لائي: هڪ عرب قبيلو حضرت سمره بن جندب هن ڪيڙ مان هو. هي احد جي جنگ ۾ شريڪ هو. حضرت زياد طرفان بصره جو حاڪم هو.

لپاٽا (لبانا): مهتمن ۾ پڙ هڪ پاڙو.

لَتَ: جٽن جي هڪ ذات.

لٽر: جٽن جي هڪ ذات. هي بيوه سان شادي ڪن ٿا.

لپيجا: جٽن جي هڪ ذات.

لخم (بنو لخم): يمني عربن جو هڪ وڏو قبيلو جن جو مورث اعليٰ لخم بن عدي بن عمرو بن سبا هو. لخم کي حوس ۽ غنم پٽ هئا، جن مان "ارشا"، "بنودار" (الداريون) ۽ "تميم الداري" قبيلا پيدا ٿيا.

لُدو: سورج بنسي ڪُل مان راجپوتن جي هڪ گهٽ ذات.

لُڏاٽا: جٽن ۽ سيالن جي هڪ ذات.

لُڏر: راجپوت نسل مان هڪ جٽ قبيلچو.

لُرا: ڪمبواهن جي هڪ ذات.

لُرڪا: هڪ جٽ قبيلچو.

لسپال: هڪ گوجر قبيلچو.

لسن پال: ڪمبواهن جو هڪ پاڙو.

لڪ: پنوار راجپوتن مان "جٽ" آهن.

لڪزئي: پناٽن جو هڪ تمن.

لکويرا: جٹن جي هڪ ذات.

لکن پال (لکڻ پال): راجپوتن جي هڪ شاخ.

لکيرا: ڪرلن جو هڪ پاڙو. سعادت يار خان پٽ مهابت خان هن ڪيڙ مان هو جنهن کي عالمگير مغل پنهنجي دربار ۾ اعليٰ عهدي تي مقرر ڪيو هو.

لکيڪا: هڪ مسلمان ذات.

لکيوال: پٽي جٹن (جاتو) جي هڪ ذات.

لِلا: مسلمان جٹن جو هڪ پاڙو. چون ٿا تہ هي اصل ۾ عرب آهن. هنن جو وڏو "حارث" عرب مان هجرت ڪري محمود غزنويءَ سان گڏجي برصغير ۾ آيو. انهن مان هڪ درويش صفت پيدا ٿيو. جنهن جو نالو "لِلا" هو. جنهن پٺيان هي ذات جا "لِلا" سڏجن ٿا.

للوتا: هڪ راجپوت ذات.

للوترا: بجو راجپوتن جي هڪ ڦري.

للي: گوردا سپور کان لڏي آيل مسلمان جٹن جي هڪ شاخ.

لليانا: هڪ مسلمان ذات.

لليرا: مسلمان جٹن جو هڪ ڪيڙ.

لُنا: هڪ جٹ قبيلچو.

لنگا: هڪ جٹ قبيلچو.

لنگانا (لنگاڻا): هڪ جٹ قبيلچو.

لنگرا: هڪ جٹ قبيلچو.

لنگڙيال: هي چون ٿا تہ اسان قريشي آهيون ۽ اسان جو هڪ حڪمران غياث الدين لنگڙيال، ڏٺي جو حاڪم هو. جيڪو محمد غُوريءَ جو همعصر هو.

لُنگهيرا: هڪ جٹ قبيلچو.

لوٹا: هڪ جٹ قبيلچو.

لودرا: سورج بنسي راجپوت نسل مان لودرا بن سُڪ رام ديو منهاس جو اولاد "جٹ" آهن. اورنگزيب عالمگير جي اثر هيٺ مسلمان ٿيا.

لودِيڪا (لوديڪي): ڪرلن جي هڪ ذات.

لوڏران: هڪ مسلمان ذات.

لُور: هڪ گوجر قبيلچو.

لوري ملاٽا: هڪ جٽ قبيلچو.

لولا: هڪ جٽ قبيلچو.

لولير ي: هڪ جٽ قبيلچو.

لوني: وڏيڪ لکجي ٿو تہ اي ڊي ميڪليگن ۽ ايڇ. اي .روز ڄاڻائين ٿا تہ "لُوني"، جٽ (جَٽَ) آهي، ٽي سگهي ٿو تہ ان سبب هي پاڻ کي پناڻن بجاءِ "سمات" چوائين ٿا.

لوهان: پُنوار راجپوت شاخ جي وڪرما جيت حسب مان هڪ "جٽ" قبيلچو.

لهرزئي: پني پناڻن جي هڪ شاخ.

ليث: هڪ عرب قبيلو. ابو حازم مدني هن ڪيڏ مان هو. جيڪو لنگڙو هو. گڏهہ تي چڙهي مسجد ۾ نماز پڙهڻ ايندو هو.

(م)

ماچي: تفصيل وار احوال گذريل صفحن تي ڏنل آهن. وڏيڪ لکجي ٿو تہ ڪتاب "ذاتون ڪا انسائيڪلوپيڊيا" ۾ لکيل آهي تہ پنجاب وارا ماچي پاڻ کي سلجوقي شاخ مان ڄاڻائين ٿا. امام حسين رضہ جو قاتل شِمر پڻ ماچي هو. هن خاندان مان موسيٰ خان ماچي نهايت مشهور هو. جنهن ضلعي جيڪب آباد ۾ "مسووال" جو بنياد رکيو هو. ماچين، شهنشاهہ شير شاهہ جي زماني ۾ خواص خان جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو. ماچين جا اوائلي پاڙا آهن. 1. جهينور 2. مانجهي 3. منجهير 4 تڪراٽي ۽ 5 اسلام شاهي (سليم شاهي).

مارز: هڪ راجپوت قبيلچو.

مازن: عرب سرزمين جي رهواسين جو هڪ قبيلو جيڪو هيٺين شاخن ۾ ورهايل موجود آهي. 1. بنو تيم. 2. بنو قيس عيلان۔ هن مازن قبيلي مان حضرت عتبہ بن غزوان هو. 3. بنو صعصعہ بن معاويہ 4. بنو شيبان.

مال: هڪ جٽ قبيلچو.

مالڪ (بنو مالڪ): يمني عربن جو هڪ قبيلو. مالڪ بن زيد بن ڪهلان جو اولاد آهن.

مالي: هڪ ٻئي حوالي موجب "مالي"، مالاڪار پٽ وِشوڪرم پٽ برهما جو اولاد آهن. وشوڪرم هڪ گوپ جي ڏيءَ "پرِيوتي" سان شادي ڪئي. جنهن مان ڪيس ڇهہ پٽ، مالاڪار، ڪرنڪار، سنکوڪار، ڪمبڪار، ڪنسڪار ۽ ڪبندڪار پيدا ٿيا، جن پاڻ کي مالي ۽ برهما سڏايو.

ماماڙئي: هڪ پناڻ قبيلچو.

مانَ: راجپوتن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

مانگ: جٽن ۾ پڻ هڪ پاڙو.

ماهرا: هڪ جٽ قبيلچو.

ماهڙوال: هڪ گوجر قبيلچو.

ماهل: هنن جو وڏو راجپوت هو. جٽن مان شادي ڪرڻ ڪري سندس اولاد پاڻ کي "جٽ" سڏايو.

ماهي: پنجاب ۾ جٽن طور سڃاتا وڃن ٿا.

متر: ڏوگرن ۾ پڻ آهن.

مَترو: هڪ راجپوت قبيلچو.

مِترو: پٽي جٽن جو هڪ پاڙو.

مُتي: ڪمبواهن جو هڪ پاڙو.

مِتيانا: ڪنتين جي هڪ شاخ.

مِٹي: ديري غازي خان ۾ رهندڙ هڪ مسلمان قبيلچو. شايد هي آرائين آهن.

مَٹَ: هڪ جٽ قبيلو.

مَٹُو: هڪ جٽ قبيلچو.

مِنا (مِٹا): چوبا برهمڻن جي هڪ شاخ.

مُجواٹا: سليريا راجپوتن جو هڪ قبيلچو.

مجهيانا: مسلمان جٽن جو هڪ قبيلچو.

مجهيوا: ڪنتين جي هڪ شاخ. هي راجا نريندر جي پاڻ ميان منو جو اولاد آهن.

محارب: قريشي قبيلي جي هڪ شاخ. هي عربن جي تن شاخن سان واسطو رکن.

1. محارب بن فهر بن مالڪ بن نضر. (قريش)
2. محارب بن خصفه (قيس عيلان)
3. محارب بن عمرو بن وديعه (عبدالقيس)

محداني (محمداٹي): انڊڙن جو هڪ پاڙو. هي محمد بن انڊڙ جو اولاد آهن.

مخزوم: هڪ عرب قبيلو. جعفر بن عون هن خاندان مان هو هي مشهور اصحاب حديث هو.

مدوکا (مدوڪي): ڪرلن جو هڪ پاڙو.

مِده (مده): آرائين جو هڪ پاڙو.

مدهول (مدهي): ڪرلن جو هڪ پاڙو.

مدِير: جٽن جي هڪ ذات.

مذ حج: يمني عربن جو هڪ قبيلو. هي مذحج بن يحابر بن مالڪ جو اولاد آهن. نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪندڙ اسود عنسي هن قبيلي مان هو.

مراد: هڪ عرب قبيلو. عبيده سلماني هن ڪيڙ مان هو. هن نبي ڪريم ﷺ جي وفات کان ٻه سال اڳ اسلام قبول ڪيائين.

مرالي: هڪ جٽ قبيلچو.

مرانا: آرائين جو هڪ قبيلچو.

مُرائي: جٽن جو هڪ پاڙو.

مرجاٹا: سيالن جي هڪ ذات.

مُرداٹا: بلوچن ۾ سيالن جو هڪ پاڙو.

مُرر (مرار): سوم بنسي راجپوتن جي هڪ شاخ.

مُرڪندا: هڪ جٽ قبيلچو.

مِرڪي: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

مُرکا: جٽن جو هڪ پاڙو.

مرل: چوهاڻ راجپوتن جي هڪ شاخ.

مِروڪ: هندو ڪمبواهن جي هڪ ذات.

مري: عبدالقيس قبيلي مان هڪ عرب قبيلچو. مشهور موالي، صالح ۾ نيڪ شخص صالح مري هن شاخ مان هو. بصره ۾ وفات ڪيائين. سندس اولاد پاڻ کي "مري" سڏائي ٿو. ڪجهه مري بلوچ هن سان پاڻ کي منسوب ڪن ٿا.

مريال: هڪ جٽ قبيلچو.

مرياٹا: هڪ جٽ قبيلچو.

مڙدڪ: ڪمبواهن جي هڪ ذات.

مڙل: راجپوتن جي هڪ ذات.

مڙهيل: نيازي پناڻن جو هڪ پاڙو. مڙهيل کي ست پائر هئا، جن پنيان پاڙن جا نالا پيا.

مزُو: هڪ راجپوت شاخ.

مزينه مضر: هڪ عرب قبيلو. هي اوس شاخ مان آهن. حضرت عمر رضہ طرفان فاتح "نهاوند" حضرت نعمان بن مقرن هن کيڙ جو بهادر شخص هو. حضرت بلال بن حارث بہ هن قبيلي مان هو.

مستيانا: آرائين جي هڪ ذات.

مُسريرا: کرلن جي هڪ ذات.

مَسَڻ: اي. ڊي. ميڪليگن ۽ ايچ. اي. روز لکن ٿا تہ "مَسَڻ". ملتان ۾ زراعت پيشہ "جٽ" (جَٽَ) آهن.

مسٽڪا: کرلن جي هڪ ذات.

مسواڙ: جٽن جي هڪ ذات.

مسوڪي: کرلن جو هڪ پاڙو.

مُسياڻي: خاڪوڪي قبيلي مان نيازي پناڻن جي هڪ شاخ (موسياني)

مُشاني: خاڪوڪي قبيلي مان نيازي پناڻن جي هڪ شاخ.

مُشواڻي (مشواني): وڏيڪ لکجي ٿو تہ محمد گيسو دراز کي چار پٽ هئا، جن مان هڪ پٽ جو نالو "مشوان" هو. جنهن هڪ ڪاکڙ پناڻ عورت سان شادي ڪئي، سندس اولاد "مشواني/ مشواني" سڏجي ٿو.

مضر: هڪ عرب قبيلو. هي اُٺ پالينڊا هئا. نبي ڪريم ﷺ جن هنن جي ڪن ماڻهن سان اُٺن بابت ملاقات ڪئي هئي.

معروفاني (معروفاڻي): انڊڙن جو هڪ پاڙو. هي خير محمد بن قادر ڏنو جو اولاد آهن.

مڪل: هي اڪثر ڪري لوهارڪو ڏنڏو ڪن ٿا. سندن چوڻ آهي تہ اسان جا وڏا پهرين صديءَ ۾ مڪي مڪرمہ کان هجرت ڪري اچي سنڌ ۾ وينا. مڪ پاڪ جي نسبت سان "مڪل" سڏجون ٿا.

مڪول: اي. ڊي. ميڪليگن ۽ ايچ. اي. روز پڻ کين جٽ (جت) لکن ٿا.

مڪوما: جٽن جي هڪ ذات.

مگسي: اي. ڊي. ميڪليگن ۽ ايچ. اي. روز کين جٽن مان لکن ٿا. جٽ (جت) پڻ جام (جام) جو لقب نالي اڳيان لڳائيندا آهن. جيڪي سنڌي (سمات) آهن. غالباً انهيءَ مغالطي جي ڪري عام ماڻهو کين غير

بلوچ سڏين ٿا. ياد رکڻ گهرجي ته "مگسي" بلوچ آهن نه ڪي سماٽ. البته "منگسي"، سماٽ آهن، جن محققن ۾ اجايا شڪ پيدا ڪيا آهن.

مگي: آرائين جي هڪ ذات.

مگيانا (مگهيانا): جٽن جي هڪ ذات.

مگهه: هڪ غيرمعروف ذات. سندن اصل وطن انبالي ۾ نارائڻ گڙهه آهي.

مگهيانا: جهنگ ضلعي ۾ سندن ذات پٽيان هڪ ڳوٺ جو نالو "مگهيانا" آهي.

مل: ساهيوال کان آيل هڪ راجپوت شاخ.

مُلاغوري: غوري پٺاڻن جي هڪ شاخ.

مَلان: جٽن جو هڪ قبيلچو. ساهيوال ۾ سندن وڏا ڳوٺ آهن.

مَلک: سروها راجپوت، جٽ ۽ گهتوال جٽ پاڻ کي قبيلي طور "ملک" چوائين ٿا.

ملکا: کرلن جو هڪ قبيلچو.

ملکيار: ترين پٺاڻن جي هڪ شاخ. هي تور ۽ اسپين جي پاءُ ملک يار جو اولاد آهن.

ملنهاس: اي. ڊي. ميڪليگن ۽ ايچ. اي. روز کين "جٽ" لکن ٿا. (ملتان).

ملني: هڪ آرائين قبيلچو.

مِلوترا: راجپوتن جي هڪ ذات.

ملود: گوجرن جي هڪ ذات.

ملها: جٽن جي هڪ ذات.

ملهي: سروها راجپوتن ۾ پڙ آهن.

ملي: جٽن ۾ پڙ آهن، جيڪي ستن گوتن ۾ ورهايل آهن.

ملیارا (ملیارُو): ڪنتين جي هڪ شاخ. هي راجا ڪاهن چند جي ٽئين پٽ تيغ جو اولاد آهن، جنهن هڪ هاريءَ جي ڏيءَ سان شادي ڪئي ۽ ان سبب کيس راجپوتن مان نيڪالي ڏني ويئي.

ممبر: ساهيوال ۾ رهندڙ هڪ بلوچ قبيلچو.

ممداڻا: کرلن جو هڪ گوت.

ممر: جٽن ۾ پڙ آهن.

ممرها (ممرائي): جٽن جي هڪ ذات.

ممند: پناڻن جو هڪ تمن.

ممیرا: ڪرلن جي هڪ ذات.

منجوٹا: جٹن جو هڪ قبيلچو. هي بلوچن سان گڏجي سنڌ ۾ داخل ٿيا هئا، ان ڪري بلوچن جهڙي زندگي بسر ڪن ٿا.

منجوٹ: جٹن جي هڪ ذات.

منداهار: عام چوٽي آهي ته سورج بنسي ڪل مان منداهار، قنداهار، شنڪروال ۽ پنهيار راجپوت، رام جي پٽ لاوا جو اولاد آهن.

مندل (مڑهيل): نيازي پناڻن جو هڪ پاڙو.

مندنر: ڊوگرن ۾ پڻ آهن.

مندو خيل: پناڻن جو هڪ قبيلچو. هي بندو بن اسماعيل عرف غورغشت جو اولاد آهن.

منڊ: جٹن ۽ اعواڻن جو هڪ قبيلچو.

منڊلوئي: انڊڙن جو هڪ پاڙو.

منڊڻ (منڊيي): آرائين جو هڪ قبيلچو.

منگٹ (مانگٹ): جٹن جي هڪ ذات.

منگلي: پناڻن جو هڪ قبيلچو. بنو چيءَ هنن کي بنوءَ مان نيڪالي ڏني هئي.

منگن: جٹن ۾ پڻ آهن.

منگئي: جٹن جي هڪ ذات.

منگيرا: ڪرلن جي هڪ ذات.

منماهر: جٹن جو هڪ پاڙو.

منن: آرائين جو هڪ قبيلچو.

منوالي: آرائين جو هڪ قبيلچو.

منيس (مانيس): پٹين ۽ وٹن سان واسطو رکندڙ جٹ راجپوتن جو هڪ پاڙو.

موتا (موتي): گوجرن جو هڪ پاڙو.

موٹا: جٹن جو هڪ پاڙو.

مُوٹر: گوجرن جو هڪ پاڙو.

موچاٹي: جٹن (جت) جو پٽ هڪ پاڙو. ياد رکڻ گهرجي تہ مير جت بہ جَتَ آهن.

مُوچڑ (موچر): جٹن جي هڪ ذات.

مور (موراري): اي. ڊي. ميڪليگن ۽ ايڇ .اي. روزهنن کي "جٹ" چاٹائين ٿا.

مورڙ: جٹن جي هڪ ذات.

موساخيل: نيازي پناٹن. پني پناٹن ۽ مهمند پناٹن جو پٽ هڪ قبيلچو.

مُولا: زبردستي مسلمان ڪيل جٹن جو هڪ پاڙو.

مومي: هندو ڪمبواهن جو هڪ پال.

مونٹ: جٹن جي هڪ ذات.

موندي: جٹن جو هڪ پاڙو.

مُوندِ: جٹن جو هڪ پاڙو.

مُوهر: جٹن ۽ ڊوگرن جو پٽ هڪ پاڙو.

مَوهل: جٹن ۾ پٽ آهن.

موهنا: آرائين جو هڪ قبيلچو.

مهابرهمڑ: برهمڻن جي هڪ ذات. هي ڪفن ۽ دفن جو ڪم ڪن ٿا.

مهاد: هڪ جٹ قبيلچو.

مهارا: هڪ جٹ قبيلچو.

مهتا: ڪترين جو پٽ هڪ پاڙو.

مِهتر: چوهڑن جي هڪ ذات.

مهتر ملهي: جٹن جي هڪ ذات.

مهتم: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. هتي سندن رهيل پاڙا لکجن ٿا:

اِڪوان	پرهر	سرهاني	ڪرنول	وروال
بُڪ	جهندا	سريسر	گوکا	وَلسري
بهروپيا (بهروپيا)	چوتا	سونيا	گهوگها	هلڑ
توتريا (توترا)	ڏکر	ڪُچوري	لباٹا	-

مهتون: راجپوتن جي هڪ ذات.

مهتيال: هڪ ذات جو نالو.

مهدا (مهدو): جٹن جي هڪ ذات.

مهراٹا: جٹن جي هڪ ذات.

مهلَوڪا: جٹن جي هڪ ذات.

مهن: ڏوگرن جي هڪ ذات.

مهني: سيالن ۾ ڏوگرن جو هڪ قبيلچو.

مهنِش (مهنيڪي): چڀهڙن جو هڪ پاڙو.

مهوتا: جٹن جي هڪ ذات. سندن وڏا عمر ڪوٽ مان لڏي وڃي ملتان وينا ۾ پاڻ کي "جَٹَ" سڏايائون.

مهي: هڪ جٹ ذات.

مهيار: نيازي پٺاڻن جي هڪ ذات.

مُهيال: برهمڻن جي هڪ شاخ.

مهيرا: جهينورن جي هڪ ذات / لقب.

مهيسر: اي. ڊي. ميڪليگن ۽ ايچ. اي. روز هنن کي "جٹن" مان لکيو آهي.

ميان: راجپوتن ۾ پڙهڻ آهن.

ميانگن: پٺاڻن جو هڪ قبيلچو.

مياني: پٺاڻن جو هڪ قبيلچو.

ميتلا: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. هتي وڌيڪ لکجي ٿو ته ميتلن جو جدا مجد هڪ راجپوت هو. جنهن هڪ جٹ عورت سان شادي ڪئي. سندس اولاد پاڻ کي "جٹ" (جت) سڏايو. هنن فيروز شاهه جي دور ۾ سيالڪوٽ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. جتان ملتان، جهنگ ۽ سنڌ ۾ داخل ٿيا.

ميچن خيل: سربنگ نيازي پٺاڻن جي هڪ شاخ. هي ميچن بن لودئي نيازيءَ جو اولاد آهن. مروتن جا قريب ٿين.

مِير: ملتان ۾ رهندڙ جٹن جي هڪ ذات.

مِيرانا: بلوچن جو هڪ قبيلچو.

مير ملها: جٹن جي هڪ ذات.

مِيري: جٹن ۾ پڙهڻ آهن.

ميگ: چمارن مان آهن.

ميگل: جٽن جو هڪ پاڙو.

ميگلا: جٽن جو هڪ پاڙو.

مِيون: هڪ هندو ذات.

(ن)

ناٽ: جوڳين جي هڪ ذات.

ناچنگ: جٽن جي هڪ ذات.

نارٽَ: هڪ جٽ قبيلچو.

نارما (ناروا): راجا ڪرن جي اولاد مان نارو خان جو اولاد راجپوت آهن. نارو خان اڪبر بادشاهہ جو همعصر هو.

ناڑا (ناڑيا): ميمڻن جو هڪ پاڙو (ڪراچي)

ناگري: جٽن جو پٽ هڪ پاڙو. هڪ روايت موجب هي راجپوت نسل مان هڪ جٽ عورت جو اولاد آهن. علاؤالدين غوريءَ جي دؤر ۾ مسلمان ٿيا ۽ دهليءَ کان لڏي اچي سيالڪوٽ ۾ وينا.

نانڊلا: جٽن جي هڪ ذات.

ناهَر: هي پاڙا آهن. ناهر جو مطلب آهي "شينهن"

نائچ (نچ – نئيچ): تفصيلوار احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. هتي وضاحت ڪجي ٿي تہ سنڌ کان ٻاهر هي جٽ جات ۽ جٽ سڏجن ٿا. هن وقت شاهپور، ملتان، بهاولپور ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ آباد آهن، جن مان بهاولپور وارن سيد جلال شاهہ جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو.

نَت: سورج بنسي ڪُل مان جٽن جو هڪ قبيلچو. هي جوگرا جي پٽ نَتَ جو اولاد آهن. نت راجپوت هڪ جٽڙ عورت سان شادي ڪئي، جنهن جي اولاد پاڙ کي ماءُ جي نسبت سان "جٽ" سڏايو.

نتري: هڪ جٽ قبيلچو.

نٽوڪا: هڪ مسلمان ذات.

نٽَ: بازيگرن جي هڪ ذات.

نجاري: سيد خاندان جو هڪ پاڙو.

نَجر (نِجر): جٽن جي هڪ ذات.

نخع: هڪ عرب قبيلو. هي بنو مذحج شاخ مان آهن. بغداد جو مشهور قاضي، حصن بن غياث بن طلق هن قبيلي مان هو.

ندهال: آرائين جي هڪ ذات.

نر: جٹن، آرائين ۾ ڪمبواهن جو هڪ پاڙو.

نرا: جٹن ۾ پڙ آهن.

نرڪٽ: پٺي راجپوتن جي هڪ ذات.

نزال: هڪ عرب قبيلو. هي تميم شاخ مان آهن.

نضير: عرب ۾ رهندڙ هڪ يهودي قبيلو.

نلوڪا: جٹن جي هڪ ذات.

نند: جٹن جي هڪ ذات.

نندن: ڪمبواهن جي هڪ ذات.

نندوانا: هڪ بلوچ قبيلو.

ننگلا (ننگلُو): راجپوتن جي هڪ شاخ. هي ڪلهور جي سورهين راجا سنگر چند جي پٽ چوها ميان جي اولاد مان آهن.

ننوا: جٹن جي هڪ ذات.

نوار: جٹن جي هڪ ذات.

نُور: راجپوتن جي هڪ ذات.

نُوردِها: هڪ جٽ قبيلچو.

نوركي (نوريكي): هڪ ڪرل قبيلچو.

نورنگاڻي: انڊڙن جو پڙ هڪ پاڙو. هي خير محمد بن علي شير جي اولاد مان آهن. هي آرماڻي ۽ سڏجن ٿا.

نوڪ: برهمڻن جي هڪ شاخ.

نوهِل: هڪ مسلمان ذات.

نوهلكي: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

نهالكي: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

نيازي: روايتن ۾ آهي تہ ابراهيم عرف لودئي (لوڏي) پناڻن کي ٽي پٽ هئا، جن مان هڪ جو نالو "نيازئي" هو. سندس اولاد پاڙ کي "نيازي" سڏايو.

نيپال: هي پونيءَ جي پٽ "نيپال" جو اولاد آهن. مسلمان جٹن مان شاديون ڪن ٿا ۽ بيوه جي ۽ شادي ڪن ٿا. گوجرن ۽ ڏوگرن سان مشابهت رکن ٿا.

نير: امرتسر کان آيل ڪمبواهن مان آهن.

نيولا: جٹن جي هڪ ذات.

واتل: مسلمانن جي هڪ خانه بدوش ذات. چوهڙن سان گڏجي ڪائن پيئن ٿا. ان ڪري اڇوت ۽ سڏجن ٿا.

واج وره: جٽن جي هڪ ذات.

وارن: جٽن جي هڪ ذات.

واره: جٽن جي هڪ ذات. هن ذات پنڌيان سنڌ ۾ ڪافي ڳوٺ / شهر آهن.

واسلي: راجپوتن ۾ پٽي جٽن جو هڪ قبيلچو.

واگي: هڪ جٽ قبيلچو.

واگهه: ملتان ۾ رهندڙ هڪ زراعت پيشه جٽ قبيلي جو پٽ هڪ پاڙو.

والبه: اسپد شاخ مان هڪ عرب قبيلو سعيد بن جبير هن شاخ مان هو جنهن کي حجاج 294هـ ۾ قتل ڪيو هو.

والر: جٽن جي هڪ ذات.

والوٽ: ملتان ۾ رهندڙ هڪ جٽ قبيلي جو پٽ هڪ پاڙو.

وانوَر: هڪ جٽ قبيلچو.

واهگا: هڪ جٽ ذات.

واهل: هڪ جٽ ذات.

واهِلا: جٽن ۾ پٽ آهن، جيڪي حرام ڪونه کائين.

واهُوچا: اي. ڊي. ميڪليگن ۽ ايچ. اي. روز هنن کي "جٽ" لکيو آهي.

وبادا: هڪ جٽ ذات.

وبره: هڪ عرب قبيلو. هي قضاعه شاخ مان آهن. جهينه شاخ به قضاعه مان آهي. حضرت عبدالله بن انيس انصاريؓ "وبره" شاخ مان هو جنهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن، خالد بن سفيان جي قتل لاءِ موڪليو هو. قتل ڪري واپس آيو تہ پاڻ سڳورن کين هڪ لٺ (عصاء) ڏني ۽ فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن مون ۽ تنهنجي وچ ۾ هي هڪ نشانيءَ جو ڪم ڏيندي. پاڻ سڳورن هن کي "ليلة الاعرابي" ۽ "ليلة الجهين" جي نالن سان سڏيو (المعارف ص 256)

وَٽارا: هڪ جٽ ذات.

وٽوزئي: پناٽن جي هڪ شاخ.

وجيا: هڪ جٽ ذات.

وجر: هڪ جٽ ذات.

وجوڪا: هڪ جٽ ذات.

وچل: آرائين جي هڪ ذات.

وڏڙا (وڏا): جٽن ۾ ملاحن جي هڪ ذات.

وڏل: ملاحن جي هڪ ذات.

وڏڻ: ملاحن مان آهن.

وڏوا: هڪ جٽ ذات.

وڏالا: هڪ جٽ ذات.

وڏاهه: هڪ جٽ ذات.

وڏوان: هڪ جٽ ذات.

وريو: هڪ جٽ ذات.

وريال: هڪ جٽ ذات.

وَرَڪَ: ڪمبوهن ۾ پڙهڻ آهن.

وزوان: [illegible] سرنهڪ راڻو.

وَرَهَ: راجپوتن ۾ پڙهن آهن.

وَرهاءَ: جٽن ۾ پڙهڻ آهن.

وَرياهه: اي ڊي ميڪليگن ۽ ايڇ. اي. روزهنن کي امرتسر جا رهواسي "راجپوت" لکيو آهي.

وَريهه: عام چوڻ ۾ اچي ٿو ته "وريهه" (وريا) آرائين ۽ مهتمن مان آهن.

وِڙائچ: پناڻن جي بديچ شاخ جو هڪ پاڙو.

وسِير: پنوار راجپوتن مان هڪ جٽ قبيلو. چون ٿا ته هڪ پنوار راجپوت جٽڻ عورت سان شادي ڪئي. جنهن جي اولاد پاڻ کي ماءُ جي نسبت سان "جٽ" سڏايو. هي پٽي جٽن مان شاديون ڪن ٿا ۽ انهن کي سگ ڏين ٿا.

وَگ: هڪ جٽ قبيلچو.

وگڙ: هڪ جٽ قبيلچو.

وَگڙ: سر ايڊورڊ ميڪليگن ۽ ايڇ. روز جي لکڻ موجب "وگڙ"، مسلمان جٽن مان آهن. ساهيوال ۽ ملتان سندن اصل ماڳ آهي.

وگهه: هڪ جٽ قبيلچو.

[illegible] هڪ جٽ قبيلچو.

[illegible] ميڪليگن ۽ ايڇ. اي. روزهنن کي "جٽ" لکيو آهي.

وُلاٽا: راجپوت جٽن جي هڪ ذات. هڪ راجپوت، جٽن مان شادي ڪئي سندس اولاد ماءُ جي نسبت سان "جٽ" سڏجڻ لڳو.

وَلسري: مهتمن جو هڪ پاڙو.

ولواٽا: هڪ جٽ ذات.

وليراءِ: هڪ جٽ ذات.

وَمڪ: هڪ جٽ قبيلچو.

ونائڪ: ڪمبواهن جي هڪ ذات.

ونجو: جٽن جو هڪ پاڙو.

وندر: جٽن جو هڪ پاڙو.

وندا: هندو جٽن جي هڪ ذات.

ونگهايا: جٽن جي هڪ ذات.

وهالا: جٽن جي هڪ ذات.

وهانڊي: جٽن جي هڪ ذات.

وهروڪا: جٽن جي هڪ ذات.

وَهنيوال (بهنيوال): پٽي راجپوتن ۾ پٽي جٽن جو هڪ پاڙو.

ويرار: جٽن جو هڪ پاڙو.

وِيريا: آرائين جو هڪ قبيلچو.

وينس: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. وڌيڪ لکجي ٿو ته وينس دعويٰ ڪن ٿا ته اسان جنجوعه راجپوتن مان آهيون. اسان جو جد امجد فيروز شاهه جو ويجهو ساٿي هو ۽ اُن سان گڏجي پنجاب ۾ داخل ٿيو. هڪ ٻي روايت موجب راجا سن پال کي پاويهه پٽ هئا. جن مان هڪ جو نالو "وينس" هو. جنهن جو اولاد "وينس" آهن. مهتمن ۾ پڻ "وينس" آهن.

پينس ۽ ويش چون ٿا ته "وينس" اسان جو بگاڙ آهن. گهمڻ، کيرا، تتلي، وينس ۽ هجوآ (جنجوعه) پاڻ ۾ عزيز ٿين.

(هـ)

هارل: جٽن جي هڪ ذات.

هارني: هڪ مسلمان قبيلچو.

هاسل: هڪ مسلمان قبيلچو.

هال: جٽن جي هڪ ذات.

[redacted] ادا خيل ۽ ڪيمل خيل هنن جا خاص پاڙا آهن.

هتيار: اي [redacted] "هتيار" جٽ آهن. پنهنجين نياڻين کي جيئرو پوري ڇڏڻ کري "هتيار" سڏجڻ لڳا.

هٹار: جٽن جي هڪ ذات.

هِجرا: جٽن جي هڪ ذات.

هُجڻ: جٽن جي هڪ ذات.

هجوآ (جنجوعا): راجپوتن جي هڪ شاخ. ڪير، گهمڻ، تتلي ۽ ويئس سڀ سان تعلق ظاهر ڪن ٿا.

هجولي: گهمڻ راجپوت جٽن جي هڪ شاخ. حوالن ۾ آهي تہ راجا جوڌا کي ٽي پٽ هٿا، انهن مان هرپال کي ٻہ پٽ، رن پال کي هڪ پٽ ۽ سن پال کي ٻاويهہ زالن مان ڪافي اولاد هو. راجپوتن سن پال جي اولاد مان شادين ڪرڻ کان انڪار ڪيو جنهن سبب هي "جٽ" سڏجڻ لڳا.

هدوال: هندن جي هڪ ذات.

هُذيل: هڪ عرب قبيلو. محمد بن جعفر حديث جو مشهور راوي هن ڪيڙ مان هو. 194هـ ۾ بصره ۾ وفات ڪيائين.

هِرا: ڪوڪرن جي هڪ ذات.

هِرائڪي: پٽين جي هڪ شاخ.

هرپال: اعوانن جي هڪ شاخ.

هرچند: هڪ راجپوت ذات.

هرر: جٽن جي هڪ ذات.

هرگن (هرگڻ): راجپوتن جو هڪ قبيلو.

هرل: ڪن علائقن ۾ هي "پٽا جٽن" طور سڃاتا وڃن ٿا.

هري: هڪ جٽ قبيلچو.

هري پال (هر پائيل): شيرانا

هسانا: سيالن جو هڪ پاڙو.

هسام (حسام): ملتان ۾ رهندڙ ب

هڪڙا: احوال اڳ ۾ ڏنل آهي. وڌيڪ آهن. جيڪي سڪندر اعظم ۽ پنوار را هڪ (هڪدار) هو. جيڪو راجپوتانا جو حاڪ سان "هڪڙا" سڏجڻ لڳو. هن خاندان مان سردار چندو ابدالي ۽ کان توپ حاصل ڪري رنجيت سنگهه کي ڏني هئي.

هلال: هڪ عرب قبيلو. هي بنو صباح ۽ بنو ذهل مان نڪتل آهي.

هلاوت: چوهاڻ راجپوتن جي هڪ ذات. وڌيڪ احوال لاءِ "اهلاوت" ذات ڏسو گهرجي.

هُلڻ (هلن): مهتمن جي هڪ ذات.

همٽ: جٽن جي هڪ ذات.

همدان: يمني عربن جو هڪ قبيلو. هي ربيعہ بن خيار بن مالڪ جو اولاد آهن. سبيع ابو اسحاق سيبڪ هن ڪيڙ مان هو هي مشهور گهوڙي سوار هئا.

همداني: همدان شهر کان آيل هڪ سيد خاندان.

همدي (حمدي): جٽن جي هڪ ذات.

همر (همار): جٽن جي هڪ ذات.

همشيرا (همشيره): هڪ جٽ قبيلچو.

همندڪي: ڪرلن جي هڪ شاخ.

هموڪا: جٽن جي هڪ ذات.

هنبي (هنيي): هڪ جٽ قبيلچو گورچاڻي بلوچن ۽ ٽبي لُنڊن جي علائقن ۾ رهڻ ڪري پاڻ کي "بلوچ" چوائين ٿا.

هنجڻ (هنجن): هڪ جٽ قبيلچو.

هندالي: جٽن جو هڪ گوت. هنن جي جدامجد جو نالو "هندال" هو. ان پٺيان "هندالي" سڏجن ٿا.

هندل: راجپوتن جي هڪ ذات.

هندوانا: هڪ جٽ قبيلچو.

هندوريا: هندو راجپوتن جي هڪ شاخ.

هندال: جٽن جي هڪ ذات.

هندپيا: ڪمبواهن جي هڪ ذات.

هنوترا: برهمڻن جي هڪ شاخ. هي ملهي جٽن جا خاص متگار آهن.

هوازن: هڪ عرب قبيلو. هي سعد قبيلي مان آهن. بي بي حليمه ۽ يزيد بن عبيد هن آکھ مان هئا.

هوجالي: راجپوتن جي هڪ شاخ. پرهيزگار ۽ عبادت گذاري ڪري وڏيون چادرون ويڙهي مراقبي ۾ ويهڻ ڪري کين برقعه پوش چيو ويو. لقط برقري بر – برڙا ۽ برڙا ٿيو. ان زماني کان وٺي هوجالي (بُرِڙا) سڏجن ٿا.

هودا (سودا): هڪ جٽ قبيلچو.

هُورل (هرل): هڪ جٽ قبيلچو.

هُوره (هورا): مسلمان جٽن جو هڪ قبيلچو.

هُولي (هُولِي): برهمڻن ۽ جٽن جي هڪ شاخ.

هُوندل: جٽن جي هڪ شاخ. سورج بنسي ڪُل مان راجا سرب هڪ جٽ عورت سان شادي ڪئي. عزت وڃائڻ ڪري سندس اولاد "جٽ" سڏيو ويو.

هيبوڪا: ڪرلن جو هڪ پاڙو.

هِير: جٽن جو هڪ قبيلچو سندن ذات پٽيان جالنڌر ۾ هڪ شهر جو نالو "هير" آهي.

هيسي: سندن زالون نچن ٿيون.

هيم راجي: هندن جي هڪ ذات.

(ي)

يزن: حمير قبيلي جي هڪ شاخ. ابوا لخير مرثد بن عبدالله يزني هن شاخ مان هو.

يحمد: هڪ عرب قبيلچو. ازد قبيلي مان آهن ۽ فراهيد شاخ هنن مان آهي. علم عروض جو باني ۽ ماهر خليل بن احمد هن شاخ سان منسوب هو.

يرلوع: هڪ عرب قبيلو. سجاح هن قبيلي مان هو جنهن نبوت جي دعويٰ ڪئي هئي. هي پنهنجي نالي تي اذان ڏباريندو هو. سندس مؤذن زبير بن عمرو ۽ شبث بن ربعي هو.

يشڪر: هڪ عرب قبيلو. علم الانساب جو ماهر ۽ عالم ابن الڪواءِ الناسب (عبدالله بن عمرو) هن قبيلي مان هو. هن جي پيءُ کي جسم تي باهه سان داغ ڏنا ويا هئا. ان ڪري "ڪواءِ" جي نالي سان مشهور ٿيو.

يوهل: هڪ جٽ قبيلچو.

ببليوگرافي

نمبر	ڪتاب جو نالو	مصنف جو نالو	ٻولي	پبلشر
.1	جامع سندي لغات	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
.2	تحقيق لغات	ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
.3	حسن اللغات (جامع)	اورينٽل بوڪ سوسائٽي	اردو	لاهور
.4	تاريخ بلوچستان	رحيم داد خان مولائي شيدائي	سنڌي	ريلوي بجلي پريس سکر
.5	تاريخ معصومي	مترجم مخدوم امير احمد	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
.6	جنت السند	رحيم داد خان مولائي شيدائي	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
.7	تحفة الڪرام -	مير علي شير قانع ٺٽوي	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
.8	لب تاريخ سند	خداداد خان	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
.9	چچ نامون	مترجم مخدوم امير احمد	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
.10	مڪلي نامه	پير حسام الدين شاهه راشدي	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
.11	سمات	ڊاڪٽر الهڪيو بٽ	سنڌي	انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
.12	اسان کي متان وساريو (لغت)	گنگا رام سمرات	سنڌي	سنڌي بولي جو بااختيار ادارو
.13	تاريخ بلوچستان	راءِ بهادر هتورام	اردو	سنگ ميل پبليڪيشن لاهور
.14	تاريخ بلوچستان	گل خان نصير	اردو	قلات پبلشر ڪوئٽه
.15	تاريخ سند	غلام رسول مهر	اردو	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
.16	سنڌي بولي جي لساني جاگرافي	ڊاڪٽر غلام علي الانا	سنڌي	انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
.17	سمن جي سلطنت (تاريخ سند)	ڊاڪٽر غلام محمد لاکو	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
.18	سماجيات جا اصول	تنوير جوٽيجو	سنڌي	انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
.19	The Muslman Races found in Sindh, Balochistan and Afghanistan	شيخ صادق علي شير علي انصاري (ايس. صادق علي 1901ع)	انگلش	انڈس پبليڪيشنز ڪراچي
.20	بيلاڻن جا بول	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	سنڌي	زيب ادبي مرڪز حيدرآباد
.21	سنڌ جون چند ذاتيون	پروفيسر ڊاڪٽر غلام حيدر برڙو	سنڌي	زيب ادبي مرڪز حيدرآباد
.22	بلوچ قوم اور اس کي تاريخ	مولانا نور احمد خان فريدي	اردو	قمرالادب نور محل ملتان
.23	بلوچ	م.ڪ پيڪولين/ ڊاڪٽر شاهه محمد مري	اردو	تخليقات لاهور
.24	بلوچ قوم	ڊاڪٽر شاهه محمد مري	اردو	تخليقات لاهور
.25	تاريخ ڪوٽ ڊينگاڻ پرگڻي	حبيب الله بلوچ	سنڌي	ڊينگاڻ پرگڻي
.26	جونا ڳڙهه ايک المبه	عبدالله خان	اردو	جونا ڳڙهه اسٽيٽ مسلم ليبريشن ڪراچي
.27	منهنجو وطن منهنجا ماڻهو	لوڪ رام ڏوڏيجا	سنڌي	نيو فيلڊس، حيدرآباد
.28	خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست	ڊاڪٽر عطا محمد حامي	سنڌي	پي. ايڇ. ڊي جو مقالو سنڌالاجي

	۽ ثقافت ۾ حصو			
29.	قديم سنڌ. ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو	شمس العلماء مرزا قليچ بيگ	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
30.	تاريخ طاهري	مترجم نياز همايوني	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
31.	تاريخ مظهر شاهجهاني	يوسف ميرڪ	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
32.	تاريخ سکر	رحيمداد خان مولائي شيدائي	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
33.	سنڌ ۽ سنڌو ماڻهن ۾ وسندڙ قومون	مترجم محمد حنيف صديقي	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
34.	سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر	مترجم محمد حنيف صديقي	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
35.	پراڻو پارکر	منگهارام اوجها	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
36.	قديم سنڌ	پيرو مل مهر چند آڏواڻي	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
37.	لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ	ڊاڪٽر غلام علي الانا	سنڌي	انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
38.	سنڌي هوليء جو سماجي کارج	ڊاڪٽر الهداد پوهيو	سنڌي	انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
39.	تاريخ سنڌ	عبدالغني عبدالله	سنڌي	انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
40.	تذڪره مشاهير سنڌ	مولانا دين محمد وفائي	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
41.	مختلف مهران رسالا	-	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
42.	دائره معارف اسلاميه	-	اردو	پنجاب يونيورسٽي
43.	اسلامي انسائيڪلوپيديا	مولوي محبوب عالم	اردو	الفيصل، لاهور
44.	شاهڪار اسلامي انسائيڪلوپيديا	سيد قاسم محمود	اردو	شاهڪار پبليڪيشنز کراچي/لاهور
45.	شاهه جو رسالو	هوتچند مولچند گربخشاڻي	سنڌي	پٽ شاهه ثقافتي مرڪز
46.	بيگلارنامه	ادراڪي بيگلاري	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
47.	ڪليات حمل	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جام شورو
48.	The Baloch Races	ايم. ايل ديمز	انگلش	
49.	پنان	آغا سليم	سنڌي	انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
50.	بلوچ قوم ڪي تاريخ	محمد سردار خان بلوچ مترجم: پروفيسر منير ايم انور رومان	اردو	نسا ٽريڊرز ڪوئٽه
51.	تاريخ بلوچ و بلوچستان	مير نصير خان احمدزئي		بلوچي اڪيڈمي ڪوئٽه
52.	سومرن جو دؤر	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
53.	سنڌي ادب ۽ ثقافت تي اسلامي اثرات	ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	سنڌي	مهران اڪيڈمي شڪارپور
54.	تاريخ سجاول	عزيز جعفراڻي	سنڌي	-
55.	تاريخ جاتي	رسول بخش تميمي	سنڌي	-
56.	جتن جي تاريخ	غلام رسول مير جت (وڪيل)	سنڌي	ٽنڈو الهيار
57.	Inside Balochistan	مير الهيار خان	اردو	رايل بوڪ ڪمپني

.58	مهراڻ رسالو سال 1991ع	ڊاڪٽر مرليڌر جيٺلي	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
.59	سبيءَ جي بولي	ڊاڪٽر داد محمد بروهي	سنڌي	سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
.60	ڪالام ڪوهستان	محمد پرويش شاهين	اردو	-
.61	بلوچستان ڪي قبائل	پروفيسر انور رومان	اردو	بينظير انٽر پرائيزز ڪوئٽه
.62	دهني ادب اور ثقافت چڪوال	انور بيگ اعوان	اردو	بزم ثقافت چڪوال
.63	سنڌي بوليءَ جو جيڪب آبادي لهجو	ميمڻ ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي	سنڌي	هارس اينڊ ڪيٽل شو جڪيب آباد
.64	انوار ڪريمي	نجي الله عباسي	سنڌي	خود
.65	شاهان گوجر	---	اردو	گوجر اڪيڊمي لاهور
.66	بلوچ اور بلوچستان جلد اول و دوم	الفت نسيم	اردو	رابعه خضداري آرٽس اڪيڊمي خضدار بلوچستان
.67	تاريخ ديره غازي خان	منشي حڪم چند	اردو	انڊس پبليڪيشن
.68	رسالہ سنگت	جوهر بروهي		-
.69	براهوئي گريمر	ظفر مرزا		-
.70	مورڙو ۽ مانگر مڇ	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
.71	جنب گذاريم جن سين	جي ايم سيد	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
.72	ياد رفتگان	طالب المولي	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
.73	نئين زندگي	مختلف پرچا	سنڌي	اطلاعات ڪاتو. حيدرآباد
.74	دست باران	پروفيسر آغا محمد اسماعيل	سنڌي	مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور
.75	انساب عالم	ملڪ محسن علي محسن		قاضي معين الدين / غلام مصطفيٰ
.76	اقوام عالم	ملڪ محسن علي محسن		ٽنڈو الهيار
.77	وادي ليار	حميد ناصر		ڪراچي
.78	پنجاب ڪي ذاتين	ڊينزل ابسٽن. مترجم: ياسر جواد		فڪشن هائوس لاهور
.79	تاريخ تمدن سنڌ	رحيمداد خان مولائي شيدائي	سنڌي	انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
.80	تاريخ ضلعو نوابشاهه	ڊاڪٽر محمد لائق زرداري/ ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي	سنڌي	
.81	نسب نامہ سادات متعلوي	سيد مٺن شاهه	سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ. ڄام شورو
.82	The Jats of Pakistan	ڊاڪٽر هيگ ويسٽ فال ۽ ڊاڪٽر زيگرڊ ويسٽ فال		لوڪ ورثہ پبليڪيشن هائوس اسلام آباد
.83	تاريخ اسلام ڪا سفر	سيد علي اڪبر رضوي	اردو	جاودان پبلشر ڪراچي
.84	ماهوار سنڌ دوست رسالہ	مقال ڄاموٽ حاجي خان ڄاڄڙ	سنڌي/اردو	مير پور ماٿيلو
.85	اسلامي تاريخ المعارف	مترجم پروفيسر علي محسن صديقي		قرطاس
.86	ذاتون کا انسائيڪلوپيڊيا	ايڊي ميڪليگن/ايم اوروز- مترجم: ياسر جواد	اردو	بڪ هوم لاهور

ڏاتين جي انسائيڪلوپيڊيا

خيرمحمد پرڙو سيوهاڻي

مراد پبليڪيشنز
سيوهڻ شريف

ڪتاب جي محقق بابت

خيرمحمد ولد حبيب الله پرڙي 29 اپريل 1949ع تي ڳوٺ "ڪاڇو واهڻ" لڳ سيوهڻ جي هڪ غريب خاندان ۾ جنم ورتو. ڪجهه وقت کان پوءِ لڏي اچي سيوهڻ ۾ هميشه جي لاءِ آباد ٿيو. ايڪانامڪس ۽ سوشيالاجيءَ ۾ ڊبل M.A ڪيل اٿس. اسڪول ۾ ماستريءَ واري زماني ۾ B.ed به ڪري ورتائين.

مرحوم علامه حڪيم مخدوم محمد مراد صديقيءَ رح جو نوازيل هو. اهو پيار مان کيس "ميان" ڪري سڏيندو هو. اسين به ان جي تتبع تي کيس "ميان" ڪري سڏيندا آهيون. ميان خيرمحمد کي ادب سان ننڍي هوندي کان ئي لڳاءُ هوندو هو. تحقيق و ترتيب سندس خالص مشغلا رهيا آهن. ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکي، ميڙا ماڻي اٿس.

سندس هن ڪتاب "ڏاتين جي انسائيڪلوپيڊيا" تي مون به نظرثاني ڪئي هئي، جنهن دوران ڪيترين ئي ڏاتين جو واڌارو ڪري ڏنومانس. بهرحال سندس اها ڪاوش، ذاتي معلومات سان گڏ، انبار ڪتابن جي مطالعي کان پوءِ تڪميل تي پهتي آهي. پاڻ جيڪا محنت ڪئي اٿس ۽ مواد حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن جا جيڪي پنڌ ڪيا اٿس، تنهن لاءِ هو ڪنهن وڏي اعزاز جو حقدار آهي. وٽس ذاتي طور تي به ڪافي ڪتاب آهن، پر "مفيد عام لائبريري سيوهڻ" جيڪا سيوهڻ جي صديقي خاندان جي ملڪيت آهي، انهيءَ مان تمام گهڻو استفادو ڪيو اٿس. اميد ٿي ڪجي ته ميان خيرمحمد جو هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي تحقيقي ادب ۾ اهم جاءِ والارينڊو. ان سان گڏ، اها به اميد ٿي ڪجي ته ميان خيرمحمد اڃان به ڪي نوان تحقيقي مقالا، مضمون ۽ ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکي، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ کي مالامال ڪندو.

پروفيسر فتح الله صديقي
قاضي محلا، سيوهڻ شريف